# جامع سنڌي لغات

جلد اول (ا - ٻ)

بسعي و اهتمام سنڌي ادبي بورڊ

زير نگراني

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

مرتب

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**



**سنڌي ادبي بورڊ**
ڄام شورو سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جامع

# سنڌي لغات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جامع
# سنڌي لغات

[ادبي توڙي عام مروج سنڌي ٻوليءَ جي]

جلد اول (ا - ٻ)

بسعي و اهتمام سنڌي ادبي بورڊ
زير نگراني
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مرتب
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو سنڌ
2007ع

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

ڇاپو پهريون | سال 1960ع | تعداد چار هزار
ڇاپو ٻيو | سال 2007ع | تعداد هڪ هزار

هي ڪتاب بورڊ طرفان تيار ڪيل اشاعتي رٿا موجب سنڌ حڪومت جي ساليانې ترقياتي پروگرام تحت خصوصي طور شايع ڪيو پيو وڃي. ڪتاب جي اشاعت لاءِ مالي وسيلا سنڌ حڪومت طرفان مالي سال 07-2006 جي بجيٽ مان فراهم ڪيا ويا.

قيمت: ٽي سؤ پنجاهه رپيا
[ Price Rs. 350-00 ]

خريداريءَ لاءِ رابطو:
**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

هيءَ ڪتاب سنڌيڪا اڪيڊمي ڇپيو ۽ اعجاز احمد منگي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڇپائيندڙ پاران

لغت، ڪنهن بہ ٻوليءَ جو هڪ دستاويزي ۽ تاريخي رڪارڊ آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ جا لفظ پنهنجي اصل مفهوم، ساخت ۽ ترتيب ۾ رکيا ويندا آهن. لغت نويسي (lexicography) باقاعده هڪ فني علم ۽ سائنس آهي، جنهن ۾ لغت نويس هر هڪ لفظ جي ترتيب ۽ ساخت طرف پورو پورو ڌيان رکي ٿو. جو تہ هر لفظ پنهنجي سرشت ۾ هڪ پورو تهذيبي ۽ ثقافتي دور رکي ٿو. جنهن ۾ لفظ جي سموري ارتقائي اوسر ۽ واڌ ويجهہ کان وٺي خاتمي تائين سمورو سفر سمايل هجي ٿو. لفظ بہ جاندارن وانگر هڪ زندهہ وجود رکن ٿا. هو جاندارن جيئان ڄمن ٿا، وڌن ٿا ۽ پنهنجي وجود مان ٻيا ڪيترائي نوان لفظ پيدا ڪري، ٻوليءَ کي شاهوڪار ڪرڻ ۾ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪن ٿا ۽ پوءِ مري وڃن ٿا. سنڌي ٻوليءَ ۾ اڄ جيڪي لفظ ڳالهائجن ٿا، سي صدي اڳ ساڳي صورت ۽ شڪل ۾ نہ هئا ۽ نہ وري اهوڪا لفظ ايندڙ صديءَ ۾ ساڳيءَ صورت ۾ هوندا! ٻوليءَ ۾ اهڙو تغير پسنديءَ وارو عمل اٽل ۽ فطري آهي. شاهوڪار ٻولين ۾ تبديل ۽ بگاڙ جو عمل ٿيندو رهي ٿو، اهو هڪ مستقل عمل آهي. چاڪاڻ تہ تغير پسنديءَ ۽ بگاڙ جو عمل اُتي ٿيندو آهي، جتي ٻولي ڄربر ڪندي آهي. بيٺل ٻوليءَ ۾ اهو عمل نہ ٿو ٿئي. سنڌي ٻولي بہ شاهوڪار ٻولين ۾ شمار ڪئي وڃي ٿي. هن ٻوليءَ ۾ بہ بگاڙ جو عمل ٿيندو رهي ٿو. بگاڙ جو فطري طرح ڪو بہ ٺهٺ ڪيل منطق (Logic) نہ آهي، پر اُن ۾ هڪ ڳالهہ جو عمل دخل ضرور ٿئي ٿو تہ لفظ هميشہ ڏکيائين کان سولائي طرف سفر ڪندو آهي.

اسان جو اهو عام مشاهدو آهي، تہ روزمره جي زندگيءَ ۾ انسان جيڪو ڪجهہ ڳالهائي ٿو، ان ۾ هو اها ڪوشش ڪري ٿو، تہ ڳالهہ کي سولو ۽ مختصر پيش ڪري. تنهن ڪري دنيا جي ڪنهن بہ خطي ۾ ڳالهائجندڙ ٻوليءَ جا ماڻهو پنهنجي پنهنجي زبان کي فصيح ۽ سليس ڪرڻ ۾ اڻ محسوس طريقي سان سوڌ سنوار ڪن ٿا. ٻولي، انساني سماج يا گروهہ ۾ پاڻمرادو پيدا ڪيل هڪ تنظيم آهي، جنهن ۾ پوري جو پورو انساني سماج اچي وڃي ٿو. ٻوليءَ جو ناهہ نوهہ ۾ فقط ڪنهن هڪ فرد يا اداري جو انفرادي طرح ڪو بہ جامع ڪردار نہ آهي، پر ٻوليءَ جي فقط ترقيءَ ۽ ڦهلاءَ ۾ انهن جو ڪردار پنهنجي جاءِ تي هجي ٿو.

اسرندڙ ملڪن ۾ لغت نويسيءَ جي ڪم لاءِ مستقل طور ادارا کُليل آهن، جتي هن علم تي لڳاتار ڪم هلندو رهندو آهي. هيءُ هڪ مسلسل ۽ جاري رهندڙ ڪم آهي، جو تہ تقريباً هر ڏهاڪي ۾ لفظن جون شڪليون ۽ معنائون وقت ۽ حالات مطابق تبديل ٿين ٿيون. تنهنڪري اُسرندڙ ملڪن ۾ اهڙي علم لاءِ باقاعده ماهر مقرر ٿيل هوندا آهن، جن جو ڪم آهي: ٻوليءَ جي انهيءَ تغير پسنديءَ کي اک ۾ رکڻ ۽ لفظن جي ترتيب ۽ معنيٰ ۾ واڌارا سڌارا ڪرڻ، تہ جيئن لغت، هر دور سان نہ رڳو هم آهنگ ٿيندي رهي، پر هن جو ثقافتي ۽ تهذيبي سفر بہ جاري رهندو اچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ٻوليءَ ۾ لغت نويسيءَ تي ڪم انگريزن جي دؤر کان ئي وجود ۾ اچي چڪو هو ۽ پوءِ جيئن جيئن ڇپائيءَ جون سهوليتون ميسر ٿينديون ويون، تيئن تيئن هن ڪم ۾ تيزي ۽ ترقي ايندي وئي، تان جو اڄ لغت نويسي چڱيءَ طرح اسان وٽ متعارف ٿي چُڪي آهي.

جامع سنڌي لغات، سنڌيءَ ۾ لغت نويسيءَ جي انهيءَ تهذيبي ۽ ثقافتي سفر ۾ هڪ اهم ۽ مثالي وک آهي. هيءَ لغت، سنڌي ٻوليءَ جي ناماري عالم ۽ ڏاهي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جن جي محنتن جو ثمر آهي. هن لغت جو فارميٽ سادو، عام فهم ۽ عوامي آهي. اهوئي سبب آهي جو هن لغت مان عام پڙهيل لکيل بہ استفادو ڪري سگهن ٿا. بورڊ هن جامع رتا تي ڪم ڪري سچ پچ هڪ وڏي قرض لاهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. حالانڪ لغت ڇپائڻ جو ڪم هن اداري جي حصي جو نہ آهي پر بورڊ جناب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جن جي مفيد مشورن، نيڪ صلاحن ۽ اجازت سان هٿڙو ڳرو ڪم پنهنجي ڪلهن تي کنيو. اميد آهي، تہ ٻوليءَ سان دلچسپي ۽ محبت رکندڙ حضرات بورڊ جي هِن ”ڪاوش“ کي قدر جي نگاهہ سان ڏسندا.

**اعجاز احمد منگي**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ
اربع، ۴- محرم الحرام سنہ ۱۴۲۸ھ
بمطابق 24- جنوري 2007ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باسمه تعاليٰ

# مهاڳ

سنڌي لغات لکڻ جو سلسلو ١٨ صديءَ جي وچ ڌاري شروع ٿيو. خاص طرح انھيءَ لاءِ تہ ٻاھرين ماڻھن کي سنڌي ٻولي سکڻ ۾ آساني ٿئي: انھيءَ ڪري اھي لغاتون 'انگريزيءَ مان سنڌي' يا 'سنڌيءَ مان انگريزيءَ' ۾ لکيون ويون. ڪئپٽن سٽئڪ، پھريائين 'انگريزي – سنڌي لغات' ١٨٤٩ع ۾ شايع ڪئي ۽ ان کان پوءِ سندس 'سنڌي – انگريزي لغات' ١٨٥٥ع ۾ ڇپي، جنھن ۾ سنڌي الفاظ ديوناگري اکرن ۾ لکيائين ۽ اُنھن جون معنائون انگريزيءَ ۾ ڏنائين. ساڳئي وقت سنڌ جي عالم ۽ محقق آخوند عبدالرحيم عباسي "جواھر اللغات" مرتب ڪئي، جنھن ۾ ھن سنڌي لفظن جي معنيٰ فارسيءَ ۾ ڏني. جيئن تہ فارسي تعليم اُن وقت سنڌ ۾ عام ھئي، ان ڪري ھيءَ ڄڻ پھرين لغات ھئي جيڪا ملڪ جي رھواسين لاءِ لکي ويئي، حالانڪ فارسيءَ جي رواج گھٽجڻ سببان اھا بنا ڇپجڻ جي قلمي صورت ۾ ئي رھجي ويئي. ان بعد ١٨٧٩ع ۾، شرت، اڏارام ۽ مرزا صادق علي تنھي گڏجي 'سنڌي – انگريزي لغات' تيار ڪئي، جنھن ۾ آخوند عبدالرحيم عباسيءَ کان پڻ مدد ورتائون. ڪئپٽن سٽئڪ جي برعڪس، ھنن صاحبن عام رواج موجب سنڌي الفاظ سنڌي_عربي صورتخطي ۾ لکيا پر معنائون انگريزيءَ ۾ ڏنيون. ٢٠_ صديءَ جي شروعات ۾، پرمانند جي 'سنڌي – انگريزي لغات' (١٩١٠ع) ۽ سندس 'ٽئين انگريزي –سنڌي لغات' (١٩٣٣ع)، ٻن ٻولين ۾ سنڌي لغات لکڻ جي شروعاتي سلسلي جون ڪڙيون ھيون.

باوجود انھن ڪوششن جي، سنڌي ٻوليءَ جي خالص 'سنڌي مان سنڌي لغات' جنھن ۾ مجموعي طور رائج ٻوليءَ جا مکيہ الفاظ ڏنل ھجن ۽ معنائون پڻ سنڌيءَ ۾ لکيل ھجن، ان وقت تائين لکجي شايع ٿي نہ سگھي. البتہ ڪن خاص مقصدن لاءِ، ڪن ٿورن لفظن تي مشتمل مخصوص لغاتون لکيون ويون. مثلاً سنہ ١٨٨٦ع ۾ جھمٽ مل جي لغات "وِٿِپِتي ڪوش" شايع ٿي، جنھن ۾ ھن فقط اھڙا چوند سنڌي لفظ ڏنا جيڪي سنسڪرت مان نڪتل آھن. ان بعد پيرومل، شاھ جي رسالي جي پھرين ٽن سُرن ۾ آيل ڏکين لفظن کي "غريب اللغات" ۾ مرتب ڪيو، جنھن جو پھريون ڀاڱو ١٩٠٧ع ۾ شايع ٿيو. ميرزا قليچ بيگ سڄي رسالي جي لفظن کي "لغات لطيفي" ۾ سھيڙيو، جيڪا سنہ ١٩١٤ع ۾ شايع ٿي. مولوي ھدايت الله ھالائيءَ پڻ رسالي جي ڏکين لفظن جي معنيٰ لکڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان بعد ميرزا قليچ بيگ، شاھ ۽ ٻين نون (٩) شاعرن جي شعر مان ڏکين لفظن کي چوندي معنائن سميت "لغات قديمي" ۾ مرتب ڪيو، جا سنہ ١٩٢٤ع ۾ شايع ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهرحال، سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جامع لغات لکڻ جي ضرورت پوري ڪانه ٿي. انهيءَ ڪري سنڌ سرڪار جي "سنڌي ساهتيه مرڪزي صلاحڪار بورڊ"، ۱۹۴۰ع بعد اهڙي جامع لغات لکڻ جو ڪم عالمن جي هڪ ڪاميٽيءَ جي حوالي ڪيو، پر ڪن سببن ڪري، سالن جي عرصي گذرڻ بعد به انهيءَ لغات جو مسودو، فقط پهرين چئن اکرن (الف، ب، ٻ، ۽ ڪجهه پ) تائين محدود رهجي ويو. سنه ۱۹۵۱ع ۾ جڏهن سنڌ سرڪار طرفان هن بورڊ جي نئين سر تشڪيل ٿي، تڏهن نئين "سنڌي ادبي بورڊ" طرفان، ٽن سالن اندر هڪ جامع لغات تيار ڪرڻ جي مونکي آڇ ٿي جنهن کي مون خوشيءَ سان قبول ڪيو. ڇاڪاڻ ته ان کان اڳ، ۴۹-۱۹۵۰ع ۾ جناب سيّد غلام مرتضيٰ شاهه (جي.ايم. سيد) جن جي همت افزائيءَ سان، ذاتي طور تي مون اهو ڪم شروع ڪري ڇڏيو هو.

ڊسمبر ۱۹۵۱ع ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ جي فاضل وائيس چانسلر علامه آءِ.آءِ. قاضيءَ جي عنايت سان، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هن جامع سنڌي لغات جي تياريءَ ۽ تڪميل لاءِ، مرڪزي آفيس قائم ڪئي وئي ۽ ڪم جي تجويز جو خاڪو تيار ڪيو ويو، ۽ جنوري ۱۹۵۲ع کان ڪم باقاعدي شروع ڪيو ويو. رات ڏينهن لڳاتار محنت سان هن جامع لغات جو مسودو، ٽن سالن جي مقرر عرصي اندر، ڊسمبر ۱۹۵۴ع ۾ مڪمل ڪيو ويو. البته مسودي جي تڪميل بعد ڪي اهڙيون رنڊڪون پيئجي ويون، جو ٽن سالن تائين ڇپائي ڪانه ٿي سگهي. انهيءَ موقعي کي غنيمت ڄاڻي، لغات جي مسودي کي گهٽي ياڳي سنواريو ويو ۽ پڻ ويهه سيڪڙو ڪن نوان الفاظ شامل ڪيا ويا. ۱۹۵۷ع ۾ ڇپائي شروع ٿي ۽ جملي ۸۰ صفحا مس ڇپيا ته وري ٻيون رنڊڪون پيئجي ويون، جنهنڪري تقريباً هڪ سال تائين ڇپائي بند رهي. انهيءَ عرصي ۾ پڻ وڏيڪ اصلاح جو موقعو مليو. بالآخر نومبر ۱۹۵۸ع کان ڇپائيءَ جو سلسلو نئين سر شروع ٿيو، جيڪو البته آهستي، پر بنا رنڊڪ جي، جاري رهيو.

سرمايي ۽ وقت جي ڪمي توڙي ڄاڻو عملي جي ٿورڙائيءَ سببان، هن لغات جي تياريءَ ۾ ڪافي تڪليفون پيش آيون. ان کان سواءِ لغات جي مسودي جي تڪميل بعد، ويتر اهڙيون رنڊڪون پيون جيڪي دل شڪنيءَ جو باعث بنيون، پر بقول عرب شاعر جي:

لَاَسْتَهْلَنَّ الصَّعْبَ اَو اُدْرِکَ الْمُنٰي
فَمَا انْقَادَتِ الآمَالُ اِلاَّ لِصابِرِ.
(ڪندس حل مشڪل يا ويندس مري،
نه پڄنديون مرادون ڪڏهن صبر ري).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن اهم ڪم کي پوري ڪرڻ لاءِ هر مشڪل کي صبر سان منهن ڏيئي حل ڪيو ويو البت لغات جي تڪميل بعد، ان جي فوري ڇپائي راقم جي وس کان ٻاهر هُئي ۽ ان ۾ ڪافي دير ٿي وئي، پر چوندا آهن ته "جيئن دير تيئن خير"_ انهيءَ دير سبّبان بنيادي مسودي جي ڳچ ڀاڱي کي وڌيڪ سنواريو ويو ۽ پڻ لفظن جي تعداد کي وڌايو ويو. لفظن جي تعداد جي پيٽ انهيءَ مان ڪري سگهجي ٿي، ته ڇپيل لغاتن مان 'ڪئپٽن سٽئڪ' واري سڄي لغات ۾ اٽڪل ۱۶۹۰۰ الفاظ ۽ اصطلاح آهن. شرٽ، اڏارام ۽ مرزا صادق عليءَ واريءَ لغات ۾ ۲۱۴۵۰، پر مانند واري سنڌي – انگريزي لغات ۾ ۲۵۱۴۰. ۽ هن لغات جي فقط پهرين ٽن حرفن هيٺ ۱۵۷۳۵ الفاظ ۽ اصطلاح آهن.

هن لغات جي لفظن جو ذخيرو هيٺين سرچشمن مان گڏ ڪيو ويو: (الف) ڇپيل ڪتاب، جن مان ادب توڙي ٻين مختلف موضوعن تي لکيل اندازاً ۴۵۰ ننڍا وڏا ڪتاب توڙي مخزنون پڙهيون ويون ۽ انهن مان الفاظ ۽ اصطلاح چونڊيا ويا. (ب) اهي جملي ڇپيل لغاتون، جن جو سنڌي لفظن جي معنيٰ سان واسطو هو. (ج) ادب ۽ لغت بابت اڻ ڇپيل قلمي ڪتابن جو ذخيرو_ خاص طرح شاهه عنايت رضوي، خليفي نبي بخش، صوفي محمد صديق ۽ غلام محمد خانه زئي جا رسالا (جيڪي 'لُغات قديمي' جي تياريءَ وقت ميرزا قليچ بيگ صاحب جي آڏو نه هئا)، تن مان انوکا الفاظ چونڊي هن لغات ۾ داخل ڪيا ويا. اڻ ڇپيل لغاتن مان، آخوند عبدالرحيم عباسيءَ جي "جواهر اللغات" ۽ مولوي علي محمد مهيريءَ جي سنڌي لغات (مسوّدو)، انهن ٻنهي مان جملي الفاظ شامل ڪيا ويا. بمبئي مان مسٽر تاراچند گاجرا، لالا هاسانند جي لکيل لغات جا الفاظ اتاري موڪليا، جن کي داخل ڪيو ويو. (د) مٿين ٽن ماخذن کان سواءِ، عوامي ادب ۽ عام رائج سنڌي ٻوليءَ جي سرچشمي کي وڏي اهميت ڏني وئي. اڳ جيڪي به لغاتون يا ڪتاب لکيا ويا، تن جي اڪثر مصنفن ۽ مولفن جو واسطو شهرن سان رهيو: اهي ٻهراڙيءَ جي نج سنڌي ٻوليءَ کان ڪماحقه واقف نه هئا. انهيءَ ڪري سندن تصنيفن ۾ ٻهراڙيءَ جي عام رائج ٻوليءَ جا ڪيترائي نج سنڌي مُحاورا، الفاظ ۽ اصطلاح موجود نه آهن. هن لغات لاءِ سڄيءَ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان عام رائج لفظن ۽ اصطلاحن کي سهيڙڻ لاءِ خاص ڪوشش ڪئي ويئي: سنڌ جي هر ضلعي جي مکيه پاڳن ۾ مڪاني ڪارڪن مقرر ڪيا ويا انهيءَ لاءِ ته پنهنجي تَر جي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح لکي موڪلين. مثلاً ڪاسبين جهڙوڪ ڪنڀارن، لوهارن، ڪورين، سونارن، واڍن، وگهاملن وغيره جا الفاظ ۽ اصطلاح: جنسن جا نالا، جهڙوڪ گاهن، جيتن، گلن، پکين وغيره جا نالا: ريتين رسمن جهڙوڪ شادي غمي جا اصطلاح: ميلن ملاڪڙن جا اصطلاح: گهرو الفاظ جهڙوڪ عورتن جا اصطلاح ۽ پرت جا نالا وغيره: اُنن ۽ گهوڙن جي سازن، سنجن، پنڌن، بيمارين ۽ علاجن جا الفاظ ۽ اصطلاح: پوک جي مڙني قسمن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا الفاظ ۽ اصطلاح: ميوي جي فصلن جهڙوڪ انب، ڪجيءَ وغيره جا اصطلاح ۽ الفاظ. هن سلسلي ۾ خاص احتياط رکيو ويو، تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جي مڙني مکيہ محاورن يعني تہ لاڙ، سري، ٿر، ڪاڇي، ڪاري، ڪڇ ۽ لس ٻيلي جي مقامي ٻولين جا عام رائج الفاظ ۽ اصطلاح شامل ڪري سگهجن.

نج سنڌي لفظن کان سواءِ عربي ۽ فارسي لفظن جو پڻ ڪافي وڏو ذخيرو سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿي چڪو آهي، انهن مان هڪڙا الفاظ اهڙا آهن جن کي سنڌي ٻولي آدي مکي پنهنجو ڪري ڇڏيو آهي، ۽ ٻيا ڪي عربي فارسي الفاظ ۽ محاورا، ١٩-صدي کان وٺي سنڌي شاعرن ۽ اديبن جي زبان ذريعي، سنڌي ادب جو جُز بنجي، ڪتابن ذريعي شايع ٿي چڪا آهن. اهڙن عربي ۽ فارسي لفظن ۽ اصطلاحن کي داخل ڪيو ويو تہ جيئن هڪ جامع لغات جي صورت ۾ سڀني طبقن لاءِ ڪار آمد ٿي سگهي.

## لغات جي سٽاءُ

جيئن تہ هن قسم جي هيءَ پهرين لغات آهي، انهيءَ ڪري ان جي سٽاءُ کي پڻ نئين سر هيٺين اصولن تي قائم ڪيو ويو آهي.

**لفظن جي ترتيب:** جيئن تہ لغات ۾ جملي الفاظ، جدا جدا اکرن هيٺ 'الف – ب' وار ترتيب ڏيئي رکيا آهن، انهيءَ ڪري سڀ کان اول 'الف – ب' جي تختي هيٺين سٽاءُ سان قائم ڪئي وئي آهي.

**ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ج ڄ جھ ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز**

**س ش ص ض ط ظ ع غ ف ڦ ق ڪ ک گ ڳ گھ ڱ ل م ن و ھ ء ي**

'الف – بي' جي انهيءَ سٽاءُ موجب، لغات جي منڍ ۾ 'الف' سان شروع ٿيندڙ لفظن، پوءِ 'ب' سان شروع ٿيندڙ لفظن ۽ اهڙيءَ طرح آخر ۾ 'ي' سان شروع ٿيندڙ لفظن کي ترتيب ڏيئي رکيو ويو آهي.

(٢) اصولي لفظ کي اڳ ۾ رکيو ويو آهي ۽ ان جي آڏو گول ڪاري ٻڙيءَ (●) جو نشان ڏنو ويو آهي. ان کان پوءِ انهيءَ اصولي لفظ مان نڪتل ٻين لفظن ۽ اصطلاحن کي ترتيب ڏيئي رکيو ويو آهي، ۽ انهن جي آڏو ننڍي ٿلهي ڪاري ليڪ (–) جو نشان ڏنو ويو آهي.

(٣) 'الف' هيٺ، اول مد (آ) سان شروع ٿيندڙ لفظن کي رکيو ويو آهي ڇاڪاڻ تہ 'مد' کي ٻن الفن، يعني تہ 'الف' جي پويان 'الف'، جي برابر تسليم ڪيو ويو آهي.

(٤) ساڳي صورتخطيءَ وارن لفظن جي ترتيب، هر لفظ جي شروع واري اکر جي زير زبر موجب قائم ڪئي وئي آهي: يعني تہ جنهن لفظ جي منڍ واري اکر تي زبر آهي، اُهو اڳ ۾ رکيو ويو آهي، ان بعد اُهو جنهن جي منڍ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ت) = اتر، يعني اترجي ٻولي (خصوصاً سکر ۽ جيڪب آباد ضلعن، ۽ خيرپور ۽ لاڙڪاڻي ضلعن جي اترين ڀاڱن جي ٻولي).

(ل) = لاڙ، يعني لاڙ جي ٻولي (خصوصاً حيدرآباد ضلعي جي ڏاکڻي ڀاڱي ۽ ان سان لاڳو ٺٽي ۽ ٿرپارڪر ضلعن وارن ڀاڱن جي ٻولي).

(ڪ) = ڪوهستان ۽ ڪاڇو، يعني سنڌ جي الهندين ڪوهستاني اراضي ۽ ان سان لاڳو (اوير طرف) سنڌو ماٿريءَ جي وٽ واري ٻولي (خصوصاً دادو ضلعي جي الهندين ڪوهستاني سرحد ۽ ان سان لاڳو هيٺ سنڌ واريءَ اراضيءَ جي ٻولي).

(ٿ) = ٿر، يعني ٿرپارڪر ضلعي جي مٺي، ڏيپلي، ننگرپارڪر ۽ ڇاڇري تعلقن جي ٻولي.

(ڍاٽ) = ڍاٽ يا ڍٽ، يعني ٿرپارڪر جي خاص 'ڍاٽ' واري ڀاڱي جي ڍاٽڪي ٻولي.

(ڪ) = ڪارو، يعني ٺٽي ضلعي جي خصوصاً سمنڊ جي ڪناري واري اراضيءَ جي ٻولي.

(ڪ) (لس) = يعني سنڌ ۽ لس ٻيلي جي سرحد واري ڪوهستاني اراضيءَ ۽ لس ٻيلي جي ٻولي.

(ڪڇ) = يعني ڪڇ رياست جي جتڪي ۽ ڪڇي محاورن واري سنڌي ٻولي.

(٦) لفظ جي صورتخطيءَ ۽ سجاڳپ کان پوءِ تشريحي نشاني (:) رکي ويئي آهي. جنهن بعد لفظ جي سمجهاڻي شروع ٿئي ٿي.

**لفظن جي سمجهاڻي:** هر لفظ جي سمجهاڻي عموماً ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. (الف) پهريائين لفظ جي نحوي صورت نروار ڪئي ويئي آهي، (ب) ان بعد ان جو اشتقاق ڏنو ويو آهي ۽ ان کان پوءِ، (ج) ان جي معنيٰ سمجهائي ويئي آهي.

(الف) (١) لفظ جي نحوي حالت نروار ڪرڻ لاءِ هيٺيون نشانيون استعمال ڪيون ويون آهن.

| | |
|---|---|
| ذ. = اسم، مذڪر. | ظرف. = ظرف. |
| ث. = اسم، مؤنث. | مصدر. = مصدر. |
| ذ. صفت. = صفت، مذڪر. | حرف جر. = حرف جر. |
| ث. صفت. = صفت، مؤنث. | حرف جملو. = حرف جملو. |
| صفت. = صفت، مذڪر توڙي مونث. | حرف ندا. = حرف ندا. |
| اسم خاص. = اسم خاص. | محاورو. = خط وار ٻوليءَ موجب استعمال. |
| ضمير. = ضمير. | جملو. = جملو. |

واري اکر تي زير آهي، ۽ آخر ۾ اهو جنهن جي منڍ واري اکر تي پيش آهي: مثلاً:

اول 'اَت'، پوءِ 'اِت' ۽ آخر ۾ 'اُت': ساڳيءَ

طرح اول 'ٻَر' پوءِ 'ٻِر' ۽ آخر ۾ 'ٻُر'.

**لفظن جي سجاڳپ:** لفظن جي صحيح سجاڳپ لاءِ هيٺيان اپاءَ ورتا ويا آهن:

(۱) هر لفظ جي صحيح اُچار کي زيرن زبرن ذريعي نروار ڪيو ويو آهي. البته ملڪ جي مختلف ڀاڱن جي لب و لهجي سببان، جيڪڏهين ڪنهن لفظ جو اُچار ذرا مختلف آهي، ته اول عام مروج اُچار ڏيئي ان بعد مخصوص مقامي اُچار ڏنو ويو آهي، ۽ ٻنهي جي وچ ۾ 'توري دم' (،) جي نشاني ڏني ويئي آهي، مثلاً:

آٿِرَڻُ، آٿُرَڻُ: آجهُڙَڻُ، آجهِڙَڻُ: آڏوڪو، آڏوڪو

(۲) جيڪڏهن ملڪ جي مختلف ڀاڱن ۾، ٻوليءَ جي مختلف محاورن سببان، ڪو لفظ ايتري قدر جدا نموني ۾ اُچارجي ٿو جو ان جي صورتخطيءَ جي سناءِ، اصولي طور ڦري وڃي ٿي، ته اهڙيءَ حالت ۾ ان مستند اُچار کي هڪ مستقل لفظ جي صورت ۾، پنهنجي پنهنجي جاءِ تي رکيو ويو آهي، ۽ ان جي معنيٰ ڏيڻ وقت، ان جي ٻئي اُچار واري صورت وارو لفظ پڻ ڏنو ويو آهي. البته اهڙي لفظ جي سربستي معنيٰ، صرف ان جي عام مروج اُچار واريءَ صورت جي آڏو ڏني ويئي آهي، ۽ ان جي مخصوص مقامي اُچار واريءَ جاءِ تي، معنيٰ ڏسڻ لاءِ اصولي اُچار واريءَ صورت ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي ـ مثلاً

آبت ۽ آبتَ، آديس ۽ آڏيس، آرسڻ

۽ آرڪڻ، آرهڙ ۽ آرهاڙ، ٻوهل ۽ ٻوئل، وغيره.

(۳) ڪيترائي اهڙا الفاظ آهن، جن ۾ (سواءِ حيدرآبادي ٻوليءَ جي) "ڊ" ۽ "ٽ" جي اچارن بعد، اڪثر "ر" جو اچار هوندو آهي. اهڙن لفظن جي ٻويان ڏنگين ۾ 'ر' جو اچار نروار ڪيو ويو آهي، مثلاً:

آنڊو (آنڊرو)، ٻڊوڪو (ٻڊروڪو)، وغيره.

(۴) اسمن جي حالت ۾، هر لفظ کي واحد توڙي جمع جي صورت ۾ لکيو ويو آهي، ۽ ج جي نشان ذريعي جمع کي واحد کان جدا ڪيو ويو آهي، مثلاً:

آبَتَ ج آبَتون، آتَڻُ ج آتَڻَ، آٿَرُ ج آٿَرَ، آڏيو ج آڏِيا.

(۵) اهي لفظ جيڪي ملڪ جي مختلف ڀاڱن جي مخصوص مقامي ٻولين سان خاص واسطو رکن ٿا (پوءِ ڪٿي اهي ٻين ڀاڱن ۾ پڻ استعمال ٿيندا هجن)، ته مڪاني ٻوليءَ ۽ ماحول جي سجاڳپ خاطر انهن لفظن جي پٺيان هيٺيون نشانيون ڏنيون ويون آهن:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢) جيڪڏهن ڪنهن لفظ جون هڪ کان وڌيڪ معنائون آهن، جن موجب ان جون نحوي حالتون پڻ جدا جدا آهن، تہ هر نئين معنيٰ کان اول، ڏنگين اندر، نحوي حالت کي متين نشانين موجب نروار ڪيو ويو آهي.

(٣) اسم مذڪر جي حالت ۾، معنيٰ جي خاتمي بعد، ڏنگين ۾ ان جي مؤنث (واحد توڙي جمع) کي ڏنو ويو آهي.

(۴) مصدر جي حالت ۾ معنيٰ جي خاتمي بعد، ڏنگين ۾ ان فعل جي 'فاعل'، 'ماضي' توڙي 'اسم حاليي' کي نروار ڪيو ويو آهي.

(ب) لفظ جي نحوي صورت نروار ڪرڻ بعد، چورس ڏنگين ۾ اُن جي مول ۽ اشتقاق کي سمجهايو ويو آهي.

(١) جيڪڏهن لفظ جي موجوده صورت، ان جي 'بنيادي صورت' مطابق آهي، تہ پوءِ صرف انهيءَ بنيادي ٻوليءَ جو نالو ڏنو ويو آهي، جنهن مان اهو لفظ ورتل آهي، مثلاً:

آخر: ظرف. [ع]　　　آباد: صفت. [ف]

انهن بنيادي ٻولين کي نروار ڪرڻ لاءِ هيٺيون نشانيون قائم ڪيون ويون آهن:

سن. = سنسڪرت.　　ه = هندي.
پرا. = پراڪرت.　　بل. = بلوچي.
ع. = عربي.　　ف. = فارسي.
انگ. = انگريزي.

انهن کان سواءِ ٻين بنيادي ٻولين جي حالت ۾، ٻوليءَ جو سڄو نالو لکيو ويو آهي ـ مثلاً [سرائڪي]، [ترڪي].

(٢) جيڪڏهن لفظ جي موجوده صورت، بنيادي صورت کان الڳ آهي، تہ ان حالت ۾ اشتقاق نروار ڪرڻ وقت، اصل بنيادي لفظ پڻ ڏنو ويو آهي. اصل بنيادي لفظ مان جنهن ڦيرگهير سان، لفظ پنهنجي موجوده صورت ورتي آهي، ان کي سمجهائڻ لاءِ ٻہ نشانيون > ۽ < استعمال ڪيون ويون آهن. مثلاً:

آڃار < آڃار < آماڄ — يعني تہ اصل لفظ 'آماڄ' هو جو تقليب سببان ڦري 'آڃار' ٿيو ۽ آڃار وري سنڌيءَ ۾ 'آڃار' جي اچار سان رائج ٿيو.

لَهَڻُ < اَلهَڻُ < اَلهِندو — يعني تہ لُهڻ مان اَلهڻ ۽ 'اَلهڻ' مان الهندو لفظ ٺهيو.

(٣) جيڪڏهن لفظ جي موجوده صورت اهڙي آهي، جو ان جو اشتقاق، هڪ کان وڌيڪ ٻولين مان پيو پائنجي، تہ انهيءَ حالت ۾ انهن مڙني ٻولين جا اُهي بنيادي الفاظ ڏنا ويا آهن جن مان موجوده لفظ جي نڪرڻ جو گمان ٿي سگهي ٿو.

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

(ج) لفظ جي اشتقاق نروار ڪرڻ بعد، ان جي معنيٰ ڏني ويئي آهي:

(١) هر معنيٰ کي پوريءَ طرح سمجهائڻ لاءِ، ٻه يا ٻن کان وڌيڪ هم–معنيٰ لفظ ڏنا ويا آهن؛ ۽ اهڙن هم معنيٰ لفظن جي وچ ۾ ننڍي ليڪ (ـ) ڏني ويئي آهي.

(٢) جيڪڏهن ڪنهن لفظ جون معنائون هڪ کان وڌيڪ آهن، تہ 'دم' جي نشانيءَ (.) سان هڪ معنيٰ کي ٻيءَ کان جدا ڪيو ويو آهي.

(٣) جيڪڏهن ڪا معنيٰ ملڪ جي ڀاڱي جي ڪنهن خاص محاوري مطابق آهي، تہ انهيءَ معنيٰ ڏيڻ بعد، ڏنگين ۾ ان مخصوص محاوري جو نشان ڏنو ويو آهي، مثلاً:

- آتِي ج آتِيَ (ڪ): ذ. صفت. آهتِي – هميشه ايندڙ گراهڪ. (صفت) ايندڙ – ايندڙ وقت وارو (ٿ).
- اُڄارڻ (ل): مصدر. آڄارڻ – آگهارڻ. اُتارڻ (لس).

(٤) لفظ جي هر انوکي معنيٰ جي آخر ۾ شعر، پهاڪي يا چوٽيءَ کي شاهديءَ طور آندو ويو آهي. مثلاً:

- آبَڻُ: مصدر. [ف. آب = پاڻي + ڻُ = مصدر جي نشاني] آب ڏيڻ – پاڻي ڏيڻ. آلو ڪرڻ – پچائڻ – پُسائڻ "اُيي کي آبِينْدي، لذائون سنڌڙيءَ سار" (سچل).
- آپِڻُ (ٿ): مصدر. [سن. آ = چوڌاري + پاسْ = چمڪڻ] ظاهر يا صاف ٿي اچڻ. مثان اچي سهڙڻ. جهڙ ٿيڻ "اُپ آپيو پاڳيو جاڳيو" (جهڙ ٿيو، مالدار سانگ لاءِ سجاڳ ٿيو).

هيءَ پنهنجي نوع جي پهرين سنڌي لغات آهي جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي هڪ جهجهي ذخيري کي شامل ڪيو ويو آهي؛ ۽ هر لفظ جي عام توڙي اصطلاحي معنيٰ کي، شاهدن ۽ مثالن سان کولي ورجايو ويو آهي. البتہ لفظن جي اشتقاقن وارو پهلو اجان وڌيڪ تحقيق طلب آهي، جيتوڻيڪ حالات مطابق اِن تي بہ ڪافي توجه ڏنو ويو آهي. اهي لفظ جيڪي سنسڪرت مان نڪتل آهن، تن جي اشتقاقن سمجهائڻ ۾ خاص طرح تاراچند گاجرا (بمبئي) مدد ڪئي، ۽ پڻ انهيءَ ڪم ۾ گنگارام سامرات (اُن وقت رهندڙ سن، ضلعو دادو) ڪجهہ مدد ڪئي. انهيءَ هوندي بہ ذاتن بابت پوري تحقيق ڪانہ ٿي ۽ سنڌي لفظن جا اصل سنسڪرت لفظ چوندي ڏيڻ بدران متبادل لفظ ڏنا ويا. هن ايڊيشن ۾ اهڙا لفظ ڇڏي ڏنا ويا آهن.

سنڌي، سنسڪرت کان اڳ واري دؤر جي "سنڌو ماتر جي قديم هند – آريائي ٻولي" آهي، ۽ ٻين هند – آريائي ٻولين جي پيٽ ۾، سنڌيءَ جي بناوت ۾، آڳاٽين هند – ايراني ۽ داردي ٻولين، توڙي ڪن "سامي صفت" زبانن، قديم ترڪي ۽ ايراني ٻولين کي دخل آهي. نسبتاً پوئين دور ۾ پالي پراڪرت ذريعي، سنڌيءَ تي سنسڪرت جو اثر پيو؛ ۽ ان بعد سنڌيءَ جي سٽاء ۽ ساخت، توڙي لساني تشڪيل، عربي ۽ فارسي اثر هيٺ

ٿي. انهي تاريخي پس منظر ۾ مختلف ٻولين جي تمدني اثر سببان، سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ اهڙيون لساني خصوصيتون ۽ لُغوي ڳوڙهايون موجود آهن جو موجوده ڄاڻ جي روشنيءَ ۾، ڪن لفظن جا اشتقاق پروڙڻ البته مشڪل آهن. ازانسواءِ وقت جي پابندي ۽ سرمايي جي قلت سببان، هن لغات ۾ لفظن جي اشتقاقن تي وڌيڪ تحقيق جو امڪان ڪونه هو؛ انهيءَ ڪري هن تحقيق کي مستقبل جي حوالي ڪرڻو پيو ٿو.

هن لغات جي تياريءَ ۽ تڪميل لاءِ سنڌ يونيورسٽي ۾ هڪ مرڪزي آفيس قائم ڪئي ويئي، ۽ تعلقي وار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، جن هدايتن موجب سنڌ جي سيني پاڳن جي مقامي لفظن ۽ اصطلاحن جا ذخيرا گڏ ڪري موڪليا. مرڪزي آفيس جي عملي، ڪارڪنن کان پهتل مواد کي هدايتن موجب صاف ڪري لکيو ۽ پڻ ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل ڪتابن مان، الفاظ ۽ اِصطلاح چونڊي قلمبند ڪيا. ٻاهرين سيني ڪارڪنن خاطر خواهه ڪم ڪيو، جن مان خاص طور هيٺين صاحبن ڪافي محنت سان پنهنجي پنهنجي مقامي ٻوليءَ جو مطالعو ڪري، لفظن ۽ اصطلاحن جو جهجهو مواد موڪليو: صالح محمد سمو ۽ محمد عرس سمو (ڪراچي) جن لس ٻيلي ۽ ڪوهستان جي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح سهيڙيا؛ محمد طالب لوهار (ٽنڊو باگو) ۽ مقبول احمد بلوچ (بدين) لاڙ جي ٻوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن جو ذخيرو گڏ ڪيو؛ ڀمي مل (اسلام ڪوٽ) ۽ رائچند (چيلهار) ٿر جي ٻوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن کي جمع ڪيو؛ عطا محمد 'حامي' (خيرپور)، محمد عالم عباسي (سکر) ۽ عبدالرزاق ميمڻ (پير جو ڳوٺ) اتر جي ٻوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن جا ذخيرا موڪليا.

مرڪزي آفيس جي عملي محنت سان ڪم ڪيو ۽ لغات جي جملي مواد کي سهيڙڻ، صاف ڪرڻ ۽ ترتيب ڏيئي مسودي تيار ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڪئي. خاص طرح هيٺين صاحبن جا نالا قابل ذڪر آهن، جي هڪبئي پٺيان راقم جا نائب ٿي رهيا: مرحوم محمد بخش واصف، جنهن ڪم جي شروعات جي وقت مدد ڪئي؛ سيد سردار علي شاهه، جنهن لغات جي مسودي جي تياريءَ ۽ تڪميل تائين رفاقت ڪئي؛ ۽ شيخ محمد اسماعيل، جو شروع کان ئي هڪ ڪارڪن جي حيثيت ۾ شامل رهيو ۽ ان بعد لغات جي پهرئين جلد جي صاف ڪاپي، نظرثانيءَ بعد ان جي ٻي صاف ڪاپي، ۽ ان بعد پريس ڪاپي تيار ڪرڻ، پروفن پڙهڻ ۽ ڇپائيءَ کي توڙ تائين پهچائڻ ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو.

آفيس جي عملي ۽ ڪارڪنن کان سواءِ، هن وڏي ڪم کي ڪامياب بنائڻ ۾ خاص طرح انهن سڄڻن جو هٿ آهي، جن وقت بوقت منهنجي لاءِ سنڌ جي هر پاڳي جو سفر سولو ڪيو ۽ مقامي ڳوٺن جي عمر رسيده بزرگن سان ملاقاتن ۽ سڄاڻ سگهڙن ۽ شاعرن، توڙي ڪڙمين ڪاسبين، ڀاڳين ۽ ملاحن سان ملڻ ۽ ڪچهرين ڪرڻ جو انتظام ڪيو، جن کان نه فقط نج سنڌي لفظن ۽ اصطلاحن جو هڪ وڏو مستند ذخيرو مليو، پر ڇپيل لغاتن ۾ ڏنل، توڙي ڪارڪنن کان پهتل ڪن انوکن لفظن ۽ اصطلاحن جي تصديق ۽ تصحيح پڻ ڪئي ويئي.

خادم العلم
نبي بخش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# الف

• **ا:** ذ. [ ع.ف] سنڌي، عربي، فارسي 'الف_ ب' جو پهريون اکر. لکڻ ۾ عمود صورت ۾ اچار 'الفّ'. لفظ ۾ حرف متحرڪ جي صورت ۾ نالو 'همزة'، ۽ ساڪن يا بي آواز واريءَ حالت ۾ 'حرف علت'. ا، و ي جو حامل "آ، اِيْ، اي، اَيْ، او، اَوْ اوُ ". اِمالہ جي حالت ۾ 'ي' سان تبديل ٿيندڙ "رڪاب > رڪيبُ؛ حساب > حسيب ". فارسيءَ ۾ صيغهء امر جيَ آخر ۾ فاعل واسطي ڪم ايندڙ "دان > دانا؛ بين > بينا". الف اتّصال طور ڳانڍاپي واسطي استعمال ٿيندڙ "رنگا رنگ، لبالب، مالا مال، گوناگـُون". الف عطف جي معنيٰ ۾ ڪم ايندڙ "شباروز، راتيان ڏينهن". ندبه واسطي استعمال ٿيندڙ "دريغا!، حَسرتا!، دردا!". ندا واسطي ڪم ايندڙ "شاها!، ڪريمَا!، جانَا!". لفظ جي اَول، وچ يا آخر ۾ زائدتي ڪم ايندڙ "افروغ <فروغ، اسڪندر < سڪندر؛ نمڪ خوار < نمڪ خور، ستمگار < ستمگر؛ پارسا < پارس". مفعول لاءِ ڪم ايندڙ"گوارا، پزيرا". سنسڪرت ۾ مذڪر جي پويان اچي مونث بنائيندڙ نشاني 'ڪرشن > ڪرشنا، موهن > موهنا". سنڌيءَ ۾ امر استقباليہ جي آخر ۾ جمع واسطي ڪم ايندڙ "سُٽج > سٽجا، ڪج> ڪجا، وجج>وججا". اِشباع طورقافيي ۾ ڪَم ايندڙ "ساراَهَا، تعريفا". هڪ جي بدران ڪم ايندڙ نشاني. ابجد موجب عدد هڪ. علم نجوم ۾ "ثور' جي نشاني. 'اللہ' جو پهريون اکر، جنهنڪري اصطلاحاً 'الف' بمعنيٰ 'اللہ' "اوڏو تي الف ڪي من ميم سين گڏ" (روحل). (صفت) بنا نقطي خالي هئڻ سبب بمعنيٰ اڻ ڏڪيل _ ننگو – اگهاڙو. عمود وانگر اُڀو سڌو هئڻ سبب بمعنيٰ سنئون – سڌو – اُڀو.

**اَ:** صفت [سن. اَنَيہ =اڻ پورو ڀڳل] اڻ – بنا – سواءِ. 'اڻ' جو مخفف"اڻ ميو> اَميو، اَڻ ڄاڻ > اَڄاڻ". اسم يا صفت جي اڳيان اچي انڪار جي معنيٰ ڏيکاريندڙ يا ابتي معنيٰ ڏيکاريندڙ 'اڳياڙي' "اَملهہ، اَوير، اَياڳو، اَبوجهہ". سَ ۽ سُ، اڳياڙيءَ جو ضد.

• **آ:** ذ. ڪنهن ڏک لڳڻ سبب وات مان نڪتل آواز "آه!". قياس جي اظهار ڪرڻ لاءِ همدرديءَ جو آواز. افسوس يا شرمساريءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ آواز. يادگيريءَ جي اظهار جو آواز "هَا". راڳيندڙ جي وات مان ڳائڻ کان اڳ سُر ملائڻ خاطر نڪتل آواز. 'اچڻ' مصدر مان امر واحد حاضر جو صيغو "آءُ_ اَچ!". هر ڪاهڻ وقت ڏڳن کي ورائڻ لاءِ ڪم ايندڙ آواز "وري اچ!_ موٽ!". ڪنهن غائب ٿيل شيءِ کي گهرائڻ لاءِ بازيگر جي وات مان نڪتل آواز. ٻيلهاڙي راند ۾ جهليندڙ همراه جي للڪار. (سنسڪرت ۾ ظرف) چؤطرف – چوڌار – آسپاس. چڱيءَ طرح. (فعل) 'آهي' جو مخفف "ساجن! انهيءَ سور جي، ڪل نہ آ ڪنهن کي" (شاهہ).

• **آآ:** اَمر. [سن. آيَہْ=اَچڻُ] اَچ _ آءُ آءُ (ذ). (ڪڪڙن، پاليل پکين وغيره کي) سڏڻ جو آواز.

• **آبُ ج آبَ:** ذ. [ف. آبْ؛ سن. ١. آپْ < اَپْ = پکڙڻ؛ ٢. آوا= مَٽان جو پاڻي، آسماني (برسات جو) پاڻي] پاڻي – نِيرُ – جَل "لُڙ لهريوُنْ، لَس ليٽ، جت اَنت نہ لڀي آب جو" (شاهہ). مينهن – برسات – بارش "وٺو آب اگونْدرو". اکين جو پاڻي ـَ لڙڪ – ڳوڙها "آڻيو آب اکين مان، ڏيهہ کي ڏيکارين" (شاهہ). بَحَرُ – سَمُنْد. درياءُ "پاڻ اُچلي آب ۾ .... الخ" (شاهہ). شرابُ. ترار يا ٻئي تکي اوزار تي چڙهيل پاڻي – جوهَرُ. تيزائي – تکائي(ترار وغيره اوزار جي) "آبُ شل اُتري نہ ڪنهن دم، دوست جي تلوار جو" (واصف). (سون، هيري، لعل، وغيره قيمتي پٿرن جو) اوجَرُ_ چلڪو – تجلو. مانُ – شانُ – عزت "آب وارو ماڻهو". ديد –شرم. يهودين جي يارهين مهيني جو نالو (15 جولاءِ کان 15 آگسٽ تائين، جنهن جي پهرين تاريخ حضرت هارون عليه السلام ڄائو هو). آبڪلانيءَ وارو مهينو.

– **آبُ آبُ:** ذ. پاڻي پاڻي. ڦُڙا ڦُڙا. (صفت) پگهر ۾ ٻڏل –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پگهر ۾ شل.

_ **آبَ آبَ ٿيڻ:** پاڻي پاڻي ٿيڻ. شرم کان منهن يا پيشانيءَ تي پگهر جو ڦڙن جي صورت ۾ ظاهر ٿيڻ. لڄي ٿيڻ – شرمسار ٿيڻ. پگهرجڻ. (اکين ۾) رئڻ جو پاڻي اچڻ – لڙڪ پرجڻ" لکڻ يا ڳالهائڻ وقت پيشانيءَ تي ادراڪي موتي ڦڙا پيدا ٿيڻ. طبعي تڪليف کان يا محنت کان پيشانيءَ تي پگهر جا ڦڙا ڦڙا پيدا ٿيڻ.

_ **آبَ اُچل:** گهڻي پاڻيءَ جي وَهڪ (وڏي رئڻ سببان اکين مان)

_ **آبَ اَٽڻ:** لڙڪ وَهائڻ –روئڻ – هنجون هارڻ "آٽيو آبُ اکين مان، ڏيهه کي ڏيکارين" (شاهه).

_ **آبِ آتش:** ذ. باهه جو پاڻي. گرم پاڻي. رت جا گوڙها. ڳاڙهو شراب.

_ **آبِ آهن:** ذ. لوهه جي اوزار تي چاڙهيل پاڻي.

_ **آبِ اَحمَر:** ذ. ڳاڙهو پاڻي. شراب.

_ **آبِ اَرغواني:** ذ. ڳاڙهو پاڻي. ڳاڙهو شراب. رت جا گوڙها.

_ **آبُ اَرتو:** ذ. بِنا بِنا لڙڪ – مسلسل وهندڙ گوڙها. ڳاڙهو پاڻي. رت جاگوڙها "آبُ آرتو اکئين، لڙڪ وهائين لال" (شاهه).

_ **آبِ اَنار:** ذ. ڏاڙهونءَ جو پاڻي. شراب.

_ **آبِ اَنگور:** ذ. انگورن جو پاڻي. شراب.

_ **آبَ اوتڻ:** پاڻي نائڻ. گوڙها ڳاڙڻ – لڙڪ وهائڻ.

_ **آبائتو ۽ آبائتا:** ذ. صفت. عزت وارو – شان وارو – مانائتو.

_ **آبائتو ٿيڻ:** عزت وارو ٿيڻ. عزت حاصل ڪرڻ – مانُ لهڻ.

_ **آبِ باران:** ذ. مينهن جو پاڻي.

_ **آبِ بَستَه:** ذ. ڄميل پاڻي. برف. پارو.

_ **آبِ بَقا:** ذ. هميشه جيئرو رکندڙ پاڻي – آب حياتَ – امرت جَلُ.

_ **آبَ پري اَچڻ:** اکين جو پاڻيءَ سان پرجي اچڻ – رُئڻ هارڪو ٿيڻ.

_ **آبَ پري اَک:** ث. گوڙهن پري اک. عزت ۽ ڏيا واري اَک – آبدار اَک.

_ **آبِ تاب:** ذ. دبدبو – حشمت – رعب – شان شوڪت. تجلو – جهلڪو. رونق. پيڪو – ٺٽ.

_ **آبِ تلخ:** ذ. ڪڙو پاڻي. شراب.

_ **آبپاشي ج آبپاشيون:** ث.پاڻيءَ جي ڇنڪار.

_ **آبپائڻ:** عزت حاصل ڪرڻ. مانُ لهڻ.

_ **آبِ جَرا:** ذ. ڳلن تي رُئڻ جا نارَ – لڙڪ "آب جرا اُتلي وُڙها، ويرون ڪري واهه"

_ **آبِ جَزر:** ث. لاهواري ويرَ – آلٽَ ويَر-- لهندڙ وير – Ebb_tide.

_ **آبِ جَل:** ذ. داڻو پاڻي – چوڻو. رزق. هندڪي اصطلاح ۾ ڪفن دفن.

_ **آبِ جوش:** ذ. تهڪيل پاڻي. ڇڪايل پاڻي. پاڻيءَ ۾ تهڪايل شيءِ "آب جوشي يا جوشي چانور". پسار جي شين جو ڪاڙهو. شوروو – رهو – رَسُ. آچار تيار ڪرڻ جو ٿانءَ. سوڊا پاڻي – Soda_water.

_ **آبِ جُوي:** ث. پاڻيءَ جي ترائي (جتي هيٺاهين زمين هجڻ سبب پاڻي بيهي رهي).

_ **آبَ جهلڻ:** بي عزت ٿيڻ.

_ **آبِ چشم:** ذ. اک جو پاڻي – اکِ جو آب. گوڙها – لڙڪ.

_ **آبِ حرام:** ذ. حرام ڪيل پاڻي – شراب.

_ **آبِ حسرت:** ذ. تَمَنّا – خواهش.

_ **آبِ حَنظَل:** ذ. تُوهه جو رَس. ڪڙو پاڻي.

_ **آبِ حَيا:** ذ. حياء ٿيڻ وقت منهن مان نڪتل پاڻي – شرم جو پگهر.

_ **آبِ حَيات:** ذ. حياتيءَ جو پاڻي. اُهو پاڻي جنهن جي پيئڻ سان دائما زندگي حاصل ٿئي – آب بقا – امرت جلُ – آب خضر. ٿڌو ۽ مٺو پاڻي. (اصطلاحاً) ڪابه اهڙي شيءِ جا زندگيءَ کي جاودان بنائي. [محمد حسين آزاد جو ارادو شاعرن بابت لکيل ڪتاب.]

_ **آبِ خضر:** ذ. خواجه خضر (عليه السلام) جو پاڻي (چيو وڃي ٿو ته بحر ظلمات ۾ خواجه خضر اهو پاڻي وڃي پيتو جنهنڪري دائما زندگي مليس. جنهن جي ڳولا ۾ سڪندر ڪوشش ڪئي مگر اهو پاڻي حاصل نه ٿيس). آب حياتَ.

_ **آبِ خَنجَر:** ذ. خنجر جي ڌار.

_ **آبِ خورو:** ذ. پاڻي پيئڻ جو ٿانءَ (خاص ڪري اُهو ٿانءُ جنهن جي ڳچي سوڙهي هجي). خُمرو–ٿيو.

_ **آبدار:** ذ. صفت. پاڻيءَ وارو – پاڻي رکندڙ. واهن جي پاڻيءَ جو سنڀاليندڙ نندو عملدار. پاڻي پيارينڌڙ – ساقي. گوڙهن سان پريل "آبدار اک". پاڻيٺ ۽ رطوبت وارو. پاڻيءَ چڙهيل – تيز "خنجر آبدار". چمڪندڙ "آبدار موتي". نفيس. خوبصورت.

_ **آبداري:** ث. آبدار جو ڪم. پاڻي رکڻ ۽ پيارڻ جو ڪم. تيزي – تکائي. چمڪو. خوبصورتي. مضمون جي خوبي. خوش بياني.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ **آبرُوْ تَڪي جِيْ لِيَڻُ:** عزت تمام گهٽ ٿيڻ. سخت بيعزتي ٿيڻ. نهايت بدنامي ٿيڻ.

ـ **آبرُوْتَڪي جيُ لِيَڻُ:** عزت تمام گهٽ ٿيڻ، سخت بيعزتي ٿيڻ. نهايت بدنامي ٿيڻ.

ـ **آبرُوْ پائڻُ:** عزت لهڻ – مانُ پائڻ. درجو حاصل ڪرڻ.

ـ **آبرُوْ پيداڪَرڻُ:** مانُ وڌائڻ. نامَوري حاصل ڪرڻ. اعتبار حاصل ڪرڻ.

ـ **آبرُوْجي پُليانْ پوَڻُ:** عزت وڃائڻ جهڙا ڪم ڪرڻ.

ـ **آبرُوْ جهَلَڻُ:** بي عزتو ٿيڻ.

ـ **آبرُوْ خاڪ ٿيڻ:** عزت مٽيءَ ۾ ملڻ – عزت تباه ٿيڻ.

ـ **آبرُوْ خاڪ ۾ ملائِڻُ:** عزت وڃائڻ –آبرو ٻوڙڻ " ننگ ناموس برباد ڪرڻ.

ـ **آبرُوّدارُ ج آبرُوْدَارَ:** ذ. صفت. آبرُوْ وارو – عزت وارو – مانائتو – معزَز. مرتبي وارو.

ـ **آبرُوُوْ ڏِيَڻُ:** عزت ڏيڻ – مانُ ڏِيڻُ. عزت ۽ مانُ بخشڻ. مرتبو وڌائڻ.

ـ **آبرُوُوْ ڏوبَڻُ:** آبرُو نہ رهڻ – آبرُو برباد ٿيڻ. عزت وڃڻ – ناموس چٽ ٿيڻ.

ـ **آبرُوْ رَکَڻُ:** عزت رکڻ. پنهنجي پرائي عزت قائم ڪرڻ. لڄ رکڻ – شرم رکڻ. لحاظ رکڻ.

ـ **آبرُوْ رَهْجيْ اَچَڻُ:** عزت بچي اچڻ يا قائم رهڻ. عزت يا پت سان گذري اچڻ.. خيرجو وقت گذري وڃڻ.

ـ **آبرُوْ ريزيْ:** ث. عزت وڃڻ جي حالت – بي عزتي.

ـ **آبرُو ريزي ڪَرڻُ:** مانُ لاهڻ ـ عزت وٺڻ. ناموس خراب ڪرڻ.

ـ **آبرُوْ سَلامتَ رَهَڻُ:** عزت بچڻ هميشہ آباد رهڻ.

ـ **آبرُو قَائِم رکَڻُ:** آبرُو سلامت رکڻ.

ـ **آبرُوْ ڪوڏيءَ جي ٿيَڻُ:** عزت صفا نہ رهڻ. بي عزت ٿيڻ. بالڪل بدنام ٿيڻ. پت ڪار نہ رهڻ.

ـ **آبرُوْ ڪوهَڻُ:** آبرُووڃائڻ ـ عزت وڃائڻ. پَت وڃائڻ.

ـ **آبرُوْ ڪي ٽِڪو:** ذ.آبرُو ڪي دا غ – عزت ۾ رخنو.

ـ **آبرُوْ ڪي ڪڙهَڻُ:** عزت جو اونو رکڻ – (پنهنجي) عزت جو خير گهرڻ.

ـ **آبرُوْ لاهَڻُ:** بي عزت ڪرڻ – بي مانو ڪرڻ. خوار خراب ڪرڻ.

ـ **آبرُو ۾ خَلل وجهڻُ:** عزت ۾ رخنو وجهڻ ـ بي عزتي ڪرڻ.

ـ **آبرُوْ ۾ فَرق اَچڻُ:** عزت گهٽ ٿيڻ. بي عزتي ٿيڻ. بدنامي ٿيڻ.

ـ **آبرُوْ وٺَڻُ:** بي عزتي ڪرڻ. ذليل ڪرڻ. بدنام ڪرڻ. عصمت خراب ڪرڻ.

ـ **آبرُوْ وڃائِڻُ:** پَتِ وڃائڻ. بي عزت ٿيڻ.

ـ **آبرُوْ وَڌائِڻُ:** عزت وڌائڻ. مرتبو وڌائڻ. شان ۾ اضافو ڪرڻ.

ـ **آبرُوْ وڪڻڻ:** عزت وڪڻڻ. بدپيشو اختيار ڪرڻ. ذليل ڪَمُ ڪرڻ.

ـ **آبرُوْئِيْ:** ث. عزت – آبرُو – آبرُائي.

• **آبريْ:** ث. صفت. [سن. اَبَلاَ (= نہ + بَلَ = ٻَلُ = بي زوري، هيِّٺي. اَبَلاَ > اَبلاَ >اَبَلِيْ > اَبريْ > آبريْ] اَبلاَ –اِبريْ – ضعيف – هيٺي. اجايل (آب + ري). سڪايل. (ذ) شاهَ جي رسالي ۾ هڪ سُرجو نالو. شاهہ جي راڳ ۾ هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

ـ **آبريْ لاهَڻُ (ت):** سُستي لاهڻ. سيڪت ڏيڻ.

• **آبڙَ(ت):** اسم خاص. ابڙا قوم. ابڙا قوم جي بستي.

• **آبڙِيْ:** ث. ڪاٺ جو گلدستو. (اسم خاص) هڪ ڳوٺ جو نالو. بدين، قمبر، گوني، حيدرآباد ۽ ميرپور خاص تعلقن ۾ (ابڙا قوم جي بستين تان پيل) ديهن جو نالو. آبريْ.

• **آبَسُ ج آبَسَ:** ذ. [ف. آبُ = پاڻي + س] ٻَراءُ (لَهَرَ، ويُرَ درياءَ يابدن جو) – ڇاڙهہ مُنْهَنْ جي رونق – مُنْهَنْ جو پاڻي َ– مُنهن جي تازگي –آبيسُ.شرم – حياءُ "فلاڻِيءَ ڪي مُنهن ۾ آبَسُ ئي ڪونهي".

• **آبُ گذارُ ج آبُ گذارَ:** ذ. صفت [ف. آبُ= پاڻي + گذارَ > گذاشْتن =لنگهڻ] پاڻيءَ مان اڪاريندڙ. پاتڻي. ٽپال لاءِ پتڻ تي مقرر ڪيل قاصد – تڪڙو قاصد. ڊنڊ، ڊوري يا درياءَ وغيره. جو پتڻ.

• **آبڪِيرُ:** ذ. [ف. آب = پاڻي + گير > گرفتن = وٺڻ] ترائي (جَتي مينهن جو پاڻي ڪٺو ٿئي). جُوءِ. حوض. تلاءُ. گهوڙي جي هڪ بيماريءَ جو نالو (گهٽي پنڌ ڪرڻ يا ڏاڻي ڪارائڻ کان پوءِ يڪدم پاڻي پيڻ ڪري گهوڙي جا سَنڌ ونجي پوندا آهن).

• **آبڪِيْنَہ:** ذ. [ف] شراب جو شيشو. شراب جو گلاس. شيشو – آئينو – آرسي –ٽِڪَ.

• **آبلَهْ:** ذ. [ف] ڦوڦينڊو – ڦُرڪٽو – لِڦَ. ڦرڙي. ڳَڙ. ماتا جَو ڏاڻو.

ـ **آبلَهْ پا:** صفت. پيرن ۾ لڦون پيل. ٿَڪَلُ.

ـ **آبلَهْ دِلِ:** ذ. صفت. (عشق ۾) دل جو ڦٽيل. حاسد (جنهن ڪي

ڪي وسندو ڏسڻ. سڪيو ڏسڻ. سرسبز ڏسڻ.
_ **آباد رهڻ:** سر سبز ۽ وسيل رهڻ. خوش رهڻ. برقرار رهڻ – سلامت رهڻ.
_ **آباد ڪاري:** ث. آبادگاري.
_ **آباد ڪرڻ:** ڪوشهر يا مُلڪ وسائڻ. (ڪنهن ڳوٺ ۾ ماڻهو رهائڻ. هاريءَ جو زمين پوکڻ. سرسبز ڪرڻ.
_ **آباد گار ج آبادگار:** ذ. صفت. ويران زمين کي آباد ڪندڙ – زمين پوکيندڙ. ڪڙمي – هاري. وسندڙ – رهندڙ. آبادڪار.
_ **آبادگاري:** ث. آباديءَ جو ڪم – کيتيءَ جي ڪرت – ڪُڙمت – ڪاشت گاري.
_ **آباد هجڻ:** وسندڙ هجڻ. پوکيل هجڻ. خوش هجڻ.
_ **آبادي ج آباديون:** ث. وسنديءَ واري جاءِ _ بستي – وسنئن.پوک. آدمشماري. سُک – آرام.
_ **آبادي تيا:** (جُملو) وڏي ڳالهه ڪانه تي.
_ **آبادي ڪرڻ:** پوک ڪرڻ. ناميارو ڪم ڪرڻ. (طنزاً) سوپ ڪٽڻ. ڪجهه به نه ڪرڻ.
• **آباد پانهو:** اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **آباد جاگير:** اسم خاص، گوني، روهڙي، ڪڪڙ ۽ سکر تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• **آباد جبل:** اسم خاص، تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **آباد ريو:** اسم خاص، تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **آباد مهلائي:** اسم خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **آباءَ** ذ. [ع. آب ج آباءُ] آبا – پيءُ _ پيُر. ابا ڏاڏا. وڏا (اڪثرڪري لفظ "اجداد" سان گڏ استعمال ٿيندڙ "آباء و اجداد").
_ **آباء سُفلي:** ذ. هيٺيان آبا. علم نجوم موجب نَوَ زمينون يا ان جي تهن جا قسم. نَوَ دوزخ. پوتن ۽ ديون جون نَوَ بيٺڪون.
_ **آباء عُلوي:** ذ. مٿيان آبا. نَوَن ديوتائن جا نَوَ آسمان. نَوَسرگ (بهشت). نظام شمسيءَ جا ست تارا(جي سج ۽ چنڊ سميت نَو تيا). ست تارا. ست آسمان.
_ **آباءَ وَ اجداد:** ذ. آبا ڏاڏا – پيءُ ڏاڏا. وڏا. بزرگ.
_ **آبائي ج آبائي:** صفت. وڏن کان ورثي. اباڻو. موروثي.
_ **آبائي اجدادي:** صفت. اباڻو ڏاڏاڻو. موروثي – بنيادي.
_ **آبائي حق:** ذ. وڏن جو حق. خانداني ورثو.
• **آبتَ ج آبتون (ل):** ث. [ف.آب = پاڻي]پاڻيءَ جا ڏينهن – آبڪلائيءَ جا ڏينهن. سانگهاري، جا ڏينهن – پاڻيءَجي چينهري، جو وقت (جڏهين ڪڙين ڪسين جي ڪاٽيءَ لاءِ چيڙ جي ضرورت ٿئي). پاڻيءَ جي ڪاٽيءَ جي ونگار–پاڻيءَ جي چيڙ. کيتيءَ جي ڪم ۾ هڪٻئي جي مددگاري – چيڙ – ونگار. ڪم جي ڪوٺ – سڏ – هڪل (ل). بنا اجوري مزدوري (جنهن ۾ ڪمين يا ڪاسبين کي رڳو ڪاڄو ڪارائجي).
_ **آبتائو ج آبتائا:** ذ. صفت. ونگاري پورهيت (جنهن کي اجوري ۾ رڳو ڪاڄو ملي) – آبتُو.
_ **آبتَ ڪرڻ:** سوال تي ڪم ڪرائڻ لاءِ ماڻهو گڏ ڪرڻ – ونگارڪرڻ.
_ **آبتُوج آبتُو:** ذ. صفت. آبت وارو.
• **آبت ج آبتون (ت.ل):** ث. آبت.
• **آبتو ج آبتا:** ذ. آپت يا آبت جو سڏ. ڪفن دفن جو ميڙ "آبتو امير، مارو ڪندا، مارُئي!".
• **آبدار:** اسم خاص. ڪراچيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **آبدارو:** ذ. بازدارن جو لفظ، باز کي صبح بک وجهڻ (ائين ڪان پوءِ ڏنل ڪجهه ڪاڄو
• **آبدان ج آبدان:** ذ. [ف] پاڻيءَ لاءِ ٿانءُ. حوض. جانور جو پٽو. دريائي ملاح. بحري مسافر.
• **آبدَست:** ذ. [ف. آب = پاڻي + دسْت = هٿ] هٿ ڌوئڻ جو ٿانءُ (گينديي يا چلمچي). وضو – غسل.
• **آبرائي ج آبرائي:** ذ. صفت. [ف.آبرائي = جنّ واري چريائي: جنّ ڪڍڻ جو ڪم] جنّ ڪيندڙ –َ جنائي – ديوگيُر – پوپو. (اسم خاص) سُرندائي فقيرن جو هڪ گروهه (جي سُرندو وڄائي ماڻهوءَ جي جنّ ڪيڍڻ جو بهانو ڪن).
• **آبرُو:** ث. [ف. آب + رُوءِ] منهن جو پاڻي_ مُنهنجي رونق. عزّت – مانُ_ شان. رتبو – درجو. لڄ – شرم – حياءَ. عصمت. اعتبار – پَت.
_ **آبرُو بچائڻ:** عزت بچائڻ – ننگ ناموس بچائڻ.
_ **آبرُو برباد ڪرڻ:** عزت وڃائڻ –شانُ وڃائڻ. پت ڪار وڃائڻ.
_ **آبرُو بوڙڻ:** آبرو برباد ڪرڻ.
_ **آبرُو تي پاڻي ڦيرڻ:** آبرو بوڙڻ. بدنام ڇڙڻ.
_ **آبرُو تي ٽڪو لائڻ:** عزت برباد ڪرڻ. بدنام ڪرڻ. بي عزت ڪرڻ.
_ **آبرو تي حرف اچڻ:** ناموس کي ٽڪو لڳڻ. پاڪدامني ۾ خلل پوڻ.

ڪاتو. شراب چڪائڻ ۽ وڪڻڻ جو ڪم.
_ **آبڪاري ڪاتو:** ذ. نشيدار شين جي ٺهڻ ۽ انجي استعمال تي ضابطو رکندڙ ڪاتو.
_ **آب ڪراني:** ث. آبڪلائي.
_ **آب ڪري اچڻ (ل):** بدن ۾ پرجڻ – متارو ٿيڻ. مال جو جهنگ چَري سٽائو ٿي اچڻ.
_ **آب ڪش:** ذ. صفت. پاڻي ڪيندڙ. پکالي. (ذ)مالهه جو لوٽو. کوهه جو ڏول.
_ **آب ڪلائي:** ث: پاڻيءَ جي گهٽائي. پاڻيءَ جي چاڙهه جي موسم (مئي، جون، جولاءِ، آگسٽ وارو عرصو). سانوڻيءَ جي موسم. اُٿل – بوڏ.
_ **آب ڪلائي ڪاتو:** ذپاڻي ۽ واهن جي سنڀال ڪندڙ ڪاتو – انجنيئري ڪاتو.
_ **آب ڪوثر:** ذ. ڪوثر جو پاڻي (چيو وڃي ٿو ته بهشت ۾ ڪوثر نالي هڪ چشمو آهي). مٺو ۽ ٿڌو پاڻي.
_ **آب گرِيه:** ذ. ڳوڙها – لڙڪ – هَنجُون.
_ **آب گل:** ث. پاڻيءَ متي. طبيعت – سرشت. بنياد.
_ **آب گلگون:** ذ. ڳاڙهو پاڻي. ڳاڙهو شراب.
_ **آبَ گوشت:** ذ. گوشت جو پاڻي _ ماء التخمر.
_ **آبگوَنَ:** صفت. پاڻيءَ جي رنگ جهڙو. (ذ) اک جو ڳوڙهو – لڙڪ "هي آبگوناڪين مان منهنجا لڙڪ ڪيوته لهن" (مولوي بُگائي).
_ **آب گوهر:** ذ. موتيءَ جو پاڻي. موتيو پاڻي.
_ **آبَ ۾ اچڻ:** بيماريءَ يا ضعيفيءَ بعد ڪنهن چڱيريءَ حالت ۾ اچڻ. سڌريل حالت ۾ اچڻ. سامت ۾ اچڻ.
_ **آب مرواريد:** ذ. موتيو پاڻي. نزلي جو ڪارو پاڻي.
_ **آب نُقره:** ذ. چانديءَ جو پاڻي. ڳلٽ جو پاڻي.
_ **آبنوش:** ذ. پيئڻ جو پاڻي.
_ **آبَ نيسان:** ذ. وڏڙو مينهن (جو مارچ ۽ اپريل مهينن ۾ بعضي ننڍن ڳڙن جي صورت ۾ وسي. چون ٿا ته انهيءَ مينهن جي ڦڙن جهڻڻ ڪري سپن ۾ موتي پيدا ٿيندا آهن. ڏسو 'جانجڙو مينهن'، يا 'نيسان').
_ **آبَ وتاب:** ذ. آب تاب.
_ **آب هوا ج آب هوائون:** ث [ف.آب و هوا] پاڻيءَ ۽ هوا جي گڏيل ڪيفيت. ڪنهن ملڪ يا شهر جي موسمي يا طبعي حالت.
موسم – مُند.
_ **آب هوا بدلائڻ:** صحت سانگي ڪنهن خاص شهر يا مُلڪ ڏي وڃڻ – هوا بدلائڻ.
_ **آب هوا بدلجڻ:** موسم جو بدلجڻ – موسم جي تاثير ۾ فرق اچڻ.
_ **آب هوا بگڙڻ:** موسم جو خراب ٿيڻ.
_ **آب هوا ڀاءِ پوڻ:** هوا ۽ پاڻيءَ جو طبيعت کي پسند اچڻ ۽ صحت لاءِ مفيد ثابت ٿيڻ – آب هوا جو طبيعت موافق ٿيڻ.
_ **آبيُ ج آبيُ:** ذ. صفت. پاڻيءَ جو –پاڻيءَ وارو. پاڻيءَ ۾ رهندڙ (جانور). ٿڌو.
_ **آبيار:** ث. مينهن جي ڪوٽيل نئن –جابلو نهر – واهي. واهُ. ڪَڙيو – ڪَسِيُ.
_ **آبيارَ:** ذ. زمينَ کي سائو ۽ آباد ڪندڙ پاڻي. (صفت) وڻن ۽ ٻنين کي پاڻي ڏيندڙ.
_ **آبياري:** ث. وڻن وغيره کي پاڻي ڏيڻ جو ڪم – آب پاشي. ريج جو پاڻي. پکيءَ جو هڪ قسم – پاڻيءَ جي سطح مٿان آڪيرو ٺاهيندڙ هڪ ننڍڙو پکي.
_ **آبيانو:** ذ. پاڻيءَ تي ٻڌل هڪ قسم جي ڍل (جا سيني جاگيردارن ۽ زميندارن کان ورتي وڃي).
● **آ_بَا:** ذ. 'الف ب' جي 'مَدَ' سان هجي. 'الف_ب' جي مدّ سان هجي جا تتڪرا.
_ **آبَادُ:** صفت. [ف] سرسبز (پاڻيءَ جي ڪري)_ سائو. پاني، ساوڪ ۽ ماڻهن جي ڪري وسايل (ملڪ) – وسندڙ – وَسيَل – برسيل. پوکيل. وڌندڙ. ترو تازه. خوش خُرم – خوَش – شاد "شل آباد هجين!". (اسم خاص) ڪنڊياري، جيڪب آباد، ڏوڪري، سيوهڻ، ڪوٽڙي، ميهڙ، واره، روهڙيءَ ڪوٽ ڏيجيءَ تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
_ **آبَادَانُ:** صفت. تمام گهاٽو وسايل (ملڪ) – ماڻهن سان ڀرپور.
_ **آبَادَاني:** ث. سرسبزي – ساوڪ – آبادي. پوک. وَسَنَئُ – بستي. رونق. خوشحالي.
_ **آبَادُ ٿيڻ:** ڪنهن زمين جو پوکي هيٺ اچڻ. ڪنهن مُلڪ، شهر يا ڳوٺ جو وسڻ. سُکيو ٿيڻ –آسودو ٿيڻ.
_ **آبادُ ڏسڻ:** ڪنهن ماڻهوءَ کي خوش ڏسڻ. ڪنهن بستيءَ

ـ **آبَ داڻو:** ذ. داڻو پاڻي — انّ جل. ڪاڌو پيتو. رزق. روزينو. قسمت — نصيب.

ـ **آبَ داڻو بَند ڪرڻ:** داڻو پاڻي بند ڪرڻ.

ـ **آبَ داڻو کُڻڻ:** حياتيءَ جا ڏينهن پورا ٿيڻ. حياتيءَ جووقت پورو ٿيڻ. مري وڃڻ. مسافري ڪري ڪي هڪ هنڌ ڪان ٻئي هنڌ وڃڻ "هاڻ منهنجي دل ڪجي ويئي ديس ڪان، ڇڻ چمن مان آب داڻو ويو کڃي."

ـ **آبَ داڻو کُلڻ:** قسمت کُلڻ.

ـ **آبَ داڻي جِي ڇڪ لِڳڻ:** رزق جي ڪشش ڪان ڏوراهن ڏيهن تي وڃي نڪرڻ. يا ڏوراهين پنڌ تان وطن يا منزل تي اچي پهچڻ.

ـ **آبَ داڻي جي ڳالهه هُئڻ:** تقديري معاملو يا لکيو هئڻ.

ـ **آبَ داڻي جي هَٿ ۾ هُئڻ:** تقدير جي وس ۾ هُئڻ.

ـ **آبِدَسْتْ:** ذ. هٿن ڌئڻ جو ٿانءُ — گِيندِي — چلمچي. استنجا — طَهارت. وضو.

ـ **آبِ دوز:** صفت. پاڻيءَ هيٺ آيل — ٻڏل — غرق. پاڻيءَ جي اندران هلندڙ ٻيڙيءَ جو هڪ قسم (جا اندران وڃي دشمن جي جهاز کي ڏڪ هڻي ناس ڪري).

ـ **آبِ دَهَن:** ذ. وات جو پاڻي — پڪ — لعاب.

ـ **آبِ دِيدَہ:** ذ. اکين جو پاڻي — ڳوڙها — لڙڪ — هنجون.

ـ **آبِ دِيدَه:** صفت. اکين ۾ پاڻي پرجي آيل — رئڻ هارڪو — رئندڙ.

ـ **آبِ دِيدهٔ ٿيڻ:** رئڻ هارڪو ٿيڻ — ڏکارو ٿيڻ — دلگير ٿيڻ.

ـ **آبَ ڏيڻ:** عزت ڏيڻ — مان ڏيڻ. آبدار ڪرڻ — چمڪائڻ. بي عزت ڪرڻ.

ـ **آبَ رَکڻ:** عزت رکڻ — پت رکڻ.

ـ **آبِ رَوان:** ذ. وهندڙ پاڻي. ڪپڙي جو هڪ قسم — سَنهي ململ جو هڪ قسم.

ـ **آبرو:** ث. (آب + روءِ)مُنهن جو پاڻي.عزت — مان — مرتبو.

ـ **آبريز:** ذ. ڇڻڪار لاءِ ٿانءُ — ڦوهارو. ڏول. باڙدي. نيسارو. گندي پاڻيءَ جي کڏ.

ـ **آبِ زر:** ذ. سون جو پاڻي — ملمع. سنيد شراب. زعفران.

ـ **آبِ زُلال:** ذ. صاف ۽ مٺو پاڻي. عربستان ۾ واريءَ کي کوٽي کڍيل صاف پاڻي. (برف ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ ڪينئون. جنهن جو نالو زُلال چون. اهو ڪينئون مقدار ۾ آڱر ڪان ڪجهه وڏو ٿئي. برفاني ملڪن ۾ ان کي نچوڙي ان جو رس پين).

ـ **آبِ زَمزَم:** ذ. زم زم کوهه جو پاڻي (زم زم کوهه لاءِ چيو وڃي ٿو ته بيبي هاجره حضرت اسماعيل عليه السلام جي ولادت کان پوءِ اڃ سبب پاڻيءَ جي تلاش ۾ 'صفا' ۽ 'مروه' جبلن جي وچ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي هئي. خدا جو شان! جنهن زمين تي حضرت اسماعيل ستو پيو هو، اتي سندس پيرن جي ڪُڙين لڳڻ سبب پاڻي نڪري پيو. جڏهن پاڻي وهي هلڻ لڳو، تڏهن بيبي صاحبه ڪيس مٽيءَ جو ٻنوڙو ڏيئي چيو 'زم زم' يعني 'ٿم ٿم' يا 'بيهه بيهه'. جيئن ته هي حضرت اسماعيل عليه السلام جو هڪ معجزو آهي ۽ خانه ڪعبه ۾ به اهو پاڻي اڃا سوڌو صرف ٿئي ٿو، تنهن سبب مسلمان ان جي وڏي عزت ڪندا آهن ۽ حاجي پنهنجي ملڪ ۾ تبرڪاً نيندا آهن. هڪ حديث موجب هي پاڻي مرضن واسطي آب شفا آهي).

ـ **آبِ سَبِيل:** ذ. سبيل جو پاڻي — خدا ڪارڻ خيرات جو پاڻي (رستيَ تي مسافرن لاءِ رکيل).

ـ **آبِ سُرخ:** ذ. ڳاڙهو پاڻي. شراب.

ـ **آبِ سِياهَ:** ذ. ڪارو پاڻي. اونهو پاڻي (جو تَرَ ۾ ڪاراڻ تي مائل ڏسبو آهي). نزلي جو پاڻي (جو اکين ۾ پيدا ٿئي ۽ نظر لاءِ نقصانڪار آهي). شراب.

ـ **آبشار ج آبشار:** ذ. زور ۽ وڏي آواز سان (جبل تان) هيٺ ڪرندڙ پاڻي — سالارو. جبلن مان سمنڊ پاڻيءَ جي زور سان (آواز ڪري هيٺ ڪرندڙ) وهندڙ نَهَر. زمين مان ڳوها ڪري نڪرندڙ پاڻي. جهرڻو.

ـ **آبِ شُمار:** ذ. پاڻيءَ جي ماپ ڏيکاريندڙ اوزار — Water Gauge.

ـ **آبِ شَمشير:** ذ. تلوار جي ڌار، تيزي يا چمڪ.

ـ **آبشَناس:** صفت. پاڻي سُڃاڻيندڙ. زمين مان پاڻي ڳولي ڪڍڻ جو ماهر يا ڄاڻو. ڪاري مٽي پاڻيءَ جي زمين کي سُڃاڻيندڙ — کوهاڻو. سامونڊي وهڪرن ۽ طوفان جي اهڃاڻن کي سهي ڪندڙ — آزمودگار ملاح.

ـ **آبِ شور:** ذ. کارو پاڻي. سمنڊ جو پاڻي.

ـ **آبِ شيرين:** ذ. مٺو پاڻي. درياه، کوهه يا ڪنهن نهر جو پاڻي.

ـ **آبڪار ج آبڪار:** ذ. صفت. پاڻيءَ جو ڪم ڪندڙ. پاڻي پريندڙ — پکالي. پاڻي پيارينڊڙ — ساقي. شراب فروش. شراب چڪائيندڙ. ڪلال. جوهر صاف ڪندڙ — جوهري.

ـ **آبڪاري:** ذ. شراب ۽ ٻين نشيدار شين جي چوڪسي رکندڙ

ـ **آترتائِي:** صفت. تکڙو ـ اُبهرو ـ بي صبر ـ آتو.

ـ **آتَرو ۽ آتَرا:** ذ. صفت. بي صبر ـ آتو. آکرو. تيِسرُ: هڪ هنڌ نہ وهندڙ ـ بي سُکو.

ـ **آتَر ويلا:** ث. بي صبرائي ـ اُبهرائي ـ جلدائي. لوچ پوچ ـ آنڌمانڌ.

ـ **آتَرويلالڳڻ:** بي صبرائي ٿيڻ ـ اُبهرائي ٿيڻ. لوچ پوچ ٿيڻ.

ـ **آتَرِيْ ۽ آتَرِيُونْ** ث. صفت. 'آتَرو' جو مونث. ابهري ـ تکڙي. (دل جي) هلکڙيْ ـ واهيات. گار طور کم ايندڙ لفظ.

● **آتَروْڙَجَڻُ (ٿ):** مصدر. ڪاڏي جو نڙيءَ ۾ اٽڪڻ سبب اُٿُو اچڻ.

● **آتَرُوْ ۽ آتَرُوْ:** ذ. گِره يا پاڻيءَ جي ڍُڪ جو نڙيءَ ۾ اٽڪڻ جي حالت ـ اُٿو ـ اُبٿو.

● **آتَرِي ۽ آتَرِيُونْ (ڪ):** ث. [سن. ١. آت = اندران (پيٽ مان) تي آيل شي؛ ٢. آوَرْتَہ] پاڻي پيڻ وقت نڙيءَ جي اٽڪاءَ سبب آيل اُٿُو ـ اُتڙو. ٿُبِيْ. غوطو. اونهي پاڻيءَ جي کَڏَ (جتي غوطا اچن). کُنْبُ.

● **آتش:** ث. [ف] آڳ ـ باهہ ـ چيرو. ڪاوڙ ـ غصو ـ چڙ. تپش (دل جِي) ـ سوزُ ـ درد. گرمي ـ حرارت. ترشنا ـ اُڄَ ـ اُساٽَ. قُوَت باهہ ـ شهوت ـ ڪام.

● **آتشْ آفْروز:** صفت. بَاهہ ٻاريندڙ ـ باهہ ڀڙڪائيندڙ. شرارتي ـ فَسادي. (ذ) باهہ جو ٻَارَڻُ. هڪ پکيءَ جو نالو ـ عَنْقَا (ع) ـ سيمرُغ (ف). (چيو وڃي ٿو تہ هن پکيءَ جي خوراڪ ٻيهہ جانور روزانہ آهي، سنڌيءَ ۾ گرڙ پکيءَ نسبت پڻ اهڙي ڏند ڪٿا آهي. شايد انهيءَ پکيءَ (سيمرغ، عنقا، گرڙ پکيءُ) جي هاضمي جي گڃي، آتش افروز = باهہ جو ٻارڻ آهي، جو جيڪي ڪائي سو هضم ٿي پچي وڃي، يا تہ هن جي وات مان ڪائڻ وقت باهہ جا اُلا نڪرندا هجن. چيو وڃي ٿو تہ هيءُ پکي زردشت تخيل جو افسانوي پکي آهي).

ـ **آتشْ افروزِيْ:** ث. باهہ جو ڀڙڪاءُ. آتشبازي. شرارت.

ـ **آتَشْ اَفْشان:** صفت. ڇنڊيندڙ ـ باهہ اُڇليندڙ (ٻرندڙ جبل)

ـ **آتَشْ اَنْدَازْ:** ذ. صفت. باهہ اُڇلائيندڙ (ماڻهو يا اوزار). چڻنگوُن ڇڏَيندڙ (ڪوئلو). باهہ ٻاريندڙ (ماچيس جي تيلي).

ـ **آتشْ اَنگيزُ:** ذ. صفت. باهہ ٻاريندڙ ـ باهہ اُٿاريندڙ. فسادي ـ شَرارتي. شهوت اُٿاريندڙ (دوا، وغيره)

ـ **آتش بَارْ:** ذ. صفت. باهہ وسائيندڙ. آتشبازي يا توبزني ڪندڙ. (ذ) ڪَوبہ جنگي هٿيارُ (توب، بندوق، بم). بندوق جو گهوڙو. ٻارڻ جي پيتي. ماچيس جي تيلي. ڦٽاڪو. وِڄَ سَار. قطبي دنيا جي برف باري (جا اکيون ڪيريون ڪري).

ـ **آتشْ بَارِيْ:** ث. جنگ جي وقت بندوقن يا توبن جو وسڪارو ـ گولاباري. بارود جو وسڪارو.

● **آتشْ بَازُ:** ذ. صفت. ڦٽاڪا يا آتشبازيءَ جو سامان ٺاهيندڙ بنِدوق باز. باهہ سان راند ڪندڙ. انجڻ جي آڳ وارو . مُهَنْدِسُ (ع).

ـ **آتشَ بازِيْ:** ث. بارود مان ٺهيل سامان (ڦٽاڪا وغيره) ڦٽَاڪي راند. باهہ جي راند. دَارُوْنْ ساڙڻ جو تماشو.

ـ **آتشْ بَانْ:** ذ. صفت. باهہ وارو. (ذ) شيطان ـ جنّ. نفس امّاره ڪَيڙائُو تارو. لوهي چُلهہ ـ منگل. ڪُوُرو. اَڇارو يا ڇڇهري (جنهن تي اُس پوي، يا سياري ۾ اُس وڃي). ذهن وارو وهٽ (خاص ڪري گهوڙو).

ـ **آتشْ بي دُوْد:** ث. بنا دونهين باهہ. سُج. (اصطلاحا) معشوق جا سُرخ لَب. شراب ۽ ان جي سُرخي.

ـ **آتش پَا:** صفت. تمام تکو ـ جلد باز ـ تيز رفتار. ذهني پاڻيءَ وارو (گهوڙو). بجلي. وڄ ـ ڪنوڻ. باهہ جو ٽڪرو.

ـ **آتشْ پَارَهْ:** ذ. باهہ جو ٽڪرو. باهہ جي چڻنگ. ٻرندڙ ڪوئلو تيَلي. چٽانْتي. چنڊ. ڪڙڪيتو. (صفت) جوشيلو ـ چيڙاڪ.

ـ **آتشْ پَرِسْتُ:** ذ. صفت باهہ جو پوڄاري ـ جوت پوڄاري زرَدشتي مت جو پوئلڳ ـ گبرُ. طبيب. پتنگ.

ـ **آتشْ پَرِسْتيْ:** ث. باهہ جي پوڄا ـ اگني پوڄا.

ـ **آتَشْ جو پَرِڳالو:** ذ. باهہ جي چڻنگ. شعلو. (صفت) حَسِيْن ـ خوبصورت. فتنہ انگيز. چالاڪ.

ـ **آتش خَاموش:** ث. اُها باهہ جا اڃا ڀڙڪي نہ هجي.

ـ **آتَشْ خَانو ۽ آتِشْ خَانَا:** ذ. باهہ جي جاءِ. سياري ۾ باهہ ٻارڻ جو هنڌ. آتش پرستيءَ جي جاءِ ـ آتشْڪده. بارود خانو.

ـ **آتشْ خَوار:** ذ. صفت. باهہ ڪائيندڙ. حَرام جو ڪاڌو ڪائيندڙ ـ رشَوتي. ظالم (ذ) هميشہ باهہ ۾ رهندڙ يا باهہ مان پيدا ٿيندڙ هڪ پکي ـ قُقْنُس.

ـ **آتشْ خَيَالُ:** ذ. صفت. تخيّل جو تکو ـ تيز فهم.

ـ **آتَشْ دَانُ:** ذ. باهہ ٻارڻ يا باهہ رکڻ جي جاءِ. ڀٺي. سگري.

ـ **آتَشْ دَسْت:** ذ. صفت. چالاڪ ـ ڦُڙت ـ هوشيار.

ـ **آتَشْ دَمْ:** ذ. صفت. فصيح بليغ.

ـ **آتِشْ رُخ:** ذ. صفت. ٻاڙهي يا چمڪندڙ مُنهن

خوبصورت. آتش رُوءِ. معشوق.

_ **آتش رُوءِ:** ذ. صفت آتش رُخ.

_ **آتش زَبان:** ذ. صفت. فصيح بليغ – ولولہ انگيز. اُهو شاعر جنهن جي ڪلام ۾ جذبو هجي. جو ٻڌندڙن کي ڀڙڪائي. تمام تيز ڳالهائيندڙ.

_ **آتش زدگي:** ث. باهہ لڳڻ جي حالت.

_ **آتش زده:** ذ. صفت باهہ لڳل – سڙيل.

_ **آتشستان:** ذ. اُها جاءِ جتي باهہ پئي وسي. مڙدي ساڙڻ لاءِ ڪاٺين جو ڍڳ. مساڻ.

_ **آتش سُخن:** ذ. جلائيندڙ الفاظ ڪم ۾ آڻيندڙ. گلاخور. غاصب.

_ **آتش طَبع:** ذ. صفت. نهايت تيزمزاج وارو – تند مزاج. چيڙاڪ. تيزفهم.

_ **آتش طلعت:** ذ. صفت. ٻرندڙ مُنهن وارو – آتش رُوءِ. حَسين – سُهڻو.

_ **آتش عنان:** ذ. تيز رفتار گهوڙو.

_ **آتش فام:** ذ. صفت. باهہ جي رنگ جهڙو حَسين.

_ **آتش فشان:** ذ. صفت. باهہ وَسائيندڙ (جبل)_ ٻرندڙ (جبل) – جوالا مُکي. باهہ ڪيندڙ (پٿر). (ث) اوزارن تکي ڪرڻ جي سراڻ (جا اوزار لائڻ وقت چڻنگون ڪڍي).

_ **آتش فشاني:** ث. باهہ وَسڻ يا وَسائڻ جو ڪم. باهہ جو وسڪارو. بمباري.

_ **آتشڪ:** ث. ٿوري باهہ – باهڙي. وچ. ڪڙڪهيتو. بيماريءَ جو هڪ قسم – ٽاڪي.

_ **آتشڪده:** ذ. باهہ جو گهر –آتش خانو. پارسين جي عبادتگاهہ (جتي سدائين باهہ ٻرندي رهي).

_ **آتش ڪَش:** ذ. (ڪوري مان) باهہ ڪيڻ جو اوزار – انبوري (لوهار جي).

_ **آتش گاهُ:** ذ. آتشڪده _ آتش خانو.

_ **آتش گر:** ذ. صفت. لوهار.

_ **آتش گري:** ث. لوهارڪو ڌنڌو.

_ **آتش گولو:** ذ. باهہ جو گولو – ٻر گولو – ٻَر.

_ **آتش گير:** ذ. باهہ جهلڻ يا ٽانڊن کڻڻ جو اوزار – چمٽو – دست پناهہ.

_ **آتش لِباس:** ذ. صفت. باهہ جي رنگ جهڙن ڪپڙن ۾ پهريل. واڱڻائي رنگ جي ڪپڙن ۾ ملبوس.

_ **آتش مزاج:** ذ. صفت. تکي طبيعت وارو – چيڙاڪ – تندخو – جوشيلو. تيِّسَرُ.

_ **آتشناڪ:** ذ. صفت. باهہ جهڙو. ڪاوڙيل – چڙٿو. تند خو – آتش مزاج.

_ **آتشناڪ:** ذ. صفت. باهہ جهڙو. ڪاوڙيل – چڙٿو. تند خو_ آتش مزاج.

_ **آتش نفس:** ذ. صفت.باهہ جهڙو گرم پساهہ ڪڍندڙ. فصيح.

_ **آتش نهاد:** ذ. صفت. باهہ جهڙي طبيعت رکندڙ – چيڙاڪ.

_ **آتش نمرود:** ث. نمرودڪافر طرفان. حضرت ابراهيم عليہ السّلام کي جلائڻ جي ارادي سان ٻاريل باهہ. آڙاهہ – ڏاگهہ.

_ **آتشي ج آتشي:** ذ. صفت. باهہ جو – باهہ وارو. باهہ جو جوڙ – باهہ جو اثرانداز. باهہ جهڙو. گرم طبيعت وارو – جوش وارو – جوشيلو. چيڙاڪ. قوّت باهہ وارو – ڪامي – شهوتي. (ث) چئن طبيعتن مان هڪ جو نالو (آتشي، آبي، خاڪي، بادي). جنّ. پَري.

_ **آتشيان:** ذ. صفت. باهہ وارا. دوزخ جا ماڻهو. ديو. جن وغيره.

_ **آتشي اوڙاهہ:** آتشي هوس وارو اوڙاهہ.

_ **آتشي آئينو:** ذ. سجّ جا ڪرڻا جهڙي باهہ پيدا ڪندڙ شيشو – اگني ڪانچ. ڪنهن شيءِ جي جوهر ڪيڻ لاءِ. يالتوي جي بيمار کي ڏيکاري ان جي منهن کي سڌو ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ شيشو – تپاڪ.

_ **آتشي بُرج:** ذ. نحس تارو. نحوسيت جو اثر رکندڙ برج يا تارن جو ميڙ (علم نجوم موجب آسمان ۾ ٽي بُرج آتشي آهن. ١.حَملُ، ٢.اسد، ٣. قوس).

_ **آتشي حرف:** ذ. علم جفرجي اصطلاح ۾ ابجد جا ست حرف (ا، ه، ط، ف، ش، ذ ۽ م).

_ **آتشين:** صفت. باهہ جهڙو – جلائيندڙ – ساڙيندڙ. گرم.

_ **آتشيون اُٿارڻ:** باهيون ٻارڻ – مَچ مچائڻ. دونهان دکائڻ. (اصطلاحاً) دل ۾ درد پيدا ڪرڻ. عشق ۽ محبت ۾ گرفتار ڪرڻ.

• **آتلاهُ:** اسم خاص. تعلقي ڏگهڙيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **آتَمَ:** ذ. [سن. آتمَنُ = ڦوڪيل رُوح] اصلوڪو آدَ وارو رُوح (جو آدم ۾ رب تعاليٰ ڦوڪيو هو). رُوح. دل. مَنُ. نفس. ذات. جان. فهم – عقل. چاڻ. آتما. مرضي – خواهش – اِڇا. يوناني طبيبن جي اصطلاح ۾ دل ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لطيف بُخار.

_ **آتما:** ث. آتم — رُوح. رُوح جي بلند پروازيءَ جي حالت. اعليٰ رُوح. ضمير. دل. نفس.

_ **آتما پُوري ٿيڻ:** مرضي پوري ٿيڻ. خوش ٿيڻ.

_ **آتمَ بُڌ:** ث. پاڻ کي سڃاڻڻ جي حالت — خودشناسي. نفس شناسي. عرفان.

_ **آتمَ بوڌ:** ث. پاڻ کي سڃاڻڻ جي سمجهه. عقل — فهم.

_ **آتمتا:** ث. روحانيت — آتمڪيه.

_ **آتمَ پالڪ:** ذ. صفت. پاڻ سنڀاليندڙ. خود غرض.

_ **آتمَ پد:** ذ. آتما جي گيان جو درجو — وڏو روحاني درجو — روحاني منزل — عرفان.

_ **آتمَ جوڳ:** ذ. روهاني ميلاپ — وصل "ستگُر سڪائي، جڳت آتم جوڳ جي" (سامي)

_ **آتمَ ديوُ:** ذ. هندن جي هڪ ديوتا جو نالو.

_ **آتمَ ڌَن:** ذ. روحاني دولت "پرچي ڌنو جنهن پوربيءَ، آتم ڌن آتاهه" (سامي).

_ **آتمَ شَڪتي:** ث. روحاني قوت. قوّت ارادي. اِڇا شڪتي.

_ **آتمڪ:** ذ. روحاني خيال (صفت) روحاني — قدرتي.

_ **آتمَ ڪٿا:** ث. آتم ڪهاڻي.

_ **آتمڪيه:** ث. آتمتا — روحانيت.

_ **آتمَ ڪهاڻي:** ث. آتم ڪٿا — روحاني فلسفو. پنهنجي سوانح عمري. ڪنهن بزرگ جا لکيل مقالات.

_ **آتمَ گيان:** ذ. روحاني علم. علم معرفت — خدا شناسي ۽ خودشناسيءَ جو علم "جنهن کي آتمَ گيان، سامي ڏنو ستگرو" (سامي)

_ **آتمَ گياني:** ث. خود شناسي (جا مرشد هٿان حاصل ٿئي). (ذ. صفت) پاڻ سڃاڻندڙ — خودشناس.

_ **آتمَ گهاتُ:** ذ. روحاني موت (گناهن سبب). آپ گهات — خودڪُشي.

_ **آتمَ گهاتڪ:** ذ. آتم گهاتي.

_ **آتمَ گهاتي:** ث. وڃايل رُوح جي حالت. وڃايل رُوح. (ذ. صفت) روحاني موت وارو — آپ گهات ڪندڙ — پاڻ ماريندڙ.

_ **آتمَ واديُ:** ذ. صفت. پنهنجو پاڻ متعلق ڳالهائيندڙ.

_ **آتمَ وت:** صفت. آتما جهڙو. (ذ) وجود جو حال.

_ **آتمَ وديا:** ث. روحاني ڄاڻ. خودشناسي.

_ **آتمَ هَتُ:** ذ. جو ڪجهه پاڻ.

_ **آتمَ هَتيا:** ث. خودڪشي — آتم گهات.

_ **آتمَ هَچا:** ث. آپ گهات.

_ **آتميڪ:** صفت. روحاني.

• **آتڻَ ج آتڻَ:** ذ. [سن. ١. آرتن = هُنر جي ڪم وارو هنڌ. هُنر گهر. ٢. آ = چوڌاري + تَن = ڪَتڻ] گڏجي ويهي سُٽ ڪتڻ جي جاءِ "اديون آتڻ واريون، ائين وجو سڀ وري" (شاهه). وصال جي منزل يا مڪان. گڏجاڻي — ميلاپ. آرام — آسائش. زماني جي زيب زينت جو هنري سامان. دنيا جي آسائش ۽ زيب زينت جو ٺٽُ. [سن. آيَتن] وهڻ جو هنڌ. ٽيڪ. گهر. آرام گاهه قربان گاهه. حرم. گهر جو پٽُ. پاندو. (ذ. صفت) زنانو — عورتن جهڙو — بي مڙسيو — سُست.

_ **آتڻَ اُجڙڻ ٿيڻ:** ڪچهري برباد ٿيڻ. خاندان جو خاندان ناس ٿيڻ.

_ **آتڻ اُجهامڻ:** آتڻ جو اوچ چٽ ٿي وڃڻ. ڪتڻ وارين جو ٽڙي پکڙي وڃڻ. محفل جو برباد ٿيڻ.

_ **آتڻ نه هُئڻ:** بي هنر هجڻ. بيڪار سمجهڻ ۾ اچڻ. لَلِ ٿي نه هجڻ — مردانگي نه هجڻ.

_ **آتڻ ڪتُر:** آتڻ ۾ ويهي چرخو ڪتيم.

_ **آتڻَ کي اوڏو رکڻ:** پنهنجي ڪم تي هوشيار رهڻ.

• **آتِڻُ:** مصدر. [سن. آت = اندران آيل. اوڪاريل وٺ] اوڪارڻ — اُلٽي ڪرڻ. اُبڙڪا ڏيڻ. (آتيو — آتيندو — آتيَل).

• **آتاهه:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آتو ج آتا:** ذ. صفت [سن. ١. آرتَ = آتو؛ ٢. آرتَ > آرڌ = ڏک ڏيڻ؛ ٣. آتَر = هلاڪ. ٿڪل]. تڪڙو — اُبهرو. بيتاب — بيقرار — منتظر. ڪڪ — هلاڪ — بيزار — ماندو. لاچارُ — حيران — پريشان. وياڪل — عاجز. ضرورتمند — گهرجائو.

_ **آتو ٿيڻ:** بيتاب ٿيڻ. تڪڙو ٿيڻ. (جي ڪم نه ٿئي ته) ڪڪ ٿيڻ — بيزار ٿيڻ. ماندو ٿيڻ.

• **آتُو ج آتُو:** ث. صفت. [سن. آرتُو = ڪتڻ جو ڪم ڪندڙ] سيڪاريندڙ يا سنڀاليندڙ زال.

• **آتي ج آتي (ڪ):** ذ. صفت. جو ايندو رهي — هميشه ايندڙ. آهتي _ ڳراهڪ. (صفت) ايندڙ — ايندڙ وقت وارو (ث).

• **آتي ڪَتي (ث):** ذ. ايندڙ ڪتيءَ جو فصل.

• **آتيرو ج آتيرا:** ذ. گولين جي راند ۾ گوليءَ تي گولي هٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندڙ – برسات جي وسڻ جا آثار ڇانئندڙ. "آٿوٺا اگهڻ تي، هو ويهي واجهائين'. ناس وايو – ناسوٽو (ل).

• **آٿوبجڻ:** مصدر. ڪاوڙ جا وَٽ وجهڻ. ڪاوڙ گهٽ ڪرڻ. (آٿوبو – آٿوبيو – آٿوبيل).

• **آٿوبو (ٿ):** ذ. [سن. آسٿيَہ = آهستگي] ڪاوڙ. لَهَر (نانگ جي) ڦوڪيل ڦڻ جي ڊار. ڊرائي.

• **آٿيرڻ (ٿ):** ذ. چوپائي مال جي سُڃاڻپ جو هڪ داغ.

• **آٿيرو ج آٿيرا:** ذ. ٿلهو – ڍِڪو – ٿابو – ڊومائي. ڇتي جي ٽوبيءَ کي هينان جُڙي چوڪ (ٿ).

• **آٿيرا ڪائڻ:** ڍڪا ڪائڻ – ٿابا ڪائڻ – ڊومان ڪائڻ.

• **آٿيلا:** ٿ. [سن. ٿيلاءَ = ڏکهي ترائي] ترائي. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو – آٿلا. تعلقي ڏکڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آٽ ج آٽون:** ٿ. [سن. آشٽَ = ڇيڙهه يا ليس (اٽي، ڪونئر، لئي، پڪل چاش يا ٻيءَ ڪنهن شيءِ جو)] گهاٽي، لَڳ لِڳ دار رَسُ جا سُڪي پجاڻا سخت ٿي وڃي، ۽ وري ڳري به سگهي (جهڙوڪ ڏاٿو وغيره). سختي – ٽانائي – ڇيڙهائي. ضد – هوڏ – رَڏي. آٽ جي سوٽ ٿيڻ جي حالت – انگيز. سُٽ جي ويڙهي – ڏيري. آنڊي جو وَٽُ. سُوريءَ جو مرض – پيچش. آني. آنڊي جي اَچل. وَر – وَٽ – وَڪڙ. ڦيرو. موٽ. عوضو. عذر –بهانو – منهُن. سبب. نانگ ويڙهو – ٻيگل رسو – واڍ. [سن. آورتڻ] گهمرو – ڦيري – چڪرُ. پيتڪو – رولو. ڪُوات – بي راهي – ڪُپيري "اچي پيا آٽ ۾، وات وڃائي جن" (شاهه). پاڻيءَ جو ڦيرو –ڪُن. گوشت جو ديگ ۾ ڦتڪڻ ياڳرڻ جي حالت. ڳرڻ يا رَڌڻ جي حالت – ڳارو. جيءَ جو گداز –ڳاراٽو "آٽي سي ايڪ ٿيا، ڳتا نينهن ڳري" (شاهه). اُٿل پٿل (اندر جي). سوز – ساڙو. باهه. سڪ – محبت. دستور – راهه – رسم "چي، آڳ رکي، آٽون پچي، عُذر تو آٽين". ترتيب – قرينو [سن. آرَٽ] اوٽ – جهلو – اڙ – رنڊڪ – اڙي. ٽوبيءَ جو هڪ قسم – اوٽي. پردي جي اوٽ. لهر جي چاڙهه جي اوٽ. اکين اڳيان پردو. خيال جو اندازو – تخمينو – ڪَٽَ. حساب ڪتاب.

– **آٽ آڻڻ:** عذر پيش ڪرڻ.

– **آٽ اَچڻ:** بهانو هٿ اچڻ – ڪنهن ڪوڙي عذر کي هَٿي اچڻ. سبب ٻڌجڻ.

– **آٽ اُڇلائڻ:** ڏنگ هڻڻ. نانگ وانگر حملو ڪرڻ.

– **آٽ پوڻ:** پيٽ يا آندن ۾ وڪڙ پوڻ

– **آٽ ڏيڻ:** سبب ڏيڻ – عذر ڏيڻ. آڙڏيڻ – رنڊڪ وجهڻ. بچاءُ ڏيڻ.

هوڏ يا هُڏيءَ واري ڇڙٻ ڏيڻ.

– **آٽ ڳاٽ:** ٿ. لوهه يا ڌاتوءَ جي پلٽ. ملاوٽ – ميلاپ.

– **آٽ ڳاٽ ڪرڻ:** اُلٽ پلٽ ڪرڻ –اُٿل پٿل ڪرڻ. عوض ۽ معاوضي جو طريقو اختيار ڪرڻ. ڏي وٺ ڪرڻ. وهنوار ڪرڻ. بدلو ڪرڻ.

– **آٽ وارڻ:** ٻنهي طرفان عذر ڏيڻ.

– **آٽ وجهڻ:** ور وڪڙ وجهڻ (پيٽ ۾). رنڊڪ وجهڻ.

– **آٽون پچڻ:** عذر بهانا ڏيڻ. وڪڙوجهڻ.

– **آٽون موٽا ڏيڻ (ٿ):** عذر بهانا ڏيڻ. آڙتيون ڦڙتيون ڏيڻ (ملهه ۾). اٽڪلون ڪرڻ. چالاڪي ڪرڻ.

• **آٽار ج آٽارَ:** ذ. [سن. آشٽارَگيہ] جور گپ واري زمين – ڌُٻڻ. بياباني يا ريگستاني ڌُٻڻ. درياءَ جي ڌُٻڻ. واريا سو پٽ. واريءَ سان ڍڪيل زمين. ويرانو. صحرا. ميدان.

• **آٽارڻ:** مصدر. [سن. آ = چوڌاري + سَترڻ = وڇائڻ، ٻُرڪڻ] پکيڙڻ. ڳوهڻ (اٽو). ڳوهيل اٽي کي آٽڻ سان لوئڻ. (ڪُني کي) اٽي سان لنبڻ يا ڍڪڻ. ڍَڪڻُ. واريءَ سان پرڻ. (آٽاريو –آٽاريندو – آٽاريَل).

• **آٽا ماٽا:** ظرف. [سن. آشٽيہ =ڳوهيل اٽو + ماشٽيہ = موهيل اٽو] ڳوهيل اٽي جي مَٽ سَٽ (ڪي زالون هڪ ٻئي سان پاڻ ۾ ڳوهيل اٽومٽائينديون آهن. اهڙي بدل سدل کي 'آٽاماٽا' چئبو آهي). وهنوار – لاڙپاڙ – پاڙ جهاڙ.

• **آٽا ماٽا ٿيڻ:** برابر ٿيڻ – هڪ جهڙو ٿيڻ. وهنوار ٿيڻ – لاڙ پاڙ ٿيڻ.

• **آٽانگڻ (ٿ):** مصدر. مٽي ٽنگڻ (ڪُنڀل پهروءَ کي) ٽنگ ڪان جهلي مٽ ٽنگڻ ۽ انگ انگ ڪپڻ. مٽي جهلي تورڻ_ وزن ڪرڻ (ٿ). (آٽانگيو – آٽانگيندو – آٽانگيَل).

• **آٽالو ج آٽالا:** ذ. [سن. آشٽَ] آلي مٽيءَ جو ڍير. ڳوهيل يا ماريل مٽيءَ جو ڍڳ (سربند. ڪنير يا اوڏ جي ڪم لاءِ). [سن. آشٽريہ = ايراضي، پکيڙ] ايراضي – پکيڙ. ڪعب ماپ. ٻي اندازشيءِ جو تخمينو يا ڪٿ. ماپ. عمق. (صفت) اونهو – گهاٽو – گهور – عميق – اُٿاهه (پاٽي).

• **آٽاٽي ج آٽاٽيون:** ٿ. [سن. آوَرتَن] ڌاتو ڳارڻ جي حالت – ڌاتو ڳارڻ جو ڪم – ڳاراٽي. ڌاتو ڳارڻ جو محنتاڻو. سون، چاندي ڳارڻ جو محنتاڻو. ڌاتو ڳارڻ جي ڪوري – ڪوٺاري.سوز – ساڙ – پچ. نندوائٽ – آٽِتڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- **آپي خان ٿيڻ:** خود خيال ٿيڻ. پنهنجي منهن مُهاڙ ٿيڻ.
- **آپي خاني:** ظرف. پنهنجي گهر. پنهنجي خيال رُد خود – خودخيال – مُنهن مُهاڙ. جدا – علحده.
- **آپي خانيءَ:** ث. خود خيالي. آڪڙ. وڏائي. هٺ.
- **آپي خانيءَ لائي ڏيڻ:** اند دند لائي ڏيڻ. جيئن وڻي تيئن ڪرڻ.
- **آپي شاهي:** ث. پنهنجي بادشاهي – شخصي حڪومت. پنهنجي مرضيءَ موجب هلت. زورآوري – ڏاڍائي – زبردستي. ظلم – انڌير – اند دند.
- **آپي شاهي هُجڻ:** پنهنجي بادشاهي هجڻ. انڌير هجڻ.
- **آپي کانَ نڪرڻُ:** پنهنجي خود ضابطي کان ٻاهر نڪرڻ. بيوس ٿيڻ. سخت جوش ۾ اچڻ جوش وچان هوش وڃائڻ. ڪاوڙ ۾ وهلور وڃڻ – ماڻهپي کان نڪرڻ. مغرور ٿيڻ.
- **آپي ۾ اَچڻ:** هوش ۾ اچڻ.
- • **آپُوسي:** ذ. [پورچوگيز. الفانسو] انب جو هڪ قسم (پورچوگالي انب جي نسل مان).
- • **آپُوٽو (ٿ):** ذ. اُلهندو – اُٺوٽو.
- • **آجاز ج آجازَ (ٿ):** ذ. [ف.آزار] آزار. ڪيٽو.
- **آجازڪرڻ:** آزارڪرڻ. ڪيٽو ڪرڻ.
- • **آجاڙَڻ (لس):** مصدر. [سن.آيُوشڻ] سينگارڻ. سنجڻ "اُٺ آجاڙي،منزل ماري، تنهن نه ڪي تنگي ڊار ميان". (آجاڙيو – آجاڙيندو–آجاڙيل).
- • **آجامُ ج آجامَ:** ذ. [ف. آماج جي تقليبي صورت] چِتُن جو نشان – هدف –آجامُ – آماجُ. [ف. انجام] وعدو – انجام.
- • **آجتُ:** صفت. [ملتاني، جتڪي سنڌي]عاجز.
- • **آجپُڻُ:** ذ.[سن. ١. ايتا= آزادي. ٢. اُوشتا = ڇُڙواڳي] آجائي – آزادگي – ڇوٽڪارو – نجات – مُڪتي "آجپُڻُ اريچن جو. سَسئي تان نه سُهاءِ" (طالب). آزاد خيالي. لاپرواهي.
- • **آجا اوڏُنا:** اوڏ تڪليف کان آجا ٿيا. ڏن آجا ٿيا.
- • **آجپو ج آجپا:** ذ. [سن. ١. آيتا، ٢. آوشتا] آجپڻُ. فراغت – واندڪائي.
- **آجپائي:** ث. آجپڻُ – آجپو.
- • **آجرُ:** ث. [سن] سواءِ اُجوري جي پورهيو – ڇيڙ – ونگار – بيگر.
- • **آجرو ج آجرا (ٿ):** ذ. صفت. آزاد. البيلو. جيو نه ڪندڙ. لُچو.
- • **آجڙو ج اَجڙا:** ذ. صفت. [سن.آجَ = ٻڪري > آج وارو > آجڙو] ٻڪرار – ڀنهوار . مالوند. مارُو (ماڻهو). ڏهقاني –ڳوٺاڻو_ واهڻائي. غريب – ويچارو "عمر تو هٿان. آجائي ٿئي آجڙين" (شاهه). (ث) آجڙي ج آجڙيُون 'ڪر سُومرا سائي، جئن ٿيان آسُودي آجڙي" (سچل). [سن. آ = نه + جَلا = ڏاڻ ڏاڻ، ڳپُ] ڳپ پيدا نه ڪري سگهندڙ – خصي_ ڪڏڙو.
- **آجپائي:** ث. آجپڻ _ آجپو.
- • **آجڪو ج آجڪا:** ذ [ف.آرُوَ ڪهَ > آرُوَقه > آذوقه: سن. آجيوڪا (آ+ جيو = جيئرو رهڻ) = ڇوٽو] روزينو – روزي. روزانو قوت (جنهن کان سواءِ جيئرو رهي نه سگهجي). ڪاڌو خوراڪ. سَمرُ –توشو. رزق يا ڪمائيءَ جو ذريعو "اوجڻ گهرجي آجڪو پکوءِ پيتم" (شاهه). ڍڪ – پروسو –پناهه _ آڌار – آٿَتَ "تال پنهون تا نين، اُسونهينءَ جو آجڪو" (شاهه). ملڪيت – موڙي. سامان – اسباب "ناميدي آجڪو اوجڻ آديسين" (شاهه).
- • **آجو ج آجا:** ذ. صفت [سن. ١. اَيتا = آزادي ٢. آيت = آزاد ٣.آوشتا = آزادي: 4. آڌيه > آڌي =آجي، آجو] آزاد – ڇُٽل. بي تعلق. واندو. (ث. آجي ج آجيُون). (ذ) سجي هٿ وارو پاسو (ڪ).
- **آجائي (ج) آجائيُون:** ث. آزادي – رهائي – ڇوٽڪارو – موڪ "عمرتو هٿان. آجائي ٿئي آجڙين" (شاهه). واندڪائي – فرصت.
- **آجو رهڻُ:** آزاد رهڻ. خود مختيار رهڻ. واندو ويهڻُ. بي جوابدار رهڻ.
- **آجو ڪرڻُ:** آزاد ڪرڻ – ڇڏي ڏيڻ (غلام يا قيديءَ کي). پنهنجي اختيار وارو ڪرڻ. ٻاڻ کي قرض کان يا ٻئي جي احسان کان آزاد ڪرڻ.
- • **آجُورو ج آجُورا:** ذ. [ع. عجرت، عَاجُورة. عَاجُوره = وَڻ ڏنبڙي: سن. جُرَّ = ڦَٽ جو پچي پوڻ. رِجيَ پوڻ > جُوريا = ڳِڙُ > آجورو = ڦٽ ۾ ان جو داغ: ف. آرَڙ آرُوزه = ڪُتي جو چَڪُ ۾ ان جو داغ] ڦٽ ۾ ان جو (ميٽيل) داغ. سائي وَڻ کي ڪُهاڙيءَ جو ڏنل ڪَپُ (جو پرچي اچي ۾ داغ رهجي وڃي). وَڻ جو ڳِڙ. سُڪڻ بعد ڳنڍ يا داغ ٿي پيل (وڻ جي) ڳهپ – اَڪ _ ڦرڙي (وڻ جي).
- • **آجوڪا ج آجوڪائُون (ٿ):** ث. [سن] آجيوڪا.
- **آجوڪا ڪرڻُ:** ڪمائڻ. قوت ڪرڻ – پيٽ ڀرڻ.
- • **آجي ج آجيون،آجون:** ث. صفت. [مذکر. آجو] ڇُٽل – آزاد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— واندي — پالھي.

_ **آجڻي ٿيڻ:** (پار جمڻ جي)سُورن کان آزاد ٿيڻ — ويم ڪري اٿڻ — هٿ پير لهڻ. فارغ ٿيڻ.

• **آجيانُ:** ث. [سن. ١. آجيا = مرحبائي خطاب؛ ٢. آوَن = آمَدُ > اُوَن = ڪنهن جي اچڻ جي خوشي، خوشي، خاطري، خواهش، مهرباني، سينگار، پاڪر؛ ٣. اَونمُ= سلام ڪرڻ. اگيان نَمَڻ؛ ٤. اَنج = سينگارڻ، عزت ڏيڻ، ملهائڻ] مرحبا _ پلي ڪار — خوش آمديد — آءِ پڳت. ڪينڪار. خير مقدم — استقبال. عزت مابي ۽ آمديد جي خوشي.

_ **آجيان ڪرڻ:** آدر ڀاءُ ڪرڻ —مرحبا ڪرڻ. عزّت ڏيڻ.

• **آجيٽنٽ ج آجيٽنٽ:** ذ. [انگ. Adjutant] فوجي عملدارن جو هڪ لقب. نائب ڪرنل.

• **آجيگر ج آجيگرَ:** ذ.صفت. [ف. عاج + گر] عاج جو ڪم ڪندڙ — چوڙيگر.

• **آجيوان:** ذ. [انگ. Adju_van] ماڻهن جي گاڏن واري مال گاڏي. رواجي بار گاڏي (ريلوي).

• **آجيوڪ:** ذ. صفت. [سن] پينو — بيڪاري — فقير. بلڪل مسڪين.

• **آجيوڪا ج آجيو ڪائُونَ:** ث. [سن. آ = چڱيءَ طرح + جيَوَ = جيئڻ + ڪ = گذران جو ذريعو] گذران —گذارو — روزگار — روزي ڪمائڻ جو ذريعو — ڌنڌو.

_ **آجيوڪا ڪرڻ:** گذران ڪرڻ — روزگار ڪرڻ. پيٽ قوت ڪرڻ. ڪمائڻ.

• **آجيُونَ:** ث. [سن] قوّت معاش — روزينو.

• **آجُ ج آجُونُ (ث):** ث. [سن ١. آجَن = ڪم جي مشغولي؛ ٢. آڌَ > آجَ = سعيو ڪرڻ] ڪم جو نبيرو. ڪوشش — سعيو — اُدَمُ. بلند همتي.

• **آجڙُ ج آجڙَ (ڪ):** ذ. صفت. ڪاهي هٿ ڪم ڪندڙ — ڪاٻڙ. ديرڪار_ ڍرو — سُست.

• **آجو ج آجا (ڪ):** ذ. [سن. آرجيَ = وَڏِ] ڪرٽ. ڪهاڙو، ڪاهو هَٿُ. (صفت) ڪاهو. ڪاهي هَٿ تي وَهندڙ (ڍگو، جو سڌو نہ وهي). پاهرو. (ضد) سَاجو ج ساجا.

• **آجهہ ج آجهائُونَ:** ث. [سن. آشَريہ] اُجھو — پناهہ — ڍَڪُ.

• **آجهاپُ، آجهاپو ج آجهاپ:** ذ. [سن.آشَريہ] اُجھو — اُجھا — پناهہ [سن.آ + جهَهنپُ = ٽپو ڏيڻ] جهُوٽو — ننڊ — پنڪي — گهيرٽ (ننڊ جو).آرام — آسائش. فرحت.

_ **آجهاپُ، آجهاپو ڪرڻ:** ٿورو آرام ڪرڻ — ڪجهہ ننڊ ڪرڻ.

• **آجهَا پجڻ:** فعل مجهول. آرام ڪرڻ — ننڊ ڪرڻ — آجهاپُ ڪرڻ.

• **آجهارُ ج آجهارَ:** ذ.[سن. آڌَارَ] آجهاپُ — آجهاپو. سمنڊ يا درياءَ جي پاڻيءَ جي ڏگهي پکيڙ — سطحي افراط. درياءَ ياسمنڊ جو هڪ طرف وهڪري جو لاهو.

_ **آجهارُ ڪرڻ:** ٿورو آرام ڪرڻ — آجهاپُ ڪرڻ.

_ **آجهار ۾ ڪرڻ، پوڻ:** تڪليف ۾ پوڻ — خساري ۾ پوڻ.

• **آجهارڻُ:** مصدر. ڪيڙيءَ يا پاڻيءَ ۾ هلڻ سان ٿاٻڙڻ (آجهاريو — آجهاريندو—آجهاريل).

• **آجهانُمَر (ل):** ث.آرام — ننڊ — آجهاپُ.

• **آجهڙڻُ:** مصدر. [سن. اَوَ = خراب + جهَٽ = مُنجهي پوَڻُ] ٿاٻڙڻ — ٿاٻڙجڻ — آٿڙڻ (آجهڙيو — آجهڙندو — آجهڙيل).

• **آجهڙڪڻُ، آجهڙڪڻ:** مصدر. [سن. اَوَ = خراب + جهَٽ، جهَنپُ = منجهي پوڻ] گمراهہ ٿيڻ. جهوٽون پائڻ — لُوهُونُ ڏيڻ. رُلڻ. جهَٽ وجهڻ. هٿينُ پوَڻُ. اُسڙڪڻُ. (آجهڙڪيو — آجهڙڪندو — آجهڙڪيل).

• **آجهڙڻ،آجهڙڻُ:** مصدر [سن. اَوَ = خراب + جهَٽ، جهَنپُ = گمراهہ ٿيڻ] منجهي پوڻ. ٿاٻڙڻ — ڌڪا ڪائڻ. رُلڻ. جهوتُونُ هڻڻ — لُوهُونُ ڏيڻ. (آجهڙيو—آجهڙندو—آجهڙيل).

_ **آجهڙيو ج آجهڙيا:** ذ. صفت. ڳاهٽ يا ميڙ ۾ ڦاٿل. گمراهہ "آجهڙيا اندر جا، ٿاباتَتَ ڪائين".

• **آجهڪڻُ:** مصدر. [سن.آ + ڪريِ] ڳاهٽ يا سوڙهہ ۾ وهڻ. (آجهَڪيو — آجهڪيل).

• **آجهہَ وَاجہَ:** ذ. [سن. اَديہ وَديہ] پنهنجو ۽ پرائو اجهو. پنهنجو يا پرايو وَسُ. رُسوخ يا حيلو — پنهنجي رسوخ جا حيلا وسيلا. حيلن هلائڻ لاءِ اج وج. منهن لڳ — واقفيت — رُسوخ. حيلہ سازي. ڏگهي ڏور، وڏا اختيارات.

_ **آجهہَ وَاجهہ وجهڻ:** سڀ حيلا وسيلا هلائڻ. وجهہ وٺڻ. وجهہ هلائڻ.

• **آجهوجڻُ (ڪ):** مصدر. [سن. اَدَيہ شَڻ = اجهوُ ڇڏڻ] پاسي ٿيڻ — پاسو ڪرڻ — ٽري وڃڻ.

• **آجهوڙو ج آجهوڙا (ث):** ذ. [سن. آجهوريہ > اَدَيہ وَريہ = وڪَڙ وجهڻ] گول ڦيرو — گهمرو — وڪَڙ. گول ڪڍڻ جو اوزار —

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ **آچامِيْ جِ آچامِيْ:** ذ. صفت. نشان چٽيندڙ. تيرانداز. بهانہ باز. چرب زبانَ. فريب ڪار.

• **آچَرُ جِ آچَرَ:** ذ. [سن. آدْتيَہ وَار = سج جو ڏينهن] هفتي جي ستن ڏينهن مان هڪ ڏينهن جو نالو — آرتوار. ماٺهوءَ جو نالو.

ـ **آچَرليپو ڏِيڻُ:** آچرجي ڏينهن جو رسمي ليپو ڏيڻ. سخت تڪليف ڏيڻ (پيٽ آڏڻ ۾).

• **آچَرُسَدّايو:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **آچڙو جِ آچڙا:** ذ. [سن. ١. آجيْرو (آ = نہ + جيْرو = داڻ داڻ) بنا جِيري، بناَ داڻ داڻ، بنا ڳپ؛ ٢. اَجَلاً = سنڍ، خِصي] نَرُ پلو (جو آنا نہ ڪري) — ڪيرو — َخصي. (ث. مَايَرُ). آجڙو. ٻوٽي جو هڪ قِسم (ڪ). [سن. انجَ = ڪوٽي پورو ڪرڻ] جنڊ جون آنْچُونْ ڪيندڙ — جنڊآهوڙيندڙ — جنڊ آهوڙو.

• **آچَڪُ جِ آچَڪ:** ذ. [سن. اَنْجَ = وجھڻ، وَرُڏيڻ، ڦيرو ڪائڻ] وَرُ — وَڪَڙُ —آنچَڪُ. رنڊڪ — اٽڪ — ڪاٻاري.آڏُوٽو. شطرنج راند ۾ بادشاهہ کي شهہ کان بچائڻ لاءِ وچ ۾ ايندڙ مُهرو.

ـ **آچَڪُ وجھڻ:** ڪنهن ڪم ۾ رنڊڪ وجهڻ.

• **آچَڪَ، آنْچَڪَ:** ث. رنڊڪ —اٽڪ — ڪاٻاري.

• **آچِلو جِ آچِلا:** ذ. [سن. آنْچَلَ > اَنْجَ = ملائڻ] پلاند — دامن. ڪپڙي جوَنڪر. صافو.

• **آچَمُ جِ آچَمَ:** ذ. [ف. آماج] چٽڻ جو نشان — هدف — آچامُ — آجَامُ — آماَج. ناز وارو يا حياءَ وارو آهستي آواز — چپن جو آواز. اک ٽيٽ جي نِهار — ارادي وَارِيْ ۽ اشاري واري اک ٽيٽ. اُيي ڳاٽ نهارڻ جي حالت. ناز — نخرو. ناز واري نظر. ڪوڙو دِلاسو — ڏَٽو — دمُ. بهانو — سبب. نمونو.

ـ **آچَمُ ٽِيَڻُ:** پنهنجي محبوب جي نظر جو هدف ٽيڻ — نظر گاهہ ٽيڻ.

ـ **آچَمُ ڪَرڻُ:** اک جي تَڪَ ڪرڻ. هدف بنائڻ — نشان ڪرڻ. (ارادي سان) جُوهہ ڪري نهارڻ. ڪوڙا دلاسا ڏيڻ — بهانا ڪرڻ. ڏٽا ڏيڻ. سبب ڏيڻ.

ـ **آچَمِيْ جِ آچَمِيْ:** ذ. صفت. نشان چٽيندڙ — نشان بازُ. تيرانداز.

• **آچِمَانُ جِ آچِمَانُ:** ذ.[سن. آدّ يا اُجّ = ڳاٽ ڪٽي ٻهيڻ] ٻيهڻ جو نَمونو (نازنِين جو). اُيي ڳاٽ ٻيهڪ. چوڻ يا ڳالهائڻ جو نمونو (نازنين جو). [سن. آچمْ = سُرڪ ڀرڻ، گرڙي ڪرڻ] پاڻيءَ کي مٺَن سان ولوڙڻ جو آواز. سُرڪ يا ڇُميءَ جو آواز. ٻُچڪر. چوسڻ جو آوازَ (چپن، سگِيءَ يا سُرڪ جو) ـ چوُسَ (سُلفيءَ حُقي وغيره جي) جو آواز. پاڻيءَ جي لَپ — ڇُرُونْ. سُرڪ — ڍُڪُ. گَرڙي "آگَسْتَ ڄاڻْ آچمانُ ڪري ساگرسڪايو" (سامي).

ـ **آچِمَانَڪَ:** ث. گَرڙين اُڇلائڻ ۽ هٿن ڌوئڻ جو ٿانءُ — چلمچي. (صفت) گَرڙيوُنْ ڪندڙ.

ـ **آچِمانِيْ:** ث. چلمچي.

• **آچَمَڻُ:** مصدر. [سن] ڌرمي ڪرياڪرم يا ڪاڌي کان اڳَ ۽ پوءِ پاڻيءَ جو ٻُڪ ڀري گرڙيون ڪرڻ (يا وات صفا ڪرڻ). چپن سان چوسڻ. چوُسَ ڏيئي (ڍورن وانگر) پاڻي پيئڻ. چپن ۾ ڳالهائڻ.

• **آچَمَڻُ:** مصدر. [ف] هدف يا نشان ڏانهن جوُهہ ڪري ڏسڻ. نشانو ڪرڻ. (آچميو — آچميل).

• **آچَڻُ:** مصدر. [سن. 1. آشَيَہ؛ 2. سن. آڪْشَنُ = اک جو اشارو ڪرڻ. اک چنيڻ] اشارو ڏيڻ — اشارو ڪرڻ. پرُوڙَڻُ. مَام ۾ ڳالهائڻ. ميڙي گڏ ڪرڻ. آڻَڻ. (آچيو — آچيندو — آچيَل).

• **آچَڻُ جِ آچَڻ:** ذ. [سن. آ + چَڪْش = پڌرائي] َاعلان — پڌرائي. صلاح مصلحت. آچَ.

• **آچوْ جِ آچوْ:** ذ. بانْس جي ڪاٺي. ٻبو (وڻ جو). وڻ جو هڪ قِسم (ڪ). (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو. ماڻهوءَ جو نالو ('آچرْ مان اڌ نالو). (صفت) لاڏلو — البيلو — پيارو.

• **آچِيَا:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو (اڪثر ضلعي لاڙڪاڻي ۾).

• **آچَ جِ آچونْ:** ث. [سن. آچَڪْشْ = نهارڻ، جاچڻ، پڌائڻ، ڳالهہ ڪرڻ، اعلان ڪرڻ، سڏڻ، نالو ڌرڻ، ٻاسڻ، ڄاڻائڻ، ظاهر ڪرڻ، سڃاڻپ ڪرائڻ] صلاح — پيشڪش. وات ٺڪاڻي. اعلان — پڌرائي. نِهارَ — جاچَ — ڇڪاس. انعام — عطيو. بخشش. ڏيڻ جي خواهش. [ف. آشَ؛ سن آشْت] ڇَاش. شوروو — رسُ. عرقُ — سَتُ — نچوڙُ (ڪنهن دوا وغيره جو).

ـ **آچَ اَچَڻُ:** پيشڪش ٿيڻ. واڪُ اچڻ (ڪنهن شيءِ جي وڪري جو). رت اچڻ (تحفي جي، ڏَالِيءَ جي، سگَّ جي، مزدوريءَ جي ڪَم جي، عوض معاوضي جي، قبوليت وغيره جي).

ـ **آچَ ڪَرڻ:** صلاح ڪرڻ — پيشڪش ڪرڻ.

• **آچَارَ جِ آچَارُونْ:** ث. [سن. آشَارَ] هوا يا لهرين (پاڻيءَ جي) يا ڪڪرن جي گڏيل آوت. مينهن جو سخت وسڪارو. برسات بعد آسمان جي نوائي. بي موج درياءَ يا سمنڊ جي پاڻيءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوارن، 21870 رٿن ۽ 21870 هاٿين جي فوج) – اڇوهڻي – اڪشوهڻي.

● **آڃي:** ذ. بانس جي قسم جو هڪ وڻ (جنهن مان حقن ۽ چلمن جا نڙ ٺهن) – آنجي.

● **آڃيڙو، آڃيلو ج آڃيڙا، آڃيلا:** ذ. [سن. آسر = جننن پوتن جو] جن جو ڏيکارو–آڃو – آڃاڙو.

● **آحاد:** ذ. [ع. اَحَدُ ج آحادُ] ايڪا (يعني، هڪ کان نون تاءِ انگ). حسابي رقم جا پهريان چار ڏاڪا (ايڪا، ڏهاڪا، سَوَ، هزار). ڏاري يا رمل جا ڪٽا. اشخاص – جڻا. اهي حديثون جن ۾ راوي فقط هڪڙو جڻو هوندو آهي.

● **آخ:** ندا. [ف. آخ: ع. اُفْ] ڪانگهاري ڪيڻ جو آواز. (صفت) نه وڻندڙ. ڪڙو. اُگرو.

– **آخ ٿُو ڪُتا چَوَڻُ:** نه پُڄي سگهڻ جي حالت ۾ بهانا ڪرڻ. ڪُوڙا بهانا ڪرڻ.

● **آخِر، آخَر:** ذ. [ع] پڇاڙي – پڄاڻي – اَنْتُ – ڏنگ – ڇيهه. حَدَّ – اوڙڪ. چوماسي جي پُڄاڻي (جنهن ۾ هيٺيون هلي نه سگهن). پوين ڏينهن – قيامت – آخرت. (ظرف) نيٺ – نڌان – پڇاڙيءَ ۾.

– **آخرالاَمر:** ظرف. نيٺ آخر لڳي پٽي – پس پيش. الغرض – القصّه – حاصل ڪلام.

– **آخر ٿيڻُ:** پڇاڙي ٿيڻ – پڄاڻي ٿيڻ. ختم ٿيڻ مرڻ. فنا ٿيڻ.

– **آخر دَمُ:** ذ. پڇاڙيءَ جو ساهُ. موت جو وقت – سڪرات. (ظرف) پڇاڙيءَ سودو – توڙ تائين.

– **آخر زَمانُ:** ذ. پڇاڙيءَ وارو زمانو. قيامت جي ويجهڙائيءَ وارو وقت.

– **آخر سالُ:** ذ. سال جو پڇاڙيءَ وارو حصو. روينيو سال جي پُڄاڻي. حساب ڪتاب جي پڄاڻيءَ جو وقت.

– **آخرِش:** ظرف. نيٺ – آخرڪار – انجام ڪار. الغرض آخر ۾.

– **آخر ظهر:** ث. ٻه پهري (نماز جا جمع نماز بعد آخر ظهر جي نيت سان پڙهجي).

– **آخرفنا:** جملو. آخر هر شيءِ فنا ٿيڻ واري آهي.

– **آخر قَدرُ:** ذ. رَمضان شريف جي مهيني جي 21، 23، 25، 27، يا 29 جو ڏينهن.

– **آخرڪار:** ظرف. آخرين طرح – نيٺ – آخر.

– **آخِرُ العَصرُ:** ذ. 'والعصرُ' سورة جو آخرين لفظ 'صبرُ' "آخروالعصر جو ايهين اَتائون" (شاهه).

– **آخري:** صفت. سڀ کان پوين – پڇاڙيءَ وارو – آخرين.

– **آخري بهارُ:** ث. بهار جي موسم جو پوين وقت. حُسن جو زوال.

– **آخري جُمعو:** ذ. ماه رمضان جو پڇاڙيءَ وارو جمعو.

– **آخري ڏيدارُ:** ذ. ڪنهن دوست، عاشق، معشوق وغيره جي بالڪل پڇاڙيءَ واري ملاقات. دوست جي منهن ڏسڻ جو آخرين وقت. دفن ڪرڻ کان اڳ (مري ويل جو) منهن ڏسڻ.

– **آخري مُلاقات:** ث. پڇاڙيءَ واري ملاقات (جنهن بعد وري ملاقات نه ٿئي).

– **آخرين:** صفت. پڇاڙيءَ وارو –آخر وارو – پوين. (ظرف) آخر –نيٺ.

– **آخرين دَمُ:** ذ. پوين پساهُ. موت جو وقت. سڪرات جو وقت.

– **آخرين ڳالهه:** پڇاڙيءَ واري گفتگو. فيصلي ڪُن جواب.

– **آخرين نامو:** ذ. آخرين خط – موت وقت لکيل خط. پوين اطلاع. تاڪيد.

– **آخري وَقتُ:** ذ. پڇاڙيءَ وارو وقت – سڪرات جو وقت – آخري دَمُ. پوين زمانو – ڪلجُڳ.

● **آخرت:** ث. [ع] پڇاڙي – پڄاڻي (دنيا جي)_ عقبيٰ. قيامت – پرلئي. ٻيو جهان – پرلوڪ.

– **آخرت بالخير ٿيڻ:** پڇاڙي موچاري ٿيڻ.

– **آخرت بچائڻُ:** چڱن ڪمن ڪرڻ سان عاقبت چڱي ڪرڻ.

– **آخرت ٻوڙڻُ:** خراب ڪمن ڪرڻ سان عاقبت خراب ڪرڻ.

– **آخرت ناهڻُ:** چڱا ڪم ڪرڻ.

– **آخرت جو توشو:** ذ. اهي چڱا ڪم جن جي عيوض قيامت ۾ چڱو اجورو ملي – آخرت جو ثمر.

– **آخرت جو ثَمَرُ:** ذ. چڱن ڪمن جو نيڪ اجورو (جو قيامت ۾ ملي).

– **آخرت جو ڏينهُن:** ذ. قيامت جو ڏينهن – ڏينهن قيام. حساب ڪتاب جو ڏينهن – روز جزا.

– **آخرت جوڙڻُ:** چڱا ڪم ڪري آخرت لاءِ نيڪيون گڏ ڪرڻ. آخرت جو ثمر گڏ ڪرڻ.

– **آخرت جي ڪمائي:** ث. آخرت جو ثمر.

– **آخرت سَولي ٿيڻُ:** موت جو وقت آسان ٿيڻ. سڪرات سُولي ٿيڻ. قيامت جو حساب ڪتاب سنهنجو ٿيڻ.

– **آخرت موچاري ڪرڻُ:** نيڪ ڪم ڪرڻ. خدا تعاليٰ جا

www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

حڪم مڃڻ.

_ **آخرت وڃائڻُ:** آخرت ٻوڙڻ.

• **آخُورُ:** ذ. [ف. مصدر خوردن (= کائڻ) > اَمر. خور > آخور = کائڻ جي شيءِ] گھوڙي يا چوپائي ڍور جو آھُر – ٿَڻُر. چوپائي جي پاڻيءَ پيئڻ لاءِ آنھن. چوپائي [خاص ڪري گھوڙي] جي روزانه کاڌي جو گاھ.

_ **آخُورجي ڀرتي:** ث. گاھ جي لَدَ. بيوقوفن جي مجلس.

• **آخُونْدَ ج آخُونْدَ:** ذ. صفت [ف. مصدر خوانْدَنْ (= پڙھڻ) > اَمر. خوان > آخون = لکڻ پڙھڻ جي ھدايت يا تعليم] مذھبي تعليم ڏيندڙ – فقيه _ مُلاَّ. سکيا ڏيندڙ – مُعَلم – اُستاد. "اُمت جي آخُوند. اوير سڀ اُپاريا" (شاھ).

• **آد:** ث. [سن] منڍ –آغاز – شروع – ابتدا. ازل (صفت) اَصل. پھريون – بنيادي – آدي.

_ **آد(ي) اَنْتَ:** ث. اُھاشيءِ يا ھستي جنھن کي ابتدا ۽ انتها نه ھجي (يا معلوم ڪري نه سگھجي).

_ **آد بُنْيَاد:** صفت. اصلوڪو – اصل جو – آدي.

_ **آدَ(ي) پُرش:** ذ. پھريون وجود يعني خدا.

• **آدَ(ي) ڪَارَڻُ:** ذ. پھريون سبب.

• **آدَ(ي) ڪَرُ:** ذ. صفت. خالق – خلقڻھَارُ.

• **آدپَرْوَتُ:** ذ. وڏو پربت يا پھاڙ.

• **آدِڪ:** صفت. جو آد وارن جي ڪھاڻي جاڻي. شروعات سان تعلق رکندڙ. بنيادي احوال ڏيندڙ.

_ **آدِئو:** ذ. صفت. آد ڪان – شروعاتي –اڳوڻو – قديم.

_ **آدِيْ:** صفت. پھريون – اصلي. شروعاتي.

_ **آدي پُرش:** ذ. صفت. پھريون وجود. ست جڳ جي زماني جو ھڪ قديم بزرگ. معصوم ھستي. پرھيزگار. سنياس جو يوگي.

• **آدوَسْتَا:** صفت. آڳاٽيءَ عمر جو –وڏيءَ عمر جو – پوڙھو – آدو.

• **آدوَسْتي اَنگُ:** ذ. آد ڪان مليل نازڪ بدن. بدن جا نازڪ عضوا. سڊول جسم.

• **آدابُ:** ذ. [ع. اَدَبُ ج آداب] چڱيون عادتُون – اخلاقَ. ادب جا قاعدا.اطوار. دستور يا سليقا. نياز سان سلام – تعظيمون – ڪورنشون. تعظيم جاالفاظ (جي خطن جي شروعات ۾ لکجن). [ع. عذاب] تڪليفون – ڏُک – سُورَ – دَرَدَ.

• **آداب بجا آڻڻُ:** اٺڻ ويھڻ جا دستوري رسمي طريقا اختيار ڪرڻ.

_ **آداب تسليمات:** ذ. سلامَ ۽ نياز.

_ **آدابَ سيکَارڻُ:** نشست برخواست جا طريقا سيکارڻ – اخلاق جي تعليم ڏيڻ. تھذيب سيکارڻ.

_ **آداب شَاھَانہ:** ذ. بادشاھن کي سلام ڪرڻ ۽ انھن سان گفتگو ڪرڻ جا طريقا – ڪورنش بجا آڻڻ جا طريقا.

_ **آداب صُحْبَتْ:** ذ. نشست برخاست ۽ گفتگو جاقاعدا.

_ **آداب مَجْلسْ:** آداب صُحبَتَ.

• **آداسيو ج آداسيا (ڪ):** ذ. ڪپڙي ۾ پيل ھيو ڏاريو ٽڪر – چتيَ. گج يا چولي ۾ وجھڻ لاءِ رنگين ڪپڙي جو ٽڪر.

• **آدانُ:** ذ. [سن] ڪنھن جي اچڻ تي وفد جي صورت ۾ ڪيل استقبال –آجيان – خيرمقدم.

• **آداھُ:** ذ. صفت. [سن. ١. اَرْدَ = اَڌ؛ ٢. اَرْدَ = ڪارائيءَ سان پورا ھه ٽڪر ڪيل] ھه ٽڪر – اڌ و اڌ. پور پور – چيھُون چيھُون "دلو دور درياه جي، ڪيو ارادي آداھُ" (شاھ).

• **آدتُ:** ذ.[سن. ١.آدشْتَ = آد ڪان پيدا ڪيل تارو. ٢. آدتيہ] سجَ _ سورج – شمس_ آدِت. آڏو رکڻ جو تحفو يعني پَيغام _ نياپو – آدِتُ چئج ان کي، ڏيانءِ جو روئي" (شاھ).

• **آدر ج آدَرَ:** ذ. [سن. آدَرَ = (آ = ساڻ + دُرَ = عزت ڏيڻ] عزت – تعظيم – مانُ. مرحبا. آجيان.

_ **آدر ڀاءُ:** ذ.عزت جي ھَلت – مَانَ ڏيڻ جي حالت. عزّت – احترام. مرحبا. گھڻي عزت. مھمان نوازي. خدمت خاطري.

_ **آدَرسَتْڪَارُ:** ث. مانُ – عزّت. مرحبا – آجيان.

• **آدَرشُ:** ذ. [سن. آ = چڱي طرح + دَرشَ = نھارڻ] آرسيُ – آئينو. علم اصول جو ڪتاب ۽ان جو لکيل نسخو. قلمي نسخو (جنھن تان نقل ڪيو وڃي).نقل. شرح تفسير. [سن. آدرشہ] نمونو – مثال. نصبالعين. اعليٰ مقصد.

• **آدَرشي:** ذ. صفت. اصول تي ھلندڙ (جھڙوڪ رشي، مني، وغيره) – بااصول. نيم تي پيروي ڪرڻ لائق.

_ **آدَرشي جيُوَ:** ٻين لاءِ مثال جوڳو ماڻھو – مثالي ماڻھو.

• **آدَسَمَادُ:** ذ. [ع. عَادُ ثمود] عربستان جون ٻه مشھور قديم قومون. عاد ۽ ثمود. [سن. آدَسَمَاديہ. آدَ = اصلي + سَمَاديہ = انسان جھڙي بشري قوم] قديم بشري قوم (جنھن مان انسان جو حسب نسب ھلندو اچي). قديم قومون. (ظرف) اصل کان – آڳاٽو "آدَسَمادَ کان اھو رواج ھلندو اچي" (جملو).(ذ) حَسب نسب.

_ **آدمُ:** ذ [ع] پھريون ماڻھو – انسان ذات جو ڏاڏو. خليفة

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اﷲ. پهرئين پيغمبر جو نالو (حضرت آدم عليہ السلام). خَلقُ — ماڻهو — آدمي (جمع ۾). اُن جو هڪ قسم (پوري يا ڪَڪي رنگ وارو). هرڻ جو هڪ قسم. (پوري رنگ جي پٺيءَ تي ڪارن ترن سان).

ـ **آدم بُوءِ:** ث. ماڻهوءَ جي ڌَپ (جيئن ديو پوت کي اچي). ماڻهو.

ـ **آدم بُوءِ ڪَرڻُ:** قديم ڏند ڪٿائن موجب ڪنهن ديو، راڪاس وغيره جو ماڻهوءَ جي ڌپ سُڃاڻي ان کي مارڻ جو قصد ڪرڻ. ڪنهن تي ڪاوڙ ۽ غصي ۾ اچي پڇا ڪرڻ ۽ سندس لاءِ سزا يا مارڻ جو قصد ڪرڻ.

ـ **آدم بيزار:** ذ. صفت. ماڻهن جي صحبت کان ڇهندڙ — پري ڀڄندڙ —ڇهندڙ. اڻ سڌريل — جهنگلي. اڻ هيرُو جانور (جو ماڻهو هيرائي نہ سگهي).

ـ **آدم ثانِيُ:** ذ. ٻيو آدم. حضت نوح عليہ السلام جو لقب.

ـ **آدم چَشُمُ:** ذ. شيرين اکين وارو منحوس (گهوڙو يا ماڻهو).

ـ **آدم خورُ:** ذ. صفت. ماڻهو کائيندڙ (ديو يا انسان). وحشي يا ڦاڙيندڙ (جانور). بيرحم — سنگدل (اصطلاحاً) وياج خور.

ـ **آدم ذَاتُ:** ذ. انسان ذات — ڪُل ماڻهو — بني آدم — بني نوع.

ـ **آدم زَادُ:** ذ. صفت. آدم جو ڄڻيل — انسان مان ڄاول — آدم جو اولاد — بني نوع انسان.

ـ **آدم شُمارِيُ:** ث. ماڻهن جي ڳڻپ. سرڪاري طور ڏهہ سالي (ماڻهن جي) ڳڻپ — مردم شماري.

ـ **آدم شِنَاسُ:** ذ. صفت. ماڻهو سڃاڻندڙ. قدرشناس.

ـ **آدم شِنَاسِيُ:** ث. ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي سُڃاڻپ — قدر شناسي.

ـ **آدم گَرِيُ:** ث. انسان کي انسان بنائڻ جو ڪم. اخلاقَ سيکارڻ جو ڪم —آدميت جي تعليم. آدميتَ — انسانيت. خوش اخلاقي. نرمي. مروّت. درد مندي. همدردي. دانائي — چالاڪِي.

ـ **آدم قَدُ:** ذ. ماڻهوءَ جو قَدُ (ٻن پهرن جي وقت، جنهَن ۾ سج جو پاڇو ماڻهوءَ جي قد ۾ لڪي ويندو آهي) "پاڇو آدم قد اچي — تہ ٻہ هاري پيو هچي".

• **آدَمائِيُ:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **آدَمِي ج آدمِيُ:** ذ. [ع. آدَمُ؛ ف. آدمي] آدم زادو — ماڻهو — بشر — انسَان — آدَمُ. سمجهو ساهوارو —ذهني. جيءَ وارو — آبدار (گوهر يا موتي).

ـ **آدمِي بَڻائِڻُ:** ماڻهو ڪرڻ — ماڻهپو سيکارڻ — مُهذب بنائڻ. تهذيب ۽ اخلاق سيکارڻ "علم آدمي پڻ بڻائي ٿو توکي، سُپاويڪ ۾ هونپائي ٿو توکي".

ـ **آدميّت:** ث. ماڻهپو — انسانيت. سمجهہ — عقلمندي — شعوُر. شرافت.

ـ **آدميّت سکڻُ:** ماڻهپو سکڻ — شعور سکڻ — عقل ۽ تميز سگڻُ.

ـ **آدميّت کان لنگهي وَڃڻُ:** انسانيت کان ٻاهر نڪري وڃڻ.

ـ **آدمِي ٿيڻُ:** ماڻهو ٿيڻ — ماڻهپو ڪرڻ. انسانيت ڌارڻ.

ـ **آدميءَ جو اُڏامڻُ:** عقل ۽ فراست جو پرواز ڪرڻ. دوراندیشي ڪَرڻ.

ـ **آدميءَ جي پرکا ڪَرڻُ:** ايمانداري ۽ وفاداريءَ جو اندازو لڳائڻ.

ـ **آدُوتِيُ:** اسم خاص. هندو فقيرن جو هڪ گروه ـ آڏوتِيُ.

• **آديسُ:** ذ. [سن. ١. آديش < آدش = اشارو ڪرڻ. ديدار ڪرڻ. ڏسي خوش ٿيڻ] گُروءَ کي (ڪيل) شوق ۽ محبتا جو سلام. هٿ جوڙ — نمسڪار — نياز. مَٿي ٽيڪ. نمرتائي — نمرتا. جوڳين جو سلام. نصيحت. تلقين. سمجهاڻي "آديسي، آديس! هتان ڪري هليا" (شاهہ). [سن. آديشَ <دشا = جهڳمڳ وارو ڏيک. نوراني چهرو؛ ٢. دشّ = ديدار يا زيارت جي خوشي] روشن ضمير مرشد جي منهن جي نوراني رونق. روشن خيالن جو نتيجو. نمشڪار. آگيا — حُڪم. [سن. آديشا] اڳوات جي خبر — اڳڪٿي — پيشنگوئي. تارن جي ميلاپ جو نتيجو. [صفت] غير ملڪي — پرديسي. جنهن جو ڪو مڪان نہ هجي — لامڪان.

ـ **آديسُ ڪَرڻُ:** سلام ڪرڻ — نمسڪار ڪرڻ "تنهين کي تارن اچي ات آديسُ ڪيو" (شاهہ). نصيحت تي عمل نہ ڪندڙ هنيلي ماڻهوءَ کي پنهنجي حال تي رهڻ لاءِ ڇڏي ڏيڻ.

ـ **آديس گُرُوُ:** ذ. مرشد کي نياز. نمرتا ۽ خوشيءَ وارو سلام (جنهن ۾ پيشانيءَ تي هٿ رکي ڪنڌ هيٺ نمائبو آهي). سنياسي فقيرن جو پنهنجي گُروءَ کي سلام. حڪم جي مجتا. گروءَ جو حڪم.

• **آديسِيُ ج آديسي** ذ. صفت. سر نمائيندڙ — مٿو ٽيڪيندڙ. گُروءَ جي حڪمَ ۾ (هميشہ) رهندڙ. فرمانبردار. جوڳي فقيرن جو هڪ گروه ـ ڪن چير فقير. اﷲ لوڪ. الاٽي ڪهڙي مُلڪ جو. لامڪان فقير. نصيحت ڏيندڙ "آديسي اُٿي ويا، مڙهيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون مارين" (شاهه).

• **آديشُ:** ذ. [سن] آديسُ. حڪم – فرمان. تعليم – سڪيا. تلقين.

_ **آديشُ ڪَرُوْ:** ذ. آديسي فقيرن جو نعرو. جوڳيءَ جو گروءَ کي سلام.

• **آدينَہ:** ذ. [ف] جمعي جو ڏينهن.

• **آڌِ:** ث. [سن. آڌِه] فڪر _ ڳڻتي – آنڌ مانڌ ڌراوت. گروي – ڳُهُ. پٽَ – مصيبت.

• **آڌا:** صفت. [سن. اَرْڌَ =اڌ] اَڌُ – ٻن پورن حصن مان هڪ حصو.

• **آڌارُ:** ذ. [سن. آڌارَ (آ + ڌْرْ = تي رکڻ، جهلڻ، ٽيڪ ڏيڻ) = جهَلَ، ٽيڪ] ٽيڪ – سهارو – تڪيو – جهَلَ – ڀَر. ڏِيُ. آڌَر. آسرو – ڀروسو. مدد – همراهي. حوصلي افزائي. تربيت. ٿانءُ. حوض. وڻ جي پاڙ جي چوڌاري ڇَت يا ٿانئر. بند.

• **آڌارَڻُ:** مصدر. [سن. آڌارَڻُ (آ + ڌْرْ = جهلڻ) = ٽيڪ ڏيڻ] آڌر ڏيڻ – ٽيڪ ڏيڻ – پشتي ڏيڻ. تورو متي ڪڻڻ. ٻريائڻ – سرچائڻ – ٻرچائڻ – ڌاڌرائڻ. همت افزائي ڪرڻ. سڌارڻ – هيرائڻ. ترقي ڏيڻ (آڌاريو –آڌْراريندو – آڌاريَل).

• **آڌاريْ ج آڌاريْ:** ذ. صفتَ. هيريَل – هٽ هيرو – هٽالو. وَهُو (جانور يا وَهٽ وغيرَه) "جي آڌاري نہ آهي تہ ساڌاري ڪيئن ٿيندو". سيڪڙاٽ.

• **آڌاري ڪر ڪَڍڻُ:** ٻريائي يا ريجهائي نرميءَ سان ڪم ڪڍڻ.

• **آڌاهُ:** صفت. [سن. آرْڌَ] اَڌُ –آڌاهُ.

• **آڌائُونْ ج آڌائُونْ:** ذ. [سن. اَرْڌَ = اڌ] اڌ سال يعني چيٽ ۽ ڪتيءَ جي وچ وارو ٽيون فصل (انَّ. گدرا. گوار. جُوار. سائون. آڌائون وغيره فصل جي مارچ، اپريل ۽ مئي مهينن ۾ ٿين).

• **آڌَرَ ج آڌَرُوْنْ:** ث. [سن. آ = چڱيءَ طرح + ڌر = جهلڻ. ٽيڪ ڏيڻ] ٽيڪَ – آڌَ – جهَل – آڙَ. ڏِيَ – ڀروسو – سَهارو – آڌارُ. اجهو – پناه. مَدد – حمايت [سن.آدَرَ =عزت] عزت – مَانُ – شانُ – آبُ. خاطر تواضع – مرحبا – آجيان.خدمت – چاڪري – ٽَهل. سنيالَ.

• **آڌَرَ ج آڌَرَ:** ذ.[سن. آ + ڌِر =ٽيڪَ، جهَلَ] جنڊ وغيره جو هيٺيون ڀِڙُ.

• **آڌَرڀاءُ:** ذ. آئي جيْ عزت. تعظيم – سواڳت – خوش آمديد. مرحبا – آجيان. خاطرمدارت. ٽَهل ٽڪور.

_ **آڌَرڀاءُ ڪَرڻُ:** آئي جي عزّت ڪرڻ – ٽهل ٽڪور ڪرڻ. مَانُ ڏيڻ. تمام گهڻيءَ عزت سان خدمت ڪرڻ.

_ **آڌَرڪَرڻُ:** آڌر ڀاءُ ڪرڻ. عزت ڏيڻ. مهمان نوازي ڪرڻ.

• **آڌرُ ج آڌَرَ:** ذ. [سن. اَرْڌَ = اڌ] ڪجور يا ڪارڪ جو اڌ – اَڌَڙُ – آڌيو (ت) –آڌيلو (وچولو).

• **آڌِڙَڻُ:** مصدر. آڌيڙا ڪائڻ – ٿاٻا جهَلَڻُ –آڪَڙَڻُ. (آڌڙيو – آڌڙندو – آڌڙيل)

• **آڌَڙِيو ج آڌڙِيا:** ذ. صفت. [سن. اَرْڌَ = اڌ] اڌ پائيوار – حصہ دار. (ذ) ڳوڻ جو اَڌُ – اَڌڙِيْ.

• **آڌَلَ (ت):** صفت. [سن. اَرْڌَ = اڌ] اَڌُ (زمين جو، پوک جو، پائيچاري جو).

• **آڌِلْ:** ث. [ملتاني] اڌ ڪوهه –وَاءِ (ل).

• **آڌو:** صفت. [سن. اَرْڌَ] اَڌُ –نيم –نصف.

• **آڌو رَهڻُ:** غافل رهڻ –سُست رهڻ (ڪم تي).

• **آڌُوتِيْ ج آڌُوتِيْ:** صفت.[ سن. ۱. آڌُوْت = جدا ٿيل، تياڳيل؛ ۲. اَوَڌُو (اَو = هيٺ + ڌُوْتَ = ڌُٽيل < ڌُوْ = ڌُوٽڻ) جنهن دنيوي خواهش کي ڌوٽي ڦٽو ڪيو هجي] دنيا کي ترڪ ڪندڙ – تارڪ. تياڳي فقير. (دنيا سان لاڳاپو ٽوڙيندڙ) فقير "عدم جي اوڙاه تي، ڪيا آسڻ آڌوتين" (شاهه). سنياسي. ويراڳي. ساڌو. جوڳي.

• **آڌُوْرو ج آڌُورَا (ت):** ذ. صفت. [سن. اَرْڌ] اڌُورو – اڌ جهڙو. اڻ پُورو. بيڪار – نڪمو. غافل – سست.

• **آڌوڙِ (ل):** ث. [سن. ۱. اَرْڌَ = اَڌ؛ ۲. آدولَ = ڌول جيان متي ٽنگيل ڇوڙو]. ٻڪريءَ يا ڍڳي جي اڌ ڪل (جنهن تان وار ڪرچي ٻِير جا چوڏاوجهي رگجڻ لاءِ ٽنگي ڇڏبي آهي). آڌَ يا ٽسانگ تي چڙهيل (سبيل) ڇوڙو (جنهن ۾ رگجڻ لاءِ ٻِير جي چوڏي يا رنگ جو پاڻي وجهجي). اڌوڙ. (صفت) ڦوڪيل – سُجيل. ٿُلهو – متارو.

_ **آڌوڙِيْ ج آڌوڙِيُونْ:** ث. اڌوڙي.

• **آڌهي:** ذ. هندو فقيرن جو هڪ قِسم – آديسي.

• **آڌِئانْڪُ:** ذ. [سن. آڌَ + اَنْڪا] ڪاٺ جي اڌاوت جو وِچ. ٻن منزلن يا هڪ منزل جو وچ (جنهن ۾ ڪا شيءِ لٽڪائي ڇڏجي).

• **آڌِيْ ج آڌِيُونْ:** ث. [سن. آرْڌَ = اڌ] اڌ (ريبو) – آڌيو. اڌ رات جو وقت –اَڌ رات. بيگاه وقت – ڪمهلائي "آڌي مانجهي" اڌ عُمر جي وَهيْ –اڌڙوٽ عمر – اَڌ وَهي.[سن. آڌِ] من جي جُک جُک – هُر ڪر – آنڌ مانڌ. ڳڻتي – چنتا – فڪرات. درد. تڪليف. بيماري. ڪاٺ ۾ سَلَ ڪرڻ لاءِ سيْرائيءَ جو هڪ قِسم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **آڏاڙ(ت)**: ذ. آڏار.

• **آڏارڻ**: مصدر. [سن.آڏري (آ = چڱيءَ طرح + دَلْ = ڏرڻ) = چيرڻ] ڏرڻ — ڏڏر ڪرڻ (اناج، داليون، چانور، ساريون وغيره). جنڊيءَ يا جنڊڙي (ت)۾ سارين جا ٿُهہ لاهڻ — ڏرڻ. چڙڻ(چانور). ڏارڻ — چيرڻ — ڦاڙڻ. ڦوڙڻ. ٻہ اڌ ڪرڻ. چير ڦاڙ ڪرڻ. ٽُڪر ٽُڪر ڪرڻ (ڪاٽي ياٻُنڊ)_ڦوڙانيون ڪرڻ. چلهڻ — چٽڻ — ڳڏڻ. سونٽن جي مار ڏيئي نرم ڪرڻ (چوڙي ڪي). خوب مار ڪيڻ — اڌ مُئو ڪرڻ — ڄاڳورڻ. (ڪِلڻ جُوئرڪي ڦُلارڻ لاءِ) نيم گرم پاڻيءَ ۾ اوٻارڻ. اڌو ڳابرو رڌڻ — اڌ اوٻارو ڏيڻ — اوٻارڻ. اڌ گرم ڪرڻ. انّ، چڻا، وغيره گرم پاڻيءَ ۾ وجهي پسائڻ (جيئن ڪلون آسانيءَ سان لهي سگهن). ڪُڪڙ گوشت، مڇي، ڏونرا وغيره گرم پاڻيءَ ۾ اوٻارڻ. (آڏاريو — آڏاريندو — آڏاريل).

_ **آڏاري ڇڏڻ**: چلهي ڇڏڻ — مار ڏيئي هڏ ڳڏ ڀڃي ڇڏڻ.

_ **آڏاري رکڻ**: ڪُٽي نرم ڪرڻ — ڏک هٽي ساٽوڪرڻ. ڄاڳوري وجهڻ. گوشت وغيره کي (بانسي ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ) ٽهڪائي رکڻ.

• **آڏارو ج اڏارا**: ذ. [سن. آوَڏارا = هوا نڪرڻ جو ٽُنگ] نهائين مان دونهين نڪرڻ جو سوراخ.

• **آڏاٽو ج آڏاٽا**: ذ. [سن. ١. آواپَنَ = آڏاٽو. ڪپڙي اُڻڻ جو اوزار.ريل ياچوڪُٽ (جنهن تي ڏاڳاويڙهجن). اُبرو؛ ٢. اَوَت = ڪڏ. ڪپڙي اُڻڻ جي جاءِ]ڪورين جي اُٽاوت جو مانڊاٽو — ڪپڙي اُڻڻ جا اوزار — ڪورڪو مانڊاڻُ. ويهي اُڻت ڪرڻ جي ڪَڏ(ت). [سن. اَڏَ = اڏڻُ] وَرَن، ليٽڻِءِ پَڃَرن جو پڃرو (ڇپر ٺاهڻ لاءِ). ڍينگو (نار جو). [سن. آڏارَت] عوض ۾ رکيَل شيءِ_ گروي — ڳهُ (ت). ڌوٻين جي اصطلاح ۾ ڪپڙا ڦرهي تي سٽي بعد ۾ (سڪائڻ کان اڳ ۾) نپوڙيل ڪپڙن رکڻ جو ڪپڙو يا چادر.

_ **آڏاٽو اَڏڻ**: آڏاٽوْ ٺاهڻ. ڪا وَڏي اڏاوت ڪرڻ —مانڊاٽو منڊڻ. وڏو پڃرو (گهر ٺاهڻ لاءِ) تيار ڪرڻ. گهَر ٺاهڻ "پڪا پکن سامهان، آڏاٽا تہ اَڏي ويا"(شاهہ).

• **آڏاويس**: ظرف. [سن. اَشاشْوَتَ = ثات جونمونو. وضع قطع] نموني طور — ڏسڻ لاءِ_ عارضي —في الحال — بالفعل. (ذ) ڏيک ويک جي عارضي اڏاوت. بيک — نمونو. نمائشي نمونو — جنس جو نمونو. حُسن جو جلوو.

• **آڏَت**: صفت. [سن. ١. آ + ٽريَچہ؛ ٢. اَگ وَت = اڳ ڦِريل، ڏنگو ورايل] اڳيون پاسو ڦريل (اڏاوت جو) — آڏو — ڏنگو — ترڇو.

• **آڏِتُ**: ذ. [سن. ١. آدتْيَہ؛ ٢. اَدَتَ= هڪ ديوتاجو نالو] سجُ _ سُورج — آدتُ "اُڏر آڏِت اُڀريو، وهاڻيءَ وَنْءُ پَوْنَر"(شاهہ) تارن جي هڪ ميڙ جو نالو. هڪ تاريَ جو نالو (چيو وڃي ٿو تہ ان تاري اُڀرڻ سان پاڻي سڪڻ شروع ٿئي ٿو) — سُهيل تارو — ايٽ تارو. صبح جو اُڀرندڙ تارو — وهَائوُ تارو. چنڊ جي ستين منزل (علم نجوم جي اصطلاح ۾ چَنڊ جي گهَٽا وَڌيْ چوٿين چوٿين ڏينهن ظاهر ٿيندي آهي، ان حساب سان ٤ x٧ = ٢٨ ڏينهن بعد ٻہ ڏينهن گم ٿيندي آهي). [سن.آدَشْاَ = پر انهين ملڪ جي قاصد جو پيام] حُڪم — فرمان. پيغام — نياپو — سنيهو "آڏِتُ چئج ان کي، ڏيانْءِ جي روئي" (شاهہ). (صفت) پر انهين ملڪ ۾(ڪنهن جي طرفان واپار ڪندڙ دَلاَل — پلاوٽو — گماشتو — آڏيتو.

_ **آڏِتْوار**: ذ. سج جو ڏينهن — آرتوار — آچر.

_ **آڏِتيو ج آڏِتيا**: ذ.صفت. گماشتو — پلاوڻُ — آڏِتُ. واپاري سَماءُ ڏيندڙ.

• **آڏَ ترِچو ج آڏَترِچا**: ذ. صفت. [پرا. ترڇَ؛ سن. ١. آوْرت (آ =تائين، چوڌاريَ+ وْرْتْ = ڦِرڻ)؛ ٢.آٽريَچه = ڏنگو] آڏوٽيڏو —ڏنگو ڦڏو —ٽيڏو ترڇو — ور وڪڙ وارو. اُبتو سبتو. هيٺ مٿي "آڏَ ترِچا آهڙا، ڏونگر کي ڏاڪا" (شاهہ).

_ **آڏَترو ج آڏَترا**: ذ. صفت. آڏترڇو.

_ **آڏَترِي ج آڏَ ترِيُون**: ث. آڏَ ترْڇي (پٽَ جي وروَڪڙَ واري چاڙهي يا لَڪُ).

• **آڏَر ج آڏَر**: ذ. [سن. ڊْروٽي] چوپائي مال کي گاهہ يا ڏاري ڪارائڻ لاءِ ٺڪر جو ويڪرو ٿانْءُ ياپاٽوڙو — ڪُونَر — آهرو — هودي (حوضي) — ٻَنْڊَر (ت). (ڦُلن پڃڻ لاءِ) ڪچيءَ مٽيءَ جو گنڊْڙو. ڪُڪڙن جي کڏيْ. ڪِلَڻ (جُوئر) کي ڦُلن پڃڻَ کان اڳ پاڻيءَ ۾ ٽهڪو يا اوٻارو. گوشت کي ڪني ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ ٽهڪو. [انگ. Order] آرڊَر.

_ **آڏَر ڪرڻ**: ڪِلَڻ(جُوئر) کي اوٻارو ڏيئي ڦُلن ٺاهڻ لاءِ تيار ڪرڻ.

• **آڏِر(ت)**:ث. [سن. آدَرَ] آدر—آڏَر— مرحبا _ ڀليڪار.

• **آڏِرَا (ت)**: اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **آڏِرِيْ ج آڏِرِيُونْ**: ث. [سن.آڏْريْ = ٽيڪ ڏِيڻ] ٽيڪَ — جهَلَ — آڏ —آڙَ. روڪَ _ رنڊڪ. مَلهہ جو هڪ ڏاءُ. (اصطلاحاً)عذر — منهْنُ — بهانو.

• **آڏڙيْ، آڏِڙيو ج آڏڙيْ، آڏڙِيا:** ذ. صفت. آڏَ ڏيندڙ. ٻئي بدران آڏو تيندڙ. عذر ڏيندڙ. ٽنائيندڙ.

ـ **آڏِڙيون ٽيڏڙيون ڏِيڻُ (ت):** عذر بهانا ڏيڻ.

• **آڏَڻِ ج آڏَڻِيون:** ث. پلن ماڻ جي چار سُڪائڻ لاءِ ڪاٺ جي ٺهيل گهوڙي. ڇپر يا ڪِڙَ جي پڃري ٻڌڻ لاءِ ڪاٺَ جون ڪتل مُنيوُن. ڍانڊي پکيءَ جو هڪ قِسم (جو پاٽيءَ ۾ ترندڙ ٻُندن تي ويهي جيت جهٽيندو رهندو آهي) — ٻانڊو — ٻانڊي جو ڪانءُ — ٻگهلو. شڪار جو هڪ نمونو (جنهن ۾ ٻانڊوُ يا آڏڻ هٽراڏو ٺاهي، پاٽيءَ ۾ بيهاريو ويندو آهي، ۽ شڪاريءَ کي ٻگهلي جو هٽراڏو منهن پوش چڙهيل هوندوآهي. جنهنڪري آڙيون ۽بدڪون بي خوف انهيءَ هٽراڏو ٻگهلي وٽ اچن؛ شڪاري انهن کي جهلي اندر ئي اندر ڪاري ۾ هٽندو ويندو آهي. بندوق جي شڪار جو پڻ هي آسان نمونو آهي) ـ دلبو. رات جو ٽن پاسن ڪان چار ٻڌي پکين ۾ ٽاهه آٽي شڪار ڪرڻ جو نمونو.

• **آڏو ج آڏا:** صفت. [من. ١. آ+ٿريَچَہ؛ ٢. اَگَ ّ = اَڳَ، اڳيان] ڏنگو —ٽيڏو — ٽيڙو — ترڇو — آڙو. اُبتو — مخالف — آٽائو (واءُ). (ظرف) اڳيان — سامهون — روبرو — مقابل ـ سنمُک ”آڏو چڪڻ چاڙهه، منهنجي موج نہ سَهي مڪڙي“ (شاهه). آر پار. ڪپتيو. خراب. ڪاوڙيل.

ـ **آڏا جوابَ ڏيڻُ:** ڏنگا جواب ڏيڻ. اڻ وڻندڙ ورنديوُن ڏيڻ. سامهان جواب ڏيڻ. رَدَ ڪَدَ ڏيڻ.

ـ **آڏو آڙلنگهڻُ:** پٽ يا ٽَڪري هڪ پاسي ڪان پارڪري ٻئي پاسي وڃڻ. جبل جهاڳڻ. تڪليف سهڻ.

ـ **آڏو اَچڻُ:** سامهون اچڻ. ڪم ۾ رنڊڪ وجهڻ — رنڊائڻ. دشمني ڪرڻ. نقصان پهچائڻ. لڪيو لوڙڻ — پنهنجي عملن جي سزا ڀوڳڻ. بدلو ملڻ. خراب نتيجو ملڻ. ڪڙو ڏيڻ (در ڪي).

ـ **آڏو ٽِيڻُ، ڀوڻُ:** سامهون ٽيڻ. بي ادب ٽيڻ.

ـ **آڏو ٽيڏو ج آڏا ٽيڏا:** صفت. ڏنگو ڦِڏو — آسيرو پاسيرو — اِنگڙ ونگڙ. جهڙو تهڙو. معمولي. اڻ وڻندڙ.

ـ **آڏو ٽيڏو ڪم ڪرڻُ:** خراب ڪم ڪرڻ — اڻ وڻندڙ ڪم ڪرڻ. هالوُ چالوُ ڪم ڪرڻ — معمولي ڪم ڪرڻ.

ـ **آڏو ٽيڏو هلڻُ:** خراب نمونو اختيار ڪرڻ. اڏنگي نموني هلڻ.

ـ **آڏو پٽي:** آڏو اچي عيب ڏڪي.

ـ **آڏو سُوالُ ج آڏا سُوالَ:** ذ. ابتو سُوال. جوابي سُوال. رَد ڪد جو سوال.

ـ **آڏو فَرِيادُ:** ذ. فريادي‌ءَ جي مقابلي ۾ جوابدار جو فرياد.

ـ **آڏوڦِڏو ج آڏا ڦِڏا:** ذ. صفت. ڏنگو ڦِڏو — آڏو ٽيڏو.

ـ **آڏو ڦِرڻُ:** خواه مخواه مخالفت يابديءَ ۾ رَهڻُ — اڳيان اچڻ — آڏو اچڻ. مخالفت ڪرڻ. نقصان پهچائڻ. اڳ ڦِرڻ.

ـ **آڏو وَرُ پاسي ڪَرڻُ:** گمراهي ڏُورڪرڻ —سنئين وات ڏيکارڻ. وسوسو ڪيڻ.

ـ **آڏي پائي آڻ:** آڏو آڻ وجهي، آڏو ڊوهيءَ وارو ليڪو ڏيئي.

• **آڏيرو ج آڏيرَا:** ذ. صفت. ڪجهہ ڏنگو — پاسيرو —ٽيڏو — ڦِريل — وريَلُ.

• **آڏَ وَاهَر:** ث. بچاءَ جي مدد.ازغيبي مدد — اوچتي مدد. قانوني بچاءُ يا ڪنهن مشڪل ۾ ڪم ايندڙ مدد. چوريءَ جي شڪ ۾ جهليل مال. اڳ جي بچاءَ جي قسم تي شاهدي پيش ڪرڻ جي حالت. غير حاضريءَ جي (ڪورٽ ۾) پيش ڪيل شاهدي (تہ موقعي تي حاضر نہ هو).

ـ **آڏَوَاهَر ڏِيڻُ:** ڪورٽ ۾ (ڪنهن شاهد يا جوابدار طرفان، غير حاضر رهڻ جي ڏوهہ ڪان بچاءَ لاءِ) قَسم نامي تي ڪنهن جي شاهدي پيش ڪرڻ. اڳ جو بچاءُ ڏيڻ.

ـ **آڏَ وَاهَر ڪَرڻُ:** شڪ ۾ چوريءَ جي مال تي (پوليس جو) جڙتو ياڳيا بيهارڻ. مددڪرڻ. بچاءَ جي شاهدي ڏيڻ.

• **آڏِوَاڻِيْ:** اسم خاص. آڏوُ مَل جو اولاد. حيدرآبادي عاملن جي هڪ آکهہ جو نالو.

• **آڏَ وَڏَائِيْ:** ث. حسبي نسبي يا خانداني فخر. ورثي ۾ مليل عادت. اصل جي عادت — اَڏَ. وڏن جي رِيْت 'ڪامڻ اهنجي ڪُرجي، آڏوڏائي آهہ'(شاهہ). اباڻي ڏاڏاڻي ريت. شرافت.

ـ **آڏَوَڏَائِيْ هُجَڻُ:** عادَت هُجَڻُ — اَڏَ هجڻ.

• **آڏَرو ج آڏَرَا:** ذ. ڇپَر جو پاسيرو ورو. بيل گاڏيءَ ۾ ٻَر جي ڇيڙي ۾ لڳل اُڀي ڪاٺي(جنهن ۾ نارو ٻڌن ۽ ڀانجاريءَ سان ڏِڳا ڇڪين).

• **آڏَوريْ ج آڏَوريُون (ث):** ث. ٻن ڪتل ڪاٺين تي رکيل آڏي ڪاٺي — ڪاٺَڻ.

• **آڏَوِٽِيْ ج آڏَوِٽِيون (ث):** ث. اُها ڳالهہ (يا عذر) جا آڏو آٽي جند ڇڏائجي — جند ڇڏائڻ لاءِ سچي ڳالهہ لڪائي ٻي (هٽراڏو ٺاهيل)ٻڌايل ڳالهہ.

• **آڏيْ ج آڏِيون:** ث صفت. [سن. آٿريَچَہْ] ڏِنگي — ڦِڏيْ — وريل — ٽيڙيْ — ٽيڏيْ. اُبتي — مَخالف. ظرف. [سن.آگ

صورت] ڏکيءَ مَهل جو آسرو. پروسو — پرجهلو. آسانبو —آسانگو — آڳانڊيو.

• **آڏائِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **آڏائڻ:** 'آڏڻ' مصدر مان متعدي بالواسطه [سن. آ — مُرڏ = مهٽڻ] تري ڏيارڻ — هَٿَ هٽائڻ. مالش ڪرائڻ. ويم جي آڏِ سُوَٽَ ڪرائڻ. پيٽ سُور کان تيل جي تري هٽائڻ.( آڏائيو — آڏائيندو —آڏائيل).

• **آڏائِي ج آڏائيُون:** ث. آڏائڻ يا آڏڻ جي مزدوري.

• **آڏِڙڻ:** مصدر. [سن.آڏار] آڏَر ڏيڻ — ٽيڪ ڏيڻ (ٻئي تي). بيمار جو ويڙهيل هنڌ ياوهاڻي کي ٽيڪ ڏيڻ. ٽاڻو ڪائي ڪرڻ (نند ۾ وهٽ تان. يا ٽڪڙو هلڻ سبب) —آٽڙڻ. (آڏِريو— آڏِرندو—آڏِريل).

_ **آڏَرِ ج آڏَرُون:** ث. آڏَرِ—ٽيڪ — اِرڪَ.

_ **آڏِرو ج آڏِرا:** ذ. ٽيڪ ڏيڻ جو وڏو وهاڻو.

• **آڏَڻُ، آڏِڻُ:** مصدر. [سن. ١. آمُرڏ =مَهَٽَڻُ؛ ٢. آڏيَ =مالش ڪرڻ. تيل سان بدن کي مهٽ ڏيڻ _ مَالش ڪرڻ. مهٽ سهٽ ڪرڻ. هٿ هٽڻ (ويم واري زال کي) مالش ڪرڻ. (تہ ڇڪيءَ پوري جاءِ تي اچي). ڳيپرڻ ياڇڪيءَ کي دوهڻ. آڏي بدن جو سُور ڪيڻ — لِڳ ڪيڻ. (آڏيو — آڏيندو—آڏيل).

• **آڏو:** صفت. [سن. ١.آوُرڏوُ = متي رکيل يا ڪَنيل؛ ٢. اُورڌويَ = وهڻي چڙهيل، عُمر کاڏل؛ ٣. اَرڏوَيَ = (اَرڌَ= اڌ +وَيَ = وهِي. عمر اڌَروت]عُمرکاڏل (يعني سٺ سترسالن کان متي چڙهيلَ) _ وڏيءَ عُمر وارو —پوڙهو — پيرمرد.

_ **آڏو ٻڍو، آڏو ٻڍڙو:** ذ. صفت. تمام پيرسن — نهايت ڪُراڙو.

• **آڏو ٻڍو آڏو ٻڍڙو ٿيڻُ:** (دعا جو اصطلاح) وڏيءَ عمروارو ٿيڻ — پُٽن پوٽن وارو ٿيڻ.

• **آڏُوڪو ج آڏوڪا:** ذ. صت.آڏُو ڪو (ث) آڏُوڪي ج آڏوُ ڪيُونُ.

• **آڏيجا:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **آذَرُ:** ذ. [ف. آگَرَ <آذَ: عبراني. آزر. آذَر] خوشبودار گاهه جو هڪ قسم (جو ٻارڻ سان خوشبو ڏئي). ڪستُوري —آگَر. اگربتي (جا آتشڪده ۾ رکي وڃي). باهه — آڳ. شمسي سال جو نائون مهينو (جو ميوات پچڻ. خصوصاً انگورن ۽ نارنگين جو مهينو آهي).

_ **آذَرُ آبَادُ:** ذ. لُهارن جو شهر (جتي باهه جو ڪم ٿئي ۽ ڪهاڙيون. هٿيار وغيره ٺهن). (اسم خاص) ايران جي اولهہ واري پرڳڻي ۾ هڪ مشهور قديم شهر جو نالو — تبريز.

_ **آذَربائيجان:** ذ. ايران جي اُپرندي واري پرڳڻي جو نالو.

_ **آذَرپرستُ:** ذ. صفت. آتش پرست. بُت پوڄيندڙ.

_ **آذَرڪَدہ:** ذ. باهه جو گهر —آتش ڪده. اهو مندر جتي باهه جي پوڄا ڪئي وڃي.

_ **آذَر گُون:** ذ. باهه جي رنگ جهڙو. چمڪندڙ.

_ **آذَر مَاہ:** ذ. فصل پچڻ جو مهينو (ايران ۾ سيپٽمبر جو مهينو).

_ **آذَري:** ذ. صفت. آذر بائجان جو رهاڪو (اسم خاص) محمود بادشاهه جي دربار جو هڪ شاعر، ڪتاب جواهرالاسرار جو مصنف شيخ جلال الدين حمزه ايراني شاعر.

_ **آذَري بُرُجَ:** ذ. آتشي بُرُجَ.

• **آذُوقو ج آذُوقا:** ذ. [ف. آزُوقه < آزُوگهَ: سن. آجيُوڪا] آجڪو — ٽمُر — قُوتَ —گذران. توشو. گهرو سامان. چوڳو — ڇُوٽو. وڏي پڪيءَ جو ٻچن جي وات ۾ ڏنل داڻو. پناه. ڍَڪَ — پردو. آسرو — پروسو.

• **آر ج آرُونُ:** ث. [سن. ١. آرَا (آ =تائين + رُ =وڃڻ)؛ ٢. آرَ = اڳتي يا آرپارلنگهي وڃڻ؛ ف. آرَہُ] اُها شيءِ جا (ٽُنگ ڪري) اندر لنگهي وڃي. لوهہ جو نوڪدار اوزار. سُئيءَ جو هڪ قسم. موچيءَ جي ڪم جو هڪ اوزار — ڪاٺ جي مُنيي ۾ لڳل ٽُلهي سُئي (جنهن سان چم کي بخيي لاءِ سوراخ ڪيجي). ڪُنڍيءَ (برتَ) جي ڪم جو. گنجي. جورابن وغيره اُڻڻ جو سُئو. ڳاڏيءَ ۾ آهستي هلندڙ ڍڳي کي ڇچ جي پاسن کان هٽڻ لاءِ نوڪدار ڪاٺي — چُونڪَ — ٺُنبٽي. [سن. اُرٽِي] جيت جو هڪ قسم (جو مينهن يا لڱ جي مند سنيالي دانهون ڪري، ۽ آنن لاهڻ بعد دانهون بند ڪري). ٽڏو — ٻنڊو — مڪڙي "آرون ابر آسري، تاڙا تنوارين". [سن. آيَرا =ماکيءَ جي رس] ماکيءَ جي ڪَاچ ڪَڏ ٿيڻ جي جاءِ يا ٽاري. [سن.آرِيَ = اُتلڻ] دل جو لارو. انگلُ — نازُ "مارئي. غلام شاها مورنہ مڃيون عَمر جون آرُونُ". اٿي ذڪر راند ۾ پنجون انگ.

_ **آر ٺُنڊي:** ث. سنهي آر سان پرت جو هڪ قسم. چولي جي ڪنارتي هنيل پرت جو وَرَ. ڪُنڍيءَ جو پرتَ — ڳانڙو.

_ **آر وڏي:** ث. ٽُلهيءَ آر سان پرت جو هڪ قسم. جاريدار پُرتُ.

• **آر ج آرَ:** ذ. [سن. ١. اُرَ = اڳتي وڌي جُلهہ ڪرڻ؛ ٢. آرَڻ =لَهر جي اُٿل پُٿل. ٣. آ +ورِتَ = ٺُپي. ڪُن] وهڪري جي چوطرفي تيزي يا چڪَ (جَا سمنڊ ۾ واءَ ۽ درياءَ ۾ اونهي ڪَڏ سبب ٿئي. جنهن ڪري پاڻيءَ جو وهڪرو ڦيرو ڪائي هڪ

جاءِ تي پيو ڦرندو آهي). درياءَ يا سمنڊ ۾ ڪُن پيدا ڪندڙ وهڪرو. گردابُ — نڪُونْج — غرقاب —آجهور "ڏيئي توڪّل تڪيو، آر لنگهيا آسانَ" (شاه). پاڻيءَ جي تيز وهڪري جو گهمرو. درياه جو ڪُن. "وير ۾ لاٿي ويهه، متي آر اوڙاه جي" (شاه). درياه جو لاڙو ياوهڪرو. درياه جي تِک — تيزي — وهُڪ.پاڻيءَ جو مارو. لسيْر. دل جو لاڙو يا ميلان "جيڏانهن چت چَاهْ گهڻو، آرَ بہ اوڏانهين"(شاه). ڇِڪَ — ڪشش. اُڪنڊ — اُڪير — سڪَ. حُبَ _ قُرب — پَيارُ "پسڻَان پري ٿيا، اوري آرَ سندون" (شَاه). مالَ جو ڦَرَتي آرو. پالوڙ. اُتَلَ — ليٽَ. انگل — ناز . نخرو — لاڏ — هيج — چاڳ. [سن. آيَرا] ماڪيءَ جي ماناري واري ڪاٽِيْ. آلي ڪاٺيءَ جولَڪڻ (ڪ) — تَلهڙُ.آرو—خانو—ڪَپُ—ڏَنْدو.

ـ **آرَ ہِڏَڻُ:** حملو ڪرڻ — ڪَاهہ ڪرڻ — جنگ ۾ يڪمشت حملو ڪرڻ (درياءَ جي پاڻيءَ وانگر). تراريون وهائڻ — آرَڻُ ہِڏَڻُ.

ـ **آرَرَڪَڻُ:** پيارُ ڪرڻ (چوپائي جو). انگل ڪَرَڻُ.

ـ **آرَڪَرَڻُ:** انگل ڪَرَڻُ. لاڙو ڪرڻ. پيار ڏيڪارڻ.

ـ **آرَلَڳِياس:** لنو لڳي ـ آرو لڳو.

ـ **آريْ ج آريْ:** ذ. صفت. آرَ ڪندڙ — انگلي.

• **آرَا:** صفت [ف. آرَاسْتَنْ= سينگارڻ] سينگاريندڙ. مرڪبات ۾ اسم جي پنيان اچي فاعل جي معنيٰ ڏيکاريندڙ "جهان آرا، دل آرا، وغيره".

• **آرَاتو ج آرَاتا:** ذ. [سن. رُوْ =روئڻ > آرَاوَ = رڙ. واڪو. آواز] روڄ_ راڙو — روڏَنُ اوراتو — اوراٺو.

• **آرَاتِيْ ج آرَاتيوُنْ:** ث. [سن. وَارَه = وارو] واري واري — واريتي. واريتي کير ڏيندڙ يا مڙندڙ چوپائي. (صفت) هڪ مهل تي نہ ڏُڏَل — سَنْدُوٺَل (ل).

• **آرَادَ:** ث. [سن. آرادَنْ > آرَادَ = جوڳ پچائڻ] آرادَ —آرادنا. پُوڄا — زهد.

ـ **آرَادَڪ:** ذ.صفت. آرادَڪُ — پوڄاري. يوگي.

• **آرَادائِيْ ج آرَادَائِيوُنْ:** ث. علحدگي — وڇوڙو — جدائي — ڦوڙائو — فراق — آراڏائي.

• **آرادو ج آرَادَا:** ذ. صفت. [سن. آرَادَيہ = اڪيلائيءَ ۾ وهندڙ ع. علاحده = الڳ] اڪيلو علحده _ جدا — ڌار — الڳ — آرادو.

• **آرَادَيْن:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر) نواب شاه ۽ حيدرآباد ضلعن ۾).

• **آرَادَڻُ:** مصدر. [سن. آ+ رَادَنْ =جوڳ پچائڻ، ڪشٽ ڪيڻ] عبادت ڪرڻ — پوڄا ڪرڻ — پوڄڻ — پرستش ڪرڻ. جوڳ پچائڻ. زُهدڪرڻ. ڌڻيءَ کي ياد ڪرڻ ۽ اورڻ. ريجهائڻ — راضي ڪرڻ. مهرباني گهرڻ. عزت ڪرڻ. لائق ٿيڻ.

ـ **آرَادَ:** ث. جوڳ جو پاٺُ — پوڄا — بندگي "اٺ ٿي پهراندر ۾ الڳ جي آرادَ" (دلپت). خدمت — احترام.

ـ **آرَادُ:** ذ. جوڳ. اڪيلو ويهي عبادت ڪرڻ جي حالت. خلوت — ايڪانت. فِراقُ — علحدگي.

ـ **آرَادَڪ:** ذ. پوڄاري.يوگِيْ زاهد.

ـ **آرَادْنَا ج آرَادْ نَائُونْ:** ث. آرَادَ.

ـ **آرَادِ نَائُونْ ڪَرَڻُ:** اندر ۾ عاجزي ڪرڻ — ٻاڏائڻ. پوڄا ڪرڻ. عرض ڪرڻ — منٿون ڪرڻ. سُوال ڪَرڻ.

• **آرَادو ج آرَادَا:** ذ. صفت. [ع. علحده' سن. آرَادَيہ = اُڪيلائيءَ ۾ وهندڙ] الڳ — جدا — علحدو — آرادو. عجيب — انوکو. جنهن ۾ ڪنهن ٻئي جو حصو نہ هجي. اڪيلو — نويڪلو — خلاصو. نرالو. ازغيبي. الڪ. محويّت وارو — مستغرق. (ث) آرَادي ج آرَادِيُون "آرادي آٽِيءَتي، تي آيو نڪرائِي ٺلُ".

• **آراڙِ ج آراڙيُونْ:** ث. [سن. آرَٽيْہ، آرَٽيَہْ =اڻ پوکيل، اڻ چريل زمين] بريٽ_ بيابان. ٻيلو — جهنگل. ٻَنُ، ٻوڏ جو جهنگ. هُڙي ويڙهہ. وٺراهہ. سائو ميدان. چراگاهہ جو ميدان برساتي پوک ۽ ساون گاهن وارو ميدان "جي اڪنڊيون آراڙِ لوهہ تنين کي لاٿيينْ" (شاه). [سن. آرانڪي] جهنگلي گاهہ جو هڪ قِسم (جنهن جي پاڙ ۾ چٽن جيڏا داڻا ٿيندا آهن، جي مارو ماڻهو رڌي کائيندا آهن) — آراڙي. ٻوٽي جو هڪ قِسم (جو بنا ٻج ڄڻڻ جي اپرندو آهي). ٻوڏ ڪانپوءِ سارين جي پوک لاءِ زمين جي ڪيڙَ.

• **آرَاڙُ ج آراڙَ:** ذ. [سن. آرَٽيْہ] بريٽ. جهنگل. وٺراهہ. آراڙِ. گاهہ جو هڪ قِسم. جنگ — ويڙهہ — لڙائي — يُڌ — آرَڙُ. آرَڙُهہ — اونهارو.

• **آرَاڙو:** اسم خاص. جوهي ۽ ساماري تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **آرَاڙو ج آرَاڙَا:** ذ. [سن. ارانڪي] آرڙي پوک جو گاهُ. ڪَڇو ڏُٽ (ڏونرا وغيره). [سن.آلوڊَن = اکيڙَڻُ، ملائڻ] سارِيال زمين ۾ آلي مٽيءَ جو هَرُ "جويان جنڊ نہ وسري، ڏاندَان آراڙو". پوک جو اڻ پَڪلُ اَنُ. اڌ رڌو يا اڌ پڪو ميوو. ڪاڌو وغيره. ڏُٽ جو هڪ قِسم. ڏونرن جي ٻج جو ٻُتُ. (ڪَڇين گارين سان) ويڙهہ. ڦڏو. جهيڙو. لڙائي — جنگ. ٻوڏ سبب ٿيل

ٻرندڙ ڪاٺي – اُماڙي. اُهاڪاٺي جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ اڳڙين جو مڇو ٻڌي گاسليٽ ياٻئي ڪنهن تيل ۾ ٻوڙي ٻارجي. [سن. اُ + لَنْبا < لَنْبَ =ڊگهي لڏندڙ شي] جهنڊي جي ٻيرق جا ڦڙڦڙ ڪري. ٻاھ جو اُلو. لاٽ – شعلو –ڄيي. پيڙ – ٻنيٽُ. اولانبي. هوائي(آتشبازيءَ جي). ٻرندڙ سَنهي ڪاٺي (جاڪٽي اونده مان ڪَا شيءِ ڳولجي).شهدآڳر– ڏسٽي آڳر.

• **آرَانَبِيُ ڪَرڻ:** ٻ چار سنهيون ڪاٺيون گڏي مڇو ٺاهي ٻاھ ٻارڻ.

• **آرانْبو ج آرانبا:** ذ. [سن. ١.اُپالَنْبَ; ٢. اُلاَنْبَ +ٻَ < ٻا= جهجهي روشنائي; ٣. اُلْمُڪَ = اُماڙي] ٻاھ جو ٻنيٽ يا پيڙ. مشعل. ڏياٽي. ٻريل مُتو. اُماڙي. گولين جو وسڪارو يا دَسُ. بدوقن يا تيرن جووسڪارو. ڏوراپو –اوپالو – اولانبو.

• **آرَانْٽون:** ذ. گدرن، چانهين وغيره جي ولين جي پوک.

• **آرَانْ:** ث. [سن. اَرَڻَ] درياءجي لهرين جي ليٽ پيٽ. صلح – سُلوڪ –ساز. آر – لاڙو. شوق. پيارُ – قربُ "للن کي لطيف چي، اچي سان آران" (شاه). [سن. آرْڻ]. جهيڙو – جنگ. لڙائي جو گوڙشور.

• **آرَائِيُ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو(اڪثر حيدرآباد ۽ خيرپور ضلعَنِ ۾).

• **آرَائِي ج آرَائِيُ، آرائينْ:** صفت. [سن. آرامڪَ = باغائي] ٻاڃيءَ،گلن وغيره جو وکَرو ڪندڙ. گل ۽ ٻاڃيونَ پوکيندڙ. ٻاڃي وڪڻندڙ – بَڪاري – بقّال. باغائي – مالهي –آرائين. (اسم خاص)پنجاب جي هڪ مشهور ذات جو نالو(جي اصل ۾ باغائي هئا).

• **آرَائِي ج آرَائيونْ، آرَايُونْ:** ث. گرميءَ جي موسم ۾ بدن تي نڪرندڙ سنهڙيون خارش واريون ڦرڙيون. ٺاھُ – ميل – ٻٽت. ڪارائي.

• **آرَائِيْنْ:** ذ. آرائي – باغائي. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو. هالا ۽ سکر تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **آرَايِشْ ج آرَايِشُونْ:** ث [ف]زيبايش – بناوت – سينگار –ڏيک ويگ. ٺٺُ.

ـ **آرَايِشِ پسنْد:** ذ. صفت. سينگار جو شوقين. ڏيک ويک کي چاهيندڙ.

ـ **آرَايِشِ محفل:** صفت. محْفِل جو سينگار – ڪچهريءَ جو زيب.

• **آرَنْبَ:** ذ.[سن] شُبَ يا مبارڪ شروعات (ڪنهن مهاپرش يا بزرگ جي هٿن سان سنگ بنياد رکجڻ يا افتتاح ٿيڻ). آرَنْبُ. (مالُ جو ڦَرتي) پيارُ – آر – آلنب.

ـ **آرَنْبُ ڪَرڻُ:** شروعات ڪرڻ.

• **آرْتَ:** صفت. [سن] مصيبت زده ـ دردمند ـ ڏُکايل –هلاڪ. منجهيل. (ث) هلاڪت. محتاجي (ٿ)

• **آرْتَا:** ث. [سن.آرَاتْرڪَ =ديوتا يا بت جي اڳيان روشني (ٿانوَ ۾رکيل) ڦيرائڻ، جَوت ورکا ڪرڻ] هندن ۾ پرٽيجي هڪ رسم (جڏهن گهوٽ پهريائين ڪنوار جي گهر ايندو آهي، تڏهن ڪنواريتا، هڪ رنگارنگي ٿالهيءَ ۾ اٽي مان ٺهيل ڏئي ۾ گيھ وجهي گهٽيون وَٽيُونْ ٻاري سندس مٿي جي چوڌاري ڦيرائيندا آهن) – آرتو.

• **آرْتَا:** ث. [سن. آرْتَ + تا] سور – اهنج –ايذاءُ(دل جو). ڏک –درد. محتاجي – بيوسي. هلاڪت.

• **آرْتَارُ (ڪڇ):** ذ. آرتوارُ – آچَرُ.

• **آرتتو ج آرْتَتَا:** ذ. صفت. آرْتيو.

• **آرَتْوارُ:** ذ. [سَن. آدِتْيَہ =سج + وار = ڏينهن] سج وارو ڏينهن – Sunday هفتي جي هڪ ڏينهن جو نالو – آچَرُ.

ـ **آرتْوارَ رَکَڻُ:** (هندن ۾) آرتوارجو ورتُ (روزو) رکڻ.

• **آرَتْيِ ج آرتيونْ:** ث. [پرا. آراتسَيَہ; سَن. ١. آرْت; ٢. آرَاتْرڪَ; ٣.آوَرْڪْشَاَ = ورکا ڪرڻ] هندن جي پوڄا جو هڪ نَمونو (هڪ ٿالهيءَ ۾ ٻريل ڏيئا ۽ ڦَل ڦُول رکي ڪنهن ديوتا يا بُت اڳيان ڦيرائڻ). پوڄاپاٺ جي سامان (ٻرندڙ ڏيا. ڦل ڦُول، وغيره) رکيل ٿالهي.

• **آرْتيوُ ج آرْتيا:** ذ. صفت. گماشتو – پلاوٿو.

• **آرْٽ:** ذ. [انگ. Art] هُنرُ –فَنُ – ڪاريگري.

• **آرٽُ ج آرٽَ:** ذ. [سن. آرتْرا] اَيٽُ – اَرْٽُ. نار.

• **آرَٽِي ج آرِٽِي (ل):** ذ. صَفت. [سن. آرتْرا] نارُ، هُرلي يا هر ۾ وهيل (ڍڳو). وَهوُ (ڍڳو يا اُٺ).

• **آرْٽِيْڪِلْ:** ث. [انگ. Article] لکيل مضمون – مقالو. قانون جو بند – قانوني مضمون جو قلم يا فقرو. ڪابہ ڪارآمد شَيءِ.

• **آرٺو:** ذ.ڪلرواري اُپاميل نرم زمين.

• **آرِيان آروپار:** ظرف. [سن. اَوَارَپَارَ = (آوار. = هيءَ پَر (جبل يا دَرياءَ جي) + پار = ٻَرِينْ پَر ـ هن ڪَپ ۽ هُن ڪَپ – هن پار ۽ هُن پار. هڪَ پاسَي کاَن ٻئي پاسي تائين. هڪ ڪَناري کان ٻئي ڪناري تائين. اندران ٺي اندران – وڃان ٺي وڃان – منجهان –ٻسَٽ. آمهون سامهون. سڌو – تڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

_ **آرپار ڪرڻ:** هڪ پاسي کان ٻئي پاسي تائين (ٽنگ) ڪرڻ. ٻست ٻاهر ڪڍڻ (سوراخ يا ٽنگ پالي وغيره سان).

• **آرپار ج آرپارَ:** ذ. [سن. آوَارَ پارَ] اورين ۽ پرين حَدَ. ڇيڙو – ڇيهه – انتُ "الله جي قدرت جو نڪو آرَ نڪو پارُ". وڏو سمنڊ – مَهاساگر. سڄو ملڪ. سُڃاڻپَ جا نشان – شڪل جا اهڃاڻ – رَوَش. مُهاندو – شبيهه. لَڇڻَ – ارڪان.

• **آرڄا ج آرڄائُونْ:** ث. [سن. آيُرڏا] هيءَ عُمر – هتي (هن دنيا) جي حياتي. عُمر – ڄمار – آوُرڄا. وَهِيُ.

• **آرڄوڻ:** ث. لاچار يا بي وس حياتي. لاچاري حالت. لاچاري جيئڻ جَي حالت "آرڄوڻ آياس، نہ تہ ڪوٺينُ اچن نہ ڪُنواريون".

• **آرڏا:** ث. [سن. آرَ = اورين پَر + ڏار = لاَهُ] پٽ يا جبل جو لاهه. (ڳاٽيءَ جي) سلامي، عمق جو لاهه (ڳاٽيءَ ۾). ٻَاس تراشڻ. (ظرف) اورينْ پَر _ اوراڙ.

_ **آرڏار وَٺڻُ:** سلامي وٺڻ (ڪنهن بَنْدَ وغيره جي). ڪاٽيءَ وقت ڪَوڏر سان ڪڙيي، ڪسيءَ، اڏ وغيره جا پاسا گهڙي سڌا ڪرڻ – ڪپر سنوان ڪرڻ.

• **آرڊَرَ ج آرڊَرَ:** ذ. [انگ Order] حڪم – فرمان.

• **آرڙُ:** [سن. آرَڻ] لڙائي _ جنگ "آرڙ ۾ احسان چئي، سويا ٿيا سردار" (احسان). [سن. آڏاد] آرهَڙُ. آڪاڙ.

• **آرڙُ ج آرڙَ:** ذ.صفت [سن. اَرالَ] ڏکيو – اڙڏو – ڏنگو. منجهيل (سُٽ). ڏکيو (مسئلو). ڦڏو – اڙڙو.

• **آرڙُ ج آرڙَ:** ذ. گڏرن، هنداڻن وغيره جي واڙي – آرَڻُ.

• **آرَڙو ج آرڙَا:** ذ. پاٽيءَ يا گپ ۾ زمين جي ڪيڙَ. (گهر ڪي) راڳو – ليَپو. مشڪلات – اهنجائي – ڏکيائي. اڙڏائي – ڏنگائي. ڏاڍائي – زبردستي – اڙڙو. ڪارائي – آرِيْ.

• **آرزُوْ:** ث. [ف] آسَ – اميد – تمنا. سَڌَ – خواهش. مرضي. دلي مراد. شوق.

_ **آرزُوْ پُوْرِيْ ٿِيَڻُ:** خواهش پوري ٿيڻ اميد پوري ٿيڻ. دل جي مراد پوري ٿيڻ.

_ **آرزُوْ پُورِيْ ڪَرڻ:** اميد پوري ڪرڻ. دل جي مراد پوري ڪرڻ.

_ **آرزُوْ خاڪ ۾ ملائڻُ:** نا اُميد ڪرڻ _ نراس ڪرڻ.

• **آرزُوْ مَنْدُ ج آرزُوْ مَنْدَ:** ذ. صفت. اميدوارو – اميدوار. خواهشمند. چاهيندڙ.

• **آرزُوْنْ:** صفت. بي وس – لاچار.

• **آرَسُ ج آرَسَ:** ذ. [سن. آلَس < آلَسيَہ (آ = نہ + لَس = ڪم ڪرڻ) = ڪم نہ ڪرڻ] بدن جي سستيءَ واري حالت. ٻت جي پيڙا. سستي – ڪاهلي. ڪَرَ – لڳ. آلَسُ. غفلت – ڍِرائي. موڳائي. ٿڪاوٽ. برسات جي گڏ ٿيل ڪني پاٽيءَ ۾ هلڻ ڪري ٿيل ڦرڙيُونْ (ٺ).

_ **آرسَاٽو ج آرسَاٽَا (ٺ):** ذ. سُستي – ڪاهلي.

_ **آرَسُ ڀڃڻُ:** ڪَرَ موڙڻ – لڳ ڀڃڻ.

_ **آرَسُ ٿيڻ:** سستي ٿيڻ. ٿَڪاوَٽَ ٿيڻ.

_ **آرَسُ مارڻُ (ڪ):** سُستي ڪڍڻ. لِڳ موڙڻ – ڪَرَ ڀڃڻ.

_ **آرسِيْ:** ج آرسْي ذ. صفت. سُست – ڪاهل. ڪم جو ٽوٽي (ماڻهو).

• **آرسَائڻُ:** مصدر. [سن.آلَسْ] آرس ڪرڻ. سُستي ڪرڻ. ڪَاهل ٿيڻ. ٽٽائڻ. ٽاٽمائڻ. ڍرو ٿيڻ. خيال لاهي ڇڏڻ (ٺ). (آرسائيو – آرسائيندو – آرسائيل).

• **آرسَائِتو ج آرسَائِتَا:** ذ. صفت. آرسي – ٽوٽي – ڪاهل سَست. ڪم چَور.

• **آرسْجَڻُ:** 'آرسڻ' مصدرمان فعل مجهول سُست ٿيڻ.

• **آرَسڻُ:** مصدر. [س. ١. آسْرَوَ = اُپامندڙ چانورن مٿان لئي؛ ٢.آرسَا = وارن، تَنْدُن يا ٻين اهڙين شين جي آراستگي] تيلءِ پيڃي ملائي تاڃيءَ جي تندن کي سونهاري سان سنوارڻ – آرڪڻ. تاڃيءَ کي تيل پيڻ ڏيڻ. تاڃيءَ کي ڪلف هڻڻ. پيڻ ۾ پُسايل تاڃيءَ کي سُڪائي لسو ڪرڻ. ڦٽيءَ وٽ ڇڃي پيل تند کي ڳنڍڻ. تيل قليل ڪرڻ. هار سينگار ڪرڻ. (آرسيو – آرسيندو – آرسيل).

• **آرسَڻُ ج آرسَڻَ:** ذ. [سن. آسْرو = اُپامندڙ چانورن مٿان لئي] ڪَورين جيَ اصطلاح ۾ سوُنهارو يا ٽنيڻ (جنهن سان اَڏن تي پٽريل، پيڻ ۾ پُسايل تاڃيءَ کي سنواري سڪائين). ڪلف – پيڻ – پيڃي – آهَر.

_ **آرسَڻُ ڪَرڻُ:** اڏن تي چڙهيل تاڃيءَ کي پيڻ ڏيڻ. ڇنل تند کي ڳنڍڻ. تيل سُرمي ۾ وقت وڃائڻ. دير مدار ڪرڻ. ڍرَ يا سستي ڪرڻ.

• **آرسِيْ ج آرسيُونْ:** ث. [پرا. آرْسو: سن. آدَرْشَ (آ = چئني طَرفن کان + دَرْشْ = ڏسڻ) = ڏسڻ جو شيشو] آرسِيْ – آئينو – آِري – اهينو – درسني – ٽِڪ.

_ **آرسِيْ ٿِيَڻُ:** نمونو ٿيڻ. مثال بنجڻ.

_ **آرَسِيْ ڏسَڻُ:** پنهنجي ڪَرتُوتَن کي پاڻ ڏسڻ.

books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

• **آرَشُ ج آرَشَ:** ذ. [سن. رَشَ = سمجهائڻ، رَچَڻُ] تمثيلي فعل يا عمل. رشين ڪان ورتل شاديءَ يا وهانءَ جو هڪ نمونو (جنهن ۾ ڪنوار پيءُ کي گهوٽ وٽان هڪ ٻه جوڙا ڳئُون ملن).

• **آرَفُ،آرَڦُ (ڪ):** ذ. [سن. آرَپَ > رَپَ =مٽيءَ جو ڦولجڻ، اُپامڻ] ڪَلَرَ يا ڪلراٺي مٽيءَ جي اچي اُپامَ. ڪلراٺي مٽي. ڪَلَرجو لوڻ. ڪلرجي ڪار. ڪار ۽ صابڻ جو (ڪڙهيل يا رڌل) پَاڻي – اوڪڙُ (ل). ڪَلَرجو آنريل پاڻي (جوڪَلَر رجهڻ بعد آنر جي بهي). ڪٽيءَ جو ڪُٽپُ.

• **آرڪَاٽِي ج آرڪَاٽِي:** ذ.صفت.آرڪاٽ شهر جو ويٺل (جتي جا ناکئا شايد ماهر ٿين). ٻيڙي هلائيندڙ – ناکئو – ڪشتيبانُ – ملاح. سُڪاڻي – (دنگيءَ جو) ٻيون. (اسم خاص) ميربحرن جي هڪ ذات جو نالو.

• **آرڪَار(ت):** ظرف [ف.آخرڪار > آرڪار] آخرڪار – نيٺ نڏان.

• **آرَڪَمُ ج آرَڪَمَ:** ذ. [سن.آرا+ ڪَم = آر جو ڪم] خسيس يا بيفائدو ڪم. (صفت) خفيف – هلڪو – واهيات – تچ –ادني. نڪمو.

ـ **آرَڪَمُ ڪَرَڻُ:** خسيس يا بي فائدو ڪم ڪرڻ. ناز نخرا ڪرڻ. آناڪاني ڪرڻ. دير وجهڻ.

• **آرڪمديز:** اسم خاص. [يوناني] علم ڪيميا جي هڪ يوناني عالم جو نالو – ارشميدس.

• **آرَڪُ ج آرَڪَ:** ذ. صفت.[سن.آرڪش] لچڪٹو. نازڪ.ترڪ تاليو. بي وفا.

• **آرَڪَڻُ:** مصدر. آرسَڻُ. (آرڪيو – آرڪيندو – آرڪيل).

• **آرَڪَڻُ ج آرڪَڻَ:** ذ. [سن. آلَڪْشَڻَ: ع. اَرْڪَان = لڇَڻَ] نشست برخاست ۽ هلت چلت جو نمونو – اخلاق – لڇَڻ – ارڪانُ. طبعي رجحان. عادت – روش. سُياءُ. مُهاندو – چهرو (جو اطوارن مان معلوم ٿئي) ”هَٿينْ پيرين، آرِڪٽين، مُنهن نہ مهاٽي“ (شاهہ). آريڪَڻُ.

• **آرڪَٽِي ج آرڪَٽيُونْ:** ث. آرسي –آئينو – آهري.

• **آرڳو ج آرڳا (ت):** ذ. [سن. آرْڳَ (= ٽاڦوڙو) > اَرَڳَ (= پاڻيءَ ۾) اڳتي وڌڻ] ٻيڙيءَ جو ڳُن – چَپُو – ونڍو. وڏو چمچو (ٻوڙ وغيره جو).

• **آرڳورَ:** اسم خاص. تعلقي ڏگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آرگون:** ذ. [انگ. Argon] گيس جو هڪ قسم.

• **آرلو ج آرلا(ت):** ذ. [سن.اُرْلَ = ٻاڦ يا ڏونهين جي لاٽ] ڏِئي جو جارو (پيت ۾ نديوءَ ٽڪندو خال).

• **آرِلِي جَ آرِلِيُونْ:** ث. [سن. اَرَلَ = لٽڪندڙ ڪاٺي < اَرَ = آڏ ٽيڻ] چوپائي مال جي واڙ ناهڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ ڏگهو پَچَرُ (جو ٻن نندين ٿوڻين تي رکيل هوندو آهي). اڙهو – لڙهو.

• **آرَمُ:** ذ. [ف. اَرْمَڪُ] اوني ڪپڙي جو هڪ قسم.

• **آرمان،آرماڙ، آڙماڙ:** ذ. [هَسپاني، لاٽن آرميٽا (Armata) يا آرميٽس؛ انگ. آرميڊا (Armada) = هٿيارن پنهوارن سان جهنجهيل، مُسلح] بحري جنگي جهازن جو ميڙ (جو اڻ جيت هجي؛ خصوصاً اهو جنگي ٻيڙو جو سپين جي بادشاهہ فلپ ثاني 1588ع ۾ انگلنڊ خلاف موڪليو). سامونڊي فوج جو ٻيڙو – بحري ٻيڙو.

• **آرمِي:** ث. [انگ. Army = فوج] خشڪيءَ جي فوج – لشَڪر.

• **آرمِيٽِيا:** اسم خاص. اناطُوليا جي هڪ صوبي جو نالو.

• **آرَنْڀُ:** ذ. [پرا. آرَنْڀَ؛ سن. ١. آرَنْڀ؛ (آ = ڳِهٽو + رَڀْ = شروع ڪرڻ)؛ ٢. آرَمْڀ] شروعاتَ – آغاز – ابتدا. مُهاڳَ – ديباچو – مُنڍ. (برسات کان اڳ)ڪاڙهو يا گُهٽَ. [سن. آلَمْبُ = ٽيڪ ڏيڻ، ليٽي پوڻ] آسرو – ڀروسو – ٽيڪ – آڌر.

ـ **آرَنْڀُ ڪَرَڻُ:** شروع –هٿ ڳنڍڻ – آغاز ڪرڻ.

• **آرَنڀَڻُ:** مصدر. [پرا. آرَنْڀَ؛ سن. ١. آرَنْڀَ؛ ٢. آرَمْڀَ] شروع ڪرڻ. آغاز ڪرڻ. ڪم ۾ هٿ وجهڻ.

• **آرَنْگُ ج آرَنْگَ (ٽ):** ذ. [سن] جهڙ برسات جو سعيو. آڙَنْگُ.

• **آرَنْگو ج آرَنْگا:** ذ. رسي جو ٽڪر يا ٽوڙهو (جو پاچاريءَ جي پاسي ۾ ٻڌبو آهي).

• **آرَنْگهو ج آرَنْگهَا:** ذ. [ف. آوَنْد = ٿانْءُ؛ سن. آرَنَ + گَاٽَ = سٽيوٿانءُ] گيهہ يا تيل وجهي رکڻ لاءِ ڪم ايندڙ ٿانءُ (جو ٽامي يا ٽڪر وغيره جو هجي).

• **آرَنْهنْ (ت):** ث. [سن. ١. آ + رَڻَ= خوشي، مزو؛ ٢. آلَمْب >آرَنْڀ > آرَنْهَنْ] موج – مزو – خوشي. سِڪَ. وِرُونْهن. دوستي – الفت.

ـ **آرَنْهنْ ڪَرَڻُ:** مزو وٺڻ. وِرُونْهہ ڪرڻ.

• **آرَنِي،آرَٽِي(ٽ):** ذ. [سن. آرْٽِيبه] وڻ جو هڪ قِسم (جنهن جي ڪاٺين گَهڻَ سان باهہ پيدا ٿئي).

• **آرَڻُ ج آرَڻَ (ل):** ذ. [سن. آرَٽِيبَهْ] ٻيلو ٻوڏ جو جهنگُ.

چراگاهه. گدرن ۾ هنداڻن جي پوکَ. پاڇين جو باغُ. آراڙُ – آرڙُ. آڏائُون فصل. [سن. اَرَڻ] جنگ – لڙائي. [سن. اَرڻ + گاي = جاءِ] آديسي فقيرنجي بيٺڪ.

ـ **آرِڻ، آرڻُ ٻَڌَڻ:** جنگ جوڙڻ – لڙائي ڪرڻ "آرَڻِ ٻَڌي اَبڙي، ڪِي رڻ ۾ رُڪَرَئي" (شاهه).

ـ **آرڻي ج آرڻيُ:** صفت. جهنگ جو – جهنگ ۾ رهندڙ.

• **آرَهَاڙِي:** آرهڙ (مئي – جون) جو ڏٽ (سگر، پڪا ۾ پيرون)، جن جي مٺي رس ۾ ٻيو ڪو ڏُٽ (لنب جو داڻو وغيره) رڌجي. آرهڙ جي ڏٽ وارو طعام.

• **آرو ج آرَا (ل):** ذ. [سن. ١. اَرَ' ٢. آرا] آرَ – پيارُ – قربُ. حُب – سڪَ. دل جو لاڙو. خواهش. لاڏ – ٻار جو انگل "اڪڙين آرو، مونهان پَڇي نـَ ڪئو" (شاهه). مرضي. [سن. آرڻ]درياءَ جي پاوَڪَ. درياءَ جي پاڻيءَ جي اُتَلَ. پاڻيءَ جو وهڪرو، سيرَ ـ تڪ (پاڻيءَ جي). [ف. اَرَهَ] ڪارائي – ڪرتُ – آرڙو (ت). چوپائي مال جي وقت تي نـ مڙڻ واري حالت (ل) ڪُڪڙ (يا ٻئي پکيءَ) جي آنن تي ويهڪ.

ـ **آرو نَاڪَارو:** ذ. [ف. آري > آرو = هائو + ناڪار < ناڪارو] انڪار اقرار. ها ۾ نـ. ناز نخرو. بهاني بازي.

ـ **آرو پَچَائِڻُ:** ڪُڪڙ(يا ٻئي پکيءَ) جو آنن تي وهڪ ڪرڻ. جهوڪَ ٻڌي وهڻ. وهڪ ڪرڻ. ويهي رهڻ (اندر گهر ۾ گهٽو وقت). هڪ هنڌ ڪِپي وهڻ. عشق ڪرڻ – پيار ڪرڻ. سخت تڪيلف جو ڪم ڪرڻ.

ـ **آرو پَوَڻُ(ل):** چوپائيءَ ڪي وقت تي نـ ڏهَڻ سبب وارو پوڻ.

ـ **آرو رَکَڻُ:** پيارُ رکڻ (ڪنهن ٻار تي، يا چوپائي جو پنهنجي ڦَر تي). شوق رکڻ. آرَ رکڻ.

ـ **آرو ڪَرَڻُ:** ڪُڪڙ جو، ڪوڙي هيٺ آنا رکي وهڻ – چارُ ڪرڻ. انگل ڪرڻ. لاڙو ڪرڻ.

ـ **آروڪَڍَڻُ:** ڪڪڙ يا ٻئي ڪنهن پکيءَ جو آنن تي وهڻ ڇڏي ڏيڻ. ڳئون، ٻڪري وغيره جو پنهنجي ڦر تان پيار ڪٽي ڇڏڻ. ٻار جو راضپو رکڻ ۾ ان ڪي هر طرح خوش ڪرڻ ـ انگل سهڻ. ڪنهن جي مرضي موجب ڪم ڪرڻ.

ـ **آرو هُجَڻُ:** پيارهجڻ. سڪَ هجڻ.

ـ **آري تي وهَڻُ:** ڪڪڙ(يا ٻئي پکيءَ جو) آنن تي ويهڻ. لاڳيتو يا يڪو گهرَ ۾ ويهڻ.

• **آرُو ج آرُو:** ذ. صفت. پيار ڪندڙ.

• **آروبَلو:** ذ. [ف. آري = هائو + بَلي = هائو] ڪنهن کي راضي رکڻ لاءِ هائو هائو ڪرڻ جو طريقو – الويلو. ها ۾ ها ملائڻ يا خوش ڪرڻ جو نمونو. چاپلوسي – خوشامد. صفت. پيار ڪندڙ.

ـ **آرو بَلو ڪَرَڻُ:** همتائڻ. اڇي مَڇي ڪرڻ. همدردي ڪرڻ. اَلو پلو ڪرڻ.

• **آروٽَ ج آروٽُونْ (ٽ):** ٽ. [ف. آلوده: سن. آروش] گهَري ننڊ. استغراق. اونگهہ. محويّت.

• **آروپَار:** ظرف. آرپار.

• **آروجهَيو ج آرُوْ جهيَا (ٽ):** ذ. سُٽَ يا ريشم وغيره جو منجهيل ڦورو.

• **آروڙُ ج آروڙَ:** ذ. آلي يا مَليل گاهه جو ڪُونَرُ –آهَرَ.

• **آروڙِجَڻُ:** فعل مجهول. [سن. آ+ رُٽْ = ڪاوڙجڻ] ڪاوڙ وقت منهن ۾ گهُڏبوڻ. ڪاوڙجڻ – ڏمرجڻ "آروڙ جي اٿيو، ڏيمين پيس دانهہ" (شاهه) (آروڙيو – آرُوڙبو –آروڙِيَلُ).

• **آروڙَڻُ:** مصدر. [سن. آ + رُٽْ] ڪاوڙائڻ. [سن. ١. آلوڍَنْ =گـُڏَڻُ، اَڪيڙَڻُ؛ ٢. اُتڪَرشَڻْ = هر ڏيڻ] هرڏيڻ. پوک لاءِ ريج ڏنل زمين کي ڪيڙڻ. ساريال زمين ۾ پاڻيءَ اڇڻ کان پوءِ ٻج ڇٽڻ. (آروڙيو – آروڙيندو –آروڙِيل).

ـ **آروڙو ج آروڙَا:** ذ. [سن. آلوڍ] توري پاڻيءَ ۾ گپ ۾ زمين جي ڪيڙ. گپ يا گاري جو ليپو – پوتو – پوچو – راڳو. ڪلرائيءَ سُڪل اڏ کي ڏنل ليپو. جاءِ جي مرمّت. [سن. اَرْڻ] جنگ – جهيڙو – آرَاڙو.

• **آرُوڙو ڏِيَڻُ:** ليپو ڏيڻ.

• **آرُوڙي ج آروڙِيُونْ:** ٽ. [سن.آلوڍيا] آليءَ مٽيءَ جو ڍِڳ. گَند گوبَر جو ڍِڳ – آروڙي. دل جي پليتي – خرابي – ٻيائي – دوئي "ڪڍي آروڙي، تـ سُکي ٿئي سامي ڇئي" (سامي). مالهہ ۾ پيل ڪائين مان هڪ ڪائي – اِرْڙي.

• **آروسَڻُ:** مصدر.[سن. اَرْش = زخم، ڦٽ] آهستي آهستي ڪنهن زخم مان گَنْدُ ڪڍڻ. سُوٽڻُ (پيٽ، رسي، تنگ وغيره کي). آڏِ ڏيڻ – مالش ڪرڻ –هٽ هڻڻ.

ـ **آرُوْس ج آرُوسونْ:** ٽ. مالش.

• **آروغُ:** ذ. [ف] اوڳرائي.

• **آروڳِي، آروڳي ج آروڳِيونْ (ٽ):** ٽ. [سن.آروڳيہ] بدني روڳ، سڙيل بدن جي بوءِ. مردي ساڙڻ جي جاءِ ـ مَساڻُ. چڪيا.

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

• **آروڳيہ:** ذ.[سن.اَ=نہ +روڳ = مرض] علم بيماري. نِمَرائي — تندرستي — چڱڀلائي — صحت.

• **آروهَ:** ث. پيار پري لوڏ "اُنهن جي آروهَ، جياريو جيءُ جلال چئي" (جلال).

• **آروهَڻُ:** مدر. [سن. آ + روهہ = اٿڻ، چڙهڻ]متي چڙهڻ "اديون آروهَڻ آئيا، جَبَل جاڪوڙا". سُوار ٿيڻ (اٺ، گهوڙي، گڏهہ وغيره تي).

• **آرَه:** ذ. [ف. ارّه] ڪارائي — ڪرتُ.

• **آرَه ڪَش:** ذ. صفت. ڪاٺ چيرو — واڍو.

• **آرَه، آرَءِ:** ث. [ع. رائِ= راءِ:سن. آرو] مرضي. راءِ ـ رايو — لحاظ.

• **آرَه رَکَڻُ:** (ٻارجي) مرضي رکڻ. راءِ رَکَڻُ. آرو رَکَڻُ.

• **آرَهاڙُ ج آرهاڙَ(ل):** ذ. آرهَڙُ.

• **آرَهڙُ ج آرَهڙَ:** ذ. اونهارو.

• **آرَءِ(ت)ڙ ذ.** [سن. ١.اَرَٿيہ = ويرانو، بريٽ، ٻيلو: ٢. اَهَلْيَہ = اڻ هر ڏنل] بنا وَس جو سَالُ (جنهن ۾ مينهن بہ نہ پوي ۽ پاڻيءَ جو رَءُ بہ نہ اچي). اَرَءُ. خشڪي. ٻُڪُ.

• **آرَٺُ:** ث.[سن. اَرٿيَہ= ٻيلو] گدرنءِ هنداڻن جي پوک — آرَٺُ. آڏائين جو فصل.

• **آرِي:** ذ. صفت. [سن. آرِيَہ = شريف،سڌريل، خاندان] سڌريل،پڙهيل،شريف. عزت مند — مانوارو. خانداني. سردار. [اسمخاص] هوت قوم جي سردار جو نالو. پنهونءَ جي پيءُ جو نالو پنهون ڄام "ٻرَ پڻَ ٻُڪاءَ، اُڪنديا آريءَ لءِ گهٽو" (شاهہ). (ظرف). [ف] هائو.

• **آرِي ج آريُون:** ث. [ف. اَرّه] ڪارائي — ڪرتُ.پٽائي گجرن جو آچار — آهري. (صفت) سهيلي —سرتي — جيڏي.

• **آريا (ڪ):** ث. [سن.آد + وَريہ] سڙه جي ٻڌڻ جي ڊگهي ڪائي.

• **آريا ڪَرڻُ (ڪ):** (ٻيڙيءَ جو اصَطلاح) واءَ ۾ ٻيڙيءَ کي پنيرو هلڻ لاءِ مورگيل ۾ گوش وارو واجهہ ڊرو ڪرڻ. (پٽو) ڊَرو ڪرڻ. ميلڻ. آڏ جو ورمنائڻ. آڏ کي هواموجب سڌاري ٻڌڻ.

• **آرياڻِي ج آرياڻيون:** ث. صفت.[سَن. آرِيہ +وَنِي] آرِيہ قبيلي جي ڇوڪري يا عورت. آريءَ نسل جي عورت — شريف عورت. معزّز خاتُون. سانئڻ. آريءَ ڄام جي اولادمان "مون کي ڇڏنہ ڇپرين، آرياڻي آڏار" (شاهہ). گلن وڪڻندڙ عورت — باغائڻ.

• **آرِيَتا:** ث. ڀل مانسائي — شرافت.

• **آرِيتو ج آرِيتا:** ذ. صفت [ع. عاريت = اوڌر]مال موڪليندڙ (ٻئي ملڪ ياشهر مان) ـ گماشتو — دلال — آڙيتو.

• **آرِيتِي ج آرِيتِيُون:** ث. اُها ڇوپائِي جا ڀاڙي (ڪاڏي، لالچ) تي ڪير ڏهڻ ڏئي.

• **آرِپُ (ڪ):** ذ. [سن. آرَپُ(آ + رَپّ = مٽيءَ جو اُپامڻ) ڪلر جي اچي مٽي] اُپاميل ڪلر واري نرم زمين (جنهن ۾ اُٺ يا گڏه ليٽهڙو ڪن). (اُٺن جي) وهڻ (يا ليٽڻ) جو هنڌ. اُٺَ جي ليٽ، وهڪَ، جهوڪ (ل).

• **آرِيلڙوَ آرِيلو ج آريلڙا، آرِيلا:** ذ. [سن. آرِشٽ] وَڻ جو هڪ قِسم ۽ اُنهيءَ وڻ جو ٻِجّ (جو گول داڻن جي صورت ۾ سوپاريءَ جيڏو ٿئي، جنهَن کي پڇي ڪلون پاڻيءَ ۾ وجهي ڇاڇولجي تہ صابڻ وانگر گجي ٿئي، ۽ ان گجيءَ ۾ ريشمي ڪپڙا ڌوتا ويندا آهن. ٻجَ جو اندريون گول ڪارو داڻو بدنظر کان بچڻ لاءِ ٻار جي ڪرائين ۾ ٻڌبو آهي). گزلَئي جو سُڪل ٻِج.

• **آرِيوٽا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **آرِيُج ج آريجَ:** ذ. بنا ريج خشڪ زمين جو ٽڪر — اَريُج. (نهور زمين جو) پوٺو يا ميدان بيابانُ. ڪَرَءُ.

• **آرِيجا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **آرِيجرِي:** ث. درياءَ کي پرتي ڪندڙ شاخ (جا ڪنهن جبل تان وهي اچي نديءَ ۾ پوي).

• **آرِيچو ج آرِيچا:** ذ. آريءَ جو اولاد. آريءَ ڄام جا پٽ "وارو وَرُ وَٺي ويا، آريچا اظلام" (شاهہ).

• **آرِيڙو:** اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **آرِيڙي ج آريڙيُون(ل):** ث. گند جو ڍير — اَروڙي(ل).

• **آرِيڙي، آرِيڙي ج آرِيڙيُون (ل):** ث. اِرڙي.

• **آرِيزِي ج آرِيزِيُون:** ث. [ع. عريضه] عريضي.

• **آرِي سَرَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **آرِيسَراءُ:** ذ. [سن. آرِيشَـرَ > آرِيشَ = ٻوڏ جي پاڻيءَ جو بيٺل ڍُبو: ڍورو ف. آريز] ڍوري جو پاڻي. (اسم خاص) سيوهڻ تعلقي ۾ آرهيءَ جي پرسان مُهاڻن جي هڪ ڳوٺ جو نالو.

• **آريڪَڻُ ج آريڪَڻَ:** ذ. [سن. آل + لَڪشَڻ مُهاندو — شڪل — صورت — چهرو. شبيهہ. علامت. نشان. روش "سلڇڻو ۽ ڪلڇڻو آريڪَڻ ۾ پڌرو [سن. آلِيشَنف] ڪوڙڪي ڪم جي هڪ اوزار جو نالو. (جنهن مان تاڃيءَ جون تندرون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لنگهائين: آريڪڻ هميشه ہ عدد ٿيندا آهن).

• **آرِيہ، آرِيَہ:** ذ. صفت. [سن. آرِيَہ] سڌريل. پڙهيل. شريف. عزت وارو – مانوارو – مانائتو – معزز. بزرگ. وڏو. مقدس. خانداني. سردار. (اسم خاص) هندستان جي هڪ قديم قوم جو نالو. سوامي ديانند جو جاري ڪيل پنٿ.

_ **آرِيہ برَهمَڻُ:** ذ. معزز برهمڻ.

_ **آرويہ ڀٽ:** ذ. علم نجوم جو هڪ مشهور هندو عالم.

_ **آرِيہ ديشُ:** ذ. آرين جو مُلڪ.

_ **آرِيہ رُوپُ:** ذ. صفت. ڏسڻ ۾ شريف (پر) منافق. پاکنڊي. ٻه رُوپي. ٺوڳي.

_ **آرِيہ سَمَاجُ:** ذ. سوامي ديانند جو جاري ڪيل پَنٿُ.

_ **آرِيہ سَمَاجِيُ:** ذ. صفت. آريہ سماج جو فرد سوامي ديانند جو پوئلڳ.

_ **آرِيہ مَارڳ:** ذ. عزت وارو رستو يا طريقو.

_ **آرِيہ وَرتَ:** ذ. (قديم) آرين جي بيٺڪ. هندوستان جو قديم نالو.

• **آرِيہ ويسَ:** ذ. صفت. سکر ماڻهوءَ وانگر پهريل. (ذ) آرين جي پوشاڪ – شريفاڻو ويسُ.

• **آڙَ ج آڙون:** ث. [سن. ١. آ_وُر =روڪڻ. پري جهلڻ. اٽڪ وجهڻ. بچائڻ. لڪائڻ. ڍڪڻ. ٢. آ – وَرَڻَ = ڍَڪُ. پوشاڪ. ڪپڙو لوڙهو. ديوار. ڍال. تاڙي. اٽڪاءُ. روڪَ] اوٽَ – پناه _اولو – لَڪُ – اجهو – پردو – ڍَڪُ. آڏَ – روڪَ – ٽيڪ. سام. اَڙِيُ [سن. آوال = وَڪَڙُ] اوهاڙَ – چڪاسَ – جاچَ – وَائَٽَ.

_ **آڙَ ٽِيَڻُ:** بچاءُ ٿيڻ. آڏو اچڻ (مخالفت ۾).

_ **آڙَ ڏيئِيُ ويهڻُ:** آڙَ ڏيڻ. آڏ ڏيئي ويهڻ. ڪا شيءِ مُنهن ۾ ڏيئي ويهڻ. هوڏ ٻڌي ويهڻ. ڦڏو ڪرڻ.

• **آڙَ ڳولڻُ:** وَجهہ ڳولڻ – ٻنگ – موقعو.

_ **آڙَ ۾ وهڻُ:** ڪنهن شيءِ جي اوٽ ۾ لڪي وهڻ. گوڏا ڪوئي ٺونٺين تي جُڪ هڻڻ. شڪار لاءِ ڪڏڻ ۾ لڪي وهڻ.

• **آڙا ڳوڙِيُ، آڙا گهوڙِيُ:** ث. [سن. آرا گوريہ = پاڻيءَ جي اُٿل پٿل ۾ پجڻ يا مڇيءَ وانگر ترڻ] گوٽ ناٽ يا گوهيءَ واري چال گوٽناٽي – ٽال مٽول – آناڪاني.

• **آڙا واڙِيُ (ت):** ث. ويجها مائٽ. ڪٽنب. آکهہ. قبيلو.

• **آڙَاهُ ج آڙَاهَ:** ذ. [سن. آوَرتہ > آرَڻ =ڪُن. اوڙَاهُ] باه جو مَچ. ڪُرو. نرڳ – دوزخ. [صفت] تمام وڏو. اَٿاهہ اُونهو. حد درجي جو.

• **آڙِ پاڙِ (ل):** ث. آٽڻ ۽ موٽائي ڏيڻ جي حالت. سدوبدل جو سودو. سودي جي لاڙِ پاڙ – مَٽ سَٽَ.

_ **آڙِپاڙِ ڪَرڻُ:** آيل مال جي پيل مال سان بدل سدل ڪري وٺڻ (جيئن، اَنَّ ڏيئي ڪپڙو وغيره وٺڻ) وهنوار صاف ڪرڻ.

• **آڙِ جهاڙِ (ل):** ث. اناج جي مَٽَ سَٽَ (جيئن ڪٽڪ جي عيوض چانور ڏيڻ). (ظرف) لاڙِ پاڙِ.

_ **آڙِجهَاڙِ ڪَرڻُ:** جنس جو سودو جنس ۾ ڪرڻ.

• **آڙَڪَ (ت):** ث. برسات تي اُپرندڙ اٽپوڪيل (خود رُو) جهنگلي گوار (ڪاري ٻج سان).

• **آڙَنگ ج آڙَنگ (ل):** ذ. [سن. آ + گهَرمَ = گرمي، پگهر] برسات کان اڳي هواجي گهُٽَ. ٻُوسَٽ – رُگهَ – رونيو "آڙنگَ آگَمَ لايا وي، رم جهم بادل ڪيا بهارَا" (ميران محمد شاه).

• **آڙَڻُ:** مصدر. [سن. ١. آهلَادُ = خوش لڳڻ. وڻڻُ: ٢. آوَر = چونڊڻ. پسند ڪرڻ. چاهڻ؛ ٣. آوَرتَنُ = سيبائڻ. وڻڻ] وڻڻَ – پسند اچڻ – سهڻو لڳڻ – آئڙڻَ – سيبائڻ "جي ڪارُون آڙِيا ڪانڌ کي، تہ روئي ريجهائيج" (شاه). [سن. آوُر = روڪڻ. بند ڪرڻ] روڪڻ – بند ڪرڻ. پري جهلڻ. اڙائڻَ – اٽڪائڻ – ڦاسائڻ. آڏَ ڏيڻ. ڍَڪَڻُ – لِڪائڻ (جيئن، پيري چورن جا پير ڍڪين) – پيرن جا نشان جاچڻ ياڳولڻ. [سن. اَوَ ڌارَڻُ] جاچڻ _ چڪاسڻ. (آڙيو – آڙيندو – آڙيَلُ).

• **آڙو:** اسم خاص. تعلقي ٻني عاقل ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **آڙو ج آڙا:** ذ. درياءَ جي ڇڏيل ٻيٽاري (ت). پاڻيءَ جي وچ ۾ رهيل ڌَڙِيُ (جنهن تي ماڻهو ويٺل هجن). ٻَنن ٻڌل پاڻي (يعني ٻاري ۾ بيٺل پاڻي جنهن جي چوڌاري وڏو ٻنو آيل هجي. وڏو ٻارو (پوک جو). ڪانن جو بَنڌُ – گڏو (ل). ٻَرجهلو – جهَلَ – آسرو – ڍَڪُ – پناه _ پُشت "ميم مدايون ميٽين تون، آهين عالم جو آڙو" (صاحبڏنو). سُٽ جي ٻن تندن جو ٻٽو ڪيل ڦورو. آرو _ ڪِيٽو – رُسامو – تيسو (ت) (صفت) ڏنگو – ڦِڏو (ث) آڙي ج آڙيون.

_ **آڙَا ٻڌَڻُ:** وڏا ٻنا چاڙهڻ.

_ **آڙو چوتال:** ذ. دهل. پکواز يا طبلي جي هڪ وڄت (جنهن ۾ ١۴ ماترائون ٿين).

_ **آڙو وَڄائڻُ:** 'آڙو' تال وڄائڻ. منجهائي وڄت ڪرڻ (جيئن گوئيو تال ۾ ڦلجي پوي).

• **آڙو:** ونگ، پيچ. آڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **آڙُوَ:** ذ. ميوي جو هڪ قسم.
• **آڙو پاڙو:** ذ. اوسو پاسو — آس پاس. جندو پاڙو. پاڙو — ويڙهو. اوڙو پاڙو.
ـ **آڙو پاڙو اَچائي ڪَٽڻُ:** آس پاس جي رهاڪن کي بيزار ڪرڻ. پاڙيسرين کي نهايت تنگ ڪرڻ ـ اوڙو پاڙو تپائي ڪٽڻ.
• **آڙَ — ويڙَ (ث):** ث. دوا درمل — سُتي ڦڪي.
• **آڙهَ ج آڙهَ:** ذ. باھ جو وڏو مَچ — آڙاھُ "سنجهي صبح سوريان، سي ڪيئن آڙهَ اُجهامن" (رمضان ڪنڀر).
• **آڙهاڙي:** ذ. صفت. آرهڙ جو (فَصُل جنهن ۾ رڳو گاھ ٿئي جو وهڻن کي ڪارائين).
• **آڙهُڙ:** ذ. [سن.آشاڍ = آڪاڙ = هندن جي هڪ مهيني جو نالو] اونهارو — آرَهڙُ.
• **آڙهنگ ج آڙهنگ:** ذ.آڙنگ.
• **آڙِي ج آڙِيُونَ:** ث. [سن. آٽ، آڊِ] ڏانڊي پکيءَ جو هڪ قسم (ڳچي ڏِگهي، رنگ ڪارو) ٻولاهي — مُرغابِيَ. [سن.آڊي] راڳڻيءَ جو هڪ قسم.
• **آڙِياتي ج آڙِياتِي:** صفت. [سن. آوَرت = بنديل] اڙيءَ پاڪنهن ڪانڌ ۾ قاتل. ٻاندي — قيدي. آڙياتو.
• **آڙِيانو ج آڙِيانا:** ذ.[ف. آشيانَهَ] آشيانو. آستانو. (ڪانئين جي آڙ بدل) آکيرو.
• **آڙِيتو ج آڙِيتا:** ذ. صفت. آڏيتو.
• **آڙيڪا:** آڏا ڏڪيا چاڙهه ءِ وَرَ وَرَ ءِ وتوارا گهيرا. ڦيرا. پيچ وراڪ.
• **آڙِي ڪاپ ج آڙِي ڪاپ:** ذ. صفت. [انگ. Aid de camp= آفيسر جي ڪئمپ ۾ مدد ڪندڙ] چالاڪ. هُوشيار. بهادر — پهلوان. هراتڪلي. حرفتي.
• **آڙيڪڻُ (ث):** مصدر. [سن. آليڪَنُ = جوڙاري ليڪو ڏيڻ] گول ليڪو ڏيڻ. پرت لاءِ ڪچي ڌاڳي سان ٽڪون ڪپڙي تي اٽڪائڻ.
• **آڙيڪو ج آڙِيڪا (ل):** ذ. [سن. آڪَرشٽِي، آنڪوشيه = ڪُنڊو] ڪُنڊو. آڪڙو_ آنڪڙو — انگوڙو. ڪُنڍي. ڪلوڙو. پيچ — وَڪڙ — وَرُ "اديون آڙيڪا، هينئڙي پيم هوت سين" (شاھ). رَسي جي ٻَڌَ کي مضبوط ڪرڻ ءِ رسي کي وَٽڻ ۾ ڪم ايندڙ ڪاٺي. آٽڻ (ث). ڏِنگُ — وَرُ (ڪتي يا شينهن جي پيچ جو) "آڙيڪو نہ الهي، توڙي نڙانديءَ نوَ سال". زمين جو وڏو ٻارو (ت).
• **آڙيڪُوڙَ ج آڙيڪُوڙَ:** ذ. صفت [سن. انٽرايه = اڙي وجهندڙ] رڪاوٽون وجهندڙ — آڙاڪوڙي ڪندڙ — اڙٻنگ.

• **آڙيٽي:** (هيٺين لاڙ ۽ ڪڇ جي جاتڪي ٻولي جو لفظ) توڪي وٽي، اَٽَڙيٽي.
• **آزُ:** ذ. [ف] شوق. خواهش. آس ـ اميد لالچ ـ لوڀ. حرص.
ـ **آزمَنْدُ:** ذ. صفت. خواهشمند. آسروند — اميدوار. حريص — لالچي — لوڀي.
• **آزادُ ج آزادَ:** ذ. صفت. [ف] خودخيال — پنهنجي مرضيءَ وارو — خودمختيار. آجو — ڇُٽَل — ڪليل. ڇرواڳ. واندو. اڪيلو. سَرؤ جي وڻ جو هڪ قسم. هڪ قسم جو زهريلو وڻ.
ـ **آزادانَہ:** ظرف. آزاديءَ سان. ڪليءَ طرح — کُليو کلايو.
ـ **آزادانہ وضعَ:** ث.آزاد هلت چلت. عام ماڻهن کان نرالو ڍنگ.
ـ **آزادُ ٿيڻُ:** آجو ٿيڻ ڇُٽڻ (قيد يا بند مان) — نڪرڻ (مصيبت مان) ـ واندو ٿيڻ (ڪنهن ڪم مان).
ـ **آزاد خيال:** ذ. صفت. خود خيال. پنهنجيءَ مرضيءَ وارو.
ـ **آزاد رَهڻ:** پنهنجي روءِ سوءِ رهڻ. ڇڙواڳ رهڻ. بي تعلق رهڻ. اڪيلو رهڻ.
ـ **آزاد طَبعَ:** ذ. ث. خود خيال. خيالات جو آزاديءَ (بنا ڊپ) سان اظهار ڪندڙ. بي خوف — بيپرواھ.
ـ **آزاد ڦِرڻ:** اڪيلو گهُمڻُ. ڇيڪ گهُمڻُ.
ـ **آزاد ڪرڻُ:** آجو ڪرڻ — ڇوٽڪارو ڏيڻ.
ـ **آزاد گان:** ذ. صفت. آزاد مرد. دنيا جي پابندين کان ڇٽل ماڻهو.
ـ **آزادگِي:** ث. آجائي — ڇوٽڪارو. ڇڙواڳي. فرصت — واندڪائي. اڪيلائي. آزادي.
ـ **آزاد مَردُ:** ذ. بلند خيال آدمي. آدي پُرش.
ـ **آزاد مزاجُ:** ذ. صفت.آزاد طَبعَ. لاپرواھ.
ـ **آزادي:** ث. خودمختياري. خودخيالي.ڇوٽڪارو —آجائي. رهائي. فرصت — واندڪائي. نجات —موڪ. اڪيلائي.
ـ **آزادي ملڻُ:** ڇوٽڪارو ملڻ. فرصت ملڻ. واندڪائي ملڻ. نجات ٿيڻ.
ـ **آزاداڻي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو)
ـ **آزارُ ج آزارَ:** ذ.[ف] تڪليف — اهنج —اوکائي —ڏک. عذاب — مصيبت — ڏاکڙو. ايذاءُ — سور — دَرد. جنجال. بکيڙو. بيماري — روڳ. ڳاروٽي — جهوري — وجهل "سائر صحت سپرين، آهي نہ آزار" (شاھ). (صفت) تڪليف ڏيندڙ —

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزاريندڙ "دل آزار وغيره".

_ **آزارُ اُٿارڻُ:** مصيبت پيدا ڪرڻ –آزار ڀارڻ.

_ **آزارُ بڻجڻُ:** ڪنهن لاءِ ايذاءَ جو ڪارڻ بڻجڻ. آزار ٿيڻ.

_ **آزارُ ڀارڻُ:** تڪليف ڏيڻ. مصيبت پيدا ڪرڻ. ايذاءُ ڪرڻ.

_ **آزارُ ٿيڻُ:** تڪليف ٿيڻ. سُورُ ٿيڻ – دَرْدُ ٿيڻ.جنجال ٿيڻ. رنج جو سبب بڻجڻ.

_ **آزارُ پرائڻُ:** تڪليف يا ڏک حاصل ڪرڻ. جنجال ۾ پوڻ.

_ **آزارُ پڪڙجڻُ:** ڪنهن بہ بيماريءَ جو عام ٿيڻ. مصيبت ڦهلڻ.

_ **آزار پکڙڻُ:** مصيبت ڦهلڻ – ڪا وچڙندڙ بيماري وڌڻ. تڪليف عام ٿيڻ.

_ **آزارُ پهچائڻُ:** تڪليف رسائڻ. ڏک ڏيڻ. ايذائڻ – ستائڻ. هلاڪ ڪرڻ – ڪک ڪرڻ.

_ **آزارُ پهچڻُ:** عذاب رسڻ – اهنج رسڻ. تڪليف پهچڻ. درد رسڻ.

_ **آزارُ پيدا ڪرڻُ:** تڪليف پيدا ڪرڻ – مصيبت کڙي ڪرڻ – آزار ڀارڻ.

_ **آزارُ ڏيڻُ:** تڪليف ڏيڻ. ڏک رسائڻ. ايذاءُ پهچائڻ. اهنج ڏيڻ.

_ **آزارُ رسائڻُ:** تڪليف پهچائڻ – ڏک ڏيڻ – ايذاءُ رسائڻ.

_ **آزارُ رسڻُ:** ايذاءُ يا اهنج پهچڻ. تڪليف پهچڻ.

_ **آزارُ ڪرڻُ:** تڪليف ڏيڻ. ايذاءُ ڏيڻ. ڏکوئڻ – اهنجائڻ. آزار ڀارڻ.

_ **آزارُ مچائڻُ:** آزار ڀارڻ – تڪليف پيدا ڪرڻ.

_ **آزارَ ۾ پوڻُ:** تڪليف ۾ پوڻ. مصيبت ۾ ڦاسڻ. جنجال ۾ پوڻ.

_ **آزارَ ۾ وجهڻُ:** تڪيلف ۾ وجهڻ. مصيبت يا جنجال ۾ وجهڻ.

_ **آزارِي:** ذ. صفت. تڪيلف ڏيندڙ – آزاريندڙ. ڏکوئيندڙ. بيمار. ٽوٽي – ڪمر چور. جنجالي.

○ **آزارڻُ:** مصدر. [ف. آزارِيدَن] تڪليف ڏيڻ رنجائڻ. ڏکوئڻ. زخمي ڪرڻ – گهايل ڪرڻ. بيمار ڪرڻ. هلاڪ ڪرڻ – ستائڻ – تنگ ڪرڻ. (آزاريو –آزاريندو – آزاريل).

○ **آزَرُ:** اسم خاص. [ع] آذَرَ "منهن ۾ مسلمان، اندر آزَرَ آهيين" (شاهہ).

○ **آزَرُ:** اسم خاص. [ع] حضرت ابراهيم عليہ السلام جي پيءُ يا چاچي جو نالو (جو بت ٺاهي وڪڻندو هو).

○ **آزُرت، آزُرَت:** صفت. [ف.آزُرده] ڏکويل. عاجز_ ڪک.

_ **آزُرتو:** صفت. آزُرت. مُنجهيل –پريشان.

○ **آزُردگِي:** ث. [ف] تڪليف. رنجش – رنجيدگي. غم – ڏک. پريشاني. خنگي. ناراضگي.

○ **آزُرْدَهُ:** صفت. [ف] تڪيلف وارو. ناخوش – ڏکويل. رنجيده _ غمگين – ناراض. اُداس – مَلُول. پريشان. ڪک – آتو. منتظر.

_ **آزُرْدَهُ خاطِرِ دِلِ:** ذ. صفت. دلگير. رنجيده _ اداس – ملول – غمگين.

_ **آزُرْدَهُ دلِي:** ث. دلگيري. افسردگي – غمگيني.

_ **آزُرْدَهُ ڪرڻُ:** ناراض ڪرڻ – ڏکوئڻ – رنجائڻ. خفي ڪرڻ – ڪک ڪرڻ. پريشان ڪرڻ – حيران ڪرڻ.

○ **آزُقُ، آزُوقُ:** ذ. آزڪو.

○ **آزُڪو ج آزُڪا:** ذ. [ع. آذُوقَہُ] آجڪو. "آزُڪر اباڻن جو آهي ڏونرا پسي جهڻ" (نواب جان علي لغاري).

○ **آزُڪِي (ل):** ث. اُنين جو اڄَاول ڪٽو ڪير. قِتل ڪيرجي ڪٽاڻ.

○ **آزْماَ:** صفت. [ف] آزمائيندڙ. صفاتي پڇاڙيءَ طور ڪم ايندڙ لفظ "همت آزما، محبت آزما".

○ **آزمائِش، آزمايِش ج آزْ مائيشُون:** ث. [ف] آزمودو – امتحان. تجربو. پرک – چڪاسَ – جاچ.

_ **آزمائِش وَٺڻُ:** امتحان وٺڻ – آزمودو وٺڻ – پرک لَهڻ.

_ **آزمائشي:** ذ. صفت. آزمائش لاءِ _ پرک طور – چڪاس وارو – تجرباتي.

○ **آزمائڻُ:** مصدر. [ف. آزمُودَن] آزمودو ڪرڻ ياوٺڻ – امتحان وٺڻ – پرک لهڻ. چڪاسڻ – جاچڻ "آزمائي ڪي آزمائي، سو ڏوڙ منهن ۾ پائي." (آزمايو – آزمائيندو – آزمايَل).

_ **آزمائي ڏِسَڻُ:** امتحان وٺي ڏسڻ –پرکي ڏسڻ – تجربو ڪري ڏسڻ.

○ **آزْمُودو ج آزْمُودَا:** ذ. [ف. آزْمُودَہ] امتحان – تجربو – پرک. چڪاس – آزمائش. استعمال.

_ **آزْمُوْدُ ڪَارُ آزْمُوديڪَارَ:** صفت. [آزموده + گار] تجربي وارو – تجربہ ڪار. جهان ديدو. هوشيار. ماهر.

_ **آزْمُودي خَاطِرُ:** ظرف. آزمودي لاءِ _ تجربي طور. اٽڪل رُوءِ _ نموني خاطر.

○ **آزورو:** صفت. [ف. آز + وَرو] خواهشمند – گهرجائو – حاجتمند – محتاج – ڪنل – سُجو.

○ **آزِي ج آزِيُونُ:** ث. [ف. آز = سَذَ] منٿ – التجا – نيزاري. سَذ ياخواهش ڏيکارڻ جي حالت.

_ **آزِي ڪَرڻُ:** منت ڪرڻ – نيزاري ڪرڻ. التجا ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **آسَاسُ ج آسَاسَ:** ذ. [پرا. آسَاسَ؛سن.آشْوَاسَ (آ+ شْوَس = ساه کڻڻ)؛ ف. آسَايَشْ] آرام — فرحت. سَاهيْ. آسيْتَس.

ـ **آسَاسُ اَچَڻُ:** آرام اچڻ — فرحت اچڻ. آسَيس اچڻ.

ـ **آسَاسُ ڪَرَڻُ:** آرام ڪرڻ. ٿَڪُ ڀڃڻ — دمُ پٽڻ.

• **آسَاسَر:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **آسَامِيْ ج آسَامِيُوْنْ:** ث. [ع. اسم ج اَسْمَاءُ ج آسامي = نالا؛سن. اَشَام = سچو، ڄٽو] هي لفظ سنڌيءَ ۾ واحد طور استعمال ٿئي. نالي وارو شخص. شاهوڪار گهر. دولتمند فرد. ڄٽو —شخص — فرد. ڏيتي ليتي ڪندڙ — خريدار ـ گراهڪ. مکيہ ماڻهو. وڏيءَ پهچ وارو شخص. ملڪيت — دولت —ناڻو.

• **آسَان:** صفت. [ف. آسانيْدَنْ = سهنجو ٿيڻ] سَولو — سهنجو — سوکو. ٿورو 'هيءُ هڏ آسانَ، پر مگٽهارمتي وهي" (شاهہ).

ـ **آسَانُ ٿِيَڻُ:** سهنجو ٿيڻ — سولو ٿيڻ.

ـ **آسَانُ ڪَرَڻُ:** سولو ڪرڻ. مشڪلاتون دور ڪرڻ. سَهنجو ڪرڻ. (ڪم پوري ٿي وڃڻ لاءِ) حالتون سازگار بنائڻ.

ـ **آسَانِيْ ج آسَانِيُوْنْ:** ض. سهنجائي — سَولائي — سوڪائي. سهولت.

• **آسَانْبو، آسَانْبِيو ج آسَانْبَا،آسَانْبِيَا:** ذ. [سن. آشَمْيو < آشَا = آس] آسرو — اميد — آسانگو. دلجاءِ ـ تسلي. آذار. آٿَتُ. اڪنڊ — اڪير — پياس. آرُ" جذبو" ڪشش"آسانبي ارواح جي، اُيي تڙتڪيام " (شاهہ).

• **آسَانْدو،آسَانْڊو،آسَانْڊو (ڪ):** ذ. آسانبو — آسانگو. جابلو وڻ جو هڪ قِسم (جنهن جي پن ۾ تماڪ وجهي بيڙي ٺاهجي).

• **آسَانْدِي ج آسَانْدِيُوْنْ:** ث.صفت. اُڪنْڊ وَاريْ —منتظر.

• **آسَانْگو ج آسَانْگا:**ذ.[سن. ١. آشَا = آسَ؛ ٢. آسَنْگَہ = (آ = ساڻ + سَنْگَ < سْنْجْ =پيار ڪرڻ) لاڳاپو.الفت. محبت] سانگو — آسانبو — آسرو — آهو —اميد — ڀروسو. تعلق"ڇڏ آسانگا ارواح جا، لاهُوتي لاهي" (شاهہ). سنگت جو سنبنڌ — لحاظ — ڏَڍ. پيار — محبت.

ـ **آسَانْگَا ڀِڃَڻُ:** اميدون آسرا لاهڻ. واسطا ٽوڙڻ. تعلقات ختم ڪرڻ.

ـ **آسَانْگو ڇَڏَڻُ، لاهَڻُ:**آسرو ڀڃڻ — اميد لاهڻ.

ـ **آسانگي اروَاح جي:** جياپي جي آسري.

• **آسَاوَرِيْ:** ث. [سن.آشاوَتِيْ] هڪ راڳڻيءَ جو نالو — ميگهہ ديوتا جي زال (جا ملار ديوي بہ ڪوئجي). راڳ جي هڪ ٺاٺ جو نالو.

• **آسائشُ،آسَائِشُ ج آسائِشُ، آسَائِشُوْنْ:** ث. [ف. آسايش.] آرام — راحت. سُک — آنند. فرحت. سَاهيْ.

ـ **آسَائِش گَاهُ:** ذ.ث. آرام وٺڻ جيَ جاءِ ـ آرام گاه.

ـ **آسَائِش مَنْدُ:** ذ. صفت.آسائش جو هيراڪ — آسائشي. آرام طلب.

ـ **آسَائُو:** آس ڪندڙ. اميد ڪندڙ. چاهيندڙ.

• **آسْتِيْن ج آسْتِيْنُوْنْ:** ث.[ف] قميص،ڪوٽ. پهراڻ وغيره جي ٻانهن.

ـ **آسْتِين جو نَانگُ:** ذ.ظاهر ۾ دوست پر اندر ۾ دشمن.

ـ **آسْتَين چَاڙهَڻُ:** ٻانهون ڪُنْجَڻُ. ڪنهن ڪم لاءِ تيار ٿيڻ.

• **آسْتَانو ج آسْتَانَا:**ذ. [سن. ف] آستان —آستانو.

• **آسْٽرِيلِيَا:** اسم خاص. [انگ] هڪ کنڊ جو نالو — دنيا جو وڏي ۾ وڏو ٻيٽ.

• **آس پَاس:** ظرف. [سن. ١. آيْ پايْ =مٿي هيٺ. چوڌاري؛ ٢. آيَس پَايس = ڪبي سڄي. اڳيان پويان = چوڌاري؛ ٣. آسَهَ + پَارْشْوَ] چئني پاسن — چوطرف — چوڌاري — ارد گِرد — چوگرد. نزديڪ — ويجهو.

ـ **آس پَاس وَسَڻُ:** فقط ڌارين کي فائدو پهچائڻ.

ـ **آسَ پاسَ هُئَڻُ:** ويجهو هئڻ — نزديڪ هئڻ. چوڌاري هئڻ — چوطرف هئڻ.

• **آسَ، آسَرَ:** ذ.ث. [سن. آشَا >آشَرَ = اميد. آسَ]آسَ — اميد "آسَرَ هَڏَمَ لاهہ. سڄڻ ٻاجهيندڙ گهڻو" (شاهہ). "آسَرَ پري آهيان. الامانَ اچي" (شاهہ). آسرو — آڌار.

ـ **آسَرَائِتُ:** ذ. صفت. مدد جي آسري ۾ رهندڙ. دلاسي ۾ رهَندڙ. مدد وارو. ٽيڪ وارو.

ـ **آسَرَ پَرِي:** آسري پَري. اُميد پَري.

ـ **آسَرِيوَتَائِيْ ج آسَرِيوَتَائِيُوْنْ:** ث. صفت. آجائي آسري واريْ (ڳالهہ) — اجائي — بي نتيجي.

ـ **آسَرِيوَتَائِيُوْنْ ڳَالهِيون ڪَرَڻُ:** اجايون. بي نتيجي ۽ بي بنياد ڳالهيون ڪرڻ.

ـ **آسَرِيوَتو ج آسَرِيوَتَا:** ذ.صفت. اميد جو اجايو ڀروسو ڏيندڙ — ٺلهن دلاسن وارو. ٻٽاڪي. ڪُوڙو. چرب زبان.

ـ **آسَرْوَنْدُ ج آسَرْوَنْدَ:** ذ. صفت. اميد وارو ـ آسائُو. سڪندڙ "اڳڻ آسروَنْد جي، ٻيرو ڪج ٻلير".

• **آسَرِيوتَا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **آسَرِنْهَہ، آسَرِنْهَنْ:** ذ. [ع. اَثْلَة . اَثْل] لئي جو هڪ قِسم —

برابريءَ جو دم هڻڻ. وڏائي ڪرڻ.

_ **آسمانَ سَانْ ڳالهيُونْ ڪَرڻُ:** نهايت بلند هجڻ – تمام مٿي هجَڻ "جبل آسمان سان ڳالهيون پيو ڪري". سڪرات جو وقت اچڻ.

_ **آسمانَ سَانْ لائِڻُ:** حد کان وڌيڪ ساراه ڪرڻ. وڏاءُ ڪرڻ – مبالغو ڪَرڻ.

_ **آسمانَ سان مَٿو گسائِڻُ:** حيثيت کان وڌيڪ هلت ڪرڻ. ٽانءِ سان هلَڻ.

_ **آسمانَ سرتي ڪڻڻ:** هُل ڪرڻ – شور مچائڻ.

_ **آسَمانُ ڦاٽِي پوَڻُ:** تمام گهڻيون مصيبتون نازل ٿيڻ.

_ **آسَمانَ کي اُکَڙيُونْ وجهَڻُ:** خدائي مصيبتن کي جهلڻ. پڌرا عيب لڪائڻ. اجائي ڪوشش ڪرڻ.

_ **آسمانَ مَانْ تَارَالاهڻُ:** نہ ٿيڻ جهڙو ڪم ڪرڻ -- نامُمڪن ڪم ڪَرڻ. ڪنهن وڏيءَ ڳالهہ ۾ ڪامياب ٿيڻ. عجيب ڪم ڪري ڏيکارڻ.

_ **آسمانَ ۾ اکِيُونْ اٽڪائِڻُ:** خدا جي رحمت جو اميدوار ٿيڻ. سندس رحَمت ڏانهن منتظر رهڻ. خدا تعاليٰ کي ٻاڏائڻ.

_ **آسمانَ ۾ اُڳَڙيُ تَنگَڻُ:** مشڪل ڪم ڪرڻ. اُتانهينءَ تي رسڻ. سَخت چالاڪي ڪرڻ.

_ **آسمانَ ۾ اَنْگَرا وجَّائِڻُ:** اجائي ڪوشش وٺڻ – اجايو پاٽپٽوڙڻ. اٿَيٺيون ڳالهيونَ ڪرڻ.

_ **آسَمانَ ۾ تَراريُونْ هَڻَڻُ:** اجايو ڪم ڪرڻ. بيسُود ڪوشش ڪرڻ.

_ **آسَمان ۾ ٺُڪُ اُڇلائِڻُ:** بيوقوفيءَ جهڙو ڪم ڪرڻ (جو وري بہ آڏو اچَي) _ اهڙوڪم ڪرڻ جنهن جو نتيجو وري بہ ڪم ڪندڙ تي پوي.

_ **آسمَانَ وَرِنسمَانَ:** آسمان ۽ نوڙي. اڪبر جو مڪبر – اٽي جو گهوٻاٽو.

_ **آسماني ج آسمَانِيُ:** صفت. آسمان جو – آسمان وارو – سماوي. آسَمان جهڙو- هلڪو نيرو (رنگ). بهشتي.

_ **آسمَانِيُ آفَت:** ث. سماوي مصيبت – خدائي قهر. ازغيبي مصَيبت_ اوچتي بلا.

_ **آسمَانِيُ تِيرُ:** ذ. ڪرندڙ تارو. اجايو ڏُکو.

_ **آسمَانِيُ زبَان:** ث. ملائڪن جي ٻولي. آسمَانِيُ ڪتَابُ: ذ. آسمان تاَن لٿل (آيل) مذهبي پاڪ ڪتاب (توريَت. انجيلَ. زبور. فرقان).

_ **آسمَانِيُ ڪَڪَرُ:** ذ. آسمان تان آيل رحمت – اَبر رحمت – خدا تعاليٰ جي (خاص) مهرباني. اوچتي مدد. وڏيءَ سخاوت جو مالڪ – ڏاتار.

_ **آسمَانِيُ ڪَلاَمُ:** ذ. خدائي ڪلام – الهام – آڪاس واڻي.

_ **آسَمَانِيُ گِيهو:** ذ. آسمان ۾ تارن جو پٽو – آڪاش گنگا – ڪَهڪشان.

_ **آسمَانه:** ذ. [ف] ڇت.

• **آسَمَانِيُ:** ذ. [ف] رنگ جو هڪ قِسم – نيلو رنگ. (ث) آتَشبازيءَ جو هڪ قِسم – هوائِيُ.

• **آسَن:** ذ. [سن.آشْوَنَ] وڻ جو هڪ قِسم (جنهن تي پٽ ڪيئون پلندو آهي).

• **آسَنُ ج آسَن:** ذ. [سن] آسَڻُ.

• **آسَندو ج آسَنْدَا (ڪ):** ذ. وڻ جو هڪ قسم – آسَانْدو.

• **آسُنْدَ:** ث. [سن.آ + شُنْڌي =سُنْڌِ] سُنڌِ. پسارڪوڪر جو هڪ قسم – ٻهمڻ اڇو.

• **آسَنْگُ ج آسَنْگَ:** ذ.[سن.آ + سنگ] الفت ويجهڙائي. سنگ – صحبت.

• **آسَڻُ ج آسَڻَ :** ذ. [پَرا. آسَڻَ: سن.آسَنَ < آسْ = واهَڻُ] وهڻ جي جاءِ _ ٻيٺڪ_ گدي. پاٽاري –وهَڪَ. آستان – ماڳَ – تڪيو – مڪانُ. فقيراڻو تَڪيو – اوتارو – آستانو "ڪوڙئين ڪن سلام، اچيو آسڻ ان جي" "آسڻ جن آريج ۾ تن جي وه جو ورَڻُ ٻيو"(شاه). وهٽي – ويهڻ جو نمونو – وهڪَ – نَشستَ– ٻيٺڪ. دُڪان.پوڄا پاٺ لاءِ وهڻ جي ٽپڙيَ ياننڊو غاليچو. وهٽ تي ڄمي ويهڻ جو ڍنگُ. سُواريءَ جو ڍنگ. هاٿيءَ جي ڪُهلي تي پيلبان جي وهڻ جي جاءِ. جماع ڪرڻ جو هڪ نمونو (ڪوڪ شاسترن ۾ چٽيهہ 'آسڻ' ڏنل آهن). جوڳين جي عبادتي ورزش جو نمونو (اهي نمونا پنجن ڪان وٺي چوراسي ليکيا آهن، جن کي 'يوگ آسڻ' چئبو آهي). ٻيک – خيرات (ٿ).

• **آسَڻِ اُجوڙا:** بنا ڪنهن رتَ وارا، بي رٺائتا رهڻ وارا هنڌَ ۽ ماڳَ.

_ **آسَڻُ ٻڌڻُ:** وهڻ جو نمونو اختيار ڪرڻ. پُوڄا يا جوڳ ۾ رهڻ. پنهنجي جاءِ تي پختو رهڻ (گهوڙي تي) _ ڄمي وهَڻُ.

_ **آسَڻُ جوڙڻُ:** پلٿي مارڻ – پلٿي هڻڻ. سنجوڳي حالَت ۾ وهڻ.

_ **آسَڻُ ڄمائڻُ:** ٻيٺڪ ڪرڻ – پنهنجو تڪيو ڄمائڻ. گهوڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي جمي وهڻ. سَواري ڪرڻ. جماءِ ڪرڻ.

_ **آسَڻُ لڳائڻُ:** بيٺڪ ڪرڻ. ڏرٿو ماري وهڻ. جمائي وهڻُ. ترسڻ — ٽڪڻ.

_ **آسَڻُ ماري وهڻُ:** پلٿي ماري وهڻ. جوڳين وانگر ڏرٿو ماري وهڻ.

_ **آسَڻُ هيٺ اَچَڻُ:** تابعدار ٿيڻ. پيش پوڻ.

• **آسٽِي ج آسَٽِيُونَ:** ث. [سن. آسَنَ < آسَ = ويهڻ] ننڍو غاليچو يا ٽِپڙي (جنهن تي هندو عبادت لاءِ ويهن.ءِ زالون ويهي رڌ پچاءُ ڪن).

• **آسُوَ:** ذ. [سن. اَشْرَ] ڳوڙها — هنجُونَ — اَشڪ.

• **آسُوَ ج آسُوَ:** ذ.صفت[سن.آشا =اميد] اُميد وارو — اُميد پريو — اُميد رکندڙ —آسائُو. (اسم خاص) مرد (جو'آسُو' مهيني ۾ جمي) جو نالو هڪ هندو شاعرجو نالو "آسُو آڪاٽي. جڳ مڙيوئي سپنو".

• **آسوٺو (ٿ):** ذ. وَل جو هڪ قِسم (وڻ تي چڙهي، سجو سال سائي رهي، اُن ءِ ٻڪريءَ جو بهترين کاڌو آهي). پچولو (ٿ).

• **آسُوَدُ:** ذ. [ف. آسُودَنْ = آرام ڪرڻ] آرام — آسائش — چين.

• **آسُودرو (ٿ):** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم (ڪنڊي يا ڪونيٽ جهڙو) لَسيِ ڪَنڊِيءَ جو هڪ قسم — ننڍي ڪنڊي.

• **آسُودو ج آسُودَا:** ذ.صفت [ف. آسُودَهَ] خوش. سُکيو — باآرام. بي اونو — خوشحال — ٻاڳيو. هوند وارو. غني —شاهوڪار — دولتمند.

_ **آسُودَائِي ج آسُودَائِيُون:** ث. سکيائي. دلجمعي. خوشحالي — شاهوڪاري — دولتمندي — هوند.

_ **آسُودگِي ج آسُودگيُونَ:** ث. آسودائي.

_ **آسُودو ٿيڻُ:** سکيو ٿيڻ. آرامي ٿيڻ. بي اونو ٿيڻ. خوشحال ٿيڻ. دولتمند ٿيڻ.

_ **آسُودو هُئڻُ:** سکيو هئڻ. دولتمند هئڻ. بي فڪر هئڻ.

_ **آسُودَهَ:** صفت. [ف] آسُودو.

_ **آسُودَهَ حَالُ:** ذ. صفت. آسُودو — فارغ البال.

_ **آسُودهَ خاطر دل:** ذ. صفت. آسُودو.

• **آسُوڪا:** ذ. صفت. [سن. آشڪو = بي غم] ٿڌو ٿانهريو. بي غم — بي فڪر. (اسم خاص) ٻڌ ڌرم جو هڪ وڏو راجا "اشوڪ".

• **آسِي ج آسِيُونَ:** ث. صفت. [ف] مڙس جي ٻي زال — ٻهاج.

• **آسِيَا:** ث.ذ. [ف] جنڊ — جانده _ چڪِي.

_ **آسِيَاآزَن:** ذ. صفت. جنڊ آهوڙو.

_ **آسِيَابَ:** ث. پاڻيءَ جي چڪي —آبي چڪي.

_ **آسِيَاسَنگُ:** ذ. جنڊ جو پُڙ — جنڊ جو پٿر.

_ **آسِيَاگَرُ:** ذ. صفت. جانداهي.

_ **آسِيَانَہ:** ث. [ف] روهي.روهيءَ جو پٿر.

• **آسِيبُ ج آسيبَ:** ذ.[ف] صدمو — ڏڪ. تڪليف. اهنج. دشمني —مخالفت. آفت — بلا. جن ڀُوت — جنَّ پري وغيره جو اثر.لڳت جو حساب. ڌپ — ٻوُ.

_ **آسيبُ پهچائڻُ:** ايذاءُ رسائڻ. ڏک پهچائڻ.

_ **آسيبُ زَدَہ:** صفت. جنّ جو ورتل —لڳت وارو.

• **آسي پاسي:** ظرف. اردگرد — آسپاس. ڀرڀر ـ ويجهو.

• **آسيِرو ج آسيرَا:** ظرف. [سن آشَرَ = هُن متي وٽيرڪو — پاسي تيَّ — پاسي — پري — دُور. لَفظ "پاسيرو" سان گڏ ڪم ايندڙ "آسيرو پاسيرو". (ضد)پاسيِرو ج پاسيِرا.

_ **آسيِرو پاسيِرو:** ظرف. [سن.آشَرَ = هُن متي + پاشَرَ =پاسي تيِ] آڏو ڦڏو — اڻ سڌو — ڏنگو ڦڏو.

_ **آسيِرو پاسيِرو ٿيڻُ:** ٻَت ڪي وٺڻ سڻڻ ناز نخرو ڪرڻ. نٽ نٽاءُ ڪرڻ. ڦتڪڻ ستڪڻ.

• **آسِيسَ ج آسِيسُونَ:** ث. [سن. ١.آشس = (آ=ساڻ + شاسَ = حڪم هلائڻ)دُعا. ڳهُر. ٢.آشِش] دُعَا. برڪت. راحت — خوشي. ڏَيَ. آڻَت. سک —آرام.

_ **آسِيسَا:** ث.آسِيسَ.

_ **آسِيسَ ڏيڻُ:** دَعاڪرڻ. سُک ڏيڻ. دل کي تسڪين بخشڻ.

_ **آسِيسَ ڪَٽَڻُ:** دُعا ڪٽڻ.

• **آسِي ڦِلِي:** ث.[سن. آ + سْڦَارَ =آڦرجڻ. آڦري —آلِي ڦلي. ٽيڪَ جي بيماري — پولهه اوڳر چوپائي مال (خاص ڪري ٻڪرين) جي بيماريءَ جو هڪ قِسم (جنهن ۾ سهر تي ٻوي).

• **آسِينڪو ج آسِينڪا (ٿ):** ذ. آسرو. خيال سهولت. آسانڱو.

_ **آسِينڪو ڳولَڻُ:** سهولت ڳولڻ —آسانڱو ڳولڻ.

_ **آسِيوَلُ:** ذ. ٻيڙيءَ جي آڳل واروسامان آڳل جو وَرُ يا رسو (ٻِڳهُه).

• **آسِيه:** اسم خاص. [ع] فرعون جي زال (جنهن حضرت موسيٰ عليہ السلام کي ٻٽ ڪري پاليو هو)

• **آش:** ث. [ف. سن. آشَ =آڇَ, رٻ] ٻنڙي آڇ يا رٻ (جا آسانيءَ سان ٻي سگهجي) —رَٻ — ٻيچ. رَسَ — شوروو.

_ **آش جوَ:** ث.جَونِ جي آش (جا بيمارن کي جَو پِيچي. رڌي ڏجي).

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

● **آشخانو:** ذ. بورچي خانو ـ رڌڻو.
ـ **آشدار ج آشدارَ:** ذ. آش رڌڻ جو ٿانءُ.
ـ **آشڪاره:** ذ. صفت. بورچي.
● **آشَا ج آشَائُون:** ث. [سن] آسا ـ اميد ـ آسرو ـ آرزو ـ خواهش ـ تمنّا.
ـ **آشا پراپت:** صفت. آسا پراَ پتَ.
● **آشام:** صفت. [ف. مصدر آشاميدَنْ = پيئڻ] پياڪ (پيئڻ شي جو) ـ پيئندڙ. اسم جي پنيان اچي اسم فاعل جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ "خُون آشام = رَت پيئندڙ. مَي آشام = شراب پيئندڙ".
● **آشتي:** ث. [ف] صفائي ـ اوجَر. امن. صلح ـ ناهه. محبت "جنگ ڪان آهي، آشتي بهتر".
● **آشرم ج آشرمَ:** ذ. [پرا. آسَرَ' سن. آشْرَمَ] سادُن، سنياسين جي رهڻ جي جاءِ ـ مڙهي ـ ڪُٽيا. برهمڻن جي جيوت جي هڪ منزل (چار آشرم آهن. ١. برهماچاريہ = برهما جي پوڄا جي خيال وارو، آديسي، صوفي، ويدانتي، خدائي طالب. ٢. گرهستي = گهر ٻار وارو جو جهان ۾ وهنوار بہ ڪري. ٣. وان پرسٿ = ويدانتي علم جو طالب علم. ٤. سنياس = لاتعلقي يا تياڳ جي خيال وارو). خوشيءَ جي موقعي تي ناهيل جهوپڙي يا ڇنو. مدرسو ـ اسڪول. ڌرمي اسڪول يا اصول. وڻن جو جهڳٽو ـ جهنگ.
● **آشفته:** صفت. [ف] پريشان ـ حيران. عاشق ـ چريو ـ ديوانو.
ـ **آشفته احوال (حال):** صفت. پريشان حال ـ خراب حال ـ بدحال ـ چريو. عاشق.
ـ **آشفته خاطر دل:** صفت. آشفته حال.
ـ **آشفته دماغ:** ذ. صفت. دماغ قريل ـ متي قريل.
ـ **آشفته روز:** ذ. صفت. بدحال. ڪمبخت.
ـ **آشفته سر:** ذ. صفت. متي قريل ـ چريو. عاشق. پريشان.
ـ **آشفته سري:** ث. بدحالي. پريشاني. چريائي.
ـ **آشفته عقل:** ذ. صفت. مت اُڪريل. مت ڪتل.
ـ **آشفته ڪاڪل:** ذ. صفت. زُلف ڇڙيل ـ ڇتن ڇڙيل ـ چوٽي ڇڙهي.
ـ **آشفتگي:** ث. حيراني. پريشاني. چريائي. بدحالي.
ـ **آشفته مُو:** ذ. صفت. ڇتن ڇڙيل ـ وارن ڇڙيل ـ زُلف پريشان.
ـ **آشڪار:** صفت. [ف] ظاهر ـ پڌرو ـ ڇٽو ـ نروار ـ کليل.
ـ **آشڪارا، آشڪاره:** صفت. آشڪار.
ـ **آشڪار ڪرڻ:** مشهور ڪرڻ ـ ظاهر ڪرڻ.
ـ **آشڪارگي:** ث. اظهار ـ اعلان ـ پڌرائي.

● **آشڪارا:** اسم خاص. [ف] مشهور درويش شاعر سچل جو پارسي شعر ۾ تخلص.
● **آشنا:** ذ. صفت. [ف] دوست ـ يار. ٻانهو ـ غلام ـ مطيع. ناجائز تعلق رکندڙ ـ ڏڳر ـ ڄگهوتو. واقف ـ سڃاڻو ـ ڄاڻو ـ ڄاڻ سڃاڻ. ترندڙ ـ تارو ـ شناور. مرڪبات جي آخر ۾ ڪم ايندڙ "صورت آشنا، وغيره".
ـ **آشنا باز:** ذ. صفت. تارو ـ ترندڙ.
ـ **آشنا بازي:** ث. ترڻ ـ شناوري.
ـ **آشنا بيزار:** ذ. صفت. دوستن کان ڀڄندڙ.
ـ **آشنا پرست:** ذ. صفت. دوست نواز ـ دوست. محبّ. قدردان.
ـ **آشنا وبيگانه:** ذ. صفت. پنهنجو ۽ پرايو (ڌاريون).
ـ **آشنائي ج آشنائيُون:** ث. واقفيت ـ سڃاڻپ ـ ڄاڻپ ـ سهيپو ـ ڄاڻ سڃاڻ. دوستي ـ ياري.
ـ **آشنائي ڪرڻ:** واقفيت پيدا ڪرڻ. دوستي ڪرڻ.
● **آشو ج آشوَ:** ذ. صفت. [سن. آش > آشوَ. ف. آرزو] اُبهرو (تہ آس جلدپوري ٿئي). تڪڙو ـ تيز ـ زود.
● **آشوب:** ذ. [ف] گوڙ ـ شور ـ هُل ـ غوغا. فتنو ـ فساد. غبار (دل جو). اوبڙ (اک جو). اوبارو (کُني جو) ـ ٿهڪو ـ جوش. فڪر. خوف. آفت. تڪليف ـ پريشاني. اسم جي پنيان اچي اسم فاعل ٺاهيندڙ لفظ "شهر آشوب، وغيره".
ـ **آشوب انگيز:** ذ. صفت. گوڙيلو. فسادي.
ـ **آشوب چشم:** ذ. اکين جو اوبڙ. اکين جي ڳاڙهاڻ ۽ سوڄ.
ـ **آشوب حال:** ذ. صفت. بدحال ـ آشفته حال ـ پريشان.
ـ **آشوب گستر:** ذ. صفت. فساد پکيڙيندڙ.
ـ **آشوب محشر:** ذ. هنگامو. قيامت.
ـ **آشيان ج آشيانَ:** ذ. [ف] آشيانو. مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ "جنت آشيان، خُلد آشيان".
ـ **آشيانو ج آشيانا:** ذ. [ف. آشيانه] آکيرو ـ آهيرو. گهر. آستان ـ مڪان.
ـ **آشيانو اُجڙ ڪرڻ:** گهر برباد ڪرڻ.
● **آشيرواد:** ث. [سن. آشش = آسيس + وادَ > وَدْ = ڳالهائڻ] آسيس ـ دُعا. برڪت.
● **آصف:** اسم خاص. [ع] حضرت سليمان عليہ السلام جي وڏي وزير جو نالو (آصف بن برخيا). نورجهان جي پيءُ جو نالو. هڪ ايراني شاعر جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

_ **آصَفُ جَاهُ:** اسم خاص. حيدرآباد دکن جي نواب جو لقب.
_ **آصَفُ رايِ:** صفت. آصَفَ جهڙو دانا ءِ – ڏاهو صلاحڪارُ.
_ **آصَفِيَہ:** ث. آصَفَ ڏانهن نسبت ڪيل. هڪ اردو لغت جو نالو (فرهنگ آصَفيّہ).
• **آصَالْ:** ذَ. [ع. اصيل ج آصَالْ] ٽپهريءَ کان شام تائين وقت.
• **آغا ج آغا:** ذ. [ترڪي] آقا – سائين – ڌڻي – مالڪ – آگا. سردار – امير. وڏو ياءُ.
_ **آغا خان:** اسم خاص. اسماعيلي خوجن جي پير جو لقب.
• **آغا خاني:** صفت. خوجن جي پير (آغا خان) کي مڃيندڙ.
• **آغاز:** ذ.[ف] شروع – مُنڍ – اوّل – ابتدا. (انجام جو ضد)
• **آغشتہ:** ذ. [ف] آلو – پڳل. آلودو – مليل ميلاپ – مٽ.
• **آغوش:** ذ.[ف] جهولي – گود – هَنج. بغل – ياڪر. ٻڪ.
_ **آغوش گرم ڪرڻ:** ڪچ ڪوسي ڪرڻ. ياڪر پائي وهڻ.
_ **آغوش ۾ سمهڻ:** جهوليءَ ۾ سمهڻ. ڪچ ۾ سمهڻ – ياڪر ۾ سمهڻ – پاسي ۾ سمهڻ.
• **آغيل:** ث. [ف] ترڇي، ٽيڏي (ڪاوڙ يا حقارت جي) نظر. شرميلي نظر. آگيل.
• **آف:** ذ. [بلوچڪي] آب – پاڻي. [ف] آفتاب – سج.
• **آفات:** ث. [ع. آفت ج آفات] آفتون. مصيبتون. تڪليفون.
• **آفاق:** ذ. [ع. اُفقُ ج آفاق] پراهين ۾ پراهون گهيرو جتي زمين آسمان مليل نظر اچن – سنسان – اُفق. زمين ۽ آسمان جا ڪنارا يا حدون. سارو جهان – دنيا – سنسار – جَڳُ.
• **آفاقُ بندُ، ستان، گير:** ذ. صفت. ساري دنيا جو فاتح – بادشاه.
• **آفاقو ج آفاقا:** ذ. صفت. [ع. اُفقُ] اهو ماڻهو جو آفاق گهمي، اجايون ٻاڪون هڻي ۽ ڪوڙ ڳالهائي. ٻڪواتي. دربدہ دهن – وات ڦاٽورو.
• **آفاقي ج آفاقي:** ذ. صفت. [ع] جهان گهمندڙ – سيلاني – سياح. مڪي کان ٻئي ملڪ ڏي ويندڙ يا ٻئي ملڪ کان مڪي ڏانهن ويندڙ.
• **آفَتَ ج آفتون:** ث. [ع. آفت: سن. آپدَ] مصيبت – آپدا – بلا. حادثو. ظلم – قهر. سختي. بيماري. ڏڪار. (صفت) چالاڪ. ذهين. شرير – لُچ.
– **آفتَ اَچڻ:** مصيبت اچڻ. ڏکر پوڻ.
– **آفتَ آرضي:** ث. زمين مان پيدا ٿيندڙ آفت.
– **آفت برپاڪرڻ:** مصيبت پيدا ڪرڻ. ترٿلو مچائڻ.
– **آفت ٽارڻ:** مصيبت دور ڪرڻ.
– **آفتِ جان:** ث. جان جي بلا. جان جو روڳ. معشوق – دلبر.
– **آفت جو پرڪالو:** ذ. آفت جو ٽڪرو – غضب. جو پتلو. فتنہ انگيز.
– **آفتِ دِين:** ذ. دين لاءِ مصيبت. (مجازاً) محبوب – معشوق.
– **آفتَ رَسيدہ:** صفت. مصيبت جو ماريل – ڏتڙيل.
– **آفت روزگار:** صفت. شوخ – شرير. معشوق. فسادي – فتنہ انگيز.
– **آفتَ زدہ:** صفت. مصيبت جو ماريل – زماني جو ستايل. نياڳو.
– **آفت سماوي:** ث. آسماني آفت. ڌڻيءَ جي طرفان آيل مصيبت – الاهي آفت – خدائي قهر.
– **آفت سماويءَ اَچڻ:** سخت مينهن. ٻوڏ. ماڪڙ. پليڪ. ريا. ڏڪار وغيره نازل ٿيڻ.
• **آفت مَچائِي ڏيڻ:** ظلم ۽ ستم برپا ڪرڻ. آفت ناگهاني: ث. اوچتي مصيبت.
• **آفتابُ ج آفتاب:** ذ. [ف] سج سورج – شمس – خورشيد – آڏت. سجّ جي روشني – اُس – تڙڪو. (مجازاً) گرم. شرابہ معشوق.
_ **آفتاب اقبال:** ذ. بخت جو سج – روشن بلندي.
_ **آفتابَ پرستُ:** ذ. صفت. سجَ جي پوڄا ڪندڙ. سُورج مکي گل. سانڌو.
_ **آفتاب پرستي:** ث. سج جي پوڄا.
_ **آفتاب جمال:** صفت. خوبصورت – حسين.
_ **آفتاب رُخ، رُو:** صفت. جنهن جو منهن سج جهڙو روشن هجي.
_ **آفتاب جبين:** صفت. جنهن جي پيشاني سج جهڙي روشن هجي.
_ **آفتاب زدہ:** صفت. جنهن کي گرميءَ جي چيپٽ لڳي هجي.
_ **آفتاب زرد:** ذ. سج لهڻ جو وقت. شفق.
_ **آفتاب سوار:** ذ. صفت. سوير اٿندڙ.
_ **آفتاب گاہ:** ذ. جتي سج جو تڙڪو هجي.
_ **آفتاب گَردان:** ذ. اُس کان بچاءَ لاءِ تنبو.
_ **آفتاب گير:** ث. ڇٽِي.
_ **آفتاب مَحشَر:** ذ. قيامت جي ڏينهن جو سج. (مجازاً) تمام گرمي. حسن واري زال (جنهن جو منهن سج وانگر چمڪي) _ معشوق.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

- **آفتابي:** صفت. آفتاب جو – آفتاب وارو –شمسي.
- **آفتابي رَنگ:** ذ. سج جهڙو رنگ. گهاٽو ڳاڙهو – پيلو.
- **آفتابي گلقند:** ذ. اُس ۾ تيار ڪيل گلقند.

• **آفتابو ج آفتابا:** ذ. آفتابه.

• **آفتابَه:** ذ. [ف] آفتابو – ڪونرو – لوٽو – بدنو.

- **آفتابچي:** ذ. ڪونرو ڪڻندڙ خادم.

• **آفتابي ج آفتابيون:** ث. [ف] ڇٽي (آفتاب جهڙي گول). (سون جڙيل) ڍال آتشبازيءَ جو هڪ قسم.

• **آفر ج آفرون:** ث. [انگ. Offer] آڇ. واڪ.

• **آفريد گار:** ذ. صفت. [ف. آفريد < آفريدن = پيدا ڪرڻ + گار] پيدا ڪندڙ – خلقيندڙ – خلقڻهار – خدا تعاليٰ.

• **آفريدي:** اسم خاص. سرحد تي آباد ٿيل پٺاڻن جي هڪ قوم جو نالو.

• **آفريقه، آفريڪا:** اسم خاص. [ع. اِفريقه] هڪ کنڊ جو نالو.

- **آفريقي، آفريڪي:** ذ. صفت. آفريڪا کنڊ جو رهاڪو.

• **آفرين:** ذ. صفت. [ف. آفريدن = خلقڻ] پيدا ڪندڙ – خلقيندڙ – اُپائيندڙ "جهان آفرين، سخن آفرين".

- **آفرينش:** ث پيدائش – خلقت – دنيا – عالم.

• **آفرين ج آفرينون:** ث. [ف] شاباش – جَس – واه واه _ تحسين – داد.

- **آفرين ڏيڻ:** شاباش چوڻ. تحسين ڏيڻ –جَسُ ڏيڻ.
- **آفرين نامو ج آفرين ناما:** ذ. شاباش جو پروانو. سرڪاري خدمتن جيَ قبوليت جو پروانو.

• **آفندي:** ذ.[ترڪي] (تعظيم جو خطاب – جناب – حضور. مالڪ – آقا.

• **آفونس:** ذ. [پورچوگيز. آلفنسو] انب جو هڪ قسم.

• **آفيس ج آفيسون:** ث. [انگ. Office] سرڪاري ڪم (لکپڙهه) ڪرڻ جي جاءِ _ دفتر.

- **آفيسر ج آفيسر:** ذ. صفت. آفيس وارو. بالادست عملدار – عملدار – ڪامورو.

• **آفيم ج آفيمر:** ذ. [سن. آهِڦينَم. آڦينَمْ. (آهِ. = نانگ + ڦين = گجي) آفيم. جهڳ يا گجيءَ وانگر نڪرندو آهي' ع. ف. آفيون: انگ. اوپيم Opium] ڏوڏيءَ جو رَسُ – ڏوڏيءَ جو ڳاڙ – اَمَلُ.

• **آفيمي ج آفيمي:** ذ. صفت آفيم کائيندڙ – آفيم واپرائيندڙ – امليَ. نشئي.

• **آڦر:** ث. پيٽ جي ڦوڪ (گهڻي کائڻ سبب يا باديءَ سبب) –آڦري – پرتي. بدهاضمو. بادي. سيٽ – ڦوڪ آڪڙ. هٺ. تڪبر. ڪاوڙ.

• **آڦرڻ:** مصدر. [سن. ١.آسْڦار = (آ = چڱيءَ طرح + سْڦارَ = سُجي پوڻ < ڦَرُ = پرجڻ. ڦوڪجڻ): ٢. آ+ سڦايَ = سُجڻ. وڌي پوڻ] گهڻي کائڻ ڪري پيٽ جو ڦوڪجڻ – پرجڻُ. بمجڻ – سُجڻ. بادي ٿيڻ. بدهاضمو ٿيڻ – پرتي ٿيڻ. پيٽ تي بار ٿيڻ. ڏونري، ڏڌ، وغيره جو گرميءَ سبب اُڦرڪڻ. مغرور ٿيڻ –ڦونڊجڻ. (آڦريو –آڦرندو – آڦريل).

• **آڦرائڻ:** 'آڦرڻ' مصدرمان فعل متعدي باالواسطه. چڱيءَ طرح ڏؤ ڪرائڻ.

• **آڦرجڻ:** 'آڦرڻ' مصدر مان فعل مجهول. گهڻي کائڻ سبب پيٽ ڦوڪجڻ – بمجڻ – سُجڻ – پرجڻ. بدهاضمو ٿيڻ – پرتي ٿيڻ. بادي ٿيڻ. ڏؤنري جي ڏڳن جو گرميءَ سبب پورو تي متي چڙهڻ – اُڦرڪڻ. وڏائيءَ ۾ پرجڻ – سيٽجڻ – ڦونڊجڻ – مغرور ٿيڻ.

- **آڦرجي پوڻ:** گهڻي کائڻ سبب پرجي پوڻ – بمجي پوڻ.
- **آڦر لاهڻ:** هٺ ڀڃڻ – سيٽ لاهڻ – آڪڙ لاهڻ. سزا ڏيڻ.
- **آڦري:** ث. پيٽ جي ڦوڪ – پرتي. بدهاضمو. سيٽ – وڏائي.
- **آڦري لاهڻ:** سيٽ لاهڻ – آڪڙ ڀڃڻ. سيکت ڏيڻ.

• **آڦو:** صفت. [سن. ڦو=اجائي بڪواس] ڏڏَ – ڪُنڊ ذهن – ٺُٺ – مُڏ – اَڦو.

• **آڦونڊجڻ:** فعل مجهول. [سن. آ + سْڦنڊِ = موڪرو ٿيڻ] وڏائيءَ ۾ پرجي وڃڻ – ڦونڊجڻ. چرچو مسخري ڪرڻ.

• **آقا ج آقا:** ذ. [ترڪي] سردار – امير. بزرگ. سائين. مالڪ. آغا. آگا. حاڪم.

• **آقاي نامدار:** ذ. اسم خاص. حضور مقبول صلي الله عليه و آله وسلم جن جو لقب.

• **آقي باقي:** ظرف. [آقي + ع. باقي] رهيو کهيو – بچيو سچيو. هائي ڏائي – ويتر – هيڪاري.

• **آڪ ج آڪون:** ث. [سن. آنْڪَ] زنجيريءَ جهڙي پرت جو هڪ نمونو – آنڪَ. انگ يا بدن. چيلهه يا هنج. پاسو. انگ. ٻڙي. پاٺيءَ جي ڳَنَ يا ڪسي (ث).

• **آڪ ج آڪَ:** ذ. [سن. آنْڪَ= انگ. نشان] نشان. ڪپڙي يا ٻئي سامان تي نشان. ٺپو – ڇاپو (سُڃاڻپ لاءِ). جانور تي ڏنيءَ جو نشان – داغُ. اوڪارو. صفت.[ع. عَاقَ = بي جيو] بي جيو. احمق – نادان – جاهل. نفرت جهڙو – آڪو.

- **آڪ ٻڌو:** صفت. ٺپي يا مُهرلڳل (يعني ٻڌو سودو) _

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **آڪرو:** ذ. [سن] ٻن درياهن جي وچ وارو زمين ٽڪر – دوآبو. دوآبي جو شهر. (اسم خاص) ڀارت جي هڪ مشهور شهر جو نالو (جو مغل شهنشاه شاهه جهان جي ٺهرايل تاج محل ڪان مشهور آهي). تعلقي ڀني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو. (ذ. صفت) آڪرو. مٺاهون. مهربان.

• **آڪِرهِ:** ذ. ٻڏل داڻو (موهيڙو رت ڳڙ يا گرمي سبب بدن تي نڪتل ڪوبه داڻو). آرائي. ڇُلڻو.

_ **آڪِرهِ ڪَرڻُ:** پڪڙڻ. وڪوڙڻ. قبضو ڪرڻ. مجبور ڪرڻ.

• **آگَسٽُ:** ذ. [انگ August] شمسي (گِريگوريْ) سال جو اٺون مهينو.

• **آڪِلي:** ث. [ملتاني] ڪمند يا جُوئر جي ڳَني جي ڳري.

• **آگَمْ:** ذ. [سن. آگَمَہْ = (آ = ابتو + گَمْ = وڃڻ = گَمَنَ = الٽي ڪَڏهن اچڻ)] ايندڙ وقت (جنهن جي خبر يا گم نہ رهي)_ مستقبل. آئنده جو احوال – اڳڪٿي – پيشنگوئي. موت ڪان پوءِ جي حالت (جنهن بابت ڪا خبر ڪانهي). اڳيون وقت. آغاز – ابتدا – شروعات. آمدني. اچڻ جي حالت – داخلا. حاصل ٿيل شي. ڌرمي نيمن جو هڪ شاستر (جو ڏند ڪٿا موجب مهاديوَ جو لکيل، جنهن ۾ منترءِ ڪريا ڪرم ڏنل). دستاويز. لکيت. مشرق – پورب . (صفت) اوائلي – شروعاتي – پهريون.

_ **آگَمْ انديشو جاچَڻُ:** نتيجي جو خيال رکڻ.

_ **آگَمْ ٻَڪْتا:** ذ. صفت. اڳڪٿي ڪندڙ – پيشگو – نجومي.

_ **آگَمْ ٻڌَڻُ:** پيشينگوئي ڪرڻ.

_ **آگَمْ گِيانِيْ:** ذ. صفت. اڳڪٿي ڪندڙ – نجومي – جوتشي – رمَالَ.

_ **آگَمْ ڳالهہ:** ث. پيشنگوئي – اڳڪٿي.

_ **آگَمْ وديا.** ث. اڳڪٿيءَ جو علم – نجومت.

• **آگمائِڻُ:** مصدر. [سن. آگَمه] پيدا ڪرڻ.

• **آگَمَنَا:** ذ. صفت. هر اول. دلير. پهرين پيدا ٿيڻ وارو (ميوو).

• **آڳو:** ڏڻي، مالڪ، آقا.

• **آگِمَڻُ:** مصدر. [سن. آگَمْ = (آ = چئني پاسن ڪان + گَمْ = ويجهو اچڻ) مينهن جو ويجهو اچڻ)] ڪڪرن جو مڙي اچڻ – جهُڙ ٿيڻ – برسات جو لهي اچڻ "آگمئو آهي، لڳهہ پس لطيف چئي (شاهہ). (آگميو – آگمندو – آگميل).

– **آگَمُ ج آگَمَ:** ذ. ڪڪرن جي مڙي اچڻ جي حالت – جهُڙ – ملار. مينهوڳي – مينهن جي موسم. بارش – برسات (1) "اڄ پڻ اميدون، آگم سنديون آپ ۾" (شاهہ)؛ (2) "اکين آگم سِٽيا، سانوڻ ڪان سرسا" (رمضان ڪنڀر). مينهن پوڻ ڪان اڳ ۾ ٿيل گهٽ – اُڪرس.

– **آگمائِڻُ:** 'آگمڻ' مصدر. مان متعدي بلواسطه (هوا ۾) جهُڙ ڪرائڻ. آسمان ڪي مچائڻ آگم ڪرائڻ.

– **آگَمجَڻُ:** 'آگمڻ' مصدر مان فعل مجهول آسمان جهڙ وارو ٿيڻ. آگم ٿيڻ – جهُڙ ٿيڻ.

– **آگَمُ ڪَرَڻُ، لائِڻُ:** جهُڙ ڪرڻ. بارش ڪرڻ.

• **آڳو ج آڳا:** ذ. [تَرڪي. آقا؛ ف. آغا] آغا – آقا – آڳا. (اسم خاص) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو "ساراهيان سو ڏڻي جو آڳو عليما" [سن. آگْنِ = باهہ] سونارن جي ٻٺي ڪوري. يا چُلهو. آڳ:ٺي. (ذ. صفت) اڳهاڙو. ننگو (ث).

• **آڳوا:** ذ. زِينَ جو آڳَ :آ ڦَ:ڻ حصو هَني جو مُنيو – ڪوُڄ – ڀِرٽو.

• **آڳوتَرِ** (ث): ث. [سن. آَ + ءِتْرَ = محسوس] جيڪا شي محسوس نہ ٿئي – غير محسوس يا غير مرئي شيءِ ايندڙ حياتي – اڳوتر.

• **آگَههُ:** صفت. [ف. 'آگاه' جو مخفف] آگاهُ اڳوان – رهبر – سونهون "آگَههُ امام حق جو، داوَرُ جوڙيو دُرَّ" (مخدوم محمد هاشم ٺٽوي)

• **آگيا ج آگيائُونْ:** ث. [پِرا. آجا؛ سن. آجيا] مڃتا. حڪم

_ **آگيا آنوسارُ:** ظرف. حڪم موجب فرمان موجب.

_ **آگيا پالڻُ:** حڪم مڃڻ – حڪم بجا آڻڻ.

_ **آگيا ڏيڻُ:** حڪم ڏيڻ.

_ **آگيارَتُ:** ذ. حڪم – فرمان.

_ **آگيا ڪاريْ:** ذ. صفت. حڪم مڃيندڙ – فرمانبردار.

_ **آگياوَانُ:** ذ. صفت. حڪم مڃيندڙ – آگيا ڪاري – چئي وَانَ.

• **آگِيارِيْ:** ث. [سن.آگْنَ = باهہ + آريہ = واري] باهہ جي پوڄا باهہ جو مندر – آتشڪده. پارسين جو مندر (جتي باهہ جي پوڄا ٿئي)_ اڳياڙي. گيهہ جو داغ.

• **آڪيلِيْ ج آڪيلِيُونْ:** ث. آڳيني.

• **آڳيل:** ذ. صفتَ [سن. آگْرَ = اڳ] راند ۾ پهريون وارو وٺندڙ – اڳيل. پيڇيل جو ضد.

• **آِڳيُ (ڪَ):** ذ. باهہ. باهہ جو پٽر – پُرز (ڪ). ٻن ڪاٺين ساز باهہ ٻارڻ لاءِ گسائڻ جي حالت.

• **آڳِيَڙو ج آڳِيَڙا:** ذ. صفت. [سن. آگْرَ = اڳ] راند جو وارو ڏيندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **آڳتُر ج آڳتَر:** ذ. اَنَ واڻڻ وقت ان ۾ ٻريءَ جي گڏجڻ وارو هنڌ.
• **آڳڙيو ج آڳڙيا:** ذ. [سن. ١. آيَسڪَارَه؛ ٢. آڳَنَ = باهه + ڪار = ڪم (وارو)؛ ف. آهنگر] لوهار "اڄ آڳڙيا آيا، سوڏا سيراٽي" (شاهه). [آڳَ = مٿي وڃڻ] راند جو پلاند يا وارو وٺندڙ.
• **آڳِل:** ث. [سن. آگر = اڳيون] ٻيڙيءَ جو اڳيون پاسو — آڳيلَ — مهڙو. پاڇَلِ جو ضد.
• **آڳمَڻُ:** مصدر. آڳمَڻُ — جهڙ ٿيڻ. (آڳميو — آڳميل).
• **آڳنتي ج آڳنتيُون:** ث. روانگي.
• **آڳند (ل):** ذ.ا ڀندڙ سال.
• **آڳند ج آڳندَ:** ذ. [سن. آڳريه. آڳَگَنَ] اڱڻ — صحن — دالان.
• **آڳنديَڻُ:** مصدر. [سن.آ = چوڌاري + ڳُرنٿ =ويڙهڻ] ڳنڍڻ. ويڙهڻ. جوڙڻ. ٺاهڻ.
• **آڳو ج آڳا:** ذ. [سن. آڳريه = اڳيون حصو] زناني چولي جو اڳ. آڳيلَ. مُنهي. (ظرف) اڳتي. هُن پر — پار.
• **آڳوان، آڳوانَ:** ذ. صفت. [سن. آڳري + وان] حاضر خدمت — پيش خدمت — پيش ڪار — اَردلي. دربان.
• **آڳوتَر:** ث.[سن.آڳوچَرَ] آڳوتر. غير حاضر. خدا. آخرت.
ـ **آڳوتَر واڄڻُ:** اڳ ڪٿي ڪرڻ. اڳ جي حياتيءَ جو خيال ڪرڻ.
• **آڳوتَلُ:** ذ. صفت. [سن. آڳوتَلَ] ترائيءَ جا رهاڪو — مارُو.
• **آڳوٺ ج آڳوٺُون (ل):** ث. پاڳڙي ڪي مضبوط رکڻ لاءِ ٻنهي پاسن ۾ پسرجي ڪڙن ۾ ٻڌل ڪشٽو.
• **آڳو پيڇو:** ذ. [سن.آڳريَد = اڳيون + پَشڇَ = پويون] اڳ پوءِ ـ اڳياڙي پڇاڙي — اڳ پُٺ. چولي جو اڳيون حصو ۽ پويون حصو.
ـ **آڳو پيڇو ڄاڃڻُ، سَنڀالڻُ:** اڳ پوءِ ڄاڃڻ. سوچ ويچار ڪرڻ — دور انديشي ڪرڻ. ڳالهه جو نتيجو ڄاڃڻ. نفعو نقصان سنڀالڻ.
ـ **آڳو پيڇو ڪرڻُ:** قميص جو اڳيون پويون حصو ٺاهڻ. پوٺواري يا خدمت ڪرڻ. همراهي ڪرڻ. چاپلوسي ڪرڻ.
ـ **آڳو پيڇو ڪٽَڻُ:** شاديءَ ۾ ٻنهي طرفن جو خرچ پنهنجي ذمي ڪرڻَ — ٻئي مٿا ڪٽڻ.
ـ **آڳو پيڇو ڳڻَڻُ:** ڳالهه جو اڳ پوءِ ڄاڃڻ. دور انديشي ڪرڻ. نفعو نقصان سنڀالڻ.
ـ **آڳي پيڇي:** ظرف. اڳو پوءِ. نيٺ.
ـ **آڳورَ ج آڳورَ:** ذ. اڱڻ — آڳند.
• **آڳوِمَت:** ث. [سن. آڳر = اڳ + وَت] خدمت — چاڪري — ٽَهل. صفائي. زمين جي ٻاري مان ڪک، ڪنڊا، ڪچرو ميڙي صفائي ڪرڻ جي حالت.
ـ **آڳوِمَت ڪَرڻُ:** هاري جو اصطلاح. کيتي لاءِ زمين ٽڪر جي صفائي ڪرڻ يا ان کي سنوارڻ. ڪم ڪارڪرڻ. اڳواٽ بندوبست ڪرڻ. استقبال ڪرڻ.
ـ **آڳوِمَتي ج آڳوِمَتي:** ذ. صفت. خدمتگار ـ ٽهليو — نوڪر.
• **آڳومِي ج آڳومِي:** ذ. صفت.اڳيان ڪم ڪندڙ — ميزبان جو عوَضي.
• **آڳون پيٽَ:** ث.[سن.آڳر=اڳ+ پَشتَ] آجيان ـ مرحبا — استقبال.
• **آڳهُ ج آڳهَ:**ذ. [سن.آڳره= قابو جهلڻ، لاڳاپو. الفت] جهَلو. وسيلو — پروسو ـ آڌار. ٽيڪ — پُشتي — پناهه — تڪيو (١) "ڪونهي آڳهُ اهڙو. جهڙي محبت من"، (٢) "سي تُرت لنگهنديون تار، اڪنڊ آڳهُ جن سين" (شاهه). [سن آگهاتَ] سُرندو. سُرندي وڄائڻ جي گزي — ڪمانچو "ڳايائين ڳڙهه گرنار ۾، ڪري آڳهُ سان آواز" (شاهه). [ف. آگاه] سماءُ — چتاءُ — خبر — سُڌ. اڳتي واري منزل. [سن. آڳَگَنَ] اڱڻ — آڳندُ. صفت. [سن. آڳر= اڳيان] اڳواڻ — مهندار — پيشوا "آڳهُ جن علي، آءُ نہ جيندي ان ري". ظرف.[ف.آگاه] واقف — ڄاڻو — خبردار.
ـ **آڳهُ ڪَرڻُ:** آگاهه ڪرڻ —واقف ڪرڻ — چتاء ڪرڻ.
ـ **آڳهُ وَٺڻُ:** اٽڪل سان ڪنهن جو راز معلوم ڪرڻ. اڳ وٺڻ.
• **آڳيڙو ج آڳيڙا:** ذ. صفت. [سن. آڳر = اڳي] راند ۾ جنهن جي مٿان آڳ اچي.آڳ هيٺ آيل — راند ۾ جيتيل. راند ۾ آڳ نہ ڏيندڙ —راندجو ڏوهو"آڳ نہ ڏيندوا ڳيڙو، لاهيان پٽس جو پاڳيڙو".
• **آڳي:** ظرف.[سن. آڳري = اڳي] آئنده ـ اڳتي هن ڪان پوءِ. اڳيان ـ سامهون.
ـ **آڳي اَچڻُ:** روبرو اچڻ — سامهون اچڻ. ويجهو اچڻ — قريب اچڻ — نزديڪ اچڻ. پيش اچڻ. بنا پردي اچڻ. مقابلي ۾ اچڻ — مقابلو ڪرڻ. سزا ڪائڻ. اجورو حاصل ٿيڻ.
ـ **آڳي پيڇي:** ظرف اڳي پوءِ ـ هڪ ٻئي پٺيان. پير پير تي. بعد ۾. دير سوير. هيڏانهن هوڏانهن.
ـ **آڳي پيڇي لَڙڻُ:** خوشامد ڪرڻ.
ـ **آڳي پيڇي هَلڻُ:** اڳيان پٺيان هلڻ. تقليد ڪرڻ.
ـ **آڳي ڄاڃڻُ:** آئنده جي نتيجي جو انتظار ڪرڻ.
ـ **آڳي خيال ڪَرڻُ:** اڳتي جي نظر رکڻ — آئنده جو خيال رکڻ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

کي پنهنجي مرضي موجب هلائڻ. ڪنهن کان آسانيءَ سان ڪم وٺڻ. ڪنهن کي سڏو ڪري چڙڻ. ڪنهن کي بيزار ڪرڻ. جوڳي ڄٽ ڪرڻ.

_ **آڱر ڏرڻ:** ويڪ ڪڍڻ – عيب جوئي ڪرڻ. اعتراض ڪرڻ.

_ **آڱر ڏيڻ:** ڳڌي ڏيڻ – هُشي ڏيڻ – آپارڻ. ڪاوڙائڻ. ڇُرچ ڪرڻ.

_ **آڱر رکڻ:** قبضو ڪرڻ. اشارو ڪرڻ.

_ **آڱر سڃڻ:** انگشت نمائي ڪرڻ – اشارو ڪرڻ.

_ **آڱر ڪرڻ:** ڳڌي هڻڻ. ڪُچ ڪَرڻ. ڇُراند ڪرڻ. آپارڻ. ڏڪارڻ. چڙي ڏيڻ – پچر چڙڻ (ڏڪار وجان). ڪاوڙائڻ – چيڙائڻ. ٺٺولي ڪرڻ.

_ **آڱر کڻڻ:** اشارو ڪرڻ – آڱر سان ڏيکارڻ. نالو وٺڻ – حرڪت ڪرڻ. سزا ڏيڻ. انگشت نمائي ڪرڻ.

_ **آڱر ننهن جمڻ:** رواجي ڳالهه ٿيڻ.

_ **آڱرات ۾ وجهڻ:** حيرت ۾ پوڻ – تعجب ڪرڻ.

_ **آڱر ويڙهو:** ذ. آڱر تي ويڙهجي ويندڙ ڦرڙي – آڱر ۾ ساڙو پيدا ڪندڙ ڦوڦيندو – اگاريءَ جي بيماري.

_ **آڱر هڻڻ:** ڳڌي هڻڻ. وات صاف ڪرڻ.

_ **آڱرين جا زور لائڻ:** سڄي طاقت لڳائڻ. پوري طاقت سان ڪم ڪرڻ.

_ **آڱريون ڏندن هيٺ اچڻ:** اچرج ۾ پوڻ – حيرت ۾ پوڻ.

_ **آڱريون ڏيڻ:** خاطري ڏيڻ. قسم کڻڻ.

_ **آڱريون ڳڻڻ:** حساب ڪرڻ. ڳِتيون ڪاٽڻ.

_ **آڱر ج آڱر:** ذ. [سن. اڱُگل] آڱرجي ويڪر جيتري ماپ "چار آڱر _ ست آڱر وغيره.

_ **آڱوٺو ج آڱوٺا:** ذ. [پرا. اَنگٺ سن. اڱگشٺ] هٿ يا پير جي نر آڱر _ ٺينگو.

_ **آڱوٺو ڇوپائڻ:** ڪجهه به نه ڏيڻ.

_ **آڱوٺو چوسڻ:** لاحاصل ڪم ڪرڻ – اجايو ڪم ڪرڻ.

_ **آڱوٺو ڏيڻ، ڏيکارڻ:** ڪجهه به نه ڏيڻ _ ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ. جواب ڏيڻ – انڪار ڪرڻ. پرواهه نه ڪرڻ.

_ **آڱوٺو ڪڍي وڃڻ:** جواب ڏيڻ. انڪار ڪرڻ.

_ **آڱوٺو وٺڻ:** صحيح طور ڪبي هٿ (زالن لاءِ ساڄي هٿ) جي آڱوٺي جو نشان وٺڻ.

_ **آڱوٺو هڻڻ:** ڪاغذ تي آڱوٺي جو نشان ڪرڻ (صحيح بدران). بنا سمجهه جي قبول ڪرڻ.

_ **آڱوٺي تي چڙهڻ:** ڪڏجي تري ۾ پوڻ. حقارت ۽ بدڪلامي جو اصطلاح، جو هڪڙو شخص پنهنجي مخالف کان بي پرواهي ڏيکارڻ طور استعمال ڪري "چڙهه آڱوٺي تي". "آڱوٺي تي چڙهي ڦيري ڏيءِ".

• **آڱوٺي ج آڱوٺيون:** ث. [سن. آڱگل] ڳهُ جو هڪ قسم – پيرجي آڱوٺي جو ويڙهه (ڇڪو).

_ **آڱوٺيو ج آڱوٺيا:** ذ. آڱوٺي.

• **آل:** ث. ڪاري پاڻيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم. وڻائل زال کي ٿيندڙ هڪ بيماري. سنهون ۽ ڊگهو هنداٿو (ث).

• **آلُ:** ذ. [ع] اولاد. نَسلُ. گهَرُ – گهَر جا ڀاتي – ڪُٽنب. خاندان – گهراڻو. قبيلو _ ڪڙم. (صفت) پوئلڳ _ پيروي ڪندڙ – مڃيندڙ.

_ **آلِ اقبال:** ذ. اولاد ۽ بخت.

_ **آل اولاد:** ذ. ڪٽنب – خاندان. ٻار ٻچا.

_ **آلِ رسول:** ذ. رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جا پويان يعني بيبي فاطمه سڳوريءَ جو اولاد.

_ **آل عثمان:** ذ. حضرت عثمان جو اولاد.

_ **آلَ عمران:** ذ. عمران (حضرت موسيٰ عليه السلام جو والد) جو اولاد. (اسم خاص) قرآن شريف جي ٽينءَ سورة جو نالو.

_ **آل نبي:** ذ. نبي سڳوري جو اولاد – اهل بيت "آل ۽ اصحاب".

_ **آلُ واطفال:** ذ. ٻار ٻچا – ڪٽنب.

_ **آل وعيال:** ذ. اولاد ۽ زال. زالون ۽ ٻار ٻچا.

_ **آلات:** ذ. [ع. آلة ج آلات] اوزار – هٿيار. اسباب.

• **آلات ج آلاتون:** ث. وڏي ٻيڙي.

• **آلاتيل:** صفت. سمنڊ ۾ هلڻ لائق ٽيل (ٻيڙي).

• **آلاپڻ:** مصدر. [سن. آلاپن (آ = چڱيءَ طرح + لَپ = ڳالهائڻ] ڳالهائڻ. آلاپ ڪرڻ. آواز ڪڍڻ. آواز کي هيٺ مٿي ڪرڻ (ڳائڻ ۾). ڳائڻ. سُرڪڍڻ. (آلاپيو – آلاپيندو – آلاپيل)

_ **آلاپ ج آلاپ:** ذ. [سن. ولاپ = آواز ڳالهاءِ، دانهن] ورلاپ – پار، درد واري دانهن "اتر ڏَنهُ آلاپ، ڪالهو نڪر ڪونج ڪري" (شاهه). راڳ جو شروعاتي آواز. تان. آواز. سُر. راڳ "هيءَ دانهن آهي دردي، آلاپ راڳ ناهي" (بيوس).

_ **آلاپ ڪرڻ:** روئڻ وقت غم جو اظهار زبان سان ڪرڻ – پار ڪڍڻ – ورلاپ ڪرڻ. اوچنگارون ڏيڻ.

• **آلاڏو ج آلاڏا:** ذ. صفت. [ع. علحده] علحده _ نرالو – نيارو – ٻيءَ طرح جو. (ث) آلاڏي ج آلاڏيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **آلارمُ ج آلارمَ:** ذ. [انگ Alarm] ننڊ مان جاڳائڻ لاءِ گھنڊڙيءَ وارو گھڙيال – ٽائيم پيس.
• **آلاڙڻ:** مصدر. ترڻ لاءِ پاڻهون هٽڻ.
_ **آلاڙي ج آلاڙيون:** ث ترڻ وقت هڪ دفعو پاڻهن سان ڏنل لامارو.
_ **آلاڙي ڏيڻ:** پاڻيءَ ۾ تاري ڏيڻ. تتن تاري ڪرڻ.
_ **آلاڙو ج آلاڙا:** ذ. لامارو.
_ **آلاڙو ڏيڻ:** لامارو ڏيڻ.
• **آلاف:** صفت. [ع. اَلف ج آلاف] هزارين – سهسين.
• **آلاڦٽ:** تازا رَتايل ڦٽ.
• **آلاڪو ج آلاڪا:** ذ. [ع. علاقه] ڳانڍاپو – لاڳاپو – واسطو. ميل. رغبت – لاڙو. محبت "آلاڪو اوهان سان. مون چني ڪونه ڇڏيو" (گلو مياڻو).
• **آلامُ:** ذ. [ع. اَلَم ج آلام = ڦٽ. چاڪ] ڏک – اهنج – تڪليفون – مصيبتون. چاڪ – ڦٽ.
• **آلانگو ج آلانگا (ل):** ذ. [سن. ١. آسنگه؛ ٢. آلمب = پروسو. ٽيڪ. پناه] آسانگو. اميد – آسرو. پروسو. لحاظ. لالانگھرو.
• **آلاڻ:** ث [سن آرڌتا] پوسل–پاڻيٺ–گھم–نمي–رطوبت
• **آلاڻو ج آلاڻا:** ذ. اولاڻو – اوراڻو.
• **آلاءُ:** ذ.[سن. آلاپ = ڳالهاءَ] آلاپ. گفتگو ڳالهه ٻولهه.
• **آلائش. آلايش ج آلائشون. آلايشون:** ث. [ف. آلودن = گدڙ] ميل – ملاوت. گندگي – پليدي – ناپاڪائي. ميرائي. ڪدورت. ڪُس – زنگ.
• **آلائڻ:** مصدر. [سن. آلاپن = ڳالهائڻ] ڳالهائڻ. آواز ڪرڻ. ڳالهه ٻولهه ڪرڻ. [سن. آرڌر = آلو] آلوڪرڻ – پسائڻ – پچائڻ. آلو محسوس ڪرڻ. (آلائيو – آلائيندو – آلائيل).
_ **آلائي ج آلائيون:** ث. آلاڻ رطوبت.
• **آلبمَ ج آلبمَ:** ذ.[انگ Album] ڪتاب جنهن ۾ هٿ سان نڪتل تصويرون يا نقش. يا فوٽا محفوظ ڪيا وڃن.
• **آل جال:** صفت. [سن.آلَ = وڏو + جال = گھڻو] عام جام – ريل چيل. گھرج کان وڌيڪ. تمام گھڻو.
• **آلجبرا:** ث. [ع. اَلجَبرُ وَالمُقابلَ] اصولاً عربن جو ايجاد ڪيل رياضي جو هڪ علم – موجوده رياضيءَ جو علم (Algebra).
• **آلڏ:** ث. سمنڊ جي وير جو لهڻ يا موٽ – آلڙ.
• **آلڏڻ:** مصدر.[سن.آلڏ = گھٽائڻ. رلمل ڪرڻ] سمنڊ جي ويرجو لهڻ يا پوئتي موٽڻ _ آلڙڻ.

• **آلڙڻ (ل):** مصدر[سن. آلڏ] بدن کي ڍرو ڪرڻ –آهلڻ – آڍرڻ. ڍرڪڻ – ڍرڪي پوڻ. آرس ڪرڻ.
• **آلرو:** ذ. ڳاهه (ڪيرولي) جو هڪ قسم
• **آلڙ:** ذ. ڪاري مروڙ يا رڇ تي ڪٽن جي ٻڄ.
_ **آلڙ ڪرائڻ:** ڪاري مروڙ يا رڇ کي ٽوٽيءَ سان ٻڌي مٿس ڪٽن جي ٻڄ ڪرائڻ.
• **آلڙڪ (ٿ):** ث. پٽڙي يا ڇڊي رَٻ.
• **آلڙڻ:** مصدر. [سن. آلڏ = گھٽائڻ. رلمل ڪرڻ] سمنڊ جي ويَر جو لهڻ – آلڏڻ. [سن. آول = ميرو] درياهه جي پاڻيءَ جو لڙاتجڻ. نئين آيل پاڻيءَ ۾ ڪچرو وغيره اچڻ.
• **آلڙ:** ث. وير (سمنڊ جي) جي موٽ – جَزرُ – آلڏ. پاڻيءَ ۾ مٽي يا ڪچري جي ملاوت – لڙاٽ.
• **آلڙ ٿيڻ:** ويَر جو لهڻ. پاڻيءَ جو گھٽ ٿيڻ. پاڻي. لڙاٽ ٿيڻ.
• **آلس:** ذ. [سن. آلَس = سُست > آلستا. آلسيَم = سستي] بدن جي ڍرڪڻ جي حالت – سُستي – ڳاموڙ. بدن جي وت سَٽ – ڪرموڙ – آرس.
_ **آلساڻو ج آلساڻا:** ذ. صفت. آرس وارو – سُست – ڪاهل.
_ **آلسپڻو:** ذ. سُستي – ڪاهلي – ڪرموڙ.
_ **آلسي ج آلسي:** ذ.صفت. ڪيرو. آرسي. سُست – ڪاهل – ٽوٽي.
_ **آلسي پڻو:** ذ. سست – ٽوٽي – ڪم چور – هڏ رکو.
• **آلسائڻ:** مصدر. [سن. آلَس = سُست] ڪرموڙڻ – سُستي ڪرڻ – آرسائڻ.
• **آلڪائي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **آلڪي:** اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **آلو ج آلا:** ذ. صفت. [سن. آرڌر = آلو] پسيل – پڳل – پنل – تر "اکيون آلو ماهه. سدا سنياسين جون" (شاهه). آڌو ڪو (ڪپڙو). تازو. رَس وارو. (ذ) ڪيرُ (ڪ). تازو ويايل ٻڪريءَ يا رڍ جو کير. پاڻي پيل کيرُ. [ع. آلة] اوزار – هٿيار.
_ **آلوڙو:** ذ. تازي ويايل مال جو کير.
_ **آلوڙي ج آلوڙيون:** ث. صفت. تازو ويائل مينهن. ڳئون. ٻڪري يا رڍ. سوئا – کير واري. "ڦنڊيءَ" جو ضد.
_ **آلانيڻ:** ذ. ڳوڙهن ڀريل اکيون – آبديده اکيون.
_ **آلي ج آليون:** ث. صفت. پسيل. ڳوڙهن سان ڀريل اک – نمناڪ "سدا اک عشق جي آلي. ڏاڍي ڪا پرت پاتي سين" (نصير).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **آلُوْ ج آلُوَ:** ذ. [ف] پٽاٽو.

• **آلُوْ بَالُوْ:** ذ. [ف] ميوي جو هڪ قِسم – شفتالُو.

• **آلُوْ بخارو ج آلُوبخَارَا:** ذ. [ف] ميوي جو هڪ قِسم.

• **آلو پولو ج آلا پولا:** ذ. صفت. ٿوري عقل وارو – ساده لوح – ڀالو ڀولو – سادو سُودو. اڀوجهه – اڻ ڄاڻ. ويساه وسوڙل (ث) آلِيْ پولِيْ ج آليونْ پوليُونْ.

• **آلُوْدو ج آلُوْدَا:** ذ. صفت. [ف. آلُوْدَهْ] گَدِيل – مليل. ڀُسيل – ڀنل – ڀڳل – تر "آهي آلودو رت ۾، هيَ هيَ منجهان حالُ" (شاهه). ڀَريل –َ لتڙيل – هاٿو آب آلوده = آلوديُونْ "آلوديْ آزار ڪان، توريءَ ٿيس طبيب" (شاهه). (اسم خاص) [عَ. علحده = جدا، يڪي سر] مرد جو هڪ نالو.

• **آلُوْدَهْ:** صفت. [ف] ڀُسيل – ڀِڳل – لِتڙيل – ڀَريل (گند وغيره ۾). خراب – پليد.

_ **آلُوْدگِيْ:** ث. ملاوت. آلاڻ. گندگي – غلاظت. ناپاڪائي – پليدي.

_ **آلُوْدَهْ دَامَنْ:** صفت. دامن ڀُسيل. دامن ڀريل – گنهگار – ناپاڪ.

• **آلوڙَ ج آلوڙُونْ:** ث. [سن. آلولَ = لوڏو گهيرٽ] سستي – ڪاهلي. ڳهَر _ خمارُ. ننڊ جو جهوٽو – پنڪي – اوجهراٽي.

• **آلوڙَڻُ:** مصدَر. [سن. آلودَن = گهُمائڻ، ولوڙڻ] ولوڙڻ. سوچ ويچار ڪرڻ.

• **آلوڙو ج آلوڙا:** ذ. ننڊ جو جهُوٽو – پنڪي جهپڪي – جهُوٽو. ڳهَرَ – ڳُرُ – سُستي. ننڊاڪڙائي. خمار "آلوڙا اکين، آيم ننڊ اياڳ ڪي" (شاهه). تازي ويايل ڍڳيءَ يا مينهن جو گهاٽو کير – آلو (ڪ).

• **آلوڙئُون آلوڙيو اکين:** ننڊر لاءِ اکين آلاڻ ڪئي، اکين ۾ آلاڻ ٿي.

• **آلوڙِيْ ج آلوڙِيُونْ:** ث. نئين ويايل مينهن ڍڳي، ٻڪري يا رڍ. سُوئا _ کيرواري. ڦنڊيءَ جو ضد.

• **آلومَاهُ:** ڪچو گوشت (رڌڻ ۽ ڳوڙهن سببان ڪچيو اکيون)

• **آلوند:** اسم خاص. همدان ۾ هڪ جبل جو نالو – ڪوهه آلَوند.

• **آلو نُورُ آلانُورُ:** ذ. صفت. [ع. اعليٰ نُور] ڏڏُ – موڳو. بنهه بيڪار. صفا چٽ "آلو نُور، مٽي جو سُور".

_ **آلو نُورُ هُجَڻُ:** بنهه بيڪار هجڻ – ڪنهن به ڪم جو لائق نه هجڻ.

• **آلو يائِيْ ج آلَويائِيُونْ:** ث. صفت. [سن. آرْدرَ = آلو] تازي ويايل (ڍڳي، مينهن، ٻَڪري، رڍ) – آلوڙي – سوئا.

• **آلَهْ:** ذ. [ع] هٿيار، اوزار.

• **آلِهَنْ:** ث. [سن. آرْدرَتَا] آلاڻ – پوسل. گپ – چڪ.

_ **آلِهَنْ تي مرڻُ:** دنيا ڏسي هرکڻ – پئسي تي موهجڻ.

_ **آلِهَنْ ڏيکَارَڻُ:** اميد ڏيکارڻ – دلاسو ڏيڻ – دلداري ڏيڻ.

_ **آلِهَنْ هُجَڻُ:** آلاڻ هجڻ – پوسل هجڻ. ناٺو هجڻ.

• **آلِيَاوَرُو ج آلِيَاوَرَا (ت):** تازو چاول ڦَر.

• **آليٽ (ل. لس):** ث. [سن. آ = چوڌاري + لَٽْ = ليٽڻ] اُٺن جي ليٽڻ جي جاءِ.

• **آليپُ:** ذ. [آ+لِپْ = ليپو ڏيڻ] ليپُ – پلستَرُ.

• **آمَرَ:** ذ. ث. مڇيءَ جو هڪ قِسم (رنگ ڪارو – پيٽ اڇو، پُڇ ڊگهو، قد ٤ کان ٥ فوٽ، گوادر طرف ٿئي).

• **آمَاجُ ج آمَاجَ:** ذ. [ف] تير يا تفنگ جو نشانو – آچارُ.

_ **آمَاجُ خانه، گاهُ:** ذ. نشاني وارو هنڌ – هدف.

• **آمَاچُ ج آمَاچَ:** ذ آمَاجُ – آچَارُ.

• **آمَادو ج آمَادَا:** صفت. [ف. آمادَهْ] تيار – سنيريل – رضامند.

_ **آمَادو ٿيڻ:** تيار ٿيڻ – رضامند ٿيڻ.

• **آمَادَه:** صفت. [ف] آمادو.

• **آمَادگِيْ:** ث. تياري. رضامندي. استعداد. سُجاڳي.

• **آمَارُ آمارَهْ:** ث. [ف] ڳڻپ – شمار – حساب. باريڪ تحقيقات. جلندر جو مرض.

• **آمَارَهْ:** ذ. [ف. انبار] انبار – ڍسڳ.

• **آمَاسَ:** ث. [ف] سوڄ _ ٿوٽَرِ.

• **آمَاسجَڻُ:** فعل مجهول. [ف] سُڄڻ – ٿوٽرجڻ – ڦُنڊجڻ.

• **آمَاٺو سَامَاٺو:** صفت. [سن. سَمَاروْهِ، سَمْ ورْدِ = ساماڻجڻ، وڌڻ] ساماٺل – اُڏو ساماٺو. قابل ۽ تيار ٿيل.

• **آمَاهَڻُ:** مصدر. [سن. آمَنْتُ = جوش ۾ اچڻ] مَچَڻُ – ٿُلهو ٿيڻ. (جانور جو) ڏندجڻ – (ڍڳن جو) جواني ۾ اچڻ. لائق جهڙو ٿيڻ. (اصطلاحاً) مغرور ٿيڻ – هنيلو ٿيڻ. (آماهيو – آماهيندو – آماهيل).

• **آمَدْ:** ث. [ف. آمَدَنْ = اچڻ] اچڻ جي حالت – تشريف آوري – آوَت. اچڻ جا آثار. آمدني – اپت – ڪمائي. فائدو. فطري طور خود بخود زبان تي ايندڙ شعر يا مضمون _ "آورد" جو ضد.

_ **آمَدْ آمَدْ:** ث. اچڻ جو اطلاع.

_ **آمَدُرَفْت:** ث. [ف. آمدورفت < آمدن ورفتن = اچڻ ۽ وڃڻ] اچ وڃ. راهه و رسم. دوستيءَ جو رستو.

_ **آمَدُرَفت بَند ٿيَڻُ:** اچ وڃ بند ٿيڻ. ملاقات بند ٿيڻ.

_ **آمَدْ (و) شد:** ث. آمدرفت. اچ وڃ.

_ **آمَدُوخَرْچُ:** ذ. ڪمائي ۽ خرچ. آمدني روانگي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ **آمَدني ج آمَدنيُون:** ث [ف. آمدَن = اچڻ] آمَد ـ آوَت ـ اُپت – پيدائش – ڪمائي.
ـ **آمَدني رجسٽر:** ذ. اُهو ڪتاب جنهن ۾ پاهران آيل لکپڙه داخل ڪئي وڃي.
ـ **آمَدني رَوانگي:** ث. اچ وڃ (مال جي) آوت جاوَت.
ـ **آمِرُ:** ذ. [ع. آمَرَ = حڪم ڪرڻ] اَمرُ ڪندڙ – حاڪم.
ـ **آمِرُ وَناهِي:** ذ. صفت. [ع. آمر = حڪم ڪرڻ + نَهي = منع ڪرڻ] اَمَر ۽ نَهي ڪندڙ – حڪم ڪندڙ ۽ منع ڪندڙ.
ـ **آمِريت:** ث. حاڪميت. جبرواستبداد. فرعونيت.
● **آمَرَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر خيرپور ۾).
● **آمَرزِش:** ث. [ف] بخشش – معافي.
● **آمَرزِ گارُ:** صفت. [ف. آمرزيدَن = بخشڻ] بخشڻهار – معاف ڪندڙ. (اسم خاص) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
● **آمري:** ث. [پرا. آنبِليَا؛ سن. آملڪَا، آمليٰ] گدامري. گدامريءَ جو وڻ ۽ ان جو ڦَل. (اسم خاص) تَعلقي تَندي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو. تندي جان محمد لڳ مشهور "آمري وارو مقام" (جتي چون ٿا تہ آمري جي وڻ ۾ جادو جو هڪ نانگ هو ۽ ان وڻ کي ميين عبدالرحيم گرهوڙي اچي وڍايو).
● **آمِرَا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● **آمَرِي:** ث. آمري.
● **آمُل:** اسم خاص. [ف] طبرستان ۾ هڪ شهر جو نالو. آمو درياه تي هڪ شهر جو نالو.
● **آمَلَ:** اسم خاص. ث. (اَملهہ) سنڌ ۾ عورت جو نالو.
● **آمَلُ:** ذ. [سن. آ مَلڪ؛ ف. آملَہ] هڪ وڻ جو ڦَل (جو دوا، مربي ۽ تيل بنائڻ جي ڪم اچي) – آنئُرو – آنورو.
● **آملي:** ث. آمري.
● **آمَليٽ ج آمليٽَ:** ذ. [انگ. Omelet] بصرن ۽ مصالح سان تريَل بيضو.
● **آمِنُ:** ذ. صفت. [ع] اَمن وارو. سوکهو – سلامت.
● **آمنَّا و صَدَّقنَا:** جملو. [ع] اسان ايمان آندو ۽ اسان سچ ڄاتو – مڃوسون – بجا آهي – درست آهي.
● **آمِنَہ:** اسم خاص. [ع] آنحضرت صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جي والده ماجده جو نالو. مسلمان عورت جو نالو.
● **آمڻُ، آمڻُ ج آمڻَ، آمڻَ:** ذ. [ف. آمَنَ = گِردي گهيرو] گردو – گهيرو، تُر – سرائي. ڦيٽي (بيل گاڏي) کي آسانيءَ سان ڦيرائڻ لاءِ تُر ۾ پيل لوهي نرو. (صفت) سولو – آسان. سادو – اڻ گهڙيو – بي دولو.
● **آمڻُ ج آمڻَ:** ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم – تُوتيو – هيِراڪس. مَعجُون – گوهَٽُ. قوّت لاءِ خوراڪ طاقتور ڪاڏو – مقوّي ڪاڏو "صبر جو تنهن ساعت ۾ تا آمڻ ات ڏين" مينهن يا ڏڳيءَ کي گهٽي کير خاطر ڏنل طاقتور چارو. ڪيترين شين جو مرڪب – خمير. ڪنهن هٿيار يا بندوق جي پُرزن کي ڏنل پاڻي (ڪ).
ـ **آمڻ اُڇڻُ:** بدن تي ماس جي واڌ ٿيڻ – تولهہ ٿيڻ.
ـ **آمڻ لَڳڻُ:** معجون مثل بدن کي مقوي خوراڪ طور اثر ڪرڻ – بدن کي طاقت ڏيڻ.
ـ **آمڻ سيرَ:** ث. تُوتيو.
● **آمو ج آمَا:** ذ. [سن. آمُر = انب جو وڻ ۽ ان جو ڦَرُ] اَنبُ "آما، ليما، ڦل، ڦاروهان، جت ڪنڊهار ڪلن" (شاهہ). ليمون (ت).
ـ **آما مُوڙهڻُ:** ڪم پوڻ – گتي پوڻ.
● **آموخته:** صفت. [ف. آموختن = سيکارڻ] سيکاريل. پڙهيل.
● **آموزگار:** ذ. صفت [ف. آموختن] استاد، شاگرد.
● **آموسَ:** ث. [ف. آماسيدن] آماس.
● **آمهائڻُ:** مصدر. نڪر جي نئين ٿانءُ کي پاڻيءَ سان پري رکڻ (جيئن نڪر پاڻيءَ کي چڱيءَ طرح چُهي وڃي) – اُمهائڻ. واپرائڻ. (آمُهائيو – آمهائيندو – آمهايل).
● **آمهُون سامهُون:** ظرف. [سن. آمُک سنمک] مُنهن مقابل – روبرو – بالمقابل – ڏوبڏو. اکين آڏو – اکين اڳيان.
● **آمِي ج آميُون:** ث. [سن. آمَرُ] انبڙي.
● **آميز:** صفت. [ف. آميختن = گڏڻ] گڏيل – مليل – پريل. مُرڪّب صفت ناهڻ ۾ ڪم ايندڙ لفظ "درد آميز = درد پريل. رقت آميز = ڳاراٽيءَ سان پريل".
ـ **آميزش:** ث. ٻي شيءِ سان گڏجي وڃڻ جي حالت – ملاوت.
● **آمِين:** فعل. [ع] خدايا قبول ڪر. (ذ) دُعا جي پڇاڙيءَ ۾ چوڻ جو لفظ.
● **آنَ:** ضمير. [پرا. آم، آيَم؛ سن. آهَمُ = آئون] آئون – مان "آنَ تنين لاءِ لوني، جي مير مسافر رانئيا" (شاهہ). [سن. يُشمَانَ] اوهَان – توهان "آنَ کي ساٿي ڏِنا ...... الخ" (شاهہ). (ظرف) اقراري معنيٰ واري آوازي صورت – آنڪار – هائو – ها. حرف جر جي پڇاڙي – ڪان "گهران > گهر ڪان؛ پاهران >

باهر ڪان".

ـ **آنَ پر:** اوهان وٽ – اوهان ڏي "ڪ لڪيون آن پرلڪ، ڪ ڪوهيارا ورميا" (شاهه).

• **آنَ:** ث. [ع] پلڪ – گهڙي – لحظو – ساعت – ڪن. [ف] شان – شوڪت – عزت. [سن. آجيا] آڻ – آگيا – مڃتا – تابعداري.

ـ **آن بان:** ث. شان مان. واجبي فخر.

• **آنَ ج آنَ (ث):** ذ. [سن. آجيا] اک جو اشارو – اُهڃ.

• **آنا فانا:** ظرف. [ع. آن = وقت] وقت بوقت، بروقت – اُتي جو اُتي.

• **آناڪاني:** ث. [سن. آن + آڪرڻ = ٻڌڻ. ٻڌو اڻ ٻڌو] نه اقرار نه انڪار – آڪار ناڪار – گوٺنائي – آڙا گوڙي.

• **آنبهه ج آنبهه:** ذ. [سن. انبوه] گوڙ. ميڙ – اجتماع. باهه جو مچ – آڙاهُ. [سن. آمياس] تاب – قوت – جلال "ڏِسُ ڪيڏو آنبهُ ڪيو سرمستي جوش حلاج جي" (بيدل). [سن. ڀاس] ڏيکاءُ – نظارو.

• **آنبلي (ث):** ث. آمري – گدامڙي.

• **آنبو ج آنبا (ث):** ذ. انب – آمو.

• **آنبيڪو ج آنبيڪا (ث):** ذ. گدامريءَ جو ٻج – ڇيڇڪو.

• **آنيار ج آنيارون:** ث. [سن. آير = واهر ڪرڻ] آيار. مدد. ٽيڪ.

• **آنيار سانيان آنيارو سانيارو (ڪ):** ظرف آمهون سامهون. آرپار. منهان مُنهن. هڪ ٻئي جي سڌائيءَ ۾ – برابر.

• **آنياٽجڻ:** فعل مجهول. هوا ۾ پرجي پوڻ. سُڃي پوڻ. آياٽجڻ. (آنياٽيو – آنياٽبو – آنياٽل).

• **آنترو ج آنترا (ث):** ذ. آندو.

• **آنتيرو ج آنتيرا:** ذ. گولين راند ۾ هڪ گوليءَ کي ٻي گولي هٽي ڪيل شروعات – آتيرو.

• **آنڻ (ث):** ث. سج لٿي جي مهل.

ـ **آنڻ سوار:** ث. صبح سانجهي – شام ۽ صبح.

• **آنعوڻ (ث):** ذ. آلهندو.

• **آنٽ ج آنٽون:** ث. [سن. آنٽ = نوڙي سلام ڪرڻ] وٽ – وڪڙ – پيچ – ڦيرو. پرت جو وَرُ اڙي. اڙتي – آڏ – رنڊڪ. پيچي اڪرن لکڻ جي طرز. (بلورن راند ۾) بلور هٽڻ جو نمونو. آگر جو ڏوڏو. مخالفت. حسد. چڪ. انتظار – فڪر "جن محبت ياد موليٰ جي اندر ۾ آهه آنٽ" (گل). ايمانداري. تيز نظري. پائيواري. ڳنڍ.

ـ **آنٽ سانٽ:** ث. ڳنڍ سنڌ – ور وڪڙ.

ـ **آنٽ ۾ اچڻ:** وڪڙ ۾ اچڻ – وَرُ چڙهڻ.

• **آنٽو ج آنٽا:** ذ. وَرُ – وڪڙ – ونگ – پيچ. جانئو. پاڪر – ڳراٽڙي.

گهوڙي کي (پنڌ ڏيڻ لاءِ) ٿوري مفاصلي ۾ ڏنل وراڪو. ڦيرو – گهمرو – وراڪو. تڪرار – فساد.

• **آنٽي ج آنٽيون:** ث. [سن. آنٽر = آندو] آندن ۾ وَٽُ – مروڙُ – باهي – پيچش – سُوري. آنٽَ. ڊيري. ڳنڍو. ڪاٺين جي پري.

ـ **آنٽي ٽپڻ:** گولين راند ۾ صحيح نشاني تي هٿ هڻڻ.

ـ **آنٽي پوڻ:** پيٽ ۾ مروڙ پوڻ.

• **آنٽي ج آنٽيون (ث):** ث. سُٽ يا پٽ کي ويڙهي رکڻ لاءِ ڪاٺ جي ڦيٽي (رگيل ڪاٺي).

• **آنجٽي ج آنجٽيون (ث):** ث. آنڙي.

• **آنجهاني:** صفت. [ف. آن = هو + جهان] هُن جهان جو ساڪن – پرلوڪ نواسي – مرحوم – مرهيات.

• **آنجهي مانجهي:** ظرف. آڏي مانجهي – اوير سوير.

• **آنج ج آنجون:** ث. [سن. آنچ] شطرنج راند ۾ وڪڙ يا پيچ ۾ آيل ساري. شه – مات.

• **آنچ:** ث. [سن. اَچتي] باهه – آگ. جيئي. لهس.

• **آنچر ج آنچر:** ذ. [سن. آنچل] بُرقعي جُني، شال يا ڪپڙي جي ڪناري. دامن.

• **آنچڙو ج آنچڙا:** ذ. ڪِيرو (پلو) – آچڙو.

• **آنچڪ ج آنچڪ:** ذ. شطرنج راند ۾ شهمات کان بچڻ لاءِ آڏو ڏنل مُهرو يا ساري.

• **آنچڪ ج آنچڪون:** ث. رنڊڪ – رڪاوٽ.

ـ **آنچڪ وجهڻ:** رنڊڪ وجهڻ.

• **آنچڻ:** مصدر. [سن. ١. آنچ = موڙڻ، ورائڻ، ڦڏو ڪرڻ، چورڻ، هلائڻ. ٢. آنچن = بدن مان ڪنڊو يا تير ڪڍڻ] وڪڙ يا پيچ ۾ ڦاسائڻ – ور ۾ آڻڻ. شطرنج راند ۾ شاهه کي شهه کان بچائڻ لاءِ ٻيو مُهرو اڳيان ڏيڻ "ڪڏ رُخا گهوڙا پڌر تي، شاهه پنهنجو ڪيم آنچ" (گل). (آنچيو – آنچيندو – آنچيل).

• **آنچٽي ج آنچٽيون:** ث. ڏُسٽي آگر.

• **آنچي ج آنچيون:** ث. نڙُ (حقي ۽ چلم جو) جي ڪاٺي. بانس يا نڙ جي چِلَيل سنهي تيلي (جا لغڙ جي وچ ۾ ڪمان طور ڪم اچي).

ـ **آنچي ڦول:** ذ. نشان چٽڻ لاءِ (راند طور) آنچي ۽ سُئي ۾ ٻڌل ٽوڙ (سُئي ٽونر واري آنچيءَ ۾ وجهي ٻئي پاسي ڪان ڦوڪ ڏِبي آهي ته سُئي ٻاهر نڪري زور سان نشاني واري هنڌ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چُپي ويندي آهي). نَڙ مان تيرن اڇلائڻ جي راند.

• **آنڌارُ:** اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

• **آنڌُ پانڌُ:** ذ. [سن. آنتَ + پرانتَ] ڪنڌي – ڪنارو. ڇيڙو – ڇيهه – حد – انهتا.

• **آنڊ رُوُ ج آنڊرُوُ:** ذ. صفت. اندريون (ڏڳو) – هَر يا گاڏيءَ ۾ ڪاٻي پاسي جوٽيل (ڏڳو). گهَر ۾ ايندڙ ويندڙ (نوڪر).

• **آنڊريو ج آنڊريا:** ذ. ملهه جو هڪ انگ يا داءُ. پنهنجي ٽنگ جي وِڪڙ سان اندرين طرفان مخالف جي ٽنگ کي پوئتي ڇڪڻ جو انگ.

• **آنڌڙ گانڌڙ (ت):** ث. تڙتڪڙ – جهٽ پٽ – جلدي.

• **آنڌمانڌ:** [ف. اند + ماند] آنڌِ مانڌ.

• **آندو ج آندا:** ذ. [سن.آنيِ] آمدني – پيدائش – ڪمائي. (اسم خاص) مرد جو نالو ("اللهَ آندو" جو مُخفف).

_ **آندوءِ کاڌو:** ذ جيڪي ڪمائجي سو کائي ڇڏجي – ٿوري آمدني.

_ **آندوءِ نيندو:** ذ. آمدني ۽ خرچ.

• **آندي نيندي تي هئڻ:** ٿوري ڪمائي وارو هئڻ. آڻڻ ۽ چاڙهڻ – آڻڻ ۽ کپائڻ. بچت نہ ٿيڻ.

• **آنڊولو ج آنڊولا:** ذ. [سن. آنڊوليَه = (لڏڻ، جهولڻ) لوڏو. ڏڪڻي.

• **آندي:** پهچائي.

• **آنڌِ ج آنڌيون:** ث. سن. ١. آنڌيه = آنڌائي؛ ٢. آنڌس = انڌڪار، انڌاري، اونده] اونداهي – انڌاري – انڌائي. آنڌاري – مٽي جي ڦيري – ٻنواٽي. [سن. آنتَ] ڪنارو – ڪنڌي – ڪپر.

_ **آنڌِ اچڻ:** اکين اڳيان اونده اچڻ – آنڌاري اچڻ.

_ **آنڌِ چڙهڻ:** اکين اڳيان اونده اچڻ – آنڌ چڙهڻ.

_ **آنڌِ ڪرڻ:** اونده ڪرڻ. گهٽ ڪرڻ.

• **آنڌ اَٿلَ (ل):** ث. ماڻهن جو ميڙ – ڳوڙهه.

• **آنڌارو ج آنڌارا:** ذ. [سن. آنڌيه = اونده] اونده – انڌارو. ڳڙ (ڪ).

• **آنڌاري ج آنڌاريون:** ث. [سن. آنڌس] اونداهي – آنڌاري. نار يا گهاڻي ۾ وهندڙ جانور جي اکين تي ٻڌڻ جا ڪويا. گاڏيءَ ۾ ٻڌل گهوڙي جي منهن تي چڙهيل چمڙي جا ڪويا. گهوڙي جي منهن ڍڪڻ لاءِ جهالردار ڪپڙو. آنڌِ.

• **آنڌِ مانڌِ:** ث. [ف. آند ماند] لوچ پوچ – اُن ٽُڻ – چورا ڪورا – ڳٽي – بي قراري. انتظار – پريشاني.

• **آنڊو ج آنڊا:** ذ. سُور جو وَٽُ (پيٽ ۾). ٻاري ۾ پاڻي ورائڻ لاءِ اڏ يا ٻني ۾ ڏنل ٽڪو – آوَانڊو.

_ **آنڊو ٻڌڻ:** ٻاري جي ٽڪَ ٻڌڻ. اڏ کي ڳنڍيو ڏيڻ. آوَانڊو ٻڌڻ.

_ **آنڊو وِرائي ڇڏڻ:** هڪڙي ٻاري مان پاڻي بند ڪري ٻئي ۾ ڇڏڻ.

• **آنڌي ج آنڌيون:** ث. [سن. آنڌيه = اونده] اونده – ڪاراڻ. جهڪ. اونداهي ڪندڙ طوفان "اول آنڌي آئي، پويان جهڙ جهجهو" (سچل).

• **آنڊَ ج آنڊون:** ث. خصيو. آنورو.

• **آنڊرُ ج آنڊرَ:** ذ. صفت. وڏن آنورن وارو.

• **آنڊون پٽڻ:** ڪجهه بہ نہ ڪري سگهڻ.

• **آنڊو (آنڊرو) ج آنڊا (آنڊرا):** ذ. [سن. آنترُ،آنتر = آنڊو] انسان يا جانور جي پيٽ جو رودو. اولاد. ويجهو عزيز.

_ **آنڊا آخر آنڊا هُئڻ:** پيٽ ڄايو اولاد هر حال ۾ پيارو هئڻ.

_ **آنڊا ٽوڙڻ:** اولاد کان جدا ڪرڻ.

_ **آنڊا ساڙڻ:** ڏک ڏيڻ. ظلم ڪرڻ.

_ **آنڊا سُڪڻ:** بُک کان بي حال ٿيڻ.

_ **آنڊا سُڪڻا وِجهڻ:** بُکَ مرڻ – لنگهڻ ڪڍڻ. کاڌو نہ کائڻ.

_ **آنڊا ڪيڻ:** تمام گهڻي مار ڏيڻ – جهڳورڻ. سخت سزا ڏيڻ.

_ **آنڊا ڪلُورس ڪلُسِ ڪرڻ:** بُک ۾ پاهه ٿيڻ – تمام گهڻي بک لڳڻ.

_ **آنڊا ڳجيون:** ث. آنڊا ڳونڊا – پيٽ جا اندريان عضوا. ويجها عزيز – مٽ مائٽ. اندر جا راز – ڳجهه.

_ **آنڊا ڳجيون ڄاڻڻ:** ڳُجهه ڄاڻڻ.

_ **آنڊا ڳجيون ڪڍي ٻاهر ڪرڻ:** رَت پِت ٻاهر ڪرڻ. ڳُجهه ظاهر ڪرڻ. سڀ حالت پڌري ڪرڻ. راز ۽ عيب ظاهر ڪرڻ.

_ **آنڊا ڳجيون ڳلڻ:** پاڻ ۾ مٽي مائٽي ڪرڻ.

_ **آنڊا ڳدڙ جي حوالي ڪرڻ:** بي ايمان ۽ بد ديانت ماڻهوءَ کي خزانچي بنائڻ.

_ **آنڊا مُنهن اچڻ:** ڏک جهڙي حالت ۾ سخت بيقرار ٿيڻ.

_ **آنڊا مُنهن ڏي ورڻ:** سخت ايذاءُ يا صدمو پهچڻ.

_ **آنڊنِ جي سِڪ:** ث. اولاد جي محبت.

_ **آنڊنِ ۾ ڪاتيون پوڻ:** صدمو رسڻ – آنڊن ۾ وڍ پوڻ.

_ **آنڊنِ ۾ هٿ وجهڻ:** ڪنهنجي اولاد کي پاراتو ڏيڻ يا گهٽ وڌ ڳالهائي مائٽ کي ڏک ڏيڻ. گار ڏيڻ.

_ **آنڊنِ ۾ وَڍ پوڻ:** صدمو پهچڻ.

_ **آنڊنِ ۾ وَڪُوڙَ پوڻ:** پيٽ ۾ وَٽ پوڻ. درد محسوس ڪرڻ

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

— تڪليف پهچڻ.

_ **آنبو آنڪڻ:** ڪنهن جي لاءِ گهڻو اونو يا انتظار ٿيڻ — ساه تنگجڻ. نياڻيءَ جي مائٽني ٿيڻ.

_ **آنبو گنبڄڻ:** آنبو منجهي پوڻ.

_ **آنبي اُپو:** ذ. صفت. پيٽوڙي — هبڇي.

_ **آنبي جو وڪوڙ لاهڻ:** ٻکن ڪان پوءِ ڏؤ تي ماني ڪائڻ.

_ **آنبي جي ڄڙ:** ث. اولاد جي باهه — اولاد جي چڪ.

_ **آنبي جي جرهڻ:** اولاد جي وڇوڙي يا موت جو صدمو هئڻ.

_ **آنبي ڄائو:** ذ. صفت. پيٽ ڄائو.

_ **آنبي کي ڄر اُچڻ:** اولاد لاءِ ڪاوڙ لڳڻ.

_ **آنبي کي سيڪ اچڻ:** همدردي ٿيڻ.

_ **آنبي ڳجهين گڏيل هئڻ:** ويجهو مائٽ هئڻ.

_ **آنبيل ڳانبيل:** صفت. گڏوچڙ.

_ **آنبي ۾ ٽانبو وجهڻ:** ويجهن مائٽن جو پاڻ ۾ نفاق وجهڻ.

_ **آنبين ڳونبين گڏجڻ:** سڳا بندي ڪرڻ.

_ **آنبي وارو هئڻ:** پنهنجي اولاد وارو هئڻ.

_ **آنبي وڏي:** ث. بيماريءَ جو هڪ قسم — هڏڪي — وڏٽي.

• **آنبو ڳانبو (ت):** ذ. حساب ڪتاب — وهنوار. عوض — بدلو. لالچ — حرص.

_ **آنبا ڳانبا ڪرڻ:** عوض ڏيڻ — بدلو ڏيڻ.

• **آنرُ ج آنرَ:** ذ. صفت. [سن. اَن — وَرتِ = گڏجي هلڻ] شاديءَ ۾ سوڻ طور گهوٽ سان گڏ هلندڙ ماڻهو — اُهنَر — اَرَهڻ — آنهَر.

• **آنر:** ث. صفت. آنا ڏيندڙ (ڪُڪڙ).

• **آنر ج آنر:** ذ. صفت خصين وارو اڻ ڪُٽيل (ڏڳو يا گهوڙو) — ساڻ (ڏڳو يا گهوڙو). آنين وارو يا آنيارو (پلو).

• **آنرَ بل:** ذ. صفت. [انگ. Honorable] عزت وارو — معزز. وڏي رُتبي وارو.

• **آنريري:** صفت. [انگ. Honorary] بنا اُجوري يا بنا پگهار (ڪم ڪندڙ) — اعزازي.

• **آنرو:** ذ. [بلوچڪي] نياڳو يا بيمار اُٺ. آنڙو — لَونش. گاهه جو هڪ قسم.

• **آنڙو ج آنڙا (ل):** ذ. [سن. آنجَن = سُرمو + ڙو] ننڍي سرميداڻي. (صفت) هلڪي طبيعت وارو (ل).

• **آنڙي ج آنڙيون:** ث. اک جي ٽنري وٽ ٿيل آرائي جيتري ڳوڙهي يا ڦلڙو. ننڍي سرميداڻي.

• **آنڙيءَ مان ڳانڙي ڪڍڻ:** ٿورڙي ڳالهه کي وڌائي وڏو ڪرڻ — تيليءَ مان ٿنڀ بنائڻ.

• **آنسوُ ج آنسوَ:** ذ. [پرا. آنسِيَ: سن. آشْرو] ڳوڙهو — لڙڪ.

_ **آنسوُ وهائڻ:** لڙڪَ وهائڻ — رُوئڻ.

• **آنڪَ ج آنڪُون:** ث. پرت جو هڪ قسم — آڪَ. ڏاڳي جي زنجير. چمڪدوزيءَ ۾ سنهي ليڪ.

• **آنڪَ ج آنڪُون:** ث. [سن. آنڪَ = تمام ننڍڙو باريڪ] سڪي جو هڪ قسم — آنو. تور جو هڪ وزن — سيرَ جو سورهون حصو — ڇٽانڪ.

_ **آنڪَ تي اُره ڏيڻ:** اجائي آڪڙ ڪرڻ — نٿلهي سيٽَ ڪرڻ.

• **آنڪارَ آنڪرَ:** ث. [آنَ = هائو + ڪُر = ڪرڻ] هائوڪار — هاڪار — اقرار — مڃتا — قبوليت جو آواز.

• **آنڪارڻُ:** مصدر. [آنَ + هائو + ڪُر = ڪرڻ] ها ڪَرڻُ — هائوڪار ڪرڻ. قبولڻ. مڃڻ — اقرار ڪرڻ — قبول ڪرڻ. ساڪ تي چوڻ (آنڪاريو — آنڪاريندو — آنڪاريل).

• **آنڪارو ج آنڪارا (ث):** ذ. آڪارو.

• **آنڪڙو ج آنڪڙا:** ذ. [سن. آڳڪَ = انگڙو] ڪُنڊو (لوهي). آنگڙو.

• **آنڪسُ ج آنڪَس:** ذ. [سن. آنڪُش] هاٿي هلائڻ لاءِ لوهي ڪُنڊو.

• **آنڪڻُ:** مصدر. [سن. آنڪَ > آنڪَنْ = نشان ڪرڻ] نشان ڪرڻ. انگ هَڻَڻُ — نشاني هَڻَڻُ. (آنڪيو — آنڪيندو — آنڪيَل).

• **آنڪو ج آنڪا:** ذ. صفت. اڻ پڪل (دلو) — ڪچو (دلو) — پيلو "جي ڪچي ساڻ ڪهن. آنڪو تن اوباهيين" (شاهه). آڪو ڪيُر — آڪو — وانڪو.

• **آنڪُڙو ج آنڪُڙا (ث):** ذ. آنڪُڙو.

• **آنڪُون (ل. ڪ):** ذ. پرت جو هڪ قسم.

• **آنڪي ج آنڪيُون:** ث. [سن. آنڪَ] آنو — آنڪَ. رپئي پنيان (چوٽ ڏنل يا ورتل) آنو. محصول — سُنگ. ڏل. ڏنُ.

_ **آنڪي آڳاڙڻ:** ڏل وصول ڪرڻ. محصول وٺڻ. رپئي پنيان آنو وصول ڪرڻ.

_ **آنڪي پرڻ:** ڏل پرڻ. آڻ مڃڻ. زيردست ٿي رهڻ.

• **آنڪو ج آنڪا (ل):** ذ. صفت. سانئي ڏڳو — اڻ ڪُٽيل (ڏڳو). (ظرف) سمورو (ث).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **آنهَر**: ذ. [ملتاني] آرهَٽ – آهنرُ.
• **آنهرا، آنهيرا**: آڪيرا، وانهرا پکين جا.
• **آنهري ج آنهريون**: ث. آرسي.
• **آنهَڪار ج آنهڪارون**: ث. [سن. آنَ = هائو + ڪُر = ڪرڻ] هاڪار – هائوڪار – آنڪر – مڃتا.
• **آنهڪارڻ**: مصدر. [سن. آنَ = هائو + ڪُر = ڪرڻ] هائوڪار ڪرڻ – اقرار ڪرڻ – هائوڪار – آنڪر – مڃتا.
• **آنهَلُ ج آنهَل (ت)**: ذ. صفت. [سن. آبَل] ڪمزور – نبَلُ. ڍرو – سُست.
• **آنهل ٿيڻ**: ڪمزور ٿيڻ. ڍرو ٿيڻ – سُست ٿيڻ.
• **آنهن**: ث. [سن. آنَ = هائو] هائو – هاڪار.
• **آنهي آهو**: ذ. مال پهرائڻ يا ڪاهڻ وقت ڌراڙ جو آواز.
• **آنهون**: اسم خاص. تعلقي واره ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **آنهيري ج آنهيريون**: ث. آنهري – آهري.
• **آنءِ**: ث. [سن. آمَهٔ] پور ـ آنوَ (ضمير) [سن. اَهمُ: ع. آنا] آءِ، آئون – مان.
ـ **آنءِ ۾ ڪانءِ**: ضمير. رڳو آئون ۽ منهنجو سر – فقط آئون. اڪيلو سر. خود غرضي.
• **آنٿلو ج آنٿلا**: ذ. [سن. ١. اَنشُنا = پوکڻ: ٢. اَڪرشٽ] هڪ پيرو ڪڙيل يا آباد ٿيل زمين – آئٿو.
• **آنٿرو ج آنٿرا**: ذ. [سن. آملَڪ: ف. آملَ] آنورو.
• **آنٿڻُ (ت)**: ذ. ڏوياره ڏرڻ جهڙيون جانورن گڏيل ساريون – آڻُ (ل).
• **آنئين**: ث. [سن. آنَ = هائو] هائو – هاڪار. ٻڏي – ايڪتا. (ظرف) ها – هائو!
• **آني ج آنيون**: ث. [سن. اَنڌَ = آنو] آنياري ٻلي جي پيتاري واري حصي ۾ پيل ڏاڻ ڏاڻ واري مادي جي ٿيلهي. [سن. اَنڪَ] آنو – آنڪَ.
• **آنيارو ج آنيارا**: ذ. [سن. ١. آنڌوت = آنن وارو: ٢. آنڌتي = ڏاڻن وارو: ٣. آنيَهٔ = ڏاڻو آنو > آنيارو] آنيءِ اورو (پلو). ٻلي جو هڪ قسم – مايَرُ. ”ڪيرو“ جو ضد.
• **آنياري ج آنياريون**: ث. ٻيڙيءَ جي ڪوهي جهلڻ لاءِ رسي – آياري.
• **آني ٻهاني**: ظرف. ڪنهن نه ڪنهن بهاني – آهاني ٻهاني.
• **آڻ**: ث. [پرا. آڻا؛ سن. آجيا] حڪم – فرمان – آگيا. تابعداري – مڃتا – اطاعت – محڪومي – هار – شڪست. ڏوهي – قسم ”گوگي جهوان جي آڻ ڏيئي نانگ جهلڻ“. ڏوهيءَ جو گول ليڪو – دائرو. ميار (ت). عوض – بدلو. ڪوهه جي تر پاسن کان پاڻيءَ جي زور تي مٽيءَ جي اُڇل سبب کوپ. کوهه ۾ اوساريءَ جي هڪ پاسي لهي پوڻ سبب خالُ. [سن. آوَرَڻ] روڪ – اٽڪ – آڏ. ”اونهي تڙ آگٽيا، آد پاڻي آڻ“ (شاهه). ڪڙهه. لوڙهو. پٽ. ڏوياره ڏرڻ جهڙيو جانورن گڏيل ساريون – آنٿڻُ (ت). ’آڻڻ‘ مصدر مان امر – ڪٽي اچ!.
ـ **آڻ پائڻ**: آڻ مڃڻ. آڏو آڻ وجهڻ – ڪنهن سبب جي بناءَ تي رنڊڪ وجهڻ. برادريءَ ۾ ميار رکي رسامو وجهڻ.
ـ **آڻ ڪرڻ**: ٻئي جي طرفداري ڪرڻ.
ـ **آڻ لاهڻ**: ميار لاهڻ.
ـ **آڻ مڃڻ**: شڪست قبول ڪرڻ. پيش پوڻ. حڪم مڃڻ – چيو مڃڻ.
ـ **آڻ ۾ رهڻ**: روڪ ۾ رهڻ. تابعداريءَ ۾ رهڻ. ڏوهيءَ ۾ وهڻ (نانگ بلا جو).
• **آڻ**: ث. [سن. آڻِه] ڦيٿي جي سرائيءَ جي ڪلي. سٽر. ترار جي ڌار. گهر جي ڪُنڊ. ليڪو – حد. اَنّ جي راهه جي چوڏاري نڪتل ليڪو.
• **آڻ**: ذ. سارين سان گڏ اُڀرندڙ گاهه جو هڪ قسم. جانورن سان مليل جهنگلي گاهه جو ٻج. لوهو گول چلو (جو جنڊ جي مڪڙيءَ جي سوراخ ۾ وجهجي، ته ڪير سان لڳڻ سببان مڪڙي نه گسي).
• **آڻاٺي ج آڻاٺيون**: ث. صفت. ڏکي – آٺائي – مُشڪل.
• **آڻاسو ج آڻاسا**: ذ. صفت. [سن. آناش (آنَ + آشا) = بي اميد. جنهن جي سڌرڻ جي اميد لاهي ويهجي] جنهن ڪي مستقبل جي اميد نه هجي. جنهن ڪي ناس پتو نه هجي – آڻاسو.
• **آڻائڻ**: ’آڻڻ‘ مصدر مان متعدي بالواسطه ڪٽائي اچڻ – گهرائڻ. خريد ڪرائڻ حاضر ڪرائڻ. (آڻايو – آڻائيندو – آڻايل).
ـ **آڻائي، آڻائي ج آڻائيون**: ث. آڻائڻ جو اجورو – ڪٽائي.
• **آڻ جاڻ (ث)**: ث. اچ وڃ – آمد رفت.
• **آڻڻُ، آڻِڻُ**: مصدر. [سن. آنِيُ (آ = ساڻ + نِيُ = هلائڻ) = آڻڻ] وٺي اچڻ. ڪٽي اچڻ. هٿ ڪرڻ – حاصل ڪرڻ. (آڻيو – آڻيندو ـ آندل).
ـ **آڻڻُ نيڻُ**: پهچائڻ ۽ وٺي وڃڻ.
ـ **آڻڻُ ۾ جاڙهڻ**: جيڪي ڪمائڻ سو سڀ خرچ ڪرڻ ”آڻيون ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

• **آهرڻ:** مصدر. [ف. آهار] ڪلف ڏيڻ جؤ يا لٽي لڳائڻ. (آهريو – آهرندو – آهريل).

• **آهرو ج آهرا:** ذ. ڪاٺي يا پيلپائو (جنهن تي پکي وهندا آهن) – واهيرو. ڪُڪڙن يا پکين جي رات جي وهڻ جي جاءِ _ آهيرو.

• **آهرو ج آهرا:** ذ. [فن. آخورڙ] ڍورن جي کاڌي لاءِ کُونر – آهورو. آهُر – آذَر.

_ **آهرن ۾ کائڻ:** گهٽي چاري مان ڏؤ ڪري کائڻ. تمام گهڻو يا ريل چيل خرچ ڪرڻ.

_ **آهرين:** آهرن ۾ (مال جي کائڻ وارن) کُونارن ۾.

• **آهري:** اسم خاص. تعلقي ڏگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آهري ج آهريوُن:** ث. [سن. آدَرشه = (آ = چئني طرفن کان + دَرش = ڏسڻ)] آرسي

• **آهري ج آهري:** ذ. صفت. [ملتاني] چُست چالاڪ. محنتي.

• **آهري (ل):** ث. [سن. آسري] گجرن جو آچار.

• **آهريا:** اسم خاص. تعلقي دادو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آهڙ ج آهڙيوُن (ل):** ذ. وَلَر – ٽولي. جماعت.

• **آهڙڻ:** مصدر. [ف. آژندن = آهوڙڻ: سن. آ – شڪَلَ] جند کي آهوڙڻ. ٽڙڪڻ – ٿابڙڻ باهڙڻ. (آهڙيو – آهڙيو – آهڙندو – آهڙيل).

• **آهڙو ج آهڙا:** ذ. صفت. [سن. ١. آسڪر = ڏکيو: ٢. آوجڊ = آهڙڻ] آهنجو – ڏکيو. چُڀندڙ. کهُرو "آڏ ترڇا آهڙا، ڏونگر کي ڏاڪا" (شاهه).

• **آهسته:** ظرف. [ف] ڍِيري – ڍيمي – هوريان – آهستي.

_ **آهسته آهسته:** ظرف. ڍيري، ڍيري. ڍيمي ڍيمي. هوريان هوريان. رفته رفته درجي بدرجي.

_ **آهسته روُ:** ذ. صفت. آهسته هلندڙ.

_ **آهسته سُخن:** ذ. صفت. آهسته ڳالهائيندڙ.

_ **آهسته سُخن:** ذ. صفت. آهسته ڳالهائيندڙ.

• **آهستگي ج آهستگيوُن:** ث. ڍرائي. نَهر تحمّل – ديرينائي.

_ **آهستو:** ظرف. آهسته.

_ **آهستي:** آهستي: ظرف. آهسته آهسته.

• **آهڪ:** ذ.[ف] چونو – سيڙهي – گَچ.

• **آهل:** صفت. [ع. آهلَ] ماڻهن سان معمور وسندڙ – آباد (شهر). اهل عيال وارو.

• **آهلڻ:** مصدر. [سن. آلَمبَ = ٽيڪ] ليٽڻ – لاڙو ڪرڻ – اُتل ڪرڻ. آرام ڪرڻ. ٿوري دير لاءِ بُت سنئون ڪرڻ – چيلهه ڏگهي ڪرڻ. [سن. آوهيل = بيمانائي. کِل مسخري، حقارت] ويچارا ڪيڻ – چيرا ڏيڻ. ٺٺول ڪرڻ – آهل ڪرڻ (آهليو – آهلندو – آهليل).

• **آهل ج آهلوُن:** ث. ليٽ – لاڙو – اُتل. رُجحان. ڪاڻ. ويچارا – آهل – ٺٺول.

_ **آهلائڻ:** 'آهلڻ' مصدر مان متعدي بالواسطه. ليٽائڻ – لاڙڻ. لاڙو ڪرائڻ. اُلار ڪرائڻ. سُمهارڻ. ننڊ ڪرائڻ. آرام ڪرائڻ.

_ **آهلجڻ:** 'آهلڻ' مصدر مان فعل مجهول. ليٽجڻ – اُلارجڻ.

_ **آهل ڪرڻ:** ويچارا ڏيڻ – چيرا ڪيڻ.

_ **آهليل:** ذ. صفت. ٽيڪ ڏنل. ليٽيل. ٽيڏو.

• **آهم:** ضمير. مون کي آهي – آهيم "آهم اِيءَ عجب، جيئن وارُئو ويچ وهارين" (شاهه).

• **آهن، آهن:** ذ. [ف] لوهه. فولاد – رَڪ – [سن. آشمَن] ٽانوَ جي وزن پوري ڪرڻ لاءِ ساهميءَ جي پڙ ۾ وڌل وَٽ، تورا يا پٿر – آهَن.

_ **آهن رُبا:** ذ. لوهه کي ڇڪيندڙ – چقمق.

_ **آهنگر:** ذ. صفت. لوهه گهڙيندڙ – لوهار.

_ **آهني ج آهني:** صفت. لوهه جو – لوهي. مضبوط.

• **آهنڊ ج آهنڊ:** ذ. صفت. آهنڊ. لَچ. اَٿرو. سنئون پلءُ نه ڏيندڙ.

• **آهنگ ج آهنگون:** ث. خوشبوءِ _ سُگند.

• **آهنر ج آهنر:** ذ. آهنر.

• **آهنگ ج آهنگ:** ذ. [ف] آواز. جهُونگار – آلاپ. نغمو. سُر. ارادو – قصد.

• **آهنو ج آهنا (ڪ):** ذ. [سن. آلَنبَ] ٽيڪ – ليٽ – لاڙو – رجحان. اُتل – ڪاڻ. نقل پيروي – آهل.

• **آهو:** ذ. [سن.آشا] آسرو – اميد – دلاسو. هيج. قُرب. لڳاپو.

_ **آهو پلڻ:** آسرو لاهڻ.

_ **آهو ڏيڻ:** آسرو ڏيڻ – دلاسو ڏيڻ.

_ **آهو ڦاهو ڪرڻ:** سخت تڪليف وٺڻ – وڏي ڪوشش ڪرڻ.

_ **آهو ڪٽڻ:** آسرو پلڻ – اميد لاهڻ "ساموندي سنيوڙا، ڪٽي مون اڳهيءَ تان آهو" (سانوڻ). جوڪو ڪٽڻ. قرباني ڪرڻ.

• **آهوُ ج آهوُ:** ذ. [ف] هَرڻ – مرگهه. ڪبوتر جو هڪ قسم (گهٽي ڳِٽ ڳِٽ ڪندڙ ڪبوتر). باراڻي راند جو هڪ قِسم – ليٽ ڪبوتر. نقص – عيب.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ **آهُوپا:** ذ. صفت. [آهو = هرڻ + پا = پير] هرڻ وانگر پيرن جو تکو – تمام تيز ڊوڙندڙ.

ـ **آهُوپرو:** ذ. اهو باز جنهن کي ڪنين تي هرڻ جي پير وارو چٽر هجي.

ـ **آهُو پيرُ:** ذ. هڪ پسارڪو وکر.

ـ **آهُوچَشمُ:** ذ. جنهن جون اکيون هرڻ جي اکين جهڙيون هجن – هرڻ اکيون – وڏين اکين وارو. سهڻو. معشوق.

ـ **آهُو دل:** ذ. صفت. ڊڄڻو.

ـ **آهُوگيرُ ج آهُوگيرَ:** ذ. صفت. هرڻ وٺندڙ – شڪاري.

ـ **آهُوشڪم:** ذ. صفت. جنهن جو پيٽ هرڻ جي پيٽ جهڙو (پٺيءَ سان لَڳل) هجي – لڪدار.

ـ **آهُونگاه:** ذ. صفت. سهڻين اکين وارو – معشوق.

ـ **آهُوي چَرخُ:** ذ. آسمان جو هرڻ. سج.

• **آهُو ٻيرُ ج آهُو ٻيرَ:** ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قِسم (ٻير جي داڻن جهڙو ٿئي).

• **آهُوتي ج آهُوتيُون:** ث. [سن. ١. آهَ = ٻل چاڙهڻ، پيتا ڏيڻ: ٢. آهَت = ٻل] هندن ۾ ديوتائن اڳيان باهه سان گڏ ٻل چاڙهڻ جي رسم. ٻل چاڙهڻ سان گڏ ڪابه ڪِريا ڪرم. ساڙيل گيهه جي پيتا.

ـ **آهُوتي ڏيڻُ:** ٻَل چاڙهڻ – قرباني ڪرڻ. ساڙيل گيهه پيتا طور ڏيڻ.

ـ **آهُوتي وجهَڻُ:** ڪاوڙيل کي وڌيڪ ڪاوڙائڻ.

• **آهوجا:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **آهورو ج آهورا:** ذ. [ف. آخور] آهُرو – کونر.

ـ **آهورن ۾ ڪائڻ:** گهٽي چاري مان ڏؤ ڪري ڪائڻ "جن ڪاڏو آهورن ۾، سي ڪيئن ڪائيندا پاهورن ۾".

• **آهوڙُ ج آهوڙَ (ل):** ذ. لوهارن جي اصطلاح ۾ ڪنهن اوزار (ڪهاڙي، ڏاٽي، واهلي، وغيره) جو اڌورو تيار ڪيل بوتو.

ـ **آهوڙ وِرائڻ:** اوزارن جا اڌو گابرا بوتا تيار ڪرڻ.

• **آهوڙڻُ:** مصدر. [سن. اَوڇِدْ: ف. آرندن] جنڊ کي کهرو ڪرڻ – ٽڪَڻُ. [سن. آوْدارَڻ] گم تي ويل پير (چور، وهٽ وغيره جي) ڳولڻ لاءِ اوهاڙون ڏيڻ – اوري پري پير جي جانچ وٺڻ. (آهوڙيو – آهوڙيندو – آهوڙيل).

• **آهوڙَ ج آهوڙُون:** ث. پيري جي تحقيقات لاءِ چوڌاري ڳولا – اوهاڙ.

ـ **آهوڙَ ڏيڻُ، هڻڻ:** چوريا چوري ٿيل چوپائي مال جي وڃايل پير جو نشان ڳولڻ.

ـ **آهوڙائڻُ:** "آهوڙڻ" مصدر مان متعدي بالواسطه. جنڊ کي ٽڪائڻ يا کَهرو ڪرائڻ.

ـ **آهوڙ ٻَڌَڻُ:** لاڳيتو مارڻ – سَٽَڻُ.

ـ **آهوڙِجَڻُ:** "آهوڙڻ" مصدر مان فعل مجهول. جنڊ جو گرنڊجڻ – کهرو ٿيڻ.

• **آهوڙو ج آهوڙا:** ذ. صفت. جنڊ کي آهوڙيندڙ – کهرو ڪندڙ. ڳولائُو – ڳوليندڙ (پيري جو). (ذ) جنڊ کي آهوڙڻ جو اوزار – ڇيٽي – ٽاڪٽي.

• **آهوڙيُ ج آهوڙِيُون:** جنڊ کي ٽاڪڻ ۽ کهري ڪرڻ جو اوزار – ڇيٽي – ٽاڪٽي.

• **آهوڙيُ:** ذ. آهيڙي – شڪاري. ڳولائو. طالب.

• **آهُوڙي:** اسم خاص. تعلقي ڪڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آهُو ساهُو (ت):** ذ. صفت. مسافر – پرديسي. اڻ واقف. چڱو مَٺو.

• **آهي:** فعل. 'هئڻ' مصدر جي حاليه صورت حاضر – موجود.

ـ **آهي الله:** جملو. خيرات لاءِ صدا هڻڻ جو اصطلاح – الله باقي!.

• **آهي ج آهِيُون:** ث. [سن. اَڌ] فڪر – ڳڻتي. درد. پيڙا. بدبختي. آئِيُ.

• **آهيُجَ:** ذ. نشان – پتو – اهڃاڻ. خبر.

• **آهَيرُ ج آهيرَ:** ذ. صفت. [ع. عاهِرْ] آهرَ – ڏاريو مرد "جا آهين آئڙي، سا هُنن بہ سيباڻي" يارَ – سينَڌو – ڇَگهُ. [سن. اَسَرَ =ديوتا دئت، شيطان: زند. آهَرْ < اَهرمن = شيطان] اَپيرُ (هڪ وحشي قوم).

• **آهيرو ج آهيرا:** ذ. [سن. آڌار: پرا. اوهير] آڪيرو – وانْهيرو "سا سڪَ سليان ڪيئن، جنهن اندر آهيرا ڪيا" (شاهه).

ـ **آهيرو ڪَرَڻُ:** آرام ڪرڻ.

• **آهيريُ ج آهيريُونْ:** ث. [سن.آدرْشَ] آرسي – آهِريْ. منهن "آهيريان اُجرو، قلب ۾ ڪارو" (شاهه).

ـ **آهيريان:** آرسيءَ ڪان، آئيني ڪان.

• **آهيَريو:** ذ. [سن. آسُري] آهُر.

• **آهيڙو ج آهيڙا:** ذ. صفت. آهَيڙي.

• **آهيڙيُ ج آهيڙيُ:** ذ. صفت. [سن. آکيٽَڪَ (آ = ساڻ + ڪٽ = ستائڻ) شڪار ڪندڙ] شڪاري (مرن جو) – صيّادُ – آهيڙو "جهنگل آهيڙين ري، پنڻ ڪيو رُونْدو" (شاهه). حلال خور –

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جُهڙو – نُوري.

• **آهيڙياڻي ج** آهيڙياڻيُونْ: صفت. 'آهيڙي' جو مونث. گهٽ ذات واري (عورت) – ڪمذات. گولي – ٻانهي.

• **آهينْ ج آهيُونْ:** ث. مَڪ جو هڪ قِسم (جا پشم جي گدامن ۾ ٿئي، ۽ وات ۾ پوڻ سان ڪنگهه ٿئي).

• **آهينو ج آهينا:** ذ. [ف. آهينه، آئِينَ < (صفت) اجايو – بي فائدو (تَ).

_ **آهينو ڏيڻ:** آرسي ڏيکارڻ. ٻُجو ڏيڻ.

• **آءَ ج آئِيُون:** ث. آئِي – ماءُ.

• **آءُ (آئُون):** ضمير. [سن. آهَمْ. آيَمْ] آئُونْ – مانْ. (ث) وڏائي – تڪبّر هَڪ 'عالم آءُ ساڻ، پريو ٿو پير ڪري" (شاهه).

• **آءُ آءُ:** ذ. ڌاريل مال يا پکين کي سڏڻ جو آواز. شڪارين جي اصطلاح ۾ سوئر کي سڏڻ جو آواز.

• **آءُ ڀاءُ:** ذ. [سن. ڀاو] آدر ڀاءُ – ڀلي ڪار – آجيان. خاطر مرحبا.

• **آءُ ڪاءُ:** فِڪر – ڳڻتي – اونو – وجهُل.

_ **آءُ ڪاءُ ڪرڻُ:** ڳڻتي ڪرڻ – فِڪر ڪرڻ – ويچار ڪرڻ "وَڏ سُرتي سَرهو، مَ ڪِي آءُ م ڪاءُ" (شاهه).

• **آئتو:** ذ. وڏائي.

• **آئِتوارُ:** ذ. آرتوار.

• **آئٽَڻ:** مصدر. [سن. آوَرْتَنْ] ڪنهن ڌاتو (سون، چاندي وغيره) کي ڳارڻ – رجائڻ – پگهارڻ. هَٿين پوڻ – وڙهڻ – جهڳڙڻ – اَٽڪڻ. اونڌو ٿيَ ڪرڻ. ٻج چٽڻ (ت). (آئٽيو – آئٽندو – آئٽيل).

• **آئٽَ ج آئٽُونْ:** ث. ڳَرڻ يا رِجڻ جي حالت – ڳارو ڳَداز. ڳارُوٽي – جهوراٽو.

• **آئٽائِڻُ:** 'آئٽڻ' مصدر مان فعل مجهول. ڳَرڻُ – پگهرجڻ – رَجڻُ.

• **آئٽو آنٽو آنٽرو ج آئٽا، آنٽا، آنٽرا:** ذ. صفت. [سن. آڌَشٽ] بي اولادي. سُجو – پينگيو. بدبخت – نياڳو. پَليدُ – جوُنو.

_ **آنٽو ڪرڻُ:** پليد ڪرڻ – خراب ڪرڻ – ناپاڪ ڪرڻ – وڃائڻ.

_ **آنٽو نپٽو انٽرو نپٽرو:** ذ. صفت. بي اولادي – نانگو نِپٽو. بدبخت – نياڳو. ڪدڙو.

• **آئِلَڻُ، آئِيلَڻُ (ت):** ذ. آلَڻُ – آليرڻُ.

• **آئِلو آئُلو ج آئلا:** ذ. [سن. ١. آ – ڪُرشٽَ؛ ٢. آنْشنا] غيرآباد زمين. اَڻ ڪاهيل زمين جو ٽڪر. آباديَءَ کان سواءِ پيل زمين جو ٽڪرو.

• **آئِرس:** اسم خاص. [يوناني] اندلٺ جي ديوي (Iris). ديوتائن کي پيغام رسائيندڙ.

• **آئُرڻُ:** مصدر. [سن. آهَل = اڳتي وڌڻ] ٻيڙيءَ جو پاڻيءَ ۾ روانو ٿيڻ – آهَرڻُ. (آئُريو – آئُرندو – آئُريل).

• **آئِرو ج آئِرا (ت):** ذ. پٽ وجهڻ لاءِ ڪنيل ننڍي پيڙهه.

• **آئُرو ج آئُرا:** ذ. آنْورو – آنْٽُرو.

• **آئِرْي:** اسم خاص. درڪاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **آئُڙَڻ:** مصدر. [سن. 1. آهْلادْ < آوْرْ = پسند اچڻ] وَڻڻُ – ڪش اچڻ – ڀانئڻُ (دل کي). دل سان لڳڻ "لاٽي وڃان لوڪ، تو کهڙي اکر آئڙيْ" (شاهه).

_ **آئڙي اَچڻ:** پسند اچڻ – دل کي وڻڻ. دل سان لڳڻ.

• **آئِسو ج آئِسا:** ذ. [سن. آشَيَہ] اشارو – ڪنايو – مام.

• **آئِسڪريمْ:** ث. [انگ. آئيس = برف + ڪِريمْ = ملائي، Ice cream] برف جي مَلائيْ.

• **آئْڪَ:** ث. آنْڪَ (زنجيريءَ جي نموني پرت).

• **آئلپور:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **آئُنٽڙو ج آئُنٽڙا:** ذ. صفت. آئُنو.

• **آئِنْدو آئِينْدو:** ذ. صفت. [ف. آينْده] ايندڙ وقت – مستقبل. ايندڙ سال. (ظرف) هن کان پوءِ – اڳتي – آئيندي. ٻئي ڀيري – وَرِي – ٻيهَر.

_ **آئِنْدي، آئِينْدي:** ظرف. ايندڙ وقت ۾ – هن کان پوءِ – ٻيهر – وري.

• **آئِڻُ ج آئِڻَ (ت):** ذ. ڳنديءَ مان اَنّ ڪڍڻ جو سوراخ.

• **آئُو ج آئُوْ:** ذ. مٺي پاڻيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قِسم – ڄرڪو. (صفت) جُلهه ڪري ايندڙ. هائُو ڪري ڪائي ويندڙ – گهٽو ڪائيندڙ.

_ **آئُو آئُو ڪرڻُ:** هائُو هائُو ڪرڻ. سُور مان دانهون ڪرڻ.

• **آئُوٽ:** صفت. [انگ. Out] راند ۾ ٻاهر نڪتل – هارايل – جيتيل. ظاهر – پڌرو – شايع.

• **آئُوڏَ:** ذ. وڏو ڄرڪو.

• **آئُوڙو ج آئُوڙا (ل):** ذ. [سن. آهاوَ] آواڙو – آنهن.

• **آئُونْ ج اسينْ:** ضمير. [پرا. هَئُون؛ سن. آهَمَ؛ آيَمْ] مان – مون – آءُ (ذ) اهنڪار – خودي "ٻَڌ تہ ٻيائي لَهي، آئون اُت نہ آهہ" (شاهہ). [سن. آم] سُوريءَ جي بيماريءَ ۾ پيٽ مان نڪرندڙ لڳ لڳ دار غلاظت – آنْئُون. ("جري" پچاڙي) کان – منجهان "گهرائُون، منجهائُون".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**نعرو ج آئُونَعرا (ل):** ذ. صفت. آئترو.

**ج آئِيُونْ:** ث. [سن. ١. آرَيا = سکر زال: ٢. اَنْبا = ماءُ] آيل – ءَ – اما – جيجل – اَمڙ. عزت وارو خطاب (کنهن بہ زال لاءِ) "سيڻن ساجهر لڏيو، تون آئي نهاريين اڄ" (شاهہ). کير پيارينڙ عورت – دائي – آيا. [ف. آوَهْ] نهائين – آوي – آتشدان "عشق اِهو آئيءَ کان، سکيو ساهيڙن" (سچل). مصيبت – مشڪلات – ٻُوهو – آهي. [سن. آڄَ] رڍ – ٻڪري – آئي. اوچتو آيل مصيبت.

**ـ آئيءَ ۾ اَچڻُ:** اوچتيءَ مصيبت ۾ ڦاسڻ.

**ـ آئيءَ ويلَ:** ث ضرورت جي وقت – ڏکئي وقت.

**ـ آئيءَ ويلَ ڪم اَچڻُ:** مصيبت يا ضرورت جي وقت ڪم اچڻ "اُهو ڪي ڪجي جو آئيءَ ويل ڪم اچي".

**ـ آئي پائِي:** ظرف. ٺهي ٺڪي – مڪمَّل. تيار.

**ـ آئِينْ:** ث. هائوڪار. ظرف. هائو.

**ـ آئين ڪرڻُ:** هائوڪار ڪرڻ – مڃڻ.

**ـ آئِيْنْ:** ذ. [ف. آئين] قاعدو – قانون – دستُور. رواج – رسم. زيب و زينت.

**ـ آئين اڪبَري:** ذ. اڪبر بادشاهہ جو (ابوالفضل جو مُرتب ڪيل) قاعدَن قانونن جو ڪتاب.

**ـ آئين ساز:** ذ. صفت. قاعدو جوڙيندڙ – قانون ٺاهيندڙ – دستور ساز.

**ـ آئين ساز اسيمبلي:** ث. قاعدا قانون ٺاهيندڙ جماعت – دستوريہ.

**ـ آئِيني:** صفت. قاعدي مطابق – قانون موجب – قانوني – دَستُوري.

**ـ آئِينو ج آئِيْنا:** ذ. [ف. آئِينَہ < آهِينہ < آهَنْ = لوهہ مان ٺهيل آرسي] آرسي – ٽِڪَ – آهرِيْ – درسَني – آهينو.

**ـ آئِينو اَنْڌي کي ڏيکارڻُ:** ناشناس کي هنر ڏيکارڻ. نادان کي نصيحت ڪرڻ.

**ـ آئِينو ٻڄَڻُ:** صاف ٿيڻ – شفاف ٿيڻ. آب و تاب وارو ٿيڻ. بي. خود ٿيڻ – هَڪو ٻَڪو ٿيڻ. بين لاءِ مثال ٿيڻ.

**ـ آئِينو ڏيکارَڻُ:** آرسي ڏيکارڻ. جلد موٽڻ لاءِ (ٻاهر ويندڙ ماڻهوءَ کي) پنيان آرسي ڏيکارڻ جو هڪ سوڻ ڪرڻ. اُهو ڪانءُ جو گهر جي پٽين تي ويهي ٽان ٽان ڪري بيزار ڪري، ان کي ڀڄائڻ لاءِ آرسيءَ جو اولڙو ڪرڻ (جيئن اولڙي پوڻ سان ڪانءُ ڀڄي وڃي). هلڪو يا ٽرڙو ماڻهو جڏهن حد کان نڪري يا ڪنهن چڱي ماڻهوءَ کي گهٽ وڌ ڳالهائي، اهڙيءَ حالت ۾ ان کي سندس عيب، خاميون ۽ اصليت ٻڌائي شرمندو ڪرڻ. ٽوڪ ڪرڻ – چٿر ڪرڻ.

● **آئِيْنَہ:** ذ. [ف] آئينو.

**ـ آئِيْنَہ باطن:** ذ. صفت. جنهن جو اندر آرسيءَ جهڙو صاف هجي – صاف دل – نيڪ دل – ايماندار – سچار.

**ـ آئِيْنَہ بَنْدِي:** ث. شيشي، بلور وغيره سان ڪيل ٺاهہ ٺوهہ.

**ـ آئِيْنَہ جمال:** ذ. صفت. تمامَ سهڻو. خوبصورت.

**ـ آئِيْنَہ دار:** اسم خاص. آئينو رکندڙ – حجّامَ. عيب ظاهر ڪندڙ.

**ـ آئِيْنَہ دان:** ذ. آئيني، رکڻ لاءِ چم يا ڪپڙي جي ٿيلهي.

**ـ آئِيْنَہ دل:** ذ. صفت. صاف دل – ايماندار – سچار.

**ـ آئِيْنَہ رُخ:** ذ. صفت. جنهن جو منهن آرسيءَ جهڙو هجي – سهڻو – حَسين، معشوق.

**ـ آئِيْنَہ رُخسار:** ذ. صفت. آئينہ وانگر چمڪندڙ ڳلن وارو – سهڻو – حسين.

**ـ آئِيْنَہ رُو:** صفت، آئينَہ رُخ.

**ـ آئِيْنَہ ساز:** ذ. صفت. آرسيُونْ ٺاهيندڙ. شيشي جو ڪم ڪندڙ.

**ـ آئِيْنَہ سازِي:** ث. آرسين ٺاهڻ جو ڪم.

**ـ آئِيْنَہ سڪَنْدر:** ذ. سڪندر بادشاهہ جي آرسي (بليناس حڪيمَ جو ٺاهيل ايڪيهہ گز گهيري ۽ ست گز قطر وارو آئينو، جو سڪندر بادشاهہ جي حڪم سان ٺاهي شهر ۾ ٽي سؤ گز ڊگهي مناري تي رکيو هئائين. جنهن ۾ سوين ڪوهہ پري جون شيون آسانيءَ سان ڏسي سگهبيون هيون).

**ـ آئِيْنَہ طبع:** ذ. نيڪ دل – ايماندار – سچار.

**ـ آئِيْنَہ طلعت:** ذ. صفت. نيڪ.

**ـ آئِيْنَہ طينت:** ذ. صفت. نيڪ دل – ايماندار.

**ـ آئِيْنَہ گَر:** ذ. صفت. آرسيون ٺاهيندڙ – آئينہ ساز.

● **آئي وِئي:** ذ.صفت. ايندڙ ويندڙ. مهمان مسافر. (ث) آئِي وِئي ج آيَوُن وِيوُن.

**ـ آئي وِئي کي مُنهن ڏيڻُ:** مهمان مڙي جي خاطر مرحبا ڪرڻ.

**ـ آئي وِئِي ڪَري ڇڏَڻُ:** ٽٽائي ڇڏڻ – در گذر ڪرڻ. پورو ڌيان نہ ڏيڻ.

● **آئِيُويتا ج آئِيُويتائُون:** ث. [آ – اِ – اُ – ت: هندو سنڌي لپيءَ

جي ٻٽن اکرن جي سٽ "آئُو اِيَڙيُونْ، آيه، تا > آءِ ـ اِيْ – تا" = آئِيُوِيتا] الف، ب َجا اکر – الفباءِ ـ لپي – وَرْڻ سالا – .Alphabet

• **آيا:** ضمير. [ف] ڇا. (ظرف) جيڪر. شايد.

• **آيا ج آيائُونْ:** ث. [سن. ١. آرِيا = سڪر زال؛ ٢. آنْبا = ماءُ] ماءُ – آئِي. ٻارن نپائڻ لاءِ عورت – دائي. ٻارن سنڀالڻ لاءِ خادم.

• **آيات:** ث. [ع. آيَةٌ ج آيات] آيتُون (قرآن شريف جون). نشانيون (فطِرت جون).

ـ **آياتُالله:** ث. الله جون نشانيون – فطرت جا قانون ۽ ڪرشما.

• **آيتَ ج آيتُون:** ث. [ع. آيَةٌ = نشاني] قرآن شريف جو هڪ جملو يا فقرو "جي، تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين" (شاهه). نشاني – علامت. نصيحت. مثال. معجزو.

• **آيامِ:** آيا مون وٽ (اڱڻ آيامِ پيهي = منهنجي اڱڻ ۾ اندر قدم ڀري آيا).

• **آيُرويدُ:** ذ. [سن] طب جو هڪ ڪتاب (آٿروِيد جو خُلاصو).

• **آيِل:** فعل. [سن. آيا، آءِ = اچڻ] اچي ويل حاضر ٿيل.

• **آيِلَ ج آيِلُون:** ث. [سن. ١. آرِيا = سڪر زال؛ ٢. آنْبا = ماءُ] ماءُ – جيجَل – آئِي "آيَلِ! آن نہ وسهان، هنجُون جي هارين" (شاهه).

• **آيَن:** ڪين آيو (آين نہ آرام َ = ڪين ڪڏهن بہ آرام نہ آيو).

• **آينْدَهْ:** ظرَف. [ف] آئِينْدي.

ـ **آينْدَهْ رَوَنْدَهْ:** صفت. اسم فاعل. اُيندڙ ويندڙ.

• **آيَنْگ ُ:** ظرف. اوچتو – اَينگ ُ.

• **آيو:** فعل. "اچڻ" مصدر مان ماضي معطوفي. رسيو – پهتو. مليو. (سڏ جو جواب) اچان ٿو! – اجهو حاضر ٿيس!

ـ **آيو پايو:** ظرف. ٺهيل ٺڪيل. هڪيو تڪيو. لٿي پٿي. اڳو پوءِ. هميشہ لاءِ.

ـ **آيو پايو ڏِيڻ ُ:** بلڪل ڏيئي ڇڏڻ. مفت ۾ ڏيڻ.

ـ **آيو رَهڻ ُ:** ٿوري گهٽي تي يڪدم ڪاوڙ ڏيکارڻ.

ـ **آيو رهيو:** ظرف. ڄاڻ تہ آيو – اجهو آيو. جهٽ پٽ – يڪدم. ڄاڻ تہ ختم ٿيو – ڄاڻ تہ پُورو ٿيو.

ـ **آيو نہ ڪَرڻ ُ:** اچڻ جي نہ ڪرڻ.

ـ **آيو ويو:** ذ. صفت. ايندڙ ويندڙ – اچڻ وارو ۽ وڃڻ وارو. مسافر. مهمان. (ث) آئِيْ وَئِي ج آيون ويون.

ـ **آيُونْ وِيُونْ ڪَرڻ ُ:** در گذر ڪرڻ – نظر انداز ڪرڻ – وساري ڇڏڻ – ڏيان نہَ ڏيڻ.

• **آيِنْ:** ث. ذ. [ف] آئِيْنَ.

ـ **آيَنْ پرسْتي:** ث. ٻانهپ – بندگي.

ـ **آيِين گاهُ:** ذ. عورت جي هار سينگار ڪرڻ جو خاص

• **اَبَ:** ظرف. [سن. آدْيَه = اڄ] هِن وقت – هاڻي – ـ جهَٽ پٽ – ٺهہ ٺهہ.

• **اَبُ:** ذ. [ع. آب = ابو] اَبو – پيءُ – بابو" جي رَبَّ ڏئي تہ اَبُ بہ ڏِئي".

• **اَبا:** ذ. [ع. ابَ] "ابر" جو جمع. بابا. بزرگ. وڏا. شهر يا قوم جا وڏا. (حرف ندا) بابا! پُٽَ! ٻچا!.

• **اَبابِيْلُ ج اَبابِيْلَ:** ذ. [ع] پکيءَ جو هڪ قِسم (ننڍو جهرَڪيءَ جيڏو، چمڙي جهڙو ڪارا پر ڇاتِي اڇي ۽ پُڇ شاخدار).

• **اِباحَت:** ث. [ع] مُباح سمجهڻ جي حالت (هڪ فرقو 'اَهلِ اِباحت' آهي، جو سڀڪا شيءِ مباح يا حلال سمجهي).

• **اَباڻا:** ذ. هميشہ جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. [ع. اَب = ابو] پيءَ جي پُريءَ وارا. ڏاڏاڻا. مٽَ مائٽ (پيءُ طرفان) "عُمر ياد آيم، اڄ ڪي، اَباڻا"

ـ **اَباڻا ڳَڪَ:** ذ. پيءُ ڏاڏي جو گهر – مائٽاڻو گهر.

ـ **اَباڻِڪو ج اَباڻِڪا:** ذ. صفت. اَباڻن جو – ابي ڏاڏي جو – مائٽاڻو.

• **اَباڻو ج اَباڻا:** ذ. صفت. [ع. اَب = ابو] اَبي جو – بابي جو. ڏاڏي جو – موروثي. مائٽاڻو.

• **اُباهڻ:** مصدر. [سن. اُدْ – ڌرِ، اُدْڌار = ڪڙو ڪرڻ، اُچو ڪرڻ، مانَ ڏيڻ، ڄُڻائڻ] ڪڙو ڪرڻ َ– قائم ڪرڻ – اُچو ڪرڻ – اُڀو ڪرڻ – بيهارڻ (سڌو). اَڌڻ – ٺاهڻ. ڄُڻائڻ – ڇوٽڪارو ڏيڻ – ڇڏائڻ. معاف ڪرڻ – بخشڻ. سلامت رکڻ. برقرار رکڻ. اوٻاهڻ. (اُباهيو – اُباهيندو – اُباهيل).

• **اُبَتَ:** ث. [سن. وْتيَيَه] اُبتو پاسو – ٻيو پاسو – پُٺ. اُلَٽَ – اُبتائِي. "سبُت جو ضد". هيٺيون پاسو. لهندڙ پاسو (درياه جو) – لهوارَ "آچاران اُبَتِ، گهرَج گهاٽِيءَ نِينهَنْ جي" (شاهه). وَرْ – ڏِنگ ُ.

ـ **اُبَتَ پيرو ج اُبَتَ پيرا:** ذ. صفت. پيرڙيو ڄاول ٻار – اُپ پيرو. نحس – چندو.

ـ **اُبَت سُبَت:** ث. مٿيون هيٺيون پاسو (ڪپڙي جو). اُٿلِ پُٿلِ ـ اُلَٽِ پُلَٽِ. (ظرف) اُبتو سبتو. گڏ وچڙ. هيٺ مٿي.

**ـو ج اُبتاڻا:** ذ. اُبداڻو.

**ـبتائِڻ:** مصدر. [سن. وِيَتِيَس] اُبتو ڪرڻ – اُلٽائِڻ – اُٿلائڻ – اندريون پاسو ڦيرائي ٻاهر ڪرڻ. اونڌو ڪرڻ. ليٽائِڻ. بگاڙڻ. ڪارَڻ. گمراه ڪرڻ. ناپاڪ ڪرڻ. (اُبتايو – اُبتائيندو – اُبتايل).

• **اُبتائِي ج اُبتائِيُون:** ث. اُبت – اُلَٽ – اُلٽائي. ڦيرُ – ڏنگ. برخلافي. بي حيائي.

• **اِبتدا:** ث. [ع] شروعات – آغاز. آرنڀ. مُنڍ – مُنڍُ – مُهڙ – اَوَل. مُهاڳ. اڳياڙي "اِنتها" جو ضدُ.

ـ **اِبتدا ڪرڻ:** شروعات ڪرڻ ـ آرنڀ ڪرڻ.

ـ **اِبتداءً:** ظرف. شروع کان – اَوَلاً.

ـ **اِبتدائِي:** صفت. شروعاتي – اوائلي.

ـ **اِبتدائِي تعليمُ:** ث. ٻار جي شروعاتي تعليمُ – Primary education.

• **اِبتَداعَ:** ث. [ع] بدعت. ڪا ڳالهه نئين سرڪرڻ.

• **اُبَتِ ڏاڙهي ڏاڙهِيو:** ذ. صفت. اُبتي ڏاڙهڻ وارَو. هڪ قِسم جي عيب وارو (گهوڙو)، جنهن جي آمهون سامهون ڪُنڊائتن پيرن تي اڇا ٽڪا هجن. عام وهم موجب نياڳو گهوڙو. (ث) اُبَت ڏاڙهِي.

• **اُبَت ڏاوو:** ذ. صفت. اڇن پيرن وارو (گهوڙو) ابت ڏاڙهو.

• **اُبتَا:** اوپارا.

• **اِبتَذالُ:** ذ. [ع] بي اعتباري – منهن اگهاڙائي. پاڻ کي سستو ڪرڻ. رذالت.

• **اَبتَرُ:** صفت. [ع. بَتَر = پُڇ وڍڻ] پُڇ وڍيل. بي اولاد. اڏين – بي پهُچ. بَدتَر. سڀ کان ويل – نڪمو. (ذ) علم عروض جي اصطلاح ۾ هڪ زِحاف جو نالو – شعر جي وزن ۾ ڪَميءَ سبب پيدا ٿيل تغير.

ـ **اَبتري ج اَبتريُون:** ث. بي پُهچي – اڏينائي. خرابي. تباهي – بربادي. زوال. مفلسي. بي بندوبستي.

• **اُبتَڙِ:** ظرف. اُبتيءَ طرح – اُلٽي نموني – برعڪس – ضدُ. "سُبتَڙَ" جو ضد.

ـ **اُبتَڙ سُبتَڙَ:** ظرف. اُلٽو سُلٽو – اُبتو سبتو – اونڌو سونڌو – اُلٽ پُلٽ.

• **اُبتَ ڪَنڊي، ڪَنڊڙي:** ث. ٻوٽي جو هڪ قِسم – اُبتن ڪنڊن واري ٻوٽي – گدڙ ول.

• **اِبتَلاءَ:** ث. [ع] آزمائش – پرک – امتحان.

• **اُبتو ج اُبتا:** ذ. صفت. [سن. وِيَتِسَيِيَه] اُبت وارو – اُلٽو. برعڪس – اُبتڙ. ٻيءَ طرح. مخالف. ڏنگو. ٻوئتي. 'سُبتو' جو ضد.

ـ **اُبتا ٽويا ڏيڻ:** غلط طريقو اختيار ڪرڻ. اجايا ڪم ڪرڻ – اجايو خرچ ڪرڻ.

ـ **اُبتا واهُڙَ ترڻ:** اجائي ڪوشش ڪرڻ. بي نتيجي زور لائڻ.

ـ **اُبتو اَنگُ:** ذ. اُلٽو اکر. ڪُوڙ بَدوڙ.

ـ **اُبتو ٽوپو:** ذ. ٽوپي جو هڪ قِسم (هڪ پاسي سُنوءَ ٻئي پاسي خراب نظر ايندڙ ٽوپو). عام دستور جي خلاف قدم – اجايو قدم – بي فائدو ڪم.

ـ **اُبتو پير ڪَڍڻ:** اڏنگو پير ڪڍڻ – اڏنگو ڪم ڪرڻ – خراب روش هلڻ. گمراه نموني ۾ هلڻ ڪُڌا ڪرتوت ڪرڻ. اجايو خرچ ڪرڻ.

ـ **اُبتو سُبتو ج اُبتا سُبتا:** ذ. اُلٽو سُلٽو.

ـ **اُبتو ڦرڻ:** ٻئي پاسي ڦرڻ – ٻُنيءَ ڏي منهن ڪرڻ – پٺيرو ٿيڻ.

ـ **اُبتو قَلمُ وَهائِڻ:** غلط فيصلو ڪرڻ – بي انصافي ڪرڻ.

ـ **اُبتو ڪَرڻُ:** سُبتو پاسو هيٺ ۽ هيٺيون پاسو مٿي ڪرڻ. اٿلائڻ – اُلٽائڻ.

ـ **اُبتو ڪري ٽنگڻ:** سيڪت ڏيڻ – سزا ڏيڻ.

ـ **اُبتو گهمرو ڏيڻُ:** اُبتو ڦيرو کائڻ. اُٿلي پوڻ. سخت نقصان پهچائڻ. دوستيءَ بدران دشمني پيدا ڪرڻ.

ـ **اُبتِي ج اُبتيُون:** ث. صفت. ظرف. 'اُبتو' جو مؤنث. اُلٽي – اونڌي.

ـ **اُبتِي تسبيح پڙهڻُ:** بد دعا ڪرڻ – پِٽَڻُ.

ـ **اُبتي پَٽِي پڙهائِڻُ:** غلط رستو ڏيکارَڻ – برغلائڻ.

ـ **اُبتِي ڪاتي وَهائِڻُ:** سخت ظلم ڪرڻ.

ـ **اُبَتِي ڪاتِي، سان ڪُهَڻُ:** دستور خلاف ٿوري اگهه واري شيءِ وڏي اگهه تي وڪڻڻ – وڪري ۾ سخت ڪس لائڻ. انصاف جي برعڪس فيصلو ڪري ڪنهن ڌر سان ناحق ڪرڻ.

ـ **اُبتِي ڪُنڊَ:** ث. جاميٽريءَ جي اصطلاح ۾ ١٨٠ درجن کان مٿي ۽ ٣٦٠ درجن کان گهٽ ماپ واري ڪُنڊَ.

ـ **اُبتي ڳَلَ لاهڻُ:** ٿوريءَ قيمت جي عوض تمام ڳري قيمت وصول ڪرڻ. تمام گهڻو نقصان پهچائڻ. تمام گهڻي ڦُٽ ڪرڻ.

ـ **اُبتِي ڳنگا وَهائِڻُ:** عام قانون يا دستور جي اُبتڙ ڪم ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ **اَبتي ڳالھ ٻڌائڻ:** ڪوڙ ڳالهائڻ. دل جو ڀيد نہ ڏسڻ.

ـ **اَبتي مُشابهت:** ث. غلط تشبيہ ـ غلط مناسبت.

• **اِبتهاج:** ثَ. [ع. بَهَجَ] خوشي – سَرهائي.

• **اِبتهال:** ث. [ع] گريہ سان عبادت ڪرڻ جي حالت.

• **اَبٽڻ:** مصدر. [سن. اُدوَرتَنَ] بدن تي هڪ صاف ڪندڙ ڇورڻُ يا مرڪّب لڳائڻ – اُبٽڻُ ڪرڻ.

• **اَبٽڻُ ج اَبٽڻَ:** ذ. [سن. اُدوَرتَنَ] آٽي، مهلب ۽ خوشبوين جو مرڪّبُ (جنهن سان مُنهن کي ۽ بدن کي مهٽي صاف ڪجي) – شاديءَ وقت ڪنوار جي بدن کي مهٽڻ ۽ صاف ڪرڻ لاءِ اٽي، مهلب ۽ ٻين خوشبوين مان ٺهيل ڇورڻ – اُبٽڻ – پيٺي (ل) – ٻاٽڻ (سرائڪي).

• **اَبهڻ:** مصدر ر. [سن. اُدوِپتُ] ٻيهڻُ – ڪڙو ٿيڻ ـ اَبهڻُ. محڪم ٿيڻ – قائم ٿيڻ "ڇوڙ اَبنو ڇوءِ، آءُ اهوئي آهيان" (شاهہ). (اَبنو – اَبنيل).

• **اَبجَد:** ذ. ث. [ع] ڳاڻيٽي جي ترتيب موجب عربي الف ب مان ٺهيل اٺ لفظ (اَبجَدُ > ا = ١ + ب = ٢ + ج = ٣ + د = ٤؛ هَوَزَ > هـ = ٥ + و = ٦ + ز = ٧؛ حُطّيَ > ح = ٨ + ط = ٩ + ي = ١٠، ڪلمَنُ > ڪ = ٢٠ + ل = ٣٠ + م = ٤٠ + ن = ٥٠؛ سَعفَصَ > س = ٦٠ + ع = ٧٠ + ف = ٨٠ + ص = ٩٠؛ قَرَشَتُ > ق = ١٠٠ + رَ = ٢٠٠ + ش = ٣٠٠ + ت = ٤٠٠؛ ثَخذَ > ث = ٥٠٠ + خ = ٦٠٠ + ذ = ٧٠٠ + ضظغ > ض = ٨٠٠ + ظ = ٩٠٠ ع = ١٠٠٠).

ـ **اَبجَد خوان:** ذ. صفت. الف – بہ سکندڙ سيکڙات – نَو آموز – اَلهڙ.

• **اَبجي:** اسم خاص. نوشهري ۽ جوهيءَ تعلقن ۾ ڪن ڳوٺن جو نالو.

• **اَبخرَہ:** ذ. [ع. بُخار ج اَبخرہ] بُخارَ – ٻاڦون – اُٻون.

• **اَبخَل:** ذ. صفت. [ع] سڀ کان وڌيڪ بخيل.

• **اَبَد:** ذ. [ع] اُهو وقت جنهن جي شروعات معلوم ناهي. (ظرف) سدائين – هميشہ – اَناد، 'اَزَل' جو ضدُ.

• **اَبدُ الاباد:** صفت. شروع کان وٺي. هميشہ – سدائين. قائم.

• **اَبَدي ج اَبَدي:** صفت. شروعاتي. مُنڍ کا وٺي قائم رهندڙ. بقا وارو – فنا نہ ٿيندڙ.

• **اَبديَت:** ث. هميشہ رهڻ جي حالت – هميشگي.

• **اِبداع:** ذ. [ع. بَدَعَ] نئين سر خلقڻ جي حالت.

• **اَبدالُ ج اَبدال:** ذ. صفت. [ع. بَدَلُ] ٻئي جي پاران ڪندڙ – عيوضي. (خدا جا چونڊيل ٻانها (ڪن جو آهي تہ اهي جملي ستر آهن. جن مان چاليهہ ڇٽا شام ۾ باقي ٽيهہ دنيا جي ٻين حصن ۾ پکڙيل آهن: جڏهن اُ مان ڪو مري ٿو، تڏهن انسان ذات مان هڪ ٻيو مقبول بند سندس جاءِ وٺي ٿو). خدا جي محبت ۾ دنيا کان پري ٿيل ماڻهو – اَلھُ لوڪ. مجزوب يا مست فقير. (اسم خاص) درويشن جو هڪ گروهہ.

• **اِبدال:** مصدر. [ع] بدل سدل ڪرڻ – ڦير گهير ڪرڻ. (ذ. ث) مَٽا سَٽا – بَدل سَدل.

• **اَبدالي:** اسم خاص. پٺاڻن جي هڪ قوم جو نالو (جنهن جا چار پاڙا: ١. محمد زئي، ٢. فاضل زئي، ٣. بارڪ زئي ۽ ٤. آلڪ زئي. اَبدالي هاڻي "دُراني" بہ سڏجن ٿا).

• **اَبدان:** ذ. [ع. بَدَن ج اَبدان] جسم – بدن.

• **اَبدائُ ج اَبدائَ (ل):** ذ. اَبدائو.

• **اَبدائو ج اَبدائا:** ذ. سُٿڻ، پاجامي يا پڙي ۾ اڳٿ پوڻ وارو حصو – نيفو.

• **اَبدو:** ذ. [اَوڌ > آ = نہ + وڌ = قانون] بي قاعدي – اجوڳ. [ع. عَربَدہ] جهيڙو – جهڳڙو. [سن. بَدُ بَدَہ] بَد بَدو – ٻوڙيو.

ـ **اَبدا اَبدي:** ث. هميشہ لاءِ ڪيل جُدائي (ڪاوڙ سببان مائٽن وغيره سان).

ـ **اَبدا اُٿارڻ:** هُل هُلائڻ – افواهہ اٿارڻ.

• **اَبدو اَبدو ٿيڻ:** وڙهي ڌار ٿيڻ – ڦِتڻ. دشمني وهائڻ.

• **اَبدُوت، اَبدُوت:** ذ. [سن. اَودُوتَ > اَو + دُو = چندڻ] دنيا کان تارڪ – تارڪ الدنيا. يوگي – سنياسي. شِوَ جو پوڄاري. (اسم خاص) جوڳين جو هڪ گروهہ.

• **اَبرُ ج اَبرَ:** ذ. [ف. اَبرُ؛ سن. اَبرَ = (آپ = پاڻي + ڀرَ = ڀرڻ) پاڻيءَ ڀريل] ڪڪرُ – بادَلُ – ميگهہُ – وڏَر "ٻاڙو پئي نہ پيڙئي، اَبرَ آسارو" (شاهہ).

ـ **اَبرِ باران:** ذ. برساتي ڪڪرُ، وسندڙ ڪڪرُ.

ـ **اَبرِ بهار:** ذ. بهار جي موسم ۾ وسندڙ ڪڪر – اَبرِ بهاري.

ـ **اَبرِ رَحمَت:** ذ. رحمت وارو ڪڪر – ٻاجهہ جو ڪڪرُ.

ـ **اَبرِ سياه:** ذ. ڪارو ڪڪرُ – ڪارونيار ڪڪرُ.

ـ **اَبرِ غليظ:** ذ. گهاٽو ڪڪر.

ـ **اَبرِ ڪَرَم:** ذ. ٻاجهہ جو ڪڪرُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ اَبرمُرِدُ: ذ. سمنڊ جي پيدايش جو هڪ قسم (ريڙ جهڙو سوراخدار جسم) — ڪَکُرُ — اسفنج.
ـ اَبرمطير: ذ. مينهن وارو ڪڪر — وسندو ڪَکرُ.
ـ اَبرنيسانُ: ذ. موتي پيدا ڪندڙ ڪڪر (جو بهار جي موسم ۾ وسي؛ چون ٿا ته سپون اُن مينهن جي ڦڙن کي جهٽي موتي پيدا ڪن ٿيون ۽ پڻ اِنهيءَ مينهن جو ڦڙو ڪيلي، ۾ ڪافور ۽ ڪاري نانگ ۾ زهر پيدا ڪري ٿو).
• اَبري: ذ. صفت. ڪڪرن وارو — جهڙالو.
• اِبرَ: ث. [ع. اِبرَة] سُئي (١) "ڪيئن ٽوپايان ڪن، اَباٽيءَ اِبرَ ري" (٢) "بيهرجاپي جاڻ، اِبرَجي اوصاف کي" (شاهه). تيزاب سان لوهي هٿيار تي ڏنل نشان. جوهر شمشير.
• اَبرارَ: ذ. صفت. [ع. برّ ج اَبرارُ] ڀلارا — نيڪ — صالح. تابعدار (ماءُ پيءُ جا). اولياءَ.
• اِبرازُ: ذ. [ع] ظاهر ڪرڻ — ٻاهر ڪڍڻ. فُضلات کي جسم کان خارج ڪرڻ.
• اِبرامُ: ذ. [ع. اِبرامُ = رَسي وٽڻ. اصرار ڪرڻ. ڪِڪ ڪرڻ] ستاءَ — نيزاري — وينتي — التماس.
• اُبراٿو (ٿ): ذ. صفت. اڻ ڍڪيل — اُگهاڙو "ڦلاٿو پيرين اُبراٿو پيو هلي".
• اِبراهيمُ: اسم خاص. [ع] مشهور پيغمبر سڳوري جو نالو ("آزر" جو پٽ ۽ حضرت اسماعيل ۽ حضرت اسحاق جو پيءُ؛ لقب "خليل الله"؛ نمرود کيس آڳ ۾ وجهايو؛ 'ڪعبة الله' جو معمار ۽ اسلامي 'ملت' جو باني). سنڌ ۾ مردن جو عام نالو (اڪثر بلوچن جي مختلف قبيلن. مثلاً ڪلمتين ۽ لغارين ۽ جتن جي شاخن جا وڏا ڏاڏا 'ابراهيم' نالي هئا. انهيءَ ڪري اهي شاخون 'براهماڻي' سڏجن). لس ٻيلي جي شيخ گهراڻي جي مشهور سنڌي شاعر جو نالو "شيخ ابراهيم".
• اِبراهيمُ پٽافِي: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• اِبراهيم مهر: اسم خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• اُبرائڻُ: مصدر. اوٻارڻ. اوٻارڻ — ٽهڪائڻ (اُبرايو — اُبرايل).
• اَبرصُ: ذ. صفت. [ع. برَصُ = ڪوڙهه] ڪوڙهي — ڪوڙهيو.
• اَبرقُ ج اَبرقَ: ذ. [ع. بَرقُ = وڄ؛ سن. اَڀرڪَ؛ ف. اَبرَڪَ] معدني پيدايش جو هڪ قسم (چمڪندڙ ۽ منجهس ڪيئي تهه ٿين؛ جبلن مان لڀي ۽ ٻاهر ۾ نه سڙي؛ ابرق جا ورق شربت ۾ وجهڻ ۽ مناڻيءَ جي مٿان سهڻائيءَ خاطر رکن: ابرق کي ڪُٽي چُوري ڪري ڪپڙن تي چمڪي لاءِ هڻن) پورَلُ — اَبرَڪُ.
ـ اَبرقي: ذ. صفت. ابرق وارو — ابرق جو — اَبرق جهڙو.
• اَبرڪُ ج اَبرڪَ: ذ. اَبرَقُ.
• اُبرڪڻُ: مصدر [١. سن. سُڦُرَ = ڦرڪڻ ٢. سن. اُتسُوَيَنايہ = ننڊ ۾ ڳالهائڻ] وڦلڻ. اُڦرڪڻُ. واڦڻ.
• اَبرنوِي: ذ. سنڌ جي "سينگار" شاعريءَ جو اصطلاح. عورت جا هٿراڏو هار سينگار. "فطري سونهن جي سينگار" جو ضد.
• اُبرڻُ: مصدر. [سن. اُدوَرتَ = اوبر] اوبارجڻ — اوبارو ٿيڻ "جانُ ڪي اُتان اُبريو. تان قرض ماٿهن لاءِ" (گرهوڙي). (اُبريو — اُبرندو — اُبريل).
• اَبرُوُ ج اَبرُوُ: ذ. [ف. اَبرُو؛ سن. ڀُرو] اک جي مٿان وارن جي ڪمان — ڀِرُونُ.
ـ اَبرُوُ پُرخَمُ ٿيڻُ: منهن ۾ گهُنج پوڻ — ڪاوڙجڻ.
ـ اَبرُوُ ڪمانُ: صفت. جنهن جا ڀرون ڪمان وانگر وريل هجن — حسين. (اصطلاحاً) معشوق.
ـ اَبرُوِ ۾ ورُوڻُ: شوخ ٿيڻ. بيزار ٿيڻ. ڪنو ٿيڻ.
• اُبرو ج اُبرا: ذ. [سن. آواپَنُ = اوبڻ] اوبڻ يا اٽڻ جو اوزار] سُت ويڙهڻ جي چرخي — اوبٽو — اوبَرو. اَيٽ جو هڪ حصو. کوهه مان بيل ڪيندڙ چڪرو.
• اُبرَهُ: ذ. [ف] ڪوٽ يا پوستين جو مٿيون ڪپڙو — "اُستَر" جو ضد.
• اَبرَهُوُ: اسم خاص. [ع. اَبرَهَةُ] حبش ملڪ جي بادشاهه جي هڪ نائب ۽ سپه سالار جو نالو (جنهن اسلام کان اڳ هاٿين جي لشڪر سان ڪعبي شريف تي ڪاهه ڪئي هئي، پر اڌ واٽ تي خدا جي حڪم سان، ابابيل پکين پٿرين جو وسڪارو ڪري لشڪر کي برباد ڪري ڇڏيو.)
• اَبري: صفت. [ف] ڪَکَرجي رنگ جهڙو.
ـ اَبري ڪاغذُ: ذ. سنهون ڪاغذ. ڪاغذ جو هڪ قسم — ڪتابن جي جلد تي لڳائڻ لاءِ ڪم ايندڙ رنگدار ڪشميري ڪاغذ — روغني ڪاغذ.
• اُبري ج اُبريُونَ: ث. [سن. آواپَنَ = اوبڻ يا اٽڻ جو اوزار] ننڍو اُبرو يا اوبٽو. تاجي ڪڍڻ جو اوزار.
• اَبريشمَ ج اَبريشمَ: ذ. [ف. ابريسم] ڪچو پٽُ — ريشم.
ـ اَبريشمي: صفت. ابريشم مان ٺهيل.

• **اَبرِيقُ:** ذ. [ ع: ف. آبريز] ڪُنرو– ڪرو– ڪُوزو.
• **اَبرِيو ج اَبرِيا:** ذ. ڪوهَ ۾ بيل هٽڻ لاءِ ڪم ايندڙ هڪ (ڪاٺيءَ جو) اوزار.
• **اَبڙا:** ندا. 'اَبّا' جو اسم تصغير.
• **اَبڙي اَبو:** جملو. پار ڪنهن خاص واقعي تي اهو جملو استعمال ڪندا آهن.
• **اَبڙا:** اسم خاص. سنڌ جي سمات نسل جي هڪ ذات جو نالو. ابڙا قوم جي بستي، ابڙا قوم جو ڳوٺ.
• **اَبڙانُ:** ث. ابڙا قبيلي جي گهٽائي واري ايراضي، شهر ۽ ديهه جو نالو.
• **اَبڙو:** اسم خاص. دودي سومري جو هڪ سمو دوست (جنهن سومرن جي زالن کي پناهه ڏني هئي) "ابڙو اڳهامن ۾، سپڙ جئن بيلي" (شاهه).
• **اَبڙي، پوٺا:** اسم خاص. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اَبڙيجا:** اسم خاص. ابڙا قوم سان نسبت رکندڙ هڪ ذات جو نالو.
• **اَبڙيجائي:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اَبڙي جي ترائي:** اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اَبڙينگ:** اسم خاص. سمات قوم جي هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڏکڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اَبسَتهُ ج اَبسَتُهَ:** ذ. [ع. حَبسَ = هوا بنديءَ واري حالت. مونجهه واري حالت] مونجهارو– ڦيتاڙو.
• **اَبسَتهُ:** مصدر. ڪنو ٿيڻ.
• **اَبصار:** ذ. [ع. بَصَر ج اَبصارَ] اکيون– نيڻَ.
• **اَبصَرَ:** صفت. [ع. بَصيرَ جو تفصيل] وڌيڪ ڏسندڙ– بيناتر.
• **اَبطال:** ذ. صفت. [ع. بَطَل (= بهادُر) ج ابطالَ] بهادر مڙس– بانڪا– شجاعَ– مانجهي.
• **اَبطَحُ:** ذ. [ع] نشيب گاهه ـ وادي.
• **اَبطَحِي:** صفت. [ع] مڪي شريف جي واديءَ ۾ رهندڙ. (اسم خاص) رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جو لقب.
• **اَبطَل:** صفت. [ع. 'باطل' مان اسم تفصيل] وڌيڪ باطل.
• **اَبعادُ:** ذ. [ع. بُعد ج اَبعادُ] فاصلو– ويڇو– وٿي.
• **اَبعاد ثلاثه:** ذ. ٽي ويڇا يا فاصلا (ڊيگهه، ويڪر ۽ اوچائي يا ٿولهه).
• **اَبعَدُ:** ذ. صفت. [ع. "بَعيد" مان اسم تفصيل] وڌيڪ بعيد يا پري. غدارُ.
• **اِبغاضُ:** ذ. [ع] بغض– ڏڪار.
• **اِبقاءُ:** ذ. [ع] بَقاءُ– هميشگي يا دوام.
• **اَبقَي:** صفت. [ع. 'باقي' جو تفصيل] وڌيڪ بقاءُ وارو– سڀ کان وڌيڪ جٽاءُ ڪندڙ.
• **اَبڪار:** ث. [ع. بڪر ج اَبڪارَ] ڪنواريون يا دوشيزه ڇوڪريون.
• **اَبڪَمُ:** ذ.صفت. [ع] گونگو.
• **اَبڪ:** صفت. [سن. اَپڪشيَ] نه ڪائڻ جوڳو (ڪاڏو)– حرام.
• **اَبلُ:** ذ. ('ابو' مان پيار واري تصغير) بابل– ابو. (اصطلاحاً) پٽڙو– ٻچڙو.
• **اِبلُ:** ذ. [ع] اُٺ– شُتُرَ.
• **اَبَلا ج اَبلائون:** ث. صفت. [سن] اَبلاَ.
• **اَبلَغُ:** صفت. [ع. "بليغ" مان اسم تفصيل] وڌيڪ بليغ.
• **اَبلَق ج اَبلَق:** ذ. [ع] گهوڙي جي رنگ جو نالو. اهڙو گهوڙو جنهن جي بدن تي وڏا اڇا ڪارا (= ڪارو ابلق) يا اڇا ۽ ڳاڙها (= ڳاڙهو ابلق) ڏڱ هجن.
ـ **اَبلَق چشم:** ذ. صفت. ڪارين اڇين اکين وارو.
• **اَبلَهُ ج اَبلَهَ:** ذ. (ع) صفت. ڇسو– بيوقوف– ٻوڪ– احمق– ٻوگهلو.
ـ **اَبلَهانَہ:** ظرف. بيوقوفي واري نموني ۾.
ـ **اَبلَهِي:** ث. بيوقوفي– ناداني– ڇسائي.
• **اِبلِيس ج اِبليس (اَبالِسه):** ذ. صفت. [ع. بَلَس= نااميد ٿيڻ] وڏي شيطان جو نالو (جو پهريائين عبادت ڪري ملائڪن مقربن جي درجي کي پهتو پر پوءِ حضرت آدم کي سجدي نه ڪرڻ ڪري لعنتي ٿي بهشت مان تڙجي نڪتو)ـ شيطان – شرير. لعنتي – تڙيل.
• **اِبلِيسانَہ:** ظرف. ابليسي نموني.
• **اِبنُ:** ذ. [ع. اِبن] پٽ– پسر. نالي اڳيان اچي ڪُنيت پيدا ڪندڙ لفظ "ابن العربي".
ـ **اِبنُ آدَمَ:** ذ. آدم جو پٽ. آدم زاد. انسان ذات. ماڻهو – آدمي.
ـ **اِبنُ السَّبيل:** ذ. واٽهڙو ـ مسافر.
ـ **اِبنُ العِنَبُ:** ذ. انگور جو پٽ. شراب.
ـ **اِبنُ الغَرَض:** ذ.صفت. مطلب جو پٽ. خود غرض -- خود مطلبي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- اِبنُ الغَيبُ: ذ. صفت. مجهول النسب — پوءِ ڄائو.
- اِبنُ الوَقت: ذ.صفت. وقت جو پٽ. وقت موافق هلندڙ — وقتي دوست. خود غرض.
- • اِبنُ الوَقت ٿيڻ: خود غرض يا پنهنجي مطلب جو يار ٿيڻ.
- • اَبناس: ذ. [سن. اَ = نـ + وناش = فنا يعني ناس نـ ٿيڻ واري حالت] دوام — هميشگي — غير فنائيت — اَبديت.
- اَبناسي: صفت. ناس نـ ٿيندڙ — غيرفاني — لازوال — اَمر. سدا رهندڙ — اَبدي — سرمدي — قيوم.
- • اَبناء: ذ. [ع. اِبن ج اَبناءِ] پٽ.
- اَبناءِجنس: ذ. بني نوع — بني آدم — آدم ذات.
- • اَبناءِجنّ و اِنس: ذ. جنّ ۽ انسان.
- • اَبناءِجَهان: ذ.ماڻهو. جانور ۽ ٻوٽا.
- • اَبناءِ دَهر: ذ. همعصر — معاصر — سهيوڳي.
- • اِبنُ البَيطار: اسم خاص. عبدالله بن احمد ابن البيطار. اسپين جي شهر ملاگا (مالقه) ۾ ڄائو ۽ ١٢٤٨ع ڌاري دمشق ۾ وفا ڪيائين. اسلام جو مشهور نباتاتي ماهر ۽ عطار. سندس ڪتاب "جامع" ۽ "مغني" غذائن ۽ ٻوٽين تي مشتمل جي لاطيني زبان ۾ ترجمو ٿيا.
- • اِبنُ العَربي: اسم خاص. ابوبڪرمحمد بن علي محيّ الدين ابن عربي. اسپين جي مشهور شهر مرسيه ۾ ١١٦٥ع ڌاري ڄائو ۽ ١٢٤٠ع ڌاري دمشق ۾ وفات. تمام وڏو صوفي تنهنڪري ڪيس "الشيخ الاڪبر" جو لقب. سندس ٻه مشهور تصنيفون "الفتوحات المڪيّه" ۽ "فصوص الحڪم" آهن.
- • اِبنُ الفارض: اسم خاص. عمر بن الفارض (١١٨١ — ١٢٣٥ع). عربي ادب ۾ وڏي ۾ وڏو صوفي شاعر. سندس شعر جو اثر سيني موخر شاعرن تي پيو. سنڌ جي بزرگ ڳرهوڙيءَ جي "حقيقت محمدي" واري ڪلمي ۾ به سندس اثر جي جهلڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي.
- • اِبنُ الهَيثم: اسم خاص. ابو علي الحسن ابن الهيثم. علم المناظر (درشٽي وديا. اکين جو علم) جو وڏو ماهر. پنهنجن مشاهدن ۽ تجربن سان ڪيترائي غلط خيال درست ڪيائين.
- • اِبنُ خَلدُون: اسم خاص. عبدالرحمان ابن خلدون. اسپين جي هڪ مشهور عرب خاندان مان تونس (مغربي آفريقه) ۾ ١٣٢٢ع ۾ ڄائو ۽ قاهره ۾ ١٤٠٦ع وفات ڪيائين. اسلام بلڪ ساري دنيا جو پهرين اجتماعي فيلسوف آهي جو پنهنجي معرڪة الارا تصنيف "مقدمه" جي ڪري مشهور آهي.
- • اِبنُ خَلّڪان: اسم خاص. قاضي شمس الدين احمد بن محمد ابن خلڪان. سندس ڪتاب "وَفيات الاَعيان" جنهن ۾ هن ٨٦٥ عالمن. فاضلن. اديبن. فقيهن. فيلسوفن وغيره جون سوانح عمريون وڏيءَ تحقيق سان لکيون آهن.
- • اِبنُ رُشد: اسم خاص. اَندلس جي مشهور مسلم فيلسوف جو نالو (وفات ١١٩٨ع). ارسطو جي تصنيفات جو شارح. علم هيئت ۽ فن طب جو ماهر.
- • اِبن زِياد: اسم خاص. بنو اُميّه جي دور ۾ ڪوفي جو حاڪم. علوي خاندان جو وڏو دشمن.
- • اِبنُ سيرين: اسم خاص. "تابعين" مان. خوابن جي تعبير جو ماهر ۽ هڪ برگزيده شخص.
- • اِبن سينا: اسم خاص. "اَبوعلي سينا".
- • اِبنُ طُفيل: اسم خاص. ابوبڪر محمد ابن عبدالملڪ ابن طفيل (وفات ١١٨٥ع). ارسطاطاليسي فيلسوف. موحّد بادشاهه ابو يعقوب يوسف جو وزير ۽ مکيه طبيب ۽ پڻ ابن رُشد جو مربّي ۽ دوست. سندس مشهور تصنيف "حيّ بن يقظان".
- • اِبن مَريم: اسم خاص. حضرت بي بي مريم جو پٽ (حضرت عيسيٰ عليه السلام).
- • اَبُو: حرف ندا. افسوس يا عجب جي اظهار جو لفظ.
- • اَبو ج اَبا: ذ. [ع. اَب = اَبو] پيءُ — بابو — پتا — والد — پدر. شهر يا قوم جو وڏو. بزرگ. اڳواڻ.
- اَبا ڏاڏا: ذ. وڏا (ڏاڏاڻي آکهه جا). خاندان جا باني. بزرگ.
- • اَبو اَما: ذ. پيءُ ماءُ — والدين.
- • اَبو ڏاڏو: ذ. پيءُ ڏاڏو — وڏو مائٽ — خاندان — قبيلو "اَبو ڏاڏو گهور، پاڻ سُڌو پرين تان" (شاهه).
- اَبي پتايو: ذ.صفت. پيءُ جو پتيل — ناخلف پٽ.
- • اَبُو: ذ. [ع] پيءُ — اَبو. نالي جي اڳيان اچي ڪُنيت پيدا ڪندڙ لفظ "ابو بڪر. اَبو تُراب. ابو هريره".
- • اَبواب: ذ. [ع. باب (= در) ج اَبوابُ] دروازا. ڪتاب جي متن جا ترتيب وار ڀاڱا. داستان. ڍلن جي وصوليءَ مان حاصل ڪيل رقم. لوازمو — اَجورو — لاڳ.
- • اَبُوالبَشر: اسم خاص. انسان ذات جو پيءُ (حضرت آدم عليه السلام).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **اَبُوالحَسَن:** ذ. [ع]. "ڪُنيَت طور استعمال ٿيندڙ اسم 'حسن جو پيءُ' (اسم خاص) سنڌ جي چئن مشهور عالمن جو نالو: (١) ابوالحسن اول جنهن "مُقدمة الصلواة" سنڌيءَ ۾ لکيو جو "ابوالحسن جي سنڌي" جي عام نالي سان مشهور آهي؛ (٢) ابوالحسن ڪبير "صحاح ستة" جو شارح،مديني شريف ۾ حديث جي مدرسي جو باني ۽ اُتي ئي وفات ڪيائين؛ (٣) ابوالحسن صغير، جو وڏي ابوالحسن (ڪبير) جو شاگرد ۽ ڪانئس پوءِ، مديني شريف واري مدرسي جو مُهتمم ٿيو؛ (٤) ابوالحسن ڏاهري، مقامي طور "حاجي ابوالحسن" جي نالي سان مشهور، فقه ۽ تصوف جو وڏو عالم ۽بلند پايہ جو مصنّف. سندس تصنيفن مان "رسالة الفرية والمرية" (خريد و فروخت جي شرعي احڪامن بابت)، "سراج المصَلي" (فارسي نظم) ۽ اسلامي تصوف تي ڪتاب "ينابيعُ الحياة الاَبَدية" مشهور آهن.

• **اَبُوالحَياء:** اسم خاص. اِسلام جي ٽئين خليفي حضرت عثمان رضہ جو ڪُنيو، يعني "حياءَ جو پيءُ"، ڇاڪاڻ تہ هو حلم ۽ حيا جو صاحب هو.

• **اَبُوالفَضل:** اسم خاص. مغل شهنشاهه جلال الدين محمد اڪبر ج خاص وزير. شيخ مبارڪ ناگوريءَ جو پٽ ۽ فيضيءَ جو ننڍو ڀاءُ. "اڪبر نامه" ۽ "آئين اڪبري" جو مصنّف؛ سندس خاندان جي اوائلي سڪونت سيوهڻ.

• **اَبُوالهَول:** اسم خاص. مصر ۾ قديم زماني جو پٿرائون وڏو بُت (جنهن جو منهن زال جهڙو ۽ ڌڙ شينهن جهڙو آهي)_ سِنفُنڪس (Sphinx).

• **اَبُويارُ ج اَبُويارَ:** ذ. ڏک – تڪليف – رنج، مشڪل.

• **اَبُوبَحرُ ج اَبُوبَحرَ:** ذ. [ع. اَبُو = پيءُ + بَحرُ = سَمنڊ، يعني سمنڊ جو پيءُ] ڏکيي ڳالهہ. بکوات – بکيءَ _ جهَڳ.

_ **اَبُو بَحر بَڪَڻُ:** اُپ ڦارڻ – اجايا ڪُوڙ ڪَڻڻ – وڏا زٽ هڻڻ. بکوات ڪرڻ.

_ **اَبُو بَحر ۾ پوڻُ:** وڏي يا ڏکيي ڳالهہ ڪرڻ. اجائي بَڪ ڪرڻ.

• **اَبُو بَڪر:** اسم خاص. عبدالله بن اَبي قحافه (وفات سنہ 12 هجري)، حضور مقبول صلي الله عليہ وَ آلہ وسلم جن جو سُهرو ۽ وڏو يار. ڪانئن پوءِ سندن جاءِ نشين ۽ اسلام ۾ پهريون خليفو.

• **اَبُوتُ:** ث. [ع] پيئيتائي –پيءُ جو سَگُ.

• **اَبُوتُراب:** اسم خَاص. حضرت علي ڪرم الله وجه جو ڪُنيو يعني "مٽيءَ جو پيءُ". (اڪثري زمين تي سُمهڻ ڪري حضور صلي الله عليہ و آلہ وسلم کيس هن ڪُنيه سان نوازيو).

• **اَبُو پوتَا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **اَبُو جَهل:** اسم خاص. عرب قوم جي سردار ۽ اسلام جي جاني دشمن جو ڪُنيو اصل نالو عمروبن هَشام. يعني "ناداني جو پيءُ". (هي ڪُنيو مٿس ان ڪري پيو جو هن اسلام کي ڄاڻي ٻُجهي نہ سمجهڻ خاطر پنهنجي قلب تي اَڻ ڄاڻائي جا ڪڙا ڪفل چاڙهي ڇڏيا هئا).

• **اَبُو حَفض:** اسم خاص. اسلام جي ٻئي خليفي حضرت عمر بن الخطاب رضہ جو ڪُنيو يعني "حفصة جو پيءُ". (سندس نياڻي بيبي حفصة حضرت نبي ڪريم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جي گهر ۾ هئي).

• **اَبُو حَنيفه:** اسم خاص. فقه جي وڏي اِمام حضرت نعمان رضہ جو ڪُنيو.

• **اَبُو دَرْداءُ:** اسم خاص. هڪ نهايت پاڪباز صحابيءَ جو نالو.

• **اَبُوذَرُ:** اسم خاص. رسول الله صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جي هڪ دلير صحابيءَ جو نالو (وفات سنہ ٣٢هه). حضرت عثمان جي زماني ۾ کيس مديني کان ٣ ميل پري ربذه جي بريٽ ۾ شهر نيڪالي ملي.

• **اَبُورَڻُ:** مصدر. [سن. آپ = تي + اُڪش = ٻرڪڻ] ٻرڪڻ (لوڻ يا مصالحو مڇيءَ وغيره تي) – لوڻ ڏيڻ – ڇڙڪڻ.

• **اَبُو رَيحان:** اسم خاص. مشهور سائنسدان ۽ محقّق "محمد بن احمد البيروني" جو ڪنيو (اَبُو ريحان = نازبوءِ جو پيءُ). خوارزم جو باشندو (وفات سنہ ٤٣٠هه)؛ علم هئيت، رياضي، نجوم طبقات الارض ۽ جواهر شناسيءَ جو ماهر؛ عربي، يوناني، سرياني، فارسي، ۽ سنسڪرت زبانن جو وڏو عالم؛ قديم سنڌ جي ايراضيءَ اندر، خصوصاً ملتان واري علائقي ۾ هندن جي تمدن ۽ تهذيب جو گوڙهو مطالعو ڪري "ڪتاب الهند" لکيائين. جنهن ۾ ڏينهن، مهينن ۽ ڪن شين جا عام نالا جي اُن وقت مُروج هئا سي ڪم آندا اٿس ۽ اُهي سنڌي ٻوليءَ سان تعلق رکن ٿا ۽ سنڌي ٻوليءَ جي قدامت ۽ لغوي وسعت جو پتو ڏين ٿا؛ ٻيون سندس مشهور تصنيفون "اَلآثار الباقيه" ۽ "قانون المسعودي" آهن.

• **اَبُوزُو:** اسم خاص. ("ابو" مان اسم تغير) مرد جو نالو.

• **اَبُوزَيد:** اسم خاص. هڪ وڏي فصيح ۽ بليغ حڪيم جو نالو "ابوزيد بلخي"، جو بلخ شهر جو باشندو ۽ شطرنج جو وڏو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماهر هو.

• **اَبُو صَمَد:** اسم خاص. (حقارت جو لفظ) لاڏلو – ناز پرورده.

• **اَبُوطالب:** اسم خاص. حضرت علي رضہ جي والد ۽ رسول ڪريم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جي چاچي جو نالو.

• **اَبُو عَلِي سينا:** اسم خاص. اَبُو عَلِي الحسين بن عبدالله بن سينا (وفات سنہ ١٠٣٧ ع). مشهور فيلسوف ۽ زماني جو يگانو حڪيم. طب تي سندس لکيل اصولي ڪتاب "قانون" سترهين صديءَ تائين يورپ جي يونيورسٽين ۾ درسي ڪتاب طور پڙهايو ويندو هو طبي دنيا ۾ سندس عزت ڀريو لقب "شيخ الرئيس" آهي.

• **اَبُو قَلمون (بُوقَلمون):** صفت. رنگ برنگي. ڦرڻو گهرڻو. (ذ) ساندو (جو اُس ۾ پنهنجا ورن مٽائيندو آهي). ٻٽ جو هڪ قسم.

• **اَبُو ڪرو ج اَبُو ڪرا:** ظرف. [سن. اُوُرڌو = مٿي + ڪُشتَر = ڪر، ڪڙي؛ پرا. اُپّ] اُڀيءَ ڪڙيءَ تي – تڪڙو. اُپاهرو – اُچاترو. اُقونگڙو – ڏبي نہ پريل. هري هري.

• **اَبُو نَصرفارابي:** اسم خاص. مشهور مسلم فيلسوف (وفات ٩٥٠ ع). ڪيس "المعلمّ الثاني" (ٻيو نمبر استاد) جو لقب مليل هو. سندس مشهور تصنيف "المدينة الفاضلة" آهي.

• **اَبُو هُريره:** اسم خاص. رسول صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جي هڪ وڏي اصحابيءَ جو ڪُنيو. يعني "ٻليءَ جو پيءُ" (جو تہ هو ٻلين کي گهڻو پاليندو هو).

• **اَبوي:** صفت. [ع. "اَبُو" جي نسبت] پيءُ جو – پيئيتو "ابوي محبت".

• **اَبوي مثال:** صفت. پيءُ جهڙو.

• **اَبوي محبت:** ذ. پيئيتو پيار.

• **اَبْهامُ:** ذ.صفت. [ع. اَبْهَمُ = گونگو] اَيام – معصوم – ڀالو ڀولو – بي سمجهہ.

• **اِبْهامُ:** ذ. [ع] شڪ – شبهو. بي يقيني. ٻن معنائن وارو ڪلام. ٻو اُرٿي. آگوٺو.

• **اَبْهايو ج اَبْهايا:** ذ. صفت. ڇورو – يتيم.

• **اَبْهَرُ:** ذ.[ع] هڪ شريان جو نالو – سرارو.

• **اَبهڪَ ج اَبهڪون:** ث. [مصدر اُبهڻ > اُبهڪ] اُپيڪَ – ٻيهڪَ – اُڏاوت.

• **اَبْهَمُ ج اَبْهَمُ:** ذ. صفت. [ع] بي سمجهہ (ٻار) _ معصوم.

• **اُبهڻُ:** مصدر. [پرا. اُپّ: سن. اُوُرڌوَ = اُڀو] اُٿڻ – بيهڻ – ڪڙو ٿيڻ. اُڀرڻ – اُسرڻ (ٻوٽي). بچڻ – ڇُٽڻ – ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ "ورچيو ويچ وڃن. آءُ تہ پريم اُبهان" (شاهہ) (اُبهيو – اُبهيو اُبهندو اُبهيلُ – اُبهيل).

• **اَبهو:** متاهان ٿيو. ڪامياب ٿيو.

• **اَبي:** ظرف. [هہ آبهي] اُپي – هينئر – هينئر ئي – هنئي وقت – هاڻي – پل ڪِن ۾ _ اِجهو – جلد.

• **اَبي ڪرڻ:** جلدي ڪرڻ – اِجهو ڪري وٺڻ – اُپي ڪرڻ.

• **اَبِيّ:** ذ. صفت. [ع. اِبيّ] اِهو شخص جو خسيس ڪمن کان اِبَا (انڪار) ڪري – غيرتمند – بلند همّت.

• **اَبْيات:** ذ. [ع. بَيْتُ ج اَبيَات] بيت – شعُر.

• **اَبيلو:** فعل. مصدر "اُبهڻ" مان ماضي ۽ مفعول – بيٺو.

• **اَبِيلي:** ظرف. بيٺي – بيهندي.

• **اَبيچِٽي ج اَبيچِٽيُون:** ث. [سن. آچڇادَ = اوڇڻ] زناني ڪپڙي جو هڪ قسم – بوڇڻي. پانڌٽي جو هڪ قسم. ڇُريل اوڍڻي.

• **اَبيدانُ (ڪ):** ث. ڪاري جي وڏي ٻيڙيءَ ۾ سڙه واري ٿُلهي ڪاٺيءَ کي مٿي کڻڻ لاءِ وڏي ڪپي.

• **اَبيرَ:** ث. [سن. اَ = نہ + وارَ =وقت] اوير – دير.

• **اَبيرائي ج اَبيرائيُون:** ث. ٿانون رکڻ لاءِ ڪاٺ جي تختي – طاقي.

• **اَبْيَضُ:** صفت. [ع] اڇو.

• **اَبيلاڻي:** اسم خاص. تعلقي واره ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **اَبيٺار ج اَبيٺاريُون (ٺ):** ث. [سن. اَ = نہ + وِيَت = ويايل] اُها ٻڪري جا ويايل نہ هجي ياڦَرڻ ڏئي اُوبارلَ.

• **اُپ ج اُپون:** ث. [ع. حَبس = اُبس] پاڻيءَ جو بخار – ٻاڦ. هلڪو دونهون – غبار. ساوڻ جي مينهن ۾ چانيل ڪڪرن جا هلڪا ۽ هيٺانهان هلندڙ دونها "اُپون ڪڪرن ڪنڌرون. اُتر ڏي آهين" (شاهہ). بَدلي – ڪڪري. گرمي – ڪوساڻ. ٻانس – ٻوءِ (ث).

• **اُپاپُ ج اُپاپَ:** ذ. [ع. حُباب = ٻوڙيو] اُپ – ٻاڦ. گرم ساهہ. شوڪارو. اوچتي دانهن. [ع. حُبّ] سِڪ – حُبّ.

_ **اُپاپ سان ملڻ:** گهڻيءَ حُبّ ۽ سڪ سان ملڻ.

• **اُپاتَ ج اُپاتُون:** ث. [ع. حبسَ = اُبس] گرمي – اُپس – گهُٽ – ٻوسات. گرميءَ سبب رنگ جي جهڪائي. دونهات –دُونهي جي لَهس. ڪچائي – خامي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **اَباٽجَڻُ:** مصدر "اَباٽڻ" مان فعل مجهول. [ء. حَبْس = اَبِس، ٻوساٽ. پرا. اُمْهَ. سن. اُشْمن، اُشْمَه > اُشْڻَ = گرمي > اُش = سڙڻ] گرميءَ ۾ ڪومائجڻ "اندر اَباٽجو وڃي، جيئن قبر ۾ ڪاڙهو". لهسجڻ. دونهي ۾ ڪاراٽجڻ — دونهاٽجڻ. ساه منجهڻ — ٻُوساٽجڻ. رنگ جوجهڪو ٿيڻ — ڦِڪي وڃڻ — جهڪو ٿيڻ (رنگ) — بدلجي وڃڻ. (١) "اَباٽجي اڄ وئو، راٺا توريءَ رنگ". (٢) "رڃي جي ريٽو ٿيا، ڪين اَباٽجن اوءِ" (شاهه). (اَباٽيو — اَباٽبو — اَباٽيل).

• **اَباٽڻُ:** مصدر. ساڙڻ — دونهاٽڻ. جهڪو ڪرڻ. ڦٽائڻ (رنگ). لَهْسڻ (باهه ۾). ٻاڦڻ — گهُٽڻ. (اَباٽيو — اَباٽيندو — اَباٽيل).

• **اَباجهو ج اَباجها:** ذ. صفت. [اَ = نہ + ٻاجهہ = ٻاجهہ ڪان سواءِ] بي ٻاجهو — بي رحم — بي قياس — نِردئي. (ضد) سَٻاجهو ج سَٻاجها.

• **اَبارَ ج اَبارَ (ذات):** صفت. اجايو — بي فائدو.

• **اَبارَڻُ:** مصدر. اوٻارڻ — ٿهڪائڻ. رڌڻ. پُسائڻ. اُٻارڻ.

• **اَبارو ج اَبارا:** ذ. اوٻارو. ٿهڪو — جوش. هٻڪار.

• **اَباري ج اَباريون:** ث. صفت. اَباٺڪي — پريشان.

• **اَبارو ج اَبارا:** ذ.صفت. [اَ = نہ + ٻَلَ = طاقت] بي طاقت هيٺو. لاٽجهو — ابالو — بدحال. ٻُڪيو.

• **اَباس ج اَباسون:** ث. [سن. اُڇْڇواسه = ساهہ ٻاهرڪڍڻ] اوٻاسي. اُساٽَ — اُڃ.

• **اَباسرَ ج اَباسرَ:** ذ.صفت. اَباسر — اَباسيون ڏيندڙ. سُست. ننڊاڪرو.

• **اَباسي ج اَباسيون:** ث. اوٻاسي.

ـ **اَباسيون ڏيڻ، ڪائڻ:** اوٻاسيون ڏيڻ. نڪمو ويهڻُ.

• **اَباڦ ج اَباڦون:** ث.راز جي پڌرائي.

• **اَباڦڻُ:** مدر. [سن. اُدْ = مٿي + واشْپ، ٻَاشْپ = ٻاڦ] ٻاهر ڪڍڻ. اندرجو اظهار ڪرڻ — راز ظاهر ڪرڻ.

• **اَباڪڻُ:** مصدر. [سن. اُڇْڇواسه = اونهون ساهہ کڻڻ. شوڪارڻ، اُٻڪارڻ. سهڪڻ] اُٻڙڪا ڏيڻ — اوڪارا ڏيڻ — اوڪڻ. اُلٽي ڪرڻ. اوٻاسي ڏيڻ. ويهڪ واريءَ حالت مان اَٽڻ خاطر ڪجهه مٿي ٿيڻ. اُڇريَڻُ. (اَباڪيو — اَباڪيندو — اَباڪيل).

ـ **اَباڪَ ج اَباڪون:** ث. قيءِ. اُٻڙاڪ — اُٻڙڪو — اُٻٽو — اواڪرو. اوٻاسي. شواڪرو — ٿڌو ساهہ. اوڇتي دانهن.اَباڪي، سڪَ. پيار.

ـ **اَباڪِي ج اَباڪِيون:** ث. ويهڪ واريءَ حالت مان اَٽڻَ خاطر مٿي پڙڪو. سُڏڪو. ننڊ مان اوڇتو ڇرڪ. ٿڌو ساهہ — شوڪارو. اوٻاسي.

ـ **اَباڪِيءِ پوڻ:** لاڳيتو ٿڌا ساهہ پرڻ. ساندهہ سُڏڪاپرڻ. پوين پساهن ۾ هجڻ.

• **اَباڪِي ڏيڻ:** اوٻاسي ڏيڻ، اَٽڻ خاطر ٿورو مٿي ٿيڻ. ڪنهن ٻئي ڪي اَٽڻ خاطر ٽيڪ ڏيڻ — ٿورو مٿي کڻڻ.

• **اَباڪِي ڪائڻ:** اوٻاسي ڪائڻ ٿڌو شوڪارو پرڻ ننڊ مان اوڇتو ڇرڪ پرڻ. ڪجهه مٿي ٿيڻ. اُڇر پڻ. اَٽڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ — اٽڻ خاطر پڙڪي ڪائڻ. ٿوري حالت سُڌرڻ.

• **اَباڪِرو ج اَباڪِرا:** ذ. صفت. [سن. اُرْدْوَ = اُڀو + ڪْشَرَ = ڪڙي] اُڀيءَ ڪڙي تي — اُڀڪڙو. اُڀرو — اَباهرو — تڪڙو — اُتامرو "پُڻ تا پلاٽِين، اوني اڄ اَباڪرا" (شاهہ).

• **اَبالو ج اَبالا:** ذ. صفت. [سن. اَول] گندو — ميرو (جسم ۽ ڪپڙن ۾) — گدلو —غليظ. بي وَاهو — بي وسيلو — ڏتڙيل — بدحال — تنگ حال. غريب. (ث) اَبالِي ج اَبالِيُون.

ـ **اَبالائِي ج اَبالايون:**ث.ميرائي — گدلائي — غليظائي. ڪپڙن لٽن جي خراب حالت. بدحالي. غريبي. يتيمي.

• **اَبالو ج اَبالا:**صفت. ظرف. [سرائڪي] اُڀرو — تڪڙو.

• **اَباٺِڪو ج اَباٺِڪا:** ذ. صفت. [ع. حُبَّ = سڪ: سن. اُدْ + وگْنَ = غمگين، منتظر، فڪرمند، غائب محبوب لاءِ ڳرندڙ] سَڪندڙ. ويڳاڻو (سڪ ۾) — اداس — غمگين — دلگير. پريشان — حيران. اڪيلو — هيڪل وسُوڙو.

• **اَباٺِڪائي ج اَباٺِڪايُون:** ث. اَداسائي — ويڳاڻائي — مايوسي — مُونجهہ — پريشاني. غمگيني.

• **اَباوڙو:** اسم خاص. سکر ضلعي ۾ هڪ تعلقي ۽ شهر جو نالو.

• **اَباهَر ج اَباهَرون:** ث. [سن. ١. اُدْ = مٿي + رَبَس = شوق، چاهہ، جوش: ٢. اُورْدْوَ = اُڀو + ڪْشَرَ = ڪڙي] اُڀڪڙائي — اُڀهرائي — (اجائي) تڪڙ — اُتامرائي.

ـ **اَباهرو ج اَباهرا:** ذ. صفت. اُڀهرو.

• **اَباهَو ج اَباهَا:** صفت. [سن. اُدْ = مٿي + باهہ = ٻانهن = ٻانهون مٿي ڪنيل] ڪڙوتيل — تيار.

• **اَباهي ج اَباهيُون:** ث. اوٻاهي. اوٻاسي. ٻارجو سانده روئندي ڪيرو ٿي وڃڻ جي حالت ساهہ جي مونجهہ (روئڻ يا ڪنگهڻ وقت).

ـ **اَباءُ ج اَباءُ:** ث. اَباهي.

ـ **اَبائي، اَبائين پوڻ:** ٻارجو سانده روئندي ڪيرو ٿي وڃڻ.

www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

• **اُبوٽ (ٿ):** صفت. اَڇِٽ (ڪاڏو جو ڪنهن ڇُهيو نہ هجي).
• **اُبوجھہ:** ٿ. [سن. اَبڌ] بي سمجھائي – بي وقوفي – جهالت.
_ **اُبوجھائُو:** ذ. صفت. بي عقليءَ جو – بي وقوفيءَ جو.
_ **اُبوجھائي ج اُبوجھايُون:** ٿ. اڻ ڄاڻائي – اَڻ سمجھي – ناداني – بي وقوفي. يورڙائي.
• **اُبوجَھاءِ:** اي اُبوجھئُو!
• **اُبوجھُ ج اُبوجھہَ:** ذ. صفت. [سن. اَبڌ > اَ = نہ + بڌ = سياڻو] جنهن کي بوجھہَ يعني ڄاڻ نہ هجي – بي سمجھہ – بي عقل – اَڻ ڄاڻ – نادان. يورڙو – ٻالو ڀولو – ساده لوح.
• **اُبوجهو:** ذ. صفت. اُبوجھُ.
• **اُبوجائي ج اُبوجائيُون:** ٿ. اُبوجي.
• **اُبوجي ج اُبوجيُون:** ٿ. [سن. اَپَچَيہ] نقصان – گھاٽو – ٽوٽو – چيھو. کَسُ – گھٽتائي.
• **اُبوجي پوڻ:** نقصان پوڻ. کس لڳڻ.
• **اُبوڙُ ج اُبوڙَ:** ذ صفت [سن. اَبڌ] اُبوجھہ – بي عقل – بي سمجھہ.
• **اُبورَڻ:** مصدر. اُبوڙڻ.
• **اُبوسُون:** ٿ. [سن. اَپَرَ = ڪڪر + وَرْشَ = وَسَ] سنهي ڦُڙ ڦُڙ (مينهن جي).
• **اُبوڪرو ج اُبوڪرا:** ذ. صفت. [سن. اَوْرْڌوَ + ڪُشَرَ = ڪڙي] اُڦونگڙو – اُبڪرو.
• **اُبوڪڙو ج اُبوڪڙا:** ذ. صفت. اُبوڪرو.
• **اُبولُ ج اُبولَ (ٿ):** ذ. صفت. جو ٻولي (ڳالهائي) نہ سگھي – بي زبان – گونگو – گگدام.
• **اُبوهيو ج اُبوهيا:** صفت. اَڻ ونڌيل (موتي) – ناسُفتہ.
• **اُٻهَرُ ج اُٻهَرُونَ:** ٿ. [سن. اَوْرْڌو + ڪُشَرَ] اُتامرائي – اجائي تڪڙ – اُٻهرائي – عُجلت. بي صبري.
• **اُٻهرائي ج اُٻهرايُون:** ٿ. اُٻهَر.
• **اُٻهَرو ج اُٻهَرا:** ذ.صفت.[سن اَوْرْڌوَ + ڪُشَرَ = اُپو ڪُڙو] تڪڙو – جلدباز – اُتامرو – بي صبر – اُبڪرو. (ٿ) اُٻهري ج اُٻهريُون.
• **اُٻهَري:** ٿ. جوئرجو هڪ قسم.
• **اُٻهَوَ:** ذ. اُٻسَ – اُهمو – ٻَٽَ (هوا جي) – رُڳهَ – ڪاڙهو – گهُٽَ. تاءُ – گرمي.
• **اُٻيرو ج اُٻيرا (ٿ):** ذ. برسات بعد آسمان صاف ٿيڻ جي حالت.
• **اُڀُ ج اُڀَ:** ذ. اُڀ – آسمان.
• **اُڀُ ج اُڀَ:** ذ. [پرا. اَڀَ: سن. اَپَرَ = ڪـ ـر آسمان] اُڀ – آسمان – آڪاس. (ظرف) مٿي – اُڀو – اُڇو.
_ **اُڀ اُڪَٽِيڻ ڏيکارڻ:** سڀ ڳالهہ پڌري هجڻ. نتيجو ظاهر هئڻ. مصيبت ويجھي هئڻ – ساهہ جو ڏپ هئڻ. دشمن جو پٺو هئڻ.
_ **اُڀ ٻَڪڻ:** نہ ٿيڻ جهڙيون ڳالهيون ڪرڻ – ٺلهيون ٻٽاڪون هڻڻ.
_ **اُڀ تاريو ج اُڀ تاريا:** ذ. صفت. اڃين اکين وارو – چندو – نحس.
_ **اُڀ ٽَڪُو:** ذ. صفت. هميشہ اُڀ ڏانهن تڪيندڙ (ڪاڇي جي آبادي ٿئي برسات تي. تنهنڪري اُتي جا ماڻهو اُڀ تَڪو ٿين. سدائين آسمان ڏي نهارين.)
_ **اُڀ ڏارڻ:** ٻٽاڪون هڻڻ.
_ **اُڀ ڏِسڻ ۾ اچڻ:** ڳالهہ پڌري هئڻ.
_ **اُڀ سامهون ٺُڪون اُڇلائڻ:** بي نتيجي ڪم ڪرڻ – پنهنجو پاڻ کي نقصان رسائڻ جهڙو رويو اختيار ڪرڻ.
_ **اُڀ سان مٿو گسائڻ:** پنهنجي حيثيت کان وڌيڪ وڏائي ڏيکارڻ.
_ **اُڀسرو:** ذ. صفت. اوچي ڳاٽ وارو – سَربُلند جنهن جو مٿو اُڀو هجي.
_ **اُڀ ڦاٽل کي اَڳڙيون وجهڻ:** ظاهر ڳالهہ کي لِڪائڻ.
_ **اُڀ ڦاڙڻ:** ٻٽاڪون هڻڻ – ڊاڙون هڻڻ.
_ **اُڀ ڦاڙي وجهڻ:** وڏو خطري جهڙو ڪم ڪري وجهڻ.
_ **اُڀ کِپرو ج اُڀ کِپرا:** ذ. صفت. اُڀي کپرَ وارو (ڪڙيو. واهہ) – هيٺ مٿي سَطح وارو (ٿ) اُڀ کِپري ج اُڀ کِپريُون.
_ **اُڀ ڪرڻ:** مصيبت نازل ٿيڻ.
_ **اُڀ ڪرو ج اُڀ ڪرا:** ذ. اُڀن ڪرن وارو (گھوڙو گڏه) (ٿ) اُڀَ ڪري ج اُڀَ ڪريُون.
_ **اُڀ کي اَڳڙيون وجهڻ:** پڌري ڳالهہ يا عالم آشڪار ڳالهہ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.
_ **اُڀ ۾ ترارُيون هڻڻ:** ناممڪن ڪم ڪرڻ – وت کان ٻاهر هلڻ.
_ **اُڀ ۾ تير هڻڻ:** ناممڪن ڪم ڪرڻ.
_ **اُڀ ۾ ٺُڪون اُڇلائڻ:** پاڻ کي نقصان پهچائڻ جهڙو (بيوقوفيءَ جو) ڪم ڪرڻ. جاهليت جهڙو ڪم ڪرڻ. بي نتيجي اجائي ڪوشش ڪرڻ.
_ **اُڀ ۾ ڪَڪر ٿيڻ:** اميد جاڳڻ – اميدواري ٿيڻ (زال کي).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

_ **اُپ مان تارا لاهڻ:** وڏو ڪم ڪرڻ. نہ ٿيڻ جهڙو ڪم ڪرڻ.

• **اُپا:** بينا.

• **اُپارَ ج اُپارَ:** ذ. [سن. ١. اُتْ شتا؛ ٢. اُدْ. اُتْ = مٿي + پَر = پرڻ] طلوع (سج جو). اوڀَر (سيني جو) — ماچِ. پڙڪاءُ (جوش جو) — آپار — هُشي.

• **اُپارڻ:** مصدر. [سن. اُدْ. اُتْ = مٿي + پَر = پرڻ] مٿي چاڙهڻ. ڪڙوڪرڻ — ٻيهارڻ. ڪنهن ڳالهہ لاءِ همٿائڻ — آماده ڪرڻ — پڙڪائڻ — ڏاڍرائڻ — آپارڻ. جوش ڏيارڻ — هُشي ڏيڻ. اُپائڻ (زمين جو نباتات ڪي) _ پيدا ڪرڻ. سج سنئون ڪرڻ — ڏينهن ڪرڻ "اُپي اُپاريام، نڪت سڀ نئي ويا" (شاهہ). (اُپاريو — اُپاريندو — اُپاريل).

• **اُپاڙڻ:** مصدر. [سن. اُتْپَدْ] اُپائڻ (نباتات) "اُمت جي آخوند اوپڙ سڀ اُپاڙيا" (شاهہ). (اُپاڙيو — اُپاڙيندو — اُپاڙيل).

• **اُپاس:** صفت. [سن. اُ = نہ + پاسُ = چمڪڻ، ڏسڻ ۾ اچڻ، صاف ٿيڻ] جو ڏسڻ ۾ نہ اچي — غير مرئي — غير محسوس — نامعلوم. (ذ) بي نور سوجهرو (سجّ يا چنڊ جو گهاٽي جهڙ سبب). ڪنهن شي ياحقيقت جو سوجهرو، عڪس — اولڙو — پاڇولو "اٿئي سڀ اُپاس، جڳت هيءُ جڳديس جو" (سامي).

• **اُپاڳ:** ذ. [سن. اُ = نہ + ڀاڳ = ڀاڳُ، ڀهرو] نڀاڳ — بي ڀاڳائي — بي بختي — بي نصيبي (١) "ڪُنڙ ڪنوايو، آئي ننڊ اُپاڳ جي". (٢) "ڪونهي قادر ڪم پيو، اُنين جو اُپاڳ" (شاهہ). "سُڀاڳ" جو ضد.

_ **اُپاڳائي:** ث. بي ڀاڳائي — بي بختي — نڀاڳائي.

_ **اُپاڳڻ ج اُپاڳڻيُن:** ث. نڀاڳي — بدبخت (عورت).

_ **اُپاڳو ج اُپاڳا:** ذ. صفت. نڀاڳو — بي بخت بي ڀهرو _ بي نصيب. (ث) اُپاڳي ج اُپاڳيون. (ذ) اُپاڳ — بدبختي "محمد ڏاران ملڪ ۾ آهي اونده اُپاڳو" (گرهوڙي).

_ **اُپاڳي ج اُپاڳيُون:** ث. صفت. نڀاڳي — بي نصيب (عورت) — اُپاڳڻ "مون اُپاڳيءَ ساڻ، ڪير ڳلندي چيرين" (شاهہ).

_ **اُپاڳيو ج اُپاڳيا:** ذ. صفت. اُپاڳو "اڪر پڙهي اُپاڳيا! قاضي ٿِئين ڪياءِ" (شاهہ).

• **اُپالو ج اُپالا:** ذ. [سن. اُپالَمڀَ] اوپالو — طعنو — مهڻو — عتاب — ڏوراپو.

• **اُپامر ج اُپامرَ:** ذ. صفت. [ع. اَبهَمُر] بي سمجهہ — معصوم (ٻار). بي گناهہ.

_ **اُپامرُو ج اُپامرا:** ذ. صفت. "اُپامرُ" جو اسم تصغير. معصومڙو — ٻارڙو.

• **اُپامَڻ:** مصدر. اُپامَڻُ.

• **اُپامَڻ:** مصدر. [سن. اُدْيَرمَڻَ = مٿي چڙهڻ] ٿهڪو کائي مٿي چڙهڻ (پاڻيءَ وغيره) — ٽڦڪي ڪنن تان هارجڻ ياوهڻ "ڪُني اُپامندي تہ بہ پنهنجا ڪَنا ساڙيندي". جوش کائڻ. ڦوڪجڻ — سيڄجڻ. هٿ يا ڪاوڙ ۾ پرجڻ — آپامڻ. (اُپاميو — اُپامندو — اُپاميل).

_ **اُپامَ:** ث. ٿهڪو — اوٻر — جوش. ڦوڪجڻ جي حالت — آپامَ.

_ **اُپامائڻ:** مصدر "اُپامڻ" مان متعدي بالواسطه. ٿهڪائڻ — جوش ڪارائڻ — آپامائڻ.

_ **اُپامجڻ:** مصدر "اُپامڻ" مان فعل مجهول. اُپامڻ.

_ **اُپامنديُون (ڪُنيون) ڇَٽڻ:** اَجايا ڏِڪا کائڻ. سُور ٻري جو ڪم ڪرڻ — بي دليو ڪم ڪرڻ. بنا سوچ جي ڪم ڪرڻ.

_ **اُپامٽي ج اُپامٽيون:** ث. صفت. اُپامنڊڙ — پلٽنڊڙ — جوش کائيندڙ.

• **اُپانْ (ٿ):** ضمير. اوهان "اُپان جو = اوهان جو. اُپان رو = اوهان وارو. اُپان ناں = اوهان کي. اُپان وٽ = اوهان وٽ".

• **اُپاءُ:** ذ. [سن. اُ = نہ + ڀاوَ = هستي، موجودگي] نيستي — نابودي. پرلئہ. موت.

• **اُپائڻ (ڪ):** مصدر. اُباهڻ — اُپو ڪرڻ. ٻيهارڻ — ڪڙوڪرڻ. (اُپايو — اُپائيندو — اُپايل).

• **اُپت:** ظرف. [سن. اُ = نہ + پَڪِتَ = نمونو، ڍنگ، ريت] بي پٽيو — اڍنگائيءَ سان — بي قاعده _ ڪُريت — بي ڍنگو.

_ **اُپت:** ث. اُبت.

_ **اُپت سُبت:** ث. اُبت سُبت. آڏائي ڦڏائي. رنج راحت — ڏک سُک.

• **اُپتَ ج اُپتُون (ل):** ث. اُبت — ونگار.

• **اُپٽڻ:** مصدر. اُبٽڻ.

• **اُپپائو ج اُپپائا، وا(ل):** ذ. صفت. [سن. اُوَرْدْوَ + پادَ = پير] اُهو ٻار ياڦَر جو جمڻ مهل ماءُ جي پيٽان اُبتو اچي (يعني پهرين پيراڇن ۽ پوءِ مٿو. عام طور پهرين مٿو ۽ پوءِ پير ايندا آهن) — اُمهڙو.

• **اُپپوٽ:** ذ. [سن. اِڀَ = هاٿي + پوتَ = وڇيرو، ٻچڙو] هاٿيءَ جو ٻچڙو — هاٿيڙو — ڦُرنڊو — هڙنو.

• **اُپپُور:** اسم خاص. تعلقي سنجهوري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **اُپچ:** صفت. اُهو جو پچي نہ سگهي — نہ پچندڙ — پڪو — ثابت قدم — محڪم.

• **اُپدان:** ذ. [سن. اُپدان] لغت — فرهنگ — ڪوش — ڊڪشنري.

• **اَپَر ج اَپَرَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + پَرَ = ٻار، آڌار] جنهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **اُڀيترو ج اُڀيترا (ٺ):** ذ. صفت. ڊگهي ۽ سنهي منهن وارو.
• **اَڀيتو اَڀيتي ج اَڀيتا، اَڀيتي:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + ڀيد = ڪنهن فرق يا امتياز کانسواءِ] جو ڀيت تي نه پوي. ڀيت تي نه پيل. اڻ واقف. ڌاريو.
• **اُڀيڻُ (ل):** مصدر. [سن. اُدُ –سٿا] ٻيهڻ – ڪڙو ٿيڻ –اُٿڻ –اُڀهڻ –اُڀڻ. (اُڀينو –اُڀهندو – اُڀينل).
• **اُڀينا:** ٻينا. اُڀا.
• **اُڀيج (ٺ):** مصدر "اُڀڻ" مان امر مدامي. ٻيهج! – ترسج!.
• **اَڀيڄڙ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (ٻهلڪاڻي پاڙو).
• **اَڀيدُ:** صفت. [سن. اَ = نه + ڀيدَ = فرق] ڀيد يا فرق کان سواءِ _ بي امتياز – هڪ جهڙو – ساڳيو "تنهنجي عشق اَڀيد ڪيو، لَنُءُ لَنُءُ ۾ لڳاءُ" (سامي). (ذ) ساڳيائي – هڪ جهڙائي – تشبيهه.
• **اَڀيدي ج اَڀيدي:** ذ. صفت. جنهن کي ڀيد يا فرق ڏسڻ ۾ نه اچي – جيڪو ڀيد نه رکي – دوئيءَ کان دُور – ٻيائيءَ کان پري "اَڀيدي عاشق، ڀيد ڇڏي پرپور ٿيا" (سامي).
• **اَڀيرَ:** اسم خاص. [سن. اَڀير، اَڀيرَ] هڪ ذات جو نالو جنهن جو ڪم آهي ڳئون چارڻ. هندن جي هڪ ذات جو نالو – آهيرَ. ڳنوار.
• **اَڀيرائي:** ٺ. ڀت ۾ لڳل تختو (جنهن تي ٿانوَ وغيره رکجن) – ٿانون رکڻ جي پڇتي – طاق.
• **اَڀيري:** صفت. ڀير کان سواءِ. بي نشان "نَہ ڪو راه نه رند. اِنَ اَڀيريءَ پُونءَ ۾" (شاهه).
• **اُڀيڪَ، اُڀيڪَ ج اُڀيڪون:** ٺ. [سن. اُدُ – سٿا] ٻيهڪ – اڏاوت (١) "وهَڪ نه ڪيائون، اُڀيڪ عيب ان جو" (شاهه)؛ (٢) "عالم اُڀيڪ جن تيَ، هُون سلامت سي" (لطف الله قادري).
• **اَڀيڪتُ:** صفت. [سن. اَڀيشڪتَ] تيل مکيل. گاديءَ تي وهاريل – تخت نشين. سڄ.
• **اُڀين (ٺ):** ضمير. اوهين.
• **اَڀينگُ:** ذ. [اُڀي، اُڀو + انگ. اَنگهه] مَنڌي (جنهن سان ٻيئي ڏڌ ولوڙجي). نهيلو – منجو.
• **اَڀيَڻ:** مصدر. گهڙڻ – داخل ٿيڻ – اندر وڃڻ.
• **اُڀيَڻُ، اُڀيهَڻُ:** مصدر. ٻيهڻ.
• **اَڀيوُ:** صَفت. [سن. اَڀيدَ] اَڀيدُ – اڻ ورهايل – اڻ ونڊيل – اَڻ تقسيم ٿيل – لايتجزي.
_ **اَڀيوا:** صفت. اَڀيدُ. جنهن جو ڊول، رنگ روپ ڄاڻي نه سگهجي. جنهن کي ورچي نه سگهجي "اَمُڪ اَڀيوا، پُورن ڏسي پريم سان" (سامي).
• **اَڀيئو:** صفت. [سن. اَڀَي > آ = نه + ڀَي = ڀؤ] بي ڀئو – بي ڊپو.
• **اَت:** ظرف. [سن. اَتِ = انداز، وقت، مڪان کان پري، نهايت، تمَام گهڻو] گهڻو – جهجهو – بي انداز – بي انتها – بي شمار – بي نهايت – حد کان ٻاهر "اَتِ اُڪنڊي آهيان، مَنهن مارُوءَ جي" (شاهه). وڌيڪ – زياده.
• **اَنُ:** ذ. [سن. اَنْتَ] اَنتُ – انتها – پڇاڙي – ڇيهه – دنگ – حد "ٿيا غرق ٻيڙا ٻار ۾، اَتُ ناهه ڪو هت آب جو" (واصف). اندر جو حال – ڳجهه – راز "توڙَي چڪَنِ چاڪ، ته پهه اَتُ نه ڏين عام کي" (شاهه).
• **اِت:** ظرف. [سن. ١. اَتْرَ؛ ٢. اِه] اِتي – انهيءَ هنڌ – هن هنڌ "ماڻهو اِت ڪياءِ، منڊ نه ڏسين منڊيو" (شاهه)
• **اُت:** ظرف. [سن. تَتْرَ] "اُتي" جو مخفف – اُتي – اُنهيءَ هنڌ – هُتَي.
• **اَتابُ ج اَتابَ:** ذ. صفت. [اَ = نه + ف. تاب < تابيدن = چمڪڻ؛ سن. تاپَ = گرمي، چمڪو] بي تاب – بي حال – بي آرام – پريشان.
• **اَتابَڪ:** ذ. [ترڪي. آتا = پيءُ + بَڪ = سردار. يعني وڏو يا مربّي پيءُ] شيراز جي حاڪمن جو لقب (جن جو پايو وجهندڙ سعد بن زنگي هو). سنڀاليندڙ – مربي – استاد. وڏو وزير. ڪنهن به امير جو اعزازي لقب.
• **اَتابو ج اَتابا:** ذ. صفت. بنا تاب يا چمڪي جي. سُڄو – ڪنگال. "ستابو" جو ضد. نِرجو – بي ڊولو. اَڍنگو. نيچ.
• **اُتارَ ج اُتارَ:** ذ. [سن. اُتّارَ = ڪناري تي لهڻ، ڇوٽڪارو، بچاءُ، تقويت، واڌارو] اُها دوا جنهن سان ٻيءَ دوا جو اثر لاهجي "گيهه زهر جو اُتار آهي". اُتارو – مُصلح.
• **اُتارڻُ:** مصدر. [سن. اُتّارَڻَ = پار ڪرڻ، هيٺ لاهڻ، بچائڻ، مٿي چاڙهڻ، قوّت بخشڻ] لاهڻ. پار ڪرڻ. ڇُڏائڻ – بچائڻ. امداد ڪرڻ. وڌائڻ. ڪا عبارت نقل ڪرڻ. (اُتاريو – اُتاريندو – اُتاريل).
_ **اُتاراڻي ج اُتاراڻيون:** ٺ. اُتارڻ جي مزوري.
_ **اُتارائڻ:** مصدر "اُتارڻ" مان متعدي بالواسطه. لهرائڻ – هيٺ ڪرائڻ. پار ڪرائڻ – بچارائڻ. ڪو ڪتاب نقل ڪرائڻ.
_ **اُتارو ج اُتارا:** ذ. اُتارَ. نقل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهونا ڳڙهہ ۾ ڪو اَتائي آيو" (شاھ)

• **اَتْباعُ:** ذ. [ع. تابع ج اَتباع] پيرو — پوئلڳ.

ـ **اِتبّاعُ:** ذ. [ع] پيروي.

ـ **اِتباع ڪرڻ:** پيري ڪرڻ — تابعداري ڪرڻ — پٺيان لڳڻ.

• **اَتبت، اَتپَت (ڪ):** ث. اَٿبٿت.

• **اَتَپ:** ث. [سن. اَدْ + تپ] تَپت (جا تکي اُس ۽ هوا بند هجڻ ڪري ٿئي) ـ تابش — گرمي — ڪاڙهو. اُس. بي آرامي — مونجهه (ل).

• **اَتِٿي:** ذ. صفت. [سن. اَتِٿِ] مسافر — واٽهڙو. سيلاني. مهمان.

• **اُتپاتُ:** ذ. [سن] اُهج — شگون. اُپسوڻ. عجب اسرار — قدرتي علامت — ليلا.

• **اُتپت، اُتپتي:** ث. [سن. اُتپتّ] پيدائش — جَمُ — تخليق. رچنا — جهان جي جوڙ — مخلوقات.

• **اُتپَت:** ث. [سن. اُدْ + پَتْ] هُرکر — آنڌ مانڌ — اُن تڻ — انتظار — ڳڻتي — مونجهه.

• **اُتپنُ:** ذ. [سن. اُتْپنّ < اُدْ = متي + پَدْ = وڃڻ = پيدا ٿيڻ. جمڻ] پيدايش. حاصلات. فائدو.

ـ **اُتپن ٿيڻ:** پيدا ٿيڻ — جنم وٺڻ.

• **اِتحادُ:** ذ. [ع. اِتّحدَ = هو هڪ ٿيو] ايڪو — اِتّفاق — ٻڌي — ايڪتا — ميلاپ — يگانيت.

ـ **اِتّحادي:** ذ. صفت. اِتحاد وارو. ٻڌي ڪندڙ ڌُر.

• **اَتخرچ ج اَتخرچَ:** ذ. [سن. اُدْ = متي + ف. خرچ] متيون خرچ — بالائي خرچ — ريزڪي خرچ.

• **اِتَرُ:** ث. [هہ. اِترانا] ٽيگر — ٽاڻ ـ سيٺ.

• **اُتَرُ:** ذ. [سن. اُتَر = متانهون < اُترّا = اُتر] اُپرندي سجّ ڏي منهن ڪرڻ سان کابي هٿ وارو طرف — شمال. اُتر جو واءُ "اُتر ڏاهي اُن جا، تہ ڪنهن کي ڪارون ڪن" (شاھ).

ـ **اُترادي ج اُترادي:** ذ. صفت. اُتر جو. اُتر طرف جو رهاڪو. سنڌ جي اُترئين پاڱي جو ويٺل.

ـ **اُتر قُطبُ:** ذ. ڌرتيءَ جي محور جو اُتر وارو خيالي نقطو يا مرڪز. "ڏکڻ قطب" جو ضد. اُتر وارو قطب تارو ـ ڌرو — ڌُرو.

ـ **اُترلڳڻ:** اُتر جو واءُ لڳڻ "سَر نسريا پاند، اُتر لڳا، آءُ پرين" (شاھ).

ـ **اُترو ج اُتريا:** ذ. اُتر جو — اُتر وارو.

ـ **اُترَ ج اُترَ:** ذ. [سن. اُترُمْ = جواب. واڌ] جواب. عوض — بدلو — متا سَتا. متاستا ۾ ڏنل واڌو رقم.

ـ **اُتر ڏيڻ:** جواب ڏيڻ — ورندي ڏيڻ. (سودي يا متاستا ۾) واڌو رقم يا ٻي شيءِ ڏيڻ.

• **اَتراڪُ:** ذ. [ع. تُرڪُ ج اَتْراڪ] تُرڪ. تُرڪ قوم.

• **اُتراڻُ، اُترائڻُ:** ذ. [سن. اُتّرايڻَ] سج جو اُتر طرف وڃي خط استوا کان دور ترين حد "راس السرطان" تي پهچڻ (يعني ٢١ جون جڏهن ڏينهن وڏي ۾ وڏو ۽ رات ننڍي ۾ ننڍي ٿيندي آهي) — ڪرڪ سَنْڪرات — منقلب صيفي. (سنڌ ۾ هندو غلطيءَ کان اُتراڻ کي سياري ۾ ٢١ ڊسمبر تي ليکيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ "اُتراڻ اُتريو، اڌ سيارو ڪتريو". انهيءَ ڏينهن کي وڏو ڏينهن ڪري ليکيندا آهن ۽ انهيءَ ڏينهن تي تر وغيره ڪائيندا آهن). "ڏکڻاڻ" جو ضد.

• **اُترائي:** اسم خاص. بلوچن جو هڪ قبيلو. هڪ ذات جو نالو (سکر ضلعي ۾).

• **اُتراوَنُ:** ذ. [هہ] اُهو هنڌ جتي مڇيون اچي ڪٺيون ٿين.

• **اِترائڻُ:** مصدر. [هہ. اِترانا] ٽيگر ڪرڻ — سيٺ ڪرڻ.

• **اِترائي:** ث. ٽيگر — سيٺ.

• **اِتربِتَرُ:** صفت. [هہ. تِتر بِتر] ڇڙو ڇڙ — پراگنده ـ منتشر — ڏانوَاڏول.

• **اَترپِتُ:** صفت. [سن. اَترِپْتَ < اَ = نہ + تْرِپْ = ناراض ٿيڻ] ناراض — رنج. بي ڏئو. خواهان.

• **اُتردو اُترڏو ج اُتردا، اُترڏا:** صفت. ظرف. متيون — متان — متان ئي متان. وڌيڪ. اتلندو. حساب کان سواءِ ـ علي الحساب — سرسري — متاڇرو. دلچسپيءَ کان سواءِ.

• **اُترساوڙي:** اسم خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **اُترندو ج اُترندا:** صفت. اُتردو.

• **اُترڻُ:** مصدر. [سن. اُترڻُ = لهڻ. ڪنهن ڏک، مصيبت يا بدبختيءَ مان نڪري پار پوڻ. ندي وغيره پار پوڻ] لهڻ — هيٺ اچڻ. (دل تان) لهي وڃڻ — وسرڻ. (اُتريو — اُترندو — اُتريل).

• **اُتري:** ذ. [سن. اُتري، اَتري] ڳڙڪائيندڙ راڪاسُ. هڪ وڏي رشيءَ جو نالو (جنهن ويدن جا ڪيترا گيت ٺاهيا). ڌُبّ اڪبر جي ستن تارن مان هڪ تاري جو نالو.

• **اِتري ڦل:** ذ. [سن. تْرِڦلا: ع. اِطْرِيفَل] ٽن ڦلن (آنورن، ٻهيڙن ۽ هريڙن) مان ٺهيل ڦڪي (هاضمي ۽ باديءَ لاءِ) — ٽِڦلو.

• **اُتَرُ:** ذ. صفت. اُوتَرُ.

• **اَترو ج اَترا:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + تَتَ = تَرُ = ٻي تڙ] جنهن

جو تَڙَ ئي نہ هجي – بي تَڙو جنهن جو ڪناروئي نہ هجي – بي ڪنار – اُجهاڳ (درياءُ، ڍورو وغيره). جنهنجو سُولو تڙ يا گهيڙ نہ هجي – اَوَتَڙ – ڏُتَڙ – ڪُتَڙ.

• **اَتِرو ج اَتِرا:** ذ.صفت. تکڙو – اُبهرو – جلدباز. (ث) اَتِري ج اَتِرِيُون.

• **اَتِري:** صفت. [سن. اَتَلَ > اَ = نہ + تَلَ = ترو] اونهون – عميق – اَتِرو. اَٿاهُ – اُجهاڳ بيٺل پاڻي (جو پارهوئي بيٺو هجي).

• **اَتَس:** ث. [سن. اَتَ – تاپہ] اُتت – گرمي. گرميءَ جو بخار.

• **اُتساهُ ج اُتساهَ:** ذ. [سن. اُتساهَ > اُدْ = مٿي + سَهُ = سهڻ] قوت اِرادي – عزم. دليري. ڪوشش – لاڳيتي محنت – اورچائي. سرجوشي – سرگرمي. اُمنگ. چاهہ – جزبو – شوق. جوش. ثابت قدمي – تحمل. خوشي.

ـ **اُتساهي ج اُتساهي:** ذ.صفت. محنتي – اورچ. سرگرم. شوق. محنت ۽ جوش سان ڪم ڪندڙ.

• **اُتسَبُ:** ذ. اُتسَٺ.

• **اُتسَٺُ:** ذ. [سن. اُتسَوَ > اُدْ = مٿي + سُوَ > شو = پيدا ڪرڻ، چٽڻ] وڏو ڪم. شروعات. ميلو – جلسو – شادمانو – عيد – خوشي. ڏڻ. بي صبري – غصو. گستاخي. خواهش – آرزو. خواهش جو جاڳڻ. ڪتاب جو پاڱو.

• **اِتِّصافُ:** ذ. [ع. وَصفَ > اِتّصاف = وصف رکڻ] وصف – ساراهہ.

• **اِتِّصالُ:** ذ. [ع. وَصَلَ > اِتّصال = گڏجڻ] گنڍ – ڳانڍاپو. ميل – ميلاپ – سنگم – گڏجي وڃڻ جي حالت. نجوم جي اصطلاح ۾ ستارن جو برجن ۽ درجن جي حساب سان پاڻ ۾ يا هڪ ٻئي جي سامهون ٿيڻ.

• **اِتِّفاقُ:** ذ. [ع. وَفَقَ > اِتّفاق] هڪ ٿي وڃڻ جي حالت – ايڪتا – ٻڌي – ميلاپ – ايڪو – صلح. صلاح. اوچتو واقعو – حادثو. سانگو – سبب.

ـ **اِتِّفاقات:** ذ. جمع "اتّفاق" جو. اِتّفاق – موقعا – سانگا.

ـ **اِتِّفاقاً:** ظرف. اِتّفاق سان – اِتّفاقي. اوچتو – اچانڪ – ڪنهن قضائي – ناگهان.

ـ **اِتِّفاق راءِ:** ذ. سيني راين جو ميلاپ – يڪراءِ ـ هڪ صلاح.

ـ **اِتِّفاق ڪرڻ:** ٻڌي ڪرڻ – يڪ صلاح ٿيڻ.

ـ **اِتِّفاق وڌائڻ:** محبت ۽ ميلاپ وڌائڻ.

ـ **اِتِّفاقي، اِتِّفاقيہ:** ظرف. اِتفاقاً.

ـ **اِتِّقاءُ:** ذ. [ع. وَقي > اِتّقي] بچاءُ. پرهيزگاري.

ـ **اَتقيا:** ذ. صفت. [ع. تَقِيٌّ ج اَتقياءُ] پرهيزگار – نيڪ ماڻهو.

• **اَتڪائي ج اَتڪائيُون:** ث. [سن. اَتڪَ] سفر – مسافري. رولڙو.

• **اَتڪو ج اَتڪا:** ذ. صفت. [سن. اَتڪَسُ] اَٽاڪو – مسافر. رولو.

• **اَتَلُ:** ذ. صفت. [سن. اَتَلَ > اَ = نہ + تَلَ = ترو] بي ترو – نهايت اونهون. زمين هيٺان هڪ دوزخ جو نالو.

• **اَتُلُ:** صفت. [سن. اَتُليہَ > اَ = نہ + تُليہ = برابر > تُلْ = تورڻ] جنهن جو ڪو تُل يا مٽ نہ هجي – اَمٽ – لاثاني – بي مثل. جو تري نہ سگهي – اَتورَ.

• **اَتَلُ:** مصدر "اَتڻ" جو مفعول. چيل – آکيل – ڳالهايل.

• **اَتَمُّ:** صفت. [ع] تمام پورو – بالڪل ڪامل – مُڪمل.

• **اَتَمُ ج اَتَمَ:** صفت. [سن. اَتَمَ] سڀ کان مٿي – تمام اَتانهون – اعليٰ ۾ اعليٰ. اوچو – عمدو. وڏي درجي وارو. قيمتي – نفيس.

ـ **اَتَمتا ج اَتَمتائون:** ث. مٿانهين – بلندي. وڏائي – اوچائي.

• **اِتمامُ:** ذ. [ع. تَمَّ > اِتمامُ = تمام ڪرڻ، پورو ڪرڻ] تڪميل – پورائي. پُڄائي.

ـ **اِتمامي:** ث. تماميّت – پُورائي – تڪميل.

• **اَتمِّيُ:** ذ. ٻيڙيءَ جو اُبتو سڙهہ. "سُتمٽي" جو ضد.

• **اَتَنتُ:** صفت. [سن. اَتِينْتَ] بي حد – بي انتها. تمام گهڻو.

• **اَتنگُ:** صفت [سن. اَتنگَ] مٿانهون – اُوچو – ڏگهو. چڙهيل (ندي).

• **اَتنگهُ:** ذ. [سن. اَتنڪَ > اَ = ويجهو، ڏانهن. سيني پاسن کان + تَنڪَ = غم، ڏک يا غريبيءَ ۾ گذارڻ] تڪليف. دل جو ڏک – بي آرامي. خوف – ڊپ. مرض – بيماري (جسماني). تپ.

ـ **اَتنگهي ۾ ڦاسڻ:** تڪليف هيٺ اچڻ. مصيبت ۾ پوڻ.

• **اَتڻ:** مصدر [سن. ١. اُداهرڻ = چوڻ، بيان ڪرڻ؛ ٢. اُڪَتَ = اُتل. چيل] چوڻ – آکڻ – ڪَهڻ (١) "آري اُتن جيئڻ، اُونءَ تان اوئين نہ ڪيو". (٢) "آخر والعصر جو، اِيهين اَتائون" (شاهہ). (اَتو – اَتل).

• **اَتو ج اَتا:** ذ. [سن. اَتارَ، اَتري ـ اوڪارو ڏيڻ] اوڪارو – اُبتو – اُبڙاڪ – اَتٿو.

• **اِتو (ٿ):** صفت. ايترو – هن جيترو.

• **اُتو (ٿ):** صفت. اوترو – اُن جيترو.

• **اَتو:** مصدر "اَتڻ" مان ماضي مطلق. چيو – ڪهيو "وحده لاشريڪ لہٗ، جن اُتوسين ايمان" (شاهہ).

• **اَتوَ:** ذ. [هہ] ڪپڙي جو تَهہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

_ **اُتوڪرڻ:** ڪپڙو تهڻ.
• **اِتوار:** ذ. [سن. آدِتيوار] آرتوار – آچر.
• **اُتوپُر(ل):** ث. پريشاني – گهبراهٽ.
• **اُتوتَپ:** ث. مائٽيءَ ۾ مخالفت.
• **اُتوتو ج اُتوتا (ل):** ذ.صفت. اُهو مائٽ جو ٻئي مائٽ سان برادريءَ ۾ مخالفت ڪري – اُتيتي (ت).
• **اُتوتي ج اُتوتي:** صفت. [سن. اُتَ = مٿان + آيَتَ = آيل] هڪ ٻئي مٿان چاول (ٻار) – هڪ ٻئي جي پُٺ جا چاول (ٻار). مَسهُو – حاسد – رقيب. اُتيتي.
• **اَتورُ ج اَتورَ:** صفت. [سن. اَتُليه (اَ = نه + تُليه = برابر > تُلُ = تورڻ) اڻ مٽ. جيڪو توري نه سگهجي] بي مثل – لاثاني "لوڪ سُجاتو ڪين ڪي، جو آرياڻي اَتورُ" (شاهه). بي حد – بي حساب – اڻ ميو. گهڻو "ڏيئي آڳ اَتور، سپ نه ڪانئي سسئي" (شاهه).
• **اَتولُ:** ذ. صفت. اَتورُ.
• **اِتهاسُ ج اِتهاسَ:** ذ. [سن. اِتهاسَ] قصو – آکاڻي. روايت. تاريخ. اڳين واقعن جو روايتي احوال. پُراڻي ڳالهه. قديم سُورمن جون ڪهاڻيون (جيئن مهاڀارت يا رامائڻ).
• **اِتهامُ:** ذ. [ع] تهمت – الزام.
• **اِتهين:** ظرف. اِنهيءَ هنڌ – اِتي. اِنهيءَ هنڌ کان – اِتان.
• **اِتئُون:** ظرف. اِتان.
• **اُتئُون:** ظرف. اُتان.
• **اَتي:** صفت. [سن. اَت] اَت _ گهڻو – جهجهو – نهايت – زياده.
• **اُتي:** ظرف. [سن. تَتر] هُتي – اُنهيءَ هنڌ – هُن هنڌ "پريت اُتي پرسن، سامي ٿينداءِ سُپرين" (سامي). (حرف جر) مٿان – مٿي تي.
_ **اُتي جو:** صفت. اُنهيءَ هنڌ جو – اُنهيءَ ملڪ جو "اُتي جو اِت ڪنهين، ڏنو ڪو نه جواب" (شاهه)
_ **اُتي جو اُتي:** ظرف. اُنهيءَ هنڌ – تَڏِي تي. اُنهيءَ وقت – يڪدم – اُمالڪ.
• **اَتياچارُ:** ذ. [سن. اَت = پري + آچارَ = انصاف] بي انصافي – ظلم – انڌير – ڪُنياءُ – ناحق – وَيلُ. پاپ – هَچا. بي قياسي – بي رحمي.
_ **اَتياچاري:** ذ. صفت. ظلمي – ظالم – پاپي. ڪنور – سنگدل – ڪُڪرمي – ويل وهائيندڙ.
• **اُتياري ج اُتياري:** ذ. صفت. [اُت،اُتان (= مٿان) > اُتياري = جو مٿان نظر ڪري، جو ڪنهن جي مٿان هجي] چاري – جاسُوس.

• **اَتيتُ ج اَتيتَ:** ذ. صفت. [سن. اَتيتَ = گذريل. تياڳيل] جنهن دنيا کي تياڳيو هجي – تياڳي – ويراڳي – تارڪ "سي اَتيتَ چئجن جن سَرب آتيت سَهي ڪيو" (سامي). سَجو – پينگيو – ڪنگال. ڪنجوس – مکي چُوس.هندو رمتو فقير – ياترائي. ساڌو. جوڳي. نيارو – الڳ. [سن. اَتٿ] مهمان. مهمانيءَ جو لائق مسافر.
• **اَتيتُ ڪالُ:** ذ. گذريل زمانو – زمان ماضي.
• **اَتيتي اُتيتي:** صفت. هڪ ٻئي مٿان چاول ٻار جي اڪثر پاڻ ۾ نه ٺهندا آهن. رقيب – اُتوتو – اُتوتي.
• **اُتيجت:** صفت. [سن. اُتيجت] اُڀاريل – چُرچ ڏنل – هُشڪاريل. تکو ڪيل. صاف ٿيل – اُجاريل.
• **اُتيجڪ:** صفت. [سن. اُتيجڪَ] اُڀاريل – چُرچ ڏنل – هُشڪاريل. تکو ڪيل.صاف ٿيل – اُجاريل.
• **اُتيجڪ:** صفت. [سن. اُتيجڪَ] چُرچ ڏيندڙ – هُشڪاريندڙ. اُڀاريندڙ – اُتساهه وڌائيندڙ.
• **اَتيرَ:** ظرف. [سن. اَتُدرو] هن ڪانپوءِ.
• **اُتيرا:** اسم خاص. سنڌ جي مسلمانن جي هڪ قوم جو نالو.
• **اُتيرو ج اُتيرا:** ذ. صفت. [سن. اُدَتَ] مغرور – هنيلو – آڪڙ باز – وڏائي خور.
• **اَتيسارُ:** ذ. [سن. اَتسار – اَتيسارَ: اَت = گهڻو + سَرُ = وهڻ] بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ دست گهڻا ٿين). تيڪ سُوري – ٻاهي.
• **اَتيمُ ج اَتيمَ:** ذ. صفت. يتيم – بي پهچ – مسڪين.
• **اَتيو:** صفت. [سن] تمام گهڻو – بي حد.
• **اَتيهاسُ:** ذ. اِتهاسُ.
• **اَتيون:** ظرف. مٿيون. اڀندڙ (مهينو يا سال).
• **اُتيهڻُ:** مصدر. [سن. اُتَ + تَشَ = تَهَ] تَهَ (اَنَ جا) لاهڻ. اَنَ ڇَڙڻُ.
• **اَٿ:** "آهي" جي معنيٰ ۾ متصل ضمير جي آڏو استعمال ٿيندڙ اڳياڙي "اَٿَم (=مونوٽ آهي)، اَٿئُون (= اسان وٽ آهي)". ڪا شيءِ ڪنهن وٽ هئڻ جي تصديق. ڪنهن کي ڏڪ لڳڻ جي تصديق خاطر ندا "اَٿس!".
_ **اَٿس:** هن وٽ آهي يا آهن.
_ **اَٿَر:** "آهي" يا "آهن" جي معنيٰ ۾ "ڪيو اَٿر يا ڪياَٿر". مون وٽ آهي "رييو اَٿر". مون وٽ آهن "روپيا اَٿر". مون

ڪي آهي "سُور اٿم". مون کي آهن "ياد اٿم".

ـ **اَٿَنِ:** هنن وٽ آهي، آهن.

ـ **اَٿوَ:** اوهان وٽ آهي يا آهن. اوهان کي آهي يا آهن.

ـ **اَٿئون:** اسان وٽ آهي يا آهن.

ـ **اَٿئِي، اَٿيئِي:** تو وٽ آهي يا آهن. توکي آهي يا آهن. ڏک لڳڻ جي تصديق خاطر ندا "اٿئي! (= تصديق سان توکي ڏک لڳو آهي)."

• **اَٿ:** ظرف. [سن. اَتر] اَت ـ اَتي ـ اُن هنڌ.

• **اَٿَ:** ٿ. [سن. اَشٽا = اَٿڻ] اَٿڻ جي حالت — ننڊ مان جرڪ پري اٿڻ جي حالت — اٿپ — اوٿارو.

ـ **اَٿَ ويهہ:** ٿ. اٿڻ ۽ ويهڻ جي حالت — اٿپ وهٽي — اٿڻ ويهڻ — نشست برخواست. (ٻار کي) اٿڻ ۽ ويهڻ جي (ڪٺي پيرا) ڏنل سزا.

ـ **اَٿَ ويهہ ڪرائڻ:** اُٿارڻ ويهارڻ — سزا ڏيڻ.

ـ **اَٿَ ويهہ ڪرڻ:** ورزش ڪرڻ.

• **اَٿارَ ج اَٿارُون:** ٿ. ٽيون هَرُ يا ٽيلهہ (پهريون پيرو هر کي کيڙَ ۽ ٻيو پيرو هر جي ٻيلهہ يا ٻيو هَرُ جٿبو آهي).

• **اَٿارمار:** ٿ. ظلم — ڏاڍ — جفا. ڦرلٽ.

ـ **اَٿارمار ڪرڻ:** ظلم ڪرڻ. ڦرلٽ ڪرڻ.

• **اَٿارَڻُ:** مصدر. [سن. اُٿَ — سٿا = اُٿارڻ] ٻيهارڻ. کڙو ڪرڻ — اُبو ڪرڻ — متي ڪرڻ. اُڀارڻ (دل يا جذبات). سجاڳ ڪرڻ (ننڊ مان) — جاڳائڻ. جِڏائڻ (سڪول). لڏائڻ. نِڳائڻ (آلت). پرٽائڻ (نياٽي). (اُٿاريو — اُٿاريندو — اُٿاريل).

• **اَٿارُو، اَٿارُو:** ذ. خراب يا خوفناڪ خواب (جو ننڊ مان جرڪ پرائي اُٿاري) ـ اوٿارو — ڊيڄڙو — ڪابوسُ (ع).

• **اَٿاڪ ج اَٿاڪ:** ذ. صفت. [هہ. اَٿاهہ: سن. اَسٿاگهہ] تمام گهٽو. بنا ٿاڪ جي — رولو.

• **اَٿاگ (ٿ):** صفت. [هہ. اَٿاهہ: سن اَگاڌَ] گهٽو.

• **اَٿامارَ ج اَٿامارُون (ل):** ٿ. [سن. اَساوَڌان] ترڪ تال — لبو ٿبو.

ـ **اَٿامارَ تي ڪم ڪرڻ:** لبي ٿبي يا ترڪ تال تي ڪم ڪڍڻ.

ـ **اَٿامارَ تي هلڻ:** پَٽ سَٽ تي هلڻ. ٻِي دليو تي ڪم ڪرڻ.

• **اَٿانُ:** ٿ. [سن. اُٿانَ] قيامت — رستاخيز. اُٿڻ. ڪوشش — مردانو سعيو. جنگ. خوشي.

• **اَٿاٿو (ٿ):** ذ. اَٿاٿو — آچار — سانڌاٿو.

• **اَٿاٽِي ج اَٿاٽيُون:** ٿ. (صبح جو) اُٿڻ جي مهل — فجر.

**اَٿاهُ ج اَٿاهَ:** ذ. صفت. [سن. ١. اَگاڌَ. ٢. اَسٿاگهہ] جنهن جي تري جو پتو نہ لڳائي سگهجي — تمام وڏو — اونهون — عميق. وسيع — بي انت — بي حد.

• **اَٿتُ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + سٿت = مُحڪم] غير محڪم — ٿِڙندڙ. بي ثبات — فاني. [اَ = نہ + ٿِت > ٽت = مقرر وقت] بنا ٽت جي — غير مقرر.

• **اَٿرُ ج اَٿرَ:** ذ.صفت. [سن. اَسٿرَ = (اَنہ + سٿرَ) ٺهريل. محڪم] غير مستقل. بي بقا — بي ثبات — بي قرار — هلڙو. چنچل — ٻہ دليو — گهڻ متيو.

• **اَٿرپِٽرَ:** ظرف. هٿڙ پٽڙ — بنا هٿن وجهڻ جي.

• **اَٿرويد:** اسم خاص. [سن. اَٿرو ويدَ] هندن جي چئن ويدن مان پوئين ويد جو نالو.

• **اَٿرَ ج اَٿرون:** ٿ. [سن. اَتپت = متي ٿيڻ] ٿيڙ — ٽپ — اُڇل. بيماريءَ جي اٿل يا موت. گهٽو موت.

• **اَٿرپِٽرَ:** ظرف. کليل هٿين — بنا ٻڪن وجهڻ جي — هاٿڙ پاٿڙ.

ـ **اَٿرپِٽرُ ڳالهائڻ:** ٻي ڊپو تي ڳالهائڻ. لڄ لاهي بي حجاب ٿي گفتگو ڪرڻ.

• **اَٿرجڻُ:** مصدر "اُٿرڻ" مان فعل مجهول. ٿيڙ کائي پري ٿيڻ. اُڪرجڻ. ٽاٻرجڻ.

• **اَٿرڻُ:** مصدر. [سن اَتپت = متي ٿيڻ] ٿيڙ کائڻ — ٽڙي وڃڻ — جاءِ تان ٽڙڻ. اُڇل کائڻ. اُڪرڻ (ڪاٺيءَ تان چوٽي جو. نڙيءَ مان ڪانگهاري جو). ٽاٻرجڻ. بيماريءَ جو موٽڻ — اُٿل کائڻ موقوف ٿيڻ — ٽڏجڻ. (بيماريءَ سبب) گهٽا موت ٿيڻ (اُٿريو — اُٿرندو — اُٿريل).

• **اَٿَڪُ ج اَٿڪَ:** ذ. صفت. [اَ + ٿَڪ] اَڻ ٿَڪ — نہ ٿڪندڙ. اُورچ.

• **اَٿڪائي:** ٿ. نہ ٿڪجڻ واري حالت — اورچائي.

• **اَٿڪَ ج اَٿڪون:** ٿ. اُٿ — اُٿي — اُٿڻ جو نمونو. "ويهڪ" جو ضد.

ـ **اَٿڪ بيٺڪ:** ٿ. اُٿ ويهہ — هڪ قسم جي ورزش.

ـ **اَٿڪ ويهڪ:** ٿ. اُٿڪ بيٺڪ — اُٿ ويهہ.

• **اَٿڪڻ (ٿ):** ظرف. هتي.

• **اَٿَلُ ج اَٿلَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + سٿلَ = بيهڻ] بي قرار — غير محڪم — لچڪٽو — هلڙو ڦلڙو.

• **اَٿلُ:** اسم خاص. لس ٻيلي ۾ هڪ ڳوٺ ۽ تعلقي جو نالو.

• **اَٿلُ ج اَٿلون:** ٿ. [سن. اُپلاوَ > اُپلَ = اُٿلڻ] پاڻيءَ جي ليٽ — ٻوڏ — سيلابُ. پالوٽ — پلٽ. وڏيءَ بيماريءَ سببان گهٽو موت. موٽ. دل جو امنگ يا جوش "ڳهڙان گهوريو جندڙو اٿل مون اوپار" (شاهہ). هڪ ٻئي سان ڪيڪار. گهري لڳپڙهہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **اُٿيو ويلو:** ذ. صفت. گهميو ڦريو. تجربه ڪار. جهان ديدو.
ـ **اُٿئي ويلي:** ظرف. اُٿندي ويهندي "اُٿيي ويئي آرام نہ آوي، هيو نہ ڪريان ڪوئي ڪام" (رمضان واڍو).
ـ **اُٿي ويلي:** ث. ٿورو گهڻو ڪم – معمولي ڪم. اندر ٻاهر جي اچ وڃ. خدمت – ٽهل ٽڪور.
ـ **اُٿي ويلي ڪرڻ:** ٿورو گهڻو ڪم ڪار ڪرڻ. ٽهل ڪرڻ. خدمت چاڪري ڪرڻ.
• **اُٿو:** ذ. ڪپڙو ٺڪيندڙ جيت يا سُرو – چُتو – ڏُتو – ٻُوتو.
• **اُٿوڙ ج اُٿوڙون:** ث. اُٿَڙ – اُها ڳئون يا مينهن وغيره جاڳپ نہ جهلي – اُٿلاڻ.
• **اُٿوڙ ج اُٿوڙ:** ذ. اُٺ جو ننڍڙو توڏو جنهن کي ڪير ڇڏارائي گاهہ تي وجهجي.
• **اُٿوڙڻُ:** مصدر. [سن. اُتْ – ڪِڌْ = اڪوڙڻ] ڪتل شيءِ کي لوڏي لوڏي ڊِرو ڪرڻ يا ٻاهر ڪيڻ – اڪوڙڻ. ٿيڙ ڏيڻ – ٿيڙ ڪارائڻ. ٽُڏڻُ – ٽڏي ٻاهر ڪيڻ. (اُٿوڙيو – اُٿوڙيندو – اُٿوڙيل).
• **اُٿوڙي ج اُٿوڙِيون:** ث. [سن. اُتْتا = اُٿڻ] جبل جي چوٽي. جبل جو مٿانهون پاڳو.
• **اُٿو مَٿو ج اُٿامَٿا:** ذ. حد ۽ حساب. حيلو حوالو – مٿو مونو – بلو پيٺي. نِڌان – ڇيهُہ.
ـ **اُٿو مَٿو ڪرڻ:** حيلو وسيلو هلائڻ – اٿو سٿو ڪرڻ – بلو پيٺي ڪرڻ.
ـ **اُٿو مٿو نہ هئڻ:** گهٽائيءَ ڪري حد ۽ حساب نہ هئڻ – تمام گهٽي انداز ۾ هئڻ – پرو ۽ پاند نہ هئڻ ـ ڇيهہ نہ هئڻ.
• **اُٽ ويهہَ:** ث. [اُٿڻ ويهڻ < اُٽ ويهہ] اُٿڻ ۽ ويهڻ جي حالت – اُٿپ ۽ ويهَڪ. بار بار اُٿڻ ۽ ويهڻ جي ڏنل سزا. ورزش جو هڪ قسم. هلت چلت. رسم ۽ رواج. بي آرامي – بي قراري – آنڌ مانڌ – اڻ تڻ.
ـ **اُٽ ويهہ ٿيڻ، لڳڻ:** بي قراري – بي آرامي ٿيڻ.
• **اُٿهُون:** اسان کي آهي.
• **اُٿئينْ:** ظرف. هتَئين – هيڪاري – مُورڳو.
• **اُٿي:** اٿئي.
• **اُٿي:** تون اُٿي، تون ڪوشش ڪر.
• **اُٿيارڻ:** مصدر. اُٿارڻ "اُٿياري اُٿي ويا، منجهان مون آزار" (شاهہ).
• **اُٿياڪ ج اُٿياڪَ:** ذ. [اُٿڻ > اٿياڪ] اُٿڻ وارو – اُٿندڙ. نئون اسَرندڙ يا سرجندڙ – اُڀرندڙ (عشق) "اُٿيو ۽ اُٿياڪ. ڪالهوڪو ڪاڏي گيو" (شاهہ).
• **اُٿيڙ ج اُٿيڙُون:** ث. [مصدر. اُٿيڙڻ > اُٿيڙ] ڇيڙ – چونڪ. جوش – ڪاوڙ – ڏمر. اُٿل – بيماريءَ سبب گهڻو موت. بيماري. ڏک. مٿي ڏنل اُچل.
• **اُٿيڙڻُ:** مصدر. [سن. اُتْ – ڪِڌْ] ٿيڙڻ. اُڪيڙڻ. ٽُڏڻ. ڪولڻ. چونڪ ڏيڻ. جوش ڏيارڻ.
• **اُٿِيلُ:** صفت. [مصدر اُٿڻ > اُٿيل] جاڳيل (ننڍ مان). اُڀريل (اڪيون). طوفاني (سمنڊ). مجازيل (دل).
• **اُٿِيڻُ (ل):** مصدر. [سن. اُتْتا] اُٿڻ "پلاٽيان پئو، اولاٿئو نہ اُٿيي" (شاهہ). کڙو ٿيڻ – قائم ٿيڻ. جاڳڻ (ننڊ مان). هلڻ – اُسهڻ "اُن اوسيڙي اُٿيان، سنجهي ڪري سينگار" (شاهہ). سنيرڻ، نڪرڻ (ٻاهر). ڪوشش ڪرڻ. (اُٿيو – اُٿندو – اُٿيل).
ـ **اُٿِيٽي ج اُٿيٽيون (ل):** ث. مصدر. "اُٿيڻ" مان اسم. اُٿٽي. اُٿڻ جو وقت – صبح.
ـ **اُٿيو:** مصدر. "اٿڻ" مان مفعول. اڳيئي اُٿيل – جاڳيل.
• **اَٽَ، اَٽ:** ث. [سن. اَوْرتَنَ] پگهرڻ يا ڳرڻ جي حالت – لوهہ کي پاسِي تي ڏک هٽي پترو ڪرڻ جي حالت. اَٽُ – ڳارو – گداز. [سن. آوْرتّہ] عادت – هير.
• **اَٽُ ج اَٽَ:** ذ. اَسم، صفت يا فعل جي آخر ۾ ايندڙ پڇاڙي جا اصل مفهوم کي زياده زوردار بنائي "ڪُوڪَ > ڪوڪُٽُ، موڳو > موڳِٽُ، گهيرڻ > گهيرٽ".
ـ **اَٽُ پِٽ ڪائڻ:** رَک نہ ڪرڻ – بد پرهيزي ڪرڻ – گهٽ وڌ ڪائڻ.
ـ **اَٽ مٽ:** ذ. صفت. برابر. تل – هڪ جهڙو. (ملتاني) ڪوهہ جي تري جي گپ. زمين جو لٽ.
• **اِٽُ، اِٽي ج اِٽون، اِٽيون:** ث. گڏهہ جي پوئين لَت – اِٽي – پُستي – ٽونٽي. ڪچي سرَ. بيل گاڏيءَ جي ڦيٽي جي هڪ حصي جو نالو.
ـ **اِٽر ج اِٽرَ:** ذ. صفت. لتُون هڻندڙ – لتر.
ـ **اِٽَ هٽي بيهڻ:** هوڏ ٻڌي بيهڻ – ضد ڪري بيهي رهڻ. انڪار ڪرڻ.
ـ **اِٽيون ڇڏڻ:** پُستيون هڻڻ – ٽپا ڏيڻ – ڦوندجڻ.
ـ **اِٽيون هڻڻ:** بود ۾ اچڻ – خرمستي ڪرڻ.
• **اِٽُ ج اِٽَ:** ذ. گاهہ جو ٻُٽُ يا مُٽُ.
• **اُٽَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (ضلعي خيرپور ميرس ۾).
• **اُٽُ ج اُٽَ (ل):** ذ. [سن. اُدّت، اُدگْرتا، اُتُنْگتا = مٿانهين، بلندي] ڊِڳُ – ڍيرُ – دڙو – مَٽُ. ڪوڙي – گُنڊُ. بلندي – چوٽي. ڪُٻُ. "ڪيئُون پچي پوري برابر، صاف سپ تودا ۽ اُٽ" (گل).

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

- **اَٽڪ وجهڻ:** رنڊڪ وجهڻ – روڪڻ.
- • **اَٽڪ:** اسم خاص. سنڌو نديءَ تي (پنجاب ۾) هڪ شهر جو نالو. هڪ نديءَ جو نالو.
- • **اَٽڪارُ ج اَٽڪار:** ذ. ڇيڪارُ (اک ۾ ڪتر جو).
- • **اَٽڪاءُ ج اَٽڪاءَ:** ذ. اَٽڪ – جهل – روڪ – رنڊڪ. ڀچڪڙي – وگهن. اَٽڪار. دير – سيڙپ.
- **اَٽڪاءُ وجهڻ:** اَٽڪ وجهڻ. رنڊڪ وجهڻ (ڪم ۾) – ڀچڪڙي وجهڻ (نوڪريءَ يا ڪم ۾).
- • **اَٽڪائڻُ:** مصدر. [سن. اَرگڊَ] اَٽڪ وجهڻ. بند ڪرڻ. ڦاسائڻ. ڳنڍڻ. ترسائڻ. لڳائڻ (ڪم ۾). اٽڪائڻ". (اٽڪايو – اٽڪائيندو – اٽڪايل).
- **اَٽڪائي ڇڏڻ:** لڳائي ڇڏڻ (ڪنهن ڪم يا ملازمت ۾). ويڙهائي ڇڏڻ (ماڻهو). پني جي ڪنڊ پاسي تي رقم لکي ڇڏڻ. ڳنڍي ڇڏڻ.
- • **اَٽڪجڻُ:** مصدر. "اٽڪڻ" مان فعل مجهول. ڦاسجڻ. ڳنڍجڻ. بندجڻ. روڪجڻ. جهلجڻ. هبڪجڻ. ڀاڻ ۾ وڙهي ڳنڍجي پوڻ.
- • **اَٽڪ سُرخ:** ث. پسارڪي وکر جو هڪ قسم – دوا طور ڪم ايندڙ ڪاٺي جو هڪ قسم.
- • **اَٽڪَ ڦٽڪَ:** ث. اِٽڪَ ٻِٽڪَ.
- • **اَٽڪَلَ ج اَٽڪَلون:** ث. [هـ] تخمينو – قياس – انومان. اُڪو ڏُڪو – ٽڪَ – ڪَٿَ. خيال – ويچار. رٿَ – تجويز – صلاح. حڪمت عملي. ڪيڏ – چالاڪي – حرفتَ – "اٽڪل ساڻ الله، ڪڏهن ملندو ڪينڪي". رمز. سياڻپ. فَنُ.
- **اَٽڪل باز:** ذ. صفت. حرفت ڪيڏندڙ – اٽڪل ڪندڙ – چالاڪ – حرفتي – اٽڪلي.
- **اَٽڪل بازي ج اَٽڪل بازيون:** ث. حرفت بازي – ڪيڏ – چالاڪي.
- • **اَٽڪل روءِ:** ظرف. تخميناً – قياساً – تلهي ليکي – لڳ ڀڳ.
- **اَٽڪل سِٽڪَل ج اَٽڪلون سٽڪلون:** ث. حڪمت عملي. چالاڪي. حرفت بازي – اٽڪل بازي. تجويز – ڪيڏ.
- **اَٽڪل ڪرڻ:** حرفت ڪرڻ. چالاڪي ڪرڻ. ڪيڏ ڪرڻ. رٿَ رٿڻ – صلاح ڪرڻ. سياڻپ ڪرڻ.
- **اَٽڪلڻ:** ث. صفت. اٽڪل واري (عورت) ڪيڏارڻ – حرفتڻ. سياڻي. چالاڪ (عورت).
- **اَٽڪل هلائڻ. ويڙهائڻ:** حرفت ڪان ڪم وٺڻ – ڪيڏ ڪرڻ. چالاڪي ڪرڻ. تجويز ڪرڻ. منصوبو سٽڻ. سياڻپ ڪرڻ.
- • **اَٽڪلي ج اَٽڪلي:** ذ. صفت. اٽڪل باز. ڏاهو. چالاڪ. حرفتي – ڪيڏاري.
- • **اَٽڪُ مَٽڪُ:** ذ. [هـ] ناز نخرو – معشوقاڻو انداز.
- • **اَٽڪڻُ:** مصدر. [سن. اَرگڊَ] وچڙڻ – ڦاسڻ. روڪجڻ – رنڊجڻ – اَڙڻ. هَبڪڻ (ڳالهائڻ ۾). جهلجڻ – بند ٿيڻ. ڀاڻ ۾ ڳنڍجي پوڻ. (اٽڪيو – اٽڪندو – اٽڪيل).
- **اَٽڪي پوڻ. وڃڻ:** ڦاسي پوڻ. رنڊجي پوڻ. ڳنڍجي وڃڻ. لڳي وڃڻ (ڪم سان).
- • **اِٽڪي ٻِٽڪي، مَٽڪي:** ث. اِٽَڪ ٻِٽَڪَ. چالبازي – حرفت. اَٽڪَل سَٽڪَل.
- **اِٽڪي ٻِٽڪي، مٽڪي جاڻڻ:** چالبازي جاڻڻ – حرفت جاڻڻ.
- **اِٽڪي ٻِٽڪي ڪَرڻ. ڪيڏَڻ:** چالاڪي ڪرڻ. چالبازي ڪرڻ.
- • **اَٽ ڪَٽَ ج اَٽ ڪَٽون:** ث. [سن. اُٽڪ] اُڌڪو – ڪُٽڪو – اونو – اُڻ تُڻ – اوسيڙو. ڊپ – ڀؤ. اضطراب – بي قراري – فڪر.
- • **اَٽ ڪٽو ج اَٽ ڪٽا:** ذ. اَٽ ڪَٽ.
- • **اَٽَلُ ج اَٽَلَ:** ذ. صفت. [سن. اَٽَل < اَ = نہ + ٽَلُ = ٽَرڻ. چُرڻ] اڻ ٽَر – اَٽَرُ – اڻ گَس. پختو. لازوال. محڪم. ضرور ايندڙ "پاروچا پيا گهٽا، منهنجو اَٽل آريائي" (شاهه).
- **اَٽل صاحبي ڪمائڻ:** سکيو وقت گذارڻ.
- • **اَٽَل ج اَٽلون:** ث. [سن. 1. اُٽولَن = تورڻ: ٢. اُٽلُ = وڏيڪ وزن وجهڻ] تورڻ ۾ وزن جي هڪ پاسي واڌ يا سرسائي. ساهميءَ جي انهي پڙ جي ڳوراڻ جنهن ۾ تُرندڙ شيءِ پيل هجي. هڪ پاسي لاڙو – ليٽ. زيادتي – ڪثرت. اثر اندازيءَ سببان طبيعت جو رجحان "اَٽل اوڏانهين ٿئي، جيڏان ڀيجل بُرائي" (شاهه).
- • **اَٽلائڻُ:** مصدر. اَٽل واري تور ڪرڻ. اُٽائڻ – اونڌو ڪرڻ. پنيان اچلائي وجهڻ. اُلٽو جواب ڏيڻ. (اَٽلائيو – اَٽلائيندو – اَٽلايل).
- **اَٽلائي وجهڻ: اَٽلائي مٿان وجهڻ** – اونڌو ڪرڻ.
- • **اَٽل بازي ج اَٽل بازيون:** ث. بازولي – قلابازي. اٽل پٽل.
- • **اَٽل مُراداڻي:** اسم خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- • **اِٽلندو:** ظرف. اُبتو – برعڪس – هيڪاري – مورڳو – رَهندو – ماڳهين.
- • **اَٽلڻُ:** مصدر. اَٽل وارو ٿيڻ. اُلٽو ٿيڻ – اونڌو ٿيڻ – اُبتو ٿيڻ – اُٿلڻ. هارجڻ (ٽاڻ). موٽڻ – پويان پير ڪرڻ.

• **اُتلو:** ظرف. اُتلندو.
ـ **اُتلو ٽنگ رکڻ:** مورڳو مٿان حرف رکڻ — اجائي ميار رکڻ. خواه مخواه رعب ويهارڻ.
• **اِتلي:** اسم خاص. يورپ جي هڪ ملڪ جو نالو (Italy) ـ اطاليہ.
• **اَتَمُ:** ذ. [هہ] ڊيرُ.
• **اَتَ مَٿَ:** ظرف. اُتو مٿ — برابر — هڪجهڙو — مَٿَ. [ملتاني] کوه جي ٽري جي گپ. زمين جو لَٽُ.
• **اُتنبُ ۽ اُتنبُون:** ث. [سن. اُتکَنٽَ = ڳاٽ مٿي ڪئي نهارڻ، تانگهڻ، سڪڻ] سڪ — چِڪَ — تانگهہ — ڪاڏو. [سن. اُتَ + نَمبُ = ٽنبو] آڌارَ — ٽيڪَ. [سن. اُتکاسہ] ڪانسي — ڪنگهہ. اُٽپ — برخاستگي.
• **اُتنبڻُ:** مصدر. [سن. اُتَ — جُرپُ] ٿورو اُٿي وري ويهي رهڻ يا ڪري پوڻ — اُجريڙُ — اُجر ڪَڙُ.
• **اُتنگڻُ:** مصدر. [سن. اُتکنٺُ] ڳاٽ ڪڍي مٿي نهارڻ. ڪنهن وٽندڙ شخص يا شيءِ لاءِ اُڪير مان تانگهڻ — سڪَ مان انتظار ڪرڻ. (ذ). [سن. اُتَ = ڳاهہ] پسارڪي وکر جو هڪ قسم (ڪانڌيري جو هڪ قسم يا ڇيندڙ ٻج، جو دوا طور ڪم اچي).
• **اُتني ۽ اُتنيون:** ث. [سن. اَتَن] ڪمان جو ڳوشو. سڱ جي نُڪي واري پچڙي.
• **اُتڻُ:** مصدر. [سن. اُدُ — تُرٽُ = ٽٽڻ] ياراڻي ڦٽائڻ — سنگت ٽوڙڻ.
• **اُٿلو ۽ اُٿلا:** ذ. پاڻي پيئندي ٿيل ڪنگهہ — اُناڙو — اُنهڙو.
• **اُتو ۽ اُتا:** ذ. [ف. آرد] پيئل اناج (ڪڻڪ، چانور، ٻاجهري، جوئر، مڪائي). ڪابہ پيئل شيءِ ـ چُورو — ٻورو — سُفوف.
ـ **اُتائي:** صفت. اتو وکڻندڙ — اتي وارو.
ـ **اُتو آٽڻ ٿيڻ:** اتو 'آٽڻ' جي بهاني استعمال ڪري کپائي ڇڏڻ. هڙ پوري ڪرڻ. مليا ميٽ ٿيڻ. پيسجي وڃڻ.
ـ **اُتو اُتو ڪرڻ:** پچتائڻ. ڏانهون ڪرڻ — گهوڙا گهوڙا ڪرڻ.
ـ **اُتو ٻڌي پٺيان پوڻ، لڳڻ:** هڪ چتو ٿي ڪم کي لڳڻ — لاهي پاهي ڪم کي لڳڻ. اورچ ٿي لڳڻ.
ـ **اُتو جي گهوٻاٽو:** ذ. اُتي جو گهوٻاٽو — هڪ جي ٻي — اُڪبر جو مڪبر.
ـ **اُتو خراب ٿيڻ:** بُرا حال ٿيڻ — مٽي مردار ٿيڻ. رُلي مرڻ — بُرا حال ٿيڻ "اچي ڏاڙهي، اتو خراب" (چوڻي).
ـ **اُتو ڪائڻُ:** اجايو ڪم ڪرڻ — بي فائدو ڪم ڪرڻ. ڪمائي ڪائڻ (ٻئي جي). ٻاٿپ ڪرڻ ملازمت يا نوڪري ڪرڻ "اتو ڪاڏو ڪئي، مار پئي ڳابي تي = يعني ڏوهہ ڪري هڪڙو وڃي بيو" (پهاڪو).
ـ **اُتو ڪٽڻ:** محتاج ٿيڻ — لاچار ٿيڻ. ڪم ڦاسڻ — گٽي پوڻ.
ـ **اُتو گڏيل هئڻ:** مٽي مائٽي هئڻ. تعلق يا لاڳاپو هئڻ. شراڪت يا ڀائيواري هئڻ.
ـ **اُتو مٽڻ:** سڱن جي ڏي وٺ ڪرڻ.
ـ **اُتي پوري بيهڻ:** جهيڙي سڃائڻ لاءِ تيار ٿي بيهڻ.
ـ **اُتي پور ڪرڻ:** جهيڙو وجهائڻ — فساد ڪرائڻ — چيٽو پورڻ.
ـ **اُتي تي اُتو:** اصطلاح. اتي تي اتو بدلائڻ. بنا نقصان جي سودو ڪرڻ "اتي تي اتو نڪي ڪارو نڪي ڪتو".
ـ **اُتي تي ڇڄي:** اصطلاح. بيڪار ماڻهو (جو رڳو مفت ماني کائي ۽ ڪوبہ ڏنڌو نہ ڪري).
ـ **اُتي جو ڏيو ڳڏو جي ڳڏي:** ذ. صفت. بي همت — ڪمزور. ڊڄڻو — بزدل. ڦيڦو.
ـ **اُتي جو نڪُ:** ذ. صفت. بي شرم. بي نڪو.
ـ **اُتي جو نڪُ هئڻ:** لڄ شرم نہ هئڻ.
ـ **اُتي ڪاپائو:** ذ. صفت. گهٽو ڪائيندڙ — پيٽوڙي — ماني ٽوڙ. ٻين تي بارُ.
ـ **اُتي مان وار ڪڍڻ:** ذري پرزي (ڳالهہ) جاچڻ. باريڪ بيني ڪرڻ. پوريءَ طرح جاچي ڪم ڪرڻ. پورو پورو انصاف ڪرڻ. عيب جوئي ڪرڻ.
ـ **اُتي ۾ لوڻ:** تمام ٿورو — قليل — جزوي انداز.
ـ **اُتي ۾ لُوڻ ٿيڻ، ٿي وڃڻ:** ٿوري انداز ۾ ٿيڻ — گهٽ مقدار ۾ ٿيڻ — اڻ لکو. حل ٿي وڃڻ — مِلي (ڳري) وڃڻ. گمنام ٿيڻ.
ـ **اُتي ۾ لُوڻ ڪري کائڻ:** تمام ٿورو کائڻ (فائدو وغيره).
ـ **اُتي ۾ لُوڻ هئڻ:** تمام گهٽ انداز ۾ هئڻ. اڻ لکي انداز ۾ هئڻ.
• **اُتو ۽ اُتا (ل):** ذ. صفت. گوڏن تي هٿ رکي ڊونڊڙو ٿي بيٺل — ٻانبڙو — نوڙيل — ٿورو. ڊير (اُٿُ، اُدِ).
ـ **اُتو ٿي بيهڻ:** گوڏن تي هٿ رکي بيهڻ — ڊُونڊڙو ٿي بيهڻ.
ـ **اُتو ٿي پوڻ:** اونڌو ٿي پوڻ. سخت محنت ڪرڻ.
ـ **اُتو ٿيڻ:** پولهہ مٿي ڪرڻ — گوڏن ۾ نوڙيل ۽ ٻانبرو ٿيڻ.
• **اُتوتُ:** صفت. [سن. اَ = نہ + تُڊُ = پڃڻ] اڻ پڃندڙ.
• **اُتـرڻِجَڻُ:** فعل مجهول. اُتارجڻ — اتهرجڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **اِٽـوڙو (ٽ):** ذ. گرم رڳ جو ڦـُـڙو. ننڍي جـُـونءِ. سـِر جو ٽـُـڪـر — سروٽو — ڪروٽو.

• **اَٽـوڙهڻُ:** مصدر. اَٽوڙجڻ.

• **اَٽوڪُ:** صفت. [هہ اَ = نہ + ٽوڪنا = ٽوڪڻ، سوال پڇڻ، روڪڻ] جنهن کي ٽوڪي نہ سگهجي.

• **اَٽول:** صفت. اڻ گهڙيل (پٿر، هيرو وغيره). اڻ سڌريل — بي ادب.

• **اَٽومَٽ، اَٽومَٽو:** ظرف. برابر — هڪجهڙو — تور ۾ هڪ جيترو.

• **اَٽومَٽ، اَٽومَٽو:** ظرف. برابر — هڪجهڙو — تور ۾ هڪ جيترو.

ـ **اُٽو مُٽو:** ظرف. تخميناً — اٽڪل رُوءِ ـ بنا مَئڻ يا ڳڻڻ جي — اُڪو ڏڪو. ڳڏيل صورت ۾ ـ دوم شوم — ملي الحساب.

ـ **اُٽو مُٽو ہڏڻ:** تخمينو ڪرڻ — ڪَٽ ڪرڻ — اُڪو ڏڪو ہڏڻ.

• **اَٽهہُ ج اَٽهہَ:** ذ. [سن. وَٽهہ = نوڙي، رَسي] ڊِين مان وٽيل نوڙيءَ جو ٽـُـڪـر (جنهن سان ڪِڙ يا ڇپر ٺاهڻ وقت ڀَرن ۾ ڪاٺيون ہڏجن يا مُرلي جي پانديءَ ۾ مالهہ ہڏجي). ڏٽو — دلبو.

ـ **اَٽهہ ہڏڻ:** نار جي مالهہ يا ڇپر جي لڙهين کي وٽيل پيش جي نوڙيءَ سان ہڏڻ.

• **اَٽهہُ ج اَٽهہَ:** ذ. وات جي اُٽهڙ (جنهن ۾ ڪاڏو ٻاهر نڪري ايندو آهي). (صفت). دير هضم. ناگوار.

• **اَٽهاسَ:** ٿ. [سن] وَڏي کِلَ — اَٽاسو ٽهَڪُ — اجائي ٽَهہ ٽَهہ.

• **اَٽهائيندو:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + ٺهائڻ < ٺهارڻ = هلڻ، پاڙڻ، نباهڻ< ٽوَرَڻ = تڪڙو هلڻ] ناگوار — آڻ سُهائيندو. حرام — ناروا.

• **اَٽهہ پٽهہ، اَٽِي پِٽي:** ظرف. هڪ ہئي مٿان — گهٽي انداز ۾ ـ اوت اوتان — وري وري — هر هر. پرپور نموني ۾ (ٻوٽن وغيره کي پاڻي ڏيڻ).

• **اَٽهہُ سَٽهہُ:** ذ. ڳنڍ ڳوپ. اَٽڪل سَٽڪل. حيلو حوالو.

ـ **اَٽهہ سَٽهہ ڪرڻ:** ڳنڍ ڳوپ ڪرڻ. اٽڪل سٽڪل ڪرڻ. اٽڪل ۽ تجويز سان ڪنهن ڪَريل شيءِ کي درست ڪرڻ.

• **اَٽهلو ج اَٽهلا:** ذ. اَٽالو.

• **اَٽِي:** ٿ [ملتاني] سُٽ جي ڦاري. ”پَٽڪي“ لاءِ حقارت جو لفظ.

• **اِٽِي ج اِٽيون:** ٿ. راند کيڏڻ لاءِ هڪ خاص نموني ۾ ڪاٺيءَ جو گهڙيل ٽڪرو — گِلي.

ـ **اِٽِي ڏَڪَرُ:** ذ. هڪ مشهور ديسي راند — گلي ڏڪر.

• **اُٽِي ج اُٽِيون:** ٿ. [سن. اُڌ — ٽرُٽَ = ٽٽڻ] ڦيٽاڙو (سنگت ۾) ـ ڪَٽي (جا ننڍا ٻار هڪ ہئي کي سنگت ٽوڙڻ وقت ڇيچ ڏيکاري ڪندا آهن). (ضد) ٻَڌي ج ہڌيون.

ـ **اُٽِي ڪرڻ:** ياراني ڦِٽائڻ — سنگت ٽوڙڻ — ڪَٽي ڪرڻ — اُفِي ڪرڻ.

• **اُٽِي پِٽي:** ظرف. هر هر — وري وري — بار بار.

• **اُٽِي مُٽِي:** ظرف. اُٽو مٽو — دوم شوم — علي الحساب.

• **اَٽيرڻُ ج اَٽيرَڻ:** ذ. سُٽ ويڙهڻ جو ٽڪلو يا ناپٽو. سُٽَ جي ويڙهي يا ريلَ.

• **اَٽيرَڻُ:** مصدر. سُٽ ويڙهڻ — ڍيري ٺاهڻ. (گهوڙ ي کي) قواعد ڏيڻ.

• **اَٽيڻجڻُ:** مصدر. آڪلڻ — گيهہ يا تيل جي ڊُڪ ڏيڻ مهل ڊور جو آڪلجي پوڻ — اُٽهڙجڻ.

• **اَٽيڪَ:** ظرف. بنا ٽيڪ.

• **اَٺَ:** صفت. [سن. اَشْٽ؛ ف. هَشت] هڪ عدد جو نالو — ٻہ چَونڪ ـ (٨). گهٽا — جهجها — بي انداز. چتر يا چوپڙ راندين ۾ داءَ جو نالو (جنهن موجب ساري اٺ خانا اڳتي هلي سگهي). راند جو سهٽو ۽ وڏو داءُ.

ـ **اَٺَ آگرو:** ذ. صفت. اٺن آگرين جي ماپ وارو. اُهو سُوئر جنهن جا وَڃَ (سنگها) اَٺ آگر هُجن — وڏو سُوئر — اَٺورُ.

ـ **اَٺ پهَرَ:** ذ. ڏينهن رات — چوويهہ ڪلاڪ. (ظرف) اٺئي پهر — هر وقت — هر گهڙي — سڄو وقت. سدائين — هميشہ.

ـ **اَٺ پيرو:** صفت. اٺن پيرن وارو. (ذ) جيت جو هڪ قسم — ڪوريئڙو.

ـ **اَٺَ ڌاتُو:** ذ. سون، چاندي، ٽامو، قلعي، سيهو، پتل، لوهہ ۽ رُڪ.

ـ **اَٺَ ڏِسيُون:** ٿ. قبلہ نما جا اٺ طرف.

ـ **اَٺَ رُخو:** صفت. اٺن پاسن وارو — اٺن مُنْهَنَ وارو. (ذ) شطرنج راند جو هڪ مُهرو، وزير (جو اٺن طرفن ڏانهن هلي سگهي ٿو).

ـ **اَٺَ سَلو:** ذ. سهولت ۽ آساني وارو ماڳ.

ـ **اَٺَ سَلو:** ذ. اٺن سوراخن وارو — ڪٽولو (هيءُ اصطلاحي نالو اڪثر قسم کڻڻ لاءِ استعمال ٿئي ”ادا! اٺ سَلي تي ويٺو آهيان تہ اها ڳالهہ ايئن آهي“).

ـ **اَٺَ ڪاٺِيو:** ذ. صفت. [سن. اَشْٽَ = اَٺ + ڪَاشْٽَ = ڪاٺ] اَٺن ڪاٺين وارو — اٺن ڪاٺين مان ٺهيل (ڪٽولو) ”اَٺ ڪاٺ، ناٺين نوڙي، جيڪو نہ پجي تنهنجي ناني ٺوڙهي“ (ٻاراٽي ڳجهارت). [سن. اَشْٽَ = اڻ + ڪَشْٽَ = مشڪل] سخت — ڏکيو — ڪٺن — مشڪل. اهڙو ڪم جيڪو ڪرڻ ۾ ڏکيو هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• اَپاس: ث. [سن. اُپواس] روزو– ورتُ. [سن. اُپاسَ] ڏک. انتظار.
• اَپاسا: ذ. [سن] ڌيان. تفڪّر.
• اُپاسڪ ج اُپاسڪَ: ذ.صفت. [سن. اُپاسَڪَ] نوڪر – چاڪر. پوڄاري – پوءِ لڳ – پيرو.
• اُپاسنا: ث. [سن] بندگي – عبادت – پوڄا. شيوا. عبادت يا تفڪّر لاءِ هڪ طرفو ٿي ويهڻُ.
• اَپاڪ ج اَپاڪَ: ذ. صفت. [سن. اَپاڪَ < اَ + پچ = پچڻ] اڻ پڪل – خام – ڪچو – اَپڪ. پرانهون. پري کان ايندڙ. بي مثال. [اَ + پاڪ] ناپاڪ – پليد.
• اَپاڪرو ج اَپاڪرا: ذ. صفت. [اَ + پاڪ] ناپاڪ – پليد. اُٺونگڙو – هلڪڙو – اڻ ڏبيل. متاچرو – سرسري طور.
• اَپانُ: ذ. [سن. اَپانَ = ساهُ باهر ڪڍڻ] ساهُ – تنّفس. باد – ريح – ڦوس.
• اَپانڌِ، اَپانڌي: ث. [سن. اَپاڌِ] دغا – ٺڳي – ڪُپت – ڌوهُ – دولابُ – ڪوٽُ "ڪدي ڪاپڙيءَ قُلوب مون، ما يا موهه اَپانڌِ" (دلپت).
ــ اَپانڌي ج اَپانڌي: ذ. صفت. ٺڳ – ڪوٽو – ڪُپتيو "وادي، اَپانڌي، ڪوڙئين گهُمن ڪيترا" (سامي).
• اَپاهَٽ: ث. [سن. اَ = نه + پَڌَتَ = رستو، واٽ، هلت] ناسازي – بي اتفاقي – اَٽبٽت – بدسُلوڪي.
• اَپاهج ج اَپاهجَ: ذ.صفت. [سن. اَپاها = ڇڏي ڏيڻ، وسارڻ؛ اَپاسُتَ = لوڙيل. ڇڏي ڏنل. نڌڻڪو] بي ڀهُج – اَڏين. مسڪين. هيڻو – ڪمزور – لاغر. لُولو لنگڙو. ست.
• اَپاهڪ، اَپاهڪي: ظرف. اَپاڪ – اَپاڪي. اوچتو. اچانڪ. اتفاقي.
• اَپاءُ ج اَپاءَ اَپاوَ: ذ. [سن. اُپايَہ = اُپَ = ويجهو + آ = ساڻ + اِ = وڃڻ] بندوبست – چارو – تدارڪ – بلو – طريقو – رستو. علاج. تجويز – حيلو وسليو – تدبير. دشمن مٿان سوڀ پائڻ جو طريقو (چار طريقا: ڏنيڙ وجهڻ. صلح جون ڳالهيون هلائڻ. رشوت. ڪلر ڪلا حملو).
• اَپائڻُ: مصدر. [سن. اُتپَدِ. اُتپادَن] پيدا ڪرڻ – خلقڻ. ڪمائڻ (پيسو) ـ حاصل ڪرڻ. [سن. اُتپَتِ = اڇلائڻ]. ڪنهن جاءِ تي ڳُڏ ٿيل پاڻيءَ کي هٿن ڪرڇيءَ سان ٻاهر ڪڍڻ. ٻيڙيءَ اندر سميل پاڻي ڇاڃيءَ سان ڪڍڻ. (اَپايو – اَپائيندو – اَپايل).
ــ اَپائڻهار: ذ. صفت. [سن. اُتپادَڪ] پيدا ڪندڙ. خالق – سرجٹهار.
ــ اَپائپي ج اَپائپيون: ث. پيدايش – اُپت – ڪمائي – آمدني.
ــ اَپائُو ج اَپائُو: ذ. صفت. پيدايش وارو – اُپائتو – زرخيز. ڪندڙ ڪمائيندڙ.

• اُپبَن: ذ. [سن. اُپَ = مٿي + وَنَ = وڻ جهنگل] جهڄڻو. هٿراڏو جهنگل يا باغ.
• اُپبيٽ ج اُپبيٽ: ذ. [سن. اُپَ = ذري گهٽ + دُويپ = ٻيٽ] اُهو زمين جو ٽڪر جنهن کي ٽِن پاسن کان پاڻي ۽ چوٿين پاسي خشڪي هجي.
• اُپ ڀاشا ج اُپ ڀاشائون: ث. [سن. اُپ + ڀاشا = ٻولي] مکيه ٻوليءَ جي شاخ يا فرع. ڳاڙ ٻولي.
• اَپ ڀرنش: ث. [سن. اَپڀرنش < اَپَ = هيٺ + ڀرنش = ڪرڻ] معيار کان ڪريل لفظ. غير معياري ٻولي. ڪريل يا بگڙيل ٻولي. پراڪرت ٻولين مان تمام بگڙيل ٻولي. ڳوناٺي نادرست ٻولي. ويا ڪرڻ جي قانون خلاف لفظ. خراب ڏڪو.
• اَپتِ: ث. [سن. اَپتِ] بي ويساهي – بي اعتباري – ڪُپت. بي عزتي. ظلم.
ــ اَپتورَتا: بي پتي يا بيوفا عورت.
ــ اَپتيارو، اَپتيو ج اَپتيارا، اَپتيا: ذ. صفت. بي پتيو – بي اعتبار – ڪُپتيو.
• اُپت: ث. [سن. اُتپتَ < اُدُ = مٿي + پَدُ = پيدا ڪرڻ] پيدايش – پيداوار – ڪمائي – آمدني – حاصلات.
ــ اُپتائتو ج اُپتائتا: ذ. صفت. اُپت وارو – آمدني وارو – پيدايش وارو.
• اُپتاپُ: ذ. [سن. اُپتاپ] گرمي. درد – مرض. مصيبت – بدبختي.
• اُپتپائڻُ: مصدر. [سن. اُپَ + تَپُ] ڪڪ ڪرڻ – تنگ ڪرڻ – هلاڪ ڪرڻ. زور ڀرڻ – گهٽو چوڻ – اصرار ڪرڻ.
• اَپٿُ: صفت. [سن. اَ = نه + پَٿَ = رستو] غلط رستي تي هلندڙ – گمراه ـ ڪُواٽ.
• اَپٿي، اَپٿيو: ذ. صفت. [سن. اَ + پَٿيَہ = دوستاڻو، موافق. فائده مند] دير هضم – ناموافق.
• اُپٽ: ث. [سن. اُدُ گهٽ = پٽڻ. ظاهر ڪرڻ] پڌرائي – اظهار – اِنڪشاف – واشگافي. اُگهٽ – اوگهڙ – ذڪر – بيان. خبر – سُڌ "پٽي ڪان اُپٽ، وري ويچ وصال جي" (خانه زئي).
• اُپٽار ج اُپٽارون: ث. [سن. اُدُ گهٽ] پڌرائي – اظهار – واشگافي. خبر – پچار – ڳالهه – ذڪر. ٿوري سُڌس – باڦور. ڦولهه. چيڙ چاڙ.

_ **اُپٽار پوڻ:** مصدر. ٿوري خبر پوڻ — ڀاڱور ملڻ — سُڌس پوڻ.

_ **اُپٽار ڪرڻ:** ذڪر اذڪار ڪرڻ. ڪا ڳالهه ڇيڙڻ — پچار ڪرڻ. واضح نموني ۾ ڳالهه ڪرڻ.

• **اُپٽارڻ:** مصدر. [سن. اُدْ + گهٽْ] ذڪر ڪرڻ — بيان ڪرڻ. پڇارڻ. (راز) کولڻ. (وري) ڇوڙ (ڪا ڳالهه). پڌرائي ڪرڻ — واشگافي ڪرڻ.

• **اُپٽڻ:** مصدر. [سن. ١. اُدگهٽْ، ٢. اُتپَٽَن < اُتْ = مٿي + پَٽْ يا پَڊ = پيدا ڪرڻ] پَٽڻ — کولڻ — واڪرڻ. ظاهر ڪرڻ — واشگاف ڪرڻ. ١. "مُٺ پيڙيائي پلي، جو اُپٽي ته واءُ" (شاهه ڪريم). ٢. "دستگير دري، اُپٽ ڪا احسان جي" (شاهه) (اُپٽيو — اُپٽيندو — اُپٽيل).

_ **اُپٽ:** ث. اُپٽڻ جي حالت — کولڻ جي حالت. پڌرائي — اظهار — واشگافي. اوگهڙ ڳالهه — ذڪر.

_ **اُپٽائڻ:** مصدر. ("اُپٽڻ" مان متعدي بالواسطه) کولائڻ — پڌرو ڪرائڻ — ظاهر ڪرائڻ.

_ **اُپٽجڻ:** مصدر "اُپٽڻ" مان فعل مجهول. کلڻ — پڌرو ٿيڻ — ظاهر ٿيڻ.

• **اُپٽڪ:** صفت. [هه] هٿين پيرين شل — ارڙانگي.

• **اُپَٽڻُ ج اُپَٽڻَ:** ذ. اُبٽڻ يا اُبٽڻ.

• **اُپٽڻ:** مصدر. [هه. اُپٽنا]. ٽڪجي پوڻ. ٽڪ ٿيڻ.

• **اُپلو ج اُپلا:** ذ. صفت. [سن. وِپَرِسْت = اُلٽو سلٽو] اُلٽو — اونڌو. ڏانوا ڏول. پريشان ڪندڙ. (ث) اُپلي ج اُپليون.

_ **اُپلي نظر:** ث. اُلٽي يا نامهربانيءَ جي نظر.

• **اُپَتني ج اُپَتنيون:** ث. [سن. اُپ = ذري گهٽ + پَتني = زال] سينڌي — ساهيڙي. وٺيا.

• **اُپَتي ج اُپَتي:** ذ. [سن. اُپ =ذري گهٽ + پَتِ = مڙسُ] يارُ سينڌو — چگهه.

• **اُپُراڻ:** ذ. ننڍو پراڻ (جو ڪنهن پراڻ جو تفسير هجي).

• **اُپَج، اُپَج:** ذ. [سن. اُپجات < اُپ = مٿي + جَن = جڻڻ، پيدا ڪرڻ] پيدايش — خلقت. جَمُر.

• **اُپجاءُ:** صفت. [سن. اُپجَنْ] آباد — سرسبز — وسندڙ — پلو.

• **اُپجائڻ:** مصدر. [سن. اُپجَنَ] پيدا ڪرڻ — خلقڻ. جڻڻ.

• **اُپجتنُ:** [سن. اُپَ = ويجهو هيٺ + يَتْ = جتن يا سعيو ڪرڻ] جتن. سعيو — تياري.

• **اُپجسُ:** ذ. [سن. اُپَ = گهٽ + يَشَسْ = جَسُ] بدنامي — خواري — گلا — رُسوائي — بي عزتي — توهين. بُرائي. داغُ.

_ **اُپجسي:** صفت. بي جسو — ڪُجسو — خواريءَ جهڙو.

• **اُپجڻُ:** مصدر. [سن. اُپجَن < اُپَ = هيٺ ويجهو + جَنْ = جڻڻ] پيدا ٿيڻ — پَڙيڻ.

• **اُپجندڙو:** ذ. صفت. جو پُڄي نه سگهي — بي پهچ — ڪمزور — هيٺو.

• **اُپڇر اُپڇرا ج اُپڇرون، اُپڇرائون:** ث. [سن. اُپسَرِس. اُپسرا] پَري — اُپسرا. تمام سُهڻي عورت — حُور.

• **اُپديشُ ج اُپديش:** ذ. [سن. اُپَ =ويجهو + دِشْ + ڏيکارڻ] نصيحت — پَند — وعظ — پرچار — هدايت — تعليم — سکيا. صلاح.

• **اُپديشڪ، اُپديشي:** ذ. صفت. واعظ — ناصح — هادي — صلاحڪار.

• **اُپرُ:** صفت. [انگ. upper] مٿاهون — مٿيون.

_ **اُپرسَنْڌ:** ذ. سنڌ جو مٿيون حصو.

_ **اُپرڪلاسُ:** مٿاهون درجو (ريل گاڏيءَ يا سئنيما ۾).

• **اُپرُ:** صفت. [سن. اُپارَ] جهجهو — گهڻو. لاثاني — بي مثل. ويتر — اُتلو — هيڪاري. اعليٰ. وڏي معنيٰ واري، وڏي فڪر سان. سمجهه ۾ اچڻ جهڙي، وڏو شاهي، غير مولي. نرالو. گهڻو. "اُپر اڳانجهو ٿيو سُور اُنين کي سڪَ" (شاهه).

• **اُپرَ:** حرف جر. ظرف. [سن. اُپرِ] مٿاهون — مٿي.

_ **اُپراُپر:** ظرف. مٿي مٿي — تمام مٿي. وري وري — ساندهه.

• **اُپرادُ ج اُپرادَ:** ذ. [سن. اُپراڌ (= اُپ = خراب طرح سان + رادُ = پورو ڪرڻ)؛ پراء اَوَرَڌ] گناهه — ڏوهه — دوش — پاپ — قصور. ظلم.

_ **اُپرادي ج اُپرادي:** ذ. صفت. گنهگار — ڏوهي — خطاڪار. ظالم — پاپي.

• **اُپرادو:** صفت. [سن. اُپرِ جتهَ] اوپرو — ڌاريو — اوڦٽو — اڻ ڇاتو.

• **اُپراڙو (ث):** ذ. ٻاهريون پاسو.

• **اُپراسو (ل):** ذ. [سن. اُپَ = گڏ + راسُ = ڏيڻ] آمدني — پيداش — اُپت — ڪٽيو — ڪمائي. صافي ڪمائي. لاڀ — نفعو — فائدو.

• **اُپرانتُ:** ظرف. [سن. اُپرانتْ < اُپرِ = مٿان + اَنَتَ = ڇيڙو] پوءِ — بعد — تنهن کان پوءِ — انهيءَ بعد — انهيءَ مٿان. بچت — باقيات. اوبر — جوٽ — وڌاريل.

• **اُپراٽو (ث):** ذ. صفت. پيرن اگهاڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريت وارو – ڪُريتو. اهند – نالائق – نامناسب.

• **اَپُهَجُ (ل):** صفت. بي پهچ – بي طاقت – بي وَسُ.

• **اَپُهَسُ:** ظرف. پُهَسُ. جلد – شتاب "اَپُهَسُ اَٿي عيسو چوي، وڃي ٿي تن سين گڏ" (ميون عيسو).

• **اَپُهَڪُ، اَپُهڪي:** ظرف. اپاهڪ – اوچتو – ناگاهه _ امالڪ. ارادي ڪان سواءِ _ بنا ويچارجي.

• **اَپُهو اَپُ:** ذ. [آواز] جتن جو اُٺن کي هڪلڻ جو مخصوص آواز.

• **اَپيتو ج اَپيتا:** ذ. صفت. [سن. اُدُ + پيٽ] وچ يا پيٽ ٻاهر نڪتل – اُپريل – ماهي پشت – ڪُبو.

• **اَپياڻ:** ذ. صفت. [اَتِٿِ = رمتو فقير] غريب – مسڪين – سُڃو. يتيم – چورو.

• **اَپيريُ:** ث. اها وات جنهن ۾ پير هٽ نه اچي – ڪپيري "اَپيريءَ ۾ پير ڪنين پاتو پيرين" (شاهه).

• **اَپيلَ ج اَپيلُون:** ث. [انگ. Appeal] هيٺينءَ ڪورٽ ۾ فتويٰ ملڻ بعد اُن ڪان مٿينءَ ڪورٽ ۾ داد ملڻ لاءِ وري ڪيل پڪار.

• **اَپينڊي:** ث. گهرج – احتياج – ضرورت – ڪَپُ – لوڙ.

• **اَپيوگُ:** ذ. [سن. اُپيوگ] مشغولي – ڪم – خدمت – فائديمندي. دوا درمل ڪرڻ. لائقي. گڏجاڻي – ويجهڙائي. واجبي هلت.

_ **اَپيوگي:** ذ. صفت. لائق – قابل ڪار – استعمال جوڳو. ڪمائتو.

• **اَجَ:** ذ. [سن. اَجَ] ٻَڪَرُ – ٻڪرو – ٽيٻرُ. گهيٽو.

• **اَجا:** ث. [سن. اَجا] ٻڪري.

• **اِجابَت ج اِجابتُون:** ث. [ع. اِجابَة = جواب ڏيڻ] جواب – قبوليت – منظوري – مڃتا – اقرار. پاخاني اچڻ جي حالت – خلاصو پيٽ.

• **اَجاتُ ج اَجاتَ:** ذ. صفت. [سن. اَجاتَ = اَڻ جاول] جو اڃا نه ڄائو هجي – اڻ پيدا ٿيل – اَڻ سرجيل. اَبدي. [سن. اَ + جات = ذات] جنهن جي ذات يا ورن (ساڳيُو) نه هجي. ذات پات مان تڙيل. نيات ڪان نڪتل – ٽالهين مان لٿل. نڙڳوءِ ڪان نڪتل.

• **اَجاپُ:** ذ. صفت. [سن. اَ – جاپَ = جپڻ. سس پس ڪري پڙهڻ] مڻ مڻ ڪري مالها يا تسبيح پڙهڻ يا عبادت ڪرڻ. ويدن جا ٽُڪرا جهيٽي آواز ۾ يا پَڻ پُڻ سان پڙهڻ.

• **اِجارَ ج اِجارون (ڪ):** ث. [ع. "ازار" جو بگڙيل ٻهراڙيءَ جو تلفظ] ازار – سلوار – سُٿڻ – ڪانچ.

• **اُجارَڻُ:** مصدر. [سن. اُجولَ > اُجَ. اُدُ + جُولَ = چمڪڻ] صفا ڪرڻ – پالش ڪرڻ. چمڪائڻ (مهٽي يا صاف ڪري). صيقل ڪرڻ "آيا اُجارين. تيگ ترارين تيورا" (شاهه). سُونارن جي اصطلاح ۾ سون چاندي وغيره کي صاف ڪري (تيزاب ۾) چلڪائڻ – اوجَرُ ڏيڻ – اوجارڻ. روشن ڪرڻ (نالو). نالو ٻڏرو ڪرڻ – ناماچار ڪيڻ (وڏن جو). سينگارڻ. سينگاري ٺاهي دفن ڪرڻ (لاش کي). (اُجاريو – اُجاريندو – اُجاريل).

_ **اُجارَ:** ذ. صفائي – صيقل – اوجَرُ. چمڪو – چلڪو. (صفت) اجاريندڙ – صاف ڪندڙ – چمڪائيندڙ.

_ **اُجارائڻُ:** مصدر "اُجارڻ" مان متعدي بالواسطه. صاف ڪرائڻ. صيقل ڪرائڻ. چلڪائڻ. ڪَٽُ ڪيڏائڻ. مَٽُ ڪيڏائڻ.

• **اُجارو ج اُجارا:** ذ. چمڪو – چلڪو. صيقل. روشني – سوجهرو. تجلو. نيڪنامي. (اسم فاعل) اُجاريندڙ – چمڪائيندڙ. ناموس ڪيندڙ.

_ **اُجاري چڙهڻ:** (ٺٺوليءَ ۾) اڏي چڙهڻ.

• **اِجارو اِجاره:** ذ. [ع. اِجارَة] محصول. ناڪو. محصول اگاڙڻ جو ٺيڪو. پٽو. ٺيڪو – مقاطعو. لاپو. ڀاڙو – ڪرايو. اهو محصول جو پاتڻي درياهه پار ويندڙ مسافرن ڪان وٺي.

_ **اِجاره دار:** ذ. صفت. ٺيڪيدار – مقاطعه دار.

_ **اِجاره داري:** ث. ٺيڪيداري – مقاطعو.

_ **اِجارهءِ ڪولاب:** ذ. سيلابي زمين ۽ ڍنڍن واريءَ زمين تي آبادي ڪرڻ جو ٺيڪو. ڍنڍن جو ٺيڪو.

_ **اِجاره نامو:** ذ. ٺيڪي جو سَنَدُ.

• **اَجاڙ:** ذ. [هـ] سٽيءَ جو ٿلهو ڪپڙو.

• **اُجاڙڻُ:** مصدر. [سن. اُتُ = مٿي + جُڙي – جَاڙَڻُ = ناس ڪرڻ] ويران ڪرڻ – سُڃ ڪرڻ – برباد ڪرڻ – چَٽ ڪرڻ "ڪانهي ڪاڻ ڪَتَڻ جي سڄل ڪي، آتڻ دوست اُجاڙيون هليو ويو" (سچل). (اُجاڙيو – اُجاڙيندو – اُجاڙيل).

_ **اُجاڙَ ج اُجاڙون:** ث ويراني – سُڃَ – ٻينگ "ٻنيوران اُجاڙ سرتيون سڪرپانڻيان" (شاهه). (صفت) برباد – ويران – غيرآباد.

_ **اُجاڙ ڪَرڻ:** برباد ڪرڻ – ويران ڪرڻ – سُڃ ڪرڻ – ٻينگ ڪرڻ.

_ **اُجاڙي چَڏڻ:** برباد ڪري ڇڏڻ – ويران ڪري ڇڏڻ.

• **اِجازَت:** ث. [ع] موڪل – رخصت – منظوري. تعويذ لکڻ يا عمل ڪرڻ جي اجازت (جا مرشد يا اُستاد ڏئي) _ هُدو.

_ **اِجازَت خواه:** ذ. موڪل گهرندڙ.

_ **اِجازَت نامو ج اِجازت ناما:** ذ. اِجازت جي سند. مختيار نامو.

• **اِجازو:** ذ. [ع. اِجازه] سَنَدَ "توکي اِجازو يا نبي ڪامل ڪوثر جو".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **اَجاڳَ ج اَجاڳ (ث):** ذ. چلڪو – چمڪو – روشني.
• **اَجاڳر:** صفت. [هه] روشن.
• **اَجالو:** ذ. [سن. اُجْوَلا] روشنائي – تجلو – چمڪو. سوجهرو – سُهائو. اُجارو – اوجَر.
• **اَجالي:** ث. [سن. اُجْوَلا] تاب – روشني.
• **اَجامر:** ذ. [سن. جامرِيَه] اَمرت جل – آب حيات.
• **اَجامر جو پاڻي پيڻ:** تمام وڏيءَ عمر جو ٿيڻ.
• **اَجايو ج اَجايا:** ذ. صفت. [اَ = نہ + جايو < ف. جا] بيجا – غير ضروري – بيسُود – بي فائدو – بيڪار – ڪنهن نہ ڪم جو – فضول. بيهودو – خواه مخواه. گهٽو. (ث) اَجائي ج اَجايون.
– **اَجايو پاڻي ولوڙڻ:** بيسود ڪوشش ڪرڻ – اَجائي محنت ڪرڻ.
– **اَجائي کي سَجايو ڪرڻ:** بيڪار کي باڪار بنائڻ – فضول ڳالهہ ۾ حقيقت پيدا ڪرڻ.
• **اِجبار:** ذ. [ع] جبرو – زور – زبردستي.
– **اِجباري:** صفت. زوري – لازمي – جبريہ.
– **اِجباري تعليم:** ث. زوري تعليم.
• **اِجتماعَ ج اِجتماعَ:** ذ. [ع] ميڙ – مجمع ميلو. ميٽنگ – سَميلَن. جماعت – سوسائٽي. سج ۽ چنڊ جو هڪ بُرج ۾ هڪ درجي ۽ هڪ دقيقہ ۾ گڏجڻ (انهيءَ وقت چنڊ نظر کان غائب ٿي ويندو آهي).
– **اِجتماع نيرَين:** ذ. سج ۽ چنڊ جو هڪ بُرج ۾ گڏ ٿيڻ واري حالت.
– **اِجتماعي:** صفت. مجموعي. جملي – گڏيل – ساريءَ جماعت سان تعلق رکندڙ – سوسائٽيءَ سان وابستہ – سَماجي.
• **اِجتناب:** ذ. [ع] ڪري – پرهيز – رڪ.
• **اِجتهادَ ج اِجتهادَ:** ذ. [ع] ڪوشش – اُدم. حديث مان پنهنجي علم ۽ فراست سان ڪو نئون فقہ جو نڪتو يا اُصول پيدا ڪرڻ.
• **اَجپو (ث):** ذ. صفت. [سن. اَجَپ = اَ = نہ = جَپ = دل ۾ ياد ڪرڻ] جو ياد ڪري نہ سگهجي. ناشدني – اڻ ٿيڻو. ناممڪن.
• **اَجداد:** ذ. [ع. جَدّ ج اَجداد] ڏاڏا. ابا ڏاڏا – وڏا بزرگ.
– **اَجرُ ج اَجر:** ذ. [ع. اَجرُ ج اَجور] عوض. قُل. جَزا. ثواب.
– **اَجرُ عَظيم:** ذ. تمام گهڻو عوض. تمام وڏو ثواب.
• **اَجَرُ:** صفت. [سن. اَ + جَرَيَہ] هضمر نہ ٿيندڙ – دير هضمر. [سن. اَ + جَر < جُڙي = ٻڍو ٿيڻ. ناس ٿيڻ] دائما جوان. غيرفاني "جنهن ۾ اَجَرُ اَمرُ پُرڪ وَسي پرماتما" (سامي). [سن. اُجْوَلَ < اُ = پہ + جْوَلَ = ٻرڻ] نہ ٻرندڙ – اُهو جنهن کي باهہ نہ ساڙي سگهي.

– **اَجَرُ جَري:** صفت. غير فاني – اَمَرُ "ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو، سمجهَي اَجَرجَري" (سامي).
• **اَجَرُ ج اَجَرَ:** ذ. [سن. اُجْوَلَ] سون، چاندي وغيره ڌاتن مان نهيل شين جي صفائي – چمڪو – اوجَر.
• **اِجرا، اِجراء:** ذ. [ع. اِجراء = جاري ڪرڻ] تعميل – بجاوري – سرانجامي. نيڪال.
• **اِجرا ڪرڻ:** جاري ڪرڻ – تعميل ۾ آڻڻ.
• **اَجرامَ:** ذ. [ع. جِرم ج اَجرام] جِرمَ – اجسام.
– **اَجرامِ چَرخ، اَجرامِ سَماء، سَماوِي، اَجرامِ فَلَڪي:** ذ. آسماني جسم – ست گره يا سيّارا – ثابت تارا – ثوابت.
• **اِجرامُ:** ذ. [ع] جُرم يا ڏوهہ ڪرڻ.
• **اُجرائڻُ:** مصدر. اُجارڻُ – جرڪائڻ – چمڪائڻ.
– **اُجرائي ج اُجرايون:** ث. صفائي – سنائي – پاڪيزگي.
• **اُجرتَ ج اُجرتون:** ث. [ع. اُجرة] عوض محنتاڻو. مزوري. قيمت.
• **اَجرڪَ (ث)، اَجرڪَ ج اَجرڪون، اَجرڪَ:** ذ. [ع. اَزْرَقُ = نيلو. اَجرڪ ۾ بنيادي رنگ نيلو ٿيندو آهي] هڪ قِسم جي رڱيل ۽ ڇَريل دڀڪن واري چادر، جا خاص طور سنڌ ۾ ڪلهن تي ڪرڻ، پٽڪي يا گوڏ ٻڌڻ لاءِ اِستعمال ٿئي: چنساليءَ جي لحاظ کان "ڪَکر"، "دهلي" وغيره قسم اٿس. "ٻہ پڙي اَجرڪَ" يعني ٻنهي پاسن کان رڱيل.
– **اَجرڪ چنڊڻ:** ڪاوڙجي اٿڻ.
– **اَجرڪ ڪُلهي تي رکڻ:** سنبرڻ – وڃڻ لاءِ تيار ٿيڻ. ڪاوڙجي وڃڻ.
• **اَجرڪاري:** ث. صفت. [اَجرڪ + ڪار] اَڌ سفيد ۽ اَڌ سُرخ – چٽڪَمري.
• **اَجرِ گَجَر:** ذ. گَند ڪچرو. (صفت) ڪين جهڙو – خسيس. گَندو – ڪنو.
• **اُجرڻُ:** مصدر. [سن. اُجْوَلَ] صفا ٿيڻ – روشن ٿيڻ – چمڪڻ "شڪرالحمدالله اُجريو آديءَ اَڳڻ احمد. سجن آيو ڪ سج اُڀريو سياهي صبحدم چيري" (ملاح). (اُجريو – اُجرندو – اُجريل).
• **اُجرو ج اُجرا:** ذ. [سن. اَجْرَيَہ = جو هضمر ڪري نہ سگهجي] بدهاضمو. (صفت) لُچو – شرير – ڏنگو (ث). گستاخ.
– **اُجرو ٿيڻ (ث):** گستاخ ٿيڻ – بي اَدب ٿيڻ.
• **اُجرو ج اُجرا:** ظ. صفت. [سن. اُجْوَلَ] صاف پاڪ – صفا –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چمڪندڙ – اُجل – اُوجل – روشن – چمڪندڙ – چمڪيدار. (ث)
اُجري ج اُجريُون.

_ **اُجَرو ٿيڻ:** صاف پاڪ ٿيڻ. (اُبتيءَ معنيٰ ۾) مُنهن ڪارو ٿيڻ.

● **اَجڙ (ث):** ذ. [سن. اَج = ولر يا ڌڻ. ٻڪَرُ: اَجا= ٻڪري] ٻڪرين يا رڍن جو ڌڻ يا وَلرُ. ٻڪري يا رڍ.

_ **اَجڙدارُ:** ذ. صفت. ٻڪرين ڌارينڌڙ – ٻڪرار. مالوَنڊ "هٽي وينا ٻڪرا سُڪ ٿي اَجڙدار" (سچل).

_ **اَجڙوالُ:** ذ. صفت. ٻڪرين وارو – ڌنار – ڀاڳيو – مالوَند. (ث). اجڙوال "آڄ مَر اَجڙوال ڪي، عُمرا سَورُ ٻين" (امير بخش).

● **اُجڙُ ج اُجڙَ:** ذ. صفتَ. [سن. اُتْ + جَري = ناس ٿيڻ] چٽ – ناس – برباد – اجاڙ. ويران – سُڃو.

_ **اُجڙ ٻُجڙ:** صفت. ويران – سُڃو.

● **اُجڙڻُ:** مصدر. [سن. اُتْ + جَري = ناس ٿيڻ] ناس ٿيڻ – چٽ ٿيڻ – ويران ٿيڻ – برباد ٿيڻ – سڃ ٿيڻ. (اُجڙيو – اُجڙندو – اُجڙيل).

_ **اُجڙي وَڃڻ:** برباد ٿي وڃڻ – ناس ٿي وَڃڻ.

● **اَجَسُ:** ذ. [سن. اَ = نه + يَشَس = شان] بدنامي – خواري – رُسوائي. (صفت) بدنام – خوار. ڪُجسو – بي سويو.

_ **اَجَسُ ڪمائڻ:** بدنامي کٽڻ – بي مانُ ٿيڻ.

_ **اَجَسي:** ث. بدبختي – ڪُجسي. خرابي – خواري.

_ **اَجَسيارو (ث):** ذ. صفت. بدنام – رُسوا – خُوار.

● **اَجسادُ:** ذ. [ع. جَسَدُ ج اَجساد] اَجسام – جسم – بدنَ – بُتَ.

● **اَجسام:** ذ. [ع. جِسْمُ ج اَجسامُ] جِسم – بَدَن – بُتَ.

● **اَجڪو ج اَجڪا:** ذ. صفت. [سن. اَجَنَ = اَ + نه + جَنَ = ماڻهو] ماڻهن کان سواءِ _ ويران – سُڃو. اَڻانگو – ڏکيو – تڪلي فده (پنڌ يا رستو). بي ڍنگو – خسيس. خالي – سکڻو. [ف. اَذوقه] آجڪو – توشو – سمر.

● **اَجڪي اَجڪا ج اَجڪا، اَجڪا:** صفت. اَجڪو.

● **اَجڪي اَجڪيو ج اَجڪا، اَجڪيا:** صفت. [سن. اَ = نه + دُهڪَ = ڏک] ڏک بغير – سولو – بي جو کو – بي خطر.

● **اَجگر ج اَجگر:** ذ. [پرا. اَيگَرَ: سن. اَجَ = ٻڪَرُ + گري = ڳِهڻ = ٻڪر ڳِهي ويندڙ] اَرڙ نانگ – اَزدها – اژدها – اَروڙ بلا "بحر بلائون بجڙيون، آفتون اجگر" (حنيظ). (صفت) تمام وڏو "اَيريس لهريون عشق جون، اجگر اَليلا" (رمضان ڪنير).

● **اَجَل ج اَجَل:** ذ. [ع. اَجَلُ ج آجالُ] مقرر ٽيل مُدو – ڪڙ. ڪٽي – قضا – موت "اَج اَجي پيس اوچتي، ڪنهن اَجل جي هيڻان آري" (رمضان ڪنير).

_ **اَجَل اچڻ:** موت اچڻ – ڪٽي اَچڻ.

_ **اَجل جي مُنهَن ۾ وڃڻ:** موت جي مُنهَن ۾ وڃڻ.

_ **اَجل رَسيدو:** ذ. موت جي چنبي ۾ آيل – مرڻينگ – موت وڳهي.

_ **اَجل طَبيعي:** ذ. طبيعي يا قدرتي موت (جو صرف حرارت غزيري جي ختم ٿيڻ سبب ٿئي). پيريءَ جو موت.

_ **اَجل ڪٽڻ:** ڪٽيءَ ڪٽڻ.

_ **اَجل کي سَڏ ڪرڻ:** ڪهڙي موت وَٺڻ.

● **اَجَلُّ:** صفت. مبالغه. [ع. "جَليْلُ" جو اسم تفضيل] سڀ کان وڏو. وڏيءَ وڏائيءَ وارو. تمام شاندار. نهايت بزرگ "نوريءَ جي نياز جو عجب اَجَلُّ هوءِ" (شاهه).

● **اُجَلُ ج اُجَلَ:** ذ. صفت. [سن. اُدْ = مٿي + جْوَلْ = چمڪڻ] صاف – اُجرو – پاڪ. چمڪندڙ. شفاف – نرمل. اُڇو – سفيد. تجليءَ وارو – چمڪدار.

_ **اُجلو ج اُجلا:** ذ. صفت. اُجَلُ – اُجرو.

_ **اُجلو ٿيڻ:** ظاهر ٿيڻ. (اصطلاحاً) بدنام ٿيڻ.

_ **اُجلو ڪرڻ:** (اصطلاحاً) خُوار ڪرڻ. نقصان رَسائڻ.

● **اِجلاسُ ج اِجلاسَ:** ذ. [ع. جَلَسَ = ويهڻ] بيٺڪ – نشست – ميٽنگ – جَلسو – ميڙ.

_ **اِجلاس سڏائڻ:** اِجتماع جي نشست ڪوٺائڻ. ميٽنگ سڏائڻ.

_ **اِجلاسُ ڪرڻ:** دربار ڪرڻ – ڪچهري ڪرڻ. ڪنهن اجتماع جي نشست سڏائڻ.

● **اَجلاڦ:** صفت. [ع. جِلفُ ج اَجلاڦ] اوباش – رولو – بدمعاش – لوفر.

● **اِجلالُ:** ذ. [ع] وڏائي – تجمّل – شان.

● **اُجلائڻُ:** مصدر. [سن. اُجْجُوَلْ] صاف ڪرائڻ – اُجرائڻ.

● **اُجلائي:** ث. صفائي – سُٺائي – پاڪائي. چمڪ. تيج.

● **اِجلِسْ:** ذ. [ع. جَلَسَ (= ويهڻ) جو امر بمعني ويهه] ويهڪ "قُرُ ٿي پهچ قريب ڪي، اِجلِس تو نه جڳاءِ" (شاهه).

● **اُجلڻُ:** مصدر. [سن. اُجْ + جْوَلْ = چمڪڻ] صاف ٿيڻ – اُجرڻ.

● **اِجْماعُ ج اِجْماعَ:** ذ. [ع. جَمَعَ = گڏ ٿيڻ] ماڻهن جو ميڙ – هجوم. ڪنهن ڳالهه تي اِتفاق راءِ _ ٻڌي – اِتّفاق. ڪنهن شرعي مسئلي تي مسلم مجتهدن جو اتفاق.

_ **اِجْماعِ اُمَّت:** ذ. جملي مسلمانن جو اِتفاق – هڪ ٿي راءِ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيهڻ واري حالت.

ـ **اِجماعِ صَحابہ:** ذ. ڪنهن فِقهي يا شرعي مسئلي تي اصحابن سڀني جو اتّفاق.

• **اِجمالُ:** ذ. [ع] مختصر بيان – اِختصار. ”تفصيل“ جو ضد.

ـ **اِجمالاً:** ظرف. مختصر طور.

ـ **اِجمالي:** صفت. مختصر. گول مول – مُبهَم.

• **اَجمَعِينَ:** عدد. [ع. اجمع ج اَجمَعُونَ. اَجمَعِينَ] سڀئي.

• **اَجمَلُ:** صفت. [ع. ”جميل“ مان اسم تفضيل] سڀ کان سهڻو.

• **اَجمَڻ (ڪِر):** ث. اجواڻ – جاڻ (دوائي ٻوٽي).

• **اَجمُود:** ذ. [ف؛ سن. اَجمودَ يا اَجمُودا = ٻڪريءَ جي موج، خوشي] ٻوٽيءَ جو هڪ قِسم – جاڻ ـ وَلجاڻ.

• **اَجميرُ:** اِسم خاص. هندستان جي هڪ رياست / شهر جو نالو جنهن ۾ خواجه معين الدين چشتيءَ (رح) جي درگاه آهي.

• **اَجنُ:** ث. [سن. اَ = نہ + جن = ماڻهو = اُها جاءِ جتي ڪو ماڻهو نہ ليي] بيابان – ويرانو.

• **اَجناسُ:** ذ. [ع. جِنس ج اَجناسُ] جنسُون.

• **اَجنالُ:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽ غلام محمد پرڳڻي (جيمس آباد) ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **اَجنَبِي:** ذ. صفت. [ع. جَنَبَ = پري رکڻ يا موڪل] پَراهُون – پرائي ملڪ جو – پرڏيهي – پرديسي. ڌاريون – غير – اوپرو – اَپاتو – اوڦتو. اڻ واقف – اَسونهون – بيگانو.

• **اَجنَبِيَّت:** ث. ڌاريائي – بيگانائي.

• **اَجنَمُ:** صفت. [سن اَ = نہ + جَنمَنَ = ڄمڻ] اَڻ ڄاوَلُ – جو ڄائو نہ هجي (يعني خدا تعاليٰ).

• **اَجڻُ (ل):** مصدر. [سن. اَج = هلڻ. هَڪلڻ] مال جو ويهڻ.

• **اَجوان. اَجواڻ:** ث. [هہ] دوا طور ڪم ايندڙ ٻج جو هڪ قِسم – جاڻ ـ ولجاڻ.

• **اَجواڻي:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **اَجوت:** صفت. [سن. اَ = نہ + جيوتس = جوت] بي جوت – اونداهو. اڻ روشن.

• **اَجوتُو:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + جُشتَ = اوباريل] اڻ چتل – پاڪ

• **اَجورُ. اَجورو:** صفت. [سن. اَ = نہ + ف. زور > جور] ازور – بي زورُ – بيطاقت – ڪمزور – هيڻو – ڏٻلُ – ڏٻرو – ضَعيف – نربل. (ث) اَجوري ”آهيان اَجوري، تنهنجي جهوريءَ جبل جهاڳيان“ (شاهہ).

ـ **اَجوري (ث):** ث. [اَ = نہ + زور] بي زوري – بي طاقتي – اَگهائي – ناچاڪائي – بيماري – علالت.

• **اُجُورو ج اُجُورا:** ذ. [ع. اُجُورَةٌ] عوض – بدلو – معاوضو. محنت جو قل – اَجُر. مَزوري. انعام. ثواب ”وڃان جي وصال کي، سي سڀ اُجُورا“ (شاهہ).

• **اُجُوره دار:** ذ. صفت. پورهيت – مزور.

• **اَجوڙ ج اَجوڙ:** ذ. صت. [سن. اَ = نہ + جُڌ = ڳنڍڻ يا ملائڻ] جنهن جو جوڙ جيس نہ هجي – بي نظير – لاثاني. اَڻ ڇڱو – ناچاڪ – بيمار.

• **اَجوڙا:** بنا ڪنهن رٿ جي. بي رٿائتا.

• **اَجوڪو ج اَجوڪا:** ذ. صفت. [هہ. اَ = نہ + جوکِمُ = جوکو؛ سن. اَ = نہ + ڌُڪَ = غم، يعني بي غم، بي فڪر] بي جوکو – بي خوف. صحيح سلامت – محفوظ – هٽيڪو – سانپيل – سانڍيل – سوگهو. (ث) اجوکِي ”وهن وراڪن ۾، اُن جي اَجوکي اوطاق“ (شاهہ).

• **اَجوکِي:** بنا جوکي جي. (ٻي معنيٰ) نرالي.

• **اَجوڳ ج اَجوڳ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + يوڳيَہ = لائق. مناسب] نہ ڄڳائيندڙ – اڻ ڄڳائيندڙ – نامناسب – غيرواجبي – ناجائز – اڻ لائق – اڻ جوڳ. خراب – بُرو.

ـ **اَجوڳائي:** ث. اَڻ سُهائيندڙ حالت. نالائقي.

ـ **اَجوڳو ج اَجوڳا:** ذ. صفت. اَجوڳ.

• **اَجُونِ. اَجُونِي:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + يُونِ = ڳرڀ. جم. يعني اهو جو وري نہ ڄمي، ۽ نئين جوڻ نہ وٺي] اڻ ڄاول – لم يولد يعني خدا تعاليٰ.

• **اَجهَلُ:** صفت. [ع. ”جاهِل“ جو اسم تفضيل] سڀ کان وڌيڪ جاهل.

• **اَجهَڻ (ڪ):** مصدر. ويهڻ (خاص ڪري وهٽن جو).

• **اَجَي:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + جَي = فتح] اڻ سوڀو – هارايل – ناڪامياب. (اسم. ث) هار – شڪست – ناڪاميابي.

• **اَجيِتُ ج اَجيِت:** ذ. صفت. [سن. اَجِتَ > اَ = نہ + جِہ = جيتڻ؛ جِتَ = جيتيل] جو جيتجي نہ سگهجي – اڻ جيت – غير مَغلوب. هميشہ غالبَ – فاتح. مضبوط.

• **اَجيتڙو ج اَجيتڙا:** ذ. صفت. جيتڙو – جيتامڙو. ضَعيف – هيڻو. ننڍڙو.

• **اَجيَدُ:** صفت. [ع. جَيِّدَ ج اسم تفضيل] تمام چڱو. زور عمدو.

• **اَجيرُ:** ذ. [ع] ڀاڙهو. اُجرت تي مزدور يا نوڪر.
• **اَجِيرڻُ:** ذ. صفت. [سن. اَجِيرڻُ > اَ = نہ + جْري = هضم ڪرڻ] بد هاضمو. بادي.
• **اُجيري (ل):** ث. اکين جي بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ رات جو نظر نہ پوي ۽ جا اڪثر حامل زالن کي ٿئي) ـ شبڪوري. جيراندي (ٻڪريءَ جي، جنهن جو کائڻ شبڪوريءَ جو علاج آهي).
• **اَجيڪار:** ذ. وڏو سمنڊ ڪُن – اوڙاهہ "آهي اهڙو اجيڪار، جنُ پرو پنهنجو پاڻ لهي" (ميون عيسو).
• **اُجين:** اِسم خاص. هندستان جو آڳاٽو شهر، جو چون ٿا تہ وڪر ماجيت جي گاديءَ جو هنڌ هو. البيروني اُن جي محل وقوع کان زمين جي گولي جو گهيرو دريافت ڪيو ۽ جنهن جي طول ۽ عرض کان مسلمان جغرافيہ نويس ٻين شهرن جي ويڪرائي ۽ ڊگهائي ڳاڪن جو حساب ڪندا هئا.
• **اَجِيوُ:** صفت. [سن. اَ = نہ + جِيوُ = حياتي يعني اهو جنهن کي ساهہ نہ هجي] بيجان – مئل – مرده.
• **اَجِيوَڪا:** ث. [سن. اَجِيوَنَ. آ = ويجهو + جِيوُ = جٽرو رهڻ] آجيوڪا – گذران – روزگار – کاڌ خوراڪ.
• **اَڄ:** ظرف. [سن. اَدْيَہ: پرا. اَڄ. اَپ] هلندڙ ڏينهن – اڄوڪو ڏينهن – اِمروز "اڄ جو ڪم، سڀاڻ تي نہ رکجي". هن وقت – هينئر "اَڄ اوڙج اَڄ. سڀان ناهہ صديق ڇٽي" (صديق فقير).
ـ **اَڄ اَڄوڪي اَڄوٽڪي اَڄوٽو:** ظرف. اَڄ ڏينهن وارو – اڄوڪو. اَڄ ٿي. اَڄوڪي ڏينهن تائين "اَڄ اَڄوڪو سوال، روضي پاس رَسندو" (ث) اَڄ اَڄوڪي، اَڄوٽڪي، اَڄوٽي.
ـ **اَڄ سڀان، اَڄ سڀاڻي:** ظرف. اڄوڪي ۽ سڀاڻڪي ڏينهن – ڏينهن ٻن ۾. جلد ئي – سُتت ئي – سگهوئي.
ـ **اَڄ سڀان، سڀاڻي تي هجڻ:** ختمر ٿيڻ تي هجڻ – تقريباً پوري ٿيڻ وارو هجڻ – قريب الاختتام هئڻ.
ـ **اَڄ سڀان، سڀاڻي جي غمر ۾ گرفتار ٿيڻ:** دنيا جي مصيبتن ۾ ڦاٿل هُئڻ. پيٽ قوت لاءِ پريشان هئڻ. ذليل حالت ۾ سرگردان رهڻ.
ـ **اَڄ سڀان ڪرڻ:** اَڄ ۽ سڀاڻي جا ڪوڙا يا سکڻا دلاسا ڏيڻ. ٽالڻ. ڳالهہ کي اَجائي ڊيگهہ ڏيڻ.
ـ **اَڄ سڀان ڪري وڃڻ:** (ڪم کي) جلدي ڪري وڃڻ – ديرنہ ڪرڻ.
ـ **اَڄ ڪلهہ:** ظرف. اَڄوڪي ۽ ڪلهوڪي ڏينهن. هلندڙ وقت ۾ – موجوده وقت ۾.
ـ **اَڄ ڪلهہ ڪرڻ:** ٽالڻ – ڍرَ وجهڻ. سکڻا دلاسا ڏيڻ.

ـ **اَڄوڪي اَڄوٽڪي اَڄوٽو:** ظرف. اَڄ جو – اَڄ وارو. هاڻوڪو – هلندڙ وقت جو – هينئر ڪو.
• **اَڄ ۽ اَڄوڻ:** ث. ["اَڄڻُ" مصدر مان اِسم، مخفف "اَوڄ" جو. ع. اَوْجَ = مٿانهين] اَوْجَ – اُڻاٽي. اوج – مَدد.
• **اَڄاڙو ۽ اَڄاڙو (ل):** ذ. صفت. [سن. اَتْ + اٽ + جْري] اُجاڙيندڙ – ناس ڪندڙ. ڦٽائو.
• **اَڄاڻ:** ذ. صفت. [سن. اَجْنا > اَ + جْنا = ڄاڻڻ يعني جنهن کي ڄاڻ نہ هجي] ـ اَڻ ڄاڻ – اَڻوجهہ. بيخبر – ناواقف. سادو سُودو. بي سمجهہ – بي وقوف. اگياني – بي علم – جاهل. نادان – بي عقل – اَياڻو (ث) اَڄاڻ "آهيان گهڻو اَڄاڻ، پر سُورِ پريان جا ساڻ مون" (شاهہ).
ـ **اَڄاڻائي:** ث. اَڻ ڄاڻائي – اَڻوجهائي – بي سمجهي. ناداني – جهالت. اَياڻپ – چريائپ – ڄٽپائي.
ـ **اَڄاڻپ:** ث. ناداني – اَياڻپ – ڄٽپائي. غير واقفيت.
ـ **اَڄاڻندي:** ث. صفت. اَڻ ڄاڻ ـ ابوجهہ "محبت منجههين مَنَ مانهہ، مون اَڄاڻندي اُجهئو" (شاهہ).
ـ **اَڄاڻو ۽ اَڄاڻو:** ذ. صفت. اَڄاڻ – اَڻ ڄاڻ – اَڻ ڄاڻندڙ.
• **اَڄٽ:** ث. [سن. اَوِدَ = اُٿڻ] اُٽَ ـ اُٿاوَت.
• **اَڄٽ سُ ۽ اَڄٽ (ت):** ذ. [سن. اَدَ = مٽي + سَٽٽ = ٻيهڻ] مٿاهين زمين.
• **اَڄٽ ۽ اَڄٽ:** ذ. [سن. اَدْ = مٽي + سَٽٽ = ٻيهڻ] شيءِ شڪل رکڻ لاءِ نوڙين مان نهيل ڇٻرو جو ڇت ۾ لڙڪيل هجي – ڇڪو.
ـ **اَڄٽ تي رکڻ:** ڇڪي تي رکڻ – اَجايو احسان جَتائڻ. خواه مخواه پاڻ ٻڌائڻ.
• **اَڄمر ۽ اَڄمر (ل):** ذ. [سن. اُدْيَمُ > اُدْ = مٿي + يَمُ = ڪٽڻ، ڪوشش ڪرڻ] اُدَمُ – سعيو ـ محنت ـ سرجوشي ـ اُتساهہ.
ـ **اَڄمائتو ۽ اَڄمائتا:** ذ. صفت. آدمي محنتي – اُوڙج – سرگرم.
• **اَڄمي ۽ اَڄمي:** ذ. صفت. [سن. اُدْيَمِي] اُدمي – محنتي – اُڄمائتو.
• **اَڄڻ:** اوجي ۾ اچڻ. اُڄي تيار ٿيڻ.
• **اَڄڻ:** اسم خاص. سنڌي مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب شاهہ، سکر ۽ حيدرآباد ضلعن ۾).
• **اَڄڻ:** مصدر. [سن. اُوِدَ = اُٿڻ] اُٿڄڻ (ڪپڙو وغيره). اُٿاوت ٿيڻ. نهڻ – تيار ٿيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**اُڇِڪُ ڄ اُڇِڪَ (ت)**: ذ. صفت. چالاڪ. هٿ جو ڇُو هو. خوش. سکي — آسُودو.

**اُڇِڪو ڄ اُڇِڪا**: ذ. هَٿ ڇو هائي ڪندڙ. چورُ. چالاڪُ.

**اُڇَلَ ڄ اُڇَلُونْ**: ث. [سن: پرا. اُڇَچَلَ < اُتْ + چَلْ + چُرڻُ يعني اڳتي هلڻ، مٿي اڏامڻ] پرواز — اُڏامَڪ. اُڇلائڻ يا ڦٽي ڪرڻ جي حالت. اُڇلجَڻ جي حالت. ڇلانگ — ٽِپ. جهٽڪو — لوڏو. ڇبي — سَٽَ. پاڻيءَ جو ڇلڪو. پالوٽ — اُٿَلَ. لَهَر. اُڏمو — جذبو — سڪَ — اُڪنڊ "آيس مَن اُڇَلَ، تيلاهين تو ٻَري" (شاهه). تيزي — تَڪَڙ. پکين ڦاسائڻ جي ڄاري. ڪانياٽي هڻڻ جو هڪ طريقو. چوپائي جو ٽُونو — اُکَلَ. [سن. اُدْ — گري] اُلٽي — قيءِ — ڪَيَ.

**اُڇَل ڏيڻ**: اُڇلائڻ. ٽپو ڏيڻ (جيئن چشمي مان پاڻي اُڇَلَ ڪائي). چِڙَبِ ڏيئي ڳالهائڻ. ڦِٽو ڪرڻ. مُبهَم ڏَسُ پتو ڏيڻ. ڳالهائيندي ڳالهائيندي ٻن معنائن واري ڳالهه ڪرڻ. اڻ سڌي ڳالهه ڪرڻ.

**اُڇَل ڪيڻ**: اُلٽي ڪيڻ — قيءِ ڪرڻ.

**اُڇَلُونْ ڏيڻ**: زور سان وهڻ (پاڻيءَ جو). وڙهڻ لاءِ اُلرون ڪرڻ.

**اُڇلائڻُ**: مصدر. [سن. اُتْ + چَلْ + چُرڻ] ڦٽو ڪرڻ — اُڇلڻ. (اُڇلايو — اُڇلائيندو — اُڇلايل).

**اُڇلْجَڻُ**: مصدر "اُڇلڻ" مان فعل مجهول. اُڇل ڪائڻ — ٽيڙ ڪائڻ — ٽَپ ڪائڻ. اُڇلجي پري پَوَڻُ. ڏَڪُ ڪائڻ.

**اُڇلڻُ**: مصدر. [سن. اُتْ + چَلْ = چُرڻ] ڦِٽو ڪرڻ — اُڇلائڻ — اُڇلائي ڇَڏڻ — سَٽڻُ" ڪٿي ڦٽو ڪرڻ — مٿان ڪري ڇڏڻ "تن وڏائين تار ۾، آڏيءَ رات اُڇلي" (شاهه). (اُڇليو — اُڇليندو — اُڇليل).

**اُڇْلو ڄ اُڇْلا (ل)**: ذ. ڏڪٽي — رڦٽي. ڏڪٽيءَ جو مرض. اُٺ جي بيماريءَ جو هڪ قِسم (جنهن ۾ ويهڻ مهل اُٺَ جون ٽنگون ڏڪن). ڳڏيڙيءَ جو مرض.

**اِڇَنا ڄ اِڇَنائُون (ت)**: ث. [سن. اِڇْڇَا] سُڪا — باس.

**اُڇَنْڊُ ڄ اُڇَنْڊَ (ت)**: ذ. صفت. [سن. اَڇَ = صاف] صاف تندرست.

**اُڇَنْگُ ڄ اُڇَنْگَ (ل)**: ذ. اُڇانگ — ٽپ. اُڏڪو. بدن تي ڏارئي هٿ لڳڻ سبب ٽيل سيسراٽُ.

**اُڇنْگارَ ڄ اُڇنْگارُونْ**: ث. [سن. اُڇَ +ڪار] زور سان سڏڪا ڀري روَئڻ جو آوازَ — اوڇنگارَ — آهه و فغان "مَلَڪ فَلَڪ، ڏرتي ڏبي، آئي عرش مٿان اُڇنگار" (شاهه).

**اُڇَڻُ، اُڇيَڻُ (لس)**: مصدر. اُٿَڻُ — سجاڳ ٿيڻ "مون ڪي سمهاري سيج تيِ، تا آڏيءَ اوءِ اُڇن". (اُڇليو — اُڇندو — اُڇيَلُ).

**اُڇو ڄ اُڇا**: ذ. صفت. [سن. اَڇَچَ: اَڇَ] اڇي رنگ جو — سفيد — بگو — اَبيضُ. چٽو — صاف — پاڪ. نِرمل. اُجل. چڱو. اڇو پاڻي "اَڇو پَيو اَڇاهُ، تہ اَڇائِي اُبَهو" (شاهه). بنا عيب — بي عيب "جئَن عمر، اڇو تُونْ، تئَن آءُ مرڪان وِچ مارئين" (شاهه). (ث. اَڇي ڄ اَڇيُون). ڏونرو. (ذ) نانگ جو هڪ قسم.

ـ **اَڇن ڏَنْڏَن جي پريت هُجَڻُ**: بنا لالچ جي قرب هُجَڻُ — بي لوث محبّت هُجَڻُ.

ـ **اَڇن ڏي ڏسڻ**: اَڇيءَ ڏاڙهيءَ جو ننگ پوڻ — وڏيءَ عمر وارن کي عزت ڏيڻ.

ـ **اَڇو اجرو ڄ اَڇا اَجرا**: ذ. صفت. صاف سُٿرو — اُجل.

ـ **اَڇو بَازِنْگرُ**: ذ. جُوئر جو هڪ قِسم (جنهن جو سنگ وڏو ۽ ڪمان وانگر وريل هجي).

ـ **اَڇو ٻرَانْگُ**: ذ. ..ارين (چانورن) جو هڪ قِسم.

ـ **اَڇو تَترُ**: ذ. ٻوليندڙ تتر جو هڪ قِسم (جو ماٺهو ڏاريندا آهن).

ـ **اَڇو پَڱُونْ (ڪ)**: ذ. ڪَاري جي مڇيءَ جو هڪ قِسم —اڇي رنگَ واري پاپليٽ.

ـ **اَڇو جائي جاوو**: ذ. ڪُڪڙ جو هڪ قِسم (جنهن جا کنڀ اَڇا ۽ ڦِڪا ڏسجڻ ۾ اچن).

ـ **اَڇو جيْرو**: ذ. جيري جو هڪ قِسم خوشبودار ٻج جو هڪ قِسمَ (جو دوا طَور ڪم اچي). پسارڪي وکر جو هڪ قسم.

ـ **اَڇو دل جو**: ذ. صفت. صاف دل — نيڪ نيّت.

ـ **اَڇو ڏَنْڊيو**: ذ. مڇيءَ جو هڪ قِسم.

ـ **اَڇو ڏِيڻُ اَڇو وَٺَڻُ**: صاف نموني ڏيتي ليتي ڪرڻ — وهنوار سُٺو رکڻ. ڏيتي ليتيءَ ۾ کُپت نہ ڪرڻ.

ـ **اَڇو ڳَارتُوهو**: ذ. (تُري) جوئر جو هڪ قسم.

ـ **اَڇو ڪرڙو (ت)**: ذ. جيت جو هڪ قسم.

ـ **اَڇو ڪَرڻ**: مهٽي سَهٽي صاف ڪرڻ. صاف ڪرڻ — چٽو ڪرڻ. ڳاهَ ڳاهڻ بعد اَنَ وائُري صاف ڪرڻ. بي ڏوهي ثابت ڪرڻ.

ـ **اَڇو ڪرڳلو**: ذ. جُوئر جو هڪ قسم.

ـ **اَڇو ڳلابُ**: ذ. ڳلاب جي گل جو هڪ قسم. چانورن جو هڪ قسم.

ـ **اَڇو ڳيرو**: ذ. ڳيري (پکيءَ) جو هڪ قسم.

ـ **اَڇو مَٿو اٿو خرابُ**: محاورو. ڪراڙپ ۾ بيهودا ۽ واهيات ڪم.

ـ **اَڇو مَٿو ٿِيَڻُ**: پيري اچڻ — مٿي جا وار اَڇا ٿيڻ.

• **اَڇو مَٿو ڪَرڻ**: پوڙهو ٿيڻ. جواني گذاري پيريءَ ۾ اچڻ.

ـ **اَڇو مُنْهَنْ ٿِيڻ**: (طنزاً) ڪارو مُنْهَن ٿيڻ — ڪنهن بہ ڪم ۾ ڪاميابيءَ بدران ناڪاميابي حاصل ٿيڻ — هارائڻ.

• **اِحتلامُ:** ذ. [ع] ننڊ ۾ تَرَ پوڻ جي حالت – تَرُ (بلوغت جي نشاني).

ـ **اِحتلامُ اَچڻُ، ٿيڻ، پوڻ:** تَرَ پَوَڻُ – ننڊ ۾ ناپاڪ ٿيڻ.

• **اِحتمالُ:** ذ. [ع] ٿي پوڻ جي حالت – شڌني – اِمڪان – انديشو. گمان – شُبهو.

ـ **اِحتمالُ ڪَرڻُ:** شڪ شُبهو ڪرڻ – گمان ڪرڻ.

ـ **اِحتمالُ هُئڻُ:** شڪ هُئڻُ. شُڌني هُئڻُ.

ـ **اِحتمالي اُصولُ:** ذ. فرضي يا شڌني اُصول.

• **اِحتياجُ:** ذ. [ع] کپُ – گُهرجَ – ضرورت – لوڙَ – طلب.

ـ **اِحتياجمَنْدُ:** ذ. صفت. گُهرجائو – ضرورتمند – محتاجُ.

• **اِحتياطُ:** ذ. [ع] حفاظت – سنڀال – جَتَن – بچاءُ. هوشياري – دورانديشي. چوڪسي.

ـ **اِحتياطًا:** ظرف. احتياط طور. دورانديشيءَ خاطر.

• **اِحتيالُ:** ذ. [ع] حيلو. اَٽڪل – ڪيڏ. هُنر–ڍنگ.

• **اَحَدُ:** صفت. [ع] هڪڙو – واحد. اڪيلو – تنها – يگانو. (اسم خاص) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو. هڪ اَللّه "الست ارواحن کي، جڏهن اَمرُ ڪيو اَحَدَ" (شاهه).

ـ **اَحدانِ:** ظرف. اَحد کان. الله کان.

ـ **اَحديّت:** ٿ هيڪڙائي – اڪيلائي – يگانگي. وحدانيت "عبديت کي اَحديت ۾، تون لاڻ چونہ لڪائين" (بيدل).

• **اُحُدُ:** اسم خاص. [ع] مديني شريف جي پرسان هڪ جبل جو نالو (جنهن وٽ مڪّي جي ڪافرن ۽ رسول الله صلي الله عليہ و آلہٖ وسلم جن جي وچ ۾ لڙائي لڳي هئي).

• **اِحدَاثُ:** ذ. [ع] ڪنهن شيءِ جي نئين سر پيدا ڪرڻ يا رواج ۾ آڻڻ جي حالت.

• **اَحدي ج اَحديُ:** ذ. صفت. [ع] هٿيارن پنهوارن سان نوڪر – سپاهي. جنگجو – پهلوان.

• **اَحرارُ:** ذ. [ع] شريف آزاد خيال آدمي – اُهي ماڻهو جي دنيا جي بندڻن کان آجا آهن. (اسم خاص) هڪ سياسي جماعت جو نالو.

• **اِحرامُ ج اِحرامُ:** ذ. [ع] حج يا عمري جي موقعي تي اڻ سبيل چادرون هڪ سان گوڏ ٻڌجي ۽ ٻي بدن کي ويڙهبي آهي. اهڙي اڻ سبيل ٻہ ڪپڙي پهرڻ جي رسم. هڪ مقرر جاءِ کان ڪعبة الله تائين پاڻ تي ڪن (جائز) ڪمن جي حرام ڪرڻ واري حالت.

ـ **اِحرامُ ٻڌڻ:** حج جو ارادو ڪري مڪي ڏانهن سفر شروع ڪرڻ وقت اڻ سبيل ڪپڙا يا چادر پائڻ (جن سان مٿي کان سواءِ ٻيو بدن ڍڪجي).

• **اَحزابُ:** ذ. [ع. حزبُ ج احذاب] قرآن شريف جي هڪ سُورة جو نالو. قرآن شريف جو سٺهون حصو يا اڌ سيپارو (جو وظيفي طور ڏينهن ۾ ٻہ دفعا پڙهبو آهي. جيئن ساري قرآن شريف جو دور مهيني ۾ پورو ٿي وڃي). ٽولا (خصوصاً مڪي جي ڪافرن جا. جي رسول الله صلي االله عليہ و آلہٖ وسلم سان لڙائيءَ خاطر سنبري آيا هئا. ۽ حضور جن مديني جي چوڌاري خندق کٽائي هئي).

• **اِحسَاسُ ج اِحسَاسُ:** ذ. [ع] ڪنهن بہ حواس جي وسيلي معلوميت. شعور. پروڙَ – ڄاڻ.

ـ **اِحسَاسُ ٿيڻُ:** معلوم ٿيڻ (ڪنهن بہ حواس جي ذريعي) – محسوس ٿيڻ. خبر پوڻ. قياس ٿيڻ.

• **اِحسانُ ج اِحسَانُ:** ذ. [ع. حَسَن = چڱو ٿيڻ] مهرباني – مهرَ – ٿورو – ڀلائي – وڏ نيڪي. ڪَرمُ – ٻاجهہَ.

ـ **اِحسَانَاتَ:** ذ. مهربانيون – ٿورا ڀلائيون.

ـ **اِحسَانُ جَتَائِڻُ:** احسان ياد ڏيارڻ. مهرباني ظاهر ڪرڻ. ٿورو ٽڻڻ.

ـ **اِحسَانُ رکڻُ:** ٿورو رکڻ. مهرباني رکڻ. وڏ ڪرڻ.

ـ **اِحسَانُ فَرامُوش:** ذ. صفت. احسان وساريندڙ – ڳڻ چور – بي مُروّت – بي وفا – بي شُڪر.

ـ **اِحسَانُ ڪَرڻُ:** مهرباني ڪرڻ – ٿورو ڪرڻ.

ـ **اِحسَانُ کَڻڻُ:** ٿورو کڻڻ – مهرباني کڻڻ. شڪر گذار ٿيڻ.

ـ **اِحسَانُ گُذارُ:** ذ. صفت. ٿورو لاهيندڙ.

ـ **اِحسَانُ مَڃڻُ:** ٿورو مَڃڻُ – مهرباني مڃڻ – ڳڻ مڃڻ. شُڪرگذاري ڪرڻ.

ـ **اِحسَانُ مَنْدُ ج اِحسَانُ مَنْدُ:** ذ. صفت. احسان مڃيندڙ – احسان هيٺ آيل – ٿورائتو – شڪرگذار – ممنُون.

• **اَحسَنُ:** صفت. [ع. "حَسِيْنُ" جو تفضيل] وڌيڪ چڱو – تمام چڱو – وڌيڪ خوبصورتَ ۽ نيڪ. زور پسند – نهايت وڻندڙ.

ـ **اَحسَنُ الخَالِقِيْن:** صفت. سڀ کان سهڻو خلقيندڙ (خُدا).

• **اَحسَنتَ:** ندا. [اَحسنت = تو چڱو ڪيو] شاباش.

• **اَحشَامُ:** ذ. [ع. حَشَمُ ج اَحْشَامُ] نوڪرچاڪر. حشم خدم.

• **اِحصَا:** ذ. [ع. اِحصاءُ = ڳڻڻ] ڳڻپ – ڳاڻاٽو – شمار. آدمشماري.

• **اَحَقُ:** صفت. [ع. "حقيق" جو تفضيل] وڌيڪ حقدار ـ وڌيڪ لائق.

• **اَحقَافُ:** ذ. [ع. حِقْفُ ج اَحقاف] واريءَ جا ڍير يا ڍڙا – ڍيُون. ناس ٿيل شهر. (اَسم خاص) قرآن شريف ۾ هڪ سورة جو نالو.

• **أحقَرُ:** ذ. صفت. [ع. "حَقِيرُ" جو تفضيل] وڌيڪ حقير – ڪمترين – سڀ کان گھٽ. بلڪل ذليل. ڪسرنفسيءَ لاءِ ڪم ايندڙ لفظ (جو خط يا درخواست ۾ راقم پنهنجي نالي اڳيان لکندو آهي). ناچيز – خاڪسار.

• **أحقَرِيَّت:** ث. ڪسرنفسي – انڪساري.

• **أحكَامُ:** ذ. [ع. حُڪمُ ج اَحڪامُ] حُڪمَ – اَمَرَ.

– **أحكَام شرعِي:** ذ. شريعت جا حڪم يا فرمان.

• **أحكَمُ:** صفت. [ع. "حاڪمُ" جو تفضيل] وڌيڪ پختو – محڪم.

– **أحكَمُ الحَاكِمِيْن:** اسم خاص. سڀني حاڪمن کان وڌيڪ محڪم منصف (خُدا).

• **أحمَالُ:** ذ. [ع. حمل ج اَحمالُ] بارَ – بوجَا.

• **إِحمَالُ:** ذ. [ع. حَمل] بار ڪڻائڻ جي حالت.

• **أحمَدُ:** صفت. [ع. "حَميد" جو اسم تفضيل < حَمدُ = ساراهڻ] گهڻو ساراهيل – سڀ کان وڌيڪ ساراهيل. (اسم خاص) حضرت مُحمّد مصطفيٰ صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جو ازلي نالو "احد. احمد پاڻ ۾ وجان 'ميم' فرق" (شاهه).

– **أحمدآباد:** اسم خاص. گجرات جي گاديءَ جو هنڌ. سنڌ جو هڪ شهر (جو شاهپور چاڪر تعلقي شهدادپور ضلعي سانگهڙ طرف ميان محمد مراد ياب ڪلهوڙي پنهنجي گاديءَ طور ٻڌو).

– **أحمَدِي:** صفت. رسول پاڪ صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن ڏانهن منسوب. (اسم خاص) پنجاب جي هڪ متنبّي مرزا غلام احمد جا پوءِ لڳ – قادياني. هڪ سونوسڪو.

• **أحمدائِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. چانگن ۾ لغارين جو هڪ مشهور قبيلو.

• **أحمدزئِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (قلات جي بلوچ تاجدارن جو شڪ قبيلو. جنهن کي قنبراڻي بہ چون).

• **أحمَرُ:** ذ. صفت. [ع] ڳاڙهو ـ سرخ ـ رتو ـ لال.

• **أحمَرَان:** ذ. بہ ڳاڙهيون شيون يعني گوشت ۽ شراب يا سون ۽ زعفران.

• **أحمَق ج أحمَق:** ذ. صفت. [ع] گهٽ عقل وارو – بي عقل – بي وقوف – نادان – مورک – چِسو – ٻوڪ – ددستو – چريو – مَتين مُوڙهل "پرائين دهلين احمق نچي".

• **أحمَقَانہ:** ذ. صفت. ظرف. احمق وانگر – بيوقوفيءَ سان.

– **أحمَقائو:** ذ. صفت. بي وقوفيءَ وارو – نادانن جهڙو – چريائيءَ وارو – مُور ڪاٽو (ڪم).

– **أحمَقِپَائِي:** ث. ٻوڪپائي – ناداني – بي وقوفي – چنپائي.

– **أحمَقپَتو:** ذ. احمقپائي – بيوقوفي.

• **أحوَالُ ج أحوَل:** ذ. [ع. حَالُ ج احوال. سنڌيءَ ۾ واحد طور ڪم اچي] بيان – ذِڪرُ – ڪيفيت – حالت. خبر – معلومات – چاڻ "احوال عاجزن جا، آڇج لڳ الله" (شاهه).

– **أحوَالات:** ث. "حال" جو جمع الجموع. ڪاروبار يا تندرستيءَ جي حالت.

– **أحوَال ٻڌائِڻ:** بيان ٻڌائڻ – حالت ٻڌائڻ – خبر چار ٻڌائڻ.

– **أحوَال پُرسِي:** ث. پڇا ڳاڇا (صحت بابت) – خبر چار وٺڻ (ڪنهن خاص واقعي جي يا مُلڪ جي). ڪاروبار يا صحت جي حالت لاءِ پُڇا.

– **أحوَال ڏيڻ:** حَالُ ٻڌائڻ – حَالُ اورڻ – خبر چار ڏيڻ – ذڪر ڪرڻ.

– **أحوَال وَٺڻ:** خبر وٺڻ – سُڌ سماءُ لهڻ – خبر چار پڇڻ.

• **أحوَجُ:** صفت. [ع] وڌيڪ ضروري – سڀ کان وڌيڪ ضروري. زيادہ حاجتمند.

• **أحوَلُ:** ذ. صفت. [ع] اُهو ماڻهو جو ڪڏهن ڪڏهن هڪ شيءِ کي بہ ڏسي – ٽيڏو – ڪج چشم. ٽڳُ – لُچو.

– **أحيَاءُ:** ذ. صفت. [ع. حيّ ج اَحيَاءُ] جيئرا – زنده (ذ) ٻاڙا – قبيلا.

– **أحيَاء و أموَات:** ذ. جيئرا ۽ مُئا – مُئا جيئرا.

• **إحيَاءُ:** ذ. [ع] جيئري ڪرڻ جو عمل – رُوح ڦوڪڻ جو عمل. نئين زندگي.

• **إحيَاءُ العُلُوم:** اسم خاص. امام غزالي (رح) جي مشهور ڪتاب جو نالو (جنهن جي باري ۾ امام سيوطي جو قول آهي تہ اسلام جا سڀ ڪتاب جيڪڏهن نابود ٿي وڃن ۽ فقط "احياء العلوم" باقي رهي، تہ ڪا لکا نہ پوندي).

• **أخ:** ذ. ڪنگهڻ يا کانگهاري ڪڍڻ جو آواز. حقارت جو آواز.

– **أخ أخ:** ث. ڪنگهڻ يا کانگهاري ڪڍڻ جو آواز.

– **أخ ٿُو:** ث. اَخ اخ. لعنت ملامت جو آواز – ٿُوا.

• **أخ ج أخ:** ذ. [ع. اَخ ج اِخوانُ] ڀاءُ – ادو – برادر. دوست.

• **أخبَارُ (ث) ج أخبارون: أخبارُ (ذ) أخبارُ:** [ع. خَبَرَ ج اَخبارُ. سنڌيءَ ۾ واحد طور ڪم اچي] اهو ڇپيل پنو جنهن ۾ خبرون ڏنل هجن – خبرن جو پرچو "مون ڏي اخبارُ مرسل جو مديني شهر ڏنهون آيو" (پير ظهيرالدين).

– **أخبارنويس:** ذ. (ع. اخبار + ف. نويس) اخبار جو لکندڙ – سمپادڪ – ايڊيٽر.

**اَخبارنويسي:** ث. اخبار لکڻ يا ڪڍڻ جو ڪم – ايڊيٽري.

**اَخباري:** صفت. اخبار جي – اخبار واري. (خبر).

**اُخت:** ث. [ع. اُختُ ج اَخوات] ڀيڻ – همشيره.

**اِختتامُ:** ذ. [ع] انت – ڇيهه. آخر – انتها. تڪميل – پورائي.

**اَختَر(ل):** ذ. [سن. اَستَر = ڊِڪڻ] اوڇڻ – بسترو – هنڌ.

**اَخترِ بختر:** ذ. ٽپڙ ٽاڙي – سامان سڙو – هنڌ اوڇڻ.

**اَختَرُ ج اَختَر:** ذ. [ف] تارو – ستارو – نجم. گره. بخت – ڀاڳ – نصيب "بلند اختر، نيڪ اختر = چڱي ستاري يا بخت وارو".

**اَخترِ دُمدار:** ذ. پڇڙ تارو.

**اَختر شُمار:** ذ. صفت. تارا ڳڻيندڙ. تارن جي علم جو ڄاڻو – جوتشي – نجومي.

**اَخترشُماري:** ث. تارن ڳڻڻ جو ڪم. جوتش – نجومت.

**اَخترشُماري ڪَرڻ:** تارا تڪڻ – انتظار ڪرڻ – رات جاڳڻ.

**اَخترشَناس:** ذ. صفت. جوتشي – نجومي.

**اَخترضمير:** ذ. صفت. داناءُ – ڏاهو – عاقل.

**اَختري:** ذ. اڳڪٿي ڪندڙ – نجومي.

**اِختراعُ:** ذ. [ع] ڪنهن نئين شيءِ جي ايجاد.

**اِختراعات:** ذ. ايجادون.

**اِختراع ڪَرڻ:** ايجاد ڪرڻ. ڪا به شيءِ نئين سر پيدا ڪرڻ يا ناهڻ.

**اِختصارُ ج اِختصار:** ذ. [ع] ڪنهن وڏي بيان کي ٿورن لفظن ۾ اداڪرڻ – تَتُ – خلاصو. تات پرج – حاصل مطلب – مختصر مطلب.

**اِختصار ڪَرڻ:** وڏي بيان کي ٿورن لفظن ۾ آڻڻ – مختصر ڪرڻ. تَتُ ڪڍڻ.

**اِختصاصُ:** ذ. [ع] خاص تعلق – خاص لاڳاپو.

**اِختلاجُ:** ذ. [ع] ڌڪو (دل جو) يا اضطرابُ.

**اِختلاجُ القَلب:** ذ. دل جو ڌڪو يا ڌڙڪو – دل جي هڪ بيماريءَ جو نالو.

**اِختلاطُ ج اِختلاط:** ذ. [ع] ربط – ميل جول. دوستي – صحبت. بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ ڳالهائڻ ۾ ٻاتائي ٿئي).

**اِختلاطُ العَقل:** ذ. عقل جي خرابي. بي عقلي (جا جنون جي حد تائين نہ پهتل هجي) – ماليخوليا جو هڪ قسم.

**اِختلافُ ج اِختلاف:** ذ. [ع] اَڻبڻت – ڦوٽ – وچاندر. جدا رايو – مت ڀيد. خلاف بياني. ويڇو. دشمني – خصومت – مخالفت.

**اِختلافات:** ذ. جدا جدا رايا. جهيڙا – تڪرار.

**اِختلافِ اللّيلِ وَالنّهار:** ذ. رات ڏينهن جو هڪ ٻئي پٺيان اچڻ.

_ **اِختلافِ راءِ:** ث. راين جو ٽڪر.

_ **اِختناقُ:** ذ. [ع] گهُٽو يا گهوگهو.

_ **اِختناقُ الرَّحم:** ذ. عورتن جي هڪ بيماريءَ (جنهن ۾ مريض کي غشي يا مرگهيءَ واريءَ حالت ٿئي).

• **اِختيارُ ج اِختيار:** ذ. [ع. اِختار = چونڊڻ] زور – وسُ. مرضي هلندي "وس نہ منهنجي وصال ٿيو، ڏاڍو آگي جو اختيار" (رمضان ڪنڀر). حق. حڪم. رعب. (ظرف) روءِ سوءِ – پنهنجي منهن – خود خيال.

• **اِختيارات:** ذ. اختياريون. احڪام. حقوق.

_ **اِختيار ڄمائڻ:** حق ڄمائڻ – قبضو ڪرڻ. حڪم هلائڻ. رعب وهارڻ.

_ **اِختيار رکڻ:** حق رکڻ.

_ **اِختيارُ ڪرڻُ:** پسند يا قبول ڪرڻ (ڪا ريت، رسم، عادت وغيره). پاڻ تي هموار ڪرڻ (ڪو ڪم يا ڪا ڳالهہ).

_ **اِختيارُ ملڻُ:** اختياري ملڻ – اجازت ملڻ – قانوني حق ملڻ.

_ **اِختيارُ ۾ هُئڻُ:** وَس ۾ هئڻ – قبضي ۾ هئڻ. حڪم ۾ هئڻ.

_ **اِختيار نامو ج اِختيار ناما:** ذ. اختياري ملڻ جو پروانو – مختيار نامو. حڪم. حڪم هلائڻ يا خود مختياريءَ جي اجازت.

_ **اِختياري ج اِختياريُون:** ث. مختياري. پنهنجي مرضي. (صفت) پنهنجي مرضيءَ موافق.

_ **اِختياري تَعليم:** ث. اها تعليم جا رضا سان ڏجي، نہ سرڪاري زور تي. (ضد. اِجباري = زوري. لازمي تعليم).

_ **اِختياريءَ وارو:** ذ. وَس وارو. وڏو عملدار.

• **اِختيارڻُ:** مصدر. اختيار ڪرڻ – قبول ڪرڻ – پسند ڪرڻ "قُلْ هُوالرَّحمٰنُ اَمَنّابه، اِتي اختيارين" (شاهہ).

• **اِختيار وِنسر:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهہ جو نالوَ.

• **اَختي گهوڙي:** ث. اها عورت جنهن جو اره اُپريل نہ هجي.

• **اِخداعُ:** ذ. [ع] ٺڳي – دوهہ – ريب.

• **اَخذُ:** ذ. [ع] اقتباس.

_ **اَخذ ڪرڻ:** اقتباس ڪرڻ – ٻئي جي ڪلام مان ٽڪرا وٺڻ.

_ **اَخذ وَ اِعطاءُ:** ذ. ڏي وٺ. واپار.

• **اِخراجُ ج اِخراجَ:** ذ. [ع. خَرَجَ = هو نڪتو] ٻاهر ڪڍڻ جي حالت. شهر نيڪالي – لوڏ. خرچ.

_ **اِخراجات:** ذ. [ع. اخراج ج اخراجات] خرچَ – خرچ پکا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **اَخرَبُ:** صفت. [ع. "خراب" جو تفضيل] وڌيڪ خراب يا ويران. علم عروض ۾ هڪ علت جو نالو.
• **اَخروٽُ ج اَخروٽ:** ذ. [سن. اَڪشوٽ] اَڪروٽ (سڪل ميوو).
• **اُخروي:** صفت. [ع] آخرت يا ٻئي جهان جو — "دنيوي" جو ضد.
• **اُخروي اُمور:** ذ. ٻئي جهان جا ڪم يا ڪاروبار.
• **اَخصُ:** صفت. [ع. "خاص" جو اسم تفضيل] وڌيڪ خاص.
• **اَخضَرُ:** صفت. [ع] سائو — سبز.
• **اَخفُ:** ذ. صفت. [ع. "خفيف" جو تفضيل] وڌيڪ خفيف يا هلڪو.
• **اِخفاءُ:** ذ. [ع. خَفي = هُولڪو] مخفي ڪرڻ — لڪائڻ. (علمِ اِخفاء = پاڻ لڪائڻ جو علم).
• **اَخفَشُ:** اسم خاص. [ع] اکين جو چُنجهو. عربي صرف نحو جي ٽن مشهور لکندڙن جو نالو.
• **اَخفيٰ:** صفت. [ع] سڀ کان وڌيڪ لڪل يا مخفي. صوفين وٽ دل جي ستن لطيفن مان پويون لطيفو.
• **اَخگرُ:** ذ. [ف] ٻرندڙ ڪوئلو يا اَڱر — ٽانڊو.
• **اِخلاصُ:** ذ. [ع] خلوص — سچائي. نيڪي. سچي محبت — دوستي "آدمين اِخلاص، متائي مانو ڪيو" (شاهه).
ـ **اِخلاص مَندُ:** صفت. اخلاص وارو — مخلص — خيرخواه ـ سچو دوست — سڄڻ — گهٽگهرو.
ـ **اِخلاص مَندي:** ث. خلوص — سچائي — سچي دوستي.
• **اَخلاطُ:** ذ. [ع. خِلطُ ج اَخلاطُ] چار مزاج (خُن. بلغم. صفراء. سوداء).
• **اَخلاق ج اخلاق:** ذ. [ع. خُلقُ ج اَخلاق] (واحد. اخلاق =) ماڻهپو — شرافت "چڱي اخلاق وارو" (جمع. اخلاقَ =) چڱا لڇڻ — سٺيون خصلتون — نيڪ عادتون — ارڪان.
ـ **اَخلاقِ حَسَنهُ:** ذ. چڱيون خصلتون — سُٺا لَڇڻَ.
ـ **اَخلاقِ حَميدَهُ:** ذ. ساراه جوڳيون خصلتون.
• **اَخنوخُ:** اسم خاص. [ع] حضرت ادريس جو نالو (بائيبل ۾ "اِيناڪ" لکيل آهي).
• **اَخني:** ث. [ترڪي: ف] گوشت يا مڇيءَ جو شوربو — يخني.
ـ **اخني پُلاءُ:** ذ. شوربي ۾ رڌل مرغن مصالح دار پُلاءُ يا برياني — يخني پلاءُ.
• **اِخوانُ:** ذ. [ع. اَخ ج اِخوانُ] ڀائرَ.
ـ **اِخوانُ الصَّفاءُ:** ذ. سچا ڀائر. قرون وسطيٰ ۾ مسلمان فيلسوفن جي هڪ جماعت (جن جا فلفسي بابت لکيل رسالا "رَسائلُ اِخوانِ الصَّفاءِ" جي نالي سان مشهور آهن).
ـ **اِخواني:** صفت. چلولو. متوالو — ڀاءُ جهڙو.
• **اُخوَتُ:** ث. برادري — ڀائپي. يڳانگيت.
• **اَخي:** ذ. [ع] منهنجو ڀاءُ.
• **اَخيارُ:** ذ. [ع. خَيرُ ج اَخيَارُ] چڱا ماڻهو — نيڪ انسان.
• **اَخيرُ:** صفت. [عَ. "خير" جو تفضيل] بهتر — وڌيڪ چڱو.
• **آخيرُ:** ظرف. [ع] آخرين — پڇاڙيءَ وارو — پويون. (ذ) پڇاڙي — انجام.
• **آخيرَوقتُ:** ذ. پويون وقت — موت جي ويلا.
• **اَدَ(ت):** ث. خيال. ڳڙڪ.
• **اَدا!:** حرف ندا. اي ڀاءُ! — اي ڀائو!
• **اَدا:** ث. [ع. اَداءُ = پورو ڪرڻ] ادائي بجا آوري — پورائي. (صفت) پورو — سر انجام "اصل لکيو انگ ۾ ٿيندو تان ٻه ادا" (شاهه).
ـ **ادا بَندي:** ث. ڪنهن به ذمي يا فرض جي بجا آوريءَ لاءِ مقرر مدو.
ـ **ادا ڪرڻ:** پورو ڪرڻ (حق). واپس ڪرڻ (قرض). پورو تلفّظ يا اچار ڪرڻ. مخرجن موافق قرآن شريف پڙهڻ. ناز نخرو ڪرڻ.
ـ **اَدائي ج اَدائيون:** ث. ادائگي — بجا آوري — سر انجامي.
ـ **اَدائي ڏيڻ:** (مڱڻهارن جو اصطلاح) گهور يا لاڳ ڏيڻ.
ـ **اَدائگي:** ث. بجا آوري — پورائي — سرانجامي.
ـ **اَدا ج اَدائون:** ث. [ف] انگل آرو — عشوو "اي ماه لقا، محبوب خدا، تنهنجي ناز ادا تان جان فدا" (مفتون). غمزو — ناز انداز — ناز نخرو. ڍنگ — طريقو — نمونو — وضع. لطافت — نزاڪت. آواز يا تلفظ جي پورائي.
ـ **ادا بَند:** صفت. اهو جو ناز نخرا بيان ڪري.
ـ **اَدا بَندي:** ث. نازن جي وصف.
ـ **اَدا شَناس:** ذ. صفت. اشارن مان مطلب سمجهندڙ. ناز سڃاڻندڙ. سمجهو — فهيم.
ـ **اَدا فَهمُ:** ذ. صفت. اهو جو اشارن مان ڳالهه پروڙي وجهي. ناز نخري جي نمونن جو ماهر.
ـ **اَداڪارُ ج اَداڪارُ:** ذ. صفت. ناٽڪ ۾ بهرو وٺندڙ — نٽ — ويس ڌاري ائڪٽر (انگ Actor).
• **اَدابُ ج اَداب:** ذ. [ع. عَذابُ] ڏک — سور — عذاب.
• **اَداتُ ج اَدات (ت):** ذ. [ع. اَداة ج اَدَوَاتُ] اوزار — هٿيار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **اُداتا:** صفت. [سن. اَ = نہ + داتر = داتا، يعني اڻ ڏيندڙ] بخيل — ڪنجوس — مکي چوس.

• **اُدارُ ج اُدارَ:** ذ. صفت. [سن. اُدارَ = اعليٰ، بلند همت] دريا دل — ڏاتار — سخي، سکر — شريف — فيّاض. ايماندار — مخلص. درست ڪار — لائق. اڻ منجهندڙ — فصيح بليغ.

_ **اُدارتا:** ث. دريادلي — سخاوت — فراخدلي — فياضي — وڏگڙدائي.

_ **اُدارچت:** صفت. آزاد طبع — ڪشاده دل. سخي.

• **اِدارو ج اِدارا:** ذ. [ع. اداره = ڦيرائڻ] آفيس — کاتو — محڪمو. انتظام — بندوبست — جوڙجڪ. خاص ڪم ڪندڙن جي انجمن يا جماعت — سَنستا.

• **اُداسڻُ:** مصدر. [سن. اُداسَ > اُدُ = پري + آس = ويهڻ. سڀ کان پري رهڻ. ڪنهن ڪم ۾ بهرو نہ وٺڻ] اُداس ٿيڻ — غمگين گذارڻ — مايوس ٿيڻ — ملول ٿيڻ. ڏکوئجڻ. (اُداسيو — اُداسيَل).

_ **اُداس:** ث. اُداسائي — مايوسي. سڪ — اُڪنڊ. ڏک سڳ کان لاپرواهي. تياڳ.

_ **اُداسُ ج اُداس:** ذ. صفت. ڏکارو — غمگين. مايوس — ملول. بيزار — منجهيل. تياڳي. اَچنتُ — بي پرواه _ لاغرض "سوئي اُداسي، جو رهي اُداس اندر ۾" (سامي).

_ **اُداسائي:** ث. غمگيني — مايوسي — پريشاني. ڳڻتي.

_ **اُداس ٿيڻ:** غمگين ٿيڻ. ملول ٿيڻ. مايوس ٿيڻ.

_ **اُداسڻ:** ث. اُداسيل — ڏکويل عورت — غمگين عورت.

_ **اُداسي ج اُداسي:** ذ. صفت. دلگير — مايوس — ملول. ڏکارو — مغموم. سڪايل — ويڳاڻل. اڪيلو — تنهائي پسند. تارڪ — تياڳي. (ذ) فقيرن جو هڪ گروه. اهو فقير يا فيلسوف جو ڪنهن ڳالهہ ۾ دلچسپي نہ وٺي ۽ ڏک سک جي پرواه نہ رهيس.

• **اِدامت:** ث. [ع. اِدامة = هميشگي بخشڻ] پايندگي — دوام — هميشگي.

• **اَدامَ الله:** ندا. [ع] شل خدا دائم رکي.

• **اُداني:** صفت. [سن. اَ = نہ + دا = ڏيڻ] اڻ ڏيندڙ — بخيل — دان نہ ڏيندڙ. [ع. اَدْنيٰ ج اَداني] وڏيڪ ويجهڙا. وڏيڪ خسيس.

• **اَدَبُ:** ذ. [ع اَدَبُ ج آدابُ] خُلق — فضيلت. تهذيب — شايستگي. عزت — مان. مروت — وڏن جو لحاظ. فهمايش — تنبيه _ سزا — سيکت "ادب اکڙين کي ڏيهاڻي ڏيان" (شاهہ). سانگو — لحاظ "ڪڻ ڪاتي، وڍ انگڙا، ادب ڪرم ڪوءِ" (شاهہ). اهو علم (علم ادب) جنهن ۾ لغت، تاريخ، فلسفي وغيره عموماً ۽ نثر توڙي نظم ۽ انهن جا قاعدا قانون (خصوصاً، بيان، معاني، بديع، عروض ۽ قوافي) سڀ اچي وڃن.

_ **اَدَب آموز:** ادب سيکاريندڙ — تهذيب جي تعليم ڏيندڙ. استاد. شاگرد.

_ **اَدب اَندازو:** ذ. چڱا لڇڻ.

_ **اَدب پَروَرِدو:** ذ. صفت. ادب ۾ پاليل (استاد يا شاگرد).

_ **اَدَبُ ڏيڻ:** سيکت ڏيڻ — گوشمالي ڪرڻ "ادب اکڙين کي ڏيهاڻي ڏيان" (شاهہ).

_ **اَدَبُ رکڻ:** عزت ڪرڻ — لحاظ رکڻ.

_ **اَدَبَ سان اُٿو هُٿُ:** تعظيم سان اٿي بيهڻ. سدائين نياز نوڙت سان گذارڻ "اِيئون گهٽي ادب سين، وٺي حورون حيرت هنڌ" (شاهہ).

_ **اَدَبسْتانُ، اَدب گاهُ:** ذ. درسگاه _ جتي ادب سيکاريو وڃي.

_ **اَدَب ۾ رکڻ:** ضابطي ۾ رکڻ.

_ **اَدَبي ج اَدَبي:** صفت. ادب وارو — پڙهيل — عالم — مهذب. علم ادب سان تعلق رکندڙ (شيون، ڳالهيون وغيره).

_ **اَدَبيّات:** ث. علم ادب يا ساهت سان لاڳاپو رکندڙ ڳالهيون — علمِ ادب.

_ **اَدبي تاريخ:** ث. علم ادب جي تاريخ.

_ **اَدَبي عُلوم:** ذ. صرف، نحو، عروض، معاني، بينا، بديع ۽ منطق.

_ **اُدَباءُ:** ذ. [ع. اديب ج اُدباءُ] اديب. علم ادب جا ڄاڻو يا ماهر.

• **اِدْبارُ:** ذ. [ع] بدبختي — بدقسمتي — تنزل. مفلسي. نياڳ — نحوست.

• **اُدْبُدو ج اُدْبُدا:** ذ. [سن. ١. اُدْبُدْ = جوش ڏيارڻ؛ ٢. بُدْبُده = بُد بدي ڦوٽو] بُدبُدو — بوڙيو — حباب — ڦوڪڻو (پاڻيءَ جو). بيقراري پيدا ڪندڙ خيال. اُڌمو — جوجڪي — ريجڪ — لهرو.

• **اُدتُ:** صفت. [سن. اُدتَ = متي چڙهيل] اُپريل (سج). مشهور — ممتاز.

• **اُدْتي:** صفت. [سن. اَ = نہ + دْوَيْتَ = دوئي] جنهن جي دل ۾ دُوئي يا ٻيائي نہ هجي. اَدْوتي. (ذ) بي پايان بهشت (زمين، ڪکرن ۽ آسمان کان تمام پري).

• **اَدَڄ (ڪ):** نڙيءَ ۾ سُرسُر. پَڪَ کنگهہ.

• **اُدَڄ ج اُدَڄ (ڪ):** ذ. ڏند.

• **اِدخارُ:** ذ. [ع. "ذَخر" بو افتعال] ذخيرو ڪري رکڻ.

• **اِدرائيونُ (ث):** ظرف. اوچتو — اتفاق سان.

داخل ڪرڻ. مثلاً "رات ڦرڙايم اکيون آسمان ۾، تان ڳڻيان ڏکڙا زماني جا گهڻا" (يعني، يارجي فراق ۾ تارا پئي تڪيم، پر انهيءَ خيال جي اندر زماني جي ڏکن جو شمار پئي ڪيم).

• **اُنْماد، اُنْمانْد:** ث. [سن. اُنمادَ = چريائي] آنڌ مانڌ – اُڻ تڻ – بي آرامي – بي چيني – بي قراري – چنتا – ڳڻتي.

• **اُدُمْبَرُ:** ذ. [سن. اُدُمبَرَ] هڪ قسم جو انجير جو وڻ. برهمڻن جو هڪ فرقو. ڪوڙهه جو هڪ قسم. چانئُٺ. ڪدڙو.

• **اَدْنيٰ:** صفت. [ع. "دَني" جو تفصيل] حقير – خسيس – ڪين جهڙو – گهٽ – معمولي – نيچ. گهٽ درجي وارو. ذليل – رذيل – ڪميڻو. "اعليٰ" جو ضد.

ـ **اَدنائي:** ث. ڪميڻپ – گهٽتائي – هيناهين – ذلت – حقارت.

ـ **اَدنيٰ ڳالهه هڻڻ:** خسيس ڪم هڻڻ – رواجي ڳالهه هڻڻ. معمولي ڳالهه هڻڻ.

ـ **اَدنيٰ واَعليٰ:** ذ. نيچ ۽ اوچ درجي جا ماڻهو.

• **اَدو ج اَدا:** ذ. ياءُ. (ث) اَدي ج اَديُون.

• **اَدْوَارَ:** ذ. [ع. دَوْرَ ج اَدْوَارَ] ڦيرا – چڪر. زمانا – عرصا.

• **اَدْوت، اَدْيوت:** صفت. [سن. اَ = نہ + دْيُت= جوت، روشنائي، يعني روشنائي کان سواءِ] اونداهو. بي نور.

• **اَدْورائي ج اَدُورايُونْ:** ث. [سن. اَدُوْدَن] دانهن – رڙ – ريهه – ڪُوڪ "ڪير سڻندو تنهنجون، اَدورايون آڇ" (شاهه).

• **اَدورو ج اَدورا:** ذ.صفت. ندورو – نياڳو – اَياڳو – ڪمبخت – بدنصيب – چنڊو. "سَدورو" جو ضد.

• **اَدورائِي ج اَدورايُون:** ث. نياڳ – ڪمبختي بدبختي – اِدْبارَ – ندورائي – اَياڳائي – چنڊائي.

• **اَدوشُ ج اَدوشَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + دوْشَ =ڏوهُ] بي قصور – بي ڏوهه – بي گناهه – معصوم – نردوشُ.

• **اَدوڙِي ج اَدوڙِيون (ٿ):** بنا ڪڙيءَ زناني جُتي.

• **اَدوهو ج اَدوها:** ذ. [ف. اَندوه] ارمان – ڏک – غم "پَسيو آسڻ اُن جا، اَدوها اچن" (شاهه).

• **اَدْوِيَه:** ث. [ع. دَواءُ ج اَدْوِيَة] دوائون.

• **اَدْوَيتُ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + دْوَيتَ = دُوئي، ٻيائي = ٻيائيءَ کان پاڪ] هيڪڙو – يگانو. بي مثل – بي نظير. يگانو يا هيڪڙو (خداتعاليٰ).

• **اَدَهُ:** ذ. [ع. اداءُ = پورو ڪرڻ] ادائگي. پُورائي. نبيرو.

ـ **اَدَهه ڪرڻ:** ڪنهن ڳالهه يا معاملي کي نبيري پورو ڪرڻ – فيصلو ڪري ختم ڪرڻ.

• **اَدْهَمُ:** ذ. [ع] ڪارو گهوڙو. (اسم خاص) هڪ وڏي صوفي ابراهيم جي پيءُ جو نالو.

• **اُدَءِ:** صفت. [سن. ١ اُدي – اُدَيَ (اُدْ = مٿي + اِ = وڃڻ) = مٿي چڙهڻ: ٢. اُد ـ اُدْيا = اُپرڻ] اُپرندڙ (گره يا سجُ). مٿي چڙهندڙ (سج، گرهه، ڪڪر وغيره). اُپرندي وارو جبل (جنهن جي پنيان چئبو آهي تہ سج اُپري ٿو). تيجُ – روشنائي.

• **اُدَءِ ٿيڻ:** اُپرڻ – مٿي چڙهڻ (سجُ).

• **اَدي ج اَدِيُون:** ث. [سن. اَت = وڏي ڀيڻ] ڀيڻ. جيڏي – ساهيڙي – سرتي.

ـ **اَدي ٻڙي:** ث. بيوقوف عورت.

• **اُدي ج اُدِيُونْ (ت):** ث. شڪار ڪرڻ لاءِ لڪي وهڻ جي جاءِ – ڪَڏڻو.

• **اَدْيانَ:** ذ. [ع. دِيْن ج اَدْيانُ] دين – مذهَب.

• **اَدْياڻِي:** اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو. رُستماڻين جو هڪ پاڙو.

• **اَدِيْبُ ج اَدِيْبَ:** ذ. [ع. اَدِيْبُ ج اُدَباءُ] علم ادب جو ماهر ۽ استاد. سُهڻي لکيت سان دلچسپي رکندڙ. ادب وارو – خوش خلق – شريف نيڪ سيرت.

• **اَديسُ، اَديشُ:** ذ. [سن. اَ = نہ + ديشَ = مُلڪ] پرديس – ڌاريو ملڪ – غير ملڪ.

• **اُديشُ ج اُديشَ:** ذ. [سن. اُدْيشُ (اُدْ = مٿي + دِشْ =پيڪارڻ) طرف ڏيکارڻ، طرف ڏي اشارو ڪرڻ، اعلانَ ڪرڻ، تعيَن ڪرڻ، وصف ڪرڻ، اڳڪٿي ڪرڻ، سمجهائڻ، سيکارڻ] طرف ڏي اشارو. طرف. رهنمائي – سونهپ. سمجهاڻي – مختصر بيان. تَسْميت (ڪنهن بہ شيءِ جو نالو ڏرڻ). تعيين – تمثيل. شرط. وهَنوار. مقرر جاءِ ـ طرف – هنڌ. مراد. وشَي.

• **اَديْمُ:** ذ. [ع] يمن ۾ ٺهندڙ خوشبودار چمڙو. اڌوڙ.

• **اُدْويگُ:** ذ. [سن. اُدْويگ < اُدْوِجَ = ڊڄڻ، ڏڪڻ، ڪنبڻ، جوش ۾ اچڻ، غمگين ٿيڻ] قاصَد – ريبارو. ڊپ – ڏڪڻي. جوش. ڳڻتي. غم. (صفت) ٿڌيءَ دل – سيتل – محڪم.

ـ **اُڏيوگُ:** ذ. [سن. اُدْ = مٿي + يُجَ = لڳائڻ = جوش ۾ آڻڻ، چالاڪ ڪرڻ، همٿائڻ] اورڇائي – جدوجهد – جفاڪشي – سرجوشي – لڳاتار ڪوشش. تياري.

ـ **اُڏيوگِي:** ذ. صفت. اورچ – جفاڪش – ڪوشش – وِنندڙ –

محنتي. چالاڪ – ڦڙت.

- **اَڌَ:** ث. ٻيڙيءَ جو مٿيون ڪَنيِ وارو اَڌ پاسو – ڳڙهه (ٻيڙيءَ جي). (صفت) گهٽ. (ظرف) هيٺ – هيٺان.
- **اَڌ ۽ اَڌ:** ذ. صفت. [سن. اَرڌَ = اَڌ] ڪنهن شيءِ جي ٻن پورن حصن مان هڪڙو حصو – اَڌُ – نصف – نيم "دلودَور درياءَ جي، ڪيو ارادي اَڌ" (شاهه).
- **اَڌ اکري:** ث. لاڪنائن يا ماترائن (حرڪات) بغير اکرن واري تحرير. وڏي لفظ جي ننڍي شڪل.
- **اَڌ اِنجي گرمت:** ث. اڌ انچ گول سوراخ ڪڍڻ جي سيراهي.
- **اَڌ ٻڏرو(ل):** ذ. صفت. ضعيف. محتاج.
- **اَڌ ڀائيوار:** ذ.صفت اهو ڀائيوار جو اڌ حصي جو مالڪ هجي.
- **اَڌتري (ث):** ث. موچين جي اصطلاح ۾ جُتيءَ جي تري ۾ لڳندڙ چمڙي جو اڌ ترو.
- **اڌ ٿيڻ:** ٻه ٽڪر ٿيڻ. ٽڪر ٽڪر ٿيڻ. پچڻ. مري وڃڻ "شل اَڌَ ٿئين" (پاراتي طور ڪم ايندڙ محاورو).
- **اَڌ پاءُ:** ذ. پاءَ جو اَڌُ. تور جو هڪ وٽ – سير جو اٺون حصو.
- **اَڌ پتيار:** ذ. صفت. اڌ ڀائيوار. اڌ حصي جو مالڪ ـ اڌ شريڪ.
- **اَڌ چٽو:** ذ. صفت. اڌ چٽل ـ نيم تندرست.
- **اَڌ پڪو:** ذ. صفت. پورو نه پڪل. نيم پخته.
- **اَڌ ڇني:** ث. گهر اڳيان اڌيل مَنهي. ننڍو ڇَنو.
- **اَڌ چورو:** ذ. اُهو ٻار جنهن جو پيءُ مري ويو هجي ۽ ماءُ جيئري هجي "پيءُ مئي اڌ چورو، ماءُ مئي سڄو چورو".
- **اَڌ دَمُ:** ذ. اڌ سَاهُ. لکڻ ۾ ٻيهڪ جي هڪ نشاني (؛).
- **اَڌ دَرُ:** ذ. سٿڻ جي طاق جو اَڌُ. ڪيس جو اڌ.
- **اڌ دَرِ ٻڌڻ:** آسانيءَ سان قبضي ۾ آڻڻ. قابو ٻڌڻ.
- **اَڌ رات:** ث. آڌي رات – نيم شب.
- **اڌ رات منجهه رات:** ظرف. گاهه بيگاهه. هر وقت
- **اَڌ رَنگُ:** ذ. بيماريءَ جو هڪ قِسم – ارڌنگ (جنهن ۾ بدن اڌ سُڪي پوي).
- **اَڌ سيرُ:** ذ. هڪ سير جو اڌ – ٻه پاو. تور جو هڪ وٽ جو سير جي اڌ برابر هجي – هڪ پائونڊ يا پَوَنُ – رطل.
- **اَڌ طبيبُ:** ذ.صفت. ٽوٽڪائي. نيم طبيب.
- **اَڌ قُطرُ:** ذ. مرڪز کان گهيري تائين ليڪ – نيم قُطر.
- **اَڌ ڪپالي:** ذ. [سن. اَرڌَ = اڌ + ڪَپَالَ = ڪپار، مٿو] اڌ مٿي جو سور.
- **اَڌ ڪچو:** ذ. صفت. اِڌ رڌو – اڌ ڳابرو پڪل نيم پخته.
- **اَڌ ڪرڻ:** ٻن پورن حصن ۾ ورهائڻ – اڌو اڌ ڪرڻ. پچڻ – ٽڪر ڪرڻ. پرزا پرزا ڪرڻ – چيهون چيهون ڪرڻ "اونهي ۾ اڌ ڪيو، دليلن دلو" (شاهه). جدا ڪرڻ – وڇوڙڻ. سخت مار ڏيڻ.
- **اَڌ ڪوهي:** ث. اڌ ڪوهه – هڪ ميل جو مفاصلو.
- **اَڌ ڪيتو:** ذ. اڌ گيڊو.
- **اَڌ ڪڙ(ث):** ث. پٽ جو حصو يا هڪ پاسو "شاهه سمنڊ پوڪي ويو، اسان اٿلائيَ اڌ ڪڙ" (حاصل فقير وسائپوٽو).
- **اَڌ ڪٽي:** ث. ڇڄهري – دالان.
- **اَڌ گردو:** ذ. صفت. اڌ گيڊو ـ اڌو ڳابرو.
- **اَڌ گولُ:** ذ. گول جو پورو اَڌَ. جاميٽريءَ موجب گول جو اهو حصو جو گهيري ۽ قطر سان محدود ٿيل هجي.
- **اَڌ گيڊو:** ذ. صفت. اڌ ڪيتو – اڌورو – اڌوڳابرو – اڻ پورو – نامڪمّل (ڪم).
- **اَڌ ڳڀُ، اَڌ ڳڀي:** ث. [سن. اَرڌ + گرڀَ = پيٽ] حمل جو پنجون مهنو. حمَل جي پنجين مهيني ڪيل سُڳڻ سات ۽ انهيءَ موقعي تي دعوت.
- **اَڌلاپي:** ث. ٻنيءَ يا جاگير جو اڌ حصو.
- **اَڌ لک:** صفت. پنجاه هزار. (ذ.) آڌاٽي جو هڪ اوزار – سوراخدار پهڻ يا ٺڪر جو گولو (جو ڪوزي ڏور ۾ ٻڌي تاڃي جي پچڙيءَ ۾ ڪاني جي مٿان لٽڪائيندا آهن ته اُنکي ڪشي بيهي).
- **اَڌ لکي:** ث. چمڙي جي پٽي جنهن تي حجام پاڪيءَ کي مات ڏين – ماڻٽي.
- **اَڌ لکي ۽ اَڌ لکيون:** ث. صفت. اڌ پوريل (اکيون) – اڌ بنديل – نيم خوابي – نيم وا "اڌ لڳيون آهين. آيل آديسين جون" (شاهه).
- **اَڌ مائو (ڪ):** ذ. صفت. اڌ گيڊو – اڌو ڳابرو.
- **اَڌ مڻُ:** ذ. مڻ جو اڌ – ويهه سير.
- **اَڌ مُوڙي:** ث. اڌ قيمت – اڌ مُلهه. بلڪل گهٽ قيمت.
- **اَڌ موڙيءَ تي ڏيڻُ:** بلڪل ٿوري ملهه تي ڏيڻ. گهٽ قيمت ۾ وڪڻڻ.
- **اَڌ مُئو ۽ اَڌ مئا، اڌ موا:** ذ. صفت. اڌ مئل – ٿڪل – ماندو – نيم بسمل – نيم جان – نيم مرده ـ هلاڪ.
- **اَڌ مُئو ٿيڻ:** تمام هلاڪ ٿيڻ – ٿڪجي ساٿو ٿيڻ.
- **اَڌ مُئو ڪرڻ:** ڏاڍي مار ڏيڻ – جاگوري ڇڏڻ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وسيلو – لاچار – ويچارو – هيٺو. (ث. اَڏر) "اَڏر نڌر اپري، اَسونهين آهيان" (شاهه). (ذ). [سن. اَڏرَ = هيڻيَون چَپَ] چَپ "اَڏَرَ عجب عجيبن جا، جي خوشيءَ مان کولي" (بودو).

• **اُڏراڙڻُ (ٿ):** مصدر. اُڏائڻ. اٿو جنڊ جي ٽانئر مان نائي سان ڪڍي ڪنهن ٿان ۾ وجهڻ.

• **اُڏ رائڻُ (ٿ):** مصدر. پڇائڻ (پانهن).

• **اَڌَرمُ:** ذ. [سن. اَ = نہ + ڌَرمَ = انصاف. دين] لادينيَت – دَهريَتَ. پاپ – گناهه – اَنياءُ – بي انصافي – ظلم.

ـ **اَڌَرمائِي:** ث. بي ديني – ناراستي. انيائي – ڪُنيائي – ناخدا ترسي. ظلم.

ـ **اَڌَرمِي:** صفت. ڌرم تي نہ هلندڙ – ڌرم کان ڦريل. اتيا چاري – بي انصاف – ظالم.

• **اُڌرنگُ:** ذ. [سن. اَرڌ = اَڌ + اَنگ = بدن. عضوو] بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ بدن جو هڪ پاسو سُڪي پوي) – ارڌانگ – فالج – لقوو.

• **اُڌرنگِي ج اُڌرنگِي:** صفت. اڌرنگ جي بيماريءَ ۾ ورتل – ارڌانگي – مفلوج.

• **اُڌِرڻُ:** مصدر. [سن. اُڌْ – ڌَرَڻَ] بچائڻ – ڇڏائڻ – نجات ڏيڻ. اُڌرڻُ – پار پئڻ – پٽي ڪڍڻ. اُڪلي وڃڻ. پنجي وڃڻ (وڻ ٽڻ). پکيڙڻ. چاڙهڻ – متي ڪٽڻ. ناس ڪرڻ. ڦيءُ ڪرڻ. قرض لاهڻ. ڇڏي وڃڻ. تڙي پکڙي وڃڻ – لڏي وڃڻ (ل). پڇڻ (ڪنهن عورت جو) – پڇي وڃڻ (ٿ). (ذ) آخرين نجات – ڇوٽڪارو – موڪ. ڦيءُ ڪڍيل ڪاڏو.

ـ **اُڌري:** ث. صفت. [سن. اُڌْ – ڌرِيتَ = پاڙئون پٽيل. جدا ٿيل: اُڌْڌرَ = پانجاريءَ کان نڪتل. آزاد. ڇڙواڳ] ڌريئون ڌار ٿيل – ننگ کان نڪتل (عورت). ڇڙواڳ – رول. بي شرم – بي لڄي "اُڌريءُ عقل ڇڏيو، نٽيءُ شرم ناهه" (خواجه محمد زمان). اُڀري – هلڪڙي (دل جي).

ـ **اُڌرِيلُ:** صفت. نڪتل (ننگ يا شرم کان). وڌي وڻ ٿيل.

ـ **اُڌري وَڃڻ:** اُٺي وڃڻ. جدا ٿيڻ. ڇڙواڳ ٿيڻ. خراب ٿيڻ. لڏي وڃڻ.

• **اَڌڙَ ج اَڌڙَ:** ذ. [سن. اَرڌ = اَڌ] ڪنهن بہ شيءِ جو اڌ حصو. سُڪل ڏونڪي يا ڪارڪ يا هليلي جو اَڌُ. سوپاريءَ جو اَڌ.

• **اَڌڙاڪُ (ت):** ث. سخت صدمو. ڪاپاري ڌَڪُ دباءُ. شڪست. ظلم.

• **اَڌڙاڪُ (ٿ):** ذ. اوچتو ٽپو – ٻڌو ٽپو – چال.

• **اَڌڙَ ڌمي:** ث. دباءُ – زبردستي – زور. گوڙ – گهمسان. بنا ويچار جي ڪم. فساد.

• **اُڌِڙَڻُ:** مصدر. [سن. اُڌْ – ڌَرَڻَ] اُڌِڙَڻُ. اُڪلي پوڻ – ٽاڪا ٽٽي پوڻ. پنجي پوڻ.

• **اَڌڙوٽ ج اَڌڙوٽَ:** ذ. صفت. اڌ وهيءَ وارو – جوانيءَ کا موٽيل – کَرڙوڌُ – نہ جوان نہ پوڙهو.

• **اَڌَڙونْع:** ث. [ملتاني] اڌو ٻنڌ – اها چادر جنهن جو اڌ چيلهہ کان هيٺ ڍڪجي ۽ اڌ متي تي ڪجي.

• **اَڌڙي ج اَڌڙيُون:** ث. [سن. اَرڌَ =اڌ] دمڙيءَ جو اڌ. اڌ ايڪڙ زمين. اڌ گزجي ڪاٽي. گيهہ جي ڏٻي (جنهن ۾ چار سير ڪ گيهہ پوي). پيرت جو هڪ نمونو.

• **اَڌڙِيل:** ث. پڇائي آندل زال. ڌاري زال.

• **اَڌڙِيو:** ذ. [سن. اَرڌ = اڌ + ڙيو = وارو] اڌ ڳوڻ – ڳوڻ جو اڌ.

• **اَڌَڪُ:** ذ. [سن. اَڌِڪَ = وڌيڪ] وڌيڪ مهنو – پرشوتم مهنو – ڌرمائو مهنو – لُنڊُ. وڌيڪ مهينو (جو سنڌ ۾ هر ٽئين ديسي سال کي شمسي سال سان ملائڻ لاءِ "آکاڙ" ۽ "سانوڻ" مهينن جي وچ ۾ ڳڌيندا آهن).

• **اَڌِڪُ:** ز. صفت. اَڌِيڪو – اٽڪل اڌ جيترو اڌ ڪن.

• **اَڌڪا:** وڌيڪ ، زياده.

• **اَڌِڪَار:** ز. [سن. اَڌِي = مٿان + ڪُر = ڪرڻ] اختياري – حق عهدو. قبضو. لياقت. حڪومت. طاقت. شان – مرتبو. انتظام

ـ **اَڌڪَاري:** ذ. صفت. اختياريءَ وارو. حقدار. عهديدار. لائق. مختار

• **اَڌڪَائِڻ:** مصدر. [سن. اَڌِڪ = واڌو] زياده ڪرڻ. وڌائڻ.

ـ **اَڌڪَائِي:** ث. جهجهائي – گهڻائي – فرواني – واڌ.

• **اُڌِڪَڻُ:** مصدر. [سن. اُورڌْ – ڌَڪَ] دمڪشيءَ يا اُيساهيءَ ۾ ونجڻ. تپجڻ. پاسي جي سُور ۾ ونجڻ.

• **اُڌِڪَ:** ث. اُپ ساهي – دم ڪَشي. ساهہ جي گهُٽَ. ڏکيو سا متي جو سور.

ـ **اُڌڪيو:** ذ. دمڪشيءَ ۾ ورتل. اُهو بيمار جنهن کي پاسري ۾ سُورءِ تپ هجي.

ـ **اُڌِڪو (ل):** ذ. اُڌمو. جوشُ. جذبو.

ـ **اُڌِڪو ڪائڻ:** مصدر. اڌمو ڪائڻ. پاڻيءَ جو زوم سان نہ ڪائي وَهڻ.

• **اَڌڪوٽ:** ذ. پيرت جو هڪ قسم.

• **اُڌڪي ج اُڌڪيُون:** ث. تَپَ سان گڏ پاسي جي سُورَ ج بيماري – ذاتُ الجَنب.

• **اُڌڪيُونۡ ڄاڳڻ:** اُڌما اُٿڻ. سُور جون سُوٽون اُپرڻ.
• **اُڌلُ:** صفت. [سن. اُرڌن] اُسريل – ساماڻَل. وڌيل.
ـ **اُڌلُ ساماڻَل:** صفت. بالغ – بلوغت کي رسيل.
• **اُڌمُ ج اُڌمُ:** ذ. صفت. [سن. اَڌمَ] خسيس – ڪميڻو. گهٽ – نيچ.
ـ **اُڌمُ اُڌارُ:** ذ. صفت. ڌورو بچائيندڙ. نيچن کي تارڻ وارو (ڌڻي تعاليٰ) "اُڌمُ اُڌارڻ تون ڌڻي، پاپي تارڻ هارُ".
• **اُڌمُ ج اُڌمَ:** ذ. [سن. اُڌمَ] شور – غلغلو – غوغاءُ – گوڙ – هُل – هنگامو.
ـ **اُڌمي ج اُڌمي:** ذ. صفت. گوڙ ڪندڙ – هُل بکيڙو ڪندڙ.
• **اُڌماڌ. اُڌماند:** ٿ. [سن. اُڌماي = ساهه جي مونجهه] اُهمائي – بيقراري – گهبراهٽ. فڪر – ڳڻتي. جذبو – جوش.
• **اُڌمائڻ:** مصدر. اوپارڻ – جوش ڏيارڻ.
• **اُڌمڻُ:** مصدر. [سن. اُڌ = مٿي + ڌما = ڦوڪڻ، ڌَنوڻُ] اُپامڻ – اُپرڻ – اوجتو اُتپن ٿيڻ – ٻرڪو ڪائي ٻاهر نڪرڻ – پلٽجڻ – ريلو ڏيڻ "آڌيءَ رات اُڌميو، ڏين پلٽا پور" (شاهه).
• **اُڌمو ج اُڌما:** ذ. [سن. اُڌما] اُبڙڪو – پڙڪو – جوش. امنگ – پُور – جذبو. جوجڪي – ريچڪ – اُڇل – سَٽ "سور نہ ساڳاهين، ڏين اُڌما اوجتا" (شاهه).
ـ **اُڌما ڪائڻُ:** پُور پوڻ – جُوجڪيون اچڻ. جوش ڪائڻ.
• **اُڌن:** صفت. [سن. اَڌني < اَ = نہ + ڌَن = ڌنُ] غريب – ڪنگال.
• **اُڌناڻي:** ٿ. ڪام جي جهلڻ لاءِ ضامن تي رکيل يا پت ۾ ڪٽل ڪائيءَ جو ٽڪر. پکيءَ جي وهڻ لاءِ ڪٽل ڪائي.
• **اُڌنگي:** ذ. صفت. اُهو ماڻهو جنهن جو اڌ بدن سُڪي پوي – اڌ رنگي – مفلوج.
• **اُڌندو ج اُڌندا (ل):** ذ. افواه ـ ڪوڙي خبر. (ٿ) اُڌندي.
ـ **اُڌندي وائي ڪن ۾ پهچڻ:** ڪوڙي خبر ٻڌڻ.
• **اُڌڻُ:** مصدر. [سن. اُڌ = مٿي + ڌَن = چڙهڻ] اُپرڻ – اُڌمڻ – پڙڪو ڏيئي ٻاهر نڪرڻ – وڌڻ. نکري نروار ٿيڻ. پچي وڃڻ (عورت جو – اُڌرڻ. واٽرڻ – انّ صاف ڪرڻ (گاگڙي يا ڇج سان).
ـ **اُڌي بيهڻُ:** نکري بيهڻ.
• **اُڌو:** ذ. [سن. ١. اُڌو = زنانو عضوو؛ ٢. اُڌي = چُلهه] ٻيڙيءَ جي ڪوهي کي جهلڻ لاءِ اُکريءَ جهڙي ڪائي.
• **اُڌو ج اُڌا:** ذ. صفت. [سن. اُڌڌا = مٿي چڙهڻ] اُسريل – چڙهيل – وڌيل. اُکو – بنا ڳنڍڻ (جو مٿان ئي کجي وڃي) – مُتو. هڪ ئي واري – يڪ مشت. (اسم خاص) مرد جو نالو.

ـ **اُڌو اُڪو:** ظرف. يڪ ڌڙڪ – يڪ مشت.
ـ **اُڌو ساماڻو:** ذ. صفت. لائق تيل – ساماڻل – بالغ. جوان. (ٿ) اُڌي ساماڻي ج اُڌيون ساماڻيون.
• **اُڌو ٻند. اُڌو ٻنڌ:** ذ. [سن. اُرڌَ = اَڌ + بَنڌَن = ٻڌڻ] چيلهه تان ورائي ڳچيءَ ۾ ٻڌل چادر "اوڍڙ اڌو ٻنڌ جو، سبيو ڪين سنگهار"
• **اُڌوپر:** ٿ. ٽڪريءَ جي چوٽيءَ ۽ پاڙ جي وچ وارو هنڌ. لاهي – ليٽ – نشيب – نوڻ (ڪ).
ـ **اُڌوپر ۾ اَچڻ:** مشڪل ۾ ڦاسڻ – تڪليف هيٺ اچڻ.
• **اُڌوپرو (ٿ):** ذ. ڳهن کي لسي ڪرڻ لاءِ لوهه جو ٽڪر.
• **اُڌوتر:** ٿ. ڪپڙي جو هڪ قِسم. هڪ قسم جو عمدو سوٽي ڪپڙو.
• **اُڌوتو:** صفت. [سن. اَ = نہ + ڌوتو > مصدر ڌوئڻ] اڻ ڌوتل – پليد – ميرو – ناپاڪ. (ٿ) اُڌوتي ج اُڌوتيون "ساهڙ ڌاران سهٽي، اڌوتي آهي" (شاهه).
• **اُڌوٽ (ڪ):** ذ. ڦيرو – موٽ – واپسي "اجهيو ڏين ارواح، اڌ ۾ اڌوٽ" (احمد ملاح). اڌروٽ – پوڙهو – ڪرڙ ود.
• **اُڌوڙ اُڌوڙي:** ٿ. [سن. اَرڌَ = اڌ + ڌُرِيَ = لاڌو وهٽ] ڳئون، مينهن، رڍ، ٻڪريءَ يا اٺ جي کَل. [ملتاني] اڌواڙ.
• **اُڌوڪ ج اُڌوڪون (ل):** ٿ. ڪوٻ وڏو ٽڪر.
• **اُڌوڪ ج اُڌوڪ (ڪ):** ذ. جبل جي پاسي جو اڌ. جبل جي چوٽيءَ ۽ پاڙ جي وچ وارو هنڌ. اُڌوپر.
• **اُڌوڪو ج اُڌوڪا (ڪ):** ذ. صفت. اُڌو – پاسي پر – پاسيرو.
• **اُڌوڙ ج اُڌوڙ (ل):** صفت. ظرف. اڻ ڳڻيو – بي انداز – بي شمار.
• **اُڌومُک:** صفت. [سن. اَڌَش = هيٺ + مُک = مُنهن] (تپسيا ۾) ڪنڌ هيٺ ڪري ويهندڙ. مراقبي ۾ ويٺل. سرنگون. شرم ۾ ٻڌل.
• **اُڌوٽو (ٿ):** ذ. اُها زمين جا سنئين نہ هجي – ناهموار زمين.
• **اُڌوٽي ج اُڌويون (ٿ):** ٿ. اُڌوهي (ڪاٺ ڪائيندڙ جيت).
• **اُڌهڻ (ٿ):** مصدر. اُڌڻ. اصلوڪي جاءِ ڇڏڻ – مٿي ڪجي پوڻ.
• **اُڌي:** صفت. ظرف. [سن. اَڌ = مٿان] اُچو – مٿاهون – وڏو. سرسري – مٿان مٿان. اڌ (ٿ). (ٿ) اڌ دمڙي (هڪ ننڍو سڪو). اُڌ ٿانُ (ڪپڙي جو).
• **اُڌي راڄ:** ذ. راجائن جي مٿان (راجا) – مهاراجا – وڏو راجا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پارانيان پچار" (شاھ).
_ **اَڏامي وَڃَڻُ:** اُڏري وڃڻ – پرواز ڪري وڃڻ. جلد وڃڻ – جهٽ پٽ وڃڻ. گم ٿي وڃڻ.
_ **اَڏامي ويندڙ:** صفت. تمام هلڪو – خفيف. گم ٿيندڙ.
• **اَڏانيو ج اَڏانيا (ڪ):** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + دامَن = ڏانوڻ] بي ڏانوڻ – ڏانوڻ کان سواءِ.
• **اَڏاٽو ج اَڏاٽا:** ذ. اَڏاٽو. اڏيل جاءِ. اڱڻ ناهڻ جي جاءِ ڪم.
• **اَڏاوت ج اَڏاوتون:** ث. بناوت – ناهپ (جاءِ جي) – عمارت. بيهڪَ – ناهُ – ڊول.
_ **اَڏاوت ڦريل هُئڻُ:** بناوت ڏنگي هئڻ اڻ گهڙيو ڪاٺ هئڻ (ماڻهو) – بد شڪل هئڻ – بي ڊولو هئڻ.
• **اَڏائڻُ:** مصدر "اڏڻ" مان فعل متعدي بالواسطه. [سن. اَتّ ڪُر = اوچو ڪرڻ] تعمير ڪرائڻ – بنارائڻ. نهرائڻ – جوڙائڻ (جاءِ). (اڏايو – اڏائيندو – اڏايل).
• **اَڏائڻُ:** مصدر. [سن. اُڊِيَنُ = اڏامڻ] اُڏارڻ – پرواز ڪرائڻ. غائب ڪرڻ – گم ڪرڻ – لڪائڻ. چورائڻ. لُٽائڻُ (ملڪيت) – خرچ ڪرڻ – ڪپائڻ. ڪوڙي خبر ظاهر ڪرڻ. (اڏايو – اُڏائيندو – اُڏايل).
_ **اَڏاءِ:** مصدر. "اُڏائڻ" مان امر (=اُڏام) "اُڏاءِ لِڳ الله. ويلو ڪرمَ وڃ ۾" (شاھ). (ذ) اُفواه _ هُل. اڍنگو خرچ – بالفضولي.
_ **اَڏائُو:** ذ. صفت. اُڏائيندڙ. گهڻ خرچائو – هٿ ڦاڙ.
_ **اَڏائي اُڃڻُ:** تڪڙو وٺي اچڻ. تمام جلد وٺي اچڻ.
_ **اَڏائي ڇڏڻُ:** خرچ ڪرڻ – لُٽائي ڇڏڻ (ملڪيت). گم ڪري ڇڏڻ – لڪائڻ. مقابلي ۾ سخت شڪست ڏيڻ.
_ **اَڏائي وَڃَڻُ:** ڪٺي وڃڻ (بنا مرضيءَ). ڀڄائيءَ وڃڻ (ڀانهن). گم ڪري ڇڏڻ.
• **اَڏائون:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + داسَ = ڏاهو. داناءِ = جنهن کي ڏاهہ يا ڏانءُ نہ هجي] بي ڍنگو – بي ڪِرو.
• **اَڏايو ج اَڏايا:** ذ. صفت. اڏائون – بيوقوف – جاهل – مورک.
• **اَڏپکو (ٿ):** صفت. ڀٽي کي نہ سهندڙ – مسهو.
• **اَڏَپ:** ث. اَڏاوت.
• **اَڏر تَڏر:** ث. نمونو – هلت.
• **اَڏرڻُ:** مصدر. [سن. اُڊِيَنُ = اُڏامڻ] اُڏامڻُ.
• **اَڏراڪ:** ذ. صفت. اُڏامڻ جهڙو.
_ **اَڏراڪ ٿيڻُ:** اُڏامڻ جهڙو ٿيڻ – اُڏرڻ جي لائق ٿيڻ.
_ **اَڏري وڃڻُ:** اُڏامي وڃڻ. پکڙي وڃڻ. مشهور ٿيڻ.

• **اَڏَنُتُ، اَڏَنُتَ:** ذ. [سن. اُڊِيَنُ = اُڏامڻ] اُڏامندڙ (پکي).
• **اَڏَنُدُ:** ذ. صفت. [سن. اُڊِيَنُ] اُڏامندڙ.
_ **اَڏَنُد کٽولي:** ث. [سن. اُڊِيَنُ + کَٽوا = کٽ] اُڏامر کٽولي. قديم زماني جي آکاڻين ۾ جادوءَ جي زور تي اُڏامندڙ (کٽ، غاليچو، جهاز). وماڻ.
• **اَڏڻُ:** مصدر. [سن. اَتّ = اوچو ڪرڻ] بنائڻ – تعمير ڪرڻ – ناهڻ – جوڙڻ (جاءِ، چنو وغيره) "اڏيو جو اوڏن، سو ڏينگر ڏلومَر ٿئي" (شاھ).
_ **اَڏي ڇڏڻُ:** ناهي ڇڏڻ. مالامال ڪرڻ – ورسائڻ.
• **اَڏڻُ ج اَڏڻَ (ڪ):** ذ. رَڃَ سڪائڻ لاءِ ڪتل ڪاٺي. (اسم خاص) ماڻهوءَ جو نالو "اَڏڻ".
• **اَڏڻُ:** مصدر. [سن. اُڊِيَنُ] اُڏامڻ – اُڏرَڻ.
_ **اَڏي وَڃڻُ:** اُڏامي وڃڻ – هليو وڃڻ.
• **اَڏو ج اَڏا:** ذ. ٺڪاڻو – ماڳ – مڪان – هنڌ. پڙ. پڙي. جوارين جو مڪان – چورن. بدمعاشن جي جاءِ _ ڀاتاري. هوائي جهازن جي لهڻ جو ميدان. پرت پرڻ لاءِ چوڪٺ. تاجي پٽرڻ لاءِ ٻہ چانگي ڪاٺي. ويڙهيل سُٽ جو ڍيرو. ٻريا نمونو (ڪپڙي جو). پاليل پکين جي ويهڻ لاءِ پيهو يا ڪتل ڪاٺي. استري ڪرڻ جو تختو. قبر کي ڍڪڻ لاءِ ويڪرو پٿر. ٻيڙيءَ جو ڪنو. ٻيڙيءَ جي وچ ۾ پاسن کي جدا ڪندڙ تختي جو ٽڪر (ڍڪاڻي). ننڍي تانگهي ڪڏ جنهن ۾ ڪوس جو پاڻي وهجي (جو ٻوءِ وهي نڪ ۾ پوي).
• **اَڏُ اَڏڻُ:** مصدر. "اَڏڻ" مان امر. اَڏ – اَڏام "اَڏءِ آڏت اَيريو. ونءُ وهاڻي پونر" (شاھ).
• **اِڏو(ث):** ظرف. ايڏو.
• **اَڏو ج اَڏا:** ذ. اُفواه _ ڪوڙي خبر – گپوڙو – ڀٽ.
_ **اَڏا اُٿارڻُ:** افواه اٿارڻ. ڪُوڙا هُلَ هلائڻ.
• **اَڏوڪڻُ:** مصدر. [سن. اُڏ – ڏرش = متي نهارڻ] آسمان ۾ اکيون وجهڻ] پت يا لوڙهي متان ڳاٽ کڻي نهارڻ.
• **اَڏول:** ذ.صفت. [سن. اَ = نہ + ڏلُ = لُڏڻ > ڊول = لڏندڙ] اڻ لڏندڙ – بي ڊپو. محڪم.
• **اَڏوٽو:** ذ. جوڪسي – خيال.
• **اَڏوهي اَڏوهي:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + دوش = ڏوھ يعني بي ڏوهو] بي قصور – بي گناه _ نردوش. [سن. اَدوه > اَ = نہ + دُه = ڏهڻ] ڪير نہ ڏهڻ جي موسم.

**اُبورَڻُ:** مصدر. [سن. اُدْ – دَرِي = (اُدْ = مٿي + دَرِي = ڦاڙڻ)] اُديڙَڻ – بخيا اُکيڙڻ – ٽاڪا کولڻ. ڦاڙڻ (دڪپڙو).

**اُبيَر:** ذ. صبح جي سُستي يا ڳاموڙ.

**اُبيڙ:** ذ. [سن. اُدْ – دَرَڻَ، اُدْ – گِري = اوڪڻ، قي ڪرڻ] حامله عورت جي صبح وقت دل ڪچي ٿيڻ ۽ اوڪارا ڏيڻ – پيٽ واريءَ زال جا اُبڙڪا.

**اُبيڙَڻُ:** مصدر. اُبورڻ. بخيا اُکيڙڻ – ٽاڪا کولڻ. (اُبيڙيو – اُبيڙيندو – اُبيڙيل).

**اُبيڙي ڇڏَڻُ:** ڏاڍي مار ڪڍڻ. سخت سزا ڏيڻ.

**اُبيڙو:** ذ. مائٽي ڇنڻ يا ٽوڙڻ جي حالت. قطع رحم.

**اَڍِ ج اَڍيُون:** ث. [سن. اُودَسْ = اوهُ، ٻبو، ٿَڻ، پستان] ماءُ جو اُرهه ياَ ڏائڻ جي رڳ. ذاتي گُڻ يا اوگڻ (جو ڄائي ڄم کان مائٽن کان پرائجي) – ڪُلا روڳ. اصل نسل – بنياد. عادت – هير (بنيادي، نسلي). ڪُٽنب – ڪُر.

**اَڍِ ڪڇڻ:** اصل ڏي ورڻ. پنهنجن وڏن جي ڪا عادت پرائڻ.

**اَڍَ ڪَڍِ تي هلڻ:** حال يا پڄنديءَ سارو خرچ ڪرڻ.

**اِڏَ ج اِڏَ (ت):** ذ. انبار – ڍِڳُ.

**اُڏا:** اسم خاص. هڪ ذاتَ جو نالو.

**اُڏارَڻُ، اُڏائَڻُ:** مصدر. [سن. اُدْ – ڏارَڻ = ڪڙو ڪرڻ، خطري کان بچائڻ] پورو ڪرڻ – ختم ڪرڻ – خلاص ڪرڻ (ڪم). جنڊ جي ڳاري يا ٽانئر ۾ رهيل اٽو نائي سان ڪڍڻ. سڀ ٻهاري ڪٽي وڃڻ.

**اَڍاري (ت):** صفت. ارڙهن (عدد).

**اَڍاڙُ ج اَڍاڙَ (ڪ):** ذ. چانورن رڌڻ لاءِ مقرر انداز تي وڌل پاڻي.

**اُڍانَا:** اسم خاص. هڪ ذات نالو.

**اُڍائِڻُ:** مصدر. [سن. اُتْتَاپَن = اُٽارڻ، ڪڙو ڪرڻ] اُنائڻ – چائڻ – ڪٽڻ. پاڙئون پٽڻ. ناس ڪرڻ. جنڊ پيهي ٽانئر مان اٽو ڪڍڻ.

**اَڍائِي:** صفت. [سن. اَرْڌَ = اڌ + دُو = ٻه] ٻه سجا ۽ هڪ جو اڌ (2.5).

**اَڍائِترو، اَڍائِڙو:** ذ. اَڍائي سيڪڙو – سؤ تي اڍائي.

**اَڍائُوڻِ (ث)، اَڍائُوٽو اَڍائيُون، اَڍايُوٽو:** ذ. اڍائي پيرا – ڏيڍ پيرو وڌيڪ.

**اَڍائي ڏينهن جي بادشاهي:** ث. ٿورن ڏينهن جي حڪومت.

**اڍائي ٽڙ:** مَيَت کي غسل ڏيڻ جو مقدار.

**اَڍائِي گهرن جو خير:** محاورو. سيڪنهن جو ڀلو.

**اَڍائي گهرن جو زيان:** محاورو. جهيڙا ڪرائيندڙ. سيڪنهن کي نقصان پهچائيندڙ.

• **اَڍنگو ج اَڍنگا:** ذ. [سن. اَ + دَڪْش] بي ڍنگو – بي فضيلتو – ڪُڍنگو – ڪُريتو – ڪُلڇٽو – نالائق – وللو "اڄ اڍنگا ويڻ، مون کي مُڪا، جيڏئين" (شاهه).

ـ **اَڍنگا پير ڪڍڻ:** ابتا پير ڪڍڻ. خراب هلت هلڻ.

ـ **اَڍنگائِي ج اَڍنگايُون:** ث. بڇڙي عادت – بدچالي – ڪلڇٽائي.

• **اِڍو ج اِڍا (ل):** ذ. [سن. ١. اَوَڌِ = حد؛ ٢. اِيَتَا = ايڏائي] انتها – ڇيهه – حد – ڍنگ – ڪڻ. اوچائي – لنبائي. درجو – مرتبو. دڙو – نشان. عادت. قطار.

• **اَڍوري (ل):** ث. ٿوري گاهه وارو چراگاهه (جنهن ۾ مالُ نه مڇي). ڇَنُ ـ سيمَ.

• **اَڍوَئِي:** اَسم خاص. تعلقي ناري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اُڍيجَاٽِي:** اسم خاص. سجاول ۾ ديري محبت تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اُڍيچَا (ت):** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **اِذْ:** ظرف. [ع] جڏهن – جنهن وقت – (ياد ڪر) جڏهن.

• **اِذَا:** ظرف. [ع] جڏهن. اِجهو!.

ـ **اِذا جَاءَ:** اسم خاص. قرآن شريف جي (١١٠) سورة جا پهريان لفظ "اِذا جَاءَ نَصْرُ اللهِ والْفَتْحُ = جڏهن الله (تعاليٰ) جي پاران نصرت ۽ سوڀ ايندي".

ـ **اِذازُلْزِلَتْ:** اسم خاص قرآن شريف جي (٩٩) سورة جا پهريان لفظ "تبارڪ، تَبّت، اذا جاءَ، اِذا زُلزلت سين اور" (هارون هگّورو).

• **اِذابَت:** ذ. [ع. اِذابَةَ = ڳارڻ، پگهارڻ] گداز – ڳارو.

• **اِذاعَت:** ذ. [ع. اِذاعَه = خبر پکيڙڻ] پرچار – پڙهو – نشر.

• **اِذاقَت:** ذ. [ع. اِذاقَة = ذائقو چکائڻ] ذائقو.

• **اَذانَ ج اَذانُون:** ث. [ع. اَذنَ = هن ڪوئيو، هن اجازت ڏني] بانگ – نماز لاءِ سڏ يا ڪوٺ "صائم سِڪي جيئَن، اذان جي آواز کي" (شاهه).

ـ **اَذان ڏيڻ:** بانگ ڏيڻ.

• **اُذْبَڪُ، اُذبَڪ:** ذ. [تاتاري] تاتاري ترڪن جو هڪ قبيلو (جو چنگيز خان سان گڏ آيو هو). ڏاڍو مڙس. زبردست. ظالم.

ـ **اُذبَڪَني:** ث. اُذبڪ ٻانهي يا خادمه (جا وڏا ماڻهو پنهنجي حرم ۾ رکندا هئا).

ـ **اُذبَڪيُون بَڪڻ:** اجايو سجايو ڳالهائڻ. بيهودو بڪڻ. ڊونگل هڻڻ. ناشدني ڳالهيون ڪرڻ. وڦلڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

_ **أڌبڪيُون هلڻ:** اُچائڻ – پائي ڪٽڻ – ستائڻ. ڏاڍايون ڪرڻ – زبردستيون ڪرڻ.

• **أڌخارَ:** ذ. [ع. ذُخرُ ج أذخار] ذخيرا – سيڌا سامان.

• **إذخِرَ:** ذ. [ع] پسارڪي وکر جو هڪ قسم – جبل ۾ پيدا ٿيندڙ خوشبودار گاهه. جو دوا طور ڪم اچي – پٽر ڦوڙي – پٽي – سَسئيءَ جو پٽر. مرچپاڪند (هه).

_ **إذخِرمَڪّي:** ذ. إذخر جو هڪ قسم.

• **أذفَرَ:** صفت. [ع. ”ذفر“ جو تفضيل] تيز خوشبودار – خالص ”مُشڪ أذفر وغيره“.

• **أذعانَ:** ذ. [ع] اطاعت – مڃتا.

• **أذڪارَ:** ذ. [ع. ذِڪرُ ج أذڪار] ڏٿيءَ جي يادگيريءَ ۾ دعائون ۽ ساراهون. بيان – ڳالهيون.

• **أذڪياءَ:** ذ. [ع. ذَڪي ج أذڪياءَ] تيزفهم – ذهن وذڪاوت وارا.

• **أذَلّ:** صفت. [ع. ”ذَليل“ جو تفضيل] سڀ کان وڌيڪ ذليل – نهايت حقير.

• **إذلال:** ذ. [ع. ذليل ڪرڻ] ذلت.

• **إذنُ ج إذنَ:** ذ. [ع] اجازت – رخصت – موڪل. امر – حڪم – فرمان. رضا ”امرِ اذن جي ساڻ الله، آيو گهوٽ ڪتي گهر واهه“.

_ **إذنُ الله:** ذ. الله جو حڪم.

_ **إذنُ ڏيڻ:** امر ڪرڻ – حڪم ڏيڻ. تعويذ، وظيفي وغيره جي اجازت يا هُدو ڏيڻ.

_ **إذنُ عام:** ذ. عام حڪم. لاش دفنائڻ کان پوءِ ڪانڌين کي ڏنل اجازت (جنهن ۾ ٻڌائبو آهي ته جنهن کي ڪم هجي سو پلي وڃي).

_ **إذنُ مڃائڻ:** پنهنجي ڳالهه جي پوئواري ڪرائڻ – حڪم مڃائڻ.

_ **إذنُ نامو:** ذ. رخصت جو خط. نڪاح جي اجازت.

_ **إذنُ وٺڻ:** نڪاح وقت ڪنوار کان قبوليت وٺڻ. هُدو وٺڻ.

• **أذهانَ:** ذ. [ع. ذِهنُ ج أذهانَ] ذهنَ – سمجهون – عقل.

• **أذيّت ج أذيّتون:** ث. [ع. أذِيّة = ايذاءُ پهچڻ] ايذاءُ – اهنج – تڪليف – ڏک. ظلم. نقصان.

• **أرَ:** حرف شرط. [ف. ”اگر“ جو مخفف] اگر – جيڪڏهن.

• **أرَ:** گهٽ. ناقص.

• **أرَ:** ث. أتڪ – آڏَ.

• **أرّ (ڪ):** ذ. بدهاضمو.

• **أرَ ج إرَ:** ذ. بغض – حسدُ – ڪينو. ڪَڄ – ڪوڙ. عيب ”اَر لڪائج ڪيم ڪي، سودو ڏيج صفا“. انگل آرو – عذر بهانو.

_ **أرڪري ويهي رَهڻ:** بهانو ڪري ويهي رهڻ.

• **أرَ:** ث. ٽَڪُ – ٽَڪاوَٽ. بدن ۾ سُور (گهٽي ڪم يا ٽَڪ سبب).

• **أرجي پوڻ:** ٽڪجي پوڻ – ڪُڙجي پوڻ.

• **أرَ ج أرَ:** ذ. [سن. أرَسُ = چاتي، اُره] اُره – چاتي – سينو. ارواح – جيءُ – دل – من. چاهه – شوق. ٻڌي – تيزفهمي – ذهن ذڪاءُ – سنو حافظو. شڪتي – طاقت – قوت.

_ **أرَ پرچڻُ (ت):** اشتها پوري ٿيڻ – ڍءُ ڪرڻ – رڄ ڪرڻ.

_ **أرَ ڏيئي ڪم ڪرڻ:** چاهه سان ڪم ڪرڻ – دل لائي ڪم ڪرڻ.

_ **أرلائڻُ:** ڀاڪر پائڻ – چاتيءَ سان لائڻ – ڳر لائڻ.

• **أرابه:** ث. [ف] گاڏي. توب گاڏي.

• **أراتو ج أراتا:** ذ. [سن. أرودن = رودن ڪرڻ، روئڻ] اوراتو – پڪو – راڙو – روڄ – ماتم. افسوس – درد – ڏک – جهوراٽو ”ڏاڍو فراق ڏکيو هڪ اهنج پيو آراتو“ (آسرداس).

• **أراتڻُ (ل):** مصدر. ڏسو ”اوراتڻ“. (اراتيو – اراتيندو – اراتيل).

• **أراجڪ:** ذ. صفت. [سن. أراجَڪ = بي راجا، بي والي] راجا کان خالي (ملڪ) – بدامنيءَ وارو (ملڪ).

_ **أراجڪتا:** ث. انڌ ڌنڌ – بادشاهه گردي – بدامني – طوائف الملوڪي – وڳوڙ.

_ **أراجڪ وادي:** ذ. صفت. بدامني پکيڙيندڙ – فسادي.

• **إرادات:** ذ. [ع. إرادة ج إرادات] ارادا – حڪم – خواهشون – وصيّتون.

• **إرادتَ:** ث. [ع. إرادة = گهُرڻ] ارادو – تقدير – خواهش – گهُر ”اڪر ارادت جو ڏريان ڏوتوم“ (شاهه). اخلاص. اعتقاد.

• **إرادتاً:** ظرف. ارادي سان – ڄاڻي ٻجهي – ڄاڻي واڻي – ديده دانسته _ قصداً – هاسيڪار.

_ **إرادتمند:** ذ. صفت. عقيدت مند. مخلص مُريد.

_ **إرادتمندي:** ث. اخلاق. اعتقاد. مريدي. نيڪ نيتي.

• **أرادو:** اسم خاص. تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **إرادو ج إرادا:** ذ. [ع. إرادة = گهُرڻ] آرزو – اڃا – خواهش – گهُر – مرضي. قصد – مراد – نيّت. اعتقاد – ڀروسو – ويساهه _ يقين. تقدير – رب جي رضا – قسمت – لکيو – نصيب.

_ **إرادو ڪرڻ:** خواهش رکڻ – قصد ڪرڻ – نيت ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **اِرادہ:** ذ. [ع. اِرادۃ] "اِرادو".
• **اَراڌو ج اراڌا:** ذ. صفت. [ع. علحده = جدا] الگ – جدا – نرالو – نيارو. ٻيو.
• **آرارو ج ارارا:** ذ. [سن. آرالَ = ڏنگو] ٽيڏو – ڦڏو – ڏنگو – مُڙيل – وريل. اڙدو – اهنبر – ڪرڙو. خشڪ مزاج – شوم. البيلو – دادلو – لاڏلو.
• **آراس:** صفت. [سن. آ = نہ + ف. راست = سڌو] اڌ پورو – اڌورو – اڻپورو – ناقص. (ث) آرس – ٽوٽپائي – سُستي – ڪاهلي.
• **اِراضي ج اِراضيُون:** ث. [ع. اَرضُ ج اَراضي] زمين ٽڪر جي پکيڙ يا ماپ.
• **اَراڪيِن:** ذ. [ع. رُڪُن ج اَراڪين] ٿنڀا. (مجازاً) حڪومت جي ڪاروبار سنڀاليندڙ ماڻهو.
ـ **اَراڪين سلطنت:** ذ. ارباب حڪومت – اميرَ اُمراءُ.
• **اَرانْبي ج اَرانْبيُون:** ث. [سن. اَلمڪ] آرانبي. ٻرندڙ سنهي ڪاٺي – ڄُوڄڙي.
• **آرانْبو ج آرانْبا:** ذ. [سن. اَلمڪ] اولانبو – (باهہ جي) ڇيي يا شعلو. باہ ٻارڻ لاءِ ڪاٺين جو مُوڻو. (ث) آرانبي ج آرانبيوُن.
• **آراڻ:** ث. [سن. اَرَڻُ < اَ = نہ + رَڻُ = جنگ يعني عدم جنگ. صلح آشتي] ٺاهہ – ساز – سلوڪ – صلح. محبت "لَلَن ڪي لطيف جٺي، اَچي سان آراڻ" (شاهہ).
• **آراڻو (ڪ):** ذ. بناجُتيءَ اُگهاڙو پير.
• **اَراوَندو ج اَراوَندا:** ذ.صفت. [سن. اَ = نہ + رَچَڪ = وڻندڙ] اَڻگو – اهنبر – سرڪش. ٽيڏو – ڦڏو. اپهتو – بي قاعده. بي لغام – بي مهار – ڇڙواڳ.
• **اَرائڻ:** مصدر. [سن. اَرُ – رِ = اُڏامڻ. دوڙڻ. هلڻ] اُڏائڻ. دوڙائڻ – ڪاهڻ – هلائڻ. تڙڻ. هڪلڻ. ورائڻ.
• **اَرَبُ ج اَرَبَ:** صفت. [سن. اَرَبُدَ = ڏهہ ڪروڙ] هڪ عدد جو نالو – سؤ ڪروڙ (100,0000000).
ـ **اَرَبَ کَرَبَ:** صفت. [اَرَبَ = ڏهہ ڪروڙ. ڪرب = 100 ارب] بي انداز – بي شمار.
• **اَرْبابُ ج اَرْبابَ:** ذ. صفت. [ع. رَبّ ج اَرباب] ڏيهہ ڌڻي – صاحب – مالڪ. وڏو ماڻهو – وڏيرو "اربابَ بني ڪي چندن لڳو" (سهرو). (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو. ڪن خاندانن جو لقب.
ـ **ارباب بصيرت:** ذ. اندرينءَ نظر يا باطن جا صاحب – باريڪ بين انسانَ – دُورانديش – فهم ۽ فراست جا مالڪ.
ـ **اَربابَ تميز:** ذ. امتياز جا صاحب – چڱو مڙو – سمجهندڙ – دانشمَند.
ـ **ارباب تَمْڪين:** دهڊبي جا مالڪ.
ـ **اَربابَ تيمار:** ذ. پينشن بردار.
ـ **اَربابَ جاهہ:** ذ. وڏي جاهہ يا مرتبي جا صاحب.
ـ **اَربابَ خِرد، دانش:** ذ. دانائيءَ جا صاحب. ڏاها – سياڻا.
ـ **اَربابَ دولت:** ذ. حڪومت جا صاحب. امير – حاڪم. والي. دولتمَند – دولت وارا – شاهوڪار – مالدار.
ـ **ارباب دہ:** ذ. ديهہ جا مالڪ.
ـ **اَربابَ دِيوان:** ذ. ديوان يا ڪورٽ جا صاحب – مُشير.
ـ **اَربابَ سُخَن:** ذ. سُخن جا صاحب – شاعر – فصاحت ۽ بلاغتَ جا مالڪ. ڪويسر.
ـ **اَربابَ سُلُوڪ:** ذ. تصوف يا طريقت جا صاحب.
ـ **اَربابَ سَيف:** ذ. ترار جا مالڪ. لشڪري عملدار.
ـ **اَربابَ شرع:** ذ. قانونَ جا صاحب – قانون دان – مقنَن.
ـ **اَربابَ صَنْعَت:** ذ. صنعت جا صاحب – ڪاريگر – هنرمند.
ـ **اَربابَ عشرت:** ذ. عيش و عشرت ۾ شريڪ ٿيندڙ – ناچ وغيره جي محفلن وارا.
ـ **ارباب علم و يقين:** ذ. علم ۽ يقين جا صاحب.
ـ **اَربابَ فَضل و ڪمال:** ذ. فضيلت ۽ ڪماليت جا ڌڻي.
ـ **اَربابَ قَلَمْ:** ذ. اهل قلم – اديب.
ـ **اَربابَ مال:** ذ. مال يا خزاني جا ڌڻي.
ـ **اَربابَ معنيٰ:** ذ. (تصوف جي اصطلاح موجب) باطني رازن ۽ معنائن ڪي سمجهندڙ.
ـ **اَربابَ مَڪرمت:** ذ. رحم ۽ ڪرم جا صاحب.
ـ **اَربابَ نَشاط:** ذ. خوشيءَ جا صاحب. ڳائڻا ۽ ناچو.
ـ **اَربابَ همت:** ذ. وڏيءَ همَت جا صاحب. بلند خيالن وارا. سخي.
• **اَربَعَ:** صفت. [ع. اَربَعُ. اَربَعۃ = چار] چار.
ـ **اَربَعَ خَطا:** ث. چار گناهہ (شرع موجب ني گناهہ معاف ڪيا ويندا آهن). ڳري خطا. نہ معاف ٿيڻ جهڙو ڏوهہ.
• **اَربَعَ خطا ٿيَڻُ:** چوٿون پيرو گناهہ ٿيڻ. ناقابل معافي ڏوهہ ٿيڻ.
• **اَربعَا:** ذ. [ع] هفتي جو چوٿون ڏينهن – ٻڌر.
• **اَرْبَعُون، اَرْبَعِين:** صفت. [ع] چاليهہ.
• **اَرَبِنْدُ ج اَرِبنْدَ:** ذ. [سن. اَرَوِنْدَ] ڳل جو هڪ قسم – ڪنول – نيلو فر.

• **آربيلو ج آربيلا:** ذ. صفت. البيلو – بي پرواه – بي خيالو – لاڏلو – نخريلو. پوشاڪي. ڇبيلو – نٽئون – دادلو – ناز پرورده. پالو پولو – سادو سودو – نرڇل. (ٿ) آربيلي ج آربيليون.

• **آربيلائي:** ٿ. البيلائي – دادلائي – لاڏ – ناز نخرو.

• **آربڙ:** ٿ. پريشاني – گڙٻڙ – گهٻراهٽ – مونجهارو.

_ **آربڙ ڪرڻ:** بيهودو بڪڻ.

• **اَرَپُ ج اَرَپُون (ڪ ڪ):** ٿ. [سن. اَرِپُرِ = گهٽو] اُها ننڍي رڏ جا اڃا ڏڪي ٿيڻ جي لائق نہ هجي – اورنپ.

• **اَرِبڪُ ج اَرِبڪَ:** ذ. صفت. [سن. اَرِبڪَ] ننڍڙو – ذري جيترو. ڏبرو – هيٺو. ٻاراڻو – صغير. ٻار – ڇوڪرو. ڪنهن بہ حيوان جو ٻچو. بيوقوف – ٻوڪ.

• **اَرِٽُ ج اَرِٽَ:** ذ. [سن. اَرِٽرَ = اولو. سڪان: جهاز. ٻيڙيءَ، گاڏيءَ جو هڪ حصو] اَولِي – ٻَٽَ _ ڦَنگهُہُ (ٻيڙيءَ جو). پائدان – پير رکڻ جو ڏاڪو – پيرڙي. رڪاب.

• **اَرِٽاب:** ذ. ٻوڙ جي شروِي گهاٽي ڪرڻ لاءِ رڌڻ وقت پاڻيءَ ۾ ملائي ديگڙي ۾ وڌل اَٽو – ڏوڏي – لاس. جَون ۽ جانيي جو اَٽو ڳَڏ ڪاڙهيل (جو انن جي رت کي سرد ڪرڻ لاءِ پيارو آهي).

• **اِرتباطُ:** ذ [ع. رَبط = هن ٻڌو] تعلق – سبنڌ – ڳانڍاپو – لاڳاپو – ميلاپ – واسطو. آشنائي – الفت – انس – محبت. ڄاڻ سڃاڻ – دوستي – سنگت.

• **اِرت پرت:** ذ. [سن. پُرِت دانَرُ] ادل بدل – بدلو – ڏي وٺ – عوض.

_ **ارت پرت جي پاڄي هُئڻ:** اَدلي جو بدلو هئڻ – ڏي وٺ جو سودو هئڻ.

• **اِرتجالُ:** ذ. [ع. رَجَل] تڙي ڪڙي شعر سازي ۽ تقرير بازي. تڏي تي شعر ٺاهڻ ۽ حاضرجوابي. في البديهہ شعرگوئي.

• **اِرتحال:** ذ. [ع. رَحَل] چالاڻو – سفر – لاڏاڻو. رحلت – لڏ پلاڻ – وفات.

• **اِرتدادُ:** ذ. [ع. رَدَّ = مَٽائڻ. ڦرڻ] دين کان ڦيرو – مذهب کان منهن موڙ.

• **اَرتَرَ:** ٿ. حيلا حوالا – مٽا ڪٽ – مٽا مونا – ڪوشش. اَتر ڏاڏر – تڏي مني ڳالهہ – ڇَٽَ ڇم – هيٺ مٿاهين.

• **اِرتسامُ:** ذ. [ع. رَسم = ڇِٽَ ڪڍڻ] ڇِٽسالي – ڊرائنگ – نقش ڪشي.

• **اِرتعاشُ:** ذ. [ع. رَعَش] ڪنهن بہ عضوي جي بي اختيار ڏڪڻي – رڦڻي – رعشو. بيماريءَ جو هڪ قسم.

• **اِرتفاعُ:** ذ. [ع. رَفع] بلندي – عمود – مٿاهين چوٽي.

• **اِرتفاقُ:** ذ. [ع. ١. رَفَقَ = ٽونٽ تي ٽيڪ ڏيڻ] سهولت – آسايش.

• **اِرتقاءُ:** ذ ٿ. [ع. "رَقِي" جو افتعال] ترقي – چاڙهو – سڌارو. واڌارو.

_ **اِرتقاءِ ونشوءُ:** ذ. ڊارون (Darwin) جو نظريو (تہ انسان ڪيئن موجوده شڪلَ ۾ آيو آهي).

• **اِرتڪابُ:** ذ. [ع. "رَڪَبَ" جو افتعال] ڪنهن بہ مهمَّ جو هٿ ۾ کڻڻ. (گناه جو) ڪم ڪرڻ. ذميبرداري. خطا ڪاري.

• **اَرتو ج اَرتا:** ذ. صفت. [پرا. اَرتَّ = ڳاڙهو: سن ١. اَرڻ = ڳاڙهو پيلو، ڳاڙهو رنگ، شفق جو رنگ: ٢. اَرڪتَ = ڳاڙهيرو < رَڪتَ = رت] رتائون – رت جهڙو – ڳاڙهو. (ذ) خون – رَتُ – لَهو "اوتن ارتي ڳاڏئون. منجهان اکين آب' (شاهہ). رت جا ڳوڙها "آبَ ارتو اکيين، لڙڪ وهائين لال" (شاهہ). پيلو – ڦڪو – زردو (رنگ).

_ **اَرتو آبُ:** ذ. ڳاڙهو پاڻي. رت جا ڳوڙها.

_ **اَرتوهارُڻ:** رَتُ روئڻ – رت هارڻ. ارتو اکيين هاريو هار، چرخو چوري ڪت ڪا تار".

• **اُرتو:** ذ. [هہ] ڇڻ – گهُنڊي.

_ **اُرتوگر:** ذ. صفت. اهو جو ڪپڙي ۾ ڇڻ وجهي.

• **اِرتيابُ:** ذ. [ع. "راب" جو افتعال = شڪ آڻڻ] ريب – شڪ.

• **اِرتِياحُ:** ذ. [ع. "راحَ" جو افتعال] راحت – آرام.

• **اَرتِيو ج اَرتيا:** ذ. صفت. [سن. اَدشٽَ = صلاح ڏنل. هدايت ڪيل] آڏتيو – پلاوٽو – گماشتو.

• **اَرٿَ ج اَرٿون (ڪ):** ٿ. زال – ضعيف – عورت.

• **اَرٿ:** ظرف. [سن. اَرٿَ] صدقي – ڪارڻ – ليکي – اوسطي.

• **اَرٿُ ج اَرٿَ:** ذ. [سن. اَرٿَ] غرض – مقصد – مطلب. بيان – تفسير – سمجهاڻي – معنيٰ. سبب – ڪارڻ. فائدو – ڪم. دولت – وٺ – شيءِ. ڪم ڪار – واسطو. سوال – عرض – عريضي. ضرورت – گهرج.

_ **آرٿات، آرٿانت:** ظرف. حقيقت ۾ _ مطلب تہ – يعني.

_ **آرٿائو:** ذ. صفت. ضرورتمند – گهرجائو. ارٿ ڪندڙ – مطلب بيان ڪندڙ.

_ **آرٿائي:** ذ. صفت. معنيٰ ڪندڙ – تعبير ڪندڙ.

_ **اَرٿ ٻڌائڻ:** ڪنهن ڌرم شاستر مان ڪٿا يا آکاڻي بيان ڪرڻ. مطلب سمجهائڻ.

_ **اَرٿ ٿيڻ:** اميد پوري ٿيڻ – ضرورت پوري ٿيڻ – ڪم ٿيڻ – مطلب پورو ٿيڻ "پل تہ فلاڻي جو اَرٿ ٿئي".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- **آرٿ سڌ ڪرڻ:** مطلب پورو ڪرڻ ”پرجهي پرمارٿ، سنتن آرٿ سڌ ڪيو“ (سامي).
- **آرٿ شاستر:** ذ. اهڙو ڪتاب جنهن ۾ عملي زندگيءَ ۽ ملڪي سياست جو بيان هجي. دستور المعاش جو ڪتاب – علم اقتصاديات، علم سياست.
- **آرٿ ڪرڻ:** ڪم ڪرڻ – مراد پڄائڻ – مطلب سڌ ڪرڻ.
- • **آرٿاڪ ج آرٿاڪون:** ٿ. آرٿاڪ.
- • **آرٿاڪ ج آرٿاڪون:** ٿ. ساک – شاهدي – گواهي. دستخط – شاهد جي نشاني يا صحيح.
- • **آرٿا:** ذ. [سن. آرٿ + آءِ] مثال – نمونو، تصوير – تمثيل. چٽائي – صفائي.
- • **آرٿميٽيڪان:** ذ. [انگ. Arithmetic = حساب] انگ ڳڻڻ – ڪاٺ جو سيخن سان چوکٽ جنهن ۾ رنگا رنگ گولا ڳڻڻ لاءِ هوندا آهن.
- • **آرٽي ج آرٽيون:** ٿ. [سن. رَٿَ = رَٿُ، گاڏي] هندن ۾ لاش کڻڻ لاءِ بانس جي ڪاٺين ۽ ڪانن مان ٺهيل ڏولي – ڪاٺي.
- • **آرٽ ج آرٽَ:** ذ. [سن. آرگهٽ < آرَ = چڪر جو آرو + گهٽ = قرڻ] آيٽ – چرخو – نار. [سن. آرڌَ = رهائش، گهر، ملڪ، هنڌ] آتڻ، جاءِ – گهر ”گرهيان سور سفر جو، هلي پنهنجي ارٽ“ (شاهه). ذُٽ جو هڪ قسم (ٿ).
- • **آرٽڙي ج آرٽڙيون:** ٿ. ٽَٽَ جو هڪ پرزو.
- • **آرٽي ج آرٽيون:** ٿ. [سن. آرگهٽ] کپهه ٽاڻڻ لاءِ اينٽري.
- • **آرٿ، آرٿ:** ٿ. [سن. آرڌن = تڪليف، جوش، درد، هلاڪت] تڪليف – مشڪلات. بار.
- **آرٿ رکڻ:** بار رکڻ – تڪليف ڏيڻ.
- • **اِرٿ ج اِرٿَ:** ذ. [ع] ترڪو – ميراث – ورثو. موروثي ذات ”ڪي ڪَهُ منهنجي ڪَفَ، اِرٿ منجهاران ان جي“ (شاهه).
- • **آرپڻُ:** مصدر. [سن. آرپڻ = آڇڻ. سپرد ڪرڻ] پيش ڪرڻ – حوالي ڪرڻ، سونپڻ – نذرانو رکڻ. پيتا ڪرڻ. بخش ڪرڻ. ڏيئي ڇڏڻ.
- **آرپڻ ڪرڻ:** ڪو ڪتاب ڪنهن ڏانهن منسوب ڪرڻ – تقديم ڪرڻ.
- • **آرج:** ذ. [ف] قيمت، لياقت. شان – عزت – مان.
- **آرجمند:** ذ. صفت. اَمُل – عمدو – لياقت مند – نفيس – وڏيءَ قيمت وارو. پيارو – محبوب.
- **آرجمندي:** ٿ. سعادتمندي – لياقت.
- • **آرجاسپ:** اسم خاص [ف] افراسياب جو پوٽو (پهلوانيءَ ڪري مشهور).
- • **آرجل:** ذ. [ع] اُهو گهوڙو جنهن جو هڪڙو ڪر اڇو هجي (جو عيب سمجهيو ويندو آهي). داڦڙ.
- • **آرجن:** ذ. [سن. آرج = فائدو] حاصلات – فائدو.
- • **آرجن:** اسم خاص. [سن. آرجن = اڇو چاندي رنگ، چٽو، صاف] پانڊوءَ ڀائرن مان هڪ جو نالو (ڀيم، ڏريوڌن، ارجن، نڪل، سهديو) جو وڏو سورهيه ٿي گذريو آهي. سکن جي پنجين گروءَ جو نالو (ارجن، سنگهه).
- • **آرجنٽ:** صفت. [انگ. Urgent] بلڪل ضروري.
- • **آرجڻ (ل):** فعل مجهول. [سن. ورج = ورجڻ] ٿڪجڻ. گهٽي ڪَم يا ٿڪاوٽ سبب سَڌ ٻڌجي وڃڻ – ڪُرجڻ. ڪک ٿيڻ – ورجي پوڻ.
- **آرجي پوڻ:** ٿڪجي پوڻ – ڪُرجي پوڻ – ورجي پوڻ.
- • **آرجوان:** ذ. [ف] ارغوان – ڳاڙهو – واڱڻائي.
- **آرجواني:** ذ. صفت. ارغواني – ڳاڙهو رنگ.
- • **ارجهڻُ:** مصدر. [سن. اُڏگرنٽ = ٻڌجي پوڻ] پلجڻ – پنيولجڻ. ڦاسجڻ – گمراهه ٿيڻ – مُنجهڻ – منجهي پوڻ ”انڌا پيا اُرجهي، ڪايا مايا ڪل ۾“ (سامي). بي سبب جهيڙو ڪرڻ. خيال ويڙهائڻ – دل من هٽڻ. پنڪيون کائڻ – جهوٽا کائڻ – گڏڻ (ڪ) – گهيرجڻ.
- **ارجهه:** ٿ. گمراهي – مونجهه – مونجهارو. ”سُرجهه“ جو ضد ”سُرجها سي چئجن، جن ڪيڏي اُرجهه اندر مون“ (سامي).
- **ارجهو ج ارجها:** ذ. صفت. اڙيل – قاتل – گمراهه – مَنجهيل. ”سُرجهو“ جو ضد.
- • **آرچ:** ٿ. [سن. آرچ = ناوڻندي] بڇان – نفرت. ٿُڪَ ٿُڪَ – ڪچي دل، بي سوادائي – عدم اشتها.
- • **آرچڪ مرچڪ:** ٿ. هڪ ٻاراڻيءَ راند جا پهريان ٻه لفظ ”آرچڪ مرچڪ، ڏاڏا ڏرچڪ، آگ پٽيهر، ٽويو ٽيهر، لوهو لانون، چَنڻ گهاٽئون، نانگڻ جوڳڻ، ڪارا ڪتي، ٻتي، هت چٽي“.
- • **آرچڻ:** ذ. آٽڪ – رنڊڪ – روڪ – ٻجڪڙي – ڪاٻاري. تڪليف – ڏکيائي – مشڪلات.
- • **آرجو ج آرجا (ڪ):** ذ. صفت. ڏکيو. سُجو. ڏتڙيل. (ٿ) آرچي

ج اَرُجيون.

ـ **اَرُجي جوَءُ:** ث. اُهو هنڌ جتي ڳاهه چارو نہ هجي يا ڳاهه اهڙو هجي جنهن جي کائڻ سان مال نہ ڪير ڪري ۽ نہ متارو ٿئي.

• **اَرْحَمُ:** صفت. [ع. ”رَحِيم“ جو تفضيل] سڀ کان وڌيڪ مهربان يا رحم وارو.

ـ **اَرْحَمُ الرّاحمين:** سڀني ٻاجهارن ۾ وڌيڪ ٻاجهارو (خدا تعاليٰ).

• **اُرْدُ ج اُرْدَ:** ذ. [ترڪي. اُرْدُو = لشڪر، ڇانوڻي] اڙد — لشڪر. ماڻهن جو انبوهه يا ڏنبلو. هٿيار بند سپاهي.

ـ **اُردابيگ:** ذ. فوجي ماڻهو ـ خاص خيل.

ـ **اُردابيگي:** ث. حرم ۾ انتظام رکندڙ پهريدار خادم يا ٻانهي ”جت اچن نہ اُردابيگيون، اُت ڪونايو امين“ (شاهہ).

ـ **اُردائي:** ذ. صفت. اُردابيگ.

• **اُرْدَ، اَرْدَ:** ث. هڪ قسم جي دال.

◦ **اَرْداسَ ج اَرْداسُون:** ث. [ع. عرض + ف. داشت؛ سن. اَرْث، اَرْدَ = عرض ڪرڻ + آس] التجا — سوال — عاجزي — عرض — گذارش — منٿ — نيزاري. پيٽا — موڪا. نذرانو — هديو.

• **اَرْداسَ ڪَرڻ:** التجا ڪرڻ، عرض ڪرڻ — وينتي ڪرڻ. نذرانو رکڻ ـ هديو ڏيڻ.

◦ **اَرْداسڻ:** مصدر. [ع. عرض + ف. داشت] التجا ڪرڻ — گذارش ڪرڻ — منٿ ڪرڻ — نيزاري ڪرڻ — وينتي ڪرڻ ”ارداسيم عُمر کي، ويجهو ٿي وٽانس“ (شاهہ). پيٽا ڪرڻ — نذرانو ڏيڻ — هديو ڏيڻ.

• **اَرْداشَ:** ث. [ع. ف. عرضداشت] چاڪري — غلامي — نوڪري.

• **اَرْدشير:** اسم خاص. ساساني گهراڻي جو پهريون شهنشاهه

• **اِرْد گِرْد:** ظرف. [”اِرْدْ“ بي معنيٰ لفظ + ف. گِرد = چوڌاري] آسپاس — چوڦير — چوڌاري — چوگرد — گردو نواح.

ـ **اِرْد گِرْد ڦرڻ:** چوڌاري ڦرڻ. ٻلهار وڃڻ — گهوري وڃڻ.

• **اَرْدلي:** ذ. [انگ. Orderly] پيش خدمت — پيشرو — حاضريءَ جو نوڪر — خدمتگار. سُواريءَ سان گڏ هلندڙ.

ـ **اَرْدليءَ ۾ هجڻ:** خدمت ۾ هجڻ — حاضريءَ ۾ هجڻ.

• **اُرْدُو:** ذ. [ترڪي] ڇانوڻي — لشڪر. هڪ مخلوط ٻوليءَ جو نالو (جا هندستان ۾ شاهہ جهان جي دور ۾ استعمال ٿيڻ لڳي)ـ لشڪري ٻولي.

ـ **اُرْدُو بازار:** ذ. سولجر بازار — صدر بازار — لشڪري بازار.

ـ **اُرْدُوءِ مُعَلّيٰ:** ذ. شاهنشاهه جي ڇانوڻي. درباري اُردو. نهايت فصيح ۽ بليغ اُردو ٻولي.

ـ **اُرْدو ڦُرْدو ڪَرڻ:** اُنڊ ٻُنڊ ڪري ڇڏڻ. ڦتائي ڇڏڻ. ڌاڳيان ڦاڳيان ڪري ڇڏڻ — نابود ڪرڻ.

• **اُرْدي بهشت:** ذ. [ف] ايراني سال جو ٻيو مهينو.

• **اَرْڏَ اَرْڏ، اَرڏ اوڙڏ:** ذ. [سن. اَڏَرَ = هيٺ + اُوْرْڌوَ = مٿي] هيٺاهين مٿاهين — نشيب و فراز ”جو اَرْڏَ اَرڏ پئي، مٿي ويڻو من مون“ (سامي).

• **اَرڏانگ:** ذ. [سن. اَرْڏَ = اڌ + اَنگ = عضوو] اڌ رنگ — فالج.

ـ **اَرڏانگي:** ذ. صفت. اڌ رنگي — مفلوج. ڪيرو. زال.

• **اَرڏو ج اَرڏا:** ذ. صفت. [سن. ۱. اَرالَ = ڏنگو؛ ۲. اَمرڏا = سخت؛ ۳. اُوْرْڌو = بلند، اُڀو؛ ٤. اَرْدَ — و = ايذائڻ، تڪليف ڏيڻ، ڏک هڻڻ، عذاب ڏيڻ، ڪُههڻ، مارڻ؛ ٥. اَرْدَنِ = ايذاءُ ڏيندڙ، ڏکوئيندڙ، عذاب ڏيندڙ، ڪهندڙ] اڙٻنگ — اهنڊ — اٿائو. ڏکيو — زورآور — شوخ — ضدي — ڪرڙو — ڪهرو — لاپرواهہ — مغرور ”عشق اصل کان ارڏو آهي، گهيڙ انهيءَ ۾ گهڙندو ڪير؟“

ـ **اَرڏائي ج اَرڏايون، اَرڏائيون:** ث. آڪڙ — اهنڊائي — تندي — تيزي. ڏاڍائي — ڏنگائي — ريڏائي — زبردستي — زورآوري — ڪرڙائي.

ـ **اَرڏايون ڪَرڻ:** ڏاڍايون ڪرڻ — ڏنگايون ڪرڻ — ظلم ڪرڻ ”اُيو ارڏايون ڪري، ماڳ هنيو مستان“ (شاهہ).

• **اَرڙَ ج اَرڙون:** ث. [سن. اَجَگَرَ = وڏو، پڪري ڪائيندڙ نانگ بلا] وڏي — زبردست.

• **اَرڙُ ج اَرڙَ:** ذ. [سن. اَجَگَرَ = وڏو] اجگر بلا — ارڙ بلا — اژدها — دمڻ — وڏو نانگ. (صفت) پيٽي — چيو — ڏرو — کائو. حريص — لالچي — لوڀي. آڙاهہ — ٻٽ — تمام وڏو (چور). زبردست — حرفتي — چالاڪ — چالباز — مڪار — هوشيار.

• **اَرڙمَرڙ (ث):** ث. مروڙ سروڙ — ٻڪر ٻوسات.

• **اَرڙمَرڙ ڪَرڻ:** ٻڪر ٻوسات ڪرڻ — زوريءَ مڃائڻ — ڪُرومُرو ڪرڻ — مروڙڻ سروڙڻ. وٺ سٽ ڏيڻ — ور وڪڙ ڏيڻ — هڪ جي ٻي ڪرڻ.

• **اَرڙو ج اَرڙا (ل):** ذ. [سن. اَرلَ = ڏنگو] ٻکيڙو — ڦڏو — جهيڙو — ضد. (صفت) ارڙو — ڏاڍو — ڏنگو — زورآور — ڪرڙو.

ـ **اَرڙائي ج اَرڙايون:** ث. ارڏائي — ڦڏائي.

ـ **اَرڙو ہٽڻ:** اجايو ضد ڪرڻ — ڦڏو وجهڻ — تڪرار ڪرڻ — جهڳڙو ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ **اَرڙو ڪرڻ:** ڦَڏو ٻڌڻ – زبردستي ڪرڻ – زوراوري ڪرڻ. اڙي ٻڌڻ.

ـ **اَرڙِي ج اَرڙي:** صفت. اڙو – اڙو – ڦڏائي. ڦڙتي باز.

• **اَرزانِي ج اَرزانيُون:** ث. [ف. ارْزانِي] سستائي – سهانگائي.

• **اَرزش:** ث. [ف] قيمت. لياقت.

• **اَرزَنگُ:** اسم خاص. هڪ مشهور ۽ نبوّت جي دعويٰ ڪندڙ ايراني نقاش "مانيءَ" جو گهر. ايراني نقاش "مانيءَ" جي ٻانت ٻانت جي گلن ۽ نقاشيءَ وارو ڪتاب (جنهن بابت دعويٰ ٿي ڪيائين تہ ملائڪن کان مليو اٿس). مازندران جي هڪ ديو جو نالو (جنهن کي رستم پهلوان ماريو). نقاش خانو – نگار خانو. هڪ چينائي بت ڪده يا مندر.

• **اَرَسُ ج اَرَسَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + رَسَ = رَسُ، يعني بنا رَسُ جي] بي مزي – ڦڪو – ڪچو.

• **اَرسَ ج اَرسُون:** ث. گاڏيءَ جي ڌُري – سَرائي. آرسي (ل) – ايَس. ڪانَي.

• **اَرسُ ج اَرسَ:** ذ. [سن. اَدْرُشَ] دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جي ٻوٽي.

• **اِرْسالُ:** ذ. [ع] خط يا شيءِ جي روانگي. موڪلڻ.

ـ **اِرْسال خدْمَت:** خدمت ۾ موڪلڻ.

ـ **اِرْسالَ عَرْض:** ذ. پيسن جمع ڪرائڻ بابت پيسن سان گڏ موڪليل خط – چالان.

ـ **اِرْسالُ نامو ج اِرْسال ناما:** ذ. ٻيجڪ.

• **اَرسَ پُرس:** ث [ه. اَرْسْ پُرْس < سن. سْپرْشْ = ڇهڻ] ناپاڪ شيءِ کي ڇهڻ سبب آلودگي يا پليدي – ڇوت – ناپاڪي. ٽڪري سنان.

• **اَرَسْطاطالِيسُ، اَرَسْطُو:** اسم خاص. يونان جو مشهور فيلسوف، افلاطون جو شاگرد ۽ سڪندر اعظم جو اُستاد. جنهن کي مسلمان فيلسوف اَلْمُعَلِمُ الاوّل (پهريون استاد) ڪري مڃين (وفات ٣٨٤ ق. م).

• **اَرسَلانُ:** ذ. [ترڪي] شينهن.

• **اُرْسُو (ذ) اُرْسي:** ث. [ه. هُرْسا؛ سن. گهرْشْ = گهَڻ] مرچ مصالحي پيهڻ لاءِ هڪ لسو پٿر. چندن گهَڻ لاءِ پٿر يا روهي.

• **اُرسُونگا:** ذ. [سن. اُرَسْ = اُره] اُره – پستان "اُرسونگا نُهہ سپيان، ڏند تہ ٻنيهہ چاڻ" (رسالو. سُر ڏول مارئي).

• **اَرسيلو:** صفت. [سن. اَلَسْ] آرسي – سست.

ـ **اَرَسيلائپ:** خماريل اکيون.

• **اَرشَ ج اَروشُ:** ذ. [ع] اڻ ٻڻت – جهيڙو – نامواقفت. ڇيٽا ٻور – فتنہ انگيزي. خون بها – دِيَت.

• **اِرْشادُ ج اِرْشادَ:** ذ. [ع] امر – حڪم – فرمان. اُستاد يا بزرگ جو فرمودو. هدايت.

• **اَرْشَدُ ج اَرْشَدَ:** ذ. صفت. [ع. "رشيد" جو تفصيل] سڀ کان وڏيڪ رشيد يا هدايت وارو – صالح – نيڪ – نيڪوڪار.

• **اَرشَميدس:** اسم خاص. [يوناني. آرڪميڊيز] سيراڪيوز (يونان) جي باشندي فيدياس جو پٽ. علم جرّثقيل جو وڏو ماهر. اجرام فلڪيہ جي حرڪت کي آسانيءَ سان سمجهڻ لاءِ هڪ خاص قسم جي ڪَلَ جو مُوْجِد. ڪتاب 'اصول ارشميدس' جو مصنّف ۽ دنيا جي وڏي ۾ وڏن رياضي دانن مان هڪ رياضي دان، حڪيم ۽ نجومي.

• **اَرْضُ:** ث. [ع. اَرْضُ ج اَراضي] ڀونءِ – ڌرتي – زمين.

ـ **اَرْضُ وَسَماوات:** ذ. زمين ۽ آسمانَ.

ـ **اَرْضي:** صفت. ڌرتيءَ جو – زمين جو.

• **اَرغَجَ ج اَرغَجَ:** ذ. [ه. اَرْگَجَا] هڪ عطر جو نالو (جو پيليري رنگ جو ٿيندو آهي ۽ منجهس ڪيترين ئي سرهاڻين مرڪب هونديون آهن) "ٻانڌوٽا ٻنّ ڌيان، ارغج ۽ عَبير" (شاهه). [ترڪي. ف. ارغاج، ارغاچ = ڏاڳو. پيٽو] پيٽو – سُٽ.

ـ **اَرغَچي:** ذ. ڏِگهو نوڙ يا ڏاڳو.

• **اَرغج:** ث. [ف] وڻ ويڙهي.

• **اَرْغَنَ، اَرْغَنُونُ:** ذ. [يوناني] افلاطون جي ايجاد ڪيل واڄي جو هڪ قسم – آرگن – پيانو.

• **اَرغَنَج:** ذ. [ف] ڏِگهو ڏاڳو.

• **اَرغَوانُ ج اَرغَوانَ:** ذ. [ف] وڻ جو هڪ قسم – ڳاڙها سهڻا گل ۽ ميوا جهليندڙ وڻ.

ـ **اَرغَوانِي:** ذ. صفت. سُرخ – ڪرمچي – لال.

• **اَرغُونُ ج اَرغُونَ:** اسم خاص. وچ ايشيا جو هڪ ترڪي قبيلو. سنڌ جو هڪ حاڪم گهراڻو (جنهن جي سردار شاهه بيگ ارغون سن ٩٢٧هہ ۾ سَمن جي پوئين بادشاهہ ڄام فيروز کان سنڌ جي حڪومت کسي).

• **اِرْفاه:** ذ. [ع] آسودگي – رفاهت.

• **اَرفَخْشَدُ:** اسم خاص. [ع] هڪ ايراني پيغمبر جو نالو.

• **اَرْفَعُ ج اَرْفَعَ:** ذ. صفت. [ع. "رفيع" جو تفضيل = وڌيڪ اوچو] اعليٰ – بلند – نهايت ه ڊانهون.

• **اَرْفيتُ:** ذ. [ع. عَرَفَ = سڃاڻڻ، پروڙڻ] خيال. ساروٽي –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانپر – گوڪ – يادگيري. افريت – اِفريد (ت).

ـ **آرفيتُ لَهڻ:** اِفريد يا اِفريت لَهي وڃڻ – خيال تان لهڻ – دل تان اُتري وڃڻ – وسري وڃڻ – يادگيري لهي وڃڻ.

• **اَرَق:** ذ. [ع] اوجاڳو – بي خوابي.

• **اِرْقامُ ج اِرْقامَ:** ذ. [ع] لکيت.

• **اَرْقانُ:** ذ. [ع. "يَرْقان" جي بگڙيل صورت] يرقان – سائيءَ جي بيماري – ڪامڻ. رتي،. سُرو. مُهلو.

• **اَرْڪَ ج اَرْڪَ:** ذ. [سن. اَرْڪَ] شعاع – ڪرڻو – وڄ جو چمڪاٽ. سج. بلور. ٽامو. اِندر ديوتا جو هڪ نالو آرتوار. اَڪ جو وڻ. مذهبي ڪريا ڪرم. ثنا – ساراهـ ـ گيت. راڳيندڙ – ڳائڻو. عالم شخص. وڏو ياءُ. ڪاچ.

• **اِرْڪَ ج اِرْڪون:** ث. [سن. اَرَتْنڪَ = نُونٽ < اَرَتْن = نُونٽ، ڪُنڊ، وچٽري چاڙهي، نُونٽ ڪان چيچ جي چوٽيءَ تائين وَچوٽي، گوشو يا مُڪ] نُونٽ – نُونٽ ڪان ڪرائيءَ تائين ٻانهن جو ڀاڱو. ڏوڪ ڏوڪان. اٽڪ – آڏ – جهل – رنڊڪ – روڪ.

ـ **اِرْڪَ ڏِيڻ:** نُونٽ ڏيڻ – ڪوڙا بچاءُ ڪرڻ – ڪوڙا عذر پيش ڪرڻ. آڙا گوڙي ڪرڻ – اڙي وجهڻ.

ـ **اِرْڪَ ڏيئي ويهَڻ:** نُونٽ ير ويهڻ.

ـ **اِرْڪَ هڻڻ:** چالاڪي ڪرڻ – نقصان پهچائڻ. پيچڪڙي وجهڻ – ڦڙتي هڻڻ. شاهو ڏيڻ – هشي ڏيڻ.

ـ **اِرْڪي ج اِرْڪِيُون (ٽ):** ث. اِرْڪ.

ـ **اُرْڪَڻُ:** مصدر. [سن. اُد = مٿي + ڪُر = ڳرڪائڻ] منهن مٿي ڪَري وات ۾ پاڻي يا کير هاري پيئڻ – ڳُٽ ڳُٽ ڪري پيئڻ.

ـ **اُرْڪَ ج اُرْڪون:** ث. پاڻيءَ يا کير جي يڪساهي ڳيت – تِڪ. ڦڙي – ڦِنگ – ڊُڪ – مرڪ.

ـ **اُرڪَ ڇِتَڻُ:** سڪڻو ٿيڻ. بکيو هجڻ.

• **اُرْڪ سُرْڪَ:** ث. سُرڪ – سُرڪي – مرڪ (ت) "اُرڪ سرڪ، سيد چئي، لڳيس ڏوت ڏهي" (شاهه).

• **اَرْڪاٽِي ج اَرْڪاٽِي:** ذ. ناکئو – ٻيون (ٻنگيءَ جو). جهاز جو سونهون يا مُعلم.

• **اَرْڪانُ ج اَرْڪانُ:** ذ. [ع. رُڪْنُ ج اَرْڪانُ = ٿنيو] ٿنيو – پُشتي – جهلاءُ. عادت – فضيلت. لڇڻ.

ـ **اَرْڪان دَولَت:** ذ. حڪومت جا ٿنيا. امير اُمراءَ.

ـ **اَرْڪانِ دين:** ذ. دين جا ٿنيا جي پنج آهن (١) توحيد ۽ رسالت، (٢) صَلاةَ يا نماز، (٣) صَوْم يا روزو، (٤) زڪوات،، (٥) حج.

• **آرڪوٽرڪو ج آرڪا ٽرڪا:** ذ. [ع. تَرڪَةً = ورثو] ورثو ترڪو. اڏو تڏو – اَلهو تلهو – ٽپڙ ٽاڙي – سموري ملڪيت – ميڙي چونڊي – هرڪو ترڪو (ت) – سيڪجهه.

– **آرڪو ٽرڪو ڇَڏڻ:** سڀ مال ملڪيت ڇڏڻ.

• **اَرَڪ:** ظرف. [سن. ١. اَ = نه + رَڪْش = رکڻ، سنڀالڻ؛ ٢ اَرَڪَ > اَرَڳَ > اَلڳَ = اَ = نه + لَڳَ = لڳائڻ، چنبڙائڻ؛ ٣ اَلڳَنَ = اڻ ڳنڊيل] نه سنڀالڻ جهڙو – قبضي کان ٻاهر. الڳ – جدا "اَرَڪ ٿيو آرام، ڪاڪل پسي ڪانڌ جو" (شاهه).

• **اَرَڪ: اَرَڪَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + رَڪْش = رکڻ، سنڀالڻ > رَڪْشَڪَ = اڻ رکيا ڪندڙ، نه سنڀاليندڙ] رکيا نه ڪندڙ – نا پرهيزگار. نه رکندڙ – نه رهائيندڙ يا بي وفا. بي خبر – غافل – غائب. ختم. "احدان جي ارڪ ٿيا، سي ڪانئر ڪبـ ڪاهه" (شاهه).

• **اُرْڳر ج اُرْڳرون (ت):** ث. آنڌ مانڌ – چورا ڪورا – خيال – هُر ڪر.

• **اَرْڪَڻُ، اُلڪَڻُ:** مصدر. [سن. اُپَلَڪْشَڻَ = جاچي ڏسڻ] پرکڻ – ڄاڻڻ – سڃاڻڻ – واقف ٿيڻ.

– **اُرْڪَ ج اُرْڪون:** ث. اُلڪ – پرک. ڄاڻ – سڃاڻ – واقفيت.

– **اُرْڪائِڻُ:** مصدر. "اُرڪڻ" مان متعدي بالواسطه. اُلڪائڻ – پرکائڻ. ڄاڻائڻ – سڃارائڻ.

• **اَرْڪُ ج اَرْڪَ:** ذ. [سن. اَرْگهَ، اَرْهَ = مله لهڻ، لائق ٿيڻ] قيمت – لياقت – مله. ان جزن جي ادبائتي پيٽا ڪنهن ديوتا يا برهمڻ اڳيان،. پوڄا پاٺ وقت (سج، چنڊ) ديوتا جي شان ۾ پاڻي هارڻ جي رسم.

• **اُرْڳ ج اُرَڳ:** ذ. [سن. اُرَسْ = ڇاتي + ڳَمْ = هلڻ] نانگ جو هڪ قسم.

• **آرْڳانو ج آرْڳانا:** ذ. صفت. [ف. يگانه] پيارو – دادلو – سڪيلڏو – لاڏلو.

• **اَرْڳَتُ ج اَرْڳَتَ (ٽ):** ذ. ڪاٺ يا لوهه کي گسائي صاف ڪَرڻ لاءِ رَڪ جو ننڍن ڏندانن وارو ڪُهرو اوزار – روات – سونهڻ.

• **ارڳجا:** عرق، عطر.

• **اَرْڳچِيْنِي ج اَرْڳَ چِيْنِيونْ:** ث. [ف. عَرَق چين = پڳ يـ پٽڪَي کي پگهر ڪان بچائڻ لاءِ ننڍي ٽوپي يا رومال ٽوپيءَ جو هڪ قسم. دالچينيءَ جو ارڳ (عرق).

• **اُروڙ ج اُروڙون**: ث. [سن. اَجگر = وڏو نانگ جو ٻڪري ڳھي وڃي] اجگر – اُرڙ نانگ – اژدھا – ڊمڻ. وڏي خوفناڪ بلا.

• **اُروڙ**: اسم خاص. [ف. رُوُدُ (= درياء) > ع. الرود > الرور: (سنڌي اچار=) اروڙ. الور] قبل از اسلام سنڌ ملڪ جو تختگاھ – الور يا اروڙ جو قديم شهر جنهن جا کنڊرات روھڙيءَ کان پنج ميل ڏکڻ اوڀر طرف. ايرندي ناري (= ھاڪڙو) لڳ ۾ قديم وقت جي درياء جي پيٽ جي مٿان موجود آھن "ھاڪ و ھندو ھاڪڙو پڄندي ٻنڌ اروڙ" (ماموين جا بيت). اروڙ جو نِنڍڙو ڳوٺ جو قديم شهر اروڙ واريءَ جاءِ تي موجود آھي. ھڪ ذات جو نالو. روھڙي تعلقي جي ھڪ ديھ جو نالو.

• **اُروڙ وَنسي**: اسم خاص. سنڌ جي اروڙ حصي جي رھاڪن ھندن جي اولاد مان. پنجاب ۾ رھندڙ ھندن جي ھڪ ذات جو نالو.

• **اُروڙ ج اُروڙ**: ذ. انبار – ڍڳ – ڍير – ڪوڙ. پکين يا چوپاين يا ماڻھن جو گھاٽ.

• **اُروڙا**: اسم خاص. اڪثر حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ رھندڙ ھڪ ھندو ذات جو نالو.

• **اُروڙجڻ**: مصدر. ٿيپي گاڏھو ٿيڻ – ڪاوڙجڻ – ڪوپ ٿيڻ. ڏسو "اُروڙجڻ".

• **اُروڙي ج اُروڙيون**: ث. بدي – برائي – خرابي – وڪار. بيائي – دوئي – غيرت – ڪُپَت "ڪڏي اروڙي، تہ سگھي ٿئي سامي چئي" (سامي). ڪن ڪچري جو ڍڳ – چيٽن يا گند جو ڍير (ملتاني). ڊِپ. ڪُتي يا گدڙ جي وڏي اوناٽي.

• **اُروڙي ج اُروڙيون**: ث. ارڙي: (ماتا جي بيماريءَ جو ھڪ قسم) – لاڪڙو – ننڍي ماتا.

• **اُروسو ج اُروسا**: ذ. [سن. اَٽرش: ف. اُروسا] ھڪ ٻوٽي جو نالو – ڪنگھہ وغيره لاءِ دوا طور ڪم ايندڙ ھڪ ٻوٽيءَ جا ساوا پن.

• **اُروش ج اُروش**: ذ. [سن. اَروش = سج. ھڪ قسم جو نانگ] سج. باھ جو پيڙ – پڙڪو – جھلڪو – شعاع – شعلو. ھڪ قسم جو نانگ.

• **اُروڪرو ج اُروڪرا (ڪہ ل)**: ذ. صفت. [اَ = نہ + روش > ريکا = مھاندو] بدشڪل – بدصورت – ڪوجھو.

• **اُروڪو ج اُروڪا (ڪ)**: ذ. صفت. [سن. ڪُروهُ = چامڙو: اَ = نہ + روش > ريکا = مھاندو] بدشڪل – بدصورت – بي مھاندي – ڪوجھو. اپرو – بي زور – ڪم طاقت – نبل.

• **اُروڳ ج اُروڳ**: ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + روڳ = روڳ. مرض يعني بنا روڳ جي] تازو توانو – تندرست – چڱو ڀلو – نرويو – نمرو.

ـ **اُروڳ وِڳيان**: ذ. صفت. [سن. اَروڳيہ] اُروڳ.

ـ **اُروڳائي**: ث. تندرستي – چاقائي – چڱيلائي – سجائي. سگھائي – صحّت.

ـ **اُروڳو ج اُروڳا**: ذ. صفت. اَروڳ.

ـ **اُروڳ وديا**: ث. چڱيلائي رکڻ جو علم – علم الصحّة.

ـ **اُروڳي ج اُروڳي**: صفت. اَروڳ.

• **اُرونھرو ج اُرونھرا (ڪ)**: صفت. اروڳ – چاق – چڱو ڀلو.

• **اُروڻ ج اُروڻ**: ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + لَوَڻَ = لوڻ] اَلوڻو – بي نمڪ – ڦڪو.

ـ **اُروڻو ج اُروڻا**: ذ. صفت. اَلوڻو. بي سواد – ڦِڪو. بداخلاق – بدچال – ڪُلڇڻو.

• **اُروٽي**: ذ. واڻُر کان پوءِ اچو ٽيل اَنَّ. (اسم خاص) تعلقي جو ھيءَ ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

ـ **اُروٽي ڪَرڻ**: اَنّ صاف ڪرڻ. واڻُر ڪرڻ.

• **اُروئي**: ث. [سن. اَروجَ = اڻ وٽندي] حمل جا اُڌيڙ.

• **اُرَھ (ث)**: ذ. ڪنھن سان بدن لڳڻ جي حالت – چوٽ – ڇھُ – لَمَس.

• **اُرھ**: ث. [سن. آرادَ = راضي رکڻ] مرضي – سَڌ – خوشي – خواھش. انگل – اُرہ (ث).

ـ **اُرھ رکڻ**: ٻار جي غير واجبي مرضي رکڻ – دل وٺڻ. ڪوڏائڻ – دادلائڻ. اَرِءِ رکڻ – سانگو ڪرڻ.

• **اُرَه**: ذ. [ف] ڪارائي.

ـ **اُرھ ڪَش**: ذ. صفت. وادو – ڪاٺ چيرو.

• **اُرَھ ج اُرَھ**: ذ. ڇاتي – سينو – پِستان – ٻُبو. جبل جي ٻَڻ ڪان ھيٺ زمين (ڪ).

ـ **اُرھ اُنبورجڻ**: ڏک ظاھر ٿيڻ – ٻُبا ظاھر ٿيڻ.

ـ **اُرھ پرجڻ**: ٻُبا سگوئجڻ. ڇوڪريءَ جو بالغ ٿيڻ.

ـ **اُرھ ڏيڻ (ث)**: مقابلي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي اچڻ – مقابلو ڪرڻ. اچي مَچي ڪرڻ – ھمٿائڻ – مدد ڪرڻ.

ـ **اُرھ زورائي ج اُرھ زورائيون**: ث. سينه زوري – ڏاڍ مڙسي – زبردستي. ڏاڍائي – ظلم.

ـ **اُرھ زورائي ڪَرڻ**: ڏاڍ مڙسي ڪرڻ – زبردستي ڪرڻ – ظلم ڪرڻ.

ـ **اُرھ زوري**: ث. اُرھ زورائي – سينه زوري.

• **اُرھائڻ**: مصدر. [سن. اُرَهُ = سينو] سوڙھ ڪرڻ – ٻئي کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکڻ. گهٽڻ. اُچاٽڻ – هوڪر ڪري وڙهڻ. تپائڻ.

- **اَرهاٽ ج اَرهاٽون:** ٿ. اَره زورائي – ڏاڍائي – اُچاٽ.
- **اَرهاٽ ڏيڻ:** پاڪر ۾ زور ڏيڻ – پيڙڻ – چپڻ – چيپاٽڻ.

" **اَرهالُ ج اَرهالَ (ڪ):** ذ. صفت. ننڍڙو ٻار – اَلڙ – معصوم. ٻي سمجهه.

• **اَرهاٽو ج اَرهاٽا (ڪ):** ذ. صفت. نئون. پرائو – ڌاريو. چوري ڪيل.

- **اَرهاٽي پيرين ڪيڻ (ڪ):** اُگهاڙي پيرين ڪيڻ – نااُميد ڪري ڪيڻ.

• **اَرهائڻ:** مصدر. [سن. اَ = نه + هَرش = خوش ڪرڻ] اَرهو ڪرڻ – ناراض ڪرڻ – رنج ڪرڻ – ڏُکي ڪرڻ.

• **اَرهجڻ:** فعل مجهول. ناراض ٿيڻ – رنج ٿيڻ. دل ۾ ڪرڻ.

• **اَرهَر ج اَرهَر:** ذ. دال جو هڪ قسم.

• **اَرهَنِ اَرينهن:** ظرف. "پَرينهن" کان پوءِ پيو ڏينهن – ٽئين ڏينهن.

- **اَرهَنڪو اَرينهڪو:** ذ. صفت. اَرينهن وارو.

• **اَرهَنُ (ڪ)، اَرهُون (ل):** ذ. (ڏهائيندڙ) مال جي اوهه تي سوڄ.

- **اَرهن هڻڻ:** چوپائي مال جي ٿڻن جو سُڄي پوڻ. ٻڪريءَ جا ٿَڻَ تپي ۽ سُڄي پوڻ. ٻڪريءَ جي ٿڻن مان کير ڏهڻ وقت رت نڪرڻ.

• **اَرهندو ج اَرهندا:** ذ. صفت. [سن. اَرِه > اَن = نه + اَرهُ = لائق هئڻ] نَه رهندو – نَه رهائيندڙ – نه سُهائيندڙ – اڻ جوڳو – اڻ لائق – غير مناسب – نامَناسب. ناشائسته – غير واجب – ناشايان. حرام – ناجائز (ديني لحاظ سان). زبردستيءَ سان ورتل. بي انصافيءَ سان حاصل ٿيل (ٿ) اَرهَندي ج اَرهنديون.

- **اَرهَندائي:** ٿ. اڻ لائقي. بي قاعدگي – لاقانونيت (ديني يا اخلاقي).

• **اَرهَندي ج اَرهَنديون:** ٿ. ڌاري – اوپري – نڌڪي – رولَ چولَ – ڏٿين مُٺي.

• **اَرهَڻَ ج اَرهَڻون:** ٿ. سنداڻ (سونارن جي) – اَرٽي.

• **اَرهَڻ ج اَرهَڻ:** ذ. اَهنر.

• **اَرهو ج اَرها:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + هَرش = خوشي] ناخوش – ملول – رنج – غمگين – ڏکويل. "سَرهو" جو ضد. (ٿ) اَرهي ج اَرهيون.

- **اَرهاڻ:** ٿ. اَرهائي.
- **اَرهائي:** ٿ. ڏک – رنج – ناراضپو – رنجش. ملولائي – غمگيني.
- **اَرهو ٿيڻ:** ناخوش ٿيڻ – رنج ٿيڻ – ناراض ٿيڻ.
- **اَرهي سَرهي تَڪڻ:** امير غريب کي هوسڻ. ڏکئي سکئي سان حسد ڪرڻ.

• **اَرهو ج اَرها (ٿ):** ظرف. هيڏانهن – هيڏ پرو. اورتي – ويجهو – قريب.

- **اَرهو پَرهو:** ظرف. هيڏانهن هوڏانهن – اوري پري.
- **اَرهي:** ظرف. اوري – اورتي – ويجهو.

• **اَرهي ج اَرهيون:** ٿ. آرسي. عورت جي آڱوٺي جي ٽِڪَ واري مُنڊي. ٽڪ.

• **اَرَءِ ج اَرَئُون (ٿ):** ٿ. [سن. آراڌ = راضي رکڻ] راءِ – رايو – انگل – سَڌَ – شوق – مرضي – خيالَ. سانگو. اَرداس.

• **اَرَءِ:** ٿ. [سن. اَ = نه + رو = درياءَ جي وهڪ] درياءَ جي لٽ نه چڙهيل زمين – غيرآباد زمين – خشڪ زمين – پوٺو – دَشت. غير موسمي فصل.

- **اَرَءِ ڏيڻ:** زمين کي آباديءَ کان ساهي ڏيڻ.

• **اَرَٿُوٽو ج اَرَٿُوٽا (ٿ):** ذ. هَرُ.

• **اَرَٿُوٽو ج اَرَٿُوٽا:** ذ. صفت. [سن. اَنَ = نه + اَرَهَ = لائق] اَڻ لائق – بد عادت – بد چال – بد فضيلت – نالائق.

• **اَري ج اَريون:** ٿ. ڪائيءَ جو ننڍو ٽڪرو. عضوو – سَنڌ. ڪنهن بہ شيءِ جو ٿورو حصو (ٿ).

• **اَري ج اَريون:** ٿ. رڌ – گهيٽي – ڏنبي.

• **اَريبُ:** ذ. [ع] داناءَ – ڏاهو.

• **اَريب ج اَريبُون:** ٿ. [ف. اَريبُ = ڦڏو] چورس، مستطيل يا ڪنهن بہ چوڪنڊي جي آمهين سامهين ڪنڊن کي پاڻ سان ملائيندڙ ليڪ.

• **اَريبُ ج اَريبَ:** ذ. ڏِنگائي – ڦڏائي. فريب.

- **اَريبي ج اَريبي:** صفت. پاسيرو – ڪنڊائتو – ڪُنڊو ڪُنڊ.

• **اَريڄَ ج اَريڄ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + ف. ريڄ > ريزش = وَهڪ] بنا ريج زمين – خشڪ زمين – سُڪي ٻني – بيابان – صحرا "آسڻ جن اَريڄَ ۾، تن جي وهَ جو وَرن بيو" (شاهه).

• **اَريڙ ج اَريڙيون:** ٿ. [سن. اَجگر = بلاجا سڄي ٻڪري ڳهي وڃي] هڪ تمام وڏي ۽ ٿلهي بلا – ارڙ نانگ – اروڙ – اژدها – اجگر. آفت. چالاڪ – هوشيار.

• **آريسَرَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (آريسر).

• **اَرينڊو ج اَرينڊا (ٿ):** ذ. صفت. اجايو. بي وقوف.

• **اَرينهن:** ظرف. اڄ کان پوءِ چوٿون ڏينهن – اڄ کان چوٿين ڏينهن (ٿ).

• **اَريٺو ج اَريٺا (ٿ):** ذ. ائٽ – چرخو – ارٽ.

• **اَڙ ج اَڙون:** ٿ. [سن. اَڏ = جهڪڻ] هوڏ – اصرار – مخالفت. اَڙ – آڏ – اٽڪ – رنڊڪ – روڪ – رَنڊ – رڪاوٽ – جهل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **اُرُهني ج اُرُهنيُون (ث):** ث. اوڍڻي. چُني. رئو – پوتي.

• **اُرُهَڻُ (ڪ):** مصدر. هڪ ٻئي مٿان ڍڪ ڪرڻ.

• **اُرُهَڻُ:** مصدر. پهرڻ – وجهڻ – اُسهڻ. جوتجڻ – جُتڻ. وَهڻ – ڳهڻ (بار ۾). وَهڻ – وهي هلڻ (پاڻي). وسڻ (برسات). (ڪناية) هر ڪاهڻ – ڪيرڻ. ربح ڪرڻ – ٻني پيارڻ. مدد ڪرڻ. پاڻيءَ جو وارو وٺڻ – پاڻي ورائڻ (ت).

• **اَڙِيا:** حرف ندا. [سن. اَري] ٻئي کي سڏ ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ لفظ – اي ـ ڙي – او. گهٽتائيءَ، ڪراهت يا نفرت وچان سڏ ڪرڻ مهل ڪم آندل لفظ.

• **اَڙِي ج اَڙِيُون:** ث. [سن. اَرري] ملهه ۾ (ناجائز قرار ڏنل) هڪ قسم جو جانئو. آڙ – آڏ – آڏڙي – مونڙي – ڦڙتي – آڙتي. آڙاڳوڙي – ڦڏو – ڳڏي – ڦتڙڪ. ڪوٽ – ڊوهه. اٽڪ – رڪاوٽ – روڪ – رنڊڪ. جهل – ٽيڪ – جهلو. گس گساءُ – نٽ نٽاءُ. انگوڙي – وڪڙ – پيچ. هٺ – غرور – وڏائي. تڪليف – مشڪلات. ڏک – سور – اهنج – ايذاءُ. نوڪ – ڇهنب – آٽي. (ظرف) اڙجي – پلجي – پنيلجي – ڦاسجي. (حرف ندا) زال کي سڏڻ جو لفظ – اڙي – ائي. زالن جو هڪ ٻئي کي سڏڻ جو لفظ. ٻڙي – اَئي.

ـ **اَڙِي اوڙي:** ٺه ڏک – تڪليف. ڏکئي وقت.

ـ **اَڙِيباز ج اَڙِيباز:** ذ. صفت. رڪاوٽون وجهندڙ– اَڙتيباز – اَڙيڪوڙ – ڦڙتيباز.

ـ **اَڙِي ڏيڻ:** گهوڙي وغيره تي ٻيلهه چاڙهڻ لاءِ هٿ يا پير جي ٽيڪ ڏيڻ.

ـ **اَڙِي رَهڻ:** رنڊڪجي بيهڻ – روڪجي وڃڻ.

• **اَڙِي ڪرڻ:** بهانو ڪري رنڊڪ وجهڻ – بهاني سان تڪليف ۾ وجهڻ – ڦڏو ڪرڻ – اڙتي ڪرڻ – ڦتڙڪ هڻڻ – ڏڏڙ ۾ پير هڻڻ.

ـ **اَڙِيڪوڙ ج اَڙِيڪوڙ:** ذ. صفت. ڦڏائي – اڙي باز – ڦڙتي باز.

ـ **اَڙِي هڻڻ:** وهٽ کي تڪڙي هلائڻ لاءِ پيٽ ڏاري پير جي ڪڙي هڻڻ – مهميز ڏيڻ. اٽڪل ويهڙائڻ – تجويز ڪرڻ – ڪيڏ ڪيڏڻ.

ـ **اَڙِيءَ ۾ اَچڻ:** ڏنڊ ڀرڻ لاءِ مجبور ٿيڻ. مُصيبت ۾ اچڻ.

• **اِڙِي ج اِڙِيُون (ث):** ث. گڏي. پُتلي – پوري.

• **اُڙِي ج اُڙِيُون:** ث. ڪڙي.

• **اَڙِي تَڙِي:** ث. صفت. رهيل ڪهيل – بچيل سچيل. رَهي ڪهي – بچت سَچت.

• **اَڙِيو تَڙِيو ج اوڙيا تڙيا:** ذ. صفت. [سن. اَنُپتَر = بيراهه] رستي پليل – تڙيو ڏاڙيو.

• **اَز:** حرف جر. [ف] کان – کنان – طرفان – وٽان.

• **اَزانسواءِ:** ظرف. انهيءَ کان سواءِ ـ انهي ڌاران.

ـ **اَزبَر:** ظرف. ياد – حفظ.

ـ **اَزبَس:** صفت. نهايت – ڪافي – ڪافيءَ کان زياده.

ـ **اَزحَد:** صفت. نهايت – تمام گهڻو – بيحد – بيشمار.

ـ **اَزخود:** ضمير. پنهنجو پاڻ – پاڻهي – خود بخود پاڻ مرادو – پاڻئون – پاڻهي جاڻي.

ـ **اَزسَرِ نَو:** ظرف. نئين سر – وري – ٻيهر – دوباره. سري کان.

ـ **اَزغيبُ:** ذ. صفت. نامعلوم – اوچتو. لڪل – ڳجهو.

• **اَزغَيبي:** ظرف. اوچتو – ناگاهه – اچانڪ. ڳجهيءَ طرح – ڳجهو.

• **اِزارَ ج اِزارُون:** ث. [ع] سٿڻ – شلوار. پاجامو. گوڏ.

ـ **اِزاربَند ج اِزاربَنَدُ:** ذ. [ع+ف] اَڳٿ – ناڙو – ڪمربند.

ـ **اِزاربندي رشتو:** ذ. زال طرفان مائٽي.

• **اِزارو ج اِزارا (ت):** ذ. [ع. اِجارة] ناڪو – چونگي – محصول.

ـ **اِزاريدارُ ج اِزاريدارُ:** ذ. صفت. [ع. اِجاره + ف. دار] محصول وٺندڙ منشي.

• **اِزالو ج اِزالا:** ذ. [ع. اِزالَة = زائل ڪرڻ. محو ڪرڻ] زوال – دفع – رفع – منسوخي – نورتي.

ـ **اِزالهٔ غَلطفهمي:** محاورو. غَلَطفهمي لاهڻ.

• **اُزبَڪُ ج اُزبَڪَ:** ذ. صفت. [ترڪي. اوزبڪ = هڪ شاهي خاندان جو نالو] مضبوط – رانوڙ – جانئو – بهادر – پهلوان – جوڌو. هُوڙهه – اُبهرو – تڪڙو – جلد باز.

ـ **اُزبَڪيُون ٻَڪڻ:** ٻَٺاڪون هَڻڻ – ڏاڙون هڻڻ – اجايون ڳالهيون ڪرڻ – بي بنياد خبرون ڏيڻ. اٺ ٽيٽيون ڳالهيون ڪرڻ – اُپ ڦاڙڻ.

• **اِزدِحامُ ج اِزدِحامَ:** ذ. [ع] ماڻهن جو گوڙ – انبوهه – ڏِنب – پيڙ – وڏو مجمع – ميڙ – پيهه – ڳپا ڳيهه – ڪلهي گس.

• **اِزدِواجُ:** ذ. [ع] نڪاح – شادي – پرڻو – مٿا ميڙ. بيت جي آخر ۾ ٻن مُتشابهه الاخر متحدُ اللّفظ ۽ مختلف المعنيٰ لفظن جي استعمال واري شعر جي هڪ صنعت "ڏک هٿي پنهنجي هٿئون يا برهه جو بيمار مار – شهسوارا! وصل جي يا واڳ تون هڪوار وار" (واصف).

• **اِزدِواجُ البَصَرَ:** ث. [عَ] ٻني نظر – نظر جي ٻٽائي – هڪ شيءِ جو ٻه ڏيکائي ڏيڻ.

• **اَزدَها ج اَزدَهائُون:** ث. [ف. اَژدَها] نانگ جي شڪل ۾ تارن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو ميڙ. هڪ وڏو نانگ — اروڙ.

• **آزرديون:** ڏک واريون. عاجزي واريون.

• **اَزرَق ج اَزرَق:** ذ. صفت. [ع] نيرو — نيلو — آسماني. فريبي — پاڪبدي. بڇاڙو — وچ ويڙهائو.

_ **اَزرق پوش:** ذ. صفت. نيلو لباس پهريندڙ.

_ **اَزرق چشم:** ذ. صفت. نيلين اکين وارو — ٻليءَ جي اکين جهڙو — شيرو. بي حيا — بي مروت.

_ **اَزرق فام:** ذ. صفت. نيلي رنگ وارو — نيراڻ تي مائل.

• **اَزگر ج اَزگرَ:** ذ. [سن. اَجگر = ٻڪري ڪائيندڙ نانگ. ڪوراڙ] اجگر — وڏي بلا — اژدها — اروڙ. آفت.

• **اَزَلُ:** ذ. [ع] شروعات کان سواءِ هميشگي — اناد. "اَبد" جو ضد — دنيا جي پيدا ٿيڻ و پهريون ڏينهن "از ابد جي وچ ۾، دريا دور ڪيا" (گرهوڙي) — ميثاق وارو ڏينهن — منڍ — اصل — بنياد — ابتدا — تخليق جي شروعات — ابتداءِ آفرينش. قسمت — مقدر — تقديرَ.

_ **اَزَلي ج اَزلِي:** صفت. اصل کانَ — شروعات کان وٺي — انادي. "ابدي" جو ضد. ابتداءِ آفرينش کان وٺي آخر تائين رهڻ وارو — باقي.

• **اَزواج:** ذ. [ع . زَوج = جفت، زال يا مڙس] ٻيبيون — گهرواريون. مڙس — خاوندَ — وَرَ.

_ **اَزواجِ مُطهّرات:** ث. سڳوري رسول جون پاڪ ٻيبيون — آنحضرت ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جا حَرم سڳورا.

• **اَزورو ج اَزورا:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + ف. زور = طاقت] بي زور — نبل — نستو — بي طاقت — ڪمر طاقت — هيڻو. (ث) اَزوري ج اَزوريون "آهيان ازوري، تنهنجي زوريءَ جبل لنگهيا" (شاهه).

• **اَزهار:** ث. [ع. زَهر ج اَزهار] گل.

• **اَس:** ث. [سن. اَس] ترار — ڪاتي — ڇري (جانورن ڪهڻ لاءِ).

• **اَسّ ج اَسُون:** ثَ. [سن. اَشرَ. اُشٽا = گرمي] سج جو تؤ — سج جو پَرتوو — ڏپ — سج جي روشني — تڙڪو — ڪاڙهو — گرمي — تابش — تپش. اُتَ — تائي — تاؤڙي — تپت.

_ **اَس تي هُجڻ (ت):** ٻک تي هجڻ — لنگهڻ تي گذارڻ — بکئي پيٽ رهڻ.

_ **اَس چَٽڻ. ڪائڻ:** تڙڪو جهٽڻ — اُس تي گرم ٿيڻ — تڙڪي تي ويهڻ — تڙڪو وٺڻ. ٻکيو رهڻ.

_ **اَس سَڙيو ج اَس سَڙيا:** ذ. صفت. ڏپ سڙيو — لوهاٽيل — لوساٽيل — ڪاراٽيل.

_ **اَس ڪارائڻ:** واڪو ڪرڻ — سُڪائڻ.

_ **اَس ۾ اَچا ڪَيڻ:** آزمودي پرائڻ کان سواءِ پوڙهو ٿيڻ. آزمودو نه هئڻ — ناتجربيڪار هئڻ — الڙ هئڻ. عُمر اَجائي وڃائڻ.

_ **اَس ۾ وارَ اَڇا ڪَرڻ:** آزمودو نه پرائڻ — عقل نه هئڻ — اَس ۾ اڇا ڪيڻ.

• **اَساتِذهٓ:** ذ. [ع. اُستاذ ج اُساتذه] اُستادَ _ ماهر — ڪاملَ — ڪاريگر.

• **اَساترو ج اَساترا (ث):** ظرف. ڪنهن ڪم لاءِ سنيريل.

• **اَسائڻ:** مصدرَ [سن. اُشڻ = گرم < اُشٽا = گرمي] اُس ۾ ساڙڻ — سڪائڻ — ڪومائڻ — مُرجهائڻ. (اَساتيل — اَساتيندو — اساتيو).

_ **اَسات ج اَساتُون:** ث. سخت اُڃ — ڏوگهو (ت) — ڏوگهه ڏوگهان — پياس — خشڪي — تاس — عطش — تَونس — ترشنا — تشنگي — ٿُهه. تسيو. شوق _ چاهه _ چاهنا. اوسيڙو — اون — آتاڙ. سڪ — اُڪير — اُڪنڊ — ڪشش. گرمي — ڪاڙهو — تپشَ — سوزش — تپت — ساڙو. سوڪهڙو.

_ **اَساتِجڻ:** مصدر "اَساتڻ" مان فعل مجهول. سخت اُڃائجڻ. ڪومائجڻ — سڙي سُڪي وڃڻ.

• **اَساتو ج اَساتا:** ذ. صفت. بي ساتو — خشڪ — سُڪل — ٿوٿ — اُساتيل.

• **اَساڌ ج اَساڌا:** ذ صفت. [سن. اَ = نه + ساڌ = پاڪ] پليد — ناپاڪ

• **اَساڌيو ج اَساڌيا:** صفت. [سن. اَساڌيَہ] اڻ ٿيڻي — نہ ٿيڻ جهڙو — ناممڪن — اَسميو — ناشدني.

• **اَسارَ ج اَسارُون:** ث. [سن. اَ = نه + سار = رس، سواد، قوت، قيمت] بي رس — بي سوادي — ڦوڳو. سچي قوت ۽ قيمت بغير — بي قوت. ڪنو. نالائق — اجايو — بي فائدو. هيڻو — ضعيف — بي طاقت. ناڪئون.

_ **اَسارتا ج اَسارتائُون:** ث. اَپوڳائي — بي رسي. نالائقي. ناڪئائي.

• **اَسارَ ج اَسارَ:** صفت. [سن. اَ = نه + سار < سُمر = ياد ڪرڻ] غافل — بي پرواهه _ گهيلو — بي خبر — بيَ سرتيو — بي گوندرو — بي خيالو — اوڳو — موڳو — چرياڻ — تواڻي — واچرو — ٻڌو — ٻڳهلو. ٽوٽ. لول — ڪنٽور. فاني — بي بقا.

_ **اَسارو ج اَسارا:** ذ. صفت. بي سمجهه — بي عقل — بي خبر — غافل — وسلو — وسارو "وير وري ويئي، آسارن تان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچتي" (شاهه). نستو – بي وسيلو. ڦوڳو – بي سوادي – جنهن ۾ رس نہ هجي.

_ **أساري ج أساريُونْ:** ث. بي سمجهه عورت اَبوجهه – بي عقل – مورک. بي گونڌري. بي خيالي. نادان – ڇت. پورڙي – موڳي – اوڳي. غافل. بي خبر – ويسلي – ويساري – ويسري. اڻ ڄاڻ "اصل اَساري پئي، پوري پڳئي جيئن" (شاهه).

• **أسارا، أسارا:** صفت. [ع. أسير ج أسارا] قيدي – باندي.

• **أسارڻ:** مصدر. پٽ جي مٿي تعمير ڪرڻ. اوسارڻ – پٽڻ. (اُساريو – اُساريل – اُساريندو).

• **أسارو ج أسارا:** ذ. پٽ جي تعمير. پٽڪو – اوسارو.

_ **أساري ج أساريُونْ:** ث. پٽ جي تعمير – اوساري.

• **أساسَ:** ث. [سَن. اَ = نہ + شُواسه = ساس. ساهه] ساهه جي بندش – ساهه جي روڪ "مالها ساسَ اَساسَ جي، پائي ڳل پوئي" (سامي).

• **أساس، أساسَ:** ذ. [ع] واحد طور ڪم ايندڙ لفظ. بنياد – پاڙ – جڙ – پيڙهه.

• **أساسي ج أساسي:** صفت. بنيادي – اصولي.

_ **أساسي قانون:** ذ. مکيہ يا بنيادي قانون.

• **أساسَ:** ث. [سن. اَٽ = مٿي + شُوَس = ساهه کڻڻ] اُپ ساهي – اَوساس.

_ **أساس پرڻ:** ساهه کڻڻ.

• **أساطيرُ:** ذ. [ع. اُسطورة ج اَساطير] قصا – ڪهاڻيون – ڪٿائون – آکاڻيون – ڳالهيون.

_ **أساطيرُ الاوّلين:** ذ. اڳين جون آکاڻيون.

• **أساطينُ:** ذ. [ع. اُسطوانه ج أساطين] ٿنڀا – پيل پاوا.

• **أسافِل:** ذ. [ع. اَسْفَلُ = سڀ کان هيٺيون] خسيس يا نيچ ماڻهو يا شيون.

_ **أسافِل ناسَ:** ذ. رڏي يا نيچ ماڻهو.

_ **أسافِل وأعالِي:** ذ. نيچ ۽ اوچ طبقي جا ماڻهو.

• **أساڪرو ج أساڪرا:** ذ. زمين جي آبادي زمين جي ماپ.

_ **أساڪرو ٿيڻ:** مينهن پوڻ کان پوءِ زمين جو جمي سخت ٿي پوڻ يا زمين جو هموار ٿيڻ.

• **أساڪِرُو ج أساڪِرا:** ذ. صفت. [سن. اَشر =اَسَ] ڪجهه سڪل ڪجهہ آلو – ڦڪرو – آدوڪو. (ث) اَساڪِري ج اَساڪِريون.

• **أساڪرو، أساڪِرو ج أساڪِرا، أساڪرا (تـلَ):** ذ. صفت. [سن. اُشر = اُس] صاف تيل (ت) اَڌ آلو اَڌ سڪل _ ڦڪرو _ آدوڪو _ اُساڪِرو. پُسائي سُڪائڻ بعد وٽجي ويندڙ (ل).

• **اَساڪِري، اَساڪِڙي ج اَساڪِريون، اَساڪِڙيُون:** ث. [سن. اُشر = اَسَ] پاڻيءَ واري زمين – وٽ واري زمين – پوسل واري زمين. ڦڪري زمين. سج جي روشنائي – ڪاڙهو – اُپس – هُبس – اُڳهم – اُڪرس – آڳهٽ – ڳهُٽ. ٽپت – تاوڙي. مينهن وسي بند ٿيڻ جي حالت – سواسائي (ٿ).

• **اَساليب:** ذ. [ع. اسلوب ج اساليب] نمونا – ريتيون. عبارت جا نمونا.

• **اَسامرٿ ج اَسامرٿَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + سامرٿيہ = طاقت] بي طاقت – ڪم طاقت – بي پهچ – ناتوان – هيٺو – ڪمزور.

• **اُسامه:** اسم خاص. [ع. اُسامَۃ = شينهن] هڪ اصحابي سڳوري جو نالو جنهن کي پاڻ ڪريمن پنهنجي وفات وقت شام جي فتح لاءِ ٽي موڪلڻ گهريو.

• **اَسامي ج اَساميُون:** ث. [ع. اِسم ج اَسماء اَسامي = نالا] نالو. آبادي. مال ملڪيت – جائداد – دولت. شاهوڪاري – دولتمندي – آسامي.

• **اَسانْ:** ضمير جمع متڪلم. [سن. اَسْمَدْ] اسين.

_ **اَسان سري نہ اَنَ ري:** اسان عاشقن جي محبوب کان سواءِ ڪا ڪار سولي ڪانہ ٿي (نٿي ٿئي). گهڙي بہ سندس محتاجي کان سواءِ نہ گذري (۽ نٿي گذري).

• **اَسانهين:** اسان جي ٿي.

• **اَساوري:** ث. [سن. اَساوَري] هڪ راڳڻيءَ يا سُرجو نالو.

• **اَساونْتُ ج اَساونْتَ:** صفت. [سن. اَ = نہ + ساونْتُ = بهادر] ڏڄڻو – هيٺو – رحم جوڳو. بي صبر.

• **اَساٽڻ (ٽ):** مصدر. پيڇيءَ مٿان پاڻي تاري هارڻ يا جدا ڪرڻ.

• **اَسْبابُ:** ذ. [ع. سَبَبُ ج اَسْباب] وجوه _ مقصد – ذريعا – سبَبَ (مسبب الاسْباب = سڀني سببن جو پيدا ڪندڙ يعني ڏٽي تعاليٰ). (سنڌيءَ ۾ واحد طور ڪم ايندڙ). "پر ۾ پچيائون. عشق جي اسباب کي". (شاهه). مال ملڪيت – جائداد – سامان سڙو – ٽپڙ تاڙي – ضرورت جو سامان.

• **اَسْباب سَفَر:** ذ. مسافريءَ جو سامان.

• **اَسباطُ:** ذ. [ع. سِبطُ ج اَسْباط] ڏوهٽا "سبط الرسول = رَسُول جو ڏوهٽو". بني اسرائيل جون 12 ذاتيون يا قومون.

• **اِسْبَرگ:** ذ. [ف. اِسپَرگ] ڳاڙهو هڙتال. هيبڊي رنگ جي هڪ ڪائي (جا رنگ ڏيڻ لاءِ ڪم اچي). هيڊ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **اَسْبَن نَسْبَن:** ظرف. [ع. حَسْبَاً نَسْبَاً] حسب نسب جي لحاظ کان – اصليت جي لحاظ کان ويندي اصل تائين – سڄو ئي – هر طرح.

• **اَسَتُ ج اَسَتَ:** ذ. [سن. اَ = نہ + شَکُت = طاقت] نست – بي زور – هيڻو.

• **اَسَت:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + سَتيہ = سچ] ڪوڙو – بي حقيقت – نابود – بي بقا.

ـ **اَسَت ڪرڻ:** نقصان پهچائڻ – بي عزتو ڪرڻ.

ـ **اَسَت بولڻ:** ڪوڙ ڳالهائڻ.

• **اُسْتَ ج اُسْتَ (ل):** ذ. ڪير جي لسي. اُنين جو جمايل ڪير – اُنين جي ڪير جو ڏونرو "اُستَ جو اُنين جو مونکي زهيو من" ڏهي – ڏڌ – دوڳ – ڏڳ (ت).

• **اُسْتادُ ج اُسْتادَ:** ذ. صفت. [ف: ع] سيکاريندڙ – معلم – رهبر – سياڻو – مدبّر – اديب. هر فن مولا – چالاڪ – ڪيڏاري – چتر – هوشيار. ميان جي.

ـ **اُسْتاد اَزل:** ذ. سڀ کان پهريون استاد – ازل کان وٺي استاد. خداتعاليٰ – قدرت. ڳجهہ سيکاريندڙ استاد.

ـ **اُسْتاد تي گَلْجَڻ يا ملڻ:** ڪنهن ٻئي کان حرفت سان ڪٽي وڃڻ – ڪنهن ٻئي تي حرفت سان غالب پوڻ.

ـ **اُسْتاد لَڳڻ يا هَجڻ:** وڏيڪ ڏاهو هجڻ ـ ڪيڏاري تي لڳڻ.

ـ **اُسْتادائو ج اُسْتادائا:** ذ. صفت. اُستاد وارو – اُستاد جو – استاديءَ وارو. استادن جهڙو.

ـ **اُسْتادڪو ج اُسْتادڪا:** ذ. صفت. استاد وارو – اُستادائو.

ـ **اُسْتادِي ج اُسْتادِيُون:** ث. ڪاريگري – هنر. چالاڪي – ڪيڏ – حرفت بازي – اٽڪل – ترڪيب – تجويز – هوشياري – سياڻپ – چترائي.

ـ **اُسْتادِي ڪرڻ:** چالاڪي ڪرڻ يا هلائڻ – ٺڳي ڪرڻ.

ـ **اُسْتادِي وٺڻ:** هنر پرائڻ – سکڻ – تعليم وٺڻ.

• **اِسْتادگِي:** ث. [ف. استادن = بيهڻ] بيهڪ.

• **اِسْتادَہ:** صفت. [ف] بيٺل.

• **اُسْتانُ ج اُسْتانَ:** ذ. [سن. سْٿَانَ = جاءِ ف. آستان = جاءِ] فقيرن جو جهوپڙو – فقيرن جو آستانو – اوتارو. ملڪ – مڪان – جاءِ ـ رهڻ جو هنڌ "هندستان. عربستان وغيره".

ـ **اُسْتانُو ج اُسْتانا (ت):** ذ. آستان. ماڳ مڪان – رهڻ جو هنڌ.

• **اُسْتا وو ج اُسْتاوا (ت):** ذ. [ف. اَفتابَہ] ڪوُنرو – ڪوزو – بدنو.

• **اِسْتِبدادُ:** ذ. [ع] زبردستي – زور – جوُر – ظلم – جورو جفا – ڪنهن جي مرضيءَ خلاف مٿس هلايل حڪم – شخصي يا ظلمي راڄ. ضد – هٺ.

• **اِسْتِبْصارُ:** ذ. [ع] خيال سان ڏسڻ واري حالت – غور و خوض – انهماڪ. شيعن جي حديث جو ڪتاب.

• **اِسْتِبْعادُ:** ذ. [ع] پري رهڻ جي حالت – عزلت.

• **اُسْتُتَ، اُسْتُتي ج اُسْتُتيوُن:** ث. [سن. سْتُتْ] واکاڻ – ساراهہ ۽ نيڪي – ناموس – تعريف – ثنا – مدح. بندگي – عبادت. مناجات – پرارٿنا.

• **اِسْتِتارُ:** ذ. [ع] لِڪَ ۾ رهڻ جي حالت. لڪ (تصوف جو لطيفو جنهن ۾ ڪو وقت ڪشف ڪان سواءِ رهندو آهي ۽ تجلي حاصل نہ ٿيندي اٿس). "تجلي" جو ضد.

• **اِسْتِثْناءُ:** ذ. [ع] ٻاڻ ڪي علحدي ڪرڻ جي حالت. ڪنهن شيءِ کي ٻين کان علحدو ڪرڻ. ڪنهن بہ بيان بعد "اِنْ شاءَاللہ" چوڻ جي حالت.

ـ **اِسْتِثْنائِي:** ذ. صفت. وانجي – الڳ. قاعدي کان ٻاهر – خارجي "قياس اِسْتِثْنائِي" (منطق) – هڪ قسم جو فرضي قياس.

• **اُسْتُ پِسْتُ:** ذ. [ف. اَسْپِسْتُ = اَطريفل. تقلو. برسيم] لوسڻ گاہ. هڪ دوا جو نالو – هڪ پسارڪو وکر. بدوي يا جهانگي ماٿهن جو ڪاچ. هڪ قسم جو ڦريا ميوو.

• **اِسْتِجابَتَ:** ث. [ع. اِسْتِجابَہ] قبوليت – هاڪار – اقرار.

• **اِسْتِحسانُ:** ذ. [ع] پسنديدگي. نيڪي – تعريف جهڙو ڪم. ساراهہ ـ خوبي.

• **اِسْتِحْقاقُ:** ذ. [ع] لياقت – لائقي. حق.

• **اِسْتِحْڪامُ:** ذ. [ع] مضبوطي – پختگي – جٽاءُ.

ـ **اِسْتِحْڪامات:** ذ. شهر يا چانوٽيءَ جي چوڌاري بچاءَ جا بندوبست جهڙوڪ قلعا، کاهيون وغيره.

• **اِسْتِخارو ج اِسْتِخارا:** ذ. [ع. اِسْتِخارہ] غيبي اشاري معلوم ڪرڻ جي دعا. خدا کان خاص دعا جي رستي خير جي طلب. فال.

• **اِسْتِخْراجُ ج اِسْتِخْراجَ:** ذ. [ع] اِخراج – نيڪالي. اپياس ۽ ڪوشش (هڪ شيءِ مان ٻي شيءِ ڳولي ڪڍڻ).

• **اِسْتِخْلاصُ:** ذ. [ع] خلاصي – رهائي – ڇوٽڪارو – آزادگي – آزادي.

• **اُسْتُخوانُ ج اُسْتُخوانَ:** ذ. [ف] هڏو. ميوي جي ڪکڙي.

• **اُسْتُخوانُ بُزرگ:** ذ. صفت. وڏي خاندان وارو.

ـ **اُسْتُخوان بَندُ:** ذ. ڇيڙي – پٽي.

- **اُستخوان بندي:** ث. هڏ ناهڻ. ناهه ڪرائڻ.
- **اُستخوان تراشي:** ث. رڍ جي ڦٽي ۾ رستي فال وجهڻ جي حالت.
- **اُستخوان خوار:** ذ. هماء پکي. ڪتو.
- **اُستخوان فروشي:** ث. هڏا وڪڻڻ. بدمعاشي – لچائي.
- • **اِستدراج:** ذ. [ع] درجي بدرجي ڪنهن کي هٿائڻ يا هر ڪائڻ جي حالت. ڪنهن بزرگ کان ظاهر ٿيل عجيب ڪم – ڪرامت . ڪافر کان ظاهر ٿيل عجيب ڪم.
- • **اِستدراڪ:** ذ. [ع. اِستدراڪ = ڪوشش ڪري ڪنهن ماڻهوءَ يا شيءِ کي پڄڻ] چوڪن يا غلطين جي تلافي. جا ڳالهه ڪسي ويئي هجي سا وري ڪتاب جي آخر ۾ لکڻ جي حالت.
- • **اِستدعا ج اِستدعائون:** ث. [ع] عرض – التجا – گذارش. منت – آزي. خواهش. مطالبو – اپيل.
- • **اِستدلال:** ذ. [ع] دليل – ثابتي – ثبوت – حجت.
- • **اَستر ج اَستر:** ذ. [سن. اَ = چوڌاري + سُتر = ڍڪڻ. پکيڙڻ > سُتر = تهه: ف. اَستر] ڪپڙي جو هيٺيون تهه – ڪوٽ وغيره جو اندريون ڪپڙو. [سن. اَشوَتر] خچر. [سن. اَستر] هٿيار.
- • **اَستر ڏيڻ:** پني يا پاڻي کي اندران پيو چمڙو ڏيڻ. ڪوٽ وغيره کي اندران ڪپڙي جو تهه ڏيڻ.
- **اَستر ڪاري:** ث. لنب – ليپو.
- • **اُستر ج اُستر:** ذ. [ف. سُتور. اُستور] ڪو ورلي مادي خچر مان پيدا ٿيل خچر – نهايت طاقتور خچر.
- • **اَسترآباد:** اسم خاص. بحر قزوين تي مازندران جي علائقي ۾ هڪ مشهور شهر جو نالو.
- • **اِستراحت:** ث. [ع] راحت – آرام – عيش.
- • **اِسترخا ج اِسترخاءَ:** ذ. [ع] ڪنهن بہ عضوي جي ڍرڙي ٿيڻ جي حالت – بيماريءَ جو هڪ قسم.
- • **اِسترداد:** ذ. [ع] ڪابہ شي موٽائي گهرڻ جي حالت.
- • **اَسترڪ. اَسترَڪ:** ذ. [ف: يوناني. اِسترَڪ] سلاجيت – سلارس (رجوليت وڌائڻ جي هڪ دوا).
- • **اُسترڳي. اُسترَڳي:** ث. [ف. سُترگ = بزرگ. عظيم. اهم] ترغيب – تحرڪ. ڏس – سڪاوت. طاقت. چالاڪي – هوشياري – ڦرتائي.
- • **اُسترو ج اُسترا:** ذ. [ف. اُستره > مصدر. سُتردَن = ڪوڙڻ] پاڪي.
- • **اِستري ج اِستريون:** ث. [سن. سُتري = زال] عورت – جوءِ – زال. ڌوٻين ۽ درزين جو هڪ لوهي اوزار جنهن کي تپائي ڌوتل ڪپڙي کي لسو ۽ هموار بنائيندا آهن.
- **اِستري پرڻ:** اِستريءَ ۾ انگر وجهڻ – استري تيار ڪرڻ.
- **اِستري چنبڻ:** تتل استريءَ مان تاندا ڪڍڻ.
- **اِستري ڌن:** زال جي خاص ملڪيت.
- **اِستري ڪرڻ:** ڪپڙي کي سڌي ڪرڻ لاءِ لوهه گهمائڻ. –
- • **اِستسقا:** ث. [ع. اِستسقاء = پاڻي گهرڻ] خدا کان پاڻيءَ جي گهُر – برسات وسڻ جي گهُر. تمام گهڻي اُڃ لڳائيندڙ هڪ بيماري – جلندر. اُلي – ڏوگهو.
- • **اِستسقاء طبلي:** ث. جلندر جي بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ غليظ هوا سان جسم پرجي ويندو آهي).
- • **اِستسقاء لحمي:** ث. جلندر جي بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ عضون تي سوج ٿئي).
- • **اِستسقاء زقي:** ث. جلندر جي بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ معدي، دل ۽ جگر ۾ پاڻي جمع ٿئي).
- • **اِستطاعت:** ث. [ع. استطاعة] طاقت – سگهه – قوت – زور. حيثيت – مقدور. وَس – پهچندي.
- • **اِستطراد:** ذ. شعر يا قصيدي ۾ هڪ ڳالهه ڇڏي ٻيءَ ۾ ٽپي پوڻ جي حالت.
- • **اِستعارو ج اِستعارا:** ذ. [ع. اِستعاره = اڌارو وٺڻ] اها تشبيهه جنهن ۾ تشبيهه جو حرف (جهڙو جئن. جيان. وانگر) ڪم نہ آڻجي مثلاً "هو شينهن آهي" (= هو شينهن جهڙو بهادر آهي). اُپمان. روپڪ.
- • **اِستعانت:** ث. [ع. اِستعانه = مدد گهرڻ] مدد جي گهُر – واهر جي طلب – امداد.
- • **اِستعباد:** ذ. [ع] عبد يا ٻانهون بنائڻ جي حالت – غلامي.
- • **اِستعجاب:** ذ. [ع] عجب – حيرت.
- • **اِستعداد:** ذ. [ع] تيار رهڻ جي حالت – تياري. لياقت – قابليت. ذهني طاقت.
- • **اِستعفا ج اِستعفائون:** ث. [ع. اِستعفاء = معافي گهرڻ] نوڪري يا عهدي ڇڏڻ جي درخواست. معافيءَ لاءِ عرض.
- • **اِستعمال:** ذ. [ع] عمل ۾ آڻڻ جي حالت – ڪم آڻڻ. عمل. تجربو – آزمودو. ورزش.
- **اِستعمال ڪرڻ:** ڪتب آڻڻ – ڪم ۾ آڻڻ.
- **اِستعمالي ج اِستعماليون:** ث. عمل – ڪم آڻڻ جي حالت. آزمائش – تجربو – آزمودو. (صفت) ڪم جي لائق.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دستوري – معمولي. مستعمل.

• **اِسْتغاثہ:** ذ. [ع. اِسْتغاثہ = مدد لاءِ پُڪار] فرياد – دانهن – مقدمو – ڪيس. دريافت.

• **اِسْتغراقُ ج اِسْتغراق:** ذ. [ع] غرق ٿيڻ جي حالت. ڪنهن خيال يا فڪر ۾ پئجي وڃڻ جي حالت. ڌڻيءَ پاڪ جي يادگيريءَ يا بندگيءَ ۾ محويت – انترڌيان – ٿِبي. ڌُن.

– **اِسْتغراقي ج اِسْتغراقيون:** ث. محويت – ٿبي – ڌُن.

• **اِسْتغفارُ ج اِسْتغفار:** ث. [ع] مغفرت گهرڻ. گناهن يا پاپن جي بخشش لاءِ دعا يا گهُر – توبہ زاري. توبه جو ڪلمو.

– **اِسْتغفار پڙهڻ:** توبهه ڪرڻ – معافي گهرڻ.

– **اِسْتغفار ڪَرڻ:** توبهه ڪرڻ – بخشش گهُرڻ.

• **اَسْتَغْفِرُالله:** ڪلمو. [ع] آءٌ خدا کان معافي گهران ٿو. ڪنهن غلطيءَ تي خبردار ٿيڻ وقت چوڻ جا الفاظ. خدا بچائي. توبه.

• **اِسْتغنا ج اِسْتغنائون:** ث. [ع. اِسْتغناء = غني يا بي پرواه ٿيڻ] غِنا – تونگري – شاهوڪاري. بي نيازي – خودداري – بي پرواهي.

• **اِسْتفادہ:** ذ. [ع. اِسْتفاده = فائدو پرائڻ. فائدي جي حاصلات. نفعو – فائدو.

• **اِسْتفاضہ:** ذ. [ع] فيض جي حاصلات.

• **اِسْتفتا:** ث. [ع. اِسْتفتاء = فتويٰ گهُرڻ. مقدمي جو نتيجو – فيصلو – فتويٰ – شرعي فيصلو.

• **اِسْتفراغ:** ذ. [ف] قيءُ ڪرڻ – پيٽ صاف ڪرڻ.

• **اِسْتَفْسارُ ج اِسْتفسار:** ذ. [ع. اِسْتفسار = تفسير گهرڻ] پڇا ڳاڇا – حقيقت جي جاچ.

• **اِسْتفعالُ:** ذ. [ع. اِسْتفعالُ = ڪنهن بہ ڪم جي خواهش ڪرڻ] ڪم جي خواهش. عربيءَ ۾ اسم مصدر جو هڪ وزن (جنهن تي هن صفحي ۾ آيل ڪي لفظ ٻڌل آهن).

• **اِسْتفهامُ ج اِسْتفهامَ:** ذ. [ع . اِسْتفهام = سمجهڻ جي خواهش ڪرڻ] ڪنهن ڳالهہ کي سمجهڻ لاءِ پڇيل سوال. گرامر ۾ سوال پڇڻ لاءِ ڪم ايندڙ ضمير. ("آدات اِسْتفهام" يا "حُروفِ اِسْتفهامَ" = سوال پڇڻ جا حرف آهن. جهڙوڪ: ڇو، ڇا، ڇالاءِ، آيا، ڪِجاڙي وغيره).

– **اِسْتفهامَ اِنْڪاري:** ذ. انڪار جي معنيٰ ظاهر ڪندڙ سوال مثلاً "ائين وري ڪيئن هوندو؟ يعني "ائين ڪونہ هوندو".

– **اِسْتفهامي:** ذ. صفت. سوال جو.

• **اِسْتقامتَ ج اِسْتقامتون:** ث. [ع] مضبوطي – پختائي. بيهڪ – بيٺلائي – ثابت قدمي. اُستواري – اِسْتي.

• **اِسْتقبالُ ج اِسْتقبالَ:** ذ. [ع. اِسْتقبالُ = اڳيان مرحبا لاءِ وڃڻ] ٻہ چار قدم اڳتي هلي ڪنهن کي ملڻ – مرحبا – آجيان – آءُ ڀڳت – پيشوائي – آدر ڀاءُ – پذيرائي. ايندڙ زمانو – آئينده ـ مستقبل "ڪنين ماضي من ۾، ڪنين اِسْتقبال" (شاهه).

• **اِسْتقراء ج اِسْتقراءَ:** ذ. [ع] ڇڪاس. تحقيقات. علم منطق ۾ خاص قضين مان عام قياس (نتيجو) ڪيڻ.

• **اِسْتقرارَ:** ذ. [ع. اِستقرار = قرار وٺڻ، کُپُ ٿيڻ، ڄمي وڃڻ] قرار. ڄمت.

• **اِسْتقصاء:** ذ. [ع. اِسْتقصاءَ = توڙ تائين ڳالهہ کي نيڻ] سري کان توڙ تائين تلاش.

• **اِسْتقلال ج اِسْتقلال:** ذ. [ع] مضبوطيءَ سان هڪ ڳالهہ تي بيهڪ – پختگي – ثابت قدمي – خودمختياري – آزادي.

• **اِسْتقلاليت:** ث. غير محدود اختياري.

• **اَسْتڪار:** ث. [سن. اَ = نہ + سَتڪارَ = چڱو عمل. چڱو سلوڪ. مرحبا. آدر. پذيرائي. آجيان. مهمان نوازي. مان. عزت] بي عزتي – بي مانائي. بي حرمتي – نرآدر.

• **اِسْتڪبار:** ذ [ع. اِسْتڪبارَ = پاڻ کي وڏو سمجهڻ] تڪبر – هٺ.

• **اِسْتڪثار:** ذ. [ع. اِسْتڪثارَ = ڪثير يا گهڻو گهرڻ] گهڻائي – جهجهائي.

• **اِسْتڪراهُ:** ذ. [ع. اِسْتڪراهُ = ڪرهت اچڻ] ڪرهت – نفرت.

• **اِسْتڪشافُ:** ذ. [ع. اِسْتڪشافُ = ڪنهن شيءِ کي ظاهر ڪرڻ] اظهار – ظهور – ڄاڻائي – پڌرائي.

• **اِسْتڪمالُ ج اِسْتڪمال:** ذ. [ع. اِسْتڪمالُ = ڪمال جي خواهش رکڻ] ڪمال.

• **اِسْتلامُ:** ذ. [ع] حجر اسود کي چمڻ يا هٿ لائڻ جي حالت.

• **اِسْتماعُ ج اِسْتماعَ:** ذ. [ع. اِسْتماعَ = ڪَن ڏيڻ، ٻڌڻ] خبر – افواهہ.

• **اِسْتمدادُ:** ث. [ع. اِسْتمدادَ = مدد وٺڻ] مدد – واهر.

• **اِسْتمرارُ:** ذ. [ع. اِسْتمرارُ = هليو هلڻ] دائمي طرح ٿيندڙ ڳالهہ. جاري – چالو.

– **اِسْتمراراً:** ظرف. دائماً – متواتر – لاڳيتو.

• **اِسْتمراري:** ذ. صفت. جاري رهندڙ – دائمي هلندڙ. گرامر ۾ جاري رهندڙ ڪم لاءِ ڪم ايندڙ زمان (زمان حال اِستمراري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مستقبل اِستمراري يا ماضي استمراري).

• **اِسْتِنْباطُ:** ذ. [ع. اِسْتِنْباط = قرآن شريف يا حديث جي آڌار تي ڪو نئون مسئلو ڳولي ڪڍڻ] نئين مسئلي جي ايجاد.

• **اِسْتَنْبولُ:** اسم خاص. [ترڪي. اِستانبول] اسلام بول – قسطنطنيه ـ ترڪي سلطنت جي اڳين گاديءَ وارو شهر.

• **اِسْتِنْجا:** ث. [ع. اِسْتِنْجا = ناپاڪائيءَ کان نجات پائڻ] جهاڙي يا پيشاب بعد طهارت يا مسحو.

• **اُسْتو ج اُسْتَا:** ذ. صفت. [ع. اُستاذ] اوستو – ڪنهن هنر جو استاد – ڪاريگر. مستري – رازڪو يا واڍڪو ڪم ڪندڙ.

• **اِسْتِوا:** ث. [ع. اِسْتِواءُ] برابري – هڪ جهڙائي (خط اِستوا = اوير ڪان اولهه ڏي زمين کي پورن بن پاڱن ۾ ورهائيندڙ خيالي ليڪ).

• **اُسْتُوارُ:** صفت. [ف] مضبوط – محڪم – قائم – پختو – ڏاڍو – پڪو – اِسْتُت.

• **اُستواري:** ث. مضبوطي – پختائي – پڪائي – ڏاڍائي.

• **اُسْت وَبُسْت:** ذ. [ف] سربستو احوال – وچور – ڪيفيت.

• **اُسْتورُ:** ذ. [ف. سُتور. اُستورُ] وهٽ. گهوڙو. خچر.

• **اِسْت وسْت:** ث. صفت. [سن. اَسْوَسْتَ. وَيسْتَ. وْيَتْيَسْتَ. اَوْيَوَسْتَتَ. اَوْوَسَتِت. = بي ترتيب] ترڙيل – پکڙيل – بي قاعده ـ بگڙيل – اُبتڙ سبتڙ – ڪروڪر. ڪکو وکو.

• **اِسْتِهزا:** ث. [ع] ٺٺولي – ڪِل – مسخري – چٿر.

• **اِسْتِيصال:** ذ. [ع. اِسْتِئْصال = اصل يا پاڙ کان پٽڻ] بيخ ڪني – تَحس نَحس – ستيا ناس – پائمالي.

• **اِسْتِيلا:** ذ. [ع] غالب پوڻ – غلبو.

• **اُسْتِيلو:** اسم خاص. ضلع دادوءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اِسْتَّاپَن ج اِسْتَاپَن:** ذ. [سن. سْتاپَنَ = بيهارڻ. ڪَرِو ڪرڻ. بنياد وجهڻ. دل جا خيال پختا ڪرڻ] بنياد – پايو. رهائش جي جاءِ.

ـ **اِسْتاپَن ڪرڻ:** بيهارڻ – قائم ڪرڻ – بنياد وجهڻ. ٿاپڻ – برپا ڪرڻ.

• **اَسْتَانُ ج اَسْتَانَ:** ذ. [سن. سْتانَ = بيهارڻ] آستان – جاءِ ـ هنڌ – ماڳ – مڪان.

• **اِسْتِرُ:** صفت. [سن. سْتِر = قائم]. قائم مضبوط – پختو. نبيه.

ـ **اِسْتِرتا:** ث. بيهلائي – پختائي – آرام. استقامت.

• **اِسْتَل ج اِسْتَلَ:** ذ. [سن. سْتَلَ = پختو بيهڻ] پختي زمين – خشڪي – ڪنارو. ماڳ – جاءِ ـ هنڌ – مڪان. تل. آستان.

• **اَسْتِنگ ج اَسْتِنگ (ث):** ذ. صفت. بلڪل نئون – تهدر – ڪورو.

• **اِسْتُول ج اِسْتُولَ:** ذ. صفت. [سن. سْتُول = ٿلهو] ٿلهو – متارو – جاڏو – پاري – ڳورو. "سُوڪير" جو ضد. مت جو موڙهو – ٿلهيءَ سمجهه وارو – اَجاڻ – ٻالو ٻولو. ڍڪيو. گاهه جو هڪ قسم.

ـ **اِسْتُول شرِيْرَ:** ذ. صفت. جاڏو جسم – ٿلهو بدن – ڦيٿو.

• **اَسْتَڪ:** ذ. صفت. ڪم نه آندل – بلڪل نئون – تهدر.

• **اِسْتَاف ج اِسْتَافَ:** ذ. [انگ. staff] عملو – ڪاتي يا آفيس جا ملازم.

• **اِسْتَامْپ ج اِسْتَامْپَ:** ذ. [انگ. stamp] دستاويز وغيره لاءِ سرڪاري ڇاپ لڳل پنو – اسٽامُ.

• **اِسْتَان ج اِسْتَانَ:** ذ. [انگ. stand] ٻڙي – گاڏين وغيره جي بيهڻ لاءِ اَڏو.

• **اِسْترائِيڪ ج اِسْترائِيڪُون:** ث. [انگ. strike] هڙتال – ڪم ڪندڙن جو ڪم ڪرڻ کان جواب.

• **اِسْتَمْ ج اِسْتَمُون:** ث. [انگ. stump] بيٽ بال راند ڪرڻ ۾ ڪتل ڪاٺين مان هڪ ڪاٺي.

• **اِسْتُوڊنٽ ج اِسْتُوڊنٽَ:** ذ. [انگ. student] پڙهندڙ – شاگرد – طالب العلم.

• **اِسْتُول ج اِسْتُولَ:** ذ. [انگ. stool] ڪاٺيءَ مان ٺهيل چونڪي – ڇئن ٽنگن واري تختي لڳل منجي.

• **اِسْتِري ج اِسْتِيُون:** (ٿ.ل): ث [سن. سْتري] عورت – زال – اِستري.

• **اِسْتِيت ج اِسْتِيتُون:** ث. [انگ. state] رياست – جاگير. غير متحرڪ جائداد. [انگ. state] رياست. راڄڌاني.

• **اِسْتِيج ج اِسْتِيجُون:** ث. [انگ. stage] ڪنهن تقرير ڪرڻ لاءِ يا ناٽڪ تماشي لاءِ ٿلهو صندل يا چبوترو.

• **اِسْتِيشَن ج اِسْتِيشَنُون:** ث. [انگ. station] ريل گاڏيءَ جي بيهڻ جي مقرر جاءِ ـ ايستگاه گودي. ٿاڻو – نڪاڻو – مڪان.

• **اِسْتِيشنري ج اِسْتِيشنريُون:** ث. [انگ. stationary] آفيس ۾ لکپڙهه ۾ ڪم اچڻ جو سامان.

• **اِسْتِيل ج اِسْتِيلُون:** ث. [انگ. steel] لوهي نب سان قلم.

• **اِسْتِيلُ:** ذ. [انگ. Steel] رڪ ـ فولاد.

• **اِسْتِيمَرُ ج اِسْتِيمَرَ:** ذ. [انگ. steamer] اگبوٽ – پاڻيءَ جو جهاز.

• **اَسْپُ ج اَسْپَ:** ذ. [ف. اَسْپ؛ سن. اَشْو] گهوڙو.

ـ **اَسْپُ تازِي:** ذ. تيز رفتار عربي گهوڙو.

• **اِسْپِتال ج اِسْپِتالُون:** ث. [انگ. hospital] بيمارن جي علاج جي جاءِ ـ شفا خانو – دواخانو.

- اِسپتالي ج اِسپتالِي: ذ. صفت. اسپتال ۾ رهڻ جو لائق – بيمار – مريض – اگهو. چرين جي اسپتال ۾ رهڻ جو لائق. چريو – اڌ مغزي.
- • اَسُچ ج اَسُچَ: ذ. صفت. [سن. اَ = نه + شُچ = صاف] ميرو – گدلو – ناپاڪ – غليظ.
- • اِسپرٽ: ذ. [انگ. spirit] جوهر – روح – جذبو. گاڏيءَ جو تيل. شراب.
- • اِسپرنگ ج اِسپرنگ: ذ. [انگ. spring] لوهه جو ويڙهو. لوهه جو ورنَ وڪرن وارو ويڙهو.
- • اِسپنج، اِسفنج: ذ. [انگ. sponge] اسفنج – ابر مُرده مُثل ڪڪر.
- • اِسپنڊ: ذ. [ف. سپند. اِسپند] هرمرو – پسارڪي وکر جو هڪ قسم.
- • اِسپن اَنڊي: اسم خاص. بلوچستان ۾ جهونو غرق ٿيل دڙو جنهن جي کوٽائي سينٽ جان 1881ع ۾ ڪرائي.
- • اِسپنگر ج اِسپنگرَ: ذ. [ف. اَسپغول < اَسپ = گهوڙو + غول = ڪن. هن ٻوٽي جو ٻج گهوڙي جي ڪن جهڙو ٿيندو آهي] دوا طور ڪم ايندڙ ٻج جو هڪ قسم.
- اِسپنگر جي ٿهي: ث. اِسپنگر جون ڪلون.
- اِسپيشل: ذ. صفت. [انگ. special] خاص – مخصوص – جداگانه.
- اِسپيشل ڪلاس: ذ. خاص ڪلاس.
- اِسپيشل مئجسٽريٽ: ذ. سرڪار طرفان بنا پگهار خاص طرح ٿاپيل مئجسٽريٽ.
- • اِسپيڪر ج اِسپيڪرَ: ذ. [انگ. speaker] تقرير ڪندڙ – مُقرّر – ليڪچر ڪندڙ – ليڪچرار. قانون ساز مجلس ۾ جونديل تقرير ڪندڙ.
- • اِسپيِن: اسم خاص. [انگ. Spain] هسپانيه – اَنڊلس – فرانس جي ڏکڻ اولهه ۾ يورپ جو هڪ ملڪ.
- • اَسَجَڻ ج اَسَجَڻَ: ذ. [سن. اَ = نه + سَتيه = سچو + جَنَ = شخص] ڪوڙو شخص. ڪُجَڻ – دشمن – بدخواه. "سَجَڻ" جو ضد.
- • اِسحاقَ: اسم خاص. [ع] حضرت ابراهيم عليه السلام جي فرزند ۽ حضرت يعقوب عليه السلام جي والد جو نالو (جو پڻ هڪ پيغمبر ٿي گذريو آهي).
- • اَسَدُ ج اَسَدَ: ذ. [ع] شينهن. آسمان جي ٻارهن برجن مان هڪ جو نالو – شنگهه. راس.
- • اَسَدُالله: اسم خاص. [ع] خُدا جو شينهن. حضرت علي رضہ جو لقب.
- • اَسَدُ ج اَسَدَ: اسم خاص. [ سن. اَ = نه + سَدَ = پورو] اڻ پورو. اڌ پڪو – ڪچو – ناقص. بيمار – جڏو. ڪوڙو.
- • اَسَدُ ج اَسَدَ: صفت. [سن. اَ = نه + سَدَ = پورو] اڻ پورو. اڌ پڪو ۽ ڪچو ـ ناقص. بيمار ـ جڏوَ ڪوڙو.
- • اَسَرُ ج اَسَرَ: ذ. [سن. اَسرا = صبح. پرڀات] اڌ رات کان پوءِ جو وقت – پرهه ڦٽيءَ کان اڳ جي مهل – انبرت ويلو – صبح صادق – پوئين رات – رات جو پوين پهر – اَسُور.
- • اَسُرويل: ظرف. [سن. اَسرا + ويلا = وقت، مند] پيچ پني – پرڀات – ڏيکيءَ جو – پوئينءَ رات – جنڊن مهل – پرهه ڦٽيءَ "اَسُرسَندو آسرو وِڃَندَ ڪي وڏو" (شاه).
- • اَسرات ج اَسراتُون: ث. [سن. اَشٽا = اَس + ت] اَسات – اُڃ – ترشنا – پياس.
- • اَسراڃڻ (ت): مصدر. [سن. اُش = ٻرڻ] اَساتجڻ – اُڃائجڻ – تمام گهڻي اُڃ لڳڻ.
- • اِسرار ج اِسرارَ: ذ. [ع. ١. سرّ ج اَسرار = ڳجهه – راز. ٢. ع. اِسرار = لڪائڻ] ڳجهه – ڀيد – ڳجهيون ڳالهيون – ڳجها ڪم – راز رنگ. جن ڀوت جو اثر – ڪامڻ – ڏوهه – آسيب. عجائب. تماشو. حيرت.
- اِسراري ج اِسراري: ذ. جادوگر – ڀوپو – ڀانيو.
- • اِسراف ج اِسرافَ: ذ. [ع] حد کان ٻاهر وڃڻ جي حالت – فضول خرچي – بالفضولي – اجايو خرچ هٿ ڦاڙائي.
- • اِسرافيل: اسم خاص. [ع] چئن وڏن فرشتن مان هڪ جو نالو (جو دنيا جي فنا ٿيڻ کان اڳ صُور يا ڌنڌ وڄائيندو).
- • اِسرامَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- • اِسرانو: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو – اِسراڻ.
- • اِسراڻ: اسم خاص. هڪ قوم جو نالو – اِسرانو.
- • اَسراڻ ج اَسراڻون: ث. [سن. اَوسارَڻ = پري ڪرڻ] درگذر – معافي – ڪميا.
- • اِسراءَ: ذ. [ع. اِسراءَ = رات جو مسافري ڪرڻ] رات جي مسافري – "لَيْلَة الاَسْراء = معراج جي رات".
- • اِسرائيل: اسم خاص. [ع] حضرت يعقوب عليه السلام جو اصلي نالو (بني اِسرائيل = حضرت يعقوب جو اولاد. يهودي).
- • اَسرڌا ج اَسرڌائون: ث. [سن. اَ = نه + شرڌا = اعتبار] بي اعتباري – بدگماني – اَوشواس.
- • اَسَرڻ (ت): مصدر. وڻ جا پن پٽڻ يا روڙڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **اَسَرگلو ج اَسَرگلا(ت):** ذ صفت [سن اَسَر = دئيت + گَل = گِل] بدچال.

• **اَسَرڻ:** صفت. [سن اَ =نَہ + شَرَڻ = پناهه] بي واهو — بي وسيلو — بي ڪس — بي پناهو.

• **اُسرڻ:** مصدر. [سن اُدْ = مٿي + سَرَڻ = گذرڻ، چرڻ] اُڀرڻ — وڌڻ — مٿي چڙهڻ. روانو ٿيڻ — اُسهڻ وڃڻ — هلڻ. نڪرڻ. (اُسريو — اُسرندو — اُسريل).

• **اُسرائڻ:** مصدر "اُسرڻ" مان متعدي بالواسطه. وڌائڻ. روانو ڪرڻ.

• **اَسَري لنگهڻ(ت):** آڏي جواب جي طاقت رکڻ.

• **اَسَرِيَرُ ج اَسَريرَ:** ذ. صفت. [سن اَ = نہ + شَرِيَرَ = جسم] سرير ڪان سواءِ ـ بي جسم — بي جان نرآڪار — روحاني.

• **اُسرڪَڻ، اوسرڪڻ، اوسرَڻُ:** مصدر. [سن اُشْرُ = اُس] اوسيڙو ڪرڻ — انتظار ڪرڻ "اَيي اوسڙان اُس ۾، جهليو ڪَن ڪنار". اُس ۾ پٽڪڻ — اجايو رلڻ. ڪلڪڻ. ناسون هٽڻ. بک ۾ پاهه ٿيڻ. سَڌَ ڪَرَڻ — سِڪڻ "مُنڌ مَ مَنهن ويهه، اَيي اوسڙ (اُس ۾" شاهه ڪريم). (اُسڙڪيل ـ اُسڙڪندو — اُسڙڪيو).

• **اسسٽنٽ:** صفت. [انگ. assistant] مددگار. نائب. عيوضي.

• **اُسطرلابُ ج اُسطرلابَ:** ذ. [يوناني] سجَ ۽ تارن جي اوچائي معلوم ڪرڻ جو اوزار.

• **اُسطوانُ ج اُسطوانَ:** ذ. [ع. اُسطوانہ] ٿنيو — رُڪن — پيل پائو.

• **اُسطوخُدوسُ:** ذ. [يوناني] دوا طور ڪم ايندڙ هڪ وڪر — levander.

• **اُسطورُ:** ذ. [ع. اُسطوره] آکاڻي — قصو ـ افسانو.

• **اَسعارُ:** ذ. [ع. سعرُ ج اَسعارُ] قيمتون — اگهه.

• **اِسعافُ:** ذ. [ع] مددگار — عطا ڪاري.

• **اَسعدُ:** ذ. صفت. [ع. "سَعيدُ" جي تفضيل] تمام خوش — سڀ کان خوش — آسودو.

• **اَسَفُ ج اَسَفَ:** ذ. [ع] ارمان — غم "وَاَسفَا = افسوس، واويلا".

• **اَسفارُ:** ذ. [ع. سَفَرُ ج اَسفارُ] سفر — مسافريون — پنڌ. [ع. سِفرُ ج اَسفارُ] ڪتاب (خصوصاً پيشينگوين جا) — تحريرون — نسخا.

• **اَسفَلُ ج اَسفَلُ:** ظرف. [ع "سافِلُ" جو تفضيل] وڌيڪ هيٺ — سڀ کان هيٺ.

• **اَسفَلُ السّافِلِين:** ظرف. هيٺين کان هيٺ.

• **اِسفَنُدُ:** ذ. [ف. سپَند، اِسپَند] هڪ پسارڪو وکر — هرمرو.

• **اِسفنديارُ:** اسمِ خاص. [ف] ايران جي هڪ قديم پهلوان "ابن گشتاسپ" جو نالو (جنهن کي رستم ماريو هو).

• **اِسقاطُ ج اِسقاطَ:** ذ. [ع] حمل ڪيرائڻ جو عمل — ڪهائي — ميّت جي ساري عمر جي ڪاڏي پيتي ۽ گناهن جو ڪفارو (بخشائڻ).

• **اِسڪاٽلَنڊ:** اسم خاص. [انگ. Scotland] انگلنڊ جي لڳ اتر ۾ هڪ ملڪ جو نالو.

• **اِسڪالَر:** صفت. [انگ. scholar] عالم — اديب — ماهر. تعليم وٺڻ لاءِ وظيفو ڪٽندڙ.

• **اِسڪالرشپ ج اِسڪالرشپون:** ث. [انگ. scholarship] طالب العلم جي امداد — وظيفو.

• **اِسڪائوٽ ج اِسڪائوٽ:** ذ. [انگ. scout] اسڪولي شاگردن يا بين وڏن جي منظم جماعت (جا اويل سويل ماڻهن کي ڪم اچي، ۽ گم ٿيلن جي تلاش ڪري).

• **اِسڪرو ج اِسڪرو:** ذ. [انگ. screw] لوهه جو پيچ — بوتل جي بوچ کولڻ جو پيچ.

ـ **اِسڪرو ڊرائيور:** ذ. پيچڪش.

• **اِسڪَندَرَ:** اسم خاص. [يوناني. Alexander] سڪندر — يونان جو مشهور بادشاهه.

ـ **اِسڪندري:** صفت. اسڪندر جو. اسڪندر جهڙو — نهايت اعليٰ.

• **اِسڪندرونا:** اسم خاص. شام ملڪ جو هڪ بندرگاهه.

• **اِسڪندريہ:** اسم خاص. مصر جي اتر طرف هڪ مشهور شهر ۽ بندرگاهه جو نالو — Alexanderia.

• **اِسڪَندُ ج اِسڪَندَ:** ذ. [سن. سڪَنْدَ = ڪنڌ. انساني علم جو ڀاڱو] اڌياءِ — باب — فصل — داستان.

• **اِسڪني:** اسم خاص. پنجاب جي چناب نديءَ جو آڳاٽو نالو.

• **اُسڪَڻ:** مصدر. [سن. اُتْسُڪَ = اُتساهي، منتظر سڪايل: اُتسُڪايہ = بي آرام ٿيڻ بي آرام] سڪڻ — اُڪيرجڻ. ڪاڏائڻ. (اُسڪندو — اُسڪيو — اُسڪيل).

• **اُسڪ ج اُسڪون:** ث. سڪ — چڪ — ڪشش — اُڪير.

• **اُسڪائڻ:** مصدر "اُسڪڻ" مان متعدي بالواسطہ. سڪائڻ — ڪاڏائڻ. دل بڌائڻ — اُپارڻ.

• **اِسڪولُ ج اِسڪولَ:** ذ. [انگ. school] ابتدائي مڪتب. تعليم گاهه. درسگاهه. مدرسو — پاٺشالا — وديالو.

ـ **اِسڪوليو ج اِسڪوليا (ت):** ذ. صفت. شاگرد — متعلم.

• **اِسڪيلَ ج اِسڪيلون:** ث. [انگ. scale] اندازو — درجو — پيمانو. ڦُٽي يا ڦٽڪتي.

• **اِسڪيمَ ج اِسڪيمون:** ث. [انگ. scheme] رٿ — ڪٿ — تجويز.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

• **اَسَکُ ج اَسَکَ:** ذ. [سن. اَ = نه + سُکَ = آرام] بي آرامي – گهبراهٽ – بيقراري – بيچيني. بيداري – اوجاڳو. (صفت بي آرام، بيقرار "اَسَکَ جن اوير، سي سانجهيءَ رهن سمهي" (شاهه).

• **اَسڳاهُ ج اَسڳاهَ:** ذ. صفت. [سن. اَسْتاگهَ يا اَسْتاگهَ = تمام اونهون] اَتانگهَ – عميق. اٿاهه بيحد – آننت – اَپار. سمند – ساگر.

• **اَسڳائِڻُ:** مصدر. اَسڪائڻ.

• **اَسڪَسُ ج اَسڪَسُون:** ث. ڪَسُ ڪَساءُ – نٽ نٽاءُ – اَسڙ گسڙ – گسڙ قسڙ – آڏ ٽيڏ.

• **اَسڳَنْڌُ. اَسڳَنْڌُ:** ذ. [سن. اَشْوَ ڳَنْڌا < اَشْوَ = گهوڙو اسپ + ڳَنْڌَ = بوءِ. بانس] دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جي ٻوٽي – آسڳَنْدُ – عروس در پرده (ف).

• **اَسڪِي ج اَسڪِيُون (ث):** ث. [سن. سڳريا] حامل – ٻيٽ سان – ڍڪي.

• **اَسڪهائِي ج اَسڪهائِيُون:** ث. [سن. اَ = نه = شَڪتي = طاقت] بي طاقتي – ڪم قوّتي – ڪمزوري. بيماري – ناچاڪائي.

• **اَسڪهِتي ج اَسڪهِتيون:** ث. سُرڪي – ڇُڪي.

• **اَس ڪهِنْڊِتي ج اَس ڪهِنْڊِتِيُون:** ث. چانڊوڪيءَ رات ۾ ڪرڻ جي هڪ ٻاراڻي راند – اُس ڳَنڊڻي (ت).

• **اَسڪهو ج اَسڪها:** ذ. [ع. سن. اَ = نه + شَڪتُ = طاقت] ڪمزور – هيڻو – ضعيف – بي طاقت – ڏٻرو – ناتوان. ٽڪل. نا چڱو – بيمار.

• **اَسْلافُ:** ذ. [ع. سَلَفُ ج اَسلافُ] اڳئين زماني جا بزرگ ۽ نيڪ انسان – وڏا – ابا ڏاڏا.

• **اِسْلامُ:** ذ. [ع. اِسلام = پاڻ سونپڻ. تسليم ڪرڻ. ڪنڌ جهُڪائڻ] دين فطرت. الله تعاليٰ جو حضرت محمد صلي الله عليه و آلہ وسلم جي معرفت سڄيءَ انسان ذات ڏانهن موڪليل مڪمل دين.

• **اِسْلامي ج اِسلامي:** صفت. اسلام جو – اسلام وارو – اسلام سان تعلقَ رکندڙ. (اسمِ خاص) هڪ ذات جو نالو.

• **اِسْلامُ بول:** اسم خاص. [ترڪي. اسلام + پولس = شهر] اِسْتنبول – قسطنطنيه – ترڪيءَ جو اڳوڻو تختگاهه.

• **اسلامُ ڪوٽ:** اسم خاص. تعلقي منيءَ ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو جتي اول "اسلام ڪوٽ" نالي ٽالپرن جو قلعو هو.

• **اَسْلِحَه:** ذ. [ع. سلاح ج اَسلحه] هٿيارَ پنوهارَ – جنگ جو سامان. سامان سڙو – ٽپڙ ٽاڙي.

• **اِسْلِحَ. سُلِحَ:** ذ. [ع. اَسلحه] نار يا هُرلي ناهڻ لاءِ ڪاٺيون وغيره گهربل سامان – اڏاوت لاءِ گهربل سامان.

• **اُسْلُوبُ ج اُسْلُوبَ:** ذ. [ع] ڪم ڪرڻ يا هلڻ جو نمونو – ڍنگ – طرز – طريقو – رستو. ترتيب – سلسلو.

• **اُسلوب دارُ:** صفت. سهڻو ترتيب ٿيل. زيبائتو.

• **اَسْلِيَهُ:** ذ. [ع. اَسَلَه] زبان جي چوٽيءَ کان نڪرندڙ آواز وارا اکر (جهڙوڪ ز. س. ص: جن کي "حروف اسليه" يا "حروف صفيره" به چئبو آهي).

• **اَسَمُرُ ج اَسَمَرَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + سَمُ = برابر. هڪجهڙو] هڪجهڙو نه – ناهموار – نابرابر – غير مساوي.

• **اِسْمُ ج اِسْمَ:** ذ. [ع] نالو. گرامر موجب ڪنهن ماڻهوءَ، شيءِ، جڳهه، خاصيت يا ڪم جو نالو ظاهر ڪندڙ لفظ. هڪ نار يا هُرلي تي پوڪيل زمين جو نمبر.

– **اِسمِ آلَه:** ذ. اهو اسم جنهن مان اوزار جي معنيٰ نڪري (جهڙوڪ مقراض، مفتاح، مطرقو وغيره).

– **اِسْمُ اِشاره:** ذ. اهو لفظ جنهن مان اشاري قريب يا اشاري بعيد جي معنيٰ نڪري – ضمير اشارو.

– **اِسْمِ اَعْظَمُ:** ذ. ڌڻيءَ پاڪ جو وڏو نالو (جو فقط پيغمبرن کي ئي معلوم هوندو آهي، حديثن موجب "اَللهُ لا اِلَـه الاّهُوَ الحيّ القيّوم" ۽ "لاَ اِلـه اِلاّ اَنْتَ سُبْحانَکَ اِنّي کُنْتُ مِنَ الظّالمين" اسمِ اعظم آهن).

– **اِسْمُ بامُسَمّيٰ:** محاورو. جهڙو نالو تهڙا ڳُڻ – نالي جهڙو لائق.

– **اِسْمُ تَصغِيرُ:** ذ. ننڍڙائيءَ ۽ ٿورڙائيءَ جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ. سنڌيءَ ۾ تصغير ناهڻ لاءِ ٻه نشانيون مستعمل آهن. ١. مذڪر لاءِ "ڙو" ۽ مؤنث لاءِ "ڙي" ڳَنڍڻ سان، جيئن ته ٻيڙو = ٻيڙڙو: چوڪرو = چوڪرڙو: ٻيڙي = ٻيڙڙي: چوڪري = چوڪرڙي وغيره ٢. فارسيءَ جي اثر هيٺ ڪن خاص لفظن ۾ پويان 'ڪ' ڳَنڍڻ سان ٺهندو آهي، جيئن ته ڪَسيرڪ = ڪسيرڙو يعني جنهن جو ملهه ڪسيري کان به گهٽ هجي – بلڪل گهٽ – ڪميڻو: ٽَڪَڪ = ٽڪڙو يعني جنهن جو ملهه ٽڪو به نه هجي – گهٽ ڪميڻو.

– **اِسْمُ تنڪيرُ:** ذ. اهو اسم جو ڪنهن هڪڙي ماڻهوءَ، حيوان، شيءِ يا جڳهه جي دلالت ڪري. (سنڌيءَ ۾ 'ڪ' يا 'هڪ' جا الفاظ اسم آڏو اچي اها معنيٰ ڏيکاريندڙ مثلاً ڪو ماڻهو هڪڙو نينگر، ڪا جاءِ، هڪڙي نينگري).

– **اِسْمُ جَلالِي:** ذ. دهشت ۽ بزرگيءَ جي معنيٰ ڏيکاريندڙ. الله جو نالو "قَهّارُ جَبّارُ".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

_ **اِسْمِ جَمَالي:** ذ. پروردگار جو اهو نالو جنهن مان محبت ۽ شفقت ظاهر ٿئي "ڪريم، رحيم".

• **اِسْمِ جَمع:** ذ. (اسم مجموع) هڪ کان وڌيڪ عدد جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ "وڙاهه، ڀيڙو، ڪٽنب، لشڪر، وغيره".

_ **اِسْمِ حاليه:** ذ. فعل جي اسمي صورت جا هلندڙ وقت جي معنيٰ ڏيکاري – ورتمان – ڪردنت. (سنڌيءَ ۾ اَمر جي پنيان "ندو يا يندو" ڳنڍڻ سان ٺهندو آهي "لکندو سمهندو ايندو ۽ ويندو" وغيره).

_ **اِسْمِ خاص:** ذ. ڪنهن ماڻهوءَ، حيوان، شيءِ يا جڳهه جو خاص نالو ڏيکاريندڙ اسم (جهڙوڪ، حمزو، فاطمه، هماليه، سنڌو وغيره).

_ **اِسْمِ ذات:** ذ. ڪنهن شيءِ جو ذاتي گڻ ڏيکاريندڙ اسم (جهڙوڪ: نيڪي، سخاوت، بهادري، وغيره). خدا تعاليٰ جو ذاتي نالو "الله".

_ **اِسْمِ عامِ:** ذ. هڪ قسم جي سڀني فردن لاءِ ڪم ايندڙ اِسم (جهڙوڪ ماڻهو، جانور، ڍور، جبل، ندي، وغيره).

_ **اِسْمِ فاعِل:** ذ. ڪم جي ڪندڙ لاءِ ڪم ايندڙ اسم.

_ **اِسْمِ فرضي:** ذ. جڙتو نالو يا تخلص.

_ **اِسْمِ ڪمائِڻُ:** روحاني ذڪر ڪرڻ.

• **اِسْمِ مُشْتق:** ذ. فعل مان ٺهيل اسم (جهڙوڪ لکڻ مان ليک: وڍڻ مان واڍ يا واڍارو وغيره).

• **اِسْمِ مَعني:** ذ. اسم ذات.

• **اِسْمِ مَفعُول:** ذ. ٿيل ڪم جي معنيٰ ڏيندڙ اسم (جو امر جي پنيان "يل" ڳنڍڻ سان ٺهندو آهي – ڍڪيل، ٽڙيل، وغيره).

_ **اِسْمِ نويس ج اِسْمِ نويس:** ذ. نالن جي ياداشت لکندڙ. نمبر شماري ڪندڙ.

_ **اِسْمِ نويسي:** ث. نالن جي ياداشت.

_ **اِسْمِ وارُ:** ظرف. نالي وار – نام بنام. نمبروار.

• **اِسْماعيلُ:** اسم خاص. [ع] حضرت ابراهيم عليه السلام جي ننڍي فرزند جو نالو، جو هڪ پيغمبر ٿي گذريو آهي، ۽ قريش ان جو اولاد آهن.

• **اِسْماعيليه:** اسم خاص. [ع] مصر ملڪ ۾ هڪ هڪ بندرگاهه جو نالو. (صفت) شيعه مسلمانن جو فرقو (جي حضرت جعفر صادق جي پٽ اسماعيل کي ستون امام ڪري مڃيندا آهن).

• **اَسمانُ ج اَسمانَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + اَسمان = برابر] هڪجهڙو نه – ناهموار – اڻ برابر.

• **اَسْماءُ:** ذ. [ع. اِسم ج اَسماءُ] نالا. (اسم خاص) حضرت ابوبڪر جي نياڻيءَ جو نالو.

• **اَسْماءُ الحُسنيٰ:** ذ. ڌڻيءَ پاڪ جا ٩٩ صفاتي نالا.

• **اَسمجهه:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + سمُ = گڏ + اوهه = ڏيان ڏيڻ، ڏسڻ] بي سمجهه – اڻ ڄاڻ – نادان.

• **اَسمرت ج اَسمرتيُون:** ث. [اَ = نه + سمر = ياد ڪرڻ] يادگيري نه رهڻ جي حالت – وسر – غفلت – وسلائي. ڳيٺواري.

• **اِسمرت ج اِسمرتيُون:** ث. [سن. سمر = ياد ڪرڻ] سمرتي – هندو قانون.

• **اَسمرٿ ج اَسمرٿ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + سمرٿ = سگهه وارو] بي طاقت – اڻ سگهو – بي سگهو – ناتوان – هيڻو – ڪمزور – لاچار. ستايل.

• **اَسمو ج اَسما:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + سميه = وقت] بي وقت – ڪمهلو. ڪمنڊائتو – بي موسمو. ڏکيو وقت.

• **اَسنُ:** ث. [سن. اُشمن = تپت] گرمي – ڪوساڻ – تپت.

• **اَسن ۾ آڻي:** ڪاڙهي ڳداز ڪئي، ڳاري.

• **اَسڻ:** اس ۾ پڪڻ، ڪاڙهو سهڻ.

• **اَسنادُ ج اَسنادُون:** ث. [ع. سَنَدَ ج اَساند = زنجير. اختياري] حديث جي روايت جو سلسلو. ثابتيون. قانوني ڪاغذ – دستاويز.

• **اِسنافُ، اسنائيف ج اِسنافَ، اسنائيف:** ذ. [انگ. سنائيپ] ڍانڊي پکيءَ جو هڪ قسم (ننڍو حلال پکي، پاڻيءَ جي ڪپ تي ويهي ڪاڏو هٿ ڪندڙ).

• **اَسنانُ:** ذ. [ع. سنُ ج اَسنان] ڏند "طَبِيبُ الاَسنَان = ڏندن جو ڊاڪٽر".

• **اِسنانُ ج اِسنانَ:** ذ. [سن. سنانَ = وهنجڻ] سنان – اِشنان – غسل – ٽُٻ.

• **اَسنتوش، اَسنتوڪ ج اَسنتوش، اَسنتوڪ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + سنتوش = خوش، راضي، قانع] ناراضپو – اُرهائي – ناخوشي.

• **اَسنجوڳ ج اَسنجوڳ:** ذ. [سن. اَ = نه + سنيوگ = ميلاپ] ڦيٽارو – اڻ ٺهڻ.

• **اَسنگت ج اَسنگت:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + اَسنگت = مناسب] نالائق – بيهودو. بڇڙو.

• **اَسنمانُ ج اَسنمانَ:** ذ. [سن. اَ = نه + سنمان = مانُ، عزت، احترام] بي مانائي – بي عزتي – توهين.

• **اَسنماني ج اَسنماني:** ذ. صفت. بي فضيلت – بي مانو – بي عزت.

• **اَسنهُون ج اَسنهان:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + سنه = جاچڻ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳولڻ] اَسونهون – سونهين يا رهبر کان سواءِ ـ اڪيلو – ناواقف – نڌر "اوجهڙ اَسونهَن ڏيهه ڳهٽوئي ڏوريو" (شاهه).

• **اَسُنهين ج اَسُنهيُون:** ٿ. سونهين يا رهبر کان سواءِ ـ اڪيلي – نڌر "جي هو اوکَر ڪنئي، اَسُنهيَن! تون ڳڻائي ڳَن" (شاهه).

• **اَسو ج اَسا:** ذ. [سن] هسو. ٻاهر نڪتل ماس جي ڳوڙهي. ڪائيءَ جو اَنگهو (ڪ).

• **اَسو:** ذ. [سن. اشوڪ] وڻ جو هڪ قسم – اشوڪ وڻ. چَوَڙ – چَوَڙ. چندن وڻ. ڪيوڙو.

• **اَسُوَ:** ذ. [سن. اَشْوِنِج. اَشْوَنَ] هندڪي سال جو ستون مهينو (جنهن ۾ چنڊ راس الحمل ۾ ايندو آهي ۽ ڏياري ٿيندي آهي). ثابتي (ٿ).

• **اَسوار ج اَسوارَ:** ذ. [ع. اِسْوارَ سن. اَشْوَ + وال = گهوڙي سوار] هسوار – سوار.

ـ **اَسواري ج اَسواريُون:** ٿ. هسواري – سواري "عاشق اَسواري، ڪَئيَ جنهن ڪاَ ريت ري" (سامي). (ف) ڪهاڙين ۽ گرزن سان لڙائيءَ جو نمونو.

• **اَسوارُ:** ذ. [ع. سُوَرُ ج اَسوارُ] ٻاهرين ديوار. ڪوٽ – عالم پناهه.

• **اَسوارٿ ج اَسوارٿون:** ٿ. [سن. اَ = نه + سُوَ = پنهنجو + اَرٿَ = غَرضُ] بي غرضائي – بي طمعي.

• **اَسوارٿي ج اَسوارٿِي:** ذ. صفت. بي طمع – لاغرض.

• **اَسويا ج اَسوياٿُون:** ٿ. [سن. اَ = نه + شوِيا = سونهن] ڪوجهائي – بد صورتي – بدشڪلائي.

• **اُسْوَهُ. اُسْوَه:** ٿ. [ع] نمونو – نظير – آدرسن.

• **اُسْوَهٔ حَسَنَهٔ:** ٿ. چڱو مثال.

• **اُسوِيس:** ٿ. [سن. اُشْشَ = فجر] فجر مهل – ٻانگ مهل – اَسرويل.

• **اَسوجهَهُ ج اَسوجهَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + شُڌ = صاف ڏسڻ جاچڻ] ناپديد – غير مرئي – بي جسم.

• **اَسوجَ ج اَسوجَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + سُجَ = غمر. ويچار] بي غمر – لاپرواهه. ڳهيلو – بي سمجهه. بي خيال.

• **اَسوجي ج اَسوجي:** صفت. اَسوجَ.

• **اَسْوَدُ:** ذ. صفت. [ع] ڪارو.

• **اَسُوَرَ ج اَسُوَرَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + شُوْلَ = درد] بي سور – بي درد – اَگوندرو "آيل! جي اَسُوَرَ پاند نه پوي تن سان" (سچل).

[سن. اَسْرا] رات جو چوٿون پهر – اڌ رات کان پوءِ ـ پرڀات – پرهه – پرهه ڦٽيءَ کان اڳ جو وقت – پيچ پني "الله لڳ اَسُوَرَ اُتائين ٿي آءُ تون" (شاهه).

ـ **اَسُوَرَ ڪاٺڻ:** روزو رکڻ – سحري ڪائڻ.

• **اَسُوَرو ج اَسُوَرا:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + شُوْلَ = سورُ] بي اونو – غافل – گينوار – اَسارو.

• **اَسوسَ ج اَسوسَ (ل):** صفت. [سن. اَ = نه + شُسَ = سُسڻ. خشڪ ٿيڻ] تار (پاڻي) – بي انداز (پاڻي) – تمام وڏو "واهه ۾ ته پاڻي اَسوسَ آهي".

• **اَسوڪ. اَسوڳ ج اَسوڪ. اَسوڳ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + شوڪ = ارمان] ارمان نه ڪندڙ – بي درد – بي غمر.

• **اَسوڪي. اَسوڳي ج اَسوڪي. اَسوڳي:** ذ. صفت. آرام ۾ – آسودو.

• **اَسون ج اَسُون (ڪ):** ضمير. اسين – اسان.

• **اَسُونهَ ج اَسُونهيُون:** ٿ. [سن] اڻ واقف – بيگاني "اڳهين هوند اَسُونهَ. جي جانارن ياد پون" (شاهه).

• **اَسُونهُون ج اَسُونهان:** ذ. صفت. اَسُنهون.

• **اَسُونهين:** اڻ جاڻن. ناواقفن. جيڪي سونهيون نه هيون.

• **اَسوڻ ج اَسوڻ:** ذ. [سن. اَپَشَڪُنَ] اپسوڻ – خراب سوڻ – بدسوڻ.

• **اَسوءُ ج اَسوءَ:** ذ. [سن. اَسُويا] حَسَدُ – چاوت – ساڙ – ريس – ايرکا.

• **اَسهه:** ذ. [سن. اَوَسَتَ] پورو – سجوئي – سمپورڻ.

• **اَسهه ج اَسهه:** ذ. صَفت. [سن. اَ = نه + سَهْيَه = سهڻ جهڙو] نه سهڻ جهڙو – اَسهَجَ – برداشت نه ڪرڻ جهڙو – مَر سَهُو. حاسد.

• **اَسهارو ج اَسهارا (ڪ):** ذ. [سن. اَ = نه + سَهايَتا = مدد] بي مددگار – بيواهه ـ چڙو – اڪيلو – يتيمر.

• **اِسهالُ ج اِسهالَ:** ذ. [ع. اِسْهالُ = ڍرو ٿي پوڻ] دست (هڪڙو مرض).

ـ **اِسهالُ ٿي پوڻ:** دست ٿي پوڻ. ڍجي وڃڻ.

ـ **اِسهالُ خُوني:** ذ. رت جا دست – سوري – اَتيسارَ.

• **اَسهَجُ ج اَسهَجَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + سَهْيَه = سهڻ جهڙو] نه سهڻ جهڙو – غير مُتَحمِل.

• **اَسهڪار ج اَسهڪارَ:** ذ. [سن. اَ = نه + سَهڪارَتا = باهمي مدد] ساٿ ڏيڻ کان انڪار – قطع تعلقات – ترڪ موالات.

• **اَسْهَلُ:** ذ. صفت. [ع. "سهل" جو تفضيل] نهايت آسان – سڀ کان سولو – سڀ کان سهنجو.

• **اَسهَڻُ:** مصدر. [پرا. اَوَسيه؛ سن. اَپَسَرَ] وڃڻ – روانو ٿيڻ (مسافريءَ تي) سنبرڻ. (اَسهيو – اَسهَندو – اَسهيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **اَشُبُ ج اَشُبَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + شُبَ = چڱو يا ڳوارو] نياڳو – منحوس – بدبخت – ادورو – برو. بدفالي – بدسوڻ.

• **اِشْتِباھُ ج اِشْتِباھَ:** ذ. [ع. اِشْتِباھ = شڪ ڪرڻ] شڪ – شبهو – گمان. مونجهارو.

• **اِشْتِباهي:** ذ. صفت. منجهيل – مشڪوڪ.

• **اُشْتُرَ:** ذ. [ف] شتر – اٺ – ڏاگهو.

ـ **اُشْتُربانُ ج اُشْتُربانَ:** ذ. صفت. شتربان – ساربان – اوٺي.

ـ **اُشْتُرپائي:** ذ. ول يا ٻوٽي جو هڪ قسم (جنهن جا پن اٺ جي پير وانگر ٿين).

ـ **اُشْتُرخارُ:** ذ. شترخار – ڪانديرو.

ـ **اُشْتُرخوءِ:** صفت. تندخو – سوڙل موڙل. ويرولو.

• **اُشْتُردارُ ج اُشْتُردارَ:** ذ. صفت. اوٺار – اوٺي.

ـ **اُشْتُردل:** صفت. ڊڄڻو گيدي.

ـ **اُشْتُرگاءُ:** ذ. جراف – زراف.

ـ **اُشْتُرمُرغُ:** ذ. شترمرغ – اٺ پکي.

ـ **اُشْتُرمورُ:** ذ. وڏي ماڪوڙي.

ـ **اُشْتُروارُ:** ذ. اُشْتُربار – اٺ جو بار.

• **اِشْتِراڪُ ج اِشْتِراڪَ:** ذ. [ع] ڀائيواري – حصيداري – شراڪت. شرڪت – شموليت "بر وجہ اِشتراڪ = گڏ ملڪيت. ورهاست: عَلَي الاشْتَراڪ = شراڪت ۾". چندو.

• **اِشْتِراڪيَّتَ:** ث. [ع] حڪومت جو اهڙو سرشتو جنهن ۾ ملڪ جي ملڪيت ۾ سڀني جو هڪ جيترو حصو هجي. حڪومت – سمايہ واد – سوشلزم.

• **اِشْتِراءُ:** ذ. [ع]. خريد.

• **اِشْتِعال ج اِشْتِعالَ:** ذ. [ع] ڀڙڪو – جوش – باه. جهڳڙو.

ـ **اِشْتِعال اَنگيزَ:** صفت. ڀڙڪائيندڙ – جوش ڏياريندڙ (تقرير). فساد ڪرائيندڙ – مانڌاڻ مچائيندڙ.

ـ **اِشْتِعال اَنگيزي:** ث. فساد ڪرائڻ يا باه ڀڙڪائڻ جي حالت.

ـ **اِشْتِعال ڏيڻ:** ڀڙڪائڻ – همت ٻڌائڻ. باه جاڳائڻ – هشي ڏيڻ.

• **اِشْتِغالُ ج اِشْتِغالَ:** ذ. [ع] مشغولي – شغل – مصروفيت.

• **اِشْتِقاقُ ج اِشْتِقاقَ:** ذ. [ع] ڪنهن لفظ مان ڇيري ڪڍيل بنيادي لفظ – ڌاتو – بنياد "عِلمُ الاشْتِقاق" = اِشتقاق ڪڍڻ جو علم. صرف. ساڌن وديا.

• **اِشْتِقاقي:** صفت. اهو لفظ جو ٻئي لفظ مان نڪتل هجي – مُشْتَق.

• **اِشْتِمالُ:** ذ. [ع. اِشتِمالُ = سمائڻ] گنجائش.

• **اِشْتِماليَّتَ:** ث. [ع] اِشْتِراڪيت – سامیہ واد – سوشلزم.

• **اِشْتِهاءَ:** ث. [ع. اِشْتِهاءِ] بک – خواهش (ڪاڏي جي). رُچي.

• **اِشْتِهارُ ج اِشْتِهارَ:** ذ. [ع. اِشْتِهارُ = مشهور ڪرڻ] پڌرنامو – اعلان – اطلاع. مشهور ڪرڻ جو پرچو – نوٽيس – آرٽيڪل.

• **اِشْتِياقُ ج اِشْتِياقَ:** ذ. [ع] شوق – سڪ – آرزو – چاهنا. انتظار ڪڍيل خواهش.

ـ **اِشْتِياق نامو ج اِشْتِياق ناما:** ذ. سڪ ڀريو خط.

• **اَشْٽ:** صفت. [سن. اَشْٽ] اٺ.

• **اَشْٽمي ج اَشْٽميون:** ث. [سن. اَشْٽَ = اٺ] قمري مهيني جي اٺين تاريخ – اٺون تٿ.

• **اَشْجارُ:** ذ. [ع. شَجَر ج اَشجارُ] وڻ – درخت.

• **اَشْجَعُ:** ذ. صفت. [ع. "شُجاع" جو تفضيل] سڀن کان وڌيڪ شجاع – سڀني کان بهادر – وڏو پهلوان – دلاور – جرّي. هڪ قسم جو ڪارو رنگ.

• **اَشْخاصُ:** ذ. [ع. شَخصُ ج اَشخاص] ماڻهو – ڄڻا – آدمي. ڊگهيون مَرئِي شيون.

• **اَشَدُّ:** صفت. [ع. "شديد" جو تفضيل] تمام سخت – بلڪل گهڻو – نهايت.

• **اَشُدُّ:** صفت. [سن. اَ = نہ + شُدُّ = پاڪ. برابر] ناپاڪ – پليد – اَڀو تَرَ – گندو – غيرخالص. غلط.

• **اَشْرارُ:** ذ. صفت. [ع. شَرِيرُ ج اَشرار] لچا ماڻهو – لفنگا.

• **اَشْراطُ:** ذ. [ع. شَرْطُ جَ اَشراطُ] شرط. نشانيون – علامتون – اُهڃاڻ "اَشْراطُ الساعَة = قيامت جون نشانيون".

• **اَشْرافُ ج اَشْرافَ:** ذ. صفت. [ع. شَرِيفُ ج اَشرافُ. سنڌيءَ ۾ واحد طور ڪم ايندڙ] شريف انسان – چڱو ماڻهو – نيڪ مرد – ڀلو مانس. عالي خاندان – امير زادو. عزت وارو – مهذب. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.

ـ **اَشْرافَتُ ج اَشْرافَتُون:** ث. ڀل مانسائي – چڱمڙسي – شريف پائي – شائستگي – چڱي چال. عزت. چڱو حسب نسب.

• **اِشْراقُ ج اِشْراقَ:** ذ. [ع. اِشْراقَ = سج جو اُڀرڻ] سج جو اوڀارو – طلوع. سج اڀرڻ کان پوءِ نفلي نماز. پري ڪان طالب کي روحاني روشنائيءَ ۽ فيض جي پهچ (باطن جي صفائي). نيج – روشنائي – جمال.

• **اِشْراقِيْنُ:** ذ. [ع. اِشْراقِي ج اِشْراقِيّون: ف. اِشْراقِيانْ] رياضت سان پنهنجي اندر ۾ روشني پيدا ڪندڙ فيلسوفن جي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قديم جماعت (افلاطون ۽ بقراط بہ انهيءَ طبقي مان آهن).

• **إشراڪُ:** ذ. [ع. إشراڪُ = شرڪ ڪرڻ] شرڪ. ڀائيواري.

• **أشرَفُ:** ذ. صفت. [ع. "شَرِيفُ, جو تفضيل] تمام شرف وارو – بلڪ ڀلو – بلڪل شريف.

ـ **أشرَفُ المَڪان:** ذ. سڀني جاين ۾ ڀلاري جاءِ (مَڪو شريف).

ـ **أشرَفُ الأنبياءِ:** ذ. سڀني ۾ ڀلارو نبي (حضرت محمد صلي الله عليہ و آلہ وسلم).

ـ **أشرَفُ الاوقات:** ذ. سڀ ۾ سٺو وقت يا ٽڻ.

ـ **أشرَفُ السّاعات:** ث. سڀ ۾ سڀاڳي گهڙي (نجوم جي نڪتہ نظر کان).

ـ **أشرَفُ المَخلوقات:** ث. سڀني مخلوقن کان ڀلو – انسان ذات – بني آدم.

• **أشرَفي ج أشرَفِيون:** ث. [ع] سون جو هڪ سڪو – سوني مُهر – گني – رَتو ٽڪو. گل جو هڪ قسم – گل اشرفي.

• **أشرِيَرُ ج أشرِيَرُ:** صفت. [سن. أ = نہ + شرِيَرُ = بدن] بنا بدن جي – روحاني.

• **أشعارَ:** ذ. [ع. شعُرُ ج أشعار] شعر ـ نظم ـ گيتَ [ع. شَعرُ ج اشعار] وار – زلف.

• **أشعَرَ:** ذ. صفت. [ع. "شاعِرُ" جو تفضيل] سڀ کان وڌيڪ شاعر يا سمجهدار.

• **أشعَري:** اسم خاص. [ع] أبوالحسن علي بن اسماعيل الْأَشعَري (ولادت ٨٧٣ع ۽ وفات ٩٣٥ع). شهر بصري جو هڪ وَڏو ڪلامي مصنف.

• **أشغال:** ذ. [ع. شُغلُ ج أشغالُ] ڪم ڪاريون – ڌنڌا.

• **أشفاقَ:** ذ. [ع. شَفَقُ ج أشفاقُ] شفقتون – مهربانيون.

• **إشفاقُ:** ذ. [ع. إشفاقُ = شفقت ڪرڻ] شفقت ـ رحم ـ قياس.

ـ **اشفاق أنگيز:** صفت. رحم جوڳو.

• **أشقَرَ:** ذ. صفت. [ع] ڳاڙهي منهن ۽ وارن وارو (گهوڙو) – بورُ. پالڪ ياڄي. ڪٽونبڙو.

• **أشقياء:** صفت. [ع. شَقِيّ ج أشقياءُ] نالائق – مردود – ڪمينا – نيچ بدمعاش – رهزن – ڌڪي.

• **أشڪُ ج أشڪَ:** ذ. [ف] ڳوڙهو – لڙڪ. ڦڙو – قطرو.

ـ **اشڪ أبرِ سحاب, نيسان:** ذ. ڪڪر جو ڳوڙهو. مينهن جو ڦڙو.

ـ **اشڪَ آتشين:** ذ. گرم ڳوڙها.

• **أشڪ أفسوس:** ذ. افسوس جا ڳوڙها.

ـ **أشڪَ أفشان:** صفت. [أشڪُ + فشان] ڳوڙها ڳاڙيندڙ – اشڪبار.

ـ **أشڪ أفشاني:** ث. ڳوڙها ڳاڙڻ.

ـ **أشڪ آلود:** صفت. [ف. أشڪُ + آلود] ڳوڙهن ڀريل.

ـ **أشڪبار:** صفت. [ف. أشڪ + بار = وسائيندڙ] ڳوڙها ڳاڙيندڙ – هنجهون هاريندڙ – لڙڪ وهائيندڙ – روئندڙ.

ـ **أشڪ پشيماني:** ذ. پڇتاءَ جا ڳوڙها.

ـ **أشڪ حَسرَت:** ذ. افسوس ۽ ارمان جا ڳوڙها.

ـ **أشڪ خُونين سُرخ:** ذ. خون آلود ڳوڙها – رت جا ڳوڙها.

ـ **أشڪ دائُودي:** ذ. پڇتاءَ جا ڳوڙها.

ـ **أشڪ رَوان:** ذ. وهندڙ ڳوڙها.

ـ **أشڪ ريز:** صفت. ڳوڙها وهائيندڙ.

ـ **أشڪ ريزي:** ث. ڳوڙها وهائڻ.

ـ **أشڪ شادي ـ طَرب:** ذ. گهڻي خوشيءَ جي جوش جا ڳوڙها.

ـ **أشڪ شمَع:** ذ. ٻرندڙ شمع جا ڳوڙها.

ـ **أشڪ ڪوه:** ذ. هيرا جواهر.

ـ **أشڪ ندامت:** ذ. پڇتاءَ جا ڳوڙها.

• **أشڪال:** ذ. [ع. شَڪلُ ج أشڪال] شڪليون – نمونا – جاميٽريءَ جون شڪليون. منطق جون شڪليون. طعام جا نمونا.

• **اشڪال:** ذ. [ع] مشڪلات – مونجهارو. شڪ.

• **أشڪانيان:** اسم خاص. [ف] ايران جو قديم ٽيون گهراڻو. جنهن سڪندر اعظم کان پوءِ اٽڪل ١٩٠ ورهيہ راڄ ڪيو.

• **أشڪبوسُ:** اسم خاص. [ف] ايران جو هڪ پهلوان جنهن کي رستم ماريو هو.

• **أشڪره:** ذ. [ف] شڪرو (باز جو هڪ قسم).

• **أشڪَنجو ج إشڪَنجا:** ذ. [ف. شڪَنجَہ] شڪنجو – ٻيڪڙ – ٻيڙ. ڏوهين کي قابو ڪرڻ لاءِ ڪاٺ. ڪتابن جي ڪنارن جهلڻ لاءِ جلد بنديءَ جو هڪ اوزار.

ـ **أشڪَنجي ۾ آڻ:** وڪڙ يا ڀيچ ۾ ڦاسائڻ.

• **أشڪول, أشڪيل ج أشڪول, أشڪيل:** ذ. [ع. شڪيل] اٽڪاءُ – روڪ. نيٺر – ڏاوڻ – ٻيڙيون – واڳهہ – وهٽ جي ساڳئي پاسي اڳين پوئين ٽنگ ٻڌڻ جو ڏاوڻ. ڪبي پير ۽ ساڄي ٽنگ اڇيءَ وارو گهوڙو. ڦڏو – اَڙي. ڪوڙي تهمت – الزام – ڪوڙو ڪيس – منصوبو.

ـ **أشڪليل ورائڻ:** ڦڏا وجهڻ.

• **أشڪيلي ج أشڪيلي:** ذ. صفت. ڪوڙو دعويدار – ڪوڙي تهمت رکندڙ – ڦڏائي.

• **اَشَلّ:** ذ. صفت. [ع] اَرڙانگي – ٻانهن سُڪل – ٽونٽو.
• **اَشلوڪ ج اَشلوڪ:** ذ. [سن. شلوڪ] سلوڪ – بيت.
• **اِشمام:** ذ. [ع. اِشمام = سنگهائڻ] عطرافشاني.
_ **اِشمامِ ضمّه:** ذ. "خ، د ۽ ش" جي وچ ۾ واؤ جو آواز گم ٿيڻ ۽ پيش جو آواز حاصل ڪرڻ (جيئن "خود" = خُد، "خُوش" = خُش).
_ **اِشمامِ فتحه:** ذ. (جيئن خواب = خاب، خواهش = خاهش).
_ **اِشمامِ ڪسره:** ذ. (جيئن خويش = خيش).
• **اِشنان ج اِشنان:** ذ. [سن. سنان = وهنجڻ، صفا ٿيڻ] ترَ – غسل – سنان.
• **اِشنان:** ذ. [ف] ڪار.
• **اِشو:** ذ. [انگ. issue] بحث هيٺ نُڪتو – تڪراري ڳالهه. نتيجو. اولاد. گمان (ت).
• **اَشوڀا:** ث. [سن. اَ = نه + شوڀا = سونهن] ڪوجهائي – بدصورتي – قباحت.
• **اَشور ج اَشور(ڪ):** ذ. [سن. اُشرا] اَسور – اَسر – صبح ڪاذب – فجر.
• **اَشور ڪرڻ:** صبح جو سويل ڪاڻ – اَسُر مهل ڪاڻ.
• **اَشوڪ ج اَشوڪ:** ذ. [سن. اَ = نه + شوڪ = ڏک] بنا ڏک – بي غم – اگوندرو.
• **اَشوڪ:** اسم خاص. [سن] موريا گهراڻي جو هڪ مشهور راجا (راجا چندوسار جو پٽ ۽ چندرگپت جو پوٽو). هڪ وڻ جو نالو.
• **اَشوميڌ:** ث. [سن. اشوَ = گهوڙو + ميڌ = قرباني] گهوڙن جي قرباني.
• **اَشهَب:** ذ. صفت. [ع] گهٽي اڇاڻ ڳڏيل. ڪارن وارن ڪان گهڻن اڇن وارن وارو گهوڙو – سرخو.
_ **اَشهَبِ اَخضَر:** ذ. چينو گهوڙو.
_ **اَشهَبِ اَدهَم:** ذ. ڳرو گهوڙو.
• **اَشهاد:** ذ. [ع. شاهدُ ج اَشهادُ] شاهدَ – گواهه.
• **اَشهَدُ:** ذ. [ع] ڪلمه شهادت جو پهريون لفظ (= آءٌ ساک ٿو ڀريان، آءٌ شاهدي ٿو ڏيان). شهادت جو ڪلمو "اک اَشهَدُ چاءِ، ته مسلماني ماڻئين".
_ **اَشهَدُ اَگر:** ث. ڏسٽي آگر.
• **اَشهَر ج اَشهَر:** صفت. [ع] گهڻو مشهور.
• **اَشياءِ:** ذ. [ع. شيي ج اَشياءِ] شيون، چيزون ـ وٿون.
• **اَشياخ:** ذ. [ع. شَيخ ج شيُوخ ج اَشياخ] ٻڍا ماڻهو – وڏا – قبيلن جا ڀريا مڙس.
• **اَصاغر:** ذ. [ع. صَغير ج اَصاغرُ] ننڍا. "اَڪابرَ" جو ضد.
• **اَصالَت:** ث. [ع. اَصالَة] اصليت – بنياد – نَطفي جو اثر. خاصيت – اثر. پختگي.
• **اَصْبَح:** ذ. صفت. [ع. "صَحيح" جو تفضيل] خوبصورت – صبح جهڙو روشن ۽ صاف – ڳاڙهو (منهن).
• **اَصَحّ:** ذ. [ع. "صَحيح" جو تفضيل] زياده صحيح.
• **اَصْحاب ج اَصْحاب:** ذ. صفت. [ع. صاحب ۽ اَصْحاب] نبي صلي الله عليہ و آلہ وسلم (حضرت محمد) جو صحبتي – سنگتي – ساٿي – دوست.
_ **اَصْحابِ اَدَب:** ذ. صفت. ادب جا صاحب – عالم. فضيلت وارا.
_ **اَصْحابِ اِعْتبار:** ذ. صفت. اعتبار جا صاحب – معتبر ماڻهو.
_ **اَصْحابِ بِدْعَت، ضَلالَت:** ذ. صفت. گمراهه.
_ **اَصْحابِ تَدْبير:** ذ. صفت. تدبير جا صاحب – مُدبِّر – ڏاها وزير.
_ **اَصْحابِ تَوارِيخ:** ذ. صفت. تاريخ لکندڙ – مؤرِّخ.
_ **اَصْحابِ جاهه:** ذ. صفت. مرتبي وارا ماڻهو.
_ **اَصحابِ جنت:** ذ. جنتي ـ بهشتي.
_ **اَصْحابِ جَهَنَّم، جَهِيم، دَوْزَخ، نار:** ذ. صفت. دوزخي.
_ **اَصْحابِ درايت:** ذ. صفت. عقل تي هلندڙ انسان.
_ **اَصْحابِ دَوْلَت:** ذ. صفت. حڪومت جا صاحب – امير اُمراءِ. شاهوڪار.
_ **اَصْحابِ روايت:** ذ. صفت. راوي – ناقل. ٻڌل ڳالهين تي هلندڙ.
_ **اَصْحابِ سَيْف:** ذ. صفت. ترار جا صاحب – وڙهندڙ – لشڪري – فوجي آفيسر.
_ **اَصْحابِ فَضْل:** ذ. صفت. فضيلت جا صاحب – فضيلت وارا.
• **اَصْحابِ فَهْم:** ذ. صفت. فهم جا صاحب – فهميدا – سمجهدار ماڻهو – سمجهو.
_ **اَصْحابِ قَلَم:** ذ. صفت. قلم جا صاحب – قلم وارا – لکندڙ. ديواني آفيسر.
_ **اَصْحابِ ڪبار:** ذ.صفت. وڏا اَصحابي – حضرت رسول الله صلي الله عليہ و آلہ وسلم جا چار وڏا يار ۽ خليفا (ابوبڪر الصديق، عمر ابن الخطاب، عثمان ابن عفان ۽ علي ابن اَبيَ طالب رضوان الله عليهم).
_ **اَصْحابِ ڪرام:** ذ. صفت. رسول الله صلي الله عليہ و آلہ وسلم جا سڳورا صحابي.
_ **اَصْحابِ ڪَهْف:** ذ. صفت. غار جا يار – توريت ۽ قرآن پاڪ ۾ ذڪر ڪيل غار وارا ست دوست.
_ **اَصْحابي ج اَصْحابي:** ذ. صفت. اهو ماڻهو جنهن حضرت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن کي بہ حالت ايمان ڏٺو ۽ بہ حالت ايمان هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو.

• **اَصْداف:** ذ. [ع. صَدَفُ ج اَصداف] سپون.

• **اِصْرار ج اِصْرارَ:** ذ [ع] ڪنهن ڳالھ تي گهڻو زور — ضد — هٺ. تاڪيد.

• **اِصْراف ج اِصْرافَ:** ذ. [ع] اجايو يا بيهودو خرچ — گهڻو خرچ.

• **اِصْطَبَل ج اِصْطَبَلَ:** ذ. [ع. اِصْطَبَلَ: انگ stable] طبيلو — ڪڙهہ — گهوڙي جي ٻڌڻ جي جاءِ ـ ٿاڻ.

• **اُصْطرُلاب ج اُصْطرُلاَبَ:** ذ. اَسْطرُلاب.

• **اِصْطلاحَ ج اِصْطلاحَ:** ذ. [ع] ڪنهن ڌنڌي يا فن جو لفظ — ورجيس. ٻوليءَ جي محاوري وارو لفظ. لفظن جو جوڙ.

• **اِصطلاحات:** ذ. اِصلاح ـ ورجيسون.

• **اِصطلاحي:** ج. اِصْطلاحي: صفت. محاوري وارو. مشهور معنيٰ ڪان سواءِ ٻي خاص معنيٰ رکندڙ (لفظ).

• **اِصْطَخَرْ:** اسم خاص. قديم ايران جي گاديءَ جو هنڌ.

• **اَصْعَبُ:** صفت. [ع. "صَعب" جو تفضيل] تمام ڏکيو — وڌيڪ ڏکيو — سڀ کان ڏکيو.

• **اَصْغَرُ:** صفت. [ع. "صغير" جو تفضيل] وڌيڪ ننڍو — سڀ کان ننڍو. (اصطلاحاً) ننڍي لڙائي (جهاد اَصْغَرُ = ننڍي لڙائي يعني ظاهري جنگ ڪافرن سان: ضد. جهادِ اڪْبَرُ = وڏي جنگ يعني نفس جي لڙائي) "اصغر ڏي آهين گهٽا، تون اڪبر ڏي آءُ" (شاہ).

• **اَصْفَرُ:** ذ. صفت. [ع] پيلو رنگ.

• **اِصْفَهان:** اسم خاص. [ف. ع] ايران جو هڪ مشهور شهر.

• **اَصْفيٰ:** صفت. [ع. "صاف" جو تفضيل] وڌيڪ صاف.

• **اَصْفيا:** ذ. [ع. صَفيّ ج اَصْفيا] صاف پاڪ ماڻهو ـ اولياءُ الله.

• **اَصْلُ ج اُصُلُ:** ذ. [ع.] بنياد. بُڻ ـ نسل — پاڙ — شروع — پيڙهہ. سچو پچو — حقيقي. خالص — رءِ ـ نج. ضرور. ٺيڪ. رڳو. بلڪل. مطلقاً — سبب. ڪتاب جو اصلي نسخو — "نقل" جو ضد. بدن تي ٻر ٻر ٿيندڙ هڪ بيماري. عام سنڌي اُچار اصل.

ـ **اَصْل:** ظرف. اصل کان — شروع کان. هرگز — بنهہ — پڪيءَ ـ اَصلي — مطلقاً.

ـ **اَصْلاً وقطعاً:** ظرف. هرگز نہ — مطلق نہ.

ـ **اَصْلاٽو ج اَصْلاٽا:** صفت. ٻڌائتو — بنيادي — اصل وارو. عام سنڌي اُچار. اَصلاٽو.

ـ **اَصْل غَرَضُ:** ذ. ڳالھ جو مول مقصد.

ـ **اَصْل زادَهْ:** ذ. صفت. شريف زادو — عالي نسب.

ـ **اَصْل ڪتابُ:** ذ. ڪتاب جو پهريون قلمي مسودو.

ـ **اَصْل قيمَتْ:** ث. پهرين قيمت — خريدي قيمت. نفعي کان سواءِ.

ـ **اَصْل نامُ:** ذ. سچو نالو.

ـ **اَصْلُ وارُ:** صفت. اصل يا حقيقت تي ٻڌل.

ـ **اَصْل و فَرعَ:** ذ. (پاڙ ۽ ٽاري) مکيہ ۽ ان جي تابع ڳالھ — اصلي ۽ مددي ڳالھ.

ـ **اَصْلوڪو ج اَصْلوڪا:** صفت. [ع. اصل + ڪو] اصل وارو — اوائلي — قديم.

• **اَصْلُوْنْ:** ظرف. اَصْلاً — بلڪل — مطلق.

• **اَصْلِي ج اَصْلِيَ:** ذ. صفت. بنيادي — اَساسي. فطرتي — ذاتي — پيدائشي — جڳري. خاص — قديم. اصيل. (ث. ذ) ڪجيءَ جو هڪ قسم. بهترين قسم جي ڪجي ۽ ڪجور. (ظرف) هرگز. عام سنڌي اُچار اصلي.

• **اَصْلِيَّتْ ج اَصْلِيَّتُونْ:** ث. بنيادي حقيقت ذاتي گڻ. بنيادي شرافت. اصل نسل.

• **اَصْلابَ:** ذ. [ع. صُلب ج اَصْلابُ] چيلهيون پٺيون.

• **اِصْلاحَ ج اِصْلاحُونْ:** ث. [ع] درستي — سڌارو. اوتارُ.

ـ **اِصْلاحات:** ث. سڌارا — ترميمون.

ـ **اِصْلاح پَذيرُ:** صفت. سڌاري جوڳو.

ـ **اِصْلاحَ ذاتُ البَين:** ذ. هڪ ٻئي جي وچ ۾ صلح ڪرائڻ.

ـ **اِصْلاحي ج اِصْلاحِيَ:** صفت. سڌارو ڪندڙ. سڌاري وارو. سڌاري بابت.

• **اَصْلُ السُّوسْ:** ث. [ع] مني ڪاٺي.

• **اَصْلَحُ:** صفت. [ع. "صَالِح" جو تفضيل] وڌيڪ صالح — وڌيڪ لائق.

ـ **اَصْلَحَهُ الله:** جملو خدا شال هن کي صالح ڪري.

• **اَصْلَعُ:** ذ. صفت. [ع] ٽوڙهو.

• **اَصَمُّ:** ذ. صفت. [ع] ٻوڙو. اهو انگ جنهن جو ٻيو مول نہ نڪري سگهي جيئن ٣، ٥، ٧ — عدد غير ناطق.

• **اَصْمَعِي:** اسم خاص. [ع] هڪ مشهور عربي اديب جو نالو.

• **اَصْنافَ:** ذ. [ع. صِنْف ج اَصْنافُ] جنسون.

ـ **اَصْناف خَلْق:** ذ. ماڻهن جا قسم.

ـ **اَصْناف قَبائِل:** ذ. جدا جدا قبيلا.

ـ **اَصْناف مُخْتَلِفَهْ:** ذ. جُدا جُدا جنسون.

• **اَصْنامَ:** ذ. [ع. صَنَمُ ج اَصْنامُ = بت] بُتَ. سُهڻا ماڻهو.

• **أَصْواتُ:** ذ. [ع. صَوْتُ ج أَصْواتُ] آواز.
• **أَصْوَبُ:** صفت. [ع. "صائِبُ" جو تفضيل] وڌيڪ صحيح – وڌيڪ سڌو (نشان).
• **أُصُولُ ج أُصُولَ:** ذ. [ع. أَصْلُ ج اُصُولُ] پاڙ – بنياد. بنيادي قاعدو – قانون – نيم. موسيقي آواز يا ڌنڪ (هي ڪل سترهن اصول "هَفده بَحرِ اُصُوْل" چيا اٿن. جن مان فقط "اُصولُ فَاخِتَہ" جو نالو ڏنو اٿن).
• **أُصُوْلِ عَشَرَه:** ذ. ڏهہ اصول يعني عشر مقولات يا قاطيفورات يا ڏهہ عقلُ (١) جوهر (٢) ڪمُ (ڪيتراڻ) (٣) ڪيف (ڪيئن، ڪيفيّت) (٤) اضافت (تعلق) (٥) أَيْن (ڪٿي) (٦) متيٰ (ڪڏهن) (٧) وَضعُ (نمونو جاءِ جو) (٨) ملڪ (ملڪيت، ڪنهن جي) (٩) فعل (ڪم) (١٠) اِنْفِعالُ (ڪم جو اثر).
– **اُصُوْلِ فاخِتَه:** ذ. [ع. اصول + ف. فاخِتَہ = گيرو] راڳ جو هڪ تال.
– **اُصُوْلِ مَوضُوعُ:** ذ. مقرر حقيقت. بديهيت – اوليّت – بديهي يا ٺهراءَ ڙي دليل.
– **اُصُوْلُ وَ فُرُوعُ:** ذ. [ع] پاڙون ۽ ٽاريون مکيہ ۽ تابعي ڳالهيون. علت ۽ معلول – سبب ۽ اثر.
• **أَصِيل ج أَصِيلُ:** صفت. [ع. أَصْلَ = هو محڪم بنيو] چڱي نسب وارو – شريف – نيڪ ذات – چڱو مڙس – اصل نسل وارو – ٻٽائتو "متان مون کي چڏئين. آري جام اصيل" (شاهہ). اصل خاندان – خانداني – عزت وارو. سچو ماڻهو. ننگپال "آڪير جو اصيل. سو سر ڏي تہ سرهو ٿيين" (شاهہ). وڪيل جو ٿيتي – گراهڪ. (ذ) ويڙهو ڪڪڙ جو هڪ قسم (جنهن جا ماءُ پيءُ هڪڙي قسم جا هجن). عمدي لوهہ جي ترار. نانگ جو هڪ قسم.
• **اِضافَتَ ج اِضافَتُون:** ٿ. [ع. اِضافَۃ] نسبت – لاڳاپو – تعلق. گرامر ۾ اسمن جي وچ ۾ مالڪيءَ جي يا ٻي نسبت ڏيکاريندڙ حالت – حالت اضافت. اضافو – واڌارو – زيادتي. اِضافه _ مهماني ڪرڻ.
• **اِضافو ج اِضافا:** ذ. [ع. اِضافَہ] واڌ – واڌارو – زيادتي. پگهار يا عهدي ۾ واڌارو.
• **اِضافِي ج اِضافِي:** صفت. [ع] نسبتي صفت (جا اصلي نہ هجي). بالائي.
– **اِضافِي وُجُودُ:** ذ. اهو وجود جنهن جو ٻئي وجود سان تعلق هجي – اعتباري وجود.
• **أَضْحيٰ:** ذ. [ع. ضَحيہ. اُضحيۃ ج اَضْحيٰ] قربانيون "عيدالضّحيٰ" = ٻاڪري عيد. يومُ الاَضْحيٰ = قربانين جو ڏينهن".

• **أُضْحِي ج اُضْحِيُوْن:** ٿ. [ع. اُضْحِيَۃ. اُضْحِيٰ] قربانيءَ جو جانور – قرباني.
• **أَضْدادُ:** ذ. [ضِدّ ج أَضْدادُ = هڪ ٻئي جي ابتڙ شيون] اهي لفظ جن جون هڪٻئي جي مخالف معنائون هجن "اُچو: ڪارو" معنائون هجن. مخالفت.
• **اِضْطِرابُ:** ذ. [ع] پريشاني – بي قراري – تڙپ. لوچ – ڦٿڪو – گهٻراهٽ. جلدي. تکڙ.
– **اِضْطِرابِي:** ٿ. بي قراري _ بي تابي _ بي آرامي.
• **اِضْطِرارُ:** ذ. [ع] لاچاري. پريشاني – بي قراري – بي چيني – بي آرامي.
• **أَضْعافُ:** ذ. [ع. ضِعَفُ ج أَضْعافُ] ٻيڻا ٻاڳا. سمائيندڙ انگ.
• **أَضْعَفُ:** صفت. [ع. "ضَعِيف" جو تفضيل] سڀ کان ضعيف – ڏٻرو.
• **أَضَلُ:** صفت. [ع. "ضَالُ" جو تفضيل] وڌيڪ گمراهہ.
• **اِضْلالُ:** ذ. [ع. اِضلالُ = گمراهہ ڪرڻ] گمراهي.
• **اِضْمارُ:** ذ. [ع] دل ۾ ڳالهہ جي لڪ. علم عروض ۾ ڪنهن بہ وزن جي ٻئي متحرڪ حرف کي ساڪن ڪرڻ "مُتَفاعِلُن جو ٻيو حرف 'ت' ساڪن ڪبو تہ ٿيندو مُتْفاعِلُن = مُسْتَفْعَلَن".
• **أَضْيافُ:** ذ. [ع. ضَيفُ ج أَضْيافُ] مهمانَ.
• **أَضْيَقُ:** صفت. [ع. "ضَيّق" جو تفضيل] وڌيڪ سوڙهو يا تنگ.
• **أُطاقِي ج اُطاقِي:** صفت. اوطاقي.
• **أَطِبّاءُ:** ذ. [ع. طَبِيبُ ج أَطِبّاءُ] طبيب – حڪيم – ويڄ.
• **أَطْباعُ:** ذ. [ع. طَبْعُ ج أَطْباعُ] طبعون – سڀاءَ.
• **أَطْرافُ:** ذ. [ع. طَرفُ ج أَطْرافُ] پاسا – ڏسيون.
– **أَطْرافِي ج أَطْرافِي:** صفت. ٻاهرينءَ حد وارو.
• **اِطْرِيْفَلُ:** ذ. [سن. تِرِڦَلا = ٽي ڦل يعني هريڙون. ٻهيڙا ۽ آورا] ٽِڦلو (هڪ دوا جو نالو جنهن ۾ متي جاڻايل ٽي پسار ٿين). تر ڦلو.
• **أَطْفالُ:** ذ. [ع. طِفْلُ ج أَطْفالُ] ٻار. ٻارَ ٻچا.
• **اِطْلاعُ ج اِطْلاعَ:** ذ. [ع. اِطلاع] خبر – سڌ – چتاءُ – اعلان. نوٽيس.
– **اِطْلاعاً:** ظرف. اطلاع طور – اطلاع جي وسيلي.
– **اِطْلاعاتُ:** ذ. خبرون – نَشريات.
– **اِطْلاعُ ڏِيڻُ:** سَڌ ڏيڻ. نوٽيس ڏيڻ.
– **اِطْلاعُ نامُو ج اِطْلاعُ ناما:** ذ. اطلاع لاءِ خط – نوٽيس – سمن.
• **اِطْلاقُ ج اِطْلاقُ:** ذ. [ع] لاڳاپو. ٺهڪي اچڻ واري حالت.
• **أَطْلَسْ (ٿ). أَطْلَسُ ج أَطْلَسُوْن. أَطْلَسُ:** ذ. [ع] اچو لسو

زريدار ريشمي ڪپڙو — ساٽين.
— **آطلسي:** صفت. اطلس جو. ڪارو.
— **آطلسي فَلَڪُ:** فَلَڪ اَطْلَسُ (بطليموس جي نظريي موجب نائون يا سڀ کان مٿاهون ستارن کان سواءِ آسمان).
• **اِطْمِينانُ ج اِطْمِينانَ:** ذ. [ع. اِطْمِينان] تسلّي — دل جمعي — دلاسو — خاطري — دِلجاءِ ـ بي فڪري — صبر — آنند — اندر جو آرام.
— **اطمينان خاطر:** ذ. دل جي خاطري — پَڪ.
• **اَطْنابُ:** ذ. [ع. طُناب ج اَطْنابُ] تنبوءُ جون رسيون.
• **اِطْنابُ ج اِطْنابَ:** ذ. [ع] ڪلام ۾ اجائي ڊيگھ — تطويل.
• **اَطْوارُ:** ذ. [ع. طَورُ ج اَطْوارُ] طريقا. نمونا — رَوَشُون — ڍنگ — دستورَ. افعالَ — لڇڻ — ڪَرَ — عادتون — ڪرتوتَ — فعلَ — آداب — قاعدا.
• **اَطْوَلُ:** صفت. [ع. "طَوِيْل" جو تفضيل] وڌيڪ ڊگھو.
• **اَطْهارُ:** ذ. [ع. طاهِرُ ج اَطْهارُ = پاڪ. صاف] پاڪ — صاف "آلِ اَطْهارُ = رسول الله صلي الله عليه و آلہ وسلم جو پاڪ اولاد يا پونيَر".
• **اَطْهَرُ:** صفت. [ع. "طاهِرُ" جو تفضيل] سڀ کان وڌيڪ پاڪ — نهايت پاڪ — تمام پوتر "پڙهو صلوات سرور تي، آل نبيءَ جي اَطْهَرَ تي" (مولود).
• **اَطْيَبُ:** صفت. [ع. "طَيِّبُ" جو تفصيل] وڌيڪ چڱو.
• **اِظْهارُ ج اِظْهارَ:** ذ. [ع. اِظْهارُ = پڌرائي ڪرڻ] پڌرائي — مشهوري. ڪورٽ اڳيان بيان — گواهي. زباني شاهدي.
— **اِظْهارُ تَحرِيري:** ذ. لکيل شاهدي.
— **اِظْهارُ تِيڻُ:** ظاهر ٿيڻ "اديون نيٺ اِظهار، تي عشق آيو".
— **اِظْهارُ سَلامي:** ذ. شاهدي لکندڙ جوبي قانوني اُجورو.
— **اِظْهارُ ڪَرڻُ:** ظاهر ڪرڻ — پڌرو ڪرڻ.
— **اِظْهارُ نامو ج اِظْهارُناما:** ذ. اعلان — پڌرنامو.
— **اِظْهارُ نَوِيسُ:** ذ. شاهدي لکندڙ آفيسر.
• **اَظْهَرُ ج اَظْهَرُ:** صفت. [ع. "ظاهر" جو تفضيل] وڌيڪ ظاهر — تمام پڌرو — تمام چٽو — گهڻو مشهور.
— **اَظْهَرُ مِنَ الشَّمْسُ:** ظرف. سج کان وڌيڪ پڌرو — ظاهر — مشهور — پڌرو ـ چٽو.
• **اِعادَتُ:** ث. [ع. اِعادَهْ = وري موٽائڻ. وري چوڻ] بيهر گفتگو — تڪرار.
• **اِعانَتُ ج اِعانَتُون:** ث. [ع. اِعانة] واهر — مدد — سهائتا. چندو.
• **اِعْتِبارُ ج اِعْتِبارَ:** ذ. [ع] ڀروسو — يقين ويساهه ـ ساک — پت — قسر.
— **اِعْتِبارُ رَکڻُ:** ڀروسو رکڻ.
— **اِعْتِبارُ وڃائڻُ:** پت وڃائڻ.
— **اِعْتِباري ج اِعْتِباري:** صفت. ڀروسي وارو — ويساهه وارو — ساک پت وارو — معتبر.
— **اِعْتِباري اَمْرُ:** ذ. فرعي يا عارضي ڳالهه (جنهن جو مکيه يا اصولي ڳالهه سان تعلق هجي) — اضافي امر.
• **اِعْتِدالُ:** ذ. [ع] وچٽرائي — درميانگي — وچون وَهُ — نه گهٽ نه وڌ — پورائي پٽائي — موافقت.
— **اِعْتِدالُ پَسَنْد:** صفت. درمياني خيال وارو — نرم ڌر وارو (راڄنيتي يا سياسي ڳالهين ۾).
— **اِعْتِدالُ خَرِيفِي:** ذ. ڪتيءَ واري موسم ۾ ٢٢ سيپٽمبر تي ڏينهن رات جي برابري.
— **اِعْتِدالُ رَبِيعِي:** ذ. چيٽ جي موسم ۾ ٢١ مارچ تي رات ڏينهن جي برابري.
— **اِعْتِدالُ لَيلُ وَنَهارُ:** ذ. ڏينهن رات جي برابري.
— **اِعْتِدالُ هَوا:** ذ. هوا جي موافقت.
— **اِعْتِدالِي ج اِعْتِدالِيُون:** ث. برابري — هڪجهڙائي.
• **اِعْتِذارُ:** ذ. [ع] عذر — معافي طلب.
— **اِعْتِذارُ نامو:** ذ. عذر نامو — معافي نامو.
• **اِعْتِراضُ ج اِعْتِراضُ:** ذ. [ع. اعتراض = وچ ۾ پوڻ] ڪنهن ڳالهه جي برخلاف اٿاريل حجت — نڪته چيني — رنڊڪ — مخالفت.
— **اِعْتِراضِي ج اِعْتِراضِي:** صفت. اعتراض جهڙو — نامناسب.
• **اِعْتِرافُ ج اِعْتِرافُ:** ذ. [ع. اِعْتِرافُ = مڃڻ. ڏوهه باسڻ] قبوليت — اقرار — تسليم. ڏوهه يا قصور يا غلطيءَ جي مڃتا.
— **اِعْتِرافُ آڻڻُ:** ڏوهه باسڻ — گناهه قبول ڪرڻ — قصور محسوس ڪرڻ — پاڻ کي ڏوهي سمجهڻ.
— **اِعْتِرافُ ڪَرڻُ:** مڃڻ — قبول ڪرڻ.
• **اِعْتِزالُ ج اِعْتِزالُ:** ذ. [ع] علحدگي — دست برداري — جدائي.
• **اِعْتِصامُ:** ذ. [ع] پختي جهلڻ جو عمل.
• **اِعْتِقادُ ج اِعْتِقادُ:** ذ. [ع. اِعتقاد = مڃڻ] عقيدو — يقين — ڀروسو — ويساهه. ايمان. اعتبار.
— **اِعْتِقادِي:** صفت. اعتقاد وارو. اها ڳالهه جنهن جو اعتقاد تي بنياد هجي.
• **اِعْتِڪافُ ج اِعْتِڪافُ:** ذ. [ع] گوشه نشيني — عبادت لاءِ ڪنهن خلاصيءَ جاءِ ۾ گوشه نشيني — رمضان شريف جي

پوئين ڏهي (ڏهن ڏينهن) ۾ مسجد ۾ گوشہ نشيني. پنهنجي نفس جي حفاظت.

• اِعْتمادُ: ذ. [ع] ڀروسو – اعتبار – يقين ”ڪن استخاره آسرو اوسه اَتي ڪن اعتماد“ (صدرالدين). ساک. مدار. ٽيڪ.

– اِعْتماداً: ظرف. ڀروسي تي.

– اِعْتمادُ النَّفس: محاورو. پاڻ تي ڀاڙڻ.

– اِعْتمادُ نامو ج اِعْتمادُ ناما: ذ. سَنَدَ – اختيار نامو.

• اِعْتيادُ: ذ. [ع] هيرَ – عادت ”لَڪ پڌي ليلاڻ جو. آهي ڪيو مون اِعْتياد“ (صدرالدين).

• اِعْجابُ: ذ. [ع] عجب – حيرت.

• اِعْجازُ ج اِعْجازَ: ذ. [ع. اِعْجازُ = عاجز ڪرڻ] معجزو – وڏي ڪرامت – حيران ڪندڙ ڪرامت.

– اِعْجازِ قُرآن: ذ. قرآن شريف جو معجزو –تہ ڪوبہ بني بشر يا مخلوق ان جهڙي عبارت ٺاهي نہ سگهي).

– اِعْجازِ مَسيحي: ذ. حضرت مسيح عليه السلام جو معجزو (ڪوڙهيا چنائڻ ۽ مئا جيارڻ).

– اِعْجازِ مُوسَوي: ذ. حضرت موسيٰ عليه السلام جا ٻہ معجزا (١) لٺ جو نانگ ٿيڻ، (٢) يدِبَيْضا (يعني اڇو هٿ) ڪڇ ۾ هٿ وجهڻ کان پوءِ هٿ جو اڇو ۽ نوراني ٿيڻ.

• اَعْجَزُ: صفت. [ع. ”عاجزُ“ جو تفضيل] وڌيڪ عاجز.

• اَعْجَمُ: ذ. صفت. [ع] گونگو. اهو جو عربي ڳالهائي ٻولهائي نہ جاڻي. جهنگلي.

– اَعْجَمي: صفت. اهو جو عربي چڱي نہ ڄاڻي (حَيوانِ اَعْجَمي = غير ناطق حيوان).

• اُعْجُوبَه: ذ. [ع] عجب – عجائب.

– اُعْجُوبَه روزگار: ذ. زماني جو عجب.

• اَعْدا: ذ. صفت. [ع. عَدُو ج اَعْداءُ] دشمن – ويري.

• اَعْدادُ: ذ. [ع. عَدَدَ ج اَعْدادُ] انگ – تعداد.

– اَعْدادُ شُماري: ث. ڳڻپ – شُمار – ليکو. آدمشماري.

• اِعرابَ ج اِعْرابُون: ث. [ع] اکر کي چورينڊڙ نشاني – اُچار کي چٽو ڪندڙ حرکت – اِعْرابُن اسم جون جدا جدا حالتون ڏيکارين ٿيون. لفظ جي پڇاڙي واري حرف تي حرکت (جنهن سان اسم جي حالت جي خبر پوي. هيٺين ٽن جملن ۾ اسم ”گهر“ جي آخري لفظ ”ر“ جو پيش، زبر ۽ زير اعرابون آهن. ١. گهرُ سهڻو آهي. ٢. گهرَ ۾ ادو وينو آهي. ٣. گهرِ وچي ڏس تہ ڪير وينو آهي) – جملي ۾ اسم جي آخري حرف واري حرکت يا لاڳنا ”ڪثرت آهي قرب ۾، اِدْغام ۾ اِعْراب“ (شاهہ).

• اَعْرابُ، اَعْرابي ج اَعْرابي: ذ. صفت. [ع] عرب جي ٻهراڙيءَ جو رهاڪو – بدوي. سَانگي. مال جي سانگي تي گذاريندڙ – خانہ بدوش. مارو لوڪ ”زمر زخرف سومرا، عَيش اَعرابين“ (شاهہ).

• اِعْراضُ: ذ. [ع. اِعْراضُ = وچ ۾ اچڻ پُٺ ڏيڻ] منهن موڙڻ – پٺ ڏيڻ. نفرت – حقارت.

• اَعْرافُ ج اَعْرافُ: ذ. [ع. عُرْفُ = ڪنگرو برج] قرآن شريف جي ستين سورة جو نالو. دوزخ ۽ بهشت جي وچ وارو هنڌ (جو نڪي گرم آهي نڪي سرد).

• اَعَزُّ: صفت. [ع. ”عَزيزُ“ جو تفضيل] وڌيڪ پيارو. وڌيڪ سگهارو.

• اَعزّاءُ: ذ. [ع. عَزيزُ ج اَعزاءُ] پيارا مائٽ مٽ – عزيز دوست.

• اِعْزازُ ج اِعْزازُ: ذ. [ع] عزت – آبرو – مان – مرتبو.

– اِعْزازُ نامو ج اِعْزاز ناما: ذ. مان پتر.

– اِعْزازي: صفت. بنا اجوري – بنا عوض – مفت.

– اَعْشاري: صفت. [ع. عَشر] ڏهين حصي وارا. ڏهائي.

• اَعْصابُ ج اَعْصابُ: ذ. [ع. عَصَبُ ج اَعْصابُ] پٺدي.

– اَعْصابُ وَعُرُوقُ: ذ. پٺديون ۽ نبضون.

• اَعْضا: ذ. [ع. عُضْوُ ج اَعْضاءُ] عضوا – لڱ – بدن جا حصا ڪنهن بہ جماعتي سوسائٽيءَ جا ميمبر يا رُڪن.

– اَعْضابَنْدي: ث. سنڌ ۾ هڏي پچڻ جو علاج.

– اَعْضاءِ تَناسُل: ذ. نسل پيدا ڪرڻ جا عضوا.

– اَعْضاءِ رَئِيسه: ذ. رئيس يا مکيہ عضوا (دل، دماغ، جگر وغيره).

• اَعْظَمُ ج اَعْظَمُ: صفت. [ع. ”عَظِيمُ“ جو تفضيل] تمام وڏو – سڀ کان وڏو – تمام وڏيءَ عزت وارو ”اِسْمِ اَعظم = وڏو نالو صَدْرِ اَعْظَم = وڏو وزير قائدِ اَعْظَم = سڀ کان وڏو ليڊر“.

• اَعْقابُ: ذ. [ع. عقبَ = ڪڙي] ڪُڙيون _ اولاد – پويان.

• اَعْليٰ: صفت. [ع. ”عَلِي“ جو تفضيل] تمام مٿانهون – اُوچو – بلند. تمام وڏو. وڏي مرتبي وارو. اُتم – عمدو.

– اَعْليٰ حَضْرَت: ذ. وڏي ۾ وڏو حضور (بادشاهہ جو لقب).

• اَعْلامَ: ذ. [ع. عَلَمُ ج اَعْلامُ] جهنڊا. نشانيون. جبلَ. خاص

نالا– خاص اسم.
• **إعْلامُ:** ذ. [ع. إعْلامُ = خبر ٻڌائڻ] ڄاڻ – اطلاع – اِعلان – مشهوري – پڌرائي – اشتهار – نوٽيس – سمن ـ ڏس.
– **إعْلامات شَرْعي:** ث. شرعي فتوائون ۽ فيصلا.
• **إعْلانُ ج إعْلانَ:** ذ. [ع. إعْلانُ = پڌرو ڪرڻ] اطلاع. پڌرائي – اشتهار. اعلام – مشهوري – اظهار.
– **إعْلان جَنگ، حَرْبُ:** ذ. جنگ جو اعلان.
– **إعْلانَ رَسْمي:** ذ. سرڪاري اعلان.
– **إعْلان نامو ج إعْلان ناما:** ذ. پڌرنامو.
• **أعْلَمُ:** صفت. [ع. "عالِم" جو تفضيل] وڌيڪ ڄاڻندڙ "الله أعْلَمُ = خدا سڀ کان وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي".
• **أعْمال:** ذ. [ع. عَمَل ج أعْمال] عَمَلَ – ڪرتوت – افعال.
– **أعْمال نامو ج أعْمال ناما:** ذ. ڪمن جو تفصيل – ڪارگذاري. انسان جي ڏوهن ثوابن جو دفتر.
– **أعْمال نامو سياهُ ڪَرڻ:** تمام گهڻا گناهه ڪرڻ.
• **أعْيان:** ذ. [ع. عَيْن ج أعْيان] اکيون. وڏا ماڻهو – امير اُمراءِ. شيون. موجودات جا خارج ۾ ذرات.
– **أعْيان ثابِتَه:** ذ. الـهي اسمن جون علمي صورتون.
• **أغْذِيَه:** ث. [ع. غذاء ج أغْذِيَه] غذائون – کاڌا.
• **أغَرّ:** صفت. [ع] اڇو چمڪندڙ. شريف. ستار پيشاني (گهوڙو).
• **أغْراض:** ذ. [ع. غَرَض ج أغْراض] غرضَ ـ مطلبَ.
• **أغْلاط:** ذ. [غَلَط ج أغْلاط] غلطيون – چڪون.
– **أغْلاط نامو ج أغْلاط ناما:** ذ. غلطين جي فهرست – ڀُل نامو.
• **أغْلَبُ:** صفت. [ع. "غالِبُ" جو تفضيل] وڌيڪ غالب – سوايارو. اڪثر – گهڻو ڪري.
– **أغْلَبُ النّاس:** صفت. اڪثر ماڻهو "غَلَي الاغلَبُ" = گهڻو ڪري – وڏو احتمال آهي.
• **إغْمازُ ج إغْمازَ:** ذ. [ع. إغْماز = عيب ڪڍڻ. غمزو ڏيڻ] غمزو – اکين يا ڀرن جو اشارو. غيب جوئي.
• **إغْماضُ ج إغْماض:** ذ. [ع. إغْماض = اکيون پورڻ. چشم پوشي ڪرڻ] چشم پوشي.
• **أغْنياء:** ذ. صفت. [ع. غَني ج أغْنياءُ] شاهوڪارَ.
• **إغْوا:** ذ. [ع. إغْواءُ = لالچائڻ. ڏتارڻ] بدراهي – ڏتارَ.
– **إغْوا ڪَرڻ:** برغلائڻ – گمراه ڪرڻ – ڀڄائڻ.
• **أغْيارُ:** ذ. صفت. [ع. غَيْرُ ج أغْيارُ] غير ماڻهو – اوپرا – ڌاريا – بيگانا – اجنبي – پراوا "غَيْروَ أغيارَ = دشمن ۽ دوست. سڀجي دنيا"
– **أغياري ج أغياريون:** ث. ڌاريان ٿي – حريفي.
• **اُفْ:** حرف ندا. [ع. اُف] ڏک ۽ غصّي ۾ ڦوڪ ۽ جهٽڪ جو آواز. ڏک ۽ ارمان جو لفظ – درد جو ٿورو آواز. ٻڙڪ.
– **اُفْ نَہ ڪَرڻ:** پرواهه نہ ڪرڻ – چخي ڪرڻ.
• **إفادو ج إفادا:** ذ. [ع. إفادَه = فائدو ڏيڻ] فائدو – لاڀ – نفع.
– **إفادَه وإسْتفادَه:** ذ. سيکارڻ ۽ سکڻ جي حالت.
• **أفاضِلُ:** صفت. [ع. أفْضَلُ ج أفاضِلُ] فاضل ۽ عالِمَ ماڻهو.
• **إفاقو ج إفاقا:** ذ. [ع. إفاقَه = جاڳڻ، بيماريءَ مان اٿڻ] سجاڳي – هوشياري – بيماريءَ مان چاقائي.
• **اُفْتاد:** ث. [ف] عاجزي – ناچارگي. حياتيءَ جي شروعات – ٻالپڻو.
– **اُفْتادگي ج اُفْتادگيون:** ث. نماڻائي.
– **اُفْتادَه:** صفت. ڪريل. عاجز – ستايل.
• **اُفْتان وخيزانْ:** ظرف. [ف] ڪرندو ۽ اٿندو.
• **إفْتتاحُ ج إفْتتاحَ:** ذ. [ع] ڪنهن ڪم جي شروعات – آرنڀ. "الله اڪبر" چئي نماز شروع ڪرڻ جي حالت.
• **إفْتخارُ:** ذ. [ع] فخر – وڏائي – هٺ. ناز.
• **إفْترا:** ث. [ع. إفْتراءُ] تهمت – الزام – بهتان. ننڊا – گلا.
• **إفْتراض:** ذ. [ع] فرض جي مقرري.
• **إفْتراقُ:** ذ. [ع] فراق – جدائي – وڇوڙو. اختلاف.
• **إفْراتفري** ث [ع. إفْراط وَ تَفْريط = وڌ گهٽ. بي اعْتداليِ] پريشاني. گهٻراهٽ – ڏقيڙ – ڀاڄڙ. چڙ وچڙائي.
• **أفْرادُ:** ذ. [ع. فَرْدُ ج أفْرادُ] فرد – ڄڻا – ماڻهو.
• **أفْرادُ:** ظرف. [ع. إفراطُ = جهجهائي] گهڻي قدر – اجايو – عبث – بيجا. (صفت) مفت – بيفائدو ـ بيسود – نڪمو – بيڪار.
• **أفْرادو:** صفت. اوپرو – اوڦٽو – ڌاريو.
• **أفْراز:** صفت. [ف] مصدر "أفْراختن" جو أمْر جو اسم جي پويان اچي فاعل جي معنيٰ ڏيندو آهي "سرافراز = مٿو مٿي ڪندڙ". (ظرف) بلند – مٿاهون "سچل سرافراز. ڪيو آٿي عشق أجهل" (سچل).
• **أفْراسيابُ:** اسم خاص. [ف] توران جي هڪ قديم بادشاه جو

نالو (جو ايران جو ويري هو ۽ جنهن کي ڪيخسرو ماريو هو).

— **اِفراطُ:** ث. [ع] زيادتي — گهڻائي — واڌارو. (صفت) اجائي — بي فائدي "عمر ويئي افراط اجائي، ڪين ڪمايم ڪوڏي ڪائي."

• **اِفراطَ وَ تَفريط:** ث. جهجهائي ۽ ٿورائي — بي اعتدالي.

• **اَفروز:** ذ. [ف] مصدر "اَفروختن" جو امر. جو اسم پٺيان اچي ان کي "فاعل مرڪب" جي معنيٰ آهي "بوستان اَفروز = باغ روشن ڪندڙ. عالَم اَفروز = جهان کي اجاريندڙ. مَجلِس اَفروز = مجلس سينگاريندڙ"

• **اَفروزَه:** ث. [ف] بتي يا ڏئي جي وَٽ.

• **اَفروغ:** ذ. [ف. فروغ] روشنائي. نورجو ترورو — شعاع. زيب و زينت.

• **اَفريتُ، اِفريتُ، اِفريدُ:** ذ. [ترڪي. اِفريت: ع. عِفريت] ديو — جنّ. خدمتگار — ٻانهو "اِفريد ڪيائين اڳ ۾، نگّي نروارا" (رمضان ڪنڀر).

• **اَفزائش ج اَفزائشُون:** ث. [ف. اَفزودَن = وڌائڻ] واڌارو — زيادتي.

• **اَفزود:** ذ. [ف. افزودن] زيادتي — واڌ — گهڻائي — جهجهائي. (صفت) زياده ـ جهجهو "الفت رک الک سين، اندر ۾ افزود" (شاهه).

— **اَفزودگي:** ث. زيادتي — واڌ — اضافو.

• **اَفزُون:** صفت. [ف] وڌيل — زياده ـ وڌيڪ — گهڻو. واڌارو ڪيل "روز افزون = روز بروز وڌندڙ"

— **اَفزُوني:** ث. زيادتي — گهڻائي — جهجهائي — فراواني.

• **اَفسار:** ذ. [ف] گهوڙي جي واڳ.

• **اَفسانو ج اَفسانا:** ذ. [ف. اَفسانَه] ڪهاڻي عجيب و غريب قصو. ڪوڙي ڳالهه. نقل. فسانو. داستان. بيان (سورن جو).

— **اَفسانه پَرداز:** صفت. ڪوڙيون ڳالهيون ناهيندڙ.

— **اَفسانه نگار، نويس:** ذ. صفت. افسانو جٽيندڙ — افسانو لکندڙ.

• **اَفسَر ج اَفسَرَ:** ذ. [انگ. officer] عملدار — ڪامورو — آفيسر. سردار. حاڪم. [ف] تاج — چٽ.

• **اَفسُرده، اَفسُردو:** صفت. [ف] مايوس — ڪومايل — اُداس — دلگير — غمگين.

— **اَفسُردگي:** ث. دلگيري — اُداسي — مايوسي — ارمان. رنجيدگي.. بي رونقي.

— **اَفسُردَه بيان:** صفت. جنهن جي ڳالهائڻ مان مزو نه اچي.

— **اَفسُردَه جان، خاطر دل:** صفت. رنج — اُداس — پريشان حال — غمگين.

• **اَفسَنتِين:** ث. [يوناني] گوماندر. پسارڪي وکرجو هڪ قسم.

— **اَفسوسُ ج اَفسوسَ:** ذ. [ف] ارمان — ڏک — شوڪ — غم. صدمو. (حرف ندا) هاءِ! آهه! "آتڻ اورانگهي ويا، اڳڻ مون افسوس!" (شاهه).

— **اَفسوسَ جا هٿَ مَلڻ:** پڇتائڻ.

— **اَفسوسُ ڪرڻ، ڪائڻ:** ارمان ڪرڻ — غم ڪرڻ — ماتم ڪرڻ — ڏک ڪرڻ.

— **اَفسوسناڪ:** صفت. ڏکدائڪ — ارمان جهڙو.

• **اَفسُون:** ذ. [ف] جادو — منتر — ڦيٽو. ٺڳي — فريب — چالاڪي.

— **اَفسُون پَرداز ساز:** ذ. صفت. جادوگر.

— **اَفسُون خوان:** ذ. صفت. جادو پڙهندڙ. جهاڙ وجهندڙ.

— **اَفسُون گر:** ذ. صفت. جادو گر. ٺڳ.

• **اَفشان:** صفت. [ف] مصدر "اَفشاندن" جو امر. جو اسم جي پٺيان اچي اسم فاعل مرڪب ڏيکاريندو آهي "خون افشان، زر افشان، عطر افشان، گل افشان وغيره". هاريل. پکڙيل. اڇلايل.

• **اَفشاءُ:** ظرف. [ع. فَشي] ظاهر — نروار — پڌرو.

— **اَفشاءُ ٿِيڻ:** نروار ٿيڻ — ظاهر ٿيڻ — کلڻ.

• **اَفصَحُ:** صفت. [ع. "فَصِيحُ" جو تفضيل] وڌيڪ فصيح يا صاف زبان.

• **اَفضَلُ ج اَفضَلَ:** صفت. [ع. "فاضِلُ" جو تفضيل] سڀ کان پلو — سڀ کان فضيلت وارو — تمام چڱو — بهترين پلارو.

• **اَفضَلُ الذِّڪر:** ذ. سڀ کان پلو ذڪر "لااِلٰهَ اِلاّ هُو".

• **اَفضَلِيَّت:** ث. برتري — فوقيت.

• **اِفطار:** ذ. [ع] روزي ڇوڙڻ يا کولڻ جي حالت.

• **اِفطاري:** ث. روزي کولڻ وقت کاڌي جي شيءِ.

• **اَفعالَ:** ذ. [ع. فِعل ج اَفعال] ڪمُ — ڪرتوت — فعلَ — لڇڻ "لنگها ڇڏ لطيف چئي، اُجهڻ جا افعال" (شاهه).

• **اِفعال:** ذ. [ع. اِفعالَه = ڪرائڻ] فعل جو ٽيون مزيد ثلاثي وزن. جنهن تي سببي فعل ٺهن "نَزَلَ = لَهَڻ > اِنزالُ = لَهرائڻ. هيٺ ڪيرائڻ".

• **اَفغان ج اَفغانَ:** ذ. افغانستان جو رهاڪو — پٺاڻ.

— **اَفغانستان:** اسم خاص. پاڪستان جي اتر اولهه ۾ افغانن جو ملڪ.

— **اَفغاني ج اَفغانيِ:** صفت. افغانستان جو (ث) افغانستان جو سڪو.

• **اُفق ج اُفقُون:** ث. [ع. اُفق ج آفاق] زمين ۽ آسمان گڏ

— **اِقراري:** ذ. صفت. اِقرار ڪيل – اِقرار ڪندڙ – قبول ڪندڙ – باسيندڙ. انجامي.
— **اِقراري ٿيڻ:** انجامي ٿيڻ. اقرار ڪرڻ. قبولدار ٿيڻ (ڏوهه جو). باسڻ.
• **اَقْران:** ذ. [ع. قِرن ج اَقران] هڪ جيڏا – همعصر.
• **اِقْران:** ذ. [ع. اِقران = گڏڻ] هڪ ئي احرام ۾ عمره ۽ حج ادا ڪرڻ جي حالت.
• **اَقْرب:** ظرف. [ع. "قريب" جو تفضيل] قريب – تمام ويجهو.
• **اَقْربا:** ذ. [ع. قَريب ج اَقْربا] ويجها مٽ مائٽ – عزيز – خويش.
• **اَقْساط:** ذ. [ع. قِسط جَ اَقْساطُ] قِسطون.
• **اَقْسام:** ذ. [ع. قِسم جَ اَقْسامُ] قِسمَ – نمونا "زلف، عارض، خال، خط، دندان، لب – هي مڙيئي ٿا چون اَقْسام سَر" (بلبل).
• **اَقْصَرُ:** صفت. [ع. "قصير" جو تفضيل] وڌيڪ ڇوٽو – سڀ کان ڇوٽو.
• **اَقْصيٰ:** ظرف. [ع. "قاص" جو تفضيل] وڌيڪ پري – سڀ کان پري. (اسم خاص) فلسطين ۾ مسلمانن جي پاڪ عمارت جو نالو (المسجدالاقصيٰ = پراهين مسجد) – بيتُ المَقدس.
• **اَقْطاب:** ذ. [ع. قُطب جَ اَقْطابُ] وڏا وَلي "قُطب الاَقْطاب = قطبن جو قطب".
• **اَقَلّ:** صفت. [ع. "قَليل" جو تفضيل] بيحد ٿورو – تمام قليل.
— **اَقل قَلِيل:** صفت. ٿوري مان ٿورو.
• **اَقْلام:** ذ. [ع. قَلَمُ ج اَقْلامُ] قَلَمُ.
• **اَقْلِيَت ج اَقَلِيتُون:** ث. ٿورڙائي.
• **اَقْليدس:** اسم خاص. [يوناني. يُوڪلِڊ] هڪ يوناني حسابدان جو نالو.
• **اِقْليم:** ذ. [ع. اِقليمُ ج اَقاليم] زمين جي متاچري جو هڪ پَتو يا پاڳو. هفت اقليم جي سَتن پَتن مان هڪ پَتو (مشرقي جغرافيه دانن هفت اقليم کي ڪُره ارض جي چوڏهين حصي ۾ ورهايو آهي). ولايت – مُلڪ.
• **اَقْوال:** ذ. [ع. قولُ ج اَقْوال] نصيحتون گُفتا – ڳالهيون.
• **اَقْوام:** ز. [ع. قَومُ ج اَقوامُ] قومون. فرقا – مَذهَب.
• **اَقْويا:** صفت. [ع. قَوِيّ ج اَقْويا] قُوت وارا – سگهارا.
• **اِقيانُوس:** ذ. [يوناني] وڏو سمنڊ – مها ساگر.
• **اَڪُ ج اَڪَ:** ذ. [سن. اَرڪَ] هڪ مشهور وَڻ.
— **اَڪارُ ج اَڪارَ (ڪ):** ذ. اَڪ جي ٽِنڊن جو رسو.
— **اَڪارو:** ذ. صفت. اَڪ جي ڪير سان داغيل. اَڪارو (ڏسو).
— **اَڪَ تي اَنُو هارڻ:** بي فائدو ڪم ڪرڻ.
— **اَڪَ تي ماکِي هارڻ:** مُورک کي سمجهائڻ.
— **اَڪَ ٽَنڊُ ج اَڪ ٽَنڊَ:** ذ. اَڪ جي انبڙيءَ جو اندريون مغز.
— **اَڪَ ٽَنڊُو ج اَڪَ ٽَنڊَو:** ذ. اَڪَ جي ڪپهه مان جيت مثل اُڏامندڙ ذرو. اَڪَ ٽَنڊو.
— **اَڪَ ٽَنڊو ج اَڪ ٽَنڊا:** ذ. اَڪَ جي ٻُوٽي جو ڦَر – اَڪَ جو اَنبُ.
— **اَڪُ پاڏيئو ج اَڪَ پاڏيئا (ت):** ذ. اَڪَ ٽَنڊو.
— **اَڪَ پِڙو ج اَڪَ پِڙا (ت):** ذ. اَڪ جو پَن.
— **اَڪَ پوکڻ:** ڪنهن سان نيهي نہ هلڻ.
— **اَڪَ جو ٻَنڌُ، ڪَٽُ:** ذ. نازڪ ماڻهو.
— **اَڪَ جي ماکِي:** محاورو سَولي ڳالهه – تمام آسان ڪم.
— **اَڪَ جي ماکِي سمجهڻ:** ڪنهن ڪم کي سَولو سمجهڻ.
— **اَڪَ جي ماکِي لاهڻ:** آسان ڪم ڪرڻ. بنا تڪليف ڪم پورو ڪرڻ. مفت ۾ فائدو حاصل ڪرڻ.
— **اَڪڙو ج اَڪڙا:** ذ. "اَڪَ" جو اسم تصغير – ننڍو اَڪُ. سنڌ ۾ ڪن ڳوٺن جو نالو.
— **اَڪَ سان اَڪ اَگهڻ:** ڏِسي وائسي نقصان جهڙو ڪم ڪرڻ. جو ڪاٺتو هلڻ.ٻاڻ ڏاڍي سان هٿ اٽڪائڻ.
— **اَڪَ سِٽِي:** ث. اَڪَ جي سُڪل ڇوڏيءَ جُون تَندُون (ڪ).
— **اَڪَ ڦاڏيئو ج اَڪَ ڦاڏيئا (ت):** ذ. اَڪَ جو پَن.
— **اَڪَ ڦَرُ ج اَڪَ ڦَرَ:** ذ. اَڪ ٽَنڊو.
— **اَڪَ ڦُلڙي ج اَڪَ ڦُلڙيُون:** ث. اَڪَ جو گل "اَڪَ وَڻ جي ڦلڙي، ميوا بيد وَڻن – جنهن پڙي ۾ نہ پيا سو سائو ڪِينَ وَڻن" (گرهوڙي).
— **اَڪَ ڦُليئو ج اَڪَ ڦُليئا (ت):** ذ. اَڪَ ڦُلڙي.
— **اَڪَ ڪارا ڪرڻ:** (طنزاً) وَڏِي ڪاميابي حاصل ڪرڻ – سوپ جهڙو ڪم ڪرڻ – وَڏو ڪم ڪرَڻ – ڪنهن مُهم کي مَٿو ڏيڻ. ڪرامت ڪري ڏيکارڻ. (مجازاً) ڪجهه بہ نہ ڪرڻ – سوجهرو نہ ڪرڻ.
— **اَڪَ ڪرڻ:** زمين جو اَڪ پيدا ڪرڻ – زمين جو آباديءَ کان ڪرڻ "زمين ڪري اَڪَ ڪري".
— **اَڪَ مَڪڙُ ج اَڪَ مَڪڙَ:** ذ. اَڪَ تي ويهندڙ سائو جيتُ – سائو مَڪڙ. گوگو (ت).
— **اَڪَ وات ۾ اَچڻ:** خراب ڳالهائڻ. ڪاوڙ ۾ اَچڻ.
— **اُڪَن تي اَنو هارڻ:** اَجايو نقصان پائڻ. بيسود ڪم ڪرڻ.
— **اُڪَن تي پارو:** محاورو. سختيءَ سان تباهي.
— **اُڪَن تي پارو پوڻ، پٺجي وڃڻ:** سخت سيءَ سببان اڪن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنن جو بلڪل سُڪي سڙي، پُري وڃڻ (رواجي سيءَ کان اڪ متاثر نہ ٿيندو آهي. اڪن جو سڙي وڃڻ سخت سيءَ جي مترادف آهي). صفا تباهي ٿي وڃڻ. بلڪل خاتمو ٿي وڃڻ. ڪنهن ڏاڍي جو هيڻن سان ڪلور ڪري ڇڏڻ. غريبن سان نسورو ظلم ٿيڻ.

— **اُڪَن جي واڙ ۾ ويهڻ (ت):** هيٺو ٻنجڻ — اُپرو ٿيڻ.

— **اُڪَن سان ڪَنهڻ:** نُقصان جهڙا ڪم ڪرڻ. ڏاڍن سان هٿ اَٽڪائڻ.

— **اُڪَن ڪان آما (اَنب) گهُرڻ:** بَخيل ۾ نَفعي جي اُميد رکڻ.

— **اُڪَوارو ج اُڪَوارا (ٿ):** ذ. اَڪَ جي ڪاٺيءَ جي ڪل مان نڪتل سَنها تاندورا.

— **اُڪيرو ج اُڪيرا (ل):** ذ. صفت. اڪن وارو هنڌ.

• **اِڪَ (ت):** ٿ. ياڃيءَ جو هڪ قسم. گاهه جو هڪ قسم. اِڪڙُ.

• **اُڪَ:** ٿ. [سن. اُتاپ] پوسَتَ — گهُٽَ — رُڪهَ — اُڪرَس. اُڄ — پياس — تاسَ — تَونس. اُڪَند — اُڪيرَ — چِڪَ — تانگهَ.

— **اُڪَ ڪنگهه:** ٿ. سُڪي ڪنگهه ـ پڪَ ڪنگهه.

• **اڪا ج اِڪائون (ت):** ٿ. اُڪرَس ـ گهُٽَ. (صفت) هڪ.

• **اُڪابرُ ج اُڪابرَ:** ذ. صفت. [ع. اُڪبر ج اُڪابرَ] عقل وارو — هوشيار — قابلَ — سياڻو — ڏاهو. لائق مُدبر. وڏو — بزرگ. نالي وارو — ناميارو — مشهور.

• **اُڪاڄ ج اُڪاڄَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + ڪاريہ = ڪاڄ، ڪم] بي ڪَمو — نڪَمو — نڪارُ. بيعقل — بي سَمجهُه — بي هنر — جَٽُ — آڪاڄُ "آيل آءُ آڪاڄ، پول پاروچي وترو" (شاهه). (ٿ). اُڪاڄَ ج اُڪاڄونُ "آت اُڪنديِ آهينا، عُمر آءُ اُڪاڄ" (شاهه).

— **اُڪاڄي:** صفت. بيڪار (شيءِ، جانور) — بي همت — آلسي (ماٺهو).

• **اُڪارُ ج اُڪارَ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + ڪاريہ = ڪم] نڪَمو — بي ڪَمو. سُست. اُجايو — فضول — واهيات.

— **آڪارَٿ، اُڪارَٿُ ج اُڪارَٿ، اُڪارَٿَ:** ذ. صفت. [سن. اَ + ڪاريہ + اَرٿَ] بي فائدو — بي سود — اُجايو. نڪَمو — ضايع — بيڪار — فضول.

— **اُڪاريو ج اُڪاريا:** ذ. [سن. اُڪاريَہ] بيڪار — اجايو — بي فائدو — اُڪَاڄَ.

— **اُڪارٿو ج اُڪارٿا:** ذ. صفت. نڪَمو — بيڪار — اُجايو.

— **اُڪارٿونُ:** ذ. صفت. نڪمو — بيڪار.

• **اُڪارَمُ:** ذ. [ع. اُڪرَمُ ج اُڪارِمُ] سب کان ڪَريم (سخي) — شريفَ — سڳورا.

• **اُڪارڻ:** ظرف. [سن. اَ = نہ + ڪارڻ = سبب] بي ڪارڻ — بي سبب — حق ناحق.

• **اُڪارڻُ:** مصدر. [سن. اَتْ = متي + ڪرش = ڇڪڻ] متي ڇڪي ڪڍڻ — چاڙهڻ. پار لنگهائڻ — ٻيءَ ڪنڌيءَ رسائڻ — اُپڙائڻ "ڪَپرڪارونيار، اُڪارين احسان سين" (شاهه). (اُڪاريو — اُڪاريندو — اُڪاريل).

— **اُڪارَ ج اُڪارُون:** ٿ. پار ڪرڻ واري حالت.

— **اُڪارَٽي:** ٿ. اُڪارڻ جو محنتاڻو يا اُجورو.

• **اُڪارَو ج اڪارا:** ذ. اَڪَ جي ڪاٺيءَ جي ڪَل مان نڪرندڙ سنها تاندورا (جنهن مان مضبوط نوڙيون ٺهن ۽ هاري ڪانياٺين جا پوچڙ وٽين). اَڪَ جي تاندورن مان ٺهيل رَسي "هڪ چرڪ ساڻ چوڙي ٻنڌڻ چني ڇڏاير — ڪاٻار ۽ اُڪارو توڙي، سٽي سجاتو" (آسو).

• **اِڪارهَن:** صفتَ. [سن. ايڪادَشَنْ] يارهن (11).

• **اُڪاسَڻ:** مصدر. [سن. اُتْسُڪ] سڪڻ — چاهڻ — واجهائڻ. "اُڪاسيام يارهينءَ اُباڻا اوطاق" (مولانا غلام محمد مَلڪاڻي). سَڙڻ — ٻَڇڻ — تڙڦڻ. پريشان ٿيڻ. (اُڪسايو — اُڪاسيندو — اُڪاسيَل)

— **اُڪاسَ ج اُڪاسُون:** ٿ. پياسَ — اُڪير — اِشتياق — سڪَ — چِڪَ — تانگهه — طَلب — اُڪَندَ.

— **اُڪَاسجڻ:** مصدر "اُڪاسڻ" مان فعل مجهول. دل جو ڇڪڻ — من ڪاڏو ٿيڻ.

• **اُڪاسيو ج اُڪاسيا:** ذ. صفت. سڪايل — سڪَ رکندڙ.

• **اُڪالُ ج اُڪالَ:** ذ. [سن. اَ = نہ + ڪال = وَقت] وقت جي حَد کان آزاد — ڪال کان بچيل. بي وَقت — بي موقعي. موت کان آجو. قحط سالي — خُشڪ سالي — ڏُڪارُ. مهانگائي — گراني.

— **اُڪال پُرشُ، پُرکُ:** ذ. سدا حيات — سدائين جيئرو — دائم قائم.

— **اُڪال پَنٿُ:** ذ. خالصن جو هڪ پنٿ.

— **اُڪال پَنٿي:** ذ. صفت. اڪال پنٿ جو فرد (سک يا خالصو) — اُڪالي.

— **اُڪالو ج اُڪالا:** صفت. بي وقتو — ڪَمهلو.

— **اُڪالو موت:** ذ. بي وقتو موت.

— **اُڪالي:** ذ. گرو گوبند سنگهه جو پوئلڳ سک — اُڪال پَنٿي.

— **اُڪالي دَل:** ذ. اُڪالي سکن جو مجموعو.

• **اُڪانجهَر:** ٿ. اُڪير — سڪَ — چِڪ — تانگهَ — محبت — چاهه ـ پيارَ.

• **اُڪانڍو:** اُڪند. انتظار. سڪ.

• **اَڪانڍُ، اَڪانڍَن:** ذ. صفت. [سن. اَ = نه + ڪَٽَ = ٻِڌائڻ] اَڪَهُ – جيڪو ٻڌائي نه سگهجي – چوڻ کان ٻاهر – بي بيان.

• **اُڪائجڻ:** مصدر. ڦِٽي وڃڻ – ڦِٽڻ (دوستي).

• **اُڪائڻ:** مصدر. روانو ٿيڻ. (اُڪائيو – اُڪائيندو – اُڪائيل).

• **اُڪائڻ:** مصدر. ڪپائڻ – آزارڻ – تنگ ڪرڻ – خفي ڪرڻ – دق ڪرڻ. (اُڪائيو – اُڪائيندو – اُڪائيل).

• **اُڪائڻ:** مصدر. [سن. ١. اُڙِڳهَ = اُڪو مَٽو. ٢. ايڪي ڪَرِتُرُ = حساب چڪائڻ] روانو ڪرڻ – موڪلڻ. ختم ڪرڻ – ليکو صاف ڪرڻ – حساب چُڪتو ڪرڻ.

– **اُڪائجڻ:** مصدر "اُڪائڻ" مان فعل مجهول. ٽِڙي پکڙي وڃڻ (ڪڪر). ڦِٽڻ – ختم ٿيڻ. اُس نڪرڻ.

– **اُڪائي وڃڻ:** فيصلو ڪري وڃڻ.

• **اَڪائونٽ ج اَڪائونٽ:** ذ. [انگ. account] حساب – حساب ڪتاب – ليکو چوکو.

• **اَڪائي:** اِسم خاص. تعلقي گوني ۾ هڪ ديهه

• **اَڪبَرُ:** ذ. صفت. [ع. "ڪَبِيرَ" جو تفضيل] سڀ کان وڏو – وڏيڪ وڏو. (اسم خاص) ڌڻي تعاليٰ هو هڪ صفاتي نالو "الله اڪبر = الله سڀ کان وڏو آهي" مشهور مُغل شهنشاه جو نالو جنهن ١٥٥٦ع کان ١٦٠٥ع تائين هندستان تي حڪومت ڪئي.

– **اڪبر جو مڪبر:** محاورو. اَٽي جو گهوباٽو – سُوال از آسمان، جواب از ريسمان.

– **اڪبر جو مڪبر وڃڻ (ت):** ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن وڃڻ.

– **اَڪبري ج اَڪبري:** صفت. اڪبر جي زماني جو سڪو. منائيءَ جو هڪ قِسم – ٽِڪي. وڏو (حج) "حج اَڪبري (اَڪبر) = وڏو حج، جو جمعي جي ڏينهن ٿيندو آهي، جنهن جو ثواب ايڪيهن حجن جي برابر آهي".

– **اَڪبري اَشرفي ج اَڪبري اَشرفيون:** ث. اڪبر بادشاه جي زماني جي سَوني مُهر (جنهن جو مُلهه سورهن روپيا هو).

– **اَڪبري سيرُ:** ذ. اَڪبر بادشاه جي زماني جو سيرُ (تور جو ماڻ).

• **اَڪبنڌُ ج اَڪبنڌَ (ڪ):** ذ. صفت. سَرٻسته ـ سچو – سَمورو.

• **اَڪتَرَ:** اسم خاص. دادو ضلع جي تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اِڪتسابُ:** ذ. [ع] آمدني – ڪمائي – پيدائش – حاصلات.

– **اِڪتسابي:** صفت. حاصل ڪيل. اُها شيءِ جا اصلي پيدائشي نه هجي. اُهو علم جو طبع جي زور تي حاصل ڪجي ۽ نه خدائي ذات (وهبي) هجي. غير موروثي مرض.

• **اِڪتفاءِ اِڪتفائُون:** ث. [ع] ڪفايت – صَرفو – سنجم – پورت – پورائي.

– **اِڪتفا ڪرڻ:** قناعت ڪرڻ. راضي رهڻ.

• **اَڪَٽُ ج اَڪَٽَ:** صفت. [سن. اَ = + ڪَٽَ] ڪَٽڻ يا چوڻ کان ٻاهر – نه ڪَٽڻ جهڙو – بي بيان – بيحد – اَپار – بي شمار – بي اَنداز.

• **اَڪٽُ:** ذ. [انگ. Act] قانون – قاعدو – دستور آڪٽراءِ ڊيوٽي – ميونسپل محصول (گيهه وغيره تي).

• **اَڪٽُ مَڪٽُ:** ذ. ڄَلاب ۾ ڪم ايندڙ هڪ دوا.

• **اَڪٽوبر:** ذ. [انگ. October] سال جو ڏهون مهينو – آڪٽوبر.

• **اَڪثير مڪثير ڪرڻ:** ڇا جو ڇا ٻَڪڻ.

• **اَڪثَرُ:** صفت. [ع. "ڪَثَرَ" جو تفضيل] وڌيڪ – زياده ـ گهڻو. (ظرف) گهڻو ڪري – عموماً.

– **اَڪثر اوقات:** ظرف. گهڻو ڪري – خاص ڪري – بارها.

– **اَڪثر ڪري:** ظرف. گهڻو ڪري – بارها.

– **اَڪثري:** ظرف. اَڪثر – عموماً – گهڻو ڪري.

– **اَڪثريت:** ث. [ع] گهڻائي – جهجهائي – زيادتي. قانوني مجلس ۾ هڪ پارٽيءَ جي ميمبرن جي گهڻائي.

• **اُڪحَلُ:** ذ. صفت. [ع. ڪُحلُ = سُرمو] سُرميل – ڪارَ اکيو.

• **اِڪدادُ ج اِڪدادُ (ت):** ذ. [ع. اِعتقادُ] پروَسو – آسرو.

• **اَڪذَبُ:** ذ. صفت. [ع. "ڪاذِب" جو تفضيل] وڌيڪ ڪوڙو – سڀ کان ڪُوڙو.

• **اَڪُرُ ج اَڪُرَ:** صفت. [سن. آڪري] وڏي قيمت يا گهڻي مُلهه وارو – آڪرو – مهانگو ـَ گران. ڏُڪَر – قحط – ڪالُ. محال – ڏکيو.

– **اَڪُرُ ڦِٽڻ:** تمام مهانگي شيءِ وٺڻ.

– **اَڪُر لڳڻ:** قحط پوڻ – ڏُڪار پوڻ.

• **اَڪراتُ ج اَڪراتون (ڪ):** ث. [سن. اَڪِرتا] ڪارڙ – غُصو – خارَ.

• **اَڪراڙو:** اِسم. خاص. تعلقي مٺيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اِڪراسُ ج اِڪراسُون:** ث. مرضي – رضامندي.

• **اُڪراسڻ (ت):** مصدر. ٻڪر جي ڏکي کي ڪوسي پاڻيءَ سان ڌوئڻ.

• **اِڪرامُ ج اِڪرامَ:** ذ. [ع] عزت – آبرو – توقير – تعظيم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بخشش – مهرباني.

- **اُڪراڻي:** اِسم خاص. رياست خيرپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **اِڪراهُ:** ذ. [ع] زور – زبردستي. نفرت. ناخوشي.
- **اَڪَرتَرڪ:** فعل. [سن. اَ = نه + ڪَرتَر = ڪم ڪندڙ] گرامر ۾ هڪ پريوڳ جو نالو – فاعل کان سواءِ فعل – فعل بي فاعل "هي ڪم ڪرڻ گهرجي" جو فعل "ڪرڻ گهرجي".
- **اُڪرڙو ج اُڪرڙا (ل):** ذ. [سن. ١. اَوَڪَرنڪَره = ڇيٽن جو ٿلهه؛ ٢. اُتڪَرس = گند، ڍير، ڍڳ] گند اُڇلائڻ جي جاءِ ـ اَروڙي – ڍڙو – ڍڳ. (ث) اُڪرڙي ج اُڪرڙيون.
- **اَڪرس ج اُڪرسون:** ث. گهٽي گرمي – گهٽ – ٻٽ – اُتت. گرميءَ جو اُباءُ. آڙنگ – رُڱهه – اُبٽ – اُبس – ڪاڙهو – اوگهم.
- **اَڪرمُ:** صفت. [ع. "ڪريم" جو تفضيل] وڌيڪ ڪَرم وارو – ڏاڍو ڪريم. ٻاجهارو. وڏو سخي – فياض – ديالو. (اسم خاص) مرد جو نالو.
- **اُڪرنجهه:** ث. [سن. آڪاڱڪش = سڪڻ، سڌ ڪرڻ] محبت – سڪ – تانگهه – اُڪانجهر.
- **اَڪرنبو ج اُڪرنبا (ٽ):** ز. تنگ ٻڌڻ لاءِ چم جو ڪَشو.
- **اُڪرڻ:** مصدر. [سن. اُتڪَرشَڻ = مٿي ڇڪي ڪڍڻ] پار وڃڻ – ٻيءَ پر لنگهي وڃڻ – پار پوڻ "اُڪري آرا ڪنڌيءَ پڇڻ ڏاڪڙي" (شاهه ڪريم). [سن. اُتڪري] ڪاٺ يا پٿر تي چٽ ڪڍڻ – چٽ ڪڍڻ. ٻيڙين جو هڪ ٻئي پرسان لنگهڻ. (اُڪريو – اُڪرندو – اُڪريل).
- **اُڪَر ج اُڪَرون:** ث. [سن. اُتڪري = اُڪيرڻ، چٽ ڪڍڻ] ڪاٺ يا ڪنهن ڌاتوءَ تي چٽساليءَ جو ڪم – قلم ڪاري.
- **اُڪرائڻ:** مصدر "اُڪرڻ" مان متعدي بالواسطه. نقل ڪرائڻ – اُتارائڻ.
- **اُڪِرتي ج اُڪرتيون:** ث. [سن. اُتڪارَ] اُڪَر جو ڪم – چٽسالي. ڪوتائي.
- **اُڪري وڃڻ:** لنگهي وڃڻ – پار ڪرڻ (درياهه وغيره)
- **اَڪَرو:** اِسم خاص. تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.
- **اَڪري:** اِسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **اِڪَري بڪري (ڪ):** ذ. ٻارن جي راند ۾ استعمال ٿيندڙ هڪ بي معنيٰ لفظ.
- **اَڪَڙ:** صفت. [اَ = نه + ڪڙڻ = ٻڌڻ] اَڻ ٻڌل.
- **اِڪڙ ج اِڪڙ:** ذ. ٻوٽي جو هڪ قِسم جو خريف جي فصل ۾ اُپري.
- **اَڪڙبَڪڙ:** ذ. راند جو هڪ قِسم.
- **اِڪَڙ بڪَڙ (ڪ):** ذ. ايڪڙ ٻيڪڙ.
- **اَڪُڙڻ:** مصدر. مال جو ڪنڌ ورائي وڻ چَرڻ.
- **اُڪَڙڻ:** مصدر. [سن. اُت + ڪُوَٽ] گهٽو گرم ٿيڻ – ٿهڪڻ. (اُڪڙيو – اُڪڙندو – اُڪڙيل).
- **اَڪڙو:** اِسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **اَڪڙي:** ث. ٻوٽي جو هڪ قِسم (جو دوائن ۾ ڪم اچي). (اِسم خاص). تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه جو نالو. فيض گنج ۽ عمرڪوٽ تعلقن ۾ ڪن ڳوٺن جو نالو.
- **اَڪڙيٽ ج اَڪڙيٽ:** صفت. آڪڙ وارو – مغرور – ٽيڪِر باز.

– **اَڪَسُ ج اَڪَس (ڪ):** ذ. [ع. عَڪَسُ] دُشمني – ضد – وير. ساڙ – تيسو "ڏونگر ڏکوين سين، ڪو اڳي هوءِ اَڪَسُ" (شاهه).

– **اَڪَسُ ڪاٺو ج اَڪَس ڪاٺا:** ذ. صفت. اندر جو ڪوٽو اندر رَڌو – دَغا باز – ڪندو.

– **اَڪسي ج اَڪسي:** صفت. دُشمن – دغا باز – ويري.

- **اُڪَسَ ج اُڪسَون:** ث. [سن. اُتْ + ڪُوَٽ = ٿهڪڻ] گرمي – گهٽ. پاڻيءَ جي ٻاڦ.
- **اُڪسائڻُ:** مصدر. [سن. اُتْ + ڪَش = چورڻ، چُرڻ] پڙڪائڻ. چاهه پيدا ڪرڻ. (اُڪسائيو – اُڪسائيندو – اُڪسائيل).
- **اَڪسيرُ ج اَڪسيرَ:** ذ. [ع. اِڪسيرُ] ٽامي کي سون بنائيندڙ دَوا – ڪيميا – پارس. هِڪَٽِڪ دوا. ترياق. آب حيات. (صفت) نهايت مُفيد.

– **اَڪسيرِ اَحمَر:** ذ. ڪيميائي ڳاڙهي دوا.

– **اَڪسَيرِ رنگ، مردمي:** ذ. شَرابُ.

– **اَڪسَير گر:** ذ.صفت. ڪيمياگر.

- **اِڪفاءُ:** ذ. [ع] شعر ۾ قافيي جو هڪ عيب. جنهن ۾ حرف روي يا قيد مختلف هجي، بشرطيڪ مخرج ساڳيو هجيس "صباح ۽ سپاهه يا بحر ۽ شهر".
- **اَڪفَر:** ذ. [ع] ڪَٽو ڪافر – بلڪل مُنڪر. سخت يا وَڏيڪ اَحسان فراموش.
- **اَڪلُ:** ذ. [ع] غذا – روزي – ڪاڌو.
- **اَڪل حَلال:** ذ. حلال جي روزي يا ڪاڌو.
- **اَڪَلُ ج اَڪَلَ:** صفت. [سن] اَڻ ڇاتل – لاحد. اَڻ ورهايل – بسيط – سڄو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

• **اُڪلڻُ:** مصدر. [سن. اُتڪلُ > اُدُ = مٿي + ڪل = جوڙڻ، ڍرو ڪرڻ] نيڪال ٿيڻ – پورو ٿيڻ – فيصل ٿيڻ. وات مان ڳالھ نڪرڻ "ڳالھاءِ، نتو اُڪلي". ٿيڻ (ڪم). اُجهڻ – پڄڻ. جلدي ٿيڻ. تعميل ٿيڻ – پوئواري ٿيڻ. (اُڪليو – اُڪلندو – اُڪليل).

- **اُڪلَ ج اُڪلون:** ث. اُڪلڻ واري حالت – سيگھ – جلدي.

- **اُڪلاءَ ج اُڪلاءَ:** ذ. ڪم جو پورائو – نيڪال – تڪميل.

- **اُڪلاءَ ڪرڻ:** جلد پورو ڪرڻ – جھٽ ختم ڪرڻ. چيڙو چڏائڻ – فيصلو چڏائڻ.

• **اِڪلاس (ت):** ذ. [ع. اِخلاصُ] سچائي.

• **اِڪليلُ ج اِڪليلَ:** ذ. [ع] تاج – چٽ. اک جي ڪاراڻ ۾ سفيديءَ جي حد – اک جي ڪاراڻ جو حلقو.

- **اِڪليل الجبل:** ث. سُرهي ٻوٽيءَ جو هڪ قِسم (Rosemary).

- **اِڪليل الملڪ:** ث. بادشاھ جو تاج. سُرهي ٻوٽيءَ جو هڪ قِسم (Nelidot).

• **اِڪمالُ:** ذ. [ع] ڪم جو پورائو. تڪميل.

• **اَڪمَل:** ذ. [ع. "ڪامل" جو تفضيل] وڌيڪ ڪامل – سڀ کان ڪامل – سمپورڻ.

• **اَڪمو ج اَڪما (ل):** صفت. [سن. اَ = نه + ڪرمن = ڪم] بيڪار – نڪارُ – نڪمو.

• **اَڪناف:** ث. [ع. ڪَنَفُ ج اَڪناف] حدون – سَنڌا – سرحدون "اطراف و اَڪناف = پسگردائي، گردو نواح".

• **اَڪَنَ پرجڻ (ڪ):** ٻُيون پرجڻ – بالغ ٿيڻ – ڏُڪا ڪيڻ.

• **اَڪَنڪُ:** صفت. لازوال – غيرفاني – اَبناسي.

• **اَڪَنَ چڪَنَ:** صفت. عاشق – مستان – مفتون – فدا – شيدا – قربان – صدقو – ٻلهار.

- **اَڪَن چڪن ٿيڻ:** فدا ٿيڻ – محبت ۾ مست ٿيڻ.

• **اَڪَنبَ، اَڪنڍَ ج اَڪنبون، اَڪنڊون:** ث. [سن. اُتڪنٺا > اُتُ = مٿي + ڪَنٺَ = ڪنڌ] پيار – محبت – پريت – نيھُن. سڪَ – اُڪيرَ – حُبَ ڪشش – چڪَ – تانگھ (۱) "اُڪين ۾ اُڪنبَ، مُئيءَ ڪي ميهارجي"؛ (۲) "پيلو پيري پچ، اُڪنب ڪڻ اُپار ۾" (شاھ).

• **اُڪنب پرجڻ:** گھڻي اُڪير سبب وياڪل ٿيڻ. سڪ کان دل پرجڻ. تمام گھڻي سڪ لڳڻ.

- **اُڪنبائڻ:** مصدر. سڪ رکڻ – چڪجڻ – اُڪيرجڻ – اُڪنبائڻ.

- **اُڪنبجڻ:** مصدر. سَڪڻ – واجھائڻ – اُڪنبجڻ.

- **اُڪنبي ج اُڪنبيُون:** ث. صفت. سڪايل – اوسيڙيل – منتظر – واجھائيندڙ.

- **اُڪنبيو ج اُڪنبيا:** ذ.صفت. سڪايل – سڪندڙ – آسروَند "توڪي ساريو ساھ، اُڪنبيو آهون ڪري" (شاھ).

• **اَڪڻُ:** مصدر. [سن. اَ = نه + ڪَن = راضي ٿيڻ] آزارڻ – بيزار ڪرڻ – خفي ڪرڻ. (اَڪيو – اَڪائيندو – اَڪايل).

• **اِڪو ج اِڪا:** صفت. [سن. ايڪ =هڪ] يَڪو – هڪڙو – هڪ عدد.

• **اَڪو ج اَڪا:** ذ.صفت. [سن. اَڳهَ = اَڪو. سڄو] سڀ – ڪُل – سڄو – سَربستو. علي الحساب – ٻڌو – سمورو. سيڪُجهه – هڙموڙي. دوم شوم.

- **اَڪو ڇڪو ج اَڪا ڇڪا:** ذ. (واپاري اصطلاح) ٻڌو – سربستو – ڪُل.

- **اَڪو ڏُڪو:** ذ. اَٽڪل روءِ _ اندازو – ڪَٽَ – ٽڪ.

- **اَڪو مُڪو:** ظرف. ٻڌو – سربستو.

- **اَڪو هُڪو:** ظرف. اٽڪل روءِ _ اندازو.

- **اَڪوئي:** ظرف. مڙيئي – سَمورو – سڀ.

- **اَڪوئي وَڃڻ:** ٻنهَي وڃڻ – ماڳهين وڃڻ.

- **اَڪوتو ج اَڪوتا:** ذ. صفت. ڪچيءَ دل وارو.

• **اَڪوتو:** اِسم خاص. تعلقي ڏگھڙيءَ ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **اَڪور:** اِسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **اَڪُورو ج اَڪورا (ڪ):** صفت. گھٽو – جھجھو – مٿو – جام.

• **اَڪُوڙ ج اَڪُوڙ (ل):** صفت. [اَ = نه + ڪوڙيل] اَڻ ڪَتريل (جوپايو مال).

• **اِڪولاهي ج اِڪولاهيُون (ٿ):** ث. اڪيلائي – ايڪولائي. ڇَلا وغيره ناهڻ لاءِ سونارن جو هڪ اوزار.

• **اَڪُونڄ ج اَڪُونڄ:** ذ. صفت. [سن. اگوچر] بي انتها _ تار (پاڻي) – اَڪونجھ – اوڙاھ.

- **اَڪُونڄَرُ ج اَڪونڄَرَ (لس):** ذ. صفت. عميق يا اونهو (پاڻي) – اوڙاھ – اَڪونج.

- **اَڪُونجھُ ج اَڪونجھَ:** ذ. صفت. اَڪُونجَ.

• **اِڪوهي، اِڪوئي:** ث. [ف] پنگ جھڙو نشيدار هڪ پسارڪو وکر – جابلو پنگ.

• **اِڪوئي:** ث. چمڙيءَ جي بيماريءَ جو هڪ قِسم (پير جي آڱرين جي وچ ۾ پگھر، خارش ۽ پڪريز).

• **اَڪهُ ج اَڪهَ:** صفت. [سن. اَڪٿيَه: اَ = نه + ڪَٿَ =

— **اَک ڀڄڻ:** اک آلي ٿيڻ — ڏُک ٿيڻ.

— **اَکَ ڀَرجڻ:** اک ۾ لڙڪ ترِي اَچڻ — ڏک ٿيڻ. دل کي آٿڙڻ.

— **اَکَ ترڪڻ:** تورو نظر اچي وري گم ٿي وڃڻ.

— **اَکَ تَرڪي وڃڻ:** نظر کان نڪري وڃڻ — پوريءَ طرح نہ ڏسي سگهڻ.

— **اَکَ تَرڻَ:** اک ۾ ڳنڙ پوڻ ڪري پاڻي ڀرجي اچڻ. ڏک ٿيڻ.

— **اَکَ تي ڀِڃي ڀڌڻ:** ڀِڪ ڪرڻ. بي اونو ٿي ويهڻ.

— **اَکَ تي پردو پوڻ:** ڏسي نہ سگهڻ.

— **اَکَ ٽيٽَ:** ٿ. چوڪسي — نظرداري — سنڀالَ.

— **اَکَ ٽيٽَ ڪرڻ:** اَٽڪل سان ڏسڻ — اَڻ لَڪي طرح نگاھ ڪرڻ. تاڙِي ويهڻ.

— **اَک پائڻ:** نظر وجهڻ — تڪڻ. خواهش ڪرڻ.

— **اَکَ ڀٽائڻ:** هوشيار ڪرڻ — خبردار ڪرائڻ.

— **اَکَ ڀٽڻ:** جاڳڻ — سُجاڳ ٿيڻ — بيدار ٿيڻ. خبردار ٿيڻ — هوَشيار ٿيڻ. ڌيان ڏيڻ — خيال رکڻ. پوءِ سوچڻ. دورانديشي ڪرڻ. وقت کي سڃاڻڻ.

— **اَک پُورڻ:** ننڊ ڪرڻ. مري وڃڻ. بي حيا ٿيڻ.

— **اَکَ پوڻ:** نظر پوڻ. عشقيہ نگاہ پوڻ. لالچ سان ڏسڻ. بُري نگاھ پوڻَ. ڪوڏين راند جي داءَ ۾ هڪ ڪوڏي اونڌي پوڻ.

— **اَک جو پاڻي نہ سُڪڻ:** هميشہ رُوئندو رهڻ.

— **اَکَ جو ڦِڪو ٿيڻ:** بي مُروَت ٿيڻ — بي حيا ٿيڻ.

— **اَکَ جو ڪَنڊ:** محاورو. رقيب. دُشمن.

— **اَکَ جو ڪَرڙو ٿيڻ:** رعب وارو ٿيڻ. سخت مزاج ٿيڻ. ڪاوڙجڻ.

— **اَکَ جي مَرڪڻ:** وَڏائي ڪڻڻ لاءِ هدايت ڪرڻ — بي حيائي ڇڏائڻ.

— **اَکَ جو ميرو ٿيڻ:** اک جو اُٽڻ. بدنظر ٿيڻ.

— **اَکَ جي مَک مارڻ:** اَکر بہ اَکر لکڻ.

— **اَکَ جهَڪي ٿيڻ، هُجڻ:** لڄي ٿيڻ — شرمندو ٿيڻ. ڏوهاري ٿيڻ.

— **اَکَ چورائڻ:** اَٽڪل سان لِڪي وَڃڻ.

— **اَکَ ڇِهري ڪرڻ:** ناز ڏيکارڻ. هار سينگار ڪرڻ.

— **اَکَ ڇنڀَ:** ٿ. اکين کي يڪدم بند ڪرڻ ۽ کولڻ واري حالت — طرفةَ اَلعين. (ظرف) جهٽ پٽ — جلدي. اک ڇنڀڻ جيترو وقت — ڪِنَ.

— **اَکَ ڇنڀَڻ:** اک جي ڇپرن کي پاڻ ۾ ملائڻ. اِشارو ڏيڻ — ميڇَ ڏيڻ — اَکَ ڀڄڻ.

— **اَکَ ڏيکارڻ:** ڪاوڙ جي نگاہ سان ڏسڻ — گهوري نهارڻ. فهمائش ڪَرڻ — مَهميز ڏيڻ. دڙڪو ڏيڻ — ڏَٻائڻ — ڊيڄارڻ — هِيسائڻ — ڏَمڪائڻ.

— **اَک ڊيگهہَ:** ٿ. تورو فاصلو — ڪجهہ پنڌ.

— **اَکَ ڊيگهہ ڪرڻ:** خيال کان سواءِ جاچڻ. اٽڪل سان جاچ ڪرڻ.

— **اَکَ ڊيگهہ ۾:** ظرف. حد نظر تائين ـ نظر پوڻ جي حد تائين.

— **اَک رکڻ:** نظر ۾ ڪرڻ. چؤڪسي ڪرڻ.

— **اَکَ سان اَک آڙائڻ:** عشق لڳائڻ — محبت ڪرڻ.

— **اَکَ سان اَکَ اَڙڻ:** محبت ٿيڻ — عشق لڳڻ.

— **اَکَ سان اَکَ ملائڻ:** نظر لڙائڻ — اک اَڙائڻ. محبت ڪرڻ.

— **اَکَ سان چوڏو ڀڌڻ:** ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيڻ.

— **اَکَ سبڻ:** نہ نهارڻ — بلڪل نہ ڏسڻ — تَوَجه نہ ڏيڻ. ڌيان نہ ڏيڻ.

— **اَکَ سِپارڻ:** نِهارڻ — ڏسڻ — نظر ڪرڻ — ڌِيان ڏيڻ — توَجہ ڏيڻ.

— **اَکَ سَڙڻ:** اَک پوسرڻ — اَک ۾ سور ٿيڻ. نہ سَهڻ. ڏُک ٿيڻ. غيرَت اَچڻ.

— **اَک ڦِرڙائڻ:** ڪاوڙڻ ۾ گهُور ڪري نهارڻ. چوڏاري جاچَ جوچَ ڪَرڻ.

— **اَک ڦَرڪڻ:** اک جي پَلڪن جو حرڪت ۾ اَچڻ. سَوَڻ يا بد سَوَڻ سمجهڻ.

— **اَک ڦيرائڻ:** نظر ڪرڻ — سَرسَري نظر ڪرڻ — متاڃري نگاہ ڪَرڻ. چوڏاري نهارَڻ.

— **اَک ڦيرَڻ:** سَرسَري نظر ڪرڻ. مُنْهُن موڙڻ. اِنڪار ڪرڻ — بيِ خيالو ٿيڻ. خبردار ٿيڻ.

— **اَک ڦَرڪڻ:** اَک ڦَرڪَڻ.

— **اَکَ ڪاڻ:** ٿ. لَڄ — شرم — حَيا.

— **اَکَ ڪَيڻ:** ڪاٺو ڪرڻ. نقصان وجهڻ. سج جي ڳَني ڪيڻ.

— **اَکَ ڪرائڻ:** اکين جو آپريشن ڪَري موتيَو پاڻي ڪيڍائڻ.

— **اَکَ ڪُرڙِي ڪَرڻ:** تند يا ڀوائتي اک ڏيکارڻ — ڪاوڙ مان نهارڻ.

— **اَکَ ڪَرڻ:** اَک جو موتيو پاڻي ڪيڍڻ.

— **اَکَ ڪَڙائڻ:** اَک تي جهاڙ يا ڦيٽو وجهائڻ.

— **اَکَ ڪَڙڻ:** اک تَي جهاڙ ياَ ڦيٽو وجَهڻ. ڦيٽي وغيره سان اک جو علاج ڪرڻ.

— **اَکَ ڪَڪڙِي ڪَرڻ:** نَشو ڪرڻ.

— **اَکَ کان ٻاهر هُجڻ:** نظر کان پري هجڻ.

— **اَکَ کِلَڻ:** رنج مان راحت نصيب ٿيڻ. دوست جو ديدار ٿيڻ — خوَشي حاصل ٿيڻ.

— **اَک کُلڻ:** جاڳڻ — سُجاڳ ٿيڻ — بيدار ٿيڻ — خبردار ٿيڻ. سمَجهہ حاصل ٿيڻ — عقل اَچڻ

books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

ڏوکو کائڻ – فريب ۾ اچڻ. بيوقوف بنجڻ.

– **اکين تي پردو چڙهڻ:** انڌو ٿيڻ. نہ ڏسي سگهڻ.

– **اکين تي ڇپر چڙهڻ:** بي حيا ٿيڻ – بي شرم ٿيڻ.

– **اکين تي رات ڪاٽڻ:** سڄي رات جاڳڻ. اِنتظار ڪرڻ.

– **اکين تي رکڻ:** خوشيءَ سان قبول ڪرڻ.

– **اکين تي رَتُ چڙهڻ:** غُصي يا جوش ۾ اَنڌو ٿي پوڻ – ڪاوڙ ۾ دوست دشمن سُڃاڻڻ جي ساڃهہ کان نڪري وڃڻ.

– **اکين تي ڪوپا چڙهڻ:** ڪا ڳالهہ پوريءَ طرح نہ سمجهڻ يا ڏسڻ. بي حَيا ٿيڻ – بي غيرت ٿيڻ.

– **اکين تي گذارڻ:** ساري رات جاڳڻ – اِنتظار ڪرڻ.

– **اکين تي ويهارڻ:** حد کان زياده قدر ڪرڻ – نهايت تعظيم ۽ عزت ڪرڻ – خاطر مدارات ڪرڻ.

– **اکين تي هلڪو هُئڻ:** بار نہ ٿيڻ. تڪليف نہ هُئڻ.

– **اکين پُوريو ۽ اکين پُوريا:** ذ. صفت. بي ساڃاهو – اَڪ پوتُ – بي ديدو – بي حيا – بي شرم. بي شُڪر – اَحسان فراموش.

– **اکين جا اِشارا ڏيڻ:** ڳجهہ ۾ ڳالهائڻ. ميڇُون ڏيڻ. محبت جو پيغام ڏيڻ.

– **اکين جو آسا بند هُجڻ:** اکين جو آسرو هئڻ. نهايت پيارو هجڻ.

– **اکين جو ٺارُ:** صفت. تمام پيارو – وَڻندڙ – قُرتالعين.

– **اکين جو پاڻي سُڪڻ:** روئي روئي ٿڪجي پوڻ – ڏاڍو روئڻ. اَنڌو ٿيڻ.

– **اکين جو ڏِءُ:** محاورو. ٿورو آتت يا آسرو.

– **اکين جو رَتُ ڇلڻ:** سخت ڪاوڙجڻ.

– **اکين جو سوجهرو: محاورو.** نُور – نظر – اَکين جي روشني. نُور نظر – اولاد – پُٽُ.

– **اکين جو نُورُ:** محاورو. اَکين جو سوجهرو – اولاد – پُٽُ.

– **اکين جو نُور ڪري ڏسڻ:** پنهنجي اولاد وانگر سمجهڻ – گهڻو پائڻ – پيار ڏيڻ.

– **اکين تي ڪَپَهہ جا ڦڙا چڙهڻ:** تمام پوڙهو ٿي وڃڻ – پرون اَچا ٿيڻ.

– **اکين جي ديد وڃائڻ:** شرم حيا وڃائڻ. بي شرم بنجڻَ.

– **اکين جي ننڊ حَرام ڪرڻ:** اوجاڳا ڪرڻ اِنتظار ڪرڻ.

– **اکين ڏِٺو ۽ اکين ڏِٺا:** ظرف. ظاهر ظهور – کليو کلايو.

– **اکين سان:** ظرف. دل وجان سان – خوشيءَ سان. بنا عذر جي.

– **اکين سان اَچڻ:** گهڻي پيار ۽ خوشيءَ سان اچڻ.

– **اکين سَڄو ۽ اکين سَڄا:** ذ. انڌو. اکين کان معذور.

– **اکين سِٽو ۽ اکين سِٽا:** ذ. لاچار. سدا بيمار.

– **اکين کان اُجلائڻ:** نظرن تان ڪيرائڻ – ڌڪار جي نظر سان ڏسڻ – نفرت ڪرڻ – گهٽ سمجهڻ. اعتبار جهڙو نہ سمجهڻ.

– **اکين کان جَڏو:** انڌو – نابين.

– **اکين کان وڏو ٿيڻ:** انڌو ٿيڻ.

– **اکين کي اَنڌاري اچڻ:** اَکين اڳيان اونداهہ اچڻ. ڪجهہ نہ ڏسي سگهڻ. سَخت صدمو پهچڻ – مغز کي ڦيري اچڻ – ڪمزور ٿيڻ.

– **اکين کي انڌيرو اچڻ:** ضعف کان اکين اڳيان انڌيرو اچڻ – اکين اڳيان ترورا اچڻ. مٿو ڦرڻ.

– **اکين ڳاڙهو ۽ اکين ڳاڙها:** ذ. صفت. ڪاوڙيل – رعبدار – حشمتي.

– **اکين لُونڪ لڳڻ:** نوان دوست منا لڳڻ. ڌاريان دوست ٿيڻ.

– **اکين مان آب اوتڻ:** ڏاڍو روئڻ – اکين مان ڳوڙها ڳاڙڻ.

– **اکين مان ارتو وهائڻ:** اکين مان رت جا ڳوڙها ڳاڙڻ.

– **اکين مان الانڪرڻ:** سخت ڪاوڙجڻ. گرميءَ ۽ ڪاڙهي جي شدت کان اکين مان گرمائش نڪرڻ.

– **اکين مان ديد نڪري وڃڻ:** انڌو ٿيڻ. بي غيرت ٿيڻ. بي حيا ٿيڻ.

– **اکين مان لال لُڙڪ وهائڻ:** رت جا ڳوڙها ڳاڙڻ – زار زار روئڻ – اوڇنگارون ڏيڻ "لُڙڪ لال لطيف چئي، وَرَ لاءِ وهايان" (شاهه).

– **اکين ۾ آهُو هُئڻ:** اکين ۾ عيب هئڻ.

– **اکين ۾ ٽِيڻ:** نظر يا ڌيان ۾ ٿيڻ. دشمنيءَ ۾ اچي وڃڻ.

– **اکين ۾ پاڻي:** ذ. موتيو پاڻي – اکين جي بيماري.

– **اکين ۾ پاڻي آڻڻ:** روئڻ. ڳوڙها ڳاڙڻ.

– **اکين ۾ پاڻي اَچڻ:** اکين ۾ لُڙڪ تري اچڻ – اَبديده ٿيڻ – روئڻهارڪو ٿيڻ.

– **اکين ۾ جايُون ڏيڻ:** گهڻو پيار ڪرڻ – گهڻو پائڻ.

– **اکين ۾ ديد نہ هُئڻ:** انڌو هئڻ. بي شرم هئڻ.

– **اکين ۾ جَمُبوري وجهڻ:** اکيون اَنبوريءَ سان ڪڍڻ. دٻائڻ – ضابطو رکڻ.

– **اکين ۾ ڌُوڙ وجهڻ:** ٺڳي ڪرڻ – دولاب ڪرڻ. مڪاري ڪرڻ. برغلائڻ.

– **اکين ۾ سانڍڻ:** جيءَ ۾ جاءِ ڏيڻ. گهڻو پيار ڪرڻ.

– **اکين ۾ سُرمو پائڻ:** ظاهر ظهور ڪنهن سان ڌوڪو ڪرڻ. ڏٺو وائٺو ٺڳي ڪرڻ.

— **اکين ۾ ڦلاڻو:** اندو ٿيڻ.اکين جي هڪ بيماري ٿيڻ.
— **اکين ۾ ڪَتَرَ پوڻ:** اکين ۾ ڪکرا پوڻ. تڪليف پهچڻ.
— **اکين ۾ ڪَرڻ:** تاڙڻ – تڪڻ. ويجهو ٿيڻ. دشمني رکڻ.
— **اکين ۾ ڪنڊو ٿيڻ:** دشمن جو اکين ۾ ڪنڪڻ. مخالف جو اکين کي ئي نہ وڻڻ.
— **اکين ۾ لڪائڻ:** جيءَ ۾ جاءِ ڏيڻ. گهڻو پيار ڪرڻ.
— **اکين ۾ وسڻ:** نظر ۾ سمائجڻ – تصور ۾ جمڻ پسند اچڻ. چهري مان ظاهر ٿيڻ.
— **اکين ۾ ويهارڻ:** جيءَ ۾ جاءِ ڏيڻ – گهڻو پيار ڪرڻ.
— **اکين ۾ هُئڻ:** نظر ۾ هجڻ. تاڙجڻ. دشمن ٿيڻ.
— **اکين وِڏو ج اکين وَڏا:** ڏ. نابين – اندو – سورداس.
— **اکيون آب ڪَٽورا:** محاورو. آبدار يا خوبصورت اکيون.
— **اکيون اُپ ڏي ڪَرڻ:** دعا گهرڻ – ڏٿيءَ در ٻاڏائڻ. پڪارڻ.
— **اکيون آڏو اُچڻ:** لحاظ ڪرڻ – محابو رکڻ. نظر جو ڏوڪو کائڻ. پياري ماڻهوءَ جو ڏوڪو ڏيڻ.
— **اکيون آهوءَ جهڙيون هئڻ: هرڻ جهڙيون اکيون هجڻ.** خوبصورت ۽ ڪاريون اکيون هجڻ.
— **اکيون اُبڙڻ:** اکين اُٺڻ جي شروعات ٿيڻ – اکين ۾ سور ٿيڻ.
— **اکيون اُٿڻ:** اکين جي بيماري ٿيڻ. اکين ۾ درد ٿيڻ.
— **اکيون اُجيُون ٿي وڃڻ:** نابين ٿي وڃڻ – نظر گهٽجي وڃڻ.
— **اکيون اُڏامڻ:** واٽون نهارڻ – انتظار ڪرڻ – ديدار لاءِ آتو هجڻ.
— **اکيون اَڙائڻ:** گهُور ڪري ڏسڻ. عشق ڪرڻ.
— **اکيون اَڙائي ويهڻ:** گهور ڪري پيو ڏسڻ. عشق ڪرڻ.
— **اکيون آلو ماه ٿيڻ:** اکيون روئي روئي ڳاڙها هيرا ٿيڻ.
— **اکيون بي خواب ٿيڻ:** ننڊ نہ اچڻ. بي قرار ۽ بي آرام هجڻ – تڙڦڻ. آنڌ مانڌ ٿيڻ.
— **اکيون بيهي وڃڻ:** اندو ٿيڻ. ديدَ گهٽ ٿي وڃڻ.
— **اکيون بَنڌَ:** اکيون پورڻ – مَرڻ.
— **اکيون ٻرڻ:** ڪاوڙجَڻ. اکين ۾ سور ٿيڻ.
— **اکيون ٻوڙڻ:** بيحيا ٿيڻ – بيغيرت ٿيڻ – لڄ لاهڻ. مَرڻ. ننڊ ڪرڻ.
— **اکيون پچڻ:** اکين سان اِشارا ڪرڻ.
— **اکيون پنل رَهڻ:** روئڻ – ڳوڙها ڳاڙڻ.
— **اکيون ٽپائڻ:** ڪاوڙ ڏيکارڻ – غصو ڏيکارڻ.
— **اکيون ٺَڏيُون ٿيڻ:** ڏاڍو خوش ٿيڻ ٻئي جي فائدي ۾ راضي رهڻ.
— **اکيون ٺمڪائڻ:** شرمندو ٿيڻ. ڪکو وکو ٿيڻ. ڳهَر ڪان اکيون ڇنيڻ.

— **اکيون ٺرڻ:** راضي رهڻ – خوش ٿيڻ.
— **اکيون پائڻ:** نظر ڪرڻ. نظر هڻڻ – تَڪڻ – نهارڻ. بد نظر سان ڏسڻ.
— **اکيون پائي ويهڻ:** نهارڻ – واٽ ڏسڻ – انتظار ڪرڻ. آسرو رکڻ – اُميد ڪرڻ.
— **اکيون پٿرڻ:** اکيون وڇائڻ. جيءَ ۾ جاءِ ڏيڻ – تمام گهڻو آدرڀاءُ ڪرڻ. تمام گهڻي عزت ڏيڻ.
— **اکيون پٽجڻ:** هوشيار ٿيڻ. خبردار ٿيڻ.
— **اکيون پٽڻ:** پاڻ سنڀالڻ – خبردار ٿيڻ. جاڳڻ – هوشيار ٿيڻ. سمجهہ رکڻ. ٿورو سڪر ٿيڻ – چڱو ڀلو ٿيڻ.
— **اکيون پٽي ڪم ڪرڻ:** نهايت غور و فڪر سان ڪم ڪرڻ – ڏسي وائسي ڪم ڪرڻ.
— **اکيون پورڻ:** ننڊ ڪرڻ. مرڻ. بيحيائي ڪرڻ – ساڃهہ ڇڏڻ.
— **اکيون پوري ڇڏڻ:** بي توجهہ ٿيڻ. ڄاڻي ٻجهي ڌيان نہ ڏيڻ – ڏٺو اڻ ڏٺو ڪرڻ.
— **اکيون پوري ڪم ڪرڻ:** بي پرواهيءَ سان ڪم ڪرڻ – بي فڪر ٿي ڪم ڪرڻ. اَنڌن وانگر ڪم ڪرڻ. بي خياليءَ سان ڪم ڪرڻ. اکيون پوري ڪم کي لڳي وڃڻ – ڪم ۾ مستغرق ٿيڻ.
— **اکيون پير ڪري اچڻ:** سڪ ۽ محبت سان اچڻ. بيحد نياز نوڙت سان پيش اچڻ "اکيون پير ڪري، هلجي وو هلجي" (شاهہ).
— **اکيون پير ڪري پهچڻ:** تمام تڪڙو پُهچڻ. گهڻيءَ سڪ يا هيج سان اچڻ "اکيون پير ڪري، وڃجي وو وڃجي" (شاهہ).
— **اکيون پيرن تي سبڻ:** قدمن تي ڪري پوڻ – پيرين پوڻ. معافي گهرڻ. ندامت ظاهر ڪرڻ. هيٺ نظر ڪرڻ.
— **اکيون جاءِ ڪرڻ:** هوش ڪرڻ. ڌيان ڪرڻ. خبردار ٿيڻ – هوشيار ٿيڻ. ڌيان ڏيڻ.
— **اکيون جاءِ ڪري هلڻ:** سنڀالي هلڻ – ڌيان سان هلڻ.
— **اکيون جلڻ:** اکين ۾ سوزش ٿيڻ.
— **اکيون چِڀڻ (ت):** ڪاوڙ لڳڻ.
— **اکيون چرخ ٿيڻ:** حيران ٿيڻ. وائڙو ٿيڻ.
— **اکيون چت سان لڳڻ:** سڪرات ۾ اَچڻ سخت بيمار هجڻ.
— **اکيون ڇنيڻ:** اکين جا پلڪ هيٺ مٿي ڪرڻ – اکيون ٺمڪائڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪيون ڏرا ڏيڻ:** اکين ۾ کڏون پوڻ – تمام ضعيف ٿيڻ.

**ڪيون ڏسڻ:** ڪنهن کان مرعوب ٿيڻ – ڪنهن جي ڪاوڙ کان متاثر ٿيڻ.

**ڪيون ڍڪڻ:** اکيون پورڻ – بي شرم ٿيڻ. لِڪڻ – ڇپڻ.

**ڪيون ڍڪي ڳالهائڻ:** ڳالهائڻ وقت ساڄهه نه ڏارڻ – سا ڱاهي نه ڳالهائڻ.

**ڪيون رَبَ رَکيُون:** محارو. اکين جو نُور سُهائو. خدا جي حفظ ۾ ڪيل اکيون "تنهنجون اکيون رب رکيون – هو جمالو".

**ڪيون رَتُ ٿيڻ:** سخت ڪاوڙجڻ.

**ڪيون رت ڇلڻ:** اکيون جوش ۾ ڳاڙهيون ٿيڻ – سخت ڪاوڙجڻ. ڻي جو پلو نه سهي سگهڻ.

**ڪيون رَت سان ڀرجڻ:** سخت ڪاوڙ ٿيڻ.

**ڪيون رستي تي رهڻ:** واٽون نهارڻ. انتظار ڪَرڻ – ملاقات لاءِ منتظر رهڻ.

**ڪيون روشن رهڻ:** نظر تيز رهڻ. اکين ۾ طراوت اچڻ – اکين ۾ تازگي اچڻ.

**ڪيون سايُون ٿيڻ:** يرقان جو مرض ٿيڻ. ڊپ ۾ ڀرجڻ. هيٺو ٿيڻ – ضعيف ٿيڻ.

**ڪيون سايُون پيليُون ڪَرڻ:** ناراض ٿيڻ – ڪاوڙجڻ.

**ڪيون سُڄائڻ:** ڏاڍو روئڻ. ڪاوڙجڻ.

**ڪيون سيڪڻ:** بدنيتيءَ سان ڏسڻ.

**ڪيون شَرمائڻ:** شرم کان اکيون هيٺ ٿيڻ. حياءَ اچڻ – لڄ ٿيڻ.

**ڪيون ڦاٽڻ:** حيرانيءَ کان اکيون ڦاٽي وڃڻ – حيرت ۾ پوڻ. ننڊ نه اچڻ.

**ڪيون ڦاڙڻ:** ڪاوڙجڻ. اکيون کولي ڏسڻ. حيران ٿيڻ.

**ڪيون ڦاڙي ڏسڻ:** اکيون کولي ڏسڻ – چتائي ڏسڻ – چڱيءَ طرح جاچي ڏسڻ.

**ڪيون ڦِرڙائڻ:** هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ – مرٽينگ ماڻهوءَ وانگي ڪيون ڦيرائڻ. ڪاوڙ سان نهارڻ.

**ڪيون ڦوٽارڻ:** اکيون ڦاڙي نهارڻ. گهور پائي ڪاوڙ سان ڏسڻ. ڀچارڻ.

**ڪيون ڦيرائڻ:** منهن نه ڏيڻ. نه ڏسڻ. بي مروّت ٿيڻ.

**ڪيون ڦيرڻ:** منهن مَٽڻ.

**ڪيون ڪاپار سان لڳڻ:** سخت بيماريءَ سبب اکيون ڏرا ڏيئي وڃڻ.

**ڪيون ڪاپار ۾ ڪري هلڻ:** مغروريءَ سان هلڻ. ڌيان سان نه هلڻ.

**ڪيون ڪاپار ۾ هُجڻ:** ڪنڌ مٿي هئڻ – مغروري ۾ ڀريل هئڻ.

– **اَکيون ڪيڻ:** انڌو ڪرڻ. سخت سزا ڏيڻ ڪاوڙ ۾ نهارڻ. سخت تابش ڪرڻ (سج).

– **اَکيون ڪيڍي نهارڻ:** گهور ڪري نهارڻ. ڪاوڙ مان نهارڻ. دوڏا ڦاڙي ڏسڻ.

– **اَکيون ڪرائڻ:** اکين جو علاج ڪرائڻ. ڦُلي يا موتيي پاڻيءَ جو علاج ڪرائڻ.

– **اَکيون ڪُرڙيون ڪرڻ:** سخت ڪاوڙ جي حالت ۾ اَکين ۾ شور وجهڻ.

– **اَکيون ڳَڪورجڻ:** اکين ۾ رَت جي لالاڻ تري اچڻ. اکين ۾ جوانيءَ جو رت ظاهر ٿيڻ.

– **اَکيون ڳپائڻ:** هڪ ٽِڪ نهارڻ. جوهه وجهڻ.

– **اَکيون ڳلڻ:** اکيَون پٽجڻ. سجاڳي ٿيڻ. خبردار ٿيڻ.

– **اَکيون کڻڻ:** منهن مٿي ڪري ڏسڻ – مٿي نهارڻ. ڪنڌ مٿي کڻڻ. ڏسڻ – نظر ڪرڻ.

– **اَکيون ڳاڙهيون، لال ڪرڻ:** سخت ڪاوڙ ڪرڻ – سخت ناراضپو ڏيکارڻ.

– **اَکيون ڳريون ٿيڻ:** اکين ۾ ننڊ ڀرجي اچڻ – ننڊ جو خمار چڙهڻ.

– **اَکيون لڪائڻ:** پردو ڪرڻ. حياءُ ڪرڻ.

– **اَکيون لَڳڻ:** بيماريءَ سببان پڇيون ڪري اکين جي ڇپرن جو هڪ ٻئي سان چنبڙي پوڻ اکيون اُٽڻ. ننڊ ڪرڻ. نظرن جو اٽڪڻ – عشق ٿيڻ.

– **اَکيون مٿي ڪٿي نه نهارڻ:** حياءَ ۽ لڄ وچان ڪنڌ هيٺ ڪرڻ – لڄارو ٿيڻ.

– **اَکيون مٿي نه کڻڻ:** لڄارو ٿيڻ.

– **اَکيون مَنڊڻ:** اَکين تي جادو ڪرڻ. بيخبريءَ ۾ شيءِ کڻي وڃڻ.

– **اَکيون مَهٽڻ:** اکيون مَلڻ – اکين کي صاف ڪرڻ (ڪنهن شيءِ کي غور سان ڏسڻ لاءِ).

– **اَکيون ميڇڻ (ٿ):** اَکيون پورڻ. شناس نه رکڻ.

– **اَکيون وَنڻ (ت):** مرندڙ ماڻهوءَ جي اکين کي هٿن سان پورڻ.

– **اَکيون وِلي ويهڻ:** انڌو ٿي ويهي رهڻ.

– **اَکيون وجهڻ:** تَڪڻ – گهُورڻ – نظر وجهڻ. لالچ سان ڏسڻ.

– **اَکيون وڇائڻ:** انتظار ڪرڻ – واٽون نهارڻ. نهايت عاجزيءَ سان خاطر مدارات ڪرڻ.

– **اَکيون هٽڻ:** اکين سان اشارا ڪرڻ – اکيون پٽڻ. ميڇون ڏيڻ – محبت جا اشارا ڏيڻ. ٽاڏون هٽڻ – مستي ڏيکارڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **اَکيون هيٺ ڪَرڻ:** شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪرڻ – لڄي ٿيڻ – ڦڪو ٿيڻ. بيغيرت ٿيڻ – بيحيا ٿيڻ

– **اکئين لائي ويهڻ:** انتظار ڪرڻ – اوسيڙي ۾ رهڻ – واٽ نهارڻ.

• **اکُ ج اَکَ:** ذ. [سن. اَڪْشوٽ] ميوي جو هڪ قسم. اکڙوٽ. (صفت) [سن. اَڪشَيه] نہ کٽندڙ، ناس نہ ٿيندڙ ـ غير فاني ـ امر.

• **اکا:** داٽا جيڪي شادي وقت گهوٽ کي هٽن. داٽا جيڪي پيٽا طور پاڻيءَ کي ڏجن. داٽاجيڪي خيرات طور ڏجن (ڪڇ جي ٻولي: فقير کي اکا ڏي تہ وڃي.

• **اکا (ٿ):** اسم خاص. راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.

• **اکاڄ ج اکاڄَ:** صفت. [سن. اَ + کادْيه] نہ کائڻ جوڳو – نہ کائڻ جهڙو.

• **اُکاڙَڻ:** مصدر. [سن. اُتْکَنْ: اُتْکَدْ] پاڙئون پٽڻ. ناس ڪرڻ – تباه ڪرڻ. (اُکاڙيو – اُکاڙيندو – اُکاڙيل).

• **اَکَتَڻ:** مصدر. [سن. اُتْ – تري = اُترڻ، لنگهڻ، پار وڃڻ] ٻاهر اُچڻ – نڪرڻ (پاڻيءَ مان). اُڪرڻ. لَنگهڻ. ١. "جنين پاسي پاڻ، سي اَوَتران ٿي اُکتيون": ٢. "سورن سهيلي، جٺن تٺن جهاڳي اُکتي" (شاهه). (اُکتو – اُکتل) – پاڻي جهاڳي متي ٻاهر نڪرڻ (مينهن جو).

• **اکٽ ج اَکٽَ:** صفت. [سن. اَڪْشَيَه] اڻ کٽ – بيشمار – بي انت – بي انداز.

• **اُکَٽَ ج اُکَٽُونْ:** ٿ. [سن. اُدْ + گهٽْ] اوگهڙ. پڌرائي – رسوائي – بدنامي "آتڻ منجهہ اکٽ، ڪانڌ ڪنهن جي نہ ڪري" (شاهه).

• **اُکَتَڻُ:** مصدر. [سن. اُتْڪري] اُڪرڻ – نقش ڪڍڻ. کوٽڻ. مشهور ٿيڻ (اُکتو – اُکتندو – اُکتيل).

• **اکڄ ج اَکڄَ:** ذ. صفت. [ا + کڄڻ] نہ کڄڻ جهڙو – ڳورو.

• **اَکَرُ ج اَکَرَ:** ذ. [سن. اَڪْشَرَ] حرف. لفظ. ميار – ڏوراپو. سُخن – شبد. چٽُ – نقش "ڏورنئائين ڏس، اکر جنائين جڙيا" (شاهه). سبب – حسَاب "لائِي وڃان لوڪ، تو ڪهڙي اکر آئڙي" (شاهه).

– **اکِربہَ اکر:** ظرف. حرف بحرف. سربستو – سمورو. هوبهو.

– **اکَر پائِڻَ:** لکڻ. اِندا پرڻ.

– **اکر ڌاتُو:** ذ. اِشتقاق – اکرن جو بنياد.

– **اکرشناسُ:** ذ. صفت. اکر ڄاڻندڙ – حرف شناس.

– **اکرشناسَ، اکرشناسي:** ٿ پڙهي وڃڻ جيتري ڄاڻ.

– **اکرن وارو ج اکرن وارا:** ذ. صفت. پڙهيل اٽڪلي – سياڻو.

– **اکِري ج اکرِيُونْ:** ٿ. اکرن جو شمار – حرف شماري "ٽيهہ اَکري – سي حرفي". (صفت) اکرن جو ڄاڻو – پڙهيل.

– **اکري ڪاڳري:** صفت. حساب ڪتاب جو ڄاڻو – ليکي چوکي جو اُستاد.

– **اکِري معنيٰ:** ٿ. لفظي معنيٰ.

• **اکِرُ ج اکِرِ (ل):** ذ. [سن. اَڪْش = اک] اکين وارو – وڏيہ اکين وارو – دوڏر اکين جهڙن نقشن يا چٽن نڪتل ڪپڙو.

• **اکِراڙَ ج اکِراڙون (ٿ):** ٿ. اکرانِ ـ کرڙ – کرڇڻ.

• **اکِراڻَ ج اکِراڻُون:** ٿ. ڪنهن بہ رڏل شيءِ جو سڙيل ترو - کرڙ. کرڇڻ.

• **اکِرڙڻ (ٿ):** مصدر. ڏاٽي سان کرڙڻ (اُکرڙيو – اُکرڙندو - اُکَرڙيل).

• **اکَرڪندو:** ڪندي جو وڏو ٿلهو وڻ (پڪي ڪاٺ وارو جنهن مان اکريون ٺهن).

• **اکِرلو ج اکِرلا (ل):** ذ. [سن. اُلوکَل] اُکڙو – اُکري.

• **اکِرڻ:** مصدر. ريج جو سُڪڻ – ريج ڪيل زمين جي وَتَ سُڪي وڃڻ (جنهن ۾ هر ڪاهي نہ سگهجي).

• **اکِرو ج اکِرا (ڪ):** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم اک جي اُٿڻ وارِ حالت. پڇي.

• **اکِرو ج اَکِرا:** ذ. صفت. مصالح ڪٽڻ لاءِ يا چانورن ڇڙڻ لا ڪاٺ، پٿر وغيره جو ڪوندو – اُکرلو.

• **اکِروٽَ ج اکِروٽَ:** ذ. [سن. اکْشوٽ] سڪل ميوي جو هڪ قسم. ول جو هڪ قسم.

• **اُکِري ج اُکِريُون:** ٿ. [سن. اُلْوکَلَ] ان ڇڙڻ ۽ مصالح ڪٽڻ لاءِ ڪاٺ يَا ٺڪر جو ڪوندو. دروازي جي طاقت ڦرڻ لا چانئٺ ۾ ڪيل سوراخ. (اسم خاص) تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

– **اُکريءَ ۾ پاڻي ڇَڙَڻ:** اَجائي ڪوشش ڪرڻ – کلر ۾ ڪٽڌ پوکڻ – ڍنگهرن تي اٽو هارڻ.

– **اُکريءَ ۾ مَٿو وجهڻ:** ڄاڻي ٻجهي جان خطري ۾ وجهڻ - پاڻ کي مصيبت ۾ ڦاسائڻ.

• **اکِري ڪَسي:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **اکَرِ (ٿ):** ٿ. مصدر "ڪيرَڻُ "مان اسم – اڻ ڪيڙيل زمين - غيرآباد زمين.

• **اُکَڙَڻُ:** مصدر. [سن. اُتْکَنْ] پاڙئون پٽجڻ. سنڌن کان نڪرڻ کُلڻ – اُدڙڻ. ٽٽڻ – ڇڄڻ "مونا اُن جا اُکڙيا، ارٽ ڍرڪِي مالهہ" (شاهه). (اُکڙيو – اُکڙندو – اُکڙيل).

• **اُکِروٽُ ج اکِروٽَ:** ذ. سُڪل ميوي جو هڪ قسم – اکروٽ.

سنڌ جي قديم شهر "اگهم ڪوٽ" واريءَ جاءِ تي آباد ٿيل ڳوٺ جتي بزرگ مخدوم محمد اسماعيل سومري جي مزار آهي.

• **اَگهاماڻي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **اَگهامَڻُ:** مصدر. [سن. اَرگهہ] قبول پوڻ – منظور ٿيڻ – پسند اچڻ. مُلھ ٿيڻ. وڪامڻ (اگهاميو – اگهامندو – اگهاميل).

– **اَگهامجڻ:** مصدر "اَگهامَڻُ" مان فعل مجهول. قبول پوڻ – منظورَ ٿيڻ. اگهہ ٿيڻ – مُلھ ٿيڻ.

• **اَگهائڻُ:** مصدر. [سن. اَرگهہ] قبول ڪرڻ – منظور ڪرڻ "وس ويچاريءَ ناهہ ڪو، تون آگا عرض اَگهاءِ" (شاهہ). وڪٽي ڇڏڻ – نيڪال ڪرڻ. اگهہ ٿيڻ. (اگهايو – اگهائيندو – اگهايل).

• **اَگهائجڻُ:** مصدر "اَگهائڻُ" مان فعل مجهول. اگهامجڻ – قبول پوڻ – منظور ٿيڻ.

– **اَگهائتو:** ذ. صفت. اگهہ سان – اگهہ ڪيل – سڪيلڊو – لاڏلو – پيارو

• **اُگهائڻُ:** مصدر "اُگهڻ" مان متعدي بالواسطه. [سن. اُدگهرشڻُ] صاف ڪرائڻ – چنبڙ ڦوڪ ڪرائڻ. (اُگهايو – اُگهائيندو – اُگهايل).

• **اَگهائي ج اَگهايون:** ث. بيماري – ناچاڪائي – سُڪالائي – ناچڳيلائي. رنج – تڪليف – درد – ڏک – سور. هيڻائي "اَگهي اَگهاني، رَنج برِيان ڪي رسيو" (شاهہ).

• **اَگهتائي پڇڻ (ٿ):** چڱيءَ طرح پڇڻ – ناهي نوڪي پڇڻ.

• **اُگهتَ:** ث. [سن. اُدگهٽ] اوگهڙ – پڌرائي. بدنامي – خواري – شهرت "آتڻ منجهہ اُگهت، شل ڪانڌ ڪنهن جي مَ ڪري" (شاهہ).

• **اُگهتَڻُ:** مصدر. [سن. وياگهات] روڪڻ – رنڊڻ. جهلڻ – گهٽڻ. (اُگهتيو – اُگهتيندو – اُگهتيل).

– **اُگهتَ:** ث. روڪ – رَنڊڪَ – رُڪاوٽ – مَنع. گهٽ. رُگهہ – اوگهر – ٽپش. گهٽائي. پيهٽ.

– **اُگهتجڻ:** مصدر "اُگهتَڻُ" مان فعل مجهول. روڪجڻ – رنڊجڻ. گهٽجڻ "انهي تڙ اُگهتا، آڏي پائي آڻ" (شاهہ).

• **اُگهنَڻُ:** مصدر. [سن. اُدگهرش] اُگهڻ – صاف ڪرڻ "ڦتن اُتان رت ڦُڙا، عليءَ تي اُگهناس" (اُگهنيو – اُگهنيندو – اُگهنيل).

• **اَگهرَ:** ذ.صفت. [اَ + گهَر] جنهن کي گهر نہ هجي – بي گهرو. رولو. تارڪ.

– **اَگهرو ج اَگهرا:** ذ. صفت. بنا گهر – بي گهر.

• **اُگهراڻي ج اُگهراڻيون (ٿ ل):** ث. اوڌر. اُڳاڙي – اوڳڙ – وصولي. قرض. رَکت – رَهت (ل).

• **اَگهرجو ج اَگهرجا:** [اَ + گهرجَ] نہ گهربل. غير ضروري. بيسُود – بيفائدو – اَجايو – نڪمو.

• **اُگهڙَڻُ:** مصدر. [سن. اُدگهٽن] اَگهاڙو ٿيڻ. اوگهڙ ٿيڻ. پردو لاهڻ. پڌرو ٿيڻ – کلڻ. (اوگهڙيو – اُگهڙندو – اُگهڙيل).

– **اُگهڙ ج اُگهڙون:** ث. اوگهڙ – ننگائي – عرياني – اگهاڙپ "اُگهڙ اوڏا ڪاپڙي، سَترتان نہ سَهن" (شاهہ).

• **اَگهل ج اَگهلون (ٿ ل):** ث. وَٽاڻ. ڪان ٻاهر مال جي ويهڻ جي جاءِ.

• **اُگهلڻُ:** مصدر. راز ظاهر ڪرڻ. اُلٽي ڪرڻ. وَڏڻ – نڪرڻ – ڦٽڻ (سلُو). بيپرواهہ ٿيڻ – بيڌپو ٿيڻ. (اُگهليو – اُگهلندو – اُگهليل).

– **اُگهلجڻ:** مصدر. "اُگهلڻُ" مان فعل مجهول. بي پرواهيءَ سان ڳالهائڻ – کلي ڳالهائڻ. رنگ ۾ چهرو ٿيڻ. صاف ٿيڻ.

– **اُگهلي پوڻ:** ڳالهائڻ ۾ چٽڪڻ – گهٽو ڳالهائڻ. اوچتو کلي پوڻ. اٿلي پوڻ.

• **اَگهلو ج اَگهلا:** ذ. صفت. [سن. اگهال = گنهگار] اَگلو – گدلُو. گندو – ڪنو. ميرو.

• **اَگهمَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **اُگهمَ ج اُگهمَ:** ذ. [سن. اَ + گهرم] گهٽ – آگر – گرمي. سانوڻ جي مند ۾ مينهن پوڻ کان اڳ هوا جي گهٽ.

• **اُگهن:** ذ. صفت. هلڪي طبيعت وارو – ترڙو – سِفلو.

• **اَگهڻ:** مصدر. [سن. اَرگهہ] اَگهامڻ – قبولَ پوڻ. قدر ٿيڻ "اَگهيو ڪانو ڪچ، ماڻڪن موٽ تي" (شاهہ). (اگهيو – اگهندو – اگهيل).

• **اُگهڻ:** مصدر. [سن. اُدگهرشڻُ] صفا ڪرڻ. مهڙڻ – مَر لاهڻ. پاڻيءَ ڪانسواءِ ڪنهن ٻيءَ شيءِ سان صاف ڪرڻ. (اُگهيو – اُگهندو – اُگهيل).

– **اُگهڻو ج اُگهڻا:** ذ. اُگهڻ جي شيءِ (ڪپڙو ٽوال وغيره).

– **اُگهي اُٿڻ:** ٿانءُ خالي ڪري اُٿڻ – سڀ ڪائي اُٿڻ. صفا ڪري ڪڙو ٿيڻ.

– **اُگهي ڇڏڻ:** صفا ڪري ڇڏڻ. ڦري ناس ڪرڻ – ڀينگيو ڪرڻ.

• **اَگهو ج اَگها:** ذ. صفت. [سن. اَشڪتَ] اَڻ سگهو – ناچاڪ – بيمزي. بيمار – مريض. هيڻو – ڪمزور.

• **اَگهوتر:** ث. اونداهہ

• **اَگهوتري ج اَگهوتريون:** ث. [سن. اَرگهہ] جنسن جي ياداشت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيني سهڻين صفتن جو جامع.

– **اَللهُ اَڪبَرُ:** ڪلمو. اَلله سڀ کان وڏو آهي. اظهار تعجب جو ڪلمو. تڪبير جو ڪلمو (پکيءَ يا حيوان کي ذبح ڪرڻ وقت). نماز جي نيّت ڪرڻ وقت تڪبير جو ڪلمو.

– **اَلله اَللهُ:** ڪلمو. [ع] تعجب جو ڪلمو خدا جي يادگيريءَ جو ڪلمو. ذڪر.

– **اَلله الله ڪَرڻ:** اَلله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ. ڌڻيءَ پاڪ کي ياد ڪرڻ. تسبيح پڙهڻ. عبادت ڪرڻ. ڌڻيءَ پاڪ کان ڊڄڻ. ڏک ۾ صبر ڪرڻ. خير گهرڻ.

– **اَللهُ الصَّمَد:** ڪلمو. اَلله تعاليٰ بي پرواهہ ۽ بي نياز آهي. خوف واريءَ حالت ۾ ڌڻيءَ جي ياد جو ڪلمو.

– **اَلله بَنْدُ:** اسم خاص. سنڌ ۽ ڪڇ جي سرحد تي سن ١٨١٩ ع واري زلزلي ۾ ازخود ٺهي پيل هڪ قدرتي بَنْدُ (جنهن جي ڪري ڊورو يعني اپرندو نارو ان جاءِ تان رخ ڦيرائي ويو).

– **اَلله بيلِي:** محاورو. االله ساٿي! ڌڻي همراهہ! — موليٰ مددا! — االله نگهبان! — خدا حافظ!.

– **اَلله توهارَ:** محاورو. ڪم جي شروع ڪرڻ جو ڪلمو "الله تو آهر". ڌڻي تنهنجو آسرو — مولا تنهنجي مدد.

– **اَلله توهارَ ڪَرڻ:** "الله تنهنجي آهر" چوڻ — ڪم جي شروعات ڪرڻ.

– **اَلله جو نالو:** ڪلمو. ڌڻي پاڪ جو واسطو. ڌڻيءَ جو قسم. ڌڻي تعاليٰ جي نالي کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ.

– **اَللهَ جي اَمانَ:** دعا جو ڪلمو. اَلله جي پناهہ — ڌڻيءَ جي نگهباني. موڪَلاڻي.

– **اَللهَ جي لِيکي ۾ هُجڻ:** موت کي ويجهو هجڻ — پوين پساهن ۾ هجڻ.

– **اَلله جي مانِي (ٿ):** ٿ. ول جو هڪ قسم.

– **اَلله جاڻي:** محاورو. خبر نہ هجڻ جي حالت ۾ استعمال ٿيندڙ محاورو. خدا کي خَبر! (يعني مونکي خبر ناهي) ـ ڌڻيءَ کي سُڌِ!

– **اَلله راسي:** محاورو. اهو جو خدا جي سهاري هجي (ذ. صفت.) ويچارو — غريب — مسڪين.

– **اَلله سان ڳالهيُون هُجڻ:** موت کي ويجهو هجڻ.

– **اَللهُ لوڪُ ج اَللهُ لوڪَ:** ذ. صفت. (ع. الله + سن. لوڪ) خدا وارو — اهل الله ـ درويش — پهتل. سڌو سادو — طبيعت جو سادو — پورڙو.

– **اَلله ميانْ:** ذ. اَلله پاڪ — ڌڻي سڳورو. "االله ميان تورو! مڙس ڏجانمَ چورو".

– **اَللهَ واٽَ:** ظرف. (الله + واٽ) ڌڻيءَ جي راهہ ۾ ـ ڌڻيءَ جي نالي. مفت ۾ ـ بنا پئسي.

– **اَلله واهي:** دعا جو ڪلمو. خدا نگهبان. خدا حافظ (الوداع يا موڪلاڻيءَ جو سلام).

– **اَلله واهي چَوڻ:** خدا حافظ چوڻ — موڪلائڻ.

– **اَلله هوَ:** ذڪر جو ڪلمو. "اهو الله آهي"

– **اَللهُ ٿي الله:** ڪلمو. (خيرات گهُرڻ وقت دعا جو ڪلمو) الله جو نالو (فقط وهي باقي رهندو. انهيءَ ڪري خير ڏي تہ خير ٿئي ٿي).

• **اَلاهر:** ڪلمو. [ع. اَلله + اَهر] اَلله جي آسري — توڪّل علي الله.

• **اَلاهٺو ج اَلاهٺا:** ذ. [سن. اُپالَمْڀَ] اوپالو — طعنو — مهڻو.

• **اَلاهُو (ٿ):** ظَرف. اوچتو — اتفاقاً.

• **اَلاهيو، اِلاهيو ج اَلاهيا، اِلاهيا (ٿ):** ذ. صفت. الله جو. نڌڻڪو — بنا مالڪ جي (مال).

• **الائڻ:** چوائڻ، سڏائڻ.

• **اُلائڻُ:** مصدر. [سن. اُتْ + لَوَدَن] اُليٽڻ. اُڪيلڻ — ڪولڻ. ٻلاڻ لاهڻ. خالي ڪرڻ. اولائڻ. (ائٽ). (اُلايو — اُلائيندو — اُلايل).

• **اَلائُونْسُ ج اَلائُونْسَ:** ذ. [انگ. allowance] — مقرر پگهار کان وڌيڪ رقم (جا ملازمْ کي ڪنهن خاص سبب تي معاوضي طور ملي مثلاً مهانگائي الائونس، وغيره). مقرر ڪيل معاوضو — لوازمو.

• **اَلاڻِي، اِلاهِي ج اَلاڻِيون، اَلاهيون (ٿ):** ٿ. صفت. ويچاري. نڌڻڪي — بي وارث — ڇوري ڇني.

• **اَلْبازار، اَلْبَزار:** ٿ. [ع. اَلْ + ف. بازار] گنبذ جي چوگرد ڏنل ٻَڙويلوَ. قبي اَندران چؤڦير رستو.

• **اَلْبَتْ:** ظرف. [ع. اَلْبَتَّةَ] جيڪي سو. ڪِي قَدر — ڪنهن حد تائين. باقي. ڪجھ نہ ڪجھ.

• **اَلْبيلو ج اَلْبيلا:** ذ. صفت. [سن. اَلْمُويلَ > اَلَمْ = گهٽو + ويلَ = نخريلو ٿيڻ] دادلو — لاڏلو — چَينچل. پيارو. اَنگلي — نخريلو. لاغرض — بي پرواهہ — بي خيال. نازنين — حسين — خوبصورت — وڻندڙ — دلبر. ٻالو ڀولو (ل). (ٿ) اَلبيلي ج اَلبيلِيُون.

– **اَلْبيلاڻِي ج اَلبيلاڻِيُونْ:** ٿ. دادلائي — لاڏلائي — چينْچلپائِي. بي پرواهي — بي خيالي.

• **آلَبُ ج آلَبَ:** ذ. صفت. [اَ = نہ + لب < ليڻ] اَڻلڀ — ناياب — ڪمياب. قيمتي — مهانگو. نہ ملي سگهندڙ "اَڄ مروّت ۽ وفا، منجهہ اَدمين آهي اَلڀ" (قاسم).

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

• **اَلِيائِي ج اَلِيائِيُونْ:** ث. نايابي – ڪميابي.
• **اِلْتِباسُ:** ذ. [ع. لَبِسَ > اِلْتِباس] مونجهارو – شَڪ.
• **اِلْتِجا ج اِلْتِجائُونْ:** ث. [ع. لَجاءَ > اِلْتَجاءَ = پناهه وٺڻ] منٿ – وينتي – عرض – التماس – گذارش – درخواست.
• **اَلتَّحِيّات:** ث. [ع. تَحِيّة ج اَلتّحيّاتْ = سلام] نماز ۾ ويهڻ وقت پڙهڻ جي دعا (جنهن ۾ نبيءَ صَلي الله عليہ و آلہ وسلم تي سلام موڪليا آهن).
• **اِلْتِزامُ:** ذ. [ع. لَزِمَ > اِلْتَزامُ] لازمي ٿيڻ واري حالت. ضرورت – اقتضا – مقتضا.
– **اِلتزام ڪرڻ:** لازمي ڪري وٺڻ – ڪنهن عمل کي پاڻ تي لازم ڪرڻ. شعر ۾ ڪنهن خاص صنعت کي لازمي طور نباهڻ.
• **اِلْتزئِي:** اسم خاص. بروهي قوم جو هڪ قبيلو.
• **اِلْتِفاتُ:** ذ. [ع. لَفَتَ > اِلْتفاتُ = ڌيان ڪرڻ] ڌيان تَوَجّہ – خيال – غور. مروّت – مهرباني. مَحبت. ميل – دل جو لاڙو. نگاهہ. "علم بديع" ۾ تجنيس جو هڪ قسم (جنهن ۾ شاعر پاڻ کي يا ٻئي کي خطاب ڪري).
• **اِلْتماسُ ج اِلْتِماسَ:** ذ. [ع. لَمَس > اِلْتِماسُ] عرض – درخواست – گذارش. وينتي – التجا.
• **اَلْتَڻُ:** مصدر. [اَلَڻُ > اَلْتَڻُ] اَلڻ – انڪار ڪرڻ – سچي نہ ڪَرڻ. ڳجهو رکڻ – لِڪائڻ "اَلتِيَم جا هِنيانْ، سا نہ سَلْتِيَم ساهہ کي" (شاهہ).
• **اِلْتِوا:** ث. [ع. لَوَي > اِلْتَواءُ = ويڙهڻ] ڪنهن ڪم کي ٻئي وقت لاءِ ترسائڻ جو عمل – مهملي. دير – دِر. ٽلاءُ سٽاءُ.
– **اِلْتوا جي تَجويزَ:** ث. مهملي جي رٿَ.
• **اَلَٽُ ج اَلَٽَ (ٽ):** ذ. صفت. [سَن. اَلَس] سست – گهٽي ننڊ ڪندڙ. سُومْتي – اَليٽُ.
• **اُلٽڻُ:** مصدر. اُلهڻ – لَهڻ – هيٺ اَچڻ. (اُلٽو – اُلٽيو – اُلٽندو).
– **اُلٽو:** مفعول. لَٿو (سج).
– **اُلٽِي (ل):** ظرف. سج، لٿي – نماشام "سج اُلٽي سينْ، سَنُونْ ڏينديس سُج ۾" (شاهہ).
• **اُلْٽو:** ذ. ترجمو.
• **اَلَٽ ج اَلَٽَ:** ذ. انڌير – ناحق. (صفت) اَلوٺُ – بيخبر – بيهوش.
• **اُلَٽڻ:** مصدر. [سن. اُدْ + لوٽَنَ] اُٿلڻ – اُبتو ٿيڻ. اُونڌو ٿيڻ. (اُلٽيو – اُلٽندو – اُلٽيل).
– **اُلَٽ ج اُلٽونْ:** ث. اُبت – اُبتي ڦيري. اُٿل. انقلاب. اُٿل – تور ۾ وڌيڪ وزن (ٽ).
– **اُلٽائڻُ:** مصدر. اُونڌو ڪرڻ – اُبتو ڪرڻ. ليٽائڻ – اوتڻ.
– **اُلٽائِي ج اُلٽائِيُونْ:** ث. اونڌي ٿيڻ واري حالت. اُبتائي – اُلٽائي.
– **اُلَٽ پُلَٽَ:** ث. اُٿل پُٿل، افراتفري. ڦير گهير – اُبت سُبَت. (ظرف) هيٺ مٿي – ڊانْوانڊول.
– **اُلْٽجَڻُ:** مصدر. "اُلٽڻ" مان فعل مجهول. اُٿلڻ – هارجڻ. اُبتو ٿيڻ – اونڌو ٿيڻ.
– **اُلَٽ سُلَٽَ:** ث. اُبت سُبت – ڦير گهير (ظرف) هيٺ مٿي.
– **اُلٽو ج اُلٽا:** ظرف. اُٿليل – اُبتو – اونڌو. ڦريل – برخلاف. اُٿلندو – مُرڳو.
– **اُلٽو پُلٽو:** ظرف. اُبتو سُبتو – اونڌو اُبتو. هيٺ مٿي.
– **اُلٽي ج اُلٽِيُونْ:** ظرف. اُبتي – ڦريل. ٻيءَ طرح – بِرعڪس. نرالي. (ث) ڦَي – ڪَڊَ – ڏاڪَ – اُڇلَ.
– **اُلٽي اَچڻُ:** ڦَي اچڻ – اُڇل اچڻ – اوڪارو اچڻ.
– **اُلٽي تَقديرَ:** ث. بدقسمتي – نياڳ – ڪم بختي.
– **اُلٽي پٽي پڙهائڻ:** غلط سبق پڙهائڻ. گمراهہ ڪرڻ. ڀرغلائڻ – چورڻ.
– **اُلٽي ٻوڙِي:** ث. ڏکيو ڪم – ڏکيو سوال.
– **اُلٽِي ڇُرِي وَهائِڻ:** اُبتيءَ ڪاتيءَ سان ڪُهڻ – بيدَرديءَ سان مارڻ. ظلم ڪرڻ. اَڏنگي هلت هلڻ.
– **اُلٽي ڪنڊ:** ث. ١٨٠ درجن کان وڌيڪ ماپ واري ڪنڊ – اُبتي ڪُنڊ.
– **اُلٽي کوپري:** محاورو. اونڌيءَ سمجهہ وارو. بيوقوف – ڪج فهم.
– **اُلٽي گَنْگا:** محاورو. ابتي وهندڙ گنگا ندي۔ ناممڪن ڪم. ابتو ڪم.
– **اُلٽي گنگا وهڻ:** گنگا نديءَ جو ابتو وهڻ. ناممڪن عمل وجود ۾ اچڻ "گنگا اُلٽي جي وَهي، ڏُڌي ڏئي نہ ڪير" (جمن چارڻ). خلاف دستور ڪم ٿيڻ.
– **اُلٽي ڳالهڙِي:** ث. اُبتي ڳالهہ. مُعمّا – ڳجهارت – ٻرولي "اِي اُلٽي ڳالهڙي، سڪَ ورندي ساهہ" (شاهہ).
– **اُلٽي مالها:** محاورو. بد دعا – پٽ.
– **اُلٽي مالها ڦيرڻ:** بد دعا ڪرڻ.
– **اُلٽِيُونْ سُلٽِيُون ٻڌائڻ:** اُبتيون سُبتيون ڳالهيون ٻڌائڻ ڀرغلائڻ.
• **اُلْٽو ج اُلٽا (ٽ):** ذ. وهٽن کي چاري ڏيڻ جو آهورو.

— **آلساٽو ج آلساٽا:** ذ. صفت. اَرسي — آرس ڪندڙ — آرس وارو — آلسي. سُست — ڪاهل "هڪڙا ساڻ شوڪت جي، هڪڙا آلساٽا" (سامي).

• **آلَسْتُ:** ذ. [ع] ڇا، مان آهيان؟ _ "آلَسْتُ بِرَبِّڪمر" وارو قول. روز ميثاق. ازل.

— **آلَسْتُ بِرَبِّڪُمْ:** جملو. (آءٌ اوهان جو رب ناهيان؟) اول يا ازل واري ڏينهن تي خدا پاڪ جو ارواحن کان سوال (جنهن جو جواب ڏنائون "قالوابلٰي" = هائو).

• **اَلسَّلامُ عَلَيْڪُمْ:** جملو. [ع] اوهان تي سلامتي هجي. مسلمانن جو سلام (جنهن جو جواب آهي "وَعَليڪُم السلامر = ۽ اوهان تي بہ سلامتي هجي").

• **اَلْسِنَه:** ٿ. [ع. لِسانُ ج اَلسنه] زبانون — ٻوليون.

• **اَلْسِي:** ٿ. ٻوٽي جو هڪ قِسم — السيءَ جو ٻج. هڪ پسارڪو وکر.

• **اَلصَّمَدُ:** ذ. صفت. [ع] ڌڻيءَ تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو. بي نياز — بي پرواهہ "اَللهُ الصَّمَدُ بي نياز سا ڪري جا چاهي" (شاهہ).

• **اَلطاف:** ذ. [ع. لُطْفُ ج الطاف] ڪَرمَ — ٿورا.

— **اَلطاف نامو ج اَلطاف ناما:** ذ. [ع. الطاف + ف. نامه] نوازش نامو — مهربانيءَ ڀريو خط.

• **اَلْغارَ ج اَلْغارُوْن:** ٿ. [ترڪي] تڪڙو حملو — ڪاهہ. لٽ — ڦرمار. خوشي — موج.

— **اَلْغارون ڪَرڻ:** مصدر. خوشيون ڪرڻ — مَوجون ڪرڻ. گهمندو رهڻ.

• **اَلْغَرضُ:** ذ. صفت. [ع. غَرَضُ = مطلب] بيپرواهہ — بيخيالو — نہ ليکيندڙ. (ظرف) حاصل مطلب — القصه.

— **اَلغرضائي ج اَلغرضائِيُوْن:** ٿ. بيپرواهي — بيخيالي ڪن ٽار.

• **اَلْغوزا:** ذ. [ف] هڪ ساز جو نالو — بنسرين جو جوڙو (جي گڏ وڄائجن) — ٻينُون.

• **اَلْغياثُ:** ذ. [ع] فرياد — دانهن.

• **اَلْفُ:** صفت. [ع] هزار (١٠٠٠).

— **اَلْفُ لَيْلَةٌ وَلَيْلَةٌ:** اسم خاص. (هڪ هزار هڪ راتيون) عربي ٻوليءَ ۾ آڪاٽين جو هڪ مشهور ڪتاب (جو دنيا ۾ افسانوي اَدب Fiction جي بنياد وجهندڙ ڪتابن مان هڪ ليکيو وڃي ٿو).

• **اَلِفْ ج اَلِفَ:** ذ. [ع. ف] "الف — بي" جو پهريون اکر. "الله" جي معنيٰ ڏيکاريندڙ "اوڏو تي الف کي، من مير سان گڏ" (شاهہ). (صفت) اُگهاڙو. نانگو — سڌو سنئون.

— **اَلِف بي:** ٿ. اٿيوتا — هجيَّ جا حروف.

— **اَلِف بي نہ ڄاڻڻ:** ڪجهہ بہ نہ ڄاڻڻ.

— **اَلِف ٿيڻ ٿِي ٻيهڻ:** ڪَڙو ٿي بيهڻ. اُگهاڙو ٿيڻ. لڄ لاهي ٻيهڻ. گهوڙي جو پوين ٽنگن تي بيهڻ. نرا ڪٽڻ.

— **اَلِفُ سُلَڪْتو:** ذ. الف سؤلڪتو. الف هڪ سؤ لَڪَتن (= لڇڻن صفتن) وارو آهي. يعني الله جي نالي جا هڪ سؤ صفاتي نالا يا صفتون آهن. "الف + سَ + لڪٿو" (يعني الف سهڻين وصفن وارو آهي. جو 'الله' جو نالو سهڻين صفتن وارو آهي). ڪنهن بہ حرڪت (زبر — زير — پيش — مد) ۽ نقطي کان سواءِ الف — الف خالي.

— **اَلِفُ قَدُ:** محاورو. الف وانگي سنئون سڌو.

— **اَلِف قد ٿِي بيهڻ:** ڪَڙو ٿي بيهڻ.

— **اَلِف مَقْصُوره:** ذ. مَدّ کان سواءِ الف.

• **اَلْفاظ:** ذ. [ع. لَفْظ ج اَلْفاظ] لَفظ. ٻول — گفتا. وچن — قول.

— **اَلْفاظ ڏيڻ. ڪَڍڻ:** گهٽ وڌ ڳالهائڻ — گاريون ڏيڻ.

• **اَلْفَتَ ج اَلْفَتُوْن:** ٿ. [ع] پيار — محبت — حُبّ _ قرب. پريت — دوستي.

— **اَلْفَتي:** ذ. صفت. محبتي — قربائتو.

• **اَلْفِي ج اَلْفِيُوْن:** ٿ. [ع. اِلْفِي = الف جهڙو سڌو ۽ ڊگهو] يڪو چولو — ٻانهُن کان سواءِ ڊگهو پهراڻ — فقيرن جي ڪفني "ٻايو الفي، پيئي عشق اُجاريان" (مصري شاهہ).

• **اُلْفِي ج اُلْفِيُوْن:** ٿ. دوستي ٽٽڻ جي حالت — اَڻي (ٽ).

— **اَلْفِي ڪَرڻ:** ٻيجا هلت ڪرڻ.

• **اُلْفِيَتُ:** ذ. [ع. اِلْفُ. اُلْفَة = دوستي] اُرفيت. يادگيري — سانير.

• **اَلْقابُ:** ذ. [ع. لَقَبُ ج اَلْقابُ] لقب — خطاب — عهدا — اعزازي نالا.

• **اِلْقاءَ:** ذ. [ع. اِلْقاءَ = من ۾ وجهڻ] اندر جو آواز. الهام — دل ۾ ڪنهن ڳالهہ جي پلٽ. اَنترگيان — من واڻي.

• **اَلْقِصَّه:** ظرف. [ع] حاصل مطلب — قصو ڪوتاهہ.

• **اَلْڪَ ج اَلْڪُوْن:** ٿ. [سن] اک جو پَلَڪُ — پنٻڻي.

• **اَلْڪانَٔ ج اَلْڪانَٔ:** ذ. ڪانءَ جو ٻچو. (صفت) ڇريو — بيوقوف. بي سمجهہ — اٻوجهہ. سيکڙاٽ — نوآموز — نَوَل. وات ڳاڙهو. واڇن ٽڙيل.

• **اَلْڪاٽي:** اسم خاص. درڪاٽي بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **اَلْڪوحَلُ:** ذ. [ع. اَلْڪُحَلُ (+ سُرمو): انگ. alcohol] شراب جو سَتُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **اُلڪو ج اُلڪا:** ذ. [سن. اُتڪلڪا] اونو – انتظار – اسيڙو. ڳڻتي – فڪر – خيال. چنتا – ويچار. هُرکُر – اُڻ تُڻ. اُدڪو.
– **اُلڪائتو ج اُلڪائتا:** ذ. صفت. اُلڪي وارو – اولي وارو – انديشي وارو. فڪرمند. منتظر – انتظار وارو.
– **اُلڪو رکڻ:** اوسيڙو ڪرڻ. چنتا رکڻ.
– **اُلڪو ڪرڻ:** ڳڻتي ڪرڻ.
• **اَلَکُ ج اَلَکَ:** ذ. [سن. اَلَڪشيه< اَ = نه + لَڪش = ڏسڻ] خدا جو صفاتي نالو "اپي اَلَک سامهُون، بانهون بڌائون". (صفت) اَگر – غير محسُوس. جنهن جي جاڻ نه پوي. بيچون – مخفي. اڻ ڏٺل – غائب. بي نشان. اڻ لکو. (ث). جوئر جو هڪ قسم.
– **اَلک پُرکُ:** ذ. ڏڻي – رب تعاليٰ "الک پرک آڻي، ڏيرو ڪيو ديهه ۾" (سامي).
– **اَلک جاڳائڻ:** ذڪر پچائڻ. اندر ۾ ذڪر اورڻ. ڏڻيءَ کي ياد ڪرڻ.
– **اَلک رَکڻ:** رايو رکڻ – پيار ڪرڻ.
• **اَلَکُو ج اَلَکَا:** ذ. صفت. [سن. اَلَڪشيه] اڻ لکو – نامعلوم. [اَ = نه + لَکڻ = لچڻ] کُلڪڻو – کُلچِڻو.
• **اَلکو ج اَلکا:** ذ. صفت. اڻ لکو. اڻ جاتل – نامعلوم.
• **اَلکاڻِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **اَلکَڻُ:** مصدر. [سن. اَلَکشَڻ] جاڻڻ – سڃاڻڻ – محسوس ڪرڻ. (اَلکيو – اَلکيندو – اَلکيَل).
• **اَلکارُ ج اَلکارُون:** ث. [ترڪي. اُلغارَ. ايلغار = ڪاهه. حملو] شوق. آزادي. عيش.
• **اَلکارُون ڪرڻ:** شوق وٺڻ – مزا ماڻڻ.
• **اَلگوزا:** ذ. [ع. الغوزه: ف. الگوجا] ساز جو هڪ قسم – پاوا – بينون.
• **اَلگِ:** صفت. ظرف. [سن. اَلگن] جدا – ڌار. علحدو – پري. دور – اڪيلو – تنها – بي تعلق.
– **اَلگِ اَلگِ:** ظرف. جدا جدا – پري پري.
• **اَلگِي (ث):** ث. سڪرات – پويان پساهه.
– **اَلگي ٿيڻ:** سڪرات ۾ هجڻ.
• **اَلَل:** ظرف. [ع. عَلَي الصَّباح] صبح سوير. (صفت) اَڙل. شوخ سرڪش. اَلَڙ. (ذ) هڪ خيالي پکي.
• **اَلَل دَلَل:** ظرف. ذ. عام جام – آل جال. گهڻو.
• **اَلَلِيْنَ دَلَلِيْنَ:** ظرف. چوٽ. بي خياليءَ سان.
• **اَلَمُ:** ذ. [ع. اَلَمُ ج آلام] رَنج – دُک – درد – غم – اندوهه – گُونڊرُ.

• **اَلَم زده:** صفت. (ع. اَلَم + ف. زدن > زده) غمگين – ڏکايل.
– **اَلَمناڪ:** صفت. غمناڪ – دردانگيز.
• **اَلَمنَشرَح:** ذ. [ع. چا اسان نه کوليو] قرآن شريف جي ٽيهين سيپاري ۾ هڪ سورت (اَلَمْ نَشْرَحْ لَکَ صدرک – الخ) جو منڍ.
– **اَلَم نشرح ٿيڻ:** ظاهر ٿيڻ – پڌرو ٿيڻ – مشهور ٿيڻ.
• **اَلماسُ ج اَلماسَ:** ذ. [ع] قيمتي پٿر جو هڪ قسم – هيرو. فولاد (جوهردار) "مومل ڪي مجاز جا، اکين ۾ الماسَ" (شاهه).
– **اَلماس تَراش:** ذ. هيري وڍڻ جو اوزار.
– **اَلماس پارَه:** ذ. هيري جو ٽڪر – هيري جي ڪٽي. ڪڙ ڪهيتو.
• **اَلماسي رنگ:** ذ. اڇو صاف رنگ.
• **اَلمارِي ج اَلمارِيُون:** ث. [پورچوگيز اَلماريو] ڪٻٽُ. سامان وغيره رکڻ لاءِ پٽ ۾ لڳل ڪاٺ جو تختو.
• **اَلَمسْتُ ج اَلمَسْتَ:** ذ. [ع. اَلْ + ف. مست = چريو] بنهه مستانو – چَٽ چريو – ديوانو نفساني خواهشن کان پري.
• **اَلنبو ج اَلنبا (ل):** ذ. [ع. اِلهابُ = باهه پڙڪائڻ] اُدمو – پُورُ – جوش – جَولان. جيرو – شعلو.
• **اَلنڪارُ ج اَلنڪارَ:** ذ. [سن. اَلنڪار = سينگار] سينگار – سجاوٽ. زيب – زينت. زيور – ڳهه.
• **اَلنگهَڻُ:** مصدر. [سن. اَلنگهَنَ = ٽپو ڏيڻ. اورانگهڻ] لَنگهڻ. اورانگهڻ. حد کان وڌڻ. حڪم پيچڻ. انحرافي ڪرڻ. (اَلنگهيو – اَلنگهندو – اولنگهيَل).
– **اَلنگهين (ل):** صفت. جو اورانگهي يا لنگهي نه سگهجي – وڏو تاڙ – تمام وڏو – تمام گهڻو.
– **اَلنگهين لَگڻ:** تار ٿيڻ – اُنهون ٿيڻ. گهڻو ٿيڻ. جوٽ چڙهڻ.
• **اَلَڻُ:** مصدر. [سن. اَپلَپَنَ > اَپَ = پري. پوئتي + لَپنَ = چوڻ. بولڻ] ڪُوڙ ڳالهائڻ – انڪار ڪرڻ. سچي نه ڪرڻ – نه مڃڻ. ڪيل ڳالهه کان انڪاري ٿيڻ. "سَلڻ" جو ضد.
• **اَلي وڃڻ:** ڪوڙ ڳالهائڻ – نه بڌائڻ – گوتنات ڪرڻ – سچي ڳالهه نه بڌائڻ.
• **اَلو:** حرف ندا. [ع. (يا) الله] ڪافين ڳائڻ وقت آلاپ "اَلو پلو اَلو ميان"
– **اَلوالا:** ث. (الله ئي الله) الوداع – موڪلاڻي.
– **اَلو پلو:** ذ. (الله پلو) نالي ماتر ڪم.
– **اَلو پلو ڪرڻ:** نالي ماتر ڪم ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **اليڪشَن ج اِليڪشنون:** ث. [انگ. election] ووٽن رستي ميمبرن جي چونڊ — انتخاب.
• **اَليڪ:** ذ. صفت. [اَ = نه + ليک = ليکو، حساب] ليکي کان ٻاهر — بي حساب — بيشمار — ڳاڻيٽي کان ٻاهر.
• **اَلِيل ج اَليلون:** ث. محبت جي چِڪ — عشق جي اڪير. درد جي چوٽ. محبت جي گهرائي — گهاٽي پريت.
• **اَليهَر ج اِليهَر:** ذ. ڪاريهر نانگ.
• **اُمُّ:** ث. [ع. اُمّ ج اُمّهات = ماءُ] ماءُ.
— **اُمُّ الامْراض:** ث. مرضن جي ماءُ. قبضي. زڪام.
— **اُمُّ الجيش:** ث. لشڪر جي ماءُ. جهنڊو — عَلَم.
— **اُمُّ الخَبائث:** ث. خرابين جي ماءُ. شراب.
— **اُمُّ الْخير:** ث. چڱائي جي ماءُ. بيبي رابعه بصري.
— **اُمُّ الصِّبيان:** ث. [ع. اُمّ + الصبيان + ٻارَ = ٻارن جي ماءُ] ديجڙو — ٻاراٽو.
— **اُمُّ الطّعام:** ث. طعامن جي ماءُ. ڪڻڪ.
— **اُمُّ الْفضائل:** ث. فضيلتن جي ماءُ. علم.
— **اُمُّ الْقريٰ:** اسم خاص. [ع. اُمّ + القري = ڳوٺ = ڳوٺن جي ماءُ] مڪي جو شهر.
— **اُمُّ الْقرآن:** ث. قرآن جي ماءُ. سورة 'فاتحه' — الحمد.
— **اُمُّ الْڪتاب:** ث. ڪتابن جي ماءُ. سورة الفاتحه. قرآن شريف.
— **اُمُّ المؤمنين:** ث. مومنن جي ماءُ. بيبي عائشة جو لقب.
— **اُمُّ النُّجوم:** ث. تارن جي ماءُ. ڪهڪشان — ڪير ڏارا.
— **اُمّهاتُ المومنيْن:** ث. مومنن جون مائرون (حضور رسول صلي الله عليه و آله وسلّم جن جا حرم).
• **اَمُرَ:** ظرف. [١. عُمر > اَمر: ٢. اَمالڪ > امر] عمر لاءِ. (ث) رومڙ — جُلهه — ڪاهه. رخ.
— **اَمرَ ڌُمرَ لائي ڏيڻ:** اڪيون پوري ڪم ڪي لڳي وڃڻ.
— **اَمرَ لاءِ وڃڻ:** هميشه لاءِ وڃڻ. عمر ڪي وڃڻ.
• **اَمرَ ڪرڻ (ل):** اڪيون پوري روانو ٿيڻ. منهن ڪري وڃڻ. رخ رکي هليو وڃڻ.
• **اَما، اَمانْ:** ث. [ع. اُمّ: سن. اَمّا] ماءُ — اَمڙ. پيار کان ڏيءُ، ننهَنْ يا ڪنهن به ڇوڪريءَ يا عورت کي سڏڻ جو عزت ڀريو لفظ.
• **اَمّا:** حرف جملو [ع] پر — مگر — ليڪن.
• **اَمّا بعد:** ظرف. ان کان پوءِ.
• **اَماڻڻ:** مصدر. ٿاڻءُ اونڌو ڪرڻ. (اَماڻيو — اَماڻيندو — اَماڻيل).
— **اَماڻي ڪرڻ:** مرمت لاءِ ٿيڙيءَ کي اونڌو ڪرڻ.
• **اَماتو ج اَماتا:** ذ.صفت. [سن. اُنْمتّ = چريو، مست، نشي ۾] چريو — ديوانو — مست. ٻليل — گمراهه — غافل. اڍنگو "انڌو الوهيت کان، آهي اِي اما تو" (شاهه).
• **اُماڄ ج اُماڄ (لس):** ذ. جسم جو ڏن کان هيٺيون پاڳو. نهائين (ل).
• **اِمارَت:** ث. [ع] اميري. سرداري. حڪومت.
• **اَمارو:** ذ. [ع. اَماره = بڇڙاين ڏي امر ڪندڙ] بڇڙاين لاءِ تيار ڪندڙ "نفس امارو".
• **اُمارو ج اُمارا (ل):** ذ. اوپارو — اوپر — اُپرڻ "اَج پڻ اُمارو چوڏهينءَ ماهه چنڊ جو" (شاهه) تياري — سانباهو — سنيت — قصد. پوري پڪي ارادي وارو — ترت سانباهو. "آيل! امارو آهي پريين پار جو" (شاهه).
• **اَماڙ ج اَماڙ:** ذ. [سن. اَلْمڪ] ٻاهه جو اُمڙ — ٻاهه جي وڏي اماڙي.
— **اَماڙو ج اَماڙا:** ذ. ٻاهه جو مَچ — ٻَڙ — جهڙڳو. تجلو — چمڪو.
— **اَماڙي ج اَماڙيون:** ث. [سعن. اُلْمڪ] ٻرندڙ ڪاٺي. چُوچڙي — چُڻاٽي. ٻاهه جي ڇپي — ٻرندڙ ٻُنڊي.
— **اَماڙي ڏيڻ:** ٻاهه ڏيڻ — ڏنڀ ڏيڻ.
• **اَماسُ:** ث. ذ. [سن. اَماواسيا] ڪاراٽ. چنڊ جي مهيني جو پويون ڏينهن. اَنڌاهي پک جو پويون ڏينهن — "پورنماسي" جو ضد.
• **اَماس جهڙي:** صفت. بلڪل ڪاري — ٻنهه ڪاري. ڪاري ٻاٽ.
• **اَمالڪ:** ظرف. اوچتو. يڪدم — جهٽ پٽ.
• **اَمالو ج اَمالا:** ذ. صفت. ٿورو آلو — اُدوڪو. (ث) اَمالي ج اَماليُون.
• **اَماليون ڪرڻ:** نشا ڪرڻ — نشا پتا ڪرڻ. خوش گذارڻ.
• **اِمالَه:** ذ. [ع. اِمالَة = مائل ڪرڻ، موڙڻ] الف اماله (صرف نحو مطابق اهو الف جو "ي" ۾ بدلائجي "رڪاب > رڪيب: ڏاج > ڏيج>".
• **اِمامُ ج اِمامَ:** ذ. [ع] اڳواڻ — پيشوا — سونهون — رهبر — هادي. مقتدا — سردار — مهندار. مذهبي رهنما. هر ڪ فن يا علم جو وڏو ماهر. جماعت کي نماز پڙهائيندڙ — جماعت جو اڳواڻ. تسبيح جو وڏو داڻو.
— **اِمام اَعظم:** اسم خاص. امام ابو حنيفو (نعمان بن ثابت) 'فقه حنفي' جو باني.
— **امام الانام:** ذ. صفت. ماڻهن جو مهندار.

— **اِمامَتَ:** ث. [ع. اِمامة] اڳواڻي — پيشوائي. مهنداري — سرداري.
— **اِمامت ڪرڻ:** پيشوائي ڪرڻ — اڳواڻي ڪرڻ. اڳواڻ ٿي نماز پڙهائڻ.
— **اِمامُ ضامِنُ:** ذ.امام موسيٰ رضا جو لقب "اِمامِ ضامن جو رپيو" اهو رُپيو جو ويساه وارا امام رضا جي نالي تي َباسي تعويذ طور ٻانهن ۾ ٻڌن)
— **اِمام غزاليؒ:** اسم خاص. امام محمد بن محمد غزالي (٤٥٠هه — ٥٠٥هه) (طوس شهر جو وينل اسلامي فلسفي ۽ الاهيات جو وڏو عالم).
— **اِماميه:** ذ. ٻارهن امامن ۾ اعتقاد رکڻ وارو فرقو. کين 'اثناعشريہ' بہ سڏيندا آهن.
— **اِمامَيْن:** ذ. [ع] ٻہ امام يعني حضرت حسن ۽ حضرت حسين.
• **اَمانُ:** ث. [ع] پناهہ — حفاظت. سلامتي — بچاءُ ـ جهلو. اجهو — ڍڪ "اَلاَمان = خدا جي پناهہ".
• **اَمانا:** اَمن ڪان سواءِ.
• **اَمانَتَ ج اَمانَتُون:** ث. [ع. اَمانَة] حفاظت خاطر هٿيڪي رکيل شيءِ. اها شيءِ جا ڪنهن ڪي حفاظت سان رکڻ لاءِ ڏجي. ايمانداري — ديانتداري. انصافي فيصلو. امين جو فيصلو. هٿيڪائي.
— **اَمانتدارُ ج اَمانتدارَ:** ذ. صفت. [امانت + ف. دار = رکندڙ] ايماندار — سچو — امين — معتبر — ڀروسي جهڙو — مصنف. رکيل شيءِ جي حفاظت ڪندڙ.
— **اَمانت رکڻ:** ڪا شيءِ ڪنهن وٽ حافظت لاءِ رکڻ.
— **اَمانت ڪرڻ:** اَمين ٿي فيصلو ڪرڻ — انصافي فيصلو ڪرڻ — امين ٿي مُلهہ ڪرڻ.
— **اَمانت ۾ خيانَتَ:** محاورو. اَمانت طور رکيل شيءِ ۾ بي ايماني يا ڪُپت.
— **اَمانت ۾ خيانت ڪرڻ:** اَمانت طور رکيل شيءِ سان هٿ چراند ڪرڻ. ڪُپت ڪرڻ.
— **اَمانت نامو ج اَمانت ناما:** ذ. انصافي فيصلي ڪرائڻ لاءِ لکيل دستاويز.
— **اَمانتي:** ذ.صفت. امانت طور رکيل. اماني (ڪم يا فيصلو).
— **اَماني ج اَماني:** صفت. امانت طور رکيل (شيءِ) امانت تي ڪم. اعتبار تي ڪم — ٻنا ٻول ڪم.
• **اَمانگهرو ج اَمانگهرا:** ذ. صفت. گهٽو آلو. بي خوف.
• **اَمانو ج اَمانا:** ذ. صفت. [اَ = نہ + مان = عزت] بي مانو — بي عزت "جي تسليم ٿيا تحقيق سين. اوءِ ڪئن اَمانا" (شاهہ). "سُمانو" جو ضد.
• **اَماڻُ (ل):** ث امانت. امان — سلامتي. امانت ۾ رکيل. لاش جو امانت طور دفن ڪجي يا ٻئي ڀاسي دفن ڪرڻ لاءِ موڪلجي.
— **اَماڻ ڪري رکڻ:** امانت ڪري رکڻ. جنازي کي امانت طور زمين جي سپرد ڪرڻ.
• **اَماڻڻُ:** مصدر. روانو ڪرڻ — موڪلڻ. ٽورو اڳيرو ڪري ڇڏڻ. (اَماڻيو — اَماڻيندو — اَماڻيل).
• **اَماهڻُ:** مصدر. اُمهائڻ (ڪورو ٿاڻءُ).
• **اَمائڻُ:** مصدر. ٺڪر جي ڪوري ٿاڻءُ کي پاڻيءَ ۾ پُسائڻ. ڪورو ٿاڻءُ پچائڻ. ڪوري ٿاڻءَ کي پهريائين پاڻيءَ سان ڌوئي صاف ڪري پوءِ ڪم آڻڻ. (اَماڻيو — اَماڻيندو — اَماڻيل).
— **اَمائجڻ:** مصدر "اَمائڻ" مان فعل مجهول. ٺڪر جو ڪورو ٿاڻءُ پاڻيءَ ۾ پچائڻ.
• **اَماهي ج اَماهِيُونْ:** ث. اُيساهي — اُڀڪَ. دَمُ — دمڪشي. ساهہ جي مونجهہ. ڪنگهہ.
• **اَمْباري:** ث. ڏسو "اَنْباري".
• **اَمْبَرُ:** ذ. [سن. اَنْبَر = گهيرو. آسپاس] فضا — آسمان. ڪڪر. عنبر.
• **اَمْبَلَ ج اَمْبَلُون:** ث. اَنْبَلَ — سينڌي — ويهاريل عورت — سُريت. هيراڪ (ل)"
— **اَمبل ڇَمبل ٿيڻ:** هڪٻئي تان قربان ٿيڻ — گهوري گهوري وڃڻ.
• **اَمْبيو ج اَمْبيا:** ذ. ديگ رڌڻ لاءِ لوهہ يا ڪاٺ جي وڏي ڏوئي — اَنْبي. صَفحي جي آخر ۾ ڪبيءَ ڪُنڊ تي ٻئي شروع ٿيندڙ صفحي جو پهريون لفظ (جو قلمي ڪتابن ۾ مضمون ۽ صفحن کي مربوط ۽ مسلسل رکڻ لاءِ لکندا آهن).
• **اُمَتَ ج اُمَتُون:** ث. [ع. اُمَةٌ] ڪنهن نبيءَ جا پوئلڳ. پيروي ڪندڙ گروهہ يا قوم. مخلوقات. خلق.
— **اُمتي:** ذ. صفت. پوئلڳ — مُقلد — پيروي ڪندڙ.
• **اِمْتحانُ ج اِمتحانَ:** ذ. [ع] آزمائش — پرک. شاگردن جي پڙهائيءَ جي جاچ پڙتال.
• **اِمْتدادُ:** ذ. [ع] مدت وڌائڻ جي حالت.
• **اِمْتزاجُ:** ذ. [ع] ملاوت — آميزش. تحليل. طبّ جي اصطلاح ۾ ٻن يا زياده شين جي هڪٻئي سان ملي وڃڻ جي حالت.
• **اِمْتلاءُ:** ذ. [ع] بدهاضمي جو بارُ. بدهضمي. جوگير.
• **اِمْتناعُ:** ذ. [ع] روڪ — بندش — اَٽڪَ — ممانعت.

- **اَمتنانَ:** ذ. [ع] ٿورو – احسان.
- **اِمتيازُ:** ذ. [ع] فرق – تفاوت. سَنڌو. تميز – شعور.
– **امتيازي:** صفت. امتياز وارو – نمايان.
- **اَمٽُ:** ذ. صفت. [اَ = نہ + مَٽَ = برابر] جنهن جو مٽ نہ هجي – لاثاني – بي مثال.
- **اَمٽ:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + مرشٽ = صاف ڪرڻ] نہ ڊهندڙ. غير فاني – لازوال – پائدار. اَٽل – مَضبوط.
- **اَمثالُ:** ذ. [ع. مَثَلُ ج اَمثالُ] پهاڪا. مثال طور ٽوٽڪا.
- **اَمپايَر:** ذ. [انگ. umpire] "ڪرڪيٽ" راند جو امين.
- **اِمپورٽ:** ذ. [انگ. import] ٻاهران مال جي آمدني – آوت.
- **اِمپيرِيَل:** صفت. [انگ. imperial] شهنشاه سان متعلق. شهنشاهي – شاهي.
- **اَمجَد:** ذ. صفت. [ع. "مَجيدُ" جو تفضيل] نهايت سگهورو – وڏو بزرگ – تمام ڀلارو.
- **اَمجهوُ ج اَمجهوُ (ل):** ذ. صفت. نہ سمجهندڙ – بي سمجهہ اَياڻو. "سَمجهوُ" جو ضد.
– **اَمحابو:** اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **اِمدادَ ج اِمدادُون:** ث. [ع] مدد طور ڏنل رقم. عطيو – بخشش – چندو. عنايت – احسان.
– **امداد ڪرڻ:** احسان ڪرڻ – عنايت ڪرڻ. بخش ڪرڻ.
- **اَمرُ ج اَمرَ:** ذ. [ع] حڪم – فرمان – آگيا. اِجازت – اِزن. قضا. لِکيو (خدا جي طرفان). تقدير. ارادو. مسئلو. گرامر ۾ حڪم ڏيڻ لاءِ ڪم ايندڙ لفظ (جو مصدر مان "ڻ" ڪڍي ڇڏڻ سان ٺهندو آهي. جيئن لکڻ > لِک، وٺڻ > وٺ، وغيره).
– **اَمرِ اِستقبالُ:** ذ. ايندڙ وقت جي معنيٰ ڏيکاريندڙ اَمر "لِکج، اچج، وغيره".
– **اَمرِ الاهي:** ذ. خدائي حڪم. قضا – قسمت – تقدير.
– **اَمرِ تمنّا:** ذ. تمنّا جو اظهار ڪندڙ امر "بچائج! جيارج، وغيره".
– **اَمر حالُ:** ذ. هلندڙ وقت جي معنيٰ ڏيکاريندڙ اَمر "هَلُ! ٽَڇ! اُٿ، وغيره".
– **اَمر ڪَڻُ:** حڪم مڃڻ. رب جي رضا مڃڻ "آگي جا اَمَر، ڪڻ تہ خالي نہ ٿئين" (شاهہ).
– **اَمر ۾ اَڻڻ:** حڪم هيٺ آڻڻ. تابع ڪرڻ – فرمانبردار بنائڻ.
– **اَمرِ مڃڻ:** حڪم مڃڻ – حڪم جي پيروي ڪرڻ.
– **اَمرِنهي:** ذ. انڪار يا ناڪار جي معنيٰ ڏيکاريندڙ اَمر "نہ ڪر، مَ ڪر".
– **اَمري:** صفت. خدائي امر ڪان. فطرتي – قدرتي. غير مصنوعي.
- **اَمَرُ:** صفت. [اَ = نہ + مَر < مرڻ] جو ڪڏهين بہ مَري يا ناس نہ ٿئي – لازوال – اَبناسي – غير فاني – زنده جاويد – سدائين جيئرو – اَمٽ.
– **اَمرقُل:** ذ. اُهو ميوو جنهن جي کائڻ سان سدائين جيئرو رهجي.
- **اَمراضُ:** ذ. [ع. مَرضُ ج اَمرضُ] مَرض – بيماريون – اگهايون.
- **اَمراضِ مُتوارثه:** ذ. موروثي بيماريُون (جهڙوڪ سلهہ، ڪوڙهہ وغيره).
- **امراض مُتعدي:** ذ. وچڙندڙ بيماريون.
- **اُمراءُ** ذ. [ع. اَميرُ ج اُمراءُ] امير – وڏا ماڻهو. سردارَ. دولتمند – معززَ.
- **اُمرائي:** ث. اَميري. وڏائي. شان شوڪت.
- **اَمرتُ** ذ. [اَ = نہ + مَرت = مرڻ] سدا حيات رکندڙ – سدائين جيئرو رکندڙ (پاڻي، شيءِ) – حياتي بخشيندڙ. اِڪسير – فائديمند.
– **اَمرت جَل:** ذ. سدا حيات رکندڙ پاڻي – آبحيات.
– **اَمرت ويلو:** ذ. پرڀات جو وقت – صبح صادق.
– **اَمرتي:** صفت. آبحيات جهڙو مٺو پاڻي يا شراب.
- **اَمرت ڌارا:** ث. هڪ قسم جي دَوا (جا ڪافور، جاڻ ۽ ولجاڻ مان ٺاهيندا آهن. اڪثر گهڻو مرضن لاءِ مفيد هوندي آهي).
- **اَمرِ تسَر:** اسم خاص. اولهہ پنجاب ۾ هڪ مشهور شهر (جنهن ۾ سکن جو وڏو "گردوارو" آهي).
- **اَمرُدُ ج اَمرُدَ:** ذ. صفت. [اَ = نہ + مرد] لاسڙات – ڳڀرو – نو عُمر. نابالغ ڇوڪرو.
- **اَمرو ج اَمرا:** ذ. ڪِريو. واهي.
- **اَمروٽُ:** اَسم خاص. تَعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهہ ۽ ڳوٺ جو نالو (جتي مشهور درويش تاج محمد رحہ امروٽي ٿي گذريو آهي). تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
– **اِمروزُ** ظرف. [ف] اَڄ – اڄوڪو ڏينهن.
– **امروز فردا:** ظرف. اڄ سڀاڻي.
- **امروز فردا ڪرڻ:** اڄ سڀاڻي ڪرڻ – ٽالائڻ.
- **اَمروشُ ج اِمروشَ:** ذ. ٻارهن سالن کان وڏيءَ جمار جو اُٺ.
- **اَمروهي ج اَمروهيُون:** ث. موسيقيءَ جو هڪ هنر – سرگم جي ٻي ڇڪي" "آروهي" جو ضد.
- **اِمرُءُ القَيسُ:** اسم خاص. عرب جو هڪ مشهور شاعر.

اُمهائيندو – اُمهايل).

• **اُمهڙو ج اُمهڙا:** ذ. صفت. [اَ = نہ + منهن + ڙو] اُهو ٻار يا ڦر جو اُبتو جمي (يعني اوّل ٽنگون پوءِ متو نڪري)؛ اهڙو ويڙ نهايت ڏکيو هوندو آهي). (ث) اُمهڙي ج اُمهڙيون.

• **اُمي ج اُميون:** ث. [سن. اَمبا] اَما – اَمڙ _ جيجل.

• **اُمّي:** صفت. [ع] اَڻ پڙهيل – ناخوانده. حضور پاڪ جن جو لقب.

• **اُميٽڻُ (ل):** مصدر. ماپڻ – مَٽڻ – پرڻ. (اُميٽيو – اُميٽيندو – اُميٽيل).

— **اُميٽ ج اُميٽون:** ث. ماپ. پلٽ. گهٽائي. اَنَ مٽڻ جي حالت.

• **اُميٽڻي ج اُميٽڻيون:** ث. سونارن جو هڪ اوزار (لوهه جي انبوري جنهن تي پنڙن جا پارڙا گول ڪجن).

• **اُميچڻُ:** مصدر. ڳنڍڻُ. (اُميچيو – اُميچيندو – اُميچيل).

• **اُميد ج اُميدون:** ث. [ف] آس – آرزو – تمنّا. توقع. آسرو – پروسو. حَمل – پيٽ.

— **اُميد پلڻ:** آس لاهڻ – آسرو لاهڻ.

— **اُميد پڄائڻ:** آس پوري ڪرڻ – تمنّا پوري ڪرڻ.

— **اُميدوارُ ج اُميدوار:** ذ. صفت. اُميد رکندڙ – آس وارو – آسائتو – آسروند – متمنّي. گهور – خواهشمند.

— **اُميد واري ج اُميدواريون:** ث. آس – اُميد. پيٽ. حَمل. (صفت) آسائتي. حامله _ ڳيوراڙي.

— **اُميد واري ٿيڻ:** پيٽ ٿيڻ – حمل ٿيڻ.

• **اُميدپور:** اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اُميديرو:** اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اُميرُ ج اُميرَ:** ذ. صفت. [ع] سردار – سالار – اڳواڻ. حاڪم. دولتمند – شاهوڪار – غني.

— **اُميرُ الامراءُ:** ذ. اميرن جو اُمير. وڏو سردار.

— **اَمِيرُ البَحر:** ذ. بحر جو امير. دريائي فوج جو وڏو عملدار.

— **اَمِيرُ المومنينُ:** ذ. مومنن جو اُمير. مسلمانن جو حاڪم. نبي صلي الله عليه و آله وسلم جي خليفن جو لقب.

— **اميرَ امراءُ:** ذ. وڏا ماڻهو – حاڪمَ.

— **اُميرائو ج اُميراڻا:** ذ. صفت. اُميرن وارو – اميرن جو. شاهاڻو – حاڪماڻو.

— **اُميرائي:** ث. اُميري – سرداري. شاهوڪاري.

— **اُميرزادو ج اُميرزادا:** ذ. سردار زادو. حاڪم زادو.

— **اُميرزادي ج اُميرزاديوون:** ث. سردار زادي. حاڪم زادي.

— **اُمير ماڻهوُ:** ذ. صفت. وڏو ماڻهو – امير. شريف انسان. شاهوڪار – دولتمند.

— **اُميري ج اُميريون:** ث. سرداري. حاڪمي. بادشاهي. شاهوڪاري – تونگري.

• **اُميرآباد:** اسم خاص. گهوٽڪي ۽ ڳڙهي خيري تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **اُمير بخش لغاري:** اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اُمير شاهه:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اُميرو:** ذ. هَرجي ٻن اوڙين جي وچ ۾ رهيل زمين.

• **اُميري ج اُميريون:** ث. ڪورڪي ڏنڊي جو لفظ. ڳنڍ جو هڪ قسم (ڏاڳي جي ٻن ڇيڙن يا تندن جون پڇاڙيون ڳنڍي وٽ ڏيئي ڳنڍ ڏبي آهي).

— **اُميري پائڻ:** وٽي ڳنڍ ڏيڻ يا ملائڻ. ڳنڍڻ – ملائڻ "چنن توءِ مَ چنَ، پاءِ اُميري اُن سين" (شاهه).

— **اُميري ڏيڻ:** ڪورين جي اصطلاح ۾ ٽٽل تند کي وٽ ڏيئي ڳنڍڻ.

• **اُميسُ:** ذ. [سن. اُميش > اُما = پاروتي + اِيش = خاوند = اُما (يا پاروتيءَ) جو مڙس يعني شو مهراج] شو مهراج "هر هر ڪن اُميس، ڏون ڏيهاڻي ڏوتيا".

• **اُميگراڻي:** اسم خاص. پٽافي بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **اُميلاڻو:** اسم خاص. تعلقي ڪراچيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَمِينُ ج اَمِين:** ذ. صفت. [ع] امانت وارو. ايماندار. حقّي فيصلو ڪندڙ – عادل. حضور پاڪ صلي الله عليه و آله وسلم جن جو لقب. ثالث – ٽياڪر. ٻنين جي پڙتال ڪندڙ.

— **اَمِين وارڻ:** فيصلي لاءِ ڪو ماڻهو مقرر ڪرڻ – ٻن ڌرين جي نبيري لاءِ ڪوٽيو ماڻهو تجويز ڪرڻ.

• **اُميناڻي:** اسم خاص. تعلقي دادو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَمين اوڳڙ:** اسم خاص. تعلقي ڪيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَمين نريڙو:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَميو جَ اَميا:** ذ. صفت. اَڻ ميو – بيشمار – بي انداز. اَپارَ – اڪيچارَ "لَنءُ لڌوٽي ڪنڌين، اَميو آهي" (شاهه).

• **اُميّه:** اسم خاص. [ع] عرب جي قُريش قبيلي جي هڪ فرد جو نالو (جنهن جو اولاد "بنو اُميّه" سڏبو آهي).

• **اَنَ:** ڌ ارف. انڪاري آواز.

• **اَنُ ج اَنَ:** ذ. [سن. اَنّ] اَناج – داڻا (جوئر، ٻاجهري، ڪڻڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وغيره جا) — غلّو.
— اَن آهاري: ذ. صفت. اَن تي گذران ڪندڙ.
— اَنّ اُجو ڪرڻ: ڪري ۾ پيل اَن صاف ڪرڻ.
— اَنّ پاڻي: ذ. داڻو پاڻي — آب داڻو. رزق. چُوڳو. نصيب.
— اَنّ پڙيو ج اَن پڙيا: ذ. صفت. اَن جي پڙيءَ وارو (واپاري). پڙيءَ تي ويهي اَن وڪندڙ.
— اَن جَل: ذ. داڻو پاڻي — آب داڻو — چُوڳو پاڻي. نصيب.
— اَن جَل کُٽڻ: داڻو پاڻي کٽڻ — چُوڳو پاڻي کٽڻ.
— اَن داتا: ذ. رزق رسائيندڙ — رازق. مالڪ. راجا.
— اَن وجهڻ: پکين ڪي چوڳي لاءِ اَن ڏيڻ. پکين ڦاسائڻ لاءِ جهنگ ۾ اَن هاري ڇڏڻ — چُوڳو وجهڻ.
— اَن وسڻ: سُڪارُ ٿيڻ.
• اِنَ (ل): ضمير. هن — اِنهيءَ.
• اِنَ ۾: ظرف. اِنَ طرح — اهڙيءَ طرح "اِن پر اُٿي آءُ، تہ سودو ٿيئي سڦرو" (شاهہ).
• اُنَ (ل): ضمير. هُنَ.
• اَنَڙ: ث. [سن. اُوَرڻ > اُرَڻ = ڳهتو. رڍ. ننڍو ڳهتو] ڏنبي يا ڳهتي جا وار — پشم.
• اَنا: ضمير. [ع] آءٌ — مان.
• اَناالحَق: جملو. [ع] "آءٌ خود حقّ آهيان" (منصور حلاج جو بي خوديءَ وارو نعرو).
• اَناٿُ ج اَناٿَ: ذ. صفت. [سن. اَ + ناٿَ = مالڪ] نڌڻڪو — لاوارث — اڏين. يتيم — چورو.
• اِناث: ث. [ع. اُنثيٰ ج اِناثُ] ماديون. زالون.
• اَناپو (ل): ذ. نيلوفر جو ٻج — ڪمَ جو ٻج — ناپو (جو غريب ماڻهو ڏڪ طور اَن ڪري کائين "اَناپي جون اَن جي، مٿن تي مو ڙيون" (شاهہ).
• اَناج: ذ. [سن. اَناديَہ] هر قسم جو اَنّ _ غلو.
• اَناجيل: اسم خاص. [ع. اَنجيلَ ج اِناجيل] عيسائين جو پاڪ ڪتاب جنهن ۾ متي، مَرقس، لوقا ۽ يوحنا، اهي چارئي ڪتاب سمايل آهن.
• اَناد: صفت. [سن] جنهن ڪي شروعات نہ هجي. اَزل. قديم — جهونو.
— اَنادي: صفت. ازلي — قديمي.
• اَنادوڪي (ڪ): ظرف. ناحقي. بي خبريءَ سان — ازغيبي — اوچتو.
• اَنارُ ج اَنارَ: ذ. [ع] ڏاڙهون. آتشبازيءَ جو هڪ قسم.

— اَناردانا: ذ. ڏاڙهونءَ جا داڻا — سُڪل ڏاڙهون (جي مصالحي طور ڪم اچن).
• اَنارڪَلي: اسم خاص. [ف. اَنار + هہ. ڪلي = مکڙي = ڏاڙهونءَ جي مکڙي] اڪبر بادشاهہ جي هڪ ٻانهيءَ جو نالو (جنهن جو اصل نالو نادره بيگم هو ۽ جهانگير جي خدمت تي مامور ٿيل هئي). لاهور جي هڪ بازار جو نالو (جنهن جي لڳ انارڪليءَ جي قبر آهي).
• اَناڙُ ج اَناڙَ (ل): ذ. بيجا هَلت — اَڏنگائي. (صفت) بيوقوف — احمق.
— اَناڙپ (ث)، اَناڙپُڻ، اَناڙپڻو: ذ. بيوقوفي. اڏنگائي.
— اَناڙ ڪرڻ: بيجا هلت ڪرڻ — اَڏنگي هلت هلڻ.
• اَناڙي ج اَناڙِي: ذ. صفت. [سن. اَناريہ > اَن + اَريہ = اَڻ آريہ] اَڻ سڌريل — جهنگلي. ڄٽ — نادان. خسيس — ڳهٽ. اَڻ آزمود گار — سيکڙاٽ. احمق. نالائق.
• اَناسُرت: ث. [سن. اَن + سمرتيہ = طاقت] بيهوشي — بوڏڙو — غشي. بي خبري (ظرف) اوچتو — اتفاقاً — ازغيبي.
— اَناسُرتي: ث. بيهوشي — بي خبري. غفلت.
• اَناسو ج اَناسا: ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + ناسَ = نڪ يا وات] بي نڪو — نرلجو. جنهن ڪي ناس پتو نہ هجي — نِوڏ — اَٽاسو.
• اَناطوليہ: اسم خاص. ايشيا مائنر جي هڪ شهر جو نالو.
• اَنامُ: ذ. [ع] خلق. ماڻهو — خلقت.
• اَنانُ ج اَنانَ: ذ. صفت. [ع. اَنانُ = ڳهٽو ڪنجهندڙ] چريو — بي سمجهہ. مست — مدهوش "رات وياري ولڙيون، آيا مست اَنانَ" (خليفو نبي بخش).
• اَنانيت: ث. [ع] پاڻپڻو — آپو — خودي. خود ثنائي — خود پرستي.
• اَناڻُ ج اَناڻَ (ل): ذ. صفت. صفا چريو — بنهہ موڳو. اَنانَ.
• اِناءُ ج اِناءَ: ذ. [ع. آن. آنيَة] برتن — ٿانءُ.
• اَنائڻ: مصدر. سڏ جي ورندي ڏيڻ. ڌانهن ٻڌڻ. عرض اگهائڻ. هَڪل جو جواب ڏيڻ. (اَنائيو — اَنائيندو — اَنائيل).
• اَنبُ ج اَنبَ: ذ. [سن. اَمرَمُ] هڪ مشهور ميوي جو نالو — آمو. اک جي هڪ بيماري.
— اَنب چُور: ذ. انبڙين جو چُور (مصالحي طور ڪم اچي).
• اَنبارُ ج اَنبارَ: ذ. [ف] ڍِڳ — ڍيڙ. اَنّ جي بار. حوض. ٻاڻ. (اسم خاص) تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
— انبارخانو: ذ. سيڏي سامان رکڻ جي جاءِ _ توشا خانو —

پاندو – گدام. مخزن.

– اَنبارچي ج اَنبارچِي: ذ. صفت. انباردار – توشا خاني جو سنڀاليندڙ.

– اَنباردار: ذ. صفت. اَنّ جي سنڀال رکندڙ – واھي – ڪارائو – ڪانگٽڙو – راڪو.

● اَنباري ج اَنباريون: ث. [ع. عَمّاريه > ف. عماري > انباري] هنباري – پالڪي – ڏولي. هاٿيءَ جي هودي. هودو. محفو. چوٽي – آسمان.

– اَنباريءَ چڙهڻ: پالڪيءَ ۾ چڙهڻ. چوٽيءَ تي چڙهڻ. وڏي درجي کي پهچڻ.

● اَنباوِلي: اسم خاص. پٻ جبل ۾ هڪ بستيءَ جو نالو.

● اَنْبجا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● اَنبَرُ ج اَنْبَرَ: ذ. [سن. اَمْبَر = ڪهيرو آسمان] ڪهيرو – آسپاس. آسمان. فضا – اثير ”هريائي تہ پار، ڦوڪ تہ لڳي انبرين“ (شاھ). پوشاڪ ڪپهہ. زعفران. ڦنڊڪي. عنبر. [ف] انبوري – پڪڙ.

– اَنبَري: ذ. صفت. آسمان يا ڪڪرن جهڙو (ڪاغذ). سماوي رنگ جو.

– اَنبرينْ چڙهڻ: آسمان تي چڙهڻ – آڪڙ يا تڪبّر ڪرڻ. برّ ٽيڻ – زور تي وڃڻ.

● اَنبرتُ: ذ. [سن. اَمْرِت] امرت – آب حيات. اڪسير – ترياق. (صِفت) هضم ٿيندڙ – خوشگوار.

● اَنبڙي ج اَنبڙيون: ث. [سن. آمْرَ = انب] اڻ پڪل انب – ڪچو انبُ. اَنْبي.

● اِنبساطُ: ذ. [ع] خوشي – آرام – فرحت – عيش. مزو – آنند.

● اَنبُ ڪُنيرو: ذ. ڪنيارن جي ڪم جو هڪ اوزار (پٿر يا ٺڪر جو گولو جو ڪچيءَ دڪيءَ وغيره کي ٺپڻ مهل ٽيڪ طور ڪم اچي).

● اَنبَلُ (ل): ذ. وهٽن جو ٿلهو (صفت) پيار ڪندڙ. هٿ هيرو. هم صحبت.

● اَنبَلَ (ل): ث. ويهاريل عورت – سينڌي.

● اَنبِڪَت: اَٽِبڪت _ ناسازي. ڪلفت.

● اَنبوچي ج اَنبوچيون: ث ڏسو ”هنيوچي“.

● اَنبُورَ ج اَنبُورَ: ذ. [ف] هڪ قسم جو اوزار – وڏي اَنبوري – جَنْبور.

● اَنبُوري ج اَنبُوريون: ث. [ف. انبور] ڪوڪن ڪڍڻ لاءِ لوهہ جو هڪ اوزار – ننڍو اَنبور – جَنبوري.

● اَنبوھُ ج اَنبوھَ: ذ. [ف] ميڙ – ڳوڙ = هجوم – گهڻن ماڻهن جو ميڙاڪو. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.

– اَنبوھ ريش: ث. گهاٽي ڏاڙهي.

– اَنبوھناڪُ: ذ. صفت. ڳاهٽ وارو. وڏو – ڪشادو.

– اَنبوهي ج اَنبوهيون: ث. ڳاهٽ.

● اَنْبي ج اَنْبيون: ث. ڏوئي (ديڳ رڌڻ جي) – هنيي. انبڙي (ل).

● اَنْبياءُ: ذ. [ع. نَبي ج اَنْبياءُ] نبي سڳورا – پيغمبر.

● اَنْبيِقُ ج اَنْبيقَ: ذ. [يوناني] ڪرنڦل.

● اَنبيڪو ج اَنبيڪا (ل): ذ. رنگريزن (ڪَتين) جي اصطلاح ۾ گدامڙيءَ جي ٻَجن جو ٻورو (جو ڪپڙن رڱڻ جي ڪم اچي).

● اَنبيو ج اَنْبيا: ذ. ٻت وغيره رڌڻ لاءِ ڪاٽو – اَنبي – هَنيي.

● اَنْبوڌَ: ذ. [سن. اَنبوڌ] پوءِ جو خيال – يادگيري – سنڀار – سمڪ.

● اَنْبيرَڻُ (ٿ): مصدر. ڪير ڪي جمائڻ لاءِ سنباڻ وجهڻ. (انبيرو – انبيريندو – انبيريل).

● اَنْپاءُ ج اَنْپاءَ: ذ. [سن. اَنپاوَ] يقين. سمجهہ آزمودو. پروڙ – پُرجهہ. اتم گيان – عين اليقين.

● اَنْپَو: ذ. [سن. اَنْپَو] فهم – ادراڪ – سمجهہ. تکي ڪَٽَ – پالو (ل).

● اَنْپوڙو ج اَنْپوڙا: ذ. وانگوڙو (وارن جو). چوٽو.

● اَنْپي: ث. [سن. اَنْپاوَ] ڄاڻ – پروڙ – سمجهہ. قياس – انومان.

– اَنْپي جو آڪاسُ: ذ. معرفت جي منزل يا درجو.

– اَنْپي جوت: ث. اندر جي روشني – باطني نور – اندر جو سوجهرو ”اَنْپي جوت اندر ۾، سنهہ سڌ ٻري“ (سامي).

● اَنْپي ج اَنْپيون: ث. ڪاٺ جي ڏکڻي ڏوئي جا ديڳ رڌڻ وقت ڪم اچي. زمين کوٽڻ جي ڪاٺي. رنبي.

● اَنْتُ: ذ. [سن. اَنْتَ] حد – ڇيھہ – پڇاڙي. آخر – انتها. ڳجهہ – راز – باطن. اندروني حالت يا طبيعت. حياتيءَ جو خاتمو – موت. خبر. حساب.

– اَنت ڪال: ذ. موت جو پويون دم.

– اَنت ڪَڍڻ لَهڻ: ڳجهہ يا راز معلوم ڪرڻ – منجهہ ڪڍڻ.

– اَنت ۾: ظرف. پڇاڙيءَ ۾ _ آخرڪار – آخرين.

– اَنت نہ پار هُجڻ: تمام گهڻو هجڻ – بيشمار هجڻ.

– اَنت وَٺڻ: راز معلوم ڪرڻ – ڳجهہ هٿ ڪرڻ.

– اَنت ويلو: ذ. آخرين وقت – پويون وقت. موت جي گهڙي – پويون دم.

● اَنْتُ: ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + نِتيہ = دائمي] عارضي – فاني – بي بقا.

● اِنْتِباھُ: ذ. [ع] تنبيهہ – تاڪيد – چتاءُ. تاڪيدي اطلاع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **اِنتخابُ:** ذ. [ع] چونڊ. ڇٽي ڪڍڻ جي حالت. اختصار – خلاصو.
• **اِنتخابات:** ذ. چُونڊون (ووٽن ذريعي). چونڊيل ٽڪرا (نظم يا نثرجا).
• **اَنتر:** ظرف. [سن. اَنتَر] اندر ـ ۾ ـ وچ ۾.
• **اَنتَرُ:** ذ. [سن. اَنتَر] وچ – مفاصلو – وڇين جڳهه. مُدو – عرصو. فرق. موقعو. سانگو. نفس – دل – روح. راز.
– **اَنتر آتما:** ث. روح. اندروني جذبات ۽ عواطف. دل – ضمير.
– **اَنتر آرامي:** ذ. صفت. پنهنجي اندر ۾ حظ حاصل ڪندڙ – روحاني راحت وارو.
– **اَنتر ڌِيانُ:** ذ. استغفراق – محويت – فنافي الله جي حالت. مُراقبو – سَماڌ.
– **اَنتر ڏَسا:** ث. ڪنهن گرهه جي اثرجي مهل.
– **اَنتر راشتريہ:** صفت. بين الاقوامي.
– **اَنتر گَت:** ث. اندرجو احساس دل جي حالت – اندرجو خيال.
– **اَنتر گيانُ:** ذ. اندروني ڄاڻ – القاء – الهام – ڪشف.
– **اَنترِيامي:** صفت. اندر ۾ جيڪي وهي واپاري تنهن جو ڄاڻندڙ. برهما. رَازدان.
• **اَنتر مَنتَرُ:** ذ. [سن. اَنتَرَ + مَنتَر] ٽوٽو ڦيٽو. شعبده ـ افسون – ڪامڻ – سحر.
• **اَنتر نامي:** ذ. وچت جو هڪ قسم.
• **اَنترنگ:** ذ. [سن. اَنتَر + انگ = لفظ جو بنيادي پاڳو يا انگ] عزيز – ويجهو مائٽ – گهاٽو دوست.
• **اَنترو ج اَنترا:** ذ. [سن. اَنترا] راڳ جو وچون پاڳو. راڳ ۾ 'آستاني' (ٿلهه) کان پوءِ 'مِصرع' جي چوٽي يا ڊار.
• **اَنتريو (ث):** ذ. بارجي هڪ پاسي لاٽ – اوهَر – اُلار.
• **اِنتِسابُ:** ذ. [ع] نسبت – لاڳاپو – واسطو – تعلّق.
• **اِنتِشارُ:** ذ. [ع] اشاعت – ڦهلاءُ. پرچار. ڦوٽ – وکوڙ. مونجهارو.
• **اِنتظارُ ج اِنتظارَ:** ذ. [ع. نَظَر] واٽ نهارڻ جي حالت – اوسيڙو – فڪر – ڳڻتي – جهوري. اونو.
– **اِنتظار آميز:** ذ. صفت. ڳڻتيءَ ۾ وجهندڙ (ڳالهه).
– **اِنتظار ڪرڻ:** اوسيڙو ڪرڻ.واٽون نهارڻ – اکيون پائي ويهڻ.
– **اِنتظار ڪش:** ذ. انتظار ڪندڙ.
• **اِنتظامُ ج اِنتظامَ:** ذ. [ع] بندوبست – جوڙجڪ – اهتمام. ترتيب – نظام. سرانجامي. ضابطو. سرشتو.
– **اِنتظام رکڻ:** جوڙجڪ رکڻ – ضابطو رکڻ.
– **اِنتظام ڪرڻ:** بندوبست ڪرڻ.

– **اِنتقادُ:** ذ. [ع] تنقيد ـ نڪته چيني ـ ٽيڪاٽپڻي.
• **اِنتقالُ:** ذ. [ع] هڪ هنڌان ٻئي هنڌ وڃڻ جي حالت – روانگي. لاڏاڻو – وفات – مرتيو.
– **اِنتقال آراضي:** ث. زمين جي کاتي بدل.
– **اِنتقال ڪرڻ:** لڏي وڃڻ.مري وڃڻ – وفات ڪرڻ.
– **اِنتقال مَرضُ:** ذ. بيماريءَ جي هڪ عضوي کان ٻئي ڏانهن وڃڻ جي حالت.
– **اِنتقال نامو:** ملڪيت جي بدل سدل جو دستاويز.
– **اِنتقالو:** ذ. سڪرات واري وقت ۾ ڪيل خيرات. ڪانڌيي جو پت.
– **اِنتقالي:** ث. ملڪيت جي تحويل ۽ تبديل.
• **اِنتقامُ:** ذ. [ع] وير – بدلو.
• **اِنتِها:** ث. [ع] حد – پڇاڙي – ڏنگ. آخر – نهايت – پڄاڻي – توڙ. اوج – عروج. تڪميل.
– **اِنتها پسندُ:** ذ. صفت. ملڪي ڳالهين ۾ گرم ڏر وارو. فسادي.
• **اُنتي ج اُنتيون:** ث. [سن.] چاڙهو – واڌارو – ترقي – بهبودي.
• **اِنٽر:** ذ. [انگ. inter] وچون – وچ وارو – وچولو.
– **اِنٽر ڪلاسُ:** ذ. ريل گاڏيءَ جو وچون درجو.
– **اِنٽر ميڊيٽ:** صفت. [انگ. intermediate] درميانو – وچولو. وچترو. ڊرائنگ جو ٻيو نمبر امتحان. ڪاليج جو ٻئي سال جو امتحان.
– **اِنٽَرنيشنل:** صفت. [انگ. international] اَنتر راشتريہ ـ بين الاقوامي.
– **اِنٽرويل:** ث. [انگ. interval] وچون فاصلو يا مُدو – وقفو – رسيس – تفريح لاءِ ڇوٽي موڪل.
– **اِنٽرويُو:** ذ. [انگ. interview] ملاقات.
• **اِنٽرنس:** ذ. [انگ. enterance] داخلو. داخل ٿيڻ جي جاءِ. شروع ابتدا.
• **اِنٽروڊڪشن:** ذ. [انگ. introduction] تعارف – هڪٻئي سان سڃاڻپ.
• **اِنٽريسٽ:** ذ. [انگ. interest] شوق – دلچسپي. وياج. فائدو.
• **اَنثي:** ث. [ع] مادي.
• **اَنجارُ:** اسم خاص. ڪڇ جي هڪ شهر جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچلائيندڙ] مرکب لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ اسم فاعل جي معنيٰ ڏيکاريندڙ "تيرانداز، گوله انداز وغيره".

— **اَندازو:** ذ. انداز — ڪٿ — تخمينو.

• **اَندامُ ج اَندامَ:** ذ. [ف] لڳ — عضوو — انگ "اديون سڀ اندام، چڙن منهنجا چوريا" (شاهه).

• **اَندَرُ:** ظرف. [ف] منجهه — وچ ۾.

• **اَندَرُ:** ذ. [ف. اَندر: سن. اَنتَر] اندريون پاڳو — منجههُ — وچ. دل — قلب. راز — ڳجهه — ڀيد پرهيز (ڪ).

— **اَندر اُجارڻ:** دل صفا ڪرڻ قلب تان ڪٽ لاهڻ. نيڪ ٿيڻ.

— **اَندران:** ظرف. گهر، جاءِ وغيره جي اندرئين پاسي کان. اندر مان، دل مان.

— **اَندران ئي اُجهڻ:** گهر مان ئي اجهڻ. ڪنهن جي اندر جو راز معلوم هئڻ. ارادن يا خيالن جي واقفيت هئڻ.

— **اَندران ئي اَندران:** ظرف. ڳجهه ڳوهه ۾ _ لڪ چپ ۾.

— **اَندر ٻاهر:** ظرف. حاضر ۽ غير حاضر (گهر ۾). اندران ۽ ٻاهران. ظاهري ۽ لڪل (خيالات).

— **اَندر ٻاهر هُجڻ:** گهر ۾ نه هجڻ — مسافريءَ ۾ هجڻ.

— **اَندر ڀَهَر:** ث. هڪ قسم جي پتن راند (جا جوا ڪرڻ وقت رهندا آهن).

— **اَندر ڀهرائي:** ث. اندر هڪڙي ۽ ٻاهر ٻي — منافقي. لائي چائي.

— **اَندر ڀهرو:** ذ. صفت. لائي چائي ڪندڙ — مُنافق.

— **اَندرَ ٺري پوڻ:** دل کي راحت اچڻ. بيحد خوشي ٿيڻ.

— **اَندر ساڙڻ:** جگر جلائڻ — دل کي رنج يا تڪليف پهچائڻ. ڏک ڏيڻ. طعنا مهڻا ڏيئي ڏکوئڻ.

— **اَندرَ ڪارو ج اَندر ڪارا:** ذ. صفت. دل جو پليد — اندر کوٽو — دغاباز. منافق — ڪِندو.

— **اَندرَ ڪاڻو:** ذ.صفت. نااميد — مايوس. شڪي. پشيمان. گنهگار، بي ايمان.

— **اَندرَ ڪِندو ج اَندر ڪِندا:** ذ. صفت. اندرجو پليد — منافق. دل ۾ دغا رکندڙ.

— **اَندرَ کوٽو ج اَندر کوٽا:** ذ. صفت. دل جو پليد — منافق. دغاباز. بدخواه _ بد نيت.

— **اَندرَ ۾ چِرِيُون. ڪاتيُون هُجڻ:** دل ۾ دغائون هجڻ. اندر ۾ ساڙ هئڻ. رقابت ۽ نقصان پهچائڻ جا ارادا هجڻ.

— **اَندرَ ۾ ڪانءُ هُئڻ:** دل ۾ دغا هئڻ — بدخواهي هئڻ.

— **اَندرَ ۾ ڪِيُون هُئڻ:** اندر ۾ ڪوٽ هئڻ.

— **اَندرَ ۾ لَنڊيُون هُئڻ:** دل ۾ دغائون هئڻ.

— **اَندرَ وارو:** ذ. صفت. اندر جو (قاضي). ضمير — وويڪ.

— **اَندَرُون:** ظرف. اندر مان — دل مان — گهرجيَ اندران. منجهان — وچان.

— **اَندروني ج اَندَروني:** صفت. اندريون. لِڪل — ڳجهو — باطني. معنوي.

— **اَندرين ج اَندرِيُون:** ث. 'اندريون' جو مونث. مَلهه جو هڪ داءُ — اندرئين پاسي وارو جانئو. (صفت) اندر واري. باطني (ڳالهه).

— **اَندرين ٻاهرين وَهڻ:** ٻئي پاسا وَهڻ. ٻنهي طرفن يا ڌرين سان ساز باز هئڻ. ٻچاڙائي ڪرڻ — لائي چالي ڪرڻ — منافقي ڪرڻ.

**اَندريُون ج اَندريان:** ذ. صفت. اَندر وارو — اَندر جو.

— **اَندريُون هُئڻ:** ڳجهو وڙهڻ. دغائون ڪرڻ.

• **اِندَرُ:** اسم خاص. [سن. اِنْدَرَ = 'تمورتي' بعد سيني ۾ وڏو ديوتا] زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ رهندڙ ديوتائن جو راجا. ديون ۽ پرين جو بادشاهه (راجا اندر جو عام طرح لوڪ ڪهاڻين ۾ ديون ۽ پرين جو راجا سڏيو ويندو آهي).

— **اِندر جو آکاڙو:** ذ. راجا اندر جي محفل جي جاءِ. راجا. اندر ۽ پرين جي عيش عشرت يا ڳائڻ وڄائڻ جي محفل. حسين عورتن جي محفل.

— **اِندر سڀا:** ث. راجا اندر جي دربار.

• **اَندَرُ ج اَندَرَ:** ذ. [سن. اِنْدُوَرَ] ڪُئو — گهر ڏَتي.

• **اِندرانو (ڪ):** ذ. صفت. لڪل — ڳجهو.

• **اِندراجُ:** ذ. [ع. دَرَجَ] دَرج ڪرڻ جي حالت — داخلا — نُونڌَ.

• **اِندرجَوُ:** ذ. [ف] ٻوٽي جو هڪ قسم (جنهن جو ٻج دوا طور ڪم اچي). ٻسارڪي وڪر جو هڪ قسم. بيضوي شڪل جي ٻن وارو زنگي ڳل.

• **اِندَرَسُ (ت):** ذ. موجين جي اصطلاح ۾ ڪتاب يا جتيءَ جي پني کي اندران ڏنل چمڙو.

• **اِندري ج اِندرِيُون:** ث. [سن. اِنْدرِيَ] حواس. بدني طاقت.

— **اِندري جُلاَبُ:** ذ. گهٽي پيشاب آڻڻ جي دوا.

— **اِندريُون وَس ڪرڻ:** حواسن کي قبضي ۾ رکڻ. حواسن کي روڪڻ.

• **اَندُ کلي ج اَندُکليُون:** ث. چچي — ساندي.

• **اَندلُسُ:** اسم خاص. [اندلوسيا] اسپين لاءِ عربن جو نالو. هسپانيه (جو خليفي وليد جي حڪومت ۾ سنه ۹۲ هه مطابق ۷۱۰ ع ۾ طارق بن زياد فتح ڪيو).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گمراهہ ٿيڻ. بي ديد ٿيڻ.

— **اَنڌو ڪوهہ:** ذ. اُوندهہ وارو ۽ پُراڻو قتل ڪوهہ.

— **اَنڌي جي ڏانگ:** محاورو. انڌي جي لَٺِ. ٽيڪ — پرجهلو.

— **اَنڌي جي ڪفايت:** محاورو. بيسود ڪم — اجائي ڪوشش.

— **اَنڌي جي لَٺِ:** محاورو. پرجهلو — ٽيڪ — ڀروسو. گذران جو وسيلو. پيريءَ جو سهارو يعني پُٽ.

— **اَنڌي جهُومَر:** محاورو. بنا سوچ ويچار جي تياري يا روانگي. بنا سمجهہ جي روانگي (ڪنهن ڪم لاءِ، جنهن ۾ سواءِ تڪليف جي ٻيو ڪي بہ حاصل نہ ٿئي).

• **اَنڌوڪارُ اَنڌوڪارَ (ث):** ذ. گُگهہ اُوندهہ — ڪاري ٻاڏ — تاريڪي. غُبار، مينهن يا جهڙ سبب ٿيل اوندهہ. اَنڌ ڌُنڌ — بي بندوبستي. ظلمَ.

• **اَنڌي ج اَنڌِيُونْ:** ث. [سن. اَنْڌَ] "اَنڌو" جو مؤنث. درياءَ جي ٻرين ٻَر "اَنڌيءَ وچون، ڪنڌيءَ وچون، تنگيان لهي نہ تڪ" (شاهہ).

• **اَنڌي مَنگر:** ث. مانگر مڇ جو هڪ قسم (بنا ڏَندن، سسي گول، اکيون ننڍيون، چمڙي ڪاري، پٺيءَ تي وڏا اڇا ٽڪا، ڏهہ فٽ کن ڊيگهہ).

• **اَنڌيرُ ج اَنڌيرَ:** ذ. [سن. اَنْڌَڪارَ] اَنڌ ڌنڌ — بي بندوبستي — بدانتظامي. ظلم — ڏاڍ — اَنياءُ.

— **اَنڌير ڪري ڇڏڻ:** ظلم ڪري ڇڏڻ — حد ڪري ڇڏڻ (ظلم جي). (طنزاً) ڪمال ڪري ڇڏڻ. ڪجهہ بہ نہ ڪرڻ.

— **اَنڌير نَگري:** ث. ظلم جو شهر — بيداد نگري. بي انصافي — ڪُنياءُ.

• **اَنڌيرو ج اَنڌيرا:** ذ. [سن. اَنْڌَڪارَ] اوندهہ — تاريڪي.

• **اَنْڌَرُ ج اَنْڌَرَ (ث):** ذ. [سن. اِنْدورَ > اُنْدَرُ] ڪُئو.

• **اِنْڊَ ج اِنْڊُونْ:** ث. ٻر — وَٽِ ـ ڪَپَرُ. اُهڃ — اشارو (ڪ). آڪيرو (ل). راند جو هڪ قسم (جا هڪڙيءَ ٽنگ تي ٻيهي کُڏجي) — ٽِزلي راند.

— **اِنڊ ڪَٽڻ:** ٽِزلي راند ۾ هڪ جنگهہ مٿي ڪٽي هلڻ — هڪ پير تي هلڻ.

— **اِنڊ وَٺڻ:** ڪوڏين راند ۾ مخالف رانديگر کي ڇڪي ڏيڻ يا رڪاوٽ وجهڻ.

• **اُنڊَ ج اُنْڊُون:** ث. بهانو — سبب — عذر. آڙ — آڏ. اعتراض.

— **اُنڊَ جا ٻُنڊَ ڪَرڻ:** هڪ جي ٻي ڪرڻ. آٽي جو گهوٻاٽو ڪرڻ. اُڏا اُبتا بهانا ڏيڻ. هيٺ مٿي ڪرڻ (ڪم). هَٺي ڏٺي پُورت ڪرڻ (ڪم جي). گڙٻڙ ڪرڻ.

— **اُنڊ ڳولڻ، وَٺڻ:** عذر ڳولڻ — بهانو ڳولڻ. آڙ وٺڻ.

• **اِنْڊَ پين ج اِنْڊَ پينُونْ:** ث. [انگ. independent pen] اُهو قلم جنهن ۾ مَس ڀري ڇڏجي — فائونٽن پين.

• **اُنْڊَڙي ج اُنڊِڙِيُونْ:** ث. [سن. وَنْٽَ] حصو — ڀاڱو — پتي.

• **اُنْڊُ ڪُنْڊُ، مُنْڊُ:** ذ. ڪن ڪچرو — گند گوچر. مُنجهيل شيُون.

• **اِنْڊَلِٺ:** ث. [سن. اِنْدْرَدَنُشْ = اندر جي ڪمان] برسات بند ٿيڻ وقت آسمان ۾ ظاهر ٿيندڙ ستن رنگن وارو ڪماني پٽو — قوس قزَح.

• **اِنْڊَمان:** اسم خاص. بنگال جي اُپسمنڊ ۾ ٻيٽن جو ميڙ (جتي انگريزن جي زماني ۾ هندستان جا ڪاري پاڻيءَ جي سزا وارا قيدي رهندا هئا).

• **اَنْڊو ج اَنْڊا:** ذ. [سن. اَنْتَ] حَدّ. پاڻيءَ جي چاڙهہ جي حدّ.

• **اِنْڊو ج اِنْڊا:** ذ. [سن. اَنْتَ] آلي ميٽيل ڦرهيءَ تي اکر جو نشان. انڊن ڀرڻ جي ڪلڪ. لِيڪَ. درجو. حدّ. هڪ قسم جي ڪوڏين راند. هٿ جي ٻٺي. اُن جي غاشي يا رَليءَ ڪي ٻَڌل ڳِنڍ.

— **اِنْڊا ڀرائڻ:** ٻٺيءَ تي لکيل اکرن مٿان اکر ڀرائڻ — اکرن جي مشق ڪرائڻ.

— **اِنْڊا ڀرڻ:** آليءَ ڦرهيءَ تي ڪلڪ سان لکيل اکرن کي مس سان ڀرڻ — مشق پچائڻ.

— **اِنڊا پائڻ، ڪڍڻ:** اکرن جي مشق لاءِ ميساريل آلِيءَ ٻٺيءَ تي قلم سان اکر لکڻ.

— **اِنْڊو وَٺڻ:** ڪوڏين جي "گُڪ مڪ" راند ۾ کٽندڙ جو آڱرين سڌين ڪري آڱوٺو ورائي هٿ جي ترِيءَ تي رکڻ. عيوضو وٺڻ.

• **اُنْڊو ج اُنْڊا:** ذ. [سن. اُدْ — دَري = ڊڄڻ] اُڊو — اُڊڪو — ڪٽڪو — انديشو. ڊَپ — خوف. ڳڻتي — فڪر — خيال.

• **اِنْڊي ج اِنْڊِيُونْ:** ث. [سن. اِنْدْري] اُها عورت جنهن کي اولاد نہ ٿئي — سَنْڍ. جنهن کي پيٽ نہ ٿئي. ڦرڻ يا ويامڻ کان اڳ ۾ کير ڏيندڙ ٻڪري.

• **اِنْڊا:** ذ. پرڪارَ — اَفعال. تقليد — نقل.

• **اَنْڊِڙَ:** اسَم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **اَنْرِٿُ:** ذ. [سن. اَنْ = نہ + اَرْٿُ = مطلب] بي معنيٰ ڪم — اَجايو ڪم. غلط ڪم. انڌير — ظلم.

• **اَنِرو ج اَنِرا:** ذ. صفت. [سن. اَ = نہ + نِرامَيَ. نيْروگ] انرويو — اَگهو — نَاخوش — بيمار. نياڳو. اهنجو — ڏُکي. ڪمزور — ضعيف. "سَنرو" جو ضد. هڪ قسم جو ڪيرولي گاهہ (جو مڪران جي طرف جام ٿئي) "اوڳارين نَہ اَنرا، ٻِڏا چَرن نہ ٻُور" (شاهہ).

• اَنڙ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي رتي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• اَنڙُ: اسم خاص. اَنڙ قوم جو هڪ فرد. سنڌ جي مشهور "سَمَا" گهراڻي جي حاڪمن مان هڪ حاڪم جو نالو (جو "جام اَنڙ" جي نالي سان مشهور آهي).
• اَنڙپور: اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه. ڳوٺ ۽ ريلوي اسٽيشن جو نالو.
• اَنڙڪي: اسم خاص. تنڊي باگي ۽ ڳوني تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• اِنزالُ: ذ. [ع. نَزَلَ = لاهڻ. نازل ڪرڻ] نزول. مٿان لهڻ دل ۾ محسوس ٿيڻ.
• اَنسُ ج اَنسَ: ذ. [سن. اَنس. اَنشَه] اٺپور انگ جو مٿيون پاڳو. "ڇيد" جو ضد.
• اِنسُ: ذ. [ع] ماڻهو — اِنسان ذات.
• اُنسُ: ذ. [ع] محبت — پيار — الفت. دوستي. ورُونهه. انساني همدردي.
• اَنسابُ: ذ. [ع. نَسَبُ ج اَنسابُ] نسل — خاندان. پيڙهيون — شجرا.
• اَنسارُ: ذ. ڪاري جي بيڙيءَ ۾ "بَندول" ۽ "ڪَڙَ" جي ڏنگ واري تلهي ڪاٺي.
• اِنسانُ ج اِنسانَ: ذ. [ع. اُنس ( = هن پيار ڪيو) > انسان] آدمي — ماڻهو — بشر — مَنُش — پُرک — پُرش.
— اِنسانُ العَينُ: ذ. اک جي پُتلي — ماڻڪي (جنهن ۾ ماڻهوءَ جي تصوير ڏسڻ ۾ ايندي آهي).
— اِنساني ج اِنساني: صفت. انسان جو.انسان وارو. ماڻهوءَ جو.
— اِنسانيّت: ث. آدميت — ماڻهپو. فضيلت — سليقو.
• اَنسَبُ: صفت. [ع. نَسيب" جو تفضيل] وڌيڪ لائق. زياده موزون.
• اِنسدادُ: ذ. [ع. سَدّ = هَن روڪيو] روڪ — بندش. سدباب.
• اِنشَادُ: ذ. [ع] شعر يا بيت کي بطور شاهديءَ جي پڙهڻ جي حالت. حوالو — سند — شاهد.
• اِنشاءُ: ث. [ع. اِنشاءُ] خط ۽ ڪتابت جي قاعدن جو ڪتاب. مضمون نويسي. اعليٰ درجي جي عبارت.
— اِنشاپردازُ: ذ. صفت. مضمون نگار — مضمون نويس. لکڻ جو ماهر لکيڪ.
— اِنشاپردازي: ث. مضمون نويسي. عبارت آرائي. ادبي عبارت جي مهارت. ادبي ڍنگ جي لکڻي.
— اِنشاطرازُ: ذ. صفت. سهڻي ۽ رنگين عبارت لکندڙ.

• اِنشاءَاللهُ: جملو. [ع] جيڪڏهن الله پاڪ گهريو.
• اِنشراحُ: ذ. [ع. شَرَحَ] کلڻ (دل) جي حالت. انبساط — سرهائي — خوشي — فرحت.
• اِنشورَنس: ذ. [انگ. insurance] جوکم — ويمو — تامين.
• اَنصارُ ج اَنصارَ: ذ. [ع. ناصِرُ ج اَنصارُ] مددگار — واهرو. (اسم خاص) مديني جا اُهي مسلمان جن نبي صلي الله عليه و آله وسلم ۽ سندن مهاجر اصحابن کي پناهه ڏني هئي.
— اَنصاري: ذ. حضرت ابو ايّوب انصاريءَ جو اولاد. "انصار" جو اولاد.
• اِنصافُ ج اِنصافَ: ذ. [ع] عدل — نياءُ — داد. فيصلو — نبيرو.
— اِنصاف طَلَب: ذ. صفت. داد طلب — جنهن کي انصاف جي گهرج هجي — انصاف چاهيندڙ. قياس جوڳو — ويچار جوڳو.
— اِنصاف گهرڻ: عدل گهرڻ — داد رَسي چاهڻ. فرياد ڪرڻ.
— اِنصاف مِجڻ: قدر ڪرڻ — داد ڏيڻ — تحسين ڏيڻ — مجرو ڏيڻ. ساراهڻ — ڳڻ ڳائڻ.
— اِنصاف وٺڻ: نياءُ وٺڻ — حقاني فيصلو طلب ڪرڻ. داد وٺڻ.
— اِنصاف هُجي: محاورو. شاباس هجي — داد هجي — مُجرو هجي.
— اِنصافي اِنصافُ: محاورو. پورو پورو نياءُ. حقاني حق. صحيح فيصلو — انصاف پٽاندڙ.
• اِنصرافُ: ذ. [ع. صَرَفَ = پوئتي هٽڻ] روانگي. نيڪال.
• اِنعامُ ج اِنعامَ: ذ. [ع. نَعَمَ] بخشش — سوغات — سوکڙي — تحفو "احمدي انعام سين لٿي، محبت لڪ" (ڳرهوڙي).
— اِنعام اِڪرامُ: ذ. بخششون ۽ عزتون. سوکڙيون پاکڙيون. تحفا تحائف.
— اِنعام دارُ: ذ. صفت. [ع. انعام + ف. دار > داشتن] جنهن کي سرڪاري خدمت جي عوض ۾ انعام طور ڪجهه زمين وغيره مليل هجي.
— اِنعامي ج اِنعامي: ذ.صفت. انعام وارو. انعام جو لائق "ڪَرِ ڪي تون نہ ڪڏيو، چايين انعامي"(شاه).
• اَنڪَهُ: ذ. [ع] نَڪ.
• اِنفاذُ: ذ. [ع. نَفَذَ] حڪم جو اجراءُ — تعميل.
• اَنفاسُ: ذ. [ع. نَفَس ج اَنفاس] دَمَ — پساهَ — گهڙيون (ساهه جون).
• اَنفالُ: ذ. [ع. نَفَل ج اَنفالُ] قرآن شريف جي هڪ سورة جو نالو. مال غنيمت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **اِنفرادُ:** ذ. [ع. فَرَدَ] ڪيڪو ٿيڻ جي حالت – ايڪو. اڪيلائي.
• **اِنفرادي:** صفت. [ع] اڪيلو – تنها. هڪ هڪ ڪري. ڌار ڌار – جدا جدا. شخصي طرح.
– **اِنفراديت:** ث. يڪتائي – يگانگي. شخصيّت.
– **اِنفرادي هستي:** ث. شخصي وجود. جيوآتما.
• **اِنفرميشن:** ث. [انگ. information] اطلاع – خبر – سُڌ.
• **اِنفصال:** ذ. [ع. فَصَلَ] ڇڄڻ يا ڌار ٿيڻ جي حالت.
• **اِنفعال:** ذ. [ع] ندامت – پشيماني. اثرپذيري.
• **اِنفلوئنزا:** ث. [انگ. influenza] بُخار جو هڪ قسم (جو وچڙندڙ مرضن ۾ شمار ٿئي ٿو ۽ جنهن ۾ تپ سان گڏ سخت زڪام به ٿيندو آهي).
• **اِنقباض:** ذ. [ع. قَبَضَ] ساهه جي سوڙهه يا تنگي – ساهه جي مُونجهه. طبيعت جي ساٿائي – افسردگي.
• **اِنقسامُ:** ذ. [ع. قَسَمَ] تقسيم – ورهاست.
• **اِنقلابُ ۽ اِنقلابَ:** ذ. [ع] ڦيرو – گردش. تبديلي – اُلٽ پُلٽ. حڪومت جو ڦيرو. گڙٻڙ – فساد ـ بادشاهه گردي. زماني جي تبديل.
– **اِنقلابُ پسند:** ذ. صفت. انقلابي.
• **اِنقيادُ:** ذ. [ع] فرمانبرداري – تابعداري – مجتا.
• **اِنڪارُ:** ذ. [ع. نَڪَرَ = نه مڃڻ. ناڪار ڪرڻ] ناڪار – نابري – اِبا.
• **اِنڪاري ۽ اِنڪاري:** ذ. نه مڃيندڙ – اِنڪار ڪندڙ – نابري وارِيندڙ – مُنڪر.
• **اِنڪاري جُملو:** ذ. اهو جملو جنهن مان ”ناڪار“ جي معنيٰ نڪري.
• **اِنڪسارُ:** ذ. [ع. ڪَسَرَ = ڀڃي پوڻ] عاجزي – نهٺائي – نوڙت – تواضع.
• **اَنڪشُ ۽ اَنڪشَ:** ذ. [سن. اَڱڪُشَ] لوهه جو سوئو يا انگڙو (جنهن سان هاٿيءَ کي هڪلجي).
• **اِنڪشافُ ۽ اِنڪشاف:** ذ. [ع. پردو فاش ڪرڻ جي حالت – پرده دري. اظهار – افشاء.
• **اَنڪو(ٽ):** ذ. پلاڻ جي اڳين ٽڙي جي وچ واري اُڀريل چوٽي.
• **اِنڪوائري ۽ اِنڪوائريون:** ث. [انگ. inquiry] پڇا – جاچ – دريافت – تفتيش.
• **اَنڪرو اَنڪرو(ٽ):** ذ. هڪ قسم جو ٻوٽو.
• **اَنگ ۽ اَنگون:** ث. [سن. اَڱگ] انگهَ. چيرَ. سُوري – ڦاهي ”هوت هلندين ڪنيو جن انگن چاڙهيو انگ“ (شاهه).
– **اَنگون پائڻ:** چيرَ وجهڻ – اَنگهون ڏيڻ.

• **اَنگُ ۽ اَنگ:** ذ. [سن. اَنڪ] عدد. اکر. ڏنگي ليڪ. آڱڙي. اگهه – نرخ. نشاني – چٽ. داغ – ڏنڀ. ڏڪ. عضوو. جسم – بدن. اوگهڙ. عَضوِ تناسل. داءُ (ملهه وغيره جو). لچڻ – افعال. اَزل جو لکيو.
– **اَنگ اَزل:** پَلڙُ اٽڪڻ. نصيب جو لکيو ٿيڻ. سَگ ٿيڻ.
– **اَنگ اکرَ:** ذ. حساب ڪتاب جو تفصيل – اعداد و شمار.
– **اَنگ اگهاڙو:** ذ. صفت. اَڻ ڍڪيل. مسڪين – غريب.
– **اَنگبازُ ۽ اَنگباز:** صفت. مَلهه جا انگ يا داوَ ڄاڻندڙ. تکلي. هنرمند – حرفتي.
– **اَنگ پڳل:** ذ. صفت. ڪم تي هريل – هڏ پڳل. پورهيت – محنتي.
– **اَنگ پَنگ ڪرڻ:** ڪَرڙ ڪرڻ – ڀڃي پوري ناس ڪرڻ – بگاڙڻ – خراب ڪرڻ.
– **اَنگُ پيٽ:** ذ. ڪپڙو ۽ کاڌو.
– **اَنگجَڻ:** مصدر ”اَنگڻ“ مان فعل مجهول. انگ لڳڻ – چتجڻ. ڪُٺل جانور جي عضون جو جدا جدا ورجڻ.
– **اَنگ جائو ۽ اَنگ جاوا:** ذ. صفت. سگهو (پُٽ) – ڀيٽ جائو.
– **اَنگ سان لائڻ:** جسم سان لائڻ. پاڪر پائڻ.
– **اَنگ ڪڍڻ:** نشان ڪرڻ. عدد لکڻ.
– **اَنگ ڪرڻ:** جانور کي ڪهڻ بعد ان جي ڪل لاهي عضوا عضوا وڌي جدا ڪرڻ.
– **اَنگ ڳُٿو ۽ اَنگ ڳُٿا:** ذ. اهو اوزار جنهن تي شاگردن کي انگ ڳڻڻ سيکاريا وڃن – ارٿميٽيڪان.
– **اَنگ لکت:** ث. عدد نويسي.
– **اَنگڻي ۽ اَنگڻيون:** ث. نشان ڪرڻ يا ٽپي هڻڻ جو اوزار.
– **اَنگ وديا:** ث. علم البدن – علم تشريح.
– **اَنگ هُڻڻ:** ازل جو لکيو هڻڻ.
– **اَنگي ۽ اَنگي:** ذ. صفت. اَنگن وارو – حساب.
– **اَنگي حسابُ ۽ اَنگي حساب:** ذ. حسابن جو ڪتاب – Artihmetic.
– **اَنگيل:** ذ. صفت. انگ لڳل – نشان ڏنل – ٽپو هنيل. ڪٺل جانور جنهن جي ڪل لاهڻ بعد عضوا وڌي جدا ڪيا ويا هجن.
– **اَنگين اکرين لکڻ:** انگن ۽ اکرن ۾ رقم لکڻ.
• **اَنگَ ۽ اَنگون:** ث. [سن. اَڱگ] اِشارو – ميچ – مامرَ.
• **اَنگَ ۽ اَنگون:** ث. [پرا. اَنگهه] اُونگهه – ننڊ – ڳهل – ننڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• أنمانُ (ٺ): ذ. انومان – شڪ – گمان.
• أنمانيو أنمنيو: ذ. صفت. [سن. اَنْ = نہ + مَنَ = دل] بي دليو. اُداس – غمگين. ناراض.
• أنمَتُ: ذ. صفت. [سن. اُنمَتّ = مست، چريو] چريو. چتو. نشي ۾.
• أنمولُ، أنمولُ: ذ. صفت. [سن. اَنْ + مُوليَہ] بي بَهاَ – قيمتي.
• أنناسُ ج أنناسَ: ذ. [پورچوگيز. آناناس] آناس (ميوو).
– أننتُ: صفت. [سن. اَنْ = نہ + اَنْتَ = ڇيڙو] بي انت – بيحدّ – اَپار. (ذ) هڪ خيالي نانگ جو زمين مٿي تي کڻي بيٺو آهي. وشنو مهراج.
– أننت چوڏَس: ٺ. چوڏهن ڳنڍين وارو سڳو (جو هندو بَدي جي چوڏهين تاريخ پائيندا آهن).
– أننت ڏوروُ: ذ. اَننت چوڏس.
• أننَدُ ج أننَدَ: ذ. [سن. اَ = گهڻو + نَد = خوش ٿيڻ] آرام – اطمينان. خوشي – سرهائي. هندن جو هڪ پوتر ڪتاب "انند صاحب".
• أننگ ج أننگَ: ذ. ڏهس نامي جو لفظ طوطو.
• أنوادُ: ذ. [سن.] ترجمو.
– أنوادڪُ: ذ. صفت. ترجمو ڪندڙ – مترجم.
• أنوادي: ذ. صفت. [سن.] نچائيندڙ. مخالف. اهو سُر جو راڳڻيءَ جي اُصولي سُرجي ابتڙ هجي.
• أنوارُ: ذ. [ع. نُور ج أنوارُ] تجلا – چمڪا.
• أنواعُ: ذ. [ع. نَوع ج أنواعُ] قِسمَ – نمونا "جانب منهنجي جيءَ ۾، آهن آزار جا انواع" (شاهه).
• أنوٺو ج أنوٺا: ذ. صفت. انوکو – عجيب – غير معمولي.
• أنوپُ: ذ. [سن. اَن = نہ + اُپما = مشابهت] اَنوکو – لاثاني.
• أنوپو: ذ. صفت. اٿوپرو – اوپرو – ڌاريون.
• أنوپي: ٺ. [ملتاني] اڻ پوکيل – نئين زمين.
• أنودُ: اسم خاص. آڳاٽي وقت جي هڪ ظالم ڪاسائيءَ جو نالو (جو سيوهڻ جي قلعي ۾ رهندو هو ۽ ماڻهو کهي گوشت ۾ ملائي وڪڻندو هو).
– أنود ڪاسائيءَ جي ڪَڌَ: ٺ. سيوهڻ ۾ هڪ ڪَڌ جا "انود ڪاسائي" جي نالي سڏ جي ٿي (جنهن لاءِ چون ٿا تہ تمام اونهي هوندي هئي، ڪُٺل ماڻهن جا هڏا انهيءَ ۾ ڦٽا ڪندو هو). (ڪنايہ) اونهي ڪَڌ – اوڙاهہ.
• أنوڊڪُ: ٺ. [سن. اَنّ + اُدَڪ = پاڻي] داڻو پاڻي – ان جل. قسمت.
• أنوَر ج أنوَرُون (ٺ): ٺ. اور – جُر.
• أنوَرُ: ذ. [ع. "نُور" جو تفضيل] تمام چمڪندڙ – روشن.
• أنوڙي ج أنوڙيون (ل): ٺ. صفت. پهريون پيٽ ويامل – پهريات.
• أنوسارُ: حرف جر. [سن. اَن = پوئتان + سارَ < سُر = سرڻ] موجبَ – مطابق – پٽاندر.
• أنوشدارُو: ذ. [ف. نوش + دارو] پسارڪي وکر جو هڪ قِسم – نوشدارو. نوشادر.
• أنوکو ج أنوکا: ذ. صفت. نيارو – نرالو – علحدو. عجيب – غير معمولي. (ٺ) اَنوکي ج اَنوکيُون.
• أنولاسارُ: ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم – اَنولاسار.
• أنومانُ ج أنومانَ: ذ. [سن. اَنْ = پوئتان + ما = مَئڻ] قياس. اندازُ – ڏُکو. شڪ – گمان.
– أنومان ڪَرڻُ: ويچارَ ڪرڻ. گمان ڪرڻ. ڏُکو هڻڻ. تخمينو ڪرڻ.
– أنوماني ج أنوماني: ذ. صفت. گماني – شڪي. وسواسي.
• اَنهَہ: ظرف. [سن. نَہ = نہ] انڪارجي ورندي.
• انهانُ: ظرف. اِنهن ڪان. اِنهيءَ ڪان.
• أنهَدُ ج أنهَدَ: ذ. [سن. اَناهَتَ = نہ هنيل. سجو + نادَ = آواز = ڏڪ هڻڻ کانسواءِ آواز] اندر جو آواز – من واڻي.
– أنهَدي: صفت. رُوحاني. وڻندڙ (هير).
• انهدامُ: ذ. [ع. هَدَم] ڍاهَ ڊُوهه – ڀَڃ ڊاهه – برٻادي.
• اَنهڪارَڻُ: مصدر. هائوڪرڻ. قبول ڪرڻ – مڃڻ. (اَنهڪاريو – اَنهڪاريندو – اَنهڪاريل).
• اِنهُنَ: ضمير. ["اِنهيَن" جي پراڻي صورت] اِنهي.
• اِنهماڪُ: ذ. [ع] غور – استغراق – محويّت. سخت مشغولي – گهڻو شوق.
• اَهنَدُ ج اَهنَدَ: ذ. صفت. ڏنگو – اَرڏو. سرڪش.
• اِنهي: ضمير. هن.
– اِنهيءَ ڪري: ضمير. تنهنڪري – اِن ڪري.
• اَنهوارجڻُ: فعل مجهول. بيهوش ٿيڻ – اَنهرجڻ.
• اَنهيارُ اَنهيارُ: ذ. اَهنر – گهوٽ جو محافظ.
• اَهنيَرُ اَهنرُ: شاديءَ جي هڪ رسم موجب رات جو خالي پکي ۾ سمهندڙ – پکي جو محافظ – آنر.
• اَنهيري: اسم خاص. تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• اَنٿَنُ ڪَنٿَنُ: ظرف. هيٺ مٿي – الٽ پلٽ. جيئن آيو تيئن –

جهڙو تهڙو (ڪم).

• **اَني ج اَنِيُون:** ث. [سن. اَڻِي] بَرڇيءَ يا تير جي چُهنب يا نوڪ.

• **اِنْيانْ:** ظرف. هن هنڌان – هتان – اِتان.

• **اَنِياءُ:** ذ. [سن. اَ = نہ + نِيايہ = انصاف] بي انصافي – ڪُنياءُ – بيداد. ظلم – انڌير.

– **اَنيائِي ج اَنيائِي:** ذ. صفت. بي انصافي ڪندڙ. ظالم.

• **اَنيت:** صفت. [سن. اَنيت < اَ = نہ + نيت = نياءُ، هلت] هلي چلي يا نيت جي خلاف. بي انصافي. بدهلت – بي فضيلتي.

– **اَنيتي ج اَنِيتيُون:** ث. بي اُصولي. بي انصافي. بداخلاقي.

• **اَنيراءُ:** اسم خاص. ڪاٺياواڙ جي هڪ راجا جو نالو (جنهن بيجل چارڻ جي معرفت پنهنجي حريف راءِ ڏياچ جو سر وڍايو).

• **اَنيس:** ذ. صفت. [ع] دوست – وِرُونهيندڙ.

• **اَنيڪَ:** صفت. [سن. اَن = نہ + ايڪَ = هڪ] گهڻا – بي شمار.

• **اَنيلُ:** ذ. صفت. [سن. اَن = نہ + نيلَ = نيرو] اڇو – سفيد. (اسم خاص) لس ٻيلي طرف هڪ تيرٿ جو نالو.

• **اَڻ:** ظرف. [سن. اَنَ، اَنْ = نہ] نہ – بغير – سواءِ _ ڪان سواءِ. انڪاري معنيٰ ڏيکاريندڙ صفاتي اڳياڙي "اَڻ وڻندڙ. اَڻموٽ. وغيره". درياءَ جي گهيڙ واري سُڪل جاءِ (جا پاڻيءَ جي لاٽ ڪان پوءِ ظاهر ٿئي).

– **اَڻ آريو:** ذ. [اَنْ + اَريہ] اَڻ سُڌريل. اناڙي – جاهل.

– **اَڻ اُبرِئي، اَڻ اُبريي:** ظرف. سج اُبرڻ ڪان اڳ فجر سان – پرھ ڦٽيءَ جو.

– **اَڻ اُبرِئي جو اُٿڻ:** سج اُبرڻ ڪان اڳ ننڊ مان سجاڳ ٿيڻ – ساجهر اُٿڻ. سوير جاڳڻ.

– **اَڻبڻت:** ث. [اَنْ = نہ + هہ. بَننا] بي اتفاقي – ناسازي – اختلاف – ڪلفت. رنجيدگي. تڪرار – جهيڙو. دشمني.

– **اَڻيُومُ، اَڻيُوميو ج اَڻيِوما، اَڻيُوميا:** ذ. صفت. [اَڻ = نہ + يُومي = يون، زمين] اَڻواقف – بيخبر – غير واقف – اَڻيُونْيو.

– **اَڻيُونْيو ج اَڻيُونْيا:** ذ. صفت. [اَڻ = نہ يونءُ = زمين] غير ملڪي – اوپرو – ڌاريو. مسافر.

– **اَڻ ڀِتُوڙو:** ذ. صفت. [سن. اَنْ = نہ = ڀاوَ = وڻڻ] اڻ وڻندڙ. ڇَنڊو.

– **اَڻيَئي:** ذ. صفت. [سن. اَڻ = نہ + ڀَيَہ = خوف] بي ڊپو – بي خوف. نہ ڊڄندڙ.

– **اَڻتارو ج اَڻتارُ:** ذ. صفت [ان + تارو < ترڻ] تَري نہ ڄاڻندڙ "اُتي اَڻتارُن، ساهڙ رسج سير ۾" (شاھ).

– **اَڻتورِيو ج اَڻتورِيا:** ذ. صفت. [سن. ان = نہ + تُلْ = تورڻ] نہ تُريل. بنا تورڻ جي "تن جو صرافن، اڻتوريو اَگهائيو" (شاھ).

– **اَڻتَوَڙِيو ج اَڻتَوڙِيا:** ذ. صفت. [اڻ + هيم. توڻ = رزق، روزي] جنهن کي پيٽ پالڻ لاءِ ڪجهہ نہ هجي – جنهن کي تَوڻ جي تنگي هجي. بي سمر. تنگ دست – بي روزگار.

– **اَڻتَيارُ ج اَڻتَيارَ:** ذ. صفت. نامڪمل – ناقص – اڻپورو. اَڻسنيريل.

– **اَڻتِيٺو ج اَڻتيٺا:** ذ. صفت. نہ ٺيڻ جهڙو – نہ ٺي سگهڻ جهڙو. (ث) اَڻتِيَٺِي ج اَڻتِيَٺِيُونْ.

– **اَڻٽُٽَ ج اَڻٽُٽَ:** ذ. صفت. نہ ٽُٽندڙ. مضبوط – قائم رهندڙ. پختو – پڪو – ڏاڍو.

– **اَڻتَرُ ج اَڻتَرَ:** ذ. صفت. (اڻ = نہ + تُلْ = ترڻ) نہ ترندڙ – اَٽل. ضرور ٿيندڙ. پهلوان.

– **اَڻترِڙُ (ترڙ):** ذ. صفت. نہ ٽٽندڙ - پڪو – پُختو. نہ پِڃندڙُ.

– **اَڻناھُ:** ذ. اَڻبڻت – ناسازي.

– **اَڻنَهندي:** ث. اَڻناھ – ناسازي.

– **اَڻنَهڻو ج اَڻنَهڻا:** ذ. صفت. ڪنهن سان نَاهُ يا صلح نہ ڪندڙ.

– **اَڻنَهيو ج اَڻنَهيا:** ذ. صفت. نہ نهيل.

– **اَڻپاڻِيو ج اَڻپاڻِيا:** ذ. صفت. بنا پاڻيءَ جي سُڪل – خشڪ. بي آب (ترار يا موتي). ڍِرو – ٿڌو (مڙس، ڍِڳو يا وهٽ).

– **اَڻپُڇيو پُڇيو:** ذ. صفت. ظرف. پُڇَڻ ڪانسواءِ _ بنا پڇڻ جي. پڪ سان – لاشڪ – يَقيناً پُڇ ڪانسواءِ _ لُنڊو.

– **اَڻپُختائِي:** ث. ڪَچائي.

– **اَڻپڙهيو ج اَڻپڙهيا:** ذ. صفت. بي علم – جاهل.

– **اَڻپُورَ:** ذ. (اَڻ = نہ + پُورُ < پورو) ٻِڪِل انگن جو حساب – رياضي موجب اُهي حساب جن ۾ انگ ٻِڪِل هجن.

– **اَڻپُورُ پاسڪ ٽِڪُندو:** ذ. اهو ٽِڪُندو جنهن جا پاسا برابر نہ هجن.

– **اَڻ پُورو ج اَڻ پُورا:** ذ. صفت. نامڪمل – اڌورو – ناقص.

– **اَڻ پُهچُ:** ذ. صفت. بي پهچ – بيوس. لاچار. بي طاقت.

– **اَڻ پِيتيءَ جا نَشا:** محاورو. جڏا ڪم. ڪِتل ڳالهيون – بيوقوفيءَ جون ڳالهيون يا ڪم.

– **اَڻ جُڙَنْدو ج اَڻ جُڙَنْدا:** ذ. صفت. نہ لهندڙ – ناموزون. ناگوار – اڻ وڻندڙ. غير واجبي.

– **اَڻ جُڳائِتو:** ذ. صفت. اَڻ ٺهندو – نامناسب. غير واجبي.

– **اَڻ جُڳائِينْدو ج اَڻ جُڳائِيندا:** ذ. صفت. ناموزون – نہ جڳائيندڙ – غير واجبي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

– **اڻ جوڙُ ج اڻ جوڙَ:** ذ. صفت. (اَڻ + جوڙ < جوڙڻ) اڻ پورو – بي جوڙ. اَگهو – بيمار. نامناسب.

– **اڻ جوڙائي ج اڻ جوڙائِيُون:** ث. اَگهائي – بيماري. نامناسبي. اڻ پورائي.

– **اڻ جوڳو ج اڻ جوڳا:** ذ. صفت. نہ سونهندڙ ــ نامناسب – ناروا – اَجوڳُ. خراب – ڪُڌو (ڪم).

– **اڻ جيسُ ج اڻ جيسَ:** ذ. صفت. [سن. اَنَ + يادُرْشَ = جيڏو] اڻ جهڙو – نابرابر. لَاثاني – بي نظير – بي مثل.

– **اڻ ڄاتلُ:** صفت. (اَڻ + ڄاتل < ڄاڻڻ) جنهن جي ڄاڻ نہ هجي – نامعلوم. نامشهور.

– **اڻ ڄاتو ج اڻ ڄاتا:** ذ. صفت. نامعلوم. ناواقف بي خبريءَ ۾. اڻ ڄاتَلُ.

– **اڻ ڄاڻُ ج اڻ ڄاڻَ:** ذ. صفت. (اَڻ + ڄاڻ < ڄاڻڻ) نہ ڄاڻندڙ – ناواقف – بي سمجهہ – بيوقوف – جاهل – نادان. اجنبي – ڌاريو. بي علم.

– **اڻ ڄاڻائي، اڻ ڄاڻَپ:** ث. اڄاڻپ – بيخبري – ناواقفيت. ناداني. جهالت.

– **اڻ ڄاڻي:** ظرف. نہ ڄاڻندي – بي خبريءَ ۾.

– **اڻ چٽو (چٽرو) ج اڻ چٽا (چٽرا):** ذ. صفت. جو چِٽو نہ هُجي – جهڪو – اَڻ لکو. چٽن ڪان سَواءِ.

– **اڻ چُڪتُو:** ذ. صفت. اَڻ پُورو. چُڪتو نہ ٿيل – مُنجهيل. اَڌورو – فيصل نہ ٿيل.

– **اڻ ڇڱائي ج اڻ ڇڱائيُون:** ث. اَگهائي – بيماري – بي چاڪائي – ناڇڱائي.

– **اڻ ڇڱو ج اڻ ڇڱا:** ذ. صفت. خراب – بڇڙو. اگهو – ناچاڪ – بيمار.

– **اڻ ڇليو ڇلڻ:** چوپڙ راند ۾ هڪ ساريءَ جو ٻين سارين تان ٽپڻ.

– **اڻ ڇُونڊو:** ذ. صفت. نہ ڇوندڙ (جو زبان سان ڪجهہ نہ چوي) ـ خاموش "اَڻ ڇُوندن مَ ڇُوءِ، ڇُوندن ڇيو وسار" (شاهہ).

– **اڻ ڇوڙتو:** ذ. صفت. (ماڻهن ۾) نہ ڇوَڙ جهڙو – ڳجهو – مخفي.

– **اڻ ڇُٽُ:** ذ. صفت. نہ ڇُٽندڙ. جو ڪولي يا ڇوڙي نہ سگهجي. جو جُدا نہ ٿي سگهي. ڳنڍيل.

– **اڻ ڇڏُ ج اڻ ڇڏَ:** ذ. صفت. جو نہ ڇڏي – مَڇِڏُو. ڳالهہ جو پڪو. ثابت قدم – محڪم.

– **اڻ ڇڙ اڻ ڇڙو ج اڻ ڇڙَ اڻ ڇڙو:** ذ. صفت. نہ ڇَڙڻ جهڙو (اَنّ).

– **اڻ ڇڙيل:** صفت. نہ ڇڙيل – بوسو نہ لٿل (چانور).

– **اڻ ڏڏُ:** ذ. صفت. نہ ڏُڏندڙ – جيڪو لڏي لَمي نہ. مضبوطيءَ سان ڪتل – پختو. قائم.

– **اڻ ڏاڙهيو ج اڻ ڏاڙهيا:** ذ. صفت. بي ڏاڙهيو – ڏاڙهيءَ ڪان سواءِ. لاسڙيات. ڪسرو.

– **اڻ ڏٺو ڄ اڻ ڏٺا:** ذ. صفت. نہ ڏٺو. ڏسڻ ڪان سواءِ. نہ ڏٺل. پَريُٺ – غائبانہ "ڏٺو سڀ وسار، اَڻ ڏٺي ڪي ياد ڪر".

– **اڻ رهائينڊو رهنڊو:** ذ. صفت. نارَوا – نامناسب. شرعي قانون جيَ خلاف (سَڱ جو رشتو) – بي قاعدي رشتو. (ث) اَڻ رهائِينْدي، رهَندِي.

– **اڻ سالِم:** ذ. صفت. اَڻ پورو. پَڳُل. نامڪمل – ناقصي.

– **اڻ سالمائِي:** ث. اَڻپُورائي. اگهائي. اَڏِنگائي.

– **اڻ سانْگو ج اڻ سانْگا:** ذ. صفت. سانگ ڪان سواءِ ـ بي سبب. بي امتياز. بي پهچ – بيواهہ. ڪوتاهہ انديش – بي خيال. پچاڙي نہ ڄاڇيندڙ.

– **اڻ سڌو ڄ اڻ سڌا:** ذ. صفت. وَر وارو – ڏنگو – ڦِڏو.

– **اڻ سُڌِيرُ:** ذ. صفت. بيخبر – بيهوش. ناچاڪ – بيمَزي.

– **اڻ سَڏِيو ج اڻ سَڏِيا:** ذ. صفت. ڪوٺ يا ڪانڌ ڪان سواءِ ــ دعوت ڪان سواءِ ــ اَڻ ڪوٺِيو – بي دعوتيو. بي تڪلف. (ث) اَڻ سَڏِي ج اَڻ سَڏِيون.

– **اڻ سُرائِتو ج اڻ سُرائِتا:** ذ. صفت. جنهن جو آواز سُريلو نہ هجي – بي سُرو. (ث) اَڻ سُرائتي ج اَڻ سُرائتيُون.

– **اڻ سُرتُ ج اڻ سُرتَ:** ذ. صفت. بيخبر. بيهوش – غافل. (ظرف) اوچتو.

– **اڻ سُرتائي ج اڻ سُرتائِيُونْ:** ث. بيخبري. بيهوشي – غشي. غفلت.

– **اڻ سُرتو ج اڻ سُرتا:** ذ. صفت. اڻ سُرتيو.

– **اڻ سُرتِيو ج اڻ سُرتِيا:** ذ. صفت. اَڄاڻ – بيخبر – بي علم. بيهوش – غافل (ظَرف) اوچتو (ث) اَڻ سُرتي ج اَڻ سُرتيُون.

– **اڻ سَرنْدي ج اڻ سَرنْدِيُون:** ث. بي پهچائي – بي طاقتي. لاچاري – مجبوري – بيوسيءَ واري حالت "اَڻ سَرنْديءَ سيڪو ٽري، ڪرو ڪو سَرنديءَ ٽري".

– **اڻ سُرو ج اڻ سُرا:** ذ. صفت. جيڪو سُري نہ سگهي. نانگ بلا وغيره سُرندڙ جيت جو ننڍڙو ٻچو "اَڳَ اَلِبهَر اَڻ سُرا، نَين نہ نَرگس لوند" (جلال ڪٽي).

– **اڻ سُوريتو ج اڻ سُوريتا:** ذ. صفت. جنهن کي ڪو غم يا سُور نہ هجي – بي غم – خوش. (ث) اَڻ سُوريتي ج اَڻ سوريتيون "سُوريتيءَ ڪنهن سور، اڻ سوريتيءَ سان اوريا؛ هن جو پِنْجهُرئي نہ پُري، هو وجي پئي وَهلور".

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

– **اڻ سوگهائي:** ث. نامضبوطي. بي سلامتي – جوکائي.
– **اڻ سُونهون ج اڻ سُونهان:** ذ. اَسونهون – اَڻواقف – ڀليل – بيخبر. اَڻوميو.
– **اڻ سَهُه ج اڻ سَهه:** ذ. صفت. (اَڻ + سَهُه < سهڻ) نه سهڻ جهڙو – نه سَهُو. نه سهندڙ – حاسد. ڦوردليو.
– **اڻ سُهائيندو ج اڻ سُهائيندا:** ذ. صفت. نه جڳائيندو – اَڻ وڻندڙ – نامناسب. (ث) اڻ سُهائيندي ج اڻ سُهائينديون.
– **اڻ سُهندو ج اڻ سُهندا:** ذ. صفت. اڻ سُهائيندو – اَڻ وڻندڙ. (ث) اَڻ سُهندي ج اَڻ سُهنديون.
– **اڻ سَهُٽو ج اڻ سَهُٽا:** ذ. صفت. نه سهندڙ.
– **اڻ سَهُو ج اڻ سَهو:** ذ. صفت. نه سهندڙ – اَسَهُو.
– **اڻ سيڻو ج اڻ سيڻا:** ذ. صفت. بنا سيڻ يا سڃاڻپ جي. ناآشنا. اجنبي – اوپرو. غير واقف – اَڻ سُڃاتُو.
– **اڻ ضروري:** صفت. جنهن جي ضرورت نه هجي – غير ضروري.
– **اڻ ڳَڻُ:** صفت. جو ڳڻي يا شمار ڪري نه سگهجي – بيشمار – بي انداز. ڳاڻاٽي کان ٻاهر.
– **اڻ ڪوٺيو ج اڻ ڪوٺيا:** ذ. صفت. بنا سڏ يا دعوت جي آيل. اَڻ سڏيو – بي دعوتو.
– **اڻ ڪي:** صفت. اَڻ ڪَٺي – نه ڪَيَل "اَڻ ڪي عيان نه ٿي، ڪي پروڙي ڪونه" (شاهه).
– **اڻ ڪَٿُ ج اڻ ڪَٿ:** ذ. صفت. نه ڪٿندڙ – اَکيچار – بيشمار – اڪٿ.
– **اڻ ڪُسُ ج اڻ ڪُس:** ذ. صفت. نه ڪُسندڙ – بي خطا. اڻ ٽَر. دلير – بهادر.
– **اڻ ڳاڃ:** ذ. صفت. نه سانديندڙ. بيخيالو. لاغرض.
– **اڻ ڳاٽو:** ذ. صفت. [سن. ان + ڳَڻُ = ڳَڻُ] ڳڻڳوت نه ڪندڙ – ناعاقبت انديش. لاغرض – بيخيالو.
– **اڻ ڳِڻُ، ڳڻيو:** ذ. صفت. ڳڻڻ کان ٻاهر – بي انداز – بيشمار.
– **اڻ گهڙيو ج اڻ گهڙيا:** ذ. صفت. (اڻ + گهڙڻ > گهڙيو) جو گهڙيل يا ٺهيل نه هجي – بيڊولو. اڻ آزمودگار – ناتجربيڪار. اڻ سڌريل.
– **اڻ گهڙيو ڪاٺ:** محاورو. اڻ سڌريل اڻ آزمودگار. ڏُڏ ستو.
– **اڻ لائق:** ذ. صفت. ناقابل.
– **اڻ لڀُ ج اڻ لڀ:** ذ. صفت. [سن. اَنَ + لَڀيه = نه ملڻ جهڙو] نه لڀندڙ – نه ملڻ جهڙو – ورلي ملندڙ – ناياب. نهايت قيمتي – بي بها.
– **اڻ لڀائي:** ث. اَڻاٽ – ڪاميابي.
– **اڻ لکو ج اڻ لکا:** ذ. صفت. [سن. اَن + لَکشت = نشان ٿيل. ڏٺل] جو لکي نه سگهجي – جنهن جي خبر نه پوي. تمام ننڍڙو – ٿورڙو – ذرڙو. نامعلوم – بي اثر.
– **اڻ لکيو ج اڻ لکيا:** ذ. صفت. نه لکيل – لکجڻ کان سواءِ.
– **اڻ ليکائتو ج اڻ ليکائتا:** ذ. صفت. [سن. اَن + ليکَن = لکڻ، ليکا ڪڍڻ] حساب ڪتاب کان سواءِ ليکي جوکي کان سواءِ.
– **اڻ مَٽُ ج اڻ مَٽ:** ذ. صفت. بي نظير – بي مثل. لاثاني – لاجواب. بي بها.
– **اڻ مُڙ:** ذ. صفت. نه مُڙندڙ – اَٽَموٽ – اَڻ ٽر.
– **اڻ موافق:** ذ. صفت. نابرابر – ناموزون – نه ٺهڪندڙ.
– **اڻ موٽُ ج اڻ موٽ:** ذ. صفت. نه موٽندڙ – اڻ ٽر. ضدي. بهادر – پهلوان – سورمو.
– **اڻ موڪليو ج اڻ موڪليا:** ظرف. بنا موڪل جي – ري موڪل – اجازت کان سواءِ.
– **اڻ ميل ج اڻ ميل:** ذ. صفت. ٻيچ نه ڪائيندڙ – ٺهڪي نه ايندڙ.
– **اڻ مَيو ج اڻ مَيا:** ذ. صفت. اهو جو ماپي يا مَئي نه سگهجي – بي انداز. بيشمار. بي حساب. تمام گهڻو – جهجهو.
– **اڻ نينڊو:** ذ. صفت. اَڻ ڪوٺيو – اَڻ سڏيو – بي دعوتيو.
– **اڻ واٽو ج اڻ واٽا:** ذ. صفت. اَسُونهون – گمراهه – ڀليل – بيراهو.
– **اڻ واريل:** ذ. صفت. اڻ لٿل (ليکو) – چُڪتو نه ٿيل (حساب ڪتاب).
– **اڻ وقف، واقف:** ذ. صفت. اَڻ سُڃاتو – اڻڄاڻ – ڌاريو – ناواقف. اَڻ سُونهون. بيخبر.
– **اڻ وُٺو ج اڻ وُٺا:** ذ. صفت. نه وَسيل (برات) – (ذ) برسات نه وسڻ سبب آباد نه ٿيل پاڳو.
– **اڻ وَڏُ ج اڻ وَڏ:** ذ. صفت. جو وڍڻ جي لائق نه هجي. ننڍو جهنگ. ننڍو وڻ. جو وڍجي نه سگهي. سخت (ڪاٺ).
– **اڻ وڙتو ج اڻ وڙتا (ل):** ذ. صفت. ڏٿيءَ جي موڪل کان سواءِ – ري موڪل. بي عقل. اجايو – بي فائدو.
– **اڻ وڙڄ ج اڻ وڙڄ:** ذ. صفت. اَورڄ. ڪک نه ٽيندڙ – ڪم کان نه ٽڪجندڙ.
– **اڻ وسهو ج اڻ وسهو:** ذ. صفت. اعتبار نه ڪندڙ – بي ويساهو. بي اعتبار. شڪي – ڀرمي.
– **اڻ وڻت:** ث. (اڻ + وڻڻ > وڻت) اڻبڻت. ناسازي – نااتفاقي. ڪلفت. ڪينو – بغض. بيائي.
– **اڻ وڻندو ج اڻ وڻندا:** ذ. صفت نه وڻندڙ – ناپسند. خراب – ڪنو. (ث) اَڻ وڻندي ج اَڻ وڻنديون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **اُٽَپ جِ اُٽَپُونْ:** ث. اُٽڻ جو نمونو – اُٽاوَت.
• **اُٽِ جهَٽِ:** ث. هُرکر – چنتا. ڳڻتي – اوسيڙو – آنڌمانڌ_ اُڌڪو – انديشو. ڪروڌ – ڪاپارو.
• **اَٽڪَ:** روڪ. رنڊڪ.
• **اِٽِڪَ. اَٽِڪَ جِ اٽڪُونْ:** ث. [سن. اَٽِي] ذرو – اَٽو. ذرڙو. ٻڙڪ.
– **اِٽِڪَ نہ ڪُڇڻ:** ذرو بہ نہ ڳالهائڻ. ٻڙڪ نہ ڪڇڻ.
• **اُٽڪَرُ جِ اُٽڪَرَ (ل):** ذ. صفت. اُٽندڙ (ڪپڙو وغيره). ڪوري.
• **اِٽِڪَ جِ اِٽِڪُونْ (ٽ):** ث. ڪاٺيءَ جو تمام ننڍو ٽڪر. گهٽ وڌ ڳالهائڻ جي حالت. چڙپ.
• **اِٽِڪَ جِ اِٽِڪُونْ:** ث. ٽورڙي خبر ٽيٽ – ڪڙڪَ.
• **اُٽِڪَاتِ (ٽ):** ث. هُرکر – ڳڻتي – اُڌڪو.
• **اَٽْکو جِ اَٽْکا (لس):** ذ. صفت. اگهو – بيمار. ڪچو – اَڻ پڪل – پيلو. (ث) اَٽکِي جِ اَٽکِيُون.
– **اَٽْکِيلُ جِ اَٽْکِيلَ:** ذ. صفت. اگهو – بيمار بي مزي.
• **اَٽْکِيل جِ اَٽْکِيلَ (ل):** ذ. صفت. اٽانگي طبيعت جو. بي مزي. بيمار.
• **اَٽکهيل جِ اَٽکهيلَ:** ذ. صفت. گولائيءَ ۾ وڏو. وسيع وڏو. اَڻ مَيو – اِتاَهہ – بيحد. گهاٽو. ڳرو.
• **اَٽَنڊُ (لس):** ذ. وڻ جو هڪ قِسم (جو ڪانيو جبل ۾ ٿئي، ’کهيري‘ جيڏو ءِ جهڙو، ڦَرُ چوپايو مال کونہ کائي).
• **اَٽَنگُ جِ اَٽَنگَ:** ذ. صفت. [سن. اَنا گَمْ] اٽانگو – اَٽائو – ڏکيو – مشڪل.
• **اُٽَڻُ:** مصدر. [سن. اُوْيِ – وِي] ڪپڙو وغيره ناهڻ – اُٽاوَتِ ڪرڻ – اوڃ ڪرڻ. (اُٽيو – اُٽندو – اُٽيل).
– **اُٽِتِي جِ اُٽِتِيُون:** ث. اُٽَت جو ڪم. اُٽڻ جو نمونو.
• **اَٽو جِ اَٽا:** ذ. [سن. اَڻ = ذرو] تمام ننڍو ذرو. ذرڙو. جُزو. خبر – چاڻ. نوڪ – چهُنب (پالي وغيره جي).
– **اَٽن جي ڪشش:** ث. جُزن جي ڪشش – اِتصال اَجزاءَ.
• **اَٽو جِ اَٽا:** ذ. اَنّ جي ڍِڳڙي – اُوٽو. اَنّ جي ڪوڙي. پاڱو – حصو.
• **اَٽوَتُ جِ اَٽوَتَ:** ذ. [هَ. اَنْوَتَ] ڳهَ جو هڪ قِسم – پيرجي آڱوٺي جو ويڪرو ڇلو (جنهن ۾ بعضي ننڍڙا گهنگهرا بہ ٿين).
• **اَٽوَتِي جِ اَٽوَتِيُون (ٽ):** ث. [هَ. اَنْوَتَ] ڳهَ جو هڪ قِسم – ڪنن ۾ پائڻ جو بُندڙو.
• **اَٽوٽ:** ث. ڪَمي: _ قِلت – اَٽاٽ.
• **اَٽونائِي جِ اَٽونائِيُون:** برسات جي ڪَمي – اوسَر. مخالفت – دشمني.
• **اَٽونو جِ اَٽونا:** ذ. صفت. [سن. اَنْنيتَوْيَه] هَوڏي – ضدي. نٽر. نرلڄو. (ث) اَٽونِي جِ اَٽونِيُون.
• **اُٽَونجاهَہ:** صفت. [سن. اُنَپَنْچاشَت] نَوَن ايڪن ءِ چئن ڏهاڪن وارو انگ – هڪ گهٽ پنجاهہ – اُوڻونجاهہ (٤٩).
• **اَٽُونْڊُ (اَٽونڊو) جِ اَٽُونْڊَ (ٽ):** ذ. صفت. لِچ – ڏنگو. هوڏي – ڦڏائي. اَهنڊ. ضدي – جهيڙاڪار.
• **اَٽُونْڪِڙو (ٽ):** ذ. صفت. ٻئي ڪي نہ سهندڙ – اَڻ سَهُو.
• **اُٽويهہ (ٽ):** صفت. اُوڻيهہ (١٩).
– **اُٽويهين ٻرتي ڪَرڻ (ٽ):** اُوڻيهن درين (ماڻ) مان ڳوڻ ٻرڻ. نقصَان پهچائڻ.
• **اَٽِهاڻ. اَٽِهيارُ جِ اَٽِهاڻَ. اَٽِهيارَ:** ذ. شاديءَ ۾ گهوٽ سان گڏ گهوڙي تي ويهاريل ٻار (ل). گهوٽ سان گڏ ٻيو ساٿي اَهنر (ٽ).
• **اُٽهَتَر:** صفت. [اُوڻِ + ستر] هڪ گهٽ ستر وارو عدد – اوڻهتر (٦٩).
• **اُٽهَٺ:** صفت. [اُوڻِ + سَٺ] هڪ گهٽ سَٺ وارو عدد – اوڻهَٺ (٥٩).
• **اَٽهَنْ (ڪ):** صفت. اَجايل (چوپايو مال).
• **اَٽهَول (ل):** ذ. صفت. اگهو – بيمار. بيماريءَ جو ماريل – اَپرو.
• **اَٽهي (ل):** ظرف. هميشه _ سدائين – ٻارهوئي.
• **اَٽِي جِ اَٽِيُون:** ث. [سن. اَڻِ. اَٽِي] چهنب – نوڪ. پالي يا ڪنهن هٿيار وغيره جي سَنهڙي چهنب. لِچ – لَغار. ذري. پاسو – ڪُنڊ "الله جهڙي مَر اُن جي اولي جي اَٽِي" (شاهہ). پر – پاسو. پلاند. آسرو – آڌار "هتان هڏ نہ چڏيان، آريءَ جي بہ اَٽي" (شاهہ).
– **اَٽِيارُ. اَٽِيارو:** ذ. صفت. پاسن وارو – پهلودار – چهنبيارو – نوڪدار.
– **اَٽِينگُ:** ذ. صفت. ڪناريدار. چهُنبيارو.
• **اُٽيتاليهہ:** صفت. اُوڻيتاليهہ (٣٩).
• **اُٽيهہ:** صفت. اُوڻِيهہ (١٩).
• **او:** حرف ندا. سڏ جو آواز 'اَڙي! اي!'.
• **اَوَ:** صفت. [سن. پَري] ابتڙ معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ اڳياڙي "اَوَتَرُ. اَوَجهڙ. اَوَ گڻ. وغيره".
• **اُو جِ اُو. اُهي:** ضمير. هو – اُهو.
• **اَواٽُ جِ اواٽُون:** ث. [سن. اَوَ = خراب + واٽ = رستو] خراب رستو – اَوجهڙ – ڪُواٽ – غلط راهہ. گمراهي.
• **اَواٽُ جِ اَواٽَ:** ذ. صفت. [سن. اَوَ = خراب + واٽ = رستو] غلط راهہ وٺندڙ – گمراهہ "اچا تون اَواٽَ. واٽان پاسي

ويسري"(شاهه).

— **آواٽو ج آواٽا:** ذ. صفت. غلط رستي تي هلندڙ — گمراهه. واٽ کان ڀليل. منجهيل — ڀليل.

• **آواجهو:** ذ. مُونجهي وارو (هنڌ. مُلڪ) — اهو هنڌ جتان ٻاهر نڪرڻ ڏکيو ٿئي.

• **آواڄ ج آواڄ:** ذ. صفت. [سن. آ + وَڄ = ڳالهائڻ] جنهن جو بيان ٿي نہ سگهي — بي بيان جو ڳالهائي نہ سگهي — گُنگو.

• **آواخر:** ذ. صفت. [ع. آخر ج أواخر] پويان — پڇاڙيءَ جا.

• **آوادان:** صفت. [ف. آوادان] آبادان — برسيل — وسايل — سائو — آباد.

— **آواداني ج آواداڻيون:** ث. آبادي. وَسُون.

• **آوار:** ث. [سن. آ + وار] بي انصافي — اَنياءُ. سَڃ — ويراني. غيرآباد زمين. اها جاءِ جتي رستو سجاڻڻ ۾ نہ اچي — اوجهڙ. وير — ويرم.

• **آوارَ ج آوارُون (ل):** ث. جهوتَ — گولا _ تلاش. رولڙو (تلاش ۾) _ (صفت) اجائي _نڪمي — بيفائدي "عمر سڀ آوارَ، ويئم، تي واڪا ڪريان"(شاهه).

• **آوارُ ج آوارَ:** ذ. صفت. [ف. آواره] رولو. بدچال — بدافعالو. بيهودو. بيڪار — نڪمو.

— **آوارو ج آوارا:** ذ. صفت. ڏکيو — خراب. اوجهڙ جو — اَٽانگو "آهي آوارو، پري پنڌ پهاڙ جو"(خانہ زئي).

— **آوارو هلڻ:** خراب نموني سان هلڻ — اَڏنگي روش هلڻ.

• **آوارو ج آوارا:** ذ. [سن. آوَٽ = کڏ] چوپائي مال جي پاڻي پيئڻ جو حوض — آواڙو.

• **آواسُر:** ث. [سن. آوَرت] آٿاٿ — قلت ڏُڪار.

• **آوالو ج آوالا (ت):** ذ. صفت. بيعقل — بي سمجهہ — موڳو. چرڙيو — اَپالو.

• **آوامر:** ذ. [ع. اَمر ج اَوامرُ] اَمر — حڪم — احڪام.

• **آوانڊو ج آوانڊا:** ذ. ٻاري ۾ پاڻي وهائڻ لاءِ اَڏ ۾ آيل ٽڪو — آوانڊو.

• **آوانڪ (ل). آوانڪ (ت):** ث. ڪني بانس — بد بُو — ڏَپ.

— **آوانڪو. آوانڪو:** ذَ. صفت. ڪنو — بد بُودار — ڏَپ وارو.

• **آواهُ ج آواهَ:** ذ. صفت. [ع. اَوّاه] روئي روئي دعا گهرندڙ مومن صفت (ماڻهو) نماڻو. آه ڪيندڙ.

• **آوائل:** ذ. [ع. اَوّل ج اَوائِل] هي لفظ واحد طور مستعمل آهي. شروعات. مُنڍ. (صفت) پهرين — شروع واري.

— **آوائلي:** صفت. پهريون پهريون — مُنڍ وارو. شروعاتي — ابتدائي.

• **آوائي ج آوائي:** ذ. صفت. [آ = نہ + وائي = ڳالهہ] بي زبان — گگدام — جنهن کي ڳالهائڻ جو ڍنگ نہ هجي. بيوقوف — نادان. موڳو — وائڙو "پاڙي ۾ پرينءَ جي، اُجهہ مَ آوائي"(شاهه). اجايو — بي فائدو. بيهودو.

• **آوايو ج آوايا (ل):** ذ. صفت. [سن. ۱. آ+وائي = بنا وائي، بي سمجهہ: ۲. آ = نہ + وايه = واءُ = بنا واءُ سڱاءُ جي، بيخبر: ۳. آ + واٽو > وايو = گمراهہ] آواڙو — بتال — ڀٽڪندڙ — گمراهہ رولاڪ. موڳو — چريو — نادان. بيڪار. جو ڏسي وائسي نہ هلي. ٿورو — گهٽ — اُوڻو. "سَوايو" جو ضد. (ث) آوائي ج آوايُون.

• **اوبارڻ:** مصدر. [سن. اَوَ شيش = اوبر] بچائڻ (ڪاڏو) — اوبر ڪرڻ — جُوٺو ڪرڻ. (اوباريو — اوباريندو — اوباريل).

— **اوبارڻ:** ث. مصدر "اوبارڻ" مان اسم. بچيل ڪاڏو — جوٺ _ اوبر.

— **اوبارو ج اوبارا:** ذ. صفت. ڪائي بس ڪرڻ کان پوءِ بچيل (ڪاڏو) — اوباريل — جوٺو.

• **اوبارو گرهہ:** ذ. نہ کائڻ جهڙي شيءِ.

• **اوباش ج اوباش:** ذ. صفت. [ف] بدمعاش — لُچ — آواره _ بدچال — رولو. عياش — بدڪار.

— **اوباشي:** ث. بدمعاشي — ڪمينپائي.

• **اوباهڻ:** مصدر. [سن. اَوْرڏو= اَپو] اُباهڻ — ڪڙو ڪرڻ — بيهارڻ — قائم ڪرڻ. بچائڻ. بخشڻ — معاف ڪرڻ "اوباهيوس اَئين. لطف سان لطيف چئي"(شاهه). اوپارڻ — پيدا ڪرڻ. (اوباهيو — اوباهيندو — اوباهيل).

• **اوباهہ:** ذ. بيهڪ — ڪڙائي. آجائي — رهائي. نجات _ ڇوٽڪارو. بخشش _ معافي.

— **اوباهجڻ:** مصدر. "اوباهڻ" مان فعل مجهول. ڪرو تڙو ٿيڻ (بيماريءَ مان) — نوبنو ٿيڻ. بخشجڻ — ڇُٽڻ.

— **اوباهو:** نجات، ڇوٽڪارو.

• **اوبٽ:** ذ. [سن. اَوَ = خرابَ + واٽ = رستو] ڏکي واٽ. ڪڙٻڙ — هيٺ مٿاهين زمين.

• **اوبر ج اوبريون. اوبرُون:** ث. ڪائي بس ڪرڻ کان پوءِ بچيل ڪاڏو — جوٺ.

— **اوبر سوبر:** ث. ڪاڌي جي بچت سچت.

• **اوبرو ج اوبرا:** ذ.سُٽ يا پٽ اوڻڻ جو اوزار — چرخو — اوبٽو — آبرو.

• **اوپَن (ڪ):** ث. چوپائيءَ جي قُرتي آر نہ ڪرڻ جي حالت.

• **اوپَڻ، اوپڻ:** مصدر. [سن. آوا پَن] ڪچي سُٽ يا پٽ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **اوهاڻ (ک)، اوهاڻُ (ڪ-ل)**: ذ. چوپائي مال جي پاڻي پيئڻ جو حوض – آواڙو – آنهُر.

• **اوهاڻڻ، اوهائڻ**: مصدر. اوهاڻ – اُباهڻ.

• **اوهرُ ج اوهرَ**: ذ. [سن. اُدُ يدُ] ٻوٽن وغيره جي واڌ يا اوسر. نباتات. اُيام (ڪلر جي) سوج (ڦُٽ ڦرڙيءَ جي). مٿانهين. چاڙهَ (پاڻيءَ جو) سجُ اُڀرڻ وارو طرف – اُڀرندو – مشرق. ٻيڙيءَ ۾ مُهڙ وارو هيٺيون تختو (ک).

• **اوهڙ اوهر (ل)**: ث. ٻوٽن جي پيدا ٿيڻ يا وڌڻ واري حالت. اوسر "وڇَن وڻ ٻري، اوهڙ اُڀري ڪانڪا" (شاهه).

• **اوهڙُ ج اوهڙَ**: ذ. [سن. اُدُ يدُ = ڦُٽڻ] ٻوٽن وغيره جو ڦوٽهڙو. گاهه. ٻوٽو. وڻ ٽڻ "اُمت جي آخوند، اوهڙ سڀ اُپاريا" (ڏتو).

• **اوٽ ج اوٽون**: ث. [سن. اُدُورته] مصدر "اوٽڻ" مان اسم. پالوٽ – پلٽ (پاڻيءَ جي). پاڻيءَ جي ليٽ. اُمنگ يا آدمي جو زور "من اندر جا اوٽ، مڇڻ ملڻ سان مائي ٿئي" (شاهه). اوٽڻي – ڏُڪ – چوپائي مال کي متاري ڪرڻ لاءِ تيل جو وڌل ڏُڪ. اشارو – ميچ "ڪڇن ڪين مُنهان، اوٽون ڏين اکين سان" (شاهه). مينهن (ل). محبت – يادگيري (ت). جوش – جذبو – اُدمو. گهاتائي – گهٽائي. ليٽ (درياءَ جي).

• **اوٽ**: ذ. [سن] پيٽو (تاجيءَ جو).

– **اوٽ پوٽ**: ذ. صفت. تاجي پيٽي اُٿيل. سڀ طرف پکڙندڙ. اندر ٻاهر.

• **اوٽ پوٽ**: ث. مَٽ سَٽ. هڪجهڙائي. پچ ڏاهه. بيقراري.

• **اُوٽَ ج اُوٽَ**: ذ. صفت. [هه] بي اولاد مثل ماڻهو. ڪنوارو. احمق – مورک. بداخلاقي.

• **اوتاد**: ذ. [ع. وَتَد ج اوتاد] ميخون. اهي چار الله لوڪ جن تي ساري عالم جو مدار آهي.

• **اوتار ج اوتارَ**: ذ. [سن. اُوَتر پڻ = آرام ڏيندڙ دوا] ڪنهن دوا جي اثر لاهڻ لاءِ مخالف دوا اُتارو – ترياق – زهر مار. جن پُوٽ جو واسو. ڪاري جي رَڇ جو هڪ حصو. [سن. وِيتهار] عِوَض – بدلو. بَدَل سَدَل – مَٽ سَٽ (ت).

• **اُوتار ج اُوتارَ**: ذ. [سن. اُوَترِي > اُوَ = هيٺ + تري = هيٺ لهڻ] هيٺ لهي ايندڙ. هندن جي عقيدي موجب ايشور جو ڪنهن بہ جسم يا روپ ۾ ظهور – ظهورو ايشور جو بيو روپ. ديوتا.

– **اوتار ڌارڻ**: هندن جي عقيدي موجب ايشور جو انساني جسم وٺي هدايت لاءِ زمين تي اچڻ.

• **اوتارو ج اوتارا**: ذ. [سن. اُوَتري = هيٺ لهڻ] وهڻ يا سفر تان لهڻ جي جاءِ – منزل جي جاءِ. منزل – منزل گاهه. اوطاق. موالين جي بيٺڪ جو خاص هنڌ – مَڪانُ – دائرو. آستانو "ڏي خبر ڪيانتل ڪري، منهنجو يار ڪڏهن ايندو اوتاري" (اميدعلي). چانورن جي ڪيري. اُتارو (تحريرجو) – نقل.

– **اوتاري**: ذ. صفت. اوتاري وارو (فقير).

• **اوتاڙ (ت)**: ث. مٿاهين زمين جنهن تي پاڻي سولائيءَ سان چڙهي نہ سگهي. گهٽي ڪائڻ سبب ڪاڌي نہ وٺڻ واري حالت.

• **اوتاڙي (ک)**: ذ. صفت. [سن. اَوَ = هيٺ، خراب + تره = تڙ] اُوتڙ. گمراهه – تَوائي.

• **اوتاڙجڻ**: فعل مجهول. چوپائي مال جو پاڻيءَ ڪان ٿهڻ – تاڙ ڪائڻ. پاڻيءَ يا ڪاڌي کٽي وڃڻ سبب ٻُڪ لَهي وڃڻ. (اوتاڙيو – اوتاڙبو – اوتاڙيَل).

– **اوتاڙيل ج اوتاڙيَل**: ذ. صفت. اُڃايل پاڻي پيئندي اڌ مان ٿاهه ڪاڏل (جانور).

• **اوتاڙڻ**: مصدر. اَڌ ۾ روڪڻ.

• **اوتاٺو ج اوتاٺو**: ذ. صفت. [سن. اُتڪ = خواهان. سڪندڙ. غمگين. ڪنهن شيءِ جو خيال ڪندڙ] سَڌ رکندڙ – سڪايل – آسائو "موڙهو گُنهي نہ مت. پليان پليو نہ رهي؛ ڪا جا پيس پَت. جنءُ اچ اوتاٺو پرينءَ ڪي" (شاهه).

• **اوتر**: ث. [سن. اُتر] شين جي متاسنا وقت ڏنل واڌو قيمت – اُتَرُ.

• **اوترُ**: ذ. [سن. اُتر] چئن ڏسين مان هڪ جو نالو – اُتر – شمال.

– **اوتريون ج اوتريان**: ذ. صفت. اتر وارو – اُتريون – اُتر جو. (ث) اوترين ج اوتريُون.

– **اوترينُ ڪَتَ**: ث. اتر قطب جي چوڏاري ڦرندڙ تارن جو هڪ ميڙُ – دُب اڪبر.

• **اوترو ج اُوترا**: ذ. صفت. [سن. اِيتاوَتُ] انهيءَ جيترو. انهيءَ مقدار ۾. اوڏو – انهيءَ جيڏو. (ث) اوتري ج اوتريون.

– **اوتري جو اوترو**: ظرف. بلڪل اوترو – بنهہ انهيءَ جيترو. نہ گهٽ نہ وڌ.

• **اُوتڙُ ج اُوتڙَ**: صفت. اُهو تڙ جتي ٻيڙين بيهڻ يا وهنجڻ جو سهنج نہ هجي – اُهنجو تڙ – اُٽانگو تڙ – خراب تڙُ "اوتڙ ڪنهن نہ اوليا. سُتڙ ويا سالم" (شاهه). "سُتڙ" جو ضد. اَوجهڙ. پراهون. ڪُوات. گمراهه. (ظرف) مٿانهون – اُپکيرو (ک).

– **اُوتڙان تڙ ٿيڻ**: بيراهه مان سنئينءَ راهه تي اچڻ. ڏکنَ مان سُک نصيب ٿيڻ "ڪنهن جنهن گهيڙ گهڙي، جيئن اُوتڙان

آڏَ. ڪنهن ڪم ڪرڻ جو ڏانءُ. ڪنهن ڳالهه جي معمولي ٽيٽ – ڪُڙڪَ. ڪپهه مان ڪڪڙن ڏار ڪرڻ جو ڪم. هَر جي پهرين ڪيڙَ. مينهن جو وسڪارو.

– **اَوناٽِتو ج اوناٽِتا:** ذ. صفت. اوٽ ۾ آيل – اوٽ وارو – لِڪل. پاسيرو – پريرو. پناهه وارو – محفوظ.

– **اوٽ تي هلڻ:** تَڪ تي ڪم ڪرڻ. آڏر تي هلڻ.

– **اوٽ ڪرڻ:** ڍَڪ ڪرڻ – پردو ڪرڻ – حفاظت وارو پاسو وٺڻ.

– **اوٽ وٺڻ:** پناهه وٺڻ. سام پوڻ. ٽيڪ وٺڻ. حفاظت وارو پاسو وٺڻ.

● **اُوٽ ج اُوٽَ (ل):** ذ. ڍِڳ – ڍير (جو محض ڏيکاءَ لاءِ هجي).

● **اوٽارُ ج اوٽارَ:** ذ. لَٽَ يا مٽيءَ جو تَهُ – ريٽُ. درياءَ ۾ پيدا ٿيل واريءَ جو ٻيٽ – ٻيٽارو. لَٽَ. غبار – ڌُنڌ – لَڙاٽ. ڍير – ڍِڳَ، پَڙُ (ل). غبار (دل جو) – غم. اونگهه – پنڪي (نشي جي). پور – خيال. يادگيري (ت).

– **اوٽارَ لَهي وڃڻ:** يادگيري لَهي وڃڻ. خيال لهي وڃڻ.

● **اوٽارَڻُ:** مصدر. [سن. آ+سْترڻ] لَٽڻ – ڍڪڻ (مٽيءَ سان). پُورڻ (ڪَڏ کوہ). ياد ڪرڻ. ڳڻتي ڪرڻ. غم ڪرڻ. غبار چڙهڻ (دل تي). (اوٽاريو – اوٽريندو – اوٽاريل).

– **اوٽارَ:** ث. دل تي بار. ڳڻتي – چنتا – فڪر. غم. خيال (جو ويڙهي وجي). يادگيري.

– **اوٽارجَڻُ:** مصدر. "اوٽارڻ" مان فعل مجهول. لَٽِجڻ – مٽيءَ سان ڍَڪَجي وڃڻ. ڳڻتي ۾ ويڙهجڻ "اوٽارجي اڄ ويو، گوندر گَڏِيائون" (رسالو).

– **اوٽاري ج اوٽاري:** ذ. صفت. لَٽيندڙ – مِٽيءَ سان ڍڪيندڙ. فڪرمند. غمگين.

– **اوٽاري وَڃڻ:** لَٽي وڃڻ. ڇڏي وڃڻ. نظرانداز ڪري ڇڏڻ (غم، ڳڻتي).

● **اوٽاڪُ ج اوٽاڪَ (ت):** ذ. چوپائي جو اُهو ڦَرُ جنهن جو ڪير ڏاڻڻ بند ٿي ويو هجي.

● **اوٽَرُ:** ذ. ڳڻتي – فڪر – چنتا. غم. بار – غبار اوٽار "اوٽريم اُپار، هينئڙو لٽ لٿي ويو".

● **اُوٽِڙو ج اُوٽِڙا (ڪ):** ذ.بيل گاڏيءَ جي هڪ ڪاٺي (اوڏِ جي اڳئين پاسي واري اُپي ڪاٺي جنهن تي گاڏي سڌي بيهي) – رُونٽِڙو.

● **اوٽِلو ج اوٽِلا:** ذ. [سن. آوَرْتَهه + لو] گهر جي اڳيان ٿَلهو (ڇيٽي ۾ ڳوهيل واريءَ جو ٿهيل).

● **اوٽَ موٽ:** ث. وڃڻ ۽ اچڻ. ڪنهن منزل تائين وڃڻ ۽ اچڻ جي حالت. ٻئي مٽا (سفر). (ظرف) ايندي ۽ ويندي.

● **اوٽَڻُ:** مصدر. پناهه ڏيڻ – بچائڻ – مدد ڪرڻ. اوٽِي ڏير (ڪپڙي کي). ڪپڙي جون ڪناريون ورائي سبڻ. ڪپهه ما ڪڪڙا ڪڍڻ – ڪپهه ٽائڻ. زمين کي هر ڏيڻَ شروع ڪرڻ - ڪيڙڻ جي ابتدا ڪرڻ. ڪپڙي کي ڦندڻ هڻڻ. جهٽڻ (بال). مد ڪرڻ (ت). ڪنگهڪار ڪرڻ. (اوٽيو –اوٽيندو– اوٽيل).

● **اُوٽِتو ج اُوٽِتا (ل):** ذ. بيل گاڏيءَ جي هڪ ڪاٺي (اُها ڪاٺي جا گاڏيءَ جي پولهه کي مٿي ڪٽي بيهي) ــ رُونٽِڙو.

● **اُوٽو (اوٽرو) (ت):** ذ. صفت. گندو – خراب خواب ۾ پليد ٿيا – ٽَڙ پيل. بي اولاد.

● **اوٽو ج اوٽا (ل، ت):** ذ. ليپي جو هڪ قسم (واري، ڇيٽو مٽي ملايل ليپو). گهر جي اڳيان ٿَلهو. اڱڻ (ت).

● **اوٽِي ج اوٽِيُونْ:** ث. [سن. اُوتي] ڪپڙي جي اندر جي ورائ سبيل ڪناري. بخيي جو هڪ نمونو. پرت جو هڪ قسم (ت)

– **اَوٽيارو:** ذ. اوٽيءَ وارو (ڪپڙو) ــ اوٽين ڏنل.

– **اوٽياري وَرائڻ:** سبيل ڪپڙي جي ڪناري موڙي ٽوپو ڏيڻ.

● **اُوٽِي ج اُوٽِيُونْ:** ث. ٻارن جي هڪٻئي کان رُسي جدائي ڪر جي حالت (ٻار جڏهن رُسندا آهن تڏهن پنهنجون ڇيچون ملائ هڪٻئي کي "اُوٽي" جو لفظ چوندا آهن) – ڪَٽِي.

● **اوٽِيڙو ج اوٽِيڙا:** ذ. وڻ جي ٽاريءَ جو پيوند يا قلم. ٻچ (ڪيوڙي جو). (صفت) هاري – زمين ڪيڙيندڙ.

● **اَوٽَ ج اَوٽُونْ (ڪ):** ث. ننڍي ٻَڪري – ٻَٽَ – اَيٽَ.

● **اوٽَ (ٿ،ل):** ث. اوٽ. بچاءُ – پناهه. پرڇهلو – آڏار.

● **اوٺِ، اوٺَ ج اوٺُونْ (ل):** ث. [وَسڻ > وُٺو > اُٺو > اوٺ وَس. جهجهي برسات. وُٺي جي ڇَر. مينهن جو گَڏ ٿيل پاڻ – پلر "اُٺي اوٺِ اُتر ڪان، جانب ياد اچن". مينهن جي پاڻي جي ٻوڏ. مينهن جو پاڻي، جو مٿانهين، تان ڏوڪيند هيٺاهينءَ ڏانهن اچي.

● **اوٺا:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ قبيلي جو نالو.

● **اوٺار ج اوٺاريُونْ (ڪ):** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم (سَنهر ڇلرنَ سان، ڊيگهه چار پنج انچ).

● **اوٺارُ ج اوٺارَ:** ذ. صفت. اُٺن وارو – اوٺي – جَت. اُٺ چاريندڙ (ذ) اُٺن جو گلو.

– **اُوٺاري ج اوٺاري:** ذ. صفت. اوٺارُ – اُٺن وارو.

● **اوٺارو (ل):** ذ. خراب خواب – اوٽارو.

اچي) "اوجهڙ اَسُونهن. ڏيهه گهٽوئي ڏوريو" (شاهه). گمراهي.

• **اَوجهڙ ج اَوجهڙ:** ذ. صفت. رستي کان هٽيل – گمراهه. بي واٽو. ڏکيو – اَٽانگو – مشڪل.

• **اوجهڻو (ٿ):** ذ. ڪنوارجي ساهُرن جي گهر اچڻ جي حالت.

• **اوجو:** ذ. صفت. حيران.

– **اوجو ٿيڻ:** حيران ٿيڻ "عقل اُت اوجو ٿيو هو هليا سامهان" (شاهه جو رسالو).

• **اوجهَه ج اوجهُون (ل):** ٿ. [سن. اُڌ = مٿي + جها = ڇاڻڻ] اُهڃاڻُ – نشاني – پارُ. روش – مهاندو. شبيهه.

• **اُوچ ج اُوچ:** صفت. [سن. اُچّ] مٿاهون – اُچو – اعليٰ. (ذ) بلندي – اُچائي. وڏائي – وڏو مرتبو. سبقت – اڳرائي.

• **اوچارو ج اُوچارا:** ذ. اُبڙڪو – اُلٽيءَ جو خيال – اوچارو.

• **اوَچتو ج اوَچتا:** ظرف. بيخبريءَ ۾ – اچانڪ – ناگهان – اتفاق سان. اَمالڪَ – يڪدم. (اسم خاص) ٻه درياهيءَ وٽ سنڌو نديءَ جي هڪ شاخ جو نالو.

– **اوچتائي:** ٿ. بيخبري – ناگهاني.

• **اوَچنائي ج اوچنايُونْ (ڪ):** ٿ. [سن. اُچڪ = مٿي نهارڻ] ڪنهن مٿاهين هنڌ کان ڪيل نگاهه – نظر – نهار.

• **اُوچو ج اُوچا:** ذ. صفت. [سن. اُچّ] اُتاهون – اعليٰ – بلند "اُوچو تون عرش تي، آءٌ پوٽو مٿي پُون" (شاهه). [سن. اُتڪرشٽ] عمدو – قيمتي. (ٿ) اوچي ج اُوچيُون.

– **اُوچاڻ. اُوچائِي:** ٿ. بلندي – مٿانهين – اُتانهين. وڏائي. فوقيت – برتري.

– **اُوچي نيچي:** ٿ. هيٺاهين مٿاهين (زمين) "سائر ڏيئي لت، اوچي نيچي پورئي" (قاضي قاضن).

• **اُوچيڙو ج اوچيڙا (ل):** ذ. مينهَن بعد ڦڪرائي – نِوائي – تڙڪو.

• **اوَچيهڙ:** اسمَ خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اوڇَ ج اوڇُون (ل):** ڪمينائي – رذالت. خسيسپائي – نيچپائي. مُونجهه – حيراني.

– **اوڇائِي ج اوڇايُونْ:** ٿ. ڪمينپ – خسيسپڻو. هلڪائي – ترڙائِي. گهٽتائِي.

– **اوڇُون ٿِيڻ:** مُنجهڻ – حيران ٿيڻ "عاقل ٿي اوڇُون ٿيا، پورو ڪين پڄي" (شاهه).

• **اوڇاپو:** ذ. [سن. هتيڇا] عنايت – نوازش. امداد. اپڇپو – تورو.

– **اوڇاپو ڪرڻ:** اپڇپو ڪرڻ. نوازڻ. اِمداد ڪرڻ.

• **اوڇارَڻُ (ل):** مصدر. [سن. اُتڪشيپَڻَ] ڦيءُ ڪرڻ – اُلٽي ڪرڻ – اوڪارڻ. (اوڇاريو – اوڇاريندو – اوڇاريل).

– **اوڇارَ ج اوڇارُونْ (ل):** ٿ. ڦيءُ – اُلٽي – ڪَڏَ.

– **اوڇارائِڻُ:** مصدر. "اوڇارڻ" مان متعدي بالواسطه. اُلٽي يا ڦيءُ ڪرائڻ.

– **اوڇارو ج اوڇارا:** ذ. اُلٽي – ڪَڏَ – ڦيءُ – اوڪارو.

• **اوڇاڙَ ج اوڇاڙُونْ (ل):** ٿ. [سن. اُڇَڇَدَ = پوش، ڍڪ] چادر يا ٻيو ڪو ڪپڙو جو ميّت جي مٿان وجهبو آهي. فوتيءَ جي ويجهن عزيزن جو فوتيءَ جي وارث کي چادر وغيره بدران ڏنل عوض – ڇاڙَ.

• **اوڇاڙو:** ذ. [سن. اُڇَڇَدَ = پوش، ڍڪ] چادر يا ٻيو ڪو ڪپڙو جو ميّت جي ڪفن مٿان وجهبو آهي.

• **اوڇا ڪرڻ (ٿ):** ڏينهن پورا ڪرڻ. تورا ڪرڻ.

• **اوڇانگَ ج اوڇانگَ:** ذ. اُڇانگ – ڇال. ٽپو. ٻُل.

• **اوڇائِي ج اوڇائِيُونْ (ل):** ٿ. [سن. اُڇَڇَدَ] اوڇڻُ – ڪپڙو. چادَر. پوشاڪ.

• **اوڇائِڻُ:** مصدر. ڍڪائڻ – پهرائڻ – اوڍائڻ.

• **اوڇري:** ٿ. ٿهَ. ڇاڻ (اَٽي جو).

• **اوڇَڙو ج اوڇڙا (ٿ):** ز. اکين اُٺي پوڻ جي حالت – اوبڙُ. گرميءَ سبب اکين جو اوٺارُ – آشوب چشم.

• **اوڇلو ج اوڇلا:** ذ. صفت. ڪمينو – ذليل. سفلو – ترڙو. بَد مزاج. پُراٺو – جهُونو. خراب.

• **اوڇنگارَ ج اوڇنگارُونْ:** ٿ. زور سان روئڻ جي حالت – "آڇو آڇَ" ڪري روئڻ. پارَ ڪَڍي روئڻ جي حالت – اُڇنگارَ.

• **اوڇنگارُون ڏيڻ:** زور سان روئڻ – پارَ ڪڍي روئڻ. روج ڪرڻ.

• **اوڇنگارَڻُ:** مصدر. آواز سان روئڻ – ڏاڍيان روئڻ. (اوڇنگاريو – اوڇنگاريندو – اوڇنگاريل).

• **اوڇڻُ ج اوڇڻَ:** ذ. [سن. اَوَڇَدَ = ڍڪڻ، لڪائڻ] اوڍڻ جو ڪپڙو. ڪپڙو لٽو. ڍَڪُ. سمهڻ مهل مٿان وجهڻ جو ڪپڙو.

• **اوڇو:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اوڇو ج اوڇا:** ذ. صفت. [سن. تُڇّ] گهٽ ذات وارو. نيچ – خسيس – حقير. ڪمينو – ذليل. بدفضيلتو. (ٿ) اوڇي ج اوڇيُون "آءٌ تان اوڇي ذات، تون پاڻ سڃاڻج سُپرين" (شاهه).

• **اوڇَئو ج اوڇَئا:** ذ. [سن. اُتسَوَ = شادي، خوشي] شادي. وڏو ڏينهن. خوشي ملهائڻ جو موقعو. جَلسو (جنهن ۾ ساڙو

فقير ڪارائجن).

• **اوڇينڊو ڄ اوڇينڊا:** ذ. ڦوڦِيندو – ڇُلٽو.

• **اوخَت (ڪ):** ٿ. خاتمو.

• **اُودَ ڄ اُودُونْ (ل):** ٿ. بيل گاڏيءَ جي اڳين ڏِگهي ڪاٺي – پولُ.

• **اُودُ ڄ اُودَ:** ذ. [سن. اُدْرَه] آبي جانور جو هڪ قسم – لُڌڙو. گهٽو ڪائيندڙ – ڏَئُوٽُ.

• **اُودو ڄ اُودا:** ذ. صفت. ميرو (رنگ) – ڀُورو – ڪَڪو – خاڪي. جهَڪو (رنگ). (ٿ) اُودي ڄ اُوديُون.

• **اُودي ڄ اُوديُونْ:** ٿ. شڪار لاءِ کَڏِٽو – شڪارين جي ويهڻ جي مخفي جاءِ. جُوڄڪي. مرگهي (بيماري).

• **اُوديا:** ٿ. [سن. اَ = نہ + وَديا = علم] بي علمي – جهالت.

• **اَوَڌِ:** ٿ. [سن. اَوَڌ < اَوَ = پري + ڌا = رکڻ، جهلڻ] عرصو – مُدو – حَد – پڇاڙي. آخري عمر. بيل گاڏيءَ جي ڏِگهي لٺِ (جنهن ۾ پانجاري وجهي ڏِڳا جوٽجن) – هَرنْهَنْ (ٽ).

• **اَوَڌُ ڄ اَوَڌَ:** ذ. صفت. [اَ + وَڌڻ > وَڌّ] نہ وڌَندڙ. پُراڻي وَڻ جو سَلو.

• **اَوَڌُ:** صفت. [سن. اَ = نہ + ٻُڌّ = سمجهہ] اَٻُڌ. بي سمجهہ. خراب مَت وارو.

• **اوڌَ ڄ اوڌُونْ (ل):** ٿ. [سن. وَرْڌ = وڌڻ] ڪنهن ٻُوٽي جي اُها ٽاري جانِوڙائي زمين ۾ پُوري ڇڏجي (جتان اُها ٽاري پاڙ هٽي ٻئي ٻُوٽي جي صورت وٺندي آهي). وڻ جو گوشو يا انگور. پيوند – قلم. واڌ – ماچ.

– **اوڌَ ڏيڻ:** وڌَڻ ـ مٽي اچڻ. گرمي ڪَرڻ.

– **اوڌَ لڳائِڻ، هٽڻ:** ڪنهن ٻُوٽي جي ٽاري ورائي زمين ۾ پُورڻ (جتان ٻيو ٻوٽو ڦُٽِي نڪري). قلم هٽڻ. پيوند ڪرڻ.

• **اوڌانُ ڄ اوڌانَ:** ذ. صفت. [سن. اَوَڌانُ < اَوَ + ڌا = رکڻ، جهلڻ] سُچيتُ – خبردار – پهري سُجاڳ [سن. اَوَ ڌاوَن = صاف ڪرڻ] اَنّ جي وائُر (ل).

• **اوڌاڻ:** ٿ. ["اُڌڻ" <اوڌاڻ] رَئي – دَزَ – غُبار – مٽي.

• **اُوڌانَ، اَوَڌانُ:** ذ. [سن. اُڌْانَ = مٽي چڙهيل، اپريل] وڻ جو گوشو يا انگور، اوپَڙُ "اپريا اَوڌاڻ، رُت رسائي سڄٽين" (شاهہ جو رسالو). مٽي جا وارَ.

• **اوڌَر ڄ اوڌريون، اوڌَرونْ:** ٿ. [سن. اُڌْڌار < اُڌْ = مٽي + ڌْر = رکڻ، جهلَڻ] اُڌار – کَٽِت. قرض. قرض طور ڏنل رقم. ٻئي ڏي رهيلَ حساب.

– **اوڌَر تي هلڻ:** پراوَن پئسن تي هلڻ. قرض کڻي پورت ڪرڻ.

– **اوڌَر پاڙِ سوڌَر:** ٿ. قرض پکو – کَٽِت.

– **اوڌر جو ڪاتو:** ذ. اوڌر جي داخلا جي وَهي.

– **اوڌَر ڪڍائڻ:** قرض طور ڏيڻ. قرض ڏيارڻ.

• **اُوڌَري (ٽ):** ٿ. لڄَ – حياءَ – شرم.

• **اُوڌَري وَڃڻ:** شرم وڃڻ – لڄ ڇڏي وڃڻ.

• **اوڌِڻُ:** مصدر. [سن. اَدَڌاوْ = صاف ڪرڻ] اَنّ صاف ڪرڻ. وائُرڻ. (لوڌيو – اوڌيندو – اوڌيل).

– **اوڌ:** ٿ. مصدر. "اوڌِڻُ" مان اسم. وائُرَ.

– **اوڌِڻي:** ٿ. اَنّ صاف ڪرڻ جو اُجورو.

– **اوڌائِڻُ:** مصدر. "اوڌِڻ" مان متعدي بالواسطه. اَنّ صاف ڪرائڻ – وائُرائڻ.

– **اوڌجڻُ:** مصدر. "اوڌِڻ" مان فعل مجهول. اَنّ جو صاف ٿيڻ – وائُرجڻ – ڇَنْڊجڻ.

• **اَوڌُوتُ ڄ اَوڌُوتَ:** صفت. [سن. اَوَ = پري + ڌُو = ڇنڊڻ، ترڪ ڪرڻ] ويراڳي نانگو فقير. سخت زاهد. تارڪ الدنيا "ڪو آدم اوڌوت. سمجهي هن سخن کي" (سامي). جنهن دنيا سان لاڳاپا ٽوڙيا هجن. مست -- بيپرواهہ.

– **اَوَڌُوتي ڄ اَوَڌُوتي:** ذ. صفت. اَوڌُوت – اَڌُوتي.

• **اوڌِيلَ (ل):** صفت. ڌڪاريل – لوڌيل. بي بَها.

• **اوڏَ:** ٿ. [سن. آرَ] اوڏائي – ويجهائي – نزديڪي.

– **اوڏَ ڇَڪَ:** ٿ. ڀَسگِردائي – ويجهي ڇَڪَ – آسپاس – قرب وجوار.

– **اوڏِيارَ (ل):** ظرف. اوڏڙائيءَ ۾ ـ ويجهڙائيءَ ۾ ٿوري وقت ۾. ويجهيءَ ڇَڪَ ۾.

• **اوڏَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **اَوَڏِ (ت):** ٿ. ڏڪيائي – اَهنجائي.

– **اَوَڏ ڪَرڻ:** ڏڪيائي ڪرڻ – اَهنجائي ڪرڻ.

• **اوڏُ ڄ اوڏَ:** ذ. صفت. [سن. اوڊَ < اَڏّ = اَڏڻ] اوڏ قوم جو فرد (جي اڪثر مٽيءَ مان جاين جي ٺِتين ٺاهڻ جو ڪم ڪندا آهن) "لاکي لَٽائي لَڪ، اڄ پڻ اوڏن کي ڏنا" (غوث محمد شاهہ). (ٿ). اوڏِڻ ڄ اوڏڻيُون "اوڏِڻ اوڏي آءُ، توکي لاکي ڪوٺيو" (خواجہ محمد زمان). اَڏڻ وارو (گهَر) – اَڏيندڙ (جايُون). مٽيءَ مان گهَر ٺاهيندڙ. مٽيءَ جون اوساريون ڪٽيندڙ. جاهل – بيوقوف – نادان – مُورک.

– **اوڏاٽو ڄ اوڏاٽا:** ذ.صفت. اوڏن وارو. بيوقوفيءَ جو.

– **اوڏِڪو ڄ اوڏِڪا:** ذ. صفت. اوڏَ جو – اوڏَ وارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- **اوڏِڪو ڳلهه ٻنجڻ** (ت): سخت تڪليف ۾ پوڻ – سخت پورهئي ۾ ڳُهڻ.

• **اوڏارُ ج اوڏارَ** (ڪ ک): ذ. وڻ جي وڍيل پاڙ (جا زمين ۾ هجي) – لاهَ – مُنڍو.

• **اوڏانهَن، اوڏانهُون**: ظرف. [او = هُو + ڏانهن = طرف] هُن طرف – هُن پاسي – اُتي – هُن هنڌ – هوڏانهن.

• **اوڏانهون ج اوڏانهان**: طرف. ويجهو – اوڏو – قريب. (ث) اوڏانهين ج اوڏانهيون.

• **اوڏانئون، اوڏانئين**: ظرف. هن طرف – هوڏانهن.

• **اَوَڏاٽو ج اَوَڏاٽا** (ٿ): ذ. صفت. بنا ڏاوڻ جي (اَٽ).

• **اوڏاهر**: ظرف. اوڏانهن – هوڏانهن.

• **اوڏاهُون، اوڏاهين**: ظرف. اوڏهين – اُن طرف – هُن پار – هُن هنڌ.

• **اوڏِڙو ج اوڏِڙا**: ظرف. (اوڏو + ڙو) ٿورو ويجهو – قدري نزديڪ – اوريرو. (صفت) اوترو ننڍو – اوتڙو – ايڏڙو. (ث). اوڏڙي ج اوڏڙيون.

- **اوڏِڙائِي**: ث. ويجهڙائِي – نزديڪي – ويجهي چَڪَ. آسپاس – پسگِردائي. ويجهي مائٽي – عزازت.

• **اوڏو ج اوڏا**: ظرف. [سن. اَرَ > آ + رَ = اوڏو] ويجهو – نزديڪ – قريب – اوري "اُيري چند، پَسُ پرين، تو اوڏا مون ڏُور" (شاهه). (صفت) اوترو – اُنهيءَ جيڏو. (ث) اوڏي ج اوڏيُون.

- **اوڏائِي ج اوڏايُون**: ث. ويجهائي – نزديڪي. ويجهي چَڪَ – پسگِردائي – آسپاس. ويجهي، مائٽي – عزازت.

- **اوڏو ٿيڻ**: ويجهو ٿيڻ – قريب ٿيڻ – نزديڪ اچڻ. لَهه وچڙ ۾ اچڻ – ڳهائِل مائل ٿيڻ. اڳيرو ٿيڻ.

- **اوڏو وڃڻ**: ويجهو وڃڻ. نزديڪ وڃڻ. هٿ لائڻ (ڪنهن شيءِ کي). ڪم آڻڻ – استعمال ڪرڻ.

- **اوڏِي چَڪَ**: ث. ويجهڙائي – آسپاس – پسگردائي – قرب وجوار.

• **اوڏي** (ت): ظرف. اوڏانهن – هوڏانهن – اُن هنڌ – هُتي.

• **اوڏِياٽو**: اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اوڏِيٺو ج اوڏيٺا** (ٿ): ذ. وڏو ڪارو.

• **اوڍاٽو** (ت): ذ. وڇوڙو – جُدائي.

• **اوڍِڙ (اوڍْڙ)**: ثَ. [سن. اُڌَرُ = ڦاڙڻ، اڌيڙڻ] ٽاڪن جي اُڪلڻ يا کُلي پوڻ جي حالت.

- **اوڍِڙو (اوڍْڙو)**: ذ. اُڌڙيل ڪپڙو (ت).

• **اوڍِلاڻُ ج اوڍِلاڻَ** (ل): ذ. اوپالو – ڏوراپو.

• **اوڍو (اوڍْو) ج اوڍا (اوڍْا)**: ذ. اُڌو – خوف – ڊپ – خطرو. انديشو – خدشو. انتظار – اوسيڙو. ڳڻتي – خيال – فڪر – اونو.

• **اوڍِيڙ (اوڍْڙيڙ)**: ذ. پيٽ واريءَ زال جا اوڪارا – اُڍيڙ – اُڍيهَڙ.

• **اَوَڍَ**: اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اوڍ**: ث. مصدر "اوڍڻ" مان اسم. اوڍڻ جو ڪپڙو – اوڇڻُ. جهَلَ – پناهه. پوشاڪ – سروپاءِ. پوتي – اوڍِڻي (ٿ). سمهڻ وقت مٿان وجهڻ لاءِ رلي، سَوڙ وغيره (ل). هنڌن جو ڍِڳ (لاڙ ۽ ڪوهستان ۾ عموماً کٽ يا منجڻ تي رليون، پٿراٽيون ۽ سَوڙُون وغيره چوٽيو ويڙهي هڪ ٻئي مٿان ڍِڳ ڪندا آهن ۽ مٿان هڪڙي رَلي وجهي سڄي هنڌ کي ڍِڪي ڇڏيندا آهن).

• **اوڍا**: اسم خاص. ڳڙهي ياسين ۽ بدين تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **اوڍارَڻُ** (ل): مصدر. جنب جي تانئر مان اَٽو ڪڍڻ.

• **اوڍاٽا** (ٿ): ذ. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

• **اوڍاٽو**: اسم خاص. تعلقي ٺٽل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اوڍاٽِي ج اوڍاٽِيُون**: ث. مانيءَ تي ڏنل ڪپڙو. تحفي طور پهرايل ڪپڙو. ڪپڙن پهرائڻ جو اُجورو – پهراڻي. سوغات (ٿ).

• **اوڍَرُ ج اوڍَرَ**: ذ. [سن. اُوْرڻُ > وْرِ، اَوْرِ = ڍِڪڻ، پردو ڏيڻ] پردو – ڍَڪُ – پوش. اوٽ – اولو (َت). جهَل – پناهه. مَنهُنْ – ڇَپَر. ڪنهن جاءِ يا وَڻ جي اوٽَ (ڪ). گبرو (ڪ) "تون اوڍر، تون اوڍڪو، تون اجهو، تون آڳ" (شاهه). [سن. وودِر > وَهْ = هلائڻ] اڳواڻ – پيشوا. راجا. گهوٽ.

• **اوڍَرڪِي**: اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اوڍَڪو**: ذ. [سن. اَوْر > اُوْرڻُ = ڍِڪڻ] ڍڪ – پناهه. پاڇو – ڇانْوَ. پوشاڪ (ت).

• **اوڍِلو ج اوڍِلا** (ل): ذ. [سن. اَوْر > اُوْرڻ] اولو – پناهه.

• **اوڍَڻُ** (ل): مصدر. [سن. اوْر > اُوْرڻ = ڍِڪڻ؛ 2. اُپَويشْٽ = ڍِڪڻ، ڪپڙا پهرڻ] پائڻ – ڍَڪڻ – پهرڻ (ڪپڙو) وجهڻ (انگ تي ڪپڙو) هنڌ هڪٻئي مٿان سَٽي رکڻ (ڪ).

– **اوڍ**: ث. مصدر "اوڍَڻ" مان اسم. ڍَڪُ. پوشاڪ. ڪپڙو. هنڌن جو ڍِڳ.

– **اوڍائِڻُ**: مصدر. "اوڍَڻ" مان متعدي بالواسطه. ڍَڪائڻ – پهرائڻ (ڪپڙا).

– **اوڍجڻُ**: مصدر. "اوڍَڻ" مان فعل مجهول. ڍَڪجَڻُ – پهرجَڻُ (ڪپڙا).

– **اوڍَڻُ ج اوڍَڻَ** (ٿ): ذ. مٿي کي ڍڪڻ جو ڪپڙو – اوڍِڻي.

– **اوڍِڻي ج اوڍِڻِيون** (ل ٿ): ث. پوتي – رَئو. چُنِي. شاديءَ

وقت ڪنوار جي ڍڪڻ جي چادر.

• **اوڍيجا:** اسم خاص. سنڌ جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **اَوَرُ ج اَوَرَ:** ز. صفت. (اَ + وَرُ) جنهن ۾ وَرو ڪڙ نہ هجي — وڪڙ کان سواءِ. سنئون سڌو. (ذ) موجَ — مَزو. اَڏوڏائي.

— **اَوَرَ ڪَرڻ:** موجون ماڻڻ. وڏائي ڪرڻ. آڪڙجي هلڻ.

• **اوَرَ (ل):** ث. جُوئر يا ٻاجهريءَ جو لاباري بعد ٻيو اوبڙُ. پوک جي ٻي مورَ.

• **اوَرَ:** ث. [سن. اُدْ. اَرْڪَ = اوڙڪ. حد] اصل — منڍ. حَد — پڇاڙي.طرف — پاسو — ڏِس.

— **اورنباهڻ:** آخر تائين وفادار رهڻَ. توڙ تائين رکيا ڪرڻ.

• **اورَ ج اوَرُونْ:** ث. [سن. جَرائي، اَمَلا] اُهو پَردو ۽ گوشت وغيره جو ويم کان پوءِ ماديءَ (عورت يا چوپائِي) جي پيٽ مان نڪري — جَرَ.

— **اَور پُوريل هُجڻ:** هَرهَراڇڻ —گهمرا ڪرڻ. ڪنهن جاءِ تي دل ڦاٿل هجڻ.

• **اَورَ:** صفت. [هـ] وڌيڪ — ٻيو. علحدو — نرالو — نئون. (حرف جمَلو) ۽ _ پڻ.

• **اَورَ:** صفت. رواجيءَ کان وڌيڪ. جنهن جو مَٽُ نہ هجي "اورُ ڏکندو اُو ٿئي، هادي جنهن حبيب" (شاهہ).

• **اُورَ:** ث. [سن. ١. اَرْ = هلڻ، ڊوڙڻ، اُڏامڻ؛ ٢. اَرْسْ = طاقت، زور، شڪتي، ٻَڏي] هلان _ ڪاهہ — حملو — جُلهہ — چڙهائي. غلبو. هُوڙهيائي. زور — زبردستي "سڀ لڏايا سُومري، عمر ڪري اُور" (شاهہ).

• **اُوَرَ اُوِرَ:** ث. [سن. اَرْ = هلڻ، ڊوڙڻ، اڏامڻ] پکين جو اُڏامندڙ ولَرَ. قطار — ٻيڙ. ٽولو پکين جو] "اُڏاٽا اُور ڪري، ڪارين پکين ڪانَ" (شاهہ).

— **اُور ڪرڻ:** قطار ڪري اُڏامڻ.

• **اوراتو ج اوراتا:** ذ. [سن. اَرودَن] رودن — روڄ — راڙو — ماتم "اوراتو ٿيندو جڏهين سينگاريا سُپرين" (شاهہ). غم ـ ڏک. آفت — مصيبت.

• **اوراٽَڻُ، اوراٽِڻُ:** مصدر. [سن. اَوْر، اَوَرَٽ = ڍڪڻ، لڪائڻ، ٻَرڻ، بند ڪرڻ، چوڌاري ويڙهڻ، گهيرو ڪرڻ] اکيان ڦري اچڻ. اکيان آڏ تي بيهڻ. ڍڪڻ — پورڻ — ٻرڻ (مٽيءَ سان). پردو چاڙهڻ. بند ڪرڻ (اکيون لَٽ سان). "اکيون لَٽ اوراٽيون، ڪه پر ڪڙيان پير" (شاهہ). گهُٽڻ — اُرهاٽڻ. (اوراٽيو — اوراٽيندو — اوراٽيل).

— **اوراٽ:** ث. هيانءَ جي دوري ڪري غشي — بيهوشي — ڍڪر.

— **اوراٽِجڻُ:** مصدر "اوراٽڻ" مان فعل مجهول دم گهٽجي وڃڻ — بيهوش ٿيڻ. هنْئين جو وٽجڻ.

• **اوراپو ج اوراپا (ٽ):** ذ. ڏوراپو. عتاب — طعنو.

• **اوراڄو، اوراڄو، اوراڄو:** ذ. روڄ — راڙو — ماتم. اوراتو "پهرين نہ پوڪين، پوءِ اوراڄو اُن ڪي".

• **اوراں اوراڙِ:** ث. [سن. اَوارَ] درياهہ جي اورين ٻَر. اوريون پاسو يا طَرف "اورار نہ پار، هينڙو حيرت ۾ پيو" (شاهہ). (ظرف) هِن ڪنڌيءَ _ هِن ٻَر. هِن طرف — هِن پاسي.

— **اوراراںْ اوراڙانْ:** ظرف. اورينءَ ٻَر کان — هن ڪنڌيءَ کان "اوراران آهون ڪريان. پهَچان شَال پرار" (شاَهہ).

— **اورار ٻَراں اوراڙِ ٻراڙِ:** ظرف. درياهہ جا ٻئي ڪَپ. هن ٻَر ۽ هُن ٻَر.

• **اورازَو:** ذَ. اوراتو — اوراڄو "هي تان هوند مرن، هُن اَڱڻ اورازو ٿئي" (شاهہ).

• **اَوراقَ:** ذ. [ع. وَرْقُ ج اوراق] وَرق — ٻَنا (ڪتاب وغيره جا).

• **اوراڪَ ج اوراڪُونْ (ٽ):** ث. ڪانيءَ جو ٽُڪر (جو ٻونڻُ ۾ وجهبو آهي).

• **اورا ڪورا:** ث. هورا ڪورا _ هُرڪْر — آنڌ مانڌ. ڳڻتي — چنتا.

• **اورانْيو ج اورانْيا:** ذ. [سن. اَلَمْٻ] آڌار — ٽيڪ — جهلو. پناهہ — اَجهو. قرب — پيار — پريت. سڪ. ڪورانيو.

• **اورانْگهَڻُ:** مصدر. [اَلَنْگهَن < اُدْ = مٿي + لَنْگهَ = لنگهڻ] مٿان لنگهي وڃڻ. ٽپي وڃڻ. نہ مڃڻ (حڪم). "ڪندينءَ ڪوهہ ڪيٽانِ، جهُ سي اُن اورانگهيا" (شاهہ). (اورانگهِيو — اورانگهيندو. اورانگهيلَ).

— **اورانْگهہَ ج اورانْگهُونْ:** ث. مصدر "اورانگهڻ" مان اسم. ورانگهہ — ٻرهانگ.

• **اَوراٽو ج اوراٽا:** ذ. [سن. اَوَ = مٿي + لَلْ = کيڏائِڻ، کوڏائڻ] اولاٽو — لولي. ٻار کي ننڊ ڪرائڻ وقت ٻريائڻ جي ٻولي. ماتا ۾ ورتل ٻار اکيان "ديوي ماتا" جي تعريف ۾ ڳائڻ جو گيت. ڳڻتي — ٻُورَ — اُليلَ (ٽ).

• **اوراهونْ، اورائونْ:** ظرف. اور ٻَرو — اوڏڙو — اورتي "آءُ اوراهون سپرين، وچ ۾ پراهون"(شاهہ).

• **اورائِڻُ:** مصدر. [سن. اَ + سمرڻ] مُئي ماڻهوءَ جي يادگيري ڏياري روُئڻ. (اورائِيو — اورائيندو — اورائِيل).

• **اُوريو:** ذ. [ڊاٽڪي] قُرب — محبت.

• **اورَٻَ ج اورَٻُونْ (ل):** ث. ننڍي رِڏ(جا اڄا وياٺي نہ هجي) — وَڏي گهيٽِي

- **اورڙيرو:** ظرف. ٿورو اورتي — ٿورو ويجهو.
- **اور پور (ک):** ث. اَج وَيج. رُلَ پنَ.
- **اورَت (ڪ):** ظرف. اورتي — وَيجهو — اوريان.
- **اورَتاهونْ، اورتئُونْ:** ظرف. اورڀرو — ويجهڙو — اوڏڙو.
- **اورَ ٿو ج اورٿا (ل):** ذ. صفت. [سن. اَوَ = پري، هيٺ + اَرٿَ = مطلب] اَجايَو — بيفائدو (ڪم) — رايگان.
- **اورنو ج اورنا (ٿ):** ذ. گهوڙي جي اڳيان گاهہ رکڻ جي جاءِ.
- **اوْرَج (ٿ):** َث. حياء — لَڄ — شرم.
- **اِوْرجا ج اَوَرجائُونْ:** ث. ڄمارَ — عُمر.
- **اوْرُچ ج اوْرَچ:** ذ. صفت. [اَ = نہ + ورچڻ > ورچ] جو ورچي يا بيزار نہ ٿئي — اَڻٿڪُ — محنتي. ڪَڪِ نہ ٿيندڙ (ڪم مان). لاڳيتي ڪوشش ڪندڙ.
— **اَورچائِي:** ث. ورچڻ يا ڪَڪ نہ ٿيڻ جي حالت. بيزار نہ ٿيڻ جي حالت. لڳاتار ڪوشش. اَڻٿڪ محنت.
- **اُورَڙ (ل):** ث. [سن. اُرْ = هلڻ] تکي ڊوڙ — رُومڙ (جانور جو، حملي لاءِ). يلغار، حملو.
- **اورڙو ج اورڙا (ٿ):** ذ. ڪکائين لانڊي — ڇُونْرو. اُها جاءِ جنهن جي ڇت نرين واري هجي.
- **اُوْرڙي:** ث. بيماريءَ جو قسم (جنهن ۾ ٻُت تي سنهان داڻا نڪرندا آهن) — ننڍي ماتا — اُرڙي.
- **اورَسو (ٿ):** ذ. اُٺ جي ٻوٽ هيٺ ڪرڻ لاءِ ڪنڌ تي مهار اُڇلڻ جو فعل (انهيءَ طريقي سان اُٺ جي ڪنڌ کي هيٺ ڪري مهار ناڪيليءَ ۾ وجهندا آهن).
— **اورَسو اُڇلائڻُ:** اُٺ کي ناڪيليءَ ۾ مَهار وجهڻ لاءِ مهار اُٺ جي ڪنڌ تي اُڇلڻ. واجهہَ وجهڻ.
- **اَورَڪَ ج اَورَڪُونَ (ل):** ث. وڏو مينهن — گهاٽو مينهن — سخت برسات — اَوريڪَ.
- **اورَڪڻُ:** مصدر. [پرا. اوَلَڪْڪَ: سن. اپَلَڪْشڻ] _ سُڃاڻڻ — جاچي ڏسَڻ "اکين سوئي اورکيو، جو ڪنين سُئُومُ، ڪَرَنُ" (شاهہ). (اورکيو — اورکيندو — اورکيل). اوڙکڻ، اورڳڻ.
— **اورَڪَ:** ث. سڃاڻپ — واقفيت — پَڇاڻَ.
— **اورَڪاڻَ (ٿ):** ث. سڃاڻپ — ڄاڻ — واقفيت.
— **اورڪائِڻُ:** مصدر "اورڪڻ" مان متعدي بالواسطه. سڃاڻپ ڪرائڻ.
— **اورڪِجَڻُ:** مصدر. "اورڪڻ مان فعل مجهول سڃاڻجڻ.
— **اورڪُو ج اورڪُو (ٿ):** ذ. صفت. ڪنهن ماڻهوءَ جي پَتي ڪڍڻ لاءِ اُن جي پٺيان لڳي پوندڙ. جاسوسيءَ جي ارادي سان گهُمندڙ.

- **اورَڳُ ج اورَڳَ:** ذ. رهاڻ. وندر لاءِ ڳالهہ ٻولهہ. پيار — دل جو قرب. پيوند — سَٻنڌ. مشغولي. گذارو "آرياڻي اورڳ، پنيوران ڀَهرتي" (شاهہ).
- **اورڳڻُ (ل):** مصدر. [سن. اَوَلوڪْ = ڏسڻ. نهارڻ: پرا. اَوَلُڪَڪَ] اورکڻ، اوڙکڻ، سُڃاڻڻ — جاچي ڏسڻ. ڳولڻ. اورانگهڻ "ڪاڪ وٽن سان، اوئين گهڻو اورڳي"(شاهہ ڪريم). (اورڳيو — اورڳيندو — اورڳيل).
- **اور گهوں اوري گهوري:** ظرف. قربان — صدقي — گهوري.
- **اورَل :** اسَم َخاص. تعلقي ٻني عاقل ۾ هڪ ديهہ جو نالو. [انگ oral] زباني (امتحان).
- **اورَلُ:** ذ. صفت. جنهن جي وچ ۾ وٿي نہ هجي. گهاٽو — ٻَـتيل. مُسَلْسَل. لاڳيتو.
- **اورمو ج اورما:** ذ. [هہ. اورما؛ سن. اُورْمي] بخيي جو هڪ قسم. مولَهہَ ورائڻ. اوڀي — ٻهي. ڪپڙي جيَ وٽ تي سيبو — اولِمو.
- **اُورَن:** ث. [سن. اُوْنَ = اوڻو. گهٽ] اَڻائي — گهٽتائي — ڪمي. (صفت) گهٽ — اُوڻِي. خالي.
- **اَورَنْگُ ج اَورَنْگَ:** ذ. [ف] تخت — گادي. بادشاهي.
- **اَورَنْگزيبُ:** اسم خاص. (تخت جي زينت) مُغل گهراڻي جو ڇهون مشهور بادشاه محي الدين عالمگير (وفات ١٧٠٧ ع).
- **اَورَنْگزيبي، اَورَنْگشاهِي:** ذ. ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم.
- **اَورَنْگ آباد:** اسم خاص. ڳڙهي ياسين ۽ جيڪب آباد تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
- **اَورَنْگابَنْدَرُ:** اسم خاص. ڪڪرالي پرڳڻي (شاه بندر سب ڊويزن) جو هڪ آڳاٽو مشهور بندر (جتي گهڻائي اهل الله دفنيل آهن. تحفة الڪرام).
- **اَورَنْگِي:** ث. راڳ (موسيقي) جي ٽيويهن آوازن مان هڪ آواز.
- **اَورَنْگهہَ:** ث. [سن. اَوَ + لَنْگهہ] ٻرهانگ — وڪَ — ورانْگهہ.
- **اَورَنْگهہُ ج اَورَنْگهہَ (ت):** ذ. اَڄ وَيج جي جاءِ. لنگهڻَ جو هَنڌ. لنگهہُ.
- **اورَڻِ (ت):** ث. صفت. جنهن سان حال اورجي — حال محرم — همدرد. پياري. (اسم خاص) عورت جو نالو.
- **اورَڻُ:** مصدر. [سن. آوَرْتَنَ = وري وري چوڻ يا ڪرڻ. اڀياس، مشق] ڏک سُک جو احوال ڏيڻ — سوُرَ بيان ڪرڻ.دل جو

ڪرڻ. جاچي ڏسڻ. اورکڻ. (اوڙڪيو – اوڙڪندو – اوڙڪيل).

– **اوڙڪيتو (ٿ):** ذ. صفت. سُجاڻو – واقف.

• **اوڙڪ:** ٿ. سخت برسات – اوڙڪَ – اوريڪ.

• **اوڙڻ، اوڙڻُ (ت):** مصدر. آئڙڻ – وڻڻَ – پسند پوڻ. (اَوڙيو – اَوڙيندو – اَوڙيل).

• **اوڙو:** ذ. [سن. آوَرڻ] سنڀالَ – چيتَ – خبرداري.

– **اوڙو ڪرڻ:** چيتي هلڻ – خبرداريءَ سان هلڻ. سنڀال سان پير ڪڻڻ.

• **اوڙو ج اوڙا:** ذ. [سن. اَپنوڌ] ڪپڙي مان نهيل ڳَڊو يا مٽل پڪي (ڪانءُ) جو پوک مان پکين کي پجائڻ لاءِ ٽڱيندا آهن – مُوئِرو. پيهي تي اُس ڪان بچاءَ لاءِ ٽنگيل ڪپڙو (ت). اٽڪل – چالاڪي (ت). [سن. آوَرڻ] چانٺُ ـ پِٽيو. سَردرو. درجي چوڪٺ. لوڙهو. سرحد – دنگ. ڪٽڪ يا سارين جي سَٽري (ت). متر ڪٽڪ، وغيره جي وَل جو ڍڳ (ت).

– **اوڙو ناهڻ:** اٽڪل ڪرڻ – چالاڪي ڪرڻ. زماني جي هلت موجب هلڻ. ڍوڪو ڏيڻ.

• **اُوڙو ج اُوڙا (ل):** اُٺ جي هڪ بيماري (جنهن ۾ ٽنگن ۽ ڪوڙي جي وچ ۾ ڳوڙهو ٿيندو آهي).

• **اُوڙي ج اُوڙيون (ل):** ٿ. اُٺ جي ڪوڙي ۾ نڪتل ڳوڙهو (بيماري).

• **اوڙو پاڙو:** ذ. [اوڙو > اوڏو + سن. پريتويش = پاڙو] آسپاس وارا گهر. پسگردائي – آسپاس – ويجهي چڪ.

– **اوڙو پاڙو اُجائي ڏيڻ:** پاڙيسرين کي بيزار ڪرڻ. آسپاس ۾ آزار مچائڻ.

– **اوڙي پاڙي جو ننگ رکڻ:** پاڙي پتيءَ وارن جو حياءُ ڪرڻ. پاڙيسرين جي لڄ رکڻ.

• **اوڙهانڊُ (ل):** ذ. ننڍڙي ڪُنڊي (وڻ).

• **اَوڙي:** ٿ. صفت. ڪَوڙي – ٻي وَڙي "اَوڙي. نہ اُن سين. سَنئين نہ سيٽان" (شاهہ).

• **اوڙيهر (ٿ):** ٿ. سنهي يا ٿورڙي برسات (جنهن جو پاڻي فقط اوڙن کي پري).

• **اَوزَ (لس):** ٿ. [اوج > اوز] زُوم – تيزي – جلدي "جان آيو ڪامل ڪاڪ جو، منجهان اَوزَ اُڇل".

• **اوزارُ ج اوزارَ:** ذ. [ع. وزر ج اوزار] ڪنهن بہ ڪاسبيءَ جي ڪم ڪرڻ جو ٽيڙ – هُنري هٿيار. آله ـ هٿيار. جنگي هٿيار.

– **اوزار پرڻ (ت):** ڪورين جي اصطلاح ۾ تاجيءَ جي تندن ۾ سَٽَ جا ڪڙا وجهڻ.

• **اَوزان:** ذ. [ع. وَزَن ج اَوزان] وزن – وَٽ. ماپا. شعر جا بحر.

• **اُوزبڪ:** اسم خاص. [ترڪي] هڪ تاتاري قبيلي جو نالو. (صفت) بهادر – پهلوان.

• **اُوزبڪيون ٻڪڻ:** مغروريءَ سان ڳالهائڻ. ڏاڙون هڻڻ.

• **اَوس (ٿ):** ٿ. [سن. اَوَرش] مينهن ۾ نہ ٿمندڙ چت.

• **اَوس:** ظرف. [سن. اَوَش] ضرور – پڪ – يقيناً. لاچار – نيٺ. بيوسيءَ جي حالت ۾. ڪنهن بہ صورت ۾. هر حالت ۾. هرويرو – خواهہ مخواهہ.

• **اَوسُ:** ذ.صفت. [سن. اَوش] بيوس لاچار – مجبور – بيواهو. ويچارو.

• **اوس:** ٿ. [سن. اَوشيا] ماڪَ – ٻاٽ. ڌُنڌ – لڙاٽ (آسمان جي). [سن. اُشڻ] اُساٽ. گرمي – ٽؤ – سيڪُ (ٿ).

– **اوس چڙهڻ (ٿ):** گرمي چڙهڻ (بدن تي).

• **اوسُ ج اوسَ:** ذ. [سن. اوش] گرمي – تابش – سيڪُ. ٽَونس. اُساٽ. ڪاوڙ – غصو. [سن. اَوُجس] تجلو – چمڪو (لس). [ڏاتڪي. اُوس > سن. اُڌَس] چوپائيءَ جي ٿڻن جو مٿيون حصو – اوهُ (ٿ).

• **اوسا ج اوساڻون:** ٿ. ڪَڏَ – ڪامو (ل). فالَ (ڪ).

• **اوساٽ:** ٿ. اُڄَ – تاسَ – اُساٽ. پيچ جي ضرورت (پوک کي).

– **اوساٽ ڪرڻ:** تپش ڪرڻ. گرميءَ سبب ٻنيءَ ۾ سوڪڙو اچڻ. ڪيرڏيندڙ چوپائيءَ جو گرميءَ سبب کير گهٽائي وجهڻ.

• **اوسار:** ٿ. [سن. اپار] ڏڪ سان لنگهہ جي جاءِ. ورانڊو. اُجهو – آڏار – آسرو "ٿرهو چِڻ م تار ۾، اچج تون اوسار" (شاهہ).

• **اَوسار (ٿ)، اَوسارَ:** ذ. [سن. اَوَرشڻ] خشڪ سالي – برسات نہ پوڻ جي حالت. مينهن جي اَڻاٺ – اوسَرُ. ڏڪار قحط.

• **اوسارڻ:** مصدر. [سن. اُڏ = مٿي + سُر = سرڻ = مٿي ٿيڻ] مٿي ڪڻڻ (پٽ) – اوساري ڪڻڻ – ناهڻ (پٽَ) – اَڏڻ – جوڙڻ [سن. اُ + سَمرڻ] مري ويل کي ياد ڪري رُوئڻ – پارَ ڪڍڻ – ماتم ڪرڻ. مري ويل جو ن وصفون بيان ڪري روئڻ (عام طرح بہ زالون اوساريندون. جيئن "موڙن ويلي ماريس ڙي، وادوڙيل وري آءُ" ۽ ان جي پنيان ٻيون عورتون وراڻي ڏينديون تہ "الله هاءِ هاءِ، جن جي عرش مٿي اوچنگار").

– **اوسار:** ٿ. مصدر. "اوسارڻ" مان اسم. پٽ جي جڙائي يا اَڏَپ – اوساري. پٽ تي سرن يا مٽيءَ جو دور. زالن جو مٽل ماڻهوءَ جي يادگيريءَ ۾ روَڄ – پارَ.

– **اوساراڻ:** مصدر. "اوسارڻ" مان متعدي بالواسطہ. پار ڪڍائڻ – ماتم ڪرائڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **اوسارو ج اوسارا:** ز. پارَ – فوتيءَ جون ماتم ۾ بيان ڪيل وصفون.

— **اوساري ج اوساريون:** ث. پٽ جي اڏاوتَ يا جڙائي. پٽ تي سرن يا مٽيءَ جو دور.

• **اوساڪُون ڪرڻ (ڪ):** برسات جي موسم ۾ چوپائي مال جو آسمان ڏانهن نهارڻ.

• **اوسامَ:** ث. درياءَ جي موج. درياءَ جو چاڙهه يا وهڪرو.

• **اوسامائڻ:** مصدر. نانگ جو ڏنگ هڻڻ "اُتي اوساماءِ، جتي جاءِ نه جڙيءَجي" (شاهه).

• **اوسامڻ:** ذ. بيسڻ مان نهيل هڪ قسم جو ڪاڏو.

• **اُوسانُ ج اُوسانَ:** ذ. [سن. اُوسان] پڇاڙي – حد – پڇاڙي – موت. هوشُ – سمجهه – حوصلو – حواس.

— **اُوسانَ خطا ٿيڻ:** حواس باخته ٿيڻ – وايون بطال ٿيڻ – حوصلا خطا ٿيڻ.

• **اُوسانَ:** ذ. هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. عادتون – لڇڻ. نشانَ. رنگ رُوپ.

• **اوسانُ (ٿ):** ذ. ٿهڪندڙ چانورن جي گجي يا ڦيڻ.

• **اوساءِ (ل):** ث. ڦوٽن پيل زمين (آلي زمين سڪڻ بعد چيرجي پوندي آهي).

• **اُوسْتا، اُوسْٽا:** ث. [سن. اُوسْتا > اَوَ + ستا = بيهڻ] دوام – پختگي. عُمر جو حال يا دور (حياتيءَ جا چار دور آهن. ٻالپڻو، جواني، مُڙسي ۽ پيري). وَهي. عُمر – ڄمارَ.

• **اوسْتا:** اسم خاص مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **اوسْتائين:** ظرف. اُنهيءَ هنڌ يا اُنهيءَ وقت تائين. اُنهيءَ حد تائين – تيستائين.

• **اوسْتو ج اوسْتا:** ذ. [ف. اوسْتاد] ڪاريگر (ڪم جو) – اُستو.

• **اُوسْٽا:** ث. [سن. اَوَسْتا] وهي – عمر – اُوستا.

• **اوس پاس:** ظرف. آسپاس – چوطرف.

• **اوسَر:** ث. [اُسرڻ = وڌڻ. وڌو ٿيڻ] وڏي گابي – وَهڙي.

• **اوسَرُ ج اوسَرَ:** ذ. [اُسرڻ (سن. اُدْ = مٿي + سَرُ = سرڻ. هلڻ) > اوسَرُ] واڌ – اوپر. اوڙَ (ٿ). (سفر تي) روانگي – تياري. ["اوسارڻ" > اوسَرُ] ماتم – روج. ٻائيتال – سڪَ – چڪَ (لَس) "سُهڻي گهڙي تي سير ۾، ڪنهن عشق جيَ اوسر" (عزت باکڙو). اورانيو – هيڄ (چوپائيءَ جو ڦَرَ ڪان سواءِ ڪنهن ماڻهوءَ يا ڏٽيءَ تي). مرڻي جي رسمن پٺيان خرچ (ٿ). شڪار جو هڪ نمونو (جنهن ۾ جهنگ جا ٽي پاسا يا گهٽ بندي، چوٿين پاسي ڪان جانور کي اندر هڪلي ڦاسائيندا آهن). شڪار جي مُهاڙي. لوڏَ – تڙَ – شڪار لاءِ گهٽڻ ماڻهن جو هجوم. حَملو (ت). شڪار ڦاسائڻ لاءِ پڪڙڻ جي اَڏپ. پنجوڙن يا ڪوڙڪن جي اَڏپ. وهه – موقعو – مهل.

— **اوسَر جو شڪارُ:** ذ. شڪارين جي اصطلاح ۾ ميدان يا جهنگ ۾ جانورن جا گهٽ جهلي شڪار ڪرڻ جو طريقو.

• **اَوَسَرُ:** ذ. [سن. اَوَرشڻ] برسات نه وسڻ جي حالت. برسات جي ڪمي. سوڪَ – خُشڪ سالي. برسات نه پوڻ سبب ڏُڪار "اَوَسر آسائُن اُتي گوندر گڏيا" (شاهه). تنگي – اڻاٺ. مصيبت. شامت – بدبختي.

• **اُوسَرَ:** ث. ڪلراٺي زمين. غيرآباد زمين.

• **اوسراڻ، اوسراڻُ (ذ):** ث. اُسراڻ – معافي – بخشش. موڪ – نجات. واڌَ – اوپر.

• **اوسراڻ ڪرڻ:** بخش ڪرڻ – معاف ڪرڻ. اُسرڻ (نباتات).

• **اوسَرڻُ:** مصدر. [سن. اُدْ = مٿي + سَر = سُرڻ. هلڻ] اُسهڻ – روانو ٿيڻ – وڃڻ. [سن. اُشْ] جلڻ سَڙڻ (گرميءَ ۾). اُسَ ۾ سڙڻ. اُسرڻ – وڌڻ. (اوسريو – اوسرندو – اوسريل).

• **اوسري ج اوسريُون (ٿ):** ث. ڌرڄي مٿان برسات يا اُس کان بچاءَ لاءِ ڇاڇو – ڇڇهري. لاڏيءَ يا ڇونري اڳيان ڪڪائون ڊالان.

• **اوسَرُ ج اوسَرَ (ل، ٿ):** ذ. علاج – دوا درمل. چوپائي مال جو علاج. اوتَ (ل).

• **اوسرڪڻُ:** مصدر. اُس ۾ رُلڻ – اُسڙڪڻ. پتڪڻ. انتظار ڪرڻ – اوسيڙو ڪرڻ.

• **اوسڙڻُ:** مصدر. [سن. اُشڻ > اُشْ = سڙڻ] اُس ۾ رُلڻ – پتڪڻ. انتظار ڪرڻ – اوسيڙي ۾ رهڻ "مُنڌ مَ مَنهنْ ويهه. آيي اوسڙا اُس ۾" (شاهه ڪريم). پاهه ٿيڻ (ٻڪ ۾).

• **اوسڙو ج اوسڙا:** ذ. تَپ – تيڙ – اُڇلَ – لَرُ (ڪينهوڙي جو) – ٽينگ. اُس سببان تپش – اُس جو تاءُ.

— **اوسڙو ڏيارڻ:** تپ ڏيارڻ – تيڙ ڏيارڻ (ڪينهوڙي کي).

• **اوسَطُ:** صفت. [ع] وچ وارو – وچ جو. وچولو – درمياني. معتدل. موزون – مناسب.

• **اَوَسَڪُ:** ذ. صفت. بي آرام – اَسَڪ.

• **اوسنو ج اوسنا:** ذ. صفت. [ع. اَسَنَ > آسن = بانسي پاڻي. بدبُودار] پارُوٺو – بانسي – ڏپ وارو. بيسوادو – سواد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙوڪ مسجدون، مقام، مسافرخانا، وغيره).
• **اوقيانُوسُ:** اسم خاص. [ع] هڪ سمنڊ جو نالو (جو يورپ ۽ آمريڪا جي وچ ۾ آهي). ائٽلانٽڪ وڏو سمنڊ.
• **اوڪَ:** ث. مصدر. "اوڪڻ" مان اسم. اُلٽي – ڪَيَ. اوڪارو، وسڪارو "منڊ ٿي منڊل وجيا ڪئي اوهين اوڪ" (شاهه). پلٽ. صبح جو ڪوهه مان ڀهرئين واري ۾ نڪتل پاڻي (ٿ).
– **اوڪَ اُڃڻ:** ڪنهن شيءِ کان نفرت اچڻ. ڪراهت اچڻ.
– **اوڪَ اوڪان:** ث. پلٽ پلٽان (پاڻيءَ جي). اوت اوتان.
– **اوڪَ موڪَ:** ث. جالارو پاڻي – گهٽو پاڻي (ٻوڪ ڪي).
• **اُوڪَ:** ث. [هه] ڀُلَ – چُڪ – غلطي. دانهن – ڪُوڪَ. وڏو سڏ.
• **اوڪارَ:** ث. اوڪارو – اُلٽي.
• **اوڪارُ (ل):** ذ. اُڪرڻ جي جاءِ لاڪهو – لنگهه. گهيڙ.
• **اوڪارڻُ:** مصدر. [سن. اُدْگري] اُلٽي ڪرڻ – ڪَيڻ – قيءُ ڪرڻ. اُبڙڪڻ – اوڪارا ڏيڻ. ٿهڪائڻ (ٿ). ڪاڙهڻ (گوشت). آڏارڻ (ٿ). معمولي ڪاڙهڻ(ڪ). [سن. اُتْڪرشَڻَ = مٿي چڪڻ. ٻاهر ڪيڻ] اُڪارڻ – پار ڪرڻ "ڪين اوڪارين سانوڻ مينهن. جيئن منجهه ڏينهن رات" (گل). روڪڻ – جهلڻ. (اوڪاريو – اوڪاريندو – اوڪاريل).
• **اوڪارو ج اوڪارا:** ذ. [سن. اُدْگري] اُبڙڪو. قيءُ – ڪَيُ – اُلٽي.
– **اوڪارا ڏيڻ:** قيءُ ڪيڻ – اُلٽي ڪرڻ.
• **اوڪاڙي (ٿ):** ث. سُتي ڪاڙهو.
• **اوڪاسُ ج اوڪاسَ (ل):** ذ. گهٽَ – گهيڙ. لنگهه – دروازو.
• **اوڪاسڻُ (ل):** مصدر. [سن. اَوَڪاشَ = نظر. نهار] نهارڻ – جانچڻ. سڪَ يا انتظار مان نهارڻ. (اوڪاسيو – اوڪاسيندو – اوڪاسيل).
• **اَوڪاسَ:** ث. انتظار – اوسيڙو.
• **اوڪاشُ:** ذ. [سن. اَوَڪاشَ > اَوَ = هيٺ + ڪاشَ = نهارڻ. چمڪڻ] نظر. واندڪائي. وجهه. وڇوٽي – فاصلو. وجون وقت.
• **اوڪامڻُ (ٿ):** مصدر. بند ٿيڻ (برسات) _ اوڪائڻ. (اوڪاميو – اوڪامندو – اوڪاميل).
• **اوڪاڻُ:** مصدر. بند ٿيڻ (مينهن وسڻ. اکين مان ڳوڙها ڳڙڻ) "لالن جنين نه لوءِ. تن جون اوڪاڻين نه اکيون"(شاهه). (اوڪاڻيو – اوڪاڻيندو – اوڪاڻيل).
• **اوڪائڻُ:** مصدر. [سن. اُتڪَ. پرا. اُڪَّ] موڳو ٿيڻ – موڳائي ڏيکارڻ. مينهن جو وسڻ بند ٿيڻ "اُنين سنڌي سُور. اَبر اوڪائي ويو".
• **اوڪرُ:** ث. [سن. اُتْڪَر] اُڪَرُ – چنسالي. ٿوري پاڻيءَ واري کوهي.
• **اوڪرُ:** ذ. [سن. اُتْڪر] پاڻيءَ مان لنگهڻ واري واٽ. لانگهه ڏکيو گهيڙ. اُپڪيري چاڙهي. نيڪال. اوڪاسُ. چاڙهي – مٿانهين (ٿ). ڏکي چاڙهي (ٿ). پروسو (ل). موڪُ – نجات.
• **اوڪراڙُ(ٿ):** ث. اُلٽي – قيءُ.
• **اوڪراڙو:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **اوڪَرس (ٿ):** ث. گهٽَ – اُٻس – اُڪرَس (ل).
• **اوڪڙُ(ل ڪ):** ذ. ڪار ۾ صابڻ جو ڪڙهيل پاڻي (جنهن ۾ ميرا ڪپڙا ٿهڪايا ويا هجن).
• **اوڪڙُو:** ظرف. [سن. اُدْ + ڪَٽَ = ٽڙي ٻَنڊڙ] ٻيرن تي (ويٺل – ڪُڙين ڀر (ويٺل).
– **اوڪڙُو ويهڻ:** ٻيرن ڀر ويهڻ – اُپڪڙو ويهڻ – ڪُڙين ڀر ويهڻ.
• **اوڪسي ج اوڪسيون:** ث. واڍڪي ڪم جو هڪ اوزار – ڪاٺين کي گولائيءَ ۾ گهڙڻ جو رندو.
• **اوڪمُ (ٿ):** ذ. ننڊ مان جرڪ ڀري سجاڳ ٿيڻ جي حالت.
• **اوڪڻُ:** مصدر. [سن. اُدْگري] اُلٽي ڪرڻ – قيءُ ڪيڻ – اُڇل ڪيڻ – اوڪارڻ. (اوڪيو – اوڪيندو – اوڪيل).
• **اوڪو ج اوڪا:** ذ. [سن. اُتْڪَٽَڪَ] کاهي – خندق. کوهيءَ مان پاڻي ڪيڻ جو سَنڌُ – پاڻيءَ جو ٻوڪو.
– **اوڪَ:** ث. جاچ – تحقيقات.
– **اوڪَ ٻوڪَ:** ث. جاچ جوچ – تپاس.
• **اوڪ بوڪَ:** ث. پڇا ڳاڇا – جاچ جوچ – تَفحص.
• **اُوڪَ:** ث. ڏکيائي – اُوکائي – تڪليف. "سَوکَ" جو ضد.
– **اوکَ ٿيڻ:** تڪليف ٿيڻ – ڏکيائي ٿيڻ. عورت کي حيض اچڻ(ٿ).
• **اُوکُ ج اُوکَ:** ذ. [سن. اَ + سُکَ] اهنج – تڪليف. سُور – ڏکُ – درد. سوڙهه. نازڪ وقت – اوکي ويل. "سُوکُ" جو ضد.
– **اُوکَ سُوکَ:** ذ. ڏکيائي سُکيائي – ڏکُ سُکَ.
• **اوڪا ٻوڪا. اوڪيا ٻوڪيا:** ذ. چورا کورا – هُر کُر – اُڻ تڻ – آنڌ مانڌ – ڳڻتي. انتظار – بيقراري. ڪم ڪارين. ڏنڊا ڏاڙي.
– **اوڪا ٻوڪا. اوڪيا ٻوڪيا لاهڻ:** هُر کُر لاهڻ – سڀ ڪم ڪارين لاهي مطمئن ٿيڻ. انتظار دفع ڪرڻ. ڪم ڪار لاهي واندو ٿيڻ.
• **اوڪانُ:** ث. [سن. وياڪيانُ] ڄاڻ. سُڄاڻپ – واقفيت. اُهڃ. مثال.
• **اوڪاڻُ:** مصدر. [سن. وياڪيانَ = سمجهائڻ. مثال ڏيڻ] سُڃاڻڻ – ڄاڻڻ. اُهڃاڻ ڏيڻ. مثالَ ڏيڻ. واقفيت رکڻ. (اوڪاڻيو – اوڪاڻيندو – اوڪاڻيل).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **اوکاڻ:** ث. ڄاٽپ. اُهڃاڻ. مثال. ڳِلا.

— **اوکاٽو ڄ اوکاٽا:** ذ. ڄاڻ. سُڄاٽپ — اوکاڻ. پهاڪو — چوڻي (ٿ).

• **اَوکائِي ڄ اَوکائِيُون، اوکايُونْ:** ث. ڏکيائي — اَهنجائي — اَوَلائي. تڪليف — مشڪلات. مونجهارو — پريشاني. "سَوکائي" جو ضد.

• **اَوکَت (ٿ)، اَوکَتُ:** ذ. دوا — دارون — علاج. لاهيارن کي لائيءَ کان وڏيڪ ڏنل آنَ سنگ وغيره. اوڳاڙي — ڦوڙي (لس) ڏکيائي (لس).

• **اَوکَپُ:** ث. اَوکائي — ڏکيائي — اَهنج. تڪليف. گهرج — ضرورت.

• **اَوکَد:** ث. دوا — علاج.

• **اوکَر ڄ اوکَر:** ذ. [ف. آخور] جهجهوگاهہ (ل) چوپائي مال جو کائي اوباريل گاهہ — اولڙ (ت). گند — ڪچرو (ڪ).

• **اوکِراڻ (ل):** ث. ڪراڻ — ڪرڇڻ.

• **اوکَڙ اَوکَڙ (ل "ڪ):** ث. خشڪ هوا. گرم هوا — لُڪ — جهولو. ڏکڻ اُلهندي جي هوا — واهُوندو (ل).

• **اوکِلائِي (ڪ):** ث. اَهنجائي — اَوکائي. حرڪت بازي — لُچائي.

• **اَوکو ڄ اَوکا:** ذ. صفت. [سن. اَ + سُک] ڏکيو — اَهنجو — اَٽائو — مشڪل — ڪٺن. تڪليف وارو. "سوکو" جو ضد. (ٿ) اَوکِي ڄ اوَکِيُون.

• **اَوکِي ڄ اَوکيُون:** ث. ڏکيائي — مشڪلات — اَهنجائي. تڪليف. ڏکيءَ مَهل — تڪليف واري وقت "سوکي يانئي سَيکو، اَوکيءَ تون آڌار".

— **اَوکي سَوکِي:** ث. ڏکِي سُکي ويل — هر وقت.

— **اَوکِيءَ ويلَ:** ظرف. ڏکئي وقت ۾ _ مشڪلات ۾.

— **اَوکيون سَوکيُون ڪرڻ:** مشڪلاتُون آسان ڪرڻ.

• **اَوک:** ث. [سن. اوگهہ] وَهُڪَ — ريلو (پاڻيءَ يا پگهر جو).

• **اوگاٿَ (ٿ):** ث. ڪاڏل گاهہ — اولڙ.

• **اوگارَڻ (ٿ):** مصدر. اڌ ۾ ڇڏيل ڳالهہ شروع ڪرڻ. وري چوڻ — دُهرائڻ (ڳالهہ).

• **اوگانو (ڪ):** صفت. اجايو — بيفائدو (هلڻ).

• **اوگاني، اَوگاني (ٿ):** ث. بيجا هلت. اَڻ وڻندڙ چال.

• **اوگاهَہ، اَوگاهَہ:** (ف. گاهہ = وقت) بي وقت 'گاهہ اوگاهہ' اچڻ. محويّت — غلطاني. ٿبيءَ ۾ پَوڻ جي حالت. بيخودي. (صفت) اونهو — عميق — اَٿاهہ (پاڻي).

— **اوگاهہ ۾ پوڻ:** ٿبيءَ ۾ پوڻ — خيال ۾ محو ٿيڻ — غلطان ٿي وڃڻ.

• **اوگاهُ ڄ اوگاهَ:** ذ. [ف. آگاهہ] شاهد — گواهُ.

— **اوگاهِي ڄ اوگاهيُون:** ث. آگاهي — خبر ثابتي. شاهدي — گَواهي "ڇي عيبنَ اوگاهيون ڪري، جي در د ڏين دانهن".

• **اَوگائِي ڄ اَوگايُون (ڪ):** ث. [سن. اَوَ = خراب، اَجايو + گَدْ = ڳالهائڻ] هڪ جي ٻي — اٻپورو جواب.

— **اَوگايُون ڪرڻ:** هڪ جي ٻي ڪرڻ — اٻپورا جواب ڏيڻ.

• **اَوَگْت:** ث. [سن. اَوَ = خراب + گَتِ = حالت] خراب گت. اَسُونهندي هلت. اَڏنگي هلت. اَڏنگي روش. هندن جي رسم موجب، ڪريا ڪرم کان سواءِ موت (جنهن ۾ پِراڻي سرڳ کان محروم رهي).

— **اَوَگَتيو:** ذ. صفت. هندن جي رسم موجب، اُهو پِراڻي جو ڪريا ڪرم کان رهت ٿي مري.

• **اوکِرائي ڄ اوکِرائِيُون، اوکِرايُون:** ث. [سن. اُدْ گارَ: ف. آروغ] اوڳرائي — ڏِڪار.

— **اوگرايُون ڏيڻ:** ڏِڪارُون ڏيڻ — ڍؤ هڻڻ.

• **اوگِرو ڄ اوگِرا (ٿ):** ذ. ڪوهہ مان مٽي ڪڍڻ جي جاءِ. ڪڏ. (صفت) گهٽو ڪائيندڙ — پيٽوڙي.

• **اوگِنائڻ (ٿ):** مصدر. ٻڌڻ (دانهن) — اونائڻ "سڏ اوگنايو سرتيون، قاسم! لايو ڪَن" (خليفو نبي بخش). (اوگنايو — اوگنائيندو — اوگنايل).

• **اوگِنيٺو ڄ اوگِنيٺا (ٿ):** ذ. سون يا چانديءَ جو هڪ قسم جو ڳَهہ (جو فقط مرد ڪنن ۾ پائيندا آهن).

• **اَوَگُڻُ ڄ اَوَگُڻَ:** ذ. [سن. اَوَ = هيٺ، گهٽ + گُڻَ = خوبي] خراب لڇڻ — بڇڙي خصلت — بدعادتَ. بڇڙو ڪم. عيب — گهٽتائي — نقص — بُرائي.

— **اَوَگُڻو ڄ اَوَگُڻا:** ذ. صفت. خراب لڇڻن وارو — بدعادتيو — بدلڇڻو. عيبدار.

• **اَوَگُٽَڻ (ٿ):** مصدر. اَنَّ ڇَڙڻ (اُکريءَ ۾ وجهي مُهريءَ سان ڪُٽڻ). (اَوگٽيو — اَوگٽندو — اَوگٽيل).

• **اوڳو ڄ اوڳا:** ذ. صفت. [سن. اَوَ = کان پري + گيا < جْجا = ڄاڻڻ] موڳو — ڪُند ذهن — منجهيل. متين موڙهو. اَڻ ڄاڻ — بي سمجهہ — مورک. چريو.

• **اوڳِي ڄ اوڳِيُون:** ث. صفت. "اوڳو" جو مونث. موڳي — چري "ڇو لوڳي ڇڏيئي اَرٽ اُلائي" (شاهہ). (ٿ) ويڙهيل تاجي (ت). (صفت) سموري — سڄي (ل).

• **اوگهہَ:** ث. [سن. اُدْگهرشڻ] مصدر. "اُگهڻ" سان اسم. اُگهڻ جي حالت. صفائي. ڇنڊ ڦُوڪَ. مَهٽَ. [سن. اوگهہَ] وَهڪ — ريلو. سَٽو. مُڇو "جيڏيون منهنجي جان تي ڪڍيا عشق انگور: ڇٽي پيا ڇاتيءَ تي ڪري اوگهہ اُور" (سانوڻ).

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

- **اولار ڪائڻ (ت):** قد بت ۾ تڪڙي وڌ ڪائڻ.

**اولارائڻ:** مصدر "اولارڻ" مان متعدي بالواسطه. اَلر ڪرائڻ. مصدر "اولڻ" مان متعدي بالواسطه ڦاسائڻ — پڪڙائڻ. لوڙهائي ڇڏڻ.

**اولارڻ:** مصدر. [سن. آ + لاڊ] اُلارڻ —ڌڪ هڻڻ لاءِ هٿ، لڪڻ وغيره سنئون ڪرڻ. (اولاريو — اولاريندو — اولاريل).

**اولاري ج اولاريون:** ث. [سن. آ + لاڊ] حملو — ڪاهه — جُلهه. ترڻ ۾ ڪليل ٻانهن جو لامارو. ڏيکاءُ. هڪ ٽڪ نهارڻ جي حالت (ت).

- **اولاري پائڻ:** هلان يا حملو ڪرڻ. لامارو ڏيڻ. ترڻ مهل ٻانهون ڪولي اُڇل ڏيڻ.

- **اولاري ڏيڻ (ت):** يڪدم قدم ۾ وڌي وڃڻ. قد ڪرڻ. وڌڻ.

**اولاڙجڻ:** فعل مجهول. [سن. اُڌ + لاڊ] اُلڙڻ — ڪنل شيءِ ڊري ٿيڻ. گهرگهلو ٿيڻ. ڪرڪٽو ٿيڻ — اُڪرجڻ. (اولاڙيو — اولاڙبو — اولاڙيل).

**اولاڙڻُ (ل):** مصدر. اُلوڙڻ — اُکوڙڻ. (اولاڙيو — اولاڙيندو — اولاڙيل).

**اُولاسار:** ذ. گندرف. اَنولاسار.

**اُولاڪ ج اُولاڪ:** ذ. [ترڪي. اولاغ] آڳاٽي وقت ۾ سنڌ ۾ ٽپال پهچائيندڙ گهوڙو يا اٺ (_ ابن بطوطه). بار بردار جانور — وهٽ. چڙهيءَ جو جانور — سُواريءَ جو جانور.

**اولاڪو ج اولاڪا:** ذ. [سن. اُلڪا = شعلو باهه. اُماڙي] ساڙ — ٻَچ — ڪامَ — ساڙو. اُلڪو — فڪر — ڳڻتي "اولاڪن اچي، معذور تي مارو ڪيو" (شاهه). پريشاني. رولڙو — ڏوجهرو. مصيبت "تو پڄاڻان سپرين. آيم اولاڪو" (شاهه). تڪليف انتظار. ڏک.

**اولا نبُو اولا نُبو ج اولا نُبا، اولا نُبا:** ذ. [ع. اِلهاب] باهه. ٻريل ٻُندي. عشق جي آگ. باهه جو پڙڪو. چيي — اُلو. جذبو اُدمو. [سن. اُپالمَبَ] اوپالو — طعنو — مهڻو.

**اولانگهڻ:** مصدر. [سن. اَلنگهن] اورانگهه ريتڻ (حڪم) — انحرافي ڪرڻ.

**اولانگهه (ت):** ث. رستو. عام رستو.

**اولاٽڻ، اولاٽڻ:** مصدر. [سن. اُڌ + لاٽن] اُڪيلڻ — اُکوڙڻ (چرخو) "سڄڻ ڏنو جن. تن اَرٽ اولاٽي ڇڏيا" (شاهه). سنج وغيره لاهڻ. "پلاٽڻ" جو ضد. پاڪڙو لاهڻ "پلاٽيان پيو. اولاٽيو نه اُٿيي" (شاهه). بند ڪرڻ (ڪم). ڪم وسارڻ. (اولاٽيو — اولاٽيندو — اولاٽيل).

**اولاٿو ج ارلاٿا (ل):** ذ. ... بنا پلاڻ جي (وهٽ) — پلاڻ لٿل (اُٺ) -چڙواڳ (مال).

**اولاٿو ج اولاٿا:** ذ. [سن. اُڌ = متي + لَلُ = لَڏڻ] ٻار کي کُڏائڻ يا کيڏائڻ وقت عورتون جيڪو گيت چون. لولي — اوراٺو. ٻار — اوسارو "سسئي کي سڏ ٿيو. اسان اولاٿو" (شاهه).

— **اولاٿا اورڻ:** اوسارا چوڻ — ٻارَ کيڏي روئڻ.

• **اولاٿي ج اولاٿيون:** ث. سبب — منُهن — بهانو (ت). ڪائين جي لَڏ (ت). متي چڪ (لوڪ گيتن جي) — اوناٿي.

— **اولاٿي ڪرڻ:** سببُ ٺاهڻ. نمونو يا منهُن ڪرڻ.

• **اولٽ:** ث. نڪاح ٻڌي زال — جوءِ (ل). بي ايماني — خيانت (ت).

• **اولجڻ:** مصدر. "اولڻ" مان فعل مجهول. هيڏانهن هوڏانهن ٻتڪڻ. پاڻيءَ جي لهرين ۾ هيٺ متي ٿيڻ. ٿلڪجڻ "جي ٻڏان تہ ٻن، مَرا اولجان اَن پار ڏي" (شاهه). (اولجندو — اوليو — اوليل).

• **اولڙ اولڙ (ٿ):** ذ. اُهو گاهه جو چوپائي مال ڪائي بچايو هجي — اوپارو گاهه. ڪن ڪچرو.

— **اولڙ سولڙُ (ڪ):** ذ. ڪن ڪچرو — گند گوڙ (صفت) گاڏڙ ساڏڙ — گوجڙ.

• **اولڙو ج اولڙا:** ذ. آرسيءَ، شيشي يا پاڻيءَ جي سطح تي سج جو عڪس — پُرتو. تيرورن جي موٽ — تڙڪو — ڏئو — پاڇو. ٻارن جي هڪ بيماري (جا سج جي تابش ڪري ٿئي).

• **اولڪو ج اولڪا (گ):** ذ. طهارت ڪرڻ لاءِ پاڻيءَ جو ٿانءُ.

• **اول گهول:** ظرف. قربان — صدقي — اوري گهوري.

— **اولَ گهولَ ٿيڻ، وڃڻ:** پاڻ کي خوشيءَ وچان اُڇلڻ (اولڻ) ۽ گهورڻ (گهولڻ). محبت وچان ڪنهن لاءِ پاڻ پتوڙڻ. ٻلهار ٿيڻ — قربان ٿيڻ — صدقو وڃڻ.

• **اولمو:** ذ. [سن. اُورمي] بخيي جو هڪ قسم. ڪپڙي جي ڪنار تي سيبو — اوٽي — ٻهي — اُرمو (ل).

• **اولڻُ:** مصدر. [سن. اُڌ = متي + لُلُ = هيڏانهن هوڏانهن هلائڻ] رولڻ — تولڻ پتڪائڻ — دربدر ڪرڻ. ٿلڪائڻ. ڏڪڻ (ٻيڙيءَ کي اولي سان) — تيلهڻ "الله اول مَ اَن جا. ٻيڙا متي بيٺ" (شاهه). ٻيڙيءَ کي لهوارو ڪرڻ. خَفا ڪَرڻ — پريشان ڪرڻ. ڦاسائڻ — اڙائڻ. بند ڪرڻ (ڪم). لاهڻ (پلاڻ). مال ٻهرائڻ وقت ڏراڙ جو سُر سان هونگارڻ (ل). لِڪائڻ — گم ڪرڻ (ت). خيانت ڪرڻ (ت). (اوليو — اوليندو — اوليل).

• **اولڻُ:** ذ. ڪک ڪانا وغيره جيڪي پاڻيءَ جي وهڪري ۾ ڏڪجي ڪناري سان لڳي بيهن (ڪ). مانيءَ سان ڪائڻ جو ڳنڍڻ (ت).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **اولو ج اولا:** ذ. [سن. اَوَرَڻ] پردو – ڍَڪُ. پناهہ – اَجهو اوٽ ”وارث وري تن، اڇي شال اولو ڪري“. ڪڪائين ڪنڌي – پَتر. مال جي لاءِ ڪڪائون ڇَنو – ڇَپَرُ. ڀاڇو – ڇانوَ. وسيلو (ت). ٻڪو – ٻُونگو ”ڍولا! اولا نہ سهان، آڏا اَڏيئي جي“. [سن. اَرْتَر] ٻيڙيءَ جو ڳَنُ – ونجهہ ”سڙهہ سنوان، لاڄو نوان، اولا جنين عاجَ“ (شاهہ). ٻوڪ مان ٻڪينَ کي ڊيڄاري ڀڄائڻ لاءِ ٽنگيل ٻڪي – اوڙو – ڏيکائُو ڳُڏو. ڏک – غم – تڪليف (ت). اونو – اُلڪو – خيال – ڳڻتي (ت). خوف – ڊپ (ل). [سن. اُپَلَ] برف جو ڳنڍو – ڳڙو. ڪنڊ جو گولو. ريجائين زمين ۾ هيٺاهين ڪُنڊَ (ت).

– **اولا اَڏڻ:** ڀٽيون ٻڌڻ – ويريون وجهڻ. ٻڪا اڏڻ – ٻونگا ٽاهڻ.

– **اولا لاهڻ:** غم لاهڻ – ڏک ٽارڻ. سڪون لاهڻ. ڳڻتيون لاهڻ.

– **اولائِتو ج اولائِتا (ت):** ذ. صفت. پَاسيرو – ڳجهو – لِڪَ ۾. اَجهي هيٺ – ڍَڪ وارو.

– **اولو رکڻ (ت):** اوٽ ڪرڻ. اَٽڪل ڪرڻ – بچاءُ رکڻ.

– **اولو ڪرڻ (ت):** اوٽ ڏيڻ. سبب بنائڻ. اجهو ڪرڻ.

– **اولي پوڻ (ت):** ويجهو پوڻ – ڀرسان اچڻ.

• **اَولو ج اَوَلا:** ذ. صفت. [سن. ١. اَوَ = خراب + وَلْ = ورڻ، ڀرڻ؛ ٢. اَرالَ = ڏنگو] اَوکو – ڏکيو – اهنجو – اَٽائو – مشڪل –َ ڪٺن. اُبتو (ڪم). خراب (رستو). ”سَوَلو“ جو ضد. (ث) اَوَلِي ج اَوَلِيُون.

– **اَوَلائِي:** ث. ڏکيائي – اَهنجائي – اَوکائي. ڏنگائي.

– **اَوَلا پوڙَ وجهڻ (ت):** ڏکيا شرط وجهڻ. ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

– **اَولا پيرَ ڪٽڻ:** اَڏنگا پير ڪٽڻ – خراب روش هلڻ – خراب هلت هلڻ.

– **اَولو سَولو:** صفت. ڏکيو سُکيو. اُبتو سُبتو.

– **اَولو سَولو ڏک لڳڻ:** بيخبريءَ ۾ يا اوچتو نازڪ هنڌ تي ڏک لڳڻ.

• **اُولُو اْلاَبْصار:** ذ. صفت. [ع] بصيرت وارا – عقل ۽ سمجهہ جا صاحب.

• **اُولُوا اْلاَلْباب:** ذ. صفت. [ع] دلين جا صاحب – اَهل دل.

• **اُولُوا اْلاَمْر:** ذ. صفت. [ع] حڪم جا صاحب – حاڪمَ. بااختيار ماڻهو.

– **اُوْلُوا اْلعَزْم:** ذ. [ع] پڪي ارادي وارا. استقلال جا صاحب.

• **اُولُوا اْلعَزْمي:** ث. [ع] ثابت قدمي – اِرادي جي پختگي. همت – جرات – استقبال.

• **اولَڻَ:** ث. ڀاڄي ڀتي (ت).

• **اولَهہُ:** ذ. [اُلهڻ (=لهڻ) > اولهہ] اُلهندو – مغرب. ”اوڀَرُ“ جو ضد.

• **اُولٰي:** صفت. [ع] بهتر – وڌيڪ چڱو. اعليٰ. شروع وارو – پهريون.

• **اُولِي:** ث. اُٺ کي هڪلڻ يا چيڙائڻ جو لفظ ”رئيس جي اُٺ کي اُولي ڪيرچوي!“.

• **اولِي ج اولِيُون:** ث. [سن. اَرْتر] ٻيڙيءَ جو ڳَنُ ونجهہ ”اُونها ڪُن، اَتانگهہ تڙ، اولِيَ هڻ آڏار“ (شاهہ).

• **اولِيارو ج اولِيارا:** ذ. وارو (راند جو).

• **اَولِياءُ ج اَولِياءُ:** ذ. [ع. وَلِيَ ج اَولياءُ] اَللہ جو دوست. اَللہ وار پهتل شخص. درويش – وَلِي.

• **اَوَلِيْن:** صفت. [ع] پهريون. ابتدائي.

– **اَولِينَ ۽ آخرين:** ظرف. اڳيان ۽ پويان قديم ۽ جديد.

• **اُولِيهَي (ٿ):** ٿ. اُٺَ جي مستيءَ ۾ گوڙِ.

• **اوْمْ:** ذ. [سن] ايشورَ جو نهايت پوتر نالو (جو هندو ترمُورتي يعني برهما، وشنو ۽ شِوَ لاءِ گڏي ڪم آٽيندا آهن ۽ ڪنهہ ٻـ ڀڄن، منتر يا دعا وغيره جي آخر ۾ اُچاريندا آهن).

• **اوماڪ (ل):** ث. بدبُو – بانس.

– **اوماٺو:** ذ. صفت. بدبودار – اوسنو.

• **اوماهِي:** ث. [پرا. اُمهہ؛ سن. اُشْمَ] اُهمائِي – مونجهہ (ساهہ جي). دمڪشي. سَهڪي.

• **اومَهرو (ٿ):** ذ. ٻن اوڙُن جي وچ وارو ٻنو.

• **اونَ:** ث. [سن. اُنْمَنَس] اونو – فڪر – اُڊڪو. انتظار - اوسيڙو – اُلڪو. ڳڻتي – چنتا – اُڻ تڻ.

– **اونائِتو:** ذ. صفت. اونَ وارو – منتظر. فڪرمند.

• **اُونْ:** ث. ڪنجهڪار جو لفظ. انڪار يا اقرار جو لفظ.

– **اُون اُون ڪرڻ:** ڪنجهڻ ڪُرڪڻ. ننڍڙي ٻار جو روئڻ.

• **اُونَ:** ث. اُونائِي – اوناڙ – ڪُوڪ (گدڙ جي).

• **اُونْ:** ذ. ٻُوٽي جو هڪ قِسم.

• **اَونارْ ج اَونارَ (ل. ڪ):** ذ. نڪ جو سوراخ – ناسَ.

– **اَونار وڃڻ:** نڪ ۾ ڪاڏي جا ذرا ڦاسي پوڻ. نڙيءَ ۾ گره ڦاسي پوڻ.

• **اُونارَجڻ (ل):** فعل مجهول. ٻاڻي وغيره پيئڻ مهل اُٿُو اچڻ - اُٿهڙجڻ. (اُوناريو – اوناربو – اوناريل).

• **اَونارَڻ، اوناڙَڻُ:** مصدر. [سن. اُنْٽِئيہ] بگهڙ، گدڙ يا ڪُتي جون دانهون ڪرڻ – اُونايُون ڪرڻ.

– **اُونارَ، اُوناڙَ ج اُوناٽرون، اُوناڙون:** ث. گدڙ، ڪُتي يا بگهڙ جي ڪُوڪَ – اُونائي.

– **اُوناڙي ج اُوناڙيُون:** ث. اونائي – اُونَ – اُناڙَ.

– **اُوناڙيُون ڪرڻ:** ڪتي، گدڙ يا بگهڙ جو رات جو اونائيُون ڪرڻ.

• **اَوناسي:** ذ. صفت. [سن. اَ + وناش] جو ناس نہ ٿئي -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَبناسي – اَمر.

**اُوناڪڻُ (ت):** مصدر. اونائڻ – اُوناڙون ڪرڻ.

- **اُوناڪَ:** ث. ڪُتي يا گدڙ جي اونائي.

**اونائِڻُ:** مصدر. [سن. اَو + نَمَن] ڪنڌ نمائڻ (ٻڌڻ لاءِ). ڌيان ڏيئي ٻڌڻ. اگهائڻ (عرض). ورنائڻ (سڏ). جواب ڏيڻ (هڪل جو). قبول ڪرڻ (عرض). (سن. اَٽٽيہ] گدڙن ۽ ڪُتن جو ڪُوڪڻ – اُوناڙون ڪرڻ. (اونائيو – اونائيندو – اونايل).

- **اونائِي جِ اونائيُون:** ث. دانهن – عرض – فرياد. ڪُتي يا گدڙ جي ڪُوڪ – اُونارَ.

• **اَوْنت (ڪ):** ث. ڪرڪر – ڪيٽو – گهپي – ڪلڪل.

• **اَوْنتُ جِ اَونتَ:** ذ. انتَ – پڇاڙي. راز – منجَهہ "آونت پنهنجي عشق جو، سڌ ڏس نہ ٻئي ڪنهن کي ڏجي" (رمضان ڪنير).

• **اَوْنٽرو جِ اَوْنٽرا:** ذ. صفت. حرڪتي – ڏنگو – لُچو.

• **اُونٽريو جِ اونٽِريا (ٽ):** ذ. صفت. بي مڙسيو – نامرد. هيڻو.

• **اُونٽَرو (ٽ):** ذ. جيت جو هڪ قِسم – چُوٽو – ڏُٽو.

• **اُونٽ:** ث. مڇيءَ جو هڪ قِسم.

• **اُونٽارَڻُ (ڪ):** مصدر. ڦاسائڻ – وڄڙائڻ – اَٽڪائڻ. قابو ڪرڻ. (اُونٽاريو – اُونٽاريندو – اُونٽاريل).

• **اُونٽڙو جِ اُونٽِڙا (ت):** ذ. بيل گاڏيءَ جي اوڌ ۾ لڳل ڪاٺي (جا گاڏيءَ کي سڌائيءَ ۾ بيهاري) – رُونٽڙو.

• **اُونجهَر (ڪ):** ث. اَهنج – ايذاءُ – تڪليف.

• **اُونجهَرَڻُ (ڪ):** مصدر. اوجهراٽيون ڪائڻ – اُونگهڻ – پنڪيون ڪائڻ. (اُونجهريو – اونجهرندو – اُونجهريل).

• **اُونجهَڻُ (ت):** مصدر. اُجهامَڻ. ڊِڄڻ.

• **اُونڌاهہ:** ث. [سن. اَنْڌَڪارَ] اونڌاهي – ڪاراڻِ (رات جي). اَنڌ ڌنڌ. بي بندوبستي. ظلم.

– **اُونڌاهو جِ اُونڌاها:** ذ. اُونڌهہ – اونڌاهِي (ذ. صفت) اُونڌهہ وارو – تاريڪ. ڪارو.

– **اُونڌاهي جِ اُونڌاهيُونْ:** ث. اُوندهہ. تاريڪي. ڪاري رات.

• **اُونڌَرُ جِ اُونڌَرَ (لہ ڪ):** ذ. جوڙو (ڪپڙن جو) – وڳو.

• **اُونڌَرُ جِ اُونڌَرَ:** ذ. [سن. اُنْڌَرہ] ڪُئو – گهَر ڏٽي.

• **اُونڌَرَڻُ (ل):** مصدر. وائُرڻُ – صفا ڪرڻ (اَنّ) وڇائڻ (بسترو) – سينگارڻ (سيج). سَنجڻ (گهوڙو) – سنجن سان سينگارڻ (ڪ) "سُرخين سمندين سنج پيا، تو عمر ابلقون اونڌري" (سونهارو جو ڪيو). (اُونڌريو – اُونڌريندو – اُونڌريل).

• **اُونڌَهہ جِ اُونڌَهيُون:** ث. [سن. اَنْڌَ] اُونڌاهي – تاريڪي – رات جي ڪاراڻ – ٻاڌَ. انڌ ڌنڌ. ظلم – انڌير.

– **اُوندهہ اَنڌوڪار:** ث. تمام گهٽي اُوندهہ – گهُگهہ اُونڌاهي – ڪاري ٻاڌِ. طُوفان يا جهڙ سبب اونده ٿي وڃڻ جي حالت.

– **اُونڌهہ ڪري ويهڻ:** سڃ ڪرڻ – وڏو نقصان جهڙو ڪم ڪري وڃڻ. ڏيو گل ڪري ويهڻ.

– **اُونده هُجڻ:** بدانتظامي هجڻ – انڌ ڌنڌ هجڻ ـ ظلم هجڻ.

• **اُونڌَ جِ اُونڌَ:** ذ. صفت. اَڻ ونڌيل (موتي). اَڻ پُوتل (موتي).

• **اُونڌَ جِ اُونڌُون (ت):** ث. بيَل گاڏيءَ جي ڊگهي لٺ – اوڌِ.

• **اُونڌِ:** ث. [سن. اَڌو مُک] اُبتاڻِ ـ اونڌائِي. اُونڌي هئڻ جي حالت. اُبتَ [سن. اَنْڌَ] ڪاراڻ. بي بندوبستي. انڌير – ظلم. بدامني.

– **اُونڌ اَنْڌِ:** ث. اَنڌي اَونڌي ٿيڻ جي حالت. اُونڌا اُبتا ڪم.

– **اُونْڌ ڪَنڌِ:** ظرف. اونڌي ڪنڌ سان – ڪنڌ اُونڌو ڪري.

– **اُونْڌ وَٽِڻ (ت):** اُبتو ٿيڻ. مٿي ۾ بيهڻ. اُٿلڻ.

– **اُونْڌ وَٽِڻ ۾ پوڻ (ت):** تمام غمگين ٿيڻ – مايوس ٿيڻ.

• **اُونڌَڻُ:** مصدر. [سن. اَڌو مُکَ] اُونڌو ڪرڻ – ليٽائِڻ. نائِڻ (ٿانءُ). (اُونڌيو – اُونڌيندو – اُونڌيل).

• **اُونْڌو جِ اُونْڌا:** ذ. صفت. [سن. اَڌ مُکَ] اُبت – اُلٽو. هيٺيون پاسو مٿي ۽ مٿيون پاسو هيٺ. منهن ڀر، مُنهن يا ڪنڌ هيٺ ٿيل – سرنگون. بيوقوف (ث) اُونْڌي جِ اُونْڌيُونْ.

– **اُونڌائِي:** ث. اُبتائي – اُلٽائي.

– **اُونڌو ٻختُ:** ذ. بدقسمتي – ڪوٽي قسمت.

– **اُونڌو ڄمڻ:** اُپ پيرو ڄمڻ – اَمُهاڙو ڄمڻ.

– **اُونڌي ڪنڌ هئڻ:** لڄي يا شرمسار هُئڻ. ڪنڌ هيٺ ڪري پيو هجڻ "آڏوتي الله سان اونڌي ڪنڌ اورين".

– **اُونڌي پيشاني:** صفت. ڪوتاهہ نظر. بدبخت.

– **اُونڌي ڪوپري:** صفت. بيوقوف – احمق – نادان.

– **اُونڌي مَنجِي ڪرڻ:** ڪنهن سخت صدمي يا غم سببان اونڌو ڪٽولو ڪري ان تي پئجي رهڻ. بيحد غمگين ٿيڻ. سخت صدمو رسڻ.

• **اُونڌِيو لَڪُ (ٽ):** اسم خاص. "ڏمبرڄن" وٽ حد بندي‌ءَ لاءِ ڪوڙيل نشان.

• **اُونڌَرُ جِ اُونڌَرَ (ٽ):** ذ. ڪُئو – چُوهو.

• **اُونڌو جِ اُونڌا (ٽ):** ذ. صفت. اُونهون – عميق. (ث) اُونْڌي جِ اُونْڌيون.

ڪمي. سُقم ـ وڌ – عيب. اٽپورائي – ڪوتاهي.

– **اُوڻائي پُوڻائي:** ٿ. گهٽتائي – ڪمي. نُقص – عيب. اٽپورائي – ڪوتاهي.

– **اُوڻايُون ڪڍڻ:** عيب ڪڍڻ – گهٽتايُون ڳولڻ.

• **اُوڻٽ:** ٿ. [سن. اَ = نہ + وَنَ = وَٽڻ] اَڻ وَٽت ـ ناپسندي. اَڻبڻت – ناسازي. ڪِٽ ڦِٽ. ڪُلفت. ڏڪار – نفرت "اُوڻٽ جو آچار، شل ڪانڌ ڪنهن سان نہ ڪري" (شاهہ).

• **اُوڻٽيهہ:** صفت. [سن. اُونَ + ترِنْشَتِ] هڪ گهٽ ٽيهن جو عدد (٢٩).

– **اُوڻٽيهين:** ٿ. قمري مهيني جي اُڻٽيهين تاريخ. اونداهي رات – ڪاريَ رات "ڪاري رات ڪچو گهڙو اُوڻٽيهين اُونداهي" (شاهہ).

• **اُوڻڊ (لس):** ٿ. اَوڻٽ.

• **اوڻو، اُوڻو ۽ اوڻا، اُوڻا:** ذ. [سن. اُپنود = تڙڻ] مئل پکي (ڪانءُ)، يا ڪانءُ ۾ ٻڌل ڪپڙي جو گڏو وغيره، جو پکين کي ڏيڄاري ڀڄائڻ لاءِ ٻنيءَ ۾ ٽنگيندا آهن – اولو – اوڙو – ڏيکاڻون گڏو. لاهياري کي مليل لاٿيءَ جو حصو. لاٿيءَ ۾ مليل اَنّ جو حصو. ڏڳڙي (اَنّ جي). حصو – پاڳو – پتي. چوٽي – پهاڪو (ڪ).

– **اُوڻا وجهڻ:** ڏڳڙيُون ناهڻ. اَنّ تقسيم ڪرڻ لاءِ ڏڳڙين ۾ ورهائڻ.

• **اُوڻو ۽ اُوڻا:** ذ. صفت. [سن. اُونَ = گهٽ] پوڻو – گهٽ – اٽپورو – مُنو – ناقص – نامڪمل. عيبدار – لاٽجهو. ڪٽل. ننڍو.

– **اُوڻو اَڌ ڪُ:** صفت. گهٽ وڌ – ڪم و بيش.

• **اُوڻو پوڻو (ت):** ذ. صفت. گهٽ وڌ. خوشيءَ يا رنج سان. طوعاً ڪرهاً.

– **اُوڻي پوڻي:** ٿ. اَڌي ڪَٽي – اُوکي سَوکي. گهرج جي مهل – ضرورت جو وقت.

• **اُوڻو جهُوڻو (ل):** ذ. صفت. مايوس – غمگين – ملول – ويڳاڻو.

• **اُوڻو هلڻ (ت):** اَڏنگو هلڻ – خراب هلت هلڻ.

• **اُوڻونجاهہ:** صفت. [سن. اُونَ + پنچاشَتْ] هڪ گهٽ پنجاهہ جو عدد (٤٩).

• **اُوڻهتر:** صفت. هڪ گهٽ ستر جو عدد (٦٩).

• **اُوڻهٺ:** صفت. [اُون + شَشْتِ] هڪ گهٽ سَٺ جو عدد (٥٩).

• **اُوڻيتاليهہ:** صفت. هڪ گهٽ چاليهن جو عدد (٣٩).

• **اُوڻيهہ:** صفت. [سن. اُون + وِنشَتِ] هڪ گهٽ ويهن جو عدد (١٩).

• **اُوڻيهون:** ذ. صفت. سلسليَ ۾ ويهن مان مان هڪ گهٽ – هڪ گهٽ ويهون.

• **اووٽ:** اڻ وس (مينهن نہ وسڻ واري حالت).

• **اوورَي:** اسم خاص. تعقلي تندي باگي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **اووَر سيئَر:** ذ. [رنگ. overseer] تعميرات تي نظرداري ڪندڙ آفيسر – سَرويَر.

• **اوهہ:** حرف ندا. افسوس جو لفظ – آهہ. بُڇان جو لفظ – ٿُو ٿُو.

– **اوهہ ڪري بيهڻ (ت):** ارمان ڪرڻ. نااُميد ٿيڻ. بَس ڪرڻ.

• **اوهُ ۽ اوهڙ:** ذ. [سن. اُوڌَس] کير ڏيندڙ جانور جي ٿڻن جو مٿيون حصو – شيردان – ڪِيري "وڏي اوهہ آئيون، ٻِنيءَ لاٿي قر" (شاهہ).

– **اوهہ سُڪائڻ:** کير گهٽائڻ.

– **اوهہ ڪڍڻ، ڪرڻ:** ڏُڪي چوپائيءَ (رڍ، ٻڪري، ڳئون، مينهن، ڏاچي) جي اوهہ ۾ کير اچڻ.

– **اوهہ لاهڻ:** ڏُڪيءَ چوپائيءَ جي (وِيَم کي ويجهي ٿيڻ سببان) ڪيري وڏي ٿيڻ.

– **اوهي:** ٿ. اوهہ واري (چوپائي).

• **اوهار:** ٿ. [سن. اَپ هار] پردو. ڏوليءَ جو ڍڪُ چادر.

– **اوهارڻ:** مصدر [سن. ١. اَوَ + هَر = هيٺ اُڇلائڻ؛ ٢. آوَرجُ = بار سببان هيٺ جهڪڻ] بار جو هڪ طرف ليٽڻ – اُلار ٿيڻ. [سن. اُوڌَس = اوهہ. ٿڻ] وِيم کي ويجهو ٿيڻ ڪري چوپائيءَ جا ٿڻ وڌڻ. (اوهاريو – اوهاريندو – اوهاريل).

– **اوهارَ ۽ اوهارُون (ل):** ٿ. هڪ پاسي نَميل بارُ – بار جي هڪ طرف ليٽَ.

– **اوهارجڻ:** مصدر "اوهارڻ" مان فعل مجهول بار جو هڪ پاسيَ نمڻ يا ليٽَڻ. هٿن پيرن نُرڻ سان بيهوش ٿيڻ.

– **اوهارو ۽ اوهارا:** ذ. صفت. هڪ پاسي تي ليٽيل – نميل – لَڙيل – اُلار.

– **اوهارو سوهارو ڪرڻ (ل):** جهڙو تهڙو ڪم ڪرڻ. معمولي ڪم ڪرڻ. ڪم ٽپائڻ.

• **اوهاڙ ۽ اوهاڙُون:** ٿ. [سن. اَوڌارَ = پُوري ڪٽ. حَد بندي] (نانگ بلا جي لِيڪي يا وَهٽ. چور وغيره جي پيري جي) آڏواڳ واري جانچ – آهوڙ. آڏو وِر ڏيئي وڃايل پيري جي ڪيل جانچ.

– **اوهاڙ ڏيڻ:** وڃائجي ويل پيري کي ڳولڻ واسطي آڏو وِر ڏيئي جانچ ڪرڻ – پير ڳولڻ لاءِ چوڌاري وراڪا ڏيڻ.

• **اُوهام:** ذ. [ع. وَهم ۽ اوهامَ] وَهَمَ – اجايا خيال – وسوسا. فِڪرات – خيالات. گمانَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **اُوهام پرَسْتُ:** ذ. صفت. وهمي – وسواسي. شڪي.

• **اُوهانُ:** ضمير. [سن. يُو يمُ] توهان.

• **اُوهانُ جو:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اُوهانُدو ج اُوهانُدا (ت ل):** ذ. اڌ مان ٻاري ۾ پاڻيءَ اچڻ جي جاءِ – آواندو.

– **اُوهاندو وراڻڻ:** اڌ کي ٽڪو ڏيئي ٻاري ۾ پاڻي وهائڻ – آواندو وراڻڻ.

• **اوهجڻُ:** فعل مجهول. چوپائيءَ کي اوهُ پيدا ٿيڻ – اوهه واري ٿيڻ.

• **اوهڙڻُ (ل):** مصدر. [سن. ١. اُپسرُ < اُپ = پري + سُر = وڃڻ، چُرڻ؛ ٢. اوَسرُ = هيٺ هلڻ]. اُسرڻُ – هَلڻ. پري وَڃڻ "اونهي ۾ اوهري، جڏهن ويا جي" (شاهه). [سن. ١. اوَهر؛ ٢. اورَجُ = بار سببان هيٺ ٿيڻ] بار جي هڪ پاسي ليٽ ٿيڻ _ ليٽڻ _ نمڻ (اوهريو – اوهريو – اوهريل).

– **اوهَر ج اوهَرُون:** ث. بار جي هڪ پاسي ليٽ – اولاڙ.

– **اوهرائڻُ:** مصدر. "اوهرڻ" مان متعدي بالواسطه. اُٿلائڻ – ليٽائڻ.

– **اوهَرجڻُ:** مصدر. "اوهرڻ" مان فعل مجهول. بار جو هڪ پاسي ڏي لڙڻ. اُلار ٿيڻ.

• **اوهڙ:** ث. [سن. اَوَدار] اوهاڙَ – وڃايل پيري جي جاچ – آهوڙ.

• **اوهمو ج اوهما:** ذ. صفت. [سن. اُشڻَ] اُهمو – ماندو. بيچين – بي آرامر. تڪڙو. (ذ) گهٽ – مونجهه – گرمي.

– **اوهمائي:** ث. ساهه جي مُونجهه – دمڪشي – گهُٽَ – تڪڙ. تڪاوَٽ. ماندگي – بيقراري.

– **اوهمو ٿيڻ:** ماندو ٿيڻ. بيقرار ٿيڻ. تَڪجڻ. بيهوش ٿيڻ.

• **اوهنو ج اوهنا:** ذ. صفت. [سن. اُشڻَ] اُجائي تڪڙ ڪندڙ – جَلد باز – اُتامرو – اُبهرو.

– **اوهنائي:** ث. اُبهرائي – اُجائي تڪڙ – جلدي – آتر ويلا.

• **اوهوا:** حرف ندا. عجب ۽ خوشيءَ جي وقت وات مان نڪتل آواز "مارا، بلي!".

• **اوهي ج اوهي ذ.** [سن. اَوَدا = سنڀالڻ. نگهباني ڪرڻ] واهي – راڪو – نگهبان.

– **اوهي واهي:** ذ. خبر چار رکندڙ. سنڀال ڪندڙ. ماٺهو چيٺو. ڌڻي سائين – وارث.

• **اوهيرَ:** ظرف. انهي وقت – اوڏي مهل – تنهن وقت "جيهر لوڪ جهپ ڪري، اوهيرَ اُڏامن" (شاهه).

• **اوهيرُ ج اوهيرَ (ل):** ذ. ڏهائيءَ جي مهل. وَٽاڻُ.

– **اوهيرَ تي اَچڻُ:** مال جو وٽاڻ تي اچڻ.

• **اوهيرو اهيڙو ج اوهيرا، اوهيڙا:** ذ. [سن. اَوَسَرَ] واءَ جي زور تي مينهن جي اُڇل. مينهن جي زور سان ڇنڊڪار. ٿوري وقت لاءِ وسڪارو "مُند تي منڊل وجيا، ڪئي اوهيرن اوڪ" (شاهه).

– **اوهيرا ڪري وَسڻُ:** واءَ جي زور تي مينهن جو اُڇل ڪري وَسڻ.

– **اوهيرو ڪرڻُ (ت):** حَملو ڪرڻ – تَولو ناهي وڙهڻ.

• **اوهينُ:** ضمير. توهين.

• **اوهٿينُ:** ظرف. هَرويرو – خواهه مخواهه – خالي پيلي. بنا سبب جي. مفت ۾.

• **اُوءِ:** ضمير. اُهي "اوءِ فائق ۾ فرمان، اوتڙُ ڪنهن نه اوليا" (شاهه).

• **اوئاچ ج اوئاچون (ڪ):** ث. نهائين – مٺانو.

• **اوئاٺُ:** ذ. نئين چاول ٻار جي روئڻ جو آواز.

• **اوئس:** اُهاءِ. تجلو.

• **اوئڙ (ت):** ث. ڳوهه ۾ پاڻيءَ جي گهٽائي.

• **اوئڻُ:** ذ. [سن. اودني] ٻوٽي جو هڪ قسمر (جو ڪلرائي زمين ۾ پيدا ٿئي، دوا ۾ ڪمر اچي). گاهه جو هڪ قسمر.

• **اوئنو ج اوئنا (ت):** ذ. صفت. ٻاسي – بدبودار – آڪو.

• **اوئي ج اوئيُون، اويُونْ:** ث. [سن. اُجن = ٻڪريءَ جي ڪل] پاڻيءَ جي ڪلي – سانداري "اوئيون آريءَ جامر جون، پريان سجائي رات" (شاهه).

• **اُوئي (ل):** ث. ڪلرائي زمين جي اُپاميل اُچي مٽي (جا سوڊا ڪار وانگر ڪپڙن ڌوئڻ جي ڪمر اچي).

• **اوئيسُ (ڪ):** ذ. ڏيک ويک – رونق.

• **اُويرَ:** ث. [سن. اَ + ويلا = وقت] دير – اويل. بيگاهه – بيوقتائي – ڪُمهلائي. (ظرف). دير سان – ڪُمهلو.

– **اُويرائي:** ث. اويلائي – دير – ڪُمَهلائي – بيگاهه.

– **اُويرَ سَويرَ:** ث. اُويلَ سَويلَ – آڏيءَ مانجهيءَ. ڏڪيءَ مَهل. ڪنهن به وقت. (ظرف) اڳي پوءِ _ دير سان يا وقت ڪان اڳي.

– **اُويرو:** ظرف. دير سان – ڪُمهلو – بيوقوتو – بيگاهه.

• **اُويڙُ ج اُويڙَ (ت):** ذ. ڦيرو – وَڪڙُ. درياءَ جو ڦيرو. سختي – تڪليف – سوڙهه.

– **اُويڙَ ڏيڻُ:** وڪڙ چاڙهڻ. ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

• **اُويڙو ج اُويڙا:** ذ. صفت. نگو. اَڏِ ڏنگو. ڏکيو. اَٿونترو. زوراور.

• **اُويسُ:** ذ. صفت. [اَ = نه + ويسُ = لباس] بناويس – اَڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **اَهلُون ڪيڻ، ڪرڻ:** ويچارا ڏيڻ — نقل ڪيڻ. نئول ڪرڻ.

— **اَهلِي اَهليَز:** ذ. صفت. اهل ڪندڙ. ويچارا ڏيندڙ. مسخرو.

● **اَهلُ ج اَهلَ:** ذ. [ع] ماڻهو — شخص — ڄڻو. گهرجو ڀاتي — ڀهر. مالڪ — صاحب. عيال — ڪٽنب "اَهلِ اَباڻن ڪي، مري شال ملهايان" (شاهه). (صفت) لائق — موزون.

— **اَهلِ اِدراڪ:** ذ. ادراڪ جا صاحب. سمجهو — سياڻا.

— **اَهلِ اِختيار:** ذ. اختيار وارا.

— **اَهلِ اَرض:** ذ. زمين جا رهواسي.

— **اَهلِ اسلام:** ذ. اِسلام وارا — مُسلمان.

— **اَهلِ الله:** ذ. خدا وارو ـ ’الله وارو. عابد — دينداز. زاهد. بزرگ "شڪر آڻ بجاءِ، آهيين اهلِ الله سين" (شاهه).

— **اَهلِ اِيمان:** ذ. ايمان وارا — مومن.

— **اَهلِ باطن:** ذ. باطن جا صاحب. اندر جا اسرار ڄاڻندڙ. قران شريف جي آيتن جي اندروني معنيٰ ڪيندڙ.

— **اَهلِ بهِشت:** ذ. (ع. اَهل + ف. بهشت) بهشت جا ماڻهو — بهشتي.

— **اَهلِ بَيت:** ذ. گهر جا ڀاتي. حُضور پاڪ جن جي خاندان جا ماڻهو. سادات. سَيد.

— **اَهلِ تَصوّف:** ذ. صوفي طريقي جا پيرو — صوفي.

— **اَهلِ جَماعت:** ذ. هڪ مسجد ۾ جماعت سان نماز پڙهندڙ. هڪ جماعت يا قوم جا ماڻهو.

— **اَهلِ جَنّت:** ذ. جَنّتي — بهشتي.

— **اَهلِ جَهنّم:** ذ. دوزخي.

— **اَهلِ حَديث:** ذ. حديث تي هلندڙ. مسلمانن جو اُهو فرقو جو حديث کي قرآن شريف سان لازم سمجهي ٿو.

— **اَهلِ حَرم:** ذ. حرم سراءِ جا ماڻهو — مَستُورات.

— **اَهلِ حِڪمت:** ذ. حڪيم. فيلسوف — ڏاها.

— **اَهلِ خانه:** ذ. (ع. اَهل + ف. خانه) گهر وارا. گهر ڏياڻي.

— **اَهلِ خِرد:** ذ. (ع. اهل + ف. خرد) خردمند — دانشمند — ڏاها.

— **اَهلِ دل:** ذ. (ع. اَهل + ف. دل) دل وارا. صاف دل وارا — خدا وارا. سَخي.

— **اَهلِ دُنيا:** ذ. دنيا وارا. دولتمند.

— **اَهلِ دولت:** ذ. حڪومت جا ماڻهو يا ڪارپرداز. دولت وارا — شاهوڪار.

— **اَهلِ دين:** ز. دين وارا ـ ـ دينداز — نيڪ.

— **اَهلِ ذَوق:** ذ. ذوق جا صاحب.

— **اَهلِ روزگار:** ذ. (ع. اَهل + ف. روزگار) زماني جا ماڻهو — تجربيڪار.

— **اَهلِ زَبان:** ذ. (ع. اَهل + ف. زبان) ٻوليءَ جا ماهر — زبان دان.

— **اَهلِ زَمان:** ذ. زماني وارا زماني ساز. جهاَنديدا.

— **اَهلِ زَمين:** ذ. (ع. اَهل + ف. زمين) زمين جا رهاڪو. مخلوقات.

— **اَهلِ سُخن:** ذ. (ع. اهل + ف. سخن) سخن جا ڄاڻو — شاعر.

— **اَهلِ سند:** ذ. سنڌ وارا. سنڌ جا رهاڪو.

— **اَهلِ شَرع:** ذ. شرع جا صاحب — قانون دان.

— **اَهلِ شَريعت:** ذ. شريعت جا پيروڪار. شريعت وارا — شريعت جا صاحب.

— **اَهلِ صَنعت:** ذ. هنر وارا — ڪاريگر — فن جا صاحب.

— **اَهلِ طريقت:** ذ. طريقت جا صاحب. صوفي طريقي وارا.

— **اَهلِ ظاهر:** ذ. ظاهر تي هلندڙ. اکري معنيٰ کي ڇهندڙ. ماده پَرست.

— **اَهلِ علم:** ذ. علم وارا — عالم — ودياوان.

— **اَهلِ غَرض:** ذ. خود غرض ماڻهو — خود مطلبي.

— **اَهلِ فن:** ذ. فن "وارا — فن" جا صاحب.

— **اَهلِ قبُور:** ز. قبرن وارا ـ مُئل.

— **اَهلِ قَلم:** ذ. قلم وارا. لِکندڙ — اِنشاپرداز — اَديب. مُصنّف. مُنشي ـ مُحَرّر.

— **اَهلڪار:** ذ. (ع. اَهل + ف. ڪار) ڪم وارا. ڪاروبار هلائيندڙ. ڏنڌي وارا. ڪم ڪار جا لائق.

— **اَهلِ ڪتاب:** ذ. الاهي ڪتابن کي مڃيندڙ غير مسلمان (عيسائي، يهودي).

— **اَهلِ ڪَرم:** ذ. ڪرم جا صاحب. رحم وارا. سخي.

— **اَهلِ ڪلام:** ذ. ڪلام جا صاحب. فصيح ۽ بليغ ماڻهو.

— **اَهلِ ڪمال:** ذ. ڪماليت جا صاحب. ڪامل — پهتل.

— **اَهلِ مَجلس:** ذ. مجلس وارا. مجلس ۾ شريڪ ماڻهو.

— **اَهلِ مَعرفت:** ذ. علم معرفت جا صاحب. خدا شناس — آتم گياني.

— **اَهلِ مَنصَب:** ذ. وزير مشير. عهديدار.

— **اَهلِ نَظر:** ذ. ڏسندڙ. نقاد — مُتڪلمين — فيلسوف. دوراَنديش. عاشق مزاج.

— **اَهلِ وعيال:** ذ. زال ۽ ٻار — ٻار ٻچا.

— **اَهلِ هُنر:** ذ. (ع. اَهل + ف. هُنر) هُنرمند — هُنر جا صاحب.

— **اَهليَت:** ث. [ع] قابليَت — لياقت. لائقي.

— **اَهليَه:** ث. [ع] گهرواري — زال.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

— أئياري ج أئياريون: ث. صفت. ٻڪرين واري – ٻڪريون چاريندڙ.
• أئين: ضمير. [سن. يُوْيَم] اُوهين – توهين.
• ائين: ظرف. [سن. اِمَ] اهڙيءَ طرح – اِن ريت.
— ائين جو ائين: ظرف. بلڪل انهيءَ طرح – ائين ئي.
• اَئين: ظرف. [سن. ايوَمْ] اهڙيءَ طرح. خواه مخواه ـ اجايو. بنا سبب جي. مفت ۾.
• اَيِ، اَي: حرف ندا. [ع. اَي] سڏڻ جو لفظ. اَڙي! – اوا.
• اِيِ: ث. ايذاءَ کان وات مان نڪتل آواز.
• اِيءُ: ضمير. [سن. اِوَمْ] هيءُ.
• اَيان اَيَرَ ج اَيَن اَيَرَ (ڪ): ذ. صفت. اَيُون (ٻڪريون) چاريندڙ – ٻڪرار.
• اَياري ج اَياريون (ڪ): ث. ٻيڙيءَ ۾ ڪوهي جي جهل وارو رسو.
• اَياز: اسم خاص سلطان محمود غزنوي جي پياري غلام جو نالو (جنهن لاهور ۾ وفات ڪئي، هاڻي "پير سبز" جي نالي سان مشهور آهي).
• اَياغ ج اَياغ: ذ. [ع] شراب پيئڻ جو پيالو – قدح.
• اَيال: ذ. [ف. يال > اَيال] گهوڙي جي ڪنڌ جا وار – ٻر ـ ٻشڪون.
• اَيام: ذ. [ع. يَومُ ج اَيَامُ] ڏينهن. گهڻو عرصو يا مُدت. زمانو. واقعات. (عورت جي) حيض جا ڏينهن – ماهواريءَ جا ڏينهن.
• اَيامڪاري: ث. (ع. ايام + ف. ڪاري) حڪومت جو زمانو – صاحبي. عملداريءَ جو عرصو. بيٺلائيءَ جو وقت.
• اَيام مَاهواري: ذ. ماهواريءَ جا ڏينهن.
• اَياڻ، اِياڻ: ذ. صفت. [سن. اَجنان] اَجاڻُ – نادان – بيوقوف – جاهل – مورک.
• اَياڻپ، اِياڻپ: ث. نادانِي – بيوقوفي – بيعقلي – جهالت. موڪائي – اڻڄاڻائي. "سياڻپ" جو ضد.
• اَياڻو اِياڻا ج اِياڻا: ذ. صفت. [سن. اَجنان] بي سمجهه – اڻڄاڻ – بيوقوف – نادانُ – مورک. سادو سُودو – ڀالو ڀولو. نماڻو. "سياڻو" جو ضد. (ث) اَياڻي ج اَياڻيون.
— اَياڻائي: ث. نادانِي – بيوقوفي – جهالت.
• اَيائي ج اَيائيون (ڪ): ث. صفت. اَڻ وياڻل (ٻڪري، رڍ يا ڏاچي).
• ايبر ج ايبريون (ڪ): ث. ڪيري رڍ.
• اَيبَڪ: اسم خاص. [ترڪي. اِيبڪ = ڪڪڙ جو مور، ف. ايبڪ = بُتْ] غلام گهراڻي جي پهرين بادشاه "قطب الدين" جو لقب (جنهن هندوستان تي ١٢٠٦ع کان ١٢١٠ تائين حڪومت ڪئي).
• ايبي ج ايبيون (ل): ث. اَٺ جي نڙيءَ ۾ ٿيل ڳنڍو (بيماري).
• ايتر: ظرف. ايترو (عرصو) – ايستائين. ايتري ۾ ـ انهيءَ وچ ۾.
• ايترو ج ايترا: ذ. صفت. اِنهيءَ جيترو – انهيءَ قدر. هيترو (انداز، وقت).
— ايترو سارو: ظرف. گهڻو – مقرر انداز کان زياده.
— ايتري ۾: ظرف. اِنهيءَ عرصي ۾ ـ تنهن وچ ۾.
• اَيت، اَيٿ: ذ. هڪ تارو جو بَڊي مهيني جي پهرين ڏهن تاريخن (آگسٽ ١٧_٢٧) ڌاري اُڀري ٿو "بَڊي پهرين ماه ۾ ايت اڀريو – موٽڻ سندو من ۾ قاضيءَ قصد ڪيو" (فاضل شاه: ليلى مجنون). ڪن جي چوڻ موجب بڊي جي پوين تاريخن يا اڃا بـ اَسُوءَ جي پهرين تاريخن ڌاري اُڀري ٿو. پهريائين اَسُر وقت اُڀري ۽ جيئن پوءِ ٿيئن اڳ ۾ اُڀري، تان جو آڌيءَ ڌاري اڀرندو آهي. ڏکڻ اوڀر ڪنڊ کان اڀرندو ۽ ڏاکڻي افق تي ئي رهندو. عام خيال موجب اَيت اُڀري درياءَ جي پاڻيءَ ۾ لاهو آڻيندو آهي "ايت تارو اڀريو لٿا پور مٺا، سهسين گز سمونڊ جا ٿو سوسيو ڪڍي ساه": "جر وئندين جاءِ، جڏهن ڏسندين ايت اکين سان" (رسالو). مال جو کير سڪائيندو، ٻرن کان ٻاهر جيڪي جيت هوندا تن کي ماريندو. ان وقت چمڙو سئو رڱبو ۽ خوشبوءِ ڪندو "اَيت نہ رڱي ڪلڙيءَ، جا اڳي سڙي آه" (گرهوڙي) – پيسرو – اَگٽ (هـ) – سُهَيل يمني (ع.ف).
• ايتاجُ: ذ. [ع. اِحتياج] گهرج – ضرورت.
— ايتاجو (ت): صفت. محتاج – گهرجائو.
• اَيترو: ذ. صفت. ٽرڙو، وائڙو، زبانڪار.
• اَيٽ (ت): ث. اوٽ ٽيڪ.
• اَيٽ ج اَيٽ: ذ. [سن. اَرگهٽ] سٽ ڪتڻ جو اوزار – چرخو. نار – هُرلو.
— اَيٽائو: ذ. صفت. اَيٽ جو – چرخي وارو.
— اَيٽ چاڙهڻ: هُرلو چاڙهڻ. گهڻي محنت ڪرڻ. ڏاڍو روئڻ.
— اَيٽ هلائڻ: چرخو چورڻ. هُرلو وهائڻ. انتظام رکڻ. ڪاروبار هلائڻ.
• اَيٽ: ث. [سن. اِشٽڪا = سرَ] پٽن ۾ چوڻڪڙيءَ جو رنگ.
• ايتاجُ ج ايتاجَ (ت): ذ. انومان – گمان. خيال صلاح.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **اَيَنپار:** اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **اَيَنٽِي ج اَيَنٽِيُون:** ث. اَرٽي — ڪپهه ٽاڻڻ جي مشين. ننڍو اَيٽ. مگر مڇ جو هڪ قسم.

• **اَيَٽ ج اَيَٽُون:** ث. [سن. اَوِهِ] ننڍي جوان ٻڪري جا اجا وبائي نه هجي — ٻَٽ — اَيٽ (ڪ).

• **اَيٽ (ٿ):** ث. اوير — جُوٽ.

— **ايٺي ايٺواڙو:** ذ. اوباريل ڪاڏو.

• **اَيٺڙا:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **اَيٺڻ ج اَيٺڻُون (ل):** ث. رسي پيچڻ جي ڪاٺي.

• **اَيٺو (ٿ):** ذ. آباديءَ هيٺ نه آيل ميدان — آٿئو.

• **ايٺي:** ث. ٻُوٽيءَ جو هڪ قسم.

• **اِيثار:** ذ. [ع] پنهنجي فائدي کي ٻين جي خاطر قربان ڪرڻ جي حالت. قرباني. بنا لالچ خدمت.

• **اَيُج ج اَيُجَ:** ذ. اَهنج — ڏکيائي — تڪليف. ”هيج“ جو ضد.

• **اِيجاب:** ذ. [ع. وَجَبَ (= واجب ٺهرائڻ > اِيجاب)] لازمي ٺهرائڻ جي حالت. ثابت ڪرڻ جي حالت. منطق جي اِصطلاح موجب ”سُلب“ يعني ”اِنڪار“ جو ضد. نڪاح يا ڏيتيءَ ليتيءَ ۾ ڪنهن به طرف جي آڇ (مثلاً مڙس جو زال کي چوڻ ته ”مون توکي زال ڪري قبول ڪيو“ ايجاب آهي؛ انهيءَ جي ٻويان زال جو چوڻ ”مون کي اهو قبول آهي“ کي ”قبول“ چئبو).

— **اِيجاب و قبول:** ذ. نڪاح جو قول (گهوٽ جي پاران) ۽ اِقرار (ڪنوار جي پاران).

• **اِيجادُ، اِيجادَ (ٿ) ج اِيجاد، اِيجادُون:** ذ. [ع. اِيْجادُ = وجود ۾ آڻڻ] نئين سر وجود ۾ آڻڻ — نئين شيءِ ڳولي ڪڍڻ جي حالت. اِڪتشاف — اِختراع ”ميوو مخلوقن جو، علت ايجادا“ (گرهوڙي).

— **اِيجاد ڪرڻ:** ڪا نئين شيءِ (دوا، مشين، ڪم جو طريقو وغيره) وجود ۾ آڻڻ.

• **اِيجاز:** ذ. [ع] انتخاب — اختصار — تَتُ — خلاصو.

• **اِيجَنْٽُ ج اِيجَنْٽَ:** ذ. [انگ. agent] مالڪ جي پاران ڪم ڪندڙ — عوضي. گماشتو — پلاوٽو.

• **اِيجَنْسِي ج اِيجَنْسِيُون:** ث. [انگ. agency] ڪم ڪار هلائڻ لاءِ تنظيم. ڪنهن ڪمپنيءَ جي پاران ڪم هلائيندڙ آفيس.

• **اِيجيءَ جولَڪُ (ڪ):** اسم خاص. ڪيرٿرجبل ۾ هڪ لڪ جو نالو.

• **اِيجهو ج ايجها:** صفت. اهڙو.

• **اِيڃُون پيڃُون:** ث. مٺا جيئرا مائٽ — اڳيون پويون پيڙهيون.

ڪنهن جي اولاد جون بدافعاليون اِتر پِتر.

— **اِيڃُون پيڃُون ڪڍڻ:** مُئن جيئرن جا عيب ڪڍڻ — اِتر پتر ظاهر ڪرڻ.

• **ايڇپو ج ايڇپا:** ذ. [سن. آشريَہ = پناهه. مدد. بچاءُ] پناهه. اِحسان — ٿورو.

— **ايڇپو ڪرڻ:** احسان ڪرڻ — ٿورو ڪرڻ.

• **اَيڏُ ج اَيڏَ (ڪ ل):** مضبوط ٿيڻ. پڪڙڻ. چڙهڻ (پاڻي)] ٿُلهو — متارو. سگهارو. زور وارو (مرد، گهوڙو) ”پَٽنڊ، پَڇاڙيون، پاوڙا، ايڏ ڪري تو اَڏ“ (شيخ ابراهيم). پهلوان بيپرواهه.

• **ايڏانهُن، ايڏانهُون، ايڏانهِين:** ظرف. انهيءَ طرف — انهي پاسي.

• **ايڏنُون، ايڏانئين:** ظرف. انهيءَ پاسي — ايڏانهن.

• **ايڏيرو ايڏيرَ:** ظرف. ڪجهه انهي پاسي — ذرا انهيءَ طرف.

• **ايڏتانهُون، ايڏتانهين:** ظرف. ايڏيرو.

• **ايڏَرُ ج ايڏَرَ (ٿ):** ذ. اُٺ جي ڪوڙي، تي گاٺ وارو سخت حصو.

• **ايڏَر (ڪ):** ث. آڪڙ — سيٽَ. تنبيهه.

• **ايڏِڙو ج ايڏِڙا:** ذ. صفتَ. ”ايڏو“ جو تصغير. ايترو ننڍو، ننڍڙو. (ث) ايڏِڙي ج ايڏِڙيُون.

• **ايڏو ج ايڏا:** صفت. ايترو وڏو. اِنهيءَ جيترو. انهيءَ جيڏو. (ث) ايڏي ج ايڏيُون.

• **ايڏهانُ، ايڏهُونُ، ايڏهين، ايڏي:** ظرف. اِنهيءَ طرف — اِنهيءَ پاسي — ايڏانهن.

• **ايڊوانسُ:** ذ. [انگ. advance] اڳواٽ ڏنل رقم — پيشگي. سُوٿي.

• **ايڊووڪيٽ:** ذ. [انگ. advocate] وڪيل.

• **ايڊيٽَرُ ج ايڊيٽَرَ:** ذ. [انگ. editor] اخبار لکندڙ. منشي — مدير.

— **ايڊيٽوريَلُ:** ذ. [انگ. editorial] ايڊيٽر جو لکيل مضمونَ — اخبار جي نظريي کي پيش ڪندڙ مقالو.

• **ايڊيُوڪيشن:** ث. [انگ. education] تعليم.

— **ايڊيُوڪيشنل اِنسپيڪٽرُ:** ذ. [educational inspector] تعليم کاتي جو هڪ آفيسر.

• **اِيذاءُ ج اِيذاءَ:** ذ. [ع] درد — سور. آزار — اَهنج.

• **اِيذائڻ:** مصدر. [ع. اِيْذاءُ = ڏکوئڻ] ڏکوئڻ. تڪليف ڏيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ستائڻ — آزارڻ. رَنجائڻ. (ايذايو. اِيذائيو — اِيذائيندو — اِيذايل. اِيذائيل).

• ايَڙ: ذ. [سن. ايلَ. اَيلَ] ڪو خاص تعداد. [سن. اِيرشا] حسد. تفاوت. [سن. هيرڪ] ڳجهي خبر آڻيندڙ — جاسوس — چاري "تڪو ايڙ نہ پيَس، نڪي اوٺي آئيو" (شاهہ).

• ايراڇو: اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• اِيرادُ: ذ. [ع] ثابتي — دليل (پيش ڪرڻ). گواهہ (آڻڻ). ڪنهن بہ لَفظ جي معنيٰ سمجهائڻ لاءِ شعر جو بيت ثابتيءَ طور آڻڻ جي حالت. شاهد — سند — حوالو.

• ايرادو ج ايرادا: ذ. [ع. ارادہ] اِيرادو. خواهش — مرضي. رَبَّ جي رضا. قسمت — نصيب.

• اِيراذو ج ايراذا: ذ. [ع. اِرادہ > ايرادو > ايراذو] اِرادو. قسمت — نصيب "ايراذي، آندي، ڳورنهاري ڳوٺ ۾".

• ايراضي: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• ايراضي ج ايراضِيُونْ: ث. [ع. اَرْض ج اَراضي > ايراضي] زمين — زمينون. زمينَ جي ماپ — پڪيڙ — رقبو.

• ايراضي سَعدڪي: اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• ايراضي گهوٽڪِي: اسم خاص. تعلقي گهوٽڪي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• ايراقُ ج ايراقَ: ذ. [ترڪي. يَراقُ = هٿيار پنوهار، ساز سامان، هيرا جواهر] گهوڙو — سُواري.

• اِيرانُ: اسم خاص. ڏکڻ اولهہ ايشيا جو هڪ قديم تهذيب ۽ تمدن وارو وڏو ملڪ (جنهن تي چون ٿا تہ اهو نالو اَيْرج پٽ فريدون جي نالي سببان پيو). پاڪستان جي اولهہ ۾ هڪ محدود اراضيءَ واري مُلڪ جو نالو.

— اِيرانِيءَ ج اِيرانِي: ذ. صفت. اِيران جو (رهاڪو. (ذ) تتر جو هڪ قسم (رواجي تِترن کان ٿلهو ۽ بُت ۾ وڏو لَنب ذرا ڳَاڙهاڻ تي مائل، ٽنگون ٿلهيون ٿينس). (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.

• اِيرانْئُونْ، اِيْرائُون: ذ. ڪَدو.

• ايرائُون (ت): ث. شڪار جي اصطلاح ۾ ٽنگڙن جي وچ ۾ ڏنل گز يا ڪاٺيون.

— ايرُپيرُ: ذ. اَچ وچ — آمدرفت. مُنهن مهاڙ — واسطو — تعلق. ڄاڻ سُڃاڻ.

• ايرپير نہ هُجڻ: تعلق نہ هجڻ — واسطيداري نہ هجڻ. شڪ شبهو نہ هجڻ.

• ايرڙِي ج ايرڙِيُونْ (ل): ث گند جو ڍير — اڙُوڙي. مالهہ ۾ ٻڌڻ جَي ڪاٺيَ — اِرڙي.

• اَيرُ غَيرُ: ذ. [ايرَ + ع. غير] گند ڪچرو — ڪِنْ چِنُ — مَرُ ميل. (صفت) ڌاريو — بيگانو — اجنبي.

• ايرُ ڦيرُ: ذ. [اير + ڦير > ڦِرڻ] مَٽ سَٽ — ڦير گهير. مٽاسٽا — ڏي وٺ. ڦند فريب.

• اِيْر ڪا: ث. [سن. اِيْرشا = ريس] حَسَدُ — هُوس — ساڙُ — ڪامَ.

• ايَرنْڊي: ث. [سن. ابرگـَدَ] هيرڻ — هرڻ. جو وڻ.

— ايرنڊيءَ جو تيل: ذ. هيرڻ جو تيل (جو جلاب طور ڪم اچي).

• ايَرڻُ (ل): مصدر. [سن. وروه = چِٽائڻ] چِٽائِڻُ (زخم) — ميڙڻ (ڦٽ). پَرڻ — انگوَرڻ (زخم، ڦٽ). ڍِڳ ڪرڻ — هڪبئي مٿان رکڻ (ٽانُو). سَٽڻ (ڪاٺيون، وغيره). ٺاهي رکڻ. (ايريو — ايريندو — ايريل).

— ايرائِڻُ: صفت. "ايرڻ" سان متعدي بالواسطہ. چِٽائڻ (زخمي).

— ايرجَڻُ: مصدر "ايَرڻ" مان فعل مجهول پَرجڻ (ڦٽ) — ميٽجَڻُ (زخم) — پَرجڻ — انگورجڻ (ڦرڙي).

— ايرندڙ ايريندڙ: وَرندڙ. چِٽيندڙ (ڦٽ).

• ايرِٽِي ج ايرِٽِيُون: ث. مالهہَ جي ٽُڪيل ڪاٺِي — اِرڙي.

• ايَرو ج ايرا (ڪ): ذ اُها مقرر جاءِ جتي ڪاٺيون چونڊي گڏ ڪجن. چونڊيل ڪاٺين جو هڪ جاءِ تي سَٿو.

• ايرو گهيرو: ذ. چوڌاري — آسپاس.

• ايرْي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• ايريالُ: ذ. هڪ قسم جو ٻوٽو (جو دوائن ۾ ڪم اچي) — ڦَرهو.

• ايَرِنْگُ ج ايرِنَگ: ذ. [انگ. ear_ring] ڪنن ۾ پائڻ جوَ هڪ ڳِهہُ — گوشوارو.

• ايريو: ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم (هڪ وڻ جي سُڪل رَسَ جا دوا ۾ ڪم اچي). پٽ جو بنياد — پيڙهہ (ت). روڪڙن پيسن تي ڪنيل مقاطعو (جو زمين جي پيدائش جي حصي ڏيڻ بدران ادا ڪجي). زميندار جو هاريءَ تي بٽئي طور نقد رقم جو بدل ٻانْڌاڻ. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.

• ايڙَ ج ايڙُون: ث. [هہ. ايڙ. ايڙي] ڪڙي — آڙي.

• اَيڙُ ج اَيڙَ (ل): ذ. اِيڙ — بَدُو.

• اِيڙُ ج اِيڙَ: ذ. صفت. بَدُو. جهنگلي "اِيڙ پنهوار". چِپَ، ڏبَ.

• اِڙِ پِڙِ اِڙا پِڙا: ث. لِڳ جو سُور – بَدن جي پاڄ. بيماري. تڪليف.
• اِڙِڪُ ج اِڙِڪَ: ذ. [سن. ايڊڪ = هڪ قسم جي رڍ. ڳهٽو. جهنگلي ٻڪر] جهنگلي ٻڪر. وڏو ڏنبو – ويڙهو ڳهٽو.
• ايزابليش: جملو. [بلوچي. ايزا = هتي + بيل = ڇڏ + ايشي = هن کي] هن کي هتي ڇڏ. "تنين پهيو پاڻ ۾ 'ايزا بليشي' " (شاهه).
• ايزاد: ذ. [ع] واڌ – واڌارو اضافو.
• ايزد: ذ. [ف] ڌڻي تعاليٰ.
- ايزدي: صفت. خُدائي.
• اِيڙَڪَ ج اِيڙَڪُون (لس): ث. ڪير وجهڻ لاءِ ننڍڙي ساندارِي (جا ٻيرولي ۾ ڏاڙهونءَ جي ڇوڏيءَ سان ماريل ڪَلَ مان ٺاهيندا آهن).
• اِيَس ج اِيسون: ث. [سن. ايسا] ڪٽ جي پاسي واري ڏگهي ڪاٺي – ڪٽ جي ٻانهين.
ايسار: اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو.
ايسان: ذ. [سن. اَيشانَ = اُتر اُيرندو] اُتر اُيرندو طرف.
• اَيساني، اَيسانِي: ث. اتر اُيرندي جي وِڄ (مينهن جي اچڻ جي نشاني) – ٻڪرار ڪنوڻ. مينهن جا آثار. مينهوڳي واري هوا.
ايستادگي: ث. [ف. ايستادن (= بيهڻ) > ايستادگي] بيهڪ – قيام. بيهلائي. شاهوڪاري.
ايستاده: صفت. [ف. ايستادَن (= بيهڻ) > ايستاده] بيٺل. قائم ڪيل.
ايسيتائين: ظرف. ايتري وقت تائين. انهيءَ حد تائين.
اِيسَر(ت): اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
اِيسَرُ: ذ. [سن. اِيشوَر > ايسر] 'ايسر مهاديو' (جنهن جي نالي سان بلا ۾ وجونءَ جون جهاڙون رکندا آهن" ايسر مهاديو ڪي وانچا چلي"). هندو مرد جو نالو.
اَيسو: ذ. صفت. بنا ملاوت – صفا – اڻ ڳنڍيل. جهڙي جو تهڙو. (ذ) آسرو (ت).
اَيسو ڏيڻ (ت): آسرو ڏيڻ.
ايسوتو ج ايسوتا (ل): ذ. بيل ڳاڏيءَ ۾ ڪم ايندڙ ڪاٺي (ناڻي جي تري ۾ چاڪ وٽ لڳل ڪاٺي) – چورسو.
اِيسي: ث. ڇڪيلي يا ڇڪلي راند (جنهن ۾ ڇوڪريون هٿ هٿن ۾ ڏيئي ڪولاٽيءَ ۾ ڦرنديون آهن).
ايسين: ظرف. ايتري وقت تائين. ايتريءَ دير ۾ انهيءَ حد تائين (مرڪب ۾ ڪم ايندڙ لفظ "ايسين سوڌو ايسين تائين").

• ايشوَرُ: ذ. [سن. ايشوَرَ] اُپائڻهار – ڀڳوان.
• ايشيا، ايشا: ذ. [انگ. Asia] هڪ مشهور کنڊ جو نالو.
• اِيصالُ: ذ. [ع. وَصَلُ (= ڳنڍڻ > اِيصالُ] وصل – ميلاپ.
– ايصال الثّوابُ: ذ. ثواب پهچائڻ جو فعل.
• اَيضاً: ظرف. [ع] پڻ. اڳئين وانگر. ساڳيءَ طرح.
• اِيفا: ث. [ع. ايفاءُ] وعدي جي وفائي – انجام جي پورائي.
• ايقانُ: ذ. [ع] يقين – پڪ. اعتبار.
• ايڪُ: صفت. [سن. ايڪَ] هڪ – واحد هڪڙو.
• ايڪا دَسِي، ايڪا دَشِي: ث. [سن. ايڪا دَشي] سنڌي مهيني جي يارهين تِٿ (جنهن تي هندو ورت رکندا آهن) – ڳيارس.
• ايڪاسي: صفت. [سن. ايڪاشيت] هڪ ۽ اَسي جو عدد (۸۱).
• ايڪانُ ج ايڪانَ (ت): ذ. [ع. اَرڪان] عادت – لَڇڻ – افعال.
• ايڪانتُ: ث. [سن. ايڪانت] اڪيلائي – خلوَت – تنهائي. نويڪلائي – خُلاصگائي – گوشه نشيني.
– ايڪانتي: ذ. صفت. اڪيلائيءَ ۾ گذاريندڙ – گوشه نشين.
• ايڪانوي: صفت. نوي ۽ هڪ جو عدد (۹۱).
• ايڪائي: ث. هيڪڙائي – وَحدت – يگانگي. (اسم خاص) ساڌو فقيرن جو گروهه.
• ايڪتا: ث. [سن. ايڪتا] ايڪو – اتحاد – اتّفاق – ٻڌي.
• ايڪٽيهه: صفت. ٽيهه + هڪ جو عدد (۳۱).
• ايڪڙ، ايڪڙُ: ذ. خريف جي فصل ۾ پيدا ٿيندڙ سنهڙن پنن سان هڪ ڪانيدار ڏڳهو ٻوٽو جنهن کي مال کائي.
• ايڪڙُ ج ايڪڙ: ذ. [انگ. acre] زمين جو ٽڪر (جنهن جي ايراضي ۴۸۴۰ چورس وال هجي). آباديءَ لاءِ ٻه جريب زمين جو ٽڪر.
• ايڪڙ بيڪڙ: صفت. هڪ ٻه. ٿورڙا. "گهڻا" جو ضد. (ظرف) هڪ ٻه پيرا. ڇڏو ڀاڙو – ورلي – ڪنهن قضائي.
• ايڪلائي ج ايڪلائيون: ث. موچين جو هڪ اوزار (جنهن تي جتي رکي ڪوڪا ٺوڪجن).
• ايڪلدارو ج ايڪلدارا: ذ. واڍڪي ڪم جو هڪ اوزار.
• ايڪلو ج ايڪلا: ذ. صفت. [سن. ڪيوَلَ] اڪيلو – هيڪلو – تنها. ڇڙو. (ث) ايڪلي ج ايڪليون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ايڪو ج ايڪا:** ذ. [سن. ايڪ] هڪ – هڪڙو (عدد). هڪڙي درجي وارو انگ (١ کان ٩ تائين). ايڪتا – اتحاد – ٻڌي. هڪ قسم جي ٻڪي. هڪڙي ڏڳي واري گاڏي – ڇڪڙو.

– **ايڪي جي وات:** ث. رياضيءَ جو هڪ اصطلاح (ٽِه رقمي ۽ پنج رقمي حسابن کي "هڪ" جي مدد سان حل ڪرڻ).

– **ايڪي ۾ هُجڻ:** ٻڌيءَ ۾ هجڻ – اتحاد ۾ هجڻ.

• **ايڪوائِي ج ايڪوائِيُون (لس. ل):** ث. هڪ قسم جو ڳهه – هڪ سَرَ واري ڏُري.

• **ايڪوائِي ج ا يڪوايُون. ايڪوائيُونْ (ل):** ث. سونارن جو هڪ اوزار (ننڍڙي سنداڻ جنهن تي منڊيون يا ڇلا ويڙهي گول ڪندا آهن).

• **ايڪوتِر ايڪوترو:** صفت. [سن. ايڪ + اُتر] هڪ سيڪڙو – سَوَ تي هڪ (وياج).

• **ايڪونجاهه:** صفت. [سن. ايڪپَنچاشَتْ] 'پنجاه + هڪ' وارو عدد (٥١).

• **ايڪويهه (ت):** صفت. ايڪيهه (٢١).

• **ايڪهتر:** صفت. [سن. ايڪسَپتَتْ] 'ستر + هڪ' وارو عدد (٧١).

• **ايڪهٺ، ايڪاهٺ:** صفت. [سن. ايڪشَشٽِ] 'سٺ + هڪ' وارو عدد (٦١).

• **ايڪهٽو ج ايڪهٽا:** ذ. [سن. ايڪ + آهار] ڏينهن ۾ هڪ پيرو کاڌو. هڪ ڏينهن جو ورت (هندو اَسو مهيني جا پهريان نوَ ڏينهن روزا رکندا آهن. جي "ايڪهٽا" سڏبا آهن)

– **ايڪهٽا رکڻ:** اَسوجي مهيني ۾ پهرين نوَن ڏينهن جا ورت رکڻ.

• **ايڪياسي:** صفت. ايڪاسي (٨١).

• **ايڪيتالُ:** ذ. واپارين جي اصطلاح ۾ هڪ مڻ ۾ چاليهن سيرن بدران ايڪيتاليهن سيرن جي تور.

• **ايڪيتاليهه:** صفت. [سن. ايڪچتوارنشَتْ] هڪ ايڪي ۽ چئن ڏهاڪن وارو عدد (٤١).

• **ايڪيهه:** صفت. [سن. ايڪونشَتْ] هڪ ايڪي ۽ ٻن ڏهاڪن وارو عدد (٢١).

• **ايگزيڪيوٽو:** صفت. [انگ. executive] قانون جي تعميل ڪرائيندڙ. ڪم ڪندڙ. ڪم وٺندڙ.

– **ايگزيڪيوٽو آفيسر:** ذ. انتظامي آفيسر.

– **ايگزيڪيوٽو انجنيئر:** ذ. انجنيري کاتي جو ڪارڪن عملدار.

• **ايگو ايگو (لس):** ذ. خوشيءَ جو آواز. ڪڳي. خوشي ئي خوشي. مزائي مزا.

• **ايگوهٽڻ:** ڪڳي هٽڻ – ڪَڳون ٺوڪڻ.

• **ايل. اَيَلَ:** ث. [ترڪي. ايلي] بند ڪرڻ جي حالت. بيگر ۾ لڳائڻ جي حالت. قيد – بند. نظر بندي. اطاعت – تابعداري.

• **ايل ج ايل (ڪـ ل):** ذ. صفت. [ع. غَوْلْ] باندي – قيدي "هو سمو جام سين جو پر عشق ڪٽي ڪو ايل" (راڄن شاهه). [سن. ايلڪ = گهٽو] جهنگلي. ڌراڙ. رواجي ماڻهو.

• **اَيلَ، اَيلهه (ل):** ث. فوج – لشڪر – سپاهه – ڪٽڪ.

– **اَيلَ اَيلهه چاڙهڻ:** ڪٽڪ چاڙهڻ – فوج چاڙهڻ.

• **اِيلَ:** ث. [سن. ايڊڪ. ايلڪ = گهٽو] هڪ قسم جي رڍ. رڍ يا ٻڪري.

• **اِيلَ:** ث. ڪنهن بہ شيءِ جي پهرينءَ سَٽَ آچ يا نابري. انڪار – عدول توبهه – زاري. آڻ (ت) – ٻاڻ. سُوءَ ـ افسوس (ڪ). سُوءَ ۾ رهڻ ڪري ڪن ڪمن (جهڙوڪ سنن طعامن کائڻ يا هار سينگار ڪرڻ) کان پرهيز (ڪ). پرهيز – رڪ "جن جي اڳ نہ پڳي اِيلَ. تن جا مڄڻ راڄ رُلائين" (شاهه). سرڻ جو هڪ قسم. لاڳاپو.

– **اِيل رکڻ (ل):** لاڳاپو رکڻ.

– **اِيل ڪرڻ (ت):** توبهه ڪرڻ. آڻ مڃڻ – ٻاڻ ڪرڻ (ت). ڪنهن جو عذر ڏيڻ. ڪنهن جي پاران رُسي ويهڻ (راڄ ۾).

– **اِيل ۾ رهڻ (ڪ):** فوتيءَ جي سُوءَ ۾ رهڻ.

• **اَيلَ. اِيڻ:** ث. سگ ڏيڻ وٺڻ وقت شروعات. گهوٽ سهريجن جي ايل ڪندو. اتي شريڪ ٿيندو جتي ساهرا شريڪ ٿيندا.

• **ايلاج ج ايلاجَ:** ذ. [ع. علاج] علاج – دوا.

– **ايلاجي:** صفت. علاجي – بيمار "عاشق آهي ايلاجي. پائي ڳچيءَ ڳل ڳاري" (سچل).

• **ايلاچو ج ايلاچا:** ذ. هڪ قسم جو ريشمي پٽا پٽي ڪپڙو (جنهن ۾ ايلاچين جهڙا گل ٻوٽا هجن).

• **ايلاچي:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ايلاچي ج ايلاچيون:** ث. [سن. ايلڪا] مصالحي جو هڪ قسم – ننڍو ڦوٽو – اِلاچي. منگر مڇيءَ جو هڪ قسم (منهن سنهون. وچ ٿلهو. پڇ سنهون: ديگهه اڌ فوٽ کان هڪ فوٽ تائين).

• **ايلاري:** ذ. "ايلاري ڳوٺر" (آکهه) جو ماڻهو.

• **ايلاري پيلاري:** ذ. صفت. لَلو پنجو. خسيس (ماڻهو).

گَدي (جا ڪکن ڪانن سان پريل هجي) – ٻني.

- **اَيِنْگُ:** ذ. صفت. [سن. اَيُگَگَ] يگانو – لاثاني. بهادر – بيباڪ.اَڙٻنگ. [سن. اَويَگرَ] لاغرض – بيپرواهه. ڀهري سجاڳ. [سن. اَويَنْگ] لِڱين سڄو – سالم عضون وارو. مستان – گينوار. (ظرف). اَچانڪ – اوچتو.
- **اَيِنْگو اِئِنْگو:** ذ. مورُ (پکي) – طائوس.
- **اِينْگَهَڻُ:** مصدر. چڪجي ڏگهو ٿيڻ (ربڙ وغيره) – وَڌڻ – ويجهڻ. ڪشادو ٿيڻ (ڪپڙو). ڏگهو ٿيڻ (معاملو). دير پَوڻ. اِنْگهَڻُ. (اِينگهيو – اِينگهندو – اِينگهيل).
– **اِينْگهَ، اِينْگهَ:** ث. ڊيگهه. واڌ. ڍِرَ. اِنگهَ.
– **اينگهائِڻ:** مصدر "اِينگهڻ" مانَ متعدي بالواسطه. ڊيگهه ڪرائڻ – طول ڏيڻ – اِنگهائڻ.
- **اينگهه ڪرڻ:** ڊيگهه ڪرڻ – ڳالهه ڪي اجايو وڌائڻ. دير وجهڻ. اِنگهَ ڪرڻ.
- **اِيَنْنهَنْ (ل):** ث. ڀهرئين ويم واري چوپائِي.
- **اينو ج اينا (ڪ.ل):** ذ. صفت. ڪِنو – خراب – بَدبُودار – اوسنو. اوبارو (ڪاڌو).
- **اَينُوهَ ج اَينُوهُوْنْ (ڪ):** ث. وهڙي – اَڻ وياٽل جوان ڏڳي. ڀهريات ڏڳي.
- **اِيْنهارَ اِيْهارَ (ل):** ذ. [سن. آڪار] مهاندا – روش – آرِيْڪڻ.
- **ايٺوئي:** ٻي پاڙي، وڻ ويڙهي
- **اَيْٺِي (ت):** ث. گاهه جو هڪ قسم.
- **اَيوارو اَيْواڙو (ل):** ذ. [سن. اَوِيْ = رِد + اَوارَ = لوڙهو] ٻڪرين جو واڙو.
- **اَيوانُ ج اَيوانَ:** ذ. [ف] اڱڻ – دالان . ڪليل پَٽُ. مَحل – مڪان. قانون ساز مجلس.
- **اَيّوبُ:** اسم خاص. [ع] هڪ نبي سڳوري جو نالو (جو نهايت صابر هو). مرد جو نالو.
- **ايوَريسْٽ:** اسم خاص. [انگ. Everest] هماليه جبل جي وڏي ۾ وڏي چوٽي (جا دنيا ۾ اُتاهين چوٽي آهي).
- **اَيوڳُ:** ذ. صفت. [سن. اَيوڳِيْه] اَجوڳ – بي واجبي. نامناسب.
- **ايوٺو ج ايوٺا:** ذ. صفت. ڏنگو – اَهنْڌُ. تيسر – چيڙاڪ.
- **ايوٺِي ج ايوَٺيُون (ت):** وِچٽي – پکو. وڻ ويڙهي (وَلِ).
- **اِيْها:** ضمير [سن. اينا] اِها – ساڳي. [سن. اِڇِچا] اِڇا – خواهش – مَرضِي.
- **اِيهامُ:** ذ. [ع. وَهَمَ (= وهم ۾ وجهڻ) > ايهام] شعر جي هڪ صنف جنهن ۾ ٻن معنائن وارو لفظ آندل هجي. شَڪُ.
- **اِيْهانْ:** ظرف. هِتان.
- **اَيهَرُ:** (آهر. شيشو) = عينڪ. عينڪ مثل خاص شيشن جا ڪوپا جن جي پائڻ سان ننڍين سنهين شين کي وڌيڪ چٽو ڏسي سگهجي.
- **اِيْهَرو ج اِيْهَرا (ٿ):** ذ. هڪ قسم جو زهري جيت.
- **ايهنْسَ (ٿ):** ظرف. سدائين – هميشه.
- **اِيْهُو:** ث. ڀهرياتَ ڏڳي يا چوپائي.
- **اِيْهو ج اِيْهي:** ضمير. [سن. ايشَه] اِهو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ب

● ب: ث. [ع] سنڌي، عربي ۽ فارسي "الف ـ ب" جو ٻيو اکر. تلفظ "بي". ابجد موجب عدد ٻه (٢). سنسڪرت ۽ هندي جي استعمال موجب بعضي "و" سان بدلجندڙ اکر "ويد = بيد: وير = بير". فارسيءَ جي استعمال موجب بعضي "پ" سان تبديل ٿيندڙ اکر "بادشاهه = پاتشاهه". "بسم الله" جو پهريون اکر.

● بَ: ذ. [ف] قَسم جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ "بَخُدا". (حرف جملو) سِلسلي يا تواتر ڏيکاريندڙ حرف "روز بَروز. دِن بَدِن". تاڪيدي معنيٰ ۾ مستعمل حرف "تازه بَتازه، نَوبَنو جابَجا".

— بَجانب: ظرف. پَرِ ۾ ـ پاسي لڳ.

— بَجِنسِي: صفت. ساڳيو ـ هُوبَهُو ـ نِس پِس ـ بِعَينه.

— بَحساب: ظرف. حساب سان ـ ليکي سان. ٺورڙو.

— بَحُڪم: ظرف. حڪم موجب. فرمان سان. فرمودي موافق.

— بَخُوبِي: ظرف. چڱيءَ طرح سان ـ خوبيءَ سان.

— بَخُوشِي: ظرف. خوشيءَ سان. مرضيءَ سان.

— بَخير بَخيريت: ظرف. خير سان. سلامتيءَ سان.

— بَدَسْت: ظرف. هٿ سان. هٿ ۾.

— بَدَسْتُور: ظرف. دستور سان ـ قاعدي موجب. ساڳيءَ طرح ـ حسب معمول.

— بَدولَتْ: ظرف. سبب سان ـ جي ڪري. ذريعي ـ رستي. وسيلي. ٻاڳيَن.

— بَذات: ظرف. پاڻ خود.

— بَذَرِيعي: ظرف. [ع. بِالذَّرِيعَه] جي وسيلي ـ معرفت. طريقي سان. هٿان.

— بَرائِي: ظرف. لاءِ ـ واسطي. مطلب سان ـ ليکي.

— بَزور: ظرف. زور سان. جبراً ـ زوريءَ.

— بَشرطيڪ: ظرف. اِنهيءَ شرط سان ته.

— بَمِثل: ظرف. وانگر ـ طرح ـ جهڙو.

— بَمَعْ: ظرف. ساڻ ـ سُودو ـ سميت.

— بَمَع عِيال: ظرف. عيال سودو ـ آڪهه سميت.

— بَمُوجب: ظرف. پٽاندر ـ مطابق ـ طرح.

— بَنِسْبَت: ظرف. بابت ـ واسطي ـ باري ۾ ـ متعلق.

● بِ: حرف جر. ظرف. [ع] سان "بِسمِ الله (= بِ + اِسمِ الله) = الله جي نالي سان". (ذ) قَسم جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ (بالله = خدا جو قسم) "ساهه سِر صدقو ڪريان، ٻيو ناهه ڪي بالله بيٺ" (ڳل).

— بِالله: ذ. الله جو قسم ـ خدا جو سُنهُن. (ظرف) سچ پچ ـ تحقيق "محبّت ۾ مجازجي، بالله ٻيئِم ٻوءِ" (شاهه).

— بِالاتّفاق: ظرف. اِتفاق سان ـ ٻڪراءِ ـ متفقه طور.

— بِالْاِجماع: ظرف. سيني جي راءِ سان ـ ٻڪراءِ.

— بِالْاِجمال: ظرف. مُجمَل نموني ۾ ـ اِجمال سان. ٿلهي ليکي.

— بِالارادہ: ظرف. ارادي سان ڄاڻي واڻي.

— بِالتّخصِيص: ظرف. خاص طرح ـ خصوصيت سان.

— بِالتّصرِيح: ظرف. چٽائيءَ سان ـ وضاحت سان ـ صاف صاف.

— بِالتّفصِيل: ظرف. تفصيل سان. وچور سان. شرح سان.

— بِالتّقدِير: ظرف. تقدير سان. موقعي سان ـ اتفاق سان ـ اوچتو.

— بِالتّمام: ظرف. پوريءَ طرح سان.

— بِالْجَبْر: ظرف. زور سان ـ زبردستي.

— بِالْجُملَه: ظرف. جمله طور. مجموعي طور. ڪُل. آخرڪار.

— بِالْخَير: ظرف. خير سان ـ چڱيءَ طرح ـ سُهڻي نموني.

— بِالذّات: ظرف. ذاتي طور ـ شخصي طور ـ پنهنجي سِر.

— بِالضّرُور: ظرف. ضرورت موجب. ضرور ـ اَوس. پَڪَ ـ يقيناً.

— بِالطّبْع: ظرف. سياويڪ ـ فِطرةً.

— بِالْعَڪس: ظرف. اُبتَڙ. برخلاف. ٻيءَ طرح.

— بِالْعُمُوم: ظرف. عام طرح سان ـ عام طور. رواجي طرح.

— بِالْفَرْض: ظرف. فرض طور. ڪٿي قبول ڪجي.

— بِالْفِعْل: ظرف. حال في الحال ـ هينئر ـ هن وقت. حقيقت ۾ ـ سچ پچ. نِس پِس.

— بـِالقُوَّة: ظرف. قوّت يا زور سان. اِمڪاني صورت ۾. "بـِالفعل" جو ضد.
— بـِالڪُل: ظرف. ڪُليّ نموني ۾. پوريءَ طور. پوريءَ طرح. تمام ـ سارو.
— بـِالمُشافَهَه: ظرف. سامهون ـ روبرو.
— بـِالمُشاهَدَه: ظرف. اکين سان. روبرو ـ مُنهن مقابل.
— بـِالمَعنيٰ: ظرف. سچ پچ ـ حقيقت ۾. ڳجهو.
— بـِالمُقابِله: ظرف. ڀيٽ ۾ ـ نسبت ۾. سامهون.
— بـِالمُقطَعَه: ظرف. مقاطعي طور ـ ٺيڪي تي عَلي الحساب ـ ٺُلهي ليکي.
— بـِالمُقطُو: ظرف. مقرّر قيمت تي ـ چڪتو ـ قطعي.
— بـِالمُناصَفَه: ظرف. نصف نصف ـ اَڌو اَڌ.
— بـِالمُواجَهَه: ظرف. منهن مقابل ـ سامهون.
— بـِالنِّسبَة: ظرف. ڀيٽ ۾.
— بـِالواجِب: ظرف. بالضرور. ضرور.
— بـِالواسِطَه: ظرف. ڪنهن واسطي يا وسيلي سان ـ ٻئي جي معرفت.
— بـِاليَقين: ظرف. يقين سان ـ پڪ سان. پڪ ٺي پڪ ـ ضرور ـ يقيناً.
— بـِحَمدِه تعاليٰ: ظرف. ڏڻيءَ پاڪ جي ساراهه سان.
— بـِعَينِه: ظرف. هُوبهو ـ ساڳيو. جيئن جو تيئن ـ نِس پِس.
— بـِغير: ظرف. ڪان سواءِ ـ ڌاران ـ علاوه.
• بـِ: حرف جملو. [ع. بـِ = سون؛ سن. اَپي] پڻ.
• با: حرف جر. [ف. با؛ سن. اُپ] سان ـ ساڻ ـ گڏ "باخبر باادب وغيره".
— باآبرو: ذ. صفت. آبرو وارو. عزت سان.
— بااِتّفاق: ظرف. يڪراءِ ـ متفقه طور.
— بااَثَر: ذ. صفت. اثر وارو ـ رسوخ وارو.
— بااِحترام: ذ. صفت. احترام وارو ـ محترم. احترام سان.
— بااَدَب: ظرف. [ف. با + ع. اَدب] اَدب سان ـ نياز سان. (ذ. صفت) اَدب وارو. خَليق ـ رلڻو ملڻو. فضيلت وارو ـ فهميدو.
— باايمان: ذ. صفت. ايمان وارو ـ مومن.
— باتَدبير: ذ. صفت. ڏاهو ـ اٽڪلي.
— باتَرتيب: ظرف. ترتيب سان ـ منظم.
— باتَميز: ذ. صفت. تميز وارو ـ سمجهو. سُلڇڻو.
— باحِساب: ظرف. حساب سان ـ ليکي سان.
— باحَياءُ: ذ. صفت. حياءُ وارو ـ لڄارو ـ شرميلو.
— باخَبَرُ ج باخَبَر: ذ. صفت. خبر وارو ـ خبر رکندڙ ـ واقف. خبردار ـ سُڌير ـ هوشيار. سياڻو ـ ڏاهو.
— باذَوق: صفت. ذوق وارو. سليقي وارو.
— باسَليقَه: ذ. صفت. سليقي وارو ـ با تميز.
— باشَعُور: ذ. صفت. سمجهه وارو ـ داناءُ ـ ڏاهو.
— باصَفا: ذ. صفت. صاف پاڪ. سچو.
— باصَوابُ: ز. صفت. درست ـ ٺيڪ. صحيح سلامت.
— باغَرَض: ذ. صفت. غرض وارو ـ لالچي.
— بافَضيلَت: ذ. صفت. فضيلت وارو. فضيلت سان.
— باقاعِدَه، قاعِدي: ظرف. قاعدي سان ـ قانون مطابق. دستور سان. ترتيب سان ـ سلسلي موجب.
— باڪَمالُ: ذ. صفت. ڪمال وارو. اِوج تي پهتل. ماهر (ڪنهن هُنر ۾).
— بامُرُوَّت: ذ. صفت. فضيلت وارو. مرجات وارو. لحاظي.
— بامَعنيٰ: ظرف. معنيٰ سان ـ مطلب سان.
— باوُجُود، باوُجوديڪ: حرف جملو. اِنهيءَ هوندي به ـ اگرچ. جيتوڻيڪ.
— باوَضَع: ذ. صفت. وضع وارو ـ ڍنگائتو.
— باوَفا: ذ. صفت. وفادار.
— باوَقار: ذ. صفت. وقاروارو. عزّت مند. گنڀير.
— باهِمَّت: ذ. صفت. همّت وارو ـ دلير.
— باهَمَه: ظرف. هڪٻئي سان گڏ ـ پاڻ ۾.
— باهَمي: صفت. گڏيل ـ پاڻ ۾.
— بايَقين: ظرف. يقين سان ـ پڪ سان.
• باب: حرف جر جي حذف ٿيڻ واري اعرابي صورت. [بابَ ۾" < (حرف جر "۾" جي ڪڍي ڇڏڻ ڪري) باب] باب ۾ ـ باري ۾ "جيڪا باب بَنديءَ جي بات ٻڌي". حق ۾. قسمت ۾ ـ نصيب ۾ "سِڪان تي سنگهار ڪي، باب نه منهنجي بس" (شاهه).
— باب ٻَڌَڻ: قسمت ۾ اچڻ. لکيو ٿيڻ. حق ۾ ٿيڻ ـ باري ۾ ٿيڻ.
• بابُ ج بابَ: ذ. [ع] دَرُ ـ دروازو ـ لنگهه "بَرلڏائون باب. اَديون عشق مدام جو" (خواجه محمد زمان). داستان (ڪتاب جو). فصل. ڳالهه ـ بيان. فيصلو. دربار ـ درگاهه. رستو. ڏاڄ ـ مَرڪَ. لائق ـ وَڙُ. ڪم ڪار ـ ڏنڊو. ڪاسبيءَ جو ٻَنڌاڻ ـ لاڳَ. قسمت ـ نصيب. (اسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاص) "بابي" مذهب جي باني ءَ (سيّد علي محمد) جو لقب.

– **باب والبوّبه:** ذ. توبهه جو دروازو.

– **بابُ السّماءُ:** ذ. تارن جو ميڙ جو آسمان ۾ رستي وانگر نظر ايندو آهي. (تارن جي) واٽ ـ آسماني ندي ـ کيرڌارا ـ کهکشان.

– **بابَ پڙهڻ:** "الف ـ بي" پڙهڻ شروع ڪرڻ.

– **بابُ عاليِ:** ذ. تُرڪيءَ جي سلطان جي دربار.

• **بابا ج بابا:** ذ. [ترڪي: ف. بابا = پيءُ] بابو ـ پيءُ ـ پتا ـ والد ـ پيءُ ـ پتا ـ والد. ڏاڏو. پوڙهي ماڻهوءَ جو خطاب. بزرگ ـ درويش ـ فقير. ننڍڙي ٻار لاءِ استعمال ٿيندڙ لفظ. سنياسي ـ جوڳي. (اسم خاص) منهوڙي جي ويجهو هڪ ٻيٽ جو نالو.

• **بابا گوري:** ذ. [ترڪي. بابا قُوري] پٿر جو هڪ قسم (هيڊي رنگ جو ٿئي، دوائن ۾ ڪم اچي؛ ڊيجڙي ڪان ٻارن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌندا آهن) ـ سنگ زرد.

• **بابَت:** حرف جر. [ع. بابَة (= حد، چيزون قسم، نمونو، طرح، جوڙ) > ف. "بابت" (= سببان، جي ڪري، جڳائتو، ٺهندڙ) > "آز بابت" جي ڪري، خاطر، واسطي] واسطي ـ لاءِ ـ متعلق.

• **بابِتيو:** اسم خاص. تعلقي ميرپور بٺوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بابَچي، بابچي:** ث. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جي ٻوٽي ـ بابچيني.

• **بابَر:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **بابَرچي (ت):** ذ. صفت. [ترڪي. باورچي] بورچي ـ رسويو ـ راڌائو.

• **بابڙو ج بابڙا:** ذ. صفت. "بابا" جو تصغير. (اسم خاص) مسلمانن (سمات) جي "بابڙا" قوم جو فرد.

• **بابَڪ:** اسم خاص. [ف] ايران جي هڪ بادشاهه جو نالو. (صفت) اَمين. مضبوط. سيڪاريندڙ ـ اَتاليق. (ذ) فيروزو (پٿر). [ف. "باب" جو تصغير] بابڙو ـ بابَل ـ پُٽڙو.

• **بابَلُ ج بابَلَ:** ذ. ["بابو" جو تصغير] پيءُ لاءِ پيارو جان استعمال ٿيندڙ لفظ ـ بابڙو ـ بابل.

• **بابلو ج بابلا:** ذ. صفت. [بابَلُ > بابلو] ٻار لاءِ پيار جو لفظ ـ بابڙو ـ ٻچڙو.

• **بابليِ:** اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بابو ج بابا:** ذ. [ف. بابا] اَبو ـ پيءُ ـ والد.

• **بابُو ج بابُو:** ذ. [ف] رمتو فقير يا جوڳي (جو ڏونهين دکائي ويهي) "ڪالهه ڳڏيوسين ڪاپڙي، بابُو بيڪاري" (شاهه). بنگال ۾ پڙهيل ماڻهوءَ يا ڪلارڪ جو خطاب. ريلوي مُلازم (جو اسٽيشن تي ٽڪيٽون ڏئي يا جانچي).

• **بابُونو:** ذ. [ف. بابُوند] پسارڪي وکر جو هڪ قسم. هڪ قسم جي ٻُوٽي (جنهن جي پَنن جو تيل سنڌن جي سُور لاءِ مفيد آهي).

• **بابهه:** ث. ڪوهه جو پارچ. مالهه ڪي جهلڻ جي ڪاٺي.

• **بابي ج بابيئُون:** ث. ٻار ڪي پيارمان ڏنل چمي ـ مِني.

• **بابين ج بابينُون:** ث. [انگ. bobbin] ڪپڙي سبڻ جي مشن جو هڪ پرزو ـ لوهي رِيل. ڌاڳي ويڙهڻ لاءِ اَڌاٽي جو هڪ اوزار.

• **باپڙا:** اسم خاص. ٿرجي هندن جي هڪ ذات "ڍُو جهلي هڪ مينهن هيو باپڙو" (چوٽي).

• **باپي ج باپِيُون:** ث. پاءُ جي زال ـ پاجائي ـ پاپي.

• **بات ج باتيُون:** ث. [سن. وارتا = ڳالهه > وُرتَ = واقع ٿيڻ] ڳالهه ٻولهه. سخن ـ ٻولهه. سخن ـ ٻول ـ گفتو. ذڪر ـ بيان. احوال. مخفي خبر. ڳجهو ٺاپو. راز "اهي بجهي آئيا. بيان ڪن نـ بات" (شاهه). سُال ـ مسئلو. ٻولي. سبب ـ عذر. نصيحت ـ اُپديش. نُڪتو ـ حڪمت ـ دانائي. لطيفو ـ چرچو. دل تي اَثر ڪندڙ حالت ـ ڪيفيت.

_ **بات بَنائڻ:** ڳالهه ناهڻ ـ حيلو ڪرڻ.

_ **باترُ ج باتـرَ:** ذ. صفت. واتـر ـ گهڻو ڳالهائيندڙ ـ جهڳي خور. ٻتاڪي ـ لباڙي.

_ **باتـوني ج باتـوني:** ذ. صفت. ڳالهيـرُ ـ وات وڏو ـ گهڻ ڳالهائو. چرب زبان.

_ **باتشاهُ ج باتشاهَ:** ذ. [ف. پادشاه] بادشاهه.

_ **باتشاهي ج باتشاهيُون:** ث. بادشاهي.

• **باتڪ (ل):** ث. بيهوشيءَ ۾ وِڦل ـ وِتل.

• **باتڙ:** اسم خاص. تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **باتـرُ ج باتـرَ:** ذ. صفت. ٿلهو ـ متارو.

• **باتڙو، باتڙيو ج باتڙا، باتڙيا (ت):** ذ. [ڏاتڪي] تماڪ رکڻ لاءِ چمڙي مان ٺهيل ڳوٿري.

• **بات:** ث. لَيَن ۽ ووڻن وغيره جون سنهيون ڪاٺيون (جي لانديءَ وغيره ناهڻ ۾ ڪم اچن) ـ بانٺ. لَٺ ـ ٿلهي لَٺ. چتي ٻڪ. ڪُتي جي پونڪ.

• **باٽا:** اسم خاص. چاچڙ قبيلي جي هڪ پاڙي جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **بانارا:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو – بَنارا – دايا.
• **بانارو ۽ بانارا:** ذ. صفت. [سن. پُرشتڪار] ڪُورو پڇايئندڙ – بَنارو. دايو. (ث) باناري ج باناريون "ماءُ باناري، پٽ فتح خان" (پهاڪو).
• **بانو ج بانا:** ذ. ٿلهي لَٺ. سونٽو – ڏڪو. ٿلهي ٽلهڙ (وهڻ هڪلڻ لاءِ) "ڪامون شهر مَ ڪرها، بانا ڪيم هٿاءِ" (عنايت).
_ **بانا ڏيڻ:** سونٽا هڻڻ – لٺين سان ڪٽڻ.
_ **بانا ڪُهڻ، ڪُٽڻ:** بانئا هڻڻ.
• **باپُ ج باپَ:** ذ [هہ] بابو–پيءُ (صفت) اُستاد هوشيار–تَرِناڪ
• **باپراٽي:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثري حيدرآباد، ناوب شاهہ ۽ ٺٽي ضلعن ۾).
• **باجُ:** ذ. [ف] محصول – ڍَلَ.
_ **باجدارُ ج باجدارَ:** ذ. صفت. ڍل اُگاڙيندڙ – حاڪم.
_ **باجگذارُ ج باجگذارَ:** ذ. صفت. ڍَلَ ڀَرُو – ڏانيي.
• **باجارا:** اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهہ ۽ ڳوٺ جو نالو.
• **باجائي (ت):** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
• **باجَرا:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
• **باجِرِ:** ث. سَنهيون بيڪار ڪاٺيون – سَنهورَ "باجَرِيُوجَر".
• **باجَرُ ج باجَرَ:** ذ. وهنوارُ.
• **باجڪاٽي:** اسم خاص. لاشاري بلوچن جو هڪ پاڙو.
• **باجو ج باجا:** ذ. [سن. وادِيَہ > وَدُ = آواز ڪرڻ] واجو. هارمونيم.
• **باجُوئي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.
• **باجاڙَهڻُ (ت):** مصدر. ڪاوڙ ڏيکارڻ.
• **باجڪاٽي (ڪ):** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
• **باڃو:** صفت. باقي بچيل. بقايا _ رهيل.
• **باڇا، باڇاهُ ج باڇا، باڇاهَ:** ذ. [ف. بادشاہ] بادشاهہ. حاڪم "باڇا، باڇايُون پانهنجون، ائين ٿي اوڏيون ڪن" (شاعر "نر").
_ **باڇائي، باڇاهي ج باڇايُون، باڇاهيُون:** ث. بادشاهي _ پاڇاهي.
• **باڇانڪ:** ذ. [ف] هڪ قسم جي "پَٽن راند".
• **باختَر:** اسم خاص. [ف] مشرق. مغرب. آڳاٽي زماني ۾ "هندوڪش" جبل ۽ "جيحون" نديءَ جي وچ واري ملڪ جو نالو (جتي ٻن ٿوهن وارو اُٺ ٿئي) _ بلخ.
• **باختہ:** صفت. [ف. باختن = داءُ هارائڻ] گُمر ٿيل _ ويل _ خطا (حواس) "حواس باختہ = وائڙو موڳو".
• **باخلاٽي:** اسم خاص. بگٽي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

• **باد:** ث. [ف. بادْ = هوا؛ سن. واتَہ = هوا] هوا _ واءُ. ريح _ بادي (ٽٽ، ڦوس). [ف] شل ٿئي!
– **بادا باد:** ندا [ف] جيڪي ٿئي، سو ٿيڻ ڏي.
– **بادبانُ ج باد بانَ:** ذ. [ف] ٻيڙيءَ جو سِڙهہ. ڪُوهو. پال وڃڻو. پيالو _ قدح.
– **باد بهار:** ث. بهار جي موسم جي هوا _ وڻندڙ هيرَ.
– **باد تُند:** ث. سخت هوا _ واچ _ طوفان.
– **بادپا:** صفت. هوا وانگر تمام تکوءِ ورڻندڙ (گهوڙو).
– **بادپيما:** صفت. هوا ڪڇيندڙ. هوا جهڙو تکو ڊوڙندڙ (گهوڙو).
– **بادخايہ:** ث. خصيا سُڄي پوڻ جي بيماري _ ڇڻ.
– **باد خزانُ:** ث. سرءُ جي موسم ۾ لڳندڙ هوا (جا وڻن جا پن ڇاڻي ڇڏيندي آهي).
– **باد خُور:** ث. گهوڙن جي هڪ بيماري (جنهن ۾ وار ڇڻي ويندا آهن).
– **باد رَفتار:** ذ. صفت. هو اوانگر تمام تکو. (گهوڙو). تيز رفتار. تمام چالاڪ.
– **باد سَنج:** ذ. صفت. اَجايو ڳالهائيندڙ _ بڪواس ڪندڙ. مغرور. فضول خيال.
– **باد شُرطہ:** ث. موافق هوا (جا ٻيڙين کي هلڻ ۾ مدد ڪري) _ سٺائو واءُ.
– **باد صَبا:** ث. [ف. باد + ع. صبا] صبح جي وقت اُتر اولهہ کان لڳندڙ هوا (جنهن ۾ مکڙيون ٽڙن). صبح جي هيرَ _ نسيم صبح.
– **باد صَرصَر:** ض. تيز هوا. جهولو.
– **باد فرنگ:** ذ. يورپ جي هوا. يورپ کان آيل هڪ مرض (جنهن ۾ بدن تي ڪارا، گول گول داغ ۽ ڦٽ ٿي پوندا آهن) _ تاڪي _ آتشڪ.
– **باد گردار:** ذ. صفت. تکو _ تکڙو _ اُبهرو.
– **باد ڪش:** ذ. وڃڻو.
– **باد گولو:** ذ. [سن. واتَ = هوا + گُلمَ = تلي] تِلي سُڄي پوڻ جي هڪ بيماري. پيٽ سور. بادي.
– **بادگيرُ ج بادگيرَ:** ذ. صفت. گهر ۾ هوا اَچڻ لاءِ ڇت ۾ ٺهيل ڳڙکو _ منگهہ.
– **باد مُخالفُ:** ذ. [ف. باد + ع. مخالف] اُٺائو واءُ (جو ٻيڙين کي هلڻ ۾ روڪ ڪري) _ اُبتڙ هوا. طوفان _ جهَڪَ _ واچ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **باد مخول، مخولي:** ث. هڪ قسم جي بيماري ـ دماغ جي خرابي ـ ماليخوليا ـ سوداءُ. ٿنول ـ مسخري.

– **بادنُما:** ذ. صفت. هوا جو طرف ڏيکاريندڙ اوزار ـ هوائي ڪُڪڙ ـ ٽَنٽڪڙ.

– **بادوانُ:** ذ. صفت. [ف. بادبان] منگهه.

– **باد هوائي:** صفت. بيهودو ـ واهيات.

– **بادي:** ث. پيٽ ۾ پيدا ٿيندڙ هوا ـ ريح.

– **بادي سُورُ:** ذ. وائي سُور ـ وجع المفاصل.

• **بادا:** ث. گهوڙي جي هڪ بيماري (جنهن ۾ گهوڙي جا مُريا سڄي پوندا آهن) ـ باديا. [ف] ندائيہ لفظ "شل هجي!" (اسم خاص) تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **بادارُ:** اسم خاص. ڪاڇي جي جبلن ۾ هڪ ڏيوريءَ جو نالو.

• **باداشُ:** ث. [ف. پاداش] بدلو. پاڙو جهاڙو.

• **بادالُ ج بادالَ:** ذ. مقدار (ڏيکهو ويڪرسان).

• **بادامُ ج بادامَ:** ذ. [ف. بادام؛ سن. واتامَ ڦل] هڪ مشهور ميوو ۽ وڻ. (ڪناية) معشوق جي اک.

– **بادام چَشمُ:** ذ. صفت. بادام جهڙين اکين وارو ـ سهڻو ـ ملوڪ.

– **بادام روغَنُ:** ذ. بادامين جو تيل.

– **بادام سيه:** ذ. ڪارو بادام. معشوق جي اک.

– **بادامي:** ث. ننڍي قسم جو بادام. بادام جو گورو. ڳاڙهيري رنگ جي ٻڪري. (صفت) بادام جهڙو (رنگ). بادام جي شڪل جهڙو. مخنث.

• **بادامُچو (ث):** ذ. پَرت جو هڪ قسم (جنهن ۾ زريءَ سان باداميءَ جهڙيون ٽڪريون ٺاهيندا آهن).

• **بادامي ٻَري:** ث. ٻري ٻڪريءَ جو هڪ قسم.

• **باداني:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **باداڻي:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **بادِ رَنجبُويَه:** ذ. [ف. بادرنگبويه] خوشبودار گاهه جو هڪ قسم (جو دوائن ۾ ڪم اچي).

• **باد رَنگُ ج باد رَنگَ:** ذ. [ف] ريٽڙ ـ ڪيرو ـ ٻاٻي.

• **باد رُو ج باد رُو (ت):** ذ. صفت. بدر (بدلو) ڪٽندڙ ـ پاسو وٺندڙ ـ طرفدار. حمايتي. (حرف جر) بدران ـ پاران.

• **باد شاهُ ج باد شاهَ:** ذ. [ف. باد = تخت + شاه = ڌڻي] تخت ڌڻي. ملڪ جو حاڪم. مُلڪ جو والي. بادشاهه جي مورت وارو پتو ـ ٻارهون پتو ـ ٻارهيو. (صفت) زوراور ـ ضدي.

– **باد شاهڻو ج باد شاهڻا:** ذ. صنت. شاهڻو.

– **بادشاهَت ج بادشاهَتون:** ث. بادشاهي سلطنت.

– **بادشاهه پسند:** ذ. گل جو هڪ قسم. انب جو هڪ قِسم. اَنب جي ڪنهن خاص وڻ تي رکيل نالو.

– **بادشاهزادو ج بادشاهزادا:** ذ. بادشاهه جو پٽ ـ شهزادو. (ث) بادشاهزادي ج بادشاهزاديون.

– **بادشاهه گَردي:** ذ. طوائف الملوڪي ـ وڳوڙ ـ اَنڌ ڌُنڌ.

– **بادشاهه گَردي لڳڻ:** بدانتظامي ٿيڻ.

– **بادشاهڻ:** ث. بادشاه جي زال ـ راڻي ـ راڻي پَٽ راڻي. مصريءَ جو هڪ قسم.

– **بادشاهي ج بادشاهيون:** ث. سلطنت. حڪومت. راڄُ ـ صاحبي.

– **بادشاهي ڪَرڻ:** حڪومت ڪرڻ ـ حڪومت هلائڻ. عيش ڪرڻ. سُکيو وقت گذارڻ. خوشين ۾ هئڻ.

• **بادَلُ ج بادَلَ:** ذ. [سن. وارِدُ > وارِ = پاڻي + دا = ڏيڻ] ڪڪر ـ اَبرُ.

– **بادَلُ بَرسڻ:** ڪڪر وسڻ ـ مينهن پوڻ. الـهي رحمت وسڻ.

– **بادَلُ پَرجي اُچڻ:** ڪڪر پرجي اچڻ ـ مينهن چڙهي اچڻ.

– **بادل ڪُلڻ:** آسمان صاف ٿيڻ. ڪڪر جو ٽڙي پکڙي وڃڻ. اوڪاٽڻ.

• **بادِلو ج بادِلا:** ذ. زَريءَ جي تار. زري ـ مُقيس. ڪلابات. ريشم ۽ چانديءَ جي تارن سان اُڻيل ڪپڙو. زريفت ـ ڌماچ. [ف. باديه] هڪ قسم جي پيتلي گهگهي (جنهن جي مٿان ڪپڙو چڙهيل هجي، جا مسافريءَ ۾ پاڻي ٿڌي رکڻ لاءِ کڻندا آهن). (صفت) لاڏلو ـ البيلو.

• **بادلي بادليو:** سڄاڻ. سورهيہ.

• **بادو ج بادا:** ذ. صفت. [سن. واتُولَ = هوا سان ڀريل. باديءَ جو مرضيل. سنڌن جي سُور ۾ ڦاٿل] چريو ـ مست. نشي ۾ مخمور. [ف. باديه] وڏو وٽو ـ جَمَنُ.

• **بادوان:** [ف = بادبان] سڙهه.

• **بادَه:** ذ. [ف] شراب ـ مَي.

– **بادَه اَحمَرُ:** ذ. ڳاڙهي رنگ جو اَنگوري شراب.

– **بادَه پُرتگالي:** ذ. پورچوگال ملڪ جو شراب.

– **بادَه پرستُ:** ذ. صفت. شراب جو پوڄاري ـ شرابي.

– **باده پيما:** ذ. صفت. شراب ميئندڙ. شرابي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **باده پيمائي:** ث. شراب پيئڻ جي حالت. نشو ـ خمار.
— **باده خوارُ:** ذ. صفت. شراب پيئندڙ ـ شرابي.
— **باده دوشينه:** ذ. راتوڪو پيتل شراب.
— **باده ڪَش، ڪَسار:** ذ. صفت. شراب پيئندڙ ـ شرابي.
— **باده گُلرنگ:** ذ. ڳاڙهي رنگ جو شراب.
— **باده نابُ:** ذ. نج شراب.
— **باده نوش:** ذ. صفت. شراب پيئندڙ ـ شرابي.
• **بادي:** ث. [ف. باد = هوا] پيٽ جي هڪ بيماري ـ ريح. پيٽ ۾ هوا پرجڻ جي حالت ـ آڦري ـ پُرتي. پيٽ مان نڪتل واءُ ـ ٽـٽ ڦُوس. يوناني طب موجب هڪ 'طبيعت' جو نالو (آتشي، خاڪي، آبي، بادي). (صفت) ريح پيدا ڪندڙ ڪاڏو ـ هوائي ـ اجايو ـ بيسُود.
— **بادي چورُ:** ذ. پڪو چور ـ هاڙهو چور.
— **بادي ڳالهيون ڪرڻ:** اجايون ڳالهيون ڪرڻ.
— **بادي وائي:** ث. ريح ۽ سنڌن جي سُور جي بيماري. ڪُوڙ ـ گپوڙو.
• **باديو ج باديا:** ذ. [ف. باد = هوا] وائي سوچ جو ڳوڙهو (جو گهوڙي جي ڪچن ۾ نڪرندو آهي). [ف. باديه] نڪر جو ويڪرو ٿانءُ (شراب رکڻ لاءِ). وڏو ۽ اونهون پيالو (اڪثر پتل جو ٺهيل).
— **باديا ڪڍڻ:** گهوڙي کي پيرن ۽ ڪچن ۾ رس وارا ڳوڙها نڪرڻ (جن ڪان گهوڙي جون ٽنگون سُجي پونديون آهن).
• **باديان:** ذ. [ف] سونُف ـ وَڏَ ف.
— **باديان خطائي:** ذ. ٻج جو هڪ قسم (جو سوَونفن جهڙو ٿئي، دوا ۾ ڪم اچي).
• **باديجي:** اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **باديلو ج باديلا:** ذ. پرت جو هڪ قسم (پوتين تي پرجي) ـ باد لو.
• **باديه:** ذ. [ع] رڻ پٽ ـ صحرا ـ بيابان. جهنگل.
— **باديه پيما:** ذ. صفت. تکو گهوڙو. مسافر.
— **باديه نشين:** ذ. صفت. رڻ ۾ رهندڙ ـ رڻواسي ـ بدوي ـ صحرائي.
• **باذريو ج باذريا (ث):** ذ. صفت. ڪدڙو. خصي.
• **باڊڻ:** ث. جُوئر جو هڪ قسم "باڊڻ ڪان مون بس ڪئي، ههڙي جڏي جوار" (جام خان). پنگ جو هڪ قسم "پُراڻي مَنڊ. باڊڻ پنگ، ڳانڍي پهرين سُوٽ ـ الخ".
• **باڊهه:** اسم خاص. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **باڊي:** ث. [انگ. body] بدن ـ جسم.
— **باڊي گارڊ:** ذ. بادشاهن يا وڏن حاڪمن جي ذاتي نگهباني ڪندڙ ـ خاص محافظ.
• **بارُ:** ذ. [ف. بار = وارو: سن. وارَه = وارو] پيرو ـ ڦيرو ـ دفعو ـ گهمرو.
— **باربارُ:** ظرف. وري وري ـ هر هر ـ ذري ذري.
— **بارگي:** ث. دفعو ـ پيرو ـ وقت "يڪ بارگي = هڪ دفعو".
— **بارويار:** ظرف. بار بار ـ وري وري ـ ذري ذري. تمام گهڻو.
— **بارويرَ:** ظرف. بار بار.
— **بارها:** ظرف. ڪئين پيرا. اڪثر.
• **بارُ:** ث. [انگ. bar] شرابخانو ـ گُتو. شراب ۾ ڪم ايندڙ گِڙ. پچرو. وڪيلن جي پائيچاري.
• **بارُ ج بارَ:** ذ. [ف. بارُ = گهمرو، وزن: سن. ڀارَ > ڀُرُ = ڀرڻ] بوجهو ـ وزن. لڏو ـ سامان سڙو. ڀري ـ ڳنڍڙي. رڪيل ڪم. اَنبار ـ ڍڳ. گهٽائي. قرض. دربار ـ ڪچهري ـ عدالت. (صفت) مصدر "باريدن" جو اَمر (جو اسم جي پٺيان اچي فعال جي معنيٰ ڏيندو آهي) ـ وَسائيندڙ "آتش بار = باهه وَسائيندڙ. اَشڪبار = ڳوڙها وَسائيندڙ. وغيره". [ع. بارُ] نيڪي ڪندڙ. خدا ـ ڏاتي.
— **بار آڻڻ:** پاهران مال آڻڻ. ڳرو ڪم آڻڻ. سفارش آڻڻ.
— **بارآور:** ذ. صفت. ڦَل ڏيندڙ (وڻ).
— **بار اُچڻ:** مٿان زور پوڻ. ڳري سفارش اُچڻ.
— **بار بجا ڪرڻ:** مٿي تان بار لاهڻ. فرض ادائي ڪرڻ. توڙ نباهڻ. ڪوتاهي نه ڪرڻ "جن اَمانت ڪنئي عجالت سان، نه تن بَجا برهه جو ڪيو ڪُل بار" (فاضل شاه).
— **بار بردارُ:** ذ. صفت. بار کڻندڙ ـ حمال. مزور. مڏيءَ جو بارُ. سامان سڙو.
— **بار برداري:** ث. بار کڻڻ جي حالت. مزدوري ـ حمّالي. بُردباري ـ تحمّل. مسافريءَ جو خرچ ـ راهه خرچ. گاڏيءَ جو ڀاڙو.
— **بار تُو ج بارتُو:** ذ. صفت. بار وارو ـ بار کڻندڙ. پريل ـ ڀرتو.
— **بار ٿيڻ:** ڳرو لڳڻ. سفارش جو مٿان زور پوڻ.
— **بار ٿي پوڻ:** اَڻ سُهائيندي تڪليف ڏيڻ.
— **بار پوڻ:** بوجهو پوڻ. سفارش اچڻ ـ چٺو چوءِ ٿيڻ. ذميداري عائد ٿيڻ. چپ پوڻ. ٿورو ٿيڻ ـ احسان ٿيڻ.
— **بارِ خاص:** ث. خاص اجازت. دربار خاص.
— **بارِ خاطر:** صفت. دل تي بار ڪندڙ. نه وڻندڙ. تڪليف ڏيندڙ.
— **بارخُدا:** ذ. [ع. بار + ف. خدا] الله تعاليٰ (وڏو ۽ نيڪوڪار).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **باردار:** صفت. بار ڪندڙ. پيٽ سان ـ حامله. ڦر وارو ـ ميويدار.

– **بار ڏيڻ:** ڪنهن بہ شيءِ جي مٿان وزن رکڻ. ڏور ڏيڻ (پٽ ڪي).

– **بار رکڻ:** ڪنهن ڪم لاءِ سفارش ڪرڻ. ذميداري سونپڻ.

– **بار سهڻ:** ذميواريءَ جو ڪم سنڀالڻ. تڪليف سهڻ. بار ڪڻڻ.

– **بارِ عام:** ث. عام اِجازت. عام دربار.

– **بار ڪرڻ:** ڪنهن ڦٽ وغيره جو ڳرو لڳڻ. بار سببان تڪليف محسوس ڪرڻ.

– **بار ڪَش:** ذ. صفت. بار چڪيندڙ. بار کڻندڙ ـ بارگير (وهٽ). مزور ـ حمال. گاڏي. (ث) بار ٻڌڻ جي رسي. ڪمربند. ڪشٽو ـ پٽو ـ تنگ.

– **بار ڪڻڻ:** جوابداريءَ جو ڪم پنهنجي ذمي ڪرڻ. ذميواري ڪڻڻ. مشڪل ڪم ڪرڻ جي هام هڻڻ "باري ڪڻن بار ناهي ڪم ڪچن جو". تڪليف سهي ٻئي جي مدد ڪرڻ.

– **بارِگي:** ذ. صفت. بار ڍوئيندڙ (گهوڙو). عمدو ۽ طاقتور گهوڙو.

– **بارگِيرُ ج بارگِيرَ:** ذ. صفت. بار ڍوئيندڙ وهٽ (اُٺ).

– **بارگير ٿيڻ:** بُردبار ٿيڻ ـ وڏ گُردو ٿيڻ.

– **بارُ لاهڻ:** ٿورو لاهڻ ـ احسان لاهڻ. ميار لاهڻ. جوابداريءَ جو ڪم سرانجام ڪرڻ. ڪو ڪم جوابداريءَ ڪان سواءِ ڪري ڏيڻ. جهڙو تهڙو ڪم ڪرڻ. بيدليو ڪم ڪرڻ.

– **بار لهڻ:** تڪليف لهڻ.

– **بار وجهڻ:** ڪم جي تعميل لاءِ ڪنهن تي ڪا جوابداري وجهڻ.

– **باروَرُ:** ذ. صفت. ميويدار (وڻ). ڪامياب.

– **باري ج باريَ:** ذ. صفت. بار وارو ـ ڳرو. بار کڻندڙ وهٽ (اُٺ، ڍڳو وغيره).

– **بارِيابُ ج بارِيابَ:** ذ. صفت. [بار + ياب > يافتن = لهڻ] اِجازت پائيندڙ. مجلس ۾ داخل ٿيندڙ ـ درباري.

– **بارياب ٿيڻ:** صحبت جو فيض حاصل ڪرڻ. ملاقات ڪرڻ.

– **بارِيابي:** ث. حاضري ـ داخلا.

• **بارانَ، بارَڻ:** اسم خاص. هڪ نئين جو نالو (جا ڪير ٿر جبل مان نڪري ڪوٽڙيءَ وٽ سنڌو نديءَ ۾ پوي ٿي) ـ نئن باران. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثري حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾).

• **بارانُ:** ذ. [ف] مينهُن ـ برسات ـ بارش.

– **بارانو (ث):** مينهن تي ٽيل پوک ـ مينهاٽو.

– **باراني:** ث. مينهن تي ٽيل پوک ـ برسات تي ٽيل پوک. مينهن ۾ پُسڻ کان بچائيندڙ ڪپڙو. برساتي.

• **بارانو ج باراٺا:** ذ. [ف. بارَ سن. يارَ + آنہ] ڳرو بار. وڏي جوابداري "نالي سُيس هوت جي، مٿم بارانو" (شاهه). بارادنو. [ف. بارانہ] چٽ جي وڃڻ ڪام ـ شهتير.

• **بارانو بارائو ج بارانا، باراٺا:** ذ. [سن. يارَ + آنہ] نندڙو تابوت (جو هندو ڪنهن وڏي ڏينهن تي جلوس سان ڪڍندا آهن) ـ ٻحرانو.

• **بارْبَدُ:** اسم خاص. [ف] خسرو پرويز جو مشهور راڳيندر. هڪ ساز جو نالو ـ ٻرٻط.

• **باربَرُ:** ذ. صفت. [ف] بار نيندڙ. حمّال ـ مزور. بارگير وهٽ. [انگ. barber] حجام ـ نائي.

• **بارِ جاءِ ج بارِجايُن:** ث. [ف] بخش ڪيل زمين.

• **بارْجَهُ:** ث. [ع. بارجه: هہ. بيڙهہ] بيڙو ـ وڏي بيڙي.

• **بارْخانو ج بارخانا:** ذ. [ف. بار + خانہ] گدام ـ پاندو.

• **باردُ:** ذ. صفت. [ع] ٿڌو ـ سرد.

• **باردانو ج باردانا:** ذ. [ف. بار + دان] بار رکڻ جو ٿانءُ. ڳوڻ ـ بوري. وڏو ٿيلهو. زمين جي پيدائش (انّ، ڦٽيون وغيره) توري ڪڻڻ لاءِ ڳوٽيون، برڪيون، وغيره. سامان. بورچيخاني جو اسباب.

• **بارْدَو:** ذ. [ف] بسانگي ڪاٺي (جنهن سان ميويدار شاخ کي ٽيڪ ڏجي).

• **باردو ج باردا (ڪ):** ذ. ٿانءُ جو هڪ قسم ـ ٺامي جو ڀڳڻ ـ داٻلو.

• **بارِش ج بارِشُون:** ث. [ف. باريدن (= وسڻ) > بارش] برسات ـ مينهُن.

• **بارڪَ ج بارڪُون:** ث. [انگ. barrack] فوجي سپاهين جي رهڻ جي جاءِ. ڇانوٽي ـ لشڪر گاهه.

• **باركَ اللّٰهُ:** جملو. [ع] دعا جو ڪلمو "اَللّٰه (توکي) برڪت ڏئي!".

• **بارڪزئي:** اسم خاص. دُراني پٺاڻن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **بارگاهه ج بارگاهُون:** ث. [ف] درگاهه ـ آستان. اجلاس جي جاءِ ـ دربار ـ ڪچهري. (اسم خاص) تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بارلو ج بار لا (ٿ):** ذ. ڳچيءَ ۾ پائڻ جو هڪ قسم جو ڳهُ (جو ڳهٽو ڪري چانديءَ جو ٺهرائيندا آهن).

• **بار ميرا:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثر ٿرپارڪر ۾، جي اصل 'ٻاهڙمير' جا آهن).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **بارڻ:** اسم خاص. باران (نئن). تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بارو ج بارا:** ذ. [سن. ڀارَ = بار] احسان ـ ٿورو (جو اڳلو ڀاڻ تي بار سمجهي). گناهن جو بار. ڀارت (ڪم جي) ـ تاڪيد. رَڄ ڪي پاٽيءَ ۾ هيٺ تي ڇڪي بيهارڻ لاءِ هٿل پٽر (ڪ). (صفت) ڳرو ـ ڀاري ـ وزني.

— **بارو رکڻ:** ڪنهن ڪم جي تڪميل لاءِ بار رکڻ. تاڪيد ڪرڻ.

— **بارو ڪٽائڻ:** ذمو ڪٽائڻ.

— **بارو ڪڻڻ:** ڪنهن ڪم جي تڪميل لاءِ ذميواري کڻڻ. احسان کڻڻ ـ ٿورو کڻڻ.

• **بارو:** ذ. ديوار ـ قلعي جي ڀت. [هـ] باروت.

• **باروٽ، بارودُ ج باروٽ، بارودَ:** ذ. [ترڪي. ف] گندرف وغيره مان ٺهيل مصالحو (جو آتشبازي ۽ هٿيارن، جهڙوڪ بندوقن، توبن وغيره ۾ ڪم اچي) ـ دارُون ـ آتشي مادو.

— **باروٽچي** ذ. صفت. باروت ٺاهيندڙ.

— **باروٽخانو بارودِ خانو:** ذ. باروت رکڻ جي جاءِ ـ مخزن.

• **بارهُ:** ز. [ف] وقت. دفعو ـ ڀيرو. معاملو ـ تعلق ـ واسطو. ديوار شهرپناه.

— **باري ۾:** ظرف. معاملي ۾. لاءِ ـ واسطي.

• **بارها:** ظرف. [ف. بارِج بارها] ڪيترائي ڀيرا ـ ڪئين دفعا.

• **باري:** ذ. [ع. باريءَ = خلقيندڙ] خالق ـ اُپائڻهار. (اسم خاص) ڏاڙهياري جبل تي هڪ درويش جو نالو "باري ڀيرُ".

— **باري تعاليٰ:** اسم ذات. الله تعاليٰ ـ خلقڻهار ـ اُپائڻهار

• **باري ج باري:** ذ. صفت. [سن. ڀارَ = وزن] بار وارو ـ ڳرو "بارُ برهه دا هو يا باري" (سچل). بار کڻندڙ وهٽ ـ لاڏو (اُٺ وغيره).

• **باريجا:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **باريڪُ:** ذ. صفت. [ف] سنهو ـ نفيس ـ نازڪ ـ لطيف ـ دقيق.

— **باريڪ آواز:** ذ. صفت. سنهي آواز وارو ـ چيچاٽي.

— **باريڪ بينُ:** ذ. صفت. سنهيون ڳالهيون جاچيندڙ ـ نڪته پرداز ـ رمزشناس ـ دقيقه رس ـ مُوشگاف. تيز فهم.

— **باريڪ بيني:** ث. مؤشگافي ـ تيز فهمي. دقت.

— **باريڪ خيال:** ذ. دقيق خيال. تيز فهم.

— **باريڪ راءِ:** ذ. صفت. اُونهيءَ راءِ وارو ـ باريڪ فهم.

— **باريڪي ج باريڪيون:** ث. سنهائي. نفاست ـ لطافت. نزاڪت. دقت. رقت. حرفت.

• **باڙدانو ج باڙدانا:** ذ. ڏسو "باڙدانو".

• **باڙدي ج باڙديون:** ث. [ف. باديه (= وڏو ڄمن، اونهون پيالو) > بادله، بادلو > بادلي > بالدي > باڙدي] بالٽي.

• **باڙڪي ج باڙڪيون (ٿ):** ث. ڪُنن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهُ ـ والي.

• **باڙو (ٿ):** ذ. چانورن جو هڪ قسم. (ث) پوڙهي ٻڪري. (طنزاً) پوڙهي زال.

• **باز:** صفت. [ف. باختَن = کيڏڻ] اسم جي پنيان اچي فاعل جي معنيٰ ڏيکاريندڙ "جان باز، دغاباز وغيره".

• **بازَ ج بازُون:** ث. [ف. بازو] ٻانهُن. عضوو. پاسو. پکيءَ جي کنيڙاٽي.

— **بازَ ٻڌڻ:** ٻي طاقت ڪرڻ.

• **باز:** ظرف. [ف. بازْ] وري ـ موٽي. واپس ـ پوئتي ـ ٺِنتي. نئين سر.

— **باز آڻڻ:** ڪنهن ڳالهه تان موٽائڻ. موٽائي سنئين راهه تي آڻڻ. پوري پير تي آڻڻ.

— **باز اچڻ:** ساڳئي پير تي موٽي اچڻ. پشيمان ٿيڻ ـ پڇتائڻ.

— **باز پُرس:** ث. پڇا ڳاڇا ـ تحقيقات ـ تقاضا ـ وٺ پڪڙ.

— **باز پسين:** ظرف. پويون (وقت، پساهُ) ـ آخري (مهل).

— **باز رهڻ:** ڪنهن عادت کان پري رهڻ.

— **باز گشت:** ث. ساڳيءَ ڳالهه ڏي موٽ. واپسي ـ مراجعت.

• **بازُ ج باز:** ذ. [ف. بازْ] ١. شڪاري پکين بازن جو عام جنسي نالو ٢. ث. شڪاري پکين جي خاص جنس جو نالو. باز مادي ڏُرونر. "هتان چڏ مَر باز، هاري حقيقت جو" (شاهه).

— **باز بحري:** ذ. "باز" جو هڪ قسم "برهه جا باشا بچايئي، باز بحري بيشمار" (نور محمد).

— **بازدارُ ج بازدارَ:** ذ. باز ڌاريندڙ ـ بازسان شڪار ڪندڙ.

— **بازداري:** ث. بازن جي نگهباني. بازن پالڻ ۽ تربيت ڏيڻ جو هنر.

— **باز گيرُ ج باز گيرَ:** ذ. صفت. باز جهليندڙ. نوڪر ـ خدمتگار. پوليس جو اُهو گهوڙيسوار جنهن وٽ گهوڙو پنهنجو نه هجي.

— **بازگهاءِ (لس):** ذ. باز پکيءَ جو گهائل شڪار (جو متي اُڏامي نه سگهندو آهي، پر هيٺ لڪڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن پيو ڀڄندو آهي).

• **بازارِ ج بازارُون، بازاريون:** ث. [پراڻي فارسي. اَبا = مال +

زار= جڳهه] دڪانن جي قطارن وارو هنڌ (جتي هر قسم جي خريد فروخت ٿئي). واپار جي جاءِ. دڪانن وارو ڳوٺ "رهمڪي بازار" (راهما قوم جي واپار جو مرڪز يا ڳوٺ، جو ٿرپارڪر ضلعي ۾ آهي). مارڪيٽ _ منڊي. جنس جو اگهه. سودو.

— **بازار آڪري ٿيڻ:** اگهه چڙهڻ _ مهانگائي ٿيڻ.

— **بازار بند رهڻ:** واپار نه هلڻ.

— **بازار تيز ٿيڻ:** اگهه چڙهڻ _ مهانگائي ٿيڻ. واپار جو چلتو ٿيڻ.

— **بازار ڏٺي ٿيڻ:** شين جا اگهه گهٽجي وڃڻ _ بازار موڙي ٿيڻ.

— **بازار جي ملائي:** محاورو. هر ڪنهن جي استعمال جي شيءِ. عام شيءِ جنهن کي ڪبي سو خريد ڪري.

— **بازار ڇنڻ:** جُدا جدا دڪاندارن کان اوڌر تي شيون خريد ڪرڻ.

— **بازار چڙهڻ:** اگهه چڙهڻ _ مهانگائي ٿيڻ.

— **بازار ڪچڻ:** شهرن جون گهٽيون گهمڻ. اجايو رلڻ پنڻ.

— **بازار ڪرڻ:** اگهه لهڻ _ قيمت گهٽجڻ. سستائي ٿيڻ.

— **بازار ڪري اچڻ:** خريد فروخت ڪري اچڻ.

— **بازار گرم ٿيڻ:** اگهه چڙهڻ. واپار جو چڱو چلتو ٿيڻ _ بازار ۾ خريد فروخت تيز ٿيڻ.

— **بازار لائڻ:** ڏاڍي ڳالهائڻ _ لُڙ ڪرڻ.

— **بازار لڳائڻ:** هٽ پکيڙي ويهڻ _ دڪان هٽڻ. شيون يا ٽپڙ چڙوچڙ ڪري ڇڏڻ.

— **بازار لهڻ:** شين جا اگهه لهڻ. سستائي ٿيڻ.

— **بازار مائي، موڙي، موڳي ٿيڻ:** شين جا اگهه گهٽجڻ. واپار گهٽ ٿيڻ.

— **بازاري ج بازاري:** ذ. صفت. بازار جو _ بازار سان واسطو رکندڙ. هالو چالو _ رواجي. عام. رولو _ اوباش _ بدچال.

— **بازاري بولي:** ٺ. بگڙيل بولي.

• **بازدار:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **بازدارُ ج بازدارَ:** ذ. باز کي سنڀاليندڙ. شڪار ڪرائيندڙ.

• **بازرينگ (ل ڪ):** ٺ. [بلوچي. باز رينغ] پڪائين چِت جي ڏنگ (پچاڙيءَ) واري ڏري.

• **بازرُ ج بازرون:** ٺ. بازار.

— **بازرگان:** ذ. صفت. واپاري _ وڻجارو _ سوداگر.

— **بازرگاني:** ٺ. واپار _ تجارت.

• **بازڪندو:** اسم خاص. انڙپور جي پر ۾ هڪ مڪان جو نالو.

• **بازندو ج بازندا:** ذ. صفت. [ف. بازنده] راند ڪندڙ _ رانديگر _ ڪيڏاري. ڪيڏ ڪندڙ. هنرمند. بازيگر. عشق جي راند ۾ سِر گهورڻ وارو "بازي بازندن کي، آهي هڪ عضوو _ اُوسار" (شاهه).

• **بازو ج بازو:** ذ. [ف. بازو. سن. باهو] هڪ عضوو _ ٻانهن. پکيءَ جو پَرُ _ ڪنيڙائي. لشڪر جي پاسي وارو دستو. پاسو _ پهلو. قوت _ پَرُ. سڱ واري عورت. ٻانهن. مددگار _ ساٿي _ همراهه. مقابل. سُرجهلائو.

— **بازو بازو ڪرڻ:** ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ.

— **بازو بندُ ج بازو بندَ:** ذ. ٻانهن جي مٿئين حصي ۾ ٻڌڻ جو هڪ زيور (لڏندڙ جهومڪن وارو ٿئي ۽ ٺونٺ جي مٿان ٻڌجي) "ويو ٻاروچو نڪري، ڇجي بازو بند" (شاهه). ٻانهن رکي _ تعويذ.

— **بازو ڀڄي، ٽٽي پوڻ:** پاءُ يا مددگار فوت ٿيڻ.

— **بازو دراز:** ذ. صفت. ڊگهين ٻانهن وارو. دراز دست. ظالم.

• **بازي ج بازيون:** ٺ. [ف. بازي > باختن = کيڏڻ] راند. کيل _ تماشو. ڪرتب _ هنر _ ڪاريگري "برقعان اندر بازيون، پنهنجهيون سڀ پچاءِ" (شاهه). ڪبوتر جو پلٽو. داءُ _ چال. گوءِ _ سرسي. سوڀ _ فتح. چالاڪي _ ڪيڏ _ اٽڪل "سوناوان صراف سين، بازي پڇي ڇڏ" (شاهه). ٺڳي _ دوکو. شرط _ ٻول.

— **بازي خورُ ج بازي خورَ:** ذ. صفت. اٽڪل ڪندڙ _ اَٽڪلي _ ڦڙتي باز.

— **بازي ڦٻڻ:** اَٽڪل يا ٺڳي ڦبي وڃڻ.

— **بازي کٽڻ:** راند کٽڻ. گوءِ کٽڻ _ سرسي ڪرڻ.

— **بازي کيڏڻ، کيلڻ:** هنرحرفت سان راند ڪرڻ "کيڏن برهه جي بازي، حاصل ڪيائون حال حقيقي" (عبدالله فقير ڪاتيار). شرط جو داءُ هٽڻ.

— **بازيگاهه:** ذ. راند ڪرڻ جي جاءِ _ آکاڙو.

— **بازيگرُ ج بازيگرَ:** ذ. صفت. بازي ڪندڙ _ تماشو ڪندڙ _ مداري. رانديگر. ڪيڏاري. هنروارو (ٺ). بازيگرڻ. بازيگرڻي.

— **بازيگري:** ٺ. بازيگر جو ڌنڌو. راند جو هڪ قسم _ پلٽيبازي. کيل تماشو.

— **بازيندو ج بازيندا:** ذ. (ف. بازنده) پلٽو کيڏندڙ. سُنو ڪيڏاري. رانديگر. دمباز _ ٺڳ.

— **بازي هارائڻ:** شرط هارائڻ. شڪست کائڻ _ مات ٿيڻ.

— **بازي وجهڻ:** تماشو ڪرڻ _ کيل ڪرڻ.

• **بازيگر (ٺ):** ذ. جانورن جو هڪ قسم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **بازيگَرُ ج بازيگرَ:** ذ. صفت. [ف. باد = هوا + گير = جهيتيندڙ] ڇت ۾ هوا لاءِ ڇڏيل دري ـ منگهه. ڪبوتر جو هڪ قسم. پلٽا کائيندڙ ڪبوتر ـ ليٽ ڪبوتر. (اسم خاص) پُٺتي پيل قومن مان هڪ قوم جو نالو (جي اڪثري کيل تماشو ڏيکاري گذران ڪن. مُردن کي سنئون ويهاري پاسي کان حقو وغيره سامان رکي مٿان ڍڪي ڇڏين. اڪثر حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ رهندڙ).

• **باسَ ج باسُونَ:** ث. [سن. واسَ] بدبو ـ ڌپ خوشبوءِ "بَر مڙوئي باسَ، ڇپر ڇتون موڪليون" (شاهه). اڳوات خبر ـ سماچار ـ اُهڃاڻ "جڏهن پيئي باسَ، ڇپر هوت پنهون جي" (شاهه). [سن. ياسُ = خواهش، آرزو] آڄ ـ سُکا ـ پيتا ـ نذر، مجتا ـ قبوليت.

— **باسارو ج باسارا:** ذ. صفت. بانس وارو ـ بُوءِ وارو ـ ڏپرُ.

— **باسَ اَچڻ:** ڌپ اچڻ ـ بدبوءِ اچڻ. اڳوات خبر پوڻ اُهڃاڻ اچڻ.

— **باسَ باسڻ:** مجتا مڃڻ ـ نذر باسڻ. سُکا ڪرڻ.

— **باسَ ٿيڻ:** ڌپ ٿيڻ.

— **باسَ پوڻ:** باس اَچڻ. تيت پوڻ.

— **باسَ ڪرڻ:** ڌپ ڪرڻ ـ بدبوءِ ڪرڻ. ڪنو ٿيڻ.

— **باسِي ج باسِي:** ذ. صفت. ڌپ وارو ـ بدبودار. گهڻي وقت جو رکيل (کاڌو وغيره جو ڌپ ڪري ويو هجي). پاروٿو.

• **باسْتانُ:** ذ. صفت. [ف] پراڻو ـ جهونو ـ ڪهنو.

• **باسْتي (ٿ):** ث. باهه ـ اڳني ـ جوت.

• **باسْپتي، باسْمتي:** ذ. خوشبودار چانورن جو هڪ قسم.

• **باسِڪاري ج باسِڪاريُون:** ث. [سن. وِسْن = هلڻ، چرڻ + ڪاري] آڏاڻي جي پيرڙين وارين ڪاٺين مان هڪ ڪاٺي (جا تاڃي، جي تندن کي هيٺ مٿي ڪري).

• **باسِني ج باسِنيُون (ٿ):** ث. چمڙي يا ڪپڙي جي ڳوٿري جنهن ۾ پئسا وجهي چيلهه سان ٻڌندا آهن ـ بَدي ـ واسڻي.

• **باسڻُ:** مصدر. [سن. ياسْ = ظاهر ڪرڻ، چمڪڻ، ظاهر ٿيڻ] ڏسڻ ـ ٻڌائڻ. سچي ڪرڻ. مجتا مڃڻ. قبول ڪرڻ ـ سر تي کڻڻ "ٻي ڪير گهڙندي قاف، هي بر برهمڻ باسيو" (شاهه). (باسيو ـ باسيندو ـ باسيل).

— **باسَ:** ث. قبوليت ـ مجتا. سچي. خواهش ـ آرزو.

— **باسائڻُ:** مصدر "باسڻ" مان متعدي بالواسطه قبول ڪرائڻ ـ مڃائڻ.

— **باسجڻُ:** مصدر "باسڻ" مان فعل مجهول. ٻڌائجڻ. سچي ٿيڻ.

• **باسَڻُ ج باسَڻَ:** ذ. [سن. واسَنَ] ٿانءُ ـ برتن.

• **باشْ:** امر. [ف. بُودَنْ > باش = هُجِ، رهه، ترس، ٿيءُ] مرڪب لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ڪم ايندڙ "خوش باش، شاد باش، وغيره".

• **باشا ج باشا (ڪ):** ذ. [ف. بادشاهه، ترڪي. پاشا] پرڳڻي جو حاڪم.

• **باشِندو ج باشِندا:** ذ. صفت. [ف. باشِنده ج باشِندگان] رهاڪو ـ رهندڙ ـ رهواسي.

• **باشي بانْشو ج باشا، بانْشا:** ذ. [ف. باشه] هڪ قسم جو شڪاري پکي (جو اصل ۾ "ٻشين" جي مادي آهي، پر نالو مذڪر طور مستعمل اٿس، اکيون پيليون، باز کان ننڍو ٿئي) ـ چڙي باز (accipiter nisus) sparrow hawk.

• **باشِي ج باشِي:** صفت. [سن. واسِي > وَسُ = رهڻ] رهاڪو ـ باشندو.

• **باصِرَهُ:** ث. [ع. بَصَرَ = هن ڏٺو] ڏسڻ جي قوت ـ بينائي. اک.

• **باصِري ج باصِري:** صفت. [بَصَرُ > باصري] بصر ۾ رڌل (چانور) ـ خُشڪا. بصر وڪڻندڙ يا پوکيندڙ. پيازي (رنگ).

• **باطِلُ:** ذ. [ع] ناحق. ڪُوڙ. (صفت) ڪُوڙو ـ ڪوٺو. بي اصل. بي اثر.

— **باطِل پرست:** ذ. ڪوڙ جو پوڄاري. ڪافر. گمراهه.

— **باطِل پرستي:** ث. ڪفر. گمراهي.

• **باطِنُ ج باطِنَ:** ذ. [ع] ڳُجهه ـ راز ـ منجهه ـ اندر. (صفت) ڳجهو ـ مخفي ـ لڪل. (اسم خاص). خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

— **باطن بين:** ذ صفت. شين جو اندر پرکيندڙ. جو ڪسيءَ سان ڏسندڙ.

— **باطن جو بانو ڏيکارڻ:** اندر جو رنگ ڏيکارڻ ـ اندر جا عجائب ڏيکارڻ "تو ڏيکاري تو ڏٺي، باطن جا بانا" (شاهه).

— **باطِني:** ذ. صفت. ڳجهو ـ لڪل ـ مخفي.

— **باطِنيه:** ذ. اسماعيلين جو هڪ ڳجهو طريقو (جي قرآن مجيد جي لفظن مان باطني معنائون ڪيندا آهن).

• **باطُونُ:** ذ. [ع. باطن] اندر ـ منجهه. ڳجهه ـ راز. ضمير.

— **باطوني:** ذ. صفت. ڳجهو ـ مخفي ـ لڪل.

— **باطوني خبرون ڪرڻ:** ڳجهه جون ڳالهيون ڪرڻ. الهامي خبرون ڪرڻ. اڳڪٿيون ڪرڻ.

• **باعِثُ:** ذ. [ع. بَعثَ = هن موڪليو] سبب ـ ڪارڻ. اصل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقت ـ بنياد. (صفت) باني. ايجاد ڪندڙ ـ مُوجد.
• باغُ ج باغَ: ذ. [ف] گلن ۽ ميويدار وڻن جو مجموعو. بُستان ـ چمن. (اسم خاص) تعلقي ڪنڊ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
— باغات ج باغاتون: ث. گهڻا باغ.
— باغِ اِرَمُ: اسم خاص. 'شداد بن عاد' ڪافر جو باغ (جو استعاري طور "باغ اِرم" يعني "بهشت جو باغ" سڏيو ويندو آهي).
— باغائي ج باغائي: ذ. صفت. باغ پوکيندڙ ۽ سنڀاليندڙ ـ آرائين ـ مالهي.
— باغُ باغ: صفت. خوش ـ سرهو ـ گد گد.
— باغ باغ ٿيڻ: حد کان وڌيڪ خوش ٿيڻ ـ گد گد ٿيڻ.
— باغبانُ ج باغبانَ: ذ. صفت. باغائي ـ آرائين ـ مالهي. (اسم خاص) آگاٽي ڦٽل هڪ تاريخي شهر جو نالو (جنهن جا آثار تعلقي دادوءَ ۾ آهن ۽ جتي مخدوم بلاول رحه جو مقبرو آهي).
— باغباني: ث. باغ سنڀالڻ ۽ پوکڻ جو هنر. 'باغبان' جو ڌنڌو.
— باغ بهار: صفت. سرسبز ـ آباد. رونق وارو. خوش ـ سرهو.
— باغ جي مُوري هڻڻ: ڪنهن ليکي يا ڳڻپ ۾ نه هئڻ.
— باغِ عَدَن: ذ. بهشت جو باغ.
— باغيچو ج باغيچا: ذ. [ف. باغيچه] ننڍو باغ ـ چمن.
— باغين ٽوڻين لڳڻ: پنهنجي ڪم سان لڳڻ. پنهنجي ڪم ۾ رُڌل رهڻ. پنهنجي وَسائڻ.
• باغِي ج باغِي: ذ. صفت. [ع] بغاوت ڪندڙ ـ سرڪشي ڪندڙ. قائم ٿيل حڪومت جو مخالف. مُلڪي ڏوهاري. مخالفت ـ پري پجندڙ "فلاڻو انهيءَ ڪم کان باغي آهي".
• بافتو ج بافتا: ذ. [ف. بافتَنُ (= اُڻڻ) > بافته = اُڻيل] سوٽي ڪپڙي جو قِسم. ڪبوترن جو هڪ رنگ.
• بافِنْدَہ: ذ. صفت. [ف] اُڻندڙ ـ ڪوري.
• باقِرُ: ذ. [ع. باقِرُ = پيٽ ڦاڙيندڙ] شينهن. علم ۾ ماهر. (اسم خاص) اِمام محمد بن علي (زين العابدين) بن حسين (رضہ) جو لقب. مرد جو نالو.
• باقراڻي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه. اسٽيشن ۽ ڳوٺ جو نالو.
• باقرخاني ج باقرخانيون: ث. هڪ قِسم جي ماني (جا ڪڻڪ، گيهه ۽ کير ۾ ڳوهيل ميدي مان ناهي تنور ۾ پچائيندا آهن. 'نواب باقر خان' جي فرمائش تي تيار ڪرڻ سبب مٿس اِهو نالو پيو). مِلو روٽ ـ شيرمال.

• باقرو: اسم خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• باقلا: ذ. [ع. باقلاءُ، باقِلي، باقلٰي] مٽر جون ڦريون. راڻهان ـ چوڻرا (پاچي).
— باقلائي: ذ. صفت. چٽا چوڻرا وڪڻندڙ.
• باقي: ث. [ع] بقايا. بچت. پاچي. (صفت) هميشه رهندڙ ـ جٽاءُ وارو. دائم قائم. "فاني" جو ضد. بقاءُ وارو. (اسم خاص) الله جو هڪ صفاتي نالو "هُو الباقي". (حرف جملو) پر ـ مگر.
— باقيات: ث. [باقي ج باقيات] رهيل بقايا. بچت پاچي.
— باقيات صالحات: ذ. نيڪ عمل (جي هميشه رهندا).
— باقيدارُ ج باقيدارَ: ذ. صفت. جنهن وٽ بقايا رهيل هجي. جو بقايا نه ڏئي. قاصر. حساب چور.
— باقي رکڻ: بچائي رکڻ.
• باڪُ ج باڪَ: ذ. [ف] ڊپ ـ خوف "بيباڪ = بيخوف". [سن. واڪيه] واڪ ـ وچن ـ زبان بولي.
• باڪرَهْ: ث. [ع] اڻ پرڻيل (چوڪري) ـ ڪُنواري.
• باڪري ج باڪري: ذ. صفت. [ع. بقال = پاچي وڪڻندڙ] ميوو ۽ پاچي وڪڻندڙ ـ سبزي فروش.
• باڪسُ ج باڪسَ: ذ. [انگ. box = پيٽي] تيلين جي پڙي ـ ماچيس.
• باڪو: ذ. صفت. ڏسو "بانڪو".
• باڪُو ج باڪُو (ث): ذ. صفت. [سن. واڪيه] ٻئي جي چورت تي چوري ٿيل مال جي خبر ٻڌائيندڙ ـ جُوٽِٿ. بڪندڙ ـ بڪبڪيو.
• باڪ ج باڪُون: ث. [س. پاس > پا = چمڪڻ] سج اُڀرڻ کان اڳ آسمان ۾ روشني "شمع پاريندي شب. پرهه باڪون ڪيون" (شاهه). صبح صادق ـ پرهه ڦٽي.
— باڪ ڦٽڻ: پرهه ڦٽڻ ـ فجر ٿيڻ.
— باڪ ڦٽي: ظرف. پرهه ڦٽيءَ جو ـ پريات جو.
— باڪ ڪيڻ، ڪٽڻ: پرهه جي روشني ٿيڻ. پريات ٿيڻ.
• باڪرُ ج باڪرَ: ذ. باڪڙُ ـ پانگڙ (وڻ).
• باڪرو: ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قِسم ـ بکڙو.
• باڪرو ج باڪرُو: ذ. صفت. ٻڪرجو ـ ٻکر (شهر) ج رهاڪو.
• باڪري ج باڪريون: ث. [گجراتي] ننڍڙي ماني ـ لولي ـ ڪوڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **باڪريجي:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **باڪڙُ ج باڪڙَ:** ذ. صفت. چوٽيءَ چانگيل (وڻ). پنن ڇٽيل ـ ٺوڙهو ـ ڀانگڙ.
• **باڪڙا:** اسم خاص. لس بيلي طرف مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (جنهن مان ”وَتَ باڪڙو“ شاعر ٿي گذريو آهي).
• **باڪڻُ (ث):** مصدر. [سن. پاش = چوڻ] آکڻ ـ چوڻ. (باڪيو ـ باڪيندو ـ باڪيل).
• **باڪوڙ:** اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **باڪيو ج باڪيا:** ذ. [سن. پا = چوڻ] زباني وعدو ـ زباني قول.
• **باڳارُ ج باڳارَ (ث):** ذ. ٻڪرُ.
• **باڳاٿا:** اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه ۾ مڪان جو نالو.
• **باڳپٽي:** اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **باڳراڻي:** اسم خاص. ٽالپرن جي هڪ پاڙي جو نالو.
• **باڳڙ:** اسم خاص. لس بيلي طرف هڪ ڏوري جو نالو.
• **باڳڙُ:** ذ. [بڳو (= سفيد) > باڳڙ = اُڇائيندڙ] مصري يا آمريڪي ووڻ ۽ اُن جي ڦُٽي (جنهن جي ڪپهه سنڌي ووڻ جي ڪپهه جي ڀيٽ ۾ زياده سفيد ٿئي). (صفت) بڳاڻ (اُڇاڻ) تي مائل رنگ وارو جانور (ڳئون يا ٻڪري). ڪٽڪ جو هڪ قسم.
• **باڳڙجي:** اسم خاص. سکرءِ بدين تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• **باڳڙلو:** ذ. صفت. لُچ ـ بدمعاش.
• **باڳڙي:** اسم خاص. هڪ خانه بدوش گهٽ ذات (جي مُردار کائيندا آهن) ـ شڪاري ـ واگهڙي.
• **باڳو ج باڳا:** ذ. ڳهوٽ جي ڪپڙن جو وڳو. (اسم خاص) مرد جو نالو (انهيءَ نالي سان ”مير باڳو خان“ مشهور ٿيو. جنهن ”سنڌ راڻي“ سان شادي ڪئي هئي، ۽ ٽنڊو باڳو شهر ٻڌايو هو).
• **باڳُو ج باڳُو:** ذ. واڳُون ـ واڳهُو ”بيحد باڳُو بحر ۾، هيبتناڪ هزار“ (شاه).
• **باڳواهُ:** اسم خاص. هڪ واهه جو نالو. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **باڳونو (ث):** ظرف. ”بڳاڻ“ يا اُڇاڻ جو وقت سويرو ـ سويل.
• **باڳوڏهو:** اسم خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **باڳو ڳهاڻل:** اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **باڳي ج باڳيُونَ (ث):** ث. ڳيهه جي دٻي کي مٿان ٻڌل ڏور.
— **باڳي ڏيڻ:** سَٽ جي ڏوريءَ سان ڳيهه جي دٻي جو ڍڪ ڦابو ڪرڻ.
• **باڳيسري:** ث. هڪ راڳڻيءَ جو نالو ـ ٻاڳيسري.

• **باڳهُ:** ذ. پستا، باداميون وغيره مغزات (معجون يا خوراڪ ٺاهڻ لاءِ).
• **بالُ ج بالَ:** ذ. [ف] پکيءَ جي کنيڙاتي ـ بازو. مڇيءَ جو هڪ قسم. [سن. بالَ] ٻارُ. وارُ. [انگ. ball] ڪينهُون ـ ڪينهُوڙو.
— **بالِ چالَ:** ذ. ٽينگ ٽپا. ٽپڪي ڊوڙ.
— **بال وپرَ:** ذ. کنب کنيڙاتيون.
• **بالا:** صفت. [ف] مٿانهون ـ بلند ـ اُوچو. (ذ) قد ـ قامت. چوٽي.
— **بالابينُ:** ذ. مٿان نهاريندڙ ”جا هنيائين هٿن سين، سا سُئي بالابين“ (شاه).
— **بالابند:** ذ. پٽڪو ـ پڳ. مٿيون ڪپڙو.
— **بالا تنگُ:** ذ. هني تي رکيل گاشي کي ڦابو ٻڌڻ وارو چمڙ جو پٽو.
— **بالا پوشُ ج بالا پوشَ:** ذ. سَوڙ. لحاف. پلنگ پوش. ٻاهريون ڪپڙو. غلاف. جهُلَ (گهوڙي جي). اوورڪوٽ ـ لبادو.
— **بالا خانو ج بالاخانا:** ذ. جاءِ جي مٿان اَڏيل صُفو. ڇت تي اڏيل ڪوٺي.
— **بالاخواني:** ث. مبالغو. بيحد تعريف.
— **بالادَسْتُ ج بالادَسْتَ:** ذ. صفت. عملي جو مٿيون عملدار. وڏو عملدار ـ وڏو آفيسر. زبردست آفيسر. غالب. ”زيردست“ جو ضد.
— **بالادَسْتي:** ث. زوراوري. رشوت.
— **بالانشينُ ج بالانشينَ:** ذ. صفت. مٿانهينءَ جاءِ تي ويٺل. مٿانهينءَ جڳهه تي ويهندڙ. صدر. عُمدو ”ڪم خرچ، بالانشين“ (پهاڪو).
— **بالاوَهِشْت:** ذ. هيٺ ۽ مٿي. زمين ۽ آسمان. جهان.
— **بالاهمّت:** ذ. صفت. وڏيءَ همّت وارو. درياهه دل.
— **بالائي ج بالائي:** صفت. مٿيون ـ مٿانهون. اُتل وارو. وڌيڪ ـ سرس ـ زياده. (ث) مَلائي. (ڪيرجي).
— **بالائي آمدني:** ث. مقرر پيدائش کان وڌيڪ آمدني.
— **بالائي طاقُ:** صفت. پري ـ الڳ.
• **بالاجُ ج بالاجَ:** اسم خاص. مسمانن جي هڪ قبيلي جو نالو. مردن جو هڪ نالو.
• **بالادي:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (جت قوم جي هڪ قبيلي جو نالو).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **بالاسارَ ج بالاسرُونَ (ت):** [ع. بِالعُسْرِ = ڏکيائيءَ سان. تڪليف سان] تڪليف – ڏک. ڪاهي – ڪَدَ.

• **بالتي، بالدي ۽ بالٽيون، بالديون:** ث. ڏسو "باڙدي".

• **بالش:** ث. [ف] وهاڻو – تڪيو. مسند.

• **بالشت ج بالشتون:** ث. [ف] گرانٽ.

• **بالغ ج بالغ:** صفت. [ع] جوانيءَ کي رسيل – ساماڻل. جوان.

– **بالغ نظر:** صفت. تجربيڪار. نُڪتہ شناس. باريڪ بين.

– **بالغي:** ث. بالغ ٿيڻ واري عمر – بلوغت – جواني.

• **بالفعل:** ظرف. [ع] حال في الحال.

• **بالڪل:** ظرف. [ع] پوريءَ طرح – ٺيڪ – پورو.

• **بالڪني ج بالڪنيون:** ث. [انگ balcony] ماڙيءَ جي اڳيان وڌيل ٽڪرو – ڇڄهري.

– **بالَمُ ج بالَمَ:** ذ. صفت. [سن. وَلّڀ] پيارو – پريتم – محبوب. دلبر. دوست. عاشق. بيخوف – بيپرواهه. خوش – سَرهو. خاوند – مُڙس.

– **بالم ٿي ويهڻ:** بيپرواهه ٿي ويهڻ.

• **بالنگو:** ذ. [ف] هڪ قسم جو خوشبودار ٻوٽو (نازبو جهڙو ٿئي).

• **بالو ج بالا:** ذ. [ع] متانهين ڪوٺي يا ڪمرو – بالاخانو. جاءِ جي متان اڏيل صُفو. پهراڻ. لاوڻ يا چولي کي گهيريدار ڪرڻ لاءِ ڪپڙي جو ڏَرُ. پاگو – ٽَڪُ. سِڪي جو ٺپو. پسارڪي وکر جو هڪ قسم.

• **بالُو:** ذ. [ف] آگر ويڙهو. چيري (ميوو).

• **بالوشاهي:** ث. [ف] مٺائيءَ جو هڪ قسم (مٺائيءَ جي نرم ٽڪي، جا 'بالوشاهہ' حلوائيءَ جي نالي پٺيان سڏجي).

• **بالهڙو:** ذ. "بالم" جو اسم تصغير. محبوبڙو. ڳڏهن جي هڪ ذات.

• **باليدگي:** ث. [ف] ويجهه – واڌ. ساوڪ. مغروري.

• **باليڊيرو:** اسم خاص. تعلقي ڪڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بالين:** ذ. [ف] وهاڻو – ڪنڌڪ.

– **بالين پرَستُ:** ذ. صفت. آرام پسند – آرام ڳوليندڙ.

• **بامُ:** ث. [ف. بام] ڇت. ماڙي – ڪوٺو – بالاخانو. [ف. بامداد] صبح – فجر – پرهه ڦُٽي. روشني – تاب. راڳ جي هيناهون تار. ٿُلهو ۽ کهرو آواز. آسمان "آسمان تي هيءَ هُي، مُجري ۾ زهري جي ندا: بام تي منهنجو ڏسو ۽ هن جو زيرِ بام رقص" (سانگي).

– **بامِ بديع، بامِ رواق، بامِ فراخ، بامِ وسيع:** ذ. نائون آسمان (جو بين آسمانن کي ڦيرائي ٿو).

– **بامِ دنيا:** اسم اص. پامير جو متانهون پٽ.

– **بامِ زمانہ:** ذ. هيٺيون آسمان.

– **بامگاهہ:** ظرف. صبح جو سوير.

– **بامِ گردون:** ذ. آسمان.

– **بامِ مسيحُ:** ذ. چوٿون آسمان (جنهن تي حضرت عيسيٰ مسيح آهي).

– **بامَ:** ث. [سن. واما] زال – عورت. حسين عورت – نازنين "ٺنبوري جهاڻءِ جهڪي ڪئي، برهه سارينديءَ بام" (جلال).

• **بامُ ج بامَ:** ذ. [انگ. balm] ڪافور، جاڻ وغيره جو عرق يا مرهم (جنهن سان مٿي جو سُور لهي ويندو آهي).

• **باماز ج بامازون (ت):** ث. سنهون ميهڻ.

• **بامبار ج بامبارون (ڪ):** ث. وڏائي – هٺ – تڪبّر.

• **بامبول ج بامبولون:** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **بامداد:** ذ. [ف] صبح سوير – پرهه ڦُٽي.

• **بامَنُ:** صفت. [سن. وامَنَ] ننڍي قد وارو – ٻندرو. ڄامڙو. (اسم خاص) وشنو ڀڳوان جو پنجون اوتار (جنهن ڄامڙي جو روپ ڌاري راجا ٻليءَ کان ٽي قدم زمين جا دان طور گهريا هئا).

• **بامني ج بامنيون:** ث. [سن. وامني] ٻندري – ڄامڙي. گهوڙي.

• **بانُ:** ث. ٻيزاريءَ جو لفظ. [سن. باڌهَ] توبهه – زاري – جانو. آڻ – هار – شڪست.

– **بانُ پرڻ:** جانو پرڻ. زاري ڪرڻ.

– **بانُ ڪرڻ:** پڇتائڻ. توبهه ڪرڻ. آڻ مڃڻ (راند ۾). ٻيزاريءَ جو اظهار ڪرڻ.

• **بانُ ج بانَ:** ذ. [سن. وَرڻُ = رنگ] رنگ – ورنُ. شڪل – صورت. خاصيت – گڻ. پوش – ڍَڪ. چوغو. وڳو – لباس. [سن. باڻ] پاڻُ – تير "عُقابيل اکين ۾، توکي باري بان" (شاهه). [ف] اسم فاعل مرکب ٺاهڻ لاءِ هڪ پڇاڙي، بمعني رکندڙ – وارو "باغبان، دربان، وغيره".

– **بان بري:** صفت. (بان = رنگ + بري = بَر جو، مٽيءَ جو) مٽيءَ جي رنگ – پيوت – خاڪ آلود "ڪالهہ ڳڏيوسين ڪاپڙي، بابُويان بري" (شاهه).

• **بانات:** ث. [هہ] بنات جو ڪپڙو.

– **بانات فروش:** ذ. صفت. پشم فروش.

– **باناتي:** صفت. بنات جو – پشمي.

• **باناڙُ:** مصدر. [سن. وِدارڻ] ڪاتيءَ سان گوشت جا ننڍا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **بانْسو:** ذ. ٻوٽيءَ جو هڪ قسم (پن ساوا، گل اڇو، سواد ڦِڪو، دوا طور ڪم ايندڙ). ڪنهن بہ اوزار جو ڳن (ٿ).
• **بانْسِي ج بانْسِيُون:** ٿ. ڏسو "بانْسري".
• **بانْشو ج بانْشا:** ذ. [ف. باشه] هڪ قسم جو شڪاري پکي ـ باشو. (مجازاً) تيز رفتار وهٽ (گهوڙو، اٺ). ڦڙتائيءَ سان ڪم ڪندڙ جوان.
• **بانْڪُ ج بانْڪَ (ذ)، بانْڪَ ج بانْڪُون:** ٿ. [سن. وَنْڪ] واڍڪي يا لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار (جو روات هٽڻ مهل ڪنهن شيءِ کي سوگهو جهلي) ـ پانو ـ چاٻي. ونْڪڙو. بيل گاڏيءَ جي ٿانئي جي مٿئين حصي ۾ لڳل ڪاٺِي. نَديءَ جو وَرُ. ڏنگائي ـ لچائي. عيب.
• **بانَڪَ:** صفت. [سن. وَرْتَڪَ] سينگاريل ـ سُهڻو "بانَڪَ بَدن برق بهتر، دُراندر دَچِنَ دهاني" (سگهڙ).
• **بانْڪا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **بانْڪانيرُ:** اسم خاص. بيڪانير (رياست) "ڪي جُنبيون جيسلمير ڏي، ڪي بانْڪانير بهار" (شاه: رسالو. هڪ پڙهٽي موجب).
• **بانْڪڙو ج بانْڪڙا:** ذ. ڪاٺ جو ٻِينْچُ.
• **بانْگَلَ (ت):** اسم خاص. هڪ ديويءَ جو نالو (جنهن جي هندو چارڻ پُوڄا ڪندا آهن).
• **بانْڪو ج بانْڪا:** ذ. صفت. [سن. وَنْڪَ = ڏنگو، حرڪتي، ڏاهو] بهادر ـ پهلوان ـ سورهيہ.
• **بانْڪو چورُ:** ذ. زبردست چور ـ ھاڙهو چور ـ ڪاٽڪو.
• **بانْگَ ج بانْگَون:** ٿ. [ف] آواز ـ صدا ـ سڏ. نماز جو سڏ ـ اَذان ـ ٻانگ. ٻانگي جو آواز.
– **بانگِ دَرا:** ذ. قافلي جي پهرئين اٺ جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل وڏي ڄَڙي جو آواز. قافلي جي هلڻ جو آواز.
– **بانگ ڏيڻ:** اَزان ڏيڻ.
– **بانْگو ج بانْگا:** ذ. صفت. بانگ ڏيندڙ ـ مؤذن. تسبيح جي ٻنهي ڇيڙن کي ملائيندڙ ڏگهو مڻيو.
• **بانْگا (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **بانْگِي ج بانْگِيُون:** ٿ. [هہ. بانگي: سن. وَرْڻ + اِڪا] جنس ـ نمونو (سون وغيره جو: سونارو ڳهہ ٺاهڻ وقت، مليل ڳهہ مان سون ذري ڪڍي پاڻ وٽ رکندو آهي يا ڌڻيءَ کي ڏيندو آهي. بعد ۾ ڳهہ جو مالڪ اُن سون سان پنهنجو ڳهہ ڪسوٽيءَ تي هٽي خاطري ڪندو آهي تہ سون ساڳيو آهي يا نہ).
• **بانْگهو ج بانْگها:** ذ. سَنهي ڪاٺِي (ٻارڻ جي) ـ ڇينيو ـ ڀانگو.
• **بانو (نْ) ج بانا (نْ):** ذ. [سن. وَرْڻ] رنگ ـ ورن ـ روپ ـ عجائب "تو ڏيکاري تو ڏٺي، باطن جا بانا" (شاه). ٻاهرين شڪل يا صورت. پوشاڪ ـ لباس. فقيراڻو لباس. گهوڙي جي مُنهن تي سفيد ٻولهہُ (ت). عجوبو. (اسم خاص) مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو (رُستمائين جي شاخ).
– **بانو بَدلائڻ:** ويس بدلائڻ ـ چمڙاپوش ڪرڻ.
• **بانو:** ٿ. [ف] شهزادي. خاتون ـ شريف عورت ـ سڪر زال. عورتن جي نالي پٺيان ڪم ايندڙ لفظ "اَرجمند بانو، نوشه بانو، وغيره".
• **بانْوِٽو ج بانْوِٽا:** ذ. [سن. وَيَجَينْت] جهنڊي جو ڪپڙو (جو هوا ۾ ڦَڙڦَڙ ڪري) ـ بانٽو. بيرق ـ جهنڊو.
• **بانْوَرُ ج بانْوَرَ:** ذ. [ف. باوَرْ = اعتبار] هٺ ـ وڏائي ـ تڪبر ـ غرور "بانْور ڇاتي تو، ڪيوڙي ڪمزور آهہ". پَروسو (تہ ڪو فلاڻو ائين ڪري سگهندو).
• **بانْوِرْجَڻُ:** فعل مجهول. هٺ ڪرڻ ـ فخر ڪرڻ ـ شينگ ٿيڻ. (بانْوريو ـ بانْورنو ـ بانْوريل.)
• **بانْوِرو ج بانْوِرا:** ذ. صفت. [سن. واتُولَ = واءُ ڀريل] ديوانو ـ سودائي. اَلبيلو. (ٿ) بانْوري ج بانْوريُون.
• **بانْورائِي:** ٿ. چريائي ـ ديوانگي. البيلائي.
• **بانْولائِڻُ:** مصدر. ڀَنْيلائڻ. مست ڪرڻ. (بانْولائيو ـ بانولائيندو ـ بانولائيل).
• **بانْو لو ج بانْولا:** ذ. صفت. [سن. واتُول] مست ـ ديوانو. سودائي. (ٿ) بَانْولِي ج بانْولِيُون.
• **بانْولِي ج بانْولِيون:** ٿ. [ترڪي. ف. باوْلو، باوْلِي = ڏپ واري شيءِ يا جانور جنهن کي باز يا ڪتي اڳيان گهلِي، اُن کي شڪار ڪرڻ سيکاريو وڃي] ننڍي باز کي شڪار ڪرڻ تي هيرائڻ لاءِ ڪنين ڪتو پکي ڪارائڻ. ڀيتي ـ لَبُ. ڦيري ـ ڀنواٽي. بازولي. ناز نخرو.
• **بانولِي ڏيڻ:** باز کي پکي جهلي ڏيڻ ۽ شڪار ڪرڻ سيکارڻ. ڪنهن کي جڙتو بهاني سان برغلائڻ.
• **بانْٽُو، بانْٽُو ج بانْٽُا، بانْٽُا:** ذ. [سن. وَيجَينتَ] جهنڊو ـ بيرق (جو ٻيڙيءَ يا جهاز ۾ واءُ جي رخ ڏيکارڻ لاءِ ٻڌل هجي). (ٿ) بانْٽُي ج بانْٽُيُون.
• **بانْٽُ:** ٿ. [سن. وِلْٽْ = ڪسڻ، ڦرڻ] ڇتي ٻُڪ ـ هبچ. اَٽاٽ.
• **بانِي ج بانِيُون:** ٿ. [سن. واڻي] ٻاڻِي ـ ٻولِي. سُر ـ

ڍو (ڪ). متانهين زمين. قبر _ تُربت "جي ڳالهين ڳڱاتيا، تن
جون ٻنـنِ پاسي ٻنيون" (شاه). ٽڪري. (اسم خاص) جوهي، دادو
۽ ميرو خان تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
— **ٻپ:** ذ. دَٽ _ مڪر _ ڍونگ.
— **ٻپ ٻڌڻ:** ٻَر ٻڌڻ. ڍوَنگ ڪرڻ.
● **ٻپ مارڻ:** دت هڻڻ _ چانهَرَ ڪرڻ. ٻر ٻڌڻ.
● **ٻپا:** ظرف. [ف. بَرپا] قائم. جاري _ شروع.
● **ٻپت:** ث. [سن. وِپت، وِپَدُ] مصيبت _ آفت _ آپدا. تڪليف.
● **ٻپتا ج ٻپتائون:** ث. ڏسو "ٻپت".
● **ٻپرو ج ٻپرا** ذ. صفت. ٻنا پُريءَ جي. ٻيڪس _ ٻيوس _ ويچارو.
● **ٻپر ج ٻپا (ت):** ذ. صفت. ڏندن پگل (ماٺهو) _ پڏو.
● **ٻج:** ث. [سن. وِڙجن = وار. گهنڊيدار وارَ] ننڍڙا ۽ گهاٽا وار.
سنهڙا ۽ ڪَڪا وارَ _ ٻَر. جانور جا ڏگها ۽ گهاٽا وار. گهنڊيدار وارَ.
ٻَغل جا وارَ _ ڪڇ جا وارَ. رڍن ۽ ٻڪرين جي هڪ بيماري (ت).
اَوگڻ _ نقص _ خامي. گناهه. غم _ مصيبت.
_ **ٻجرُ ج ٻجرَ:** ذ. صفت. ٻج وارو _ ٻوجارو.
● **ٻڄ ج ٻڄَ:** ذ. [سن. وِڙجن = لوڙهو] اُهو ڍنگهر جو ٻنيي کي
ڏجي. لوڙهو. ٿُلهو تلهڙ. ٻِلاڻ جي پاسي واري ڪائي. ٻغل _ ڪڇ
(ڪ). پاسو (ڪ).
— **ٻڄ هڻڻ:** ٻغل هڻڻ _ ڪڇون ٺوڪڻ. ٽينگ ڏيڻ.
● **ٻڄُ ج ٻڄَ:** ذ. [سن. وِڙجن = وار. ف. ٻَج = پيشانيءَ تي وارَ]
ڪنين يا وارن جو مُڇو _ وارن جو ڇڳو. ڇڳ. وڏا کهرا وارَ. ڏگها
گهاٽا وار. گهنڊيدار وارَ. ڪٽڪ. جوئر وغيره جا سُوئا.
— **ٻڄ ٻانڌ (ت):** صفت. بلڪل ٺورو _ ڪڄهه.
— **ٻڄ ٻڄ ٿي وڃڻ:** ٽُنبجي وڃڻ. ڪسجي وڃڻ. ذرا ذرا ٿي وڃڻ.
— **ٻڄ ٻڄ جو بار ڪڻڻ:** وار وار جو ضامن پوڻ. هر ڳالهه لاءِ ضامن پوڻ.
— **ٻڄ ٻڄ ڪرڻ:** ڪوهي ڇڏڻ _ ٽنبي ڇڏڻ. سخت سزا ڏيڻ.
— **ٻڄَ ٻڄَ مان ٻوءِ اچڻ:** سخت نفرت ٿيڻ.
— **ٻڄ ٻه نه ڇڏڻ:** ذرو ٻه نه ڇڏڻ _ ڏهيون ٻه نه ڇڏڻ. صفا پٽ ڪرڻ _
ڪوهي ڇڏڻ.
— **ٻڄَ ٻاڙي هُجڻ (ت):** پورو پڙوو هئڻ. ظاهر ظهور بدمعاش هجڻ.
بلڪل ڪانئر هجڻ.
— **ٻڄَ پٽائڻ:** وارَ پٽائڻ. سزا ڪائڻ.
— **ٻڄ ٿي سڙي وڃڻ:** ڏاڍي ڪاوڙ اچڻ.
● **ٻجا:** ظرف. [ف. بہ + جا = هنڌ] روا _ ٺيڪ. درست _ صحيح.
مناسب _ جائز.
— **ٻجا آڻڻ:** عمل ۾ آڻڻ _ پورو ڪرڻ. مڃڻ (حڪم).
— **ٻجا آوري:** ث. تعميل _ پيروي _ پُورائي.
— **ٻجا آوري ڪرڻ:** تعميل ڪرڻ _ پيروي ڪرڻ. انجام پاڙڻ
_ پورو ڪرڻ (حڪم).
● **ٻجاجُ ج ٻجاجَ:** ذ. صفت. [ع. بَزّاز (ڪپڙي جو واپاري) <
بَزَّ = ڪپڙو] ڪپڙي جو واپاري _ ڪپڙي فروش _ ڪاپڙي
_ بزاز. منيب _ دلالُ. ٻٽاڪي _ ڏاڙي. نخريلو _ رنگيلو _
ٺٺئون. رنگين ڪپڙا پائيندڙ. (اسم خاص) هندن جي هڪ
ذات جو نالو (جي ٻجاجڪو ڪم ڪندا آهن).
— **ٻجاجي ج ٻجاجي:** ذ. صفت. ڪپڙي جو واپاري. ڪپڙي جو
گهور ڪندڙ. مَجارڪو.
— **ٻجاجي عشقُ:** ذ. ڪُوڙو عشق (مجازي عشق).
● **ٻجارُ ج ٻجارُون (ڪ):** ث. شاديءَ مُراديءَ ۾ پئسي ڏوڪڙ جي
مدد. پُوئُو _ ٻهتُ _ پاهَتُ _ ٻوَتِ (ت). ٿاري (ڪ) _
نيـهَند. ڀِل (ل).
— **ٻجاري ج ٻجاريُون (ڪ):** ث. ڏسو "ٻجار".
● **ٻجارَ ج ٻجارَ:** ذ. [سن. ورِيَجَ + اَلَ] ساني ڍڳو (جو نسل
وڌائڻ لاءِ خاص طرح سان پاليو وڃي ۽ ڇڙواڳ گهمندو
وتي). (اسم خاص) مرد جو نالو.
● **ٻجاراڻي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.
تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● **ٻجاري:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● **ٻجاگيرُ ج ٻجاگيرَ:** ذ. ڏسو "ٻجگيرُ".
● **ٻجان:** ظرف. [ف. بہ + جان] جان سان _ خوشيءَ سان.
— **ٻجان و دل:** ظرف. دل ۽ جان سان _ وڏيءَ خوشي سان.
● **ٻجاءِ:** ظرف. [ف. بَجا] لائق _ درست _ جاياڻتو. ٻدران _
ٻاران. قائم مقام.
● **ٻجرُ:** صفت. [سن. وَجرَ = سخت] سخت _ تمام سخت. [سن.
وَجرَمَ = اندر مهراج جو وڄ جهڙو هٿيار. هيرو] هيرو _ الماس.
— **ٻجر ڪپاٽ:** ذ. سخت دروازو _ مضبوط در. "وسيو ميگهه
مهرجو ڪليا ٻجر ڪپاٽ" (سامي).
● **ٻجَر:** ذ. [سن. وَجَرَ] تماڪ جو هڪ قسم. تماڪ جي پوک
جو ٻيو ٽُور (جو گهٽ ٽڪو ٿئي). هلڪو تماڪ. تماڪ جي
نندي مورَ "ٻجَر اُنهيءَ جو ٻس ٿئي، جا جَڏي هجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوءِ" (جام خان). تماڪ جي ننڍي يا سنهي تهي - بَجري. سَنهي ۽ گهٽ تکي تماڪ مان ٺهيل ناسَ. ٽَدي ۽ هلڪو مال (ل). استعمال ۾ آندل شيءِ جو عيوضو (جو مالڪ کي پري ڏجي). نوبت - نقارو.

— بَجري: ث. بَجَر. تماڪ جو بيجو.

• بُجرِ ج بجرَ: ذ. صفت. [سن. وِرجنَ = وارَ] بَجَن وارو - وڏن وارن وارو - منجهيل وارن وارو. بوجارو. هڪ قسم جو ڊگهن وارن وارو ڪتو.

— بُجرِڪيئُونَ: ذ. هڪ قسم جي بيماري (جنهن ۾ غير فطري فعل ڪرائڻ جي خواهش ٿئي). بي آرامي. اُتاولائي.

• بَجَر پِٺُونَ: ذ. ٻج جو هڪ قسم (گول ۽ باداميءَ جهڙو ٿئي، ڪرنٽي جي بيماريءَ ۾ دوا طور ڪم اچي. گهڻو ڪري جوڳي فقيرن وٽان هٿ اچي).

• بَجرڪَ، بَجريڪَ ج بَجرڪون، بَجريڪون (ث): ث. [سن. بَجرانگ < بَجرَ = سخت + انگ = بدن] ڪاوڙ - غصو - خارَ.

• بَجرنگي: ذ. شنگرف جو تلڪ (جو هندو پنهنجي پيشانيءَ تي هڻندا آهن).

• بَجري ج بَجريون: ث. [سن. وَجرَ = سخت چونو يا سيمنٽ] ڪَڪري. سخت پٿريون. تماڪ جو بيجو. هلڪي تماڪ مان ٺهيل ناسَ.

• بِجزِ: ظرف. [ف] ڪان سواءِ - ڌاران - بغير - بنان.

• بَجڪانو ج بَجڪانا (ل): ذ. پوتڙو - بوچڻ. چيلهه ٻڌڻ جو ڪپڙو. سندرو. مولهاتو.

• بُجڪو ج بُجڪا: ذ. [ترڪي. بُغچه، بُقچه = بُجڪو] ڪپڙي جو ٿيلهو - ڳوٿرو - سنڌُ. ڪپڙن جي هڙ. گودڙي. (ث) بُجڪي ج بُجڪيون.

— بُجڪائي ج بُجڪائي: ذ. صفت. بُجڪو ڪندڙ. بَجاجي - بزازي.

• بَجڪَرُ ج بَجڪَرَ: ذ. صفت. [ف. ديگر > بجگر] چمڙي جون (تيل يا گيهه وغيره لاءِ) دبيون ٺاهيندڙ - بزگر. دهلن تي چمڙو چاڙهيندڙ.

• بَجگيرُ ج بَجگيرَ: ذ. صفت. [سن. بَجرَ = سخت + ڪار = ڪم ڪندڙ. ف. بَزرگر = هاري - ڪاشتڪار ٢. باجگير = ڏل يا ڏن اُڳاڙيندڙ. نوڪر] سخت ڪم ڪندڙ - پورهيت. خادم. غلام. بجاگير - بزگير.

— بَجگيري: ث. بَجاگيري - بزگيري. تابعداري - خدمتگاري. غلامي ٻيلپو.

• بِجلي ج بِجليون: ث. [سن. وِديُتَ] وِجُ - وِجلي - ڪنوڻ - برق. اليڪٽريءَ جي روشني (electricity). (صفت) وج جهڙو هلندڙ - تيزرفتار. چالاڪ - ڦڙت.

• بِجنس: ظرف. [ف. بَ = سان + ع. جنس] بجنسي - هوبهو - نس پس.

— بِجنسه: ظرف. بذاته.

— بِجنسي: ظرف. نس پس - عين بين - هُوبهو.

• بُجَنگَ (ث): ذ. وڏا ٻَجَ - گهاٽا وارَ - وڏا وارَ.

• بَجو ج بَجا: ذ. [سن. واديه = واڄو > وَڌ = وڄائڻ] وَڳو - گهنٽو - ڪلاڪ. وقت - ٽائيم (Time). پوڙهي ماڻهوءَ لاءِ نفرت ڀريو لفظ. (صفت) ٻَجَ وارو. ننڍن گهاٽن ۽ ڊگهن وارن وارو - بُوجرو - بُجرو.

• بُجو ج بُجا: ذ. [سن. ڀُجا = ٻانهن. هٿ؛ ف. پَنجه = چنبو] پنج ئي آڱريو کليل سامهون هٿ (جو ڪنهن کي نفرت يا ڪاوڙ وچان ڏيکارجي) - ٺونٺو "پرائيءَ ڏيءَ جو بُجو بہ چڱو" (چوڻي). (ڪناية) لعنت - ڦِٽ پاراتو - لعن طعن - ڦِٽ لعنت. پکيءَ جو هڪ قسم.

— بُجو ڏيڻ: ٺونٺو ڏيڻ - لعنت وجهڻ.

— بُجو هڻڻ: ٺونٺو هڻڻ - ڦِٽ لعنت ڪرڻ - ملامت ڪرڻ.

• بجورڙو: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• بِجورو ج بِجورا: ذ. ميوي جو هڪ قسم - تُرَنج.

• بِجوڳُ: ذ. [سن. ويوڳ > و = خراب + يوڳ = ميلاپ] جدائي - وڇوڙو. بدبختي.

• بَجي ج بَجيون (ڪ): ث. پلاڻ جي پاسي واري ڪائي.

• بجيٽ: ث. [انگ. budget] سال جي اُپت ۽ کپت جو تخمينو. ساليانى آمدنيءَ ۽ خرچ جو حساب ڪتاب - پوتاميل.

• بَجيرَ (ث): اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• بِڄ: ث. [سن. وَرجَ] فروگذاشت - ترڪ. وانجَ. [سن. وَرجنَ] عيب - نقص - وڌ. خامي - خرابي.

• بِجهڪائڻُ: مصدر. [سن. ويَجَڪتَ = ڊيڄاريل] ڊيڄارڻ - ڀِڄڪائڻ - ڏڪائڻ - ڪنبائڻ. ڦڙڦوٽ وجهڻ. (بِجهڪايو - بِجهڪائيندو - بِجهڪايل).

• بِجهڪڻُ (ث): مصدر. [سن. ويَجَڪتَ] ڊڄڻ. وڦلڻ (ننڊ ۾) - اُٿرڪڻ. (بِجهڪيو - بِجهڪندو - بِجهڪيل).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ٻچائڻُ:** مصدر. [سن. وَرْجيَہ < وُرْجَ = جدا ڪرڻ. پاڇي ڪرڻ؛ هـ. بَچانا] حفاظت ڪرڻ ـ سنڀال ڪرڻ. نجات ڏيارڻ (آفت يا مصيبت کان). پناهه ڏيڻ ـ اَمان ڏيڻ. حمايت ڪرڻ ـ مدد ڪرڻ. پاڇي ڪرڻ ـ بچائي رکڻ. (بچايو ـ بچائيندو ـ بچايل).

ـ **بچاءُ ۽ بچاءَ بَچاوُ:** ذ. حفاظت ـ سنڀال. اَمان ـ پناهه. اَجهو ـ سلامتي. ڇوٽڪارو. حمايت. حيلو ـ بهانو. اوٽ. تهمت کان بچڻ لاءِ شاهدي. الزام لاهڻ لاءِ ڏنل ثابتي.

ـ **بچائيندڙ:** ذ. صفت. بچائيندڙ ـ پناهه ڏيندڙ ـ حافظ. حامي ـ مددگار. (ڪناية) خدا تعاليٰ.

ـ **بچائي ڇڏڻ:** بچت ڪرڻ. اوبارو ڪرڻ (ڪاڏو). ڪنهن ڪم ڪرڻ جي تڪليف کان ڇڏائڻ. آزار وغيره مان نجات ڏيارڻ.

• **بچت ۽ بچتيون. بَچَتُون:** ث. پاڇي ـ بقايا. رهيل رقم. بچيل شيءِ. نفعو ـ فائدو.

ـ **بچت ڪرڻ:** بچائڻ. ڪفايت ڪري رقم بچائڻ. ڪنجوسائيءَ سان خرچ ڪرڻ.

• **بَچَرُ ۽ بَچَرَ (ت):** ذ. صفت. ٿلهو ـ متارو ـ ڏُنبو.

• **بچشم:** ظرف. [ف] اکين سان. اکين تي.

• **بچڪانو ۽ بچڪانا:** ذ. [ف. بچگانَه = ٻاراڻو. ٻارن جي لائق] ننڍڙي ٻار ڪي ٻڌڻ جو ڪپڙو ـ ٻاروتو ـ ٻنڊٽو ـ ڦنجڻ. ننڍي ڄٽي يا ننڍا ڪپڙا. ناچو ڇوڪرو.

• **بچڪاني ۽ بچڪانيُون:** ث. پوڙهيءَ ڪسبياڻيءَ جي وهاريل ڇوڪري.

• **بچڪو ۽ بچڪا (ت):** ذ. [ترڪي. بُغچه. بُقچه] بُچڪو.

• **بَچَڻُ:** مصدر. اَمن ۾ رهڻ ـ سلامت رهڻ. پناهه ۾ اچڻ. نجات ملڻ (مصيبت مان). ڇوٽڪارو پائڻ ـ ڇُٽڻ. ڇڙهڻ (بيماريءَ مان). اُٻهڻ. جيئرو رهڻ ـ جيئڻ. ٽڪڻ. زنده رهڻ. پاڇي ٿيڻ ـ بچت ٿيڻ. باقي هجڻ. (بچيو ـ بچندو ـ بچيل). (ذ) ڇوٽڪارو ـ نجات.

• **ٻَچَڻُ (ڪ):** مصدر. مُنهن ۾ ور وجهڻ. چڙهن سان ڳالهائڻ اُبتو سبتو جواب ڏيڻ. (ٻَچيو ـ ٻَچندو ـ ٻَچيل).

• **بچو بادشاهه:** اسم خاص. بَچو خاصخيليءَ جو لقب (جنهن انگريزن خلاف ١٨٩٦ع واريءَ "حُر تحريڪ" جي ٽولي جي اڳواڻي ڪئي هئي) "ٻارهن ڄڻا ڀهروتيا. مکيءَ پاسي مير؛ بچو جن جو بادشاهه. پيرو سندن وزير" (مل).

• **بچو ڪوڪرُ:** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **بَچه:** ذ. [ف. بچه] ٻچو ـ ٻارُ. ڇوڪرو. ڦَرُ.

ـ **بچه باز:** ذ. صفت. ڇوڪرن سان بدفعلي ڪندڙ ـ ڇوڪري باز ـ لُوطي.

ـ **بچه دان ۽ بچه دان:** ذ. ڳڀڻ ـ ڳڀيرڻ ـ رحم.

• **ٻَچَ ۽ ٻَچُون:** ث. [سن. مُڇُ = ڇڏي ڏيڻ. ڇوڙي ڇڏڻ] (ڪُتي کي) ڪنهن تي ڪاهه لاءِ ڏاڪر. ڇرچ ـ هُشي. ڇورت ـ ڇُر. حملي جو حڪم. وٺ پڪڙ جو حڪم. ڪاهه ـ اَلر.

ـ **ٻَچ ڏيڻ (ت):** ڇرچ ڪرڻ. ڪنهن ڪم لاءِ جوش ڏياري آماده ڪرڻ. هُشي ڏيڻ. آپارڻ.

ـ **ٻَچ ڪرائڻ:** ٻچ ڪري مارائڻ. ڇوري حملو ڪرائڻ.

ـ **ٻَچ ڪَرڻ:** ٻَچڻ ـ ٻَچائڻ (ڪُتو) وٺ وٺ ڪرڻ. هُشڪارڻ.

• **ٻَچُ ۽ ٻَچ:** ذ. ڏسو "ٻَڪ".

• **ٻُچ ۽ ٻُچُون:** ث. [سن. تُڇِچ] بڇڙائي. خرابي ـ بُرائي. ڏوهه ـ گناهه.

• **ٻچا ۽ ٻچائُون:** ث. [سن. پِڪشا] ڀڪيا ـ خيرات.

• **ٻُڇان ۽ ٻُڇائُون:** ث. [سن. ٻِيپَتْسَمْ] نفرت ـ ڪراهت. ڏڪار ـ حقارت. منيان ـ ڪاوڙ. خارَ.

ـ **ٻُڇان اَچڻ:** نفرت اَچڻ ـ ڪراهت اَچڻ. ڪاوڙ اچڻ. خار اچڻ.

ـ **ٻُڇان پائڻ:** ڪراهت جهڙو سمجهڻ. گندو سمجهڻ.

ـ **ٻُڇان ڏيارڻ:** نفرت ڏيارڻ. ڪاوڙ ڏيارڻ ـ ڪاوڙائڻ. خار ڏيارڻ.

ـ **ٻُڇان لَڳڻ:** ڪراهت اچڻ خارَ لڳڻ ـ منيان لڳڻ.

• **ٻَچائڻ:** مصدر. [سن. مُڇُ = ڇوڙي ڇڏڻ] ٻَچ ڪرڻ. حملو ڪرائڻ. ڇيڙ ڪرائڻ. مروڻ تي ڪتا ڇڏڻ. ڊيڄارڻ لاءِ ڪا خوفناڪ شيءِ ڏيکارڻ. پوئتان لائي ڇڏڻ (ڦڪڙي). (ٻَچايو ـ ٻَچائيندو ـ ٻَچايل).

• **ٻُچائي ۽ ٻُچايُون:** ث. ٻُڇڙائي ـ بدڪاري ـ گناهه.

• **ٻڇڙڻ (ث):** مصدر. ڦورو پاڻي وجهي ڪير واري ٿانءَ کي صاف ڪرڻ ـ وچورڻ (ل) ـ اَگهارڻ. (ٻڇڙيو ـ ٻڇڙيل).

• **ٻڇڙڻ:** مصدر. [هـ. ٻڇڙنا] وِڇڙڻ ـ جدا ٿيڻ.

• **ٻچڙو ۽ ٻچڙا:** ذ. [سن. پُرِسْتَرہ = پٿر] حد جي نيشان ڏيکارڻ لاءِ ڪَتل پٿر. [سن. وَتْس] وڇيرو (ت). ڪُونهون (ث).

• **ٻُڇڙو ۽ ٻُڇڙا:** ذ. صفت. ٻُرو ـ خراب ـ ڪنو ـ گندو. اوسنو. ڏَيرُ. ڪوجهو ـ بدشڪل. پاپي. ذليل ـ خوار. (ث) ٻُڇڙي ۽ ٻُڇڙيون.

ـ **ٻُڇڙاپو ڏيڻ:** خراب ڊپ وجهڻ ـ گهٽو ڊيڄارڻ. ساهه جو خوف ڏيارڻ.

ـ **ٻُڇڙائي ۽ ٻُڇڙايُون:** ث. خرابي ـ بدي ـ بُرائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **بُجڙائِيُون ڪرڻ:** خرابيون ڪرڻ ــ بَديون ڪرڻ. بدڪاري ڪرڻ. ڏوهَ ڪرڻ.

– **بُجڙو ڪرڻ:** خراب ڪرڻ. خوار ڪرڻ.

• **بُجڙي ج بُجڙيُون (ٿ):** ٿ ٻلاجو هڪ قسم ــ ٻِيڻ ــ ڦوڪٽِي.

• **ٻَچڪو ج ٻَچڪا (ٿ):** ذ. ٻُجڪو.

• **ٻَچناگُ:** ذ. [سن. وِتش ناپ] زهر جو هڪ قسم (جو هڪڙي وڻ جي پاڙ مان ڪڍبو آهي، ۽ دوا طور ڪم ايندو آهي) ـــ مِنو زهر ــ وِ ڪُ.

• **ٻَچڻُ:** مصدر. [سن. مُچ = ڇوڙي ڇڏڻ] ڪُتي ڪي ڪنهن ماڻهوءَ يا مرونءَ تي ڇيڙڻ. حملو ڪرائڻ. وڙهڻ لاءِ پڙڪائڻ. لاٿي ڇڏڻ (ڪا مصيبت). (ٻَچيو ــ ٻچيندو ــ ٻچيل).

• **بُچو ج بُچا:** ذ. صفت. بُچڙو ــ خراب. مَدو. گنهگار. گندو ــ گدلو.

• **بُچائي ج بُچايُون:** ٿ. بُچڙائي ــ خرابي ــ بدي.

• **بُچي ج بُچيُون:** ٿ. بُچڙائي ــ بدي "موچاري".

• **بُچي ج بُچيُون:** ٿ. بُچڙائي ــ بدي "موچاري محمد ﷺ وٽي، بُچيان بيزاري" (گرهوڙي).

• **بچيا ج بچياتُون:** ٿ. ڀِکيا ــ خيرات.

• **بُچيو ج بُچيا (ل):** ذ. صفت. بُچڙو ــ خراب (ماڻهو).

– **بُچيانْ:** ظرف. بچڙائيءَ کان ــ بَديءَ کان. خراب ماڻهن کان.

• **بَحاثُ:** ذ. صفت. [ع] وڏو بحث ڪندڙ ــ حُجت هلائيندڙ.

• **بَحالْ:** ظرف. [ف. بَہ + ع. حال = چڱيءَ حالت ۾] برقرار ــ قائم. صحيح ــ درست ــ ٺيڪ.

• **بدستور ــ** حسب معمول. قبولَ ــ منظور. وري نوڪريءَ تي قائم (برطرف ٿيل ملازم).

– **بَحال رکڻ:** قائم رکڻ ــ بدستور رکڻ.

– **بَحال ڪرڻ:** دوباره ساڳئي عهدي تي مقرر ڪرڻ. برطرف ٿيل ملازم کي وري ساڳئي ڪم تي قائم رکڻ. بدستور اجازت ڏيڻ. منظور ڪرڻ. مباح ڪرڻ.

– **بَحال هُئڻ:** منظور هئڻ. وري مقرر ٿيڻ. تندرست ٿيڻ ــ چاق ٿيڻ.

– **بَحالِي ج بَحاليُون:** ٿ. اجازت ــ منظوري. قبوليت.

• **بَحْثُ ج بَحْثَ:** ذ. [ع] مباحثو ــ لفظي تڪرار. ردڪدَ. د. هوڏ. رڪيل جي، ڪنهن جج جي سامهون دليلبازي.

• **بَحثابَحثي:** ٿ. بحث مباحثو. هڪٻئي سان دليلبازي. رد ڪدَ.

ـ **بَحثائتو ج بَحثائتا:** ذ. صفت. بحث ڪرڻ جهڙو. بحث ڪرڻ جي لائق. نڪتہ چينيءَ جوڳو.

– **بَحث مُباحثو ج بحث مُباحثا:** ذ. هڪٻئي سان بحث ــ رد ڪد. دليلبازي ــ مناظرو.

– **بَحثي ج بَحثي:** ذ. صفت. بَحث ڪندڙ. ضدي. هوڏي.

• **بَحْثَڻُ:** مصدر. [ع. بَحْثَ] بحث ڪرڻ.

• **بَحْرُ ج بَحْرَ:** ذ. [ع] درياءُ. سمند. مکيه پنج بَحر (وڏا سمند) آهن. ١. بحر اوقيانوس (ائٽلانٽڪ) ٢. بحر آلڪاهل (پئسفڪ) ٣. بحر هند (هندي) ٤. بحر مُنجمد شمالي (اُترين برف چانيل) ٥. بحر منجمد جنوبي (ڏاکڻيون برف چانيل). جهازن جو آرماڙ. ٻيڙين جي قطار ــ ٻيڙو. صوفين جي اصطلاح ۾ "هيءَ دنيا" ــ خاڪي عالَم ــ فاني جهان. (اصطلاحاً) (صفت) فياض. وڏي علم وارو ــ عالم. تيزفهم ــ هوشيار ــ ذڪي. (ذ) غور ــ فڪر ــ ويچار. موزون شعر لاءِ علم عروض جو قائم ڪيل وزن (عام مشهور اُوڻيهه بحر: ١. طويلُ (فَعُولُنْ مَفاعيلُنْ فَعُولُنْ مَفاعيلُنْ) ٢. مَديد (فاعِلاتُنْ فَاعِلُنْ فاعِلاتُنْ فاعِلُنْ) ٣. بَسِيط (مُسْتَفْعِلُنْ فاعِلُنْ مُسْتَفْعِلُنْ فاعِلُنْ) ٤. ڪامِلُ (مُتَفاعِلُنْ مُتَفاعِلُنْ مُتَفاعِلُنْ مُتَفاعِلُنْ) ٥. وافِرُ (مَفاعِلَتُنْ مَفاعِلَتُنْ مَفاعِلَتُنْ مَفاعِلَتُنْ) ٦. هَزَج (مَفاعِيلُنْ متفاعِيلُنْ مَفاعِيلُنْ مَفاعِيلُنْ) ٧. رَجَز (مُسْتَفْعِلُنْ مُسْتَفْعِلُنْ مُسْتَفْعِلُنْ مُسْتَفْعِلُنْ) ٨. رَمَلُ (فاعِلاتُنْ فاعِلاتُنْ فاعِلاتُنْ فاعِلاتُنْ) ٩. مُنسَرِح (مُسْتَفْعِلُن مَفْعُولاتُ مُسْتَفْعِلُن مَفْعُولاتُ) ١٠. مُضارِعُ (مَفاعِيلُنْ فاعِلاتُنْ مَفاعِيلُنْ فاعِلاتُنْ) ١١. مُقْتَضِبُ (مَفْعُولاتُ مُسْتَفْعِلُن مَفْعُولاتُ مُسْتَفْعِلُن) ١٢. مُجْتَثَ (مُسْ تَفْع لُنْ فاعِلاتُنْ مُسْتَفْعِلُنْ فاعِلاتُنْ) ١٣. سَرِيعُ (مُسْتَفْعِلُنْ مُسْتَفْعِلُنْ مَفْعُولاتُ) ١٤. جَدِيد (فاعِلاتُنْ فاعِلاتُنْ مُسْتَفْعِلُنْ) ١٥. قَرِيبُ (مَفاعِيلُنْ مَفاعِيلُنْ فاعِلاتُنْ) ١٦. خَفِيف (فاعِلاتُنْ مُسْتَفْعِلُنْ فاعِلاتُنْ) ١٧. مُشاڪِلُ (فاعِلاتُنْ مَفاعِيلُنْ مَفاعِيلُنْ) ١٨. مُتَقارِبُ (فَعُولُنْ فَعُولُنْ فَعُولُنْ فَعُولُنْ) ١٩. مُتَدارِڪ (فاعِلُنْ فاعِلُنْ فاعِلُنْ فاعِلُنْ).

– **بَحرِ آبْيَضْ:** ذ. اڇو سمنڊ (جو روس جي اُتر ۾ آهي).

– **بَحرِ اَحمَر قُلزم:** ذ. ڳاڙهو سمنڊ (جو عربستان ۽ آفريڪا جي وچ ۾ آهي).

– **بَحرآسْوَد:** ذ. ڪارو سمنڊ (ڪئسپين ڍنڍ جا روس جي ڏاکڻي حصي ۾ آهي).

— **بَحرالعُلُوم:** ذ. علمن جو درياءُ. وڏن عالمن جو لقب. مولانا روميءَ جي مثنويءَ جي هڪ شرح جو نالو.

— **بَحري پايان:** ذ. اُهو درياءُ جنهن جو ترو لهي نہ سگهجي ـ اَٿاهہ سمنڊ. تمام اونهو سمنڊ.

— **بَحر زخّار:** ذ. لهرين ڏيندڙ سمنڊ ـ مُتلاطم سمنڊ. اَٿاهہ سمنڊ ـ تمام اونهو بحر.

— **بَحر ظُلمات:** ذ. ائٽلانٽڪ وڏو سمنڊ.

— **بَحر ڦاٽڻ:** وڏيون ڳالهيون ٿيڻ ـ ٻٽاڪون لڳڻ.

— **بَحر ڦاڙڻ:** وڏيون ڳالهيون ڪرڻ. وڏاءُ ڪرڻ (ڳالهين ۾) ـ اُپَ ڦاڙڻ. حد کان زياده تعريف ڪرڻ.

— **بَحر ۾ پوڻ:** ڏگهي ڳالهہ شروع ڪرڻ. جهڳڙي ۾ پوڻ. ڪنهن ڳالهہ تي حد کان زياده ڳالهائڻ. ڏاڍو روئڻ (ٻار).

— **بَحرو ج بَحرا:** ذ. پاڻيءَ جو ديوتا. درياءُ. پاڻي.

— **بَحْري ج بَحْري:** ذ. صفت. بَحر جو ـ سامونڊي. دريائي.

— **بَحري باز:** ذ. هڪ قسم جو ڪارَ اکيو باز "هينيڙو بحري باز. چائي ويو چنبن ۾" (شاهہ).

— **بَحْري ٻچو ج بَحري ٻچا:** ذ. صفت. گهڻ ڳالهائُو ـ بڪبڪيو. وات ڦاٽوڙو. (ذ) ٻهري بازجو نَرُ. تکو گهوڙو.

— **بَحري فوج ٻهري فوجُون:** ث. دريائي لشڪر. Navy.

• **بُحرانُ ج بُحرانَ:** ذ. [ع] بيماريءَ جي نازڪ گهڙي (موت ۽ حيات جي وچ ۾ مقابلو). نازڪ حالت.

• **بَحرانو بَحرانُو ج بَحرانا، بَحراڻا:** ذ. بحر جو نذرانو. درياءُ يا پاڻيءَ جو نذرانو. هندن جي هڪ ڌرمي رسم (جنهن ۾ آٽي جو وڏو پنوڙو ناهي، اُن ۾ سينڌر ۽ گُل ڦل هڻي، چومُکو ڏيو ٻاري، وجي پاڻيءَ ۾ نذراني طور ڇڏيندا آهن. اِهو ڪريا ڪرم اڪثر درياءُ پنٿي ڪندا آهن. ۽ ٻن هندو عورتون حامله هجڻ جي حالت ۾ پنجين، ستين ۽ نائين مهيني ڪٽڪ يا جوئر جو گوڙهو پيٽ تان گهمائي درياءَ ۾ وجهنديون آهن. اُن کي بہ بحرانو چئبو آهي. ڪي هندو وري ڪاٺ جو ننڍڙو تابوت ناهي، اُن سان ڳائيندا نچندا، دهل شرنايون وڄائيندا، درياءَ تي وڃي رسم ادا ڪندا آهن).

• **بَحرو:** اسم خاص. سنڌ جي هڪ مشهور گهوڙي جو نالو.

• **بَحرو وَڃائي:** اسم خاص. لاڙ جي چئن مشهور درويشن (ابراهيم ناگوراڻي ۽ ساٿين) مان هڪ درويش.

• **بَحْري ج بَحْرِيُون:** ث. [ع] مشهور شڪاري پکي ـ باز جو هڪ قِسم ("ڪلهيو باز" يا "بحري باشي" يا "بحري ٻچي" جي مادي. متو اچو ۽ وڏو. ڪلهن تي ڳاڙهو رنگ. سياهہ چشم. يعني اکيون ڪاريون. ڳچيءَ ۾ ڪارو پٽو. اُڏامڻ جو تيز. Peregrine falcon (falco peregrinus). "چائي ويا چنبن ۾، جيئن باز سٽي بحري" (شاهہ).

• **بَحري باشو:** ذ. مشهور شڪاري پکي ـ سياهہ چشم ڪلهيو باز ـ بحري ٻچو ("بَحري" جو نَرُ). ـ Peregrine falcon (falco peregrinus).

• **بَحري قدي:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

• **بَحْرين:** ذ. [ع] ٻہ سمنڊ (يونُوچ سمنڊ ۽ ڪارو سمنڊ). ايراني نار ۾ هڪ ٻيٽ ۽ شهر (جو موتين کان مشهور آهي).

• **بِحَسْب:** ظرف. [ع] موافق ـ موجب.

— **بَخْشي ج بَخْشي:** ذ. صفت. ڏسو "بخشي".

• **بِحُڪم:** ظرف. [ع] حڪم سان ـ فرمودي موجب.

• **بَحيرا:** اسم خاص. [ع] هڪ نسطوري عيسائي راهب جو نالو (جنهن حضرت محمد صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن کي، حضرت ابو طالب سان ڏسي، ڪين سڃاتو هو تہ هو آخر زماني جو نبي آهي).

• **بُحَيْرَه:** ذ. [ع] ننڍڙو سمنڊ. ڍنڍ.

• **بُخارُ ج بُخارَ:** ذ. [ع] ٻاڦَ ـ اُٻ َ. گرمي ـ حرارت. تپ ـ ٻرو ـ لڳَ. چڙ ـ خارَ. ڪاوڙ ـ غصو. رنج ـ ڏک.

— **بُخار اُچڻ:** تپ اُچڻ ـ تپ چڙهڻ.

— **بُخار ٿيڻ:** تپ ٿيڻ ـ لڳ ٿيڻ.

— **بُخار چڙهڻ:** تپ چڙهڻ ـ تپ جو زور وٺڻ.

— **بُخار ڇنڊڻ:** ڪاوڙ ڇنڊڻ. ساڙ ڪيڻ ـ اندر جو بار هلڪو ڪرڻ.

— **بُخار رکڻ:** اندر ۾ ساڙ سانڍڻ.

— **بُخار ڪيڻ:** غبار ڪيڻ. اندر جو ساڙ ڪيڻ ـ دل جو جوش ڪيڻ. ڪاوڙ ڇنڊڻ. دل جو بار هلڪو ڪرڻ.

— **بُخار لاهڻ:** دل جو جوش هلڪو ڪرڻ ـ ڪاوڙ ڇنڊڻ.

• **بُخارا:** اسم خاص. ترڪستان جي هڪ پرڳڻي ۽ شهر جو نالو. جو اڳ اسلامي علوم جو مرڪز هو.

— **بُخاري:** ذ. صفت. شهر بُخارا جو رهاڪو. (اسم خاص) مشهور محدث ابو عبدالله ممد بن اسماعيل بخاريءَ جو تاليف ڪيل حديثن جو ڪتاب ـ صحيح بخاري. سنڌ جي سادات جي مشهور قبيلن (لڪياري، مٽياري، بخاري) مان

هڪ قبيلي جو نالو (جن جا وڏا بخارا مان آيا).
• **بُخارو ج بُخارا:** ذ. [ع. بُخار] دونهين جي نيڪال لاءِ پٽ جي اندران ٺهيل نالي ـ چمني. (ث) بخاري (= ڪُل).
• **بخائڻ:** مصدر. [ف. بَخيَر] بخيو هڻائڻ ـ توپو هڻائڻ. سِبائڻ. (بخايو ـ بخائيندو ـ بخايل).
• **بَختُ ج بَختَ:** ذ. [ف] ڀاڳ ـ طالع ـ نصيب ـ قسمت.
ـ **بخت آزمائي:** ث. نصيب آزمائي ـ قِسمت آزمائي.
ـ **بَختاورُ ج بَختاوَرَ:** ذ. صفت. بخت وارو ـ ڀاڳوارو ـ خوش نصيب ـ سڀاڳو.
ـ **بختاوري:** ث. سڀاڳائي ـ خوش قسمتي.
ـ **بخت بازي:** ث. قِسمت آزمائي ـ بخت آزمائي.
ـ **بخت بَرگَشتو:** ذ. صفت. [بخت + بَرگشته = ڦريل] اُونڌي نصيب وارو ـ نڀاڳو ـ بدنصيب.
ـ **بخت بُلند:** ذ. مٿانهون بخت ـ اعليٰ نصيب.
ـ **بخت بيدار:** ذ. صفت. سڀاڳو ـ خوش نصيب ـ بختاور.
ـ **بخت پَڙائڻ:** ڀاڳ ورڻ ـ نصيب جو وارو ورڻ. وارو لڳڻ ـ موقعو ملڻ.
ـ **بخت خُفتَه:** ذ. سُتل نصيب ـ نڀاڳ ـ اَڀاڳ.
ـ **بخت ساجو ٿيڻ:** ڀاڳ پَڙائڻ. قسمت جاڳڻ. بخت کُلڻ. وارو ورڻ. اقبال وڌڻ.
ـ **بخت سُفيد:** اَڇو بخت ـ نيڪ بخت ـ سڀاڳ. (صفت) سڀاڳو.
ـ **بخت سِياهُ:** ذ. نڀاڳ ـ چنڊائي. نحوست. (صفت) نڀاڳو ـ بدبخت.
ـ **بخت کي اِبتون هڻڻ:** ڀاڳ کي لتون هڻڻ. ناشڪري ڪرڻ.
ـ **بختيارُ ج بَختيارَ:** ذ. صفت. بخت وارو ـ بختاور ـ سڀاڳو ـ خوش نصيب.
• **بَختاوَرپُور:** اسم خاص. تعلقي ٽل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بُختُ نَصَّرُ:** اسم خاص. قديم زماني جي هڪ سرڪش بادشاه جو نالو (جو بابل جو بادشاه هو ۽ جنهن يروشلم کي ٻه دفعا ناس ڪيو هو).
• **بُختِي ج بُختِي:** ذ. [ف] باختر يا بلخ جو ٻن ٿوهن وارو اُٺ. (ڪناية) ڀلو اُٺ. مهري اُٺ.
• **بَختيارپور:** اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ مشهور ڳوٺ جو نالو (جتي جا قاضي ۽ ڪاتب مشهور ٿي گذريا).
• **بَخرو ج بَخرا:** ذ. [ف. بهْرَه] حصو ـ ڀاڱو ـ ڀتي "ڇهون بَخرو ٻيءِ کي، جان سَت پَٽ پورا" (گرهوڙي). نصيب ـ بخت. انعام ـ

بخشش "رمضان واڌو روز گهري ٿو، بخرو مونکي ڏات ڏيو" (رمضان).
ـ **بَخريٽ ج بَخريٽَ:** ذ. صفت. ڀتيار ـ ڀائيوار ـ حصيدار ـ شريڪ.
• **بَخش:** ث. [ف] معافي. بخشش ـ امداد. انعام ڏاڻ "لکو لام الف سين، بي سنديءَ بخشا" (گرهوڙي). حصو ڀاڱو. بخشيندڙ ـ ڏيندڙ "فرحت بخش، امام بخش، وغيره".
ـ **بَخش جو ٻهرو ڏيڻ:** ڀلائي ڀال ڪرڻ. تمام گهڻي مهرباني ڪرڻ. وڏا احسان ڪرڻ. عين نوازش ڪرڻ.
ـ **بَخش بَخش ڪرڻ:** ڀاڱا ڪرڻ. پورا پورا ڪرڻ.
ـ **بَخش ڪَرڻ:** معاف ڪرڻ ـ معافي ڏيڻ ـ بخشڻ. اِمداد ڏيڻ. ڏاڻ ڏيڻ.
• **بخشاپور:** اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَخشاڻي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.
• **بَخشاهُ:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَخشائِش:** ث. [ف] معافي. ڏاڻ ـ انعام. امداد ـ بخشش.
• **بَخشائڻ:** مصدر. [ف. بخشيدن] ڏوهه معاف ڪرائڻ. بخش ڪرائڻ. معافي گهرڻ. (بخشايو ـ بخشائيندو ـ بخشايل).
ـ **بخشاڻي ج بخشاڻيون:** ث. بخش ڪرائڻ جي حالت. معافي. پرچاڻي ـ پرچاءُ.
• **بَخش پور:** اسم خاص. تعلقي ڪنڌ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بَخشِشُ ج بَخشِشُون:** ث. [ف] معافي. انعام ـ عطا. ڏات ـ امداد. خيرات.
ـ **بخشش نامو ج بخشش ناما:** ذ. ڪنهن شيءِ بخش ڪرڻ جي لکيت ـ هبه نامو.
• **بَخشِندَه:** ذ. [ف] بخشيندڙ ـ ڏيندڙ ـ ڏاتار.
• **بَخشڻ:** مصدر. [ف. بُخشيدَن] معاف ڪرڻ ـ بخش ڪرڻ. امداد ڪرڻ. عطا ڪرڻ. ڏاڻ ڏيڻ ـ اِنعام ڏيڻ. (بخشيو ـ بخشيندو ـ بخشيل). (اسم خاص) مرد جو نالو.
ـ **بَخشڻهارُ ج بَخشڻهارَ:** ذ. صفت. بخشيندڙ ـ معاف ڪندڙ. ڏاتار ـ ڏيڻهار "بخشين بخشڻهار، ڏيئي پاند پناهه جو" (شاهه).
• **بَخشُون:** ث. (هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ) وقتي نڪاح ـ مُتعو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **بخشون وجهڻ:** وقتي نڪاح وجهڻ ـ متعو ڪرڻ.
• **بخشي ج بخشي:** ذ. [ف] فوج جو مهندار ـ سپهه سالار.
— **بخشي خانه:** ذ. سپهه سالار جي آفيس.
• **بُخل:** ذ. [ع] ڪنجوسائي ـ مرچوٺائي ـ تنگدلي.
**بَخمَل ج بخملون:** ث. [ف. مَخمل] ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم ـ مخمل. گل جو هڪ قسم.
— **بخملي ج بخملي:** ذ. صفت. بخمل مان ٺهيل ـ مخملي. لَسو ـ نرم.
• **بَخِڻُ:** مصدر. [ف. بخيه] بخيو ڏيڻ ـ سبڻ. (بخيو ـ بخيندو ـ بخيل).
• **بخيو ج بخيا:** ذ. ڏسو "بخيو".
• **بَخُورُ:** ذ. [ع] ڌوپ ـ واسُ.
• **بَخِيلُ ج بخيل:** ذ. صفت. [ع] ڪنجوس ـ شُوم ـ مرچوٺ ـ مکي چُوس ـ مُوذي. چيڙاڪ.
— **بخيلي:** ث. ڪنجوسائي ـ تنگدلي. چڙ ـ ڪاوڙ. خارَ.
• **بخيو ج بخيا:** ذ. [ف. بخيه] سنهون ترپو (جنهن ۾ ڌاڳو هر هڪ سوراخ مان ٻه دفعا لنگهائبو آهي).
— **بخيو ڏيڻ، هڻڻ:** سنهو ترپو ڏيڻ. سبڻ.
• **بَدُ، بَد:** صفت. [ف] خراب ـ ڪِنو ـ بُڇڙو ـ گندو ـ مَدو. ويَلُ ـ چَٽ ـ نِڪمو ـ بيڪار. پليد ـ ڪوڙو.
— **بد اتفاق:** ذ. [ف. بد + ع. اِتفاق] خراب واقعو ـ خراب حادثو.
— **بد اَختر:** ذ. صفت. [ف] جنهن جو سِتارو خراب هجي. نياڳو ـ ڏدورو. نَحسُ ـ چندو.
— **بد اَخلاق:** ذ. صفت. [ف. بد + ع. اخلاق] بڇڙين عادتن وارو ـ بدفضيلت.
— **بد اَخلاقي:** ث. بُڇڙي عادت. بدفضيلتي. نالائقي. بي اَدبي.
— **بد اِراده:** ذ. صفت. [ف. بد + ع. اراده] بڇڙي اِرادي وارو ـ بد نيّت.
— **بد اُسلوب:** ذ. [ف. بد + ع. اسلوب] بي ڍنگو. بدفضيلت ـ بداخلاق. گمراهه.
— **بد اُسلوبي:** ث. بدفضيلتي ـ بي ڍنگائي. گمراهي ـ ضلالت.
— **بد اَصل:** ذ. صفت. [ف + ع] بد ذات ـ بي بنياد. ڪميڻو.
— **بد اَطوار ج بد اَطوار:** ذ. صفت. [ف + ع] خراب عادتن وارو.
— **بد اِعتقاد ج بد اِعتقاد:** ذ. صفت. [ف + ع] خراب عقيدي وارو.
— **بد اَعمال ج بد اَعمال:** ذ. صفت. [ف + ع] بڇڙن ڪمن وارو ـ بدڪار ـ فاسق.

— **بد اَفعال، اَفعالو ج بد اَفعال، اَفعالا:** ذ. صفت. [ف + ع] بُرا ڪم ڪندڙ ـ بدڪار. بدتهذيب. بدفضيلت.
— **بد اَفعالي ج بد اَفعاليون:** بد لڇڻائي ـ بدفضيلتي ـ بد اَخلاقي. بد تهذيبي.
— **بد اَمني ج بد اَمنيون:** ث. [ف. بد + ع. امن] بي سلامتي. ونگوڙ واري حالت. فساد.
— **بد انتظامي:** ث. [ف. بد + ع. انتظام] بي بندوبستي. اَنڌ ڌنڌ.
— **بد اَنجام:** ذ. صفت. [ف] جنهن جي پڇاڙي خراب هجي ـ بد عاقبت.
— **بد اَنديش ج بد اَنديش:** ذ. صفت. [ف] مَٺ گهُرو ـ بدخواهه. دشمن ـ ويري. ڪِيني وارو ـ بغضي.
— **بداَنديشي:** ث. مَٺ گهرائي ـ بدخواهي. دشمني ـ وير. بُغض ـ حسد ـ ڪِينو ـ چاوت. بيخيالي ـ غلطي ـ ڀُل. ڪوتاهه بيني.
— **بد باطن:** ذ. صفت. [ف + ع] دل جو پليد ـ اَندر ڪوٺو.
— **بد بَخت ج بد بَخت:** ذ. صفت. [ف] بد نصيب نياڳو ـ چندو.
— **بدبَختي:** ث. بدقسمتي ـ بدنصيب ـ نياڳ ـ چندائي.
— **بدبُوءِ:** ث. [ف. بدبوُ] خراب بانس ـ ڌَپ ـ عُفونت ـ "خوشبوءِ" جو ضد.
— **بد تر:** صفت. [ف] وڌيڪ بڇڙو ـ وڌيڪ خراب.
— **بدترين:** صفت. سڀ کان وڌيڪ خراب ـ بلڪل خراب. بنهه چَٽ.
— **بد تَميز:** ذ. صفت. [ف + ع. تَميز] ننڍي وڏي سان خراب نموني ۾ پيش ايندڙ ـ بدتهذيب. بداخلاق. بدافعالو. گستاخ.
— **بد تهذيب:** ذ. صفت. [ف+ع] بدتميز ـ بي ادب ـ بدفضيلت.
— **بد پرهيز ج بد پرهيز:** ذ. صفت. [ف] ڪاڌي پيتي وغيره ۾ سنڀال نه ڪندڙ ـ رَڪُ يا ڪري نه ڪندڙ. سَترُ نه ڪندڙ.
— **بد پرهيزي:** ث. پرهيز نه ڪرڻ جي حالت. بي احتياطي. بي پردگي.
— **بدپيشو:** ذ. [ف. بدپيشه] بُڇڙو ڌنڌو ـ ڪَسَبُ ـ حرامڪاري.
— **بدپيشهٔ، پيشي:** ذ. صفت. خراب پيشو ڪندڙ ـ زناڪار. ڪسبي.

– بَدجِنسُ: ذ. صفت. [ف+ ع] خراب ذات وارو ـ ڪمينو.
– بَد چالِ: ذ. صفت. [ف. بد + هہ. چال] خراب چال وارو. آواره ـ اوباش. زناڪار.
– بَد چَشِمُ: ذ. صفت. [ف] پرائيءَ عورت ڏانهن بُريءَ نگاه سان ڏسندڙ ـ ميري اک وارو. حاسد ـ بدخواهہ.
– بَد حالُ ۾ بَد حالَ: ذ. صفت. [ف+ع] خراب حالت وارو ـ ڏُتڙيل ـ تباهہ حال.
– بَدحالي: ث. خراب حالت ـ تباهہ حالي. مسڪيني ـ تنگدستي.
– بَد حواسُ ۾ بَد حواسَ: ذ. صفت. [ف. بد+ع. حاس. حَوسًا (= جانچڻ. معلوم ڪرڻ) > سنڌي. حواس = معلوم ڪرڻ جي اندري] حواس خطا ٿي ويل ـ گهبرايل. حيران ـ پريشان.
– بَد حواسي: ث. گهبراهٽ ـ پريشاني ـ مونجهارو.
– بَد خِصالُ: ذ. صفت. [ع+ف] خراب خصلتن وارو ـ ڪُلڇٽو ـ بد چال. بد عادت ـ بِنَد فضيلت.
– بَد خَصلَت، خَصلتو: ذ. صفت. خراب عادتن وارو ـ بَد عادتو ـ بدلڇٽو ـ بد فضيلت.
– بَدخُلقُ: ذ. صفت. [ف+ع] خراب افعالن وارو ـ بدلڇٽو. بدتهذيب ـ بي ادب.
– بَدخُو: ذ. صفت. [ف] بڇڙين عادتن وارو ـ ڪُلڇٽو. سُونڊ مُنهون ـ رُڪو. رُڪ مُنهون.
– بَدخُوئي: ث. خراب طبيعت. خراب عادت.
– بَد خواهُ ۾ بَدخواهَ: ذ. صفت. [ف] ٻئي جي بُرائي چاهيندڙ ـ مَٺ گهُرو ـ بَدانديش. دشمن ـ ويري. مخالف.
– بَد خواهي ۾ بَد خواهيُون: ث. مَٺ گهُرائي ـ بَدانديشي. دشمني ـ عداوت.
– بَدُعا ۾ بَد دعائون: ث. [ف+ع] پِٽ ـ پاراتو.
– بَد دِلِ: ذ. صفت. [ف] ناخوش. نااميد ـ مايوس. ڪڪ ـ بيزار. بد گمان.
– بَد دِيانَت: ذ. صفت. [ف. بد+ديانت = چڱي عادت هٽڻ] ڪُپتيو ـ خيانتي. فريبي ـ دغاباز.
– بَد دِيانَتي: ث. ڪُپَت ـ خيانت. دغا.
– بَد دِينُ: ذ. صفت. [ف+ع] دين کان ڦريل. بداعتقاد. گمراهہ.
– بَد ذات: صفت. [ف+ع] گهٽ ذات ـ ڪمذات ـ ڪمينو.
– بَد ذِهنُ: ذ. صفت. [ف+ع] جنهن جو ذهن خراب هجي ـ ڪند فهم ـ موڳو.
– بَد راهُ: ذ. صفت. [ف] بد چال ـ بدڪار. آواره ـ ڪَريل. گمراهہ.
– بَدراهہ ڪَرڻ: بد چال ڪرڻ. گمراهہ ڪرڻ. اغوا ڪرڻ ـ ڀڄائڻ (عورت).
– بَد رَفتار: ذ. صفت. [ف] خراب روش هلندڙ ـ بدچال.
– بَد رَفتاري: ث. خراب روش ـ خراب چال.
– بَد رِڪابُ: ذ. صفت. [ف. بد + ع. رِڪاب = رڪيب] اُهو گهوڙو جو چڙهيءَ جو ڏکيو هجي ـ اُهنڊ گهوڙو.
– بَد رَنگُ: ذ. صفت. [ف] خراب ۽ ڦِڪي رنگ وارو ـ گَبرو (رنگ جو).
– بَدرَوُ: ذ. صفت. [ف] خراب چال وارو ـ بَد رفتار. (ث) ڪني پاڻيءَ جي موري ـ ڪَسي.
– بَد روزگارُ: ذ. صفت. [ف] بَدنصيب ـ بدبخت. بدحال.
– بَد زَبان: ذ. صفت. [ف] خراب نموني ڳالهائيندڙ ـ گار گند ڪندڙ ـ ڪَچ مُئيندڙ ـ بَدگو ـ بَدڪلام. سخت ڪلامي ڪندڙ.
– بَد زَباني: ث. گار گند ـ بَد ڪلامي ـ فحش. سخت ڪلامي. گستاخي.
– بَد زيبُ، بَد زيبو: ذ. صفت. [ف] بد نما ـ ڪوجهو ـ نہ وڻندڙ ـ بدصورت.
– بَد ساعَت: ث. [ف+ع] خراب گهڙي. ڪُمهلائي.
– بَد سِرِشت: ذ. صفت. [ف] خراب طبيعت وارو.
– بَد سِگالُ: ذ. صفت. [ف] بدخواهہ ـ مَٺ گهُرو.
– بَدسِگالي: ث. مَٺ گهُرائي ـ بدخواهي.
– بَد سُلوڪُ: ذ. صفت. [ف+ع] خراب سلوڪ وارو ـ بدروش.
– بَد سُلوڪي: ث. خراب ورتاءُ ـ خراب روش. مُنهن رُڪائي. ناسازي ـ ڪُلفت ـ اُٽبٽت.
– بَد سَليقُهُ: ذ. صفت. [ف] بي ڍنگو. بدتهذيب. بد عادت. بي ادب.
– بَد سَوڻُ، سَوڻُ ۾ بَد سَوڻَ، سَوڻَ: ذ. خراب سَوڻ ـ بد شگون ـ بَدفالَ.
– بَد سِيرَت: ذ. صفت. [ف. بد + ع. سِيرَة] بَدڪردار. بداخلاق. بد فضيلت ـ بي ادب.
– بَدشَڪِلِ: ذ. صفت [ف. بد+ع. شَڪل] بدصورت ـ ڪوجهو ـ بڇڙو. بدزيب. بيڊَولو.
– بَدشُگُون: ذ. [ف] بَد فالَ ـ بَدسُوڻ. بُرو ـ نحس. (صفت) چندو ـ نياڳو ـ منحوس.

— بَدشُگوني: ث. نياڳائي ـ چندائي. بدسوڻي ـ بَد فالُ.
— بدصُورت: ذ. صفت. [ف+ع] بڇڙو ـ بد شڪل ـ ڪوجهو. بيڊولو.
— بدطينَت: ذ. صفت. [ف. بد + ع. طينَة = مزاج. طبع] خراب خصلتن وارو ـ بَدخُو. خراب طبيعت وارو ـ بدمزاج. بد ذات ـ بد بنياد.
— بدطينَتي: ث. بد مزاجي ـ بد خُوئي.
— بدظَنّ: ذ. صفت. [ف+ع] بَد گُماني ـ شَڪ.
— بَد عَملي ج بَد عَمليُون: ث. [ف. بد + ع. عمل] بداعمالي ـ اَنڌير. بدأمني ـ بي بندوبستي. بَدانتظامي.
— بَد عَهْدُ: ذ. صفت. [ف+ع] انجام نہ پاڙيندڙ ـ وعده خلاف ـ بيوفا.
— بَد عَهدي: ث. وعدي شڪني ـ بيوفائي.
— بَدفِعْلُ ج بَدفِعْلَ: ذ. صفت. [ف+ع] خراب ڪم ـ بڇڙو ڪم.
— بَدفِعْلو ج بَدفِعْلا: ذ. صفت. بدڪردار ـ بدافعالو. بَداخلاق.
— بَدفِعْلي ج بَدفِعْليُون: ث. بدڪاري. حرامڪاري ـ زنا.
— بَدڪارُ ج بَدڪارَ: صفت. [ف] بُڇڙا ڪم ڪندڙ ـ بدڪردار ـ بداعمال. ڏوهاري ـ گنهگار.
— بَد ڪِرْدارُ ج بَدڪِردارَ: ذ. صفت. [ف] بدڪار.
— بَدڪرداري: ث. بدڪاري ـ حرامڪاري.
— بَدڪَلامُ: ذ. صفت. [ف+ع] اَڻگو ڳالهائيندڙ ـ خراب گفتگو ڪندڙ ـ بَدگو.
— بَد ڪَلامي: ث. بڇڙي ڳالهہ. خراب گفتگو. سخت ۽ اَٿوڻندڙ گفتگو گارگند.
— بَدڪيش: ذ. صفت. خراب مذهب وارو. بداخلاق. بدچال.
— بَدگُمان: ذ. صفت. [ف] ڪنهن تي يقين نہ ڪندڙ ـ بي اعتبار ـ شڪي.
— بَدگُماني ج بَد گُمانيُون: ث. بدظني. بي اعتباري. شَڪ ـ شُبهو.
— بَد گُو ج بَدگُو: ذ. صفت. [ف] خراب ڳالهائيندڙ ـ بدڪلام. گلا خور. چُغل.
— بَدگُوئي: ث. بدڪلامي ـ گارگند. گلا ـ بَدي. چُغلي.
— بَد گوهَر بَدگَهَر: ذ. صفت. [ف] بدنسل ـ بد بنياد ـ ڪمذات.
— بَدلحاظ: ذ. صفت. [ف+ع] بي لحاظ. ڪُڌو. نافرمان.
— بَد لَگامُ. بَد لغامُ: ذ. صفت. [ف] اُهو گهوڙو جو لغام سان بہ سَنُوت نہ ڏئي ـ اَهنڊ ـ سرڪش (گهوڙو). گَهڻُ ڪندڙ. زبان پنهنجي وس نہ رکندڙ. بَد زبان ـ بدگو ـ بدڪلام. ڇِڙواڳ. بي ادب ـ بدفضيلت.
— بَد مَذهب: ذ. صفت. [ف+ع] خراب مذهب وارو. فرقيباز. بُت پرست.
— بَدمزاجُ ج بَد مِزاجَ: ذ. صفت. [ف+ع] خراب طبيعت وارو. رُڪي سُڀاءَ وارو. بدفضيلت. چيڙاڪ ـ تيز مزاج. خارباز. سرڪش.
— بَد مِزاجي: ث. خراب سُڀاءُ. رُڪ مُنهائي. سَرڪشي. آڪڙ ـ سيٺ. خاربازي.
— بَد مَزگي: ث. [ف] بي سوادائي. ذائقو يا سواد خراب هئڻ جي حالت. اُٻٿت. رنجش. جهيڙو جهٽو. طبيعت جي خرابي ـ ناچاقائي.
— بَدمَزَہ: ذ. صفت. [ف] بيسواد. اَلُوڻو ـ ڦڪو. بيمار ـ اگهو.
— بَدمَسْتُ ج بَدمَسْتَ: ذ. صفت. [ف] نشي ۾ چُور ـ اَلوٽ ـ مدهوش. شهوتي ـ ڪامي. خراب حال ـ بدحال.
— بَدمَستي: ث. مدهوشي. خراب حالت. شهوت پرستي. اهنڌائي ـ اَرڏائي ـ خرمستي. بيپرواهي.
— بَد مَعاشُ ج بَدمَعاشَ: ذ. صفت. [ف+ع] بدچال ـ شرير ـ لُچو. بداخلاق ـ بدافعال. لُفنگو ـ آواره ـ اوباش ـ ڪميڻو.
— بَد مَعاشي ج بَد مَعاشيُون: ث. بَد اخلاقي ـ بدچالي. لُچائي. ڪميڻپ.
— بَد مُعاملگي: ث. [ف] ڏيتي ليتيءَ ۾ بي ايماني. دغابازي ـ ٺڳي ـ ڪُپت. وعدي خلافي.
— بَد مُعامَلہ: ذ. صفت. [ف] جيڪو ڏيتي ليتيءَ ۾ چڱو سلوڪ نہ ڪري.
— بَد مِهري: ث. [ف] نامهرباني. بي احساني.
— بَد نامُ ج بَدنامَ: ذ. صفت. [ف] بُڇڙي نالي وارو. خرابيءَ ۾ نالي چڙهيل. گلارو ـ رسوا ـ خوار.
— بَدناموس، بَدناموسي: ث. [ف. بد + ع. ناموس = نيڪي. نالو] خواري ـ رسوائي ـ بدنامي ـ بَدنيڪي.
— بَدنامي ج بَدناميُون: ث. خواري ـ گلا ـ رُسوائي. ڪارنهن جو ٽڪو. بيعزتي ـ تشهير.
— بَدنَسْل: ذ. صفت. [ف+ع] خراب نسل وارو. بد بنياد ـ بد ذات.
— بَد نشان: ذ. صفت. [ف] بدڪار ـ پاپي.
— بَدنَصيبُ ج بَد نَصيبَ: ذ. صفت. [ف+ع] نياڳو ـ ڪمبخت ـ چندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **بدنَصيبائي، نَصيبي:** ث. نياڳ ـ چنڊائي ـ بدبختي.
— **بد نظر:** ذ. صفت. [ف+ع] بدشڪل. منحوس.
— **بد نظري:** ث. بُري نگاهه ـ بدنيتي. خراب نظر سان ڏسڻ جي حالت.
— **بدنفس:** ذ. صفت. [ف+ع] ڪمينو ـ ڦهوتي.
— **بدنما:** ذ. صفت. [ف] خراب شڪل وارو ـ ڪوجهو ـ بچڙو.
— **بد نمائي:** ث. بي نزاڪتي. ڪوجهائي. بيدولائي.
— **بدنهاد:** ذ. صفت. [ف] بد طبيعت ـ ڪمينو. دل جو بچڙو.
— **بدنيّت:** ذ. صفت. [ف+ع] بچڙي ارادي وارو. دل جو پليد. اندر ڪُنڊو.
— **بد وضع:** ذ. صفت. [ف+ع] بي ڍنگو ـ بيدولو ـ اَٺوٺنڊڙ.
— **بدهاضمو:** ذ. [ف+ع. هَضم، هاضم] بدهضمي ـ پرتي. معدي جي خرابي.
— **بدهضمي:** ث. پيٽ جي پرتي ـ بدهاضمو.
— **بدهيئت:** ذ. صفت. [ف+ع. هَيئة = شڪل] بدشڪلو ـ بيدولو.
— **بديُمني:** ث. [ف.بد+ع. يُمن = سٺائي، سڀاڳ، فتح] بدنصيبي. بدشگوني.
• **بدُ:** ذ. پيسڪوٽ راند ۾ بي زور پتو (حُڪم کان سواءِ فالتو پتو). ٻئي رنگ جا پتا.
• **بَد:** ث. [سن. بَد] چنڊ جو سوسُ (پورنماسيءَ بعد).
• **بدَ ج بِدُون:** ث. [ع. بَدرة] وڏي هَڙَ ـ ڳنڍڙي. بدَ ـ بدڙي. ٿيلهن ٿاهڻ لاءِ دنبي يا ٻڪريءَ جي کَلَ.
• **بد:** ث. ننڍڙي کڏ جا گولين راند ۾ کم اچي ـ سَجَ.
• **بُدُ ج بُدَ:** ذ. زنانو مخصوص عضوو.
• **بَدا:** ث. [ف. بد = بچڙو] بَدي ـ بُڇڙائي. ڏوهه ـ پاپ ـ گناهه. [ع. بَدَءَ، بَداءَةُ = شروعات. اَبدا] مقدر ـ اڳ لکيو.
• **بِدا:** ث. [ع. وِداع] وداع ـ رخصت ـ موڪلائي. اجازت ـ روانگي. جدائي. خاتمو "بيڙيون نيئي پار، تو تان ٻَنڌُ بِدا ٿيو" (شاهه). ڪنوار جو پهريون دفعو پيڪن مان ساهرين وڃڻ جي حالت. (اسم خاص) مسلمانن جي هڪ قبيلي جو نالو.
— **بدا ٿيڻ:** وداع ڪرڻ ـ موڪلائي ڪرڻ. جدا ٿيڻ. ختم ٿي وڃڻ "اَنب شهرمان بدا ٿي ويا آهن".
• **بدادي ج بدادي:** ذ. صفت. [ع. بِدعتي < بِدعَة = دين جي سلسلي ۾ ڪا نئين حرڪت] بُريءَ علت وارو ـ بد افعالو ـ بد ڪِردار ـ گناهن ڀريو "بلند بدادي عيبن ڀريو، خلق ڪليو ٿي چئيس چڱيو" (بلند شاهه).

• **بَداهت:** ث. [ع] تَهه طلبي. حاضرجوابي. بي ساختگي.
• **بدائع:** ذ. [ع. بَدِ يْعَة ج بَدائع] عجائبات. نيون شيون. شاعريءَ ۾ ڏيکاريل عجيب صنعتون ۽ ڪاريگريون "صنايع بدايع".
— **بدائعِ معنوي:** ذ. عبارت جون معنوي رنگينيون.
• **بدايت:** ث. [ع. بَداءَة] شروعات ـ آغاز. منڍ ـ اڳياڙي.
• **بُڊبُڊو ج بُڊبُڊا:** ذ. [سن. بُڊبُڊه] پاڻيءَ جو ڦوٽو يا ڦوٽڪو ـ ڄر ڦوٽو ـ ٻوڙيو. اُفواهه ـ واهياتي خبر. مَن گهڙت قصو ـ ڪُوڙو ناهه. بهتان ـ تهمت ـ الزام. منصوبو ـ سازش. پُور ـ خيال ـ ريجڪ. وهم. لغڙ.
— **بُڊبُڊا اُٿارڻ:** ڪوڙا اُفواهه اُٿارڻ ـ حُبوب ناهڻ.
— **بُڊبُڊا اُٿڻ:** پاڻيءَ ۾ ٻوڙيا ٿيڻ. الزام لڳڻ. اُفواهه اُٿڻ.
— **بُڊبُڊا ڪرڻ (ت):** ٺڳي ڪرڻ ـ چالاڪي ڪرڻ.
• **بدخشان:** اسم خاص. افغانستان جي اُتر ۾ هڪ پرڳڻي جو نالو (جو ياقوتن ۽ لعلن کان مشهور آهي).
• **بَدَر:** ظرف. [ف] ٻاهر ـ در کان ٻاهر.
• **بَدَر:** ظرف. [ع. بَدل] بدلي ۾ ـ جي بدران ـ ڏي وٽ ۾.
• **بَدرُ:** ذ. [ع] سَڄو چنڊ ـ ماهه ڪامل. چوڏهينءَ جو چنڊ ـ پورنماسيءَ جو چنڊ. (اسم خاص) مديني منوره پرسان هڪ کوهه جو نالو (جتي حضور پاڪ ﷺ جن مڪي جي قريش ڪافرن سان پهرين جنگ ڪئي هئي، جا "جنگ بَدر" جي نالي سان مشهور آهي).
— **بَدرُالدُّجيٰ:** ذ. اونداهيءَ رات جو چنڊ. چوڏهينءَ رات جو چمڪندڙ چنڊ ـ بدرمنير. (اسم خاص) حضرت محمد ﷺ جن جو لقب.
• **بَدَرُ:** ذ. [ع. بَدَلَ] بدلو ـ عوض. انتقام ـ وير. پاڙو جهاڙو ـ پاسخاطري ـ طرفداري ـ پاسو. [سن. وارِدَ] بادل ـ ڪڪر ـ جهڙ.
— **بدر پوڻ:** پاران پوڻ ـ بدلو ڪڍڻ ـ پاسو وٺڻ. عوض ڏيڻ. پاسخاطري ڪرڻ.
— **بدر ڪرڻ:** عوض وٺڻ. بدران ڪجهه وٺڻ. طرفداري ڪرڻ ـ پاسو وٺڻ.
• **بدران:** ظرف. [ع. بدل + اَن] عوض ۾ ـ بدلي ۾. پاران ـ طرفان.
— **بدران پوڻ:** پاران پوڻ. طرفداري ڪرڻ ـ پاسو ڪڍڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صحرانشين ـ بَدوي. جهنگلي ـ بدشڪل. اٽڃاڻ ـ جاهل "وڳند وري آئيو. بَدُوسين بد بُوءِ" (شاهه).

• **بِدو ج بِدا:** ذ. اِنيءَ ڏڪر راند ۾ ڪم ايندڙ خاص قسم جي ٿُلهي ۽ نندي اِني (ل). اَدڙ ڳُوڻ ـ اَدڙي (ڪ).

• **بَدُوشَڪ:** ذ. صفت. [سن. وِدُوشڪ] مسخرو. تالِرُ.

• **بَدوڪُ (لس):** اسم خاص. ڪراچي ڪان الهندي طرف جبل جي هڪ لڪ جو نالو.

• **بَدْوي ج بَدْوي:** ذ. صفت. [ع] عربستان جو ڳوٺاڻو ـ بَدوْ. صحرانشين ـ ٿَري "تِت نماير نيڻ، پَرجي بَدوين لءِ" (سيد هارون).

• **بَدي ج بَديُون:** ث. [ف] خرابي ـ بُڇڙائي ـ بُرائي. بدنيتي ـ ٻيائي. تهمت ـ بهتان ـ الزام. [سن. بَدِ] چنڊ جي مهيني جو اُونداهو پک.

• **بِدي ج بِديُون:** ث. نندڙي ڳوٿري ـ هڙ (ت). بدڙي. نندڙي شيءِ (ڪ).

• **بُدي ج بُديُون:** ث. زنانو مخصوص عضوو ـ شرمگاهه.

• **بِديسُ، بِديشُ:** ذ. [سن. وِديشَ] پرديس ـ پرڏيهه. پرانهون مُلڪ ـ ڏاريو ملڪ.

— **بِديسي، بِديشِي:** ذ. صفت. پرديسي ـ پرڏيهي. ڏارئي مُلڪ جو ـ غير مُلڪي.

• **بَديِعْ:** صفت. [ع] عجيب ـ اَنوکو ـ نِرالو. ناياب ـ نادر ـ اَليُ ـ ناپيد.

• **بَدِيعُ الْجَمال:** ذ. صفت. [ع] نهايت حسين ـ حسن ۾ بينظير. (اسم خاص) "سيف الملوڪ ـ بديع الجمال" واري عشقيه داستان ۾ "سيف الملوڪ" جي معشوقه جو نالو.

• **بَدِيلُ:** صفت. [ع] مثيل ـ نظير. جهڙو. ثاني.

• **بُدَيْلُ:** اسم خاص. (بُديَلُ بن طِهفَة) هڪ عرب سپه سالار جو محمد بن قاسم ڪان اڳ ديبل بندر تي حملي وقت شهيد ٿيو (جنهن جي قبر ٽِي صديءَ ۾ مؤرخ بلاذريءَ جي ڏينهن تائين ديبل ۾ موجود هئي).

• **بَدِين:** اسم خاص. سنڌ جي هڪ ضلعي جو نالو.

• **بَدين پوٽا:** اسم خاص. سنڌ جي هڪ قبيلي جو نالو (اڪثري حيدرآباد ۽ ڪراچي ضلعن ۾).

• **بَديِهَ:** صفت. [ع. بَدَهَ = اوچتو مٿان پوڻ] اوچتائي ـ بيساختگي. حاضر جوابي ("بابَديهه" = ٺهه ٺپ، اُتي جو اُتي جوڙ: "عَلَي البَديه، عَلَي البَديهَة = اوچتو. سواءِ تياريءَ يا خيال جي، ٺهه پهه).

— **بَديِهي:** صفت. ظاهر ـ پڌرو. عقل موافق. يقيني. فطرتي. سُياويڪ.

— **بَديهي اَمْرُ، ڳالهه:** ث. جنهن ڳالهه ۾ دليل يا ثابتيءَ جي ضرورت نه پوي.

— **بَديهي شَعر:** ذ. اُهو شعر جو سواءِ ڪنهن تياريءَ جي هڪدم چئي وڃجي.

• **بِديهِي:** ذ. صفت. [سن. وِديهي < و = جدا + ديهه = بدن] جنهن کي پنهنجي سرير جو ڏيان نه هجي ـ جسم جي حالات کان بيخبر. لاُابالي.

• **بِڏَ (ت):** ث. سامان جي ڳنڍ ـ بِڊَ.

• **بِڏي ج بِڏيُون:** ث. [سن. وِڌ] چال چلت ـ هلت چلت. قانون ـ قاعدو. حڪم.

• **بَڏ (ڪ):** ت. گُڪ ـ ڪُٻ.

• **بِڏّ (ت):** ث. نشان. حقيقت ـ اصليت ـ بنياد. چالاڪي.

• **بَڊَ ج بَڊُونْ:** ث. اُٺ کي ڪَڇُن وٽ گاٺ سبب ٿيل ڦَٽُ. بڊي ـ هڙ (ل. ڪ). ڏندن جي مَرهي ـ مَهار.

— **بَڊ هَٽڻ:** اُٺ جي ڪوڙيءَ جو ڪَڇُن کي لڳڻ ۽ گاٺ ڪرڻ.

— **بَڊون پِرجي پوڻ:** مَهارون پَرجي پوڻ.

• **بَڊِ ج بَڊيُون:** ث. [ع. بَدْرَه] هَڙَ ـ پَري. نندڙي ڳنڙي. سُست ماڻهو. ڪل ـ اَڌوڙ.

• **بِڊَ ج بِڊُونْ:** ث. [ع. بَدْرَة] وڏي هڙ ـ ڳنڙي. پَري ـ بُنارڪ. نندڙي ڳنڙي. دُنبي يا ٻڪريءَ جي کَلَ (جا ٽيلهن ناهڻ ۾ ڪم اچي). (صفت) سُست ـ ٽوٽي.

• **بَڊا (بَڊْرا) ج بَڊائُون (بَڊْرائون) (ل):** ث. دغا ـ ٻيائي ـ ڪوٽ "اسان کي ڪنهن ٻه قِسم جي بَڊا. دل ۾ آهي ٿي ڪانه" (جملو).

• **بَڊاماڻِي پِترو:** اسم خاص. "بَڊاماڻي" ذات مان سنڌ ۽ ڪڇ جي هڪ سورهيه سَردار جو نالو (جنهن لاکي سان مقابلو ڪيو هو) "آڄ گهُرجين يار، بڊاماڻي پُنرا" (شاهه: ڏهر).

• **بَڊاڻِي (بَڊْراڻي):** اسم خاص. مري بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.

• **بَڊِڙي ج بَڊِڙِيُونْ:** ث. [سن. بَدْرَه] نندڙي هڙ ـ بِڊَ.

• **بِڊِڪڙو ج بِڊِڪڙا (ت):** ذ. صفت. پِتڪڙو ـ نندڙو. (ذ) ڪُڪڙ جو هڪ قسم.

• **بَڊو:** ذ. [سن. ڀادْرَ] سنبت جي ڇهين مهيني جو نالو.

(صفت) جانورن جو هڪ رنگ ـ گـَڊو (ڪ).

• **بَڊوڪو ج بَڊوڪا:** ذ. [ع. بَدْرَه] وڏي هَڙ ـ وڏي بَڊ. پُٺارڪَ. وڏي ڳوٿري يا ٿيلهو. ٻانْهُن وِڏيل جسم ـ ٻَيري. (صفت) ٿُلهو ٿَنْيرو ـ مَتارو (ماڻهو). (ث) بَڊوڪـِي ج بَڊوڪـِيون.

• **بَڊوڪو (بَڊْروڪو) ج بَڊوڪا (بَڊْرُوڪا) (ل):** ذ. ٻاڻيءَ ۾ اُڀرندڙ گاهه جو هڪ قِسم (ٻَن ويڪرو، اڪثر پاڻيءَ جي پڪين جو ڪاڄ ٿئي) ـ تماڪ رکڻ جي ڳوٿري.

• **بَڊي (بَڊْري) ج بَڊِيُون (بَڊْرُيُون):** ث. [ع. بَدْرَه] چمڙي جي ڳوٿري (جنهن ۾ پئسا وغيره، يا ٻي ڪا شيءِ وجهي رکجي) ـ هميانـي. اَڻ ڪَتريل ڳهَٽي (يا ٻڪريءَ وغيره) جي رَڱيل کَلَ (جا عموماً ڪوهستان ۾ اَٽي وجهڻ جي ڪم اچي). ٻِري ـ بَڊ. هٿَن پيرن وِڏيل جسم ـ ٻُيري. ڇَٽي ـ بارُ ـ ٻِري (ل). ٻَڪريءَ جو هڪ رنگ (ڪ).

— **بَڊي ٿي پوڻ:** سُست ٿي پوڻ. ٻئي تي بار ٿي پوڻ.

• **بَذلُ:** ذ. [ع] بخشش. ڏاڻ. عطيه.

• **بَذْلَه:** ذ. [ع. ف] ظرافت ـ چرچو ڀڳهو. خوشطبعي. مسخري.

• **بَذْلَه سَنجُ:** ذ. صفت. ظريف ـ نڪته دان. ٻوڳائي ـ چرچائي.

— **بَذْلَه سَنجي:** ث. ظرافت. نڪته داني. چرچو ڀڳهو ـ ٻوڳ. خوشطبعي.

— **بَذْلَه گـو:** ذ. صفت. خوشطبع ـ چرچائي ـ ظريف.

— **بَذْلَه گـوئِي:** ث. ظرافت ـ بَذله سَنجي.

• **بُرْ:** حرف جر. [ف] تي ـ مٿان. اسم مفعولِ اڳيان اچي 'صفت' يا 'ظرف' جي معنيٰ ڏيکاريندڙ "بُرْگَشته، بَرجَسْته".

— **بَرآمَدْ:** ث. [ف] نتيجو. آمدني ـ اُپراسو. خرچ. روانگي ـ نيڪال.

— **بَرآمَدْگـِي:** ث. [ف] واپسي ـ روانگي. حاصلات ـ پيداوار.

— **بَرآمَدَه:** ذ. [ف] ورانْڊو.

— **بَرآوَري:** ث. [ف] پُورت ـ پورائي ـ سرانجامي.

— **بَرآڇڻ:** پُورو ٿيڻ (مقصد، اِرادو) ـ سَرانجام ٿيڻ.

— **بَر اَفْروخْتَه:** صفت. [ف] ڪاوڙيل. غصي ۾ ڀريل. ڀڙڪايل ـ چيڙايل. روشن.

— **بَراَنْگيخْتَه:** صفت. [ف] ڪڙو ڪيل ـ اُڀاريل ـ ڀڙڪايل.

— **بَرباد:** صفت. [ف] ناس ـ چٽ.

— **بَرتَرْ:** صفت. [ف] تمام اُتاهون ـ وڌيڪ بلند. وڌيڪ درجو رکندڙ.

— **برتَري:** ث. [ف. بُرْتَر] مٿانهين ـ بلندي ـ اُچائي. وڏائي ـ عظمت.

— **بَرتَرِين:** صفت. [ف] سڀ کان مٿانهون.

— **بَرتَقْدِير:** ظرف. [ف. بَر = تي + ع. تقدير] 'فرض ڪري وٺو ته'.

— **بَرپا:** ظرف. [ف] پيرن تي (بيٺل) ـ پيرن ڀر. کڙو ـ قائم.

— **بَرپا ڪَرڻ:** کڙو ڪرڻ ـ اُٿارڻ. قائم ڪرڻ.

— **بَرجا:** ظرف. [ف] جاءِ تي جائيتو ـ ٺيڪ ـ موزون. برابر ـ واجبي.

— **بَرجَسْتَه:** ذ صفت. [ف] پهلوان ـ چُست ـ چالاڪ نامور ـ مکيه.

— **بَرچَشْم:** ظرف. [ف] اکين تي، منظور ـ قبول.

— **بَرحال:** ظرف. [ف+ع] برابر ـ واجبي ـ موزون. قائم.

— **بَرحَقّ:** ظرف. [ف+ع] حق تي ـ سچ تي. برابر ـ درست ـ بجا ـ سچ پچ. سچو ـ ٺيڪ ـ صحيح.

— **بَرخاسْت:** ظرف. [ف] مهمل.

— **بَرخِلاف:** ظرف. [ف+ع] اُبتڙ ـ مخالف ـ ناسازگار. (صفت) دشمن ـ ويري.

— **بَرداشْت:** ث. [ف. بُرداشْتَنْ = سهڻ] سَهڻ جي طاقت. تحمّل ـ بُردباري ـ ڪانڌ.

— **بَردَوامُ:** ظرف. [ف + ع] دائما ـ سدائين. هميشه.

— **بَرزَبان:** صفت. [ف] زبان تي. ياد ـ ڪَنْٺ ـ حفظُ.

— **بُرسَرْ:** ظرف. [ف] مٿي تي ـ سِر تي. مٿان. (ظَرف) آخر ـ نيٺ.

— **بَرسَرِ اِقْتدار:** صفت. [ف+ع] عزت وارو. اختيار وار.

— **بَرسَرِ بازار:** ظرف. [ف] بازار ۾ ـ کليو کلايو ـ پڌريءَ پٽ.

— **بَرسَرِ پيڪار:** ظرف. [ف] جنگ جي حالت ۾. جنگ ۾ مصروف ـ لڙائيءَ ۾ رُڌل.

— **بَرسَرِ مَطلب:** ظرف. [ف. بَرسَر + ع. مطلب] اصل مقصد تي.

— **بَرصوابُ:** ظرف. [ف+ع] ٺيڪ ـ برابر ـ صحيح ـ پُورو.

— **بَرطَرَف:** ظرف. [ف+ع] پاسي تي ـ علحدو ـ پاسيرو ـ الڳ ـ جدا. خارج ـ موقوف (ملازمت مان).

— **بَرعَڪْس:** ظرف. [ف+ع] اُبتڙ ـ خلاف ـ اُلْٽو.

— **بَرقَرارُ:** صفت. [ف+ع] بحال ـ قائم ـ ثابت.

— **بَرڪِنار:** ظرف. [ف] هڪ پاسي. ڌار ـ الڳ.

— **بَرگـَزِيدو ج بَرگـَزِيدا:** ذ. صفت. [ف] چونڊيل ـ ڏٺيل. مقبول ـ محبوب. نيڪ ـ بزرگ. ڪامل ـ پهتل. معزز ـ معتبر.

— **بَرگـَشْتو ج بَرگـَشْتا:** ذ. صفت. [ف. بَرگـَشْتَه] اُبتو ٿيل ـ ڦِريل. پريشان (حال). بدبخت ـ نياڳو.

— **بَرمَحْل:** ظرف. [ف+ع] موقعي تي ـ بروقت ـ ٺهه پهه.

— **بَرملا:** ظرف. [ف] کُليو کلايو ـ ظاهر ظهور ـ پڌريءَ پٽ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **برموقعُ:** ظرف. [ف+ع] موقعي تي ـ مهل سر.

– **بروقتُ:** ظرف. [ف+ع] اُنهيءَ مهل ـ اُتي جو اُتي ـ تڏي تي ـ تڙي ڪڙي.

• **بَرُ:** ذ. [ف. بَرِدن (=بار کڻڻ) > بَر] ڦَلُ ـ ڦَر ـ ثمر. حاصل ـ فائدو. [زنْد. وَرَ] پاڪر. ڇاتي. عورت جو سينو.

– **برخوردارُ:** ذ. صفت. ڦَل کائيندڙ. مُرادوند. نيڪ بخت (پٽ).

– **بردارُ:** صفت. ميوي وارو (وڻ) ـ ميويدار ـ ثمردار.

– **برڪَڇڻ مٿڻ:** سينو ساهڻ ـ برابري ڪرڻ ـ برميچڻ.

• **برُ:** صفت. [ع. "بَري" جو مخفف] پاڪ. ڇُٽل. بيزار.

• **بَرِ ٿيڻ:** آزاد ٿيڻ. صاف ٿيڻ.

• **برِ:** ظرف. برابر "بَر نہ تنهن بَرو بَري، ڪينچل آهہ ڪُجا" (رمضان ڪنير).

– **براَچڻ:** برابر ٿيڻ. هڪجهڙو ٿيڻ.

– **بروجڻ:** تعميل ۾ اَچڻ.

• **بَرُ ج بَرَ:** ذ. [ف. بَر] ويڪر ـ موڪرائي ـ مُنڊو. ڪپڙي جو پنو ـ عَرض. [ع. بَرّ] رڻ پٽ ـ بيابان "بَر پڻ ڪن بُڪاءَ اُڪنڊيا آريءَ لاءِ گهڻو" (شاهه). وسيع مُلڪ (جنهن ۾ پرڳڻا گهڻا هجن) ـ ڪنڌ. تڪل حالت ۾ وهنجڻ يا پاڻي پيئڻ ڪري بدنَ ڪُرڃي پوڻ جي حالت (ت).

– **بر اَعْظَمُ:** ذ. وڏو ڪنڌ.

– **بَرِيتُ ج بَرِيتَ:** ذ. بيابان ـ رڻ پٽ. غيرآباد زمين. ويرانو ـ سُڃَ.

– **برلاهڻ (ت):** ٿَڪُ پچڻ. تعدي ڪرڻ. جماع ڪرڻ.

– **بر مُنهَن ڏيڻ. ڪرڻ:** جهنگ مُنهَن ڪرڻ ڪنهن نامعلوم هنڌ ڏانهن وڃڻ.

• **بِرُ:** ذ. [ع] چڱائي ـ نيڪي ـ ڀلائي.

• **بِرَ ج بِرَ:** صفت. [سن. وِراڌ] بيزار ـ هلاڪ ـ ڪڪ. وراڏل ـ ڪاوڙيل. تاهڙ (چوپايو مال).

– **براڻو ج براڻا (ت):** ذ. صفت. وراڏل ـ سخت ڪاوڙيل.

– **برَّتي بيهڻ:** ڪاوڙ ۾ پرچي يا مچي بيهڻ. شنگ تي بيهڻ.

– **برَّٿيڻ:** بيزار ٿيڻ ـ تنگ ٿيڻ. تکو ڪاوڙجڻ. ٺَهڻُ.

– **برڪرائڻ:** ڪاوڙائڻ. ورچائڻ ـ ڪڪ ڪرائڻ.

– **برَمُنهون:** ذ. صفت. سوند مُنهون ـ مُنهن سوڄل. بدشڪل.

• **بُرُ:** ذ. [ع] ڪڻڪ ـ گندم "تمر بُرّ بريان اَن جا، ڪاڄ خرما، ڪيڻ" (سيد هارون).

• **بُرُ ج بُرَ:** ذ. [ف. بُريدن] بيدولو. (وڏيل، مِنو يا لڙڪيل نڪُ. ويڊيل يا مِني نڪ سان مُنهن ـ بُوناڙ ـ دوناڙ. پيٽ ـ شڪم (ل). ڏند ـ ڇَتي (ل). وَڏ ـ چيرُ ـ چيهہ (ڪ). ٻڪرين جو ڌڻ (ڪ). (ذ. صفت) نَڪ ڪپيو ـ بي نَڪو ـ بُرو. بدچال.

– **بُرِيڻ:** گهرج پُوري ڪرڻ. ڇَتي پرڻ (ٻئي جي پاران). نقصان جي پورائي ڪرڻ.

– **بُرُ ٿيڻ:** ناهہ پوڻ سبب چوپايو مال هڪ هنڌ گوڙهہ ٿيڻ. جدا ٿيڻ (ڪ).

• **بَرابَرُ:** ظرف. [ف. بَرابَر = بَرْ + اَ + بَرْ = سيني سان سينو] هموار ـ سنئون ـ سڌو. هڪجهڙو ـ ثاني ـ مَٽ. پيچي. هموزن. پُورو ـ ٺيڪ ـ صحيح ـ درست. (ث) رياضيءَ ۾ ڪم ايندڙ هڪ نشاني (=).

– **برابر ڪرڻ:** هڪ سنوت ۾ آڻڻ. هڪجهڙو ڪرڻ. سنوارڻ. پورو ڪرڻ. ٺيڪ ڪرڻ ـ درست ڪرڻ. هموزن ڪرڻ.

– **برابرو:** ذ. برابري.

– **برابرو ڪرڻ:** برابري ڪرڻ. همسري ڪرڻ. سينو ساهڻ. مقابلو ڪرڻ.

– **برابري ج برابريُون:** ث. هڪجهڙائي ـ يڪساني ـ موافقت. هموراي. هموزنائي. پُورائي. همسري ـ مقابلو.

– **برابري ڪرڻ:** همسري ڪرڻ. مقابلو ڪرڻ.

• **سينو ساهڻ:** مَٽ پوڻ. گستاخي ڪرڻ ـ بي ادبي ڪرڻ.

• **براتَ ج براتُون:** ث. [ع. بَرآءَة = ڇوٽڪارو معافي. بيزاري. ڇتاءُ. نوٽيس] چٺي. فرمان ـ حڪم. سَند ـ پروانو. بينڪ جو چيڪ. اَمان. ڇوٽڪارو. بيزاري. [سن. وَرات = ميڙ. جماعت. لشڪر. جڄ] جَڃَ. جڃُ. خوشي ـ عيد ("عيد برات يا شب بَرات" = شعبان مهيني جي چوڏهين رات، جا مسلمان عيد ڪري ملهائيندا آهن). پَتن (راند) جو هڪ رنگ.

• **براتي ج براتي:** ذ. صفت. ڇوٽڪاري جو پروانو يا سند وٺندڙ. روزي وٺندڙ. گهوٽيتو ـ جاڃي.

• **بَراتُ:** صفت. چمڪندڙ ـ منوّر ـ نُوراني. تمام سفيد.

• **بُراتو ج بُراتا (ڪ):** ذ. ويهن پنجويهن ٻڪرين جو ٽولو.

• **براپِتي:** ث. ڪپهہ جو هڪ قسم (وڏن ڦينجهن واري عمدي ڪپهہ. جا ڍاڪا ۾ پوکجي ٿي).

• **براجُ ج براجَ:** ذ. [انگ. barrage] درياءَ کي ڏنل دروازن وارو ٻنڌو. دريائي بند.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• بَراڄَ ڄ بَراڄُون: ث. بَراڄُ.

• بِراڄمانُ ڄ بِراڄمانَ: ذ. صفت. [سن. وِراڄمانَ = چمڪندڙ، عمدو، سُهڻو] روشن ـ منوّر. جلوه گر ـ رونق افروز ـ جلويدار.

— بِراڄمان ٿيڻ: زينت بخشڻ (مجلس کي) ـ صدر بنجڻ ـ مير مجلس ٿيڻ. مجلس ۾ رونق افروز ٿيڻ.

• بِراڄڻُ: مصدر. [سن. وِراڄَ = چمڪڻ، مظاهرو ڪرڻ، راڄ ڪرڻ] سينگارجڻ ـ ٺَٺُ وٺڻ. ٺٺ ۾ رهڻ ـ مزا ڪرڻ. (براجيو ـ براجيندو ـ براجيل).

• بَراڏَ ڄ بَراڏُون: ث. [ع. بَرآءَة: سن. وُرات] بَراتَ. جڃ. مجلس ـ محفل. عيد برات ـ شب برات ـ عيد. شادي ـ خوشي "جا بَراڏ بتن جي، سا اُڄ بک آديسين" (شاهه).

— بَرادي ڄ بَرادي: ذ. صفت. ڏسو "بَرانِي". لنگهو (جو جڃ ساڻ گڏ جهنگ جهر مان دهل وڄائيندو هلي) "سمر آهي سَڄ ۾، وفادار برادي" (رسالو: ڏناسري). ماڻهوءَ جو نالو.

• بِرادَرُ: ذ. [ف. بِرادر = ڀاءُ، سن. ڀِراتُرَ، پِراتا = ڀاءُ] ادو ـ ڀاءُ. مٽ ـ مائٽ ـ عزيز. هم قوم. راڄ شريڪ. هم مذهب.

— برادر ڄ برادريُون: ث. برادري ـ ڀائپي ـ نيات ـ ڀائچاري. مائٽي. ذات.

— بِرادَرِ اَخياني: ذ. اُهو ڀاءُ جو ساڳيءَ ماءُ مان هجي پر پيءُ ٻيو هجيس ـ مائيتو ڀاءُ.

— بِرادَرِ اَعْياني: ذ. سَڳو ڀاءُ.

— بِرادَرانه: صفت. ظرف. ڀائپيءَ واري نموني جو.

— بِرادرانِ يُوسِفَ: ذ. (ف. يوسف جا ڀائُر جن خيانت ڪئي هئي) مخالف ڀائُر.

— بِرادَرجو مُنْهُن (ت): محاورو. ڀائپيءَ جو ڏوهه. ذات وارن جو ڏوهه. مٽي مائٽيءَ جو پَلئُ.

— بِرادَرِ حَقِيقي: ذ. سڳو ڀاءُ.

— بِرادَرخوانْدگي: ث. ڀاءُ سڏائڻ جي حالت.

— بِرادَردِين: ذ. دين ڀائي. بِرادَرِ رضاعي ـ ٿڃ شريڪ ڀاءُ.

— بِرادَرِرضاعي: ذ. ٿڃ شريڪ ڀاءُ.

— بِرادَرزادو ڄ بِرادَر زادا: ذ. صفت. ڀاءُ جو پٽ ـ ڀائٽيو. بِراديءَ جو ٻارُ.

— بِرادَري ڄ بِرادَريُون: ث. ڀائپي ـ ڀائيبندي مٽي مائٽي. عزازت. قرابت. نيات ـ ساڳي قوم. جماعت.

— بِرادري ڪَرڻ: ڀائپي ڪرڻ. ڀلائي ڪرڻ. سگ ڪرڻ.

— بِراديءَ مان ڪَڍڻ: راڄ مان ڪيڍڻ. جماعت يا نيات مان ڪيڍڻ.

ٽالهيءَ ڀاڄيءَ مان ڪيڍڻ ـ ڦيلهيءَ مان ڪيڍڻ.

• بَرادِيا: اسم خاص. لس ٻيلي طرف مسلمانن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• بَرازُ: ذ. [ع] پائخانو ـ ڪرفتي "بُو. بِزار = ٽورو پيشاب".

• بُراقُ ڄ بُراقَ: ذ. [ع] اُها سُواري جنهن جي ذريعي حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جن معراج رات يروشلم کان آسمان تي پهتا.

— بُراقُ ڪَرڻ (ت): بيمار يا زخمي گهوڙي کي سير وجهڻ.

• بُراڪَ ڄ بُراڪُونَ: ث. [انگ. barrack] لشڪر جي رهڻ جي جاءِ ـ ڇانوڻي ـ سپاهه خانو. سامائجڻ کي ويجهي (چوڪري) ـ بالغ ٿيڻ واري وڏي چوڪري.

• بُراڪي ڄ بُراڪِيُون (ٿ): ث. واڍڪي ڪم جو هڪ اوزار.

• بَرانْدو ڄ بَرانْدا: ذ. [ف. بَرآمده] ورانڊو. آڳنڊ ـ دالان.

• بُرّانُ: صفت. [ف. بُريدَنُ = وڍڻ] وڍيندڙ ـ تکو ـ تيز.

• بُرانِجُ: ذ. گاهه جو قسم (لَنب جهڙو). سدائين سائو اَنُ ڏٺ طور کائجي.

• بِرانْچَ ڄ بِرانْچُونَ: ث. [انگ. branch] شاخ. ڀاڱو ـ حصو. وڏي واهه مان نڪتل ننڍو واهه.

— بِرانْچ اِسْڪُولُ: ذ. وڏي اسڪول سان لاڳاپيل ننڍو اسڪول.

— بِرانْچ پوسٽ آفِيسَ: ث. وڏي پوسٽ آفيس سان لاڳاپيل ننڍي آفيس.

• بِرانْڊي ڄ بِرانْڊيُونَ: ث. [انگ. brandy] ولايتي شراب جو هڪ قسم.

• بِراٽُو ڄ بِراٽا (ت): ذ. صفت. [سن. وِراڏَ > سنڌي. بِرَ > بِراٽُو] وراڏل ـ ڪاوڙيل ـ غُصي.

• بَرْآوَرْدُ: ذ. [ف] ضرب ـ ڪوڙو. تخمينو. حساب ـ ليکو. حاضريءَ جو نقشو. پگهار جو بل.

— بَرآورد ڀڄڻ: ضرب ڪرڻ ـ ڪوڙو ڀڄڻ.

— بَر آورد ڪَرڻ: حاضري وٺڻ. حساب ڪرڻ.

• بَراهِماڻي: اسم خاص. بلوچن جي مختلف قبيلن ۾ پاڙن جو نالو.

• بَراهُوئِي: اسم خاص. ڏسو "بَروهي".

• بَراءِ ڄ بَرائُون (ڪ): ث. [ف. بَلا] زحمت ـ تڪليف ـ مصيبت.

— بَرائُون ڪَٽڻ: بلائون ڪٽڻ. زحمتون ڪٽڻ.

حُوت (مڇي). آتشي بُرج: حَمَلُ (گهيٽو)، اسد (شينهن)، قوس (ڪمان). بادي بُرج: جَوزا (جاڙا)، ميزان (ساهمي)، دَلُو (ڏول)، خاڪي بُرج: ثَور (ڏڳو)، سُنْبُلَهْ (سنگ) ۽ جَدي (ٻڪرو)]. تارن جو ميڙ. شاخ ـ چوٽي "اڄ رسيلا رنگ باد ڪديا بُرجن سين" (شاهه).

• **بَرْجا:** ظرف. [ف. بر = بي + جا = جاءِ] جايائتو ـ هنڌائتو. برابر ـ ٺيڪ پورو. واجبي ـ موزون. (ث) جميعت ـ ماٺ ـ بيفڪري (لس).

• **بـرج ڀاشا:** ث. بـرج علائقي (مترا ۽ ان جي آسپاس وارو ملڪ جنهن ۾ بندرابن، گوڪل وغيره شامل آهن) جي ٻولي (جا سنسڪرت جي ڀاشائن ۾ فصاحت ۽ بلاغت ڪري ممتاز آهي).

• **بَرْجَسْتو ج بَرْجَسْتا:** ظرف. [ف. بَرجَستَه] بروقت ـ برمحل ـ عين موقعي تي ـ وقت تي. (صفت) چُست ـ چالاڪ ـ ڪڙو تڙو. نمايان ـ ممتاز.

• **برجُل ج بـرجُلُون (ت):** ث. نارجي چڪر ۾ پيل هڪ ڪائي ـ پرجُل.

• **بَرْجلوت ج بَرْجلوتُون:** ث. [انگ. bridge-load] ڪارتوسن واري بندوق. (صفت) تيز رفتار.

• **بَرْجَنْگُ ج بَرْجَنْگَ:** ذ. [سن. مرِدنگ] هڪ قسم جو ساز ـ مِردنگُ (دهل) "ساز سارنگيون سُرندڙا، وڄائين بَرجنگ" (رسالو).

• **بَرْجَڻُ (ت):** فعل مجهول. [برجڻ > بَرجڻ] ٿڪ سبب بيمار ٿي پوڻ. ٿنگون چڙهي پوڻ ـ ڪُڙجي پوڻ. (بريو ـ بربو ـ بريل).

— **بَرجي پوڻ:** بدن ڪُڙجي پوڻ. جسم ونجي پوڻ. ٻُت سڪي پوڻ. ڏاڍو ٿڪ ٿيڻ.

• **بِرجيسُ:** ذ. [ع] مُشتري گرهه (جو ڇهين آسمان تي آهي، ۽ "سَعد" ليکبو آهي. "فلڪ جو قاضي" بـ چونس).

• **بَرْجَڻُ (ڪ):** مصدر. [بَر اَچڻ > بَرجڻ] مشابهت رکڻ. هُوبهو هُجڻ. ٺهي وڃڻ. (بَرجيو ـ بَرجيندو ـ بَرجيل).

• **بِرجُ ج بِرجَ:** ذ. [سن. وِرڪشه = وڻ] ورکُ ـ وڻ ـ درخت.

— **بَـرْجي بَردار:** ذ. صفت. نيزي بَردار ـ ڀالي وارو.

• **بَرْحالُ:** ظرف. [ف] حال تي. قائم. ٺيڪ ـ صحيح ـ درست.

• **بَرْحَقُ:** ظرف. [ف. بَر(=تي) ع. حَقَ (=سچ) = سچ تي. حق تي] سچ ـ ٺيڪ ـ درست ـ بجا ـ برابر. (صفت) حق تي ـ سَچو "الله هيڪ، محمد برحق. شال مان چوان حرف اهي ئي" (شاهه).

• **بَرْخاسْتُ:** ظرف. [ف. برخاستن =اٿڻ] بس ڪري اٿڻ. ختم ـ بند. موقوف.

— **بَرخاست ڪرڻ:** اُٿڻ (ڪچهري) ـ بند ڪرڻ. موقوف ڪرڻ. لاهڻ (نوڪريءَ مان).

• **بَرْخلاف:** ظرف. [ف. بَر + ع. خلاف = اُبتڙ] اُبتڙ ـ اُلٽو ـ ناموافق. مخالف. دشمني ڪندڙ ـ منگهُرو.

— **بَرخلافي ج بَرخلافيون:** ث. مخالفت. دشمني.

• **بَرْخو:** ذ. بَرٿو ـ بَرقو.

• **بَرْخُوردارُ:** ذ. صفت. [ف. بَرخُور = شان. آسودگي، بخت، روزينو + دار = رکندڙ] خوش بخت. روزي بردار. پُٽ جو لقب.

• **بَرْدُ:** ث. [ع] ٿَڌ ـ سردي.

• **بَرْدُ (ڪ):** ذ. رازڪي ڪم جو هڪ اوزار ـ اوساريءَ جي سڌائي جانچڻ جو اوزار ـ شاهَلُ.

• **بَرْدُ ج بَرْدَ:** ذ. [سن. بَليوَرْدَه] ڏڳو ـ ڏاند ـ بيل ـ ٻَڙدُ (ل) "ڏاگهنئون ڏيرن، آندا برد پنيور ۾" (شاهه).

• **بِرْدُ ج بِرْدَ:** ذ. [سن. وِردَ = واڪارو، خوشي، دولت؛ هـ. بِرَدُ = ناموس، نالو، ساراهه] ناموس ـ ساراهه ـ نيڪنامي. عزّت ـ آبرو ـ وقار ـ شان. پَت ـ لَڄ ـ شرم ـ ننگ.

• **بُرْدُ:** ث. [ف. بُرْدَنْ = کٽي وڃڻ] حاصلات ـ آمدني. نفعو. رشوت. شطرنج راند ۾ هڪ ڌر طرف فقط 'بادشاهه' جو اڪيلو رهجي وڃڻ واري حالت (جنهن کي اڌ راند چوندا آهن). اَڌ مڻ جو پٿر. ڳجهارت. ٻٽاپٽي ڪپڙو.

— **بُرد يماني:** ث. ريشمي پٽا پٽي ڪپڙي جي پوشاڪ.

— **بُرد ڏيڻ:** شطرنج راند ۾ مخالف جو صرف بادشاهه بچائڻ. ڏؤ يا مستيءَ مان ٻٽاڪ هٽڻ (ڪ) هڪ جي ٻي ٻُڏائڻ. آڏو جواب ڏيڻ.

• **بَرْدارُ:** ث. [ف. بَـر = تي + دار = سُوري] ڦاسي ـ سُوري ـ موت "لالن ڪارڻ لڄ. پاسيائين بردار جي" (شاهه).

• **بَرْدارُ:** ذ. صفت. [ف. بَـردارْ > برداشتن = کڻڻ] اسم جي پٺيان "کڻندڙ" جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ "دست بردار. عَلم بردار وغيره". [ف. بَـر = ميوو + دار] ميويدار ـ ڦلدائڪ (وڻ). بَروارو ـ موڪرو (ڪپڙو).

• **بَرْداشْتُ:** ث. [ف] سهپ. طاقت. تحمّل ـ بُردباري ـ ڪانٺ.

— **برداشت خاطر:** ظرف. بيزار ـ اُداس ـ بيدليو. رنج ـ غمگين.

— **برداشت ڪرڻ:** سهڻ.

— **برداشْتَه دِل:** ظرف. بيدليو. ڏسو "برداشت خاطر".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **بَـرْدانُ:** ذ. [سن. وَرَ = گهوٽ + دانَ = سوکڙي] وهاڻءِ جي سوکڙي. دعا جو جواب.

• **بُـرْدِ بارُ ج بُـرْدِ بارَ:** ذ. صفت. [ف. بُـرْد < بُردن = کڻڻ + بار] بار کڻندڙ. همت وارو. برداشت ڪندڙ ـ سهندڙ. صابر ـ گنڀير. ڪانڊ وارو ـ مُتحمّل ـ ديرينو.

— **بُردبار ٿيڻ:** گنڀير ٿيڻ. صبر وارو ٿيڻ ـ ديرينو ٿيڻ.

— **بُردباري:** ث. حِلم ـ صبر ـ ڪانڊ ـ ڌيرج ـ ٺهر.

• **بُرْدِ بانُ ج بُرْدِ بانَ:** ذ. [ف. بادْبان] ٻيڙيءَ جو سِڙهُ.

• **بردو ج بردا:** ذ. [ف. برده] غلام ـ ٻانهو ـ گولو. جنگي قيدي.

• **بَـرْدَوامُ:** ظرف. [ف] دائم ـ سانده ـ هميشه.

• **بَـرْدَهُ:** صفت. [ف] بَردو.

— **برده فَروشُ:** ذ. صفت. ٻانهن جو واپاري ـ غلام فروش.

— **برده فَروشي:** ث. ٻانهن جو واپار ـ غلامن جي تجارت.

• **بُـرْده:** صفت. [ف] ڪَنيل ـ ڀڄايل (عورت، چوڪرو وغيره).

• **بُرده فَروش:** ذ. صفت. اُهو ماڻهو جو چوڪريون ڀڄائي يا خريد ڪري اُنهن کان ڪسب ڪرائي يا وڪڻي. پانڊي ـ ڪچر ـ ڀڙوو.

• **بُـرْدَهُ:** ذ. [ع] پوچڻُ (قصيده بُرده" = بوهيريءَ وارو قصيدو جنهن جي چوڻ ڪري خواب ۾ رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم پنهنجو پوچڻ سندس ڪلهن تي ڍڪيو. جنهن ڪري سندس سڀ درد دفع ٿي ويا).

• **بُـرْدي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو (جنهن جا چوويهه پاڙا آهن: اَرباڻي بُردي، ٻجاراڻي، بابڪاڻي، بڪراڻي، بنگلاڻي، بنگوار، چيلاڻي، ڏاهاڻي، گجاڻي، گبول بُردي، گولا، گاڏهي، گورشاڻي، جعفري، جبلاڻي، ڪنراڻي، ڪٽوهر لولائي بُردي، مغيري بُردي، مستوئي، نناڏاڻي، نوحاڻي بُردي، تيغاڻي، عمراڻي).

• **بَـرْديتُ:** ذ. [سن. وَيتالڪ] چارڻ ـ مداحي.

• **بِـرْڏ ج بِـرْڏا:** ذ. [بـِرڏ < بِرڏُ] ننگ ـ ناموس ـ عزت ـ آبرو. لڄ ـ شرم. [سن. وِرڌ] پوڙهو ـ ٻڍو.

• **بَـرْڏَڻُ:** مصدر. [سن. ١. وِرڌ = وڌڻ. ٢. بلِيوَرد > بَرد > بَرڏ = ڏِڳو] واڌارو ڪرڻ. ڏِڳي ڏِڳو ميڙاائڻ. اڳ جهلائڻ. (بَرڏيو ـ بَرڏيل).

• **بَـرْڙُ بَـرَڙُ ج بَـرْڙَ بَـرَڙَ:** ذ. صفت. وڏو ـ تمام وڏو. چالاڪ ـ هوشيار ـ عيار.

— **بَرڙ باڪاسُ، بَرڙباڪاسُ:** ذ. راڪاس کان به وڏي بلا ـ ديوُ. خوفائتو ـ ڀوائتو. طاقتور ـ ظالم. وڏي آواز سان ڳالهائيندڙ. رشوت وٺندڙ ـ راشي. ڪاٺُو ـ ڏرو.

• **بَرڙ:** اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَـرْڙاٽُ ج بَـرْڙاٽَ:** ذ. هوا خارج ٿيڻ جو وڏو آواز. ٻَٽاڪ ـ ڌاڙ ـ لاف ـ لٻاڙ. ڇيڇٽ ـ زيٽ. ريح جو آواز ـ وڏو ٽٽ.

— **بَرڙاٽ ڪرڻ:** ريح سان فضلو به خارج ٿيڻ. وڏو ٽٽ ڏيڻ. ڌيڪ ڏيڻ ـ ڌاڙڻ. مَستي ڪرڻ (ت).

— **بَرڙاٽ هڻڻ:** ٻَٽاڪون هڻڻ ـ ڌاڙون هڻڻ.

— **بَرڙاٽي ج بَرڙاٽي:** ذ. صفت. ڌاڙي ـ لٻاڙي ـ ٻَٽاڪي. ڦاٽوڙو دهل.

• **بَرڙو ج بَرڙا:** ذ. "بَرو" جو اسم تصغير ننڍن ڪنن وارو ڇيلو (ت). هَرڻ ۽ ٻڪريءَ جي ميلاپ مان پيدا ٿيل ڇيلو (ل).

• **بَـرْڙي (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **بَـرْزُ:** ذ. رازڪي ڪم جو هڪ اوزار ـ چونارو ـ مارو. شاهل. (اسم خاص) هڪ جبل جو نالو.

• **بَـرْزَخُ:** ذ. [ع] ٻن جاين جي وچ ۾ پَردو يا وٿي. موت بعد قيامت تائين رهڻ وارو عرصو. مسلمان جي عقيدي موجب اُها جاءِ جنهن ۾ مرڻ کان وٺي قيامت تائين روح رهندو.

• **بَـرِسُ ج بَـرِسَ:** ذ. [سن. وَرِشَ] ورهيه ـ سال.

• **بُـرِسُ ج بُـرِسَ (ت):** ذ. ڪاغذ جو تير (جو بُرش بدران ڪمانگر ڪم آڻين).

• **برسات برساتِ، ج برساتيون برساتون:** ث. [سن. وَرشَرتَ] مينهن ـ بارش.

— **برساتي ج برساتي:** ذ. صفت. برسات وارو ـ مينهن وارو.

• **بَـرْساتِي ج بَـرْساتِيون:** ث. بارش کان بچائيندڙ ڪوٽ يا جُبو. گهوڙن جي هڪ بيماري ـ بَدڪنار.

• **بَـرْسامُ:** ث. [ف] سيني جو سُور ـ ذات الجنب.

• **بَـرْسائڻُ:** مصدر. [سن. وَرْشِ = وسڻ] وسائڻ ـ آباد ڪرائڻ. بنائڻ ـ سينگارڻ. اَنَ جي واڌ ڪرڻ. (برسايو ـ برسائيندو ـ برسايل).

• **بَـرْسَرُ:** ظرف. [ف] مٿي تي ـ مَٿان "جي هجين عاشق ته برسر مينهن محبت جو وساءِ" (سچل).

— **برسَرِ اِقْتِدارُ:** محاورو. اقتدار ۾ آيل. اَثر يا رسوخ وارو. طاقتور. حڪومت ڪندڙ ـ حاڪم. ناظم امور.

— **برسر بازار:** ظرف. کليو کلايو ـ پڌري پٽ.

— **برسر ڪرڻ:** مٿي تي رکڻ ـ قبول ڪرڻ. پاڻ تي هموار ڪرڻ.

• **بَرسِنيو ج بَرسِنيا:** ذ. سنيهو ـ پيغام ـ نياپو "بَرسِنيو

بهرام کي، منهنجو پانڌي نيئي پهچائي" (منو ڪوسو).

- **بَرِسَنگ:** ذ. [ف] ٻن شين جي وچ ۾ اڻتل پوري ڪرڻ جو وَٽ ـ آهن ـ پاسنگ.
- **بَرِسَڻُ:** مصدر. [سن. وَرِش = وسڻ] مينهن وسڻ ـ بارش پوڻ. مُلڪ وسڻ. زمين آباد ٿيڻ. گهڻي آمدني ٿيڻ. ظاهر ٿيڻ. تيار ٿيڻ. (بَرسيو ـ برسيندو ـ بَرسيل).
- **برسائڻُ:** مصدر. "بَرسڻ" مان متعدي بالواسطه. وسائڻ ـ بارش ڪرڻ. آباد ڪرڻ. مُلڪ وسائڻ. سهڻو بنائڻ ـ سينگارڻ.
- **برسجڻُ:** مصدر. "بَرسڻ" مان فعل مجهول. آباد ٿيڻ. وسڻ. سينگارجڻ. وڌڻ.
- **بَرِسَڻُ:** ذ. گاهه جو هڪ قسم ـ بَرسيم.
- **بَرِسو:** ذ. "دل پسند" راند ۾ اهو داءُ جنهن جي ڪَٽڻ سان ٽيٽي رقم ملي.
- **بَرسِي ج بَرِسِيُون:** ث. [سن. وارِشڪ] ٻارهين مهيني تي ملهايل ڏينهن ـ سالگرهه ڪنهن فوتيءَ جي ٻارهين مهيني ملهايل ورسي.
- **بَرسِيمُ، بَرسِينُ:** ذ. گاهه جو هڪ قسم ـ بَرسينگ.
- **برسِينگُ:** ذ. گاهه جو هڪ قسم ـ برسيم.
- **بُرِشُ ج بُرِشَ:** ذ. [انگ. brush] وارن يا وار جهڙن تاندورن سان جُڙيل ڪاٺيءَ وغيره جو ٽڪرو (جنهن سان ڪپڙو، بُوٽ، ڏند وغيره صاف ڪجن) ـ مُوقلم.
- **بَرِشڪالُ:** ذ. [سن. وَرِش = مينهن + ڪال = وقت] برسات جي موسم ـ مينهن جي مند.
- **بَرَصُ:** ذ. [ع] ڪوڙهه جو مرض (ٻه قسم: 'بَرص ابيض' = اڇو ڪوڙهه ۽ 'بَرص اَسوَدُ'= ڪارو ڪوڙهه).
- **بَرِطانيه:** اسم خاص. [انگ. Britannia] برٽن ـ انگلنڊ.
- **بَرِطَرف:** ظرف. [ف. بَر + ع. طرف] پاسي ـ پري ـ الڳ ـ علحده. خارج ـ موقف.
- **بر طرف ڪرڻ:** ٽارڻ ـ پاسي ڪرڻ. موقوف ڪرڻ. نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏڻ.
- **برطرفي:** ث. نيڪالي ـ علحدگي. موقوفي.
- **بَرِعَڪسُ:** ظرف. [ف. بر+ ع. عَڪس] اُبتڙ ـ خلاف. مختلف.
- **بَرِغلائڻُ:** مصدر. [ف. برغلائيدن] ڦيرڻ ـ ٿيڙڻ (بدنيتيءَ سان). ڀنيلائڻ ـ ڌوڪو ڏيڻ ـ ورغلائڻ. (بَرغلايو ـ برغلائيندو ـ بَرغلايل).
- **بَرِفُ:** ث. [ف] جميل پاڻي ـ يَخ. سخت ٿڌ.
- **برفاني:** ذ. صفت. برف جو ـ بَرف وارو. برف پوڻ واري علائقي جو. تمام سرد مُلڪ يا ٿڌيءَ هوا جو.
- **برفباري:** ث. برف وسڻ جي حالت.
- **برف پَروَرِد:** ذ. صفت. برف ۾ ٿڌو ٿيل يا ڄايل.
- **برف پوڻ، وَسڻ:** سخت سردي پوڻ ـ پارو پوڻ.
- **بُرِفَتَ:** اسم خاص. سنڌ ۽ لس ٻيلي جي ڪوهستاني علائقن ۾ رهندڙ قبيلي جو نالو. (اصطلاحاً) جابلو جوان "وٺي ور وات ٿيا، بُرفت بروهي" (شاه).
- **بَرِفي:** ث. [ف. برف] کير مان ٺهيل (برف جهڙي اڇي) مٺائي.
- **بَرِقُو:** ذ. ڏسو "بَرتو".
- **بَرِقَ:** ث. [ع] بجلي ـ وڄ ـ ڪِنوڻ. گاٽ جي طاقت سان بنايل هٿرادو روشني.
- **برق اَنداز:** ذ. صفت. بندوقچي. پاسبان ـ پهريدار.
- **برقي ج برقي:** ذ. صفت. بَرق جو ـ بجليءَ جو.
- **بُرقعو ج بُرِقعا:** ذ. [ع. بُرِقَع] نقاب. زالن جي سَتر ڪرڻ لاءِ هڪ خاص قسم جو سبيل ڪپڙو (جنهن سان سڄو بدن ڍڪجي ويندو آهي). صوفين جي اصطلاح ۾ مراقبي ڪرڻ وقت مُنهن ڍڪڻ تي رکي متان سڄي جسم کي لڪائڻ يا ڍڪڻ جي چادر "بُرقعان اندر بازيون، پنهنجو سپ پچاءِ" (شاه).
- **بُرقعو مٿائڻ:** مري وڃڻ ـ لاڏاڻو ڪرڻ.
- **بُرقعي پوش:** صفت. بُرقعي پائيندڙ (زال) ـ پرهيزواري (عورت).
- **بُرقعي ۾:** محاورو. بُرقعي اندر ـ پردي ۾. لڪ ڇپ ۾ ـ ڳجهه ڳوهه ۾.
- **بُرقعي ۾ سُرڪو:** محاورو. بُرقعي اندر بدمعاشي.
- **بَرِڪُ ج بَرِڪَ (ڪ):** ذ. [ف. بَرَڪ = اُٺ جي ملس جو ڪپڙو صدري] تمام وڏي ڳوڻ ـ ٻوجهو ـ برڪي.
- **بَرَڪات:** ث. [ع. بَرَڪَة ج بَرَڪات] بَرڪتون ـ دعائون "بابَرڪات = برڪتن وارو".
- **برڪَتَ ج برڪَتُون:** ث. [ع. بَرَڪَة] واڌ ـ زيادتي ـ ڪثرت ـ گهڻائي. دعا ـ آسيس. ٻلائي طُفيل ـ وسيلو. ڳڻڻ يا تورڻ مهل "هڪ" جي بدران ڪم ايندڙ لفظ.
- **برڪت پوڻ:** واڌ ٿيڻ ـ ڪثرت ٿيڻ. فائدو پوڻ.
- **برڪت نڪرڻ:** ڪوٽ پوڻ. گهٽتائي اچڻ. نحوست اچڻ.
- **برڪتي ج برڪتي:** ذ. صفت. بَرڪت وارو. فائدي وارو.

• **بـَرڪـتـي:** ث. سَرڪشي ـ انحرافي ـ نافرماني. مقابلو.

• **بـَرڪـڻ:** ث. اُتر اولھ جي ڪُنڊ ڪان لڳندڙ هوا (جا تيز لڳڻ سبب ٻيڙياتن لاءِ نقصانڪار هوندي آهي. مهاڻا اُن وقت ٻيڙيون نہ هلائيندا آهن: انهيءَ هوا ۾، سنگن ۾ ٻيڙيل اَنَ پڻ مري ويندو آهي). جهڪ. اُتر اولھ جي تڏي هير.

• **بـِرڪو ج بـِرڪا:** ذ. [ع. بِـرڪَہ] تلاءُ ـ حوض.

• **بـَرڪو ج بـَرڪا:** ذ. [انگ. (boring= سوراخ ڪيڻ) > borer= سوراخ ڪيندڙ اوزار] بندوق جي ناليءَ ۾ تنگ ڪرڻ لاءِ ڪم ايندڙ اوزار (لوهہ جو گرمٽ يا برمو).

• **بـَرڪي ج بـَرڪيون:** ث. [ف. بَـرڪـي = ڏڳهي نموني جي ڪُلاهہ] ڪپهہ وغيره جي وجهڻ لاءِ وڏي ڳوڻ ـ بَـرڪَ (ڪ).

• **بـَرڪ، برڪت (ث):** ذ. [ع. برڪة] اضافو ـ واڌ. دُعا. 'ماڻ' سان اَنَ پرڻ وقت يا فصل جي پيدائش تورڻ وقت ڳاٽيتي جو 'پهريون واڪ' (يعني تہ دعا ۽ برڪت خاطر 'هڪ' جي بدران 'بُرڪ' يا 'بُرڪت' چوندا).

• **بـَرڪ ج بـَرڪ:** ذ. صفت. [ع. بَرڪة] برڪ = ڳاٽيتي ۾ پهريون ـ پهريون ـ سڀ کان اول. عزت وارو ـ معتبر. اڳرو ـ وڏيڪ. [سن. پـَرمُڪ] ناميارو ـ مشهور. [سن. وَرْش] ورهيہ ـ سال.

• **بـِرڪ:** ذ. [سن. وِرِش = ڍڳو] تارن جي ٻارهن بُرجن مان هڪ بُرج جو نالو (جو ڍڳي جي شڪل تي ٺٺي ٿو) ـ ورڪ ـ ثور. [سن. وِرڪش] وڻ ـ درخت.

• **بـِرڪنڊ (ث):** ث. ڍڳهو ۽ ڳهانو وڻ.

• **بـَرگ ج بـَرگ:** ذ. [ف] پَنُ ـ پَنو. توشو ـ سامان ـ سمر. اسباب. وڄائڻ جو هڪ ساز. [سن. وَرگ] هڪ طبقي جي ماڻهن جي محفل. هڪ قسم جي شين جو ميڙ. هڪڙي مخرج جا اکر.

ـ **برگ سَبزُ:** ذ. سائو پَنُ ـ ٿورڙو نذرانو ـ ڦُلن مُٺ. غريباڻي سوکڙي "برگ سبزيست، تحفه درويش".

ـ **برگ گـُل:** ذ. گلاب جي گل جو پن. (ڪناية) معشوق جا چپ ۽ ڳل.

ـ **برگ و باڻي ڪرڻ:** چُڪو ڦُڪو ڪرڻ ـ نيرن پاڻي ڪرڻ ـ هيانءُ جهَل ڪرڻ. ٿڪُ پچڻ.

ـ **برگ ونوا:** ذ. سامان ـ توشو ـ سامگري.

• **بـَرگزيدو:** ذ. صفت. [ف. بـَرگزيده] چُونڊيل ـ ڏٺيل. مقبول ـ محبوب. وڻيل. پهتل (شخص) ـ سڳورو ـ نيڪ (ماڻهو). وڏو (ماڻهو) ـ معتبر ـ معزز.

• **بـَرگـَشتو برگـَشته:** صفت. [ف. بـَرگشته] ڦريل ـ اُلٽو ٿيل پريشان.

ـ **برگشته اَختر:** ذ. صفت. (تاري ڦريل) بدنصيب ـ نياڳو.

• **بِرلُ ج بِرلَ:** ذ. [سن. بِلوَ، وِلوَ] بيل يا ڪويٺ جو وڻ (جنهن جو ميوو تمام مِٺو ٿيندو آهي، ۽ هن وڻ جا پن شِو مهراج جي پاڪ پوڄا ۾ ڪم ايندا آهن).

• **بـَرما:** اسم خاص. مشرقي پاڪستان (اوير بنگال) جي اُڀرندي وارو لاڳو ملڪ.

• **برما بوٽي:** ث. پساري وکر جو هڪ قسم (هڪ قسم جي گاهہ جا سُڪل پن، ۽ هيڊي ۽ سبزرنگ جون ڪائيون).

• **بـَرملا:** ظرف. کليو ڪلايو ـ ظاهر ظهور ـ پڌريءَ پٽ. ديناداستي ـ ڏنو وائنو "سُڄن جي ستائيو، بُڄن برملا" (رسالو: ڏناسري).

• **بـَرمڻ (ل):** مصدر. ٽهڻ ـ پري پڄڻ. (برميو ـ برميندو ـ برميل).

• **بـَرمو ج بـَرما:** ذ. [ف. برمه] سوراخ ڪيڻ جو هڪ اوزار ـ گرمٽ. ننڍي سيرائي. نل وارو کوهہ بند جي پاسي ۾ ماڻهن جي اچ وڃ جو رستو (ت).

• **بـُرمو:** ذ. [ع. بُـرمه] ديگڙو ـ ديگ.

• **بـَرمَہ:** ذ. [سن. پـَرمَہ = مزوري. پارو. سون. هڪ سِڪو. ڏن] هڪ سِڪو (سوا ٻہ رتيون تور).

• **بـَرمي:** ث. [هـ. برهمي] پساري وکر جو هڪ قسم (زمين تي ڇٽ هڻندڙ هڪ ٻوٽي، جا پاڻيءَ جي ويجهو اُڀرندي آهي. پن ننڍا، گول ۽ هڪ طرف کان ڪليل ٿين) ـ زرنبُ (ف) ـ جرجر ـ جرجير (ع).

• **بـَرميچڻ:** مصدر. [برمجيدن] پاڻ کي ٻئي جهڙو سمجهڻ ـ برابري ڪرڻ ـ سينو ساهڻ ـ مقابلو ڪرڻ "مرد جو مهريءَ سان برميچڻ بادي" (حفيظ تيونو: مومل راڻو).

• **بـَرَن:** ذ. [سن. وَرَڻ] وَرَن. رنگ. رُوپ ـ صورت. ذات ـ قومر. فرقو ـ پنٿ. بيان ـ تعريف.

• **برنُج:** ذ. [ف] جانور ـ چوڪا.

• **برنُج:** ذ. [ف] پتل. ٽامو.

ـ **برنجي:** صفت. پيتلي. ٽامائي.

• **بُرنَجُ ج بُرنَج (ت):** ذ. [ع. بُـرجُ > بُرنج] چوٽي ـ ٽل. متانهين جاءِ. اعليٰ درجو. پينگهي جي پاين جي گول نوڪدار چوٽي.

ـ **بُرنَج تي هُجڻ:** خوش هجڻ ـ راضي هجڻ. هوش ۾ هجڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **بورنگو ج بُرنگا (ل):** ذ. مُنهن ـ ٻوٿ ـ ڏوناڙ.
• **بَرني ج بَرنيون:** ث. [ف] شيشي، پٿر يا چيني جو وڏي مُنهن وارو اُيو ٿانءُ (جنهن ۾ مُربو، آچار وغيره رکجي) ـ مرتبان ـ ڪُولو (ت).
• **بَرنِٽي ج بَرنِٽيون:** ث. ڏسو "بَرني".
• **بَرو ج بَرا:** ذ. [ف. بَرَه = ڳهَٽو هرڻ جو ٻچو، غزال] هَرڻ جهڙو هڪ قسم جو ٻڪر (ل) ـ چِٽڪمرو ٻڪر (ل) ننڍن وارن ۽ ننڍن ڪنن وارو ٻڪر (ل). ٻڪرو ـ ليلو ـ ڇيلو. (ث). بَري ج بَريُون]. (صفت) بَر وارو ـ ويڪر وارو "ٻہ بَرو، ٽہ بَرو، وڏ بَرو وغيره".
• **بُرو ج بُرا:** ذ. صفت. [سن. ١. اَوَرَ = هيٺ، نيچ؛ ٢. وِرُوپَ > و = خراب + روپ = شڪل] خراب ـ بُڇڙو ـ بَد ـ ڪِنو. بَدحال. نڪ ڪپيل ـ نڪ وڍيل ـ نڪ ڇِنل. ويڌل يا ننڍي نڪ وارو ـ مِنو (ت). ڇِنل نڪ وارو اُٺ (جنهن جو مهار ٽوپينديءَ نڪ ڇجي پوي). نرلجو ـ بيشرم.
— **بُرو ڀانئڻ:** بُڇڙو سمجهڻ. ناگوار محسوس ڪرڻ. خراب لڳڻ (ڳالهائڻ).
— **بُرو ڀلو ج بُرا ڀلا:** ذ. صفت. چڱو مَنو ـ نيڪ بَد.
— **بُرو ڀلو چوڻ:** چڱو منو چوڻ. گهٽ وڌ ڳالهائڻ. گارگند ڪرڻ.
— **بُرو وَقتُ:** ذ. خراب وقت ـ مصيبت جو وقت. تنگي مسڪيني. نياڳ.
• **بُرو:** اَمر. [بلوچڪي: ف. بِرو] هليو وڃ "بُرو قازا بات جنين جي، ٿانگو رَوان ٿيشي".
• **برو بَر:** ظرف. [ف] بَرابر ـ درست ـ ٺيڪ ـ صحيح. هڪ جهڙو ـ هڪ جيترو ـ پُورو. ٺَڪ سَٺ. بيشڪ ـ حقيقتاً.
— **برو بَري:** ث. بَرابري ـ همسري ـ هڪ جهڙائي. (صفت) برابر ـ هڪ جهڙو "بَر نہ تنهن بروبري، ڪينجل آهہ ڪُجا" (رمضان ڪنير).
• **بُرُوٽ:** ث. [ف] مُڇون.
• **بَروٿا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر خيرپور رياست ۾).
• **بُروچا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **بُرُودَتْ:** ث. [ع] سَردي ـ سيءُ ـ ٿڌ.
• **بُرُوزْ:** ذ. [ع] ظهورو.
• **بَرُوقت:** ظرف. [ف. بَـر + ع. وقت] اُنهيءَ مهل ـ اُنهيءَ وقت. اُتي جو اُتي ـ تڙي ڪڙي ـ ٺهہ ٺهہ. تڏي تي.
• **بُروڪي (ل):** ث. سنهون ڪپڙو.
• **بَرومَنْدُ:** ذ. صفت. [ف] ڦلدائڪ. آباد. شاهوڪار ـ آسودو. خوش قسمت ـ ڀَختاور. راضي. زور وارو.
• **بِرُونْ:** ظرف. [ف. "بيرون" جو مخفف] ٻاهر "دَرُون" جو ضد.
— **بِرون خانَہ:** ذ. ٻاهريون گهر. اوطاق ـ مهمان خانو.
• **بَرُوو:** ذ. هڪ راڳڻيءَ جو نالو. هڪ قسم جو پکي. وڻ جو هڪ قسم (تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ 'محب شاه ملنگ' جي مزار تي انهيءَ قسم جو اڪيلو وڻ، جنهن کي اُتي جا ماڻهو 'بروو' سڏيندا آهن). (صفت) مريض ـ بيمار. گهايل "بِرهہ خود برو و بنايس، ٻُت بچائي ڇا ڪريان" (احمد ملاح).
• **بِروهي:** اسم خاص. بلوچستان جي مخصوص بلوچ قبائل جو مشترڪ نالو.
• **بَرَهُ:** ث. [سن. پُورَہ، پُرواهَ] پاڻيءَ جو ساندهہ وهڪرو. سيلاب ـ اُٿل ـ ٻوڏ. چَڙ ـ ليٽ ـ بَرهو.
• **بِرهُ:** ث. [سن. وِدَا] جنس ـ قسم ـ نوع. ٺئين وَٿ.
• **بِرهَہ ج بِرهَ:** ذ. [سن. وِرَه > وِ = ٻري + رہ = ڇڏڻ] جدائي ـ وڇوڙي جو درد. ورهہ ـ فراق ـ ڦوڙائو "بِرهہ مٿايس بَر، نہ ٿہ سُڪي ڪير سڏون ڪري" (شاهہ). حُبَ ـ محبت ـ عشق.
• **بَرهاري (ٿ):** ث. سونف ـ وَڏُف.
• **بُرهانُ:** ذ. [ع] روشن دليل ـ يقيني ثابتي (دليل ۽ بُرهان ۾ هي فرق آهي، جو دليل عام آهي ۽ بُرهان خاص).
— **بُرهان اَني:** ذ. 'معلول' مان 'علت' ثابت ڪرڻ جي حجّت (١. جسم ٺهيل آهي. ٢. سڀ ڪنهن ٺهيل (شيءِ) جو ٺاهيندڙ هوندو آهي. ٣. تنهن ڪري جسم جو بہ ضرور ٺاهيندڙ هوندو).
— **بُرهان سُلّمي:** ذ. (ڏاڪڻ وارو بُرهان) اُهو دليل جنهن جي رستي 'لامتناهي' سلسلو ثابت ڪجي.
— **بُرهان قاطعُ:** ذ. صاف ۽ فيصلو ڪندڙ دليل. فارسيءَ جي هڪ مشهور لغت جو نالو.
— **بُرهان قياسي:** ذ. اُها يقيني حجّت جنهن مان يقيني نتيجو حاصل ٿئي ۽ نہ ظنّي (شڪي). (١. سيڪو اِنسان حيوان آهي. ٢. سيڪو حيوان جسم آهي. ٣. تنهن ڪري سيڪو انسان جسم آهي).
— **بُرهان لِمي:** ذ. اُهو دليل جنهن مان 'علّت' (=سبب) کان 'معلول' (= اَثر) ڏي وڃجي (١. زيد جا خلط بانسي آهن. ٢. سڀ ڪنهن بانسي خلطن واري کي تپ ٿيندو آهي. ٣. تنهن ڪري زيد بہ تپيل آهي).
• **بَرهرو ج بَرهرا:** ذ. ميِنهن جي وس جو آل جاڻ پاڻي. بَرهہ.

پوڙ. اُتل ـ ليٿ ـ چَرَ.

• **بِرَهَسپَت:** ذ. [سن. وِرِ هَسپَت < وِرَهَس = واڌ، دولت + پَت = مالڪ] ديوتائن جي روحاني استاد جو نالو. هڪ گرهه جو نالو ـ وِسپَت ـ مُشتري (ف).

• **بَرَهَمُ:** صفت. [ف] بگڙيل ـ چڙوچڙ ـ بي ترتيب ـ پريشان. ڏمريل ـ ناراض.

ـ **بَرهمي:** ث. گڙٻڙ ـ اَبتري ـ اِنتشار.

• **بِرَهَمُ:** ذ. [سن. بَرَهمَ] خدا تعاليٰ ـ ذات پاڪ مطلق. وياپڪ عالمگير روح.

ـ **برهمانندُ:** ذ. [برهم+آنند] وياپڪ روح ۾ محويت جي خوشي ـ ڪمال سعادت.

ـ **برهم گيانُ:** ذ. علم اِلاهي.

ـ **برهم گياني:** ذ. صفت. اِلاهي علم جو ڄاڻندڙ.

ـ **برهم وِديا:** ث. ايشور جي سُڃاڻپ جو علم ـ علم معرفت.

• **بِرَهما:** اسم خاص. [سن. بُرَهما] هندن جي 'تِمورتي' جو پهريون شخص. خالق.

• **برهماراتري:** ث. روشن ڏگهي رات.

• **برهما نڇٽ:** سَجَ هڇڻ ـ پيينگ هڇڻ.

• **بِرَهماڻي:** اسم خاص. مسلمانن جي مختلف پاڙن جو نالو (اڪثري نوابشاهه، حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾). لغاري قبيلي جو هڪ پاڙو.

• **بِرَهمپُترا:** اسم خاص. "پاڪ ـ پارت" برصغير جي هڪ نديءَ جو نالو.

• **بِرَهمچاري ج بِرَهمچاري:** ذ. [سن. بُرَهمچاريه] اُهو برهمڻ جو جٺيءَ پائڻ کان وٺي پرڻي (گرهست) تائين سَتو جَتو رهي ۽ مذهبي تعليم حاصل ڪندو رهي. مذهبي طالب العلم يا شاگرد ـ وديارٿي.

• **بِرَهمچَريَه:** ث. [س. بُرَهمچَريه] مقدس اپياس. مذهبي شاگرد. برهمڻ جي حياتيءَ جو پهريون آشرم (جنهن ۾ هُوَ سَتو جَتو گذاري ۽ گُروءَ جي صحبت ۾ ويدن جو اپياس ڪندو رهي). عصمت ـ پاڪبازي. زهد ـ رهبانيت.

• **بِرهمُ ڏنڊي:** ث. پسارڪي وکر جو هڪ قِسم (گاهه جو هڪ قِسم، رنگ سائو ۽ زرديءَ مائل، سواد ڪڙو).

• **بِرَهمڻي:** ث. سرڻ جو هڪ قِسم (جنهن کي هندو وشنوءَ جو پکي سمجهي گهڻو مان ڏيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن پوڄا خاطر هٿ سان ڪاڻو ڪارائيندا آٿس).

• **بِرَهمَڻُ ج بِرَهمَڻَ:** ذ. [سن. بُرَهمَڻُ] ويدن جو اُهو حصو جو 'برهمڻ' جي تعليم لاءِ آهي. هندن جو هڪ پوتر ڪتاب (جنهن ۾ ويدن جي رسمن جي تشريح آهي). هندن جي چئن ورنن مان پهريئين ورن وارو (جو هندو عقيدي موجب برهما جي مُک مان پيدا ٿيل آهي). ويدن جو ڄاڻو ـ پنڊت ـ پانڌو.

ـ **بِرَهمَڻ گهراڻو:** اسم خاص. سنڌ جي هڪ حڪمران هندو خاندان جو نالو (جو عربن کان اڳ سنڌ تي حڪومت ڪندو هو. هن گهراڻي جا ٽي حاڪم ٿيا، چچ، چندر ۽ ڏاهر).

ـ **برهمڻو:** ذ. صفت. برهمڻن جو.

• **بِرَهمَ وَرت:** اسم خاص. [سن. بُرَهماوَرتَ] سرسوتي ۽ وِرشوتي ندين جي وچ واري زمين (دهليءَ جي اُتر اولهه ۾) ـ مَڌيه ديش ـ آريه وَرت.

• **بِرَهمو سماج:** اسم خاص. [هه] 'برهمو' مت جي جماعت (جا ١٨٣٠ع ۾ راجا رام موهن راءِ بنگال ۾ برپا ڪئي ۽ پوءِ سڄي هندستان ۾ پکڙجي ويئي). بِرَهمن جو مندر.

• **بِرَهمي:** ث. [سن. بُرَهمي] ٻوٽيءَ جو هڪ قِسم (جنهن جو تيل دوا طور ڪم اچي).

• **بِرَهنگي:** ث. [ف] اوگهڙ ـ عُرياني.

• **بِرَهنَه:** ذ. صفت. [ف] اُگهاڙو ـ ننگو ـ عُريان.

• **بَرَهو:** ذ. [سن. پُرَواهَ] پاڻيءَ جي ساڻڍ وهڪ ـ بَرهَ. پوڙ ـ سيلاب.

• **بِرهو:** صفت. دوست يا محبوب کان وڇڙيل.

• **بِرهي ج بِرهي:** ذ. صفت. [سن. وِرَهَ = جدائي] جدا ٿيل ـ وڇڙيل. وڇوڙي جي درد جو ماريل. برهه وارو ـ محبت جي درد وارو.

• **بَرءِ (ڪ):** ث. ماٿوءَ کان ٿهندڙ ٻڪري.

• **بَري ج بَري:** ذ. صفت. [ع. بَريءُ] بيگناهه ـ بي قصور. بيزار.

ـ **بَريءُ الذِمّه:** صفت. جوابداريءَ کان آزاد.

ـ **بَري ٿيڻ:** آزاد ٿيڻ ـ ڇُٽڻ (الزام کان).

ـ **بَري ڪرڻ:** آزاد ڪرڻ ـ ڇڏڻ ـ بند خلاص ڪرڻ.

• **بَرِّي ج بَرِّي:** صفت. [ع] بريت جو ـ بياباني ـ صحرائي. خشڪيءَ جو. بيابان ۾ رهندڙ. مِٽيءَ جهڙو ـ مِٽيءَ هاٿو (شاهه). "بَحري" جو ضد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **بري ج بريون:** ث. زناني چولي ۾ ڇاتيءَ وٽ ٺهيل کيسو. ڳچيءَ کان ڇاتيءَ تائين چولي يا قميص جي پٽي (جنهن ۾ بٽڻ پوندا آهن). هنداڻن ۽ گدرن وغيره جي نالين ۾ هيٺين طور ٺهيل ٻجن جي ڇُنگلي. [ف. برّه = هرڻ] ننڍرن لاسڙ وارن سان هڪ قسم جي ٻڪري (جا اڪثر يڪ رنگي ٿئي ۽ قدري هرڻ سان مشابهت رکندي آهي. 'بري' ٻڪريءَ جا قسم: ڪيٽي بري، ڏوڙاڪي بري، وانگاٽي بري، ڪاري بري، ڳاڙهي بري، پوري بري، جهري بري، ٻڳي بري، هيڊي بري، ڪبري بري، ٿاپري بري، بادامي بري، چيني بري).

• **بري (ڪ):** ظرف. ٺهي ٺڪي ٺهڪي ٺهڪي ايندڙ. هوبهو ـ نس پس. هڪ جهڙو ـ مشابهت رکندڙ.

• **بُري ج بُريون:** ث. صفت. ٻڇڙي ـ خراب ـ بد ـ گندي. نڪمي ـ بيڪار.

• **بُرِياٽ:** ث. ٻيڙيءَ ۾ ڪمر ايندڙ هڪ ڪاٺي ('تخت' جي ڦرهين کي جهلي بيهندڙ).

• **بِريان:** صفت. [ف] ڀُڳل. ٻڪل ـ باهه تي سيڪيل. سڙيل ـ جَليل. (ذ) ڀڪل گوشت "هوءِ ۾ ڳنڍجي هوءِ ٿيا، بابُو سي بريان" (شاهه).

• **بِرياني:** ث. [ف] گهڻي گوشت ۽ گيهه وارو زعفراني پلاءُ.

• **بَرِيّت:** ث. [ع] ڇوٽڪارو ـ نجات ـ آزادي ـ رهائي. بيگناهي ـ عصمت.

• **بَرِيدُ ج بَرِيدَ:** ذ. [ف] قاصد ـ ٽپالي ـ پيغام رسائيندڙ.

• **بُرِيدَ:** ث. [ف. بُريدن = ڪپڻ] چانگ ـ ڪاٽ ڪُوٽ ـ ودڪ.

• **بُرِيده:** ذ. صفت. [ف] وڍيل ـ ڪپيل.

— **بُريده دُم:** ذ. صفت. پڇ وڍيل ـ لنڊو.

— **بُريده زبان:** ذ. صفت. زبان وڍيل ـ خاموش.

• **بُريدي:** اسم خاص. [ف. بريده = سوڙهو لڪ، پتڻ] پب جبل جي هڪ لڪ جو نالو (جنهن جو نظارو نهايت ئي وڻندڙ آهي).

• **بريز بريز:** ث. [ف] اجائي تکڙ ـ اُبهرائي ـ جلدائي ـ شتابي. هاءِ گهوڙا ـ واويلا. هُل پيڪرڻ مدد لاءِ پڪار.

— **بريز بريز ڪرڻ، لائڻ:** اجائي تکڙ ڪرڻ يا لائڻ ـ هاءِ گهوڙا ڪرڻ.

• **بريسُ ج بريس:** ذ. [انگ. bracelet] ڪرائيءَ ۾ پائڻ جو ڪنگڻ.

• **بريشَمُ:** ذ. [ف. بريشَمُ، ابريشَمُ] پٽُ ـ ريشم.

• **بريڪ، بريڪُ (ذ) ج بريڪون، بريڪ:** ث. [انگ. brake] روڪ ـ جهَل ـ اَٽڪاءُ. موٽر وغيره کي جهلڻ جو اوزار.

• **بَرِيلي:** ث. [سن. وَهُ + لي] ۾ قيمتي گهوڙي گاڏي ـ ٽانگو. (اسم خاص) هندستان جي هڪ مشهور شهر جو نالو.

• **بَرِين:** صفت. [ف. 'بر' جو مبالغو] سڀ کان مٿانهون ـ بلند ـ اعليٰ. (حرف جر). [ف. بر + اين] هن تي ـ اِنهيءَ تي.

• **بَرِيّه:** ث. [ع] مخلوقات.

• **بَڙُ ج بڙَ:** ذ. [سن. وَٽُ] هڪ مشهور وڻ (جنهن جي هندو پوڄا ڪندا آهن).

• **بڙ، بڙهه:** ث. [هه. بڙائي] اجائي وڏائي ـ ٽيگر. اجائي بڪ.

• **بڙهولُ:** ذ. صفت. وڏ واتو ـ گوڙيلو ـ گهڻو ڳالهائيندڙ.

— **بڙهڪو:** محاورو. موڳو مٽر ـ ڪند ذهن.

— **بڙپيٽو:** ذ. صفت. وڏي پيٽ وارو ـ پيٽي ـ هٻڇي.

— **بڙقاڙ:** ڪوڙيون ڳالهيون ڪرڻ. ڪوڙا الزام هڻڻ. گهڻو ۽ اڏنگو خرچ ڪرڻ.

• **بڙاش (ت). ل):** ث. ٻٽاڪ ـ داڙ ـ لباڙ.

• **بڙائي:** ث. [هه. بڙائي] وڏائي ـ آڪڙ ـ سيٽ.

• **بڙپانڊُ:** صفت. ٻڙيانگ ـ غيرآباد ـ سُڃو.

• **بڙ بڙ:** ث. [پرا. بڊَ بڊَ؛ سن. وَرْوَرْتا] اجايو ڳالهائڻ ـ بڪ بڪ ـ بخي. چپن ۾ ڳالهاءُ ـ پٽ پٽ. گهڻو آواز ـ لڙ ـ گوڙ. ٻٽاڪ ـ داڙ.

— **بڙبڙاڪي:** ذ. صفت. گهڻ ڳالهائو ـ بڪواسي. ٻٽاڪي.

— **بڙبڙ ڪرڻ:** بڪواس ڪرڻ. اجايو ۽ گهڻو ڳالهائڻ. گوڙ ڪرڻ.

— **بڙ بڙيو ج بڙبڙيا:** ذ. صفت. گهڻ ڳالهائو ـ زبان دراز ـ وڏ واتو. ٻٽاڪي ـ لباڙي.

• **بُڙبُڙ بُڙ بُڙ:** ث. [سن. بُدْبُدَ = بوڙيو] پاڻيءَ جي بوڙين ڦاٽڻ جو آواز. حُقي يا چلم جو آواز. چپن ۾ ڳالهاءُ ـ پُٽ پُٽ.

— **بُڙبُڙو ج بُڙبُڙا:** ذ. [سن. بُدْبُدَ] بوڙيو ـ ڦوٽو (پاڻيءَ جو) ـ حباب.

• **بُڙبُنڌُ ج بُڙبُنڌَ:** ذ. صفت. ٿلهو متارو (ماڻهو) ـ مضبوط. تندرست.

— **بُڙ بُنڌ ٿيڻ:** بُت ۾ ورڻ ـ ٿُلهو متارو ٿيڻ.

• **بُڙتِلُ ج بُڙتِلَ (ت):** ذ. صفت. ڏبرو ـ هيڻو ـ ٽڪل.

— **بُڙتيلو ج بُڙتيلا:** ذ. صفت. ڏسو "بُڙتِلُ".

• **بُڙتو ج بُڙتا (ل. ت):** ذ. ٻڪرين يا رڍن جي ڦرن لاءِ تارين ۾ گاهه مان ٺهيل واڙو. برتو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **بڙچو ج بڙچا:** ذ. نيزو پالو.
• **بڙچي ج بڙچيون:** ث. [ف. بَرچي] بڇي ـ پالو. لوهه جي چهنبدار لٺ.
• **بُرد:** ذ. [ف. بُرد] آمدني ـ حاصلات. نفعو رشوت. شطرنج راند ۾ هڪ ڊر جي 'بادشاهه' جي اڪيلي رهجي وڃڻ واري حالت ـ بُرد. سمنڊ جي پاڻي ماپڻ جو اوزار. ڪاري جي رڇ جو هڪ حصو (هڪ گرو پٽر جو بن "ڪندن" جي ملڻ واري جاءِ تي "هيناڙ" سان ٻڌبو آهي"). تمام جهوني شيءِ (ث). (صفت) ناس ٿيل.
— **بُرد ڪرڻ:** ڏوري وڃهي پاڻيءَ جي اونهائي ڏسڻ ـ وتاڻڻ.
• **بُردانو ج بُردانا:** ذ. [هه. بُر بَل = زنانو مخصوص عضوو بول + دان] بول ـ شيردان.
— **بُردانا ڪيڻ:** بول ڪيڻ ـ چيرڻ ڦاڙڻ. ذرا ذرا ڪرڻ ـ چيهاڙيون ڪرڻ. ستياناس ڪرڻ.
• **بُردي:** اسم خاص بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.
• **بڙديرو:** صفت. [سن. وَڏ (= وڏو)؛ وَتَ + ڊيرو] تمام وڏو. تمام گهڻو ـ بي انداز.
• **بڙڪَ ج بڙڪَ (ڪ):** ذ. ڪانگهارو.
• **بڙڪائڻ:** مصدر. بيجا گفتگو ڪرڻ ـ بڪواس ڪرڻ. (بڙڪايو ـ بڙڪائيندو ـ بڙڪايل).
• **بڙڪڻ ج بڙڪڻ (ت):** ذ. صفت. هلڪڙو. سُست.
• **بڙڪڻ:** مصدر. اُڏامڻ ـ ڦٽڻ (رنگ) ـ اُپاٽجڻ (رنگ). (بڙڪيو ـ بڙڪندو ـ بڙڪيل).
• **بُڙڪڻ:** مصدر. بڙ بڙ ڪرڻ. اُپامڻ ـ بڙڪڻ. حقي يا چلم مان آواز نڪرڻ. پٽڪڻ ـ پٽ پٽ ڪرڻ (چپن ۾). پٽ واري الٽي اچڻ (ڪ). پونءِ سان پرجڻ ۽ وهڻ (ڦت. ڦرڙي). (بُڙڪيو ـ بُڙڪندو ـ بُڙڪيل).
— **بُڙڪ. بُڙڪ:** ث. ذ. پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ يا ڪرڻ جو آواز. ڪُڪڙ جي وٽ لاهڻ جو آواز ـ پٽڪ. حقي جو آواز ـ ڏڙڪو. گهوڙي جي پير ٻوڙ پاڻيءَ مان گاهه ڪي چڻڻ واري حالت.
— **بُڙڪائڻ:** مصدر. "بُڙڪڻ" مان متعدي بالواسطه. بڙ بڙ ڪرائڻ.
— **بُڙ ڪِٽو ج بُڙڪِٽا:** ذ. صفت. آواز ڪندڙ ـ بڙ بڙ ڪندڙ. چپن ۾ پٽ پٽ ڪندڙ.
— **بُڙڪو ج بُڙڪا:** ذ. حقي يا چلم جو آواز. جرڦوٽي جي ڦاٽڻ جو آواز. وچ ۾ ٽپ ڏيئي ڳالهائڻ جي حرڪت. پاڻيءَ ۾ ڪنهن شيءِ جي ڪرڻ جو آواز. اوچتو ٽپ ـ ٻڙڌڪ.
— **بُڙڪو پرڻ:** وزم هڻڻ ـ ڦوڪ پرڻ (چلم يا حقي مان).
— **بُڙڪو ڪائڻ:** بڙڪو ڏيئي اوچتو ظاهر ٿيڻ. وچ ۾ ڳالهائڻ.
• **بڙڳ ج بڙڳَ (ل):** ذ. ڪانگهارو.
• **بڙنگ ج بڙنگ:** ذ. صفت. تمام وڏو ـ زبردست ـ گڙنگ.
• **بڙو ج بڙا (ث):** ذ. جيت جو هڪ قسم (جو برسات جي موسم ۾ ڏورن ڪي چڪ هڻي بيمار ڪري).
• **بڙواري:** اسم خاص. تعلقي ڏگهڙيءَ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
• **بڙونڪي ج بڙونڪيون (ڪ):** ث. جيت جو هڪ قسم (جو گرم ڪپڙا ٽڪي) ـ ڏٽو.
• **بڙهه (ل):** ث. ڏڏڙ ـ ڏسڙ.
• **بڙهاٽ ج بڙهاٽ (ل):** ذ. باهه ٻرڻ جو آواز. وڏو آواز.
• **بڙيڪ:** ث. ٽيڪ ـ دست.
— **بڙيڪ هڻڻ:** ٽيڪ هڻڻ.
• **بَز ج بَزَ (ڪ):** ذ. صفت. اَڏائو. ٿلهو. گهاٽو. بوجرو.
• **بُز:** ث. [ف] ٻڪري.
— **بُز اَخفش:** ذ. 'اخفش' جو ٻڪر ('اخفش' نالي هڪ مشهور عرب نحوي هو جنهن هڪ ٻڪر پاليو هو. جنهن کي پنهنجو سبق ٻڌائيندو هو. ۽ جيستائين اهو ٻڪر ڪنڌ نه ڌوڻيندو هو تيستائين ـ پيو ٻڌائيندو هئس). (مجازاً) احمق ـ نادان.
— **بُزدل:** ذ. صفت. ٻڪريءَ جي دل وارو. ڏڄڻو ـ گيدي.
— **بُزدلي:** ث. ڪانئرپڻو ـ گيدپڻو ـ ڪم همتي.
— **بُزغاله:** ذ. ڇيلو.
— **بُزڪوهي:** ث. جابلو ٻڪري ـ جهنگلي ٻڪري.
• **بُن بوز ج بُن بوز:** ذ. صفت. بيوقوف ـ احمق. جاهل ـ جٽ.
— **بزائي:** ث. چريائي ـ بيوقوفي ـ پوڪپائي.
• **بزار ج بزارون. بزاريون.** ث [ف. بازار] ڏسو "بازار". مارڪيٽ.
• **بزاز ج بزاز:** ذ. صفت. [ع. بز = عمدو ڪپڙو] ڪپڙي جو واپاري ـ ڪاپڙي ـ بجاجي. ڦيري ڪري ڪپڙو وڪڻندڙ.
— **بزازي ج بزازي:** ذ. صفت. ڏسو "بزاز". ڪاپڙي ـ بجاجي.
• **بزرجمهر:** اسم خاص. [ف. بزرگ = وڏو + مهر = سج] نوشيروان بادشاهه جي وڏي وزير جو نالو (جو تمام ڏاهو هو).
• **بزرگ ج بزرگ:** ذ. صفت. [ف] وڏو ـ بلند ـ عظيم. وڏيءَ عمر وارو. پريو مڙس. شريف ـ عزت مند ـ معزز. وڏو عالم يا پڙهيل.
— **بزرگانه:** صفت. بزرگيءَ وارو. بزرگ جي لائق.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **بُزرگ دِل:** ذ. صفت. وڏيءَ دل وارو.
— **بُزرگ زادو:** ذ. صفت. شريف زادو. عالي خاندان جو.
— **بُزرگ سال:** ذ. صفت. وڏيءَ عمر وارو.
— **بُزُرگوارُ ج بُزُرگوارَ:** ذ. صفت. وڏو ـ بلند ـ عظيم. عاليشان. شريف. بزرگ. عزت وارو. خدا وارو ـ نيڪ.
— **بُزرگوارانہ:** صفت. بُزرگيءَ جي لائق. شريف.
— **بُزرگ ھمّت:** ذ. صفت. وڏيءَ همّت وارو. حشمتي.
— **بُزرگِي ج بُزرگِيُون:** ث. وڏائي بُلندي. عظمت. وڏ ماڻهپي. شرافت. مانُ ـ عزت. موسيقيءَ جي ٻارهن مقامن مان هڪ مقام.
• **بَزگَرَ:** اسم خاص. [ف. بَزرگر (= ڪاشتگار، هاري) > بَزگر] هڪ ذات جو نالو.
• **بَزگِيرُ ج بَزگِيرَ:** ذ. [ف. بَزّگر = هاري] ڪمي ـ پورهيت. نوڪر.
— **بَزگِيري ج بَزگِيرِيُون:** ث. نوڪري ـ خدمت ـ محنت ـ مزدوري.
• **بَزمَ:** ث. [ف] محفل ـ مجلس ـ سميلن ـ چوياري.
— **بَزم آرا:** ذ. صفت. محفل سينگاريندڙ ـ ڪچهريءَ جو سينگار. محفل جو مور. محفل جو صدر نشين.
— **بَزمِ اَدب:** ث. علم اَدب جي محفل. اَدبي جماعت.
— **بَزم اَفزا:** صفت. مجلس جي خوشي وڌائيندڙ.
— **بَزمِ سُخَنْ:** ذ. مُشاعرو.
— **بَزمگاہَ:** ث. محفل جي جاءِ.
• **بِزَنْ:** امر. [ف. زَدَنْ > زن = هڻ] هڻ! ـ مار! ـ قتل ڪر!.
• **بِزَنجو:** اسم خاص. بروهي بلوچن جو هڪ قبيلو.
• **بُزو ج بُزا (ت):** ذ. آبي پکيءَ جو هڪ قسم (ميرانجهڙي رنگ جو، اڇو ۽ ننڍو پکي).
• **بَسِ:** ث. [ف] ماٺِ ـ چُپ ـ خاموشي ـ سانْت ”ڪانهي بس ٻَهير ڪي، هلچل پي پيئي“ (شاھ). آرام. بندش ـ روڪ ـ جهَل. خاتمو ـ پڄاڻي ـ اِنتها. چيڙو ـ دنگ. (ظرف) ڇٽ ـ ناس ـ ختم. ڪافي ـ گهربل انداز جيترو. فقط. گهڻو ٿي. (حرف استعجاب) ايتروئي! ـ فقط ايترو! ـ رڳو اِهو! (امر جي معنيٰ ۾) بند ڪر! ـ بيهه! ترس! ـ ٿهيو!. خاموش! ـ ماٺ!.
— **بَس ٿيڻ:** ختم ٿيڻ ـ پورو ٿيڻ.
— **بَس ٿِي وڃڻ:** ختم ٿي وڃڻ. ڇٽ ٿي وڃڻ. ڏٻرو ٿي وڃڻ (بدن ۾). بي طاقت ٿيڻ. چپ ٿي وڃڻ ـ ماٺ ٿي وڃڻ.
— **بَس ڪرائڻ:** ماٺ ڪرائڻ ـ چپ ڪرائڻ.
— **بَس ڪرڻ:** پڄاڻي ڪرڻ ـ بيهڻ. توبهه ڪرڻ.

• **بَسَ ج بَسُونْ، بَسيُون:** ث. [انگ. bus] مسافرن جي سُواريءَ جي موٽر بس ـ لاري.
• **بَسُ:** ذ. [سن. وَرْش = وسڪارو] گارين جو ڏوڙيو يا وسڪارو. [سن. وَشْيَہ] وس ـ طاقت ـ زور ـ اختياري. چارو ـ علاج.
• **بُسِ (ل):** ث. مٽي ـ ڌوڙ ـ بُسڙ.
• **بُسُ ج بُسَ:** ذ. [سن. بُسَ] بُوسو (ت). گند ـ ڪچرو (ل). (صفت) [سن. وِرَسَ] ڏپ وارو ـ اوسنو ـ بانْسي. آلوُٺو ـ بيسواد ـ ڦڪو. (ظرف) سنئون سڌو ـ صفا صاف (ت).
• **بَسا:** ظرف. [ف] گهڻو. گهڻا. گهڻو ڪري ـ عموماً.
— **بَسا اَوقات:** ظرف. گهڻو ڪري.
• **بِساتَ ج بِساتُونْ:** ث. [ھ. بِسات: سن. وِسْتَرَ = بسترو: ع. بِساط] بِسترو ـ پٿراٽي. غاليچو. گِلم. سامان سڙو. جائداد. هُوند.
— **بِساتي:** ذ. صفت. گهوررُيو.
• **بِساطَ ج بِساطَ:** ذ: [ع] وڇائڻ جو ڪوبہ ٽپڙ. بسترو ـ پٿرٽي. گلم ـ غاليچو. چوپڙ يا شطرنج راند جو ڪپڙو (جنهن ۾ خانا ٺهيل هوندا آهن) تجارت جو مال. سامان سڙو.
• **بِساطِي ج بِساطِي:** ذ. صت. خُرده فروش. رانديڪا وڪڻندڙ. گهوررُيو.
• **بَساطَتَ:** ث. [ع. بَساطة] رواني. سادگي.
• **بِسالُ:** صفت. [سن. وِشالَ] وڏو ـ ڪشادو. ويڪرو. اڳرو ـ برڪُ.
• **بَسالَتَ:** ث. [ع] بهادري ـ پهلواني ـ شجاعت.
• **بِسانْ:** حرف جر. [ف] مثل ـ وانگر ـ طرح.
• **بِسَبَبْ:** ظرف. [ف. بِ + ع. سَبَبُ] سبب ڪري ـ ڪنهن ڪارڻ.
• **بَسْتْ:** ذ. [ف. بَسْتَن = ٻڌڻ > ماضي. بَسْتْ = هن ٻڌو] عاشق يا معشوق (جنهن سان دل ٻڌجي). پٽڪو ـ دستار. گِنبذ. درگاھ. پناھ گاھ. ڪنڌي. عالم پناھ. جبل. پاڻيءَ جي ورچ (واهن، ڪاهين، وغيره، ۾).
— **بَست و بَنْد:** ز. بندوبست. سامان ٻڌڻ ۽ نسبت.
— **بَست و ڪُشاد:** ذ. پيچ گهڙ. ٻڌ ڇوڙ. ڏاھ ڏاھ.
• **بَسْتُ ج بَسْتَ:** ذ. [سن. وَسْتُ = وِسْتُو] وَٿ ـ شيءِ. سامان سڙو ـ وسلو واڙي.
• **بِہِشتُ:** ذ. [ف. بهشت] ”بهشت“ جو عام اُچار. جنت ـ سرڳ.

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

— **بِشتيِ ج بِشتيِ:** ذ. صفت. بهشتي. پخالي.

• **بِستارُ:** ذ. ڏسو "وِستارُ". تفصيل.

• **بِستاسُرخي:** ث. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جو پسارڪو وکر — هيرا دکني — دَمُ الاَخوين (ع) — خُونِ سياوَشان (ف).

• **بُستانُ ج بُستانَ:** ذ. [ف] باغ — چمن — ڦُلواڙي.

— **بُستان سراءِ:** ث. باغ واري جاءِ (بنگلو).

— **بُستاني ج بُستاني:** ذ. باغائي — مالهي.

• **بِسترُ ج بِسترَ:** ذ. [ف. بِستَرْ سن. وِستَرَ = هنڌ] بسترو — هنڌ.

— **بسترِ اَفَنگ:** ذ. سوڙ — لحاف.

— **بسترنشين:** ذ. صفت. بستري داخل.

• **بِسترو ج بِسترا:** ذ. [ف. بِستَرْ سن. وِستَرَ] هنڌ — وڇاڻو — بستر.

— **بسترو گول ڪرڻ:** هنڌ تپڙ ويڙهڻ. لڏڻ — جاءِ ڇڏڻ.

— **بستري داخل:** ذ. صفت. مريض (جو گهمي ڦري نه سگهي).

— **بستري داخل ٿيڻ:** سخت بيمار ٿيڻ — گهڻو بيمار ٿيڻ.

• **بَستگي:** ث. [ف] لاڳاپو — تعلق. اسباڪ ڪابہ رقم (ڏل وغيره) مقرر ڪري حساب ۾ آڻڻ جي حالت.

• **بَستَهٔ:** صفت. [ف] قابو ٿيل — جڪڙيل. ٻَڌڻ جوڳو — ٻَڌل. جميل — چاول. جادوءَ ۾ ورتل. (ذ) جُزدان. ڳنڍڙي — بغچو.

— **بسته رَحِمْ:** ث. اُها عورت جنهن کي اولاد نه ٿئي — سَنڍِ — عقيم — بغل ٿيلهو.

• **بَستو ج بَستا:** ذ. [ف. بسته] اهو ڪپڙو جنهن ۾ ڪا هڙ ٻڌجي.

• **بَستي ج بَستيوُنْ:** ث. [سن. وَستَ. وَستي < وَسْ = رهڻ] آبادي — وسندي — وسنهَنْ. واهڻ — ڳوٺڙو. آبادي.

• **بُسجَڻُ:** فعل مجهول. [سن. وِرَسَ] پاروٿو ٿيڻ. بانسي ٿيڻ. خراب ٿيڻ. اوسنو ٿيڻ — سينوارجڻ. (بُسيو — بُسبو — بُسيل).

• **بَسُدُ:** ظرف. [ف. به + سَرُ = متو] مَٿي تائين — آخر تائين. مٿي تي سِر تي. مَٿي ساڻ.

— **بَسَر ڪرڻ:** بَرسر ڪرڻ. پُورو ڪرڻ (وقت). پُڄائي ڪرڻ. گذارڻ — گهارڻ. نباهڻ.

— **بَسر مِجِن:** بَرسر ڪرڻ — خوشيءَ سان قبول ڪرڻ.

— **بَسَروَچشم:** محاورو. مٿي ۽ اکين تي. خوشيءَ سان.

• **بِسرات ج بِسراتوُنْ:** ث. [ع. بِشارت > بِسرات] خوشخبري. خوشي. موڙي — دولت — پونجي "سيس اُتاري پئي ڏرون. ميري بہ بسرات" (رسالو: بيراڳ هندي).

• **بِسرامُ:** ذ. ڏسو "وِسرامُ"

• **بُسري ج بُسريوُنْ:** ث. ڳُڙ واري ماني — ڳُرهاڙي.

• **بِسريڪو ج بِسريڪا (ث):** ذ. وهم — گمان. ڀرم.

• **بُسڙ. بُسڙُ:** ث. ث. [سن. بُشْ > بُسَ + ڙ] ڏُڌڙ — ڊِسڙ — ڏوڙ.

— **بُسڙ ۾ پير هڻڻ:** سڌي جواب ڏيڻ کان ٽارڻ — ڳَس ڳَساءِ ڪرڻ. ٽارڻ. آلي وجهڻ.

• **بَسطُ:** ذ. [ع] ڪشادگي — فراخي — وسعت. وضاحت — چٽائي — تفصيل.

• **بِسطامُ:** اسم خاص. خراسان جو هڪ مشهور شهر.

— **بِسطامي:** صفت. 'بِسطام' شهر جو (رهاڪو). (اسم خاص) "بايزيد بسطامي" جو هڪ وڏو اَهلُ الله هو جو وجد ۾ "سُبحاني مااعظم شاني" (پاڪائي آهي مون کي، ڪيڏو نه وڏو منهنجو شان آهي!) چوندو هو "سِرّ سبحاني سلائي. شاهه بسطامي جئين" (ڳل).

• **بِسفائِجُ:** ذ. [ف] دوا طور ڪم ايندڙ ٻوٽيءَ جو هڪ قسم.

• **بِسڪوٽُ، بِسڪيٽُ، ج بِسڪوٽَ، بِسڪيٽَ:** ذ. [انگ. biscuit] اَٽي يا ميدي ۽ سٽپ وغيره مان پڪل مِني يا ڪاري ٽڪي "مِنا بسڪيٽ. ڪارا بسڪيٽ".

• **بِسمِ:** ڪلمو. [ع. بِاسْمِ = اسم ساڻ] "بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيمِ" جو شروعاتي لفظ — (الله جي) نالي ساڻ.

— **بِسمِ الله:** ڪلمو. [ع] "بِسمِ اللهِ الرَّحمٰنِ الرَّحِيمِ" جا پهريان لفظ — "الله جي نالي ساڻ". قرآن مجيد جي هر سورة جي اڳيان ايندڙ ڪلمو. (ث) شروعات — ابتدا. آدرياءَ جو جملو بمعني "ڀلي آئين. مرحبا!". مڪتب ۾ ٻار کي ويهارڻ جي رسم. ('اسم الفعل' امر جي معنيٰ ۾) شروع ڪرا. (ظرف) هائو — چڱو — ڀلي.

— **بِسمِ الله بَرغَلَط:** محاورو. منڍ ۾ ئي غلط. شروع کان ئي اُبتڙ. پهريون ئي ڪم خراب.

— **بسم الله ڪرڻ:** شروع ڪرڻ.

• **بِسمِلُ:** صفت. [ف. بِسْمِلْ > ع. "بِسمِ الله" جو مخفف] ڪُسَل — ذبح ڪيل (جاڪاڻ تہ جانور يا پکيءَ کي حلال ڪرڻ وقت "بِسمِ الله — اَللهُ اڪبر" چئبو آهي). گهايل — قتيل — واڍوڙيل. عاشق. (اسم خاص) شاعر حافظ عبدالله ٽکڙائي جو تخلص.

— **بِسمِل گاهه:** ث. ڪُوس خانو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **بسمي:** ث. [سن. وِسمَن] رک ـ ڪيري ـ ڇارُ.
• **بَسَنْتَ، بَسنتُ:** ث. ذ. [سن. وَسَنْتَ] بهار جي مند (جا چيٽ ۽ ويساک جي مهينن ۾ ٿيندي آهي) ـ گلابي رُت. سَرهڻ جا گل (جي بهار ۾ ڦولارجن). "هندول" راڳ جي هڪ راڳڻيءَ جو نالو.
– **بَسنت پَنچمي:** ذ. هندن جو هڪ وڏو ڏينهن (جو مانگهه مهيني جي پنجين تاريخ تي ملهائين).
– **بَسَنْتي ج بَسَنْتِي:** صفت. بسنت جو ـ بهار جو. بهار جي موسم جو. زردو ـ هيڊو. (ذ) هيڊو رنگ. زرد پوشاڪ.
• **بَسَنْدُ:** ذ. ڏسو "بَسنت".
• **بِسْنِي ج بِسْنِي:** ذ. [سن. وِيَسَنَ (= مصيبت، بڇڙائي، گناهه، پاپ، بدڪاري) >وِيَسنِي = بدڪار، زاني] بدڪار ـ بڇڙو. بشني ـ گِنديچوڙ.
• **بُسَڻُ (ل.ٿ):** مصد. [سن. پِشْ. بَشْتَمْ] پونڪڻ. (بُسيو ـ بُسندو ـ بُسيل).
• **بُسو ج بُسا:** ذ. [سن. بَس] چانورن، جَوَن، وغيره، اناج جون ڪلون. بُوسو.
• **بِسْواسُ:** ذ. [سن. وِشْواسَ] اعتبار ـ پروسو.
– **بِسْواس گهاتي:** ذ. صفت. دغاباز ـ بيوفا.
• **بِسُورو ج بِسُورا (ٿ):** ذ. حساب.
• **بِسوڪڻُ (ٿ):** مصدر. وهڪي وڃڻ ـ چوپائيءَ جو کير ڏيڻ بند ڪرڻ. (بِسُوڪيو ـ بِسُوڪندو ـ بِسوڪيل).
• **بِسوئُو ج بِسوئَا (ٿ):** ذ. آڱر.
• **بِسْوِي:** صفت. [سن. وِشْوَ = دنيا] دنيوي.
• **بَسِي:** ظرف. [ف] گهڻو يا ڪافي وقت.
• **بَسِي ج بَسيُون:** ث. چينيءَ جي رڪيبي ـ ساسَر. (اسم خاص تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بِسيار:** صفت. [ف] گهڻو ـ زياده ـ مَنُو ـ جهجهو.
– **بِسياري:** ث. گهڻائي ـ جهجهائي ـ ڪثرت "بِسياري خُواري".
• **بَسيرو ج بَسيرا:** ذ. [سن. واسَ < وَسْ = رهڻ] سج لٿي کان اڳيرو پکين جو واهيري ڏانهن موٽڻ ـ واهيرو ـ آهيرو. آکيرو. آشيانو. ٿوري وقت لاءِ رهڻ جي جاءِ ـ ڏاپو. رات جي آرام ڪرڻ جي جاءِ.
• **بَسيطُ:** ذ. صفت. [ع] ڪشادو ـ ويڪرو ـ وسيع ـ فراخ. وڇايل ـ پٿريل. متاڇرو ـ سنوت. (حڪمت جي اصطلاح ۾) غير مرڪب ـ سادو ـ خالص. (ذ) علم عروض جي اصطلاح ۾ هڪ بحر جو نالو.
• **بَسيمُ:** ذ. صفت. [ع] مُرڪندڙ ـ ڪلندڙ ـ مُشڪندڙ.

• **بَسيهَرُ ج بَسيهَرَ:** ذ. [سن. وِش = زهر + هَرَ = ڪٽندڙ] زهري نانگ ـ وَسيهَرُ. واسينگ يا ڪاريهر نانگ.
• **بَشُ ج بَشَ:** ذ. صفت. صفا چريو ـ چَريٽ. بوز ـ ڄَٽ.
• **بَشاتَ ج بَشاتُون:** ث. [ع. "بِشارَتَ" جو مخرب] خوشخبري ـ بِشارت. وسعت ـ ڪشادگي. دولت.
• **بِشارَتَ ج بِشارَتُون:** ث. [ع] خوشخبري ـ مبارڪ. چڱو خواب ـ رُويا. مُوڙي ـ پُونجي. ذخيرو "شير ڏائي شيءِ ڪريو. جيڪا بشارت منجهه بُبن" (رمضان ڪنير).
– **بِشارت جو بهرو مِلڻ:** واڌايون ملڻ ـ مبارڪون ملڻ. خوشخبري ملڻ.
• **بَشّاش ج بَشّاش:** ذ. صفت. [ع] خوش ـ سرهو. کِلمک ـ زنده دل.
– **بَشاشَت:** ث. خوشي ـ سرهائي. خوش طبعي.
• **بِشْتُ ج بِشْتَ:** ذ. [ف. "بهشت" > بِشْتُ] بهشت ـ جنّت.
– **بِشْتِي ج بِشْتِي:** ذ. صفت. بهشتي. پاڻي پريندڙ ـ پکالي.
• **بِشْپُ ج بِشَپَ:** ذ. [انگ. bishop] گرجا جو وڏو پادري.
• **بَشَرُ ج بَشَرَ:** ذ. [ع] انسان ـ آدمي. ماڻهو ـ مَنش.
– **بَشري:** ذ. صفت. اِنساني.
– **بَشرِيَّت:** ث. آدميّت ـ انسانيت ـ ماڻهو.
– **بَشري جامو:** ذ. انساني صورت.
• **بِشرائڻُ:** مصدر. [ع. بَصَر. يَبْصَرِ = نهارڻ] نهاري نه سگهڻ. تر ورائڻ (اکيون). حيران ڪرڻ. (بِشرايو ـ بِشرائيندو ـ بِشرايل).
• **بُشْرِيٰ:** ث. [ع] خوشخبري ـ بشارت "بخرو لَهُمُ الْبُشْريٰ جو. اُنين لاءِ آيو" (شاهه).
• **بَشَرَه:** ذ. [ع] باهرين چمڙي. مهاندو. رنگ.
• **بَشرطيڪ:** ظرف. [بـ + شرطيه + ڪ] انهيءَ شرط سان ته.
• **بُشڪ:** ث. [ف] پيشانيءَ جي وارن جي چڳ ـ مُڇو يا ٻڄُ.
• **بَشڪالُ:** ذ. [هه. بَرشڪالَ (سن. وَرْشَ = بارش + ڪالَ = وقت) = برسات جي موسم] برسات جي موسم ـ مينهن جي مند.
• **بَشڪڻُ:** مصدر. [ف. بخشيدن > بَخشڻ > بَشڪڻ] بخشڻ ـ معاف ڪرڻ (ڏوهه، قرض). بخشش طور ڪا ملڪيت (مال، زمين، وغيره) ڏيڻ. (اسم خاص) ماڻهوءَ جو نالو ('بخشڻ' جو عامي اُچار). (بَشڪيو ـ بَشڪيندو ـ بَشڪيل).
– **بَشڪائڻ:** مصدر. "بشڪڻ" مان متعدي بلواسطه. بخشائڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **بُشڪو ج بُشڪا:** ذ. [ترڪي؛ ف. "بُغچه" جو بگڙيل اُچار] بجڪو. ڳوٿرو ـ بغچو.

• **بُشڪُونُ:** ث. [بُشڪَ ج بُشڪُونُ] هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. گهوڙي جي ڪنڌ جا وارَ.

• **بِشْني ج بِشْني:** ذ. [سن. وِيَسَني = بدڪار. جواري. شرابي. رنڊيباز. زاني] ڳنڊيڇوڙ ـ لليچو.

• **بِشي:** ث. ذ. [سن. وِشيه] ڪابه شيءِ جا حواسن سان سمجهي سگهجي ـ وِشيءُ. دنيوي وَٿ. عنوان ـ موضوع ـ مضمون.

• **بِشي ج بِشيُونُ (ڪ):** ث. پارن جو ٽولو.

• **بَشيرُ:** ذ. صفت. [ع] بشارت ڏيندڙ ـ خوشخبري ڏيندڙ. (اسم خاص) حضور پاڪ صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جو لقب.

• **بَشينُ. بِشينُ ج بَشين:** ذ. [ف] شڪاري پکيءَ جو هڪ قسم (اڪيون پيليون ٽينس). باشو (ماديءَ) جونرُ.
Sparrow hawk (Accipitev nisus).

• **بِشيهَرُ ج بِشيهَرَ:** ذ. صفت. [سن. وِشهَرَ = (وِش = زهر + هَرَ = ڪٽيندڙ] زهريلو نانگ. ڪارو نانگ ـ واسينگ.

• **بِصارَتُ:** ث. [ع] اک جي روشني ـ نظر ـ ديد ـ نرت. سُوجهَہ ـ پَرک. عقل ـ سمجهہ.

• **بَصَرُ:** ذ. [ع] اَک. روشني. نگاهہ ـ بينائي.

• **بَصَرُ ج بَصَرَ:** ذ. [ع. بَصَلُ] ترڪاريءَ جو هڪ قسم ـ پياز (ف) ـ ڏونگري.

— **بصرچلڻ:** پردو ڪولڻ ـ راز يا عيب ظاهر ڪرڻ.

— **بصري:** ث. بصرجو ٻجُ. (ذ. صفت) بصرجو. بصرجهڙو. بصرجي ملهہ جهڙو. خسيس.

• **بَصْراڻ:** اسم خاص. تعلقي ڏگهڙيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو. [ع. بَصْره] عورت جو نالو.

• **بَصْرو:** اسم خاص. [ع. بَصْرَه] عراق جي هڪ مشهور شهر ۽ بندر جو نالو.

— **بَصْري:** ذ. صفت. "بَصري" شهر جو وينل "خواجه حسن بصري. بيبي رابعه بَصري".

• **بَصيرُ ج بَصيرَ:** ذ. صفت. [ع. بَصرُ = هن ڏٺو] ڏسڻ وارو ـ ڏسندڙ. داناءُ ـ بينا. دل جي اکين وارو "اوءِ بصير برن ۾، انڌا ٿيو اُڀين" (شاهه). (اسم خاص) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

— **بَصيرَتُ:** ث. دل جي روشني ـ اندر جو سوجهرو. بينائي. اندر جي سُوجهہ ـ اِدراڪ ـ سمجهہ "سنڌي سردارن. بصيرت بينا ڪري" (شاهه).

• **بِضاعَتُ:** ث. [ع. بِضاعَة] مُوڙي ـ سرمايو ـ راس ـ پُونجي. تجارت جو مال.

• **بُوضو ج بُضو (ث. ڪ):** ذ. [ع. وضو > بُضو] وضو.

ـ **بُضو پُڄڻ (ت):** ماري مچائڻ ـ هيسائڻ.

• **بَطُّ:** ث. [ع] بدڪ. چَني ـ مصيبت.

• **بَطالُ ج بَطال:** ذ. صفت. [ع. بَطّالُ = بيڪار. بي سود] گمراهہ ـ واٽڙو ـ بتال.

• **بَطال ٿيڻ:** گمراهہ ٿيڻ ـ واٽ ڀُلجڻ.

• **بَطانو ج بَطانا:** ذ. [ع. بِطانَہ] پڳڙيءَ ۾ پراءِ طور اندران وڌل ڪپڙو ـ پڳڙيءَ جو استر ـ بتانو "پڳ وڏي يا بطانو؟" (چوڻي).

• **بَطْحا:** اسم خاص. [ع. بَطْحيٰ عـ] مڪي معظم جي پرسان هڪ واديءَ جو نالو.

— **بَطحيُ:** اسم خاص. 'بَطحا' جي واديءَ ۾ رهندڙ (رسول الله صلعم).

• **بَطْغ ج بَطْغُونُ:** ث. [ع. بَطُّ] بدڪ.

• **بِطْريقُ:** ذ. [انگ. Patriarch] عيسائن جو پادري.

• **بُطْلانُ:** ذ. [ع. بَطَلُ] ڪوڙ. خرابي ـ نقصان. (صفت) ڪوڙو ـ اجايو ـ نڪمو "پَڇي بُت پورا، سي بطلان ٿيا".

• **بَطْليمُوسُ:** اسم خاص. [يوناني. Ptolemy] قديم مصر جي هڪ مشهور مهندس جو نالو (بَطْلَميُوسُ) جو ٻي عيسوي صديءَ ۾ موجود هو. علم نجوم ۽ هندسه ۾ مهارت رکندو هو. ۽ انهن علمن تي "اَلمَجَسْطِي" نالي ڪتاب لِکيائين. جغرافيه ۾ سندس ترتيب ڏنل دنيا جو نقشو پڻ موجود آهي].

• **بَطْنُ:** ذ. [ع] پيٽ ـ شڪم. اندر. قبيلي جي هڪ شاخ. ڪٽنب ـ اولاد. پيڙهي. قرآن شريف جي ڪنهن بہ آيت جي اندروني صوفياني معنيٰ.

• **بَطنِ مادَر:** ذ. ماءُ جو پيٽ.

• **بَعْثُ:** ذ. [ع] موڪلڻ. اُيارڻ. اُٿارڻ (خدا جو قيامت جي ڏينهن) مُئن کي جيئرو ڪري اُٿارڻ "يَومُ الْبَعْثِ = قيامت جو ڏينهن".

• **بِعْثَتُ:** ث. [ع. بِعْثَة] نبوّت ـ پيغمبري ـ رسالت.

• **بَعْد:** حرف جر. [ع. بَعْدُ] پوءِ ـ پُٺيان. دير سان.

— **بَعدِ اَز آن:** ظرف. انهيءَ ڪان پوءِ.

– بَعْدَه: ظرف. اُن کان پوءِ.
• بُعْدُ: ذ. [ع] دوري ـ مفاصلو ـ پنڌ.
• بَعْض: صفت. [ع] ڪِي ـ ڪِي، ڪُجهه. ڪي ـ ڪن.
• بَعْضي: ظرف. [ع] ڪنهن وقت ـ ڪڏهين. اِتفاقاً.
– بعضي بعضي: ظرف. ڪڏهين ڪڏهين ـ گاهي گاهي.
• بَعيدُ: ظرف. [ع] پري ـ دور.
• بَعِيرُ: ذ. [ع] اُٺ
• بَغادر: ذ. جوئر جو هڪ قِسم.
• بَغادو ج بَغادا (ت. ل): ذ. [ع. بغاوت] گوڙ ـ شور ـ فساد. جهيڙي جو آواز ـ بَغاغو.
– بَغادو مَچائڻ: بَغاغو ڪڻ ـ شور مچائڻ ـ گوڙ ڪرڻ.
• بَغاغو ج بَغاغا: ذ. [ع. > ف بغاوت] لَڙ ـ شور. گوڙ ـ گهمسان ـ دنگو ـ فساد. جهيڙي جو آواز.
• بَغان: ذ. صفت. [ف. بَغا = ڄَتو] بزدل ـ ڊڄڻو ـ گيدي. [ع. باغي] رنجيدو ـ ناخوش. ڪاوڙيل.
– بَغان ٿي وڃڻ: سخت چڙي وڃڻ. ڪاوڙ ۾ تپي وڃڻ.
• بَغاوَت ج بَغاوَتُون: ث. [ع. بغي عَليٰ = ظلم ڪرڻ > ف. بغاوت = سرڪشي، بلوو] سرڪشي ـ بلوو. حڪومت جي مخالفت ـ نافرماني. راڄ ڊوهه ـ فُتور ـ وڳوڙ.
• بَغْبَغو ج بَغْبَغا: ذ. [ع > ف. بَغاوت] لَڙ ـ شور ـ گوڙ ـ گهمسان. دنگو ـ فساد. جهيڙي جو آواز.
• بُغْچو ج بُغْچا: ذ. [ترڪي. بُغْچَه] ڏسو ”بُچڪو“.
• بَغْدادُ: اسم خاص. [ع] موجوده عراق جي گاديءَ جو شهر (اصل ۾ بنِي عباسي خليفي منصور جو عراق ۾ دجلا درياءَ جي ڪناري تي بڻايل شهر. جو عباسي سلطنت جي گادي ۽ مشرقي اسلامي تمدن ۽ تهذيب جو مرڪز بڻيو. اهڙي عاليشان ۽ دنيا جي مرڪزي شهر کي، خليفي ’مستعصم بالله‘ جي عهد ۾ سنه ٦٥٦هه ـ ١٢٥٨ع ۾ ’هلاڪو خان منگول‘ حملو ڪري، اهڙي ته ظالماڻي نموني ۽ بيدرديءَ سان تباهه ڪيو. جو ’بغداد‘ جو نالو ’بغداد جي تباهيءَ‘ جي مفهوم ۾، بمعنيٰ ’ظلم‘ ۽ ’ڏهر‘ مشهور ٿي ويو). ظلم ـ انڌير ـ ڏهر ـ ستم.
– بَغداد ٿيڻ: ظلم ٿيڻ ـ ڏهر ٿيڻ ـ ناحق ٿيڻ.
– بَغداد ڪرڻ: ظلم ڪرڻ ـ ناحق ڪرڻ. ”پينر ڙي بغداد، ڪري ڪيچي هليا“ (شاهه).
– بَغْدادي ج بَغْدادي: ذ. صفت. بغداد شهر جو رهاڪو. (اسم خاص) مداحن ۾ پيران پير حضرت محي الدين عبدالقادر جيلاني رح جو عام لقب ”جا مَتي مون بَلا. سا بغدادي بد تار تون“ (رسالو، ڏنارسري)؛ ”آهين عبداللطيف جو، حسني تون هادي؛ بادشاهه بغدادي، ڪج ڪا ماڙ مريد تي“ (شاهه). ڪراچيءَ جو هڪ مشهور محلو. پرت جو هڪ قِسم.
• بَغْدارُ (ت): ث. جوئر جو هڪ قِسم. (اسم خاص) ڏومڪي بلوچن جي هڪ پاڙي جو نالو.
• بُغْدي ج بُغْدي: ذ. [بُخْتِي > بُغْدي] وڏو مضبوط لاڏو اُٺ ”بُغدي بلوچن، ڪنهن ڏاڙي خاطر ڏاريا“ (ڪبير شاهه). ڏسو ”بُختِي“.
• بَغْڙدلو ج بَغْڙدِلا (ت): ذ. صفت. [ف. بَغا (=ڄَتو) > بَغڙ + ع. دَلال > دَلو = پڙوو] بداخلاق ـ رذيل. ڪميڻو. (ث) بَغڙ دَلي ج بَغڙدَلِيون.
• بُغْضُ ج بُغْض: ذ. [ف] ڪَڇ ـ پاسو. پاڪر.
– بَغل ٿيلهو ج بغل ٿيلها: ذ. ڪڇ ۾ ڪَٽي هلڻ جهڙو ننڍو ٿيلهو.
– بَغل ٿيلهي ج بَغل ٿيلهيون: ث. ٿيلهي (جا ڪڇ ۾ ڪڇجي) ـ ننڍي بگري.
– بَغل ٺوڪڻ: خوش ٿيڻ ـ ڪڇون ٺوڪڻ. خوشي ڪرڻ. ڪڇيون هڻڻ.
– بَغل پٽڻ، ڪوهڻ: اُجائي ڪوشش ڪرڻ. ڪم ڪري نه سگهڻ. اُجايو پورهيو ڪرڻ. ناڪام ڪوشش ڪرڻ. وس آهر مُڙسي ڏيکارڻ.
– بَغل گرم ڪرڻ: پاسو ڪوسو ڪرڻ. پاڪر پائي سمهڻ ـ ڪڇ ڪوسي ڪرڻ.
– بَغلگيرُ: ظرف. پاڪرِين ـ هم آغوش.
– بَغلگير ٿيڻ: پاڪر پائڻ ـ هم آغوش ٿيڻ.
– بَغلگيري: ث. پاڪر پائڻ جي حالت. پاڪر ـ آغوش ـ هم آغوشي.
– بَغل لڳائڻ: پاڪر ۾ وٺڻ.
– بَغل ۾ ڇُري رکڻ: ڳجهو بغض رکڻ ـ منافقي ڪرڻ.
– بَغل ۾ دٻائڻ: ڪشي قابو ڪرڻ. زور ڀريو پاڪر پائڻ.
– بَغل ۾ هُڻڻ: پاڪر ۾ هڻڻ. پاسي ۾ هڻڻ. تمام ويجهو هڻڻ ـ نزديڪ هڻڻ.
– بَغل وڄائڻ: ڪڇ جا وارَ ڪوڙائڻ.
– بَغل وڄائڻ: تمام خوش ٿيڻ. ٺٺولي ڪرڻ.

— **بغلي حملا ڪرڻ:** آسانيءَ سان (پاسن وارن هنڌن يا سرحدن تان) حملا ڪرڻ.

• **بغلو ج بغلا:** ذ. [پورچوگيز (؟)] سامونڊي ٻيڙيءَ جو هڪ قسم. ٻيڙيءَ جي آڳيل. واڻ کان وڏو ٻيڙو (ڪ) ”ٻگهلو (ٻڪي).

• **بغلو ج بغلا:** ذ. پتي راند (ٺون) ۾ ٽيئي مورتن وارا پتا. پتي راند جو وڏو داءُ.

• **بغلول:** ذ. صفت. [ع. بُهلُول] مورک _ بيوقوف.

• **بغلي ج بغليون:** ث. [ف. بغل] قميص يا پهراڻ ۾ ڪڇري وجهڻ جو ڪپڙو. اُٺ جي هڪ بيماري (جنهن ۾ اٺ ران کي پيٽ سان هڻندو آهي). ڪتاب جي مٿان ڪپڙي جو پوش. ٿيلهي (جا ڪڇ ۾ ڪٽجي) _ ٻگري. هڪ هڪ قسم جو مُگدر. پلٽي يا ملهه ۾ هڪ ڪيڏ. ڪبڏي يا پيلهاڙي ۾ حريف جي ٻانهن ڪڇ ۾ قابو جهلڻ جي ترڪيب.

— **بغلي مارڻ، ٺوڪڻ:** ڪڇ ۾ هٿ وجهي ٻانهن هلائي آواز ڪڍڻ. ڪڇيون هڻڻ. آڪڙ ڪرڻ.

— **بغليون ٺوڪڻ:** ڪڇون ٺوڪڻ _ ڪڇيون هڻڻ. خوشي ڪرڻ.

• **بغوچڙ بغوچڙي ج بغوچڙيون:** ث. دريائي ٻيڙيءَ جو هڪ قسم (ننڍي ٻيڙي).

• **بغيچو ج بغيچا:** ذ. [ف. باغيچه] ننڍڙو باغ.

• **بغير:** ظرف. [ع + ف] کان سواءِ.

• **بف:** ذ. [انگ. buff] ٻوٽن لاءِ هڪ قسم جو چمڙو. باڇي جو هڪ پاڳو. قميص يا چولي جي ڇڄڻ (ت).

• **بفا ج بفائون:** ث. [ع. وباء > وبا > (ترڪيب ’تقليب‘ موجب) بوا، بفا] وَبا _ ڪالرا _ هيضو.

• **بفائڻ:** مصدر. [سن. باشپ = ٻاڦڻ] ٻاڦ ڪرڻ. زبان سان ڪجهه چوڻ _ واتان ڪڇڻ. واڻڻ _ داڦڻ. (بفائيو _ بفائيندو _ بفايل).

• **بفر ج بفرَ:** ذ. [انگ. buffer] ڏڪَ _ جهلو. ريل گاڏيءَ جي ڦيٽن کي ٽڪرجڻ کان روڪڻ جي ڪَل.

• **بقا (ث)، بقاءُ (ذ).** [ع. بقاءُ] هميشه رهڻ جي حالت. ”فنا“ جو ضد. جٽاءُ. استقامت. حيات جاودان _ جيوت. بيهڪ _ قيام. (اسم خاص) مرد جو نالو.

— **بقا بالله** محاورو. الله سان هڪ ٿي وڃڻ (صوفين جي هڪ منزل، جا ”فنا في الله“ کان پوءِ حاصل ٿئي).

— **بقائو ج بقائو:** ذ. صفت. بقاءُ ڪندڙ _ بقادار. گهڻو وقت هلندڙ _ جٽادار، جهالاٽو. دائم قائم.

• **بقا آباد:** اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بقاپور:** اسم خاص. لاڙڪاڻي ۾ ڪنڌ ڪوٽ تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بقالُ ج بقال:** ذ. صفت. [ع. بقلُ (= ڀاڄي) > بقال] ڀاڄي وڪڻندڙ _ سبزي فروش _ باڪري. ميوو وڪڻندڙ. مودي. دڪاندار.

_ **بقالو:** ذ. ڀاڄي پتي _ ترڪاري.

_ **بقالي ج بقاليون:** ذ. صفت. بقالُ _ باڪري.

• **بقاول:** ذ. صفت. [ف] رڌڻي جوراڪو _ بڪاولُ.

• **بقايا ج بقاياڻون:** ث. [ع. بقية، بقايا] رهيل رقم _ بچت _ باڇي. رهيل قرض. نه ڀياريل سرڪاري پئسو.

_ **بقايا جو فرد:** ذ. پوتاميل. بقايا جو انگ.

_ **بقايا ڪيڻ:** باقي قرض ڀيهارڻ. صافي بچت ڪيڻ.

• **بقچو ج بقچا:** ذ. [ترڪي. بغچه] ڏسو ”بُجڪو“.

• **بقر:** ذ. [ع] ڍڳن ۽ ڍڳين جو ڌڻ. ڍڳو _ ڏاند. ڳئون _ ڍڳي.

• **بقراط:** اسم خاص. [يوناني Hippocrates] هڪ مشهور يوناني حڪيم جو نالو (جو حضرت عيسيٰ کان گهڻو اڳ ٿي گذريو ۽ علم طب جو باني سمجهيو وڃي ٿو).

• **بقرعيد:** ث. باڪري عيد _ عيدالاضحيٰ _ عيد قربان (جا ١٠ _ ذوالحج تي مسلمان ملهائيندا آهن)

• **بقره:** ث. [ع] ڳئون. وهڙي. (ذ) تصوف جي اصطلاح ۾ انهيءَ شخص جو روح جنهن خدا جي طلب ۾ پاڻ کي حرص هوا کان روڪيو هجي. (اسم خاص) قرآن شريف جي هڪ سورة جو نالو (جنهن ۾ بني اسرائيل جي ڍڳيءَ جو ذڪر آهي).

• **بقعه:** ذ. [ع] هنڌ _ جاءِ.

• **بقل:** ذ. [ع] ڀاڄي _ سبزي.

• **بقم:** ذ. [ع] ڪاٺ جو هڪ قسم (جو ڳاڙهي رنگ جو ٿئي).

• **بقيع:** ذ. [ع] وڻن جو جهڳٽو _ ٻيلو.

_ **بقيع الغرقد:** اسم خاص. مديني شريف جو قديم ٻيلو (جو پوءِ مقام ٿيو، جنهن کي هاڻي ”جنة البقيع“ چوندا آهن).

• **بقيو ج بقيا:** ذ. [ع. بقيه] بقايا _ بچت ”بقيو سلف صالح جو“ (= اڳين صالح شخصن مان هڪ جيئرو صالح شخص).

• **بقيه:** ذ. [ع] باقي رهيل حصو _ بچت. اهي ڪم جي خدا وٽ پائيدار آهن ”بقية الله“.

_ **بقيه عمر:** ث. باقي رهيل حياتي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **بَڪَ:** ث. [ع. بَقْبَق = گھڻو ڳالهائڻ؛ سن. واڪَ = اَجايو ڳالهاءُ] بيهودي گفتار _ اجائي بڪواس. يخي _ ڄاڙي. ڳالهه جي اجائي ديگهه.
• **بَڪَ شَڪَ:** ث. اجائي ڳالهه _ بيهودي گفتار.
• **بَڪ ڪَرڻ:** بڪواس ڪرڻ _ جهڳي هڻڻ. بيهودو ڳالهائڻ.
• **بُڪَ ج بُڪ:** ذ. [سن. بُڪَّـهَ، بُڪَّـرْ، بُڪّي=دل] تنگ جي پِني _ بُڪي. ٺونٺ کان وٺي ڪُلهي تائين ٻانهن جو حصو. ٺونٺ کان ڪُلهي تائين ڇوڙو. ڪيوڙي جو اَڻ کليل سنگ. گنبذ. [انگ. book] ڪتاب. ريلوي ۾ مال جي رجسٽري.
– **بُڪ بائِينْڊَرُ:** ذ. صفت. [انگ. book binder] جُلد ٻڌندڙ _ جُلد بند _ جلد ساز.
– **بُڪ پوسْٽ:** ذ. [انگ. book post] کليل لفافي خط. ڪتابن وغيره جو کُليل پارسل.
– **بُڪ ڪرائڻ:** ريل گاڏيءَ ۾ مال موڪلڻ لاءِ، اسٽيشن تي مال جي داخلا ڪرائي رسيد. وٺڻ.
• **بَڪارِ:** اسم خاص. سنڌ جي هڪ ياڳي جو نالو. روهڙي ڊويزن جو اڳيون نالو _ ”اُيو“ (’دودي چنيسر‘ جي ڳالهه ۾ مذڪور ته جڏهن علاءالدين اچي ’بڪار‘ ڦري تڏهين دودي چنيسر جي پٽ، ننگر، کي چاڙهي موڪليو). تعلقي روهڙيءَ ۾ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو. ضلعي سانگهڙ ۾ ڳوٺن ۽ ديهن جو نالو.
• **بَڪارَتَ:** ث. [ع. بَڪارَةٌ] ڪنواريي جي حالت _ ڪنوارپ.
• **بَڪارِڻِ نِمُ، بَڪائِڻِ نِمُ:** ث. وڻ جو هڪ قِسم (جو ’نم‘ جهڙو ٿئي، پن رواجي نم کان وڏا. ڪائِي اچي، ۽ نموريون پسارڪي وڪرطور دوا ۾ ڪم اچن) _ شجَرعَرارَه (ع) _ آزاد درخت (ف).
• **بَڪاري ج بَڪاري:** ذ. صفت. [ع. بَقّال] ميوو. ڀاڄيون يا گل وڪڻندڙ _ باڪري. (ث) بَڪارِڻ ج بَڪارِڻيُون.
• **بَڪاوَلَ:** ذ. [ف] بورچيخاني جو راکو _ وڏو بورچي. ساقي.
• **بَڪاوِلي:** ذ. [ف] بورچيخاني جو سامان. رڌڻ پچائڻ جو سامان _ ٿانوَتِپا. (اسم خاص) ”گل بڪاولي“ جي قصي ۾ هڪ پريءَ جو نالو (جنهن سان ’تاج الملوڪ‘ نالي هڪ شهزادي شادي ڪئي. لغت ”فرهنگ آصفيه“ جو مؤلف لکي ٿو ته ’بڪاولي‘ راجا هيڪل جوڳ، رياست ريوان جي واليءَ جي ڌيءُ هئي).
• **بُڪا:** ذ. [ع] روڄ _ راڙو _ ماتم ”بَر ٻڻ ڪن بُڪاءِ، اُڪنڊئا آريءَ لءِ گهڻو“ (شاهه).
• **بَڪبَڪ:** ث. [ع. بَقْبَقَ = هن گهڻو ڳالهايو؛ سن. واڪَ = اجايو ڳالهاءُ] اجايو گهڻو ڳالهاءُ. جهڳي _ بخي. بڙبڙ. لباڙَ.

_ **بَڪبَڪي، بَڪبَڪيو:** ذ. صفت. [ع. بَقْباق] گهڻ ڳالهائو _ بڪواسِي _ بڪوادي.
• **بَڪُبَڪُ:** ذ. [ع. بَقْبَقُ] گهٽن پکين جو گڏيل آواز. ڪبوترن جي گهُوگهُو.
– **بَڪْبَڪُوڪُو:** ذ. پاريهر جو آواز _ گهُوگهُو.
• **بَڪْبَڪِي:** ذ. پکيءَ جو هڪ قِسم (ميرانجهڙي رنگ ۽ چڏن پرن وارو).
• **بَڪْتَـرَ ج بَڪْتَرُونْ:** ث. [ف. بَڪْتَر] لوهه جي زره.
– **بَڪْتَري:** ذ. صفت. زره پوش.
• **بَڪَٽُ:** ذ. اِٽي ڏڪر راند جو هڪ لفظ. ڏسو ”گـلِي ڏڪر“.
– **بَڪَٽ ۾ جُڳ وڃڻ:** اِٽي ڏڪر راند ۾ جُڳ پوري ٿيڻ کان پوءِ بڪٽ نه ٿيڻ جي حالت ۾ ”جُڳ“ پورو نه ٿيڻ. شروعات ۾ شڪست ملڻ. نقصان پهچڻ.
– **بَڪَٽ هڻڻ:** پيرن تي اِٽي رکي اڇل ڏيئي ڏڪر سان ڌڪ هڻڻ.
• **بُڪْڇِي ج بُڪْڇِيُونْ:** ث. [ترڪي. بُغچه] بُڄڪي. گج جي ٻُٽ ۾ ٺهيل ڳوٿري يا بُجڪي (جنهن ۾ سُرهاڻ پيل هجي).
• **بَڪَرُ ج بَڪَر:** ذ. [ع. بَقْلُ] وڪر. ميوو يا سائي ڀاڄي، وغيره.
_ **بَڪرمالُ (ڪ):** ذ. ڀاڄي. سامان نازڪ شيون.
• **بَڪْرمُ ج بَڪْرمَ:** ذ. [انگ. buckram] ڪپڙي جو هڪ قِسم (جو ٿُلهو ٿئي، ۽ ڪوٽن جي استر ۾ ڪم اچي).
• **بَڪَ شَڪَ:** ث. بيهودي گفتار. بڪبڪ. لباڙ.
• **بِڪَڪَ:** اسم خاص. ڪوهستان علائقي جي ”ڇُٽا“ قوم جي هڪ قبيلي جو نالو.
• **بَڪَلُ ج بَڪَلَ:** ذ. [انگ. buckle] وارن کي قابو ڪري بيهارڻ جو زبانو. فوجي ماٺهوءَ کي سندس عهدي مطابق مليل نشان. ڪنهن ماٺهوءَ کي آفرين طور سرڪار کان مليل بِلو _ تمغو.
• **بَڪُلَڻُ:** مصدر. [سن. ٻڳّڪـلِ. پانْشُلَ = ميرو، ڌوڙ سان ڀريل، گپ سان ڀَريل] ٻَڪُلَڻ. ميرو ڪرڻ. ڪنو ڪرڻ. لُڙاٽڻ. وڃائڻ _ ڦِٽائڻ. ڀَرڻ (متيءَ ۾). (بَڪليو _ بَڪُلِيندو _ بَڪُليل).
– **بَڪُلِيو ج بَڪُلِيا:** ذ. صفت. ٻَڪليو. ميرو گندو. وڃايل. ڦِٽايل. ڀَريو _ ڀَريل ”ڏُوڙ بَڪليو ماءُ پرينْ، ڏن بَڪُليو جوءِ پرين، اَڇين ڪپڙين سَسُ پرين“ (چوٽي).
• **بَڪَرُ:** ذ. [ع. بَقَمُ = ڳاڙهو رنگ] وڻ جو هڪ قسم (جو دکن ۽ زنجبار طرف ٿئي، پَن بادام جي پنن جهڙا، گـُلَ

هوتيءَ جو هڪ قِسم ـ بَڪڙو.

• بـڪِڙَڻُ: مصدر. [سن. وِ = پري + ڪُريِ = ڪڙو ڪڙ ٿيڻ] بڪڙڻ ـ منتشر ٿيڻ. (بـڪڙيو ـ بڪڙندو ـ بـڪڙيل).

• بَڪڙُ: ذ. هڪ قِسم جو ٻوٽو (وس تي ٿئي).

• بَڪڙو: ذ. گاهه يا ٻوٽيءَ جو هڪ قِسم (جنهن جا ڏيلها ڪنڊن وارا ٿين ۽ انهن ۾ اَڇا داڻا ٿين). ووڙن جو هڪ مرض. ساوڪ ـ سبزي.

• بـڪڙو: ذ. صفت. ڦـٽـل (رنگ).

• بَڪڻُ: مصدر. [سن. پا. ڀس = چمڪڻ] چمڪڻ ـ ٽمڪڻ. ڏؤنڪڻ. پري کان روشني نظر اچڻ. ظاهر ٿيڻ. پريان ڏيکاري ڏيڻ. اَڌ وساڻل باهه جي ٽانڊن جو ٿورو چمڪڻ. ڏگهڻ (باهه). (بَڪيو ـ بَڪندو ـ بَڪيل).

• بَکو ج بَکا: ذ. [ف. بَخيه] بخيو ـ بَکيو. ٽوپو ـ سيبو. اُٺ جي پوئين ٽنگ جو ڏڪ کان وٺي پُٺيءَ تائين پاڳو (ل).

• بَکوري: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• بَکو ڪَلَي: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• بَکوءِ پوٽا (ڪ): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• بِکيا ج بِکيائُون: ٿ. [سن. ڀِڪشا] ڀِڻ ـ گداگري. خيرات ـ دانُ. ڪاڊو (جو ساڌو فقير کي خيرات ۾ ملي).

— بِکياري ج بِکياري: ذ. صفت. گداگر ـ پينو. عرضدار ـ سُوالي. (ٿ) بِـکيارڻ.

— بِـکيِـڪُ: ذ. صفت. پينو ـ گداگر.

• بَکيار (ل): ٿ. موچين جو هڪ اوزار ـ بخيي واري آر (جا تمام سنهي بخيي يا ٽوپي ڏيڻ لاءِ ڪم اچي).

• بُکيَتُ ج بُکيَتَ: ذ. صفت. بُکايل. هبڇي. هُوندي سوندي سـڪندڙ ـ بخيل. نيّت جو بُکيو.

• بِـکيِڙَڻُ: مصدر. [سن. وِڪريِ > وِ = پري + ڪُريِ = پکيڙڻ] پکيڙڻ ـ منتشر ڪرڻ. (بِـکيڙيو ـ بِـکيڙيندو ـ بِـکيڙيل).

• بـکيڙو ج بکيڙا: ذ. [سن. واڪَلَهَ] جهيڙو ـ جهڳڙو ـ تـڪرار ـ فساد. لُڙ ـ شور ـ گوڙ ـ ڌمچر. رولو ـ گڙٻڙ.

— بکيڙائي ج بکيڙائي: ذ. صفت. جهيڙاڪر ـ معاملائي. گوڙ ڪندڙ.

— بکيڙو چُڪائڻ: جهيڙو ختم ڪرڻ. صلح ڪرائڻ ـ سانت ڪرائڻ.

— بکيڙو ڪرڻ: جهيڙو ڪرڻ. رڙو ڪرڻ. گوڙ ڪرڻ ـ شور ڪرڻ.

— بکيڙو مچائڻ: معاملو وڌائڻ ـ گوڙ وڌائڻ.

— بکيڙو وجهڻ: جهيڙو وجهڻ.

• بَکيو ج بَکيا: ذ. [ف. بَخيَه] بخيو. ٽوپو ـ سيبو. پيٽ جي هڪ بيماري. اُلٽي ـ قيءُ ـ اوڇاڙو (ڪ).

• بُکيو ج بُکيا: ذ. صفت. [سن. ٻُڀُڪش] بُک وارو ـ بُکايل. هبڇي. لالچي. [ه بُکيا] تيز طبع ـ چيڙاڪ.

— بُکيائتُ: ذ. صفت. بُکايل ـ بُکيو.

— بُکيي پيٽ: ظرف. بُک ۾ ـ بُک سان. نيراني ـ لنگهڻ.

— بُکيي پيٽ کي پٽيُون ٻڌڻ: غربت سان وقت نباهڻ. تنگيءَ جا ڏينهن ڪاٽڻ.

• بَڳَ: ٿ. ڪجيءَ جو هڪ قِسم (جا نہ ڦرجهلي ۽ نہ ٽَر جو ڪم ڏئي).

— بَڳ تارِيو (ٿ): ذ. صفت. اَڇين اکين وارو. منحوس. نياڳو.

— بَڳ ڏاڙهيو: ذ. صفت. اَڇيءَ ڏاڙهيءَ وارو.

• بَڳُ: اسم خاص. تعلقي دادو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• بَڳُ ج بَڳَ: ذ. صفت. [سن. وَڪُ = اَڇو ٻَگهُ] اَڇو ـ سفيد. (ذ) ڪوڙهه جي بيماري (جنهن ۾ بدن تي اَڇا ٽـڪا ٿي پون). ڪوڙهه جو اَڇو ٽڪو. مٽرن ۾ ڏاٿن جي پوڪ جو هڪ مرض (جنهن ۾ ساوا پن اڇا ٿي پون). جوئر ۽ ٻاجهريءَ جو هڪ مرض (جنهن ۾ واءُ جي ڦيري سبب سنگن جو اَنَّ مارجي وڃي). ڪپڙي جو هڪ قِسم (جنهن مان زنانيون پوتيون ٺهن). (صفت) ٺڳ ـ دغاباز.

• بَڳُ: اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• بَڳا: اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

• بُڳا: اسم خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ڳوٺ (جتي جا پڙهيل ۽ عالم "بُڳائي بزرگ" جي نالي سان مشهور آهن. جن مان عالم، درويش ۽ شاعر 'غلام محمد بڳائي' مشهور ٿيو).

• بـڳاڙَڻُ: مصدر. [سن. ١. وِگهَٽَن = ڀڃي ڌار ڪرڻ؛ ٢. وِگَٽ > وِ = خراب + گَٽ = هلت] خراب ڪرڻ ـ ڦٽائڻ ـ ڪارڻ (ڪنهن شيءِ، ڪم، ڳالهه يا معاملي کي) ٻي شڪل ڏيڻ ـ روپ بدلائڻ. اُبتو ڪرڻ. (بـڳاڙيو ـ بـڳاڙيندو ـ بـڳاڙيل).

— بـڳاڙ (ٿ)، بـڳاڙُ (ذ): بـڳاڙو ـ خرابي ـ ڦيٽاڙو. ابتري ـ خلل. تبديل. اُٿبٽ. بکيڙو ـ جهيڙو.

— بـڳاڙو ج بـڳاڙا: ذ. خرابو ـ ڦيٽاڙو ـ فتنو.

• بـڳاسَڻُ: مصدر. [سن. وِڪاسَنَ] ڪِلڻ (گل) ـ ٽڙڻ. ظاهر ٿيڻ ـ نکرڻ. (بـڳاسيو ـ بـاسيندو ـ بـڳاسيل).

• بَڳاڳو: ذ. ڏسو "بَغاغو".

• بَڳبَڳُوتُو: ٿ. ڪبوترن جي گهُوگهُو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **بُڪِتِي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو (پاڙا: ١. راهيجا، ٢. شنباڻي، ٣. بخشلاڻي، ٤. چاڪراڻي، ٥. گدري، ٦. بُڪتي، ٧. ميرواڻي، ٨. ڪيازئي، ٩. ڪلڦر، ١٠. مندراڻي، ١١. مشوري، ١٢. نوتاڻي، ١٣. سندراڻي، ١٤. زرڪاڻي، ١٥. بُڪراڻي، وغيره).

• **بُڪْچو ج بُڪْچا:** ذ. [ترڪي. بُغْچه] بُجڪو. بِدڙي ـ ڳَنڍ (ڪپڙن جي).

– **بُڪْچائِي ج بُڪچائِي:** ذ. صفت. ڪپڙي جي ڦيريءَ وارو ـ بجڪائي.

• **بُڪَد (ٿ):** ذ. [ع. بُغْض] حسد. دل جي ڪوڙائِي ـ غير ـ ٻيائِي.

• **بَڪْدا (ڪ):** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **بَڪْدار، بُڪْدار:** ٿ. اَڇيءَ جوئر جو هڪ قِسم اَلَڪَ.

• **بُڪْدي ج بُڪْدي:** ذ. ڏسو "بُغْدي".

• **بِڪِر:** ظرف. [ع. بِغَير] کان سواءِ ـ ڌاران ـ سواءِ ـ بنا "ڪونهي ڪميڻيءَ جو بِڪِر تو بِلو" (شاهه).

• **بُڪْرو:** اسم خاص. تعلقي خيرپور ميرس ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَڪِرِي ج بَڪرِيُون:** ٿ. [ف. بَغْلي] پيدل سفر ۾ سيڌي وغيره وجهڻ لاءِ ڳوٿري (جا بغل، يعني ڪڇ، ۾ ڪٽي هلجي). خرجين مثل ڪپڙي جي ڳوٿري، فقير جي ڪڇ ۾ لڙڪندڙ ڳوٿري ـ گداگرن جي گبري "بُڪ وڌائون بگريين، جوڳِي ڪندا جُڃَ" (شاهه). چراگاهه طور ڪم ايندڙ زمين ٽڪر. زمين جو آباد ٽڪر ـ تاڪي. سوڙهي جاءِ (ل).

• **بُڪِرِي:** ذ. چانورن جو هڪ قسم.

• **بَڳڙ ج بَڳڙَ (تـه ل):** ذ. صفت. [سن. وَڪَ = اڇو ٻڳهه] اَڇو ـ سفيد. پُورو. ڳورو. اڇن وارن وارو. ڳورو.

• **بِڪَڙْجَڻُ:** مصدر. "بِڪَڙڻ" مان فعل مجهول. بدلجڻ. خراب ٿيڻ (بِڪَڙيو ـ بِڪَڙبو ـ بِڪَڙيل).

• **بَڪَڙْدلو ج بَڪَڙْدَلا:** ذ. صفت. وات ڦاٽوڙو. ڇِڙڪ (جوابي) ـ هُڏِرُ. ڏٽئي ـ دمباز. امانت ۾ خيانت ڪندڙ ـ خائن ـ ڪپتيو. بدمعاش ـ ٺگ. اَڻ گهڙيو. پڻ ڏسو "بغڙدلو".

• **بِڪِڙڻُ:** مصدر. [سن. وِگهٽّ = ڀڃي جدا ڪرڻ] خراب ٿيڻ ـ ڦِٽڻ. صورت بدلجڻ ـ ڦِرڻ. ڪاوڙجڻ. ٽهڻ. وڙهڻ. (بَڪَڙيو ـ بَڪَڙندو ـ بڪَڙيل).

• **بَڪَڙو ج بَڪَڙا:** ذ. تتر جو هڪ قسم. گاهه جو هڪ قِسم. (صفت) اَڇو ـ سفيد.

• **بِڪِلُ ج بِڪِلَ:** ذ. [انگ. bugle] پتل جو توتارو (جو فوجي اطلاعن لاءِ وڄايو وڃي) ـ فوجي تُوتارو.

– **بِڪل ڦِري وڃڻ:** فوجي توتاري (بگل) وڄڻ تي سپاهيءَ کي جوش اچڻ ۽ سندس دماغ بدلجڻ. جوش سببان دماغ ڦري وڃڻ. سخت جوش ۾ اچڻ. خيال مٽجي وڃڻ. مغز خراب ٿي وڃڻ. بِگل وڄي وڃڻ ـ جنگ جو اعلان ٿي وڃڻ. حالت بدلجي وڃڻ.

• **بَڪَلَڻُ:** مصدر. پِرڻ ـ مالا مال ڪرڻ. آلوده ڪرڻ. مٽيءَ هاڻوڪرڻ. پڻ ڏسو "بَڪلَڻُ". (بَڪليو ـ بَڪليندو ـ بگليل).

• **بَڪُلا ج بَڪُلو:** ذ. [سن. وَڪَ = ٻڳهه] ٻڳهه پکي (جو هميشه مائيٽو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، پر جڏهن ڪا مڇي ڏسندو آهي، تڏهن اوچتو جهٽ هڻي ڳِڙڪائي وٺندو آهي). ڏُنگيءَ جو هڪ قسم. اَڇي رنگ جو گهوڙو جنهن تي سنهان ڳاڙها ٽِڪا هجن.

– **بَڪلو ڀَڳَتُ:** ذ. رياڪار ـ مڪّار. منافق ـ اندر ٻهريو.

• **بَڪْلِي ج بَڪلِيُونْ:** ٿ. [ف. بَغل > بَغلي] بَغلي ـ ڪڇ. بَگري. بغل ٿيلهي.

– **بَڪليون ٺوڪڻ:** ڪڇون ٺوڪڻ. خوشيون ڪرڻ.

• **بُڪِليو ج بُڪليا:** ذ. صفت. بُگريءَ وارو درويش. گودڙيءَ وارو فقير. جهولِيدار فقير.

• **بَڪو ج بَڪا:** ذ. صفت. [سن. وَڪَ = ٻڳهه] اَڇو ـ سفيد ـ پورو. (ذ) پُوري رنگ جو ڏاند ـ اَڇي رنگ جو اُٺ. بگي رنگ جو ماڻهو ـ اَلْبينو. ٻَگهه ـ بگلو.

• **بِڪو ج بِڪا:** ذ. [سن. وِگْره] ايڪڙ جو $\frac{5}{8}$ حصو (٢٢٥٠٠ چورس وال) ـ بِيگو.

• **بُڪو ج بُڪا:** ذ. ٽِڻ مان ڪير چوسڻ لاءِ ڏائڪ ڦر جو ٿُونو. ٽِڻ مان گـُوهي ڪڍڻ لاءِ مُٺ جو زور. ٺونْشو. گڏيل ٻنهي هٿن سان ڏَڪُ (راند ۾). تخمينو ـ ڏُڪو. ڏٺو ـ ڪوڙ.

– **بُڪو هڻڻ:** ڦَرُ (ڇيلي، گابي، پاڏي، وغيره) جو کير پيڻ لاءِ چوپائيءَ جي ٿڻن کي ٿُونو هڻڻ. پوڪ چڱِيءَ طرح نـه ڪرڻ. ڏٺو ڏيڻ.

• **بِڪوٽِي ج بِڪوٽِيُونْ:** ٿ. زمين جي ماپ جو هڪ نمونو (سينڪلين سان ماپ).

• **بَڪو ڏَڙو:** اسم خاص. اُباوڙي ۽ ڪنڌياري تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **ٻَڪولو ج ٻَڪولا:** ذ. [هه. بَگـُولا] واچوڙو.

• **بَڪوئِي ج بَڪوئِيُونْ (ت):** ٿ. ڪڇ ـ بغل.

– **بَڪويُون هڻڻ:** ڪڇون ٺوڪڻ. خوشي ڪرڻ. ناز ڪرڻ.

• **بَڪِي ج بَڪيُون:** ٿ. صفت. [سن. وَڪَ = هلڻ] اَڇي ـ سفيد. ڊِڳِي (اڇي رنگ جي). ٻَري ٻَڪريءَ جو هڪ قِسم (رنگ اڇو، ٽنگون بلڪل ننڍيون، ڪن ننڍڙا ..... اڳتي ورِيل، ۽ ٿڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏا). (ث) گهوڙي گاڏيءَ جو هڪ قسم ـ بگهي. بنا جوهر ترار. (اسم خاص) ڏوڪريءَ ۾ ڳڙهي ياسين تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

— **بگي بورَ:** ث. مينهن جو هڪ قسم (جنهن جا چارئي اڇا پير ٿين).

• **بگيڙُ ج بگيڙَ:** ذ. ڦڏو ـ فساد ـ ڦيتاڙو ـ ڏڦير.

• **بگيڙڻ:** مصدر. بگاڙڻ ـ خراب ڪرڻ ـ ڦٽائڻ. ڦيرائڻ ـ بدلائڻ. ڪاوڙائڻ. (بگيڙيو ـ بگيڙيندو ـ بگيڙيل).

• **بگيڙي:** ذ. هڪ قسم جو ننڍڙو پکي ـ هيڙهو.

• **بگهاڙي، بگهاڙي ج بگهاڙيون، بگهياڙيون:** ث. لوهه جي ڪلي (هينان دوشاخي، جا پاڪڙي ۾ ڪتب جي چيڙي کي پسرسان مضبوط ڪرڻ لاءِ لڳائيندا آهن) "بگهاڙيون بغلن ۾، لڳين لوهه لڳاس" (شاهه).

• **بگهڙَ:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثر نوابشاهه ۽ حيدرآباد ضلعن ۾).

• **بگهڙُ ج بگهڙَ:** ذ. [سن. وِرڪَه] وحشي جانور جو هڪ قسم ـ گـرگ ـ ناهر. پاڪڙي جي گهوڙي ۽ پسرن کي مضبوط رکڻ جي هڪ ڪائي. (صفت) چالاڪ. سگهارو.

— **بگهڙيون:** مصيبت پوڻ ـ آفت نازل ٿيڻ ـ نقصان پهچڻ.

• **بگهڙي ج بگهڙيون:** ث. پوک جي ٽڪري "گهٽڻ پيٽاري بگهڙي، ڪائي ويئي جهار" ـ بکري ـ وڪري.

• **بگهياڙَ:** اسم خاص. موجوده ضلعي ٺٽي ۾ هڪ قديم دريائي ڦاٽ ۽ موجوده واهه جو نالو. بگهاڙ. ڪلمتي بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو (جو مٿن 'بگهياڙ' ڦاٽ تي سندن قديم بستين سببان پيو).

• **بگهياڙُ ج بگهياڙَ(ل):** ذ. بگهڙ ـ ناهر ـ گـرگ.

• **بگهياڙو ج بگهياڙا:** ذ. بگهڙن جون رڙيون ۽ اونايون ـ هُل. گوڙ ـ ڏمڇر. پڙڏڪ ـ مانڌاڻ.

• **بگهياڙي ج بگهياڙيون:** ث. بگهڙجي مادي. نار ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪائي ـ نهڪڻ. زنجير ـ نير. بگهاڙي. پيڪڙو. (پاڪڙي ۾ لوهه جي جهَل. (اسم خاص) تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بگهيڙُ ج بگهيڙَ:** ذ. بگهڙ.

• **بَلُ ج بَلَ:** ذ. [سن. بَلَ] بَلُ ـ طاقت. بهادريءَ جو زور (لس). وڏو ڪندو ـ سيلهُ.

• **بِلُ ج بِلَ:** ذ. [انگ. bill] خريداريءَ جي وچور جو ڪاغذ ـ قيمتن جو چٺو. حساب ڪتاب جو ڪاغذ. پگهار وغيره جو ڪاغذ (جو بينڪ مان متائجي). قانون جو مسودو.

• **بُلُ ج بُلَ:** ذ. ٽپو ـ چال. ٽينگ ـ ٻـڏ. لغڙ کي چاڙهڻ لاءِ ڏنل اُڇل. ڪينهي جو ٽيڙ. ڪمند جي ڳـري. وارو ـ وجهه ـ موقعو ـ ٿـڻ. ترغيب. گوهـي.

— **بُل ڏيارڻ:** ٽپو ڏيارڻ. وجهه ڏيارڻ.

— **بُلُ ڏيڻ:** ٽپو ڏيڻ. لغڙ کي هوا ۾ اُڇل ڏيڻ. وجهه ڏيڻ ـ موقعو ڏيڻ.

— **بُل ڪارائڻ:** ٽپو ڏيارڻ ـ ٽيڙ ڪارائڻ (بال کي).

— **بُل ڪائڻ:** ٽپ ڏيڻ. لُچڻ پچڻ ـ ٽڪڻ ـ بولاٽيون ڪائڻ. بيقرار ٿيڻ. ڪوشش ڪرڻ.

• **بَلا ج بَلائُون:** ث. [ع. بَلاءُ] مصيبت ـ آفت ـ آپدا. زحمت ـ تڪليف. ڏک ـ ايذاءُ. ڪابه هيبتناڪ شيءِ. جن ـ ڀوت. سنهو سَپ. (صطلاحاً) مادي سپ. (صفت) شرير ـ لُچ. چالاڪ. هوشيار. رپ. ٺگ. وڏو حريف ـ ترٻناڪ. خوفناڪ.

— **بَلا آڏي اچڻ:** مصيبت درپيش اچڻ. رنڊڪ پوڻ. نقصان پهچڻ. ڪنهن به شيءِ جو وچ مان غائب ٿي وڃڻ. ٺهيل ڪم بگڙي وڃڻ.

— **بَلا اَچي ڪُرڪڻ:** شامت پوڻ ـ مصيبت نازل ٿيڻ.

— **بَلا اَنگيز:** ذ. صفت. [ع. بلا + ف. انگيز = اٿاريندڙ] فتنو يا مصيبت اُٿاريندڙ.

— **بَلازَده:** صفت. [ع. بلا+ف. زده = ماريل] مصيبت جو ماريل.

— **بَلاڪَش:** ذ. صفت. [ع. بلا + ف. ڪش] تڪليف سهندڙ. جاکوڙا ڪيندڙ. ڏکي. ڪمبخت. عاشق ـ مُحبُ.

— **بَلانوش:** ذ. صفت. گهڻو شراب پيئندڙ. شرابي.

— **بَلائن کان بچائڻ:** مصيبت کان محفوظ رکڻ ـ آفتن کان امن ڏيڻ.

— **بَلاي آسماني** ث. خدائي مصيبت.

— **بَلاي بي دَرمان:** ث. لاعلاج مصيبت.

— **بَلاي جان:** ث. جيءَ جو جنجال.

— **بَلاي ناگهاني:** ث. اوچتي آپدا.

• **بِلا:** حرف جر. [ف. به = ساڻ + ع. لا = نه] کان سواءِ ـ بغير ـ سواءِ ڌاران ـ بنا.

— **بِلاتاخير:** ظرف. بنا دير ـ يڪدم.

— **بِلاترتيب:** ظرف. ترتيب کانسواءِ. بگڙيل.

— **بِلاتردُد:** ظرف. هٿڪ کان سواءِ. بيڌڙڪ.

— **بِلاتشبيه:** ظرف. پيٽ کان سواءِ.

— **بِلاتڪليف:** ظرف. تڪليف کان سواءِ. آسانيءَ سان.

— **بِلاحُجّت:** ظرف. حجت يا دليل کان سواءِ. بنا ثابتيءَ جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **بلاحرڪت:** ظرف. چرڻ کانسواءِ.

— **بلاديرِ:** ظرف. ڪنهن بہ دير ڪان سواءِ ـ يڪدم.

— **بلاسبب:** ظرف. سبب ڪان سواءِ ـ بي سبب.

— **بلاشرط:** ظرف. شرط ڪان سواءِ.

— **بلاشڪ:** ظرف. بنا شڪ شبهي جي ـ بيشڪ. واقعي ـ يقيني طور.

— **بلاطلب:** ظرف. طلب کانسواءِ. اڻ گهريو.

— **بلاعوض:** ظرف. بدلي ڪان سواءِ.

— **بلافاصلہ:** ظرف. وچوٽيءَ بغير. بنا روڪ. سانده ـ لاڳيتو.

— **بلافائدہ:** ظرف. بنا فائدي ـ اجايو.

— **بلافرق:** ظرف. سواءِ ڪنهن فرق جي ـ بنا امتياز.

— **بلاقصور:** ظرف. ڏوهہ ڪان سواءِ.

— **بلاموجب:** ظرف. سبب ڪان سواءِ.

— **بلانصيب:** ظرف. نصيب ڪان سواءِ. (صفت) بدبخت ـ نڀاڳو.

— **بلاواسطہ:** ظرف. وسيلي ڪان سواءِ. پاڻمرادو. بي سبب.

— **بلاوجہ:** ظرف. سبب ڪان سواءِ ـ ناحق.

• **بُلا:** ذ. پار ڪي پيار سان سڏڻ جو لفظ. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **بُلاشاہ:** اسم خاص. پنجابي ـ ملتاني زبان جو هڪ مشهور صوفي شاعر.

• **بلاتو ۽ بلاتا:** ظرف. بلاڻتو ـ جاياتو ـ ڏانيڪو ـ هتيڪو. سلامت. قابو ـ سوگهو "چي: آهي آزمودو رهہ عشق ۾ بلاتو" (آسو). (ث) بلاتي ۽ بلاتيون.

• **بِلاد:** ذ. [ع. بَلَدُ ج بلادَ] شهر ـ ڳوٺ. ملڪ.

• **بلادت:** ث. [ع] موڳائي ـ ڪند فهمي. بيوقوفي.

• **بلادي:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ قبيلي جو نالو. هڪ جت قبيلي جو نالو.

• **بلاڙو ۽ بلاڙا (ت):** ذ. صفت. هوشيار ـ چالاڪ.

• **بلاس تہ** [سن. وِلَس (= راند ڪرڻ) > وِلاس = راند روند. خوشي] راند روند. عيش عشرت. "يوڳ بلاس". خوشي ـ آرام ـ فرحت ـ آنند. بي فڪري. مزو ـ لذت.

— **بلاس ڪرڻ:** مزاماڻڻ. عيش ڪرڻ. يوڳ ڪرڻ.

— **بلاسي ۽ بلاسي:** ذ. صفت. خوشي جيئڙو. مزي ڪوڏيو.

• **بلاسيا (ت):** اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

• **بَلاط:** ذ. [ع] ميدان. فرش (سرن يا پٿرن جو). بارگاهہ ـ دربار.

• **بلاغ:** ذ. صفت. [ع] گهڻو ڳڙڪائيندڙ ـ پيٽوڙي ـ هاپو.

• **بَلاغ:** ذ. [ع] نياپو ـ پيغام.

• **بلاغت:** ث. [ع. بَلَغَ = هو پهتو] ڪلام جي سڀني خوبين ۽ معنائن جي پوري ادائگي. خوش رواني. ڪلامي قابليت. خوش بياني ـ شيرين ڪلامي. ڪلام جون لفظي خواهہ معنوي خوبيون. اعليٰ قسم جي خوش گفتاري سيڪارينڌڙ ڪلام ـ "علمِ بلاغت" (جنهن جون ٽي شاخون آهن: ١. علم معاني، ٢. علم بيان، ٣. علم بديع).

• **بلاغون:** ذ. ڪَويت جي وڻ جو چوڙو (جنهن مان ناس وجهڻ لاءِ دبليون ٺاهين). ناس جي دبلي ـ بلاڳون.

• **بلاق ۽ بلاق:** ذ. [ف] وڏيءَ سٿڻ جو پانچو.

• **بلاڪُ ۽ بلاڪَ:** ذ. [انگ. block] قالب ـ ڪارٻ. ڪنهن لکيت يا نقش جو سانچو. زمين جو ٽڪُ. زمين جي مخصوص اراضي (١٦ ايڪڙ) وارو ٽڪر.

• **بلاڪيٽُ ۽ بلاڪيٽ:** ذ. [انگ. blanket] ٿلهو اوني ڪٽو. ڪمبل.

• **بلال:** اسم خاص. [ع] حضور پاڪ جن جي مخلص حبشي اصحابيءَ جو نالو (جو نماز لاءِ بانگ ڏيڻ جي ڪم تي مقرر هوندو هو. جنهن ڪري ڪيس 'بلال بانگو' بہ چيو ويو ٿو). سنڌي شاعر جو نالو (شاهہ عنايت رضوي جو پوٽو. بلال شاهہ بن محمد شريف شاهہ بن شاهہ عنايت. جنهن جا ڪي بيت 'شاهہ جي رسالي' جي ڇاپي توڙي قلمي نسخن ۾ موجود آهن. "بغدادي، بلال چئي، رک وڏا شيخ شرم"). "مخدوم بلال" (اصل ٺٽيءَ جو وينل هو. وڏو مفسر ۽ ولي الله جنهن کي شاهہ بيگ ارغون ڏهين صدي هجريءَ جي اوائل ۾ شهيد ڪرايو. سندس مسجد ٺٽيءَ ۾ موجود آهي، ۽ سندس مقبره 'باغبان' ضلعي دادو ۾ آهي، جتي 'ماهہ پهرئين جمعي' تي وڏو شغل ٿيندو آهي).

• **بلالُ ۽ بلال:** ذ. ڏانديءَ پڪيءَ جو هڪ قسم (ٻن قسمن جو ٿئي: ١. ٽنڊٿي ٢. ساون ڪنين ۽ سائيءَ ڇهنب سان).

• **بلاوَلُ:** ذ. "شاهہ جي رسالي" ۾ هڪ سُر جو نالو. راڳ جي اصطلاح ۾ هڪ "ٺاٺ" جو نالو. هڪ راڳڻيءَ جو نالو. اسم خاص. ماڻهوءَ جو نالو.

• **بلاولي:** ث. هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

• **بلاولپور:** اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ (ٺٽيءَ جي پرسان) هڪ ديهہ جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• بَلاهَت: ث. [ع] ناداني ـ بيوقوفي.
• بَلائُو ج بَلائُون: ذ. ٻارن کي ڊيڄارڻ جو هڪ خيالي جانور ـ ٻاٺُو ـ جيجاٺُو.
• بِلائي کَنَدُ: ذ. [سن. وِداري ڪَنْدا] پسارڪي وکر جو هڪ قسم (جو سنڌن جي سوڄ لاءِ دوا طور ڪم اچي).
• بَلِي: ظرف. [ع] هالو.
• بَلبُ ج بَلبَ: ذ. [انگ. bulb] بجليءَ جي روشني ڏيڻ لاءِ هڪ خاص قسم جو شيشي جو پورو گولو.
• بَلبَل: ث. بَڪ بَڪ. ڏيڪ ويڪ ـ ٺاهه ٺوهه. سيٽ ٻٽاڪ.
• بُلبُلِ ج بُلبُليُون: ث. [ف] هڪ مشهور ننڍڙو پکي ـ بُـڙيل ـ پوري (بلبل کي سنڌ جي اُترئين حصي ۾ ڪن شاعرن مذڪر طور به استعمال ڪيو آهي "اصل ڪان آهه هي عاقل. اوهان جي باغ جو بُبل" (مولوي محمد عاقل). ميهڙ جي مشهور صحافي ۽ شاعر "رئيس شمس الدين" جو تخلص.
— بُلبلِ چَشمُ: ذ. جنهن جون اکيون بُلبل جهڙيون هجن. پَٽ جو (ٽبڪن سان) سنهڙو ڪپڙو. تمام سنهون چاريدار ڪپڙو. ڪيس جو هڪ قسم.
— بُلبلِ شيرازُ: ذ. 'شيراز' جي مشهور شاعر 'سعدي' جو لقب.
— بُلبل مزاجُ: ذ. صفت. ناز ڪندڙ. عاشق جيئڙو.
— بُلبل نَوا: ذ. صفت. بلبل جهڙو آواز ڪندڙ. خوش آواز.
• بُلبُلو ج بُلبُلا: ذ. [سن. بُدْبُدَه] جَر قوتو ـ حُباب. (صفت) پيارو. نخريلو.
ـ بُلبلو اُٿائڻ (ت): اُفواهه اُٿارڻ. ٺاهه' ٺاهڻ. تهمت مڙهڻ ـ الزام ڏرڻ.
• بَلبَنُ: اسم خاص. [ف] غلام گهراڻي جي هڪ بادشاهه جو نالو (جنهن جو نالو 'غياث الدين' هو. جنهن هندستان تي ١٢٦٤ع کان ١٢٦٥ع تائين حڪومت ڪئي).
• بَلٽُ ج بَلٽَ: ذ. [انگ. bolt] دروازي بند ڪرڻ جو ڪُنڊو.
ـ بَلٽ کي قيرو اچڻ: خيال ۾ تبديل اچڻ. محبت گهٽجڻ.
• بُلڊاڪُ ج بُلڊاڪَ: ذ. [انگ. bull dog] ننڍي قد وارو ڪتو. شڪاري ڪتي جو هڪ قِسم (مغز وڏو، بدن ٿلهو، منهن موڪرو ۽ قد ڇوٽو).
ـ بُلڊاڪ بنجڻ: بلڊاڪ وانگر ڪنهن جي پچ تي پئي سان وڙهڻ. ڪنهن جو خوشامدي بنجڻ. چالاڪ بنجڻ.
• بَلخ: اسم خاص. [ف] موجوده افغانستان ۾ هڪ قديم تاريخي شهر.

• بَلَدُ ج بَلَدَ: ذ [سن. بَليوَرْدَ] ٻَڍو ـ ڍڳو ـ ڏاند.
• بَلَدُ، بَلدَه: ذ [ع] شهر ـ وڏو ڳوٺ. [ف] واقف.
ـ بَلديه: ث. شهري انتظام جي جماعت ـ ميونسپل.
ـ بَلديت: ث. شهريت. شهري حقوق.
• بُلدي: اسم خاص. بلوچن جو هڪ قبيلو ـ بُليدي.
• بَلِرُ ج بَلِرَ: ذ. ٽڪر. ڳِري ـ ڳري. ڳِند. (صفت) وڏي بَليءَ وارو.
• بِلِڙُ ج بِلِڙَ: ذ. پراڻي شيءِ جو ٽڪر (ل). ڳيهه. ڪٺڪ جو اُٿو ۽ ڪند ملائي ٺاهيل ڪاڏو (ڪ). (صفت) ڇور ـ ٺڪ (ڪ).
• بِلڙُو ج بِلڙُو: ذ. "بِلُو" مان اسم تصغير. ننڍڙو ڇوڪرڙو. (ث) بِلڙي ج بِلڙيون.
• بِلڙي: اسم خاص. تعلقي ڪونيءَ ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو (جتي مشهور درويش ۽ ولي الله "شاهه عبدالڪريم" جو مقبرو آهي).
• بِلڙي ج بِلڙيُون: ث. صفت. ننڍڙي (ڇوڪري). پياري ـ منڙي.
• بَلسانُ: ذ. [ع] دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جو ٻوٽو (جنهن جي ٻج مان خوشبودار تيل نڪرندو آهي).
• بُلغارُ ج بُلغارُون: ث. [ف. ترڪي] آواز. پرواهه ـ ڇِخي "بُلغار ئي ڪانه ڪيائين = پرواهه ئي ڪانه ڪيائين" (جملو). گُل ڦل ـ ساوڪ ـ سبزي "جيئن هت انب آما آمڙيون. پيا باغ چڱا بلغار" (ڪبير شاهه). خوشبودار چمڙو. رُوسي چمڙو. رڍڙ جي نليءَ وانگر چمڙي جو ڍڳهونڊ (چلم يا حقي جو). [اسم خاص] يورپ جو هڪ ملڪ بلگيريا (Bulgaria).
— بُلغاري: ث. روسي چمڙو. هڪ قسم جي ننڍي ستار (جنهن کي مضراب يا ڪاٺڻ سان وڄائبو آهي).
— بُلغاري چِلمُ: ث. ڍڳهي (بلغاري) نڙ سان ڳنڍل واري وڏي چلم.
• بُلغاري حُقُو: ذ. بلغاري نڙ وارو حُقو.
• بُلغاري نڙُ: ذ. رڍڙ جي نليءَ مثل ورن وڪڙن وارو ڍڳهو نڙ.
• بُلغاريه: اسم خاص. يونان جي اُتر ۾ هڪ شهر ۽ ملڪ جو نالو.
• بُلغار، بُلغاءِ: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ تپي. ديهه ۽ ريلوي اسٽيشن جو نالو (جنهن کي هن وقت سلطان آباد چون ٿا).
• بَلغَمُ: ذ. [ع] چئن خلطن (صُفراءِ. بلغم. خون ۽ سوداءِ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان هڪ خلط جو نالو. ڇاتيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ ڄارو (جو کنگهاري ذريعي ٻاهر نڪري) ـ ڳهاٽو کنگهارو.

— **بَلغمِي ۽ بَلغَمِي:** ذ. صفت. بلغمي مزاج وارو (جو ٿلهي بدن وارو ٿيندو آهي). (ڪناية) سست ـ ڪاهل.

• **بِلفِعل:** ظرف. ڏسو "بِالفِعل". حالي ـ في الحال.

• **بَلقان:** اسم خاص. يورپ جي ڏکڻ اوڀر ۾ ڳنڍيل رياستن جو ملڪ (Balkan States).

• **بِلقِيس:** اسم خاص. [ع] "سبا" ملڪ جي راڻي (جنهن حضرت سليمان سان شادي ڪئي هئي).

• **بَلڪ:** حرف جملو. [ع. بَل + ف. ڪه] پر ـ انهيءَ هوندي. ويتر ـ ڪان وڌيڪ.

• **بَلڪُل:** ذ. [سن. وَلڪَلَ] وڻ جو ڇوڏو. ڇوڏن مان ٺهيل وِستر (ڪپڙو).

• **بِلڪُل:** ظرف. ڏسو "بِالڪُل" بنهه ـ سراسر ـ سمورو.

• **بِلڪور ۽ بَلڪور (ت):** ذ. صفت. اِبرو ـ ڏٻرو ـ هيٺو ـ ٽڪل.

• **بِلمُقطعو:** صفت. [ع. بِالمُقاطعه] مقاطعي پٽاندر. بنا حساب جي. دوم شوم ـ اُڪو ڏڪو ـ علي الحساب. مفت.

• **بُلَندُ ۽ بُلَنْدَ:** صفت. [ف. بلند] اُتاهون ـ مٿانهون اعليٰ اُچو. برتر.

— **بُلند اختر:** صفت. اُوچي ستاري وارو. وڏي طالع وارو.

— **بُلند آشيان:** ذ. صفت. (اُهو پکي) جنهن جو آکيرو تمام مٿي هجي. وڏي مرتبي وارو.

— **بُلند آواز:** ذ. صفت. وڏي آواز وارو.

— **بُلند ارادهٔ:** ذ. صفت. وڏي ارادي وارو.

— **بُلند اقبال:** ذ. صفت. وڏي طاقت وارو. وڏي اثر ۽ رسوخ وارو.

— **بُلند بالا:** ذ. صفت. وڏي قد وارو ـ

— **بُلند بخت:** ذ. صفت. وڏي بخت وارو.

— **بُلند بين:** ذ. صفت. مٿي ڏسندڙ. روحاني رمزون پروڙيندڙ.

— **بُلند پرواز:** صفت. مٿي اُڏامندڙ. عالي دماغ. عالي فڪر.

— **بُلند جاهه:** صفت. وڏي مرتبي وارو.

— **بُلند حوصلهٔ:** ذ. صفت. وڏيءَ همت وارو. اُوچي خيال وارو. فراخ دل ـ سخي. دلير ـ بهادر.

— **بُلند قامت:** ذ. صفت. وڏي قد وارو.

— **بُلند مرتبهٔ:** ذ. صفت. وڏي شان وارو ـ وڏي عهدي وارو.

— **بُلند مڪان:** ذ. صفت. وڏي مرتبي وارو.

— **بُلند نظر:** ذ. صفت. وڏيءَ نظر وارو ـ دورانديش.

— **بُلند نگاهه:** ذ. صفت وڏيءَ نظر وارو ـ دور انديش.

— **بُلند همت:** وڏيءَ همت وارو.

— **بُلندي ۽ بُلنديون:** ث. اُتاهين ـ اُچائي. مرتبو ـ وڏائي.

• **بلنگسو:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جو ٻج.

• **بَلو ۽ بَلا:** ذ. حيلو ـ اُپاءُ ـ تدبير. وسيلو ـ آسرو. بندوبست ـ انتظام. تدارڪ علاج ـ چارو. مدد ـ واهر ـ همراهي. جاءِ ـ پيٽي ـ ماڳ. ڏس پتو. ذمو. ليکي جي رقم. ڪٽ جو تفصيل ـ وچور. حوالو ـ ثابتي. (صفت) همراهه ـ ساٿي ـ ساٿي.

— **بلوپيٽي ڪرڻ:** حيلو ڪرڻ. بندوبست ڪرڻ.

— **بلي آڻڻ:** ڪم آڻڻ ـ ڪتب آڻڻ.

— **بلي ڪرڻ:** حوالي ڪرڻ.

— **بلي لائڻ لڳائڻ:** ڪم آڻڻ ـ هٿيڪو ڪرڻ.

— **بلي لڳڻ:** دل سان لڳڻ ـ يادگيري پوڻ.

• **بلُو ۽ بلو:** صفت. [انگ. blue] نيرو يا آسماني (رنگ).

• **بلو:** اسم خاص. مرد جي نالي "بلاول" جو مخفف.

• **بُلو ۽ بُلا:** ذ. ماءُ ٻبو (ٻاراڻي ٻوليءَ ۾). مڇيءَ جو هڪ قسم (چلر سنهڙا، رنگ ميرو، سنهون ڏگهو مُنهن، ٻه پڪڙا، تور اٽڪل اڌ پاءُ). (اسم خاص) ڪاڇي جو مشهور ڏاڍو مڙس ۽ پهلوان "ٻلو ڪوسو" (ٻڌائي پاڙو؛ تعلقي سيوهڻ ۾. 'ڪاڇي گنيڙاچ' جي ٻُنيءَ تي وينل. جنهن کي جنگو خان جمالي ۽ جمالين، لنڊن ۾ شاهاڻين جو لشڪر چاڙهي مارايو هو) "ٻُلو ٻڌائين ۾ تو سورهيه سڏائي".

• **بَلوچ:** اسم خاص. هڪ مشهور قديم نسلي قوم جا اوائل ۾ غالباً قديم ايران يا ايران جي اُتر واري خطي جي رهندڙ هئي، جنهن جي بلوچي زبان ٻه قديم پهلوي يا دَري ٻولين جي شاخ آهي؛ آڳاٽي وقت ۾ عراق ۾ عربن جي پاڙيسري بنجڻ سبٻان منجهن عربن واريون شخصي ۽ قومي خصوصيتون پيدا ٿيون؛ ٨ـ١٥ صديءَ تائين سڄي بلوچستان ۾ سندن آباديون هيون. ١٨ ـ صدي ڌاري بلوچ قبيلن جي سنڌ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات ۽ اُتر اولهه پنجاب طرف هجرت ٿي؛ هن وقت بلوچن جي اڪثريت مغربي پاڪستان ۾ آهي، اُن بعد بتدريج ايران، افغانستان ۽ روس ۾).

• **بَلوچ ۽ بَلوچَ:** ذ. بلوچستان ملڪ جو رهاڪو. بلوچ قوم جو فرد. (اسم خاص) اصطلاحاً سسئي جو عاشق سردار پنهون "متان ڇئي بلوچ، ته ڪميڻيءَ مان ڪين ٿيو" (شاهه).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **بلوچاڻي:** صفت. بلوچن جي _ بلوچن واري. بلوچن جهڙي ”اَتي آڌيءَ رات، ڪن بلوچاڻي بات“. (اسم خاص) مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **بلوچ آباد:** اسم خاص. ٺل ۽ ڪنڌ ڪوٽ تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **بلوچ خان:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بلورُ ج بلورَ:** ذ. [ع. بَلَور، بِلور، بُلور] ڦلهو چمڪندڙ ۽ شفاف شيشو. Crystal. شيشي جي گولي _ ڇڏو.

— **بِلوري ج بلوريُ:** ذ. صفت. بلور جهڙو چمڪندڙ. بلور مان ٺهيل.

• **بلوري:** اسم خاص تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَلوطُ:** ذ. [ع] وڻ جو هڪ قسم.

• **بُلوغتَ:** ث. [ع. بَلَغَ. بُلوغُ = بالغ ٿيڻ] بالغ ٿيڻ واري وهي. سامائجڻ واري حالت. جوانيءَ جي شروعات. جواني. بالغي.

• **بَلونُ ج بلونُون:** ث. [انگ. balloon] اُڏند ڪنولي _ غبارو _ وماڻ.

• **بَلوو ج بَلوا:** ذ. [ف. بَلوا] بغاوت. وڳوڙ _ فساد. شورش. ماراماريءَ وارو حملو.

• **بُلهُه:** ذ. صفت. [ع. اَبْلَهُ] بيوقوف.

• **بَلهُزيرُ ج بلهزيرَ:** ذ. صفت. [ع: بِلاحَذَرُ (؟) > بِلا = سواءِ + حَذَر = ڊپ] بي ڊپو. بيحياءُ _ بيشرم _ اَٿاسو. بدفضيلت. خبيث _ نَحسُ _ پليت. بدمعاش _ رهزن _ شرير. چور. ظالم _ خنزير.

• **بليڪ:** صفت. [انگ. black] ڪارو _ سياهه.

— **بليڪ آئوٽ:** ث. [black out] وڏي پيماني تي بتين وسائڻ واري حالت. اونداهي _ انڌوڪار. خبرن جي اشاعت بند ڪري ڇڏڻ واري حالت.

— **بليڪ بورڊ:** ذ. [blackboard] اسڪول ۾ لکڻ لاءِ ڪاٺ جو ڪارو تختو.

— **بليڪ ڪرڻ:** ڪارو ڪرڻ. چور بازاري ڪرڻ. وڌيڪ اگهه تي وڪڻڻ.

— **بليڪ مارڪيٽ:** ث. رواجي اگهه کان مٿي وڪرو _ چور بازاري.

• **بَلَٽُوشُ ج بَلَٽُوشَ:** ذ. صفت. وحشي _ جهنگلي. اَڻ سڌريل _ جٽ. ڪنو _ گندو.

• **بَلي:** حرف ندا. [ع. بَلي: ف. بَلي = هائو] واهه! _ خوب!. (ذ) ٻٽي تي ٽوڪ جو لفظ. عجب جي اظهار جو لفظ _ مارا.

— **بَلي بَلي:** حرف ندا. واهه واهه! ٺاهُوڪو! _ شاندارا.

— **بلي هُجڻ:** وڏيءَ پهچ وارو هجڻ. متڪبّر هجڻ.

— **بلي پائي هجڻ:** وڏي رسائي ۽ رهائي هجڻ. عام مقبوليت هجڻ.

• **بَلِيُ ج بَلِيُوْنَ:** ث. ڪمند جي ڳَري _ ڳري. آگر جي ٿڻ حصن مان هڪ حصو _ ڏوڏو. ڪَڌُ _ ٽپو (ت). (صفت) پياري _ مٺڙي. لَڏڻ _ مٺڻ.

— **بلي ڏيڻ (ت):** خراب صلاح ڏيڻ _ بدراهه ڪرڻ _ برغلائڻ. ڦندائڻ _ آپارڻ _ هُشي ڏيڻ.

• **بِليخَرُ:** صفت. ڪڪ _ عاجز _ ٿڪل.

— **بليخر ٿيڻ:** ٿڪجي پوڻ. ڪڪ ٿيڻ.

• **بُليدي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو (اصل ۾ بُليدهِ (مڪران) کان آيل).

• **بِليئرڊُ:** ذ. [انگ. billiard] ولائتي راند جو هڪ قسم (جا ڪاٺ جي چورس تختي تي گول سارين سان کيڏندا آهن).

• **بَليغُ:** ذ. صفت. [ع] پاڪيزه ڪلام وارو. ادبي زبان جو ماهر. خوش بيان. ماهر _ هوشيار.

— **بليغانهٰ:** ظرف. بليغ نموني ۾.

• **بليسُ ج بليسُوْنَ:** ث. [ف. بالشْتْ] ڪليل هٿ جي ڇيچ ۽ آڱوٺي جي وچوارو مفاصلو _ گرانٽ.

• **ٻَرُ ج ٻَرَ:** ذ. [سن. وَرُ] فقيرن (جوڳين) جو نعرو ”ٻر ٻر مهاديوا“. [ف. بَرْ. بِرّ] ڌهل. ڌڪڙ. پڪواز يا نغاري جو نَرُ (ڳرو) پاسو (جنهن تي هٿ يا ڏڪ هڻڻ سان وڏو ۽ ڳرو آواز نڪري). راڳ يا ساز جو ٿلهو ۽ اُچو آواز _ ”زير“ جو ضد. ٻتاڪ _ لاف. ڏٽو _ ڳلتو _ ڳشو _ دم. خاموشي _ ماٺ _ چپ. رعب _ تاب _ داٻ. گهوڙي گاڏيءَ جي هڪ ڪاٺي (اُها ڏگهي ڪاٺي، جنهن ۾ گهوڙو ٻڌجي) _ ٻول. [انگ. bomb] بارود جو ناس ڪندڙ گولو _ ٻم گولو.

— **ٻمبارُ ج ٻمبارَ:** ذ. صفت. ٻم گولا اُڇلائيندڙ. دلبو ڏيندڙ _ ٺڳ.

— **ٻمباري:** ث. گولن جو وسڪارو _ گول بازي.

— **ٻر ٻکيڙو ج ٻر ٻکيڙا:** ذ. تجمّل _ ٺاٺ. وڏو بندوبست. هُل جهيڙو.

— **ٻر ٻکيڙو ڪرڻ:** تجمّل ڪرڻ. وڏو بندوبست ڪرڻ. گوڙ گهمسان ڪرڻ. هُل جهيڙو ڪرڻ.

— **ٻر ٻڌڻ:** ڪوڙا دم دلاسا ڏيڻ _ ڏٽا ڏيڻ. رعب ويهارڻ _ اجايو دهمان ڪرڻ. آڪڙ ۽ سيٺ ڏيکارڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**بَناتُ:** ث. [ع. بِنْتُ ج بَناتُ] ڌِيُون ـ ڌِيئر ـ نياڻيون.
- **بَناتُ النعْش:** ث. اُتر قطب تاري جي چوڌاري ڦرندڙ ستن تارن واري ميڙ (ڪَتّ، دُبّ اڪبر) جا پڇاڙيءَ وارا ٽي تارا.

**بنارس:** اسم خاص. هندستان جو هڪ مشهور شهر ۽ هندن جو وڏو تيرٿ ڪاشِي.

**بَنارڻُ:** مصدر. گوشت کي رڌڻ لاءِ ڀوڻيون ڪرڻ. (بناريو ـ بنارِيندو ـ بناريل).

**بِناسُ:** ث. [سن. وِناش] تباهي ـ برباديِ ـ فنا.

**بَناسْپَتِي:** ذ. [سن. وَنَسْپَتْر = وڻن جا پن] جهنگل ڦل ـ گاهہ (جنهن جو گُل ڪان سواءِ ڦل ٿئي). سبزيءَ مان ٺهيل گيهہ (vegetable oil).

**بَناوَتَ ج بَناوَتُونْ:** ث. [ع. بَنيٰ، يبْنِي = اَڏڻ] اَڏاوت ـ ساخت ـ گهاڙيٽو. جوڙ جڪ ـ مانداڻ. ڍول ـ بيهڪ. ظاهري نمائش ـ ڏيکاءُ. ملاوت ـ آميزش. ڪوڙ. بهانو.
- **بَناوَتِي ج بَناوَتِي:** ذ. صفت. جُڙتو. ملاوتي ـ گاڏڙ

**بِناهَ:** ث. [ع. بِناءُ] پيڙهہ ـ بنياد. سِٽاءُ ـ نمونو.

**بَناهو ج بَناها (ٽ):** ذ. [سن. وِواهہ = وهانْءُ، پرڻو] گهوٽ ڪنوار کي شاديءَ وقت يا بعد ۾ ڏنل مٿائي وغيره ـ مُوڙو.

**بِناءَ ج بِنائُونْ:** ث. [ع. بِناءُ] بنياد ـ پيڙهہ. اَڏاوت. عمارت. پاڙ ـ جڙ. سبب ـ وجہ.

**بَنائِڻُ:** مصدر. [ع. بَنَيٰ ـ يَبنِي = بنائڻ] رٿڻ ـ سِٽڻ. ٺاهڻ ـ جوڙڻ. اَڏڻ. منڍڻ. سينگارڻ. (بنايو ـ بنائيندو ـ بنايل).
- **بَناءَ ج بَناءَ:** ذ. سِٽاءُ ـ مانداڻ. جوڙجڪ.

**بِنْبَ ج بِنْبُون:** ث. آرسي ـ درسني ـ آئينو.

**بَنْبالُ ج بَنْبالَ:** ذ. [ع. وَبالُ] وبال ـ مصيبت ـ جنجال. پِٽَ ـ هچا ـ پاپُ "پاپ وسايو پاڻ تي، باپيءَ جو بَنبال" (حفيظ).

**بَنْبَسُ (ڪ):** ذ. ڏيک ـ ٺَٽُ. پيڪو. بار.

**بَنْبَلَ:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثري سکر ۽ جيڪب آباد ضلعن ۾).

**بَنْبَلَ ج بَنْبَلُون (ت):** ث. اَڇي پڇ واري مينهن.

**بَنْبِلِي ج بَنْبليُون (ث):** خواري ـ رسوائي. ننڍڙو ٽڪنڊو جهنڊو.

**بَنْبِلِي:** اسم خاص. تعلقي ميرپر ماٿيلي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

**بَنْبَڙُ:** (ت. ل): صفت. ٿُلهو ـ متارو.

**بَنْبُو ج بَنْبُو:** ذ. [انگ. bamboo=] بانْس، بانْس جو ڊگهو لڙهو] تار جو ٿنيو. لوهہ جو ڇهنبيارو ۽ سوراخدار سُوئو (جو گُوڻ ۾ هٽي اناج جا ڪجهہ داڻا ٻاهر ڪڍي جنس ڏسجي).

- **بَنْيا:** ذ. جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. گهاٽا، ڪارا ۽ گهنڊيدار وار.
- **بَنْيَتُ ج بَنْيَتَ (ل):** ذ. مَڃُ. ٻَنيٽ ـ ٻيڙ.

— **بَنيت ٻرڻ:** مچ ٻرڻ. باهہ ٻرڻ. فَساد برپا ٿيڻ. معاملو وڌي وڃڻ.
- **بِنْيِرڪو ج بِنْيرڪا:** ذ. پرهہ ڦٽيءَ جو وقت (ذرا اونداهيءَ وارو) ـ ٻِنيرڪو.
- **بِنْيُري ج بِنْيُريُون (ل):** ث. ڏسو "بَنيوري".
- **بَنْيو ج بَنْيا (ل):** ذ. ڪَڪي ـ ڳاڙهي رنگ جي وارن وارو ماڻهو. سهڻو ـ محبوب "ميڙئين مون ڏٺي، بنيا يار بنيور ۾" (نامعلوم). (ث. بَنْيِي ج بَنْيِيُون). (صفت) ڪارو. زال جو مڄو ـ زن مريد. (اسم خاص) مرد توڙي عورت جو نالو "ڄام بنيو"، "مائي بَنيو".

— **بَنيو چوٽو:** ذ. گهاٽا گهنڊيدار ڪارا وار.
- **بِنْيو ج بِنْيا:** ذ. لاڳاپو ـ تعلق ـ اَسانگو. "بِنيا هن بنيور جا، نيڻي وسائيندءِ ڪڏ" (منٺار).
- **بِنْيُوري، بَنْيُوري ج بَنْيُوريون (ل):** ث. جيت جو هڪ قِسم ـ ٻنيُوري. ٻير جي سُڪل پلڙي مان ٺهيل ڦرڻي (جا هوا تي ڦرندي آهي).

— **بنيوري ٿيڻ:** تڪڙو ڀڄي وڃڻ.
- **بَنْيول ج بَنْيولُونْ:** ث. [سن. وِيْرَمْ] حيراني ـ پريشاني ـ ٻَنْيول.
- **بَنْيِي ج بَنيِيُونْ:** ث. ڪڪي اک. ڏسو "بَنْيِي".
- **بَنَت:** ث. بٽت ـ ٺاهہ ـ ساز ـ سلوڪ.
- **بِنْتَ:** ث. [ع] ڌيءُ ـ نياڻي.

— **بِنْتُ الْعِنَبِ:** ث. [ع. لفظي معنيٰ 'انگور جي ڌيءُ'] شراب.
- **بَنْتا:** ث. وني ـ ڪنوار. جوءِ ـ زال. (صفت) لَڏڻ ـ نازنين.
- **بَنْجَ:** ث. [ع] ڀنگ.
- **بَنْجَرَ:** ث. [سن. بَنْڌيا = ويران، سَنْڌِ] غيرآباد زمين. نوبتي زمين.
- **بَنجَڻُ:** فعل مجهول. [بَنَيٰ، يَبْنِي] ٺهڻ ـ بڻجڻ. (بنيو ـ بنجندو ـ بنيل).
- **بِنْجَڻُ ج بِنْجَڻَ (ل):** ذ. [سن. پَڪْشْمَن] اک جا وارَ ـ ٻِنبٽي.
- **بَنْجهُو ج بَنْجهُو:** ذ. مِٽي. ڪيڙيل ٻنيءَ جي رَڙَ واري مِٽي.

— **بَنجهو ڀرائڻ:** ٻوڪ کي ڀريون پاڻي ڏيڻ.

— **بَنْجهُوءِ تي اَچڻ، هُجڻ:** ٻوڪ کي ڀرئين پاڻيءَ جي گهرج ٿيڻ.

• **بَنجِي، بَنجِي ج بَنجِيُون، بَنجِيُونَ:** ث. [ف. بَـرجِي] بڻجي ـ ننڍو پالو ـ نيزو.

• **بَندُ ج بَندَ:** ذ. [سن. بَنڌَ = ٻڌڻ. ف. بَستَن، بَنديدن = ٻڌڻ] بندڻ يا بند ڪرڻ جي حالت ـ بَنڌُ ـ ٻَڌَ. روڪ ـ جهل ـ اٽڪ. قيد ـ جيل "جي ڪر لڌائون، ته بنديءَ بند نہ ساريو" (شاهہ). منع ـ بندش. پاڻيءَ جي اُٿل جي بچاءَ ڪان مٽيءَ يا پٿرن جو بَندُ. پوڪ جو وڏو ٻنو ـ ڪَرُ. ڳوش جي مشڪ ـ ٻَنڌي. سَنڌُ ـ عضوو. ڳاهہ يا ڪانن جو ڳڏو. ڪنهن بہ اوزار جو مُنيو. ستار جو ڪڙو (جنهن ۾ تارون ٻڌندا آهن). زنجير جو ڪڙو. هٿڪڙي. ڳهوڙي يا ڪُتي جو اثرائتو چڪ. شعرجي هڪ مصرع. راڳ جو ٿَل. نظر جو هڪ حصو. ملهہ جو هڪ داءُ. (اسم جي پنيان اچي فاعل جو ڪم ڏيندڙ) ٻڌندڙ "جلد بند، ازاربند، وغيره". (ظرف) ٻڌل ـ بند ٿيل ـ پڪڙيل. قابو ـ سوگهو. گرفتار ـ اسير.

— **بَندباز:** ذ. صفت. بازيگر رسيءَ تي نچندڙ.

— **بَند بَند پڪڙ وٺڻ:** وائي سُور جو عضوي عضوي کي وٺڻ. چوڪنيو ٻڌڻ.

— **بَند ٻَڌڻ:** پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ وڏو ٻنو ڏيڻ. اَڻ ٺهندي ڳالهہ ڪرڻ. صلاح ڪرڻ.

— **بَندخانو ج بَند خانا:** ذ. بنديخانو ـ قيد.

— **بَندراهو:** ذ. قيد. بندش.

— **بَند ڪرڻ:** پُورڻ. روڪڻ. بندڻ. قيد ڪرڻ. ٻَڌڻ.

— **بَند گِير ج بَند گِيرَ:** ذ. صفت. باندي ـ قيدي.

— **بَند ۾ پوڻ:** قيد ۾ پوڻ.

— **بَنديخانو ج بَنديخانا:** ذ قيدخانو ـ جيل خانو.

— **بَندي وان، بَندي وانُ:** ذ. صفت. قيدي ـ باندي.

• **بُندَ:** ث. ڏسو "بُوندَ".

• **بَنداٽڻ، بَنداٽڻُ:** مصدر. جهنجهولڻ ـ ڏانڊولڻ. (ڪنايَةً) ڳلا ڪرڻ. بدنام ڪرڻ. (بنداٽيو ـ بنداٽيندو ـ بنداٽيل).

• **بَندُ بَستُ:** ذ. [ف] بندوبست.

• **بَند پُراڻ:** اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهہ جو نالو (قديم 'پُراڻ' درياءَ جي بند واري ايراضي).

• **بَندجاني:** اسم خاص. تعلقي وارهہ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **بَندجڻ:** مصدر "بندڻ" مان فعل مجهول. ٻڌجڻ. روڪجڻ. جهلجڻ. بند ٿيڻ. قيد ٿيڻ. (بنديو ـ بندبو ـ بنديل).

• **بَندَرُ ج بَندَرَ:** ذ. [ف] درياءَ يا سمنڊ جي ڪناري تي جهاز، ٻيڙين وغيره جي بيهڻ ۽ ماڻهن، مال وغيره جي لهڻ چڙهڻ جي جاءِ. درياءَ يا سمنڊ جي ڪناري وارو شهر. ٻيڙين جي سڙهہ ٻڌڻ جون رسيون. [هہ] باندر ـ پولڙو.

— **بندرڪرڻ:** جهاز يا ٻيڙيءَ جو بندر تي اچي بيهڻ.

— **بندرگاهُ ج بندرگاهَ:** ذ. بندر ڪرڻ جي جاءِ.

• **بَندَرَ:** ث. ننڍي آهَـر. آهرن جي قطار (جنهن ۾ گهٽا آهرا هجن ۽ هڪ ئي وقت گهٽا جانور قطار ۾ بيهي چارو کائي سگهن).

— **بَندَرچرڻ:** ويهي پلجڻ. بنا تڪليف سيڪجهہ (ڪاڏو) ملڻ.

• **بَنرابَاني:** ث. دهل جي وڄت جو هڪ قِسم.

• **بِندرابَنُ:** اسمِ اص. هندستان ۾ هڪ بن يا جهنگل (جنهن ۾ ڪرشن مهراج ٻالپڻ جو زمانو گذاريو) ـ برندابن.

• **بِندرو ج بِندرا:** ذ. صفت. [سن. وامَنَ] قد جو ننڍو ـ ڇوٽي قد وارو. (ث) بِـندري ج بندريون.

• **بَندِڙو ج بَندِڙا:** ذ. "بَند" مان اسم تصغير. ننڍڙو بند. ڳهہ جو هڪ قِسم ـ پيرَ مُندي (جنهن تي اڪثري ميناڪاريءَ جو ڪم هوندو آهي).

— **بَندِڙائي ج بَندِڙائِي:** ذ. صفت. بَندڙا جوڙيندڙ ـ بندڙا وڪڻندڙ.

• **بَندِش ج بَندشُون:** ث. [ف] روڪ ـ جهل ـ ٻَڌل ـ منع. جملي ۾ لفظن جي بيهڪ.

— **بندشِي:** ذ. صفت. بندش وارو. بندش هيٺ آيل.

• **بِند ڪُرو ج بِند ڪُرا:** ذ. صفت. [سن. وامَنَ] بندرو ـ ڄامڙو.

• **بَندِ ڪوراڙ:** اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **بَندَگي ج بَندگيُون:** ث. [ف] ٻانهپ. عبادت ـ پوڄا. طاعت. عجز ـ نِيازي. آداب. سلام جو هڪ لفظ.

— **بندگي ڪرڻ:** عبادت ڪرڻ. ٻانهپ جا فرض بجا آڻڻ.

• **بَندَڻ، بَندڻُ:** مصدر. [ف. بَستَن = ٻڌڻ: سن. بَنڌَن = ٻڌڻ] بند ڪرڻ. روڪڻ ـ جهلڻ. آڏ ڏيڻ. ٻڌڻ ـ قابو ڪرڻ ـ سوگهو ڪرڻ. پُورڻ. قيد ڪرڻ ـ گرفتار ڪرڻ. (بنديون ـ بنديندو ـ بنديل).

— **بندائڻ:** مصدر. "بندڻ" مان متعدي بالواسطه. ٻڌائڻ. قيد ڪرائڻ. پڪڙائڻ.

— **بندجڻ:** مصدر "بندڻ" مان فعل مجهول. ٻڌجڻ. جهلجڻ. روڪجڻ. ڳهوڙي وغيره سُواريءَ جي وهٽ جو بيمار ٿيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُرڇڻ. لڱ ڇرڪي پوڻ.

• **بَنْدو ج بَنْدا:** ذ. صفت. [ف. بَنْدہ] ٻانهو ـ گولو ـ غلام ـ نوڪر ـ ٻيلي. انسان ـ آدمي. (ث). بَنْدي ج بَنْديُون.

• **بَنْد واري:** اسم خاص. ميرپور ماٿيلي ۾ ڏهڙي تعلقي ۾ ديهه جو نالو.

• **بَنْدو بَسْتُ ج بَنْدوبَسْتَ:** ذ. [ف] ترتيب ـ جوڙ جڪ ـ ناهه ٺوهه ـ انتظام.

• **بَنْدُوق ج بَنْدوقُون:** ث. [ترڪي؛ ف. بُندوق] هٿيار جو هڪ قسم (جنهن ۾ بارود ۽ گوليون يا ڪارتوس وجهي ڇوڙجن) ـ تفنگ.

ـ **بَنْدوقچي ج بَنْدوقچي:** ذ. صفت. بندوق هلائيندڙ ـ بندوق بردار ـ تفنگچي.

ـ **بَنْدوقچي ج بَنْدوقچيُون:** ث. ننڍڙي بندوق.

• **بَنْدولَ ج بَنْدولُون:** ث. ٻيڙيءَ جو هڪ حصو. درياهي ٻيڙيءَ جي "واڙ" ـ ٻانهين. ڪاري جي ٻيڙيءَ جي مٿان سطح واريءَ جاءِ جو پاڳو ـ "ڏڪ" جي ٽيڪ واري جاءِ.

• **بَنْدَہ ج بَنْدگان:** ذ. [ف] ٻانهو ـ غلام ـ بندو ـ نوڪر.

ـ **بَنْدہ پَرْوَرْ:** ذ. صفت. ٻانهن جي پرورش ڪندڙ. خاوند.

ـ **بَنْدہ زادَہ:** ذ. ٻانهي جو پٽ.

ـ **بَنْدہ نَوازُ ج بَنْدہ نَوازَ:** ذ. صفت. ٻندن تي مهرباني ڪندڙ. مهربان. (اسم خاص) خواجه معين الدين چشتي رح اجميريءَ جو لقب.

• **بَنْدي ج بَنْديُون:** ث. [ف] قيد. ڪتابڙي ـ چوپڙي ـ ننڍڙو نوٽبڪ. ليکي چوکي جو ڪتاب ـ وهي. ٻنيانُ. ڪُلهي ۽ ڪرائيءَ ۾ سوڻ طور (صفر پوئينءَ اربع تي) ٻڌڻ جو ريشمي يا سوٽي ڪارو ڌاڳو ـ رکڙي. تاجيءَ جي تندن کي سلسليوار بيهارڻ جي تند. ڪُتي جي ڳچيءَ جو پٽو. چمڙي جي پٽي (جا مَٽ وارو مير بحر چيلهه ۾ ٻڌندو آهي) اسم جي پڇاڙي (هنر يا ڪسب ڏيکاريندڙ). "جلد بندي، سيج بندي وغيره". ٻانهپ ـ نوڪرياڻي. قيدياڻي ـ بندياڻي.

ـ **بندياڻي ج بندياڻيون:** ث. قيدياڻي "ختانو هَتِ تيو، آءَ هت بندياڻي" (شاهه).

ـ **بَنْدي ڪَرڻ:** قيدي بنائڻ. پوتاميل ڪڍڻ.

ـ **بَنْدي موڪ ڪَرڻ (ت):** ٻس ڪرڻ. ڪڪ ٽيڻ. حساب ڪتاب چڪتو ڪرڻ.

ـ **بَنْديُون پَٽڻ:** وهيون جانچڻ. ڦورو ڦولهڻ. عيب اگهاڙڻ.

• **بَنْدِي:** ث. ڏسو "بُونْدِي".

• **بَنْديجا:** اسم خاص. 'جوکين' جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **بَنْدي ماتَرم:** ذ. [سن. وَنْدي ماتَرمُ = آءَ پنهنجيءَ ماءُ کي پوڄيان ٿو] ڌرتيءَ ماتا جي پوڄا ڪرڻ وقت هندن جو هڪ گيت. هندستان ۾ برطانيه جي حڪومت وقت آزاديءَ خاطر بنايل هڪ ملڪي ترانو.

• **بُنْدُ ج بُنْدَ:** ذ. ڪاٺ جو ٿُلهو ٽڪر. وڻ جو ٿُڙ (جنهن کي ٽاريون نه هجن). ٿُلهو سُڪل ڪاٺ. ٿُلهو (ماڻهو). (صفت) بخيل بي ڇيو. ڪند ذهن.

ـ **بُنْدان بُنْدُ:** ذ. صفت. ڇڙوڇاند ـ ڪنوارو. ٿلهو متارو.

ـ **بُنْدَ بُنداٽي:** صفت. تمام ٿُلهو "بُندَ بُنداٽي قيصر نظاماڻي" (چوٽي). ڇڙوڇاند. بيپرواهه ـ لاغرض.

ـ **بُنْدَ ٻُڌڻ:** ڳرو مُلهه ٻڌڻ.

ـ **بُنْدَ تي قُنُوسي (ت):** محاورو. بيواهو. هيٺو ـ ضعيف ـ ڪمزور ـ بي ٻهچ.

ـ **بُنْدَ تي پاڇاري (ت):** محاورو. پڪو آسرو. بيپرواهه.

ـ **بُنْدَ تي ٻهڻ:** ڪپ ڪوڙي ٻيهڻ. ماٺ ڪري موڳو ٿي ٻيهڻ. سوال جو جواب نه ڏيڻ.

ـ **بُنْدَ ٿيڻ:** ٿُلهو ٿيڻ ـ مچڻ.

ـ **بُنْدَ ٻڌائڻ:** ڪنهن ڪم ڪان بيزار وڃڻ. ونئُون وڃڻ. جند ڇڏائڻ. پڇڻ. ويجهو نه وڃڻ. اصل نه مڃڻ. سخت ڏڃڻ.

ـ **بُنْدَ ڌارڻ (ڪ):** ڳالهه ۾ وڌاءُ ڪرڻ. ٻٽاڪ هڻڻ ـ لاف هڻڻ. گلا ڪرڻ.

ـ **بُنْدَ ڪڍائي:** ث. ناجائز معاوضو ـ رشوت.

ـ **بُنْدَ لُنگهائڻ:** زوريءَ ڪم وٺڻ. ڏکيو ۽ گهٽو ڪم ڪرائڻ.

ـ **بُنْدن تي پٽڪو ٻڌڻ (ت):** اجائي داڙ هڻڻ.

ـ **بُنْدَ وڃائڻ:** پاڙ پٽڻ. نيست نابود ڪرڻ. گم ڪرڻ.

ـ **بُنْدَ وڃڻ:** بنياد پٽجڻ. ناس ٿيڻ. گم ٿيڻ.

ـ **بُدَ هُڻڻ:** ڇڙوڇاند هئڻ. بي اولاد هئڻ.

ـ **بُنْدي ج بُنْديُون:** ث. ٿُلهي ڪاٺي. برندڙ ڪاٺي. اُماڙي. (صفت) ٿُلهو (ماڻهو). ڪارورُڏ (ماڻهو).

ـ **بُنْدي اَٿئيا:** (ڳار) جيڪي ڪرٽو اٿئي سو ڪرا.

ـ **بُنْدي ڏيڻ:** اُماڙي ڏيڻ. خار ڏيڻ.

ـ **بُنْدي ڪيڻ:** پاڙ پٽڻ ـ صفا ختم ڪرڻ.

• **بُنْد ڏاري:** اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بُنْدَڪَ:** اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **بَنڊَلُ ج بَنڊَلَ:** ذ. [انگ. bundle] ٿهو ـ بستو.
ـ **بنڊل هڻڻ:** ڳٽا هڻڻ ـ ڏنا ڏيڻ.
• **بُنڊو ج بُنڊا:** ذ. صفت. مُڏو. موڳو. ڪند فهم.
• **بَنراج ج بَنراج:** ذ. [سن. وَنراجَ > وَن = جهنگ + راج + بادشاهه] جهنگل جو راجا ـ شينهن.
• **بَنراوَ:** ذ. جهنگل جو بادشاهه ـ شينهن "جنهن ڪيو بانوَليو بَنراوَ ڪي، چانَڪَ لائي چِينُ" (سائينداد).
• **بَنرو، بَنرو ج بَنرا:** ذ [بَنو' مان اسم تصغير] گهوٽ ـ وَنو ـ لاڙو "ميندي لائين بَنرا، سيج ماٿين سَنرا" (سهرو). (ث) بَنري ج بَنريون.
• **بَنس:** ث. هڪ راڳڻيءَ جو نالو.
• **بَنسُ ج بَنسَ:** ذ. [سن. وَنشَ = بانس] بانس (وڻ). خاندان ـ گهراڻو. نسل. حسب نسب. شجرو.
ـ **بَنساوَلِي:** ث. [سن. وَنشَ = نسب + اَوَلِ = قطار، سلسلو] نسب نامو.
• **بِنسُ:** ذ. صفت. [سن. ناش = زواليت > نَشَ = ناس ٿيڻ] فاني ـ بي بقا. پٽو ـ ناڪٺون ـ ڪرسُ.
• **بَنِسبَت:** ظرف. [ف. به + ع. نسبت] بابت ـ واسطي ـ پيٽ ۾ ـ متعلق ـ جي باري ۾.
• **بَنسْپتِي:** ث. [سن. وَنَسْپتِي] زرعي پيدائش ـ نباتات. وڻ ٽڻ ـ پاڄيون. پوڪ. اوپڙ ـ ساوڪ ـ سبزي.
• **بَنسري ج بَنسريون:** ث. [سن. وَنشِي > وَنشَ = بانس] وڄائڻ جو هڪ ساز. (اصل بانس جي ڪانيءَ مان ٺهيل) بانسري.
• **بَنسلوچَن:** ث. [سن. ونش روچن. وَنشلوچَن = (وَنشَ = بانس + لوچَن = اک) بانس جي پور اندر آچو ڪير جهڙو ڳنڍيو] پسارڪي وکر جو هڪ قسم ـ طباشير. تامي ۾ جست جو مرڪّب.
• **بَنسِي ج بَنسِيون:** ث. [سن. وَنشِي] بانسري ـ مرلي.
• **بَنَفشو:** ذ. [ف. بنَفشه] گل بنوشو (جو نيلي رنگ جو خوشبودار ٿئي، سُڪل گل ۽ پَن دوا طور ڪم اچن).
• **بنڪو ج بنڪا (ث):** ذ. صفت. [سن. وَنڪ] وريل ـ ڏنگو.
• **بَنگ:** ذ. [سن. وَنگ] قلعيءَ جو ڪشتو.
• **بَنگارُ ج بَنگارَ:** ذ. ڌاتوءَ جو هڪ قسم (جو تامي ۾ جست جي ملاوت مان ٺهي) ـ بَنگارُ.
• **بَنگال:** اسم خاص. برعظيم هندستان جي هڪ پاڱي جو نالو (جو هن وقت ٻن پاڱن ۾ ورهايل آهي، هڪ حصو مشرقي پاڪستان ۾ داخل آهي ۽ ٻيو مغربي بنگال جو پارت ۾ شمار آهي).
ـ **بنگالو:** ذ. بنگال ملڪ (جتي سنڌ جا مير صاحب نظربند رهيا ۽ جتي سنڌ جي مشهور شاعر مير عبدالحسين خان 'سانگي' جي پرورش ٿي) "اسان جو ملڪ بنگالو الا يا آيها الساقي" (سانگي). سگداسي چانورن جو هڪ قسم.
ـ **بنگالي:** ذ. صفت. بنگال جو رهندڙ. بنگال جو. (ث) بنگال جي ٻولي.
ـ **بنگالي بات ٻولڻ:** منيون ٻوليون ٻولڻ. طوطي وانگر تنوار ڪرڻ. شيرين زباني اختيار ڪرڻ.
• **بنگدا:** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.
• **بنگڙي ج بنگڙيون:** ث. [هه. بنگري] چوڙي ـ ڪنگڻي.
• **بنگل:** اسم خاص. مرد جو نالو (بنگل چانڊيو ۽ جمال چانڊيو جي ڪنهن وقت مشهور ملهه هئا).
• **بنگلاڻي:** اسم خاص. سنڌ جي ڪن بلوچ قبيلن يا پاڙن جو نالو.
• **بنگل ديرو:** اسم خاص. تعلقي رتي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بنگلزئي:** اسم خاص. بروهي بلوچن جو هڪ قبيلو.
• **بنگلو ج بنگلا:** ذ. [هه. بنگلا؛ انگ. bungalow] ڪشادي ۽ وڏن ورانڊن واري عمارت (جنهن جي اڳڻ ۾ باغ ۽ چمن هجي). راند جو هڪ قسم (جنهن ۾ بار مٿي تي چادر يا پوتي وجهي لڪندا آهن). پان جو هڪ قسم. (اسم خاص) ضلعي خيرپور ميرس ۾ هڪ شهر جو نالو. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بنگله:** ث. بنگالي زبان.
• **بنگو ج بنگو:** ذ. شراب جي تيزيءَ جاچڻ جو هڪ اوزار. اسپنگر جو ٻج.
• **بنگو:** اسم خاص. [بلوچي] مرد جو نالو ('بنگو گوپانگ'، خواجه محمد زمان لواريءَ واري بزرگ جو مخلص مريد ۽ هڪ درويش شاعر).
• **بَنُّو:** ذ. اٽي جو ڇاڻ (جنهن سان شاديءَ کان اڳ ڪنوار جو بدن صاف ڪجي) ـ اُبٽڻ. اٽڻ.
• **بَنو ج بنا:** ذ. [سن. بَنَّه. بَنَّر = همر شريڪ: ع. بَنِي، بناءَ = گهوٽ جو ڪنوار لاءِ تنبو کوڙڻ] گهوٽ ـ بنرو "معراج هليو مصطفيٰ، ڪري ويس وڳا، وهواه بنوا" (مولود). (ث). بني ج بنيون.
• **بَنُو:** ذ. [ع. بَنُونَ (= پٽ) > حالت اضافي] پٽ ـ اولاد "بَنو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آدم، بَنُو اسماعيل وغيره".

• **بنو ج بنا (ت):** ذ. صفت. پينل نڪ وارو ـ منو. بُرو.

• **بنيهه:** ظرف. [بہ + نهايت = جو مخفف] اصل مُور ـ هرگز ـ پَڻيءَ ـ بلڪل "جي مَحو ٿيا معنيٰ ۾، سي ڪُڇَن بنهه ڪين" (نواب جان علي).

— **بنهي:** ظرف. هرگز ـ مُور ـ پَڻيءَ.

• **بَنهَرُ:** ذ. سنگن لَٽڻ ڪان پوءِ ڪانن جا بچيل سُنڊا ـ ناڙ.

• **بُنهَن:** ث. [پُرون] بَني "بُنهن ناهي خوب ٺار" (تيهه اکري بخش علي).

• **بُنهَنُ لُوڙ ج بُنهَنُ لُوڙَ (ت):** ذ. اوبڙ. جو هڪ قِسم (ڪُنيءَ جي نموني تي نيرا گل جهليندڙ).

• **بِنئُون:** حرف جر. بِنان ـ ڪان سواءِ.

• **بَني:** ذ. [ع. بَنُونَ (= پُٽَ) > حالت جري] اولاد ـ پُٽَ "بَني آدم، بَني اسرائيل وغيره".

— **بَني آدم:** ذ. آدم جو اولاد. آدم زاد. انسان ذات.

— **بَني اِسرائِيل:** اسم خاص. قرآن شريف جي هڪ سورة جو نالو. حضرت يعقوب عليه السلام جو اولاد. اسرائيل جا پُٽ ـ يهودي.

— **بَني بَشر:** ذ. انسان ذات ـ آدم زاد.

• **بُنياد ج بُنيادَ:** ذ. [ف] پيڙهه. پاڙ ـ جڙ "جنهن جو بد بنياد، تنهن جو ميوو منو ئي نہ ٿئي" (چوٽي). حسب نسب. بُڻ. اصل. شروعات.

— **بُنياد ڳَدِي ڇَڏڻ:** پاڙون پٽي ڇڏڻ ـ بيخ ڪني ڪرڻ.

— **بُنيادو ج بُنيادا:** ذ. صفت. بُنيادي.

— **بُنيادِي ج بُنيادِي:** ذ. صفت. اصلي. حسب نسب وارو ـ خانداني شرافت وارو. پيڙهائتو. پُرياڊو ـ پُرپارو. شروعاتي. قديمي.

— **بُنيادي تَـڪِڪو:** ذ. اصلي يا بنيادي مرڪز.

— **بُنيادي چوڏو:** محاورو. اصلي حسب نسب وارو ماڻهو. پنهنجي وڏن جي پيروي ڪندڙ. ڪنهن چڱي خاندان مان بچيل چوڪرو.

• **بُڻ ج بُڻَ** ذ. [ف. بُنْ: سن. بُڌَنَ] اصل. پاڙ ـ جڙ. منڍ. شروعات. بنياد. پيڙهه. نسل ـ نَسَبُ. اولاد ـ پشت ـ پونيَر. خاندان ـ آکهہ پُري. ڪورين جي اصطلاح ۾ ڳڏيل بہ تندون.

— **بُڻائتو ج بُڻائتا:** ذ. صفت. بُڻ وارو ـ پيڙهائتو ـ خانداني. آڏ وارو ـ پنهنجي خاندان تي ويل.

— **بُڻ بُنيادُ، بُڻ بُڻيادُ:** ذ. پاڙ ـ جڙ. اصل نسل ـ خاندان.

— **بُڻيائتو ج بُڻيائتا:** ذ. صفت. بُڻائتو ـ بُنيادو ـ پيڙهائتو.

— **بُڻيائتو چوڏو:** محاورو. چڱيءَ آکهہ جو ماڻهو.

• **بڻاڪ:** ث. ووڙ جي سُڪل ڪائي ـ ووٽائي. (صفت) سنهون ـ ضعيف.

• **بڻانس (ت):** ث. بانس ـ بدبو ـ ڌپ.

• **بڻائي:** ث. ڪنهن شيءِ ٺهرائڻ جو عيوضو ـ جوڙائي ـ ٺهرائي.

• **بڻاءُ:** ذ. [سن. وَرڻَن = رنگڻ، سينگارڻ، بيان ڪرڻ: ع. بِناءَ] ناهہ. ڏيک ويک. سينگار. سلوڪ ـ اتفاق ـ صلح. سِناءُ ـ رٿ. سازش ـ منصوبو. مرضي ـ خيال.

• **بڻائڻُ:** مصدر. [سن. وَرڻَن: ع. بَني، يَبني] بڻائڻ ـ ناهڻ ـ جوڙڻ. پيلائڻ. (بڻايو ـ بڻائيندو ـ بڻايل).

• **بڻَت ج بڻتُون:** ث. [سن. وَرڻَن: ع. بِناءُ] ناهہ ـ اتفاق ـ سلوڪ.

• **بڻجَڻُ:** مصدر. "بڻڻ" مان فعل مجهول. [سن. وَرڻَنَ] بنجڻ ـ ٺهڻ ـ جُڙڻ. ٿيڻ ـ ٿي پوڻ. (بڻيو ـ بڻبو ـ بڻيل).

• **بڻڇي ج بڻڇيُون:** ث. [ف. برڇي] لوهہ جي ڇهنبدار لٺ ـ ڀالو ـ نيزو ـ برڇي.

• **بڻچُولُ:** ذ. ڇمڙي جو اُبتي پاسي وارو حصو (ڇمڙي کي وچان ڇيري بہ حصا ڪندا آهن. سبتي پاسي وارو حصو 'ڪروم' ۽ اُبتي پاسي وارو 'بڻچول').

• **بڻڪِجَڻُ (ت):** مصدر. ڪرڻ ـ ڏکو ڪائڻ. حرڪت بازي ڪرڻ. نقصان جهڙا ڪم ڪرڻ.

• **بڻڪُولُ ج بڻڪُولَ (ل):** ذ. صفت. تمام ڏکهو ـ ڄانگهڙيل.

• **بڻَڻُ:** مصدر. [سن. وَرڻَنَ = رنگڻ، سينگارڻ، بيان ڪرڻ] ٺهڻ ـ بنجڻ ـ جُڙڻ. جُڙي راس ٿيڻ ـ تيار ٿيڻ. (بڻيو ـ بڻندو ـ بڻيل).

• **بڻو ج بڻا (ل):** صفت. بنو ـ منو.

• **بڻيلي ج بڻيليُون (ل):** ث. سُٽ جي ننڍڙي ڍيري.

• **بڻيڇُ (ٽ):** ذ. گاهہ جو هڪ قِسم (جو ٻهارن ناهڻ ۾ ڪم اچي).

• **بُوءَ:** اسمي اڳياڙي. [ع. اَبُو (= پيءُ) جو مخفف] مرڪب اِضافيءَ ۾ مضاف طور ڪم ايندڙ "بُوعلي. بُوتُراب".

• **بُو ج بوئُون:** ث. [ف] خوشبوءِ ـ هبڪار "وِراڳي تو واس، برير بُوئون موڪلي". بدبوءِ ـ ڌپ. اثر. خبر. راز.

• **بوا (ت):** ث. [ع. وبا > بوا (تقليبي صورت)] وبا ـ پليگ ـ طاعون. ڪاٻہ وچڙندڙ وڏي بيماري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **بواسيرُ:** ذ. [ع. باسُور (= موڪو) ج بواسير] موڪا. موڪن جي بيماري.

• **بُوالعَجَب:** ذ. صفت. [ع. لفظي معنيٰ: عجب جو ابو، عجب وارو] تعجب جهڙو ـ حيرت جهڙو ـ عجيب.

— **بُوالعَجبي:** ث. عجب ـ تعجب ـ حيرت.

• **بُوالفُضول:** ذ. صفت. [ع. لفظي معنيٰ: هٽ ڦاڙائيءَ جو ابو] خرچائو ـ هٽ ڦاڙ. بڪواسي. اجايو ـ بيهودو ـ واهيات. ٻٽاڪي.

— **بُوالفُضولي:** ث. اَجايو خرچ ـ هٽ ڦاڙائي ـ اسراف. اجائيَ بڪواس. چرپائپ. بيهودگي.

• **بُوالهَوَس:** ذ. صفت. [ع. لفظي معنيٰ: هَوَس جو پيءُ] مَهوسي ـ هوس رکندڙ. حرص وارو. حريص ـ لالچي. شهوت پرست. سڌڙيو ـ سڪٽو. ٻاراڻي سياءَ وارو ـ بيوقوف.

— **بُوالهوَسي:** ث. حماقت ـ بيوقوفي. حرص و هوس. شهوت پرستي.

• **بُوبُ ج بُوبَ:** ذ. بُونبُ. حرص و هوس. شهوت پرستي.

• **بُوبُ ج بُوبَ:** ذ. بُونبُ ـ ڪوهو ”جي پائين ڪارو ڪيڙيان ته اُتي بُوبُ بناءِ“ (شاهه).

• **بُوبَڪُ:** ذ. ڳاهه جو هڪ قِسم. ڪيوڙي جو اڻ ٽڙيل سنگ. بصر جي ڳـل جي ڏانڊي. هُدهُد (پکي). (اسم خاص) تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ مشهور ڳوٺ جو نالو. (ث) ڪنواري ـ عذراءُ.

— **بُوبَڪاڻي، بُوبَڪاڻِي:** ذ. صفت. بوبڪن جو وينل (مخدوم جعفر بوبڪاڻي جو وڏو عالم ٿي گذريو آهي).

• **بُوبَنا:** اسم خاص. مشهور روماني داستان ”بوبَنا جراڙ“ جي سُورمي ”بُوبنا جراڙ لاءِ روئي رت نديون“.

• **بُوبِـي ج بُوبِيُون (ٿـ ل):** ث. جوان. سهڻي ۽ ٿُلهي متاري زال (جا گهر جو ڪم ڪار نه ڪري). (صفت) مِـنڙي ـ سڪيلڏي.

• **بُوبُ (ل):** ذ. ڪَلرُ.

• **بوپـر:** ث. سنهي پورِ ـ ڇُور ـ ڪُنو.

• **بُوتاڙجَڻُ (ت):** فعل مجهول. وائڙو ٿيڻ ـ حواس خطا ٿيڻ. (ڳالهائڻ ۾) هبڪڻ. پنهنجيءَ ڳالهه تان ڦري وڃڻ. (بُوتاڙيو ـ بُوتاڙبو ـ بُوتاڙيل).

• **بُوتُرابُ:** اسم خاص. [ع. بُو = اَبو + تُراب = مِـٽيءَ جو پيءُ] حضرت علي ڪرم الله وجه جن جو ڪُنيو (جو ڪين نبي صہ ڏنو هو. جڏهن ڪين مِـٽيءَ تي سُتل ڏٺو هئائون).

• **بوتري ج بوتـريُونُ (ڪ):** ث. ٻڪريءَ جو هڪ قِسم ۽ رنگ.

• **بوتَلَ ج بوتلُونُ:** ث. [اَنگ. bottle] ٻاٽلي ـ شيشو. شراب جو شيشو. سودا ٻاٽيءَ جي ٻاٽلي.

• **بوتو ج بوتا:** ذ. [ف. بُتْ] پوڇا جو پتلو (مٽي، ڌاتو، پٿر وغيره مان ٺهيل ماڻهوءَ جي شڪل تي) ـ بُت. مجسمو ـ صورت. بدن ـ جسم. نقلي صورت. جهار کان فصل بچائڻ لاءِ ڪپڙي مان ٺهيل پُتلو ـ اوڙو. ڏوهه ڪرڻ خاطر ٺاهيل بوتو. دَمُ ـ ڏتو. ڪوڙو دلاسو. اجايو بهتان. [ف. بوته: ع. بُوتَقَه = ڪوناري] ڪوناري ـ مُنگهو. قالب ـ سانچو. [ف. بوته، بوتا] ننڍو جوان اُٺ ـ ڳونرو ـ ڪنوات ”بوتن ۽ بلوچن جي ٻر ۾ آيم بُوءِ“ (شاهه)؛ ”بوتا پاڙي پاڻ پلاڻي، جُنبيا متي جُوءِ“ (ڪبير شاهه).

— **بوتا ڏيڻ:** ڏتا ڏيڻ ـ ڪوڙا دلاسا ڏيڻ.

— **بوتو ٻَجهڻ:** ڪوڙي ڳالهه ٻڌائي ڪنهن کي هراس ۾ وجهڻ.

— **بوتو بنائڻ:** قالب ٺاهڻ. ڪوڙي ڳالهه ٺاهي ٻڌائڻ ـ ڍونگ پکيڙڻ. ڪا ڳالهه ٺاهڻ ـ ڏتو ڏيڻ. بيڪار بنائڻ ـ ڪارڻ.

— **بتو چاڙهڻ:** سون، چانديءَ يا ڪنهن ٻئي ڌاتوءَ جي ڪُشتي ڪرڻ وقت ڪوناريءَ جي مٿان ڍڪ چاڙهڻ ـ گـِل حڪمت ڪرڻ.

— **بوتو وجهڻ:** ڪاري جادوءَ طور ڪنهن جو بوتو ٺاهي مقام ۾ پورڻ ـ ڏوهه وجهڻ.

• **بُوتو ج بُوتا:** ذ. [هه بُوتا] طاقت ـ ٻَل. زور ـ شڪتي. وِتُ ـ وسعت. مال ـ دولت ـ ڏن. بدن ”جيڏا بُوتا، تيڏا ڏوتا“: ”سيڪو پنهنجي بُوتي آهر ڪائيندو“.

• **بُوتيمارُ ج بُوتيمارَ:** ذ. [ع. اَبُو + ف. تيمار = ارمان، درد] هڪ قِسم جو ڏانديڻ پکي ـ ٻگهه پکي ـ ٻگهو (جو هڪ تنگ تي ارمانجي مچين مارڻ لاءِ تيار رهندو آهي).

• **بوتـرڪ** مڇيءَ جو هڪ قِسم.

• **بوتـڙو:** اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بوٽ:** ذ. [اَنگ. boat] ٻيڙي.

• **بُوٽُ ج بُوٽَ:** ذ. [اَنگ. boot] انگريزي نموني جي جتي.

• **بُوٽَڪُ ج بُوٽَڪَ (ت):** ذ. هَڙَ ـ ڳوٿري.

• **بُوٽُ مارُ (ڪ):** ذ. ٻُوٽيءَ جو هڪ قِسم.

• **بوٽ (ل):** ث. ٿورو ٽپ ـ هلڪو ٽپ ـ ٽونس ”سنهي بوٽ بدن ۾، ٽونس، ڳهٽيرو ٽپ“ (الهڏنو فقير). گرمائش ـ تپش ـ تابش.

• **بوٽُ (بوٽـ) (ت):** ذ. صفت. جهونو ـ پُرندڙ. بدشڪل ـ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوجهو. سُڪل (سانڊارو).

• **بُوجا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **بُوجارو ج بُوجارا:** ذ. صفت. بُجن وارو ــ بُوجرُ.

• **بُوججڻُ:** فعل مجهول. ڪنو ٿيڻ. خراب ٿيڻ. ٽڪو ٿيڻ ــ ٻسجڻ. سينوارجڻ (اَنّ جو آلاڻ سبب). بيسوادو ٿيڻ (بُوجيو ــ بُوجيل).

ــ **بُوجَرُ ج بُوجَرَ:** ذ. ڪپڙي، جي ٽوپي ۾ نہ آيل ۽ ٻاهر نڪتل تند ــ تاندورو. هڪ قسم جي ڪٽڪ جو ٻج.

ــ **بُوجَرَ:** ذ. اُڪليل ڏاڳا. ٻَج. منجهيل وارَ.

ــ **بُوجرِ ج بُوجرَ:** ذ. صفت. ٿُلهن وارن وارو ــ بُجن وارو ــ بُوجارو.

ــ **بُوجرو ج بُوجرا:** ذ. صفت. بُجن وارو ــ بوجرُ ــ بُوجارو.

ــ **بُوجرو ڪِنُيُونَ:** ذ. وارن وارو ڪنُيُونَ.

• **بُوجري:** ث. ڪٽڪ جو هڪ قِسم. هيد جو هڪ قسم (وارن واري هيد).

• **بوجو ج بوجا:** ذ. [هہ. بوجهہ] پوجهو ــ بار ــ وَزنُ. ڳري شيءِ. ٻهتان.

• **بُوجو ج بُوجا:** ذ. صفت. بُجن وارو ــ بُوجرو. ڪُتي جو هڪ قسم (وارن وارو ڪُتو).

• **بوجُ ج بوجَ:** ذ. [هہ. بوجهہ] بارُ ــ بوجهو.

• **بوجهو ج بوجها:** ذ. [هہ. بوجهہ. بار ــ پوجهو. ٻهتان.

• **بوجُ ج بوجَ:** ذ. واڳُون. مانگرمڇ.

• **بُوچَڙُ ج بُوچَڙَ (ل):** ذ. [انگ. butcher] گوشت وڪڻندڙ ــ ڪاسائي.

• **بوچ:** ث. بڇڙائي ــ بَدِي. گناهہ. چٽي. بُڇان ــ ڪراهت.

• **بوچُ ج بوچَ:** ذ. تهمت ــ الزام ــ ٻهتان (ڪ).

ــ **بُوچُ وجهڻ:** ٻهتان مڙهڻ ــ الزام مڙهڻ. بدي وجهڻ. هرج وجهڻ.

• **بوچان بوچاڙَ:** ث. اوهيرو ــ مينهن جو وسڪارو. هوا جي زور تي مينهن جي اُڇل. مينهن واچ.

• **بوچجڻُ:** فعل مجهول. ڳهمجڻ ــ ماڪجڻ. ماڪ يا پوسل جي ڪري ڪا شيءِ بيسوادي ٿيڻ (بوچيو ــ بوچبو ــ بوچيل).

• **بوچڻُ ج بوچڻَ:** ذ. ڏهسنامي جو لفظ. وڳو ــ پوشاڪ.

• **بوچڻُ ج بوچڻَ:** ذ. ڪلهي تي رکڻ يا جيلهہ سان ٻڌڻ لاءِ ننڍي چادر يا ننڍو ڪپڙو ــ پوتڙو ــ انگوچو ــ ٽوال.

ــ **بوچڻ ڇنڊي اُٿڻُ:** هٿين ٺلهو اُٿڻ ــ خالي هٿين نڪرڻ. لاڳاپو ڇنڻ ــ واسطو ٽوڙڻ.

ــ **بوچڻ ڪُلهي تي ڪرڻ:** موڪلائي وڃڻ. ڪاوڙجي هليو وڃڻ. ناتو ڇنڻ.

• **بوچِڻي ج بوچِڻيُون:** ث. گلڪاريءَ سان پرت پريل چُني.

• **بود (ث)، بودُ:** ذ. [ف. بُودن (= هئڻ) > بُود > بود] خوشي ــ مستي ــ خمار. اَنڌَ ــ زور ــ هوش ــ سجاڳي. سامت. ڳگر جي وڻ جا پن (ڪ).

ــ **بود اُچڻ:** خوشيءَ ۾ پرجڻ ــ خوشيءَ مان ڪُڏڻ. بيماريءَ کان پوءِ ڪجهہ ساهہ پَٽڻ. زور وٺڻ. ٺڪ پَجڻ. سامت ۾ اچڻ. هوش ۾ اچڻ. سجاڳ ٿيڻ.

ــ **بود پُرجڻ:** مستيءَ ۾ اَچڻ. مغرور ٿيڻ.

ــ **بود ڪاڙُ (ث):** ذ. مستي ــ خمار. آڪڙ. هَٺُ.

ــ **بود ڪائي ج بود ڪايُون:** ث. اَنڌ ــ وڏائي ــ آڪڙ.

ــ **بود ۾ اَچڻ:** سامت ۾ اچڻ. هوش ۾ اچڻ. سُچيتائيءَ ۾ اچڻ. مغرور ٿيڻ. آڪڙجڻ. ناز نخرا ڪرڻ.

• **بُودُ:** ذ. [ف. بُودَن= هئڻ] هجڻ جي حالت ــ هُئڻ. هستي ــ وجود. بقا "جيلهہ تيا نابود، تيلهہ رسيا بُوذ کي" (شاهہ).

ــ **بود باش:** ث. رهايش ــ قيام ــ سڪونت.

ــ **بُود ڪيڻ:** هستي وڃائڻ ــ نابود ڪرڻ. ستياناس ڪري ڇڏڻ.

• **بُودُ ج بُودَ:** ذ. ماديءَ جو مخصوص عضوو.

ــ **بُود ڪيڻ:** ٺڪجي پوڻ. ٻاڻُ ڪرڻ (هلڻ ڪان).

• **بودائي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **بودَڪَ:** اسم خاص. تعلقي ڪنڌياري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **بُودڪي ج بُود ڪيُون:** ث. پور ــ ريجڪ ــ جوجڪي. اوچتو خيال ــ مَن اُڇل. موج ــ مَستي ــ لهر. ٺينگ ٽپو. ڇهن سالن کان پوءِ گهوڙي جي عمر جو وقت "گهوڙو بُودڪين ۾ آهي". پويان پساهہ ــ هل هلان (ل).

• **بُودَلُ (ل ث):** ذ. صفت. بيعقل ــ چريو. بودنو ــ واڇان.

• **بودلو ج بود لا:** اسم خاص نالو مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو. دل قبيلي جي هڪ نک جو نالو.

• **بودلو ج بود لا:** ذ. صفت. عقل جو سادو ــ پورڙو ــ موڳو ــ چرڙيو. دادلو ــ چاڳلو. لاڏلو. سُک جو پاليل. اڙڏو. هٽ هيرو. الله لوڪ ــ مستانو. نهنو ــ مانيٽو ــ غريب. ڏيرج وان ــ بُردبار (ث). اُهو جانور جنهن کي جائي جم کان ڪو فالتو عضوو هجي (وڏيڪ لڙڪندڙ جنگهہ يا وڏيڪ لڙڪندڙ ڪن وغيره) (ث) بودلي ج بودليُون.

ــ **بودلائي:** ث. عقل جي سادگي ــ ڪم عقلي ــ موڳائي. مستي ــ اڙڏائي ــ چريائي. چاڳلائي ــ چلولائي ــ دادلائي.

• **بودليو ج بودليا:** ذ. صفت. گهوڙي جو هڪ رنگ ۽ قِسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ڪارو پنج ڪلياڻ گهوڙو جنهن جون پويون ڄنگهون جهڪيل هجن).

- **بُودنِي:** ظرف. [ف] هئڻ جهڙو ـ شدني ـ ممڪن.
- **بودو ج بودا:** ذ. [ف. بوته] اُٽ ـ ڪنواٽ ـ گورو. (صفت) ٿُلهو ۽ ٻي ڏولو. [سن. اَبوڌ > اَ = نہ + ٻُڌ = سمجهڻ] ابوجهہ ـ بي سمجهہ.
- **بوڏاري:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **بوڏيا، بوڏيجا:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
- **بوڏُ (بوڏُن) ج بوڏَ (بوڏُن):** ذ. جُونءَ ـ ٽولهر. مرم ـ حياءُ. خيال ـ ويچار (ڪ).
- **بُوڏَ (بوڏُن) ج بُوڏُون (بُوڏُرُون) (ت):** ث. جانور (خصوصاً اُٺ ۽ ڏاند) جي آلت. ڊگهي سنهي آلت. (صفت) ڊگهو ـ لَنبو.
- **بُوڏارڻُ (بوڏْرارڻ) (ت):** مصدر. زور سان ڇنڻ ۽ پٽڻ ـ روڙڻ. زور سان ڪسڻ. (بوڏاڙيو ـ بوڏاڙيندو ـ بوڏاڙيل).

— **بُوڏاڙَ (بوڏْراڙ):** ث. رهڙ ڌهڙ ـ زوريءَ هٿ ڪَس. روڙَ.

— **بُوڏاڙَ سُوڏاڙَ (بوڏْراڙ سوڏْراڙ):** ث. زبردستي ـ هٿ ڪس. روڙَ سوڙَ.

- **بوڏو (بوڏُن) ج بوڏا (بوڏْرا):** ذ. گهاٽي سِينگهہَ ـ گوبو. منجهيل ڏاڱا.
- **بوڏِرُ ج بوڏِرَ:** ذ. صفت. جنهن کي نڪ ۾ سنگهہ گهڻي هجي ـ جنهن جو نڪ سدائين ٻوڏن ۾ گوبن سان ڀريل هجي ـ گوبِرُ. گدلو ـ ڪنو.
- **بُوڏِي (بوڏْرِي) ج بُوڏِيُون (بوڏْريون) (ت):** ث. جانور جي آلت ـ بُوڏَ.
- **بُوڏِينْگ (ڪ):** ذ. ٻوٽي جو هڪ قِسم.
- **بور:** ث. مينهن جو هڪ قِسم (جنهن جي پُڇ جي چوٽي ۽ ڇئن ئي پيرن جا مُرا اَڇا هجن).
- **بورُ ج بورَ:** ذ. گهوڙي جو هڪ قِسم ـ سونهري ڳاڙهي رنگ وارو گهوڙو. هلڪي ڳاڙهي رنگ وارو اُٺ. (ث) بورَ.

— **بورُ سَمَنْدُ:** ذ. اُهو بور گهوڙو جنهن ۾ 'سمند' جا نشان بہ هجن.

- **بوراقُ:** اسم خاص. [ع. بُراق] بُراق (جنهن تي حضور پاڪ جن معراج رات سواري ڪئي هئي). (ڪنايةً) تمام تکو گهوڙو.

— **بوراق ڪرڻ:** گهوڙي کي ذبح ڪرڻ ـ گهوڙي جي سِسي لاهڻ.

- **بُوراق، بُورَقُ:** ذ. [ع] بوريڪس جو ٻُورو.
- **بوراڪَ ج بوراڪُونْ:** ث. [ع] نئين ساماڻل ڇوڪري. نوخيز ڇوڪري ـ بالغ ڇوڪري.
- **بوراڪُ ج بوراڪَ:** ذ. صفت. وهيءَ کي رسيل ـ جوان ـ ساماڻل ـ ڳڀرو ـ بالغ.

— **بوراڪِي ج بوراڪِيُون:** ث. ساماڻجڻ جي وهي ـ بلوغت ـ ساماڻپ ـ نئون جوڀن.

- **بوراڪِي ج بوراڪِيُون:** ث. واڍڪي اوزار جو هڪ قِسم سَلَ ڪڍڻ جو اوزار ـ سِيرائي.
- **بورائو ج بورائا، بوراوا:** ذ. [سن. پُروگہ = اڳيان هلندڙ پيشوا] اڳواڻ ـ سونهون ـ رهبر ـ رهنما. رستو ڏيکاريند (هنگلاج وڃڻ وارا زيارتي ڪراچيءَ مان نڪرڻ مهل هڏ پيادو پاڻ سان ڪٺندا هئا. جو هڪ لٺ جي چوٽيءَ تي جهنڊي ٻڌي، اُها لٺ پيٺ سان ٻڌي اڳيان هلندو هو ۽ سڄ قافلو اُن جي پٺيان هلندو هو) "ٻَر ۾ بورائو ڪڻ پيادي پا سِين". "بورائو ٻَرن جو ريڙهي منجهہ رڄن" (شاهہ). سفر ۾ ساٿي ـ رفيق ـ بدرقو. نگهبان ـ راکو ـ محافظ ـ پهريدار. قاصد ـ پيغامبر.
- **بورچِي ج بورچِي:** ذ. صفت. [ترڪي. باوَرْچي] ماني ٺاهڻ وارو ـ رڌ پچاءُ ڪندڙ ـ راڌارو ـ رسويو ـ طبّاخ. (ث بورچياڻِي ج بورچياڻيون.

— **بورچيخانو ج بورچيخانا:** ذ. رڌ پچاءُ ڪرڻ جي جاءِ ـ رڌڻو ـ رسوڙو.

- **بورْڊُ ج بورْڊَ:** ذ. [انگ. board] ڪاٺ يا سيمنٽ جو ڪاري رنگ جو تختو (جنهن تي استاد شاگردن کي لکڻ سيکاري) ـ تخته سياهہ دفتري ـ پاٽو. مجلس ـ ميڙ ـ ڪاميٽي ـ انجمن. اجلاس جي ميز.
- **بورْڊَرُ ج بورْڊَرَ:** ذ. صفت. [انگ. boarder] بورڊنگ هائوس ۾ رهندڙ شاگرد.
- **بورڊِنگ هائُوسُ:** ذ. [انگ. boarding house] شاگردن جي رهڻ جي جاءِ. اقامت گاهہ ـ باشگاهہ.
- **بورو ج بورا (ڪ):** ذ. مڇيءَ جو هڪ قِسم ـ ڇلرن سان، وات وڏو، رنگ اڇو، ڊيگهہ ١ ڪان اٺ انچن تائين).
- **بوري:** اسم خاص. شيعه مسلمانن جو هڪ فرقو (جي ستر امامن کي مڃيندا آهن) ـ بوهرا ـ وونْرا.
- **بُوري (ل. ڪ):** ث. چوپائي مال جي ڀاڃ ـ ڊوڙ ـ ٽاهہ.

— **بُوري ڪَرڻ (ڪ):** ٽهڻ. اڏنگيءَ طرح ڊوڙڻ. اجايو ڳالهائڻ.

- **بُورْيا:** ذ. [ف] تَڏو.

— **بُوريا باف:** ذ. صفت. تَڏا اُڻندڙ ـ تَڏائِي.

— **بوريا اوشُ:** ذ. صفت. تمام مسڪين.

- **بورِينْڊو ج بورِينْڊا:** ذ. ڳِهہ جو هڪ قِسم ـ ڪنن ۾ پائڻ

جو هڪ ڳڀ.

• **بورينڊي (ل):** ٿ. پڪائين ڳهرجي پوئين ڏري (جنهن تي پکي جو ڏنگ ٿئي).

• **بوريو ۽ بوريا:** ذ. [ف. بُوريا] تڏو ـ تونري.

• **بوريو بسترو ٻڌڻ:** لڏ پلاڻ ڪرڻ ـ هنڌ بسترو ٻڌڻ.

• **بوڙ ۽ بوڙيون (ڪ):** ٿ. اُٺ جي مستيءَ جو آواز ـ اُٺ جي ڳوڙ.

• **بوڙينڊو ۽ بوڙينڊا:** ذ. ڪنڊ يا ڳُتڙ ۾ ترڻ مان نهيل مڻائي. مٽيءَ جو پورو ڳولو (جو ٻارَ وڄائيندا آهن.) مٽيءَ جو ڳوڙهو (ڳليل ۾ ڪم اينڌڙ). هڪ قسم جو ننڍڙو پکي.

• **بوڙيو ۽ بوڙيا:** ذ. [پرا. ٻتٌ؛ سن. بُدبُده] پاڻيءَ جو ڦوڪڻو ـ جر ڦوٽو ـ حُباب.

— **بوڙيا ڪيڻ، ڪرڻ:** ٻڙ ٻڙ ڪرڻ. آواز سان ۽ گهڻي انداز ۾ زور سان نڪرڻ (رت يا پاڻي).

• **بُوزُ ۽ بُوزَ:** ذ. صفت. [ف. بـز = ٻڪر] ٻڪر جهڙو. اَڻ سڌريل ـ اَناڙي ـ چريو. جهنگلي ـ وحشي. ڏسڻ جو پوت. صفائي نه رکندڙ ـ گدلو.

— **بُوزانُ ۽ بُوزان:** ذ. صفت. بُوز. ڏندو مُتو. پوش. صفا چريو.

• **بوزُ:** ذ. [ف] چينو گهوڙو. (صفت) تکو ـ تيز فهم. [ف. بـزُ] ٻڪر.

• **بوزارُ:** ذ. [ف] تيز مصالحن وارو ڪاڏو.

• **بُوزارو:** ذ. [ف. بـز = ٻڪر] چوپائي مال (خصوصاً ٻڪرين جي) هڪ بيماري (جنهن ۾ ٻڪرين جا چپ زخمجي پوندا آهن ۽ گاهه ڪائي نه سگهنديون آهن).

• **بوزاڪـڙ:** ذ. صفت. شراب چڪائيندڙ ـ ڪلال.

• **بوزدارُ:** اسم خاص. [ف. بـزُ = ٻڪري + دار = رکندڙ] بلوچ قوم جي هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي ديري محبت ۾ هڪ ديهه جو نالو. تعلقي خيرپور ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.

• **بُوزنه، بُوزينَهُ:** ذ. [ف] باندر.

• **بوزو:** ذ. [ف. بوزَه] مَتل چانورن يا ڪڻڪ جو رس. شراب جو هڪ قسم (اڳئين زماني جو ديسي بير).

— **بوزيخانو:** ذ. شرابخانو ـ ڳتو.

• **بُوزي:** ذ. [ف] بيڙي.

• **بُوسا:** ٿ. رسيءَ جي ڳنڍ جو هڪ قسم.

• **بُوسْتانُ ۽ بُوسْتانَ:** ذ. [ف. بُو = خوشبو + آستان = جاءِ] باغ ـ بُستان ـ ڦلواڙي. (اسم خاص) شيخ سعدي شيرازيءَ جي ناهيل مشهور پارسي ڪتاب جو نالو.

• **بوسڪي:** ٿ. ڪپڙي جو هڪ قسم ـ سلڪ جو ڪپڙو.

• **بُوسڻُ:** مصدر. دبي پرڻ ـ ڏتڻ. دبڻ. دبي ڦُسي پيٽ ۾ وڃڻ. هيچ ڪري ڪائڻ "بُوسي وڃهي پيٽ ۾، مرقاتي پوءِ". (بُوسيو ـ بُوسيندو ـ بُوسيل).

• **بُوسڻُ ۽ بُوسڻَ:** ذ. ٿلهي ماني ـ بي ڊولو لولو ـ ٿُلهو روٽلو.

• **بوسڻُ:** مصدر. چيٽ جي فصل واسطي، ڪتيءَ جي موسم ۾ زمين کي ريج ڏيڻ لاءِ جالارو پاڻي ڏيڻ.

• **بوسو ۽ بوسا:** ذ. مينهن يا ڳئون جو ڇيٽو ـ ڳوبر ـ ڦوسو. توري يا ڇيٽي جي ٽاڪ ـ وڏو ڇيٽو.

• **بُوسو:** ذ. [پرا. بُس، پُس؛ سن. بُس، بُسَّ = ٿهه] اٽي جو ڇاڻ ـ ڪتَر ـ ڪتي (جا چوپائي مال کي چاري سان گڏ کارائجي).

• **بوسي بوسه ۽ بوسا:** ذ. [ف] چُمي ـ مِٺي ـ سڪر (ت).

— **بوسه بازي:** ٿ. چَٽ چُمر.

• **بوسي:** ٿ. درياءَ جي سيلاب يا اُٿل تي ٿيندڙ پوک (جنهن کي فقط شروع ۾ پاڻي مليل هوندو آهي. ۽ لُبڻ تائين وري پاڻي نه ملندو اٿس).

— **بوسي ٽڪا:** محاورو. حرام جو مال. مفت جو مال بنا پورهئي هٿ آيل رقم.

• **بوسيدو ۽ بوسيدا:** ذ. صفت. [ف. بوسيده] پراڻو ـ جهونو. ڳريل ـ سڙيل.

— **بوسيدگي:** ٿ. پُراڻائي ـ جهونائي.

• **بوسيري (ڪ):** ٿ. ٻوٽيءَ جو هڪ قسم (جا ڪلراٺي زمين ۾ ٿئي) ـ اوئڻ.

• **بُوشُ ۽ بُوشَ (ل):** ذ. صفت. [ف. بُزُ] پوش ـ بُوز ـ بُوزان (ت).

• **بوَف:** ٿ. برفت قبيلي جي ڳهٽائي واري ايراضي.

• **بوفلو ۽ بوفلا:** ذ. صفت. [انگ. beautiful] سهڻو ـ حسين. ڳاڙهو ڳٽلو. ڇبيلو. وڻندڙ.

• **بوفلي ۽ بوفليون:** ٿ. ڪتاب مٿان ڪپڙي جو پوش. ڍال جي هٿيي تي چڙهيل نرم گدي.

• **بُوقاڙ:** ٿ. مڇيءَ جو هڪ قسم ـ پونقاڙ.

• **بوقاڙ ۽ بوقاڙَ:** ذ. ٻُنهن ڦوڙ ـ پُونقاڙ.

• **بُوقُ:** ذ. [ع] تُوتارو.

• **بوقلمونُ:** ذ. صفت. [ع] هر گهڙيءَ بدلجندڙ ـ رنگا رنگ. (ذ) ساندو. (اسم خاص) هڪ افسانوي جادوگر جو نالو.

— **بوقلموني:** صفت. ڦرندڙ گهرندڙ. رنگا رنگي. بي پروسي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **بوڪَسُ ج بوڪَس (ت):** ذ. صفت. ٿُلهو ۽ بي ڊولو ماڻهو.

• **بُوڪَڻُ ج بُوڪَڻَ (ت):** ظرف. تمام (ٿُلهو يا ڳُورو). هي لفظ هميشه "ٿُلهو يا ڳُرو" لفظ سان گڏ ڪم ايندو آهي "فلاڻو ٿُلهو بُوڪڻ يا ڳُرو بوڪڻ آهي".

• **بُوڪَڻُ (ت):** مصدر. تيڪ هڻڻ ـ تِيڪڻ. ڊِڄڻ. (بُوڪيو ـ بُوڪيندو ـ بُوڪيل).

• **بُوڪ:** ث. دست ـ تيڪ. (ظرف) تمام ڊِڄڻو (هميشه 'ڊِڄڻو' لفظ سان گڏ ڪم ايندڙ "فلاڻو ڊِڄڻو بُوڪ آهي"). [ف] نصيحت. ڪڏ جنهن ۾ ڪٽڪ پورجي. (ظرف) شايد. اتفاق سان.

• **بُوڪِڻو ج بُوڪِڻا:** ذ. صفت. بُوڪيندڙ ـ تيڪيندڙ ـ ڊِڄڻو ـ بزدل.

• **بوڪَرُ ج بوڪَرَ (ت):** ذ. صفت. بلڪل پُراڻو. جهونو ـ پِتو.

• **بوڪڙو:** ذ. ووڻن جي پوڪ جو هڪ مرض (جڏهن ووڻ ٻه ـ پنا ٽين. ٽڏهن ڪيڙو لڳين. جو پن ڪائيندو ويندو آهي. پوڪ ڪي پاڻي پيارڻ بعد ئي اهو مرض ويندو آهي).

• **بوڪڙُو ج بوڪڙُو:** ذ. صفت. ٻڪايل ـ ٻُڪيو. سُڄو ـ پينگيو ـ ڪنگال. واهيات ـ رذيل.

• **بُوڪَنُ ج بُوڪَنَ:** ذ. [سن. پُوشڻ] زيور ـ ڳَهه "ڪنڇن تي بُوڪن جي جڏ جانب ڪيو جنسار". (راڄن شاه).

• **بوڪرگي:** اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بوڪو ج بوڪا:** ذ. سنگهه جو ڪوبو ـ بوڊو.

• **بولُ:** ذ. [ع. بَوْلُ] پيشاب ـ مُت. پولهه ـ ڌُبر. اوگهڙ. آندا گجيون. اوجهري.

— **بول ڪيڻ:** پڇايل مڪڙ ڪي ڪائڻ اڳ ٻه اڏ ڪري اُن جو پولهه وارو حصو ڇڪي ڪيڻ. سخت مار ڪيڻ. (ڪپڙي ڪي) ٿهبارون ڪرڻ.

— **بولدانُ:** ذ. پيشاب ڪرڻ جو ٿانءُ.

— **بولُ وبرازُ:** ذ. پيشاب ۽ ٽورو.

— **بولائي ج بولائيُونْ:** ث. بازولي ـ ڪلابازي. ڦيري. اٿڪل.

— **بولائي کائڻ:** ڪلابازي ڏيڻ. ڦيري ڏيڻ. ڳالهه کان ڦري وڃڻ. ٽڏي تي ڦري وڃڻ.

• **بولاڪي:** اسم خاص. [ف] سبي ۽ ڪوئيٽا جي وچ ۾ هڪ لڪ جو نالو.

• **بولاڊو ج بولاڊا:** ذ. [ع. بَوْلُ] اوجهه. وڏو آندو "مُنهن نه مهاندو ڳڏهه جو بولاڊو" (چوڻي). ٻڪريءَ جي ڏاس يا ڏاڳن جو منجهيل ڦورو. ڳنڍين ڳوڙهن وارو ڏاڳو.

• **بُولڙي ج بُولڙيُون:** ث. ننڍو بُولو (ڳهه). چوڙ راند ۾ هارائيندڙ ڌُر جي پچاڙيءَ تائين نه چڙايل ۽ مُئل ساري. چلهر (چنهر) راند ۾ ننڍ (جنهن ۾ مئل ساري توڙ تائين راند هارائيندڙ چڙائي نه سگهي).

• **بولو ج بولا (ل):** ذ. پڇو (متعد جو) ـ چَپُ.

• **بُولو ج بُولا:** ذ. [ف. بلاق] ڳَهَه جو هڪ قِسم ـ نَٿَ جي نموني ننڍڙو ڳهه (جو نڪ جي ٿُوٽيءَ ۾ سوراخ ڪري پائين).

— **بُولي ج بُوليُون:** ث. ننڍو بولو.

• **بُولي ٽُولي:** ث. چرچو ڳهبو. ڪل مسخري.

• **بُومُ:** ذ. [ع. بُوم] چبرو ـ اُلو. لُڙ ـ ڪوڙ ـ شور ـ ڌمچر. (ث) [ف. بُوم؛ سن. بُوم، بُومي] زمين ـ ڌرتي ـ پُونءِ.

— **بُوم خَصْلت:** ذ. صفت. (چبري وانگر) ويراني پسند ڪندڙ ـ منحوس ـ نياڳو.

— **بُوميو ج بُوميا:** ذ. صفت. [سن. بُومَ] بُوميو. ترجو واقف. سونهون. اڳواڻ ـ رهبر ـ رهنما.

• **بُوَنُ:** ذ. چيلهه کان هيٺ چولي جي ويڪر.

• **بُناڙ ج بُوناڙ:** ذ. ٻوٽ (مروڙ جو) ـ دوناڙ.

• **بُونبُ ج بُونبَ:** ذ. [سن. بمب] ڪوهو (ٻيڙي يا جهاز جو) "جي پائين ڪارو ڪيڙيان. ته اُتي بُونب بناءِ" (شاه). گنبذ جي چوٽي يا ڪنگري. نيل جي چهنب. ڏاڪُڻ جي مٿئين پڙ جي چوٽي. ڪٽ يا هندوري جي پائي جي مٿين چهنب. گول چهنبدار ڏُنڊي يا ٻُنبي. دلي جو ڍڪ (ل). نخرو (ل). نڪ يا ڪن جي چوٽي (ت). (صفت) وڏو ـ ٿُلهو ـ متارو (ل).

• **بُونبار (ڪ):** ث. ڊبالت.

• **بُونبالو:** اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بُونبو ج بُونبا:** ذ. [سن. بمب] گنبذ جي چوٽي يا ڪنگري. نيل جي چهنب. ڪٽ يا هندوري جي سنهي چوٽي. ڪنهن به شيءِ جي چهنبدار ڏُنڊي. ڏاڪُڻ جي مٿئين پڙ جي چوٽي. دلي جو ڍڪ "جان وجان واڻ وتيو. ڏنم بصر ۽ بُونبو: گهڙي ويس گهر ۾، ڪنيئون منهنجو ڏونگو" (پيراڻو پنيرو). هڪ قسم جو نانگ. (ث) بُونبي ج بُونبيُون.

• **بُونْياٽُ ج بُونْياٽَ:** ذ. مڇرن يا مکين جو آواز. سنهون ۽ گڏيل آواز. بُونِيَٽُ.

— **بُنِيَٽُ ج بُونِيَٽَ:** ذ. [سن. بُرم = ڦرڻ] ڪنهن به ڦرندڙ شيءِ (لاٽون، ڦرڙي وغيره) جو آواز. تکو آواز تيزيءَ سان اُڇليل

شيءِ جو (هوا ۾) آواز.
• **بُونيت ڪرڻ:** واڪي وارو آواز ڪرڻ.
• **بُونتارجَڻُ (ت):** فعل مجهول. ڪاوڙجڻ. ضد ڪرڻ. پُوتاڙجڻ (ل). (بونتاريو ـ بُونتاريو ـ بُونتاريل).
• **بُونڌ ج بُونڌُون:** ث. [سن. وِنڌ] مينهن جي ڪِٽي. سنهي ڦُڙ ڦُڙ سنهون مينهن. پاڻيءِ جي ڇاٽَ "منجهان پيئي مڪڙيءِ، ڪا جا پاڻيءِ بُونڌ" (شاهه). تمام ٿورڙي شيءِ. ڪپڙي جو هڪ قِسم (جنهن تي ٻر ٻر ڇاپيل هجي) ـ بُونڊي.
— **بُونڌ بُونڌ:** ث. ڦُڙ ڦُڙ ـ سنهون مينهن.
— **بُوندون ڪَرَڻ (ڪ):** مينهن جو سنهي ڦُڙ ڦُڙ ڪري وسڻ، خوشبو ڪرڻ ـ هُبڪارون ڪرڻ.
• **بُونڊارَ ج بُونڊاڙُونَ (ل):** ث. ڪُتي يا بگهڙ جي اوناڙَ.
• **بُونڊي ج بُونڊيُونَ:** ث. منائيءِ جو هڪ قِسم (جنهن مان لڏون ٻڌ ٿهن) ـ نُختي.
• **بُونڊِ ج بُونڊُونَ، بُونڊيُون:** ث. ڏُنڊي (جنهن وٽان ميوو تاريءَ سان لٽڪيل رهي ٿو) ـ ڏانڊي. مُنهن ـ ڏوناڙ (ل). ڦُونڊ ـ ٻِچو (ڪڪڙ جو) "ڪڪڙ آنو بُونڊ ۾، سارو لوڪ گواهه" (گرهوڙي).
• **بُونڊارَ ج بُونڊاڙُونَ (ل):** ث. ڏُوناڙ (جانور يا مرونءَ جو).
• **بُونڊِڻ ج بُونڊِڻيون:** ث. سُوئر جي مادي ـ پُونڊڻ.
• **بُونڊو ج بُونڊا (ڪ):** ذ. پُونڊو ـ ٻجو.
• **بُونڙي ج بُونڙيُونَ (ڪ):** ث. هڪ قِسم جي ٻڪري.
• **بونَس:** ذ. [انگ. bonus] مقرر پگهار کان سواءِ وڌيڪ مليل عطيو يا بخشش.
• **بُونگاڙَ بُونگُوڙَ:** ذ. ڏٽ جو هڪ قِسم (ڪنييءَ جي نموني جهڙو جو مينهن وسڻ بعد زمين مان اُپري) ـ ٻِڏ ڦهيڙو ـ ٻُنهن ڦوڙ (ت). مڇيءَ جو هڪ قسم (ڪ).
• **بُونگاهُ ج بُونگاهَ (ڪ):** ذ. برسات تي آباد ٿيندڙ زمين لاءِ پاڻيءَ ڪي ڏنل بند جو هيٺيون پاگو.
• **بُونهِڻ ج بُونهِڻيُون:** ث. مڇيءَ جو هڪ قِسم (ڏِگهي، نانگ جي سڪل جهڙي) ـ گوڄ.
• **بُونِءِ:** ث. [ف] بُوءِ ـ بانس.
— **بُونِئائتو:** ذ. صفت. بُوءِ وارو ـ بانسارو.
— **بُونِءِ ٻڌاس پوڻ (ت):** ٿوري خبر پوڻ ـ ڪُڙڪ پوڻ.
— **بُونِئي:** ث. بُوءِ ـ بانس.
• **بُونِٽرجَڻُ (ت):** فعل مجهول. ڪاوڙجڻ ـ ناراضپو ڏيکارڻ.

(بونٽريو ـ بُونٽريو ـ بُونٽريل).
• **بُونٽرو ج بُونٽرا (ل):** ذ. ٻُهرو ـ تهخانو. گهوڙي جو اونداهو طنبيلو.
• **بُونُ ج بُونُون:** ث. مِٺي پاڻيءِ جي مڇيءَ جو هڪ قِسم.
• **بوٽِينڊو ج بوٽِينڊا:** ذ. بوڙينڊو.
• **بُوو ج بَوا:** ذ. پکيءَ جو هڪ قِسم (جو رات جو ڌانهون ڪندو آهي).
• **بُوهارَ ج بُوهارُونَ (ڪ):** ث. اُها ڏِگهي يا مينهن جنهن جا ڳوها ڦوهاري وانگر نڪرن.
• **بُوهارجَڻُ (ل):** فعل مجهول. شورجڻ ـ ڪاوڙجڻ ـ ڦُونڊارجڻ. (بُوهاريو ـ بُوهاريو ـ بُوهاريل).
• **بُوهارو ج بُوهارا (ڪ):** ذ. ڦوهارو.
• **بُوهاڙجَڻُ:** فعل مجهول. چُهٽڻ ـ چنبڙڻ. (بُوهاڙيو ـ بُوهاڙيو ـ بُوهاڙيل).
• **بُوهَرُ:** ذ. ٻُهرو. خال.
— **بُوهَر پِرڻ:** پيٽ پرڻ.
• **بوهرا:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ فرقي جو نالو ـ بوري.
• **بوهرو ج بوهرا:** ذ. "بوهرا" فرقي جو فرد ـ وونرو ـ بوري.
• **بوهري:** اسم خاص. وونرا ـ بوري.
• **بُوهڙَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. قنبر ۽ جاتي تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• **بُوهڙڪي:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بُوهڻ:** ث. ڪنگهر سرَ (جا ٻني ۾ ئي سڙي ڳري ويل هجي). رڍ جو هڪ قِسم.
• **بُوهڻُ:** ذ. پراڻو لوهه ـ ڪٽيل پراڻو لوهه (جنهن مان خُبث الحديد جو ڪُشتو ٺاهين). ٻني ۾ سڙيل ۽ ڳريل سرن جو ڍڳ. ٻُوٽي جو هڪ قسم (ت). مڇيءَ جو هڪ قِسم (نانگ جهڙي. ڏيگهه اڍائي فوٽ ڪن) ـ مارماهي ـ بُونهڻ ـ سنگ پا.
• **بوهي ج بوهي:** ذ. ساموندي مڇيءَ جو هڪ قِسم. پکيءَ جو هڪ قِسم. (اسم خاص) تعلقي ٻني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **بوهيارو ج بوهيارا:** ذ. واڪو واڪاڻ ـ هُل ـ گوڙ ـ هنگامو. ڌمچر ـ غلغلو. پوڪ جو تڪڙو اوسرُ.
— **بوهيارو ڪَرڻ:** گوڙ ڪرڻ. ويڙهه يا فساد ڪرڻ. بدنام ڪرڻ ـ خوار ڪرڻ (ت).

• **بوهي ڇٽو ج بوهي ڇٽا:** ذ. تيلي ڦَرين جو هڪ قِسم (جنهن جا داڻا بيضوي ٿين، ۽ پُچي ڪاٺجن) ـ بوهي مُڳ.

• **بوهي مُڳ ج بوهي مُڳ:** ذ. بوهي ڇٽو ـ مُڳ ڦَري.

• **بُوءِ ج بُوئِون:** ث. [ف. بُو] بانُس ـ ڌپ ـ ڳَند. واسُ ـ هڳاءِ (١) "محبتي ميهار جي، باالله پييم بوءِ" (شاهه)؛ (٢) "تہ ويراڳي تو واس، بَرِ ۾ بُوئِون موڪلي" (شاهه).

ـ **بُوءِ دارُ:** ذ. صفت. بانُس وارو.

• **بُوٽا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **بُوٽا ج بُوٽائُون:** ث. ٻيءَ جي پيڻ ـ ڀٽي "ڏندن بُوٽا، ڏند ڪيندا ڳُوها" (پهاڪو).

• **بُوٽِدارُ(ت):** ذ. خوشبودار چانورن جو هڪ قسم ـ سڳداسي.

• **بُوئڻُ:** مصدر. [سن. وَپَنُ > وپُ؛ هـ. بونا] پوکڻ ـ ڪاشت ڪرڻ. (بُويو ـ بُوئيندو ـ بُويل).

• **بُوئو ج بُوئا:** ذ. صفت. طهر ڪندڙ ـ حجام.

• **بوئي:** ذ. صفت. [انگ. boy] اُتي وينيءَ لاءِ نوڪر ـ بٽلر.

• **بوئي:** ث. مِني پاڻيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قِسم.

• **بوئيلو:** اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بوئيمادر، بُوئيمادران:** ذ. [ف. بوي مادر] دوا طور ڪم ايندڙ ٻوٽيءَ جو هڪ قِسم.

• **بوئي مُڳَ:** ذ. بوهي مُڳَ ـ بوهي ڇٽا.

• **بويارو ج بويارا:** ذ. ڳوڙ گهمسان ـ بوهيارو.

• **بُويو ج بُويا:** ذ. [انگ. buoy] سامونڊي بندر تي پاڻيءَ ۾ ڪتل وڏو لوهي تَنبو (جو گوگڙوءَ جي شڪل تي ٿئي، ٻيڙين ۽ جهازن کي بڌي بيهارڻ لاءِ استعمال ٿئي).

• **بَهہَ ج بَهُونَ(ت):** ث. (ڪتن جي) پونڪَ ـ باهوڙَ.

• **بهہ:** صفت. [ف] چڱو ـ سُٺو. بَيءُ ـ ڀليتي.

ـ **بهہ وجهڻ:** ڀليتي وجهڻ (ڪاڌي ۾). ڏوهه ڪرڻ.

• **بهہَ ج بهہَ:** ذ. [سن. وِس] پٻڻ جي سوراخدار پاڙ (جا پاڇيءَ طور ڪم اچي).

• **بَهہُ:** [پرا. بَس] ڪٽڪ جي ڳاهيل تيلين جو ڳاهُ (جو مال جي چاري لاءِ) ڳاري ۾ ملائڻ لاءِ ڪم اچي].

ـ **بَهہ سان پرڻ:** جانور جي ڪَل يا ڪنهن ڳوٺريءَ يا ڳوڻ ۾ بَهہ ٽنبڻ. سخت مار ڏيڻ (جهٽڪ ڪل لاهي بَهہ سان پرڻ). تنبي ڇڏڻ ـ ڳنڍي ڇڏڻ.

ـ **بَهہ ڪَل پرائڻ:** ڳري سزا ڏيارڻ ـ سخت سيڪت ڏيارڻ.

ـ **بَهہ ڪري ڇڏڻ:** صنا ڪُٽ ڪري ڇڏڻ ـ بلڪل ڪمزور ڪرڻ.

• **بها ج بهائُون:** ث. [ع. بهاءُ = حُسن؛ ف. بها] قيمت ـ اگهه ـ مُلهه ـ دام. عوض ـ بدلو "خون بها".

ـ **بها برڪت:** ث. تورڻ وقت ڏڙوائيءَ جو ڀهرئين ڏڙي لاءِ آواز. اصلي جوهر ـ ذاتي خصوصيت. فائدو.

ـ **بها برڪت نڪرڻ:** اصلي جوهر نڪري وڃڻ ـ فائدي جو اثر نڪري وڃڻ.

ـ **بها ڪرڻ:** مُلهه ڪٽڻ ـ قيمت ٻڌڻ.

• **بهاب:** اسم خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بهادُرُ ج بهادُرَ:** ذ. صفت. [ف] پهلوان ـ دلير ـ شجاع ـ سورهيه. همت وارو ـ جرات وارو.

ـ **بهادرانہ:** ظرف. بهادريءَ سان دليرانہ.

ـ **بهادري ج بهادريُون:** ث. پهلواني ـ دليري ـ سورهيائي ـ شجاعت.

ـ **بهادري ڏيکارڻ:** سورهيائي ڏيکارڻ ـ پهلواني ڏيکارڻ. (طنزاً) وڏو ڪم ڪرڻ ـ ڦاڙها مارڻ.

• **بهادُراڻي:** اسم خاص. خليلاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **بهادُرپور:** اسم خاص. ڪڪڙ ۽ ٽل تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **بهارُ ج بهارُون:** ث. [ف] گلن جي ڦُٽڻ جي موسم ـ بسنت رُت (جا ڦڳڻ، چيٽ ۽ ويساک واري سِماهي ۾ تقريباً ١٥ فبروري کان ١٥ اپريل تائين آهي). خوشي ـ راحت ـ آنند ـ فرحت. رونق ـ جهڳمڳ. سبزي ـ ساوڪ.

ـ **بهاري ج بهاريُون:** ث. گُلن ڦُٽڻ جي موسم بسنت رت. خوشي ـ راحت ـ آنند. رونق. (صفت) بهار جي.

ـ **بهاري قَراري:** ث. خوشي ۽ چڱيلائي ـ آرام قرار. رونق ۽ تازگي.

• **بهارُ ج بهارَ:** ذ. [ف] بسنت جي موسم ـ بَهارَ. هڪ راڳڻيءَ جو نالو. (ذ. صفت) خوش. سرسبز ـ سرهو ـ تڙيل. [ع. بَهارُ] هڪ قِسم جو خوشبودار جهنگلي ٻوٽو (جنهن کي پسند ڪرڻ سببان سپه سالار محمد بن قاسم جو ڪُنيو "اَبُوالبَهار" ٿيو). [سن. وِهارُ] وندر ـ مزو. کيل ـ تماشو. سير. گردش. ٻڌ يا جين ڌرم وارن جو مندر (محمد بن قاسم جي فتح وقت سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جي هيئين مندرن جا نالا "فتحنامي" مان ملن ٿا: ١. اَشبهار ٢. نؤبهار ٣. وڪربهار.

ـ **بهار بهار ٿيڻ:** تمام خوش ٿيڻ.

ـ **بهارجڻ:** فعل مجهول. بهاريءَ ۾ اچڻ. بهار بهار ٿيڻ. سر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سبز ٿيڻ. گُلن ڦُلن جو نڪرڻ (بهاريو ـ بهاريو ـ بهاريل).

• **بَهاريه:** صفت. [ف] بهار تي ٺهيل (قصيدو).

• **بِهاڙ ٻَهار:** ذ. [سن. وِهارَ] ونڊر ـ مزو ـ ڪيل ـ تماشو. سير ـ گردش. (اسم خاص) ڀارت جي هڪ مشهور شهر ۽ پرڳڻي جو نالو.

— **بِهاري:** ذ. صفت. "بِهار" جو رهاڪو. (اسم خاص) شري ڪرشن جو نالو.

— **بِهاري خَطُ:** ذ. لکڻيءَ جو هڪ نمونو.

• **بَهارپور:** اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَهارِسْتان:** ذ. [ف] سدا سر سبز باغ. (اسم خاص) مولانا جامي جو تصنيف ڪيل فارسي نثر جو هڪ مشهور ڪتاب (جو هن سعديءَ جي 'گلستان' جي تتبع ۾ لکيو).

• **بَهارڻ:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بهارَڻ:** مصدر. ڏسو "ٻيهارڻ".

• **بَهارو:** اسم خاص. مرد جو نالو (شاهه بهارو جهنجهڻ. نور محمد ڪلهوڙي جو مشهور سپه سالار هو. جنهن قلات جي والي عبدالله خان سان جنگ واري موقعي تي پاڻ موڪيو "بازي بَهارو شاهه ڪٽي ويو شير ڪون" (جلال). (اسم خاص) رياست خيرپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَهارو ڪوڪَر:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بِهاڳُ:** ذ. هندستاني پڪي راڳ جي هڪ راڳڻيءَ جو نالو ڏسو "وهاڳ".

• **بَهانو ج بَهانا:** ذ. [ف. بهانه] عُذر ـ ڪوڙو سبب. حيلو.

— **بَهانائي ج بَهانائي:** ذ. صفت. بهاني باز ـ ڪوڙا عذر ڏيندڙ. ٺَڳائُو ـ گوسڙو. مڪار ـ ٺڳ.

— **بَهانو ڪرڻ:** ڪُوڙو عذر ڪرڻ. ٺڳائڻ.

• **بَهانَه:** ذ. [ف] ڏسو "بَهانو".

— **بَهانَه جُو:** ذ. صفت بَهانا ڳوليندڙ ـ حيلي باز ـ فريبي ـ مڪار ـ چَنڊرَ.

— **بَهانَه ساز:** ذ. بهانو جوڙيندڙ ـ ڊونگي.

• **بَهاوَلپُور:** اسم خاص. پاڪستان جي هڪ مشهور شهر ۽ رياست جو نالو. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَهاول شاهه:** اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بَهاءُ الدِّين:** اسم خاص. [ع. لفظي معنيٰ "دين جو حُسن"] (شيخ بهاءالدين زڪريا ملتاني) هڪ مشهور درويش ۽ ولي الله جو نالو (جنهن جي درگاهه ملتان شهر ۾ آهي).

• **بَهائِم:** ذ. [ع. بَهيمه ج بَهائم] مرون ـ پَسُون ـ حيوان.

• **ٻُهائڻ:** مصدر. ڪنهن جانور جي ڪل کي ڪکن ۽ ٻُهه سان پرڻ. (ٻُهائيو ـ ٻُهائيندو ـ ٻُهايل).

• **بَهائِي:** اسم خاص. [ع] هڪ فرقي جو نالو (جنهن جو پيشوا "بَهاءُالله" نالي ايران ۾ ٿي گذريو آهي).

• **بِهبُود، بِهبُودِي:** ث. [ف. به = چڱو + بُودي > بودن (=هئڻ)] چڱائي ـ ڀلائي ـ خيرخواهي ـ بهتري ـ بَرتري. فائدو.

• **بُهتانُ ج بُهتانَ:** ذ. [ع] ڪوڙو الزام ـ ڪوڙي تهمت.

— **بُهتان ٻَڌڻ:** ڪوڙي تهمت رکڻ ـ ٺڪر پچڻ.

— **بُهتان تراش:** ذ. صفت. ڪوڙو الزام ڏيندڙ ـ ڪوڙي تهمت لڳائيندڙ.

— **بُهتان تراشي:** ث. ڪوڙي تهمت لڳائڻ جو فعل.

— **بُهتانو ج بُهتانا:** ذ. ڪوڙو الزام ـ اجائي تهمت.

— **بُهتاني ج بُهتاني:** ذ. صفت. ڪوڙو الزام لڳائيندڙ.

• **بِهتَرُ:** صفت. [ف] وڌيڪ چڱو ـ زياده سُٺو ـ زور ڀلو.

— **بِهتَري:** ث. چڱائي ـ ڀلائي.

— **بِهتَرِين:** صفت. سڀ کان چڱو ـ ازحد چڱو ـ چڱي ۾ چڱو.

• **بَهْجَتَ:** ث. [ع] خوبصورتي ـ حسن و جمال. شان ـ برتري. خوشي ـ فرحت. ڦُرتي ـ چُستي.

• **بَهْدُرُ ج بَهْدُرَ (ڪ):** ذ. صفت. بهادر.

• **بَهر:** ظرف. [ف] واسطي ـ ڪارڻ.

— **بهرِ خُدا:** محاورو. خدا جي واسطي "قاصد ڏي ڪل بهرخدا، ايندو دوست مِنو دلدار ڪڏهن" (صاحبڏنو شاهه بلڙيءَ وارو).

• **بَهَر:** حرف ربط. [ف. به + هر] هر ڪنهن سان.

— **بَهَرحال:** ظرف. ڪنهن به طرح ـ جيئن تي سگهي.

— **بَهرصُورت:** ظرف. ڪيئن به ڪري ـ ڪنهن به نموني.

• **بَهْرامُ:** اسم خاص. [ف] ايران جي ساساني بادشاهن مان هڪ مشهور بادشاهه جو نالو. بهرام گور. (غالباً 'بهرام گور' جي نالي پويان ٺاهيل) سنڌي قصي "بانڪو بهرام" جو سُورمو ـ بانڪو بهرام. ضلعي لاڙڪاڻي جي ٻن ڳوٺن ۽ ديهن جو نالو ('بهرام هينيون' ۽ 'بهرام مٿيون').

— **بَهرام چَرخ:** اسم خاص. مريخ گرهه ـ منگل ديوتا.

— **بَهرامي:** ث. [ف] بهادري ـ شجاعت. ڪوس.

• **بَهَراٿو ج بَهَراٿا:** ذ. ڏسو "بَهراٿو".

• **بَهَراٽِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيعزت ـ بي مانو ـ بي آب.

— **بي آبي:** ث. پاڻيءَ نہ هئڻ جي حالت ـ سوڪ. ڦڪائي ـ بيسوادائي.

— **بي آدرو:** ذ. صفت. بي مانو ـ بيعزت ـ اَڏنگو.

— **بي آدَر:** ذ. صفت. بي آدرو. بي پهچ.

— **بي آرامُ ج بي آرامَ:** ذ. صفت. بي سُکو ـ بيقرار ـ پريشان. بيچين. جنهن کي ننڊ نہ اچي.

— **بي آرامي:** ث. بيقراري ـ آنڌ مانڌ ـ لوچ پوچ. پريشاني.

— **بي آزار:** ذ. صفت. آزار کان سواءِ. معصوم.

— **بي آشنا:** ذ. صفت. ناواقف. بي دوست.

— **بي آگاه:** ذ. صفت. اَڻواقف. جاهل. بيخيال.

— **بي آگاهي:** ث. بيخيالي. اڻواقفي. جهالت.

— **بي آگهي:** ث. بيخبري ـ جهالت.

— **بي آميز:** ذ. صفت. اَڻ گڏيل. صاف.

— **بي آهنگ:** ذ. صفت. بي تالو. بي سُرو. اَڻ تيار.

— **بي اِتفاق:** ذ. صفت. بکيڙائي. جهيڙاڪار. ڦيٽاڙو وجهندڙ.

— **بي اِتفاقي:** ث. ناسازي ـ اڻبڻت.

— **بي اَثر:** ذ. صفت. اَثر کان سواءِ. بيفائدو ـ عبث ـ اجايو.

— **بي اَجَلُ:** ظرف. اَجل يا مدي کان سواءِ. بيوقتو ـ ڪُمهلو.

— **بي اِحترام:** ذ. صفت. بي لڄو. بي ادب.

— **بي اِحترامي:** ث. بي اَدبي.

— **بي اِحتياجُ:** ذ. صفت. اَڻ گهرجائو. آزاد.

— **بي اختيار:** ذ. صفت. اختيار کان سواءِ. بيوس ـ عاجز.

— **بي اختيارانه:** ظرف. پاڻمرادو ـ اَزخود.

— **بي اختياري:** ث. بيوسي ـ عاجزي.

— **بي اَدَبُ ج بي اَدَبَ:** ذ. صفت. ادب کان سواءِ ـ اَڏنگو. بي چيو. گستاخ. بدتميز. شوخ. شرير. بيحيا.

— **بي اَدبانه:** ظرف. بي ادب نموني ۾. اَڏنگائيءَ سان.

— **بي اَدبي ج بي اَدبيُون:** ث. بد فضيلتي. اَڏنگائي. گستاخي. اَهنڊائي. شوخي.

— **بي اَرٿُ:** صفت. [ف. بي + سن. اَرٿَ] بي مطلب ـ اَجايو.

— **بي اَصْلُ:** صفت. بي بنياد.

— **بي اِطلاع:** صفت. بيخبر. بنان سُڌ جي.

— **بي اِعْتبارُ:** صفت. جنهن تي پروسو نہ ڪري سگهجي ـ بي پروسي. نامعتبر.

— **بي اِعْتبارو ج بي اِعتبارا:** ذ. صفت. بي اعتبار ـ بي پروسي. خيانتي ـ ڪپتيو.

— **بي اِعْتباري:** ث. بي ويساهي ـ بي اعتمادي.

— **بي اِعْتدالُ:** ذ. صفت. نابرابر ـ ناموافق. وچڙيءَ حالت وارو نہ.

— **بي اِعْتدالي:** ث. نابرابري ـ ناموافقت. ناهموزني.

— **بي اِعْتقادُ ج بي اِعْتقادَ:** ذ. ڪنهن ۾ بہ ويساهہ نہ رکندڙ. بي ويساهو. ڪنهن تي بہ پروسو نہ رکندڙ.

— **بي اِعْتمادُ:** ذ. صفت. بي پروسي. بي اِعتبار.

— **بي اِعْتمادي:** ث. پروسي نہ هجڻ جي حالت. بي اعتباري ـ بي ويساهي.

— **بي اِعْتنا:** ذ. صفت. بيپرواهہ ـ لاغرض ـ بي ڌيانو.

— **بي اِعْتنائي:** ث. بي ڌياني. بيپرواهي ـ لاغرضي.

— **بي اِلْتفاتُ:** ذ. صفت. بيخيال.

— **بي اِلْتفاتي:** ث. بي ڌيانائي ـ بيخيالي ـ بيپرواهي.

— **بي اِمْتيازُ:** ذ. صفت. پوريءَ طرح سان سوچ ويچار نہ ڪندڙ. بي تميز.

— **بي اَنْتُ:** صفت. جنهن جي پڇاڙي نہ هجي ـ لا اِنتها ـ لاحدّ. اَٿاهہ. اونهو ـ عميق اَپار. بيشمار. تمام گهڻو.

— **بي اِنتظامُ:** صفت. خراب انتظام وارو. پورو بندوبست نہ رکندڙ.

— **بي اِنْتِها:** ظرف. بيحد ـ گهڻو ـ بي انت.

— **بي اَنجامُ:** ظرف. جنهن جي پُڄاڻي نہ هجي ـ بي اِنتها.

— **بي اَنْداز:** صفت. بيشمار ـ اَڻ ڳڻيو ـ تمام گهڻو.

— **بي اَنْديشه:** صفت. بيخيال ـ بيپرواهہ. غافل. ناعاقبت انديش.

— **بي اِنْصاف:** انصاف نہ ڪندڙ. ستمگر ـ ظالم.

— **بي اِنْصافي:** ث. ظلم ـ ستم انڌير ـ اَنياءِ ـ ناحق. بي اولادُ. اَولادي: ذ. صفت. اولاد کان سواءِ ـ جنهن کي اولاد نہ هجي.

— **بي اونُ:** ذ. صفت. بيفڪر ـ اَچنت.

— **بي اونائي:** ث. بيفڪري. لاپرواهي. اطمينان.

— **بي اونو ج بي اونا:** ذ. صفت. بنا ڳڻتيءَ جي ـ بيفڪر.

— **بي اِيمانُ ج بي اِيمانَ:** صفت. جنهن کي ايمان نہ هجي. بي پروسو. بي اعتبار. بزدل ـ گيدي. ڪپتيو. دغاباز. بيوفا. نمڪ حرام.

— **بي اِيمان ٿيڻ:** ايمان وڃائڻ. دغابازي ڪرڻ. بزدل ٿيڻ.

— **بي اِيماني ج بي اِيمانيُون:** ث. ڪپٽ ـ دغابازي ـ نڱي. خيانت.

— **بي باعث:** ظرف. بي سبب.

— **بيباقُ ج بيباقَ:** ذ. صفت. بنا باقيءَ جي ـ بقايا کان سواءِ ـ ڏِل کان آزاد. جنهن ڏي ڪجهہ بہ رهت نہ هجي. چڪتو ـ لٽ پٽ.

— **بيباقِي:** ث. پاڇيءَ کان سواءِ. ڏِل کان آزاد (زمين).

— **بيباڪُ ج بيباڪَ:** ذ. صفت. بي ڊپو ـ بيخوف. بيپرواهہ ـ بيفڪر. دلير ـ بهادر.

— **بيباڪِي:** ث. بي ڊپائي.

— **بي بال و پر:** ذ. صفت. پَرن ۽ کنيڙاٽين کان سواءِ. ڪٽل. عاجز. بي طاقت.

— **بي بَدَل:** صفت. لاثاني ـ بيمثال. بينظير.

— **بي بَـرْگ:** صفت. بي سَرو سامان. مفلس ـ سُڃو.

— **بي بَـرْگِي:** ث. بي سَروساماني. سُڃائي ـ مفلسي.

— **بي بَسْ:** صفت. عاجز ـ بيوس.

— **بي بَسِي:** ث. عاجزي ـ ناتوانائي ـ بيوسي.

— **بي بَصَـرْ:** ذ. صفت. اکين کان سواءِ. انڌو. بيوقوف.

— **بي بَصِيرَت:** ذ. صفت. اَنڌو. اندرجو انڌو.

— **بي بِضاعَتُ:** صفت. مفلس ـ ڪنگال ـ سڃو.

— **بي بَقا:** صفت. ٿوري وقت لاءِ ـ عارضي. فاني ـ ناپائدار.

— **بي بِلو:** ذ. صفت. بنا بِلي جي. لاعلاج. بِلاوجہ ـ بي سبب. بي بندوبستو

— **بي بَنْد:** صفت. بند يا قيد کان سواءِ ـ آزاد. غير محفوظ.

— **بي بَنْدوبَسْت:** صفت. بي انتظام. وڳوڙيل.

— **بي بَندوبَستِي:** ث. بي انتظامي.

— **بي بُنيادُ:** صفت. جنهن جو بنياد نہ هجي. پيڙهہ کان سواءِ. بغير بنياد جي. بد اصل ـ بي بُڻو. جنهن ڳالهہ جو ڪو اصل نہ هجي ـ اُفواهي (ڳالهہ).

ـ **بي بُنيادو ج بي بُنيادا:** ذ. صفت. جنهن جو بُڻ بنياد نہ هجي. پوءِ ڏائو ـ بَداصل.

— **بي بُڻو ج بي بُڻا:** ذ. صفت. بي بنياد. بداصل.

— **بي بُويو ج بي بويا:** ذ. صفت. بي باسو.

— **بي بَها:** صفت. جنهن جي قيمت نہ هجي ـ امُلهہ.

— **بي بَهْرَه:** صفت. بي نصيب. محروم.

— **بي بَيانُ:** صفت. جنهن جو بيان نہ ڪري سگهجي. ڳالهہ ڪرڻ کان مٿي. بيان کان ٻاهر ـ چوڻ کان ٻاهر.

— **بي ٻاجهہُ:** صفت. رحم کان سواءِ ـ بيرحم.

— **بي ٻاجهائِي ج بي ٻاجهايُون:** ث. بيرحمي ـ بي قياسِي.

— **بي ٻاجهو ج بي ٻاجها:** ذ. صفت. بيرحم ـ ڪُمِهرو ـ نامهربان.

— **بي ٻگو ج بي ٻگا:** ذ صفت. بي ڊپو ـ بيخوف. دلير ـ بهادر.

— **بي ٻوُ:** ذ. صفت. بي ڊپو ـ بيباڪ ـ بيخوف.

— **بيتابُ ج بيتابَ:** ذ. صفت. بيچين ـ بيقرار ـ بي آرام. پريشان. گهبرايل.

— **بيتابِي:** ث. بيچيني ـ بيقراري ـ بي آرامي. گهبراهٽ ـ پريشاني.

— **بي تارو ج بي تارا:** ذ. صفت. جيڪو سُر تار تي پورو نہ هجي ـ بيتالو.

— **بيتالُ ج بيتالَ:** ذ. صفت. تار کان ٻاهر. انداز کان ٻاهر. بي ڍنگو. بدعادتو. گمراهہ ـ ڀٽڪندڙ.

— **بيتالو ج بيتالا:** ذ. صفت. جو سُر تار تي پورو نہ هجي ـ سُر تار کان ٻاهر. اڍنگو. اَڻ وڻندڙ. آواره ـ رولو. آنچيءَ کان سواءِ (لغڙ) (ث) بيتالِي ج بيتالِيُون.

— **بي تاملُ:** ظرف. ڌيرج کان سواءِ ـ بي صبر.

— **بي تَحاشا:** ظرف. بي اختيار. اَنڌ ڌنڌ ۾. بي تامل. بيڌڙڪ ـ بنا ڪنهن دپ ڊاءَ جي.

— **بي تَدبِير:** صفت. تدبير کان سواءِ. بيخبر.

— **بي تَرتِيب:** صفت. پوريءَ سِٽا ۾ نہ بيٺل ـ تنظيم کان سواءِ.

— **بي تَرددُ:** ظرف. هٽڪ کان سواءِ ـ بنا هٻڪ.

— **بي تَعلق:** ظرف. سواءِ ڪنهن لڳ لاڳاپي جي آزادانہ.

— **بي تقريب:** ظرف. بي سبب ـ بي عذر.

— **بي تقصِير:** ظرف. ڏوهہ کان سواءِ ـ بيگناهہ.

— **بي تَڪَلف:** ظرف. ڏيکاءُ کان سواءِ. بي حجاب. سڌو سنواٽو.

— **بي تڪليف:** ظرف. سواءِ تڪليف جي ـ بِنا زحمت.

— **بي تُڪو ج بي تُڪا:** ذ. صفت. غير موزون. اَڻ پورو. فضول.

— **بي تَمِيز:** ذ. صفت. سواءِ ڪنهن تميز جي. ناشناخت. بي سوچ.

— **بي تميزي:** ث. ناشناسي. بي سوچائي.

— **بي تو:** ظرف. توکان سواءِ ـ توريءَ "ڏيان خيز خزان ۾، بي تو منجهہ بهار" (شاهہ).

— **بي تَوجه:** ظرف. بيخيال. لاپرواهہ.

— **بي توشَه:** صفت. بي سامان. سُڃو.

— **بي توفِيقُ:** صفت. بي طاقت. بزدل. ناتوان.

– **بي توقف:** ظرف. بنا دير.

– **بي ٿهه:** ظرف. تري کان سواءِ. اَٿاهه.

– **بي ثَمرُ، ثَمرو ج بي ثَمَر ثَمَرا:** ذ. صفت. [ف. بي + ع. ثَمَر = ميوو، توشو] جنهن کي سفر جو سامان ساڻ نه هجي ـ بِناتوشي. هٿين خالي. مسڪين.

– **بي ثَمَري:** ث. بي سَر و ساماني ۽ واري حالت. تهي دستي ـ تنگدستي ـ غربت.

– **بي ٺانيڪو ج بي ٺانيڪا:** ذ. صفت. جنهن جو ڪو ٺڪاڻو يا ٺَرٺاڪ نه هجي. بي گهرو ـ بي جاياٺتو. آواره ـ دربدر.

– **بي ٺيڪو ج بي ٺيڪا:** ذ. صفت. بغير پُٺ پرائيءَ جي. بي پُشت ـ بي آڌار. بي پهچ.

– **بي ٺاهه (ت):** صفت. نه ٺهيل ـ ڪاوڙيل ـ بيمار.

– **بي ٺڪاڻي:** ظرف. سواءِ گهر گهاٽ جي.

– **بي ثباتُ:** صفت. جنهن کي جٽاءُ نه هجي. ناپائدار ـ فاني ـ بي بقا.

– **بي ثَباتي:** ث. ناپائداري ـ فنا.

– **بي پاڙو ج بي پاڙا:** ذ. صفت. اَپاڙو ـ بي بنياد. (ث) بي پاڙي ج بي پاڙيون.

– **بي پاڙي:** ث. ول جو هڪ قِسم (جنهن کي پاڙ ڪانه ٿئي ۽ وڻ کي ويڙهي سڪائي ڇڏيندي آهي، دوائن ۾ به ڪم اچي) ـ وڻ ويڙهي.

– **بي پاڻيو ج بي پاڻيا:** ذ. صفت. پاڻيءَ کان سواءِ ـ سُڪو ـ خشڪ. جوهر کان سواءِ ـ بي چمڪ ـ بي رونق. بي همت. ڊڄڻو ـ بزدل.

– **بي پايان:** ظرف. جنهن جو ڇيهه نه هجي ـ لاحد ـ لاانتها. بي انت ـ بيحساب ـ بيحد. اڻ ڪٿ.

– **بي پتائي:** ث. بيغيرتي. بيحيائي ـ بيشرمي.

– **بي پتو ج بي پتا:** ذ. صفت. نِرلَجو. بيغيرت. بيحيا ـ بيشرم. بيعزتو ـ ڪميڻو. نود. بي اثر.

– **بي پتيائي:** ث. بي اعتباري ـ ڪُوساهي. ڪُپت. بي ايماني.

– **بي پتيو ج بي پتيا:** ذ. صفت. بي اعتبار ـ ڪُپتيو ـ ڪُوساهه.

– **بي پُڄت:** ذ. صفت. بي پهچ ـ بيوس. محتاج.

– **بي پُڇو ج بي پُڇا:** ذ. صفت. اَڻ پڇيو. بنا اِجازت. ري موڪل. ازخود ـ پاڻمرادو. پُڇ کان سواءِ ـ لنڊو.

– **بي پِدَرُ:** صفت. پيءُ کان سواءِ ـ ڇورو. حرامي.

– **بي پَرُ:** ذ.صفت. بنا پَرن جي بي طاقت ـ اَڻ سگهو. سُڃو ـ مفلس ـ ڪنگال.

– **بي پرده:** صفت. بنا پردي ـ بي حجاب. بيشرم. اگهاڙي منهن. ظاهر ـ کليل.

– **بي پردگي:** ث. بيحيائي. خواري.

– **بي پرو:** ذ. صفت. بنا پرن جي ـ ڪنپن ڪٽل ـ ٽُرڙ. بي طاقت. سُڃو ـ مفلس.

– **بيپرواهُ ج بيپَرواهَ:** ذ. صفت. [ف. بي پروا] جنهن کي پرواهه نه هجي ـ لاغرض ـ لاابالي ـ بيخيالو. جنهن کي ڪا ڪاڻ نه هجي.

– **بيپَرواهي ج بيپَرواهيون:** ث. [ف. بي پروائي] بيخيالي ـ بيفڪري. لاغرضي. بي نيازي. بي ڊپائي.

– **بي پرهيز:** صفت. پرهيز کان سواءِ ڪري نه ڪندڙ. لوٺيو.

– **بي پرهيزي:** ث. ڪري نه ڪرڻ واري حالت. بدپرهيزي. لوٺيپائي.

– **بي پريتو ج بي پريتا:** ذ. صفت. بي قربو ـ بي محبتو. بيمروّت.

– **بي پيِن پيرو ج بي پيِن پيرا:** ذ. صفت. جنهن جو گرمرشد نه هجي. بي اثر. بي مروّت. شرير.

– **بي پيرايگي:** ث. ڳهڻ نه هئڻ واري حالت. ٻُسائي.

– **بي پيرايه:** صفت. سينگار کان سواءِ. ٻُسو ـ ٻُسي.

– **بي پيرو:** ذ. جنهن هنڌ ڪنهن به پير جو نشان نه هجي ـ اَڻ لتاڙيل (زمين).

– **بي پيڙهيو ج بي پيڙهيا:** ذ. صفت. اصل نسل کان سواءِ. بد بنياد ـ ڪمذات ـ گهٽ ذات ـ بي بنيادو.

– **بيجا:** ظرف. غيرواجبي ـ نامناسب ـ اجوڳ. فضول ـ اجايو. غلط.

– **بيجان:** صفت. جنهن ۾ ساهه نه هجي. مئل.

– **بيجاءِ:** ظرف. بي گهر. بيجا ـ غيرواجبي.

– **بي جائتو ج بي جائتا:** ذ. صفت. جنهن کي ڪا جاءِ نه هجي ـ بي گهر. جو پنهنجي پوريءَ جاءِ تي نه هجي. غير موزون ـ نامناسب.

– **بي جائڪو ج بي جائڪا:** ذ. صفت. ڏسو "بي جائتو".

– **بي جَرَ:** صفت. بنا پاڻيءَ. سڪل ـ خشڪ.

– **بي جَس، بي جَسو:** ذ. صفت. بي سويو ـ ڪُجسو. ناڪام.

– **بي جگرَ:** صفت. ڊڄڻو ـ گيدي.

– **بي جگري ج بي جگريون:** ث. بي ڊپائي. سرويچي.

– **بي جِنسُ:** صفت. جنس کان سواءِ. ٻيءَ جنس جو ـ ميل نه کائيندڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **بي جوتيو ج بي جوتيا:** ذ. صفت. جنهن کي جوت نه هجي. بي رونق. ڏنڊ وارو – اونداهو.

— **بي جوڙ:** ذ. صفت. جوڙ کان سواءِ – اڻ ٺهندڙ. ناموافق. جنهن جو ڪو ثاني نه هجي – لاثاني – بينظير. ناخوش – بيمار.

— **بي جوڙائي:** ث. ناچاقائي – اڳهائي. بيمزگي. اڻبڻت. نامناسبت.

— **بي جوکو ج بي جوکا:** ذ. صفت. خوف خطري کان سواءِ. سلامت – محفوظ.

— **بي جوهر:** ذ. صفت. جوهر يا پاڻيءَ کان سواءِ. بي هنر – ڄٽ.

— **بي جيس، بي جيسو:** ذ. صفت. جنهن جو جوڙ جيس نه هجي. بينظير – لاثاني – لاجواب.

— **بي جيءُ:** ذ. صفت. بيجان – بنا ساهه – مُردو – مئل. بنا ڳپ جي. بنا جذبي جي.

— **بي چاقُ ج بي چاقَ:** ذ. صفت. ناچڱو – بيمزي – سُڪالو.

— **بي چالُ:** ذ. صفت. بي اصول. اڍنگو – بدفضيلت.

— **بي چالي:** ث. اڍنگائي – بد فضيلتي.

— **بي چسو:** ذ. صفت. بي لذت – بيسواد.

— **بي چشم:** صفت. اکين کان سواءِ – انڌو.

— **بي چُون وچرا:** محاورو. ڪڇڻ پڇڻ کان سواءِ.

— **بي چينُ:** صفت. بي آرام – بيقرار.

— **بي چيو ج بي چيا:** ذ. صفت. چيو نه مڃيندڙ – نافرمان. (ظرف) بنا چوڻ جي. پاڻمرادو.

— **بي حاصل:** صفت. اجايو – بيسود.

— **بيحالُ:** صفت. پريشان – عاجز – لاچار. ساڻو. ڏتڙيل. بلڪل اگهو.

— **بي حجابُ:** صفت. پردي کانسواءِ – بي پردي. بيحيا – ناديدو. بيپرواهه. بي تڪلف – حجائتو. سڌو سنئون.

— **بي حجابي:** ث. بي پردگي.

— **بي حُرمت:** ث. بيعزت – خوار.

— **بي حُرمتي:** ث. بيعزتي – نرآدر.

— **بي حِس:** صفت. جنهن کي حس نه هجي يا جيڪو محسوس نه ڪري سگهي. موڳو. بيهوش – مورڇا. بيغيرت – آٽاسو. بي درد.

— **بي حسابُ:** صفت. ليکي کان ٻاهر – بي انداز – بيشمار. اڻ ڳڻيو.

— **بي حشمت:** صفت. جنهن ۾ رعب تاب نه هجي.

— **بي حقيقت:** صفت. بي بنياد. ڪجهه به نه – ناچيز – غير مخلص.

— **بي حُڪم، بي حُڪمو:** ذ. صفت. حڪم کان سواءِ – بنا اجازت. بيقاعدي.

— **بي حواس:** ذ. صفت. حواس کان سواءِ. هوش کان سواءِ.

— **بي حواسي:** ث. بيهوشي – بي حضوري. غفلت. گهمنڊ.

— **بي حوصله:** صفت. بي همت – بي پتو – ڊڄڻو. بي لياقت.

— **بي حيا، بي حياءُ:** صفت. بيشرم – نِرلجو. بي ديدو – اکين ٻوٽ. ڪمينو.

— **بي حيائي:** ث. بيشرمي – نِرلجائي. ڪمينپ.

— **بي حيائيءَ تي سَندرو ٻڌڻ:** صفا بيحيا ٿي بيهڻ. کليو ڪلايو بيحيا ٿي بيهڻ.

— **بي خبر:** صفت. جنهن کي ڪا خبر نه هجي – جاهل – اڻڄاڻ. غير واقف. بيپرواهه – غافل.

— **بي خبرو ج بي خبرا:** ذ. صفت. ڏسو "بي خبر".

— **بي خبري:** ث. اڻ ڄاڻائي – لاعلمي. غفلت – بيپرواهي.

— **بي خرچو:** ذ. صفت. بنا خرچ جي – مفت. بي ثمرو.

— **بي خطا:** صفت. بيگناهه – بي ڏوهه – بيقصور. (ظرف) اڻ گُس – هڪ ٽڪ.

— **بي خطر:** صفت. [ف. بي + ع. خطره] بنا خوف – بنا ڊپ. محفوظ – سلامت.

— **بي خوابُ:** صفت. جاڳندڙ. جاڳيل – سجاڳ – بيدار. بي آرام.

— **بي خوابي:** ث. سجاڳي – جاڳ – بيداري. بي آرامي – پريشاني.

— **بي خوفُ ج بي خوفَ:** ذ. صفت. بي ڊپو – نه ڊڄندڙ. دلير بهادر. لاپرواهه – لاغرض.

— **بي خوفو ج بي خوفا:** ذ. صفت. بي خوف.

— **بي خيالُ ج بي خيالَ:** ذ. صفت. لاغرض – لاپرواهه. بي اونو – بي گُوندرو.

— **بي خيالو ج بي خيالا:** ذ. صفت. ڏسو "بي خيال".

— **بي خيالائي بي خيالي:** ث. لاپرواهي – بي اونائي. بي ڌياني.

— **بي داد گر:** ذ. صفت. ظالم – ستمگر.

— **بي داغ:** صفت. بنا داغ. پاڪ صاف. پاڪدامن – معصوم. بي ڏوهه.

— **بي داغو ج بي داغا:** ذ. صفت. بي داغ.

— **بي داغي:** صفت. ڏسو "بي داغ".

— **بي دامُ:** صفت. ٻَنڌ کان سواءِ – بنا ٻَند – ڇڙواڳ. ظالم – بنا پئسي – ري ملهه.

— **بي دڙنگ:** ظرف. بنادير – ٺهه ٺپ – جلد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **بي دريغ:** ظرف. سوچڻ سمجهڻ کان سواءِ ـ بي تامل. بِنا دير. بنا إنڪار. بِنا روڪ. گهٽو.

— **بي دست و پا:** محاورو. [لفظي معنيٰ = هٿن پيرن کان سواءِ] عاجز. بي طاقت. بي پهچ.

— **بي دَعوا:** صفت. جنهن جي دعوا يا حجّت هلي نہ سگهي ـ لادعوا. (ظرف) حصي يا پتيءَ کان محروم.

— **بي دَعوت:** ظرف. دعوت کان سواءِ ـ ري دعوت. اَڻ ڪوٺيو ـ اَڻ سڏيو. پِڇ لڳو.

— **بي دِل:** صفت. بي دليو ـ ناراض. شڪستہ دل. غمگين ـ اُداس (عشق ۾).

— **بي دلي:** ث. دلگيري ـ غمگيني. دل شڪستگي. ناراضگي.

— **بي دليو ج بي دليا:** ذ. صفت. بي دل. دل سان يا چاهہ سان ڪم نہ ڪندڙ. بي چِسو. غمگين ـ دلگير. اُداس.

— **بي دليو ٿيڻ:** دلگير ٿيڻ ـ دل شڪستو ٿيڻ. دلچسپي نہ ٿيڻ.

— **بي دَمُ:** صفت. بِنا ساهہ ـ بيجان. ٿڪل. سُست.

— **بي دماغ:** صفت. بي سمجهہ. چڙتو ـ ورچڻو. بي صبر.

— **بي دماغي:** ث. بي سمجهي. چڙتي طبيعت.

— **بي دعوا:** صفت. سُجو ـ مسڪين. ڪمبخت.

— **بي ديانت:** صفت. خيانتي. ظالم.

— **بي ديد، بي ديدو:** ذ. صفت. اکين ڏڪيو ـ اکين ٻوٽ ـ ناديدو. بيحيا ـ بيشرم ـ نرلجو. بيمروت ـ بي لحاظ. بيوفا.

— **بي دينُ، بي دينو:** ذ. صفت. جنهن جو ڪوبہ دين ڌرم نہ هجي. دين کان ڦريل ـ آڌرمي ـ لامذهب. ڪافر.

— **بي ديني:** ث. لامذهبيت ـ آڌرمائي. ڪُفر.

— **بي ڌرم، بي ڌرمو:** ذ. صفت. بي دين.

— **بي ڌُرو ج بي ڌُرا:** ذ. صفت. جو ڪنهن بہ ڌر سان نہ هجي ـ غيرجانبدار. بي يارو مددگار. بي پُشتو. رولاڪ.

— **بي ڌيانُ:** ذ.صفت. بيخيال ـ لاغرض. غافل. بيپرواهہ. بي لحاظ ـ بيمروت.

— **بي ڌيانو:** ذ. صفت. ڏسو "بي ڌيانُ".

— **بي ڏندو ج بي ڏندا:** ذ. صفت. ڏندن کان سواءِ ـ پڙو ـ ڦڏو.

— **بي ڏوهہ:** ظرف. بيقصور هئڻ واريءَ حالت ۾. راهہ گناهہ ـ ناحق.

— **بي ڏوهہ، بي ڏوهو:** ذ. صفت. بيگناهہ ـ بيقصور.

— **بي ڏوهائي:** ث. بيگناهي.

— **بي ڏوهي ج بي ڏوهي:** ذ. صفت. بي ڏوهہ.

— **بي ڏينهون:** ظرف. ڪنهن مقرر ڪيل ڏينهن کان سواءِ. بيوقتو. اوچتو.

— **بي ڊَولُ ج بي ڊَولَ:** ذ. صفت. جنهن جي بيهڪ چڱي نہ هجي ـ اَڻ ڊولائتو. بدشڪل ـ بدصورت. اَڻ گهڙيل. ناموزون.

— **بي ڊولائي:** ث. بدصورت. ڏنگائي ـ ڦڏائي. ناموزوني.

— **بي ڊَولو ج بي ڊَولا:** ذ. صفت. بي ڊول.

— **بي ڊوهُ بي ڊوهو:** ذ. صفت. ڊوهہ ۽ دغا کانسواءِ. ڊوهہ نہ ڪندڙ. ڪپٽ نہ ڪندڙ. صاف دل. اَڻ ڏڪوئيندڙ.

— **بي ڍَبُ، بي ڍَبو:** ذ. صفت. بي ڍنگو ـ ڏُڏَستو. بي ڊولو. بي سُرو. بي ڪرو. سنوت نہ ڏيندڙ. بي سلسلي ـ بي ترتيب. شرير. بدشڪل.

— **بي ڍبائي:** ث. بي ڍنگائي.

— **بي ڍَنگُ ج بي ڍَنگَ:** ذ. صفت. اَڍنگو. بي ڊولو. بي سُرو. بي ڪرو. بدشڪل. واهيات.

— **بي ڍنگائي، بي ڍنگايون:** ث. بي ڍبائي. اَڍنگائي. بي ڊولائي.

— **بي ڍَنڍ بي ڍَنوَ:** صفت. بدصورت. بي ڍَبُ. بي ڍنگ.

— **بي ڍِڏ بي ڍِڏو (ڍِڙُنو):** ذ. صفت. جنهن ڍِڏ نہ ڪيو هجي. نہ ڍاپڻ وارو. بکيو.

— **بي ذاتيو ج بي ذاتيا:** ذ. صفت. ذات کان سواءِ. بي ٻٽو. ذات پات کان نڪتل ـ ٽالهين لٿل.

— **بي ذوقُ ج بي ذوقَ:** ذ. صفت. سهٺي شوق کان سواءِ. حسن جي چاهہ کان خالي.

— **بي ذوقي:** ث. چڱي چاهہ کان محرومي.

— **بي راضي ج بي راضي:** ذ. صفت. ناراض ـ اُرهو. بي مزي ـ ناخوش.

— **بي راهہ:** ث. اَوجهڙ ـ اَواٽ ـ ڪُواٽ "هِڪو پِئو. بي راهہ جو. پيو سانپارا سِينهن" (شاهہ).

— **بي راهُ ج بي راهَ:** ذ. رستي کان ڀٽڪيل گمراهہ ـ ڪُواٽو.

— **بي راهو ج بي راها:** ذ. صفت. ڏسو "بي راهُ".

— **بي رائڪو رائُڪو ج بي رائڪا، رائُڪا:** ذ. صفت. دل نہ پريندڙ. دل معاف ڪاٽيدار.

— **بي رَبطُ:** صفت. جنهن ۾ ڪو مناسب لاڳاپو نہ هجي ـ بي ترتيب.

— **بي رُتو ج بي رُتا:** ذ. صفت. اَڻ منداڻتو ـ بي موسمو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **بي زَخمرُ ج بي زَخمرَ:** ذ. صفت. بي قياس. ظالم ــ ستمگر.
— **بي زَخمي:** ٿ. بي قياسي. ستمر. وحشانپڻ.
— **بي رُخُ، بي رُخو:** ذ. صفت. بي توجه ــ بي ڌيان ــ بيپرواهه.
— **بي رُخي ج بي رُخيون:** ٿ. بي اِتفاقي ــ بيمروّتي.
— **بي رَسُ، بي رَسو:** ذ. صفت. بنا رش جي. بي سوادو ــ بي چَسُ. ڦِڪو ــ آلوٹو.
— **بي رَسْمر:** صفت. رسم ڪان سواءِ. غير مروج (ظرف). بي ڏول ــ بيقاعدي.
— **بي رَسْمي:** ٿ. بيقاعدگي. ڪُريٿ.
— **بي رَضا:** ظرف. رضا ڪان سواءِ. بي موڪل ــ بنا اجازت.
— **بي رَنْگُ:** ذ. صفت. جنهن ۾ ڪو رنگ نہ هجي ــ رنگ روپ ڪان سواءِ. رنگ روپ ڪان نيارو ــ بيمثل.
— **بي رَنْگِي ج بي رَنْگِي:** ذ. صفت. جنهن ۾ ڪو رنگ نہ هجي ــ رنگ روپ ڪان سواءِ. بيمثل ــ لاثاني.
— **بي رَنْگِي:** ٿ. بيمثالي ــ لاثانيت.
— **بي روزگارُ ج بي روزگارَ:** ذ. صفت. جنهن ڪي ڪو ڌنڌو يا ڪمائي نہ هجي. بيڪار ــ نِڪمٽو.
— **بي روزگاري:** ٿ. بنا ڌنڌي يا ڪمائي يا گذران. بيڪاري. نڪمٽائپ.
— **بي رَونَق:** صفت. رونق ڪان سواءِ. بي چمڪ. بي طراوت. چَلتي ڪان سواءِ. بدزيبو.
— **بي ريا، بي رياءُ:** ذ. صفت. رياءُ نہ رکندڙ. انصاف خاطر ڪنهن جي بہ نہ ٻڌندڙ ــ منصف مزاج.
— **بي ريائي:** ٿ غيرجانبداري. منصف مزاجي ــ انصاف پسندي. ديانت داري ــ ايمانداري. صاف دلي ــ سَچائپ.
— **بي ريتو ج بي رِيتا:** ذ. صفت. دستور جي خلاف ڪريتو. اَڍنگو. غيرواجبي.
— **بي ريجو ج بي ريجا:** ذ. صفت. ريج ڪان سواءِ. سڪل ــ خشڪ.
— **بي رِيش ج بي رِيش:** ذ. صفت. بي ڏاڙهيو. گيرو ــ لاسڙات. ڏاڙهي ڪوڙ.
— **بي زَبانُ:** ذ. صفت. گهٽ ڳالهائو ــ ڪم سخن. مانيٽو. مسڪين ــ غريب. گُنگو ــ گگدام. حيوان ــ ڍور.
— **بي زَباني:** ٿ. ڪم سخني. مانيٽائي. خاموشي.
— **بي زَرُ:** صفت. بنا پئسي جي. هٿين خالي. وِلهو.
— **بي زَنْگُ:** صفت. اَڻ ڪٽيل (ڏاتو). صاف.

— **بي زَوالُ:** ذ. صفت. لازوال ــ غيرفاني. باقي ــ پائدار.
— **بي زورُ ج بي زورَ:** ذ. صفت. ڪم طاقت ــ ڪمزور ــ نبل. بي پهچ. ضعيف.
— **بي زورائي، بي زوري:** ٿ. بي طاقتي. هيڻائي. عاجزي.
— **بي زورو ج بي زورا:** ذ. صفت. ڏسو "بي زور".
— **بي زيب و زينت:** محاورو. سونهن ۽ سينگار ڪان سواءِ. ڪوجهو.
— **بي ساجاهُ ج بي ساجاهَ:** ذ. صفت. بي شناس ــ بي لحاظ ــ بي مروت. بيشرم ــ بي حياءُ.
— **بي ساجاهو ج بي ساجاها:** ذ. صفت. ڏسو "بي ساجاه".
— **بي ساجاهي:** ٿ. نِرلجائي ــ اکين ہوٹ. بيحيائي ــ بيشرمي.
— **بي ساڃهُ، بي ساڃهو:** ذ. صفت. بي ساجاهه.
— **بي ساختگي:** ٿ. سادائي. اخلاق.
— **بي ساخْتَہ:** ظرف. صاف. کليو. بي تڪلف. صاف دليءَ سان. اُتي جو اُتي ــ تڏي تي ــ يڪدم ــ تڙي ڪڙي. في البديه. بنا تياري. بنا اِرادي.
— **بي ساڪو ج بي ساڪا:** ذ. صفت. ڪُسا ڪي ــ ڪوڙو ــ بي پتيو. (ٿ) بي ساڪي ج بي ساڪيون.
— **بي ساڳاهُ، بي ساڳاهو:** ذ. صفت. جو ساڳاهي نہ هلي. بي امتياز ــ بي شناسو. بي لحاظ ــ بيمروت. بي ساجاهه.
— **بي ساڳاهي:** ٿ. بي ساجاهي. ناشناسي. بيحيائي.
— **بي ساڳهُ، بي ساڳهو:** صفت. بي ساڳاهُ.
— **بي سامان:** ظرف. بي ثمر.
— **بي سانگُ:** ذ. صفت. بي سبب. اوچتو بنا اِرادي.
— **بي سانگو:** ظرف. بي موقعي ــ بي سبب.
— **بي ساهو ج بي ساها:** ذ. صفت. ساهه ڪان سواءِ ــ مئل. ڪمزور ــ نِستو. ساٹو.
— **بي سَبَبُ:** ظرف. سبب ڪان سواءِ ــ ڪارڻ ڏاران. اجايو ــ هرويرو. حق ناحق ــ خالي پيلي.
— **بي سُيو ج بي سُيا:** ذ. صفت. نحس. چندو ــ ندورو ــ اَياڳو. بي سويو.
— **بي سَتْر:** صفت. [ف. بي + ع. سِتْر = پردو] بي پردي. اَڻ ڍڪيل. عريان.
— **بي سَترِي:** ٿ. بي پردگي. اوگهڙ ــ عرياني.

– **بي سپاس:** صفت. ناسپاس – بيشڪر.
– **بي سِجلائي:** ث. بي زيبائي. بدفضيلتي. گدلائي.
– **بي سِجلو ج بي سِجلا:** ذ. صفت. بي زيبو. بي سينگار. غير موزون اڻ سٺائتو. اُجوڙو. بي ڪرو.
– **بي سُخَنْ:** صفت. [ف. بي + سُخَنْ، سُخَنْ، سَخَنْ، سَخُنْ] اڻ ڳالهائو. بي زبان. خاموش.
– **بي سُڌ:** صفت. بيخبر – اُبوجهه. بيهوش – غش. گهيرو – لهيڙو.
– **بي سِرُ:** ذ. صفت. سِر ڪان سواءِ – سِيسي وڍيل. سِر جو سانگو نہ ڪندڙ. سرفروش – سرويچ. لاغرض – متي ڦريل – هوڏي – ضدي. لاثاني.
– **بي سُرُ:** ذ. صفت. سُرتار ڪان سواءِ – بي سُرو.
– **بي سُرت:** ذ. صفت. بي سُڌ. بيهوش. غش. گهيرو. موڳو. بي سمجهه – بيعقل.
– **بي سُرتائي ج بي سُرتائيون:** ث. بيهوشي – غشي. بيخبري – اڻ جاڻائي. بدحواسي. موڳائي. ناسمجهي.
– **بي سُرتو، سُرتيو ج بي سُرتا، سُرتيا:** ذ. صفت. ڏسو "بي سُرت".
– **بي سِرو:** صفت. اُتاولو. بيفڪر. خودسر.
– **بي سُرو ج بي سُرا:** ذ. صفت. سُرڪان سواءِ. سُرتار جو ڪچو. ڪُسرو. بدآواز. اڏنگو.
– **بي سَروپا:** ذ. صفت. [ف. لفظي معنيٰ = 'مٿي ۽ پيرن ڪان سوا'] ضعيف – هيڻو. بي طاقت – عاجز. محتاج. سڃو. ڪنگال. جنهن جو نہ منهن هجي نہ مٿو. جنهن جو نڪو اُند نڪو بُند هجي. بي ترتيبو. بي ڍؤلو. بي بنيادو. واهيات.
– **بي سَروسامان:** محاورو. سُڃو – پينگيو. ٺلهو – سکڻو. محتاج.
– **بي سُڪائي ج بي سُڪايُون:** ث. بي آرامي. اگهائي – بيماري.
– **بي سُڪو ج بي سُڪا:** ذ. صفت. سُک ڪان سواءِ – اڻ سُکيو. بي آرام – بيقرار. اگهو – بيمار.
– **بي سُگهتائي:** ث. ڪمزوري – بي طاقتي.
– **بي سُگهتو ج بي سُگهتا:** ذ. صفت. ڪمزور – ڪم طاقت – هيڻو – نستو. ضعيف.
– **بي سگهائي ج بي سگهايُون:** ث. ڪمزوري – ڪم طاقتي. بيماري.
– **بي سگهتو ج بي سگهتا:** ذ. صفت. بي طاقت – هيڻو – ڪمزور – نِبل. لاڇهو – ضعيف – نحيف.
– **بي سگهو ج بي سگها:** ذ. صفت. سگهہ ڪان سواءِ – هيڻو – ڪمزور. ضعيف – نحيف. اگهو – بيمار.
– **بي سَليقو ج بي سَليقا:** ذ. صفت. بي لڇڻو – اڏنگو – بي فضيلت. بي ترتيب. اناڙي – ڪم هنر.
– **بي سَمجهہُ ج بي سَمجهہَ:** ذ. صفت. ابوجهه – اَڄاڻ. ٻار (جو بي سُرت آهي).
– **بي سَنتو ج بي سَنتا:** ذ. صفت. جنهن جو ڪنهن تي چڱي اثر نہ پوڻ سببان ڪوبہ ڪم نہ ٿئي. بي اثر. بي بخت.
– **بي سُنتو ج بي سُنتا:** ذ. صفت. جنهن جي سنّت ٿيل نہ هجي – اڻ طهريل.
– **بي سَنڌو ج بي سَنڌا:** ذ. صفت. جنهن جو سنڌو سيڙهو نہ هجي. لاحد – لاانتها.
– **بي سَنگُ:** ظرف. وزن ڪان سواءِ – بي وزنو. بي اَهميَت. خسيس.
– **بي سَنگو ج بي سَنگو:** ذ. صفت. جنهن جو سنگتي ساٿي نہ هجي – بي يارو مددگار. اڪيلو گذاريندڙ – گوشه نشين. جو رلٽو ملٽو نہ هجي – رکو روح. ڪنهن جو لحاظ يا سانگو نہ ڪندڙ. بيپرواهہ – لاغرض.
– **بي سَوادُ ج بي سَوادَ:** ذ. صفت. ڪنهن بہ سواد ڪان سواءِ – بي لذت. بي ذائقي. ڦڪو – آلوڻو. بي علم – اڻ پڙهيل. جنهن کي ادبي ذوق نہ هجي.
– **بي سَوادو:** ذ. صفت. ڏسو "بي سواد".
– **بي سَوادو ۽ بي سوادا:** ذ. صفت. بي سوادو.
– **بي سوادي ج بي سَوادي:** ذ. صفت. بي سوادي.
– **بي سوبائي:** ث. ناڪاميابي – ناڪامي. نياڳائي – چندائي – اَپاڳائي.
– **بي سوبو ج بي سوبا:** ذ. صفت. جنهن کي فتح حاصل نہ ٿئي – ناڪامياب – نامراد. چندو – نياڳو – ندورو.
– **بي سوجُ ج بي سوجَ:** ذ. صفت. سوچ نہ ڪندڙ ڳَڻ نہ ڪندڙ.
– **بي سَنوَت، بي سَنوَتو:** ذ. صفت. سنوت نہ ڏيندڙ. چيو نہ مڃيندڙ – ڏنگو.
– **بي سُوال:** صفت. سوال نہ ڪندڙ – نہ گهرندڙ. خوددار.
– **بي سِيرَت:** صفت. بي اخلاق.
– **بي سِيل:** صفت. بي سيرت. بي عصمت. بيحيا – بيشرم.
– **بي سينڌي بي سينڌيو:** ذ. صفت. يار دوست ڪان سواءِ. جنهن جي سڄاڻپ يا ڏيٺ ويٺ نہ هجي.

— **بي شاهِدُ:** صفت. شاهد يا گواهه کان سواءِ.
_ **بي شائِبه:** ظرف. بلاشڪ _ بي گمان.
— **بي شُبو ج بي شُبا:** ذ. صفت. [ف. بي + سن. شُپ (= سُن، فال) > شبو] بي سوڻو. بي سِيو. لاخير _ بي فيض.
— **بي شُبه، بي شُبهو:** ظرف. [ف. بي + ٿ. شُبه] بنا شڪ شبهي _ پڪ _ يَقيناً. تحقيق. سچ پچ.
— **بي شرطو ج بي شرطا:** ذ. صفت. ڪنهن به شرط کان سواءِ _ غير مشروط.
— **بي شَرَفُ:** ذ. صفت. بي عزّت _ بيمانو.
— **بي شَرمُ، بي شرمو:** ذ. صفت. بيحيا _ نرلجو _ بي نڪو. بي ادب _ گستاخ.
— **بي شَرمائي، بي شَرمِي:** ٿ. بيحيائي _ نِرلجائي. بي ادبي _ گستاخي.
— **بي شُعورُ:** ذ. صفت. بي حس. بي سمجهه.
— **بي شَفقت:** صفت. بي مهر. نامهربان.
— **بي شُڪُرُ بي شُڪرو:** ذ. صفت. نعمت جو انڪاري. سيڪجهه هوندي شڪايت ڪندڙ.
— **بي شُڪري:** ٿ. هوندي سوندي شڪايت واري حالت _ ڪفران نعمت.
— **بي شُمار:** ظرف. ڳڻڻ کان ٻاهر. اڪيچار. بي انداز _ بيحساب.
— **بي شَناس:** صفت. بي تميز. بي لحاظ.
— **بي شَهُ (ڪ):** صفت. بيڪار _ نڪمو. اوباش.
— **بي شيو:** صفت. جيڪو احسان يا ٿورو نه ڪري، رکو _ بي وڙو. بي ڳڻو.
— **بي صَبرُ، بي صَبرو:** ذ. صفت. جنهن کي ڌيرج نه هجي _ بي تحمّل. بيقرار. بيچين _ بي آرام.
— **بي صَبرائي:** ٿ. صبر يا تحمّل نه ڪرڻ جي حالت. بيقراري _ بي آرامي.
— **بي صِدق:** صفت. سچ کان سواءِ. ڪوڙو.
— **بي صَلاح:** صفت. جو صلاح نه وٺي. خودسر.
— **بي صَلاحو ج بي صَلاحا:** ذ. صفت. صفت. جو صلاح نه وٺي. خودسر _ هٺيلو.
— **بي صُولت:** صفت. [ف. بي + صَلت < (عامي اُچار) صُورت] بدصورت.
— **بي ضابطگي:** ٿ. قاعدي جي برخلاف هلت _ بي قاعدگي. بدانتظامي. ڇڙواڳي.
— **بي ضابِطو ج ضابطا:** ذ. صفت. ضابطي يا نظرداريءَ کان ٻاهر. بي قاعدي. ڇڙواڳ. رواج يا دستور جي خلاف.
— **بي ضابطي:** ظرف. ضابطي کان سواءِ ڇڙواڳ.
— **بي ضَرورُ:** ظرف. ضرورت کان سواءِ _ اجايو.
— **بي ضَرورت:** ظرف. گهرج کان سواءِ بي گهرج.
— **بي طاقت:** صفت. ڪمزور _ ضعيف _ نحيف.
— **بي طالِعُ:** ذ. صفت. بد بخت _ نياڳو _ چندو. ڪپوت.
— **بي طالعي:** ٿ. بدبختي _ نياڳ _ چندائي.
— **بي طَراوت:** صفت. اُپوڳو. خشڪ.
— **بي طَراوتي:** ٿ. بي تازگي. اُپوڳائي. خشڪي.
— **بي طَرح:** صفت. بي ترتيب. اُڏنگو.
— **بي طَرفدار:** صفت. غيرجانبدار _ بي رياءُ.
— **بي طَرفداري:** ٿ. غيرجانبداري. بي ريائي. عدل _ انصاف.
— **بي طَلب:** صفت. خواهش کان سواءِ _ بنا گهُر.
— **بي طمع:** صفت. جنهن کي ڪابه لالچ نه هجي. لاُبالي.
— **بي طَمعو ج بي طَمعا:** ذ. صفت. ڏسو "بي طمع".
— **بي طَور:** صفت. بي ترتيب. بي طرح. اڏنگو.
— **بي عادتو ج بي عادتا:** ذ. صفت. بي لڇڻو _ بدافعالو.
— **بي عَدَد:** ظرف. ڳاڻيٽي کان ٻاهر _ بيشمار. بيحد. بيحساب.
— **بي عَدَل:** صفت. [ف. بي + ع. عَدل] بي انصاف _ ظالم.
— **بي عِزت:** ذ. صفت. بي آبرو. بدنام _ خوار. رسوا. ذليل رذيل. بيغيرت.
— **بي عِزّتي:** ٿ. بي آبرو ئي. بيمانائي. بيحرمتي. توهين. ذلت. رسوائي _ خواري _ بدنامي.
— **بي عَقُل:** صفت. [ف. بي + ع. عَقل] بي سمجهه _ بيوقوف. نادان _ اَڻجاڻ. احمق _ مورک. چسو _ ڳهيلو.
— **بي عَقلائپ، بي عَقلائي:** ٿ. "بي عقلي".
— **بي عَقلي:** ٿ. بي سمجهي _ نادانِي _ بيوقوفي. حماقت _ موکائي.
— **بي علاج:** صفت. جنهن جو ڪو علاج ٿي نه سگهي. نه ڇٽڻ جهڙو (مرض). لاعلاج _ لادوا.
— **بي علمُ:** ذ. صفت. اڻ پڙهيل. بيخبر. جاهل.
— **بي علمو:** ذ. صفت. بي علم.
— **بي علمي:** ٿ. جهالت. اڻ ڄاڻائي _ بيخبري.
— **بي عَيب:** صفت. جنهن ۾ ڪابه وڏ نه هجي _ بي نقص. بي داغ. سالم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **بي عَيبو ج بي عَيبا:** ذ. صفت. ڏسو "بي عيب"
— **بي غايَت:** صفت. بي مقصد. (ظرف) ازحد ـ بي پايان ـ بي نهايت.
— **بي غُبار:** صفت. بي داغ.
— **بي غَرض:** صفت. بي مطلب. بي طمع. لاپرواهه.
— **بي غَرضانَه:** ظرف. سواءِ ڪنهن مطلب جي. اخلاص ۽ سچائيءَ سان.
— **بي غرضو ج بي غَرضا:** صفت. بي غَرضُ.
— **بي غَرضِي:** ث. لاطمعي. بي مطلبي.
— **بي غَم:** صفت. جنهن کي ڪو ڏک يا ڳڻتي نه هجي. بيفڪر.
— **بي غمو ج بي غَما:** ذ. صفت. بي غم.
— **بي غَمِي:** ث. اَڱوندرائي. بيفڪري.
— **بي غور:** ظرف. ويچار کان سواءِ.
— **بي غيرَت:** صفت. جنهن کي عزت جي بچاءَ لاءِ ڪوبه جوش نه اچي. بي لڄو ـ لوئيو. بيشرم ـ بيحيا.
— **بي غَيرتِي:** ث. بيشرمي ـ بيحيائي ـ نرلجائي.
— **بي فائدو ج بي فائدا:** ذ. صفت. بيسوُد ـ اجايو. بيڪار. نڪمو. خواهه مخواهه
— **بي فائدي:** ظرف. اجايو.
— **في فرمان:** صفت. نافرمان ـ بي چيو.
— **بي فِڪر:** صفت. بنا ڳڻتيءَ ـ اَچنت. بي غم. بيپرواهه ـ بالم.
— **بي فِڪرائي:** ث. ڏسو "بي فِڪري".
— **بي فِڪرو ج بي فِڪرا:** ذ. صفت. بي فڪر.
— **بي فِڪري:** ڳڻتي نه هئڻ واري حالت ـ اَچنتا. بيپرواهي. بيخيالي.
— **بي فَهم:** صفت. بي سمجهه. بيعقل.
— **بي فَهمِي:** ث. بي سمجهي. بيعقلي.
— **بي فَيض:** صفت. جنهن مان ڪوبه فائدو نه پهچي.
— **بي فَيضو ج بي فَيضا:** ذ. صفت. بي فيض.
— **بي فَلڪي بي فَلڪو:** ذ. صفت. بي همت. بي غم. بي اُلڪو (ت).
— **بي قُرو ج بي قُرا:** ذ. صفت. جيڪو قُرُ نه جهلي. ميوي کان سواءِ. نِقل. پرن يا قُرن کان سواءِ (تير).
— **بي قابُو:** صفت. اَڻ جهل ـ چڙواڪ.
— **بي قاعدگِي ج بي قاعدگيُون:** ث. قاعدي يا دستور جي خلاف هئڻ جي حالت. بي انتظامي. بي ضابطگِي. بي ترتيبي. بي اُصولِي ـ ڪُريت.
— **بي قاعدو:** ظرف. خلاف قانون. اجايو. تمام گهڻو. بي انداز.
— **بي قاعدِي:** ظرف. [ف. بي + ع. قاعده] قانون جي خلاف. خلاف دستور. اصول جي خلاف. بي ترتيبو. خراب نموني ۾. غلط طريقي سان.
— **بي قانُون. بي قانوني:** ظرف. قانون جي خلاف ـ بيقاعدي.
— **بي قَدُر:** صف. [ف. بي + ع. قَدُر] قيمت کان سواءِ. جيڪو قدر نه سڃاڻي ـ ڳڻ چور. ناشناس. پورو معاوضو نه ڏيندڙ. بيعزت.
— **بي قَدُرو:** ذ. صفت. بي قدر.
— **بي قَدرِي:** ث. قدر نه سڃاڻڻ جي حالت ـ ناشناسي. بي انصافي. بيعزتي.
— **بي قُـرب. بي قُـربو:** ذ. صفت. جنهن ۾ قرب نه هجي. مُنهن رکو. ناشناس. ناديدو. شوخ طبع.
— **بي قرينو:** صفت. بي ترتيبو. بي رِٿو.
— **بي قَصد:** صفت. ارادي کان سواءِ.
— **بي قصور:** صفت. بي ڏوهه ـ بيگناهه.
— **بي قوَّت:** ذ. صفت. بي طاقت ـ ڪم همت ـ ڪمزور.
— **بي قِياس. بي قَياس:** صنت. بيرحم ـ ظالم. سنگدل ـ ڪٺور.
— **بي قياسو ج بي قياسا:** ذ. صفت. بي قياس.
— **بي قِياسِي:** ث. بيرحمي ـ سنگدلي.
— **بي قَيد:** صفت. اَڻ ٻڌل ـ اَڻ جڪڙيل. جو ڪنهن جو پابند نه هجي ـ شتر بي مهار ـ بي لغام. آزاد.
— **بي قِيمَت:** صفت. جنهن جي قيمت ڪٿي نه سگهجي. خسيس.
— **بي ڪاٿو:** ذ. صفت. ڪٿ کان سواءِ. گماني. ظَنّي ـ شڪي.
— **بي ڪاج:** صفت. اَڪاج. بيڪار.
— **بي ڪام:** صفت. نااميد ـ مايوس. بيفائدي. بيڪار.
— **بي ڪاڻ بي ڪاڻيو ج بي ڪاڻا. بي ڪاڻيا:** ذ. صفت. جنهن کي ڪنهن جي ڪاڻ نه هجي. لاغرض. لاطمع. بيپرواهه ـ بي نياز.
— **بي ڪَرانُ:** صفت. [ف. بي = بنا + ڪران = ڪنارو] جنهن جو ڪنارو نه هجي ـ لاحدّ. بيحد ـ گهڻو.
— **بي ڪُرمو ج بي ڪُرما:** ذ. صفت. جنهن کي ڪرم قبيلو نه هجي. بي مائٽو ـ بي آڪاهيو. جو خانداني نه هجي ـ گهٽ ذات وارو. بد ذات. خسيس.
— **بي ڪَفش:** صفت. جُتيءَ کانسواءِ. اگهاڙن پيرن سان.
— **بي ڪَفن:** صفت. جنهن کي ڪفن به نصيب نه ٿئي.
— **بي ڪَفنو ج بي ڪَفنا:** ذ. صفت. بي ڪفن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

– **بي لَلهو ج بي لَلها:** ذ. صفت. بي لَلو.
– **بي لِهن بي لِيهو:** ذ. صفت. بي لجو ـ بيشرم.
– **بي ماڙو:** ذ. صفت. جنهن کي ڪا ماڙ يا مدد نه هجي ـ بي سهاري. بيڪس ـ بيوس ـ نڌر. ويچارو.
– **بي ماڳو:** ذ. صفت. جنهن جو ڪو ماڳ مڪان نه هجي. بيوطن. بي گهر. رولاڪ.
– **بي مانُ:** ذ. صفت. بيعزت ـ بي آبرو. خوار خراب ـ رسوا.
– **بي مانائي:** ث. بيعزتي ـ بي آبروئي. خواري. ذلت.
– **بي مانِڪو ج بي مانِڪا:** ذ. صفت. بي قيمتو ـ بي مُلهو "صبر سان موتي ٿئي سپ ۾ ڦڙو مانڪو: بي مانڪا پاٿيءَ تي ڪوڏ" (گل).
– **بي مانو:** ذ. صفت. [ف. بي مايه] ڪنگل ـ محتاج. اڻجاڻ ـ بي علم.
– **بي مِثالُ:** صفت. لاثاني ـ بينظير.
– **بي مِثِل:** صفت. بي مثال.
– **بي مَجال:** صفت. بي طاقت.
– **بي مُحابُ:** ذ. صفت. بي مُحابو.
– **بي مُحابائي:** ث. بي مروّتي ـ بي لحاظي ـ بي مُنهائي.
– **بي مُحابو ج بي مُحابا:** ذ. صفت. [ف. بي + محابا] بي لحاظ ـ بيمروّت ـ بي ديدو ـ مُنهن رکو.
– **بي مَحَل:** ظرف. بي موقعي ـ بيجاءِ.
– **بي مَدار:** صفت. ٽيڪ ڪان سواءِ.
– **بي مدد:** صفت. بي همراهه.
– **بي مُراد. بي مُرادو:** ذ. صفت. جنهن کي ڪنهن ۾ مراد يا عقيدو نه هجي. نااميد ـ آسري. جنهن جي مُراد يا آس پوري نه ٿي هجي. نامراد ـ ناڪام. جنهن وٽان ڪنهن جي مراد پوري نه ٿئي ـ بي اُميدو.
– **بي مُروّت:** صفت. بي لحاظ ـ بي ديد. نامهربان. شوخ. سخت دل. بي قياس.
– **بي مُروّتائي:** ث. بيمروتي.
– **بي مُروّتي:** ث. بي لحاظائي: شوخي. بي قياسي.
– **بي مزائي:** ث. بيماري ـ ناخوشي ـ اگهائي ـ ناچاقائي. ڪلفت. ڦڪائي. ڪيئو ـ جهيڙو.
– **بي مَزگي:** ث. بي مزائي.
– **بي مَزي ج بي مَزي:** صفت. اگهو ـ بيمار ـ ناچاق. ڦڪو ـ بيسواد.
– **بي مَطلب:** صفت. بي معنيٰ. بي مقصد. فضول ـ اجايو. بي غرض ـ لاطمع.
– **بي مَطلبو:** ذ. صفت. بنا ڪنهن مطلب جي. بي غرضو.
– **بي مَعلومُ:** ذ. صفت. اَڻ لکو ـ غير محسوس. لِڪل ـ مخفي.
– **بي مَعنيٰ:** صفت. بي مقصد. اجايو ـ فضول.
– **بي مَغز بي مَغزو:** ذ. صفت. بي دماغ. بيعقل. ڪند ذهن.
– **بي مَقالُ:** صفت. خاموش ـ چُپ.
– **بي مقدار:** صفت. بي وزن. ننڍڙي جسم وارو. خسيس.
– **بي مَقْدُور:** صفت. اختياريءَ ڪان سواءِ. محتاج ـ اَڏين. مسڪين.
– **بي مُک:** ذ. صفت. منهن موڙيندڙ ـ بي رخو. مک يا سردار کان سواءِ. بي ويساهه. وعدي خلاف ـ بيوفا.
– **بي مُک ٿيڻ:** بي سردار (مکي، مکيه) ٿيڻ. ڪنهن جماعت مان ڇجي ڌار ٿيڻ. نيات مان نڪرڻ.
– **بي مَلاڪو ج بي مَلاڪا:** ذ. صفت. منحوس ـ نياڳو ـ چندو.
– **بي مُناسب:** صفت. نامناسب ـ اَجوڳ ـ غيرواجبي ـ اَڻ سهائيندڙ.
– **بي مُناسبت:** ث. اَڻ سهندائي ـ اَجوڳائي.
– **بي مُناسبو:** ذ. صفت. بي مناسب.
– **بي مناسبي:** ث. بي مناسبت.
– **بي مِنّت:** صفت. ڪنهن جو ٿورو نه ڪڍندڙ. خوددار.
– **بي مُنْڍو:** ذ. صفت. مُنڍ يا سِري کان سواءِ. بي بنياد ـ بي اصل.
– **بي مُنهائي:** ث. بي مروّتي ـ بي لحاظي. غير واقفيت.
– **بي موسم:** صفت. موسم کان سواءِ. موسم کان اڳ يا پوءِ. بي وقت.
– **بي موسمو:** ذ. صفت. بي موسم. بيوقتو ـ ڪمهلو.
– **بي موقعي:** ظرف. بي مهل. بيوقت. نامناسب.
– **بي مُهْت:** بي مُهتو: ذ. صفت. بي مانو. بيعزتو. ناڪام.
– **بي مُهتو ڪرڻ:** مان نه ڏيڻ. ڳالهه نه مڃڻ. بيعزتي ڪرڻ.
– **بي مِهْر:** صفت. جنهن کي مهر يا ٻاجهه نه پوي. بيرحم ـ بي قياس. سنگدل ـ ڪٺور.
– **بي مِهرو:** ذ. صفت. بي مِهر.
– **بي مُهْرو ج بي مُهْرا:** ذ. صفت. مُهرجي ٺپي يا نشان کان سواءِ.
– **بي مِهري:** ث. ڪُمهري. بي قياسي. سنگدلي.
– **بي مَهل:** ظرف. بيوقت.
– **بي نام:** صفت. بنا نالي ـ گمنام.
– **بي ناموس:** صفت. نامشهور. گمنام.

— **بي نامر ونشان:** صفت. گمنام. بي اثر.
— **بي نِشان:** صفت. گمنام. بي اثر. مجهول.
— **بي نَصيب، بي نَصيبو:** ذ. صفت. بدقسمت. نياڳو ـ ندورو. چندو ـ منحوس.
— **بي نَصيبائي، بي نَصيبي:** ث. بدقسمتي. بدبختي. ندورائي ـ چندائي ـ نحوست.
— **بي نَظير:** صفت. بي مثال ـ لاثاني. لاجواب. اَملهه. اَتور.
— **بي نَعل، بي نَعلو:** ذ. صفت. نعل (سنبن هيٺان لوهه جون ڪمانون) لڳل نه (گهوڙو).
— **بي نَڪو:** ذ. صفت. جنهن کي نڪ نه هُجي ـ نرلجو. بي ديدو. نِرجو.
— **بي نِمازي:** ذ. صفت. نماز نه پڙهندڙ.
— **بي نَمڪ:** صفت. اَلوڻو ـ ڦڪو.
— **بي نِنڊائي:** ث. بي آرامي ـ بيقراري.
— **بي نِنڊو:** ذ. صفت. جنهن کي ننڊ نه هجي. بي آرام ـ بيچين. بيدار ـ سجاڳ.
— **بي نَنگ:** ذ. صفت. بي ننگو. بيحيا.
— **بي نَنگائي:** ث. ننگ جي ناشناسي. بيحيائي ـ بيشرمي. بيوڙائي. بي لحاظي. بيغيرتي.
— **بي نَنگو:** ذ. صفت. ننگ ناموس جي پرواهه نه ڪندڙ ـ نرلجو. بيشرم. بي وڙو. بي لحاظ ـ بيمروّت. برادريءَ ۾ پير نه پريندڙ.
— **بي نُور:** صفت. معذور ـ نابينا. تاريڪ.
— **بي نهايت:** صفت. بيحد ـ بي غايت.
— **بي نِياز:** صفت. غيرمحتاج. بي احتياج. بيپرواهه ـ لاپرواهه.
— **بي نِيمو:** ذ. صفت. بي اصول. بيوقتو ـ ڪُمهلو.
— **بي واٽو ج بي واٽا:** ذ. صفت. رستي منجهيل ـ رستي کان ترڙيل. گمراهه.
— **بي وارائتو (ل):** ظرف. زور سان ـ زورائتو ـ ڏاڍو (ڌ ڪ).
— **بي وارث:** صفت. جنهن جو ڪو وصي وارث نه هجي ـ لاوارث.
— **بي وارثو:** ذ. صفت. بي وارث.
— **بي واسِطو:** ذ. صفت. بي وسيلي ـ بي ذريعي. خواهه مخواهه ـ اجايو. غيرجانبدار.
— **بي واسطي:** صفت. بي واسطو.
— **بي واڪ:** ذ. صفت. ڪمزور ـ نبل ـ ضعيف پوڙهو. پوڙو ـ گهبرو (ڪ).
— **بي والِي:** صفت. بنا حاڪم جي. مربّيءَ کان سواءِ.
— **بي واهه:** صفت. جنهن جو ڪو واهه وسليو نه هجي ـ بيوس. اڏين.

بي واٽو. لاچار. ڏتڙيل. (ث) بيوهه ـ رن زال ـ رنڙ.
— **بي واهر:** صفت. جنهن جو ڪو وسيلو يا مددگار نه هجي ـ بيڪس ـ بيوس ـ لاچار.
— **بي واهو:** ذ. صفت. بي واهه. (ث) بي واهِي ج بي واهيون.
— **بي وجود:** صفت. وجود نه رکندڙ. عدم پيدا.
— **بي وَجه:** ظرف. ڪنهن به سبب کان سواءِ ـ بنا سبب. خواهه مخواهه ـ خالي پيلي ـ هروڀرو. اَجايو.
— **بي وڙائتو:** ذ. صفت. بي وڙو. بي ننگو. ڪميڻو. احسان فراموش.
— **بي وڙائي:** ث. بي ننگائي. بي محابائي. اڍنگائي. ڪميڻپ.
— **بي وڙو:** ذ. صفت. جو ڪنهن سان وڙ يا لائق نه ڪري ـ بي محابو ـ بي لحاظ ـ بيمروت. بي ننگو. ڪميڻو. احسان فراموش ـ ڳڻ چور. بي قربو. نالائق.
— **بي وَس:** صفت. جنهن جو وس يا اختيار نه هلي ـ لاچار ـ مجبور. معذور.
— **بي وَسي:** ث. لاچاريءَ جي حالت. لاچاري ـ مجبوري.
— **بي وَضع:** صفت. اڍنگو. بي ادب.
— **بي وَطن:** صفت. جنهنجو ڪو وطن نه هجي ـ سدا مسافر. رولاڪ. پرديسي. جلاوطن ـ ملڪ نيڪالي مليل.
— **بي وَطني:** ث. جلاوطني. شهر نيڪالي ـ ڏولاڻو.
— **بي وفا:** صفت. انجام نه پاڙيندڙ. دوستي نه نباهيندڙ. غير وفادار. نامهربان.
— **بي وفائي:** ث. انجام جي اڻ پورائي. وعدي فراموشي. سنگت ۾ ڪوڙائي.
— **بي وَقار:** صفت. بيعزت ـ بي آبرو.
— **بي وقاري:** ث.، بيعزتي ـ بي مانائي.
— **بي وَقت:** ظرف. ڪُمهلو ـ اويلو. اوچتو ـ اچانڪ.
— **بي وَقتو ج بي وَقتا:** ذ. صفت. پوري وقت کان گهٽو اڳ يا پوءِ آيل. ڪُمهلو.
— **بي وَقعت:** صفت. بي وزن. بيعزت ـ ذليل. بي تعظيم.
— **بي وَقوف ج بي وَقوف:** ذ. صفت. [ف. بي + ع. وقوف] بيعقل ـ نادان ـ احمق. اڀوجهه ـ اَجاڻ ـ بي سمجهه.
— **بي وَقوفائتو:** صفت. ناداني‌ءَ جو ـ احمقاڻو.
— **بي وقوفائي:** ث. بيوقوفي.
— **بي وَقوفي:** ث. نااهل ـ ڪم عقلي. چريائي. ناداني ـ حماقت.

— **بي ويرمو ج بي ويرما:** ذ. صفت. بنا ديرجي ڪم ڪندڙ. جلد. ڦڙت.
— **بي ويساهہ:** صفت. جنهن تي اعتبار يا ڀروسو نہ ڪجي ـ بي اعتبار. بي ڀروسي ـ نامعتبر. ڪنهن تي بہ ويساهہ يا اعتبار نہ ڪندڙ ـ شڪيُ.
— **بي ويساهو:** ذ. صفت. بي ويساهہ.
— **بي ويساهي:** ث. ويساهہ نہ هئڻ واري حالت ـ بي اعتباري. بي پتيائي ـ بي ڀروسائي.
— **بي ويسهُ، بي ويسهو:** ذ. صفت. بي ويساهہ.
— **بي ويڪو:** ذ. صفت. جنهن ۾ ڪا ويڪ يا وِڏ نہ هجي ـ بي عيب. بي داغ.
— **بي هٿيار:** صفت. جنهن کي ڪو هٿيار ڀنوهار نہ هجي. هٿين خالي ـ غيرمسلح. بي پهچ.
— **بي هٿيارو:** ذ. صفت. بي هٿيار.
— **بي هراس:** صفت. بيخوف. بيباڪ.
— **بي همت:** صفت. ڪانئر ـ گيدي. ڪاهل ـ سست.
— **بي همتا:** صفت. بيمثال ـ لاثاني.
— **بي همراهہ:** صفت. جنهن جو ڪو سنگتي ساٿي نہ هجي. جنهن جو ڪو ٻانهن ٻيلي نہ هجي. بي مددگار. بيوس.
— **بي همراهو:** ذ. صفت. بي همراهہ.
— **بي هنر:** ذ. صفت. جو ڪوبہ هنر يا ڪاريگري نہ ڄاڻي. جو ڪنهن بہ فن ۾ ماهر نہ هجي. بي ڳُڻو "هنر واري جو هنر بي هنر جي جند" (پهاڪو).
— **بي هنري:** ث. ڄٽپائي.
— **بي هنگام:** صفت. [ف] بي وقت. بي موقعي.
— **بي هوش:** صفت. غش. غافل. بدحواس. بي سمجهہ ـ بيخبر.
— **بي هوشي:** ث. غشي. بدحواسي. بي سُرتائي. بي خبري. غفلت.
— **بي يار:** صفت. بي مددگار. بي همراهہ. اڪيلو.
• **بيابانُ:** ذ. [ف. بيابان > بي آبان = (بي = سواءِ + آب = پاڻي) بنان پاڻيءَ جي] ٻر ـ صحرا ـ رڃپٽ. ٻريٽ.
— **بياباني:** ث. ويراني. سُڃ. (صفت) صحرائي. ٻري.
• **بيادُ ج بيادَ(ت):** ذ. صفت. گهٽو ـ بيحد.
• **بياس:** اسم خاص. پنجاب جي پنجن ندين مان هڪ نديءَ جو نالو. (جاسنڌو درياءَ جي ڀرتي ڪندڙ شاخن مان هڪ آهي).
• **بياضُ:** ذ. [ع] اڇائي. اڇو ڪتاب يا دفتر. خاص نڪتن يا مسئلن يا شعرن جو ڪتاب. ڪتاب جي قلمي نسخي ۾ خالي رهيل تڪرو.
— **بياضِ چشم:** ذ. اک جو اڇو پاڳو.
— **بياضي:** ث. جلد بنديءَ جو هڪ قِسم (جنهن ۾ جلد جو پوش يڪي چمڙي جو ٿئي). عمدو شعر يا نظم.
• **بيانُ:** ذ. [ع] زباني اظاهر. شاهدي. ڳالهہ. ذڪر ـ احوال. گفتگو ـ ڪلام. علم بلاغت جو هڪ قسم ("علم البيان" جنهن ۾ استعارن ۽ تشبيهن جو بحث ڪيل هوندو آهي).
— **بيان ڏيڻ:** اظهار ڏيڻ. شاهدي ڏيڻ.
— **بيان ڪڍڻ:** اشتهار ڪڍڻ. اعلان ڪرڻ.
— **بيان ڪرڻ:** احوال ڏيڻ. ذڪر ڪرڻ. روئداد ٻڌائڻ. ڳالهہ ڪرڻ.
— **بيان وٺڻ:** ڏوهيءَ يا شاهد کان زباني پڇڻ ۽ ڪاغذ تي لکڻ.
• **بيانو ج بيانا:** ذ. [ع. بيعانہ = وڪرو] سودي پڪي لاءِ اڳواٽ ڏنل ڪجهہ رقم ـ سوٽي.
— **بيانو ڏيڻ:** سودي پڪي ڪرڻ لاءِ ڪجهہ رقم اڳواٽ ڏيڻ ـ سُوٽي ڏيڻ ـ شاهي ڏيڻ (ت).
• **بي. اي:** ذ. [انگ. Bachelor of Arts جو مخفف] ڪاليج جي چوٿين سال جو امتحان (جنهن جي پاس ڪرڻ بعد "گرئجوئيٽ" ٿيڻ جي ڊگري ملي).
• **بيبانُ:** ذ. [ف. بيابان] بيابان "ڪرڙا ڏونگر ڪَهہ گهٽي. جت ٻريٽ ۽ بيبان" (شاهہ).
• **بيباني:** صفت. بياباني واري. بيابان جي.
• **بيباني (لس):** ظرف. چپ ۾ ـ ماٺ ۾ ـ خاموش. بيبيل حالت ۾.
• **بيبرڪ (ڪ):** ث. پشم جو هڪ قسم ـ ڏوتل پشم.
• **بيبڻُ:** مصدر. بيبجڻ. وڦلڻ. بڪڻ. ماليخوليا ٿيڻ. (بيبيو ـ بيبيل).
• **بيب:** ث. وڦل. بَڪ.
— **بيبجڻ:** مصدر. "بيبڻ" مان فعل مجهول. چريو ٿيڻ. هوش وڃائڻ. بڪواس ڪرڻ. بدحواس ٿيڻ.
• **بيبي ج بيبيوُن:** ث. [ف] عورت ـ زال. سگهر زال ـ شريف عورت. خاتون ـ صاحبہ. گهرڌياڻي ـ بيگم ـ خانم. سائڻ. گهر واري ـ استري. ڪنوار. سيدياڻي ـ آرياڻي. لڪمٽي عورت.
• **بيتُ ج بيتَ:** ذ. [ع. بَيتَ ج اَبيات] شعر. ٻن تُڪن وارو شعر ـ دوهرو. ٻن کان وڌيڪ تُڪن وارو خاص قسم جو سنڌي شعر "شاهہ جا بيت" "جي تو بيت ڀانئيا.. سي آيتون آهين" (شاهہ). عام سنڌي ڏڳهو نظم جو نڙ تي آلاپجي "نڙ ۽ بيت". [ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيتُ ج بُيُوت] گهر ـ جاءِ ”جوڙي قلب بيت ربي. انسان ۾ سمايو“.

– **بيتُ اللهُ:** ذ. خدا جو گهر ـ مسجد. (اسم خاص) ڪعبة الله ـ ڪعبو.

– **بيتُ الحَرام:** ذ. وڏيءَ حرمت يا عزت وارو گهر (يعني ڪعبو شريف).

– **بيتُ الحُزن:** ذ. غم جوگهر ـ ماتم جو گهر. (اسم خاص) هڪ جاءِ جو نالو (جتي حضرت يعقوب عليه السلام پنهنجي پٽ يوسف عليه السلام جي جدائيءَ ۾ ڏک ڪندو ۽ روئندو هو). انساني دل، هيءَ دنيا.

– **بيتُ الحِڪمة:** ذ. (ع. = دانائيءَ جو گهر) خليفي مامون الرشيد جو جوڙايل درسگاه (حڪمت ۽ علوم (سائنس) جي تعليم لاءِ). الله جي عشق واري دل.

– **بيت اللَّحم:** اسم خاص. حضرت عيسيٰ عليه السلام جي جنم جو هنڌ.

– **بيتُ الخَلاءِ:** ذ. (ع. = خلوت جو گهر) ڪاڪوس ـ پائخانو ـ پٽي ـ موريءَ.

– **بيتُ الشَّرَف:** ذ. (ع. = بلندي ۽ بزرگيءَ جو گهر) نجوم جي اصطلاح ۾ اُهو برج جنهن ۾ ستن وڏن گرهن مان ڪنهن بـ هڪ کي سعادت ۽ شرف حاصل ٿئي (جيئن آفتاب جو شرف حمل ۾، چنڊ جو ثور ۾، مشتري جو سرطان ۾، زهره جو حوت ۾، عطارد جو سنبله ۾، مريخ جو جدي ۾ ۽ زحل جو ميزان ۾).

– **بيتُ الصَّنَم:** ذ. [ع. بَيت = گهر + صنم = بُت] بتخانو. محبوب جو گهر.

– **بيتُ العَتيق:** ذ. [ع. بيت + عتيق = ڪُهنو] قديم گهر ـ ڪعبة الله (جو حضرت آدم جي وقت کان وٺي عبادتگاهه هو).

– **بيتُ الغَزَل:** ذ. (ع. = غزل جو گهر) سڄي غزل ۾ چونڊ عمدو شعر.

– **بيتُ المال:** ذ. اسلامي حڪومت جو قومي خزانو. اسلامي حڪومت جي خزاني آفيس. (جنهن مان عام پبلڪ لاءِ خرچ ڪيو وڃي). پبلڪ جو پئسو.

– **بيتُ المَعمور:** اسم خاص. زمردن ۽ ياقوتن جي مسجد (جا ڪعبي شريف جي بلڪل مٿان ستن آسمانن تي تصور ڪيل آهي، ۽ حضرت نوح جي طوفان کان اڳي ڪعبو هئي. ”معمور“ يعني ”آباد“ نالو انهيءَ تخيل جي ڪري پيو تـ هر وقت ان ۾ ملائڪ زيارت لاءِ اچن ٿا). اها دل جا هميشه ماسوا کان منهن ڦيري الله جي يادگيريءَ ۾ مشغول هجي.

– **بيتُ المَقدِس:** ذ. (ع. = پاڪائي جو گهر) جيروسلم (شام جي ملڪ) ۾ اسلام کان اڳ نبين جو قبلو. حضرت سليمان واري مسجد. مسجد اقصيٰ.

– **بيت بازي:** ث. شعر ۾ سوال جواب. شعر پڄائڻ جي چٽاڀيٽي (جنهن ۾ هڪڙو ڄڻو شعر چوي ۽ ٻيو وري ان جي جواب ۾ شعر چوي، جنهن جو پهريون اکر اڳئين شعر جو پويون اکر هجي).

• **بيتال:** ذ. [سن. ويتال = مُردو جنهن ۾ ڀوت واسو ڪري، هڪ جنّ يا ڀوت جو نالو] جنّ ـ ڀُوت.

• **بيتال، بيتالو:** ذ. صفت. بي تالو. تار تي نـ ڳائيندڙ. تار کان ٻاهر.

• **بيترٽو ج بيترٽا (ٿ):** ذ. پير جي ماپ لاءِ چمڙي جو ٽڪر.

• **بيتَل (ٿ):** ث. صفت. [ بتال > بيتل] ٻي سُري ـ بيتالي. چندي ـ نياڳي.

• **بَيتُ ج بَيتَ:** ذ. [ع. ”بَيت“ جو بگڙيل اُچار] بَيتُ.

• **بيٽ ج بيٽُون:** ث. [انگ. bat] ’ڪرڪيٽ‘ راند کيڏڻ لاءِ هٿئي سان ٿُلهي ڦٽي (جنهن سان بال کي ڌڪ هڻجي).

• **بيٽ ج بيٽُون:** ث. [انگ. beat] حد ـ علائقو.

• **بيٽُ:** ذ. واڍڪي ڪم جو هڪ اوزار ـ رندي جو هڪ قسم (جنهن سان ڪاٺيءَ تي سونهن لاءِ چير وجهجي) ـ جهَري رندو ـ ماهيچو.

• **بيٽُ ج بيٽُ:** ذ. [انگ. beet] ڀاڄيءَ جو هڪ قسم (گوگڙوءَ جي شڪل جهڙو جو اندران ڳاڙهو ۽ قدري مٺو ٿئي).

• **بيٽُون (ٿ):** ث. تترن جي هيرائڻ لاءِ ڄُوڙ وجهڻ جي جاءِ.

• **بيٺ:** ث. [سن. ويشٽ] چيلهه جو سندرو ـ ڪمرپٽو (جنهن ۾ تلوار يا خنجر لڙڪيل هجي ”ڪاتي بيٺ ۾ هٽبي، پيٺ ۾ ڪان هٽبي“

– **بيٺ ٻڌڻ:** سندرو ٻڌڻ ـ ڪمر پٽو چاڙهڻ ”لوڻيءَ سان لطيف چئي، پيڙو ٻڌي بيٺ“ (شاهه). تيار ٿيڻ. سعيو ڪرڻ ـ ڪوشش ڪرڻ. همت ڏيکارڻ.

• **بيٺڙ:** ظرف. [مصدر. ”بيهڻ“ مان] بيهڻ واريءَ حالت ۾. بيٺي.

• **بيٺڪ ج بيٺڪون:** ث. [سن. وِش = هڪ هنڌ ويهي رهڻ] ويهڪ ـ نشست. ويهڻ جو هنڌ. ويهڻ جو نمونو. ڪسرت ۾ ويهڻ جي حالت ـ ڏنڊ. آسڻ. اوطاق. ڪچهري ـ مجلس. نوآبادي ـ نئين بستي.

ـ **بيٺڪي راڄ:** ذ. نوآباديءَ جو راڄ. نيم آزاد حڪومت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **بيٺَلُ ج بيٺَلَ:** ذ. صفت. [سن. وِشٽَ = بيٺل] اَٽيل ـ ڪڙو ـ قائم. اَڻ وهندڙ (پاڻي). رهائيءَ يا رسوخ وارو (ماڻهو) ـ هلندي پڄنديءَ وارو. سُکيو. سائو ـ سُکيو. وڏي مرتبي يا عهدي وارو. وڏو ماڻهو.

— **بيٺلائپ:** ث. هلندي پڄندي ـ رسوخ. پهچ. مڙسي ـ همت.

— **بيٺلائي:** ث. بيٺلائپ "تـه ڪر بيٺلائيءَ ۾ نيڪي سدائين".

— **بيٺَل پاڻي:** محاورو. بخيل ـ تنگدل. ڪم همت ـ بزدل.

— **بيٺل ڪارُ:** ذ. صفت. هلندي پڄنديءَ وارو (ماڻهو).

— **بيٺي هَني:** ث. بيٺلائي. هوند. وسعت.

— **بيٺي پوک ڪاٽڻ:** ڪمائي يا ڦل هٿ اچڻ کان اڳ خرچ ڪري ڇڏڻ.

— **بيٺي پير:** ظرف. پيرن پر بيٺي ـ ويهڻ يا ترسڻ کان سواءِ. يڪدم ـ جلدي ـ تڙي ڪڙي ـ جهٽ پٽ ـ ٺهه پهه ـ انهيءَ دم.

— **بيٺي پير اُچڻ:** سواءِ ترسڻ جي فوراً واپس اچڻ ـ يڪدم موٽڻ.

— **بيٺي ڪڙي (ت):** ظرف. بيٺي پير.

• **بيجاڙو ج بيجاڙا (ٿ):** ذ. ننڍو ٻار ـ ٻارڙو. ٻچو ـ اولاد.

• **بيڄنتي:** ث. [سن. وِڄَيَنتي] جهنڊو ـ واڄنتي.

• **بيچو ج بيچا:** ذ. ٻارن کي ڏيڄارڻ يا راند ڪرائڻ لاءِ ڪاغذ جو ٺهيل خوفناڪ مُنهن ـ مُنهن a mask. سانگ.

• **بيچُون:** صفت. [ف] بيمثل ـ بينظير ـ اَمٿ ـ لاثاني. لاجواب. (اسم خاص) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو "حمد يا حمد بن چوان. جو بيمثل بيچون آ" (رمضان ڪنير).

• **بيحَدّ:** ظرف. [ف. بي + ع. حدّ] جنهن جو ڇيهه نـه هجي ـ بي انت ـ لاانتها. تمام گهڻو ـ بيحساب ـ بيشمار.

• **بيخ ج بيخون:** ث. [ف] پاڙ ـ جڙ. بيڙهه. اصليت ـ بنياد. ٻج ـ تخم.

— **بيخ ڪيڻ:** پاڙ پٽڻ" بند ڪيڻ. جمار گارڻ. ٿڪائڻ. ڪک ڪرڻ.

— **بيخ ڪَن:** صفت. [ف] پاڙ پٽيندڙ ـ ناس ڪندڙ.

— **بيخ ڪَني:** ث. پاڙ پٽڻ جي حالت. بربادي ـ تباهي.

— **بيخ ڪَني ڪرڻ:** پاڙون پٽڻ. خراب ڪرڻ. ستياناس ڪرڻ.

• **بيخُود:** صفت. [ف] پنهنجو پاڻ وساريندڙ. پاڻان ڌار بيخود هلج برپر، آءٌ ٿو چئان ايئن" (شاهه). آپي کان ٻاهر. بيهوش. بدحواس.

— **بيخُودي:** ث. وجد جي حالت (جنهن ۾ پنهنجي بدن جي ڪا سُڌ نـه رهي) ـ بيخبري. بيهوشي. مدهوشي. خمار. بدمستي. بدحواسي.

• **بيدُ:** اسم خاص. شڪارپور ۽ سيوهڻ تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **بيدُ ج بيدَ:** ذ. [سن. ويتَر] وڻ جو هڪ قسم (جنهن جا پن دوا طور ڪم ايندا آهن). هيءَ وڻ پهاڙن ۾ ٿيندو آهي، هن جون ٽاريون سنهيون ۽ لچڪيدار ٿين، جن جي ڪل سان ڪرسيون واڻبيون آهن. هن جا ڪيترائي قسم آهن. جهڙوڪ: بيد انجير. بيد پياده. بيد خام. بيدروان. بيد ساده. بيد سرخ. بيد سياه. بيد طبري. بيد گربه. بيد مجنون. بيدمشڪ ۽ بيدموش).

— **بيدباف:** ذ. صفت. [ف. بيد + باف > بافتن = اُڻڻ] ڪرسين وغيره کي نيٽ سان مڙهيندڙ. ٽوڪريون ٺاهيندڙ.

— **بيد مال:** ذ. ترار وغيره کي صاف ڪرڻ لاءِ بيد جي ڪاٺيءَ جو اوزار.

• **بيدُ:** ذ. [هـ] ويدُ. ويج.

— **بيدي:** ذ. صفت. ويدن جو ڄاڻو. ويد پڙهيل برهمڻ ـ ودياوان برهمڻ. (اسم خاص) سِکن جو هڪ فرقو (گروبوتا).

• **بيدادُ ج بيدادَ:** ذ. [ف] بي انصافي ـ انياءُ ـ انڌير ـ بغداد. ظلم ـ ستم ـ ڏاڍائي.

— **بيدادي ج بيداديون:** ث. بي انصافي ـ ڏاڍائي ـ ظلم.

• **بيدار:** صفت. [ف] سجاڳ ـ سُچيت ـ جاڳيل خبردار ـ هوشيار.

— **بيدار بخت:** صفت. ڀلي ڀاڳ وارو ـ خوش نصيب ـ سڀاڳو.

— **بيدار دل:** صفت. زنده دل ـ روشن ضمير.

— **بيدار مغز:** ذ. صفت. کليل دماغ وارو ـ هوشيار ـ سمجهو ـ عاقل ـ فهيم.

— **بيداري:** ث. سجاڳي ـ جاڳرتا. سچيتائي ـ خبرداري. هوشياري. سمجهه ـ عقل.

— **بيدانتُ:** ذ. ڏسو "ويدانت".

— **بيدانتي:** ث. ويدانتي.

• **بيدانُو ج بيدانا:** ذ. صفت. [ف. بي + دانه] داڻن کان سواءِ. جنهن (ڦل) ۾ داڻا (ٻج) نـه هجن (ڏاڙهون. زيتون وغيره جو هڪ قسم).

• **بيدَخَلُ:** صفت. [ف. بي + ع. دخل] ڪڍي ڇڏيل. نيڪالي مليل. برطرف. خارج.

— **بيدخل ڪرڻ:** قبضو ڇڏائڻ. ڪڍي ڇڏڻ. خارج ڪرڻ.

— **بيدخلي ج بيدخليون:** ث. نيڪالي. برطرفي. بيدَرَج بيدَرُون (ل): ث. مزوري. خدمت.

• **بيدَرد:** صفت. [ف] جنهن کي ڏک سور نـه هجي. بي قياس. بي رحم. بي غم ـ بيفڪر. ڪٺور ـ پٿردل ـ سنگدل.

— **بيدردائي، بيدردي:** ث. بيرحمي ـ بي قياسي. سنگدلي ـ ڪٺورائي.

— **بيدرو ج بيدرا**: ذ. صفت. بيدرد ـ بيرحم. بي قياس.

• **بيدل**: ذ. صفت. [ف] دل کان سواءِ بد دل. بي همت. (اسم خاص سنڌ جي هڪ مشهور شاعر (قادر بخش روهڙيءَ واري) جو تخلص.

• **بيدي ج بيديون**: ث. [ف. 'بيداد' مان بگڙيل لفظ] بيداد ـ ظلم ـ ناحق. ڦُر ـ ڌاڙو. ڌاڙ. [ع. 'بَيداءُ' مان بگڙيل لفظ] بيابان ـ رڻ پٽ ـ سُڃ "بيدي ٿيو پنيور، حشر ڪري هليا" (شاهه). هندو عبادت خانو ـ ٺڪاڻو. [ف. 'بازي' مان بگڙيل لفظ] حرفت ـ اٽڪل. حرڪت. چيڙ. روڪ ـ اٽڪ.

— **بيديون ڪيڏڻ**: حرفتون ڪرڻ ـ اٽڪلون هلائڻ ـ چالبازيون ڪرڻ.

• **بيڌ ج بيڌ (ت)**: ذ. [سن. ڀيدَ] ڳجهه ـ راز.

• **بيڌڙڪ**: ظرف. [بي + ڌڙڪ] بنا ڊپ ـ بي ڊپ ـ بيخوف. يڪدم ـ اُمالڪ. ٺهه پهه. بنا رڪ رڪاٽ ـ سنئون سڌو.

• **بيڌڻ**: مصدر. [سن. ويڌَنَ] ونڌڻ ـ سوراخ ڪرڻ ـ ٽنگ ڪيڏڻ ـ سُلڻ. وڍڻ. ڪوٽڻ. ڌڪوئڻ. (بيڌيو ـ بيڌيندو ـ بيڌيل).

— **بيڌي**: ذ. صفت. ونڌيندڙ.

• **بيڏڪ ج بيڏڪون**: ث. [سن. پاٽِدڪ = ننڍڙو ٿانءُ. پيالو. صندوقڙي] ننڍڙي هٽ ـ پٽارڪ ـ ٻڊ ـ ٻڊڙي.

• **بير ج بيرَ**: ذ. صفت. [سن. وير] پهلوان ـ سورمو. (ذ) [ع. بئرَ] کوهه "بير کنيائون بَر ۾، پيارين پهون" (شاهه). [انگ. barium] ڌاتوءَ جو هڪ قسم ـ پالتو لوهه. [انگ. beer] شراب جو هڪ قسم (جو جَون مان ناهيندا آهن).

• **بيراڳ**: ذ. [سن. وَيراڳيه = دنيا جون خواهشون ۽ لذتون ترڪ ڪرڻ. زهد. يڳتي. عبادت. پچتاءُ] دنيا جو ترڪ ـ دنيا کان بيزاري ـ دنيوي ڳالهين کان بچاءُ. نفس ڪشي. رياضت. تياڳ ـ ويراڳ. سنياس. غمگيني ـ اُداسائي ـ مايوسي. وڇوڙو.

— **بيراڳپڻو**: ذ. تياڳ ـ ترڪ. بيراڳيءَ جي حياتي (جا تپسيا ۾ گذري). وڇوڙو ـ فراق.

— **بيراڳڻ ج بيراڳڻيون**: ث. جنهن زال ويراڳ ورتو هجي ـ ويراڳڻ. جوڳياڻي. [سن. وراڳِي] ڪُنڍي واري ننڍي لٺ جا بيراڳي فقير ڪڇ هيٺان رکي ٽيڪ ڏيئي ويهندا آهن يا ان تي مٿو نمائي ڏيان ۾ رهندا آهن.

— **بيراڳي ج بيراڳي**: ذ. صفت. ويراڳي ـ سنياسي ـ تارڪ. اُداس ـ ملول. عاشق. فقير.

• **بيران**: ذ. [ف. ويران] ويران ـ سُڃ ـ برپٽ. (صفت) غيرآباد ـ برباد ـ اُجڙ "وصفن تنهنجي ويران ڪيو، برهه ٻٽ بيران ڪيو" (پيرل).

— **بيران ٿيڻ**: ويران ٿيڻ ـ برباد ٿيڻ. حيران ٿيڻ. پريشان ٿيڻ.

— **بيران ڪرڻ**: ويران ڪرڻ. حيران ڪرڻ. پريشان ڪرڻ.

— **بيراني ج بيرانيون**: ث. ويراني ـ سُڃ. حيراني. پريشاني. خرابي.

• **بيربل**: اسم خاص. اڪبر بادشاهه جي هڪ وزير جو نالو (جو مزاحيه لطيفن ۽ عقلي تجويزن جي ڪري مشهور آهي).

• **بيرق ج بيرقون**: ث. [ترڪي. بَيراق] جهنڊو ـ عَلَم. جهنڊي جو ڪپڙو. ٽي چار ڳنڍيل جهنڊيون (جي ٻيڙيءَ جي آڏجي چوٽيءَ ۾ ٻڌندا آهن).

• **بيرڪ (ڪ)**: ث. ٻڪريءَ جي رنگ جو هڪ قسم.

• **بيرم ج بيرمَ**: ذ. [ع. بَيرَم = سيراهي. ڏکهو پٽڻ پاهوڙو] ڪاٺي يا ساهميءَ جو ڪانو ـ ڊيڪلي (lever). لوهه جي لٺ جنهن سان ڳرو بار هلڪو ڪري کڄجي ـ پارائي.

• **بيرم خان**: اسم خاص. همايون بادشاهه جي هڪ ترڪ امير جو نالو (جو اڪبر بادشاهه جو استاد ۽ صلاحڪار هو).

• **بيرنگ**: ذ. صفت. [انگ. bearing] لفافو يا ڪارڊ جنهن تي ٽڪلي بلڪل لڳل نه هجي يا گهٽ قيمت واري ٽڪلي لڳل هجي.

• **بيرٽي ج بيرٽيون (ت)**: ث. ڪاهه ـ هلان ـ جُلهه ـ حملو "بيرٽي بجر ڪري، وڃي لاپڙي لٿ هنئي" (ڪامل ٽٽو).

• **بيرو ج بيرا**: ذ. پاٽي چڙي وڃڻ بعد ڪارو ۽ ڪچو سڙيل ٻهه. [انگ. bearer] هوٽلن. دعوتن يا ريلوي وغيره ۾ ماني ڪٽي پهچائيندڙ نوڪر.

• **بيرو ج بيرا (ٿ)**: ذ. ڊِسڙ ـ ڏوڙ. ذر ـ رئي ـ [ع. بِئرَ] کوهه.

• **بيرُوت**: اسم خاص. شام لڳ لبنان ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ.

• **بيرُون**: ظرف. [ف. بيرون] ٻاهر ـ ٻاهرئين پاسي ـ ٻاهران.

— **بيرونجات**: ث. [ف] شهر جون ٻاهريون بستيون ـ ديهات ـ ٻهراڙيون.

— **بيرُونجاتي**: صفت. ڳوٺاڻو ـ ٻهراڙيءَ وارو.

— **بيرُوني**: صفت. ٻاهريون. غيرملڪي.

• **بيرُوني**: اسم خاص. مشهور مسلم عالم ۽ محقق اَبورَيحان البيرُوني (جنهن ڪيترن ئي علمن ۾ ڪتاب لکيا ۽ خاص طرح پنجين صدي هجريءَ جي شروع ۾ هندستان بابت 'ڪتاب الهند' لکيائين. جنهن ۾ استعمال ڪيل ڪي مقامي الفاظ ۽ محاورا 'سنڌي ٻوليءَ' سان ملن ٿا).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **بيرُون:** صفت. [ف. ويران] ويران. ڏتڙيل. پريشان.
– **بيرون ٿيڻ:** ويران ٿيڻ. بيحال ٿيڻ _ بد حال ٿيڻ. ڏلجي وڃڻ.
• **بيرُونڪ ج بيرُونڪَ:** ذ. بگڙيل صورت ۾ چاول پار.
• **بيرُونڪُ ج بيرُونڪَ (ٿ):** صفت. ڪاوڙيل (ماٿهو).
• **بيرهـ:** ذ. صفت. ڳرو _ ڀاري. ٿلهڙ. ڏبرڙلو. بي ڊولو. وڏي پيٽ يا ڇيپ.
• **بيرهڻ:** صفت. بيرهه. (ذ) وڏو ڪچون.
• **بيزار:** صفت. [ف] ڪڪ _ وياڪل _ پريشان. بيزار. نفرت ڪندڙ. ناخوش _ ناراض _ رنج _ خفي. دست بردار _ لادعوي.
– **بيزاري ج بيزاريون:** ٿ. پريشاني _ ناراضگي. رنجش _ خفو. دست برداري. نفرت.
– **بيزاري ڏنل:** ٿ. اِها شيءِ جنهن جي دعويٰ ڇڏيل هجي. دست برداري ڏنل.
– **بيزاري نامون:** ذ. دستبرداريءَ جو دستاويز.
– **بيس:** ذ. ويس _ لباس.
• **بيس:** صفت. [هـ] ويهَ (٢٠) ”ڪونجان رات ڪريڙيو. توليءَ توليءَ بيس“ (رسالو: ڏول مارئي).
• **بيساڪ:** ذ. [سن. وَيشاک] ويساک جو مهينو.
• **بيسٽ:** صفت. [ف] ويهَ (٢٠).
• **بيستُون:** صفت. [ف. بي سُتون = ٿنڀ کان سواءِ] بنا ٿنڀ ٿوٽيءَ جي. (اسم خاص) ايران ۾ هڪ مشهور جبل جو نالو (جنهن مان فرهاد، شيرين کي حاصل ڪرڻ لاءِ نهر کوٽي هئي).
• **بيسرُ:** نندي نَٽ (ڳَهه جو هڪ قسم). بينسر.
• **بيسرنامون:** اسم خاص. ڪلام جي هڪ مجموعي جو نالو (جيڪو چوڻ ۾ اچي ٿو ته شاهه عنايت صوفي رحه جي شهيد ٿيڻ بعد سندس سرچيو).
• **بيسرو ج بيسرا:** ذ. [ع. بَيْسرَة؛ ف. بيسره] باز (پکي) جو هڪ قِسم. بِسرِ يا بِسرو باز (پکي) جو 'باشي' ۽ 'ڇپڪ' جي ميلاپ مان پيدا ٿئي _ گڏو باز.
• **بيسَنُ:** ذ. نديءَ جو پاڻي، جو چاڙهه سبب ڪنارن کان اٿلي وري ٻه اچي نديءَ ۾ پوي، يا ڪنارن تان ٿي وهندو رهي.
• **بيسَڻُ ج بيسَڻَ:** ذ. [سن. ويسَن] چڻن يا مٽرن جو اٽو يا چورو.
– **بيسَڻِي:** صفت. بيسڻ مان ٺهيل (مٺائي وغيره)
• **بيسَوا ج بيسوائون:** ٿ. [سن. ويشيا] رنڊي _ ڪڄري _ ڪسٻياڻي.
• **بيسُودُ، بيسُودو:** ذ. صفت. جنهن مان ڪو فائدو نه ٿئي _ بيفائدو. بي نتيجي. اجايو _ فضول.
– **بيسُودائي:** ٿ. بي فائدگي _ نقصان. فضولي.
• **بيسُونڊي (ٿ):** ٿ. گاهه جو هڪ قسم.
– **بيش:** صفت. [ف. بيش] زيادهه _ گهڻو _ وڌيڪ. اُچو _ اعليٰ.
– **بيش بها:** صفت. وڏي اگهه وارو _ قيمتي.
– **بيشتر:** صفت. گهڻو وڌيڪ. بلڪل زياده _ تمام گهڻو.
– **بيش وَ ڪَمَ:** صفت. وڌ گهٽ _ گهڻو ٿورو.
– **بيشي ج بيشيون:** ٿ. واڌ _ زيادتي. گهٽائي. نفعو.
• **بيشڪ:** طرف. [ف. بي + ع. شڪ] شڪ کان سواءِ. پڪ _ يقيني طور. ضرور _ تحقيق.
• **بيشو:** ذ. [ف. بيشه] بيابان. جهنگل. ٻوڙو.
• **بيضاءُ:** صفت. [ع. 'اَبيَض' جو مونث] اڇو. چمڪندڙ. چٽو. ”يَد بيضاءُ = اڇو يا چمڪندڙ هٿ“ (حضرت موسيٰ عليه السلام جو معجزو جو ڪڇ ۾ هٿ وجهي ڪڍندو هو ته اهو چمڪندو هو). هڪ شهر جو سنڌ جي وسيع حدن اندر عربي دؤر حڪومت ۾ ٻڌايو ويو.
– **بيضاوي:** صفت. اڇو. شمسي دائرو. ايران ۾ شيراز جي علائقي جي شهر 'بيضاءُ' جو رهاڪو (قاضي ناصرالدين ابوسعيد عبدالله بيضاوي). (اسم خاص) قرآن شريف جي هڪ تفسير جو نالو (جو قاضي ناصرالدين ابوسعيد عبدالله بن محمد بيضاوي تصنيف ڪيو هو ۽ جو عام طور مدرسن ۾ درسي ڪتاب طور پڙهايو ويندو آهي).
• **بيضو ج بيضا:** ذ. [ع. بَيضه] پکيءَ يا جانور جو آنو.
– **بيضوي ج بيضوي:** ذ. صفت. آني جي شڪل جهڙو.
• **بيطارُ ج بيطارَ:** ذ. [ع] جانورن جو ڊاڪٽر.
• **بيعُ:** ٿ. [ع] وڪرو _ فروخت.
– **بيع نامو ج بيع ناما:** ذ. وڪري جي قبوليت جو ڪاغذ _ وڪري جو دستاويز.
– **بيع وَ شرا:** ٿ. خريد فروخت.
• **بيعانو ج بيعانا:** ذ. [ع. بَيعُ + ف. آنه] سودي ۾ ڏنل اڳواٽ رقم _ سُوٿي _ شاهي (ٿ) _ بيانو.
• **بيعَتَ ج بيعَتون:** ٿ. [ع] تابعداريءَ جو اقرار. اطاعت _ فرمانبرداري.
– **بيعت ڪرڻ:** مرشد جي هٿ تي هٿ رکي تابعداريءَ جو اقرار ڪرڻ. ڪنهن کي پنهنجو هادي يا رهبر تسليم ڪرڻ.

**بيقرار:** صفت. [ف. بي + ع. قرار] بي آرام ـ بيچين ـ بيتاب.

**بيقراري:** ث. بي آرامي ـ بيچيني ـ بيتابي. پريشاني ـ اُڻ تڻ. لوري ـ لوچ پوچ ـ آنڌ مانڌ ـ چورا ڪورا.

**بيڪار:** ث. [ف] ڪم ڪار نہ هئڻ جي حالت ـ نڪمائي ـ بيڪاري. بيروزگاري. ”بيڪار کان بيگار ڀلي آهي“ (چوڻي).

**بيڪارُ ج بيڪارَ:** ذ. صفت. [ف] جنهن مان ڪوبہ ڪم نڪري نہ سگهي ـ بي ڪمو. ردي ـ خراب. نِڪمٽو ـ واندو. بيروزگار. اجايو ـ فضول. سُست ـ ٽوٽي.

**بيڪارو ج بيڪارا:** ذ. صفت. بيڪارُ. ڪنهن نہ ڪم جو. ردي ـ چٽ. (ث) بيڪاري ج بيڪاريون.

**بيڪاري:** ث. بيڪار. بيروزگاري.

**بيڪاريو:** ذ. صفت. بيڪارُ.

**بيڪانيرُ:** اسم خاص. [بِيڪو + سن. نَگرَ بِيڪي جو شهر] بهاولپور کان اوير طرف ڏنگئي اُگوڻيءَ رياست جو نالو.

**بيڪانيري:** صفت. بيڪانيرجو. (ذ) بيڪانيري اُٺ جي نسل جو هڪ قِسم (مٿي ۾ ڪڏ، پچ ننڍو منهن ڇُوٽيءَ جهڙو ڪن ننڍا پر ڪُنڊا نہ. ڪوڙي هيٺ وڏي. بدن ۾ چڙ سنهو ۽ ٽڪل پر هلڻ ۾ تکو. قد ۽ ڳچيءَ ۾ ڏاتي اٺن جهڙو).

**بيڪَس:** صفت. [ف. بي = بنا + ڪَس = ڪوبہ ماڻهو] بي يار ـ بي مددگار. بيواهہ ـ بي وسيلو. ويچارو ـ ويڳاڻو. نڌر ـ نڌڻڪو. (اسم خاص) سنڌ جي مشهور شاعر قادربخش ”بيدل“ جي پٽ ”محمد حسن“ جو تخلص.

**بيڪسي:** ث. بي وسيلائي. نِڌرائي ـ نِڌڻڪائي.

**بيڪَيتُ ج بيڪَيتَ:** ذ. صفت. [ف. بي = بنا + ع. قيد] بي قيد. جنهن لاءِ ڪو قاعدو قانون يا رواج نہ هجي. بي ڪاٿو. بي رِيتو. ڪُريتو. بي نيمو ـ ڪُنيمو. ارادي جو ڪچو ـ ٻچتو ـ ڳِتي خور. شڪّي ـ ڦرنڊڙ گهرنڊڙ. اوقاتي ـ گهوڪائي. مبهم ـ نامقرر.

**بيڪَيتائي:** ث. شڪّي حالت. ٻچتائي. ڪچائي.

**بيڪَيتو ج بيڪَيتا:** ذ. صفت. بيڪيت.

**بيڪَيتي:** ث. بيڪَيتائي.

**بيڪَ ج بيڪُون:** ث. [ف. بيخ = پاڙ] پاڙ ـ جڙ. بنياد ـ اصل.

**بيڪ ڪيڻ:** تمام گهڻو رلائي ڪڪ ڪرڻ ـ گهڻو ٿڪائڻ. جڙهہ ڪيڻ.

**بيکَ ج بيکَ:** ذ. [سن. ويِش] ويس ـ لباس ـ پوشاڪ. ٻاهريون ويس. ڀهروپ ـ چمڙا پوش. فقيراڻو لباس ”بيک کي ٽيک“ (چوڻي: يعني تہ فقيراڻي لباس کي مٿي ٽيڪ يا مان). نمونو ـ صورت. ڏيک. ڏونگ ـ مڪر ـ فريب.

• **بيکاري ج بيکاري:** ذ. صفت. ڀهروپي ـ بيک ڌاري. جنهن کي فقيراڻو لباس پيل هجي ”ڪالهہ گڏيوسين ڪاپڙي، بابو بيکاري“ (شاهہ).

ـ **بيک ڌارڻ:** ڪنهن فقيراڻي ٽوليءَ ۾ داخل ٿيڻ.

ـ **بيک ڌاري ج بيک ڌاري:** ذ. صفت. بيکاري. ڀهروپي. جنهن کي فقيراڻو لباس پهريل هجي. فريبي ـ مڪار.

ـ **بيک ڪرڻ:** ويس بدلائڻ ـ ڍونگ ڪرڻ.

• **بيکَ:** ث. [سن. ڀِڪشا < ڀِڪش = گهرڻ. مڱڻ. پنڻ] بکيا ـ پن. گداگري ـ فقيري. خيرات لاءِ سُوال. خيرات (جا سوالي فقير کي ڏجي). گهُر ـ منٿ ـ عرض.

• **بيکاري ج بيکاري:** ذ. صفت. بيک وٺندڙ ـ پينو ـ گداگر. منگتو.

• **بيک مڱڻ:** گدائي ڪرڻ ـ پنڻ.

• **بيکڻ دارُ:** ذ. صفت. بيکاري ـ پينار ”ڪوڙين آيا ڪيترا، بابو بيکڻ دار“ (شاهہ).

• **بيکاري:** اسم خاص. شڪارپور تعلقي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **بيکَرُ ج بيکَرَ(ت):** ذ. صفت. [ع. ١. بَيعُ = وڪرو + ف. خَرُ < خريدن = خريد ڪرڻ. ٢. ف. بَرُ = ميوو + خَرُ < خريدن = خريد ڪرڻ] اهو ماڻهو جو باغ يا ٻاچي مالڪ کان مقاطعي تي وٺي نيڪال ڪري.

• **بيکوٽي ج بيکوٽيون (ث):** ث. ڪاٺي (مُردي کي کڻڻ لاءِ). ڪٽ جو هڪ قِسم (جا ٻنان پاون جي ڪرسيءَ وانگر هوندي آهي ۽ خاص ڪري وڏي ماڻهوءَ جي مرڻ وقت ٺاهيندا آهن. جنهن تي مُردن کي سنئون ويهاري ڪلهن يا رستن تان کهمائي پورو ساڙيندا آهن).

• **بيکوري:** اسم خاص تعلقي ڪوٽ غلام محمد (جيمس آباد) ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **بيگَ ج بيگُون:** ث. [سن. ويگ] تِک (پاڻيءَ جي) ـ تيز وهڪ ـ چوهہ. تيز رفتاري ـ تيزي.

• **بيگَ ج بيگُون:** ث. [انگ. bag] چمڙي وغيره جي ٿيلهي يا پيتي.

• **بيگَ ج بيگ:** ذ. [ترڪي] مغل قوم جو خطاب. امير. حاڪم. خان. نواب. سردار. (ث) بيگم ج بيگمون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **بيلفُ ج بيلفَ:** ذ. [انگ. bailiff] سول ڪورٽ جو ملازم جيڪو ڌرين کي ڪورٽ جي سڏ کان آگاهه ڪري ۽ ڊڪري وغيره تعميل ڪري.
• **بيم:** ذ. [ف] خوف _ ڊپ _ ڏاءُ.
– **بيمناڪ:** ذ. صفت. ڊڄندڙ. ڊيڄاريندڙ _ ڀوائتو _ خوفناڪ.
• **بيمارُ ج بيمارَ:** ذ. صفت. [ف. بيم = خوف + آر = وارو]. مريض _ اڳهو.
• **بيمارپُرسي:** ث. بيمار جي طبيعت جي پڇا ڳاڇا _ عيادت.
– **بيمارخانو ج بيمارخانا:** ذ. بيمارن جي رهڻ ۽ علاج ٿيڻ جي جاءِ _ اسپتال.
– **بيماري ج بيماريون:** ث. اڳهائي _ ناچاقائي. مرض.
– **بيماري ڪاٽڻ:** مريض ٿي رهڻ. ڏکهي ۽ تڪليف واري بيماريءَ کان پوءِ چاق ٿيڻ. ضعيف ٿيڻ.
• **بيمات:** ث. [هہ. سن. وِمانا] نڪي ماءُ "بيماتي ياءُ = نڪو ياءُ".
• **بيمڪو (ٿ):** ظرف. سوير.
• **بيمونُ ج بيمونُ (ٿ):** ث. ويامڻ کي ويجهي.
• **بين:** ذ. [هہ] پارَ ڪيڊي (لاش تي) روئڻ جي حالت _ ماتم.
• **بين:** ظرف. [ع] وچ ۾.
– **بين الاَقوامي:** صفت. قومن جي وچ ۾. اَنتر راشٽريہ.
– **بين بين:** ظرف. وچئون وچ. درميانو _ وچولو.
• **بينُ:** ذ. [ع] فاصلو _ فرق.
• **بينُ:** صفت. [ع] صاف _ چٽو.
• **بينَ ج بينُون:** ث. [سن. ويڻا] ساز جو هڪ قِسم (جنهن جي پنهي پاسن کان ۽ وچ ۾ ست تارون وڄائڻ لاءِ ٿيندين آهن: هندن جي عقيدي موجب اهو ساز پهريائين ناردمني' جوڙيو هو). طوطو (چمڙي جي ڳوٿريءَ ۽ ٽوتارين مان ٺهيل ساز. جنهن ۾ هوا ڦوڪي وڄائبو آهي _ bag_pipe). بنسري. مُرلي.
• **بينا ج بينا:** ذ. صفت. [ف] ڏسندڙ _ پسندڙ. پروڙيندڙ _ پرجهندڙ.
– **بينائي:** ث. اکين سان ڏسڻ جي حالت. بصار. نظر _ ديد.
– **بينا ڪرڻ:** اکين کي روشن ڪرڻ. روشني بخشڻ. اندر جا طاق کولڻ.
• **بينامدار:** صفت. جهن جي نالي 'بينامي' سودو ٿيل هجي.
• **بينامي:** ذ. [ف] اُهو سودو جو پنهنجي نالي جاٿائڻ بدران ٻئي جي نالي ڪجي. پر اُن جو فائدو پاڻ ڪائجي. گمنامي _ اَڻ مشهوري.
• **بين باجو ج بين باجا:** ذ. [سن. ويڻا + واديَہ] هڪ قِسم جو ساز. طوطو ساز (bage_pipe). هارمونيم.

– **بين باجا وڄڻ:** شادمانا ٿيڻ _ خوشيون ٿيڻ.
• **بينڀي ج بينڀيُون (ڪ):** ث. ماڻهن جي پيڙ _ ڳهٽو ميڙ. معاملو _ جهيڙو.
• **بينجهُ ج بينجهَ (ٿ):** ٽنگ _ سوراخ _ ڳُڙڪ.
• **بينڃُ ج بينڃَ:** ذ. ڏسو "بَينڃ".
• **بينڃ، بينڃ ج بينڃون:** ث. [انگ. bench] اسڪولن ۾ شاگردن جي ويهڻ لاءِ پاون سان هڪ خاص قِسم جو تختو _ بانڪ _ بانڪڙو. آفيس. اسٽيشن. باغ. تفريح گاهه وغيره جاين تي آرام لاءِ (ڪاٺ. لوهه. سيمنٽ وغيره مان ٺهيل) ويهڪ. ججن جو مقرر گروهه.
• **بينڃ ماجسٽريٽ:** ذ. [bench magistrate] اهو جج جو بين ججن سان گڏ فيصلا هلائي.
• **بينڊَ ج بينڊُون:** ث. [انگ. band] انگريزي واڄو. ولايتي سازَ. ولايتي سازن تي ڳائڻ وارن جي ٽولي.
• **بينڊي:** ث. [هہ] وارن جي ڳُتَ.
• **بينرُ ج بينرَ:** ذ. [ف. بيني = نڪ] ڪبوتر جو هڪ قِسم (جنهن جي چهنب ٿلهي ٿئي).
• **بينسر:** ث. [ف. بيني = نڪ + سَر = مٿان، طوق، سينگار] نڪ جي زيور جو هڪ قِسم _ نٿ. بُولي جو هڪ قِسم.
_ **بينسري بُولو:** ذ. هڪ قِسم جو بُولو _ جهانجهر سان بولو.
• **بينسرو:** ذ. [ع. بَيسَرَه: ف. بيسره] باز (پکيءَ) جو هڪ قِسم (جو 'باشي' ۽ 'چِپڪ' جي ميلاپ مان پيدا ٿئي) _ بِسرو باز _ گڏو باز.
• **بينسري ج بينسريُون:** ث. [سن. وَنشِي] ساز جو هڪ قِسم _ بانسري.
• **بينش:** ث. [ف] بينائي _ نظر. دور انديشي.
• **بينشُ ج بينشَ:** ذ. [. بَحث' جو عامي اُچار] بحث.
• **بينڪَ ج بينڪُون:** ث. [انگ. bank] پئسن جي ڏراوت. ڏيتي ليتي.
• **بينو ج بينا:** ذ. [ع. بَين = وچ: سن. وِنڊ = پرن جي وچ ۾ نراڙ جو نڪر پاٽيءَ جو ڦڙو. بُوند: هہ. بينا] نراڙ _ پيشاني. هڪ قِسم جو ڳهه (جو پيشانيءَ تي ٻڌبو آهي) _ ٽڪڙو.
– **بينو چاڙهڻ:** وارن کي پيشانيءَ تي ڳُنڊڻ. پيشانيءَ ۾ ڳهند وجهڻ _ سُوند پائڻ. ڪاوڙجڻ.
• **بينو:** ذ. صفت. [ف. بيني = نڪ] بنو _ منو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **بينَوا:** صفت. [ف] بي سامان ـ بي ثمر. سُڃو ـ سڪڻو. غريب ـ مسڪين. بيڪس.

ـ **بينَوائي:** ث. مفلسي ـ سڃائي.

• **بينَوايو ج بينَوايا (ڪ):** ذ. صفت. بيعقل ـ بيوقوف. ٻالو ٻولو.

• **بينِي ج بينِيُون:** ث. [ف] نڪ. نڪ جو اندريون پاسو ـ نڪ جي ٽوٽي. درجي طاق جي هڪ پٽي. (ڪڙي لاءِ) ڪنيو. ترار جي مُنڍي جو اُهو مٿيون حصو جو هٿ جو بچاءُ ڪري. ڏنوڻ جي مٿئين تختي تي "آ" جي نموني لڳل ڪاٺيون (جي تختن کي مضبوط ڪن).

• **بيني:** ث. ڏسو "بينڍي".

• **بيوڳ:** ذ. [سن. ويوگ] وڇوڙو ـ جدائي.

ـ **بيوڳي:** ذ. صفت. وڇوڙيل عاشق.

• **بِيُون:** ث. (هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ) سُرهيون ٻڙيون (جي سوڙن ۾ خوشبوءِ طور وجهندا آهن) ـ ٻڙا. (ذ. صفت). [سن. ٻوم = زمين. ٻوميه = زمين جو] ڄاڻو ـ واقف. ٻيڙيءَ جو سڪاني ـ ناکئو.

• **بيونت:** ث. [هـ بيونت = وضع. ڪپڙن جي ڪٽ سٽ] ڪَٽ ڪوٽ ـ گهٽ وڌائي ـ ڪاٽ ڇانٽ. تقسيم. ماپ.

• **بيوه:** ث. [ف] رن زال ـ وڌوا.

• **ٻيھَ ج ٻيھُون:** ث. لوهار يا سوناري جي ڏوٽيءَ جي ڏنوڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ ٻن ڪاٺين مان هڪ ڪاٺي.

• **بيهه ج بيهَ:** ذ. [سن. بِسَ] بهه ـ ڪُوٽيءَ جي پاڙ (جا ڏِنڍن يا ڪُنبن ۾ ٿيندي آهي، جنهن جو گل "ڪنول" يا نيلوفر" آهي).

ـ **بيهي ج بيهي:** ذ. صفت. بيهه جو ـ بيهه وارو. بيهه مان ٺهيل.

• **بيهارڻ:** مصدر. اُبو ڪرڻ. کڙو ڪرڻ. (بيهاريو ـ بيهاريندو ـ بيهاريل).

• **بيهڪ ج بيهڪون:** ث. بيهڻ جي حالت. استقامت ـ بيٺلائي. هائي. اڏاوت ـ بناوت.

ـ **بيهڪ وٺڻ:** مصدر. کڙو ٿيڻ ـ اُبو ٿيڻ. (بيهندو ـ بيٺو ـ بيٺل).

• **بيهڻ:** مصدر. کڙو ٿيڻ ـ اُبو ٿيڻ. (بيهندو ـ بيٺو ـ بيٺل).

ـ **بيهي وڃڻ:** هڪ هنڌ کُپي وڃڻ. هڪ جاءِ تي بيهي رهڻ. ٽڪ ٻڌڻ. ڇڪي وڃڻ ـ زور ختم ٿيڻ. نه لهڻ (قرض). نه پڄڻ. (ڳجهارت).

• **بيهلو (ث):** ظرف. سوير ـ جلدي. جهٽ پٽ.

• **بيهُودو ج بيهُودا:** ذ. صفت. [ف. بيهوده] بدفضيلتو ـ بدافعال ـ بداخلاق. ناشائستو. واهيات نالائق. بيمروّت. خراب ـ بد. بيفائدو ـ اجايو ـ فضول (ث) بيهُودي ج بيهُوديون.

ـ **بيهودگي ج بيهودگيون:** ث. بدافعالي. بداخلاقي. بدتهذيبي. نالائقي. بداُسلوبي. حماقت ـ بيوقوفي.

• **بيهيڊاٿو ج بيهيڊاٿا:** ذ. [ف. بهيدانه] پسارڪي وکر جو هڪ قسم. "بيهي ڦل" جا داڻا (جي دوا ۾ ڪم اچن).

• **بيهي مڱَ:** ذ. تيلي ٻج جو هڪ قسم ـ بوهي ڇٽا.

• **بيءِ:** ث. [سن. ڀُومي] ڀُوڻِ ـ جاءِ ـ هنڌ ـ ماڳ ـ ٺڪاڻو ـ منزل "اڄي بينا بيءِ تي، ڪري سُڌ سهي" (حنيظ). وڃ. وٿي ـ وڇوٽي.

ـ **بيءِ تي اَچڻ:** ماڳ تي پهچڻ ـ پوري پير تي اچڻ.

• **بيئُڻ:** ث. بيءِ. وڃ. وڇوٽي ـ وٿي.

• **بيئرز:** ذ. [انگ. bearer = ڪڻندڙ. جهليندڙ] مٿئين ڪم ڪار وارو نوڪر. هوٽل يا گهر ۾ ڪانو ڪارائيندڙ. بيرو. حمال.

• **بيئرر چيڪ:** ذ. [انگ. bearer cheque] هڪ خاص قسم جو چيڪ (جو جنهن جي هٿ ۾ هجي سو وجي بئنڪ مان مٽائي).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻ

● **ٻ:** ث [سنڌي] سنڌي 'الف ـ بي' جو ٽيون اکر؛ ابجد موجب عدد 'ب' جي برابر؛ عددي قيمت ٢؛ تلفظ "ٻي".

● **ٻَہ:** صفت. [پرا. ٻَ] هڪ عدد (٢) ـ هڪ جي ٻيڻ "ٻہ ته ٻارهن" (پهاڪو).

— **ٻَہ اکر:** محاورو. ٻہ حرف. ٿورا لفظ. ڪجهه بيان ـ مختصر ذڪر ـ ٿورو احوال.

— **ٻَہ اکر چوڻ:** ٿورو گهڻو چوڻ. ڪجهه احوال ٻڌائڻ. مختصر طرح ٻڌائڻ. سفارش ڪرڻ.

— **ٻَہ اکيُون ڪرڻ:** ساڳي حيثيت وارن مان هڪڙي کي گهٽ ۽ ٻئي کي وڌ سمجهڻ. رياءُ ڪرڻ. منافقي ڪرڻ. مُنجهي پوڻ.

— **ٻَہ ٻَہ:** صفت. جوڙو جوڙو. جوڙي جوڙي.

— **ٻَہ ٻَہ ڄَڻِڻ:** دل اُداس ٿيڻ. اُڪيرجڻ. پشيمان ٿيڻ.

— **ٻَہ ٻَہ ڳوڙها روئڻ (ت):** تمام گهڻو روئڻ ـ ٻِنا ٻِنا لُڙڪ وهائڻ.

— **ٻَہ ته ٻارهن:** محاورو. ٻڌيءَ ۾ طاقت آهي. جيئن گهڻا ماڻهو تيئن فائدو.

— **ٻَہ پَهَرَ:** ذ. ڇهن ڪلاڪن جو عرصو. اَڌ ڏينهن يا رات.

— **ٻَہ پَهَر وهڻ:** انجام موجب اڌ ڏينهن يا اڌ رات تائين ڪم ۾ مدد ڪرڻ. ميار لاهڻ. وقت تي همدردي ڪرڻ.

— **ٻَہ ڳِدرا مُٺ ۾ اَچڻ:** هڪ وقت ٻہ ڪم ٿيڻ (جو ناممڪن آهي). هڪ ئي وقت ٻہ فائدا حاصل ٿيڻ.

— **ٻَہ گهَر ٻارڻ:** ٻن گهرن کي باهه ۾ ويڙهائڻ. ٻن گهرن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ. فتنو اُٿارڻ ـ فساد جاڳائڻ ـ ڇيٽو پورڻ.

— **ٻَہ لَتُون:** (ڪنايةً معنيٰ ٻہ واقعا) ١. دولت حاصل ٿيڻ جي لت (يعني دولت جمع ٿيڻ سان ماڻهو هوش حواس وڃائي ٿو) ٢. دولت ختم ٿيڻ جي لت (يعني دولت ختم ٿيڻ سان ماڻهو تباهه ۽ برباد ٿئي ٿو).

● **ٻـِ:** صفت. [ٻَہ > ٻـِ (زير اضافت جي پڇاڙي بمعنيٰ "وارو")] ٻن سان.

● **ٻـِ اکيائي:** ث. ٻيائي ـ دوئي. رياڪاري ـ پاسخاطري. ناانصافي.

— **ٻـِ اکيو ج ٻـِ اکيا:** ذ. صفت. ٻيائي ڪندڙ. رياڪار. بي انصاف. منافق.

— **ٻـِ تاڙُ:** ذ. ٻن تاڙين جو ٺڪاءُ. تاڙي ٺوڪ (زنانو) جهيڙو. ڏمجر ـ ٻاٿيتال ـ هُل ـ گهٽو گوڙ. فساد ـ ماڌاڻ.

— **ٻـِ پاڙو ج ٻـِ پاڙا:** ذ. صفت. ٻن پاڙن وارو. مضبوط ـ ڏاڍو. (ذ) هڪ قسم جو ٻوٽو.

— **ٻـِ پڙو ج ٻـِ پڙا:** ذ. صفت. ٻن پڙن وارو. ٻن ڍڪن وارو. ٻن تهن وارو اُڦراتو.

— **ٻـِپڙي ج ٻـِ پڙيُون:** ث. صفت. ٻن پڙن واري ـ ٻن تهن واري. ٻنهي طرفن کان هڪ جهڙي رڱيل اجرڪ.

— **ٻـِ پُور پاسڪ ٽِڪندو:** ذ. اُهو ٽڪندو جنهن جا ٻہ پاسا پاڻ ۾ برابر هجن.

— **ٻـِ پيرو ج ٻـِ پيرا:** ذ. صفت. ٻن پيرن وارو (يعني ماڻهو). (ث) ٻـِ پيري ج ٻـِ پيريُون.

— **ٻـِ جويو ج ٻـِ جويا:** ذ. صفت. ٻن جوين (زالن) وارو.

— **ٻـِ جيبيو ج ٻـِ جيبيا:** ذ. صفت. ٻن جيبن (زبانن) وارو (نانگ وغيره) ٻچا پڙو. منافق. ڦرٽو ڳهرٽو.

— **ٻـِ رُوٽِي ج ٻـِ رُوٽِيون:** ث. ٻہ دفعا ريج ـ ٻـِ ريجو.

— **ٻـِ سُرخو ج ٻـِ سُرخا:** ذ. صفت. ٻن ڪاٺين وارو (ٽنبو) ـ دوچوبو.

— **ٻـِ سَرو ج ٻـِ سَرا:** ذ. ٻـِئي دفعي وارو. ٻـِ لڙهو (هار). ٻن لڙهن وارو. ٻن ذاتين وارو ـ گڏو. ٻن ٻولين وارو.

— **ٻـِ سَرولو ج ٻـِ سَرولا:** ذ. صفت. ٻِسرو.

— **ٻـِ سَرو ج ٻـِ سَرا:** ذ. ٻـِئي دفعي وارو. ٻـِ لڙهو (هار). ٻن لڙهن وارو. ٻن ذاتين وارو ـ گڏو. ٻن ٻولين وارو.

— **ٻـِ سَرولو ج ٻـِ سَرولا:** ذ. صفت. ٻِسرو.

– **ٻـ سَو:** صفت. ٻن سَون وارو. ڪپڙي جو هڪ قسم (جنهن جي تاڃيءَ ۾ ٻه سَو تندون ٿين).

– **ٻـ ڦاڻ ٻـ ڦارو ج ٻـ ڦاڻ ٻـ ڦارا:** ذ. صفت. ٻن ڦارن وارو ـ ٻـ ڦاڪو.

– **ٻـ ڦاڪو ج ٻـ ڦاڪا:** ذ. صفت. ٻـ ڦاڙ.

– **ٻـ ڪاريو ج ٻـ ڪاريا:** ذ. صفت. ٻه ڪم ڪندڙ ـ ٻـڪمو.

– **ٻـ ڪنو ج ٻـ ڪنا:** ذ. صفت. ٻن ڪنن وارو. موافق مخالف ڳالهيون ڪندڙ.

– **ٻـ ڪٽو ج ٻـ ڪٽا:** ذ. صفت. ٻن ڪٽن وارو. ٻن پارين وارو.

– **ٻـ ڳهرو ج ٻـ ڳهرا:** ذ. صفت. ٻن ڳهرن وارو ـ ٻن زالن وارو ـ ٻه جويو.

– **ٻـ لٽو ج ٻـ لٽا:** ذ. صفت. ٻن لاٽن وارو ـ ٻن جيبن وارو. ٻن طرفن کان روشني ڪندڙ (ڏيو).

– **ٻـ لاري ج ٻـ لاريون:** ث. صفت. ٻن لارين واري (ٽلي) ـ ٻلامي چڙي.

– **ٻـ لپي ج ٻـ لپيون:** ث. ڪوڏر جي ٻن لپن واري ڪاٺي.

– **ٻـ لڙهو ج ٻـ لڙها:** ذ. صفت. ٻن لڙهن وارو ـ ٻه لارو ـ ٻـ لامو.

– **ٻـ مارُ ج ٻـ مارَ:** ذ. صفت. ٻن (ماڻهن) کي ماريندڙ. پهلوان ـ سورهيه.

– **ٻـ مٽ (ڪ):** ذ. ٻن مٽن وارو. ٻلاجو هڪ قسم ـ ٻه مُنهين.

– **ٻـ مُنهون ج ٻه مُنهان:** ذ. صفت. ٻن مُنهن وارو. ٻچاپڙو ـ منافق. لائي چائي ڪندڙ. (ذ) ٻن ڪنارن يا ڌارن وارو (چاقو وغيره). (ث) ٻه مُنهين ج ٻـ مُنهيون.

– **ٻـ مٽي ج ٻـ مٽيون:** ث. صفت. ٻن مٽن تور واري (ڳوڻ).

– **ٻـ نارو ج ٻـ نارا:** ذ. اُهو کوهه جنهن تي هڪ ئي وقت ٻه نار وهندا هجن ـ جُنگ کوهه.

– **ٻـ واٽو ج ٻه واٽا:** ذ. صفت. ٻن رستن جي ڦٽڻ يا ملڻ وارو هنڌ ـ ٻِسُول.

– **ٻـ وايو ج ٻه وايا:** ذ. صفت. ٻن ٻولين وارو ـ ڏوايو. ٻن طرفن کان لڳندڙ واءُ.

– **ٻـ هٿيو ڪَرَتُ:** ذ. واڍڪي ڪم جو هڪ اوزار. ٻن هٿن سان ڇڪڻ جي وڏي ڪارائي.

– **ٻـ هفتو ج ٻـ هفتا:** ذ. صفت. ٻن هفتن وارو ـ چوڏهن روزو.

• **ٻا:** ذ. [آواز] ڏڪ لڳڻ تي ٻڪريءَ جي دانهن ـ ٻاڪار. ('ٻاٻا' جو مخفف) پيءُ ـ والد (ث).

• **ٻاٻاڻا:** ذ. اَبا ڏاڏا. مت مائٽ ـ عزيز "ٻاٻاڻن سين ٻول، ڪيم نه ڪوت وهڻ جا" (شاهه).

– **ٻاٻاڻڪو ج ٻاٻاڻڪا:** ذ. صفت. ٻاٻاڻن جو. ڏاڏائي گهر جو. اَباڻو.

– **ٻاٻاڻو ج ٻاٻاڻا:** صفت. ٻاٻاڻن جو. ڏاڏاڻو. اباڻو "ٻکر ٻاٻاڻا، پسان شال پر ڪنهين" (شاهه).

• **ٻاٻٽ ج ٻاٻٽ (ڪ):** صفت. اَڌ مغزي ـ چريو ـ بي ٻڌيو. بي سمجهه ـ گونشاٽڙو (ڪ).

• **ٻاٻر (ڪ):** ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم ـ هڪ ٻوٽي جو خوشبودار ٻج.

• **ٻاٻر (ل):** ث. ساڙو. بدن تي ٻاهه. بخار.

• **ٻاٻر:** ث. ٻبرن جون سنهيون ڪاٺيون. ننڍيون سنهيون ٻبريون. ٻبرن جا وڻ (ڪ).

–**ٻاٻرو ج ٻاٻرا (ل):** ذ. صفت. ٻبر جو (ڪنڊو ڏنگهر وغيره). "ڪاندين ڪاندين ٻابرين، پچان مر پيئي" (شاهه). "وڻ ٻابرو، ڪر ماڻهو شل نه هوئي اوڙي پاڙي" (چوٽي). (ث) ٻابري ج ٻابريون.

–**ٻاٻري ڪنڊ:** ث. ڪچيون ڪنڊن واريون ٻبريون. ڪچين ٻبرين جا ٽڪا ڪندا. اهڙو ماڻهو جنهن مان جند ڇڏائي نه سگهجي ـ مچڏ.

• **ٻاٻريون:** ث. ٻبر جون سنهيون ڪاٺيون. [سن. وَرُوَرُ = گهنڊيدار] منجهيل وارن جا مُچا ـ ڪُرنڊيون ٽيل وار. جوڳين ۽ سناسين جي جهَنب. گاهه جا ٿُبا يا ٻٽ.

• **ٻاٻڙا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو.

• **ٻاٻڙي:** اسم خاص. تعلقي ميرپور بٺوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻابَلُ ج ٻابَل:** ذ. (= ٻابل) ٻابو ـ اَبو. پيءُ جو ڀاءُ ـ چاچو "پيرين آءُ نه پُڄٽي، ٻابل ڏئي نه ٻُور" (شاهه). بزرگ. مُکي ـ پٽيل. ڳوٺ جو وڏو "ٻابل آچاري، پر ڪو مجي" (پهاڪو). (اسم خاص) گرو نانڪ جو هڪ لقب.

ـ **ٻابل ٻَروهائڻ:** مهانگو سهانگو خريد ڪرڻ.

• **ٻابو ج ٻابا:** ذ. چاچو ـ ڪاڪو. ڏاڏو (ت). پوڙهو. پينو (ث). (ث) ٻابي ج ٻابيون.

–**ٻابو ٻڌو:** ذ. صفت. وسُوڙل. نادان ـ بيوقوف. پر متڙيو.

• **ٻابوڙجڻ:** فعل مجهول. (وڻ جو) ٻورجهلڻ ـ ٻورجڻ. ٻوڪجڻ: ڦر جهلڻ. (ڇوڪر يا ڇوڪريءَ جو) بلوغت کي رسڻ ـ ساماڻجڻ. ٻانبورجڻ ـ ڪاوڙجڻ. ڦوڪجڻ. آيامڻ. (ٻابُوريو ـ ٻابوربو ـ ٻابُوريل).

• **ٻابُوڙڻ:** مصدر. [سن. وِرُ] راز کولڻ ـ ڳجهه پڌرو ڪرڻ.

سچي ڪرڻ. اڳيون پويون ٻَڪي ڏيڻ ـ ٻڪڻ. (ٻاٻوريو ـ ٻاٻوريندو ـ ٻاٻوريل).

• **ٻاٻُوَرَ:** ث. راز جي خبر ـ ٻاڦور. خبر ـ سڌ. پڌر ـ اُگهاڙ. پَتو ـ بِيتَ. سچي ـ اعتراف.

• **ٻاٻُوڙَ(ت):** ث. گهڻا فقير. فقيرن جو ٽولو.

• **ٻاٻهه ٻِڄ:** ذ. پساري وکر جو هڪ قسم.

• **ٻاٻِيڄَ ج ٻاٻِيڄُون:** ث. پيار ـ قرب. حُبَ ـ اُڪنڊ ـ سڪَ ـ اُڪير. ٻاٻِيسَ ـ ٻاٻِيَرَ ـ ٻاٻِيهَ.

• **ٻاٻِيَرَ ج ٻاٻِيرُون:** ث. ٻاٻيڄ ـ ٻاٻِيس.

• **ٻاٻِيسَ، ٻاٻِيهَ ج ٻاٻِيسُون، ٻاٻِيهُون:** ث. ٻاٻِيڄَ.

• **ٻاٻِيها:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ٻاٻِيهَلُ ج ٻاٻِيهَلَ:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم. ٻيري جو هڪ قسم (جنهن جا کنڀَ ڳاڙهيري رنگ جا ٿين ۽ ڳچي هلڪي ماوي رنگ جي ٿئي) ـ ٻاٻيهو. (صفت) سهڻو ماڻهو "اچن پرين پهنگيا، ڪر ٻاٻيهَل مورا" (شاهه).

• **ٻاٻيهو ج ٻاٻِيها:** ذ. [هير. ٻَپِيئو، ٻَپِّيهو؛ پرا. ٻَپِّيهَ؛ هه. پَپِيها] چاتَڪ پکي. ٻيري جو هڪ قسم (ڳاڙهيرو رنگ ۽ ماوي ڳچي) ـ ٻاٻِيهَلُ "تون چونہ گگهلين ٻاٻيها! توکي ٽيئي ٽول سريا؛ هيٺ جَر، مٿي مجر، ٽيو پرين پاس رهيا" (سگهڙ). "تہ لڳي مَر لُوهه، تہ ٻاٻيهو ٿي مران" (شاهه). تاڙو پکي. جانور جو هڪ قسم ـ چاهو. (اسم خاص) تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو. سسئيءَ جي عاشق پنهونءَ جي هڪ هندو نوڪر جو نالو.

• **ٻاٻِيَٽُ ج ٻاٻِيَٽَ(ڪ):** ذ. صفت. ٻاٻِيَٽُ ـ بي سمجهه.

• **ٻاٽِ (ڪ):** ث. چُپ ـ ماٺ. بس (خاص طرح ڪوهستاني مڱڻهار ڳالهائين).

• **ٻاٽارَ ج ٻاٽارُون:** ث. ٻاٽائي. ڳالهائڻ ۾ اٽڪ. مونجهه ـ پريشاني. اُداسائي ـ اُٻاٽڪائي. سِڪ ـ چِڪ ـ اُڪنڊ ـ اُڪير. عادت جي چِڪ ـ ٻاڙ ـ هير. رڙ ـ دانهن. آواز (ڪ). خاموشي. سُڃ.

• **ٻاٽارُجَڻُ:** فعل مجهول. پريشان ٿيڻ ـ اُداس ٿيڻ ـ بي دليو ٿيڻ. چِڪ ٿيڻ (عادت، نشي وغيره جي). ٻاڙ لڳڻ. اُڪيرجڻ ـ اُڪنڊجڻ.

• **ٻاٽارَڻُ:** مصدر. [سن. واد = ڳالهه] ٻاٽو ڳالهائڻ ـ برابر نہ ڳالهائي سگهڻ ـ منجهيل ڳالهائڻ ـ طوطلائڻ. روئڻ. دانهون ڪرڻ (ڪ). اُداس ٿيڻ ـ بي دليو ٿيڻ. (ٻاٽاڙيو ـ ٻاٽاڙيندو ـ ٻاٽاڙيل).

• **ٻاٽاڙو ج ٻاٽاڙا:** ذ. صفت. ٻاٽو. وائي ٻتليل. ٻتال. پريشان ـ منجهيل ـ موڙهل. اُٻاٽڪو ـ اُداس ـ ملول. اُڪنڊيل. نااميد.

رڙيون ڪري ٿڪل. بيزار. (ث) ٻاٽاڙي ج ٻاٽاڙيون "سوڙهي جِت سڱر اُت ٻاٽاڙي ٻيلي ٿئين" (شاهه).

—**ٻاٽاڙي ٻولِي:** ث. چچريل وائي ـ طوطلي زبان (ٻارن جي).

• **ٻاٽائِڻُ:** مصدر. [سن. وادَ = ڳالهه] چٽو نہ ڳالهائڻ ـ ٻاٽو ڳالهائڻ. (ٻاٽائيو ـ ٻاٽائيندو ـ ٻاٽائيل).

—**ٻاٽاڻِ:** ث. ڳالهائڻ ۾ عيب (جنهنڪري زبان مان اُچار پوريءَ طرح نہ نڪرن) ـ ٻاٽائِي.

—**ٻاٽائِي:** ث. ٻاٽاڻِ.

• **ٻاٽو ج ٻاٽا:** ذ. صفت. جو ڳالهائڻ ۾ چِٽا اُچار نہ ڪري سگهي ـ ڏَڏي زبان وارو.

• **ٻاٽَ ج ٻاٽُون:** ث. [سن. وْيَتا < وْيَتْ = زور ڏيڻ، سور ڪائڻ] ساهه جي گهُٽ سبب وات جي ٻُور پَٽ. ڳيت.

—**ٻاٽَ ڪائڻ:** (زال جو ويم وقت) زور ڏيڻ ۽ سور ڪائڻ.

—**ٻاٽُون ڏيڻ:** ڪنجهڻ ۽ زور لائڻ. سُورَ ڪائڻ. مرڻ وقت هِڏڪيون ڪائڻ.

—**ٻاٽون ڪائڻ:** اجائي ڪوشش ڪرڻ. تڪليفون سهڻ. (مانيءَ پور لاءِ) ڌڪا ۽ ٿاٻا ڪائڻ. ڪجهه نہ سَرڻ. محروم رهڻ. سڪڻ. گره اٽڪڻ سبب ڳيتون ڏيڻ.

• **ٻاٽُو:** ذ. گاهه جو هڪ قسم.

• **ٻاٽُو هريِڙ ج ٻاٽُو هريڙون:** ث. هريڙن جو هڪ قسم.

• **ٻاٽَ (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ٻاٽَ:** ث. ڱُگهہ اوندهہ چانديءَ ۾ ملايل غير ـ پِٽڪر ـ مَٽُ. رُپي ڪي مائو ڪندڙ ملاوٽ. سون، چانديءَ ڪي رڃائڻ جي حالت. اِنيءَ ڪي ڏڪر سان اُچل.

• **ٻاٽِ ج ٻاٽِيُون:** ث. مڪڙي. ڪِرڙ جي گل جي مڪڙي يا ڱَونج ـ ٻُور. ٻاٽِي. ٽاٻِي (پٽن جي تاس ڪي). ڪوڙ ڱَڏيل چاندي.

• **ٻاٽُ ج ٻاٽَ:** ذ. [سن. واٽهه = اَن جو هڪ قسم] اَٽي جو ڇاڻ. ڦنبڻ يا ڪهٽي (ڪٽڪ) جو ڏارو. ڏريل اَنَّ. چوپائي مال ڪي ڪارائڻ لاءِ ڪٽڪ. جوئر وغيره جو ٿهڪايل ۽ گولا ڪيل اٽو (ڪ). (صفت) پانڌيئڙو ـ واٽهڙو ـ مسافر (ڪ). [ٻاٽُ. ٻاٽي = گل جي مڪڙي، نئون ٻُور. (اصطلاحاً) ٻيرو، نوخيز] ٻيرو ـ نوجوان (عاشق) "ٻاٽن ٻيلون ٻڌيون، پسيو سونهن سڙن" (شاهه). انعام ۽ اڪرام جو لائق شخص. بادشاهه جو مشير يا وزير. ويس ڌاري. نٽ. ڪچڙو ـ ڪُنئرو ـ نرم.

—**ٻاٽڦلو ج ٻاٽڦلا (ل):** ذ. ٻاٽ مان تيار ڪيل لولو. اُهو لولو جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو هڪڙو پاسو دانگيءَ تي ۽ ٻيو پاسو ٻاڦ تي پڪل هجي ـ ٻاڦلو (ل).

• **ٻاٽجڻ:** فعل مجهول. وڻ جو ٻور جهلڻ ـ ڦلارجڻ ـ ٻورجڻ. (ٻاٽيو ـ ٻاٽبو ـ ٻاٽيل).

• **ٻاٽڪڻ (ت):** مصدر. [سن. واد = ڳالهه] اُفواهه اُٿارڻ ـ واهيات بڪڻ. (ٻاٽڪيو ـ ٻاٽڪيندو ـ ٻاٽڪيل).

• **ٻاٽلو ج ٻاٽلا:** ذ. [1. سن. وَرْتُل: ٢. انگ bottle > ٻاٽلي > ٻاٽلو] وڏي ڳول مُنهن وارو ردڻ جو ٿانءُ ـ ٻاٽيلو. هڪ قسم جو چڊو ـ ڪُنجو.

• **ٻاٽلي ج ٻاٽليون:** ث. [انگ. bottle] بوتل ـ شيشي. هر قسم جو شيشو. [سن. پاترَ = ٿانْءُ] تيل يا پٽل وغيره جي ٻالٽي.

• **ٻاٽڻ:** مصدر. اِنيءَ کي ذڪر سان ٻري اُچلائڻ. اُتي هيٺ ۾ منو تيل ڳڏي منهن ۾ بدن جي صفائيءَ لاءِ هٽڻ. (ٻاٽيو ـ ٻاٽيندو ـ ٻاٽيل).

• **ٻاٽڻ ج ٻاٽڻ:** ذ. آٽڻ ـ اُپٽڻ.

• **ٻاٽو ج ٻاٽا:** ذ. گاهه جو هڪ قسم. پُسي (ث). ڪيرپڙو (ث).

• **ٻاٽي ج ٻاٽيون:** ث. ڪرڙ جي پُسيءَ جي ٻهرين اورَ يا ٻُر (ڪرڙ ۾ اول ٻونگر ٿئي، پوءِ ٻاٽي، پُسي، ڏونرا ۽ آخر ۾ پڪا ٿين). ونڻ جي مکڙي. سوانجڙي جي وڻ جي مکڙي. تيلي ٻج جي ٻوٽن جا ڪچا ۽ ننڍڙا گُلَ (ل). ٻور. جهل جي نموني ٻوٽي جو هڪ قسم (جو اڪثر پٽن ۾ ٽڪرن ۾ ٿئي، گل ۾ ڪائيون خوشبودار ٿينس، لامن مان بهترين ڏنڌڻ ٿين: ۽ پسارڪي وڪر طور ڪم اچي) "ٻهون ڦتيون ٻاٽيون. ٿي هيڪاري هبڪار" (ٻاجهي). [سن. پاترَ = پات] ٿانو جو هڪ قسم ـ ٻاٽيلو (جو جست، پٽل، ٽامي يا ڪوبر مان ٺهيل هجي). ماني ـ ڪاڏو (ث).

• **ٻاٽيباٽي ج ٻاٽياٽيون (ڪ):** ث. پکيءَ جو هڪ قسم ـ ٻاٽيڙ.

• **ٻاٽيڙ ج ٻاٽيڙ:** ذ. پکيءَ جي هڪ ذات (ٻه قسم: هڪ ڪارو ٻاٽيڙ جنهن جا ڪنپ ۽ پيٽ ڪارو ۽ ٻيو اڇو ٻاٽيڙ جنهن جو پيٽ ۽ ڪنپ اڇا ٿين) ـ ٻاٽيهڙ (ت) ـ ٻاٽيڙُ (ل).

• **ٻاٽيرو ج ٻاٽيرا:** ذ. پکيءَ جي هڪ ذات (رنگ اڇي تتر جهڙو پر تتر کان ننڍو) ـ پونٽريو (ل).

• **ٻاٽيڙُو ج ٻاٽيڙُو (ل):** ذ. ٻاٽيڙ.

• **ٻاٽيهڙ ج ٻاٽيهڙ (ت):** ذ. ٻاٽيڙ.

• **ٻاٽ ج ٻاٽَ:** ذ. صفت. ٻاٽُ. نوجوان (عاشق).

• **ٻاٽاڙڻ:** مصدر. روئڻ. ٻاڪارڻ. (ٻاٽاڙيو ـ ٻاٽاڙيندو ـ ٻاٽاڙيل).

• **ٻاٽائڻ:** مصدر. محبت ۾ ڦاسائڻ. (ٻاٽائيو ـ ٻاٽائيندو ـ ٻاٽايل).

• **ٻاٽجڻ:** فعل مجهول. محبت ۾ ڦاسڻ. عاشق ٿيڻ. دونهاتجي وڃڻ. اُٻاٽجڻ. (ٻاٽيو ـ ٻاٽبو ـ ٻاٽيل).

• **ٻاٽو:** ذ. صفت. ٻَٽ ۾ ڳتيل ۽ چيڙهو "مڙس چيڙهو ٻاٽو آهي" (جملو). (اسم خاص) سڪرنڊ نزديڪ هڪ ڳوٺ ۽ ڳوٺ جو نالو (جنهن جي نزديڪ سنڌ جو مشهور شاعر حمل خان لغاري مدفون آهي).

• **ٻاٽيو ج ٻاٽيا:** ذ. صفت. عاشق. ٻاٽ.

• **ٻاپ ج ٻاپ:** ذ. [هه. باپ] بابو ـ ابو "ٻيٽو ٻاپ مُلاءِ، ذر ضايع نه ڪري".

—**ٻاپو ج ٻاپا:** ذ. ٻاپ.

• **ٻاپڙا:** اسم خاص. سمات قوم جي هڪ ذات جو نالو.

• **ٻاپڙو ج ٻاپڙا (ت):** ذ. صفت. ٻيءَ جيڏو. پوڙهو ـ ٻڍو. ويچارو ـ غريب ـ مسڪين.

• **ٻاپو ج ٻاپو:** ذ. ٻاپ ـ ٻيءَ. (صفت) پوڙهو. پيرسن. بزرگ.

• **ٻاجهه ج ٻاجهون:** ث. ڪهل ـ رحم ـ قياس ـ ديا. مهر ـ ڪرم ـ لطف ـ فضل "ٻيڙي تنهنجي ٻاجهه. وڪر تنهنجو وصال جو": "جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجهه ٻه اوڏيائي مڱان" (شاهه). [سن. ٻراجَ = روشني. تجلو] (صوفي اصطلاح موجب) جمال ـ تجلو. ديدار. (صفت) ڳهاٽي.

—**ٻاجهارو ج ٻاجهارا:** ذ. صفت. ٻاجهه وارو ـ رحم وارو. مهربان ـ دياوان. ٻاجهه يا رحم اچڻ جهڙو ـ رحم لائق "اڄ نماڻو نيڻ، ٻاجهارا ٻروچ ري" (شاهه). (ث) ٻاجهاري ج ٻاجهاريون.

—**ٻاجهارو ٻولڻ:** مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪرڻ. هيٺو ٿي ڳالهائڻ.

—**ٻاجهاٺو ج ٻاجهاٺا:** ذ. صفت. ٻاجهاري طبيعت وارو ـ نرم سياءِ وارو. ٻاجهه ڪندڙ ـ لطف ڪندڙ "ٻجهان ٻاجهه تي ٻاجهاٺو ٻيلي ڏٺي" (شاهه).

—**ٻاجهائيتو ج ٻاجهائيتا:** ذ. صفت. ٻاجهارو ـ رحم وارو.

—**ٻاجهه ڀريو ج ٻاجهه ڀريا:** ذ. صفت. ٻاجهارو ـ رحم ڀريو "وڏي سگهه سنڌياءِ، ٻاجهن ڀريو آهين" (شاهه).

—**ٻاجهندڙ ج ٻاجهندڙ:** ذ. صفت. ٻاجهارو.

• **ٻاجهان:** ظرف. [سرائڪي. ٻاجهه. ٻاجهوڻ = کان سواءِ] کان سواءِ ـ ڌاران.

• **ٻاجهاٽي:** اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻاجهائڻ:** مصدر. [سن. واڳڇڻ] واجهائڻ ـ سڪڻ ـ نهارڻ ـ تڪڻ. ٻاڏائڻ ـ زاريون ڪرڻ ـ منٿون ڪرڻ "ڪج وينتيون وتريون. ٻاجهائج ٻهون" (شاهه). ٻاجهه ڪرڻ ـ مهرباني ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سورهه پرين سندوم، مَنَ باجهائي هيو هٽي" (شاهه). رحم لاءِ درخواست ڪرڻ. رحم ڏيارڻ. (باجهائيو ـ بجهائيندو ـ باجهايل).

—**باجهائي ج باجهائي:** ذ. صفت. واجهائيندڙ ـ تڪيندڙ "ڪوناپائين ڪوٽ ۾، پارت باجهائي" (شاهه).

• **باجهٽ ج باجهٽ:** ذ. تخت، گادي. صندل ـ چوڪي. ويهڻ لاءِ ننڍڙي منجي. صندلي. جهنگلي جانور جو هڪ قسم (جنهن کي پالي اُن جي وسيلي شڪار ڪن. جهڙوڪ چيتو).

• **باجهَر باجهري ج باجهريُون:** ث. [هہ. باجرا] اَنَ جو هڪ قسم.

—**باجهرو:** صفت. باجهر جو ـ باجهر جهڙو. سائيرڙي ڦڪي رنگ (باجهر جي رنگ) جهڙو.

—**باجهري پورڻ:** باجهر جي پوک کي پورڻ. تڪليف ڏيڻ. پيڙو پورڻ.

• **باجهريو ج باجهريا:** ذ. گدڙ جو هڪ قسم (پيٽ اڇو. پٺي اڇي ۽ ميرانجهڙي رنگ تي).

• **باجهنُڻ:** ظرف. ڏسو "باجهان".

• **باجهڻ:** مصدر. باجهه ڪرڻ ـ ديا ڪرڻ. (باجهيو ـ باجهيندو ـ باجهيل).

ـ **باجهيندڙ:** صفت. باجهه ڪندڙ ـ باجهارو "آسرمَ لاهيج. سڄڻ باجهيندڙ گهڻو" (شاهه).

• **باجهوڪ (ڪ):** صفت. [سن. بَنْد = ٻنڌڻ] نڙيءَ ۾ اٽڪندڙ (ٻيريا ڪارڪون. وغيره). ٻجهندڙ ـ گهٽر. ساڪرو. بيمزي ـ بيسواد.

—**باجهوڪ ڪارڪون:** ث. ڪارڪن جو هڪ قسم. نڙيءَ ۾ اٽڪندڙ ڪارڪون ـ گهٽر ڪارڪون.

• **باجهون:** ظرف. [سن. سرائڪي] ڪان سواءِ ـ ڌاران ـ بغير ـ بنا "ڏس جاڏي ڪاڏي ڍوليو يارميان! اچي نظر نہ باجهون بيو يار جي" (عبدالله).

• **باچ ۽ باچوُن:** ث. چيچ جي پرواري آگر ـ مُنڍيءَ واري آگر.

• **باچ:** اسم مجموع. (ماڻهوءَ يا جانور جا) ٻچا. پونگ (عام طرح ماڪڙ جا ٻچا جي اُڏري نہ سگهن). وڻ، ٻوٽي، پوک جي ويجهه ڪرڻ يا گهاٽي ٿيڻ جي حالت.

—**باچ ٻوڄ:** ث. ننڍا ٻار ـ ٻوڄ.

—**باچ ڪرڻ:** وڻ. ٻوڙي يا پوک جو نين تارين ڪيڻ تي زور رکڻ ۽ ڦر گهٽ ڪرڻ.

• **باچڙا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **باچڪو ج باچڪا:** ذ. ننڍي گوڻ.

• **باچو ج باچو:** ذ. آگوٺي ۽ ڏسٽي (آگر) کي ڪولڻ بعد انهن جي چوٽين جي وچواري وٿي. ٻاڪو ـ ٻالو (ل). (صفت) بي همت. بي گُونڊرو. نڪمو ـ بيڪار.

• **ٻاڇَ ج ٻاڇون:** ث. چونڊ ـ انتخاب. ورڇ ـ ورهاڱو. جدائي ـ ورهه ـ وڇوڙو. خواهش ـ مرضي ـ سڌ.

• **ٻاڇڻ:** مصدر. چونڊڻ. چُٽڻ. منتخب ڪرڻ. پسند ڪرڻ ـ ڏُٽڻ. ورهائڻ. ڌار ڪرڻ ـ جدا ڪرڻ. (ٻاڇيو ـ ٻاڇيندو ـ ٻاڇيل).

• **ٻاڏاڻ ج ٻاڏاڻ (ڪ):** ذ. ٻاڙ (نشي جي). چوس. سَڌ. خيال. سڪ. (صفت) ٻانڌاڻي ـ عادتي. ڏسو "ٻانڌاڻ".

• **ٻاڏَ:** ث. سخت اونداهي ـ ڪاري رات ـ گهگهه انڌاري ـ ٻاٽَ. (اسم خاص) تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻاڏَ ج ٻاڏوُن (ل):** ث. [سن. بُدْ = ڍڪڻ. لڪائڻ. نيڪال ڪرڻ] ڦوٽَ. ڌار. زمين يا ٺڪر ۾ خال ـ ڦوڙُ. مقعد "منهن ڍڪيو ڪيم ڪر اُگهاڙي ٻاڏ" (گل). پردو. گوڏ. پردو ڪيل شيءِ. آڙ ـ روڪ. سُٿڻ مٿان ٻڌل گوڏ ـ ڏاپ. هُرلي يا نار جي پڙوارو ڍڪ. (اسم خاص) تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻاڏائڻ:** مصدر. [سن. وَنْدَن = وينتي ڪرڻ] ليلائڻ. (احسان ۽ ڪرم واري ڏانهن) نماڻو ٿي نهارڻ. واجهائڻ. رحم پنڻ. عاجزي ڪرڻ. رڙڻ ـ ٻاڪارڻ. سڏ ڪرڻ. ورلاپ ڪرڻ "ٻانيڻ ٻاڏائي، حَبِيئانْ واريو هوت ڪي" (شاهه). (ٻاڏايو ـ ٻاڏائيندو ـ ٻاڏايل).

• **ٻاڏو ج ٻاڏا:** ذ. صفت. ٽيڏو (اکين کان). (ث) ٻاڏي ج ٻاڏيُونْ.

• **ٻار ج ٻاريُونْ:** ث. [سن. ١. وار = پاڻي؛ ٢. پُرمه = ڪُن] درياءَ يا سمنڊ جو اهڙو هنڌ جتيَ پاڻي ڦيرو کائي کائي تمام اونهون ٿي ويو هجي ـ اونهون ـ اوڙاهه "سڄا ٻيڙا ٻار ۾، هليا هيٺ وڃن" (شاهه). پاڻيءَ جي نار. سِيرَ (پاڻيءَ جي). سنگن جو ڍِڳ. اَنَ جو ڍِڳ ـ راهه تان تون ڪٽين ٻار، اَڪٽ اَنيءِ اناج جي" (سامي).

ـ **ٻار ٻتئي ڪرڻ:** ڪري جو انَ ورهائڻ.

ـ **ٻار ٻچڻ:** ٻار مان انَ ڪٽي وڃڻ. ڪرو ڪولڻ (ل).

ـ **ٻار ناهڻ:** سنگن رکڻ لاءِ زمين صفا ڪرڻ.

ـ **ٻار ڪٽڻ:** ڪرو ڪٽڻ. اَنَ گهر آڻڻ.

ـ **ٻار ۾ پَڻُ:** لهرين ۾ لڙهڻ. سخت مصيبت ۾ مبتلا ٿيڻ. تمام گهڻا ڏک ڏاڪڙا رسڻ.

• **ٻارُ ج ٻارَ:** ذ. [سن. بالَ] ننڍڙو چوڪر يا چوڪري ـ ٻالڪ ـ ٻچو ـ طفل. ابهم ـ معصوم. نابالغ چوڪرو. بيعقل ـ بي سمجهه ـ مورک ـ نادان. اَلهڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **پاراٽو ج پاراٽا:** ذ. صفت. پارن جو ـ چوڪراٽو. (ذ) پاراٽي وهي ـ پالپٽو. نئين چاول پار لاءِ ناناڻن طرفان سوکڙيءَ طور ڏنل ڪپڙا ۽ رلڪا. بارانو ـ گرو بوجو. پارن جي هڪ خاص بيماري (جنهن ۾ ڪاڪڙو ڪري پوندو آهي) ـ سَتَ.

• **پاراٽي ج پاراٽيون:** ث. صفت. پارن سان واسطو رکندڙ ـ چوڪراٽي. ننڍي هوندي واري ـ شروعاتي ـ ابتدائي "پاراٽي پوتي ڪنهن نه ڌوتي" (پهاڪو). (ث) پارن جي هڪ خاص بيماري ـ پاراٽو. بيعقلي ـ بيوقوفي ـ ناداني. هلڪڙائي ـ سفلائي.

• **پاراٽپ:** ث. پالپٽو. پاراٽي هلت ـ ڪيچلپائي.

• **پارَ ٻچو ج پارَ ٻچا:** ذ. عيال ـ اولاد.

• **پار ترڪڻ:** عورت جو ڪچو پار ڪرڻ. حمل جو هر وقت ضايع ٿيڻ. ڪنهن شيءِ هٿ ڪرڻ لاءِ تڪڙ ڪرڻ. تڪڙ لڳڻ.

• **پار نگارٽو ج پار نگارٽا:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم (تيتيھر جي نموني) ـ پار ڏتارٽو.

• **پارَ پاڙهڻ:** ڪنهن تي پنهنجي هوشياريءَ جو اثر ويهارڻ. بر غلائڻ ـ پنيلائڻ.

• **پارَ پٽو:** ذ. پاراٽي وهي. ننڍپڻ ـ بالاتڻ. پاراٽي هلت. پاراٽي عادت.

• **پار پوڻ:** حمل واري زال جو وقت کان اڳ حمل ضايع ٿيڻ ـ ڪُهاءُ ٿيڻ ـ ڪُسانجو ٿيڻ (ل). چِڪي پوڻ.

• **پار ڪيرائڻ:** دوائن يا ٻئي ڪنهن حيلي سان پيٽ ۾ سرجيل پار ڪيرائڻ.

• **پار ڪرڻ:** پار پوڻ. ڪُهاءُ ٿيڻ.

• **پارَن جو ٽنگو (ٽرنگو) هجڻ:** گهڻو عيال هجڻ.

• **پارن سان ٻوليون ڪرڻ:** ڪنهن کي ٺڳڻ ـ ڀلائڻ.

• **پارَ هٽي:** ث. ننڍڙي پار واري ماءُ.

• **پاريتو ج پاريتا:** ذ. صفت. پارن وارو ـ ٻچڙيوال. عيالدار ـ عيالي. (ث) پاريتي ج پاريتيون.

• **پاراڄ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پاراجڙي:** اسم خاص. تعلقي شهداد پور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پارا سَر:** اسم خاص. تعلقي ڏيري محبت (ماتلي) ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پارا هَلي:** اسم خاص. تعلقي ڊگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پاراهَٽي (ت):** ث. پکيءَ جو هڪ قسم.

• **پاراهو ج پاراها:** ذ. صفت. ٻارهن مهينن جو. (ظرف) ٻارهين مهيني ـ سال گذرڻ تي ـ سال بسال. (ذ) مئل ماڻهوءَ کي سال گذرڻ بعد ڏياريل ختمو ـ ٻارهو.

• **پاراهي ج پاراهيون:** ث. صفت. هر هڪ ٻارهن مهينن بعد ايندڙ "پاراهي عيد". هڪ سال عمر واري (چوپائي). (ث) پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم (جهرو رنگ، وچٿرين ٽنگن سان، مڇي ۽ گاهه کائيندڙ).

• **پارائڻُ:** مصدر. باهه ڏيارڻ ـ ساڙائڻ. (پارايو ـ پارائيندو ـ پارايل).

• **پارائڻُ:** مصدر. باهه ڏيارڻ ـ ساڙائڻ. (پارايو ـ پارائيندو ـ پارايل).

• **پارَٽُ، پارَٽُ ج پارَٽ:** ذ. [سن. ١. واڌڪ = ڳائيندڙ؛ ٢. پارت، پاٽَ، پاترُ = لائق، قابل، نَٽُ] ڳائيندڙ فقير ـ عطائي. چارڻ (جي اڳئين زماني ۾ سنڌ جا امير ۽ راڻا پاڻ وٽ ويهاريندا هئا. انهيءَ لاءِ ته جيڪڏهن ڪنهن به وقت ڪين ڪنهن ٻئي امير يا راڻي مان ڪم ڪڍڻو هوندو هو ته اُهو انهن پارٽن جي معرفت ڪرائي سگهندا هئا. جو اُهي پارٽ صدائون هٽي ڏرٽو ماري به ڪم ڪرائي ايندا هئا). آواز ـ راڳ (ڪ). پينو فقيرن جو هڪ گروهه (ڪ). منگتو ـ پينو. (ذ) اَنُ چڙڻ جي ٿُلهي ڪاٺي ـ وِنٽو. جهولڻِ طور مڇي مارڻ واسطي ڪم ايندڙ رَڇ جو هڪ قسم (ل).

• **پارٽُ ج پارٽ:** ذ. ڏسو "پارٽُ".

• **پارَ نگارٽي ج پار نگارٽيون:** ث. ذ. پکيءَ جو هڪ قسم (تيتيھر جي نموني پر ننڍو. رنگ ميٽاڻون. اڪثري پوٺن ۽ ميدانن ۾ رهي، ماڻهو لنگهندو ته هلي ذرا پاسي ٿئي پر يڪدم مٿي نه اُڏامي ـ پار نگارٽو.

• **پارَڄ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو ("جمون پارڄ" هڪ عام ڳوٺاڻو شاعر ٿي گذريو جنهن بيت چيا آهن).

• **پارچا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پارچاڻي:** اسم خاص. حيدرآباد ۽ هالا تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **پارسَ ج پارسُون:** ث. چنڊ جي ٻارهين ۽ چوويهين تاريخ ـ سهائي يا اونداهي پک جو ٻارهون ڏينهن.

• **پارسُ ج پارسَ:** ذ. ٻارهن مهينن گذرڻ تي فوتيءَ لاءِ خير خيرات ـ پاراهو ـ ٻارهو.

• **پارِ ساڪ، پار ساڪَ ج پارِ ساڳون، پارساڪون (ث):** ث. دروازي جي پاسي واري ڪاٺي ـ چوڪٺ ـ چوڪو.

• **پارِ ڪاري ج پارڪاريون:** ث. مُنگري جو هڪ قسم (اڪيون وڏيون. رنگ ڪارو. پک ڪارا ۽ اڇا. ڊيگهه ١ ڪان ٥ فوٽ).

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

**ٻار ڪِي ج ٻارڪيُون (ٿه ڪ):** ث. ٻانهن ۾ ٻڌڻ جو هڪ زيور ـ ٻانهن رکي.

**ٻارَڻ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

**ٻارَڻ:** ذ. هڪ قسم جو فقير.

**ٻارَڻُ:** مصدر. باهه دکائڻ ـ باهه ڏيڻ. ساڙڻ ـ جلائڻ. ڪاٺيون باهه ۾ ڀسم ڪرڻ. روشن ڪرڻ (ڏيو، بتي، وغيره). جوش ڏيارڻ ـ ڀڙڪائڻ ـ اُڀارڻ. جاڳائڻ (فتنو) ـ اُٿارڻ (جهيڙو). پنهنجي دونهين دکائڻ ـ مچ مچائڻ. وڪوڙڻ ـ گهيرو ڪرڻ. قيد ڪرڻ ـ بندڻ ـ روڪڻ "آٽيو ابوجهن جا، تو ٻارين ٻار ٻچا". پنهنجي همت ڪرڻ ـ مڙسي ڪرڻ ـ پنهنجن پيرن تي بيهڻ "انهيءَ جـِئي ڪان مُئو ڀلو هُون، تو ڪانئر، ٻاري ڪانءِ!" (دين محمد لغاري).

**ٻارَڻُ ج ٻارَڻَ:** ذ. ڪاٺيون ڪوئلا وغيره جي باهه ٻارڻ ۾ ڪم اچن "ٻارڻ ٻهون ڪجن، تہ بہ رڙا رجهن ڪين ڪي" (ڀِٽائي). آگ ـ باهه. ظلم ـ ناحق ـ انڌير ـ آزار.

**ٻارَڻ ٻارڻ:** آزار مچائڻ ـ ظلم ڪرڻ. تڪليف ڏيڻ. جهيڙو جاڳائڻ.

**ٻارڻ چاڙهڻ:** پنهنجي ڪمائي ڪرڻ.

**ٻارو:** ذ. ڪاٺيون. ڪوئلا وغيره جي باهه ٻارڻ ۾ ڪم اچن ـ ٻارڻ.

**ٻارو وجهڻ:** ڪوري ۾ ڪاٺيون وجهڻ ـ ٻارڻ ڏيڻ.

**ٻارَٽڪِي:** اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

**ٻارو ج ٻارا:** ذ. زمين جو چورس يا مستطيل ٽڪر (جنهن کي چوڌاري ريج لاءِ ٻنو ڏنل هجي). مڇي مارڻ جي رچ ۾ تندن تڻڻ جي ڪري ٿيل ننڍو خال (ڪ). اُٻارو ـ ٺهڪو. باهه (ڪ).

**ٻارا ٻنا:** ذ. زمين جا (پوک لاءِ) ٽڪرا انهن جون حدون.

**ٻارو اُٿلائڻ:** زمين جي ٻاري کي ڪوڏر سان ولڻ. ٻاڙ پٽڻ. تباهه ڪرڻ ـ برباد ڪرڻ.

**ٻاروتو ج ٻاروتا:** ذ. ننڍين چاول ٻار کي ويڙهڻ (ٻنڌڻ يا تنجڻ) جو ڪپڙو ـ تنجڻو "سياڳو ٻار ٻاروتن ۾ پڌرو" (ڀِٽائي). ٻاراٺو لباس ـ ننڍڙي ٻار جا ڪپڙا ـ ٻاراٺو (ڇوڪر لاءِ چولو ۽ ملير، ڇوڪريءَ لاءِ چولو ۽ پيٽي): "ٻنڌڻ ٻاروتن ۾ پنهل ساڻ پيم" (راڄن شاهه): "ٻهون ٻاروتن ۾، ڪبيرا ڪيام" (شاهه).

**ٻاروتو ج ٻاروتا:** ذ. ڪارو ڌاڳو (جو ننڍڙي ٻار کي ڇٽيءَ رات ٻڌبو آهي).

**ٻارو ٻارَ (ٿ):** اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

**ٻاروچَلُ ج ٻاروچَلَ:** ذ. ڀيارو بروچ ـ ٻاروچو. (اسم خاص) پنهون "سا آڳ اُجهامي ڪين ڪي، جا ٻاروچن تو ٻاري هئي" (ڪبير شاهه).

• **ٻاروچو ج ٻاروچا:** ذ. صفت. بروچ ذات جو ـ بروچڪو. (ڪناية) پنهون (جو بروچ هو) "لـِڪو ڪين لطيف چئي، ٻاروچو ٻـِئي پار" (شاهه).

• **ٻاڙوڏو:** ذ. ڏسو "ٻاڙوڏو".

• **ٻاروٺو ج ٻاروٺا:** ذ. ٻاروتو ـ تنجڻ.

• **ٻاروهِي:** ظرف. ٻارهن ئي مهينا ـ ٻارهوئي ـ هميشه ـ سدائين.

• **ٻارَهنْ:** صفت. [ٻہ ڏهَ > ٻاڏهَنْ > ٻارهن] هڪ عدد ـ ٻن ايڪن ۽ هڪ ڏهاڪي وارو انگ (١٢). گهٽا ـ جهجها "ٻہ تہ ٻارهن" (ڀِٽائي).

—**ٻارهن اِمام:** اسم خاص. خاص(ع) ١. امام حضرت علي(ع) ٢. امام حسن(ع) ٣. امام حسين(ع) ٤. امام زين العابدين(ع) ٥. امام محمد باقر(ع) ٦. امام جعفر صادق(ع) ٦. امام موسيٰ ڪاظم(ع) ٨. امام علي موسيٰ رضا(ع) ٩. امام محمد تقي(ع) ١٠. امام علي نقي(ع) ١١. امام حسن عسڪري(ع) ١٢ امام مهدي(ع).

—**ٻارَهنْ خانَوادا:** اسم خاص. ٻارهن امام. صوفين جا ٻارهن طريقا [جي هي آهن: ١. قادريه ٢. نقشبنديه ٣. صَوفيه ٤. عَيدَرُوسيه ٥. نُورِيه ٦. شَطاريه ٧. صوسْفِيه ٨. اَنْصارِيه ٩. زاهدَيه ١٠. حضرويه ١١. قَلندريه ١٢. حُسَيْنِيه (جامع اللغات)].

—**ٻارَهن سِڱو ج ٻارَهن سِڱا:** ذ. ڊِگهن سڱن وارو ڦاڙهو. برفاني هرڻ.

—**ٻارهن ڪُنَ:** ذ. گهڻا ڪُنَ (پاڻيءَ جا، درياءَ جا) "ٻارهن ڪُن، ٻٽيهہ تَڙ، تڙ تڙ متي جوءِ" (رسالو).

—**ٻارَهن ڪوهِي سُڄ ٿيڻ:** چوڌاري سڄ ٿيڻ. بلڪل ڀينگ ٿيڻ.

—**ٻارَهن ماسِي ج ٻارهن ماسيُون:** ث. ٻارهون مهينو. ٻارهن مهينن جون هوائون. موت کان پوءِ ٻارهون مهينو ـ ورسي. گذاري ويل ماڻهوءَ جي پهرين ورسـِي.

—**ٻارَهنْ ماهو ماهونْ ج ٻارَهنْ ماها، ماهانْ:** صفت. ظرف. ٻاراهو ـ سال بسال. (ذ) سال جو وڏو ڏينهن. فقيرن جو مقرر ٿيل ساليانو ڏڻ. ساليانو ڀگهار. سال بسال ايندڙ خوشيءَ جو ڏينهن.

—**ٻارَهن ميگهہ:** ذ. ڪڪرن يا مِينْهَن جون ٻارهن حالتون [١. ميگهہ تِمَر = ڪڪرن جي ڪاراڻ. ڪڪرن ڪري اوندهہ. جهڙالو. ٢. ميگهہ پتي = ڪڪرن جو راجا. گهمسان جو مالڪ.

– اول. حملي وقت مخالف ڌروارن کي جهل ۾ قيد "مانيجي ۾ ماڻ، ٻيئي وجن ٻانَ ۾" (رسالو: ڌهر). ٻانهو – بندو.

—**ٻانُ ڪرڻ:** ضمانت طور بند ڪري جهلڻ. قيدي بنائڻ. هٿڻ. ٻانهون ڪرڻ – غلام بنائڻ.

—**ٻانَ ۾ وجڻ:** حملي ڪندڙ حاڪم وٽ ضامن طور جهلجي وجڻ.

• **ٻانڀَ ج ٻانڀُون:** ث. بي ڍولي – بدشڪل. ڪاري ۽ پوڙهي عورت. راڪسياڻي. ڏائڻ – پوپَ. جانور جو هڪ قِسم (هڪ قسم جو رڇ) – مَمِرَ.

—**ٻانڀو ج ٻانڀا:** ذ. "مَمِر" جانور جو نر.

• **ٻانڀارو:** اسم خاص. "ٻارڻ" جبل جي اُڀرندي طرف هڪ جبل جو نالو.

• **ٻانڀَڻَ:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **ٻانڀَڻِ:** ث برهمڻ زال – ٻانڀيٽياڻي. (اصطلاحاً) سسئي (جا اصل ٻانڀڻ جي گهر پيدا ٿي) "سرتيون ٿو نه سري، ڀنهين ري ٻانڀڻِ کي" (شاهه).

• **ٻانڀَڻُ ج ٻانڀَڻَ:** ذ. [سن. براهمن] برهمڻ – ٻائو – مِسرُ. (ث) ٻانڀَڻِ، ٻانڀيٽياڻي ج ٻانڀيٽياڻيون.

—**ٻانڀيٽائِي:** ث. برهمڻن جو ڪم. برهمڻن جي ڪريا ڪرم واري ڪرت.

—**ٻانڀيٽپائِي:** ث. ٻانڀڻ جي ڪِرت. ٻانڀڻ جهڙي هلت چلت.

—**ٻانڀيٽڪو ج ٻانڀيٽڪا:** ذ. برهمڻ جو. برهمڻڪو.

—**ٻانڀيٽِي، ٻانڀيٽياڻِي:** ث. برهمڻياڻي. گُرياڻي – مِسرياڻي.

• **ٻانڀَڻُ گِروڙي، گِرهوڙي، گهروڙي (ٽ):** ذ. جيت جو هڪ قِسم (جو نانگ جهڙو ٿئي ۽ ننڍڙا پير ٿينس).

• **ٻانڀِٽو ج ٻانڀِٽا (ت):** ذ. ڏاند جي رنگ جو هڪ قِسم (اڇين اکين، اڇن پرن ۽ اَڇي رنگ وارو ڏاند).

• **ٻانڀيٽاهه، ٻانڀيٽياهه:** اسم خاص. سنڌ جي قديم شهر "برهمڻ آباد" جو ٿيٺ سنڌي نالو.

• **ٻانڀِٽيو:** اسم خاص. سماٽ ۾ مرد جو نالو. "ڄام ٻانڀيٽيو" (ٺٽي جي سمن حاڪمن مان ٻيو نمبر خودمختار حاڪم ڄام ٻانڀيٽيو "صدرالدين بن فيروزالدين ڄام انڙ").

• **ٻانڀيو ج ٻانڀيا:** ذ. ڀوپو. ڪامڻ گور – جادوگر. ٻڇڙي اک وارو – ناظرو. کوهه جي نار جي ڳاڌي "تيون مَرڪن مرڪياڻيون. جن جا ٻار ٻانڀين تي".

• **ٻانڀيي وارو:** اسم خاص. هڪ جبل جو نالو (رني ڪوٽ کان اُتر طرف).

• **ٻانڀيهَڙِ:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻانٽُ ج ٻانٽَ (ٽ):** ذ. صفت. مُنهن رکو (ماڻهو).

• **ٻانٽِڻِي (لس):** ث. گاهه جو هڪ قِسم.

• **ٻانڃَ:** ث. ڇيڄ جي پرواري آگر – ٻاڃَ.

• **ٻانڇو ج ٻانڇا (ٽ):** ذ. صفت. آڏو ٽيڏو – ڦِريل.

• **ٻانڌُ ج ٻانڌَ:** ذ. [سن. بَنڌَ = ٻڌڻ؛ ف. بند] ٻنڌڻ – پابندي. انجام – اقرار "منجهه ٻنڌڻ ٻانڌ ٻول پنهنجي ٻجهه" (گل). ڏَنُ – ٽڪَ. داڻ بندي.

—**ٻانڌي ج ٻانڌي:** ذ. انجامي – اقراري. ڏاني.

• **ٻانڌارو ج ٻانڌارا:** ذ. [سن. بَنڌَ = ٻڌڻ؛ ف. بند] ٻڌندڙ – ٻڌڻ جو ڪم ڪندڙ. ٻانڌڻن (ڪپڙي) جي پيندين ٻڌڻ جو ڪم ڪندڙ. ٻيڙيون ٻڌندڙ. اَنّ جي داڻ بندي ڪندڙ. جايون ٺاهيندڙ – رازو (ٽ).

• **ٻانڌاڪا:** اسم خاص. ڪيرٿرجبلن ۾ هڪ مڪان جو نالو.

• **ٻانڌاڻ:** ث. [سن. بَنڌَن = ٻنڌڻ، رسي، زنجير] لوٽي کي ٻڌڻ ۾ ڪم ايندڙ رسِي.

• **ٻانڌاڻُ ج ٻانڌاڻُ:** ذ. [سن. بَنڌَن = ٻڌڻ] ڳَنڍُ – ٻَنڌُ. لاڳاپو – تعلق – واسطو. زنجير – نيَرُ. ٻنڌڻ (مالهه ۾ ڪنگري، لوٽي، وغيره) لاءِ مضبوط وٽيل نوڙي "ٻڌو ڪنهن ٻانڌاڻ، هنڙو هوتائيءَ سين" (شاهه). (اصطلاحاً) محبت – پريت. ٻڌل لوازمو – رَڪَبُ. برادريءَ ۾ ڀئسن جي ڏيتي ليتي (جهڙوڪ شادي مراديءَ يا غميءَ تي). ڀائخاني جو ٻَجهُ. شرط – انجام – ٻولُ. نشي وغيره جي هيَر يا علت. ٻاڙَ – چڪَ. خيال – يادگيري.

– **ٻانڌاٺو:** ذ. ٻانڌاٺي.

– **ٻانڌاٺِي ج ٻانڌاٺِي:** ذ. ٻڌل. واسطيدار. جنهن کي نشي وغيره جي هير هجي. نشي جو عادي. (صفت) نشي پٽي جو هيراڪ – عادتي. ٻانڌاٺي.

• **ٻانڌَڙَ ٻانڌَڙِ:** ث. صفت. ڏوپ ۾ سخت يا ڏکي (ڏِڳي يا مينهن) – ڪراڙي. سخت ٻير (جنهن جا ٻير ڏوٽڻ سان نه ڇٽن). سخت ٻِبُر (جنهن جا پلڙا ڏکيا روڙجن).

• **ٻانڌِڻِ ج ٻانڌِڻِيُون:** ث. ٿورو کير ڏيندڙ يا کير کٽي ويندڙ (ٻڪري، ڳئون، وغيره).

• **ٻانڌَڻُ ج ٻانڌَڻ:** ذ. [سن. بَنڌَن] ٻانڌاڻ. ڳنڍ – پيچ – پيوند "وڃي مانَ وري. ٻانهيءَ ٻانڌَڻ جنهن سين" (شاهه).

• **ٻانڌِڻِي، ٻانڌِڻُو ج ٻانڌِڻا، ٻانڌڻُو:** ذ. [سن. بَنڌَ] عورت جي سِر جو ديسي رڱيل ڪپڙو (جنهن کي رڱڻ کان اڳ پيندين ٻڌي ڇڏيون آهن. ۽ رڱجڻ بعد ڇڏهن اهي ڇڙٻيون آهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻانهون هٽي (ترڻ).

—**ٻانهُو ترڻ:** ٻانهن سان ترڻ.

—**ٻانهُون:** ظرف. ٻانهن سان ـ هٿن سان (ترڻ).

—**ٻانهُون ترڻ:** (سيٽاهه يا دلي وغيره کان سواءِ) ٻانهون هٽي ترڻ. (ڳجهڙو يا سُتڙ ترڻ بدران) ٻانهون هٽي ترڻ.

• **ٻانهُون ج ٻانهُوا (ڪ):** ذ. ڪڪائين جهڳي ۾ پکي هينان ڏنل ڪايو يا پڃر.

• **ٻانهن ج ٻانهُون:** ث. [سن. ٻاهُ: ف. ٻازُو] هڪ عضوو جو نالو ـ ٻازو. چولي، ڪوٽ وغيره جو ٻانهن وارو حصو ـ آستين. آڌار ـ ٽيڪ. ٽوڪ ـ سگهه. وسُ "انگ اتي ئي لکيو جت نه رسي ٻانهن" (شاهه). مگيندي ـ وني ـ جوءِ "تو ڪيئن ٻوڙي سهٽي، ٻيلي منجهه ٻانهن" (شاهه: سهڻي). سگُ. ميار ـ ننگ. هٿڻ ـ اول. ضمانت. نار ٻيهارڻ جي هڪ ڏڳهي ڪاٺي.

—**ٻانهن (ٻانهُون) اُجلڻ:** ڪاوڙ ڏيکارڻ.

ـ **ٻانهن ٻل هجڻ:** طاقت هجڻ.

ـ **ٻانهن ٻيلي:** ذ. صفت. ساٿي ـ همراهه ـ مددگار ـ پرجهلو.

—**ٻانهن ٻيٽي ڪرڻ:** ڪوشش ڪرڻ. نقصان پائڻ. طاقت گهٽ ڪرڻ ـ زور پڃڻ. هيسڻ. پرچڻ.

—**ٻانهن پائڻ:** گراهتڙي وجهڻ ـ ڀاڪر پائڻ. "ڳچيءَ پايو ٻانهن، ويني روءِ وچن سين" (شاهه).

—**ٻانهن پڄائڻ:** پرائي زال ڪڍي وڃڻ ـ اغوا ڪرڻ.

—**ٻانهن ڏيڻ:** ٽيڪ ڪرڻ. واهر ڪرڻ. سهارو ڏيڻ "جيڪين ڏي ٻڌن کي ٻانهن، ناته ساٿڻ وڃي سير ۾" (شاهه). سگ ڏيڻ. عورت واپس ڏيڻ. قيدي موٽائڻ.

—**ٻانهن سيراندي ڏيڻ:** بي فڪر ٿيڻ ـ بي اونو ٿيڻ. (ٻئي کي) هر طرف جو آرام پهچائڻ.

—**ٻانهن سيراندي ڪري سمهڻ:** بي اونو ٿي سمهڻ ـ بي فڪرو ٿي ويهڻ.

—**ٻانهن جهلڻ:** سهارو ٿيڻ. ڏکئي وقت ۾ مددگار ٿيڻ. سگ روڪڻ.

—**ٻانهن ڪپائڻ:** هارائڻ ـ وڃائڻ.

—**ٻانهن لڳڻ:** هلڻ وقت ٻانهن جو گهٽو لڏڻ ۽ پاسي سان لڳڻ. وڏائي ٿيڻ. وڏائي ڏيکارڻ. ٻتاڪ لڳڻ.

—**ٻانهن لوڏ:** ث. سيٽ ـ آڪڙ ـ وڏائي ـ ٽيلارو. بيپرواهي ـ مغروري.

—**ٻانهن [illegible]ڻ:** بيپرواهيءَ سان هلڻ ـ مغروريءَ سان هلڻ "ٻڙي! ٻانهن مَ لوڏ، چوري! آبيتين سين" (گرهوڙي).

—**ٻانهن مروڙ ڪرڻ:** ڏاڍائي ڏيکارڻ. دٻائڻ ـ هيسائڻ. هرويرو وڙهڻ.

—**ٻانهن وٺڻ:** سهارو وٺڻ ـ سهارو ڏيڻ. سگ وٺڻ.

—**ٻانهُن ٻڌو خدمتگار نوڪر هئڻ:** پوريءَ طرح نيازمند هئڻ. خاص خدمتگار هئڻ.

—**ٻانهُون ٻڌڻ:** هٿ جوڙڻ ـ هٿ ٻڌڻ. نيزاريون ڪرڻ ـ عاجزي ڏيکارڻ.

—**ٻانهون ڪُنجڻ (ت):** ٻانهون ڪَنجڻ. وڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ. مدد ڪرڻ کان نٽائڻ. پوئتي هٽڻ.

—**ٻانهُون ڪُنجڻ:** ٻانهون وٺڻ ـ وڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ. رعب ڏيکارڻ.

—**ٻانهون هڻڻ:** (پاڻيءَ ۾) ترڻ. ٻانهون لوڏڻ ـ آڪڙ ڪرڻ. سخت پورهيو ڪرڻ. زوريءَ زالون پڄائڻ.

• **ٻانهڙڪي ج ٻانهڙڪيون:** ث. ٻانهن ۾ ٻڌڻ جو ڳهه.

• **ٻانهوانجرو ٻاوانجرو ج ٻانهوانجرا، ٻاوانجرا (ت):** ذ. صفت. [ٻانهن + وان + جيرو = ٻانهن واري سڌ تي] پاسيرو. ڪنڌائتو. ڏنگائيءَ تي مائل (طرف) ـ ٽورو ٽيڏو.

• **ٻانهُوٽو ج ٻانهُوٽا:** ذ. [سن. ٻاهُ: ف. ٻازُو = ٻانهن] ٻانهن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه (مٽين جو، ٻار جي ٻانهن ۾ ٻڌجي). ڪنجريءَ جو ٻانهن وارو حصو (ڪ).

• **ٻانهُوٽي ج ٻانهُوٽيون:** ث. ٻانهن جو هڪ زيور ـ ٻانهَرڪي. ڳج. ڪنجري. صدري (جا ٻهراڻ هينان پاتي وڃي). ڪنجريءَ جو ٻانهن وارو حصو (ٺونٺ کان هيٺ).

• **ٻانهوڙي ج ٻانهوڙيون:** ث. [سن. ٻاهَ = ٻانهن] ٻهراڻ يا قميص جي ٻانهن ـ آستين.

• **ٻانهونُ ج ٻانهان:** ذ. [سن. ٻاهُڪَ] زرخريد ماڻهو ـ غلام. ٻردو ـ ٻندو. نوڪر ـ خدمتگار. (ث) ٻانهي ج ٻانهيون.

—**ٻانهوٽ:** ث. گهٽا نوڪر ـ غلام ـ ٻانها.

—**ٻانهوٽُ ج ٻانهوٽ:** ذ. ٻانهون.

—**ٻانهوٽي ج ٻانهوٽيون:** ث. نَنڍڙي ٻانهي ـ ڪنيزڪ. غلامن جي غلام. گولي "ڪنيزڪ ڪيچن جي، ٻانهي ٻانهوٽي" (شاهه).

• **ٻانهين ج ٻانهيون:** ث. [سن. ٻاهَ =ٻانهن] عاج، سون يا چانديءَ جون ترتيب وار چوڙيون (جي زالون ٻانهن ۾ پائين). ڪٽ جي پاسي واري ڪاٺي ـ اِيس. در جي پاسي واري ڪاٺي. نار يا ايٽ جي هڪ ڪاٺيءَ جو نالو. قلعي يا ڪوٽ جو هڪ پاسو. پوک جي پاسن وارو ٻند ـ ٻنو. لشڪر جي قطار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملاڪڙي جو ھڪ پاسو. جوابدار زالن ۽ مردن جو ميڙ (ڪ).

—**ٻانھيِاري ج ٻانھيِاريُون:** ٿ. ٻانھينءَ واري. ٻانھين پاتل. چوڙيلي (عورت) "منھنجي ٻانھياري ڪيئن ھوڙي تو، رحم نہ پيو توکي رتيءَ جو" (سونو لغاري). (صفت) تمام سُھڻي ـ حسين ـ نازنين ـ خوبصورت (عورت).

—**ٻانھين بَندُ:** ذ. ڳچ جو ڪلھي سان لڳو لڳ ٻانھن وارو حصو ـ ٻانھوٽو.

—**ٻانھين ٺاھڻ:** ٽولي ٺاھڻ. ھم خيال ماڻھن جي جماعت گڏ ڪرڻ.

• **ٻانھياري:** اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ ھڪ پٽ جو نالو (جنھن تي چون ٿا تہ ھڪ مائي ٻانھين پائڻ جي شرط تي سنئين مھيني ھوندي بہ ٻہ ڏلا پاڻيءَ جا ڪٽي چڙھي ھئي ۽ مري ويئي). تعلقي عمرڪوٽ ۾ ھڪ ديھہ جو نالو.

• **ٻانھيٽي ج ٻانھيٽيُون:** ٿ. ٻانھي ـ گولي.

• **ٻاڻ:** صفت. بند ٿيل ـ قيد ۾ پيل. قيدي ـ باندي. ڏسو "ٻان".

• **ٻاڻُ ج ٻاڻَ:** [سن. ٻاڻ = تير] تير ـ ڪان "ڪونج نہ لڳئي ٻاڻ، جو ماريءَ سنڌي من ۾". محبت جو تير ـ عشق جو ڪان "لڳو ٻاڻ ٻروچ جو، وسان تي ورياس" (شاھ). عشق جو انگ ـ محبت جو ٻيچ "تنيڏڙي لاڪون نينھن جو، ھو ٻاروچل توسان ٻاڻ" (پير بخش). محبت جو منڊ ـ عشق جو جادو. جادو جوڻ. وجھہ ـ موقعو.

—**(ٻئي) ٻاڻ لڳڻ:** اکين جا تير لڳڻ. اکين جا گھاوَ لڳڻ "محبت جا مڱسي چوي، لڳس ٻاڻ ٻئي" (مڱسي). عشق جو تير لڳڻ. موقعو ملڻ ـ وجھہ لڳڻ. سوڀارو ٿيڻ. مراد پائڻ.

• **ٻاٽو ج ٻاٽا:** ذ. [سن. واٽي = اُٽڻ. آڏاٽو] لباس ـ پوشاڪ ـ ويس. بانو.

—**ٻاٽو ٻَڌڻ:** تيار ٿيڻ. پڪو ارادو ڪرڻ.

• **ٻاٽي ج ٻاٽيُون:** ٿ. [سن. واٽي] آواز. بيان. ڪلام. سخن. وائي. چوٽي. ٻول. زبان. ٻولي ـ ڀاشا. ذڪر. گفتگو ـ ڳالھ ٻولھ. گُروءَ جي مُک مان نڪتل وچن يا ٻول. ڌرمي ڪتابن جون وايون يا سلوڪ. ڏٽيءَ جي ساراھ. ڳائڻ جو مخصوص طريقو. جادو ـ منتر. ڳُو تا. ڪلام ۾ بلاغت جي ديوي سرسوتيءَ جو نالو.

• **ٻاوا:** اسم خاص. ھندن جي ھڪ ذات جو نالو.

• **ٻاوڙي:** ذ. [ع. بِئرُ؛ ھ. باٿلي] کوھہ.

• **ٻاوڙي ج ٻاوڙيُون:** ٿ. وڻ جو ھڪ قسم (ٻير جھڙو وڻ، جو ٽڪرن ۾ ٿرم ٿئي، جنھن جا پن ۽ ٻير دوا طور ڪتب اچن ۽ جوڙا رڱڻ لاءِ ڪم اچن). ٻوٽي جو ھڪ قسم (ٿ).

• **ٻاوَن:** صفت. [ھ. ٻاوَن] ٻہ ۽ پنجاھ ـ ٻاونجاھ (٥٢). [سن. وَرتِّنَ] اکر ٻاٽي.

—**ٻاوَن اکري:** ٿ. ٻاونجاھ اکري. سنڌي الف ـ بي. سنڌي آئيويتا.

—**ٻاوَن ٻاھري:** ظرف. ٻوليءَ يا اکرن کان ٻاھر.

• **ٻاوَن ج ٻاوَنَ:** ذ. [ف. ٻاوَن] ٻاونجاھ. پٽي راند ۾ ٻاونجاھ پٽن جو داءُ. تيرھن ھٿن ڪٽي وڃڻ وارو لنبر ـ تيرھيو.

—**ٻاوَن اچڻ:** پٽي راند ۾ تيرھيو اچڻ.

—**ٻاوَن ڏيڻ:** راند ۾ مخالف ڌر کي تيرھيو ڏيڻ. وڏو داءُ ڪٽڻ. تيرھن ئي ھٿ ڪٽي وڃڻ. سڀ مال ڦُري وڃڻ. سخت تڪليف ڏيڻ.

—**ٻاوَنگيرُ ج ٻاوَنگيرَ:** ذ. صفت. [ھ. ٻاون = ٻاونجاھ + ف. گير (گرفتن > گير) = جھليندڙ] ٻاونجاھ پٽن کي جھليندڙ ـ ٻاونجاھ جو مت. ٻاونجاھ اکرن جو ڄاڻو. پٽن جي راند ۾ 'ٻاونجاھ' (ٻاون) پٽن جو داءُ ڪٽيندڙ. وڏو ڏاناءُ ـ تمام سياڻو. چالاڪ ـ حرفتي "ٻاونگير چور".

—**ٻاوَن ويرُ ج ٻاوَن ويرَ:** ذ. صفت. ڏسو "ٻاونگير".

—**ٻاوَن ھٽڻ:** پٽي راند ۾ ٻاونجاھ ئي ھٿ سانده ڪٽي وڃڻ ـ تيرھيو ڏيڻ.

—**ٻاوَنجاھ:** عددي صفت. [ٻہ + پنجاھ] ٻن ايڪن ۽ پنجن ڏھاڪن وارو انگ (٥٢).

—**ٻاوَنجاھون:** عدد قطاري. قطار يا سلسلي ۾ ٻاونجاھ نمبر وارو.

—**ٻاوَنجاھي:** ٿ. اٽڪل روءِ ٻاونجاھ ـ ٻاونجاھ ڪن.

• **ٻاوَنجرو ٻاوَنجيرو:** ذ. ڏسو "ٻاوانجرو".

• **ٻاوَنڊُ:** ذ. [ھ. ٻاون > ٻاون > ٻاوند] ٻاونجاھ جو مت. ٻاونگير. بھادر ـ بانڪو. سياڻو ـ عاقل ـ ھوشيار.

• **ٻاويھہ:** صفت. [سن. دوانشت] ھڪ عدد ـ ٻہ ۽ ويھہ (٢٢).

• **ٻاھ:** ٿ. [سن. پرواھڪا = اوچتو سَڏ يا خواھش. دست. ٻٽڙي تيڪ] پيچن ۽ سُوريءَ جي حالت ۾ پيٽ مان نڪرندڙ لڳلڳ دار غلاظت ـ ٻور. آنُوَن. سُوريءَ جي بيماريءَ ۾ پاخاني نہ اچڻ جي حالت ۾ زور ڏيڻ. ٻاٽ. ٻاھي ـ قبضي. مروڙ.

• **ٻاھتَر:** صفت. [سن. دوسپتتي] ھڪ عدد جو نالو ـ ٻن ايڪن ستن ڏھاڪن وارو انگ (٧٢).

—**ٻاھتر ۾ اچڻ، پوڻ:** ٻاھتر ورھين جي عمر جو ٿيڻ. پيرمرد ٿيڻ. ٻڍاپي ڪري عقل وڃڻ. عقل کان ٻاھر نڪرڻ.

—**ٻاھتري، ٻاھترياڻي:** ٿ. تمام ٻڍاپڻ ـ پيري. چرياڻي. بيوقوفي.

—**ٻائڙُ ٻوڙَ:** ذ. [ٻراجن جي نڪرڻ کان اڳ درياءَ جي پيچ تي ٿيندڙ آباديءَ جو اصطلاح: درياءَ جي چاڙهي يا گهٽجي برسات سببان کُورن، ڪڙين ۽ ڪسين ۾ پاڻيءَ جي جهجهائيءَ ڪري هرلي يا نارجي کوهاڏي ۾ پڻ پاڻيءَ جي ايتري گهٽائيءَ جو ٻائڙ (پاندي يا ڊينگي) جو هيٺيون اڌ بہ ٻڏي وڃي] تمام گهڻو پاڻي ـ جهجهو پاڻي (جو ٻائڙ ٻوڙي ڇڏي) "ٻائڙبوڙ وهن، ڪالوٽيان اچ گهٽو" (شاهہ): "اوهيرا اُلٽي پيا، ٿي ٻائڙ ٻوڙَ" (حمل). پاڻيءَ جو چاڙهہ ـ ٻوڏ ـ طغياني.

—**ٻائڙَ ڦرڻ (ت):** بيزار ٿيڻ. ٿڪجڻ. سُست ٿيڻ.

—**ٻائڙَ ڪٽڻ (ت):** وڏيون وکون هڻڻ ـ تکو پنڌ ڪرڻ.

• **ٻائڙو ج ٻائڙا (ٿ):** ذ. گهروارو ـ مڙس ـ مرد. يار ـ سينڌو. (ث) ٻائڙي ج ٻائڙيون.

—**ٻائڙي ج ٻائڙيون:** ث. جوان پرڻيل عورت.

• **ٻائل:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ٻائلَ ج ٻائلون:** ث. صفت. اَسونهِينْ ـ اَيونئِينْ ـ اَڻ واقف. ٻائڙي ـ نينگري.

• **ٻائو ج ٻاوا:** ذ. [س. گ. باوو: مر. باوا: هہ. باپ: ترڪي. بابا] ٽڪاڻي جو سنڀاليندڙ ـ مندر جو رکوال ـ ٽڪاڻائي. پروهت. گُرو. مهنت (هندو فقيرن جو لقب). (ث) ٻائي ج ٻائيون"

• **ٻائُو ج ٻائُو:** ذ. [سن. ڀَيَ] ڀؤ ـ ڊپ ـ ڊڄ. ڪابہ ڊيڄاريندڙ شيءِ ٻائُو.

• **ٻائُوري ج ٻائُوريُونْ (ٽہ ڪ):** ث. [سن. وَرُورَ = ٻير] ٻٻُر وڻ جو هڪ قسم ـ ٻائري. ڏسو "ٻائُر".

• **ٻائُوريا (ٿ):** ذ. ٻرت جو هڪ قِسم.

• **ٻائُونْ:** ذ. صفت. منجهيل. اداس. پريشان. موڳو. حواس ياختہ. ڪڪو وڪو.

—**ٻائُونْ ٻائُونْ:** صفت. اُداس. بيدل ـ حواس باختہ.

• **ٻائِي:** اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ٻائِي ج ٻائِيونْ، ٻايُونْ:** ث. [مر. بايَڪو. وايَڪو] مائي ـ سگهڙ زال. هندو عورتن جو عزت وارو لقب "ڪانتي ٻائي، راڌا ٻائي، وغيره". ٻيڻ (ٿ). رئيسياڻي ـ سائڻ "ڏايون درمانديون ٿيون، ٻائن ٻاڏايو" (سورٺ).

—**ٻائِيلو ج ٻائِيلو (ٿ):** ذ. صفت. زالن جهڙو. ڪدڙو.

• **ٻائيتالَ ج ٻائيتالَ:** ذ. [سن. وِيتالڪَ > وِ = نہ + تالَ = تال. ڏنڪ. سُر جيڪو بي سُرو ڳائي] گوڙ شور ـ هُل بکيڙو ـ جهيڙو ـ تڪرار. واويلا ـ ظلم ـ انڌير. [ٻائيتاليهہ جو مخفف] ٻائيتاليهہ سيرو مڻ.

—**ٻائيتال ۾ پوڻ:** ويل ۾ پوڻ ـ ڏار ۾ پوڻ. مصيبت ۾ پوڻ.

مشڪل ۾ ڦاسڻ. رولي ۾ اچڻ.

• **ٻائيتاليهہ:** عددي صفت. [ٻہ > ٻائي + چاليهہ > تاليهہ] هڪ عدد ـ ٻن ايڪن ۽ چئن ڏهاڪن وارو انگ (٤٢).

• **ٻائِيجِي (ٿ):** ث. سَسُ.

• **ٻائِيرا ٻائِيا (ٿ):** ذ. گاهہ جو هڪ قِسم.

• **ٻائِيرِپَ:** اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ٻِبَ ج ٻِبُونْ:** ث. صفت. قد ۽ ٻُت جو وڏو (جانور). تمام وڏو ۽ ٿُلهو. بي ڍولو. (ث) هرڪا ٿُلهي ساهواري شيءِ جا مَس رڙهي سگهي (ل) ڦَڦُنهُنْ. آفت.

• **ٻٻاٽو ج ٻٻاٽا:** ذ. صفت. ٻاٻاٽو. آٻاٽو. (ث) ٻٻاٽِي ج ٻٻاٽِيون.

• **ٻٻَر:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **ٻٻَرُ:** اسم خاص. "ٻٻَر" قبيلي جو فرد. (ذ) پکيءَ جو هڪ قِسم (جو پنهنجو آکيرو مُرليءَ جي شڪل جهڙو ٺاهيندو آهي) ـ روڏو ـ ڪوري پکي.

• **ٻٻُرُ ج ٻٻُرَ:** ذ. [سن. وَرْوُرَ. وَبُلَ] سنڌ جي هڪ عام مشهور وڻ جو نالو (وڏو مضبوط وڻ. پن سنهڙا. گُلَ ڦِڪا. ڦريون "پلڙا" يا "پاپڙا" ۽ ٻج "ڇيڇڪا". ٻٻرجا قِسم: ١. سنڌي ٢. ڏِليار ٣. ڪابولي ٤. ولائتي) ـ ٻَبُول (هہ) ـ Arabia Accacia. (صفت) گهُنْڊيل (ڪ). گهنڊيدار وارن وارو.

—**ٻٻر پوکڻ:** [ٻٻر پوکي ڪنڊا پيدا ڪرڻ] اجايو ڪم ڪرڻ. ٻئي کي نقصان رسائڻ وارو ڪم ڪرڻ. اڏنگو هلڻ. دشمني وِهائڻ.

—**ٻٻَرليٽائڻ:** ڪنهن وڏيءَ شيءِ کي ڪيرائڻ. پاڻ کان ڏاڍي کي دسڻ. واقعي بهادريءَ جو ڪم ڪرڻ. ڳالهہ ۾ اجايو وڌاءُ ڪرڻ. ٻٽاڪ هڻڻ ـ لاف هڻڻ.

—**ٻٻرن کان ٻير گهُرڻ:** جنهن مان ڪم ٿيڻ جو آسرو نہ هجي تنهن ۾ ڪم جي اميد رکڻ. نہ ٿيڻ جهڙي سَڌ ڪرڻ. ناممڪن طلب ڪرڻ. اجائي توقع ڪرڻ. ناداني ڏيکارڻ.

—**ٻٻُري ج ٻٻُريُون:** ث. ٿوري وقت جو ڄاول ٻٻر جو وڻ. ننڍڙو ٻٻُر (جو وڏي وڏو وڻ نہ ٿيو هجي).

• **ٻٻَرَ:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ٻٻُرالو:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ٻٻُراٽو:** اسم خاص. ڪراچيءَ واري اراضي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ٻٻُراڻِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر ٺٽي ۽ حيدرآباد ضلعن ۾). هوتواڻي ۽ گورچاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **ٻٻَرلو:** اسم خاص. [ٻٻَر = قوم جو نالو + لوءِ = ڳوٺ] تعلقي

ملاوت ـ جوڙ ـ ڳنڍ. جوڙو ـ جُٽ. ميلاپ. لاڳاپو ـ تعلق.
سمجهه ـ ٻيٽَ (لس) "ٽنڊي وڏي ڳالهه جي. جو نه سمجهي ٻٽَ:
شعر تنهن شاعر جا جهڙا ڳڏهه جا ٽٽَ".
—**ٻٽَ ڳالهائڻ:** طرفداريءَ سان ڳالهائڻ.
• **ٻٽَ ، ٻِٽ:** صفت. ٻه ڳڏ ـ ٻيلهه ـ جوڙو ـ جُٽ. ڪُلهو ڪُلهي ۾ ـ شامل ـ ڳڏ "ڪيئن اُپرئين ڪيوڙا، تون ٻِٽ ٻِهر سان ٻيلهه" (سگهڙ). سان ـ ساڻ. برابر. ڪير ڪندو ـ رل مِل ـ ميلاپ ۾ ـ هم صلاح. هڪ جهڙو ـ مَٽ.
—**ٻٽَ ٻڌڻ:** ٻيلهه ٻڌڻ ـ جوڙ ٿيڻ.
—**ٻٽَ ٿيڻ:** (ڪچيءَ جو اصطلاح ۾) هڪ ٻُونڊ ۾ ٻٽيون ڪارڪون پيدا ٿيڻ.
—**ٻٽَ ڪرڻ:** سلهاڙڻ ـ ڳڏ ٻڌڻ ـ جُٽ ٻڌڻ. شامل ڪرڻ ـ ڳڏ ڪرڻ. همراه ڪرڻ.
• **ٻٽَ ج ٻِٽُون:** ث. ٻِٽُ ـ ٻِٽي ڳڏي.
• **ٻِٽُ ج ٻِٽَ:** ذ. [سن. ڌو = ٻه] ٻن آڱرين سان ڪيل اشارو.
—**ٻِٽَ جهلڻ:** ڳڏيون جهلڻ. ٻي آبرو ٿيڻ.
—**ٻِٽَ هڻڻ:** ڳڏيون هڻڻ. ٻي آبرو ٿي ڪرڻ. جوڳي جٽ ڪرڻ. بيعزتيءَ واري سزا ڏيڻ.
• **ٻِٽَ (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ٻِٽَ:** ث. هوا جي بند ٿي وڃڻ سبب مونجهه ـ گهُٽ. گرميءَ ڪان مونجهه ـ ٻُوسٽ ـ اُڪرس. ماٺ ماٺار ـ خاموشي ـ سانت. ماٺائي (ڏنڊي وغيره جي). ٿاٻڙ جلدائي ـ تڪڙ چِڪَ ـ چِٻي ـ سَٽَ (ڪ). ڊوڙ (ڪ). بيهوشي ـ بي سُرتائي. جوئر ٻاجهري وغيره جي سنگن (اَنّ) کي ڪيئنئن لڳڻ جي حالت (پوڪ کي اها بيماري سنگ نسرڻ وقت لڳندي آهي. جنهن ۾ سنگ نسري ويندو آهي، پر اَنّ نه ڪندو آهي).
—**ٻٽَ ڏيڻ:** راند ۾ زور سان ٺيلهو ڏيڻ ـ ڌڪو ڏيڻ. روڪڻ ـ ماٺ ڪرائڻ. ٻُل ڏيڻ ـ سُوٽَ ڏيڻ. حقي کي زور سان چِڪَ ڏيڻ. تڪڙو ڊوڙڻ (ڪ). تکو ڀڄي غائب ٿيڻ.
—**ٻٽَ ۾ پوڻ:** بيهوشيءَ ۾ پوڻ ـ ٻوڙاهه ۾ پوڻ. بيمار هجڻ.
• **ٻٽَ ج ٻٽُون:** ث. ڍڪ ـ پردو. ڇاڙيءَ جي جوڏاري ٻڌل ڪپڙو ("ٻِٽَ" پاڻ لڪائڻ خاطر يا سردي" ڪان بچاءَ خاطر ٻڌبي آهي، جنهن ۾ مُنهن جو گهڻو حصو وات سميت لڪي ويندو آهي ۽ ماڻهو سڃاڻپ ۾ نه ايندو آهي). لونگي يا چوٽي بر وارو سنهون ڪپڙو (جو طهر شاديءَ يا ونگارتي حجام ۽ مڱڻهار کي مٿي تي ٻڌائيندا آهن). ڍڳي جي اکين تي اکيا چاڙهي اُن جي مٿان ٻڌل ڪپڙو (ت).
—**ٻٽَ ٻڌائڻ:** ٻٽڪو يا پڳ ٻڌائڻ (لنگهي يا حجام کي شاديءَ جي موقعي تي).
—**ٻٽَ ٻڌڻ:** ڪنن ۽ ڪاڏيءَ کي ڪپڙو ويڙهڻ.
—**ٻٽَ هڻڻ:** ٻٽَ ٻڌڻ.
• **ٻِٽَ:** ظرف. اصل ـ ٻٽيءَ هرگز ـ مُورهين. سراسر ـ برابر. ٻِڪ ـ ضرور. بلڪل ـ آخرڪار ـ نيٺ. هروبرو. سڌو ـ آرپار ـ ٻِسٽ.. يڪ ساهي. جلدي ـ اوچتو.
• **ٻِٽُ ج ٻِٽَ:** ذ. ڌڪ ـ ايذاءُ صدمو. ٺيلهو. جانور کي ڪَن ۾ وڌل ڪَڪر (سڃاڻپ لاءِ). نشان ـ وڍ. ڪير يا پاڻيءَ جو ٻِٽو (ڪ) ـ سُرڪ. ڪَرڙي (ڪ). تمام گهٽو نشو.
—**ٻِٽُ ڏيڻ:** سڀ ڪجهه ڪٽي وڃڻ. ڪجهه به نه بچائڻ. ڌڪ ڏيڻ. تڪڙو ڊوڙڻ. لِڪي وڃڻ. ڀڄي وڃڻ (ت). قبائڻ. بيپرواهه ٿيڻ.
• **ٻِتاڪ ج ٻِتاڪُون:** ث. ڊاڙ ـ لَباڙ ـ لاف وڏاءَ واري ڳالهه ـ ڪوڙ.
—**ٻِتاڪ لڳڻ:** لاف لڳڻ "فلاڻي جي ٻتاڪ پئي لڳي".
—**ٻِتاڪ هڻڻ:** ڊاڙ هڻڻ ـ لاَف هڻڻ. ڪوڙ هڻڻ.
—**ٻِتاڪي ج ٻِتاڪي:** ذ. صفت. ڊاڙي ـ لباڙي ـ لاف هڻندڙ. ڳالهه ۾ وڏاءُ ڪندڙ. ڪُوڙو.
• **ٻِتا ڪلهوڙا:** اسم خاص تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ٻِتانگ ج ٻِتانگُون (ل):** ث. ٻتاڪ.
• **ٻِتانگُ ج ٻِتانگَ (ت):** ذ. صفت. ڏکهو ـ لاٻٽ.
• **ٻِتائڻ:** مصدر. بند ڪرائڻ. پوُرائڻ. گهُٽائڻ. بيهوش ڪرائڻ. (ٻِتايو ـ ٻِتائيندو ـ ٻِتايل).
• **ٻِتائي:** ث. ٻيِڻ . ٻيٽائي ـ ڏوٽائي "ٻنجن جي ٻِتائي = ڏهه".
• **ٻِٽ ٻِٽ:** ث. گهوڙي جو تکي ٻنڌ ۾ (سُنبن جو) آواز. ٽڪاءُ. ڪوڙي ساراهه ـ خوشامد ـ چاپلوسي.
—**ٻِٽ ٻِٽ ڪري مارڻ:** آواز سان مارڻ. ٺڪ ٺڪ ڪري مارڻ.
• **ٻِٽ ٻَري، ٻِٽَ ٻِهي:** ث. مٽيءَ ۽ ٿهن ڳنڍيل اَنّ ڪُڊيءَ وارو اَنّ.
• **ٻِتجڻ:** مصدر. "ٻِتڻ" مان فعل مجهول. گهُٽجڻ ـ ٻوساٽجڻ ـ هوا جو بندجڻ ـ اُگهٽجڻ. بندجڻ ـ پُورجڻ. ٻوُڄ اچي وڃڻ. (چلم جو) ڊڙڪو نه ڪرڻ ـ (چلم مان) ڦوڪ نه اچڻ (ناڙي) بند ٿيڻ (جيئن ٻج هيٺ نه وهي). (نڪ جو) ٺڏ ۾ بند ٿيڻ. بيهوش ٿيڻ. (ٻِتيو ـ ٻِتبو ـ ٻِتيل).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

—**ٻڪجي وڃڻ:** بند جي وڃڻ. پورجي وڃڻ ـ گھٽجي روئڻ سان گھُٽجي وڃڻ.

• **ٻٽريل ج ٻٽريل:** ذ. [انگ. butler] حاضريءَ جو نوڪر. ماني ڪارائيندڙ نوڪر. بورچي.

• **ٻٽڙا:** اسم خاص. تعلقي ڪڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻٽڙا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ٻٽڙي:** ث. جوئرجو هڪ قِسم (جنهن جي هرهڪ تُهه ۾ ٻه گڏ داڻا ٿين).

• **ٻٽ سرائي:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو. (تعلقي ميهڙ ۾ انهيءَ ذات جي نالي پويان) ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو.

• **ٻٽڪ ج ٻٽڪ:** ذ. ڪنن وڍيل ـ ٻٽو ـ ٻُسو (چوپايو مال).

• **ٻٽڪار ج ٻٽڪرون:** ث. چوپائي مال کي سڏڻ جو آواز. داٿو يا ڪاٺي جي شيءِ ڏيکاري وهٽ کي ريٻڻ ۽ جهلڻ لاءِ ڪيل آواز. ٻچڪار.

• **ٻٽڪلو ج ٻٽڪلا:** ذ. ٻتاڪي ـ ڊاڙي ـ لباڙي.

• **ٻٽڪڻ (ل):** مصدر. تڙڪو ڏيئي پچي پوڻ. تڙڪڻ. ٺڙڻ. (ٻٽڪيو ـ ٻٽڪندو ـ ٻٽڪيل).

• **ٻٽڪو ج ٻٽڪا:** ذ. پچڻ جو آواز ـ تڙڪو ـ ٺڪاءُ. ڪرڻ جو آواز ـ ڦهڪو ـ زيڪو.

• **ٻٽڪاڙڻ:** مصدر. زور سان پرڻ ـ ڦسڻ ـ گھُچڻ. دٻڻ. زور ڏيڻ. (ٻوتڪاڙيو ـ ٻٽڪاڙيندو ـ ٻٽڪاڙيل).

• **ٻٽڻ ج ٻٽيون:** ث. ٻن سارين سان راند. نوٽڻ راند ۾ ٻن ٻن پرين ٽڻن جو داءُ ـ ٻيگھي. جهيڙو (فقط ٻن ماڻهن جي وچ ۾).

—**ٻٽڻ مچڻ:** ٻيگھي لڳڻ. ٻن پاسن کان فائدو ٿيڻ. هر طرح فائدو ٿيڻ. مَڪو مچڻ.

• **ٻٽڻ، ٻٽڻ ج ٻٽڻ، ٻٽيون:** ث. پاٽيءَ جي پکيءَ جو هڪ قِسم (جو فقط ڪناري تي ويهي) ـ گھيٽي.

• **ٻٽڻ:** مصدر. بند ڪرڻ ـ پورڻ. ٻٽڻ. ڪپڻ ـ وڍڻ. ٻٽو ڪرڻ. جمائي ڇڏڻ (جئين سرديءَ ۾ ڪاشيءَ جمي وڃي). ٻٽيو ـ ٻٽيندو ـ ٻٽيل).

• **ٻٽو ج ٻٽا:** ذ. ٻتاڪي. بدمعاش. لُچو. چالاڪ. هڪ قِسم جي مڇي (ل) ـ گَنڊڻ.

• **ٻٽ ج ٻٽا:** ذ. ٻيٺو. ڍهرو. ٻه پڙو ـ ٻه تهو. گڏ جاول (ل) ـ جاڙو. ڪي ٻه ٻه شيون ـ جوڙو. جُوئرجي سنگن جو جوڙو (جو لاباري وقت لاٿيءَ ۾ ڏجي). ٻه پيرا ڏيکاريندڙ (انگ). (ث) ٻٽي ج ٻٽيون.

• **ٻٽا:** ذ. ٽانگي جو هڪ حصو (ٻه ڏگھيون ڪاٺيون. جن سان سَرائيءَ ۽ ڪمان کي بند ڪندا آهن).

—**ٻٽا پيئڻ:** گڏيل ڏک پيئڻ.

—**ٻٽائي:** ث. ٻيڻ ـ ڏوٽائي "پنجن جي ٻٽائي = ڏهه".

—**ٻٽو بالواسطه:** ذ. اهو فعل جنهن جو فاعل ٻئي ڪنهن جي معرفت ڪم ڪرائي ("احمد راند ڪرارائي. يعقوب گهوڙو ڊوڙارايو" انهن جملن ۾ 'ڪرارائي' ۽ 'ڊوڙارايو' فعل متعدي ٻٽو بالواسطه سڏيو ويندو آهي).

—**ٻٽو ڏيڻ. ڪيڻ (ت):** پوک کي ٻيو پاڻي ڏيڻ.

—**ٻٽو ڪرڻ:** (موچين جي اصطلاح ۾) چمڙي کي اَنڊرسُ يا استرڏيڻ.

—**ٻٽو ڪُنَر (ٿ):** ذ. چوپائي مال جي سڃاڻپ جو هڪ نشان (داغ).

—**ٻٽو ڪُٺ (ڪ):** ذ. پرت جو هڪ قِسم

—**ٻٽو لولو:** ذ. ٻپڙي بُسري يا گِرهاڙي.

• **ٻٽو ج ٻٽا:** ذ. صفت. ڪنن ڪپيل ـ ڪُرو. ڪنن يا پُڇ کان سواءِ. اَٿپورو. ننڍو (نالو). ڪنن پڳل (ٺڪر جو ٺانءُ). بدصورت ـ ڪوجهو. زيورن کان سواءِ ـ ٻُسو. بدزيب. بيغيرت. بي مانو. بحيا. سُرڪ ـ ڏُڪ ـ ٻٽُ (ڪ). (اسم خاص) هڪ نٺڻ جو نالو. (ث) ٻٽي ج ٻٽيون.

—**ٻٽو اکر ج ٻٽا اکر:** ذ. اهڙا اکرجن تي حرڪتون يا لاڪنائون نہ هجڻ (هندو سنڌي اکرن).

—**ٻٽو ڪوهُ:** ذ. آسمان جو هڪ نکٽ (جيڪو چيٽ جي مهيني ۾ 'وات' جي پرسان اڀري).

—**ٻٽو گندُهُ (ت):** ذ. صفت. بدنام ـ خوار.

—**ٻٽو ڪرڻ:** ڪن ڪپڻ. ڪنا پچڻ.

—**ٻٽي ڪرڻ:** ڪن ڪپڻ. (اصطلاحاً) ڪپت ڪرڻ "ٻبر جا ٻٽي ڪئي، تنهن کي ڪن ڏيندو ڪير"

—**ٻٽو نالو:** ذ. چڙو يا رکو نالو (اهو نالو جو ڪنهن تعظيمي لقب يعني جناب، صاحب، محترم، مسٽر وغيره کان سواءِ ورتو وڃي).

• **ٻٽوان، ٻٽوٺان:** ذ. ڪنن تائين ڪتريل وارُ ـ شرعي وار. علوي وار.

• **ٻٽوان ڪرڻ:** ڪنن جي پاڙ جي سَنوت تائين وار ڪتري ڇڏڻ. شرعي وار رکائڻ.

• **ٻٽوڙ:** ذ. مٿي جا وار (جي وچ تان ڪوڙيل ۽ رڳو ٻن پاسن کان ڇڏيل هجن). مٿي جا قلمر ـ چُوٽا. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **ٻٽيھولَج:** ذ. وڏو بدمعاش ـ اُٺوري.

– **ٻٽيھي ج ٻٽيھيُون:** ث. ماڻھوءَ جي ٻنھي ڄاڙين وارا سيئي ڏند ـ ٻٽيھ ڏند. ٻٽي جي ڇھ ٻار راند ۾ سانده سڀ ھٽ کٽي وڃڻ واري حالت.

• **ٻٽي ھٽڻ (ت):** ٻٽاڪ ھڻڻ ـ لاف زني ڪرڻ. اٽڪل ڪرڻ.

• **ٻَٽُ ج ٻَٽَ:** ذ. سوئر جو ڪير پياڪ ٻچو (جنھن اڃا سنگھا يا ويڄ نہ ڪڍيا ھجن) ـ ٻَتَر ـ ٻتڙو. ڪنھن بہ جانور جو ڪير ڏاٽڪ ٻچو "ٻَٽُ اباڻي پارجو چَري نہ ڏارو" (گرھوڙي).

• **ٻَٽ:** ث. ڪجھ بہ نہ ھٽڻ واري حالت ـ پينگ ـ سُڄ. ھوا جي بندش ـ گھُٽَ (ت). نابري. (ظرف) گڏ. برابر (ت).

– **ٻَٽ ڪرڻ:** نابري وارڻ ـ ناڪار ڪرڻ. نہ ھٽڻ جي وائي وارڻ.

• **ٻَٽُ ج ٻَٽَ (ٿ):** ذ. ٻوٿو ـ ٻوڙو. ٻٿُ.

• **ٻَٽَرُ ج ٻَٽَرَ:** ذ. [سن. وتسا] ٻچو ـ ٻچڙو. ڪنھن بہ جانور جو ننڍو ڦر (ھرڻيءَ يا سوئر جو) ٻچو ـ ٻَٽُ ـ ٻٽڙو.

• **ٻَٽَرُو ج ٻَٽَرَ:** ذ. ٻَٽَرُ.

• **ٻٽڙو ج ٻٽڙا:** ذ. ننڍو ٻَٽُ ـ ٻَٽَرُ ـ ٻَٽَڙُ "اڃي پيدا ٿي اوڄتي، ھرڻي وٺي ٻٽڙا ھٿي" (رمضان ڪنير).

• **ٻَٽَلُ ج ٻَٽَلَ (ل):** ذ. وڏو پيالو ـ ڄمَنُ.

• **ٻٽلو ج ٻٽلا (ت):** ذ. صفت. پورو ـ اڃو سھٽو.

• **ٻٽي ج ٻٽيُون (ت):** ث. ننڍو ڏِڳُ ـ ڏِڳڙي. ٻٽي.

• **ٻَپُ ج ٻَپَ:** ذ. خال ـ پورَ. اُونڌھ.

• **ٻپارانَ:** ظرف. [سن. ڏو = ٻہ + پارَ = درياءَ جو پاسو] ٻنھي پاسن کان "اڃي لھريون لڳيون، ٻيڙيءَ ٻپاران" (شاھ).

• **ٻپارو ج ٻپارا:** ذ. صفت. [ٻہ = ٻنھي + پارو = پارن وارو] آريار چڙھندڙ. ٻسَتِ ـ دوپارو "ھيءَ ڪَلي ڪيفي ڪار، تي ٻپارا ٻاڻ ھٽي" (شاعر).

• **ٻپتا ج ٻپتائُون:** ث. [سن. وپت، وپدا = مصيبت] آپدا ـ آفت ـ مصيبت. بدبختي ـ نياڳ ـ شامت.

• **ٻپَرَ:** ظرف. [ٻہ + پَر > پارَ = پاسو. ڪنارو] ٻپارا ـ ٻنھي طرفن جا "ٻاڻ ٻپَرَ سَلَ، سيف دوپارا، ڪن پيا تيزخنجر ڪي" (سگھڙ).

• **ٻپڙ ٻپڙَ:** اسم خاص. ھڪ ذات جو نالو (اڪثر اُتر سنڌ ۾. جن مان ٻھار نالي ٻپڙ. ميان نور محمد ۽ غلام شاھ جي وقت ۾ شاعر ٿي گذريو آھي).

• **ٻپڙ:** اسم خاص. تعلقي اُباوڙي ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

• **ٻپڙا:** اسم خاص. ھڪ ذات جو نالو (اڪثر ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾).

• **ٻپڙو ج ٻپڙا:** ذ. صفت. ٻن پڙن وارو ـ ٻن تھن وارو (ٻہ تَھو). (ذ) اُڦراٽو.

• **ٻپڙي ج ٻپڙيُون:** صفت. ٻن پڙن واري ماني ٻن پڙن واري (اجرڪ). (ث) سڀ ـ سِپي "ٻاڙو ٻيئي نہ ٻپڙي، مِنو مُنھن لڳوس" (شاھ).

• **ٻپڻُ (ت):** مصدر. زور سان پرڻ ـ گھوچڻ. دٻڻ ـ ڦسڻ. (ٻپيو ـ ٻپيندو ـ ٻپيل).

• **ٻپڻُ ج ٻپڻَ (ت):** ذ. ھڪ ماڻُ.

• **ٻپونڊُ (ٿ):** ث. ھر ھر ڊوڙَ. ڪنھن ڪم لاءِ ڍري ڍري وڃڻ جي حالت.

• **ٻپوھارَ:** اسم خاص. تعلقي مِٺيءَ ۾ ھڪ ديھ جو نالو.

• **ٻپھرُ:** ذ. [ٻہ + سن. پرَھرَ = پھر] ٻن پھرن جو وقت (سياري ۾ جڏھن اٽڪل اڍ ڏينھن گذري ۽ اونھاري ۾ جڏھن سج ڪاپار تي اچي) ـ منجھند. اڌ ڏينھن. ڏينھن جو وچ.

– **ٻپھرو ج ٻپھرا:** ذ. ٻن پھرن جي ماني يا آرام ـ مانجھاندو.

– **ٻپھرو ڪرڻ:** منجھند جي ماني کائڻ ۽ آرام ڪرڻ ـ مانجھاندو ڪرڻ. منجھند جو وقت گذارڻ ـ ڏينھن ٽارڻ.

– **ٻپھري ج ٻپھريُون:** ث. ٻپھر. ٻپھرو. اڳين نماز. ظھر جو وقت.

– **ٻپھري کائڻ:** منجھند جي ماني کائڻ.

• **ٻپي ج ٻپيُون:** ث. ٻپي ـ ڄَٽَ ـ ڏاڙر. دلبو ـ ڏٽو. ريب.

– **ٻپيون ٻڌڻ:** ـ ڏَٽا ڏيڻ ـ دلبا ڏيڻ ـ ٻپيون ٻڌڻ. خوشامد سان پيش اچڻ. حرفت سان پيش اچڻ.

• **ٻپيرا:** اسم خاص. ھڪ ذات جو نالو.

• **ٻجُ ج ٻجَ:** ذ. [سن. ٻيج، ويج = ٻج] ڪنھن بہ فصل يا پوک جو ٻجُ ـ تخم. [سن. ويريہ] مني ـ نطفو ـ ويرج. نسل ـ ٻنُ.

– **ٻجارو ج ٻجارا:** ذ. صفت. ٻج وارو. ٻج پريل. ٻجائتو ـ ٻجيرو.

– **ٻجائتو ج ٻجائتا:** ذ. صفت. ٻجارو.

– **ٻج پرڻ:** پوکڻ مھل اَنُ ماپڻ. ٻصر يا سارين جي پوکيل ٻج کي پاڻي ڏيڻ.

– **ٻج پوکڻ:** ڪنھن بہ فصل جو تخم ڪاشت ڪرڻ. پوک جو تخم زمين ۾ گڏڻ.

– **ٻج ڇٽڻ:** تخم زمين ۾ گڏڻ.

– **ٻج رکڻ:** آئينده پوکڻ لاءِ ٻج داڻن جا سنگن جي صورت ۾ محفوظ ڪري رکڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **ٻج ميڙڻ:** تخم گڏ ڪرڻ.

– **ٻج واٽي ج ٻج واٽيون (ث):** ث. ٻج گڏڻ لاءِ هر سان ٻڌل ڪاٺ جي پوري نلي ـ ناڙي.

– **ٻجيرو ج ٻجيرا:** ذ. صفت. ٻج وارو. ٻجارو. انّ وارو ـ ڦلو. (ث) ٻجيري ج ٻجيريُون.

• **ٻجارَ:** (ڪ) شاديءَ ۾ مليل ڏيپ.

• **ٻجارڻِ:** ث. سارين جي ٻيجي لاءِ ٻارا. روت لاءِ ٻيجو ـ سَلا. سارين جي ٻج پوکڻ جو هڪ نمونو (جنهن ۾ ناڙيءَ رستي ٻج پوکيو وڃي).

• **ٻجارَڻُ:** مصدر. [سن. ٻيج. وِيج = ٻجَ] ٻج ڇٽڻ ـ ٻج پوکڻ. ٻج وجهڻ. سارين جو ٻج پوکڻ. (ٻجاريو ـ ٻجاريندو ـ ٻجاريل).

• **ٻجاري ج ٻجاريونْ:** ذ. ٻج جي ڇٽ. فريب ـ ٺڳي ـ دغا ـ دولاب. ٻہ گڏ جاريون.

• **ٻجرو ج ٻجرا:** ذ. ننڍو ٻنو ـ ٻنجرو. سنئين ڇت جي چوڏاري ننڍو ٻنو. جاءِ جي مهاڙي. [هه. ٻجْرا] درياءَ تي مزي خاطر سير لاءِ ٻيڙي ـ جهمٽي "لنگهي عالم امڪاني ويجها وصل ٿيا؛ پاڻيءَ تنهن پيا. جت ٻيڙيون ٻجرا ٻڌيون".

• **ٻَجَڙَ:** ث. ترار.

• **ٻُجَڻُ (ڪ):** مصدر. ٻُجهڻ ـ سمجهڻ.

• **ٻجو ج ٻجا:** ذ. ڪارڪ يا انب جي ڪڪڙي. ڪنهن ميوي جو اندريون گودو يا ڳڀ.

• **ٻُجو ج ٻُجا:** ذ. ٻَنْدُ ـ ٻنْدو. ٻنجو ـ ٻوڇ. ڏٽو ـ ڏوٽو. نار جي مڪڙيءَ کي پختو ڪرڻ لاءِ وڏي ڇپر. (صفت) سڄو ـ سارو. سمورو ـ سربستو. اَڻ وڍيل.

• **ٻجورا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. ٺٽي ۽ سڄاول تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **ٻجورو ج ٻجورا:** ذ. صفت. ٻچاپڙو ـ چاپلوس. (ذ) ٻرت جو هڪ قسم (ڪ).

• **ٻجويو ج ٻجويا:** ذ. صفت. ٻن جوين يا زالن وارو. ٻچاپڙو.

• **ٻُجِي ج ٻُجِيُونْ:** ث. شيشي وغيره جي منهن بند ڪرڻ جي ڏوٽِي ـ ٻُنجِي.

• **ٻُجَڻُ:** مصدر. [سن. بُڌْ + ڄاڻڻ] ٻُجهڻ ـ پروڙڻ. اُسائجڻ. اُجائجڻ. هلاڪ ٿيڻ. تڪجڻ. (ٻُجيو ـ ٻُجندو ـ ٻُجيل).

• **ٻَجهہَ ج ٻجهُونْ:** (ت): ث. غلطي ـ ڀُلَ.

• **ٻَجهہُ:** ذ. [سن. بَنْڌْ = ٻڌڻ. بَدْدَڪْشْتہ] پائخاني جي ٻَجهہَ ـ قبضي. جانورن جي هڪ بيماري (جنهن ۾ سخت. سُڪل ۽ ديرهضم گاهہ گڏ ٿيڻ ڪري ڳُجي ٻمجي پوندي آهي).

• **ٻُجهہَ:** ث. [سن. بُڌ = ڄاڻ] ٻُوجهہ ـ سمجهہ ـ ٻُڌي.

• **ٻُجهارَتَ ج ٻُجهارَتُونْ:** ث. ڳجهارت "ٻولِي ٻُجهارت. جوڳيان سنديءَ ذات جي" (شاهہ: رامڪلي).

• **ٻُجهاڻِ(ث)، ٻُجهاڻُ:** ذ. [سن. بُڌم = ڄاڻ] ٻُوجهہَ ـ ٻوڌَ ـ پروڙ. سُرت. عقل.

• **ٻجهاءُ:** ذ. [سن. بَنْڌ = ٻَڌڻ] ٻَجهہُ ـ قبض. جهَلَ. اَٽڪ. روڪ ـ رنڊڪ. ٻَنڌڻ. ڳُنڊ. ڳچيءَ جي ڳنڊ.

• **ٻَجهائِڻُ:** مصدر. ٻڌائڻ. بند ڪرائڻ. سوگهو ڪرائڻ. جڪڙائڻ. لاجواب ڪرڻ (بحث ۾) ـ منجهائڻ. (ٻَجهايو ـ ٻَجهائيندو ـ ٻَجهايل).

• **ٻُجهائِڻُ:** مصدر. [سن. بُڌْ = ڄاڻڻ] سمجهائڻ ـ ٻُڌائڻ. معلوم ڪرائڻ. مغز ۾ ويهارڻ. اُجهائڻ ـ وسائڻ. (ٻُجهايو ـ ٻُجهائيندو ـ ٻُجهايل).

• **ٻَجهڙَڪَ:** ث. [سن. بَنْڌ = ٻَڌڻ] اٽڪاءُ ـ اَڏ. رنڊڪ ـ روڪ.

– **ٻَجهڙڪ ڏيڻ:** ڪوڏين يا ڇِيلهي راند ۾ واهون بند ڪري راند ڪٽڻ.

• **ٻُجهڪي ج ٻُجهڪِيُونْ (ث):** ث. [ترڪي بغچه] بُجڪي ـ بُشڪي. چم يا ڪپڙي جي ڳوٿري.

• **ٻَجهَلُ ج ٻَجهَلَ:** ذ. صفت. [سن. بَنْڌ = ٻَڌڻ] بند ٿيل ـ ٻڌل. اَڻ چُرندڙ ـ اَڻ ڦِرندڙ. بيٺل. اَجهَل ـ اَڻ واريو. ارڏو. نـِـر ـ بي ڇيو. سرڪش ـ ضدي ـ هوڏي. سوگهو ـ مضبوط. زورائتو وهندڙ ـ ڏسو "ٻـِجَل".

• **ٻَجهَڻُ: مصدر.** [سن. ٻَڌ. بَنْڌ = ٻڌڻ] ٻڌجڻ. بندجڻ. گرفتار ٿيڻ. ڦاسجڻ. جڪڙجڻ. سوگهو ٿيڻ ـ قابو ٿيڻ ـ مضبوط ٿيڻ. ٻڌجي وڃڻ (ڪير ڪري خراب ٿيڻ). ڄمي وڃڻ (پاڻي) ـ يخ ٿيڻ. (پاڻيءَ جو پاري اندر) ٻڌجڻ. هڪ هنڌ ويهڻ ـ دڳو ٿيڻ. بند ٿيڻ ـ روڪجڻ (پاخانو). اٽڪي پوڻ ـ ڦاسي پوڻ (ڪاڏي جو نڙيءَ ۾). دل لڳڻ. ملِي وڃڻ. سنگتي ٿيڻ. هيراڪ ٿيڻ. ٻڌل رهڻ. ٻانڌاڻ ٿيڻ. پورو ٿيڻ (سِٽ يا جملو). (ٻڌو ـ ٻجهندو ـ ٻڌل).

– **ٻَجهِي پوڻ:** ڦاسي پوڻ. بند جي پوڻ (پاخانو). اٽڪي پوڻ (نڙيءَ ۾ ڪاڏو). سُڪي چوڙ ٿيڻ (لڳ). بندجي پوڻ (عضوا).

• **ٻُجهَڻُ:** مصدر. [سن. بُڌ = ڄاڻڻ] پروڙڻ ـ سڃاڻڻ "جن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُکَ ڪرڻ ـ مضبوط ڪرڻ ـ قابو ڪرڻ. جهلڻ ـ پڪڙڻ. گرفتار ڪرڻ. بَنْدڻ. جوڙڻ (ڏِڳا، نار يا هر ۾). جوريءَ وهٽ ٻڌي ڪاهي وڃڻ. جوريءَ جو وهٽ ٻڌي بيهارڻ. وٺڻ ـ جهلڻ (چور). مقرر ڪرڻ (ڏائي، تٽ). رکڻ (شرط). نڀائڻ (لوازمو لاڳ، رڪب). ناهڻ (بيڙيون). جوڙڻ (بيت). مڙهڻ (الزام). [ٻڌو ـ ٻڌندو ـ ٻڌل].

– **ٻڌي ڇُٽي:** ث. جوڙڻ ٻڌڻ جي حالت. حلّ وعقد. ڪُلي اختياري ـ عام مختياري. چوري.

– **ٻڌي ڇُٽيءَ جو مالڪ هُئڻ:** سڀ ڳالهه جو مختيار هئڻ.

• **ٻُڌڻ:** مصدر. [سن. ٻڌ] سُڻڻ ـ ڪَنُ ڏيڻ ـ خيال ڏيڻ ـ توجه ڪرڻ. (ٻڌو ـ ٻڌندو ـ ٻڌل).

• **ٻڌو ج ٻڌا:** ذ. اسم مفعول. [سن. بدّ] ٻڌل. اَڻ ڇُٽيل. اَڻ ڪليو ـ بند (مال). [سن. دُوڌا] ٻه ڳنڍ ـ ٻڌو "هتان پيئي تن. ٻڌا ٻاڻ هٿن جي" (شاهه). (ظرف سمورو ـ سڀ ڪُل ـ اُڪو. (ث) ٻڌي ج ٻڌيون.

– **ٻڌو ٻانهو:** ذ. وفادار نوڪر. ٻنا لالچ جي خادم.

– **ٻڌو ٽپُ:** ذ. ٻئي پير ڳڏي ڏنل ٽپ ـ ٻڌَ.

– **ٻڌو سودو:** ذ. اُڪو سودو. مٺن جي حساب سان يا ٻڌو ورتل سامان.

– **ٻڌو مُٺو:** ظرف. اُڪو ـ سمورو. دوهِ شوهِ.

• **ٻُڌو ج ٻُڌا:** ذ. بيوقوف ـ احمق ـ بيعقل. مرڳو.

• **ٻڌي ج ٻڌيون:** ث. [سن. ٻَنْدَ = ٻڌڻ] اتّفاق ـ اتّحاد ـ يڪمشتي. ميلاپ. سنگت (ٻاراٽيءَ راند ۾) ـ دوستي ('اوڻي' جو ضد). يڪراءِ ـ هڪ صلاح. منصوبو. اُهو انگ جنهن کي ٻن سان ونڊي سهگجي" ('اڪيءَ' جو ضد).

• **ٻُڌي ۽ ٻُڌيون:** ث. [سن. ٻُدّ = ڄاڻڻ] سمجهه ـ عقل ـ ٻُڌ.

– **ٻُڌي اِندري:** ث. عقل. سمجهڻ جو حواس.

– **ٻُڌي هيڻُ:** صفت. ضعيف العقل. بيهوش.

– **ٻُڌيوانُ ج ٻُڌيوانَ:** ذ. [سن. ٻُڌِ مَانَ] سمجهو ـ عاقل ـ ڏاهو ـ هوشيار.

• **ٻَڌَ ج ٻَڌُون (ک. ڪ):** ث. ڏيرُ گاهه جي پاڙ (ڏندن ۾ ٿئي، ٻَناتي وانگر گول، مٽان ڪاري، اندران رنگ اڇو. غريب ماڻهو ڪُٽي مال کي ڪارائين ۽ ڏڪار وقت پاڻ به کائين. ڏٽ طور ڪم اچي) "موليٰ ڪررحم، ٻَل ڪونهي ٻَڌ ۾" (ڪامل).

• **ٻڏاٽڪو ج ٻڏاٽڪا:** ذ. صفت. بيحيا ـ بيشرم ـ نرلجو. ناديدو ـ ناشناس.

• **ٻڏائين:** ظرف. ٻه دفعا ـ ٻه ڀيرا "هَي ٻر اڳارن. ٻڏائين ٻرن جي" (شاهه).

• **ٻڏ تر:** ث. ڳڻتي ـ ويچار. اُن تڻ ـ هُر ڪر.

– **ٻڏ تر ڪرڻ، ٻڏ ٻڏ ڪرڻ:** خيال ۾ ٻڏڻ ترڻ. ڳڻ ڳوت ڪرڻ. ڳڻتي ڪرڻ. دل من هٽڻ.

• **ٻڏَلُ ج ٻڏَلَ:** ذ. مصدر "ٻڏڻ" مان اسم مفعول. پاڻيءَ ۾ اندر پيل ـ زير آب ـ غرق ٿيل. نير ۾ رڱيل (ڪپڙو). ويل قرض يا رقم (جا وصول نه ٿي سگهي). (ث) ٻڏَلَ ج ٻڏَلُون.

– **ٻڏل رقم تارڻ:** نه وصول ٿيڻ جهڙو قرض وصول ڪرڻ.

– **ٻڏلن (ٻڏن) کي ٻانهون ڏيڻ:** هيڻن جي حمايت ڪرڻ. بي وسيلن جي واهر ڪرڻ. ڏکوين جي مدد ڪرڻ. بيواهن جي واهُ ٿيڻ. مظلومن جي داد رسي ڪرڻ ـ ٿڪن تي تورو ڪرڻ.

• **ٻڏَنْدو ج ٻڏَنْدا:** ذ. صفت. ٻن ڏندن وارو وهٽ ـ ٻڙاندو وهٽ. نئون جوان ڏڳو. (ث) ٻڏَنْدي ج ٻڏَنْديون.

• **ٻڏڻ:** مصدر. [سن. ٻُل = ٻوڙڻ، ٻڏڻ، ٽٻي هڻڻ] پاڻيءَ ۾ هيٺ وڃڻ ـ زير آب ٿيڻ. غرق ٿيڻ ـ ٻڏي وڃڻ. حرص هوس ۾ ڦاسڻ. بيهوش ٿيڻ (دل ٻڏڻ سبب). شرمندو ٿيڻ. دل هٽڻ ڳڻتي ڪرڻ. (ٻڏو ـ ٻڏندو ـ ٻڏل).

– **ٻڏڻ ترڻ:** ڳڻتيون کائڻ. ٻه چتو ٿيڻ. دل هٽڻ. ويچار ڪرڻ.

– **ٻڏو ج ٻڏا:** ذ. ['ڏٻو' جي تقليبي صورت < دبو < دَبه] ڏٻو ـ دبو.

• **ٻڏو ج ٻڏا:** ذ. [سن. ٻٽْ، ٻڌ = پٽڻ، پاراتو ڏيڻ. غضب ڪرڻ. چينڻ. عيب ڪڍڻ. گلا ڪرڻ] عتاب ـ ڪاوڙ ـ ڏمر. چڙ. ڏوراپو. طعنو ـ مهڻو. وڏَ ـ عيب ـ سڱر. بهتان ـ تهمت.

• **ٻڏو ج ٻڏا:** ذ. رڱ ٻڏل ڪپڙا. خدمتگارن وارا سادا ڪپڙا "آءٌ پڻ وڃي ڪيچ، ٻڏا ٻانهن جينءَ ڪريان" (شاهه). (صفت) ٻڏل ـ غرق.

• **ٻڏي ج ٻڏيون:** ث. پاڻيءَ ۾ ٻڏل ـ غرق ٿيل. ناس ـ چٽ ـ نابود.

– **ٻڏي ٻيڙيءَ جون هريڙون ترڻ:** وڃايل شيءِ جو ذرو ملڻ. ڪجهه نه ڪجهه حاصل ٿيڻ.

– **ٻڏيءَ جا ٻيٽا ٿيڻ:** قربانيءَ جو اجر ملڻ. نقصان مان فائدو پوڻ "هُنهُيڻَ هُوند مئي، پر ٻڏيءَ جا ٻيٽا ٿيا" (شاهه).

– **ٻڏي وڃڻ:** غرقاب ٿيڻ. شرمندو ٿيڻ. بيهوش ٿيڻ. شَل ٿيڻ (پگهر ۾).

– **ٻڏيءَ کي ٻنا ڏيڻ:** ٻڏل ٻنيءَ کي ٻنا ڏيڻ. بي نتيجي ڪم ڪرڻ "ٻڏيءَ کي ٻَنا، چا سَنٻاهين سسئي".

- **ٻڍِ:** اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ٻڍاپڻُ:** ذ. [سن. وِردّ = پوڙهو] ٻڍڙائي ـ پيري ـ پيرسني ـ پوڙهائي ـ ڪراڙپ. ضعيفي.
- **ٻڍاپو ۽ ٻڍاپا:** ذ. ڏسو "ٻڍاپڻ".
- **ٻڍاپورِ:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ٻڍاٽو:** ذ. [سن. وِردّ] ٻڍو.
- **ٻڍاڻي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. مختلف قبيلن جي پاڙن جو نالو. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ٻڍائڻُ:** مصدر. [سن. وِردّ = پوڙهو] پيري لَڪائڻ. پوڙهو لڳڻ. پوڙهو ٿيڻ. پيرسن ٿيڻ.

— **ٻڍائپ:** ث. ٻڍاپڻ.

— **ٻڍائي ۽ ٻڍايون:** ث. ٻڍاپڻ ـ ٻڍاپو.

- **ٻڍَ چَڙهُ:** ث. تمام پيرسنيءَ جي حالت. مَت ڪس. ٻاهتريائي.
- **ٻڍَ چَڙهُ:** ذ. صفت. سڌرڻ ڪان چڙهيل. نِٽر ـ نرجو.
- **ٻڍو:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو. مرد جو نالو.
- **ٻڍو ۽ ٻڍا:** ذ. صفت. [سن. وِردّ = پوڙهو] وڏيءَ ڄمار وارو ـ پوڙهو ـ پيرسن ـ پيرمرد ـ ڪراڙو. جهونو ـ جهوُر. ڪُهنو. (ث) ٻڍي ۽ ٻڍيون.

ـ **ٻڍائِي ۽ ٻڍايُونْ:** ث. پيري ـ ٻڍاپڻ.

ـ **ٻڍڙو ۽ ٻڍڙا:** ذ. صفت. "ٻڍو" جو اسم تصغير. جهونڙو ـ پوڙهڙو. (ث) ٻڍڙي ۽ ٻڍڙيون.

- **ٻڍوديرو:** اسم خاص. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ٻَرَ:** ث. ڪامَ ـ پَچ ـ تپش. آگ (شهوت جي). ٻَڪَ ـ ٻَڙ ٻَڙ.
- **ٻَرِ:** ندا. هاءِ ـ افسوس "هَي ٻَر آتاڙنِ، ڳرا مٿن مولهيا" (شاهه).

ـ **ٻرحال:** محاورو. هَي ٻُروحالُ! بد حال. نياڳ ـ ڪمبختي.

- **ٻـَرُ ۽ ٻـَرَ:** ذ. [سن. بَلَ = زور] ٻَلُ ـ زور. پروسو ـ ڏي. پشت پناهه ـ ٽيڪ.

— **ٻـَرُ ڇَڏڻ:** ٻل ڇڏڻ. بي طاقت ٿيڻ. بي زور ٿيڻ ـ ضعيف ٿيڻ "ٻـَرُ ٻانهن ڇڏيو، ويس سيئي واهه" (شاهه).

- **ٻـِرُ ۽ ٻـِرَ:** ذ. [سن. بِلَ، وِلَ] ٻِرڙ ـ ڏرڙ. ڪنهن سُرٽي جو زمين ۾ کوٽيل سوراخ.

— **ٻـَرَن ۾ هٿ وجهڻ:** نقصان جهڙا ڪم ڪرڻ.

- **ٻـُرَ، ٻـُرِ ۽ ٻـُرُونْ، ٻُريُون:** ث. لڱن تي سنها وارَ. ڪنڌ جا وارَ. تمام سنها (مٿي جا) وارَ "نـيو نـماڻي پاڻ سين، ٻانهي جهلي ٻـُرَ" (شاهه).
- **چوٽي** ـ چڳ (ڪ). وارن جو مُچو (ڪ). گهوڙي جون ٻُشڪون. گڏهه يا خچر جي ڪنڌ جا ڊگها وارَ (ل). بخمل وغيره جي نَرم پشم. ڪپڙي جي ٻُر ٻُر. [پرا. ٻُرَ، سن. بِنْدَ] ڦُڙو ـ بوند ـ ڇندو. پاڻيءَ جا ڇندا (جي لوهار گرم لوهه تي ٺارڻ لاءِ هٽندا آهن). ٽـِڪيءَ کي سيڪڻ کان اڳ مٿانْس گيهه يا مکڻ جو مک يا هٿ.

— **ٻـَرَ پـِٽي لولِي:** ث. اُها لولي جنهن ۾ اندر گيهه پيل هجي.

— **ٻـُرَ چاڙهڻ (ت):** ڪنڌ جا وارَ (خوشيءَ سبب) سنوان ڪرڻ. خوشي ڪرڻ.

— **ٻـُرَ چَڙهڻ (ت):** (خوشيءَ سان) وار ڪاندارجڻ ـ خوشي ٿيڻ ـ سرهائي ٿيڻ.

— **ٻـُرَ ڏيڻ:** تتل لوهه کي پاڻيءَ جو ڇندو هڻڻ "هيڪر اُجهاڻيو، ڏيئي ٻـَر لُهارَ جئن" (شاهه: حسيني).

- **ٻُرا:** اسم خاص. لاسي قوم ۾ هڪ ذات جو نالو. "ٻُرفتن" جي هڪ قبيلي جو نالو.

— **ٻراتَ (ل):** ث. سڌ جو اڻ وڻندڙ جواب ـ ٻوڏ! ـ ڦُٽ!

— **ٻراٽِڻُ:** مصدر. تپجڻ ـ ٻُخار اچڻ. ڪَٽسجڻ ـ ٻَرجڻ. سوراٽجڻ ـ مروڙجڻ. (ٻراٽيو ـ ٻراٽيندو ـ ٻراٽيل).

— **ٻراٽَ:** ث. تپ ـ بخار ـ ٻرو ـ ڪٽس. ٻروٽَ ـ مروڙَ ـ سُوراٽَ.

— **ٻراٽجَڻُ:** مصدر. "ٻراٽڻ" مان فعل مجهول. تپجڻ ـ ٻَرجڻ. ڪٽسجڻ. گرم ٿيڻ ـ ڪاوڙجڻ. تيز ٿيڻ.

— **ٻراٽِيَلُ ۽ ٻراٽِيَلَ:** اسم مفعول. تپيل ـ بخار آيل. سُوراٽيل. ڪاوڙيل.

- **ٻرارِ:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ٻِراڙُ ۽ ٻِراڙَ:** ذ. [سن. بِلَ، وِلَ = ٻِرُ] ٻرڙ ـ سوراخ ـ ٺنگ. ڳِتو ـ ڳڙکو.
- **ٻُراڙَ:** ث. ماتا جي بيماريءَ جي داڻ داڻِ.
- **ٻِراڙَ ٻِراڙَ (ل):** ث. قـِتل ڪيرجون ڦُتيون.
- **ٻِراڙو ۽ ٻِراڙا:** ذ. زور سان روئڻ جي حالت ـ روڄ ـ راڙو. رڙ ـ دانهن.
- **ٻِراڙي ۽ ٻِراڙيُونْ:** ث. بيماريءَ جو هڪ قِسم (جنهن ۾ ڪياڙيءَ ۾ ڳـَرَ نڪرندو آهي جو ماس ڪائيندو ويندو آهي) ـ ٻلهاڙي.
- **ٻِرانْگَ، ٻِرانْگهَ ۽ ٻِرانْگـُون. ٻِرانْگهُون:** ث. [سن. وِڪْرامَه] ٻه قدم ـ وِک. ٻن پيرن جو مفاصلو. ٻِرهانگ، ـ

ورانگھہ ـ وڏي وِ ڪَ.

— **ٻِرانگَ، ٻِرانگھَ پرڻ:** وڏي وڪ پرڻ. قدم ڪٽڻ.

• **ٻِرانگَڻُ، ٻرانگھَڻُ:** مصدر. [سن. اُنگھَنَ = اورانگھڻ] ٻرانگ پرڻ ـ وڏي وڪ پرڻ. اورانگھڻ.

• **ٻَراوَلِ:** ث. ٻرهال ـ هيانچو. هڪ قِسم جي وَلِ.

• **ٻُرَولِ (ت):** ث. ماتا سبب بدن تي ٽيل سنهي داڻ داڻ ـ ٻُراڙ ـ ٻُرٻُر.

• **ٻِراهِي ج ٻِراهِيُون:** ث. پاٽيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم.

• **ٻَرائِڻُ:** مصدر. ٻَرو يا تپ ڏيڻ. بيزار ڪرڻ. اٿو ڳوهڻ. (ٻرائيو ٻرايو ـ ٻرائيندو ـ ٻرائيل، ٻرايل).

— **ٻَرائي وجهڻ:** ٿڪائي وجهڻ تپ ۾ مبتلا ڪرڻ. (گهڻي ڪم سبب). بيزار ڪرڻ.

• **ٻُرائِڻُ:** مصدر. [سن. وِرْ = آواز ڪرڻ] ساز مان زوردار آواز ڪڍڻ. ٻري وڄائڻ ”ترتي تند نياز سان. ٻيجل ٻُرائي“ (شاهہ). (ٻُرائيو ٻرايو ـ ٻُرائيندو ـ ٻُرائيل، ٻرايل).

• **ٻِرْٻَڙِي:** ث. زهريلي مک جو هڪ قِسم.

• **ٻِرْٻَلِي:** ث. صفت. رنڊي ـ ڪسٻياڻي ـ ڪڃري.

• **ٻِرْٻِٽي ج ٻِرْٻِٽِي:** ذ. [هہ بيربهوٽي] مِينهن وساڙو.

• **ٻِرْٻِرْ:** ث. ڪام ـ پَچ ـ ساڙو. افسوس ـ ارمان. هَي هَي ـ هاءِ هاءِ ”ڪنڌيءَ اچي سپرين، مانَ ٻَر ٻَر ڪن“ (شاهہ). آنڌ مانڌ ـ انتظار. بي آرامي ”ٻَر ٻَر باراهو، هيئِينْ اُڪو نہ لهي“ (خانزئي). تڪڙو ڳالهائڻ (جو سمجهہ ۾ نہ اچي). ٻڪ ٻڪ ”جنهن جي ٻولي ٿي ٻرٻر، سونياپانيئي رهيوا“ (رسالو).

• **ٻِرْٻِرْ(ل):** ث. زبان ڪي مِرڪائڻ جي حالت ـ مِرڪو.

— **ٻِر ٻِر ڪَرڻ:** زبان ٻاهر ڪڍي وري اندر وجهڻ. زبان مرڪائڻ (نانگ وغيره جو).

• **ٻُرْٻُرْ:** ث. داڻ داڻ ـ سنهان وارَ. غاليچي وغيره جي نرم پشم. سنهي ٻَجِ. ڪريل ڪير ۾ ٽيل داڻ داڻ. ماتا سبب بدن تي ٽيل داڻ داڻ ـ ٻِنّار ـ ڏڏري. موهيڙا. ڪيوڙي جي ڦرين تي ٽيندڙ ننڍا ٽڪڙا. سنهون ڳالهاءُ ـ ٻُڻ ٻُڻ ـ ڇُڻ ڇُڻ ”ٻہ تہ ٻُرٻُر، چار تہ چڪر متو“. جونئِن يا ڪينئِنِ جو ميڙ. ٻُرڪو.

— **ٻُرٻُر ڪينئَان پوڻ:** تمام گهڻي انداز ۾ ڪينئَان پوڻ.

• **ٻَرٻَلِڻِ:** ث. اجائي تڪڙ ـ اُبهرائي.

• **ٻُرْتَ ج ٻُرتَ (ڪ):** ذ. وڏو ڪوڙ ـ زٽ.

• **ٻَرْتالُ ج ٻَرْتالَ (ڪ):** ذ. بغض ـ حسد ـ ڪينو.

• **ٻَرْٽُ ج ٻَرْٽَ:** ذ. دروازي جو هڪ قِسم (جنهن جا طاق بانس وغيره جي پٽين سان ٺهيل هجن) ـ جعفري دروازو. مال جي واڙ ڪي بند ڪرڻ لاءِ مڙهيل دروازو (ڪ). سادو اَيٽُ (جنهن تي جنڊيءَ جو ڪم ٽيل نہ هجي). گاهہ جو هڪ قِسم (جو سارين جي پوک ۾ ٿئي، وَس تي پڻ ٿئي، ڪانو ٻاجهريءَ جهڙو پر سنهون، ٻج ڪارو چڙهڻ بعد ڪل لهي وڃي باقي اڇو چمڪندڙ ٻج رهي جو ڏٽ طور پڻ ڪائيندا آهن، ٻج جي ڪَل تمام سخت ٿئي). جبل جي گاهہ جو هڪ قِسم (ول وانگر گول پن ۽ اڇرا ڳَل ٽينس).

— **ٻَرْٽائُونْ، ٻَرْٽانئُونْ:** ذ. صفت. جعفري ڪم ٽيل (دروازو) ـ پيجرائون.

— **ٻَرْٽائُونْ دَرُ:** ذ. اهو در جنهن ۾ طاقتن بدران ڪاٺ جون وٽين واريون پٽيون هجن. تاڙين وارو در.

• **ٻُرْٽُ ج ٻُرْٽَ (ڪ):** ذ. صفت. ذرو. ٽورڙو.

• **ٻَرْجَڻُ:** فعل مجهول. تپجڻ. (ٻريو ـ ٻريل).

— **ٻَرجي پوڻ:** تپجي پوڻ. سُوراٽجڻ.

• **ٻَرْحالُ ج ٻَرْحالَ:** ذ. [ف. بَدْحال] ڏکيو حال ـ خراب حال. ڏک ـ سور. تڪليف. نياڳ ـ ڪمبختي.

• **ٻِرڙُ ج ٻِرڙَ(ل):** ذ. وڏو ڦٽ ـ چَرٻ. چَهْٻر.

• **ٻِرْڙُ ج ٻِرْڙَ:** ذ. [سن. ٻِلَ، وِلَ = ٻِرُ. سوراخ.

• **ٻُرْڙِ:** ث. [سن. بُدْ بُدْ = ڦوڪٽو] داڻِ داڻِ ـ ٻُرٻُر.

• **ٻُرْڙا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. ٺل، شهدادپور، نوشهري، ديري محبت، ڪَڪڙ ۽ شڪارپور تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **ٻَرْڙاٽُ ج ٻَرْڙاٽَ:** ذ. وڏي رڙ. وڏي دانهن. ٻاڪار (ٻڪرين جي).

— **ٻَرْڙاٽِ ڪرائڻ:** سخت مار ڏيئي ڏاڍيون دانهون ڪڍائڻ.

• **ٻَرْڙو:** ذ. ڏسو ”ٻَرَهْڙو“.

• **ٻُرْڙو ج ٻُرْڙا:** ذ. ”ٻُرڙو“ ذات جو هڪ فرد.

• **ٻِرسَٽ (ٿ):** ذ. صفت. ڪم ڪان نٽائيندڙ ـ گوسڙو. نِرو. اَڏ سُڪو اَڏ آلو. رُڪو.

• **ٻِرَقْمِي ج ٻِرَقْمِيُونْ:** ث. رياضيءَ جو هڪ اصطلاح. حساب جو هڪ قِسم (جنهن ۾ ايڪي جي واٽ سان فقط ٻن رقمن ذريعي جواب نڪري).

• **ٻَرْڪَ:** ذ. گهورَ ـ قرباني.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ٻَرڪَ ج ٻَرڪُون (ٿ):** ٿ. دانهن ـ رڙ. ٻڪريءَ جي ٻيڪ. هرڻ جو آواز. اوچتي رڙ.

• **ٻرڪَ:** ٿ. ٻاھ جو تئو ـ تپت. سوزش.

• **ٻرڪَ:** ٿ. ٻڙڪ ـ دٻيل آواز.

• **ٻرڪُ:** ذ. ٻِرُ ـ ٻِرڙ.

• **ٻُرڪَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. فعل "ٻُرڪڻ" مان اسم ـ ٻُرڪو.

• **ٻرڪارُ (ڪ):** ٿ. وڏو سڏ. زور سان رڙ. وڏو ٻيڪات.

• **ٻرڪائڻُ:** مصدر. ٻڙڪائڻ. ٽهڪائڻ.

• **ٻُرڪُر (ل):** ٿ. اُٿل پُٿل ـ ڇُر پُر (ڪنهن ڍنڍ يا ڍٻي ۾ مڇيءَ جي گهڻي انداز جي).

• **ٻرڪلو ج ٻرڪلا (ل):** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم (مُڇون ڏگهيون. هميشه وات قاتل. اکيون سايون؛ اکثري پيل. شڪاري ۽ سامي فقير کائين؛ ڍٻن ۾ گهڻو ٿئي).

• **ٻرڪڻُ:** مصدر. [سن. وَرْتَنْ] نثار ڪرڻ ـ قربان ڪرڻ "آمل ٻرين مٿان. ٻرڪيو ٻين ڏيان" (شاھ). رڙيون ڪرڻ ـ ٻاڪارڻ. درد مان ڦاٿڻ ٻرڻ ـ سڙڻ پيڙ ڪرڻ ـ مچ ٿيڻ. اُدمڻ (ٻرڪيو ـ ٻرڪندو ـ ٻرڪيل).

— **ٻرڪي ڏيڻ (ٿ):** مار ڏيڻ. نقصان پهچائڻ. ننگي ڪرڻ.

• **ٻُرڪڻُ، ٻُرڪڻ:** مصدر. [سن. اَوڪرِي] ڪنهن شيءِ تي (لوڻ، مصالح وغيره جي) ڇڻتي پري پکيڙڻ ـ آٻورڻ. ٻورو ڏيڻ. (ٻُرڪيو ـ ٻُرڪندو ـ ٻُرڪيل).

— **ٻُرڪَ:** ٿ. ڪنهن ڪُٽيل شيءِ جي ڇَٽَ. ٻُوري جو ٿهه. ٻُرڪڻ جي دوا ـ سُفوف.

— **ٻُرڪائڻُ:** مصدر. "ٻُرڪڻ" مان متعدي بالواسطه. سفوف وغيره جو ٻُورو ڏيارڻ.

— **ٻُرڪجڻُ:** مصدر. "ٻُرڪڻ" مان فعل مجهول. ٻُورو وغيره ڇڻجڻ. گهڻي انداز ۾ سُرڻ (ڪينئان).

— **ٻُرڪو ج ٻُرڪا:** ذ. سفوف يا مصالحي ٻُرڪڻ واري حالت. ٻُرڪڻ جي دوا ـ سفوف ـ ڇورو ـ ٻُورو. ڇُرپُر (ڪينئن، ڪيڙن يا سنهن جيتن جي) ـ سُرڪو.

— **ٻُرڪو ڏيڻ (ٿ):** ٻُرڪڻ. (اصطلاحاً) رشوت ڏيڻ ـ لالچ ڏيڻ.

• **ٻُرڪو ج ٻُرڪا (ٿ):** ذ. ٻڪرين جي هڪ بيماري (جنهن ۾ ٻڪري دانهن ڪري اُڦٽ مري ويندي آهي) ـ ٻُرڪي.

• **ٻرڪو ج ٻرڪا:** ذ. گهڻو ڳالهاءُ ـ ٻَڪ ٻَڪ. ٻِٽڪو ـ ترڪو. ٻَڻ ٻَڻ. آنڊ مانڊ ـ ڇورا ڪورا ـ لوچ پوچ. ٻِتڪو.

• **ٻُرڪي ج ٻُرڪيُون (ٿ ٿ):** ٿ. ٻڪرين جي هڪ بيماري (جنهن ۾ ٻڪري دانهن ڪري اُڦٽ مري وڃي) ـ ٻُرڪو.

• **ٻُرڪُ ج ٻُرڪ:** ذ. [سن. ٻِل. وِلَ] ٻِرُ ـ ٻِرڙ ـ ڏرڙ ـ سوراخ.

• **ٻُرگهُ ج ٻُرگهَ (ل):** ذ. [سن. ٻِلَ. وِلَ] ٻِرُ ـ ٻِرڙ ـ ٻِرڪ.

• **ٻُرگهَلُ ج ٻرگهَلَ:** ذ. [سن. ٻِلَ. وِلَ] وڏو سوراخ. وڏو ٽنگ. ڳُڙڪ.

• **ٻُرنجهُ ج ٻُرنجهَ (ٿ):** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

• **ٻرندڪي:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻرنڊي:** اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻرنگو ج ٻرنگا:** ذ. [ٻه + رنگ] ٻن رنگن وارو ـ دورنگو. ٿورن مڪرن. تجويزن يا اٽڪلن وارو "چنيسر چوُرنگ، ٻه رنگو لوڪ ٻيو" (شاھ). ٻچاپڙو ـ منافق. پاڪندي ـ بازيخور. ٻهروپي.

• **ٻَرنُهَ (ل):** ٿ. اُها زمين جنهن کي ريج ڪري پوک لاءِ ڇڏيو وڃي. ٻن ورهين واري (زمين) "ٻَرنُهه ٿئي ورهيه ٻه گهوري" (چوڻي).

• **ٻَرڻ:** ٿ. [مصدر. "ٻرڻ" مان اسم] باھ ـ آگ. سوزش. تپش.

• **ٻَرڻُ:** مصدر. باھ ۾ سڙڻ ـ جلڻ ـ ڪامڻ. ڏجڻ (باھ). پچڻ ـ پچرڻ. تپڻ ـ گرم ٿيڻ (بدن). حسد ڪرڻ. روشن ٿيڻ (بتي، وغيره). چمڪڻ ـ سهائو ڪرڻ (سج، چند، تارا، وغيره). ٻکڻ (هيرو). ٽهڪڻ (منهن). (ٻريو ـ ٻرندو ـ ٻريل).

— **ٻَرندڙ:** صفت. سڙندڙ ـ جلندڙ ـ دکندڙ.

— **ٻرندڙ جبلُ:** ز. اُهو جبل جو آتشي مادن سبب چوٽيءَ مان دونهان ڪيندو رهي ـ جوالامُکي.

— **ٻَرندي ج ٻَرنديُون:** ٿ. باھ. مصيبت ـ آپدا. مشڪلات. سختي.

— **ٻرنديءَ باھ مان نڪرڻ:** آيل مصيبت مان بچڻ. آپدا مان نڪرڻ.

— **ٻرنديءَ ڪان پاسو ڪرڻ:** مصيبت ڪان پاسو ڪرڻ.

— **ٻري اُجڻ:** مصيبت جو اُچي وڪوڙڻ. مصيبت ۾ ڦاسجڻ. ڪنهن الزام يا ڏوھ ۾ ڦاسڻ. ظلم ڪڙو ٿيڻ.

— **ٻري وڃڻ:** باھ لڳڻ. سڙي وڃڻ. جلي وڃڻ (ڪا ڳالهه ٻڌي ڪاوڙ ۾). تمام مهانگو ٿيڻ (اگهه).

• **ٻَرڻُ:** مصدر. [سن. وِرْ = وڃڻ] وڃڻ ـ جهانءِ ڪرڻ (ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانور کي هڪ هنڌ سانتيڪو ويهارڻ ـ دت هٽائڻ "تلور کي ٻڙهائي ڏک هٽجي".

• **ٻڙهو ج ٻڙها (ل.ٿ):** ذ. اُٺ جو ڪکن مان ٺهيل پلاڻ.

• **ٻڙهي ج ٻڙهيُون:** ث. اُٺ جي پُٺيءَ تي رلي يا ٻيو ڪو ٽپڙ رکي، رسي سان ٻڌي، سوار جي ويهڻ لاءِ ٺهيل جاءِ ـ ٻڙهو. پلاڻ.

• **ٻڙهي ج ٻڙهيُون (ٿ):** ث. چوپائيءَ جو ويامڻ کان هڪ ڏينهن پوءِ وارو کير ـ ٻـِرهي.

— **ٻڙهيُون ڪائڻ:** ڏکا ٿاٻا ڪائڻ. بُک مرڻ.

• **ٻڙهيا (ٿ):** اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

• **ٻڙهيڪو (ٿ):** ذ. ٻهڙ ـ ٻهيڙُ (کير ۾ لسي گڏيل).

• **ٻڙي ج ٻڙيُون:** حرف ندا. (خاص طرح زالون ڳالهائڻ ۾ يا سڏ وقت ڪم آڻين) ـ لَئي! اَڙي! ـ اَدي! "غفلت يار گنوائيو، ٻڙي جيڏيون!" (شاهہ).

• **ٻڙي ج ٻڙيُون (ت):** ث. سخت مار. نقصان. ظلم.

— **ٻڙيون ڪائڻ:** ٻڙهيون ڪائڻ ـ ڏکا ٿاٻا جهلڻ. نقصان ۾ پوڻ.

• **ٻڙي ج ٻڙيُون:** ث. سُڪ جواب ـ صفا انڪار (ل). بُک جي تڪليف. بيهوشي (ت).

• **ٻڙي ج ٻڙيُون:** ث. [سن. بِنْدُ] ڦُڙي ـ بُوند. نقطو ـ ٽبڪو. صِفر. داغ ـ نشان. تِلڪ. (صفت) ڪجهہ بہ نہ.

— **ٻڙي ڏيڻ:** نقطو ڏيڻ ـ ٽبڪو ڏيڻ. ڪجهہ بہ نہ ڏيڻ. ڪاتو واري ڇڏڻ. حساب ڪتاب بيباق ڪرڻ. آلهو تلهو ڪٽي وڃڻ.

• **ٻڙيالُ ج ٻڙيالَ (ت):** ذ. ٻن شاخن واري ڪاٺي ـ ٻسانگ.

• **ٻُسَ:** ث. گهُٽَ (زور، ساهہ، يا هوا جي) ـ ٻُٽَ. سوڙهہ ـ مونجهہ. رُنْبَ ـ دَسَ. لَسَ. بي زيبائي ـ ٻٽائي ـ ٻُسائي. سُڄَ. ڀينگ. چنهر راند ۾ ڪوڏين سنئين پوڻ جو داءُ. ڇڻن جي ڪَٽي يا بُوسو. (ظرف) [سن. بُسَ] هڪ ئي گهمري ـ ڀهرئين ئي واري ـ يڪ ساهيءَ.

— **ٻُسَ ٿيڻ:** گهُٽَ ٿيڻ ـ ٻُٽَ ٿيڻ. سڄ ٿيڻ. هرن ڏيڻ ۾ زمين جو گهٽيءَ ڊسڙ وارو ٿيڻ.

— **ٻُسَ پوڻ:** چنهر راند ۾ سيني ڪوڏين جو سنئون پوڻ.

• **ٻِسانْگُ، ٻِسانْگو ج ٻِسانْگَ، ٻِسانْگا:** ذ. [سن. دْوِ = ٻہ + شْرِنگ = سڱ، شاخ، چوٽي] ٻن شاخن واري ڪاٺي. ٻيانو. ٻِڇانگي.

• **ٻِسانْگي ج ٻِسانْگِيُون:** ث. ڏسو "ٻِسانگُ"

— **ٻِسَتِ:** ظرف. هڪ طرف کان ٻئي طرف تائين. آرپار. سِڌو ئي سِڌو. تمام زور سان ـ زوم سان ـ زورائتو. تمام جلد ـ تمام تڪڙو. هڪدم ـ يڪدم.

— **ٻِسَتِ اوپارو:** ذ. هُرلي ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺيءَ جو نالو.

— **ٻِسَتِ پارلنگهڻ:** آرپار وڃڻ.

— **ٻِسَتِ حَرامي:** ذ. صفت. ٻِنهہ شرير ـ نهايت بدمعاش.

• **ٻِسَرُ، ٻِسِرُ:** ذ. صفت. اهو ٻار جنهن جا والدين ٻن مختلف قومن جا هجن (جيئن پيءُ سنڌي تہ ماءُ شيدڻ، وغيره) ـ ٻـِ ٻُٽو ـ ٻِسَر گڏو ـ ڪارڙ. حرامي ـ حرامزادو. ٻن مختلف قسمن جي نر ۽ ماديءَ مان ڄاول جانور "ٻِسَراٺُ".

• **ٻِسُرْخو ج ٻِسُرْخا:** ذ. [ٻہ + سن. شَرِنْگ = شاخ] ٻن لڪڙن وارو تنبو ـ دوچوبو.

• **ٻِسَرو:** ذ. ٻن سَرين يا لَڙهين وارو. ٻـِ ٿهو ٻـِ ٻوليو (ٻن ٻولين مان ٺهيل لفظ). ٻـِ ذاتيو.

• **ٻِسَرو (ٿ):** ظرف. وري ـ ٻيهر ـ ٻيو دفعو.

• **ٻِسَروٽو ج ٻِسَروٽا:** ذ. صفت. ٻِسَرو.

• **ٻُسُري ج ٻُسُريُون (ڪ):** ث. چِلو ـ پٽڙي اَٽي جي ماني.

• **ٻُسْڙي ج ٻُسْڙيُون:** ث. رِد جو هڪ قِسم ـ ننڍن ڪنن واري رِد.

• **ٻُسْڪَ، ٻُسْڪِڙي (ل):** ث. ڇُرچ ـ ڪَن ڦوڪَ هُوشِي ـ ڀِيتڙي.

• **ٻُسْڪِنو ج ٻُسْڪِنا (ت):** ذ. ڏِپِرُ ـ اوسنو. باسِي. ٺُلهو. بدشڪل.

• **ٻِسْڪَڻُ (ل.ت):** مصدر. سُڏڪڻ ـ ڏسڪڻ. روئڻ. (ٻِسڪيو ـ ٻِسڪندو ـ ٻِسڪيل).

• **ٻُسْڪَڻُ:** مصدر. ڀَرڻ ـ ڪنان تار ڪرڻ. ڏٽڻ. (صفت) ٺُلهو. بدشڪل.

• **ٻُسْڪو ج ٻُسْڪا (ڪ):** ذ. وِڊيل ڪنن وارو. ننڍن ڪنن وارو. ٻُسو (ٻڪر). ٺُلهو ـ دونسو. (ث) ٻُسْڪِي ج ٻُسڪيُون.

• **ٻُسَڻُ:** مصدر. رُنبڻ ـ ٻُرڙڻ. ارهائڻ ـ گهُٽڻ. دسڻ. دسي چڙهي ويهڻ. ٻُورڻ. (ٻسيو ـ ٻُسندو ـ ٻُسيل).

• **ٻِسُوْ:** ذ. [ٻہ + سؤ] ڪپڙي جو هڪ قِسم (جنهن جي تاڃيءَ ۾ ٻہ سؤ تندو هجن).

• **ٻُسو ج ٻُسا:** ذ. ڪنن ڪٽيل ـ ٻٽو (ٻڪر). ننڍن ڪنن وارو. ٻوڪو ـ ٻوگهو. بنا ڳهن جي. لسو (بنا چِٽن گلن جو ڪپڙو). بي زيب. بي ڍنگيءَ پوشاڪ ۾ (ڪ). (ث) ٻُسِي ج ٻُسيُون.

— **ٻُسائِي ج ٻُسائِيُونْ:** ث. ٻٽائي. لسائِي. بي زيبائي.

• **ٻُسي ج ٻُسيُون:** ث. ننڍن ڪنن واري (رِد يا ٻڪري). ٻٽي ـ ٻوگهِي. ڪپڙي جو هڪ قِسم (ڳاڙهو رنگ ڏنل). [ف. بُوسَہ] چمي ـ مِٺي.

• **ٻشانگَ ج ٻشانگُون:** ث. ڏسو ”ٻچانگ“.
• **ٻشتان:** اسمر خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ٻقُ (ڪ):** ذ. خال ـ پوڙ. اونداهه.
• **ٻق ٻق:** ث. ٻاڦ نڪرڻ جو آواز ـ ڦَق ڦَق ـ ڦقڪو.
• **ٻقڻُ:** مصدر. منهن تائين پرڻ. تار ڪرڻ. ٿڀڻ ـ ڏٽڻ. (ٻقيو ـ ٻقيندو ـ ٻقيل).
• **ٻقو ج ٻقا:** ذ. خشڪيءَ جي ڪري مٽي جي اُٿڙيل ڪل جا ننڍا ننڍا اڇا ذرڙا ـ چانهين. خالُ. وڏو سوراخ ـ گهيڙ (ڪ). ٺڪر. اڌ. ٻاقو ـ متانهين اَڌَ (ت). (صفت) پوڙهو (ت). بيوقوف ـ ٻوڪ (ل).
— **ٻقو ڪرڻ:** ڪائي ختم ڪرڻ. ناس ڪرڻ. بيوقوف بنائڻ.
— **ٻقيرو ج ٻقيرا:** ذ. صفت. اهو ماڻهو جنهن جي وارن ۾ ٻقو هجي ـ ٻقرُ.
• **ٻقي ج ٻقيُون (ت):** ث. متانهين اَڌَ. ٻاقي. (ذ) ٻقو ج ٻقا.
• **ٻڪَ ج ٻڪُون:** ث. [سن. دُو = ٻه] پٽن جي تاس ۾ ٻن داڻن وارو پتو ـ دُڪي.
— **ٻڪَ ڦري وڃڻ:** وائڙو ٿي وڃڻ. حيران ٿي وڃڻ. عقل چرخ ٿيڻ. اوسان خطا ٿيڻ ـ وايون بتال ٿيڻ.
• **ٻڪُ ج ٻڪَ:** ذ. هٿن جي چيچ وارن پاسن کي پاڻ ۾ ملائي جهلڻ جي حالت.
— **ٻڪ جهلڻ:** دعا لاءِ هٿ کڻڻ. دعا گهرڻ فاتحه خواني ڪرڻ. پاٽي پيڻ لاءِ هٿ ملائڻ.
— **ٻڪَ ۾ ڏيڻ:** پاڻ کان گهٽ سمجهي ڪاڌو وغيره هٿ ۾ ڏيڻ. بيعزتي ڪرڻ. بيمانو ڪرڻ.
— **ٻڪَ ۾ پاڻي پيارڻ:** گهٽ ذات وارو برتاءُ ڪرڻ (اُڇوت کي هندو ٻڪ ۾ پاڻي پيارين). نفرت ڪرڻ.
• **ٻڪچي:** ث. [ٻہ + ڪچو = زير ناف جا وار] ڏاڙهي جا مُنهن جي فقط ٻن پاسن تي هجي ۽ ڪاڏيءَ تي نه هجي ـ ٻڦبي.
• **ٻڪرُ ج ٻڪرَ:** ذ. [هيمر. ٻاڪڙو؛سن. وَرڪَرَ] وڏو سانهه. ٻڪرو ـ ٽيرُ (ڪ). چيلو (ث) ٻڪري ج ٻڪريُون.
— **ٻڪر ٻاڪار:** ث. ٻڪرين جون دانهون. رڙڪوڪ.
— **ٻڪر ٻس، ٻڪر ٻوس، ٻڪر ٻوسات:** ث. زوري زبردستي. پڪڙ پڇاڙ ـ وٺ پڪڙ.
— **ٻڪر ٻوسات ڪرڻ:** زبردستي ڪرڻ. دَس ڦَس ڪرڻ. ڪُجهه نه ڏيڻ.
— **ٻڪر ڏاڙهي:** محاورو. بيوقوف ـ نادان ـ جَٽ.
— **ٻڪرو ج ٻڪرا:** ذ. ننڍو ٻڪرُ. چيلو ”ڪڏهن تجي ٻڪرو ڪڏهن تجي ڪات“.

— **ٻڪريو ج ٻڪريا (ٿ):** ذ. ٻڪرو.
• **ٻڪر ج ٻڪريُون:** ث. [١. ٻہ + ڪَرُ = پاسو؛ ٢. وڪڙ؛ ٣. ويڪر] شالَ يا رئي جي موڪر. چادر يا رئي ڍڪڻ جو هڪ نمونو (جنهن ۾ زالون اڳيون پلاند ڪلهي تان ورائي ڪڇ ۾ ڪنديون آهن) ـ ٻڪل.
— **ٻڪر هڻڻ:** شالَ يا چونيءَ کي ڪلهي تان ورائي ڪڇ ۾ ڪرڻ. جهنبد هڻڻ.
• **ٻڪڙُ:** ذ. ڏسو ”ٻڪڙُ“.
• **ٻڪرانو ج ٻڪرانا (ڪ):** ذ. جوان ٻڪرُ. گهڻيون ٻڪريون (ڪنهن ايراضيءَ ۾ پکڙيل يا ويڙل).
• **ٻڪراڙ:** اسمر خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ٻڪرارُ ج ٻڪرارَ:** ذ. صفت. [ٻڪر + وال > وار >آر] ٻڪريون چاريندڙ. ٻڪريون سنڀاليندڙ. پنهوار. جهنگ جو ماڻهو. بيعقل.
• **ٻڪراڙ ٻڪراڙ:** ث سانوڻ جي مند ۾ اُتر اوير ڪنڌ واري ڪُنوڻ (جا اڪثر مينهن آڻي) ـ ٻڪراس.
— **ٻڪرار جي ڪُنڌ:** ث. اُتر اوير واري ڪنڌ (جتان سخت مينهن ايندو آهي).
• **ٻڪراسُ (ل):** ث. ٻڪرين جو ڪوس (جو عيدالضحيٰ تي ٿئي).
• **ٻڪراس:** ث. ٻڪرار (ڪُنوڻ).
• **ٻڪرالُ:** ث. سانوڻ جي مند ۾ اتر اوير ڪنڌ واري ڪُنوڻ. ول جو هڪ قسم ـ ٻڪرول.
• **ٻڪرالُ ج ٻڪرالَ (ڪ):** ذ. ٻڪرارُ.
• **ٻڪروالُ:** ذ. ٻڪرالُ ڪنوڻ جو اُتر اوير ڪنڌ کان آنڌل مينهن (جو گجگوڙ ۽ ڪنوڻين سان اچي ۽ گهڻي دير تائين وسي) ”ٻهه ٻهه ڪندا آئيا. بيهر ٻڪروال“. ٻڪراس.
• **ٻڪرول:** ث. ول جو هڪ قسم ـ ٻڪرال.
• **ٻڪري، ٻڪري ج ٻڪريُونُ:** ث. [سن. وَرڪري] ڪيرڏيندڙ گهَرو چوپائيءَ جو هڪ قسم ـ ٻهي ـ آئي (ڪ) ـ چاڙڪي (ٿ).
— **ٻڪري ٻنجڻ:** ڏڄڻ ـ خوف کائڻ ـ ٻؤ ڪرڻ ”صدقي جي ٻڪري ٻنجڻ = ٻين جو ڏوهه يا جوابداري پاڻ تي کڻڻ“.
— **ٻڪري ڪاٺڻ:** ڪنهن جي ٻڪري چوري ڪري کُهي ڪاٺڻ. ڪنهن جو ڏوهه ڪرڻ ـ ٻلي مارڻ.

– **ٻلَ ڏيڻ، ڪرڻ:** ڏڳيءَ يا مينهن کي سارَ ۾ ڦوڪ ڏيڻ. ڪُچ – ٿلَ ڏيڻ. دب ڪيڻ. سزا ڏيڻ – مار ڏيڻ.

• **ٻلاڻو ج ٻلاڻا:** ذ. صفت. ٻن لاٽن وارو – ٻن طرفن کان روشني ڏيندڙ. روشن منارو (جو درياءَ يا سمنڊ ۾ جهازن لاءِ روشني ڪري) – light_house.

• **ٻلاٽي ج ٻلاٽيون:** ث. ننڍڙو ٻيٽ – ٻيٽاري – ٻيلاٽي "ڪارا ٻانڌَ، ٻلاٽيون، ٻيو ڪپرن جا ڪڙڪا" (حمل).

• **ٻلاٽي ج ٻلاٽيون:** ث. محنت. تڪليف. پورهيو.

• **ٻلاڙ ج ٻلاڙون:** ث. ٻڪارَ. ماڻهن جو آواز – گوڙ – گهمسان. ٻلڪارَ.

– **ٻلاڙو ج ٻلاڙا:** ذ. ٻلاڙ. ٻلڪارَ.

• **ٻلاڙي ج ٻلاڙيون:** ث. ٻن لاڙن واري چڙي "عمرا ٻلاڙي، آهي جهانءِ مٿي سا جهنگ جي".

• **ٻلاڙي ج ٻلاڙيون:** ث. [سن. ٻڊالَ] وڏي جهنگ ٻلي. ٻنيءَ جي وڏي ڦرڙي. ٻراڙي – ٻلهاڙي.

• **ٻلاڻ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻلانگڙي (ڪ.ل):** ث. پرت جو هڪ قسم.

• **ٻلانگو ج ٻلانگا:** ذ. ٻن لانگن وارو. سُواريءَ جي جانور تي هڪ تنگ هڪ پاسي ۽ ٻي تنگ ٻئي پاسي ڪري ويهڻ جو نمونو. لانگ وريل. پير اندر پير ٻاهر.

• **ٻلانگهه ج ٻلانگهون (ث):** ث. ٻرانگهه – ورانگهه.

– **ٻلانگهه پرڻ:** ٻرانگهه پرڻ. وڏي وک وجهڻ.

• **ٻلانگهوڙ:** ذ. ڊگها قدم – وڏيون وکون.

• **ٻلائڻ:** مصدر. ڪنهن ڪيرول مادي چوپائيءَ کي ميڙڻ لاءِ ٻلَ ڏيارڻ. (ٻولايو – ٻولائيندو – ٻلايل).

– **ٻلائي:** ث. ٻلَ ڏيارڻ جي مزدوري.

• **ٻلبيجُ:** ذ. [سن. ٻلَ = طاقت + ٻيجَ = ٻجَ] دوا طور طاقت ڏيندڙ ٻج جو هڪ قسم

• **ٻلٽي ج ٻلٽيون:** ث. ريلوي رستي موڪليل مال ڇڏائڻ جي رسيد.

• **ٻلَدُ ج ٻلَدَ (ل):** ذ. [سن. ٻليوَرد] ٻڙد – ڍڳو – ڏاند.

• **ٻلڌ:** ث. مادي سُوئر (ٻچن سُوڏي) – پُونڊڻ.

• **ٻلر:** ث. [سن. ٻالا = ڇوڪري، جوان زال] ٻارڙي – معصومڙي – ابهم. ننڍي جوان زال "ٻلر لڳو ٻاڻ، پسو جوءِ ڄرا تي" (شاهه). مادي ٻچو (ڪنهن جانور جو).

• **ٻلَرُ ج ٻلَرَ:** ذ. [سن. ٻالَ] ننڍو ٻارَ – ٻارڙو. ٻچو (ٻليءَ جو – پُونگڙو. گُلَرُ. ٻنڙ (سوئر جو). ڪنهن ٻه جهنگلي جانور جو ٻچو (ڪ).

• **ٻلڙ ڪَوَيو ج ٻلڙ ڪَوَيا (ث):** ذ. وچ ويڙهائو – چيٽي پور. چغلخور. ٻچاپڙو.

– **ٻلڙ ڪَويو ٿيڻ:** چُغل ٿيڻ. ٻچاپڙو ٿيڻ.

• **ٻلڙو ج ٻلڙا:** ذ. ڳُهه جو هڪ قِسم. ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ والو. [سن. وِڊالَ] ننڍو ٻلو – ٻليءَ جو ٻچو. (ث) ٻلڙي ج ٻلڙيون.

• **ٻلڙي ج ٻلڙيون:** ث. ٻلٽي. ننڍي ٻلي. هڪ قِسم جو اوزار (جنهن سان کوهه مان ڪريل شيون ڪڍبيون آهن).

• **ٻلڪارَ ج ٻلڪارون:** ث. زوري – زبردستي – ڏاڍ. ظلم.

• **ٻلڪارَ ج ٻلڪارون:** ث. جهٽڪ – چڙٻ. دڙڪو. ٻيڪي. گوڙ – گهمسان – آواز.

• **ٻلڪيُون (ث):** ث. هندڪيءَ هڪ رسم موجب رکيل ايڪاٽو يا اُپواس (جو ڪنواريون ڇوڪريون يا ننڍيون نيٽيون پرٽيل زالون رکنديون آهن).

• **ٻلڪڙو ج ٻلڪڙا (ث):** ذ. ننڍو سوراخ – ٽُنگڙو – ڳڙڪڙو.

• **ٻلڻُ:** مصدر. [سرائڪي] ٻرڻ.

• **ٻلڻ ج ٻلڻون. ٻلڻيون:** ث. ڏسو "ٻلهڻ".

• **ٻلڻو:** مصدر. ڳئون يا مينهن کي ڪير لاهڻ لاءِ سار ۾ هٿ يا مُوئو لنگهائڻ. ٻلَ ڏيڻ. (ٻليو – ٻليندو – ٻليل).

• **ٻلڻي ج ٻلڻيُون (ث):** ث. کير ڏائيندڙ جانور (جهڙوڪ ڇيلي، ڳابي يا ڪُونهيڻ) کي کير ڏائي وجڻ کان روڪڻ لاءِ سندس ٻوٽ تي ٻڌل ٻه چنهبدار ڪاٺيون – ٻلَهڻ.

• **ٻلو ج ٻلا:** ذ. [سن. ٻڊالَ، وڊالَ] مشهور گهَرُو پالتو جانور. (ث. ٻلي ج ٻليُون). ٻنيءَ يا باغ ۾ ڪوٻ زبان ڪندڙ پکي. طوطو (هاري طوطن کي جهار هڪليندي چوندو آهي "هو ٻلو"). ذاتوءَ مان خاص نموني جو ٺهيل نشان (جو آفرين جو ڳي ڪم جي عوض ڏنو وڃي) ٻلُ – تمغو. اک جو تارو "پنهونءَ پيڪان پڇنديا، ٻلن تان ٻيئي" (شاهه). (صفت) شيرو يا پُورين اکين وارو – تيز نظر. تاڪائو.

– **ٻلو پوڻ (ث):** مصيبت اچڻ – تڪليف اچڻ.

• **ٻلوٽو ج ٻلوٽا (ث):** ذ. ٻاروتو – تنجٽو.

• **ٻلونتُ ج ٻلونتَ:** صفت. [سن. ٻلَونتَ = ٻل وارو] سگهارو – بهادر – پهلوان.

• **ٻلونگڙو ج ٻلونگڙا:** ذ. [سن. ٻڊال، وڊالَ = ٻلي] ٻليءَ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻچڙو ـ ٻونگڙو.

• **ٻلهَ ج ٻلهَ:** ذ. سُوئر ـ مرون.

• **ٻلهَ ج ٻلهُون:** ث. ٻہ ڳڌ ـ ٻيلهه ـ ٻٽَ ـ جُٽُ. هڪ جهڙو ـ برابر ٻن ٽٽن مان ڪير ڏيندڙ چوپائي ـ ٻـٽِڻي. ملهه جو هڪ انگ ـ ٻلها ٻاڙي ـ ٻناٻاڙي.

— **ٻلهَ ڏيڻ:** اڌنگي هلت ڪرڻ.

— **ٻلهَ ڳرڻ:** ملهه ۾ ٻلهاٻاڙي ڏيڻ. دسڻ (ٻٽ ۾).

• **ٻلهَ ج ٻلهُون:** ث. ڏسو "ٻلَ".

— **ٻلهَ ڏيڻ ڪيڻ:** ٻلَ ڏيڻ. دٻ ڪيڻ. سخت تنبيهه ڪرڻ.

• **ٻلهاٻاڙي:** ث. ملهه جو هڪ انگ (جنهن ۾ آڏو ٽنگ ڏيئي، هٿن جي زور تي مخالف کي پٺن پريا پاسي پر ڪيرائجي).

— **ٻلهاٻاڙي هٿڻ:** ملهه جو هڪ داءُ ڪرڻ. اٽڪل سان ڦاسائي موقعي جو فائدو وٺڻ. لاچار ڪرڻ.

• **ٻلهار، ٻلهاري:** ظرف. [سن. ٻلِ = قرباني] گهوري ـ فدا ـ قربان ـ نثار.

— **ٻلهار ٻلهاري ٿيڻ:** قربان وڃڻ ـ صدقي ٿيڻ ـ گهول وڃڻ. خوش ٿيڻ ـ بهار بهار ٿيڻ.

• **ٻلهاري:** اسم خاص. تعلقي ننگرپارڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻلهاڙو:** ذ. ڏسو "ٻيلهاڙو".

• **ٻلهاڙي ج ٻلهاڙيون:** ث. ٻنيءَ تي ٿيندڙ خطرناڪ ڦرڙي ـ ٻراڙي ـ ٻلاڙي.

• **ٻلهاڙي:** اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻلهانگو:** ذ. ٻسانگو ـ ٻيانو.

• **ٻلهاٿي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ٻلهَرُ ج ٻلهَرَ:** ذ. سُوئر جو ٻچو ـ ڪَنڍُ ـ جوٺيو (ت). سُوئر جي آوَرَ (جنهن ۾ ٻچا هوندا آهن). ڪُتي، ڳدڙ، ٻگهڙ وغيره جو ٻچو. ڪنهن بہ جهنگلي جانور جو ٻچو ـ ٻنر.

• **ٻلهَڙُ ج ٻلهَڙ:** ذ. ملهه جو هڪ انگ ـ ٻنهي جنگهن ۾ جانو. ٻن ديوارن وچان سوڙهو رستو (ڪ).

• **ٻلهڙ:** ظرف. ٻہ ڇٽا ڳڌ ـ ٻيئي ڳڏوڳڏ. جوڙو جوڙو ـ ٻيجڙ ـ ٻيلهڙ ٻيلهه.

• **ٻلهڙا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ٻلهڙو ج ٻلهڙا (ل):** ذ. ڳدڙ يا ٻگهڙ جو ٻچو ـ ٻلهَرُ.

• **ٻلهڪار ج ٻلهڪارون:** ث. ٻلڪار. ڌمڪي ـ ترڙي ـ ڇڙٻ.

• **ٻلهڪ ٻلهڪ ڪرڻ (ت):** تمام گهڻو ۽ ڏاڍو روئڻ ـ هنجهون هارڻ. سُڏڪا ڀرڻ.

• **ٻلهڪڻ، ٻلهڪڻُ (ت):** مصدر. ڏاڍو روئڻ.

• **ٻلهڻ:** ث. ڪير پيئندڙ ڦر کي ٻوٿ تي ٻڌل ٻہ سانگي ڪاٺي (جا هن کي ڪير پيئڻ کان روڪي سگهي). ملهه جو هڪ داءُ ـ ڪان ٻلاٽي. ٻن درياهن يا ٻن واهن جي وچ وارو زمين ٽڪر.

— **ٻلهڻ تي چاڙهڻ:** موقعو ڏسي نقصان رسائڻ. ملهه ۾ ڪان ٻلاٽي ڪرڻ.

• **ٻلهڻ ج ٻلهٽيون:** ث. پاڻيءَ جي جانور جو هڪ قسم (ڪاري رنگ جو ميٺن جي ڪونهين جهڙو مڇي ڪاٺي ۾ سندس چربي ٻيڙين جي مک لاءِ ڪم اچي) ـ ٻرُونُ "ٻهون گهمن ٻلهٽيون، ساڻ تنهين سيسر" (حفيظ).

• **ٻلهڻ:** مصدر. ٻلَ ڏيڻ ـ ٻلڻُ.

• **ٻلهٽي:** اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻلهٽي:** اسم خاص. ٻني عاقل ۾ ڪنڌڪوٽ تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **ٻلهو ج ٻلها:** ذ. ننڍو مترڪو (جنهن جو هڪڙو پاسو ڳول ٿئي). (صفت) زن مريد ـ مجو (ل). ٻيٽ وڏو ـ ٻيٺو (ت). ٻي ڊولو. ٻدشڪل (ت).

— **ٻلهي ٻوٿيو ج ٻلهي ٻوٿيا (ت):** ذ. صفت. ٿلهي منهن وارو. ٻدشڪل.

• **ٻلهياري:** اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻلهيڊ:** ث. ولر ـ ٽولو (جانورن جو). ڳهَل.

• **ٻلهيڊو:** اسم خاص. تعلقي ڳنبٽ ۾ هڪ ديهه ۾ ڳوٺ جو نالو.

• **ٻلي ج ٻلي:** ذ. صفت. [سن. ٻلَ = زور] ٻلوان ـ سگهارو.

• **ٻلي ج ٻليُون:** ث. [سن. ودال. ٻدال] ڪتا ڪائيندڙ مشهور گهرو جانور ـ گربه ـ ڦوسٽي (ڪ). ناٽاري (جنهن سان ٻيڙيءَ جو ٻگهه ٻڌندا آهن). لوهه جي چنبن واري ڪڙي (جنهن سان کوهه ۾ ڪريل شيون جهڙوڪ ٻاڙدي، ڏول، رسو، وغيره، ڪيڄن). ٽير جي چهنب. ٻراڙي ـ ٻلهاڙي.

— **ٻليءَ پير:** ذ. ننڍڙن ٻارن کي ڪتڪتائي ڪرڻ جي هڪ راند.

— **ٻليءَ پير نہ ڄاڻڻ:** ڪجهہ بہ نہ ڄاڻڻ.

— **ٻلي مارڻ:** وڏو گناهہ ڪرڻ ـ وڏو قصور ڪرڻ.

— **ٻليءَ مُنهون:** ذ. ٻي ڊهڊو ـ ٻيشرم. مُنهن رکو.

• **ٻليار:** اسم خاص. سنڌوندي جي اڳئين وهڪري جي هڪ شاخ (جنهن ۾ ٻيا ڊورا ۽ واهڙ بہ اچي جوڙ ڪندا هئا) "جڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍي ڏيو، ٻئي وهن ٻليار ۾" (شاهه: ڏهر). اُها جاءِ جتي ٻہ درياءَ يا واهڙ اچي گڏجن _ دوآبه. (دوآبه واري) ٻلي ۽ زورواري زمين.

• **ٻلي ٽڙي:** اسم خاص. ڏارهياڙي جبل جي هڪ چوٽيءَ جو نالو (جتي چون ٿا تہ منزل ڪندي 'هندرسن' نالي هڪ انگريز جي ٻلي وڃائجي ويئي هئي، جا گهٽي انعام باسڻ بعد هٿ آئي، انهيءَ تان اهو نالو پيس).

• **ٻليدائي:** اسم. خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻليدائي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ٻليدو ج ٻليدا:** ذ. [سن. ٻليوَرْدَ = ڍڳو] ڍڳو _ ڏاند _ ٻيل _ ٻڙڌ (ل). انبوهه (ماڻهن جو). وڳ _ ولر (جانورن جو). ڍڳُ (ملڪيت جو). (صفت) گهڻو _ زياده _ جهجهو (ڪ).

• **ٻماڙ:** ث. اُها جاءِ جنهن کي ٻہ طبقا هجن. ٻن ماڙين واري جاءِ.

• **ٻہ مُنهون:** ذ. ٻن مُنهن وارو _ ٻچاپڙو _ منافق. ٻن ڪنارين يا ڌارين وارو (ڪپڙو).

• **ٻہ مُنهين ج ٻہ مُنهيون:** ث. بلا جو هڪ قِسم. (عام خيال موجب) ٻن مُنهن واري بلا.

• **ٻنُ ج ٻن:** ذ. [سن. وَنَ = وٽڪار] ٻن _ جهنگل _ ٻيلو. پوٺو _ متانهون ميدان "ڇن چڙي پوءِ ٻن، تيءِ پر اڌمَ نجهرو" (شاهه). ٻنو _ ننڍو بند (جو باري کي پاڻيءَ جي جهَل لاءِ ڏنو آهي). نيرُ (ڏک جو نشان) _ وَڏُ (ل). ٻن _ اوڙاهه "ٻيون ڏيئي ٻن کي، هلج پاسي هوت" (شاهه).

— **ٻن:** ظرف. ٻن ۾ _ اوڙاهه ۾. ڪوهه ۾. پاسي _ ٻري _ ٻئي پاسي.

— **ٻن پوڻ:** (ٻنڻ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ) ڪڏ ۾ پوڻ _ اوڙاهه ۾ پوڻ. گهر تي ناس ٿيڻ.

• **ٻن ڏيڻ، وجهڻ:** ڪڏ ۾ وجهڻ. ڇڏي ڏيڻ _ ترڪ ڪرڻ "ٻيون ڏيئي ٻن، ڪَرَ کي گڏيا ڪاپڙي" (شاهه).

• **ٻن:** عددي صفت. "ٻہ" جي نحوي صورت.

— **ٻن باهين ۾ هُئڻ:** ٻن مصيبتن ۾ هئڻ. ٻہ طرفو ڦاسڻ يا تڪليف ۾ اچڻ.

— **ٻن ٻيڙين تي پير هُئڻ:** ٻن خيالن ۾ هئڻ. ٻہ چتو هئڻ.

— **ٻن ٻيڙين ۾ چڙهڻ:** ساڳئي وقت ٻہ ڪم هٿ ۾ ڪڻڻ. ٻہ جوابداريون پنهنجي ذمي ڪرڻ.

— **ٻن ويڙهائو:** ذ. ٻن کي پاڻ ۾ ويڙهائيندڙ _ لائي چائي ڪندڙ _ چيٽاٻور.

• **ٻنا ٻاڙي:** ث. ملهه جو هڪ انگ _ ٻلهاٻاڙي _ ٻناٻهري (ل).

• **ٻناٻيڙ (ل):** ث. ڪوڏين جي راند ('ماري ڪُٽي' يا 'ڪٽ ڪناٽي') ۾ آمهون سامهون پيل ٻن ڪوڏين کي گڏي ڏڪ هڻڻ جو داءُ.

• **ٻنارو:** ذ. اُهو (وڏو) ڪوهه يا پڙهاڏو جنهن تي ٻہ نار چاڙهيا وڃن _ جُنگ ڪوهه. ٻهڙ.

• **ٻناڙو ج ٻناڙا:** ذ. ڇت کي ڏنل ننڍو ٻنو _ ٻنوڙو.

• **ٻنَبُ ج ٻنَبَ (ٿ):** ذ. داڙَ _ ٻتاڪ.

— **ٻنب سٽڻ:** ٻتَ هڻڻ.

• **ٻنبڻُ (ل):** ذ. صفت. ٿلهو _ متارو.

• **ٻنبڻُ:** مصدر. ٽانوَ يا ماڻَ کي (اَنَ وغيره سان) ڏني پرڻ. گهُچڻ.

• **ٻنبڙي، ٻنهڏي:** ث. ٻڌي مهيني جي سُهائي پک جي ٻارهين تِٿ (جنهن تي هندو ورت رکندا آهن. ءُ ا هو ڏينهن شادي ڪرڻ لاءِ سياڳو ليکين).

• **ٻنيُ ج ٻنيُ (ل):** ذ ٻنيو _ دروازو. لنگهه. چانئُٺ. مُنڍ. ڳَنُ (ت).

• **ٻنيا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو. ٻانيي. مَرَ.

• **ٻنيو ج ٻنيا:** ذ. گهر جو دروازو. ڏيڍي. لنگهه _ گهَٽُ. لَڪ.

— **ٻنيا ڪري نڪرڻ:** پاڻيءَ جو نيسر يا ڪسيءَ مان زور سان نڪرڻ ۽ جهرجهر ڪري وهڻ.

— **ٻنيان ٻرڻ:** گهر مان لڳڻ. گهر باهه تي اچڻ "ٻنيان جن ٻري، ڏونگر سي ڏوريندين" (شاهه).

— **ٻنيو ٻئي پاسي ڪرڻ:** اڏاوت ڦيرائي ڇڏڻ. جوڳي جُٽ ڪرڻ. سخت نقصان رسائڻ.

— **ٻنيو ٻنجڻ:** نرينو اولاد ٿيڻ _ ڏيو روشن ٿيڻ.

— **ٻنيو پورجڻ:** اولاد نہ هئڻ ڪري پيڙهي ختم ٿي وڃڻ _ در پورجڻ.

— **ٻنيو وٺي ٻيهڻ:** در جهلي ٻيهڻ. عرض يا سوال لاءِ ڪپ ڪوڙي ٻيهڻ.

• **ٻنجڻُ:** مصدر. ڪنهن ٽانوَ کي منهن سوڌو پرڻ. ٻوڄ ڏيڻ _ ٻنجو ڏيڻ. (ٻنجيو _ ٻنجيندو _ ٻنجيل).

• **ٻنجو ج ٻنجا:** ذ. ٻوڄ _ ڏٽو. ٻنڌُ _ ٻنڌو. روڪ _ بندش.

— **ٻنجو اچڻ:** ذ. ٻوڄ اچڻ. ٻنڌو اچڻ. بندش پوڻ _ بند ٿيڻ.

— **ٻنجو ڏيڻ:** ٻوڄ ڏيڻ. صفا بند ڪرڻ (ناجائز حرڪتن يا ڪمن کي).

• **ٻنجي ج ٻنجيون:** ث. ٻوڄ _ ٻجي. ڏٽو. ٻونبُ _ ٻونبي (ڪٽ وغيره جي پائي جي). ڪاٺ جي چاڪڙيءَ جو گول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنديءَ چڙهيل بُونبُ (جنهن ۾ پير جو آڱوٺو ۽ ساڻس لاڳيتي آڱر اٽڪائجي).

• **بِنْد:** ث. [سن. بِنْدَ] بُونْد. ڦُڙو ـ قطرو. ذات جو قطرو. ٻڙي ـ ٽُبڪو.

• **ٻُنڊُ، ٻُنڊو ج ٻُنڊَ، ٻُنڊا:** ذ. ڪاٺَ جو ٽُڪر جو تيڪي يا تيڪي جي پٽ ۾ ولي طور يا پَٽِي تي ڪم اچي. ٽُوٽي ـ ٽنيو. بُنب. (صفت) ٽُلهو. ڦداور (ت).

• **ٻُنڊڙو ج ٻُنڊڙا:** ذ. ننيڙو ٻُنڊو يا ٽڪ چڙهيل ڪوڪو ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه "ليت پيت ڳنڊڙا، ٻِليءَ پاتا ٻُنڊڙا". ٻُنڊو. دُرُ والڙو.

• **ٻُنڊڙي ج ٻُنڊڙيون:** ث. ننيڙو ٻُنڊو ـ ٻُنڊڙو.

• **ٻِنڊلِي:** ث. [هہ. ٻِنڊِي] ڳهه جو هڪ قِسم (جو پيشانيءَ تي ٻڌجي). ٽِنجي ـ چِنْڊي.

• **ٻُنڊِٽِي ج ٻُنڊِٽِيُون (ت):** ث. ٻُنڊڙي.

• **ٻِنڊو ج ٻِنڊا:** ذ. ڏسو "ٻِنڊُ".

• **ٻُنڊو ج ٻُنڊا:** ذ. ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه ـ ٻُنڊڙو. نيزي. لَٺِ يا لڪڻ جي ٽڪي لوهہ جي ڇهنب ـ ڪُنڊري.

• **ٻِنڊي ج ٻِنڊيون:** ث. [سن. بِنْدَ] ٻڙي ـ ٽُبڪو.

• **ٻُنڊي ج ٻُنڊيون:** ث. هُرلي جو هڪ عضوو ـ ٽوٽي (جنهن تي نَهوَر بيهي) "ثابت ٻنڊي سورجي، جيءَ ۾ ڪوڙي جن" (غلام علي لغاري). بندوق جي ٻن نالين جي وچ ۾ اُڀريل ٻڙي (جنن تي نظر ذري نشان وٺبو آهي) ـ مَک. ڪُنڊري. ٻُنڊو ـ ٻُنڊڙو (ڪنن جو ڳهہ).

• **ٻِنڌ:** اسم خاص. هالاءِ ڳهوٽڪي تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **ٻَنڌ ج ٻَنڌُون:** ث. [سن. بَنْدَ] پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ وڏو مضبوط بند "هاڪ وهندو هاڪڙو، پڄندي ٻنڌ اروڙ". وڏي ڪَرَ. ٻَنڌُ (واهہ يا درياءَ جي ڪناري وارو). پُلِ. رسي ـ نوڙي.

ـ **ٻَنڌ پڄڻ:** بند پڄڻ. پاڻيءَ جو اُٿلي پوڻ. ڪنهن بہ شيءِ جو گهٽي انداز ۾ اچڻ. اٽڪ لهي پوڻ. هر هر اچڻ.

• **ٻَنڌُ ج ٻَنڌَ:** ذ. [سن. بَنْدَ = ٻڌڻ] ڀڳل عضوي کي (جوڙڻ لاءِ) ٻڌل چيڙي. رنگ کي پڪو ڪندڙ شيءِ (جهڙوڪ ڦٽڪي، وغيره). ڪپڙي جو هڪ قِسم (ڪ). چوپائي مال جي هڪ بيماري (جا ڪَلُ ڳاهہ کائڻ ڪري ٿئي).

• **ٻَنڌارَ:** ث. ٻيڙيءَ جو اُهو رسو جنهن سان "ڳَنَ" ۽ "پَٽَ" ٻڌندا آهن).

• **ٻَنڌاڻ ج ٻَنڌاڻَ:** ذ. [سن. بَنْدَن] مقرر ٿيل لوازمو. موڪا ـ لاڳ. وظيفو ـ روزينو. وعدو ـ انجام. قول ـ سخن. مضبوط وٺيل رسو. "ٻنڌو ڪنهن ٻانڌاڻ، هينئڙو هوتاڻيءَ سين" (شاهہ). ٻڌڻ جي رسي. ڳَنَ. سرڪڻ ڦاهي. لاڳاپو. شرط. هير ـ عادت. قبضي ـ ٻنڌ. چوپائي مال جي هڪ بيماري.

ـ **ٻَنڌاڻي ج ٻَنڌاڻِي:** صفت. ٻنڌاڻ ٻڌل. وظيفي دار. ڏن پَرو. مريد. عادتي ـ هيراڪ (نشي جو).

• **ٻَنڌا وارو:** اسم خاص. ڪوهستان جي هڪ جبل جو نالو.

• **ٻَنڌائڻ:** مصدر. "ٻنڌڻ" مان متعدي بالواسطه. ٻڌائڻ. قابو ڪرائڻ. ڦاسائڻ. (ٻَنڌايو ـ ٻَنڌائيندو ـ ٻَنڌايل).

ـ **ٻَنڌائِي:** ث. ٻڌڻ واري ڪم جي اُجرت.

• **ٻَنڌائڻ:** مصدر. ٻڌائڻ ـ سُٽائڻ. چِتائڻ. (ٻَنڌايو ـ ٻَنڌائيندو ـ ٻَنڌايل).

• **ٻَنڌرو:** ذ. وڏيءَ پٽ کي ٻاهران تيڪ ڏيڻ لاءِ ڳول پٽ ـ سندرو.

• **ٻَنڌَڪُ:** صفت. [سن. بَنْدَڪ] ٻڌندڙ. ڦاسائيندڙ. (ذ) انجام ـ وعدو.

• **ٻَنڌڙي:** اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ٻَنڌڻ:** مصدر. [سن. بَنْدَنَ = ٻڌڻ] ٻڌڻ قابو ڪرڻ ـ سوگهو ڪرڻ. ٻَندڻ ـ جهلڻ ـ روڪڻ. (ٻنڌيو ـ ٻنڌندو ـ ٻنڌل).

• **ٻَنڌڻُ ج ٻَنڌڻَ:** ذ. [سن. بَنْدَنَ] مقرر ڪم (جنهن جي ڪرڻ لاءِ ماڻهو ٻڌل هجي) ـ فرض. پڪو پهہ. قاعدو ـ قانون. ٽنجڻو ـ ٻاروٽو. پيوند ـ پيچ ـ ڳانڍاپو "پينگهي منجهہ پيام، ٻنڌڻ ٻاروچن جا" (شاهہ). بار وغيره ٻڌڻ لاءِ (ڪَپَ، ڪاٺيون، ڊين وغيره مان نهيل) ٽُلهو رسو ـ نوڙ. چيلهہ کي ٻڌڻ جو ڪپڙو ـ سندرو ـ ڪمربند "ٻنڌڻ سوئي ٻنڌ، جو ڀڃائي پرينءَ کي" (شاهہ). لاڳاپو ـ تعلق. پيچ ـ وڪڙ.

ـ **ٻَنڌڻ ٻڌڻ:** سندرو ٻڌڻ ـ ڪمرڪشڻ. تيار ٿيڻ. همت ڪرڻ. ڪوشش ڪرڻ.

ـ **ٻَنڌڻ پوڻ:** قاعدي جون مجبوريون پوڻ. فرض ٿيڻ. ناتو ڳنڍجڻ. لاڳاپو ٿيڻ. عشق لڳڻ. "پهرينءَ ماهہ پياس، پرتئون ٻنڌڻ ٻروچ سان" (راڄن شاهہ).

ـ **ٻَنڌڻن ۾ هجڻ:** ٽنجڻن ۾ هجڻ ـ ٻاروٽن ۾ هجڻ. ننڍيءَ عمر جو هجڻ.

• **ٻَنڌڻ:** مصدر. ٻڌڻ ـ سٽڻ.

ـ **ٻَنڌڻ سُنڌڻ:** سُٽڻ سمجهڻ ـ ڄاڻڻ ٻجهڻ.

ـ **ٻَنڌي سُنڌي:** ظرف. ٻڌي سُڌي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ٻَنْڌڻو ج ٻَنڌڻا:** ذ. ڪنهن بہ شيءِ جي ٻڌڻ جو ڪپڙو. ماني ٻَڌڻ جو ڪپڙو. مٽي ڪي ٻڌڻ جو ٽڪندو ڪپڙو ــ قَصابو. ٻَنْڌَڻُ ــ ٽنجڻو.

• **ٻَنْڌي ج ٻَنْڌيُونْ:** ث. [سن. بَنْڌَنَ] جسم ۾ تنتن ۽ گوشت جو مُچو. پٽو ــ مُشڪ.

• **ٻِنْڌي ج ٻِنْڌيُون:** ث. [سن. بْندَ. وِنْدَ] ٻِڙي ــ نقطو ــ ٽبڪو. قطرو– ڦُڙو ــ بوِند. نطفو ــ ٻِنْدِي.

• **ٻُنْڌي ج ٻُنْڌيُون:** ث. ڪوهاڙي ۾ پاسي سان ڪتل ٽُوٽي (جا نَهْوَرَ ۽ پاندي ڪي ڪٽي ٻيهي) ــ ٻنڌي.

• **ٻَنْڌِ ياڻُ:** ذ. [سن. بَنْڌَنَ] مقرر ڪيل لاڳ ــ ٻنڌاڻُ. لوازمو. رڪب. ڍِل. نذرانو ــ پيٽا. ويساهہ ــ يقين.

• **ٻَنْڌيجُ:** ذ. [سن. بَنْڌَ = ٻڌڻ] جهَلَ ــ روڪ ــ بندش. اٽڪاءُ. ("اِنْزال" جو ضد). مقرر اگهہ (ڪ).

• **ٻَنْڌِ يُونْ:** ث. جمع ۾ استعمال ٿيندڙ. تنجڻ ــ ٻاروتا.

• **ٻَنْبُ ج ٻَنْبَ (ل):** ذ. وڏولچ.

• **ٻَنْبَ، ٻِنْبَ ج ٻنبُونْ:** ث. (عورت جي) ٻُبيءَ جي چوٽي. ٻُنْبي ــ ڏُنبِ ي. پلال جو اڌ گڏو (ٽ).

• **ٻُنْبَ ج ٻُنْبُونْ:** ث. [سن. بِنْدُ. وِنْدُ] ٻِڙي ــ نقطو ــ ٽُبڪو. ٻُونْبَ ــ ٻُنْبي. ٻُنْبو ــ اٽڪاءُ (ل). ٻڪرين سان گڏ چرندڙ ٻڪر کي ٻوڪڻ (لڳ) کان روڪڻ لاءِ مخصوص عضوي کي ڏاڳي جو ڏنل ٻَنْدُ.

— **ٻُنْبَ ڏيڻ:** ٻُڙي ڏيڻ. رقم وارڻ. ٽَرڪي ڇڏڻ. وصوليءَ جو آسرو پلڻ.

— **ٻُنبڙُ ج ٻُنْبَڙَ:** ذ. ٻُنْبَڻُ.

• **ٻُنْبَڻُ ج ٻُنْبَڻَ:** ذ. [سن. نِتَنْبَہ] مقعد جي پاسي وارو گوشت جو ڳِنڍو ــ ڇُتَڙُ ــ ٻُنْبڙُ.

• **ٻُنْبَڻُ:** مصدر. [سن. بَنْڌَ: ف بند] ٻُنْبو ڏيڻ. بند ڪرڻ. ٻُوچ ڏيڻ. کير پيئڻ کان رَوڪڻ لاءِ ٻڪريءَ جو ٻُوٽ بند ڪرڻ (ڪ).

— **ٻُنبو ج ٻُنبا (ل):** ذ. بند ــ ڳِنڍو (پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ). ٻُنْجو.

— **ٻُنبو ڏيڻ:** ذ. پاڻي بند ڪرڻ ــ ڳِنڍو ڏيڻ. آڏ ڏيڻ. روڪڻ.

— **ٻُنبو لوڙهڻ:** پاڻيءَ جو ڳنڍو ڀڃڻ. پوڪ ڏانهن پاڻي ڇوڙڻ.

• **ٻِنْبو ج ٻِنْبا:** ذ. پاڪڙي ڪان سواءِ اُٺ تي چڙهيءَ لاءِ ٻَنْڌاڻ ــ اِنْڊو. ڳڏهہ جو هَنو.

• **ٻَنْبي ج ٻَنْبيُون (ل):** ث. ڪُلهائين صدري.

• **ٻِنْبي:** اسم خاص. گهوٽڪي، لاڙڪاڻي ۽ ڳنبٽ تعلقن ۾ ديهہ جو نالو.

• **ٻِنْبي ج ٻِنْبيُون:** ث. [سن. بِنْدَ. وِنْدَ: ف. بند] ٻِڙي ــ ٽُبڪو. ٻُبي جي ٻُونْدِ ــ ٻِنْبَ. داغ ــ ڇُٽو. درياءَ جو ڇڏيل زمين ٽڪر ــ ٻيٽاري.

ڳڏهہ يا ڏاند جو آٽر. ڍڳي جي ڪُلهي تي يا ڳڏهہ جي ٻُٺيءَ تي ڪپڙي جو رکيل تَهہُ. ڪکن يا ڪپڙي جو ٺهيل ويڙهو ــ پِيڙهو. ڪنهن وڏي ٿانوَ يا مَٽَ مان پاڻي ڪڍڻ جي ڇَل يا ڪُنْجي. ٻيڙيءَ مان پاڻي ڪڍڻ جو ٿانْءُ ــ ٻِيار ــ پِنْبي.

• **ٻَنْگُ ج ٻَنگَ:** ذ. [سن. وَڱْڪَ] ونگُ ــ واهُڙ (درياءَ جو درياءَ جو وَرُ. گهيڙ. گَهَٽُ. "گهِڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻَهُون نهاري ٻنگ" (شاهہ). ونگ ــ ور ــ گولائي (ڪمان جي) "سر جو سچيو سڄٽين، ٻنگان پري ٻاڻ" (شاهہ). (اصطلاحاً) ڪانُ ــ تير "بِرهہ ڪيو بيران ٻَت، دل کي لڳو کو ٻاڻ ٻَنْگ" (گل). ٻَڪُ ــ ياڪر "ٻيجل سندو ٻنگ، خالق خالي مَ ڪرين" (شاهہ). داءُ. وجهہ ــ موقعو "چارڻ چنگ ٻنگ لهي، وڃايو وڏاڻ" (شاهہ).

— **ٻنگ لڳڻ:** ٻڪ لڳڻ. وجهہ ملڻ.

— **ٻنگ لَهڻ:** پيچ ۾ آڻڻ. ڪمان جا گوشا موڙي نشان جي جاءِ چٽائڻ. وجهہ وٺڻ.

— **ٻنگ وجهڻ:** ياڪر وجهڻ. قابو جهلڻ. جانٺو هٽڻ.

— **ٻنگ هڻڻ:** ٻڪ هڻڻ. قابو جهلڻ. جانٺو هڻڻ.

• **ٻُنْگَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ٻُنْگَ (ت):** ث. مارَ. هيسَ. دٻاءُ ــ زور.

— **ٻُنْگ ڏيڻ:** مار ڏيڻ ــ سخت سزا ڏيڻ. زور رکڻ ــ دٻاءُ رکڻ. هيسائڻ. سخت نقصان رسائڻ.

• **ٻُنْگُ ج ٻُنْگَ:** ذ. ڪچو گونْج. ڪچو گـُل. ڪچو سنگ. ڪپهہ جي ڦُٽِي (جا اڃا وڻ ۾ بيٺل هجي). ٻُور. سنگ (ڪ). صفا اڇو پاڻي ــ آنريل پاڻي.

— **ٻُنگَ لٽڻ:** سارين يا ٻيءَ پوک جا سنگ لٽڻ.

• **ٻَنْگارَ:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهہ جو نالو. سومرن جي دور ۾ هڪ تاريخي شهر جو نالو ('دودي ــ چنيسر' جي قصي ۾ جاٺايل تہ "ٻارهن راڄ ٻنگار ۾").

• **ٻَنْگارَ ج ٻَنْگارُون:** ث. ڏسو "ٻنگاري".

• **ٻَنْگاري ج ٻَنْگاريُون:** ث. [سن. ١. وَڱْڪَ = شيهو. قلعي؛ ٢. وَنْگار = هڙتال، زرني. آئرش. بَن = ٽامو] ڌاتوءَ جو هڪ قسم جنهن مان ٿانوَ ٺهن. ڪنجهي مان ٺهيل ٿالهي.

• **ٻَنْگڙي ج ٻَنْگڙيُون (ٽ):** ث. [هہ. بَنْگري] شيشي جي چوڙي.

• **ٻُنْگَڻُ (ل):** مصدر. ڏنڻ. پرڻ. تار ڪرڻ. (ٻنگيو ــ ٻنگيندو ــ ٻنگيل).

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪيٽ ـ ڪيتي. آبادي ڪرڻ لاءِ زمين جو ٽڪرُ.

– **ٻني ٻوڙڻ:** زمين کي گهرج کان وڌيڪ پاڻي ڏيڻ. نقصان ڏيڻ.

– **ٻنيَرُ ج ٻنيَرَ:** ذ. صفت. ٻنيءَ وارو. ٻني ڪندڙ ـ ڪڙمي ـ هاري.

– **ٻني سائي ڪرڻ:** رونبو ختم ڪرڻ.

– **ٻني ڪرڻ (ت):** زمين جو ٽڪر آباد ڪرڻ. هر ڪاهيندي زمين جو ڪجهه حصو بنا هر جي رهائي وجڻ.

– **ٻنيءَ ۾ برڪت پوڻ:** رزق ۾ واڌارو ٿيڻ.

• **ٻنيي ج ٻنيُوْن:** ث. بارگير وهٽ جي پُنيءَ تي ٻني مثل ڏکويا ٻتو رکيل پيڙهو (ڳوڻ جي ڳوٿريءَ ۾ ڪک ۾ ٻوسو پري ناهيل، يا پراڻي ڪپڙي ۾ ليڙن وغيره مان ناهيل. جو گڏه يا گهوڙي جي پُنيءَ تي رکجي ته بارلڏڻ سببان پُنيءَ تي ڪو زخم نه ٿئي).

• **ٻٽانگَ ج ٻٽانگُوْن (ت):** ث. ٻرانگهه ـ ورانگهه.

– **ٻٽانگ هڻڻ:** ٻرانگهون پرڻ. وڏيون وکون کڻڻ.

• **ٻٽڃ ج ٻٽڃ (ل):** ذ. [هہ. ٻرِڃا، ٻرِڃي] ٻٽڃُ. پالو. وڏو ڪنڊو ـ سيلهه.

• **ٻٽڪَ (ت):** ث. ڪٽڪ جي پوک جو هڪ مرض (جنهن سببان سنگن ۾ داڻا ڪارا ٿي وڃن) ـ ڏٽڪ.

• **ٻٽڪُ ج ٻٽڪَ:** ذ. صفت. [سن. پَنڪَ = سڃ. نااميدي] پينگيو ـ سُڃو. غريب ـ مسڪين. پينو ـ گداگر ـ ٻٽينگُ. سنهڙو ـ ڏٻرو ـ اُپرو.

• **ٻٽڪَ ج ٻٽڪُوْن:** ث. [سن. وِلَنگهَ = ٻرانگهه. ٽپو] ٻرانگهه ـ ٽينگ ـ ٽپو ـ چالُ ـ اُچانگ. ڏڪ ـ ڊوڙَ.

• **ٻٽڪُ، ج ٻٽڪَ:** ذ. گهوڙي، اُٺ يا ٻئي ڪنهن سواريءَ جي جانور جي جهَلَ ـ هيدي.

• **ٻٽڪُ ج ٻٽڪَ:** ذ. صفت. صاف. اُڇو. نج ـ خالص. ڏسو "ٻنگُ".

• **ٻٽڪُ ج ٻٽڪَ:** ذ. ڏکيو تاندورو (ڪپهه يا اَنَ جو). ڏکيي تاندوري واري ڪپهه يا اَنَ.

• **ٻٽنڊو ج ٻٽنڊا:** ذ. صفت. ڏسو "ٻڙنڊو".

• **ٻٽنگَ ج ٻٽنگَ:** ذ. ڏسو "ٻٽڪُ"

• **ٻٽنگَ (ڪ):** ث. اُهو اَنَ جو سنگن ۾ ڪچي هئڻ جي حالت ۾ لُبجي (منجهس ڳپ ٿورو ۽ هلڪو ٿئي. انهيءَ ڪري اهو ڪچو اَن ڳاهه يا واٽر ۾ نڪري وڃي).

• **ٻٽو ج ٻٽا:** ذ. ٻرو ـ رَڃُ. لُڙو ـ ٿڌو "جي اُڏاميو اڄ، ته وسائيندو سون ٻٽيڻ" (شاهه).

– **ٻٽي ج ٻٽيُوْن:** ث. ٻڙي ـ ٽڪرو ـ ٽڪو. ٻوند ـ ٽيپو.

– **ٻٽي ٻٽي:** ث. ڦڙي ڦڙي. داڻ داڻ.

• **ٻٽي ج ٻٽي:** ذ. صفت. ساٿي ـ همراهه "پُنهونءَ ڏاران پب ۾، ٻيلي ناهه ٻٽي" (شاهه).

• **ٻٽينگُ ج ٻٽينگَ:** ذ. صفت. سنهون. ـ ٻرو. ڳريل.

• **ٻوُ:** ذ. [آواز] اُبڙڪي يا اوڪاري جو آواز. ٻڪريءَ جو آواز.

• **ٻواٽو ج ٻواٽا:** ذ. [ٻہ + واٽ] اُهو هنڌ جتي ٻہ رستا پاڻ ۾ ملن ـ دوراهو.

• **ٻوارِي ج ٻوارِيُوْن:** ث. آبي. پکيءَ جو هڪ قِسم (اڇي، ميرانجهڙي رنگ جو).

• **ٻوانجرو، ٻوانجهرو ج ٻوانجرا، ٻوانجهرا:** ذ. صفت. [ٻانهن + واڻ + چيرو] سڌو نہ پر ٻانهن واري پاسي مڙيل ـ پاسيرو. ڏنگو ـ ڦڏو ڦيري وارو يا پاسيرو (پنڌ). گس يا رستي کان ٿورو پاسيرو. وچڙو. ٻن نشانن جي وچان (ل).

• **ٻوبُ ج ٻوبَ (ل):** ذ. وڏو ٿاڻءُ.

• **ٻوبَ ج ٻوبُوْن:** ث. رڙ ـ دانهن ـ ڪوڪ ٻيبڙاٽ. ٻار جي دانهن.

• **ٻوباٽ ج ٻوباٽيُوْن (ل):** ث. هرڻ جي ڍِڪَ ـ هرڻ جو واڪو. دانهن ـ رڙ ـ ڪوڪ.

• **ٻوٻٽُ ج ٻوٻٽَ:** ذ. دانهن جو آواز ـ رڙ و رڙ. ٻوباٽ. ڪوڪٽ.

– **ٻوٻٽ پرڻ:** دانهوڙ پوڻ. حادثو ٿيڻ. فساد شروع ٿيڻ.

– **ٻوٻڙ ج ٻوٻڙ (ث):** ذ. صفت. اڻ پڙهيل – جٽ – جاهل.

• **ٻوٻرَ ج ٻوٻرَٽ (ث):** ذ. ٻيبراٽُ. اوچتو واڪو. ڪوڪٽ. ڏاڍي آواز وارو روڄ.

• **ٻوٻڙ (ت):** ث. ڏوڙ ـ ڊسڙ.

• **ٻوٻراٽ ج ٻوٻراٽيُوْن (ل):** ث. دانهن ـ چيٽ ـ رڙ. ٻيبڙاٽ. هرڻ جي ڍِڪَ ـ ٻوباٽ.

• **ٻوٻڙٽُ ج ٻوٻڙٽَ (ل):** ذ. وڏي رڙ ـ وڏي دانهن. ٻوٻرٽُ. ٻوباٽ.

• **ٻوٻو ج ٻوٻا:** ذ. ڍير ـ ڍِڳ. گهڻو انداز. رقم. رشوت ـ وڍي. فتنو ـ فساد. دَستي ـ ٿُهي (نوٽن جي).

– **ٻوٻا هارڻ:** فساد اُٿارڻ. لالچ ڏيئي نقصان ڪرائڻ.

– **ٻوٻا ڏيڻ:** وڍيون آڇڻ. رشوتون ڏيڻ.

• **ٻوٻي:** اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻوتاڙُ ج ٻوتاڙَ (ڪ):** ذ. ٻار جي روئڻ جو آواز. وڏو واڪو. ٻوهاڙ.

• **ٻوتِنو ج ٻوتِنا (ت):** ذ. صفت. بلڪل ٿُلهو. ٿُلهي منهن وارو.

• **ٻوتو ج ٻوتا (ت):** ذ. صفت. ڀالو ڀولو ـ بيوقوف ـ واڇِرو ـ ٻوئِتو. ٿُلهو.

• **ٻوتِي ج ٻوتِيُون (ت):** ث. ٻڪري ۽ رِڍ جو هڪ قِسم.

• **ٻُوٿُ ج ٻُوٿَ:** ذ. مُنهن جو هيٺيون ڀاڱو (ڄاڙيءَ وارو). مُنهن! (نفرت وچان) جانور جو ڏونْ ـ ڏوناڙ (ت) ـ ٻُوٿي ـ ٻُوناڙ.

— **ٻُوٿ ٻَڌڻ:** مُنهن بند ڪرڻ. ڳالهائڻ کان روڪڻ. چپ ڪرڻ ـ ماٺ ڪرڻ.

— **ٻُوٿ ٻَڌي ويهڻ:** ڳالهائڻ کان بس ڪري ويهڻ. ڄاڻي واڻي نہ ڳالهائڻ.

— **ٻُوٿ ڀِڻو ڪرڻ:** مُنهن ڇِبو ڪرڻ. مُنهن گهنجائڻ. شورجڻ ـ ڪاوڙجڻ. مُنهن ڦيرائڻ. جواب نہ ڏيڻ.

— **ٻُوٿ ڀِت سان لڳڻ:** شرمسار ٿيڻ ـ ڦِڪو ٿيڻ.

— **ٻُوٿ ڀَڃڻ:** منهن ڀڃڻ. سخت سزا ڏيڻ.

— **ٻُوٿ سُڄائڻ:** منهن سڄائڻ. مُنهن گهنجائڻ. ڪاوڙجڻ.

— **ٻُوٿ وجهڻ:** جانور جو ڪنهن شيءِ کي سنگهي يا کائي خراب ڪرڻ. سنگهڻ ـ نُوسڻ. وات وجهڻ. منهن وجهڻ.

• **ٻُوٿارو ج ٻُوٿارا (ل):** ذ. ڪاني جو وڍيل ڀوڇڙ.

• **ٻُوٿاري ج ٻُوٿاريُون:** ث. ڏسو "ٻوٿاڙي".

• **ٻُوٿاڙ ج ٻُوٿاڙَ:** ذ. ڄانور جو ٻُوٿ وارو پاسو. ڏُوناڙ ـ ٻوناڙ.

• **ٻُوٿاڙو ج ٻُوٿاڙا:** ذ. وهٽ جي ٻوٿ تي (لغام نہ هجڻ جي حالت ۾) رسيءَ سان وڪڙ (ڳچيءَ ۾ رسو ٻڌي، اُهو رسو وڪڙ ڏيئي ٻوٿ کي ويڙهي، ٻي ڀُڇڙي هٿ ۾ جهلبي).

• **ٻُوٿاڙي ج ٻوٿاڙيُون:** ث. ٻُوٿِي ـ مهاندو ـ شڪل. نوڙيءَ مان ٺهيل ڇِڪو (جو گهوڙي، اُٺ يا ڍڳي جي منهن تي. اُن کي ڏاٿي يا اَنَ چرڻ کان روڪڻ لاءِ، چاڙهبو آهي).

• **ٻوٿِرو:** اسم خاص. تعلقي سنجهوري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ٻوٿو (ٿ):** ذ.صفت. ٻوئِتو ـ ٻُگهن ـ بيوقوف.

• **ٻُوٿو:** ذ. جيت جو هڪ قِسم (جو ڪپڙي ۽ ڪتابن کي ٽُڪي) ـ اُوٿو (ل) ـ ڇُوٿو. وڏو ٻورو (انّ وغيره لاءِ).

• **ٻُوٿِي ج ٻُوٿِيونْ:** ث. شڪل ـ مُنهن (حقارت سان). ٻڪريءَ جو هڪ قِسم (جنهن جا ڪن بلڪل ننڍا ٿين).

— **ٻُوٿِي هُئڻ:** مهاندو هئڻ. شمار ۾ اچڻ جهڙو هئڻ (نفرت وچان).

• **ٻُوٽَ:** ث. ٻُوٽڻ جي حالت ـ ٻُوڙ.

• **ٻُوٽُ ج ٻُوٽَ:** ذ. گوشت جو وڏو ٽڪرو ـ وڏي ٻُوٽِي ـ ٻُوٽارُ.

• **ٻُوٽا (ڪ.ل):** ذ. پِرت جو هڪ قِسم.

• **ٻُوٽارَ ج ٻُوٽارُون (ل):** ث. ڪَنن ڪُري ٻڪري.

• **ٻُوٽارُ ج ٻُوٽارَ:** ذ. گوشت جو وڏو ٽُڪر ـ ٻُوٽَ.

• **ٻُوٽارِجڻُ:** فعل مجهول. ٽُڪر ٽُڪر ٿيڻ (گوشت).

• **ٻُوٽارڻ:** مصدر. ٽُڪر ٽُڪر ڪرڻ ـ ذرا ذرا ڪرڻ (گوشت) ـ ٻُوٽيون ٻُوٽيون ڪرڻ. مٿيرو وڍڻ ـ مُڇڻ. (ٻُوٽاريو ـ ٻُوٽاريندو ـ ٻُوٽاريل).

• **ٻُوٽائِڻُ:** مصدر. "ٻُوٽڻ" مان متعدي بالواسطه. پُورائڻ (اکيون). بند ڪرائڻ. (ٻوٽائيو ـ ٻُوٽائيندو ـ ٻُوٽايل).

• **ٻُوٽڙِيُونْ (ڪ.ل):** ث. پِرت جو هڪ قِسم.

• **ٻُوٽَڻُ:** مصدر. پُورڻ (اکيون) "پرين سي پسن، ٻيئي جنين ٻُوٽيون" (شاھ). ڍڪڻ. بند ڪرڻ. ٻُڄو ڏيڻ. روڪڻ. (ٻُوٽيو ـ ٻُوٽيندو ـ ٻُوٽيل).

• **ٻُوٽِڻِي (ت):** ث. اکين جي هڪ بيماري (جنهن ۾ اک کلي نہ سگهي) ـ ڇُنجهائي.

• **ٻُوٽو ج ٻُوٽا:** ذ. زمين مان ڦُٽندڙ هڪ پاڙ وارو سلو جنهن جي پاڙ سنئين سڌي هيٺ زمين ۾ ۽ مٿي سنهڙين لسين لامن يا پنن جو جهُمٽو. [سن. وِٽَپَ] ننڍڙو وڻ. سائو سَلو. سَلن جو مُڇو. ڪپڙي تي پِريل گلڪاري.

— **ٻُوٽو ٻارڻ:** سوجهرو ڪرڻ. همّت ڪرڻ ـ مڙسي ڪرڻ. ڪي ڪجهہ ڪري ڏيکارڻ. نالو ڪڍڻ.

— **ٻُوٽو ٻَڌي آچار ڪرڻ:** چئن چڱن جو پاڻ ۾ گڏ جي ويهي فيصلو نبيرڻ.

— **ٻُوٽو پَٽڻ:** ڪَڇيءَ ۾ ئي بنياد پَٽڻ.

— **ٻُوٽو ڪَڍڻ:** گونْچ ڪڍڻ ـ ڦُٽڻ.

• **ٻُوٽِي ج ٻُوٽِيُونْ:** ث. ننڍڙو ٻُوٽو (جنهن جا پن ۽ گل دوا طور ڪم اچن). پِرت جو هڪ قِسم. گوشت جو ننڍڙو ٽڪر ـ سُڌي "ٻانيڻ تي ٻوٽيون، تہ ڪتا ڪينئي ڪيچ جا" (شاھ). ڀنگ (سائي ٻُوٽي). ڀنگ جي ڳوٽي.

— **ٻُوٽِي ٻُوٽِي ڪرڻ:** ٽڪر ٽڪر ڪرڻ ـ ڀيرو ڀيرو ڪرڻ.

— **ٻُوٽِي گڏ رهڻ:** گڏ رهڻ. ٺاھ ٿيڻ.

• **ٻُوٽيدار:** صفت. گلڪاريءَ وارو (ڪپڙو).

• **ٻُوٽيري (ٿہ ڪ):** ث. ٻوٽيءَ جو هڪ قِسم (جا ڏَٿ طور ڪائبي، جا واريا سي زمين ۾ ٿئي، صبح جو ڪائڻ ۾ ڪٽي ۽ شام جو لِڪي، تنهنڪري صبح جو پٽي ڪائينس ۽ ساڳ

ڪري رڌينس: ان جي ڦر ۾ اڪ جي انبيءَ وانگر ڪپھ جھڙو ڪپ ٿئي ـ ڪنائي ـ ڪنالڙي.

• **ٻوٽينُ (ٽ):** ٿ. پرت جو هڪ قسم.
• **ٻوجھُ ۽ ٻوجھہ:** ذ. ٻوجھو ـ بارُ.
• **ٻوجھ ۽ ٻوجھون:** ٿ. [سن. ٻڌ] ٻڌي ـ سمجھ "ٿيءَ ٻاراڻي ٻوجھ، وڃائي وجود کي" (شاھ). عقل ـ مت، فهم ـ هوش، ڄاڻ ـ خبر، گيان ـ ٻوڌ.
• **ٻوجھو ۽ ٻوجھا:** ذ. بار، وزن. ڏکيائي ـ تڪليف. ٻن ڳوٽين جو سبيل سنڌُ. وڏو بجڪو. پلڙن روڙڻ لاءِ ڪم ايندڙ هڪ پاسي کان ڪليل ڳوڻ. ڳٺڙي.
— **ٻوجھي ۽ ٻوجھي:** صفت. ٻوجھو کڻندڙ ـ بارگير. مزور ـ حمّال.
• **ٻوڄ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ٻوڄ ۽ ٻوڄ:** ذ. شيشي وغيره جي مُنهن بند ڪرڻ لاءِ ڏنو يا ڪاٺيءَ ٽڪر ـ ٻنجو.
• **ٻوڄانڊ ۽ ٻوڄانڊ (ٽ):** ذ. صفت. چريو ـ مست. پوش.
• **ٻوڄانڊڻ (ٽ):** مصدر. وڍڻ ـ ڪپڻ.
• **ٻوڄر:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديھہ جو نالو.
• **ٻوڄر (ڪ):** ٿ. گاھ يا وڻ جون پاڙون.
• **ٻوڄڪي:** اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديھہ جو نالو.
• **ٻوڄو ۽ ٻوڄا:** ذ. سوراخ بند ڪرڻ لاءِ ڪپڙي يا گاھ جو مُچو (ٽ). ڏنو. مست اُٺ جي وات ٻڌڻ لاءِ هڪ جاريدار ٽنگڻ (ڪ).
— **ٻوڄو ڏيڻ:** ٽنگ بند ڪرڻ. وات بند ڪرڻ.
• **ٻوڄيا (ٽ):** اسم خاص. مينگھواڙن ۾ ڀيلن جي هڪ ذات جو نالو.
• **ٻودو ۽ ٻودا (ٽ):** ذ. صفت. جھونو. پراڻو ـ سڙيل. (ٿ) ٻودي ۽ ٻوديون.
• **ٻوڌ، ٻوڌ:** ٿ. [سن. ٻوڌ > ٻڌ = ڄاڻڻ] ٻڌ ـ ٻڌي ـ سمجھ. ڄاڻ. علم ـ گيان. عقل ـ هوش. خبر ـ سڌ.
• **ٻوڏڙو (ڪ):** ذ. زُڪام ـ ليسُ.
• **ٻوڏو ۽ ٻڏا (ٽ):** ذ. صفت. جھڙو تھڙو ـ رواجي ـ معمولي ـ عام.
• **ٻوڏ، ٻوڏ ۽ ٻوڏون:** ٿ. پاڻيءَ جي اُٿل ـ چَڙ ـ ليٽ. سيلاب ـ طغياني.
• **ٻوڏ، ٻوڏ:** ذ. (سڌ. دانهن يا آواز تي حقارت يا بيزاريءَ جو جوابي لفظ). ڦوٽ! روتا! ـ مهورا! "جي هُوڄونس ٻوڏ، ته ٻه جيءَ سٽائي جڳ کي" (شاھ).

— **ٻوڏ چوڻ:** سڌ جو اڻ وڻندڙ جواب ڏيڻ. ڦوٽ چوڻ.
• **ٻوڏار:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽ غلام محمد (جيمس آباد) ۾ هڪ ديھہ جو نالو.
• **ٻوڏاڻا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ٻوڏرو:** ذ. بيهوشي ـ غشي ـ بي سُرتائي. ماندڪائي. اُهمائي.
• **ٻوڏيو ۽ ٻوڏيا:** ذ. صفت. [ھ ٻوڏيا] معتقد ـ پوئلڳ.
• **ٻوڙا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ٻوڙر ۽ ٻوڙر (ٽ):** ذ. صفت. ٺلھو. بي ڏولو. ميرو.
• **ٻوڙو ۽ ٻوڙا (ڪ):** ذ. پاڻيءَ جي ننڍڙي ساندُاريءَ جو اُهو آڏ جو سڙي يا خراب ٿي وڃي (جنهن کي ڪڍي ٻيو وجھجي).
• **ٻور:** ٿ. پيچش يا سُوريءَ جي بيماريءَ ۾ پيٽ مان نڪرندڙ اڄو خلطُ.
• **ٻورُ، ٻورا:** ذ. ٻولُ. ٻولي. آواز "اڄن پرين پتنگيا، ڪر ٻاٻيھل جي ٻورا" (رسالو: ڏھر).
• **ٻُورُ ۽ ٻُور:** ذ. [سن. پُرَ] ڪنهن ٻه ٻوٽي، ٻُوڙي، ٻوڪ جي سلي، يا وڻ جي مکڙين يا گلن جي گپ ڪان اڳ واري ڦلھار ـ مورَ "ٺمن مٿان نُور، سدا وسي سبحان جو: هڪ سايُون ڏسجن سهٽيون، ٻيو ٻهڪي سندن ٻور". ٻنڪُ. ٻونگرُ (ڪرڙ جو). ٻاجھريءَ، جوئر وغيره جي سنگن مٿان اَنّ جھلڻ کان اڳ اُٿي جھڙي داڻ داڻ. ڪنديءَ جي وڻ جا ڦل (ڪ). ڳڀرو ـ نوجوان. ٻُوراڻي. جوان اُٺ "پيرين آءَ نه پُڄتي، ٻاٻل ڏئي نه ٻُورُ" (شاھ).
— **ٻُور ٿيڻ، پوڻ:** ڦردار ٻوٽي، سلي يا وڻ ۾ ڦر پيدا ٿيڻ لاءِ ٻُور پوڻ. ڪجهيءَ ۾ ڦر ڪرڻ لاءِ ٻور وارا ڳلڙا پيدا ٿيڻ. ڦردار وڻن ۾ ٻُور لڳڻ.
— **ٻُور جھلڻ، ڪرڻ:** انبن وغيره ڦردار وڻن ۾ ٻُور لڳڻ. جوئر، ٻاجھري وغيره ٻوڪ جي سلن جو نسرڻ بعد سنگن ۾ ٻور اُٿڻ.
• **ٻُوراڻي، ٻُوراڻي:** ٿ. [ف. ٻوراني] ٻن (پاڻيءَ ۾ ڄمندڙ هڪ گاھ) جي سنگن مان نڪتل هيدي رنگ ج اَٽو (جنهن ۾ کنڊ ملائي ٽڪيون ٺاهيندا آهن) ـ ٻُوري.
• **ٻُوراھ:** اسم خاص. تعلقي روھڙيءَ ۾ هڪ ديھہ جو نالو.
• **ٻُورائڻ :** مصدر. [سن. واتُولُ = ٻانولو. چريو] چريو ڪرڻ. خفي ڪرڻ.
• **ٻُورائڻ:** مصدر. مادي ڪجهيءَ ۾ نر ڪجهيءَ جو ٻور وجھڻ ـ نرائڻ.

**ٻُورَ پوٽا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر ضلعن ۾).

**ٻُورجڻُ:** فعل مجهول. ٻُورجهلڻ. ٻُنگ جهلڻ. ڦولارجڻ.

**ٻُورجي:** اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

**ٻورڙي:** اسم خاص. سڪرَ ۽ ڪڪڙ تعلقن ۾ ديهه جو نالو.

**ٻورڙي ج ٻورڙيون (ٿ):** ٻير جو وڻ.

**ٻُورڻُ:** مصدر. ٻُور ڪرڻ ـ ٻُورجڻ ڦولارجڻ. ٻُورو ٿيڻ ـ اَنو ٿيڻ. جهري پوڻ ختم ڪرڻ (روات سان گهي). ٻُورڻ ـ لٽڻ (ٿ) "مُنهن انهيءَ مٽيي جو بنهي هٿين ٻُور" (گلو مياٽو). (ٻوريو ـ ٻوريو ـ ٻُوريل).

**ٻوَرڻُ، ٻورڻُ (ٿ):** مصدر. اَهل ڪرڻ ـ ويچارا ڪڍڻ. اُبتا جواب ڏيڻ. نَر ٻَڪر جو ٻڪريءَ کي لڳ ڪرڻ وقت آواز ڪرڻ. (ٻوريو ـ ٻوريندو ـ ٻُوريل).

**ٻُوَرڻُ، ٻورڻُ (ٿ):** مصدر. اَهل ڪرڻ ـ ويچارا ڪڍڻ. اُبتا جواب ڏيڻ. نَر ٻَڪر جو ٻڪريءَ کي لڳ ڪرڻ وقت آواز ڪرڻ. (ٻوريو ـ ٻوريندو ـ ٻوريل).

**ٻورو ج ٻورا:** ذ. [ف. بُورا؛ هه. بورا] ويڪر وارن پاسن کان سبيل ۽ ڊيگهه واري پاسي کان کليل ڳوڻ (جا پاٽ، مٽيءَ، واريءَ وغيره کڻڻ لاءِ ڪم اچي، ۽ گڏهه يا اُٺ تي لڏجي). اَنَ، مٽي، پاٽ، واريءَ وغيره جو خاص مقدار (جو هڪ ٻوري ۾ پرجي سگهي). ڪَڙيو ـ خرجين. بار لڏڻ لاءِ ڳوٿرو (ڳوڻ، ڏاس وغيره مان نهيل). ڏاس مان نهيل وڏو ٿيلهو يا ڳوٿري (ڪ). (صفت) بار وارو ـ ڳرو ـ ڀاري.

**ٻورا اُٿلائڻ (ٿ):** ڦورا ڦولڻ. راز فاش ڪرڻ. خوار ڪرڻ.

**ٻورا ڪَٽڻ:** گڏهه يا اُٺ تي پاٽ، مٽيءَ وغيره جا ٻورا لڏڻ "ٻ سئو ٻورن جا ڪٽي، سرائين ڪنيو ساهه" (نور محمد لغاري).

**ٻورو ڇَنڊڻ:** ڀريل ٻورو اُٿلائي خالي ڪرڻ.

**ٻُورو ج ٻُورا (ٿ):** ذ. صفت. اُهو ٻڪر جنهن جي ڪنن تي اڇا چِٽا هجن. (ٿ) ٻُوري ج ٻُوريون.

**ٻُورو ج ٻُورا:** ذ. ڪاٺ جو ڇُورو (جو چيرڻ وقت نڪري). ڪاٻ ـ پينل سنهي شيءِ. ڇورو ـ سفوف. ڪنڊ جو هڪ قِسم (تمام سنهي ڪنڊ). ننڍو سنئون ٽڪر (ڪ). جبل جي ڪناري سان لڳو لڳ ڪڪرائون سنئون پٽ (جو ڳچ پنڌ ۾ هجي).

**ٻُورا ڪرڻ (ڪ):** ذرا ذرا ڪرڻ ـ پُرزا ڪرڻ.

**ٻُورو اُرمَني:** ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قِسم (اڇيءَ ڪار جهڙو جبل مان نڪري).

**ٻُورو پشمُ (ڪ):** ذ. پشم جو هڪ قِسم ـ ننڍن وارن واري پشم.

ـ **ٻُورو عاجُ:** ذ. هاٿيءَ جي ڏندن جو ڇورو (جو دوا طور ڪم اچي).

• **ٻوروهاڙو:** ذ. هڪ قِسم جو ٻوڙو.

• **ٻوري ج ٻوريون:** ٿ. ڳوڻ. ڏاس مان نهيل ٿيلهي (اَنَ وجهڻ لاءِ). مڇيءَ جي پيٽ ۾ چربيءَ جي ٿيلهي. مڇيءَ يا پلي جي وَهُه.

• **ٻُوري:** اسم خاص. تعلقي ڪڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻُوري ج ٻُوريون:** ٿ. جوئر يا ٻاجهريءَ جي سنگن تي پچڻ کان اول هيڊي رنگ جو سنهون ٻُورو. مال جي ڪاچ لاءِ ٻہر جا روڙيل پن ـ ٻري. ننڍڙن ڪنن (ڪنن تي اڇا چِٽا) واري ٻڪري.

• **ٻوريجي:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻوڙ:** ٿ. ٻوڏِ ـ اُٿَل. پاڻيءَ جو سخت چاڙهه. (صفت) ٻوڙڻ جيڏو "پاڻي پنيءَ ٻوڙ، سهڻيءَ ليکي سِيرجو" (شاهه).

ـ **ٻوڙ ٻوڙان:** ٿ. پاڻيءَ جي اُٿل ٻويان اُٿل. سخت مِينهن جي وري وري وسڻ جي حالت. وڏي ٻوڏ.

• **ٻوڙُ ج ٻوڙ:** ذ. رڌل گوشت، مڇي، ڀاڄي وغيره (جو مانيءَ يا چانورن سان کائجي) ـ ترڪاري. ڳَنڍڻ. (صفت) [سن. ٻاتُولَ] چريو ـ مستانو ـ بيوقوف (ڪ).

ـ **ٻوڙ هارڻ:** اجايو ڳالهائڻ ـ بڪڻ. ڊيڪ ڏيڻ.

• **ٻوڙا:** اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻُوڙاڻ:** ٿ. ڪنن کان چِٽو نہ ٻُڌي سگهڻ واري حالت ـ گهٻرائي.

• **ٻوڙانا:** اسم خاص. ٿر ۾ رهندڙ مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

• **ٻوڙاهُ (ل):** ٿ. ٻوڙهه ـ سخت ننڊ. بيهوشي. ڳهَر.

ـ **ٻوڙاهُ ٻَٽ:** ٿ. سخت بيهوشي. اگهور غلطاني.

• **ٻوڙائڻُ:** مصدر. زمين کي پاڻيءَ ۾ ٻڏائڻ ـ زيرآب ڪرائڻ. بدحواس ڪرائڻ. بيهوش ڪرائڻ. ٻُڏائڻ (رڱ ۾ ڪپڙو وغيره) ـ رڱائڻ. گهٻرو ٿيڻ (ڪنن کان). (ٻوڙايو ـ ٻوڙائيندو ـ ٻوڙايل).

ـ **ٻوڙائي، ٻوڙائِڻي:** ٿ. ڪپڙي ٻوڙائڻ يا رڱائڻ جو محنتاڻو.

• **ٻوڙَت:** ٿ. گهٻراهٽ ـ بدحواسي. وڏي ڳٽتي ـ ٿَبي "ٻيئي ٻوڙت ۾ پيا، وڏيءَ جاڙ جوان" (حفيظ تيوٽو)؛ "ٻُڏيو ٻوڙت ۾ وڃي، جنهن کي سُورن ڏنو ساءُ" (رمضان ڪنير).

• **ٻوڙَتُ ج ٻوڙَتَ:** ذ. صفت. وڏو ٻوڙو ـ ڪنن کان گهٽو گهٻرو.

• **ٻوڙَڻُ:** مصدر. پاڻيءَ ۾ ٻڏائڻ ـ زيرآب ڪرڻ ـ غرق ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

پاڻيءَ جو اُٿل ڪري ٻوڏ ڪرڻ. ٻوڙو ڏيڻ. ٽٻائڻ (ڪپڙي يا سُٽ کي رڱ جي پاڻيءَ ۾). فيصلي ۾ ڪنهن جو وهنوار وڃائڻ ”حق ٻوڙڻ. رقم ٻوڙڻ“. نابود ڪرڻ. زائل ڪرڻ. (ٻوڙيو ـ ٻوڙيندو ـ ٻوڙيل).

— **ٻوڙو ۽ ٻوڙا:** ذ. پاڻيءَ ۾ ٻوڙڻ جي حالت. ڪپڙي کي رڱ جي پاڻيءَ ۾ ٽٻي ـ ٽوٻو.

— **ٻوڙو ڏيڻ:** رڱ جي پاڻيءَ ۾ ٽٻي ڏيارڻ. ٽوبو ڏيڻ. ٻار جو رلِيءَ ۾ مُتڻ (ڪ).

• **ٻوڙو ۽ ٻوڙا:** ذ. صفت. [سن. ٻڌرَ] ڪنن کان چٽو نہ ٻڌندڙ ـ گهبرو. (ث) ٻوڙي ۽ ٻوڙيون.

— **ٻوڙائي:** ث. ڪنن کان چٽو نہ ٻڌي سگهڻ جي حالت ـ گهبرائي. ٻوڙاڻ.

— **ٻوڙوٽُ:** ذ. صفت. نپٽ ٻوڙو ـ چٽ ٻوڙو ـ ٻوڙو گهَل.

— **ٻوڙو گهَل:** ذ.صفت. چٽ ٻوڙو ـ نپٽ ٻوڙو.

— **ٻوڙي گهَل:** ذ. ث. صفت. ٻوڙو گهل. نپٽ ٻوڙي ـ چَٽ ٻوڙي.

• **ٻُوڙو ۽ ٻُوڙا:** ذ. زمين مان اپرندڙ هڪ يا گڏ گهڻيون سنهيون پاڙون. جن مان سنهيون ڏگهيون لامون مجو تي متي وڌن. ڪانهہ ۽ سرِ ٻوڙا آهن. گاهہ. ٻوٽو وغيره. جو لامون ڪري اُسري ”ڏين جو ٻوڙو“. ”ڪانهن جو ٻوڙو“. ”ٻڌندي ٻوڙن کي، ڪي هاتڪ هٿ وجهن“ (شاهہ). تڪيو ـ پروسو ـ آسرو ”طالب المولىٰ مُذڪر ايءَ ٻڌندن ٻوڙو“ (شاهہ).

— **ٻُوڙو ٻڌڻ:** گاهہ. ٻوٽي، سَلي وغيره جو لامون ڪري اُسرڻ. مُتو ٻڌڻ. ارڙو ٻڌڻ.

— **ٻُوڙو ڪڍڻ:** پاڙون پٽڻ ـ ناس ڪرڻ ـ نابود ڪرڻ. ڪپائڻ ـ کٽائڻ.

• **ٻوڙي ۽ ٻوڙيون:** ث. پکيءَ جو هڪ قسم (جهرڪيءَ جيڏو پهاڙي پکي، جو جوئر ۽ باجهريءَ جو فصل زوريءَ کائي. ۽ جڻ جهار هڪلينڌڙ جي آواز کي ٻڌيئي ڪونہ).

• **ٻوڙي:** اسم خاص. تعلقي اُٻاوڙي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ٻُوسات ۽ ٻُوساتُون:** ث. هوا جي بندش ـ ٻُوسَٽ ـ حَبس ـ گهٽ. رُڱهہ ـ اُڪرس. گهوگهو. اڌ سانداري (جنهن سان ڪوهہ مان پاڻي ڪڍن).

• **ٻُوساٽجڻ:** مصدر. ”ٻوساٽڻ“ مان فعل مجهول. گهُٽجڻ ـ مُنجهڻ. ٻُوسات ٿيڻ.

• **ٻُوساٽڻ:** مصدر. زوريءَ وات ۽ نڪ بند ڪرڻ. ڳالهائڻ کان روڪڻ. ساهہ بند ڪرڻ. گهُٽڻ. (ٻوساٽيو ـ ٻُوساٽيندو ـ ٻوساٽيل).

• **ٻُوسٽ (ٿ):** ث. چمات ـ لپاٽ.

• **ٻُوسَٽ:** ذ. ٻُوسات.

• **ٻوسرندو (ت):** ذ.صفت. بدبودار ـ اوسنو. خراب.

• **ٻوسڙ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ٻوسڻ:** اسم خاص. تعلقي رتي ديري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ٻوسي ٻوسون (ت):** ذ. [سن. ٻسَ = ٻوسي تهہ] ڳاهيل وڙ (جنهن ۾ اجا اَنّ ۽ ٻهہ گڏ هجي).

• **ٻوڦو ۽ ٻوڦا (ٿ):** ذ. صفت. اَٽڃاڻ ـ موڳو ـ بيوقوف ـ غافل. (ذ) مردانو مخصوص عضوو.

• **ٻوڪ:** ث. [سن. ٻُڪَ = شينهن جي گجگوڙ ڪنهن بہ جانو جو آواز] ٻڪريءَ جي ٻيڪَ. رڙ. دانهن. ٻڙ ٻڙ. ٻڪر جو ٻڪريءَ سان لڳ ڪرڻ وقت آواز. وَهُرُ (ڪ). [سن. ٻُوڪ = دل] شوق ـ خوشي (ڪ). کوهہ مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ ا سانداري ـ ٻوڪو (ڪ). ٽر ۾ جانورن جي هڪ بيماري (جنهن ۾ چوپائي کي ٽيڪ تي پوي).

• **ٻوڪَ ۽ ٻُوڪ:** (ذ. اوائلي ٻور. ڦوهہ. جوانيءَ جي ابتدا ”ٻالَ پڻ جو ٻوڪ. ويو ويچاري وسري“ (شاهہ). وڏو آواز. وڏو سڏ. واڪو. دانهون ڪندڙ ماڻهو يا ٻڪر. ٻڪر جو ٻڪريءَ کي ڦرڻ وقت ڪيل آواز. (صفت) (سن. وَرڪَرَ = ٻڪر. ڪم عقل] ٻوڪ ـ بيوقوف. گاهہ جو هڪ قسم (ت).

— **ٻوڪ چلڻ ڏيڻ:** اجايا واڪا ڪرڻ. بيهودي بڪوات ڪرڻ ديڪ ڏيڻ. مستي ڦٽي ڪرڻ.

— **ٻوڪرُ:** ذ. صفت. ٻوڪ ڪندڙ. وڏا واڪا ڪندڙ. دانهرُ.

— **ٻوڪَ ڦاڙڻ:** وات ڦاڙڻ. وڏا واڪا ڪرڻ. رڙيون ڪرڻ بيهودي بڪ ڪرڻ.

— **ٻوڪ ڪرڻ:** وڏا واڪا ڪرڻ. ٻيڪاٽ ڪرڻ.

• **ٻوڪارڻ:** مصدر. ٻاڪارڻ. دانهون ڪرڻ.

— **ٻوڪار:** ث. ٻاڪارَ. وڏي دانهن.

• **ٻوڪاڻي ۽ ٻوڪاڻيون:** ث. مٽي ۽ ڳچيءَ کي ڪپڙي ويڙهڻ جو هڪ نمونو (مٽي تي ڪپڙو ڪري، ٻيئي پَلو مٿ تي ٻڌجن). رومال جي ٻَٽ.

• **ٻوڪٽ ۽ ٻوڪٽ:** ذ. ٻوڪڙ ـ وڏو واڪو.

• **ٻوڪجڻ:** مصدر. ”ٻوڪڻ“ مان فعل مجهول. انب يا ڪجيءَ جو اوائلي ٻور جهلڻ ـ ٻُورجڻ. انگورجڻ. ڦولارجڻ. لڳڻ ـ ڦرجڻ (ٻڪري). (ٻوڪيو ـ ٻوڪبو ـ ٻوڪيل).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- **ٻُوڪَرَ:** اسم خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ٻوڪرُ ج ٻوڪرَ:** ز. لڳ جي ڏاڻهن ڪنڊڙ (ٻکر). ٻوڪڙ ڪنڊڙ. ڏاڍيان ڳالهائيندڙ. اجائي بڪبڪ ڪندڙ. ٻوڪي ٻڌندڙ (جو چادر کي چيلهه تان ورائي ڳچيءَ ۾ ٻڌي).
- **ٻوڪُڙ ج ٻوڪُڙَ (ت):** ذ. ٻوڪٽ ـ وڏو واڪو.
- — **ٻوڪڙ ڪرڻ:** ٻوڪٽ ڪرڻ. ڏاڍيان ڳالهائڻ.
- **ٻوڪڻُ:** مصدر. ٻاڪارڻ ـ واڪا ڪرڻ. ٻکر جو ٻکريءَ کي ڦرڻ وقت آواز ڪرڻ. ٻکر جو ٻکريءَ کي ڦرڻ. مادي ڪجيءَ ۾ نر ڪجيءَ جو ٻُور وجهڻ. انب جو ٻوڪجڻ ـ ٻُور جهلڻ. کوهه مان پاڻي ڪڍڻ يا چڪڻ. (ٻوڪيو ـ ٻوڪيندو ـ ٻوڪيل).
- **ٻوڪو ج ٻوڪا:** ذ. هڪ خاص قسم جو چرم جو وڏو ٿيلهو (جنهن سان پاڻي ڪڍجي). وڻن ٻوڪجڻ جي حالت.
- **ٻوڪي ج ٻوڪيون:** ث. ڪپڙي اوڍڻ جو هڪ نمونو (جنهن ۾ چادر چيلهه تان ورائي ڪلهن ۾ ٻڌجي). کوهه مان پاڻيءَ ڪڍڻ جي چرخي (ڪ). پاڻيءَ جي نلڪي (boring pipe) ۾ ڪم ايندڙ چمڙي جي ڪٽوري.
- — **ٻوڪيارو ج ٻوڪيارا:** ذ. صفت. ٻوڪي ٻڌل ـ ٻوڪي ٻڌندڙ.
- **ٻوڪيُون:** ث. نئين چاول ٻار لاءِ ٻنڌڻ يا ٽنجڻ.
- **ٻوڪالو ج ٻوڪالا (ل):** ذ. صفت. چريو. موڳو ـ ٻوڳهلو.
- **ٻوڪو ج ٻوڪا:** ذ. صفت. ڪنن پڳل ـ ٻُتو ـ ٻُسو. بدزيبو.
- — **ٻوڪي ج ٻوڪيون:** ث. اها عورت جنهن کي زيور پيل نه هجن ـ ٻُسي.
- **ٻوکي:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ٻوڳهُ ج ٻوڳهَ:** ذ. صفت. بيوقوف ـ ٻوڳهلو.
- **ٻوڳهرو ج ٻوڳهرا (ل):** ذ. صفت. نڙيءَ ڳهٽيل ـ گهگهو. ٿلهي آواز وارو.
- **ٻوڳهريو:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.
- **ٻُوڳهڙ ج ٻُوڳهڙيون:** ث. درياءَ جو ڦٽل پيٽ. ڦٽل درياءَ ـ ڍورو.
- **ٻوڳهلائي (ڪ):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **ٻوڳهلو ج ٻوڳهلا:** ذ. صفت. بيوقوف ـ بي سمجهه. سادي سياءَ وارو ـ پورڙو. نادان ـ ٻُگهه. (ث) ٻوڳهلي ج ٻوڳهليون.
- **ٻوڳهُو ج ٻوڳهُو:** ذ.صفت. ٻوڳهلو.
- **ٻوڳهي ج ٻوڳهيون:** ث. [سن. ٻوگي (bogey)] ريل گاڏيءَ جو ڪليل گاڏو. جيت جو هڪ قسم (ث). ٻـ ـ مُنهين ٻلا (ث). (صفت) ٻتي ـ ٻسي.
- **ٻولَ ج ٻولُون:** ث. ٻولي ـ وعدو (سودي جو). انجام (مال لهڻ کان اڳ ڪيل وڪري بابت) "ڪچيءَ جي ٻولَ".
- **ٻولَ ڪرڻ:** فصل لهڻ کان اڳ وڪري جي ٻولي ڪرڻ. ڪچيءَ جو سودو ڪرڻ. اگهه ٻولڻ. ٺيڪو ڪٽڻ.
- **ٻول ج ٻوليُون:** ث. ڪُڪڙ جي مٿي جي چوٽي ـ ڪلنگي ـ موڙ ـ چؤنر (ل). ڪڪڙ جي چهنب هيٺان لڙڪيل گوشت جو ٽڪر ـ لاڙي (ت).
- **ٻولُ ج ٻولَ:** ذ. سخن ـ گفتگو "تو جو ٻول ٻروچ، ويهي ڪيو وڻڪار ۾" (شاهه): "ٻيجل توسين ٻول، ڪيائين وهائيءَ وڏڻ جو" (شاهه). قول ـ عهد. اَلَسْتَ جو پيمان. نِنڍڙي ٻار جو منڙو ڳالهاءُ. (راڳ جو اصطلاح) ڪنهن به ساز جي تورڙي سهڻي وجت ـ ساز جي سُرائتي ٻولي. وجت جو پائو. ڳائيندڙ جو سهڻو سخن.
- — **ٻول ٻڌل:** صفت. وعدي ۾ ٻڌل. وڪاڻل "ٻول ٻڌل ٻانهي".
- — **ٻول ٻڌڻ:** ڦڪو وعدو ڪرڻ ـ عهد ڪرڻ.
- — **ٻول ٻڌو هڻڻ:** ٻول تي سچو هئڻ. وفادار هئڻ.
- — **ٻول وَچَنُ:** ذ. انجام اقرار.
- **ٻولاڇاري، ٻولاڇالي:** ث. گفتگو. وهنوار. انجام ـ اقرار.
- — **ٻولاڇاري، ٻولاڇالي ڪرڻ:** وهنوار رکڻ. سودو ڪرڻ.
- **ٻولاٽو ج ٻولاٽا (ت):** ذ. پيار مان ٻار سان ڪيل ٻول ـ اولاٽو ـ پُلهاٽو. ٻار کي پرچائڻ لاءِ ساڻس ٻاراڻي ٻولي.
- — **ٻُلاٽا ڏيڻ:** پُلهاٽا ڏيڻ. ٻار کي پرچائڻ لاءِ ساڻس ٻاراڻيون ڳالهيون ڪرڻ.
- **ٻولاهو ج ٻولاها:** ذ. اڇو نشان ـ سفيد چٽو (جو نراڙ تي هجي) ـ ٻولهہُ. (صفت) اهو جوپايو جنهن جي منهن يا نراڙ تي ٻولهه هجي. (مجازاً) نياڳو ـ چندو. (ث) ٻولاهي ج ٻولاهيون.
- — **ٻُولاهو مُنهن ڪرڻ:** سهائو منهن ڪرڻ ـ پيلو منهن ڪرڻ.
- **ٻولاهي ج ٻولاهيون:** ث. مُنهن تي اڇي ٽڪي واري ڏڳي. ٻڪريءَ جو هڪ قسم (ڪاري رنگ جي، ٻُت تي وڏا وار، ٽڻ ڏگها، سڱ پُورا ٻُتا ۽ وٽيل. قد جي پُوري پُني. سچي ڏاسياري). آڙيءَ (آبي پکي) جو هڪ قسم (جنهن جي مُنهن تي اڇو ٽڪو، چهنب اڇي ۽ نوڪدار ٿئي).
- **ٻولائڻ:** مصدر. ڪليو ڪلائيو چوڻ يا ٻڌائڻ. ٻدلي وٺڻ جو اعلان ڪرڻ. جاڻائڻ ـ چتاءُ ڏيڻ. هوشيار ڪرڻ ـ خبردار

کرڻ. هوڪارڻ _ للڪارڻ. تتر کي سيند تي آواز ڪرائڻ.
(ٻولايو _ ٻولائيندو _ ٻولايل).

• **ٻولڙيو ج ٻولڙيا:** ذ. صفت. ٻئي جي پوئتان ڳالهائڻ وارو. همراهه تي ڳالهائڻ وارو. پيٺ جي پٺيان واري وناڻ وارو _ سُرجهلائو. ٻئي جي مرضيءَ موجب ڳالهائڻ وارو _ هٿ ٺوڪيو. ڳالهيون ڪندڙ _ قصا ٻڌائيندڙ. فقيرن جو چيلو. ساٿي _ دوست (ڪ).

• **ٻولڻ:** مصدر. [هه. ٻولنا؛ سن. ٻـرو = ٻولڻ] چوڻ _ آکڻ _ ڳالهائڻ _ گفتگو ڪرڻ. ٻوليون ڪرڻ _ لات لَنوڻ. تنوارڻ (تتر). ٻول ڪرڻ (اگهه جي). انجام ڪرڻ _ اقرار ڪرڻ. حڪم ڪرڻ. ڳائڻ (ڪ). (ٻوليو _ ٻوليندو _ ٻوليل).

— **ٻولڻو ج ٻولڻا:** ذ. صفت. ٻولڻ وارو _ ٻوليندڙ. وٺندڙ ڳالهائڻ وارو. گهڻي ڳالهائڻ وارو _ بڪواتي. راڳيندڙ (ڪ).

• **ٻولڻو ج ٻولڻو (ٿ):** ذ. صفت. ٻول تي ٻيهاريل نوڪر.

• **ٻولهه (ٿ):** ذ. بدن جو پويون حصو پولهه. حقيقت _ راز.

• **ٻولهه (ذ)، ٻولهه (ٿ):** چوپائي جانور جي مُنهن تي اُڇاڻ. جانور جي پيشانيءَ تي اڇو نشان _ ستارو. ٻانو.

— **ٻولهه گم ڪرڻ:** نشان لڪائڻ. پار پتا گم ڪرڻ. صفا ناس ڪرڻ _ چٽ ڪرڻ.

— **ٻولهيارو ج ٻولهيارا:** ذ. صفت. ٻولهه وارو جانور _ ٻولاهو.

• **ٻولهاڙي:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ريلوي اسٽيشن جو نالو.

• **ٻولهائي ج ٻولهائيون:** ٿ. ڏانڊي پکيءَ جو هڪ قسم _ ٻولاهي _ آڙي.

• **ٻولهڙو ج ٻولهڙو (ٿ):** ذ. ڳنڍڙو.

• **ٻولي ج ٻوليون:** ٿ. زبان _ لسان. زبان جو محاورو _ ڪنهن خاص ايراضيءَ جي زبان "لاڙ جي ٻولي، ڪاڇي جي ٻولي، وغيره". ڳالهه _ گفتگو. منهن آواز. لات. پکين جو آواز. پچار _ ذڪر. انجام _ قول.

— **ٻوليارُ، ٻوليارو ج ٻوليارا ٻولياڙ ٻوليارا:** ذ. ٻوليندڙ. ٻوليرُ.

— **ٻوليرُ ج ٻوليرا:** ذ. صفت. ٻولي ڪندڙ (ٻار). ٻولي ڪندڙ (پکي) _ ٻوليندڙ. ڳالهائيندڙ _ ڳالهيرُ.

— **ٻولي ڪرڻ:** ٻار جو شروعاتي ڳالهائڻ. پکيءَ جو ٻولڻ. سودي يا وکري کي پڪو ڪرڻ. اگهه جي صفائي ڪرڻ. اگهه ٻولائڻ. اقرار ڪرڻ _ انجام ڪرڻ.

— **ٻوليون ٻولڻ، ڪرڻ:** ڳالهيون ڪرڻ. لاتيون ڪرڻ. راڳ جا ٻول ٻولڻ "ٻوليون ٻيلي جون ڪري، پاسي پرپيو" (شاهه).

• **ٻونڊ ج ٻونڊيون:** ٿ. [سن. وِرنت] ٻونڊِ (جنهن وٽان ميوو ٽاريءَ سان لڳل هجي). ٻنڊ. چوٽي.

• **ٻونگر (ٿ)، ٻونگر (ذ):** ڪڙ جي ڪچي مور. ڪچا گونچ. رڄ. ٻور.

• **ٻونگرو:** ذ. سرنهن جي ڪچي ڦري. ڪڙ جي ٻونگر (ڪ).

• **ٻونگرو ج ٻونگرا (ٿ):** ذ. ڏرُ.

• **ٻونڊ:** اسم خاص. تعلقي دادو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻوڻ:** ٿ. ٻاڙ _ چڪ (نشي جي). (صفت) تمام گهڻو تماڪ ڇڪيندڙ. تمام گهڻو کائيندڙ _ پيتوڙي.

• **ٻوڻ ج ٻوڻيون:** ٿ. ڏورانهون آواز _ پري جو آواز. ڪتي جي لڳيتي ڀؤنڪ. بگهڙ يا ٻئي ڦاڙيندڙ جانور جو هُلچر (ل) "ٻيلائين ٻوڻيون ڪيون، مٿان لڪ لڙي" (شاهه). هُل هنگامو.

• **ٻوو ج ٻوا:** ذ. مڇي کائيندڙ پکيءَ جو هڪ قسم (ٻئي ميرانجهڙي ڪاري ۽ پاسي وارا ڪنپ اڇا. جڻ ته واسڪوٽ پاتل اٿس. رات جو بعضي اڪيلي سر اُڏامي ۽ گهُٽيل آواز ڪري). (ڪناية) ٻيو _ پوڙهو. اڪيلو.

• **ٻوهه ج ٻوهه:** ذ. ٻاجهريءَ (جي اَنّ) جون ڪلون _ ٻهي. ٻوٽي جو هڪ قسم (جو اڪثر واريءَ جي پٽن يا ٽڪرن تي اپري، پن سائيرڙي رنگ جا. گُلَ گول هيڊي يا ميري رنگ جا ۽ نرم ٿينس جي دوا طور ڪم اچن ۽ پڻ نرم هئڻ سببان وهاڻن ۾ پرجن) "تَر ٿوهر گهر جهوپڙا، ٻارڻ جن جو ٻوهه" (شاهه)؛ "ڪارا ڪپڙ کوهه، ٻيريون ۽ ٻوهه، سيئي ويني ساريان" (شاهه).

— **ٻوهه کي باهه ڏيڻ (ٿ):** (سُڪل ٻوهه کي جلد باهه لڳندي آهي) پيڙ ٻارڻ _ ڪکن کي باهه ڏيڻ. وڏو نقصان ڪري ڇڏڻ. فساد جاڳائڻ. وڏو ڪوڙ هڻڻ.

• **ٻوهاڙ ج ٻوهاڙون:** ٿ. ڏڪ لڳڻ تي ڪُتي جي وڏي دانهن. روئڻ جي وڏي رڙ. دانهوڙ.

• **ٻوهاڙ ج ٻوهاڙَ:** ذ. وڏو ٻوڪڙُ. وڏي دانهن. وڏي رڙ.

• **ٻوهاڻ:** اسم خاص. هڪ نئين جو نالو.

• **ٻوهٽ، ج ٻوهٽ:** ذ. ٻيڙي.

• **ٻوهڙ ج ٻوهڙ:** ذ. پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم. ٻوهاڙ.

• **ٻوهڪي:** اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻوهل:** ٿ. صبح جا ماڪ وارا ڪڪر (جي ٿڌيءَ هير سان ڳڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکڻ کان اُتر وڃن). ماڪَ جون ڪٽيون. ڪٽين جي داڻ داڻ. ٻوند.

• **ٻوهَنڊُ ج ٻوهَنڊَ (ڪ):** ذ. اوٺي (سانداري) جي منهن ٻڌڻ وارو ڏاڳو ـ مهند.

• **ٻوهنگرو ج ٻوهنگرا (ٿ):** ذ. ٻهارو.

• **ٻوهٽِي ج ٻوهٽِيُون:** ٿ. دڪان تي صبح جي پهرين آيل ٻڪي ـ ٻهٽي.

• **ٻوهو ج ٻوها:** ذ. [سن. ٻسَ = ٻهه] اَنُ جو ٿهه ـ توهڙ. مصيبت ـ آزار ـ تڪليف. هاجو. آئي ـ پَنُ. باهه آڙاهه.

— **ٻوهو ٻارڻ:** جهيڙو مچائڻ ـ فساد ڪرائڻ.

— **ٻوهي ۾ اُچڻ:** مصيبت ۾ اچڻ ـ آئيءَ ۾ اچڻ.

— **ٻوهي ۾ ڏيڻ وجهڻ:** مصيبت ۾ اڙائڻ ـ هاجي ۾ وجهڻ.

• **ٻوهِي ج ٻوهِيُون (ڪ):** ٿ. مُڇن جي وچ ۾ ڪتريل وارن جي وٿي ـ ٻيڙو (ل).

• **ٻوهيا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ٻوهيڙَ (ٿ):** ٿ. ٻوهاڙَ.

• **ٻوئِٽو ج ٻوئِٽا:** ذ. وڏي ٻيڙي (سمنڊ جي) ـ واڻ. (صفت) ٺُلهو ـ ٺوٺانگ ـ ڏنبو. ٻي ڊولو ـ بد زيبو ـ بدشڪل. موڳو ـ بيعقل ـ ٻوڳهلو.

• **ٻوٿَرُ ٻوٿڙُ:** ذ. ڊانڊي پکيءَ جو هڪ قسم ـ ٻوهَڙُ.

• **ٻوٿَلَ:** ٿ. ڏسو "ٻوهَلَ".

• **ٻوٿو:** اسم خاص. تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.

• **ٻهُ:** صفت. [سن. ٻهَ = گهڻا] ٻهُون ـ گهڻو ـ جهجهو.

— **ٻهه وَچَن:** ذ. گهڻا وچن ـ گهڻا ٻول.

• **ٻهه (ٿ):** مصدر. "ٻهڻ" (= ويهڻ) مان 'ٻستي' يا 'ٻينڪ' جي معنيٰ ۾ ايندڙ اسمي پڇاڙي. (ٿرپارڪر ۾ "سونل ٻهه"، "آسا ٻهه" ۽ "گرڙا ٻهه" نالي ڳوٺ).

• **ٻهُ ج ٻهَ:** ذ. [سن. ٻَسَ = ٻهه] ٻوهه. ٿهُ.

• **ٻهارِ:** ظرف. ٻاهرِ "سوئي رهيو روح ۾، سوئي اڪنڌان ٻهار" (شاهه).

• **ٻهار:** ظرف. [ٻه + وار = گهمرو] ٻيو پيرو ـ ٻيهر ـ ٻيهار (ت) ٻئي ويرِ واري چوپائي.

• **ٻهارا:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو.

• **ٻهارڙي:** اسم خاص. تعلقي مٺيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻهارڻ:** مصدر. [سن. ٻهُڪري = ٻهاري] ٻهاري ڏيڻ. ڦريو گهمائڻ. صفائي ڪرڻ. ميڙڻ. (ٻهاريو ـ ٻهاريندو ـ ٻهاريل).

— **ٻهار:** ذ. ٻهَرُ ـ ڪچرو ـ گند.

— **ٻهاراٽِي ج ٻهاراٽِيُون:** ٿ. ٻهاري پارائڻ جو عيوضو. صفائي ڪرائڻ جو محنتاڻو.

— **ٻهارائڻ:** مصدر. ٻهاري ڏيارڻ. ميڙائڻ. صفا ڪرائڻ.

— **ٻهارِٽي ج ٻهارِٽيُون:** ٿ. ٻهاري ڏيڻ جي اجرت. صفائي ڪرڻ جو محنتاڻو. ٻهاري ڏيڻ جو ڪم. ٻهاري ڏيڻ جو نمونو.

— **ٻهارو ج ٻهارا:** ذ. گند ڪچري کي ميڙڻ ۽ صفائي ڪرڻ لاءِ کجيءَ، ڪانْهَن، ڪِپَ، سَرَ مُڃَ، گاهه وغيره مان ٺهيل ڦريو.

— **ٻهاري ج ٻهاريُون:** ٿ. ننڍو ڦريو ـ ننڍڙو ٻهارو. ٻهارڻ جي ڪرت. صفائي.

— **ٻهاري پائڻ ڏيڻ:** ڦريو ڏيڻ. صفائي ڪرڻ. ميڙ سيڙ ڪرڻ. جيڪي ٻه هجي سو ڪٽي وڃڻ.

— **ٻهاريدارُ ج ٻهاريدارَ:** ذ. صفت. ٻهاري ڏيندڙ ـ صفائي ڪندڙ. خادم ـ ٻانهو "ٻانهو ٻهاريدار".

— **ٻهاري وڃڻ:** جيڪي ٻه هجي سو ڪٽي وڃڻ ـ الهو تلهو ڪٽي وڃڻ. اُگهي سُگهي وڃڻ.

• **ٻِهارو ج ٻِهارا:** ذ. ڦريو. کجيءَ جو گوشو (جنهن ۾ ڦرُ ٿئي). پکيءَ جو هڪ قسم (جنهن جو پڇ ٻهاري جهڙو ٿيندو آهي ۽ خود ڪاري رنگ جو ٿئي). ڪارو ٻهارو ـ ٻوٿر. "پڇَ ـ ٻهارو" اهو جانور جنهن جو پڇ گهٽڻ وارن سيبان وڏيڪ ڏگهو يا ٺلهو هجي "پڇن ٻهارا، وڃن سُونهارا، تن جا ليڙا ٻڌيو لڙ" (سگهڙ).

• **ٻِهارا:** ٻئي پيري، ورِي.

• **ٻِهاڙَ:** ٿ. پوک جو ٻيو لوٻُ. (ظرف) ٻيهر.

• **ٻِهاڙُ ج ٻِهاڙَ:** ذ. اُهو وڻ جو سال ۾ ٻه دفعا ڦرڏئي (جهڙوڪ ٻير زيتون، وغيره). ساڳئي وڻ، ٻوٽي يا ول جو سال ۾ ٻيو فصل يا ڦر.

• **ٻِهاڻ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ٻِهاڻ ج ٻِهاڻيُون:** ٿ. ٻن سالن جي عمر جو مادي جانور (جهڙوڪ گڏهه، گهوڙي، اُٺ، ٻونڊڻ، وغيره) ـ ڏوسالي. چڙهيءَ لائق ننڍي گڏهه يا گهوڙي.

• **ٻِهاڻُ:** ذ. ٻن سالن عمر جو نر (جهڙوڪ ڪودڙو وڇيرو گونرو مرون، وغيره) ـ ٻه سالو "ڪر هو ٻور ٻهاڻُ، ڏٺيءَ ڏٺيءَ هٽ ڪيو" (شاهه).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **ٻِهاٽو:** ذ. ٻِهاڻُ.

• **ٻهاٽا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ٻهْبات، ٻهْباتُ:** ث. ذ. خوشبوءِ ـ سُڳنڌ ـ سُرهاڻ. خوشي ـ تازگي.

— **ٻهْباتو:** ذ. صفت. خوشبودار ـ سَرهو.

• **ٻهْ ٻهْ:** ث. [سن. ڀاسَ = نور، روشني] چمڪو ـ تجلو ـ روشنائي. ٻَهڪو ـ خوشي ـ بهاري. واهه واهه (خوشيءَ جو آواز). (صفت) گهڻو ـ جهجهو "خوب ڪٽوريون، ٻَهه ٻَهه ڀوريون، اُن جي چانگن چاري گاهه" (ڪبير شاهه).

— **ٻهْ ٻهْ ٿيڻ:** ٻهڪون پوڻ. واهه واهه ٿيڻ. هوڪو اچڻ ـ خبر پکڙجڻ "ٻَهه ٻَهه ٿي ڀنيور ۾، تہ ڪي آيا جُنگ جوانڙ" (ڪبير شاهه).

— **ٻهه ٻهه ڪرڻ:** چمڪڻ ـ روشن ٿيڻ ـ چلڪڻ. ٻهڪڻ. واهه واهه ڪرڻ.

• **ٻهَتَر:** صفت. ٻاهتر.

• **ٻهَترَجڻُ، ٻهَتَرڻُ:** مصدر. ٻاهتر ورهين جي عمر جو ٿيڻ يادگيري گهٽ ٿيڻ. مت ڪسجي وڃڻ. (ٻهتريو ـ ٻهتريل).

— **ٻهترجي پوڻ، وڃڻ:** عقل گهٽ ٿيڻ. ويسر ٿيڻ.

— **ٻهَتْرِيو:** ذ. صفت. ٻاهتر ورهين جي ڄمار جو. ڪم عقل.

• **ٻهْڄاڻُ، ٻهْڄاڻُو ج ٻهْڄاڻَ، ٻهْڄاڻَا:** ذ. صفت. [سن. ٻَههَ = گهڻو + ڄَڃا = ڄاڻ] گهڻو ڄاڻندڙ ـ وڏو ڄاڻو. سياڻو ـ داناءُ.

• **ٻهْڃَراءُ (ت):** ذ. گوڙ ـ جهيڙو ـ فساد.

• **ٻهْڏَمِي:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو.

• **ٻهَرْ:** ظرف. [سن. وَهِرْ = ٻاهر] ڏسو "ٻاهر".

— **ٻهْران:** ظرف. ڏسو "ٻاهِران".

— **ٻهْرانهُونْ:** ظرف. ڏسو "ٻَهرانئون".

— **ٻهرانئُونْ، ٻهرائُونْ:** ظرف. ٻهريرو ـ ٿورو ٻاهر. ٻئي پاسي وارو ـ ٻاهريون.

— **ٻهرتانهُونْ:** ظرف. ٻَهرانئون.

— **ٻهَرْتُو:** ظرف. ٻاهريون ماڻهو. ڌاريو ـ اوپرو.

— **ٻهَريرو ج ٻهَريرا:** ذ. صفت. گهمندڙ ـ رولاڪ. ڪريل. ڪمينو ـ بدمعاش. (ث) ٻهريري ج ٻَهر پيرِيُون.

— **ٻهَرِمُکِي:** ذ. صفت. جنهن جو خيال ٻئي پاسي پيو وسندو هجي ـ بي خيالو ـ وائڙو.

— **ٻهْرُو ج ٻهْرُو:** ذ. صفت. ٻهرجو ـ ٻاهريون ـ ٻَهَرتُو. هَر يا گاڏيءَ ۾ ساڄي وهندڙ ڏڳو ـ ٻاهرو. "اَنْدرُو" جو ضد.

— **ٻهْرُونْ، ٻهَرَئُنْ:** ظرف. ٻاهرئون.

— **ٻهْرِيانْ:** ظرف. ٻاهرانْ.

— **ٻهْرِيتو:** ظرف. ٻاهريون. کليءَ طرح ـ ظاهر.

— **ٻهْرِيونْ:** ظرف. ٻاهريون.

• **ٻِهَـرَ:** ظرف. [سن. دْوِ = ٻہ] ٻيهر ـ ٻيو دفعو.

• **ٻهَرُ ج ٻهَرَ:** ذ. [سن. ٻَهُڪَرِي = ٻهاري] ٻهاريل گند. ڪن ـ ڪچرو. (صفت) گندو (ماڻهو) ـ گدلو ـ بدفضيلتو.

— **ٻهَر ٿيڻ:** ڪري خراب ٿيڻ ـ بدفضيلتو ٿيڻ.

• **ٻهْاري ج ٻهْاريُون:** ث. ٻَهْراڙي.

• **ٻهْراڙي ج ٻهْراڙِيُونْ:** ث. [سن. وَهِرْ = ٻاهر] شهر کان ٻاهرئين پاسي واري آبادي ـ شهر جي پسگردائي. ڳوٺاڻي آبادي ـ ديهات.

• **ٻهْرالِيَ:** ث. ٻهراڙي.

• **ٻهْرالُ ج ٻهْرالَ:** ذ. ٻرت جو هڪ قِسم.

• **ٻهْراٽو:** اسم خاص. تعلقي ننگرپارڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻهَـرْتُو ج ٻهَـرْتَو:** ذ. صفت. ٻاهران آيل ـ ٻري کان آيل ـ ٻري جو. اجنبي ـ اوپرو. ٻئي ملڪ جو ـ ڌاريو.

• **ٻهْرو ج ٻهرا (ڪ):** ذ. [سن. دْوِ = ٻہ] ٻہ دلا گڏ هڪ ٻئي مٿان رکيل ـ ٻهڙو ـ ٻيلهه ـ ٻيگهڙو.

• **ٻهْرُوْ ج ٻهْرُوْ:** ذ. اُهو ڏڳو ج گاڏيءَ يا هَرَ جي ساڄي پاسي ٻڌجي ـ ٻاهِروُ.

• **ٻهَـرْوٽيو ج ٻهَـرْوٽيا:** ذ. صفت. قاعدي قانون جي حد کان ٻاهر گذاريندڙ. ٻاهرئين ملڪ ۾ ڦُرمار ڪندڙ. رهزن. Out_law "ٻارهن ڄڻا ٻَهَـرْوٽيا، هٿا مَڪيءَ پاسي مير" (مل محمود).

• **ٻهْرُوپُ ج ٻهْرُوپَ:** ذ. [سن. ٻَههُ = گهڻا + رُوپَ = شڪل] گهڻا روپ. گهڻا رنگ. گهڻيون شڪليون. چمڙاپوش.

— **ٻهْرُوپِي، ٻهْرُوپيو ج ٻهْرُوپِي، ٻهْرُوپيا:** ذ. صفت. گهڻا رُوپَ ڌاريندڙ. گهڻيون صورتون اختيار ڪندڙ ـ بوقلمون. پاکنڊي ـ منافق ـ دغاباز. سانگ وڄهندڙ ـ اهل ڪندڙ.

• **ٻهْرِينْ ج ٻهْرِيُونْ:** ث. ملهه جو هڪ داءُ ـ ٻاهريون ڄاڻُو. "اَنْدرِينْ" جو ضد.

• **ٻهَڙ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ٻهَڙ ٻهِڙِ:** ث. ڏڌ ۾ ڪير جا ڳَوها هٽي يا ڪير ملائي ٺاهيل ڦيڏر ـ ٻيهڙ (ل). پوريءَ طرح نہ ڄاول ڪير (ت).

• **ٻِهَڙِ:** ث. مٿانهين زمين تي پاڻي پهچائڻ لاءِ ٻن نارن واري ترڪيب (اڪثر ڪڇي ۾ درياءَ جي ڪنڌيءَ تي هيٺئين نار جي ڪديل پاڻيءَ کي مٿين نار ڇڪي زمين تي پهچائي). جُنگ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **ٻهِي ڏيڻ:** اوٽي ڏيڻ.

• **ٻهيڙا:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻهيڙو ج ٻهيڙا:** ذ. [سن. ٻهيڊڪ: هہ. ٻهيڙا] پسارڪي وکر جو هڪ قِسم جو ٽِڦلي ۾ ڪم اچي (وڻ جو ڦَلُ. جنهن جا پن سنهان ۽ ساوا، ڦل سفيديءَ ڏي مائل ۽ ذائقي ۾ ڪسارو).

• **ٻتّارِ:** ث. ڪل يا چمڙيءَ تي ٿيل ٻرٻرُ – داڻ داڻ (جا اُرڙيءَ کان پوءِ بدن تي نڪري).

• **ٻِٽُوُ:** ذ. هڪ نہ ٻئي ڏينهن ايندڙ تپ – ٻِيَڙُ. ٻن تندن جي اوجي وارو ڪتو (ڪ).

• **ٻتُرُ ج ٻتُرَ:** ذ. آبي پکيءَ جو هڪ قسم (تترجي رنگ تي ٻدڪ جو هڪ قِسم) – ٻهَڙُ – ٻُوهَڙُ.

• **ٻٽو (ت):** ذ. پاڻيءَ جي ڪناري تي ويهندڙ هڪ قِسم جو پکي – ٻَوو.

• **ٻِٽو ج ٻِٽا:** صفت. ٻيو – ثاني. ڏاريو – اوپرو – پرائو – غير.

• **ٻتُنرُ:** ذ. [سن. وَرْوَرْ = ٻبر] ٻبر جو هڪ قِسم (ٻبر جهڙو وڻ مگر بنا ٽُڙ. لامن سان. سندس پاڙ مان جهيرٽا نهن ۽ ان جو ڪونْر دوا طور ڪم اچي).

• **ٻِٽي:** صفت. هِي بہ ۽ هُو بہ – جوڙوئي – ٻيئي.

– **ٻٽي اکيون برابر ڪرڻ:** سيني کي هڪجهڙو ڪري ڏسڻ. عدل ۽ انصاف جي هلت ڪرڻ.

– **ٻٽي ٻُوٽڻ:** ٻئي اکيون بند ڪرڻ. حياء نہ ڪرڻ.

– **ٻٽي ٽنگون ڪاٺ ۾ ٻوڙڻ:** چگيءَ طرح ڦاسڻ. سوگهو جهلجڻ. ڦابو ٿيڻ.

– **ٻٽي جَهان وڃڻ:** دين دنيا کان وڃڻ. ڪنهن بہ قِسم جو لاڀ نہ پرائڻ. ڪوبہ فائدو نہ ٿيڻ. خوار خراب ٿيڻ – دربدر ٿيڻ.

– **ٻٽي ڪُلها وَهڻ:** ٻنهي ڌرين کي راضي رکڻ لاءِ ٻئي پاسا وٺڻ. ساڌن سان سنمک پنچن سان پورو رهڻ. منافقي اختيار ڪرڻ. ٻچاپڙائي ڪرڻ.

– **ٻٽي معا ڪٽڻ:** هڙئي ڪٽي وڃڻ. شاديءَ ۾ گهوٽيتو توڙي ڪنواريتو خرچ پرڻ.

• **ٻِٽي:** ظرف. "ٻيو" جي جري يا اضافي صورت، "ٻئي کي ڏي، ٻئي جي ڳالهہ، وغيره".

– **ٻِٽي جَهان وڃڻ:** مري وڃڻ – وفات ڪرڻ.

– **ٻِٽي ديس وارو:** ذ. صفت. پرانهين ملڪ وارو – پرڏيهي.

– **ٻِٽي ليکي:** ظرف. ٻئي خيال کان – ٻئي نقط نظر کان. ٻئي ماڻهوءَ جي خيال موجب "اڇا ڪپڙا ڪيسا خالي، ٻين ليکي ملڪ جو والي". ٻيءَ حالت ۾ – ٻِيءَ ڪري – ٻئي حساب سان.

– **ٻِٽي مُنهن هٿڻ:** روءِ سوءِ هٿڻ. اُبتَڙ هٿڻ.

– **ٻِٽينْ ڏاندين هر وهڻ:** پرائيءَ مڙسيءَ تي ڪُڏڻ. پنهنجي ڪم کي ڇڏي پرايو ڪم ڪرڻ.

• **ٻتِي (ت):** ث. سارين جي پوک لٽڻ کان پوءِ فوٽ ڪن ٻچيل گاهہ – ناڙي (ل).

• **ٻي:** ذ. ث. [آواز] رڍ يا ٻڪريءَ جو آواز "رڍ ڇا سمجهي راڳ مان، جنهن جي ٻولِي ٻي".

• **ٻِي ج ٻِيُونْ:** ث. صفت. "ٻيو" جو مونث. نِرالي – جدا. ڌاري – پرائِي. ويڳي.

• **ٻيارَ ج ٻِيارُونْ:** ث. ٻِسانگي ڪاٽي – ٻِياني (ل). (ظرف) ٻيهار – ٻيهر – ٻئي دفعي.

• **ٻِيارِ:** ث. ننڍڙو ٻوڪو (جنهن سان کوهہ ماڻ پاڻي ڪڍجي) – ٻنڊي.

• **ٻِياري ج ٻِياريُون:** ث. [ٻہ +ف. يار = دوست] ٻن ڄڻن جي دوستي يا محفل (ڪ). ڊِگهو سُوئو – آرَ.

• **ٻِياسِي:** صفت. هڪ عدد جو نالو – ٻن ايڪن اٺن ڏهاڪن وارو انگ (٨٢).

• **ٻِيانُ ج ٻِيانَ (ڪ):** ذ. ٻيانو.

• **ٻِيانْگهہ ج ٻِيانْگهہَ:** ذ. ٻِيانو.

• **ٻِيانو ج ٻِيانا:** ذ. ڍِنگهرن ڪٽڻ لاءِ خاص ٻسانگي ڪاٽي – ٻِيانُ – ٻِيانگهہ.

• **ٻِيانَوي:** صفت. [ٻَہ + سن. نَوَتِ] هڪ عدد جو نالو – ٻن ايڪن ۽ نون ڏهاڪن وارو انگ (٩٢).

• **ٻِيانِي ج ٻِيانِيُون:** ث. ٻن آنن وارو سِڪو (انگريزن جي دور ۾). ننڍو ٻيانو (جو خصوصاً ڳاهہ ڳاهڻ وقت ڪم اچي).

• **ٻِيائِي ج ٻِيائِيُونْ، ٻِيائيُونْ:** ث. دوئي – ڪوٽ – دولاب. دورنگائي – پاسخاطري. بي انصافي. پاڻ کي خدا کان جدا سمجهڻ واري حالت "ٻن ٻِيائي سپرين، پاڻان مونکي پل" (شاهہ).

• **ٻِيهاهو ج ٻِيهاها:** ذ. ٻاٻيهو – چاهو.

• **ٻيبِراٽُ، ٻيبِڙاٽُ ج ٻيبراٽَ، ٻيبڙاٽَ:** ذ. ٻڪريءَ جو آواز. ٻيڪاٽ – ٻاڪارَ. وڏي رڙ.

• **ٻيبِرَٽُ، ٻيبِڙَٽُ ج ٻيبِرَٽَ، ٻيبِڙَٽَ:** ذ. ٻيبِڙاٽُ.

• **ٻيڙِو (ت):** ظرف. ٻنهي هٿن سان – ٻہ هٿڙيو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

• **بيٽُ ج بيٽ:** ذ. [سن. دِوِيپَ] چوڌاري پاڻيءَ سان گهيريل زمين جو ٽڪر ـ جزيرو.
— **بيٽ جو ڇهو (ت):** محاورو. بيٽ جي لَئي (وڻ) جي سنهي سڌي تاري. سهٽيءَ بيهڪ وارو ـ سروقد. سنهيءَ چيلهه وارو. سهٽو.
• **ٻيٽ ج ٻيٽون، ٻيٽيون:** ث. سُڌ ـ جاڻ. تيٽَ ـ نظرداري. چِڪي پورڻ يا بند ڪرڻ (اک يا مقعد) جي حالت. پيڙ ـ ٻُوٽَ.
— **ٻيٽ پوڻ:** سُڌ پوڻ. ڪڙڪ پوڻ. سمجهه ۾ اچڻ (ڳالهه). محسوس ڪرڻ.
— **ٻيٽ ڪرڻ:** جاچ ڪرڻ. نظرداري ڪرڻ.
— **ٻيٽون، ٻيٽيون ڏيڻ:** زور لائڻ ـ ڪوشش ڪرڻ.
• **بيٽا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **بيٽاري ج بيٽاريون:** ث. ننڍڙو بيٽ.
• **بيٽڙي:** اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ٻيٽڻ:** مصدر. چِڪي بند ڪرڻ. پِيڙي ٻوٽڻ. پِچائڻ (ٻيٽيو ـ ٻيٽيندو ـ ٻيٽيل).
• **ٻيٽڻُ ج ٻيٽڻَ:** ذ. صفت. اُهو ڇوڪر يا مرد جو بدفعلي ڪرائي. اَک ٻيٽيل ـ ڪاٽو.
• **بيٽو:** اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ٻيٽو ج ٻيٽا:** ذ. [سن. وَٽ = جوان ڇوڪرو: هه. بيٽا] پُٽ ”بيٽو باپ مُلا (ث) ٻيٽي ج ٻيٽيون ”پرٽن پاليياس، پانيڻ ٻيٽي آهيان“ (شاهه).
— **ٻيٽي ڏيو (ت):** ذ. صفت. عيار ـ چالاڪ.
— **ٻيٽي ڏيو ٿيڻ:** چالاڪ ٿيڻ. بدمعاش ٿيڻ.
• **بيٽو رَنڊو:** ذ. واڍڪي اوزار جو هڪ قِسم ـ ننڍو رندو (جو ڪاٺ جي صفائيءَ لاءِ ڪم اچي).
• **ٻيپارو ج ٻيپارا (ٿ):** ذ. منجهند جي ماني ـ ٻيهرو. ٻنهي پاسن کان ـ ٻِپارو.
• **ٻيجَ:** ث. چنڊ جي مهيني جي هر هڪ پک جي ٻي تاريخ يا تٿ.
• **ٻيجارڻُ:** مصدر. [سن. وِيَجَ = ٻج] ٻج وجهڻ ـ ٻج پوکڻ (جانورن وغيره جو). ٻيجاريو ـ ٻيجاريندو ـ ٻيجاريل].
• **ٻيجارو ج ٻيجارا:** ذ. ٻيجي طور پوکيل ٻج (جنهن جا سلا وڏيرڙا ٿين ته پوءِ اُهي ڪڏي ٻئي هنڌ رونبو ڪجن) ـ ٻيجو. ٻيجي لاءِ پوکيل زمين ٽڪر. ٻج ڇٽيندڙ.
• **ٻيجاري:** ث. نقصان ـ ڇيهو ـ ٽوٽو. وقت تي دغا. ٺڳي ـ دولاب. تڪليف (جا ڪنهن جي انجام نه پاڙڻ ڪري سهٽي پوي).

— **ٻيجاري ڏيڻ:** نقصان پهچائڻ. انجام نه پاڙڻ ڪري ٻئي کي وقت تي تڪليف يا اهنج رسائڻ. دغا ڏيڻ.
• **ٻيجاهو:** ذ. پوک کي ڏنل ٻهرين پاڻي (جو بلڪل ٿوري انداز ۾ ڏبو آهي).
• **ٻيجاهي (ت):** ث. ناڙي ڪرڻ جي عوض ڏنل لاپو.
• **ٻيجَرڏيڻ (ت):** ڪورڪي اصطلاح ۾ تندن کي نمبروار ڏار ڏار ڪرڻ (جيئن 'ڪانن' کي هلائڻ ۾ آساني ٿئي).
• **ٻيجَڙَ ٻيجَڙ:** ظرف. ٻه ٻه گڏ ـ جوڙو جوڙو. گڏوگڏ سلهاڙيل. ٻيچي.
• **ٻيجَڙ، ٻيجَڙُ:** ذ. ٻن ڄڻن جو گڏيل پاڳو ـ جوڙي جو پاڳو.
• **ٻيجَڪُ ج ٻيجَڪَ:** ذ. [سن. وِيجَڪَ] خريد ٿيل مال جي قيمت وار ياداشت. گهرايل يا موڪليل مال جو تفصيل وار چِٺو (جنهن ۾ اگهه وغيره ڏنل هجن). جنسن جي اگهن جي ياداشت ـ اگهوتري.
• **ٻيجَل:** اسم خاص. ”سورٺ ۽ راءِ ڏياچ“ جي قصي ۾ هڪ چارڻ جو نالو (جنهن پنهنجي سرندي جي سوز ڀرين آلاپن تي راءِ ڪنگهار کي راضي ڪري ڪانڌُس سندس سر ڏان طور ورتو).
• **ٻيجلو ج ٻيجلا:** ذ. سوناري کي زيورن ناهڻ لاءِ ڏنل سون مان ڪپيل ذرو (جو پاڻ وٽ پرک لاءِ رکجي ته متان سونارو سائيو سون ڪم نه آڻي). جنس (سون وغيره جي) ـ بانگي.
• **ٻيجلي ج ٻيجليون (ل):** ث. بجلي ـ وڄ.
• **ٻيجليو (ٿ):** ذ. ٿر جو هڪ لوڪ گيت.
• **ٻيجو ج ٻيجا:** ذ. [سن. وِيَجَ] پوکيل ٻج (سارين وغيره جو). ٻج مان نڪتل سلا (جي رونبي ڪرڻ لاءِ ڪم اچن). اُهو زمين ٽڪر جنهن ۾ ٻج پوکيو ويو هجي.
— **ٻيجو ڪرڻ:** ٻج پوکڻ (سارين وغيره جو).
— **ٻيجي:** ث. ٻج پوکڻ لاءِ رکيل زمين. (صفت) ٻج وارو.
— **ٻيجي ٽڪا:** ذ. ماتا جي بيماريءَ جا اُهي ٽڪا جن مان ٻج ڪڍي ٻين ٻارن کي ٽڪا ڏجن.
• **ٻيجهَر، ٻيجهَڙ:** ذ. گڏ پوکيل فصل (چڻا، مٽر، سرنهه، جانيو وغيره جي گڏ پوکبا آهن). (ظرف) ٻيلهه يا ٻه ڄڻا گڏ (ڪير ولوڙڻ، سمهڻ يا سواريءَ ۾) ـ ٻيجڙ.
• **ٻيجهَڙو:** ذ. ٻيجهَر.
• **ٻيجهو ج ٻيجها:** ذ. نشانو ـ هدف ـ آچار.
• **ٻيجهو:** صفت. [مارواڙي] ٻيو ـ ڪوبه ٻيو ”هِي سر توهان

ڏار، ٻيجهي ڪنهن نہ ٻوليو" (شاھ).

- **ٻيڄُ ج ٻيڄَ (ت)**: ذ. وَر وڪڙ. ڦند ڦير.
- **ٻيڇَڻ**: ظرف. ٻہ ڳڏ ـ ٻيلهہ ـ ٻيجڙ.
- **ٻيڇِتِي ج ٻيڇتِيُونْ**: (ت): ث. ٻن پتين جي ڪنڌ ۾ (زمين کان مٿي سامان رکڻ لاءِ) ٺاهيل ٽڪندو ـ ليپي ڏنل تختو. پَڇِتي ـ پَڇندي.
- **ٻيڇِرو ج ٻيڇِرا**: ذ. باغ جو ٻارو جنهن مان گلن جا قلم ڪڍي ٻيءَ جاءِ تي پوکجن.
- **ٻيڇانْڊَ ج ٻيڇانْڊُون (ڪ)**: ث. ٻڇانْڊَ. ٻٽاڪ. طعنو ـ چاٽَڪَ.

— **ٻيڇانْڊَ هڻڻ**: ٻٽاڪ هڻڻ. طعنو ڏيڻ.

- **ٻيچَلُ ٻيچَلَ (ڪ)**: ذ. ڪَلَ ـ چوڏو. چيت. ٽڪرو (ڪاٺيءَ جو).
- **ٻيچَلَ**: ث. ڏسو "ٻـچَلَ".
- **ٻيدِي**: ث. [ع. بَيداءَ = بريٽ] بيدي ـ بريٽ ـ رِڻُ. ڪَهُري زمين (جا ڪنهن بہ آباديءَ جي لائق نہ هجي) ـ ريڙي. غيرآباد ۽ ناهموار زمين. زخم ـ گهاءُ. نقصان ـ ضرر.
- **ٻيڏارو ج ٻيڏارا (ڪ)**: ذ. صفت. ٻچاپڙو. لائي چائي ڪندڙ. منافق. (ث) ٻيڏاري ج ٻيڏاريُون.

— **ٻيڏارِپو**: ذ. ٻچاپڙائي ـ منافقي. گلا غيبت.

— **ٻيڏاري ٻِلِي**: محاورو. ٻچاپڙو ـ منافق.

- **ٻيڏَڪُ ج ٻيڏَڪَ (ت)**: ذ. [سن. مَنْڊُڪَ] ڏيڏر.

— **ٻيڏڪِي ج ٻيڏڪِيُون**: ث. ڏيڏري.

- **ٻيڏو ج ٻيڏا**: ذ. [سن. ٻيڊَ] اڻ فيصل ٿيل معاملو ـ رولي ۾ پيل آچار. بحث مباحثو. اختلاف ڏڦيڙ. تڪليف ـ محنت (ڪ). ڀاڱو ـ حصو.
- **ٻيڏيرو**: اسم خاص. تعلقي محبت ديري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **ٻيرِ ج ٻيرِيُون**: ث. [سن. بَدَرَ] ميويدار وڻ جو هڪ قِسم (جنهن جو ميوو 'ٻيرُ' ٿئي).
- **ٻيرُ**: اسم خاص. تعلقي قنبر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **ٻيرُ ج ٻيرَ**: ذ. [سن. بَدَرَ] ٻير جي وڻ جو ميوو (ٻيرن جا ٽي قسم ٿين: ۱. صوفي ٻيرَ، پيندي ٻيرَ يا مڪئي ٻيرَ (ت)؛ ۲. چاپرو ٻيرَ، جاڳرا ٻير يا ڪوڪڙي ٻيرَ؛ ۳. سنڌي ٻير).
- **ٻِيرُ**: ذ. صفت. صاف ـ شفاف (جنهن مان آرپار ڏسي سگهجي).
- **ٻيرانِي**: اسم خاص تعلقي جام نوازعلي ۾ هڪ ديهہ ۽ ڳوٺ جو نالو.
- **ٻِيرَجَ**: ث. [سن. وِيرْيَہ] مني ـ ڌات ـ نطفو.
- **ٻيرُڄو**: ذ. ڪونر جو هڪ قِسم (جو چِيل جي وڻ مان نڪري ۽ دوا طور ڪم اچي).
- **ٻيرِڙا (ت، ڪ)**: ذ. ڪَليون ـ ڳلڦڙا ـ اِڪويُون.

— **ٻيرِڙا ٻڄڻ**: ڪليون ٻڄڻ. ڪلين جي بيماريءَ جو علاج ڪرڻ.

— **ٻيرِڙا نڪرڻ (ت)**: ڪليون ٿيڻ ـ ڪلين جي بيماري ٿيڻ.

- **ٻيرِڙو ج ٻيرِڙا**: ذ. ڏاڳي يا نوڙيءَ جو ٻِٽو وَرُ. ڳوٽُ.
- **ٻيرِڙي**: اسم خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **ٻيرَڻ**: ذ. خوشبودار گاهہ جو هڪ قِسم.
- **ٻيرو ج ٻيرا**: ذ. ماس جو ڳاڙهو ٽڪرو. گوشت جو ڪچو ڳاڙهو ڳيو. مڇيءَ جي ڳيي. ڳيو ـ پورو ـ ڳترو "ڪُهي ڪميٽي هليا، ٻانيڻ ڪري ٻيرا" (شاھ).

— **ٻيرا ٻيرا ڪرڻ**: ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ (مڇيءَ کي). ڳيا ڳيا ڪرڻ.

- **ٻيروٽا**: اسم خاص. تعلقي اٻاوڙي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **ٻيرُوڪو ج ٻيرُوڪا (ڪ)**: ذ. ٻير جو هڪ قِسم ـ ننڍي ٻير.
- **ٻيرولِي (ڪ)**: ث. ٻير جهڙي هڪ وڻ جو چوڏو.
- **ٻيڙَ ٻيڙِ**: ث. [سن. ياٰريا] جوءِ ـ زال "پِري پنهوار تو چُٺان، ٻيَڙ آهيان ٻئي جي" (شاھ).
- **ٻيڙُ**: ذ. هڪ نہ ٻئي ڏينهن ايندڙ تَپُ. ٻہ تَهہ ڪيل ڪپڙو. پلاند (ل). ٻِٽو رسو (ت).
- **ٻيڙَ**: ث. مصدر. "ٻيڙڻ" مان اسم ـ پورڻ يا بند ڪرڻ جي حالت.

— **ٻيڙ ٻندي ڪرڻ**: ٻنيءَ کي لوڙهو ڏيڻ.

— **ٻيڙ ڪرڻ**: بند ڪرڻ. پيڙڻ. ٻيڪڙڻ (ڪ). ڳڏ ڪرڻ ـ ڪٺو ڪرڻ (ل).

- **ٻيڙِ**: ث. پيڙهہ ـ بنياد.
- **ٻيڙُ ج ٻيڙَ**: ذ. ڳڏ ڪٽنب ڪيڙ اولاد ڳڏ. ساٿي "جي هوندو ٻاروچو ٻيڙُ، تہ ڪوٺي نينداءِ ڪيچ ڏي" (سانوڻ). ڪڪرن مٿان ڪَڪَرَ. ڪڪرن جي آمهون سامهون اچ وچ (مثلاً مٿيان ڪڪر ڏکڻ پيا وڃن تہ هيٺيان اتر) "عمرا اسان جي ڏيهہ ڏي، ٻِٽا ٻيڙَ وهن" (سگهڙ). وڻ جي ٻن يا ٻن کان وڌيڪ ڏارن يا ٽارين جو وچ (جنهن ۾ بعضي پکي آکيرا ٺاهين يا ماکيون ويهن) "ماکي ٻيڙ ۾ ويٺي آهي". ٻسانگ (ت) تڪليف ـ ڏک.

— **ٻيڙَ ڪهيڙَ (ت)**: ذ. وارا ڦيرا. ڏک سُک گهٽ وڌائي.

- **ٻِيڙَٻنو ج ٻِيڙَٻنا**: ذ. ڪوٺي يا ڪَڏ جي چوڌاري ڏنل ٻنو. پلويڙو.

• **ٻيڙڪڻُ:** مصدر. ["ٻيڪڙڻ" جي تقليبي صورت] ورائڻ (دروازو). بند ڪرڻ. ٻوڙڻ.

• **ٻيڙڻُ:** مصدر. بند ڪرڻ (ڪوٺو يا لئيءَ سان خط. سرن وغيره سان سوراخ، شگاف). ڇت کي سرن سان ڍڪي بند ڪرڻ. پُورڻ. پڪيڙڻ. ٻيڪڙڻ (دَرُ، دري وغيره). مُٺ ٻيڙڻ (ل). (ٻيڙيو ـ ٻيڙيندو ـ ٻيڙيل).

— **ٻيڙٽي:** ث. بند ڪرڻ جي حالت. پُورٽي. خطن بند ڪرڻ لاءِ ڪوٺو يا لَئي.

• **ٻيڙو ج ٻيڙا:** ذ. [سن. ويتَپ] وڏي شاهي ٻيڙي ـ غوراب "سجا ٻيڙا پار ۾، هليا هيٺ وڃن" (شاهه). جنگي ٻيڙن جو ميڙ ـ آرماڙ. عملو ـ اَتالو (نوڪرچاڪر، ڪم ڪندڙ عملدار، زيردست وغيره). ڪٽنب ـ عيال. ڪَلي ـ ڳُلڦڙو (ڪ).

— **ٻيڙو ٻڌڻ:** جوڙاري ميڙ ڪٺو ڪرڻ.

— **ٻيڙا ٻني لڳڻ:** ٻيڙن جو ڪناري پيڙو ٿيڻ. ڪم راس ٿيڻ. سڀ ڪم سرانجام ٿيڻ. سوپارو ٿيڻ. دل جي مراد پچڻ.

— **ٻيڙا تارڻ:** ڏٺيءَ طرفان سڀ ڪم راس ڪرڻ. شاديون ٿيڻ. مرادون پچائڻ.

— **ٻيڙا پار ڪرڻ:** سڻائي ڪرڻ. مراد پوري ڪرڻ. ڪارج سڌ ڪرڻ.

— **ٻيڙو ٻڏڻ:** وڏو نقصان ٿيڻ. خانو خراب ٿيڻ.

— **ٻيڙو ٻوڙڻ:** وڏو نقصان ڪرڻ. جهڳو جهڻ ڪرڻ ـ خانو خراب ڪرڻ.

— **ٻيڙو تارڻ:** سڻائي ڪرڻ. مراد پوري ڪرڻ.

— **ٻيڙو پار ڪرڻ:** مشڪل مان اُڪارڻ. سڻائي ڪرڻ. پار اُڪارڻ.

• **ٻيڙو:** اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻيڙو ج ٻيڙا:** ذ. تُڪمو (جو ڪوٽ، پتلون يا قميص وغيره جي ڳاريءَ ۾ پئي اُن کي بند ڪري). ٻٽڻ ـ سَرتُ (ل). ٻانهن ۾ ٻڌڻ جو رنگين سڳڙو يا ڏورو (جنهن ۾ ڳنڍ ٻڌل هوندي آهي، ۽ مڱڻي جي رات ٻڌبو آهي) ـ ڳانو "سمي سجاڻي، ٻيڙو ٻڌس ٻانهن ۾" (شاهه). ڪانيءَ ۾ ٻڌل ڳَل (جو مڱڻي ۾ ورهايو وڃي يا ڪوٽ جي ڪالر ۾ هٽجي) "چندن جوراسو گهڻو تنهنجي ٻيڙن ڪيا ٻهڪار". ڳَل جي مڪري. وارن جو ڳَل (جو زلفيءَ جي نموني يا ڳَل وانگر ڏيکائي ڏئي). پرت جو ڪم. ڳچ يا ڪنجري جو پرت (جو ٻُين جي وچ ۾ هار وانگر ٻيهي يا اهڙو پرت جو اُرهه جي آريار پستانن هيٺان پيل هجي ۽ هار وانگر ڏيکائي ڏئي، ان کي هيچ يا سينا بند به چون) "جوڙا، ٻيڙا چڪَ ۾، لڙ ۾ لُڙهيس وار" (شاهه). پان "پان جو ٻيڙو". [سن. ويتڪا] مُڇن جي وچ وارو چوڪندو خال. چم جي وڏي (جا ترار جي منيي کي ٻڌبي آهي). حقي ۾ ڳوءِ ۽ نڙ کي ڳنڍيندڙ ڏتو (ڪ).

— **ٻيڙو اُچلائڻ:** ڪنهن ڪم لاءِ للڪارڻ (محفل ۾ ڳنڍ يا ٻيڙو اُچلائيندا هئا، پوءِ جنهن کنيو، ان کي اهو ڪم ضرور ڪرڻو پوندو هو).

— **ٻيڙو ٻڌڻ:** شاديءَ جو سڳڙو يا ڳانو ٻڌڻ (مڱڻي يا شاديءَ وقت، گهوٽ ڪنوار کي ڪرائيءَ ۾ ڳاڙهيءَ اَنّ يا سُٽ جو ڳانو ٻڌندا آهن).

— **ٻيڙو کڻڻ:** اچلايل ٻيڙو کڻڻ. ڪوبه ڪم مٿي تي ڪرڻ.

— **ٻيڙووات ۾ وجهي پاراتو ڏيڻ:** سخت پاراتو ڏيڻ.

• **ٻيڙٽي (ڪ):** ث. [سن. ويتَپ] ننڍي پيهي (جنهن تي هنڌ بسترا رکجن).

• **ٻيڙي ج ٻيڙيون:** ث. [سن. ويتَپ] ڪشتي ـ مَڪڙي ـ سفينو. لوهه جي ڪڙي يا زنجير (جا چورن جي پيرن ۾ وجهندا آهن. ڏسو "ٻيڙيون"). سُرمي پيهڻ جي روهي ـ ڄُڪَ.

— **ٻيڙياتو ج ٻيڙياتا:** ذ. ٻيڙيءَ وارو ـ ناکئو. "پار لنگهائيندو وڃ، ٻيڙياتا وو ٻيڙيءَ وارا".

— **ٻيڙيائُو ج ٻيڙيائُو:** ذ. ملاح ـ ناکُئو.

— **ٻيڙي ٻڏڻ:** وڏو نقصان ٿيڻ. خانو خراب ٿيڻ ـ جهڳو جهڻ ٿيڻ.

— **ٻيڙيءَ ٻڏو ج ٻيڙيءَ ٻڏا:** محاورو. اُهو جنهن جي ٻيڙي ٻڏي يا ٻڏي هجي. اُهو جنهن جو سخت نقصان ٿئي يا ٿيو هجي. سخت نقصان هيٺ آيل. (اڪثر عورتن جو اصطلاح جو پٽ يا بد دعا طور ڪم آڻين "ماريو! ٻيڙيءَ ٻڏوا").

— **ٻيڙي ٻوڙڻ:** هٿ سان نقصان پهچائڻ. گهڻو نقصان پهچائڻ. خانو خراب ڪرڻ.

— **ٻيڙي تارڻ:** تڪليف وقت مدد ڪرڻ. تڪليف مان ڪڍڻ. جوکي کان بچائڻ.

— **ٻيڙي تَرڻ:** تڪليف مان بچي نڪرڻ. ڪم پورو ٿيڻ. اميدون پوريون ٿيڻ.

— **ٻيڙيءَ تَريو:** محاورو. ٻيڙيءَ ٻڏو (عورتن جي اصطلاح ۾ ابتڙ معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ. پر اصل معنيٰ موجب دعا جا لفظ. جي ڪاوڙ وقت پٽ يا ٻار کي جٺ پاراتي طور چونديون).

— **ٻيڙيءَ پلي:** ث. اُپي لَهواندي ڪڪائين جهوپڙي.

— **ٻيڙيءَ جو توڪڻُ (ڪ):** واءَ سامهون هلڻ وقت درياءَ جي لهرين ۾ ٻيڙيءَ جي مُوري (مُهري يا منهن) جو ٻڏڻ.

(ناچ) ڪرڻ ـ ٻاگهي هٽڻ.

● **ٻيلَ:** اسم خاص. تعلقي ڪڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **ٻيلَ، ٻيلهَ:** طرف. گڏوگڏ ـ ٻٽ. ٻه گڏ ـ جوڙو. ساڻ ـ همراهه ـ ساٿي "تہ ڪريلين ٻيلَ، جي سور پريان جا ساڻ مون" (شاهه).

● **ٻيلَ، ٻيلهَ ج ٻيلون، ٻيلهون:** ث. جوڙي ـ جوڙو. دوستي ـ سنگت ـ ٻيلپو. ٻن ٻن جي قطار "ٻاتن ٻيلون ٻڌيون، پسيو سُونهه سڙن" (شاهه). وهٽ تي ٻن جي گڏ سواري. ٻيو دفعو ڏنل هر (زمين کي). وڻ ويڙهي (لس).

— **ٻيل ٽيل، ٻيله ٽيله ڏيڻ (ت):** وري وري جنبون ڪرڻ. دشمني ڪرڻ. وڏو نقصان پهچائڻ. ٻہ ٽي دفعا هر ڏيڻ.

● **ٻيلَ ج ٻيل:** ذ. ٻيٽ ـ ٻيٽاري. ٻيلاٽ.

● **ٻيلاٽَ، ٻيلاٽو ج ٻيلاٽَ، ٻيلاٽا:** ذ. گهڻن ٻيلن وارو هنڌ. درياءَ ۾ ظاهر ٿيل ٻيٽاري (جنهن ۾ ٻيريون وغيره يا ٿورو گهڻو جهنگ اُڀري ويو هجي) ـ ٻيلارو ـ ٻيٽهري ـ ٻيلائي. گهڻن ٻيلن وارو هنڌ.

● **ٻيلاٽي ج ٻيلاٽيون:** ث. ننڍو ٻيٽ ـ ٻيٽاري "ڪنڌي ساريان ڪانَ، يا امن امان. تنهنجي ٻاجهه ٻيلاٽي پانئيان" (شاهه).

● **ٻيلارو:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **ٻيلارو ج ٻيلارا:** ذ. ننڍڙو ٻيٽ (جنهن تي ٿورو گهڻو جهنگ هجي) ـ ٻيلاٽو. ٻن ٻنين جي وچ ۾ جهنگ جو ٽڪرو. اُها ٻني جا ٻن نين، واهرن يا دريائن جي وچ ۾ هجي.

● **ٻيلاري ج ٻيلاري (ڪ):** ذ. ڏسو "ٻيلاٽي".

● **ٻيلاڙو:** اسم خاص. ٽنڊي باگي ۽ شهدادپور تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

● **ٻيلاس:** ظرف. جوڙو جوڙو ـ ٻہ ٻہ ـ ٻيلهه.

● **ٻيلاسڻُ:** مصدر. گڏ سمهڻ. ٻڪ وجهي سمهڻ "سُڪ نہ سُتا ڪڏهن. ٻيلاسي ٻانهون."

● **ٻيلانگَ ج ٻيلانگون:** ث. ٻسانگ ـ ٻہ شاخي ٿوٽي "مٿان لامن لَت ڏيو ٻولي سر ٻيلانگ" (شاهه). ٻيلنگهه.

● **ٻيلانگهه ج ٻيلانگهون:** ث. وِڪ ـ ٻرانگ (ل).

● **ٻيلائي ج ٻيلائي:** ذ.صفت. ٻيلي جو رهاڪو. درياءَ جي ڪنڌيءَ واري گهاٽي جهنگ ۾ رهندڙ "ٻيلائيءَ ٻاجهون. سهڻيءَ ساعت نہ گذري" (شاهه). (ذ) شينهن جو هڪ قسم ـ واگهه "ڪيهر ٻيلائي ڪيترا، ڪن گروڙيون گينور" (حفيظ تيوڻو). تتر جو هڪ قسم.

● **ٻيلپ، ٻيلپائي ج ٻيلپايون:** ث. همراهي ـ مددگاري. ٻئي جي سنگت ـ ٻئي جي شراڪت "وڏي تان اُن وات ۾، ٻيلپ ٻيائي" (شاهه). واهر ـ مدد سنگت ـ دوستي. گڏ هلڻ جي حالت. هاريو. نوڪري (ل).

خدمت ـ ٽهل ٽڪور. ٻانهپ ـ غلامي.

● **ٻيلپڻُ، ٻيلپڻَ:** ذ. ث. ٻيلپ ـ ٻيلپائي.

● **ٻيلپڻو، ٻيلپو:** ذ. ٻيلپ ـ ٻيلپڻ.

● **ٻيلپي:** ث. ٻيلپ ـ ٻيلپو.

● **ٻيلجات:** ث. گهڻا ٻيلا.

● **ٻيلڙو ج ٻيلڙا (ل):** ذ. مٽي تي هڪٻئي مٿان رکيل پاٿيءَ جا ٻہ پريل دلا ـ ٻهڙو ـ ٻيگهڙو.

● **ٻيلنگَ، ٻيلنگهَ ج ٻيلنگ، ٻيلنگهہ:** ذ. ٻچانگي وڏي ٿُوٽي (جا ٻيهي ناهڻ ۾ ڪم اچي). ٻسانگ ـ ٻڙيال (ت).

● **ٻيلڻُ ج ٻيلڻ:** ذ. جتن جو لوڪ گيت (ٻہ ـ ٽُڪو خالص مجازي شعر جو گهڻو ڪري سرائڪي ٻوليءَ ۾ چيل: اڪيلي سر گائيو: پهرينءَ مٿينءَ چِڪَ ڪي 'اولاٽي' چون ۽ پوئين هيٺئين آواز کي 'لاهٽي').

● **ٻيلڻُ، ٻيلهڻُ:** مصدر. زمين کي ٻيو هر ڏيڻ.

● **ٻيلو:** اسم خاص. جاتي، ڏگهڙي، سجاول ۽ ڪشمور تعلقن ۾ ديهن جو نالو. لَس ٻيلي جو مکيہ مرڪزي شهر.

● **ٻيلو ج ٻيلا:** ذ. گهڻن ۽ وڏن وڻن واري ايراضي ـ جهنگل. درياءَ جي ڪنڌيءَ لڳ وڻن ۽ ٻوڙن واري ايراضي. گهاٽو جهنگ ـ بيشه ـ ٻنُ.

— **ٻيلائي ج ٻيلائي:** ذ. صفت. ٻيلي وارو ـ ٻيلي جو رهاڪو.

— **ٻيلي ڏڻي:** اسم خاص. لس ٻيلي جي مشهور سخي حاڪم 'سپڙ جام' جو لقب (جنهن هڪ منڊي ۽ اڻجاڻ چارڻ کي هڪ سؤ تازي گهوڙا خيرات ۾ ڏيئي ڇڏيا هئا) "ٻُجهان ٻاجهه تي، ٻاجهائو ٻيلي ڏڻي: سپڙ سا سُٽي، جا چارڻ جي چت ۾" (شاهه).

● **ٻيلوڙو (ٿ):** ذ. ڇوڪرين جي هڪ راند.

● **ٻيلو ڪوڪرُ:** اسم خاص. ['ڪوڪرن' جو ٻيلو] تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **ٻيلهه:** ٿ. هڪ ئي وهٽ تي ٻن ڄڻن جي سواري. هڪ دفعو کيڙيل زمين کي ٻي کيڙ ـ ٻيو هر. هڪ دفعو کيل ڳالهه جي وري چوٽي ـ ورجاس (ل). همراهي ـ مدد. ٻيلپو ـ سنگت ـ دوستي "هاريا هنجهه ٻگن سين، کهڙي ٻڌين ٻيلهه" (شاهه). (ظرف) گڏ ـ ساڻ ـ همراهه. ٻيلهڙ.

— **ٻيله ٻڌڻ:** ٻٽ تي ٻيهڻ "تو ڪيئن ٻڌي ڪيوڙا، ٻٽ ٻبر سان ٻيلهه" (سگهڙ). دوستي ڳنڍڻ ـ ياري لائڻ.

— **ٻيله ڏيڻ:** ٻيو دفعو هر ڏيڻ.

the editor), Vol. I (1923), Vol. II (1924) and Vol. III (1931), the Commissioner's Press, Karachi.

13. A Draft Manuscript of Sindhi Dictionary (covering letters ا, ب, ٻ and partly ڀ) compiled (1940-47) under the first project of the Central Advisory Board of Control for Sindhi Literature.

14. A Sindhi Dictionary (mss.) compiled by Lala Hasanand, some time before 1947.

*B. Works Used*

1. *A Dictionary, English and Sindhi*, by Capt. G. Stack, Bombay, 1849.
2. A Grammar of the Sindhi Language, by Capt. G. Stack, 1850.
3. *Sindhi Sarf-o-Nahv* (Grammar), by Mian Muhammad, Litho, Karachi, 1860.
4. A Grammar of Sindhi Language, by Earnest Trumpp, Leipzig, 1872.
5. *Philological Curiosities*, by Mirza Qalich Beg, Premier Steam Press, Hyderabad Sind, 1911.
6. *Sindhi Proverbs*, by K. C. Khilnani, 4th ed., Hyderabad Sind, 1911.
7. *Tuhfat-al-Adaviyyāt* or *Farhang-e-Ja'fari*, by Muhammad Ja'far Ansari, Litho, Karachi, 1946.
8. *Makhzan-al-Adaviyyāt*, by Hakim Pribhdas, published by Pokardas Booksellers, Litho, Karachi, 1935.
9. *A Handbook of Sindhi Proverbs*, by Khanchand S. Advani, 2nd ed., Premier Steam Printing Press, Hyderabad Sind, 1921.
10. *Sindhi Ilm-e-Nahv* (Grammar), by Mirza Qalich Beg, Hyderabad Sind, 1922.
11. *Pahakan-ji-Hikmat* (Proverbs), by Mirza Qalich Beg, Blavatsky Press, Hyderabad Sind, 1925.
12. *A New English-Sindhi Dictionary*, by Permanand Mewaram, Bhaiband Electric Press, Hyderabad Sind, 1933.
13. *Kāshif-al-Ghumūd* (meaning of Persian compound words in Sindhi), by Fateh Muhammad A. Halai, Sind Printing Press, Karachi.
14. *Gulqand* (Sindhi Proverbs), by Bherumal M. Advani, Part I, 3rd ed., Swastika Electric Printing Press, Karachi, 1940.

*C. Works Consulted*

1. *An Arabic-English Lexicon*, by E.W. Lane, London, 1863.
2. *Ghayath-al-Lughat* (Persian), by Maulavi Ghayath-al-Din, Haidari Press, Bombay, 1880.
3. *A Sanskrit English Dictionary*, by M. Monier-Williams, Oxford, 1899.
4. *Farhang-e-Āsifiyyah*, by Sayyid Ahmed Dehlavi, Gulzar-e-Muhammadi Press, Lahore, 1918.
5. *A Dictionary of Urdu, Classical Hindi and English*, by John T. Platts, Oxford University Press, 1930.
6. *A Comprehensive Persian-English Dictionary*, by F. Steingass, London, 1947.
7. *Linguistic Survey of India*, by G. A. Grierson, Vol. VIII, Part I, Calcutta, 1919.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Since the conventional spellings of such words do not conform to the spoken forms pronunciation of these words has been invariably indicated against them within brackets indicating the presence of the trilled 'r' ( ڙ ).

Sindhi is an ancient Indo-Aryan language, probably having its origin in a pre-Sanskrit Indo-Iranian Indus-Valley language. The *Lahnda* and *Kashmiri* appear to be its cognate sisters with a common Dardic element in them all. Sindhi, in particular, may have imbibed some influence of the ancient language of the Mohan-jo-Daro civilization having affinities with the Sumerian and Babylonian tongues. In the more historical times, influence of the Iranian languages on Sindhi appears to be a certainty. This influence was followed by Sanskrit influence through the Pali-Prakrit, particularly from the days of Kanishka (78—144). In more recent times, influence of Arabic which was a State language from 8th to 11th (possibly 13th) centuries A.D. and of Persian which was a State language for more than five centuries (14th to 19th A.D.) has been deep and permanent. Thus, with its long history and rich linguistic background, the philological peculiarities and structural complexities of Sindhi are so challenging that, at the present stage of our knowledge, it is not possible to trace many of its words to their origin. Besides, for want of time and adequate research, it has not been possible to go deep into the etymology of words. There is a considerable room for improvement in this aspect of the work, but it must be left to the future research workers.

## BIBLIOGRAPHY

### *A. Works Incorporated*

1. *A Dictionary, Sindhi and English*, by Capt. George Stack, Bombay, 1855.
2. *Jawāhir-al-Lughāt* (mss), compiled (1850-1870?) by Akhund Abdul Rahim Abbasi.
3. *A Sindhi-English Dictionary*, by Shirt, Udharam and S. F. Mirza, the Commissioner's Printing Press, Karachi 1879.
4. *Akhara-dhātūn* (a small compilation giving some Sanskrit roots and the corresponding Sindhi words derived from them) by G. Shirt, 2nd ed., Qaisariyyah Press, Hyderabad Sind, 1893.
5. *Vaitpati Kosh* (giving the roots of Sindhi words derived from Sanskrit, pp. 123): by Jhamatmal N. Wanani, the Commissioner's Press, Karachi, 1886 (1st ed.) & the Marhatta Press, Karachi, 1904 (2nd ed.).
6. *Gharīb-al-Lughāt*, Part I, (giving the meaning of difficult words occurring in the first three *surs* of *Shāh-jo-Risālo*) by Bherumal Mehrchand Advani, Qaisariyyah Press, Hyderabad Sind, 1907.
7. *A Sindhi-English Dictionary*, by Permanand Mewaram, Qaisariyyah Press, Hyderabad Sind, 1910.
8. *Sindhi Idioms*, by Ghanshamdas R. Hirdaramani, Premier Steam Printing Press, Hyderabad Sind, 1910.
9. *Lughat-e-Latifi* (a dictionary of difficult words in the entire *Shah-jo-Risalo*, arranged according to the *surs* of the *Risalo*), by Mirza Qalich Beg, Victoria Press, Sukkur, 1914.
10. *Sindhi Lughat-e-Qadimi* ('A Classical Sindhi Dictionary', incorporating difficult words occurring in the works of 10 'classical' poets), by Mirza Qalich Beg, Bhurgiri National Press, Hyderabad Sind, 1924.
11. *Sindhi Lughat* (a manuscript in the draft form, probably compiled some time after 1920), by Maulavi Ali Muhammad Maheri.
12. *Shāh-jo-Risālo*, edited by H. M. Gurbuxani, the first three volumes (each containing, at the end, an etymological explanation of difficult words given by

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

In case a word has different meanings signifying different grammatical positions, each position is indicated, on the meaning side, in brackets followed by the appropriate meaning. In case of a masculine noun, its feminine form, in singular and plural, is invariably indicated at the end of the explanation.

(11) After indicating the grammatical position, the *etymology* of the word is given in square brackets.

(*a*) In case, the present form of a word is the same as its original form, then only the name of the parent language from which it is derived is indicated. The following abbreviations have been used:

| | |
|---|---|
| سن. = Sanskrit | ع. = Arabic |
| | ف. = Persian |
| پرا. = Prakrit | |
| | بل. = Balochi |
| ھ. = Hindi | انگ. = English |

In case of other languages, their full names are indicated, *e.g.* ترڪي (Turkish).

(*b*) If the word has changed its forms, the original word of the parent language is ndicated. In case the present form of the word is discernable from its original form, the process of change is indicated by using the following signs:

(*i*) *a* > *b* indicates that the present form '*b*' of the word, is derived from the original '*a*'; thus آدتيہ > آدت > آڏت means that the present Sindhi form آڏت (meaning *sun*) is derived from the original Sanskrit آدتيہ, which became آدت, which, in turn, became آڏت

(*ii*) *b* < *a* indicates that the original form '*a*' changed to the present form '*b*'; thus الھڻ < لهڻ means that the Sindhi infinitive لهڻ changed to الهڻ.

(*c*) In case, the present form of the word is such that its derivation from more than one language is indicated, the relevant root words from all the probable parent languages are suggested.

(12) After etymology, *meaning* of the word has been explained, by employing two or more synonyms in order to make the concept clear. (*i*) The synonyms are separated by plain dashes (—). (*ii*) In case a word has more than one meaning, a plain full stop (.) separates one meaning from another. (*iii*) If a meaning is typical of a regional dialect, the sign-letter representing that dialect, as already explained under (8) above, has been placed at the end of that particular meaning. (*iv*) A typical meaning has, as far as possible, been demonstrated by quoting a verse, a proverb, or a usage.

**Sindhi Sounds**

A brief explanation of the typical Sindhi consonants and compounds (particularly some aspirates, affricates etc.) will not be out of place here. The following Table shows the equivalence of Sindhi, Persian/Urdu, and Roman letters:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(7) In case of a noun, the singular form is placed first and then its plural form. The plural sign ج separates the singular from its plural.

(8) The habitat of some of the words and phrases, typical of a geographical area, is indicated by a letter-sign placed within brackets at the end of such words and phrases. The following signs have been used:

(ت) = اتر *i.e.* Northern Sind Speech mainly of Jacobabad and Sukkur districts, and partly of Larkana and Khairpur districts.

(ل) = لاڙ *i.e.* the 'Lower Sind Speech' mainly of the southern Hyderabad district and the adjoining areas of the Tharparkar and the Thatta districts.

(ڪ) = ڪاڇو & ڪوهستان *i.e.* the speech of the hilly region on the west and of the area of the plain adjoining and extending along the foot of this hilly region, mainly all along the western border of the Dadu district.

(ٿ) = ٿر *i.e.* the speech of the Desert Division of the Tharparkar district.

(ڍاٽ) = ڍاٽڪي *i.e.* the more typical terminology of the Dhatki speech, a part of (ٿ) above.

(ک) = کارو , *i.e.* the more typical terminology of the coastal areas of the Thatta district.

(لس) = لس ٻيلو *i.e.* the speech of the Las Bela country.

(ڪڇ) = ڪڇي *i.e.* the terminology of the Kachhi dialect of Sindhi (used in the Kachh State in India).

(9) *A colon* (:) is placed at the end of the word, thus separating the identification part from its morphology and meaning.

C. *Explanation*. Explanation of a word has been intended to cover its morphology and meaning. The grammatical position and the etymology of the word are given as part of its morphology which is followed by its meaning.

(10) *The grammatical position* is indicated first after the colon sign (:) which differentiates between the identification and the explanation of the word. Following abbreviations have been used to indicate the grammatical positions:

| | | |
|---|---|---|
| ذ. | = | Noun, masculine gender (مذڪر) |
| ث. | = | Noun, feminine gender (مونث) |
| ذ. صفت. | = | Adjective in masculine form |
| ث. صفت. | = | Adjective in feminine form |
| صفت. | = | Adjective (representing both the masculine and the feminine forms). |
| اسم خاص. | = | A proper noun |
| ضمير. | = | A pronoun |
| ظرف. | = | An adverb |
| حرف جر. | = | A postposition |
| حرف جملو. | = | A conjunction |
| حرف ندا. | = | An interjection |
| محاورو. | = | A usage or an idiom. |
| جملو. | = | A sentence |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

follows ٻ & ڄ follows ج); (*ii*) in absence of a soft consonant, the hard consonant is immediately followed by its aspirate (thus ٿ follows ت) except in case of ڦ (the aspirate of پ) which has been placed after ف in order to facilitate reference to the letters of similar form (ف, ڦ, ق); and (*iii*) next follow other letters which resemble in form (as ت, ٿ, ٽ, ٺ, ). This sequence is shown in Table-I below, wherein Arabic letters stand without any brackets, Persian letters common to Sindhi alphabet have been placed within plain brackets ( ), and Sindhi letters are placed within crochets [ ].

*Table I: Showing the Sequence of Alphabet followed in this Dictionary.*

ا ب [ٻ ڀ] ت [ٿ ٽ ٺ] ث (پ) ج [ڄ]
جھ [ڃ] (چ) [ڇ] ح خ د [ڌ ڏ ڊ ڍ] ذ ر [ڙ]
ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف [ڦ] ق ڪ
[ک] (گ) [ڳ گھ ڱ] ل م ن [ڻ] و ھ ي

The above sequence of the root letters determines the order in which words in this dictionary are arranged under each root letter, according to the following principles:

(1) The basic word is placed first and is preceded by a thick dot (●) sign. Then are arranged words and idioms formed from it; these derived forms are preceded by a thick dash (▬) sign.

(2) Words beginning with " آ " have been placed first, " آ " having been treated as equivalent to an الف following the الف

(3) In case of words which have same spellings, the diacritical mark of the root-letter determines the order of precedence, the زبر (َ) coming first, the زير (ِ) next, and then the پيش (ُ) (*e.g.* پَٽ, پِٽ, پُٽ).

B. *Identification:* The identification of words has been set as follows:

(4) The pronunciation of each word is denoted by means of diacritical marks. In case, the same word is pronounced in a slightly different way due to geographical variation in speech, the more common or standard pronunciation is given first and then the next recognized pronunciation, a comma separating the two.

(5) Due to dialectic variations, some words have two or even three forms with some difference in spelling. During the course of time, the process of standardization might level down these variations, as it has already done during the past†, but in conformity with the present practice some of the alternate forms have been recognized and included in this work. Against each form, the alternative form is also indicated on the meaning side. In cases, where one form is more widely recognized, the full meaning is given only against it, while a cross reference is made to it under an alternate form.

(6) There are some words in which a trilled 'r' (= ر) sound occurs after letters ٽ (t) and ڊ (d) forming affricate sounds ٽر (tr) and ڊر (dr), but this 'r' sound is not represented in the current conventional spellings. In such cases, after the conventional spelling of a word, the phonetic spelling with the trilled "r" (=ر) is invariably indicated within brackets.

---

†Shirt and others in their Sindhi-English Dictionary (1879) had observed: "Some apology seems to be required for the many alternative forms that will be found in the Dictionary. Numerous as they may appear, it does not seem possible to eliminate them at present, for they not only exist in the colloquial, but have all found a place in the written language—at present we can only speculate as to which forms will eventually prevail." (Preface). Many of the words of which alternate forms were indicated by Shirt and others have already been standardized.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# THE DICTIONARY

The words and phrases for this work have been drawn from the following main sources: (*a*) *published literature*, of which 450 representative works covering all subjects and the important magazines of current literature were read; (*b*) *published material related to Sindhi lexicography* of which all the known dictionaries and glossaries have been incorporated; (*c*) *unpublished literary works*—including the poetical works (*Risalas*) of Shah Inayat Rizavi, Khalifo Nabi Bakhsh, Faqir Muhammad Siddiq and Ghulam Muhammad Khanah-Zai, not covered by Mirza Qalich Beg in his 'Lughat-e-Qadimi'—were read and words selected, while *manuscripts in the field of lexicography*, such as the works of Akhund Abdul Rahim Abbasi, Maulavi Ali Muhammad Maheri, Lala Hasanand and the manuscript of the Dictionary covering the first 4 letters compiled by the panel of scholars for the *Central Board of Control for Sindhi Literature* were all incorporated; and (*d*) *the People of Sind* from whose oral tradition were collected words and phrases pertaining to their folklore and current speech with geographical variations; the terminology of the professional workers, artisans and craftsmen; indigenous names of the basic flora and fauna of the region including trees, plants, grasses, birds, animals, fishes; terminology pertaining to cattle rearing, fruit farming, the main seasonal crops, superstitions, stars and constellations, marriage and death ceremonies, and other customs and traditions.

As far as possible, no aspect of life in Sind has been left unexplored, though the vastness of native terminology having its origin probably in the keen sense of observation of the inhabitants of this age-old semi-desert region of Sind and their peculiar characteristic of having named every thing that they saw—even a lonely blade of grass growing anywhere in the forlorn furrows of the sand-hills or in the deep gorges of the hill-torrents—would always make it difficult for anyone to claim that the entire terminology of even nouns has been exhausted. However, the extent to which this terminology has been sought for, may be visualized from the following figures representative of sample collections: 250 words and phrases connected with date-palm raising and harvesting, 50 names of sweet-water fishes, 120 names of marine fishes, 59 names of skates and sharks, more than 100 terms pertaining to the boat and its parts, 45 connected with the traditional waterwheel and 17 pertaining to the plough and its parts.

Sindhi has absorbed a considerable amount of Arabic and Persian words which have either been *Sindhized* in form or they have become an integral part of the usage in their original form. Beside this kind of vocabulary, a very large number of Arabic and Persian words have been borrowed and used particularly by men of letters and poets during the last 150 years. Since these words and idioms have become a part of the published literature and are being increasingly used now under the influence of Urdu, they have been included in this lexicon to make it serviceable to all.

**The Plan**

In absence of any previous work of this kind, the plan of this dictionary may be claimed to be original in its entirety. It is formulated on the following bases.

A. *Arrangement*: The sequence of the Sindhi root letters has been fixed with reference to the sequence of the Arabic alphabet used in the modern Arabic lexicons. Thus, the Sindhi letters have been inserted within the frame of the Arabic alphabet, the letters of the same form having been grouped together in such a way that (*i*) the typical Sindhi soft consonant follows immediately the corresponding hard consonant (thus ٻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

The prolonged delay in the publication of this work has disappointed the public but was due to factors over which the Director had little control. But the delay also brought in its wake opportunities to improve the work both in quantity and quality. The quantitative advance achieved may be judged from comparative figures of words and phrases contained in the previous works and those compiled under the first three letters in this lexicon. Thus, Stack's Sindhi-English Dictionary has a total number of about 16,900 words and phrases, that of Shirt and others 21,450, Permanand's Sindhi-English Dictionary 25,140 and the first three letters of the present work 15,735 words.

A large number of persons have contributed towards the completion of this Dictionary. About 100 Field Workers were stationed in the rural areas during the first 12 months, and, under a coordinated plan, they collected words and idioms from the current speech of the people including their main dialects. In the Central Office, two Research Assistants, four Regional Assistants and three Junior Workers, were engaged in sifting the material received from the Field Workers, reading the printed literature and selecting words and phrases, and organizing the whole data. Names may particularly be mentioned of three Research Assistants who successively served as Assistant to the Director: the late Muhammad Bakhsh Wasif who helped at the initial stage, Syed Sardar Ali Shah who took over when the work had just progressed and saw it through the critical stage, and finally Muhammad Ismail Shaikh who has been closely associated with the Director throughout the compilation, the revision and the printing stages.

Beside the office staff, there is a long list of friends who helped me personally by facilitating my travels in every nook and corner of Sind region and the adjoining areas of Bahawalpur, Derajat and Baluchistan including Las Bela, and arranging meetings with elderly villagers, the village poets, the *sughars* (the traditional *ravis* or rhapsodists) well-versed in folklore, the farmers and the local artisans and craftsmen—from all of whom the basic data for this work was collected and verified.

Among the scholars, Tarachand Gajra (Bombay) assisted, under an appointment from the Board, in determining the etymology of words having their origin in Hindi or Sanskrit. Gangaram Samrat also partly contributed in this field. Subsequently, the late Shamsul-Ulama Dr. U. M. Daudpota was associated by the Board with the Director in scrutinizing the final press copy of the work. He read through the manuscript covering words under the first four letters, and made valuable suggestions which are gratefully acknowledged.

Finally, thanks are due to Mr. Mohammad Ibrahim Joyo, Secretary, Sindhi Adabi Board, who assisted in reading the final proofs and making useful suggestions. But for his final scrutiny, printing mistakes could not have been reduced to a negligible minimum.

University of Sind,
Hyderabad,
Jan. 26, 1960.

N. A. BALOCH
*Director.*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# PREFACE

Compilations in the field of Sindhi lexicography started from the middle of the last century, mainly to meet the needs of foreign students of the language. Thus, George Stack published *A Dictionary, English and Sindhi in* 1849, and his second work *A Dictionary, Sindhi and English* (Sindhi words written in Devanagari script) appeared in 1855. *A Sindhi-English Dictionary* by Shirt and others (Sindhi words written in Arabic script) was published in 1879. Akhund Abdur Rahim Abbasi's Sindhi-Persian Dictionary was compiled, perhaps, earlier but this scholarly work remained in manuscript form and was never published. Later on, Permanand's two works, *A Sindhi-English Dictionary* (1906) and *A New English-Sindhi Dictionary* (1933) represented the continuation of these early efforts at compiling bilingual lexicons.

A dictionary of Sindhi language, containing its basic vocabulary and explaining the meaning of Sindhi words into Sindhi, has not been compiled so far. In 1886, J. N. Wasnani published *Vaitpati Kosh* to indicate roots of specifically such Sindhi words as are derived from Sanskrit. Bherumanl undertook the compilation of his *Gharibul-Lughat* to explain the meaning of difficult words and phrases occurring in *Shah-jo-Risalo* (Shah Abdul Latif's Poetical Compendium) and published the Part-I covering the first three *surs* in 1907. Subsequently, Mirza Qalich Beg published his "*Lughat-e-Latifi*" (1914) in which he covered the whole of the *Shah-jo-Risalo*, Maulvi Hidayatullah Halai had also undertaken the compilation of a dictionary of the *Risalo* but it is not known whether he completed it. In *Lughat-e-Qadimi* (a classical lexicon) published in 1924, Mirza Qalich Beg adopted a wider approach than his earlier *Lughat-e-Latifi*, and covered ten poets, including Shah Abdul Latif, whose works he considered to be 'classical' in nature.

In the early forties, the *Central Advisory Board of Control for Sindhi Literature* receiving grant from the Government of the former Province of Sind. set up a penal of scholars to compile a comprehensive Sindhi-to-Sindhi dictionary, but inspite of prolonged efforts their work did not proceed beyond the compilation of words under the first 4 letters of the alphabet.

In 1951, this Board was reconstituted by the Government of Sind, and the new *Sindhi Adabi Board* approved a three-year project for the compilation of a Comprehensive Sindhi Dictionary and called upon me to direct this work. I welcomed the offer, as I had already started the compilation of a Sindhi Dictionary since 1949.

A central office was organized and other preliminary arrangements were completed in December, 1951, and work on the Dictionary Project started in January, 1952. Strenuous efforts were made so that the first draft of the work was completed in December, 1954, *i.e.*, within the specified period of three years. This limitation of time had necessarily imposed some limitations on the planning and execution of the work. But, subsequently, various difficulties came in the way and the manuscript could not be sent to the press till 1957. This provided an opportunity to revise the whole work. About 20% of the vocabulary was added at this stage.

At the press level, hardly 80 pages had been printed when further difficulties set in, and the printing was suspended. This brought in yet another opportunity to further revise and supplement the work. It is since November, 1958, that the printing has gone on uninterrupted, though slowly.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*(All Rights reserved with the Sindhi Adabi Board)*

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| Ist | Edition | 1960 | 4000 | Copies |
| 2nd | Edition | 2007 | 1000 | Copies |

**[Price: Rs. 350-00]**

***To be had from***
**SINDHI ADABI BOARD KITAB GHAR**
Tilak Incline, Hyderabad
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
**E-mail Address: sindhiab@yahoo.com**
**Website: www.sindhiab.com**

Printed by Sindhica Acadmy & Published by Aijaz Ahmed Mangi Secretary Sindhi Adabi Board, Jamshoro Sindh Pakistan

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

A COMPREHENSIVE

# SINDHI DICTIONARY

OF CLASSICAL & CURRENT SINDHI

Vol. 1 (ا - ب)

COMPILED
UNDER THE SINDHI ADABI BOARD'S DICTIONARY PROJECT
DIRECTED BY
**DR. N. A. BALOCH**

EDITED BY
**DR. N. A. BALOCH**

**SINDHI ADABI BOARD**
**Jamshoro Sindh**
**2007**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ٻاڙي، ڪاٺُو، ٻاجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَڙِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حساب سان اڻجاڻائي کي ڄاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ ڄاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چو، چالاءِ ۽ ڪيئن جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نه رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان به پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو ته ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book